# محسنِ انسانیت

صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم





نعیم صدیقی / منور بٹ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

# مُحسنِ انسانیت

صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

# مُحسن انسانيت

صلي الله تعالیٰ عليہ وآلہ وسلم


**اردو: نعيم صديقي**

**سنڌيڪار: مُنوربُٽ**

سنڌيڪار جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

سلسليوار اشاعت
ڪتاب جو نالو: محسنِ انسانيت ﷺ
ليکڪ: نعيم صديقي
سنڌيڪار: مُنور ٻٽ (0334 3181387)
ڇپرائيندڙ: المرڪز الاسلامي الجامعہ الغوثيہ
ٽنڊو محمد خان.
ڪمپوزنگ: احمد سولنگي
جمادي الاول 1438 هجري - فيبروري 2017ع

Rs. 560/-

**Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.**

MOHSIN-E-INSAANIYAT
Sale Allah Taala Alaihe wa Aalihe Wasalam
Written by: Naeem Siddiqui
Translated by: Munawar Butt
Composed by: Ahmed Solangi
Publisher: Al Markaz al Islaami al Jamia al Ghousia,
Tando Muhammad Khan.

ملڻ جو هنڌ:
1. درگاهہ جيلانيہ قادريہ، نورائي شريف.
2. المرڪز الاسلامي الجامعہ الغوثيہ، ٽنڊو محمد خان.
3. خانقاهہ جيلانيہ غوثيہ، رحمت مسجد، پيم پوره ڪراچي.

---

اسٽاڪسٽ
ڪاٺياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي.
رابيل بوڪ ڊيپو لاڙڪاڻو. - رهبر بوڪ ڊيپو لاڙڪاڻو.
جنيد بوڪ ڊيپو دادو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# اردو ڪتاب جو انتساب

انهن حساس ماڻهن
جي نالي
جيڪي ..................

هر دور ۾ ......................
باطل جي طوفاني لهرن سان
مقابلو ڪرڻ جي لاءِ
سينو تاڻ بيهندا آهن.

وَاَبۡيَضَ يُسۡتَسۡقَى الۡغَمَامُ بِوَجۡهِهٖ
ثِمَالَ الۡيَتٰمٰى ! عِصۡمَةٌ لِّلۡاَرَامِلَ

.......... جناب ابوطالب

وہ گورے مکھڑے والا
جس کے روئے زیبا کے
واسطے سے ابرِ رحمت کی
دعائیں مانگی جاتی ہیں،
وہ —— یتیموں کا سہارا
وہ —— بیواؤں اور مسکینوں
—————— کا سرپرست

O

وہ دانائے سُبل، خَتم الرُسل مولائے کُل جس نے
غُبارِ راہ کو بخشا فروغِ وادیٔ سینا
نگاہِ عشق و مستی میں وُہی اول وُہی آخر
وُہی قرآں، وُہی فُرقان، وُہی یٰسیں، وُہی طٰہٰ

**(اقبال)**

O

## مُحمّد ﷺ ...........

### الله جو فرمان! ...........

۽ اهي (ديني دوست) جيڪي ان سان گڏ آهن
(حق جي) مخالفت ڪرڻ وارن جي مقابلي ۾ مضبوط آهن،
۽ پاڻ ۾ نرم طبيعت!
تون انهن کي (الله جي حضور) رڪوع ۽ سجدا ڪندي ڏِسين ٿو
اهي ماڻهو الله جي فضل ۽ ان جي خوشنودي جا طالبو آهن،
انهن جي پيشانين تي سجدن جا نشان پڌرا آهن،
انهن جو اهوئي حُليو توريت ۾ بہ ٻڌايو ويو آهي ۽ انهن جو اهوئي حُليو انجيل ۾ بہ آهي.

O

جڻ تہ اها ڦٽندڙ هڪڙي پوک آهي،
جنهن هڪڙو سَلو ڪڍيو،
پوءِ تيلي کي مضبوط ڪيائين،
پوءِ طاقت وٺي وئي،
پوءِ پنهنجي ڏانڊي تي سڌي بيهي وئي،
اها کُڙمين کي ڪيتري نہ ڀلي لڳندي آهي،
۽ ان جي ڪري حق جو انڪار ڪرڻ وارن
جا اندر (ساڙ جي ڪري) پچري رهيا آهن.
(سورت الفتح آيت 29)

# رسولِ پاڪ ﷺ فرمايو:

”الله جي واٽ ۾ مون کي ڊيڄارڻ ۽ ڌمڪائڻ جي لاءِ اهو ڪجهه ڪيو ويو جيڪو ڪنهن ٻئي جي لاءِ ڪونهي ڪيو ويو.

O

الله جي واٽ ۾ مون کي ايترو ڏک ڏنو ويو آهي، جيڪو ڪنهن بہ ٻئي کي ڪونہ ڏنو ويو آهي.

O

۽ مون تي ٽيهہ ڏينهن رات (مسلسل) اهڙا گذريا آهن جو منهنجي ۽ بلال جي لاءِ ڪو اهڙو کاڌو ميسر ڪونہ ٿي سگهيو جنهن کي ساهوارا کائيندا هجن ............ سواءِ ان شي جي، جنهن کي (ننڍڙي ڳوڙهي ٿاهي) بلال پنهنجي بغل ۾ دٻائي ڇڏيندو هيو.“

O

روايت حضرت انس رضہ

مشڪوات جلد 2۔ ڪتاب الرقاق

# سنڌي ترجمي جو انتساب

هي سنڌي ترجمو حضرت ابوذر غفاري رضي الله تعاليٰ عنہ،
حضرت عمار رضہ بن ياسر رضي الله تعاليٰ عنہ ۽ انهن جهڙن
بين ڪاملِ ايمان انسانن جي نالي ڪريان ٿو جيڪي باطل جا
ظلم ۽ سختيون تہ خوشي سان سهندا ۽ برداشت ڪندا رهيا،
پر حق جو ڪلمو چوڻ کان ڪڏهن بہ ڪونہ ڪيٻايائون.

مُنورڀٽ

وحده' لاشريک له'، جان تو چئين اِيئن،
تان مج محمد ڪارڻي، نرتون منجهان نينهن،
تان تون وڃيو ڪيئن، نائين سر ٻين ڪي؟

.........

چنڊ چوانءِ سچ، جي مَٽو مور نہ پائين،
ڪڏهن ايرين سنهڙو، ڪڏهن ايرين ڳچ،
جي منهن ۾ ٻرئي مچ، تہ بہ مَٽ نا هين پيشاني پرين جي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح

# بابن جي فهرست


- پيغام ـــ نصب العين ۽ تاريخي ماڳ.
- شخصيت هڪڙي نظر ۾
- محسنِ انسانيت ﷺ...... مڪي دور ۾
- محسنِ انسانيت ﷺ...... مدني دور ۾
- تلوارن جي ڇانوَ ۾
- ۽ سوجهرو پکڙجندو ويو


## ضميما


- سيرت پاڪ جي واقعن جي زمانيوار ترتيب
- اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون (اوليات ۽ تقدمات)
- اسلامي تحريڪ جي عددي واڌويجهه

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

# درود شریف

---

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيۡتَ
عَلٰی اِبۡرَاهِيۡمَ وَعَلٰی آلِ اِبۡرَاهِيۡمَ اِنَّكَ حَمِيۡدٌ مَّجِيۡدٌ ۝
اَللّٰهُمَّ بَارِكۡ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكۡتَ
عَلٰی اِبۡرَاهِيۡمَ وَعَلٰی آلِ اِبۡرَاهِيۡمَ اِنَّكَ حَمِيۡدٌ مَّجِيۡدٌ ۝

# مضمونن جي ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| پنهنجي پاران | سنڌيڪار | 17 |
| شروعاتي لفظ | ليڪڪ (نعيم صديقي) | 19 |
| ديباچو | سيدابوالاعليٰ مودودي | 27 |
| واڪاڻ | ماهرالقادري | 29 |


## 1. مقدمو پيغام، نصب العين ۽ تاريخي ماڳ


انساني لڏي کي ڇوٽڪارو ڏيارينڙ 35
وقت، ماڳ ۽ انساني مواد 39
حق جو انقلابي ڪلمو 43
معاشري جي سڌاري لاءِ حضور جو
نصب العين 45
هڪڙو دين ـ هڪڙي تحريڪ 52
زندگيءَ جي هم آهنگي 57
انقلاب جو روح 58
نئون انسان 61
محسنِ انسانيت جي عظيم قرباني 63
اسان ڪٿي بيٺا آهيون؟ 65
سيرت جي مطالعي جو نقطہ نظر 68
مغرب جي نالي 77
هي ڪتاب 86


## 2. ..... شخصيت هڪڙي نظر ۾ .....


هڪڙي جهلڪ 97
منهن مهاندو (وجاهت) 98
هڪڙي جامع لفظي تصوير 102
لباس 103
رنگ ڍنگ ۽ سونهن 108
هلڻ ـ رفتار 110
ڳالهائڻ 110
خطاب ڪرڻ 117
عام سماجي رابطو 120
خالص نجي زندگي 124
کائڻ پيئڻ 129
اٿڻ ويهڻ 131
بشري حاجتون 131
سفر 132
جذبات 132
کل ڀوڳ جو ذوق 134
تفريحون 136
ڪجهہ مختلف ذوق 138
اخلاق 139


## 3. ..... هيٺ مٿانهيون ..... (مڪي دور) .....


اهو نوجوان 143
قريشن جي مخالفت جا سبب 147
اونداهين ماحول ۾ ڪجهہ ڪِرڻا 149
دعوت جو پهريون ڳجهو دور 153
دعوتِ عام 156
انتشار انگيزي 158

گندي پرچار (پروپيگنڊا) 159
سخت ترين مخالف قريشي سردار 166
اجايا بهانا 167
دليل 171
غنڊاگرڏي 171
حمايتين کي ٽوڙڻ جي ڪوشش 173
منظم منفي محاذ 179
ابتو اثر 182
فنونِ لطيفہ جو محاذ 186
سوديبازي جون ڪوششون 188
ڀرپور تشدد 196
حبش ڏانهن هجرت 201
عمر رضہ فتح تي ويو 205
اسلامي تحريڪ جو نئون موڙ 209
حمزه رضہ جو اسلام 211
قطع تعلق ۽ نظربندي 211
ڏُکن وارو سال 213
طائف ۾ حق جي دعوت 216
پرھہ ڦٽڻ جي خوشخبري 220
الوداع!ـ اِي مڪ الوداع! 224
هجرت جو عام حڪم (اِذن) 225


## 4. ..... تاريخ موڙ کائي ٿي ..... (مدني دور) .....


مديني جي مختلف فضا 235
اسلامي تحريڪ مديني ۾ 238
پهرين بيعتِ عقبيٰ 240
ٻن اڳواڻن جو اسلام قبول ڪرڻ 240
ٻي بيعتِ عقبيٰ 242
مديني ۾ تحريڪ جو نئون لاهہ چاڙھہ 244
تحريڪ جو نئون مرڪز 245
مدينو ـ دل و جان سان انتظار ۾ 249
تعميري قدم 251
اسلامي رياست جو بنياد 253
ڀائيچاري وارو نظام 254
وري ساڳي ڇڪتاڻ 256
يهودين جو تاريخي مقام ۽ ڪردار 256
ڇڪتاڻ ـ ناراضگي 262
مناظري وارا سوال 268
طوفان اٿلي پيو 271
بدتميزيون ۽ بيهودگيون 278
ڪِل ۽ ڇتر جهڙا مطالبا 283
يهودين جو شائيلا وارو طرزِ عمل 285
يهودين جو پنجون ڪالم 295
بڇڙي پرچار وارو محاذ 300
منصب جي لالچ جو الزام 301
مجيل مذهبي رسمن جي بيحرمتي جو الزام 302
دين جي پردي ۾ شهوت جو الزام 305
هڪڙي ٻئي بهتان جو عظيم طوفان 310
فتني لاءِ سازگار ماحول 311
جماعت جي اخلاقي نظام جون پيچيدگيون 318
حضرت عائشہ رضہ جي ڪهاڻي 321
تبصرو تجزيو ۽ صفائي 327
قانون حرڪت ۾ اچي ٿو 334
ڏکن پٺيان سُک 335
شرارتون 337
انصاف جي نظام ۾ رنڊڪون 342
نبوي گهراڻي ۾ ڇٽنگون 349
قتل جون سازشون 351
خيبر جي فتح 352
پيانڪ غداريون 360
قريشن جون انتقامي حرڪتون 370

# 5. ..... تلوارن جي ڇانوَ ۾ .....


| | | | |
|---|---|---|---|
| جهاد جو اسلامي نظريو | 385 | بدر واري لڙائي کان پوءِ | 424 |
| قرآن جو جنگي فلسفو | 388 | ٻيو وڏو مقابلو- اُحد | 426 |
| توهان نہ يا اسان نہ | 392 | اُحد واري لڙائي جا ڪجهہ خاص رُخ | 432 |
| مديني جي جنگي ڪارروائين جي نوعيت | 394 | اُحد کان پوءِ | 442 |
| حضور ﷺ جي جنگي پاليسي | 396 | ٽيون وڏو مقابلو- خندق | 448 |
| هڪڙي وڏي غلط فهمي | 400 | خندق واري لڙائي جا اهم نڪتا | 454 |
| قريشين جي جارحاڻي ذهنيت | 401 | خندق واري لڙائي کان مڪي جي فتح تائين | 459 |
| مديني جو دفاعي نظام | 405 | | |
| حضور ﷺ جون دفاعي تدبيرون | 406 | چوٿون وڏو مقابلو- مڪي جي فتح | 470 |
| گشت وارو نظام ۽ ان جا مقصد | 410 | ڪجهہ اهم اشارا | 483 |
| ٻہ واقعاتي محرڪ (جنگ بدر) | 413 | مڪي جي فتح جي تڪميل | 486 |
| قريشين جون ٽي طرفيون ضرورتون | 413 | مڪي جي فتح کان پوءِ | 492 |
| قريشي واپاري قافلو لڙائي جو منڍ هيو | 414 | ٻہ غير ملڪي لڙايون | 494 |
| بدر واري لڙائي جو نتيجو | 418 | تبصرو | 498 |
| ٻن طاقتن جو فرق | 421 | | |


# 6. ..... ۽ سوجهرو پکڙجندو ويو .....


| | | | |
|---|---|---|---|
| دليل جي قوت | 505 | راءِ عامہ تي جهاد جو اثر | 567 |
| خير خواهي واري اپيل | 508 | حڪومت خود معلم انقلاب هئي | 573 |
| مڪي جي مشرڪن کي خطاب | 510 | عوام جي معاشي فلاح | 576 |
| اهلِ ڪتاب کي خطاب | 510 | قائدِ رياست جا وسيع تعلقات | 581 |
| عيسائين کي خطاب | 512 | نسبي لاڳاپا | 582 |
| منافقن کي خطاب | 512 | مديني ۾ نانڻڪي تعلقات | 587 |
| تنقيد | 513 | ٿڃ شريڪ (رضاعي) تعلقات | 588 |
| مسلم ڪردار جي اخلاقي قوت | 520 | پنهنجين نياڻين جون شاديون | 589 |
| معاهدن وارا رابطا | 534 | حضور ﷺ جا گهريلو تعلقات | 589 |
| بيعتِ عقبيٰ | 536 | عوام پاڻ اڳتي وڌي ٿو | 597 |
| لکت وارو (دستوري) معاهدو | 539 | مزينہ قبيلي جو وفد | 598 |
| مختلف قبيلن سان معاهدا | 545 | بنو تميم قبيلي جو وفد | 598 |
| حديبيہ وارو معاهدو | 550 | بنو عبدالقيس جو وفد | 599 |
| عمرة القضا | 563 | بنو سعد (بن بڪر) جو نمائنو | 600 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| اشعريين (يمن) جو وفد | 600 | خولان جو وفد | 617 |
| دوس (يمن) جو وفد | 601 | محارب جو وفد | 618 |
| صداء جو وفد | 601 | غسان جو وفد | 618 |
| ثقيف (طائف) جو وفد | 602 | سلامان جو وفد | 618 |
| بنو حنفيہ جو وفد | 605 | بنو عبس جو وفد | 619 |
| بنو طي جو وفد | 605 | غامد جو وفد | 619 |
| بنو الحرث (بنوحارث) بن ڪعب) جو وفد | 607 | بنوآلمُنْتفِق جو وفد | 619 |
| | | عبدالقيس جو ٻيو وفد | 619 |
| نجران جو وفد | 608 | طارق بن عبدالله ۽ ان جا ساٿي | 620 |
| بنو اسد جو وفد | 612 | بنو زبيد جو نمائندو عمرو بن مَعدِ يُڪرِب | 620 |
| بنوفزاره جو وفد | 613 | | |
| بنو عامر جو وفد | 613 | ملوڪِ حمير جو قاصد | 620 |
| عذره جو وفد | 614 | نخع جو وفد | 621 |
| بَلِي جو وفد | 614 | بين الاقوامي دعوت جي شروعات | 621 |
| ڪنده جو وفد | 614 | ردعمل جي آخري لهر | 630 |
| ازد جو وفد | 615 | اسلامي تحريڪ جو عظيم اجتماع | 632 |
| جرش جو وفد | 615 | اسلامي تحريڪ جو بين الانساني منشور | 635 |
| همدان جو وفد | 615 | | |
| فروة الجذامي جو قاصد | 616 | عرفات وارو خطبو | 636 |
| تُجِيب جو وفد | 616 | منيٰ وارو خطبو | 639 |
| بنو سعد هُذَيم (قضاء) جو وفد | 617 | محسنِ انسانيت ﷺ ڪان پوءِ | 641 |
| | | اللهم صل عليٰ محمد (و آل محمد) | 649 |
| بهراء جو وفد | 617 | ڪم جا باقي مرحلا | 651 |
| ذي مره جو وفد | 617 | | |


## ضميما


سيرت پاڪ جي واقعن جي زماني وار ترتيب 657

اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون (اوليات و تقدمات) 671

اسلامي تحريڪ جي عددي واڌ ويجهہ 680

حوالن جا ڪجهہ ڪتاب 686

# پنهنجي پاران

محترمہ عُميره احمد جو ختم نبوت جي نسبت سان لکيل اردو ناول "پير ڪامل ﷺ" جو ساڳي نالي "پير ڪامل ﷺ" سان سنڌي ۾ ترجمو ڪري پبلشر جي حوالي ڪيو. سنڌي ڪتاب اڃا ڇپائي جي مرحلن مان گذري رهيو هيو تہ پبلشر صاحب ناراض ٿي ويو ۽ نتيجي ۾ اسان گڏ هلي نہ سگهياسين. مون کي خبر ڪونہ لڳي تہ ڪتاب ڪڏهن ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو.

هڪڙي ڏينهن مان پنهنجي آفيس ۾ ڊيوٽي تي آيل هيس تہ منهنجي موبائيل نمبر 0334 3181387 تي اڻ ڄاتل نمبر تان فون آيو. فون اٽينڊ ڪرڻ تي خبر پئي تہ مخاطب ٿيندڙ صاحب سيدگل محمد شاهہ آهي. قبلہ شاهہ صاحب تعارف ڪرائيندي ٻڌايو تہ پاڻ گورنمنٽ ڪاليج شهدادڪوٽ ۾ اوستاد (پرفيسر) آهن ۽ پاڻ سيرت پاڪ جي موضوع تي بہ ڪافي ڪم ڪري چڪا آهن. پاڻ فرمايائون تہ منهنجو سنڌي ترجمو ٿيل ڪتاب "پير ڪامل ﷺ" سندن نظر مان گذريو آهي؛ ۽ منهنجي همت افزائي ڪرڻ لاءِ ترجمي جي تعريف بہ ڪيائون ۽ دعائون بہ ڏنائون. گفتگو دوران سائين قبلہ شاهہ صاحب سيرت پاڪ تي لکيل ٻن مشهور اردو ڪتابن (قاضي سليمان منصورپوري جي "رحمت اللعالمين" ﷺ ۽ نعيم صديقي جي "محسنِ انسانيت" ﷺ) جي ترجمي ڪرڻ جو مشورو ڏنو.

قاضي سليمان منصورپوري جو ڪتاب "رحمت اللعالمين" ﷺ خريد ڪري گهر کڻي آيس ۽ سرسري طور تي نظر مان ڪڍيو پر ان کي ترجمو ڪرڻ جو سَت ساري ڪونہ سگهيس. هڪ تہ ڪتاب تمام وڏو هيو ۽ ان ۾ مواد جي جوڙجڪ ڏکي هجڻ سان گڏ ٻولي بہ گهڻي ڏکي لڳي. البت بعد ۾ "محسنِ انسانيت" ﷺ ڪتاب پڙهڻ سان سيرت پاڪ تي بہ ڪتاب جو ترجمو پيش ڪرڻ جي عشق همت ڏياري ۽ ارادو ڪيم تہ ان ڪتاب کي ضرور ترجمو ڪجي. ڏٺي در اها بہ دعا ڪيم تہ مالڪ سائين ايتري همت ۽ ڄمار ضرور عطا ڪر، جيئن تنهنجي محبوب صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت پاڪ جو هي ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ڪري تنهنجي ٻانهن ۽ تنهنجي محبوب جي عاشقن آڏو پيش ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿئي.

مون کي خوشي آهي تہ الله تعاليٰ منهنجو عرض اگهايو ۽ مون کي سيرت پاڪ جو ڪتاب سنڌي ۾ ترجمو ڪري سنڌي سڄڻن تائين پهچائڻ جي سعادت نصيب ٿي. اهو ڪتاب جيڪو اردو ۾ تہ 1998ع کان هر سال ڇپجي رهيو آهي ۽ مون ان جي 2013ع واري ستيتاليهين ڇاپي تان ترجمو ڪيو آهي.

مون کي پنهنجي گهٽ علمي، گهٽ مطالعي ۽ عالمن و اڪابرين سان گهٽ يا ملاقاتون نہ هجڻ جو احساس آهي؛ اهوئي سبب آهي تہ ترجمي ۾ اهو ڄس ڪونہ هوندو

جيڪو سيرت پاڪ کي پيش ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ درجي تائين بہ گهربل هوندو آهي. بس، عقيدت جي اظهار واري شوق ئي اهو ڪم ڪرايو آهي ۽ اميد تہ مالڪ منهنجي هن حقير ڪوشش کي پنهنجي بارگاهہ ۽ پنهنجي محبوب صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دربار ۾ قبول ڪرڻ جي سعادت بہ نصيب ڪندو. آمين.

اها وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو تہ اردو ڪتاب ۾ جتي عربي عبارت يا ان جو ترجمو مان ڪا هڪ ڳالهہ حاشي ۾ ڏنل هئي تہ مون پڙهندڙن جي آساني لاءِ ۽ مواد کي هڪ ترتيب ۾ گڏ رکڻ جي نيت سان بنهي ڳالهين کي متن ۾ گڏي پيش ڪيو آهي ۽ حاشي مان کنيل مواد کي متن واري مواد کان پوءِ ڏنگين ۾ رکيو آهي ۽ ان جي شروع ۾ "❁" نشاني لڳائي آهي تہ جيئن پڙهندڙ کي خبر لڳي تہ ڪهڙو مواد اصل متن جو آهي ۽ ڪهڙو حاشي مان آندو ويو آهي. توڙي جو ائين ڪرڻ سان اصل اردو ڪتاب جي ترتيب ۾ تبديلي ضرور ٿي آهي، پر اها خيانت يا بدنيتي ۾ شمار ڪونہ ٿي ٿئي. ان کان علاوه، قرآن شريف جي آيتن جي معنيٰ بہ ڪتاب ۾ موجود اردو ترجمي تان ترجمو ڪئي وئي آهي تہ جيئن اردو مؤلف جو ڍنگ متاثر نہ ٿئي. وري بہ ڏٽي در دعا آهي تہ منهنجي ڪوشش کي قبول فرمائي ۽ ڪمي ڪوتاهي کي معاف ڪري. آمين. ثم آمين.

مُنوريُٽ

# شروعاتي لفظ

(ليکڪ)

اسلام جو تحريڪي شعور مسلسل انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪري رهيو هيو تہ دنيا جي سيني ڪان وڏي ۽ عظيم انسان ـــ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ـــ جي زندگيءَ جو مطالعو نئين انداز سان ڪيو وڃي. هڪڙو اهڙو انداز جيڪو سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ اڄ جي انسان جي وچ ۾ حائل ٿيڻ وارن مختلف پردن کي هٽائي ڇڏي. اها مقدس زندگي رڳو هڪڙي فرد جو احوال ڪونهي، بلڪ اها عظيم ترين تهذيبي تحريڪ کي پڌرو ڪندڙ آهي. ان جي واسطي سان اسان قرآن شريف جو ترجمو عمل جي زبان ۾ پڙهي سگهون ٿا ۽ ان جي روشني ۾ اسان اجتماعي انقلاب جي ڏُکِيُن واٽن کي طئي ڪري سگهون ٿا، جن تان گذري انسانيت اسلامي نظام جي جنت تائين پهچي سگهي ٿي.

اها ضرورت تہ پنهنجي هم مسلڪ بزرگن ۽ دوستن وانگر سدائين منهنجي سامهون رهي، ليڪن پنهنجي باري ۾ اهو خواب خيال بہ ڪونہ هيو تہ مان ان ميدان ۾ پنهنجي علم ۽ عمل جي گهٽتائي سان ڪا ڪارائتي خدمت بہ سرانجام ڏئي سگهندس. هي جيڪو ڪجهہ تيار ڪري مان پيش ڪري سگهيو آهيان، اهو بس الله تعاليٰ طرفان عطا ڪيل توفيق جو ظهور آهي.

هن ڪتاب جي مطالعي سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پوري پاڪ زندگي (حياتِ طيبہ) تي هڪڙي مختصر ۽ سرسري نظر پئجي وڃي ٿي ۽ واقعا ۽ حالتون اهڙي ترتيب سان سامهون اچن ٿا جو ماڻهو پاڻ ان دور ۾ شريڪ ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي حق ۽ باطل جي ويڙهہ ۾ حصيدار محسوس ڪري ٿو. پوءِ انهن فضائن مان موٽي ٿو تہ ايمان ۽ ڪردار جو نئون روح پاڻ سان گڏ کڻي اچي ٿو.

هي ڪتاب "محسنِ انسانيت" صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جيئن تہ ايوبي مارشل لا جي غير اخلاقي ڏاڍ جي فضا ۾ لکيو ويو جنهن جي ڪري سرعام ڪوڙا هڻڻ، ڪن پڪڙائي ڪن ڪوشي ڪرائڻ، مال ملڪيت ضبط ڪرڻ ۽ ڏنڊ وجهڻ، نظربندين ۽ پابندين جي تجربن ۽ مظاهرن جي احترام ۾ تهذيب ۽ شائستگي جا

ٿورا گهڻا آثار بہ فوجي سياست جي رستي کان پري هٽي ويا. بس ”ليفٽ، رائيٽ، ليفٽ“ جو جلالي ترانو شهرن کان ڳوٺن تائين هرجاءِ تي گونجڻ لڳو.

ظلم ۽ ڏاڍ ڪڏهن بہ انسانيت جي تعمير ۽ معاشري جو سڌارو (اصلاح) ڪونہ ڪري سگهيا آهن. مون جڏهن انهي صورتحال ۾ غرق ٿي جناب خاتم النبيين صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت پاڪ کي پڙهيو تہ مون تي صبح صادق وانگر اها حقيقت پڌري ٿي وئي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ماڻهن کي سڌڻ، تنظيم کي مضبوط ڪرڻ، اخلاقي قدرن کي روشن ڪرڻ، انتهائي بگڙيل جاهلي معاشري ۾ سڌاري (اصلاح) جو رستو ڪيڻ لاءِ دعوت جو عالماڻو طريقو ۽ ڪمال جي معيار تائين پهچڻ جي لاءِ محبت ۽ خيرخواهي جي جذبي سان گڏ انقلاب جي عالماڻي طريقي جو رستو ڪڍيو. جنهن جو مثال اڄوڪي نام نهاد مُهذب سائنسي دور جي ٻن ڇئن صدين ۾ موجود ڪونهي، جنهن ۾ هر ڪم ڏاڍ، دٻاء، سازش ۽ منافقت سان ڪيو ويجي ٿو. چاهي ملڪي هجي چاهي غير ملڪي، تاريخ شاهدي ڏيندي تہ آمريڪا، برطانيہ، فرانس، جرمني، اٽلي ۽ روس ۾ جيڪي وڏا وڏا انقلاب آيا، اهي سڀ ڏاڍ ۽ مڪاري تي مبني هيا. اهڙي طرح غالب ٿي قبضو ڪرڻ وارين قومن وري ڪمزور قومن جي شڪار ۾ بيئنڪيتون (نوآباِدياتي) قائم ڪرڻ ۽ اقتصادي غلبي جي لاءِ جيترو بہ ڪم ڪيو اهو لڙائي جهڳڙي سان ڪيو يا قومن کي قومن سان ويڙهائي يا اندروني ڏڦيڙ وجهي ڪيو. ان جوئي نتيجو آهي تہ اڄ دنيا تشدد ۽ دهشت گردي، زرپُرستي، فحاشي، منافقت، بي اعتمادي ۽ خوف جي ڪيترين ئي بلائن جي وچ ۾ گهيريل آهي.

انهيءَ سمجهہ مطابق مون هن ڪتاب جو نالو معروف انداز کان هٽي ڪري ”محسنِ انسانيت“ صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تجويز ڪيو ۽ عالماڻو انقلاب ۽ انسانيت جي فلاح وارو نظام وغيره جا اصطلاح ايجاد ڪيا. بلڪ مون ان نبوي ڪارنامي (ڪارنامہ نبوت) کي هميشہ جي لاءِ ظالماڻي انقلاب جي اڪيلي مروجہ ڪتاب (نسخي) جي خلاف هڪ ڪليل ترديد بڻائي ڇڏيو آهي ۽ ان سان گڏ اهو چيلنج تہ انسان کي ظاهر ۽ باطن ۾ پوري طرح بدلائي امن ۽ انصاف جي بنيادن تي هڪڙو نئون معاشرتي نظام نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت ۽ انقلاب واري طريقي کان سواءِ قائم ٿي ئي ڪونہ ٿو سگهي.

---

الله تعاليٰ جو مون تي خاص ڪرم آهي تہ مون ڪڏهن بہ رزق ۽ روٽي کي مقصد بڻائي ڪوئي ڪتاب ڪونہ لکيو آهي، بلڪ هميشہ فرض يا خدمت

سمجھي قلم ھٿ ۾ کنيو آھي. ”محسنِ انسانيت“ صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪتاب جو جڏھن مون منصوبو ٺاھيو تہ منھنجي نظر ۾ اھو مقصد ھيو تہ مان پنھنجن پڙھندڙن، خاص ڪري نوجوانن کي سيرت جي مطالعي جي اھڙي واٽ تي آڻيان تہ جيئن اھي ڪتاب کي پڙھندي نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تائين وڃي پھچن ۽ دعوتِ اسلامي يا اسلامي انقلاب جي قافلي ۾ شامل ٿي خيال ئي خيال ۾ انھن سيني جاين تي وڃي پھچن. انھن ھستين جي ڪردارن کي ويجھڙائي کان ڏسن. انھن تڪليفن کي سمجھن جيڪي مڪي ۾ مسلمانن سٺيون ۽ پوءِ جيڪي مديني ۾ يھودين ۽ قريشين جي تعصبي ويڙھو دشمنن ھٿان برداشت ڪيون. ”محسنِ انسانيت“ صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي پڙھندڙ رڳو معلومات حاصل ڪرڻ واري لذت ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ جماعتِ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان عقيدت جي تسڪين حاصل ڪري مطمئن نہ ٿي وڃن ـــ بلڪ غارِ حرا، شعبِ ابوطالب رضہ، طائف، غارِ ثور ۽ قبا جي مسجد ۾ جمعي جي نماز پوءِ وري بدر ۽ احد جا ميدان، جنگِ احزاب ۽ مڪي جي فتح جي سمورن موقعن تي اھي ايئن محسوس ڪن تہ حالات جي وھڪري ۾ اھي پاڻ شامل آھن. اھي رڳو نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي آندل انقلاب جي درياء جي ڇولين جو ڪناري تي ويھي نظارو نہ ڪن، بلڪ درياء ۾ ٽپي ان جي ڇولين مان ھڪڙي ڇولي ٿي وڃن.

انھي غرض سان ھڪ تہ مون ان زماني جي مسئلن ۽ حالتن، اظھار جي طريقن ۽ سمجھڻ جي اصول کي ۽ ٻئي طرف ڳالھہ جي مروجہ ۽ مقبول انداز کي سامھون رکيو. پوءِ پنھنجي مقصد جي اظھار لاءِ ھڪڙي دلڪش ٻولي ايجاد ڪئي، جنھن سان گڏ بيان ڪرڻ جي طرز ۾ سوزوساز جو رنگ ڀريو نوان اصطلاح ايجاد ڪيا، جيڪي ھن ڪتاب کان اڳ ڪٿي بہ ڪونہ ملندا. خاص طرز جا عنوان تجويز ڪيا، جيڪي ٻھريان وجود ڪونہ رکندا ھيا، بلڪ انھن جو انداز يا عڪس ڪٿي ڪٿي ڏسي سگھجي ٿو.

”محسنِ انسانيت“ صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۾ مون حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ اصحابن سڳورن جي جنگي مقابلن (قريشي مشرڪن ۽ يھودين جي خلاف) کي ”گھرو لڙائي“ (”سِوِل وار“ ـ Civil War) قرار ڏئي ان بحث جو قطعي خاتمو ڪري ڇڏيو آھي تہ ڪوئي حملو اڳرائي وارو ھيو يا دفاعي ـــ ۽ جھاد جي مسئلي ۾ مشرقي علمن جي يورپي ماھرن (مستشرقين) ۽ دشمنن جي ھٿ ٺوڪيل اعتراضن کي بنجو ڏئي ڇڏيو آھي. وري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ

وسلم جي گهٽين زالن واري مسئلي تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي ويندي هئي، مون ان جا جيڪي سبب بيان ڪيا آهن ۽ وضاحت ڪئي آهي، اهي به بحث جو رخ تبديل ڪرڻ وارا آهن. ٽين ڳالهه اها ته پنهي جهانن جا سردار صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم لڙاين ۾ دشمنن جو گهٽ کان گهٽ جاني نقصان چاهيندا هيا، بلڪ وڏي دشمني واري حالت ۾ به جڏهن مڪي ۾ ڏڪار اچي ويو ته پاڻ ڪريمن صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پنهنجي علائقي مان اناج موڪلڻ جي به اجازت ڏني ۽ امدادي رقم به موڪلي. ان کان علاوه، اهو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پنهنجي جماعت (امت) جي هڪڙي هڪڙي فرد ۾ ڪهڙي درجي جي نظم و ضبط ۽ اخلاق جو معيار ۽ عدل و احسان جي ڪردار کي قائم ڪيو ۽ ان عظيم هستي جو ڪيترو وڏو حصو آهي جنهن نوَن سالن جي جنگي حالت کان پوءِ ڏهه لک چورس ميلن کان به وڌيڪ ايراضي جي ماڻهن کي اعليٰ انساني وصفن ۽ اخلاقي قدرن سان سينگاري ڇڏيو.

هن ڪم ۾ جنهن ٻي اهم خصوصيت کي خيال ۾ رکيو ويو اُها اِها هئي ته آياتِ الاهي ۽ معجزن جي باوجود دعوت ۽ انقلاب جو ڪم زمين تي گهمندڙ ڦرندڙ انسانن ڪيو. ان حقيقت جي مطابق حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جو گهراڻو هڪڙو انساني گهراڻو هيو. گهرو معاملن سان واسطو رکندڙ سڀ ڪم ڪار باهمي گفتگو ۽ ڳالهه ٻولهه، اختلاف ۽ معاشي تنگين جا واقعا اهڙي طرح پيش آيا جيئن انسانن جي وچ ۾ پيش ايندا آهن. فرق صرف اهو هيو ته سموري ماحول تي ڪتاب (قرآن) ۽ سنت جي روشني پکڙيل هئي ۽ سڀني معاملن ۾ اسلام جا اخلاقي اصول ڪم ڪري رهيا هيا. غلطيون به ٿي وينديون هيون ۽ انهن جي اصلاح به ٿيندي هئي، مُرڪ به پکڙجي ويندي هئي ۽ لڙڪن جا موتي به ٽپڪندا هيا، ايستائين جو ٻهاج پٽي جون خواهشون به ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو اثر ڏيکارينديون هيون. مفافقن جون عورتون ۽ اڻ سُڌريل (غير اصلاح يافته) عورتون فتني کي به ڀڙڪائينديون هيون، مگر انهن ڳالهين جو توڙ به ٿي ويندو هيو. ڇو ته فلاح ۽ سعادت جي دعوت ڏيندڙ کي تقويت حاصل هئي. نبي پاڪ صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي نهايت پياري گهرواري (حضرت عائشه رضہ) جي خلاف منافقن اِفڪ ۽ بهتان جو طوفان برپا ڪري ڇڏيو جيڪو دير تائين مديني جي گهٽين ۽ گهرن ۾ لهرون ظاهر ڪندو رهيو. آخرڪار الله تعاليٰ طرفان وحي نازل ٿي جنهن فضا کي صاف ڪري ڇڏيو.

چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ سڀني مسلمانن جي لاءِ اهو نمونو وارو گهراڻو هيو. جنهن کي ڪجهہ ماڻهن انساني پهچ کان مٿي (فوق الانساني) تصور ڏئي هڪڙي طرح سان ناقابل تقليد قرار ڏئي ڇڏيو. منهنجو مقصد انهي هاجيڪار تصور کي ختم ڪرڻ هيو. اسان جي لاءِ ڪنهن بہ دور ۾ اصولي حقيقتن جي لحاظ کان نموني جو گهر اهو ئي آهي، ۽ ہي ڪنهن ثقافت جي لاديني، مشرڪاڻين، جهالت وارين يا اسلام دشمن رسمن کي پنهنجن گهرن ۾ يا گهر جي ياتين تي زوري ٿاڦڻ تباهي جو سامان آهي. جڏهن تہ اسان ملحداڻي ثقافت ۽ ناجائز رسمن جي يلغار جي آڏو هٿيار ڦٽي ڪري، پنهنجا دل ۽ دماغ ٻين جي حوالي ڪري چڪا آهيون.

مون پنهنجي بيان ڪيل مقصد پٽاندڙ واقعن جي تفصيلي تجزين، جاين، شخصن ۽ تاريخن جي متعلق پهرين (سَلف) اڪابرن کان اڄ تائين جاري رهڻ وارن اختلافن تي تحقيقي بحث ڪرڻ ۽ ان جي متعلق حوالا گڏ ڪرڻ کان انهيءَ ڪري پاسو ڪيو آهي تہ ايئن نہ ٿئي تہ منهنجو پڙهندڙ جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شخصيت جي ويجهو پهچي ويو آهي ۽ انهن جي انقلابي قافلي سان وِک ۾ وِک ملائي سيرتِ محمد مصطفيٰ صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو سفر طئي ڪري رهيو آهي، اهو ان پاڪ قافلي کان ويڇڙي اختلافي بحثن جي راهہ تي نہ هلي پوي ۽ نتيجي ۾ "منزل نظر کان اوجهل ٿي وئي" ("محل نهان شد از نظر") يا "منهنجي سَوَ سالن واري منزل (واٽ) پري ٿي وئي" ("صد سالہ راهم دور شد") وارو حادثو ظاهر ٿي وڃي. انهيءَ باري ۾ مون احتياط جي تقاضا موجب ڪنهن بہ معاملي ۾ هڪڙي ترجيحي راءِ کي اختيار ڪري ڇڏيو آهي.

الله تعاليٰ انهي ڪوشش کي قبول فرمائي ۽ ان کي مسلمانن ۽ سڀني انسانن جي لاءِ خير ۽ برڪت جو ذريعو بڻائي. آمين.

نعيم صديقي

لاهور پهرين جنوري 1960ع

# 28 اشاعت جي موقعي تي چند لفظ

اڄ جڏهن هن پلاري ڪتاب جو نئون ڇاپو اسان جي نوجوان ۽ همت واري پبلشر جناب محمد فيصل جي هٿن سان نڪري رهيو آهي، اها هڪڙي نئين تجربي جي شروعات آهي ـــ ۽ جنهن محبت ۽ شوق سان محمد فيصل صاحب منهنجي ڪتابن کي ڇپرائڻ ۽ اشاعت جو ڪم پنهنجن هٿن ۾ ڪنيو آهي، ان جي ڪري هڪڙي ٿورڙي عرصي ۾ ڪجهه اهم ڪتاب تيار ٿي چڪا آهن، ۽ ڪجهه وڌيڪ والهاڻي جذبي سان اهو جلدي "محسنِ انسانيت ﷺ" جو 28 ڇاپو مارڪيٽ ۾ آڻي رهيو آهي. الله تعاليٰ ان جي دوستاڻي ۽ ڇپائي جي تعاون کي ٻنهي ڌرين لاءِ سياڳو ڪري.

ان موقعي تي مان پنهنجي ڪتاب "محسنِ انسانيت" صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ منهنجن ٻين ڪتابن جي پهرين ڇپائيندڙ اداري (اسلامڪ پبليڪيشنز) ۽ ان جي مالڪن ۽ ڪارڪنن جي انهن محنتن ۽ ڪوشش جو اعتراف ڪريان ٿو جيڪي هڪڙي عرصي کان اهي ڪندا رهيا آهن.

هن گهڙي تي مان دل جي گهراين سان الله تعاليٰ جي احسان ۽ عنايت جو گهڻو حمد ۽ تعريف ڪريان ٿو جنهن منهنجي معمولي (ادنيٰ) خدمت، يعني جناب رسالت مآب محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت نگاري کي عام قبوليت سان اهڙو سرفراز فرمايو جو مان حيرت ۽ تعجب سان ڏسندي، هر پساهه سان گڏ شڪر ادا ڪريان ٿو.

اهو هڪڙو اهڙو دلي جذبو ۽ ذهني فڪر جي خوبي پڌرو ڪندڙ ڪتاب آهي جنهن جي لاءِ نہ ڪا تقريب منعقد ٿي، نہ ان تي مقالا لکرايا ويا، نہ تبصرن جو ڪو خصوصي انتظام ڪيو ويو، بلڪ واقعاتي صورتحال ڪجهه اهڙي هئي جو مون ڪاغذ جي ان ٻيڙي کي بغير ڪنهن ونجهه ۽ سڙهه جي اشاعتي درياء جي لهرن حوالي ڪري ڇڏيو جتي ٻهرين ۽ پوين (اسلاف و اخلاف) اڪابرن طرفان سيرت پاڪ جي عظيم الشان ڪارنامن جا ٻيڙا لهرن جو سينو چيري روان دوان هيا. انهيءَ حالت ۾ منهنجي نظر ۾ يا ٽن ڇاپن کان وڌيڪ اڳتي ڪونہ ٿي وئي. ليڪن مان ان منظر کي حيرت سان شڪر ادا ڪندي ڏسي رهيو هيس تہ هي ڪمزور ٻيڙي اڳتي ۽ اڃا اڳتي وڌندي پئي وئي ۽ منهنجي سمجهه ۾ ان جو سبب اهو اچي سگهيو تہ ان ٻيڙي ۾ سرور ڪائنات و محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي عظيم ڪارنامن جي جهلڪين جو رڪارڊ رکيل آهي ۽ جنهن محبت ۽ خلوص، سوزوگداز، فڪر ۽ ڪاوش سان مون ان کي ترتيب ڏنو آهي، ان جان ڳارڻ واري ذڪيائي کي مان ئي ڄاڻان ٿو ـــ مگر اها جان ڳارڻ واري ذڪيائي جان جيارڻ واري ۽ سڪون بخشيندڙ بہ آهي. لله الحمد و المنة.

هن ڪتاب جي غيرمعمولي مقبوليت کان علاوه، ان تي مون کي جيڪو سڀ کان وڏو داد مليو ۽ جنهن کي مان نمائشي اعزازن جي مقابلي ۾ هزار دفعا وڌيڪ مٿانهون قرار ڏيان ٿو، اهو هڪڙو عجيب واقعو آهي.

واقعو اهو آهي تہ مان ڪجهہ سال اڳ منصوره جي معارف اسلامي اداري ۾ "شعبہ تذڪره سيد مودودي" ۽ ماهنامي "ترجمان القرآن" جي ايڊيٽر جون ٻٽيون ذميواريون ادا ڪندي پنهنجي دفتر ۾ ٻيپهري (ظهر) جي وقت کان اڳ ڪم ڪري رهيو هيس تہ ٻہ ماڻهو ملاقات جي لاءِ اندر آيا. تعارف مان معلوم ٿيو تہ نون آيل مهمانن مان وڏي عمر وارو صاحب پيءُ هيو ۽ ان سان گڏ ان جو نوجوان پٽ هيو. دعا سلام ۽ شروعاتي ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ مقبوضہ ڪشمير جي مسلمانن واري قتل گاهہ کان آيل آهن، جتي هڪڙي ننڍڙي ۽ ڪمزور قوم زندگي، آزادي ۽ پنهنجي دين جي عزت ۽ ناموس (سربلندي) جي لاءِ ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف جهاد ذريعي مقابلو ڪندي شهادت جا گل نڇاور ڪري رهي آهي. ٻڍڙي پيءُ اهو قصو ٻڌايو تہ ان سان گڏ آيل پٽ هڪڙي شام جو پنهنجو اهو فيصلو ٻڌايو تہ مان سڀاڻي صبح جو وڃي عيسائي ٿيندس، ڇوتہ عيسائي مبلغن مون کي عاجز ڪري ڇڏيو آهي. پيءُ بيوسي مان چيو:

چڱو پٽ! تون جيئن مناسب سمجهين ٿو ايئن ڪر، مگر مان توکي هڪڙي آخري ڳالهہ چوان ٿو. ان 'محسنِ انسانيت' صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪتاب جو نسخو ڪڍيو ۽ چيو تہ اڄ رات تون ان کي پڙهہ. پوءِ صبح جو جيئن تنهنجي دل چوي ايئن ڪجان. پٽ 'نيڪ آهي' چئي ڪتاب ورتو ۽ ڪمال اهو آهي تہ رات ۾ ئي ان پڙهي پورو ڪيو. صبح جو اٿيو تہ پيءُ کي پهرين ڳالهہ اها ڪيائين تہ مان هاڻي عيسائي ڪونہ ٿيندس، مسلمان رهندس ـــ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو امتي! ـــ گهر جي ماحول ۾ خوشي جي لهر ڊوڙي وئي. هن ڪتاب هڪڙي نوجوان کي طاغوتي درياء ۾ ٻڏڻ کان بچائي ورتو. ان قصي جي تائيد نوجوان پٽ بہ ڪئي. انهن ٻنهي ٻڌايو تہ اسان خاص ڪري انهي واقعي سبب توهان سان ملڻ گهريو ٿي.

منهنجو روح ڇوليون هڻندڙ خوشي ۾ پرجي ويو ۽ مون پنهنجي اندروني ڪيفيت جو اظهار هن پياري دعا سان ڪيو تہ الله تعاليٰ مون کي ۽ توهان ٻنهي کي پنهنجي رحمت ۽ مغفرت سان نوازي. منهنجي ياداشت تيز ڪونهي، قصو ماضي جو آهي ۽ لفظ حال جا، مگر مفهوم درست آهي.

ان کان پوءِ مون باري تعاليٰ کي عرض ڪيو تہ جيڪڏهن تون "محسنِ انسانيت" صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ان اثر کي قبول فرمائين ۽ ان جي مطالعي تنهنجي آخري رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هڪڙي اوندهہ جي لهرن منجهہ ٽپو ڏيڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺل امتي کي ٻڏڻ کان بچائي ورتو آهي تہ اي حقيقي آقا، مون کي هن ڪتاب لکڻ جي منهنجي حقي قيمت وصول ٿي وئي. تنهنجي رحمت تي مون کي يقين آهي، تون ايترڙي

خدمت عيوض منهنجن گناهن کي ميٽي مون کي مغفرت جي سَنَد عطا ڪر جنهن تي محمد رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شفاعت جي مُهر لڳل هجي.

ڇا معلوم، ۽ ڪهڙي ڪهڙي دل ۽ دماغ تي منهنجي ناچيز ڪوشش جا جامع يا جزئي مبارڪ اثر پيا هجن.

هڪڙو پيو حوصلہ افزا ۽ قابلِ اعتماد اطلاع اهو مليو تہ جڏهن روس ڳاڙهن انڊيرن ۾ مڪمل بڌل هيو تہ هتان ماٺهو تعليم، سفارتي فرضن ۽ ٻين سببن ڪري ان ملڪ ۾ ويندا رهندا هيا. هڪڙي دوست اتان واپسي تي مون سان ٻن عجيب ڳالهين جو ذڪر ڪيو. هڪڙي اها تہ ماسڪو ۾ جماعت اسلامي جي هڪڙي ننڍڙي تنظيم موجود آهي. ٻي اها تہ حڪومت پنهنجي سرڪاري لئبريري ۾ "محسنِ انسانيت" صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو نسخو ۽ ان جو ترجمو ڪرائي رکيو آهي، ان کي ڏسڻ لاءِ حڪومت جي اعليٰ عهديدارن ۽ اول درجي جي ذميوارن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ اجازت ڪونهي. ان جو مقصد ان ڳالهہ جي تحقيق ڪرڻ آهي تہ اهو ڪهڙو خاص سبب آهي تہ اهو ڪتاب نوجوانن تي گهڻو اثرانداز ٿئي ٿو. اهي گهرن ٿا تہ ان جو ڪو توڙ ڳولي لهجي. تڏهن مون کي مولانا مودودي جي گهڻا سال اڳ ڪيل ڳالهہ ياد اچي وئي تہ وقت اچڻ وارو آهي تہ اسلامي تحريڪ هڪڙي ڏينهن واشنگٽن ۽ نيويارڪ ۾ ۽ ماسڪو ۾ پهچي ويندي (صحيح لفظ ياد ڪونہ ٿا اچن. البت، گهڻو ڪري ڳالهہ ان کان بہ ڪجهہ سخت لفظن واري هئي.)

اهي ظاهري احوال آهن، منهنجي تمنا صرف اها آهي تہ الله تعاليٰ ان کي قبول فرمائي، ۽ ان کي جيڪڏهن نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ پيش ڪيو وڃي تہ انهن جي خوشنودي شفاعت ۾ ڍلجي وڃي.

---

آخر ۾ دعا آهي تہ ڇپائي جي الفيصل اداري جي مڙني ڪارڪنن، ڪمپيوٽر جو ڪم، ڇپائي، جُلد ٻڌڻ ۽ هنري ڪم (آرٽ ورڪ) جون مختلف ذميواريون ادا ڪرڻ وارن ۽ انهن جي مددگار ساٿين، ڪتاب تي تنقيد ۽ تبصرو ڪرڻ وارن ۽ خاص طور تي گڏريل ڇاپن ۾ غلطين کان آگاهہ ڪرڻ وارن، ان سان گڏ تصحيح جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ وارن گهڻ گهرن، خاص طور تي مولانا عبدالوڪيل صاحب، سڀني کي درجي بدرجي جزاءِ خير ملي، ۽ حضرت محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت جي مبارڪ ڪم تي محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شفاعت جو اعزاز ملي. ان سان گڏوگڏ ڪتاب جي پڙهندڙن ۽ انهن تائين ڪتاب پهچائڻ وارن ڪتاب وڪڻندڙ دوڪاندارن ۽ ايجنٽن کي بہ فيض حاصل ٿئي. آمين.

اميد ڪيان ٿو تہ اهي سڀ مانوارا منهنجي حق ۾ بہ اهڙي ئي دعا ڪندا.

نعيم صديقي

28 نومبر 1998ع

بسم الله الرحمٰن الرحيم٥

# ديباچو

هر زماني ۾ انسان کي اسلام جي نعمت ٻن ذريعن سان پهتي آهي. هڪڙو الله جو ڪلام ٻيو نبين سڳورن جون شخصيتون، جن کي الله تعاليٰ نہ صرف پنهنجي ڪلام جي تبليغ، تعليم ۽ سمجهاڻي جو واسطو بڻايو پر ان سان گڏ عملي قيادت ۽ رهنمائي جي منصب تي بہ مقرر (مامور) ڪيو تہ جيئن اهي الله جي ڪلام جي نيڪ ۽ صحيح منشا پوري ڪرڻ جي لاءِ انساني فردن ۽ معاشري جي صفائي ڪن: ۽ انساني زندگي جي بگڙيل نظام کي سنواري ان جي سٺي تعمير ڪري ڏيکارين.

اهي ٻئي شيون هميشہ کان اهڙي طرح لازم ۽ ملزوم رهيون آهن جو انهن مان هڪ کي ٻي کان الڳ ڪري انسان کي نہ دين جي صحيح سمجهہ نصيب ٿي سگهي، ۽ نہ اهو هدايت سان بهرور ٿي سگهيو. ڪتاب (قرآن) کي نبي سڳوري کان الڳ ڪري ڇڏيو تہ اها ناختي کان سواءِ اهڙي ٻيڙي آهي جنهن کي اناڙي مسافر زندگي جي سمنڊ ۾ ڪٿي ڪيترو بہ ڀٽڪندا رهن، منزل مقصود تي ڪڏهن بہ پهچي نہ ٿا سگهن. جيڪڏهن نبي سڳوري کي ڪتاب (قرآن) کان الڳ ڪري ڇڏجي تہ انسان الله جو رستو لهڻ جي بجاءِ غيرالله کي معبود بڻائڻ کان ڪڏهن بہ بچي نٿو سگهي. اهي ٻئي نتيجا گذريل قومون ڏسي چڪيون آهن. يهودين پنهنجن نبين سڳورن جي سيرت کي گم ڪري ڇڏيو ۽ صرف ڪتاب ڪٿي ويهي رهيا: انجام اهو ٿيو تہ ڪتاب انهن جي لاءِ لفظن جي گورک ڌنڌي کان علاوه ڪجهہ نہ رهيا. ايسائين جو آخرڪار خود انهن کي بہ اهي گم ڪري وينا. عيسائين ڪتاب کي نظرانداز ڪري نبي سڳوري جو دامن پڪڙيو ۽ ان جي شخصيت جي چوڌاري گهمڻ شروع ڪيو. نتيجو اهو نڪتو تہ ڪابہ شي انهن کي الله جي نبي کي الله جو پٽ (ابن الله) بلڪ عين الله بڻائڻ کان روڪي نہ سگهي.

پراڻن زمانن وانگر هاڻي هن نئين دور ۾ بہ انسان کي اسلام جي نعمت حاصل ٿيڻ جا اهي ئي بہ ذريعا آهن، جيڪي ازل کان هلندا پيا اچن. هڪڙو الله جو ڪلام جيڪو هاڻي صرف قرآن شريف جي صورت ۾ ئي ملي سگهي ٿو ٻيو اسوه نبوت جيڪو هاڻي صرف محمد عربي صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت پاڪ ۾ ئي محفوظ آهي. هميشہ وانگر اڄ بہ اسلام جي صحيح سمجهہ ۽ چاڻ جيڪڏهن انسان کي حاصل ٿي سگهي ٿي تہ ان جي صورت صرف اها آهي تہ اهو (انسان) قرآن کي محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي قرآن جي ذريعي

سمجهي. انهن ٻنهي کي هڪٻئي جي مدد سان جنهن سمجهي ورتو ته ان اسلام کي سمجهي ورتو. ورنه دين جي سمجهه کان به ۽ هدايت جي نتيجي کان به محروم رهيو.

وري قرآن شريف ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جيئن ته هڪڙوئي منصبي ڪم رکن ٿا. هڪڙي ئي مقصد ۽ مول متي کي کڻي آيا آهن. انهيءَ ڪري انهن کي سمجهڻ جو دارومدار ان تي آهي ته اسان انهن جي ڪم، مقصد ۽ مول متي کي ڪيتري حد تائين سمجهون ٿا. ان ڳالهه کي نظرانداز ڪري ڏسو ته قرآن شريف عبارتن جو هڪڙو ذخيرو ۽ سيرت پاڪ واقعن ۽ حادثن جو هڪڙو مجموعو آهي. توهان لغت، روايتن ۽ علمي تحقيق ۽ جاکوڙ جي مدد سان تفسيرن جا ڍگ لڳائي سگهو ٿا ۽ تاريخي تحقيق جو ڪمال ڏيکاري رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ذات مبارڪ ۽ سندن دور جي متعلق صحيح ترين ۽ وسيع ترين معلومات جا ڍيز لڳائي سگهو ٿا. مگر دين جي روح تائين پهچي نٿا سگهو ڇوته اهو عبارتن ۽ واقعن سان نه بلڪ ان مقصد سان سلهاڙيل آهي جنهن جي لاءِ قرآن لاٿو ويو ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي ان جي عَلمبرداري جي لاءِ بيهاريو ويو. جيترو اصل مقصد جو تصور صحيح هوندو ايتروئي قرآن ۽ سيرت جي ڄاڻ ۽ سمجهه صحيح هوندا. ۽ اهو جيترو ڪمزو ۽ بيڪار هوندو ته ايتروئي انهن ٻنهي جي ڄاڻ ۽ سمجهه بيڪار رهندا.

اها هڪڙي حقيقت آهي ته قرآن ۽ سيرتِ محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ٻئي اٿليپ ڪناري وارو سمنڊ آهن. ڪوئي انسان اهو گهري ته انهن جي سموري معنيٰ، فائدن ۽ برڪتن جو احاطو ڪري ته اِن ۾ ڪڏهن به ڪامياب ٿي نٿو سگهي. البت، جنهن ڳالهه جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي، اُها بس اِها آهي ته جنهن حد تائين ممڪن ٿئي انسان ان جي وڌ کان وڌ صحيح ڄاڻ ۽ سمجهه حاصل ڪري ۽ ان جي مدد سان دين جي روح تائين پهچ حاصل ڪري.

انهن سٽن لکڻ سان منهنجو مقصد نعيم صديقي صاحب جي ڪتاب تي ڪا تعريف يا تنقيد لکڻ ڪونهي. اهو ڪتاب جيتري ۽ جهڙي داد جو حقدار آهي، انشاء الله تعاليٰ پڙهندڙ ۽ نظر مان ڪيندڙ پاڻ ڏيندا ۽ ان جي عيب و صواب کان به علم ۽ بصيرت وارا ناواقف ڪونه رهندا. منهنجي نظر ۾ صرف اها ڳالهه آهي ته نعيم صاحب هڪڙي ڊگهي عرصي واري ڏکي محنت برداشت ڪري سيرت پاڪ جي پوتر چشمي (چشمئہ صافي) مان خدا جي مخلوق کي ڍاول ڪرڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي آهي، ان ۾ ڪجهه ٿورو حصو وٺي مان به ڪنهن حد تائين سعادت حاصل ڪرڻ جو حقدار ٿي سگهان. مان چاهيان ٿو ته ان جو ڪتاب پڙهڻ کان اڳ هر پڙهندڙ چڱي طرح سان سمجهي وٺي ته سيرت پاڪ جو مطالعو ان کي ڪهڙي مقصد لاءِ ۽ ڪهڙي نقطہ نظر کان ڪرڻ گهرجي. ان کان پوءِ مون کي اميد آهي ته نعيم صاحب جي محنت مان ماڻهو وڌيڪ بهتر طريقي سان فائدو وٺي سگهندا.

سيد ابوالاعلي مودودي

لاهور18 مئي 1960ع

# واکاڻ

رسول الله ﷺ جي ساراهہ ۾ فارسي شاعري جو هي مصرعو:
بعد از خدا بزرگ توئي قصہ مختصر
مثالي چوٽي تي چڪو آهي. مگر حقيقت اها آهي تہ نعت ۽ منقبت جو عنوان ۽ مدحتِ رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو موضوع مختصر ۽ سرسري (اختصار ۽ اجمال) هجڻ جي نہ بلڪ وڌ کان وڌ شرح ۽ تفصيل جي تقاضا ڪري ٿو. ان برڪت واري ذڪر کي وڌ کان وڌ ڏيگهہ ڏيڻ کان پوءِ بہ دل ڏاول ڪونہ ٿيندي آهي، ۽ دل اهو گُهرندي آهي تہ جيڪر اهو مقدس داستان اجا وڌيڪ ڏگهو ٿيندو وڃي.
زبان ۽ قلم جي سڀ کان وڏي سعادت اها آهي تہ اهي نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت پاڪ جو اعلان ۽ اظهار ڪرڻ لاءِ ذريعو ٿيا. ۽ سالها سال کان نعت خواني ٿيڻ ۽ هزارين صفحن جي لکجڻ کان پوءِ بہ جذبو (وجدان) ۽ ضمير انهي عجز ۽ بيوسي جو اعتراف ڪن تہ:

*ما همچناں در اول وصفِ تو مانده ايم.*

غالب وري روح القدس جي تائيد کان پوءِ ئي ايترو سچو شعر چيو آهي:

*غالب ثنائے خواجہ بہ يزدان گزاشتيم*
*کہ آں ذات پاک مرتبہ دانِ محمد است.*

ڪنهن جي مجال آهي تہ ڪائنات جي تت، فخرِ موجودات صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مدح سرائي ۽ سيرت نگاري جو حق ادا ڪري سگهي. اها غلط دعوا نہ ڪنهن زبان کان نڪري فضا ۾ پکڙي ۽ نہ ڪنهن قلم ان کي ڪاغذ جي متان لکيو. ان بارگاهِ اقدس ۾ جنهن بہ چپ چوريا تہ ان جو مقصد سعادت حاصل ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونہ هيو.
سيرتِ ابن اسحاق جي شارح عبدالرحمان سُهيلي (وفات 581 هجري) جو "رَوضُ الأُنف" هجي يا حافظ عبدالمؤمن دمياطي (705 هجري) جي "سيرت دمياطي"، يا گازروني (694 هہ) ۽ مغلطائي جا سيرت تي ڪتاب هجن يا حافظ ابن الجوزي جو "شرف المصطفيٰ"، "سيرت ابن البر" هجي يا ابن سيدالناس جو "عيون الاثر"، قسطلاني جو "المواهب اللدنيہ" ۽ ان جي شرح "زرقاني علي المواهب" هجي يا "سيرت حلبي"! شبلي نعماني ۽ سيد سليمان ندوي طرفان

سيرت تي لکيل ڪتاب هجن يا قاضي سليمان منصورپوري جو ”رحمت اللعالمين“ ﷺ هجي، انهن سيني سيرت نگارن جون ڪوششون مبارڪباد جون حقدار ۽ تعريف جي لائق آهن. انهن بزرگن تاريخ ۾ سيرت جو عظيم ڪارنامو انجام ڏنو آهي. مگر ڪنهن به اهو ڪونه چيو ته مون سيرت نگاري جو حق ادا ڪري ڇڏيو يا منهنجو ڪتاب سيرت جي موضوع تي ”آخري لفظ“ جي حيثيت رکي ٿو.

سيرت جا سمورا ڪتاب مواد ۽ جوڙجڪ (ثقاهت و صحت) جي لحاظ کان هڪجهڙا ڪونه آهن. ڪنهن سيرت نگار ته ڇنڊڇاڻ کان سواءِ ئي چڱي ۽ مَٺي کي گڏ ڪري ڇڏيوآهي، ايستائين جو ڪوڙين (موضوع) روايتن کي نقل ڪرڻ کان به پاسو ڪونه ڪيو آهي. اهڙي قسم جي غلط روايتن کي عام مسلمانن ۾ مقبوليت حاصل ٿي وئي ۽ ميلاد جي محفلن ۾ عام طور تي مسلمان انهن ئي من گهڙت (”موضوعات“) ڳالهين کي ٻڌي ٻڌي جهومندا آهن.

اردو زبان ۽ ادب جي مشهور ليکڪ جناب نعيم صديقي به سيرت جي موضوع تي قلم کنيو آهي ۽ بارگاهِ رسالت ۾ پنهنجي وس آهر عقيدت جو نذرانو پيش ڪري دين ۽ دنيا جي سعادت حاصل ڪئي آهي! اهو گهڻو وڏو شرف آهي، جنهن جي توفيق ان کي الله تعاليٰ جي فضل سان نصيب ٿي آهي؛ هڪڙو اهڙو ”شرف“ جنهن سان ريس ڪري سگهجي ٿي! ان شرف ۾ ہانهُن جي طاقت کان وڌيڪ الله تعاليٰ جي رحمت ۽ عطا جو هٿ آهي!

هن دنيا ۾ مسلمان اديبن ۽ شاعرن جي ڪوٺ ڪونهي، مگر انهن ۾ تمام ٿورڙا اهڙا ملندا جن جا قلم ۽ زبان اسلام جي ترجماني جي لاءِ وقف ٿي ويا آهن. نعيم صديقي صاحب گُهري ها ته پنهنجي قلم سان فلمي ڪهاڻيون ۽ رومانوي افسانا لکي، تمام گهڻي شُهرت ۽ دولت حاصل ڪري سگهيو ٿي، مگر ان جي قلم کي ڏاهپ جي شروعات ۾ لکڻ پڙهڻ جي آغاز کان ئي پاڪائي حاصل ٿي آهي ۽ اهو انهن آلودگين کان پري آهي، جن تي وڏن وڏن اديبن ۽ شاعرن جي مشهوري جا محل قائم آهن! نعيم صديقي صاحب سَستي شُهرت ۽ مشڪوڪ دولت ڏانهن اک کڻي نهاريو ئي ڪونهي! ان حق جي خاطر قيدوبند جون سختيون به برداشت ڪيون آهن ۽ رزق روزي جي تنگي کي به منهن ڏنو آهي. ان جي سخت آزمائشن ان جي زندگي ۾ نکار، ان جي زبان ۾ اثر ۽ ان جي لکت ۾ سوز پيدا ڪري ڇڏيو آهي.

ڪتاب "محسنِ انسانيت" صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۾ نعيم صديقي جي قلم جي پاڪائي، فڪر جي پاڪيزگي، دل جو سوز ۽ ديني شوق پوري طاقت سان ايرندي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هڪڙي هڪڙي سِٽ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي محبت جي خوشبوءِ ۾ رچيل آهي ۽ هڪڙي هڪڙي صفحي تي عقيدت جا موتي ۽ لعل گوهر چمڪندي نظر اچن ٿا! ظاهر آهي تہ ڪوئي سيرت نگار واقعن ۾ تہ پنهنجي طرف کان اضافو نٿو ڪري سگهي. جيستائين واقعن کي لکڻ جو تعلق آهي تہ هر سيرت نگار جي حيثيت "ليکڪ" (."آٿر" ـ Author) جي ڪونهي، پر "سهيڙيندڙ" ("ڪمپائلر" ـ Compiler) جي هوندي آهي! سيرت نگار جي شخصيت جا جوهر واقعن جي چونڊ ۽ ترتيب ۽ انهن کي خاص ڍنگ سان پيش ڪرڻ ۾ کُلندا آهن! انهي حوالي کان هي ڪتاب نعيم صديقي جي ادب ۽ عبارت، سناء جي ڍنگ، اندازِ فڪر، ديني رجحان، تاريخي بصيرت ۽ چونڊ جي ذوق جو نهايت حسين تعارف آهي!

سيرت نگاري جو هڪڙو اهو ذوق ۽ عقيدت جو اهو جوش جنهن ۾ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي "انسان کان مٿي" ("مافوق الانسان") جي حيثيت ۾ پيش ڪيو ويجي، جتي سمورو ڪم عادت جي برخلاف ۽ معجزن جي زور تي هلندو هجي، ۽ زندگيءَ جو اهو رنگ ڍنگ ڏسي ماڻهو اطاعت جي همت ئي نہ ڪري سگهي ـــ مگر نعيم صديقي عقيدت جي ان وڌاء جي خرابين تي نظر رکي ٿو انهيءَ ڪري ان سيرتِ مقدس جي واقعن جي چونڊ ۾ گهوڙهي نظر ۽ احتياط کان ڪم ورتو آهي. ان پنهنجي وس آهر پوري ڪوشش ڪئي آهي تہ سچن موتين سان گڏ ٺڪرٺونا نہ اچي وڃن. ان جي ڪتاب ۾ جيڪو بہ واقعو شامل هجي تہ اهو درايت و روايت جي ڪسوٽي تي پورو پورو لهندو هجي ـــ ۽ ان "ڪامل انسان" جي پاڪ سيرت جا شڪل و صورت (خط و خال) پڙهڻ واري جي سامهون اچي وڃن. جنهن جي پيروي ۽ فرمانبرداري (اتباع واطاعت) "ڪشف ۽ ڪرامتن" کان سواءِ ڪري سگهجي ٿي، ۽ جنهن جي مقدس زندگي دهشت ناڪ ڪونهي، بلڪ دلڪش ۽ محبوب آهي!

نعيم صديقي[1] معجزن جو خدانخواستہ منڪر ڪونهي، مگر اهو ان حقيقت کي سمجهي ويو آهي تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم "عادت خلاف" ("خرقِ عادات")ڪم ڪرڻ جي لاءِ نہ پر انساني عادتن کي ڳنڍيل ۽ متوازن بڻائڻ جي لاءِ دنيا ۾ تشريف ڪٺي آيا هيا. جنهن جو بهترين ۽ ڪامل ترين نمونو خود حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زندگي مبارڪ هئي!

"محسنِ انسانيت"ﷺ ڪتاب گُلن وانگر رنگين، آبشار وانگر مترنم ۽ ڪهڪشان وانگر روشن ۽ چمڪندڙ آهي. ان جي ٻولي ۾ گهڻي سولائي ۽ رواني پاتي وڃي ٿي ۽ سٽاء جو ڍنگ گهڻو وڻندڙ ۽ ڪجهہ جاين تي تہ جوش پيدا ڪندڙ آهي!

اردو زبان ئي نہ بلڪ ٻين ٻولين ۾ بہ جن اهلِ نظر ۽ علم وارن جي نظر مان سيرت پاڪ تي لکيل ڪتاب گذريا آهن، اهي "محسنِ انسانيت"ﷺ ڪتاب کي پڙهي ان جي انفراديت کي ضرور محسوس ڪندا. غيب جو حال تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪير نٿو ڄاڻي، مگر مان پنهنجي سمجهہ مطابق اڳڪٿي ڪريان ٿو تہ هن ڪتاب کي انشاءَ الله تمام گهڻي عام قبوليت حاصل ٿيندي.

جناب نعيم صديقي ڪاغذ تي جيڪي نقش چٽيا آهن، اهي انشاءَ الله دلين تي منتقل ٿيندا رهندا ۽ اهڙي طرح ان جو نالو ۽ ڪم باقي رهندا!

ماهرالقادري

ڪراچي 15 آڪٽوبر1959ع

---

[1] ماهر صاحب معجزن جي متعلق منهنجي يقين جو صحيح اندازو ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ بہ مون معراج واري واقعي جي معجزاتي رُخ کي پڌرو ڪيو آهي. هجرت واري رات ڪافرن جي گهيري مان نڪرڻ ۽ غارِثور ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ خدائي حفاظت جي انتظام جو بيان ڪيو آهي. اِمِ معبد جي گهر ۾ ڏٻري ٻڪري جي ٿڻن مان گهڻو کير نڪتو. سورت الروم جي اڳڪٿي تي بہ ڳالهہ ڪئي وئي آهي. ڪجهہ ماڻهن جي باري ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان ڏنل اڳواٽ اطلاعن جو سچو ثابت ٿيڻ جو ذڪر آهي. ٻيون بہ گهڻيون ڳالهيون آهن. مگر منهنجو اصل زور حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سچي دعوت ۽ پاڪيزه ڪردار ۽ اسلامي تنظيم جي قيام ۽ جهاد وغيره تي رهيو آهي. (مؤلف)

باب پهريون

# مُحسنِ انسانيت

صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

## مُقدمو

## پيغام، نصب العين ۽ تاريخي مقام

# مُقدمو

## پيغام، نصب العين ۽ تاريخي مقام

ان کان اڳ جو اسان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت پاڪ جو مطالعو شروع ڪيون، اسان جي سامهون ان ڪم جو ڪوئي واضح تصور هجڻ گهرجي، جنهن کي سرانجام ڏيڻ لاءِ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تاريخ جي جنگي ميدان ۾ ظاهر ٿين ٿا ۽ پوري عمر هڪڙي فيصلہ ڪن معرڪي کي سَر ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏين ٿا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زندگي هڪڙي بين الانساني منصبي ڪم جو داستان آهي. اها قرآن شريف جي ابدي اصولن جو تفسير آهي، جنهن کي عمل جي زبان ۾ مرتب ڪيو ويو آهي. اها ان مقدس پيغام جي تڪميل آهي، جنهن جي لاٽ کي آدم عليہ السلام، ابراهيم عليہ السلام، موسيٰ عليہ السلام، عيسيٰ عليہ السلام ۽ ٻيا سيئي نبي سڳورا پنهنجي پنهنجي زماني ۾ روشن ڪندا رهيا آهن.

اسان سيرت پاڪ کي جُڙيل (مربوط) نٿا ڪري سگهون، واقعن جا تفصيل بيان نٿا ڪري سگهون، سيرت جي مطالعي جو مقصد مقرر ڪري نٿا سگهون ۽ ان مان اسان کي جيڪو ڪجهہ حاصل ڪرڻو آهي، اهو سڀ ڪجهہ حاصل نٿا ڪري سگهون، جيستائين اسان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪم جي نوعيت، ان جي امتيازي رُخن ۽ ان جي دائري جي وسعتن کي نظر سامهون نہ رکون.

### انساني لڏي کي ڇوڪارو ڏيارينڌڙ:

تاريخ جي وسيع دائرن تي نظر وجهون تہ اسان کي طرح طرح جا سڌارڪ (مصلحين) ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مٺڙي زبان ۾ وعظ ڪندڙ ۽ شعلہ بيان خطيب سامهون اچن ٿا، گهڻائي داناء هر دور ۾ حڪمت جون ڳالهيون ڪندي ملن ٿا. بادشاهن ۽ حڪمرانن جا انبوهہ هميشہ موجود رهيا آهن جن عظيم الشان سلطنتون قائم ڪيون، جنگجو فاتحن جا داستان اسان پڙهون ٿا، جماعتون ناهڻ ۽ زندگي ۾ لاهہ چاڙهہ پيدا ڪرڻ وارن جو اسان سان تعارف ٿئي ٿو انقلابي طاقتون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون جن نقشہ حيات کي وري وري هيٺ مٿي ڪيو آهي. رنگا رنگ مذهبن جو بنياد وجهڻ وارا ڪثرت سان سامهون اچن ٿا. اخلاقي خوبين جي دعوت ڏيڻ وارا (داعي) بہ اسٽيج تي جلوه گر ٿيندا رهيا آهن. ڪيترائي ڏاها ۽ قانوندان تهذيب جي ايوان ۾ ڪارناما ڏيکاري چڪا آهن. ليڪن جڏهن اسان انهن جي تعليمات، انهن جي ڪارنامن ۽ انهن جي پيدا ڪيل مجموعي

نتيجن کي ڏسون ٿا ته جيڪڏهن ڪٿي خير ۽ فلاح ڏسڻ ۾ اچن ٿا ته اهي جزوي قسم جا آهن. انهن جا اثر زندگي جي ڪنهن هڪڙي پهلو تي اپرن ٿا. پوءِ خير ۽ فلاح سان گڏ طرح طرح جون خرابيون ترڪيب وٺندي نظر اچن ٿيون. نبين سڳورن کان سواءِ تاريخ ۾ ڪو اهڙو شخص ڏسڻ ۾ نٿو اچي جيڪو انسان کي ـــ پوري جي پوري انسان کي ـــ اجتماعي انسان کي ـــ اندر کان بدلائي سگهيو هجي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو اصل ڪارنامو اهو آهي ته سندن دعوت پوري جي پوري انسان جي اندر کي بدلائي ڇڏيو ۽ الله جي رنگ (صبغت الله) جو هڪڙو ئي رنگ مسجد کان وٺي بازار تائين، مدرسي کان عدالت تائين ۽ گهرن کان جنگ جي ميدان تائين ڇانئجي ويو. ذهن تبديل ٿي ويا. خيالن جو وهڪرو بدلجي ويو. نگاهن جو رُخ بدلجي ويو عادتون ۽ طورطريقا بدلجي ويا. رسمون ۽ رواج تبديل ٿي ويا. اخلاقي قدر تبديل ٿي ويا. دستور ۽ قانون تبديل ٿي ويا. جنگ ۽ صلح جا ڍنگ بدلجي ويا. معيشت ۽ گهريلو زندگي جا طور طريقا تبديل ٿي ويا. ۽ تمدن جي هڪڙي هڪڙي اداري ۽ هڪڙي هڪڙي شاخ جي ڪايا پلٽجي وئي. ان پوري جي پوري تبديلي ۾ جنهن جو دائرو همهگير هيو. هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين خير ۽ فلاح کان علاوه ڪجهه ڪونہ ٿو ملي. ڪنهن بہ ڪنڊ پاسي ۾ شر (برائي) ڪونهي، ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ فساد ڪونهي، ڪنهن بہ طرف بگاڙ ڪونهي. هر طرف ڊاهہ ڊوهہ ٿي آهي، تعمير ئي تعمير ۽ ارتقا ئي ارتقا آهي. حقيقت ۾ محسنِ انسانيت حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هٿان انساني زندگي کي نئين جاڳرتا حاصل ٿي ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙي حق جي نظام جي چمڪندڙ صبح سان تهذيب جي ماحول کي روشن ڪري بين الاقوامي تاريخ جي دور جو افتتاح ڪيو. اهو ايترو وڏو ڪارنامو آهي جو ان جو مثال ڪنهن ٻي جاءِ تي ڪونہ ٿو ملي!

الله جي آخري رسولِ هدايت جو ظهور اهڙين حالتن ۾ ٿيو جڏهن سموري انسانذات اونداهين ۾ ٻڏل هئي ـــ ڪٿي وحشت جو دور هلي رهيو هيو ۽ ڪٿي شرڪ ۽ بت پرستي جي لعنتن شهري تهذيب جو ستياناس ڪري ڇڏيو هيو. مصر ۽ هندوستان، بابل ۽ نينوا، يونان ۽ چين ۾ تهذيب پنهنجي لاٽ وِسائي چڪي هئي. ڪنهن حد تائين فارس (ايران) ۽ روم جي تهذيبي عظمتن جا جهنڊا هوا ۾ ڦڙڪي رهيا هيا. رومي ۽ ايراني تهذيبن جي ظاهري سونهن سوڀيا اکين کي کيرو ڪرڻ واري هئي. مگر انهن شيش محلن جي اندر بدترين ظلمن جو دور دورو هيو ۽ زندگي جي زخمن مان بدبوءِ پکڙجي رهي هئي. بادشاهہ صرف خدا جا اوتار نہ پر خدا بڻجي ويٺا هيا. انهن سان گڏ جاگيردار طبقن ۽ مذهبي ماڻهن جي ملي ڀڳت قائم هئي. روم ۽ ايران جي ٻنهي خِطن ۾ انهي ٽڪساٽ عام انسان جي نڙي تي سخت لت ڏئي ڇڏي هئي. اهي ماڻهو عام لڏي کان ڳرا محصول، رشوتون، ڍلون ۽ نذرانا وصول ڪندا هيا، ۽ انهن کي جانورن وانگر ونگار ۾ وهائيندا هيا. باقي انهن جي مسئلن سان انهن جي ڪائي دلچسپي ڪونہ هئي، انهن جي

مصيبتن ۾ انهن سان ڪائي همدردي ڪونہ هين ۽ انهن جي تڪليفن جو انهن وٽ ڪوئي حل ڪونہ هيو. انهن بالادست طبقن جي عياشين ۽ نفس پرستين اخلاقي روح کي ماري ڇڏيو هيو. بادشاهن جي تبديلي، نون فاتحن جو ظاهر ٿيڻ ۽ رتوڇاڻ وارين لڙاين جي ڪري حالتن ۾ جيڪو جوش پيدا ٿي ويندو هيو ان ۾ بہ عام ماڻهوءَ جي لاءِ ڪو ڇوٽڪاري جو رستو ڪونہ نڪرندو هيو. عام ماڻهوءَ کي هر تبديلي جي ڇَڪِي اچا وڌيڪ تيزي سان پيڙيندي هئي. هر طاقت ان کي ئي آلہ ڪار بڻائي، ان جو ئي رت ست استعمال ڪري ۽ ان جي ئي محنت مان فائدو وٺي پنهنجو جهنڊو بلند ڪندي هئي ۽ وري غلبو ڪرڻ ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ کان پوءِ اها اڳين کان بہ وڌيڪ ظالم ثابت ٿيندي هئي. خود روم ۽ ايران جي حڪومتن جي وچ ۾ مسلسل لڙائي جهڳڙي جو چڪر هلندو رهندو هيو ۽ مختلف علائقا ڪڏهن هڪڙي حڪومت جي قبضي ۾ ايندا هيا تہ ڪڏهن ٻي سلطنت انهن کي ڳڙڪائي ويندي هئي. ليڪن هر دفعي قوت عوام جي ڪنهن نہ ڪنهن طبقي کي چڱي طرح پامال ڪندي هئي. مثال طور، رومي حڪومت ايندي هئي تہ آتش ڪده ڪليسائن ۾ تبديل ٿي ويندا هيا، ۽ ايراني راڄ ڇائنجي ويندو هيو تہ وري ڪليسائون آتش ڪده بڻجي ونديون هيون. ان تبديلي جو نتيجو اهو نڪرندو هيو تہ مفتوحن کي ڏاڍ وسيلي مذهب جي تبديلي مان گذرڻو پوندو هيو يا اهي منافقت اختيار ڪندا هيا، ورنہ موت يا ايذاء رساني کي منهن ڏيڻو پوندو هين. اهڙن ماڻهن ۾ ايمان ۽ اخلاق جو جوهر ڪيئن زنده رهي سگهيو ٿي.

دنيا جي اڪثر حصن ۾ لاقانونيت جو راڄ هيو. هر وقت فساد ٿيندا هيا. وري وري قتل و غارت ٿيندا هيا، بغاوتون ٿينديون هيون. مذهبي فرقا رتوڇاڻ ڪندا هيا ۽ انسان انهن هنگامن جي دوران انسان جي حيثيت ۾ خراب نموني ۾ پامال ٿي رهيو هيو. اهو سخت محنت ڪرڻ جي باوجود زندگيءَ جي معمولي ضرورتن کي بہ پورو ڪرڻ جي قابل ڪونہ هيو. ان کي ظلمن جي گهاٽي ۾ پيڙيو ويندو هيو. مگر تشدد جي خوفناڪ فضا ۾ اهو احتجاج جي صدا بلند ڪري نٿي سگهيو. اهو تلخ احساس رکندو هوندو، مگر ان کي ضمير جي آزادي ڪنهن معمولي درجي واري بہ حاصل ڪونہ هئي. ان جي مايوسين ۽ نامرادين جو اسان اڄ تصور ئي نٿا ڪري سگهون، ڇوتہ اهو ماحول جي هڪڙي اهڙي پنجري ۾ بند هيو جنهن ۾ ڪنهن بہ طرف کان ڪا ڳڙڪي ڪونہ هئي. ان جي اکين آڏو ڪنهن اميد افزا اعتقاد ۽ ڪنهن فلسفي يا نظرئي جو جُگنو بہ ڪونہ چمڪندو هيو. ان جو روح تڙپندو هيو مگر ڪنهن بہ طرف کان پڪار جو جواب ڪونہ ملندو هيو. ان جي مدد لاءِ ڪوئي مذهب موجود ڪونہ هيو. ڇوتہ نبين سڳورن جون تعليمات گهٽ وڌائي (تحريف و تاويل) جي غبار ۾ گم ڪيون ويون هيون، ۽ مذهب جي عنوان سان باقي جيڪا شي پاتي ويندي هئي ان کي مذهبي طبقن ڪاروبار جو وسيلو بڻائي ڇڏيو هيو ۽ انهن وقت جي ظالم طاقتن سان سوديبازي ڪري ڇڏي هئي.

يونان جو فلسفو سڪتي ۾ هيو. ڪنفيوشس ۽ ماني جي تعليم دم ٽوڙي چڪي هئي، ويدانت ۽ ٻڌمت جا تصور ۽ منوشاستر جا نڪتا سوچ ۾ ٻڏل هيا. جسٽينن جو ضابطو ۽ سولون جو قانون بيوس هيا. ڪنهن به طرف ڪا روشني ڪونه هئي. جڏهن ڪنهن وقت ايئن هوندو آهي ته انسان حالتن جي هڪڙي لوهي پنجري ۾ بند ٿي ويندو آهي ۽ ان کي ڪنهن پاسي کان به ڇوٽڪاري جو رستو ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي ته تهذيبي بحران پيدا ٿي ويندو آهي. اهو خوفناڪ ترين بحران جو هڪڙو عالمگير دور هيو[2] جنهن جي اونداهين ۾ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مشعل هڪدم اچي ايري ٿي ۽ وقت جي تهذيبي بحران جي اونداهين جو سينو چيري هر طرف روشني پکيڙي ڇڏي ٿي.

خود عربستان جي، جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪم جو اولين ميدان بڻيو قريب ترين ماحول جو تصور ڪريو ته دل ڏڪي وڃي ٿي. اتي عاد ۽ ثمود جي دورن ۾، سبا ۽ عدن ۽ يمن جي سلطنتن جي پاڇي ۾ ڪڏهن تهذيب جي روشني ظاهر به ٿي هئي ته هاڻي ان کي وِسامي مُدّتون گذري ويون هيون.[3] باقي عربستان تي وحشت جي دور جي رات ڇانيل هئي.[4] تهذيب جي صبح اچا روشن ڪونه ٿي هئي ۽ انسانذات ننڊ مان سجاڳ ڪونه ٿي هئي. هر طرف هڪڙو انتشار هيو انسان ۽ انسان جي وچ ۾ تڪراء هيو لڙائي جهڳڙي ۽ قرلت جي بازار گرم هئي. شراب، جوئا ۽ زنا سان ترڪيب پائڻ واري جاهلي ثقافت زور تي هئي. قريشين مشرڪاڻي ۽ بت پرستاڻي مذهبيت سان گڏ ڪعبت الله جي مجاوري جو ڪاروبار شروع ڪري ڇڏيو هيو. يهودين ڪلامي ۽ فقهي تجزين جا دوڪان کولي ڇڏيا هيا. باقي عربستان فڪر جي لحاظ کان ذهني پريشاني ۾ مبتلا هيو. مڪي ۽ طائف جي واپارين وياج ۽ نفعي خوري جا چار وچائي ڇڏيا هيا. غلام بڻائڻ وارو ادارو ۽ منحوس ڪاروبار ڏام ڏوم سان هلي رهيو هيو. حاصل مطلب اهو ته انسان خواهش پرستي جي ادنيٰ سطح تي ڪري درندن ۽ جانورن جي شان سان جي رهيو هيو.[5] جيڪو طاقتور هيو ان ڪمزورن کي رڍن ٻڪرين جي ڌڻ وانگر قابو ڪري رکيو هيو ۽ ڪمزور ماڻهو طاقت وارن جي قدمن ۾ جهڪيل هيا.

---

[1] انساني جهان جي ان دور تي قرآن شريف ڪجهہ لفظن ۾ اهڙو مڪمل تبصرو ڪيو آهي جو وڏي ڪان وڏي عبارت سجائڻ ان جي آڏو معمولي آهي. ظَهَرَ الْفَسَادُ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ أَيْدِي النَّاسِ لِيُذِيقَهُمْ بَعْضَ الَّذِي عَمِلُوا لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ (٤١) (خشڪي ۽ پاڻي ۾ فساد برپا ٿي ويو آهي، ماڻهن جي پنهنجي هٿن جي ڪمائي سبب، ته جيئن انهن کي انهن جي اعمالن جو مزو چکائي، شايد اهي مُڙي وڃن. (الروم آيت 41)

[2] ان دور جو بهترين ۽ مختصر جائزو وٺڻ جي لاءِ ڏسو "انسانی دنیا پر مسلمانوں کے عروج وزوال کا اثر" از مولانا سيد ابوالحسن علي ندوي. باب اول. ان کان علاوه ڏسو "رسول اکرم کی سیاسی زندگی" از ڊاڪٽر حميدالله. باب: بعثت نبوی کے وقت دنیا کی حالت. ان کان علاوه ڏسو "سيرت النبي" از علامہ سيد سليمان ندوي ج 4.

[3] ڏسو "ارض القرآن" از علامہ سيد سليمان ندوي.

[4] ڏسو "سيرت النبي" از علامہ سيد سليمان ندوي ج 4. باب "ظہور اسلام کے وقت عربوں کی مذہبی واخلاقی حالت"

[5] إِنْ هُمْ إِلَّا كَالْأَنْعَامِ بَلْ هُمْ أَضَلُّ سَبِيلًا. "اهي ماڻهو ته بس جانورن جهڙا آهن، بلڪ انهن کان به بدتر." (فرقان آيت 44)

اهي هيون اهي حالتون جن ۾ حضرت محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم عظيم ترين تبديلي جو پيغام کڻي اڪيلائي اڪيلا اٿن ٿا. اهڙين مايوس ڪندڙ حالتن ۾ ڪوئي ٻيو هجي ها تہ شايد زندگي مان بيزار ٿي وڃي ها. دنيا ۾ اهڙا نيڪ ۽ حساس ماڻهو ڪثرت سان مليا آهن جن بچڙائي سان نفرت ڪئي، مگر اهي بچڙائي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿي سگهيا ۽ پنهنجي جان جي سلامتي لاءِ تهذيب کان ڪنارو ڪري غارن ۽ جُرن ۾ پناھہ ورتائون ۽ جوڳي ۽ راهب ٿي ويا. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انساني لڏي جي ٻيڙي کي طوفاني لهرن ۾ جهوٽا کائيندي ڇڏي پنهنجي جان بچائڻ جو فڪر ڪونہ ڪيو بلڪ بچڙائي جي قاتل واچوڙن سان وڙهي آدم عليہ السلام جي سموري اولاد (اولادِ آدم) جي لاءِ ڇوٽڪاري جو رستو کوليو. تهذيب جي ٻيڙي جو ونجهہ سنڀاليو ۽ پوءِ ان کي مراد واري ڪناري ڏانهن موڙي ڇڏيو.

روم ۽ ايران جي ٻن وڏين ويڙهہ ڪندڙ تهذيبي طاقتن جيڪو بحران پيدا ڪري ڇڏيو هيو، ان کي ختم ڪرڻ لاءِ پاڻ سڳورا هڪڙي ٽين طاقت ٿي اٿيا، ۽ آهستي آهستي اها ٽين طاقت جڏهن پنهنجن پيرن تي بيهي وئي تہ ان ٻنهي روم ۽ ايران کي للڪار ڪئي، ٻنهي جي رعبدار قيادتن جا تختا اونڌا ڪري ڇڏيا ۽ عوام الناس کي خوفناڪ تهذيبي پنجري مان ڪڍي آزاد فضائن ۾ اڏرڻ جو موقو فراهم ڪيو! آدم عليہ السلام جي اولاد جي سامهون هڪدم هڪڙي ڇوٽڪاري واري واٽ کُلي وئي، زندگيءَ جو قافلو جيڪو رهزنن جي وچ ۾ ڦاٿو پيو هيو اهو وري فلاح ۽ ارتقا جي واٽ تي هلڻ لڳو!

ايئن رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم الله جي مخلوق جي لاءِ ڇوٽڪارو ڏياريندڙ بڻجي تشريف کڻي آيا.

## وقت، ماڳ ۽ انساني مواد:

مشيتِ الاهي جتي انساني لڏي کي سڌي واٽ (صراطِ مستقيم) تي آڻڻ لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي بهترين هستي جي چونڊ ڪئي، اتي وقت جي بدترين حالتن جي باوجود حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ بهترين زمانو دعوت ڏيڻ جو مقام ۽ اولين مخاطبن جي حيثيت سان بهترين قوم، بهترين خاندان ۽ انهن جي بهترين شاخ جي چونڊ ڪئي.

مجموعي لحاظ کان زمانو هيئن موزون ترين هيو تہ قبائلي دور ختم ٿي جلد ئي بين الاقوامي دور شروع ٿيڻ وارو هيو ۽ تاريخ ڪجهہ گردش کان پوءِ سائنسي دور ۾ داخل ٿيڻ

---

[1] ان سلسلي ۾ ڏسو "زادالمعاد" ازعلامہ ابن القيم. ج 1 تفسير آيت: وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ وَيَخْتَارُ. القصص آيت 68, ص 5 کان 15. ان کان علاوه ڏسو "حجة البالغه" از شاه ولي الله دهلوي جلد 1 بحث 6 باب 53 ۽ 54 ـ ج 2 باب سيرت النبي ﷺ فصل "حضور کی عادات وخصائل کے بیان میں۔" ان کان علاوه ڏسو "سيرت النبي" از سيد سليمان ندوي ج 4 باب: عربوں کی خصوصیات۔ ان کان علاوه ڏسو احاديث تخيير و اصطفيٰ، جامع ترمذي، باب المناقب.

واري هئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نبوت جي اعلان (بعثت) وارو زمانو ڇهن ڇهن دورن جي وچ ۾ حدبندي جي ليڪ هيو. اڇڻ واري وسيع تر ۽ روشن دور جو افتتاح ڪرڻ جي لاءِ ضروري هيو تہ نبين سڳورن جي حق واري دعوت کي هڪڙو ڀيرو پوري طرح اجاگر ڪيو وڃي. دين جي روح کي اپاري ڇڏجي. خدا پرستي جي تهذيب جا بنياد مضبوطي سان ڄمائي ڇڏجن ۽ عدل ۽ مساوات جو رحمت وارو نظام ڪامل شڪل ۾ پيش ڪجي تہ جيئن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ان ڪارنامي جي روشني سان بعد وارن زمانن (دورن) کي روشن ڪري سگهجي. ۽ وري اهو زمانو انهيءَ لحاظ کان بہ موزون ترين هيو تہ عام ماڻهن جي سامهون ڪوئي بيو اميد جو رستو باقي ڪونہ هيو ۽ انهن جي دلين ۾ اسلام قبول ڪرڻ لاءِ دروازا آساني سان کلي سگهيا ٿي.

دعوت جي مقام جي لحاظ کان ڏسجي تہ عربستان بنا پاڻي ۽ ساوڪ واري خطي هجڻ جي باوجود ان وقت جي تهذيب يافتہ دنيا ۾ مرڪزي[1] حيثيت رکندو هيو. اوپر، اولهہ ۽ اُتر طرفن کان اچڻ وارن قافلن جا سمورا مسافري وارا رستا عربستان جي ڌرتي تي اچي ملندا هيا ۽ مختلف ملڪن جي وچ ۾ جيترو بہ ٻاهريون واپار ٿيندو هيو، ان جو واسطو عربستان جا واپاري ئي هيا. عمان ۽ يمن، صنعا ۽ مڪي، جدي ۽ ينبوع، مديني ۽ دومة الجندل جي وچ ۾ قافلن جي اچ وڃ ٿيندي رهندي هئي، جيڪي رستي جي عرب سُونهَن، قريشن طرفان راهداري جي پرواني ۽ اهم قبيلن جي محافظن کان سواءِ سلامتي سان گذري ڪونہ سگهندا هيا. اهڙي طرح عربستان جي ڌرتي، خاص طور تي مڪي، طائف، مديني، ينبوع ۽ دومت الجندل ـ جو رابطو هندوستان، چين، ايران، عراق، مصر، روم ۽ حبش (اٿوپيا) جي سمورن علائقن سان هيو. هتي ڪنهن بہ بين الانساني دعوت جو مرڪز هئي هر علائقي کان وڏيڪ ڪامياب ٿي سگهيو ٿي. وري عربستان جي ڌرتي تي مڪي ۽ مديني جا مقام اها اهميت رکندا هيا جو مذهبي، واپاري ۽ تهذيبي حيثيت سان انهن جي قيادت جو ڏاڪو ڄميل هيو.

عربن جو غير مُهذب ۽ انتشار ۾ ڦاٿل هجڻ ۽ اقتصادي حيثيت ۾ ڪمزور هجڻ تورڙي جو مشڪلات جو باعث هيو مگر ان جو هڪڙو وڏو فائدو اهو بہ هيو تہ اهو علائقو ٻاهرين تسلط کان بہ گهڻي حد تائين آزاد هيو. ان کان علاوه، داخلي طور تي بہ ڪائي اهڙي طاقت ڪونہ هئي، جيڪا پوري ملڪ تي باقاعدي سياسي اقتدار ڄمائي وڃي ها ۽ پوءِ اقتدار، قانون ۽ تعليم کان ڪم وٺي انسانن کي هڪڙي خاص ڍنگ تي هلائي ڇڪي هجي ها. جيڪڏهن اهڙي ڪا طاقت موجود هجي ها تہ اها اهڙي طرح حق جي دعوت کي ڪچلي سگهي ها، جيئن پهرين ڪجهہ ظالم بادشاهن نبين سڳورن جي دعوتن کي تڪميل تائين پهچڻ کان اڳ پوري زور سان روڪي ڇڏيو. بيشڪ قريشين جو گهڻو گهرو اثر موجود هيو ۽ اهو پوري زور سان رڪاوٽ بڻيو ليڪن قريشين کي پوري عربستان تي

[1] عربن جي مرڪزي حيثيت تي ڏسو ڊاڪٽر حميدالله جو نوٽ "رسول اکرم ﷺ کی سیاسی زندگی" باب: عرب اور مکہ معظمہ کا انتخاب دعوت اسلامی کے مرکز کے طور پر.

باقاعدي تسلط حاصل ڪونہ هيو. انهن جو مذهبي ۽ واپاري اثر ڪيترو بہ گهرو رهيو هجي، منظم حڪومت جو بدل نٿي ٿي سگهيو.

ديني لحاظ کان ڏسجي تہ ان ڌرتي جي چئني طرفن ۾ گذريل نبين سڳورن جي دعوتن جا ڏيئا روشن رهي چڪا هيا ۽ انهن جي قومن جا آثار اکين جي سامهون موجود هيا.[1] اتر ۾ ابراهيم عليہ السلام جي ظهور جو مقام اُر هيو. ان جي ويجهو ڪجهہ اچا مٿي نوح عليہ السلام جو علائقو هيو ۽ پوءِ لوط عليہ السلام جي دعوت جو مقام هيو پوءِ صالح عليہ السلام جو مدائن هيو ۽ پوءِ فلسطين ۽ يروشلم جو علائقو هيو جتي بني اسرائيل عروج ۽ زوال جا دور گذاريا ۽ جتي عيسيٰ عليہ السلام سچائي ۽ نيڪي جو پيغام ٻڌايو. ڏکڻ ۾ عاد ۽ ثمود جون وسنديون هيون، سبا جي سلطنت هئي، سدمارب هيو جنهن جي ٽٽڻ سان سيل عرم جو عذاب پلٽيو سمنڊ پار مصر جي ڌرتي هئي جتي ڪنعان ۾ حضرت يعقوب عليہ السلام نقيبِ حق هيا، اتان انهن جو پٽ حضرت يوسف عليہ السلام اٿيو جنهن کي اونداهي کوهہ ۾ اڇلايو ويو هيو اتان مصر پهتو بازار ۾ غلام ٿي وڪاڻو عزيز مصر جي محل ۾ پهتو محل مان قيد ۾ واڙيو ويو قيد مان نڪتو تہ مصري ڌرتي جي خزانن جو مختيار ٿي تخت تي وڃي ويٺو. اسلامي نظام جي عدل ۽ رحمت جي ڌاڪ ڄمائي. حضرت يوسف عليہ السلام جي ڪيل ديني ڪم کي موسيٰ عليہ السلام نئين سر جياريو ۽ فرعون، قارون ۽ هامان جي ٽِڪ جوڙ سان هلڻ واري ظلم جي نظام جي لاءِ للڪار ٻڌجي ويو.

انهن علائقن جي وچ ۾ حجاز جي سرزمين واقع هئي، جنهن جي غير آباد وادي (وادي غير ذي ذرع)[2] ۾ ابراهيم عليہ السلام ۽ اسماعيل عليہ السلام توحيد جي مرڪز کي مستحڪم ڪيو[3] ۽ عبوديت ۽ اطاعت جا روشن يادگار ڇڏيا هيا. خدا پرستي، توحيد ۽ انسانذات جي اصلاح جي فروغ لاءِ آخر ان کان بهتر علائقو ڪهڙو ٿي سگهيو ٿي. هتي حق جي دعوت جو آواز بلند ڪرڻ سان اڳين نبين سڳورن جا ڇڏيل ڏنڌلا نقش آساني سان تازا ٿي سگهيا ٿي.

انساني مواد ("هيومن مٽيريل" ـ Human Material) بہ اهو بهترين هيو جيڪو عربستان جي سرزمين ۾ موجود هيو. ان جي سڀ کان وڏي خوبي اها هئي تہ ان جي قوتن ۽ صلاحيتن جا خزانا اڃا تائين استعمال ڪونہ ڪيا ويا هيا ۽ محفوظ پيل هيا. اهي ماٺهو اڃا انهن مهلڪ روڳن کان محفوظ هيا جيڪي روم ۽ ايران جي وحشياٽين

---

[1] اَفَلَمۡ يَهۡدِ لَهُمۡ كَمۡ اَهۡلَكۡنَا قَبۡلَهُمۡ مِّنَ الۡقُرُوۡنِ يَمۡشُوۡنَ فِىۡ مَسٰكِنِهِمۡ ؕ (طٰهٰ آيت 128 ۽ السجده آيت 26) "پوءِ ڇا انهن کي هن (ڳالهہ) کان بہ هوش ڪونہ ٿو اچي تہ ڪيترن ئي گروهن کي اسان (انهن جي خراب عملن جي ڪري) ملياميٽ ڪري ڇڏيو جن جي (ويران) جاين وٽان اهي گذرندا رهندا آهن."

[2] "وادي غير ذي ذرع" يعني غير آباد يا آبادي کان خالي وادي چوڻ تي زور ڏيڻ ان ڳالهہ جو مقصد هيو تہ دنياوي لحاظ کان ان بنا پاڻي ۽ گاهہ واري سرزمين انسانن جو اهڙو فصل پيدا ڪيو جو روحانيت جي لکين بکايلن اتان صحت ۽ سگهہ حاصل ڪئي. (مؤلف)

[3] ڏسو "ارض القرآن" از علامہ سيد سليمان ندوي

تهذيبن پيدا ڪري ڇڏيا هيا. انهن ۾ وحشياڻي طرز واري زندگيءَ جون خرابيون بہ موجود هيون پر ٻئي طرف خوبيون بہ ڪو گهٽ ڪونہ هيون. اهي ماڻهو بَدوِيَت جي ڪري مزاج ۾ فطري سادگي رکندڙ هيا ۽ اوپرائپ ۽ ڏيکاءُ کان پاڪ هيا. فطرت جي آثارن جو ويجهڙائي کان مشاهدو ڪرڻ ڪري ڪائنات ۾ حقيقت جي نشانين کي پڙهي سگهيا ٿي. گرم آب و هوا، لُو جي جهڪ جا سٽڪا، ڏينهن رات جي مسافرين، اڃ ۽ بک جي تجربن ۽ ڏينهون ڏينهن قتل و غارت جي سبب انهن ۾ جان جي سختي موجود هئي ۽ اها سختي بهادري واري جذبي کي پروان چڙهائڻ ۾ مددگار بڻي. هڪڙي عالمگير تحريڪ کي ڪٺي هلڻ لاءِ بهادري وارو عنصر ئي فائديمند ٿي سگهيو ٿي. انهن ۾ سخاوت موجود هئي، ۽ هڪڙو وڏو ڪم ڪرڻ لاءِ ڪا بخيل قوم موزون نہ ٿئي ها. ان قوم جي ياداشت چوٽي جي هئي ۽ اهي پنهنجن نسبن کان علاوه پنهنجن گهوڙن جي نسبي سلسلن کي پڻ پنهنجي ياداشت ۾ محفوظ رکندا هيا. اهڙا ماڻهو زندگيءَ جي هڪڙي نظام جي تعليم کي سمجهڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي لاءِ بهترين ڪارڪن ٿي سگهيا ٿي. انهن ۾ غيرت ۽ شرم جو جذبو بہ پوري طرح ڪم ڪري رهيو هيو انهيءَ ڪري اهي خودي جي جوهر جو تحفظ ڪري سگهيا ٿي. انهن جي ٻولي (زبان) هڪڙي اعليٰ، وسيع ۽ ترقي پذير زبان هئي، جنهن ۾ فصاحت ۽ بلاغت جو جوهر چڱي انداز ۾ نکرجي چڪو هيو. لهٰذا علمي حيثيت سان اهي آساني سان اڳتي وڌي سگهيا ٿي. ان کان علاوه ٻين کي بہ ڪنهن انقلابي پيغام کان متاثر ڪرڻ ۾ زياده سٺي انداز ۾ ڪامياب ٿي سگهيا ٿي.

عرب عزم ۽ ڌُن جا پڪا هيا. اهي جيڪڏهن ڪنهن غلط رَوش تي هلندا هيا تہ دل کولي هلندا هيا ۽ مزاحمتن ۽ مخالفتن جو مقابلو ڪندا هيا، ليڪن انهن ۾ اها صلاحيت بہ هئي تہ جيڪڏهن انهن کي صحيح واٽ تي هلايو وڃي تہ پوءِ انهن جا قدم ڪڏهن بہ ڪونہ ڏڪندا هيا. اهڙا گهڻائي مختلف سبب آهن، جيڪي اهو تسليم ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿا تہ جتي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي ذات ۾ پنهنجي منصبي ڪم ("مِشن") جي لاءِ بهترين داعي ۽ قائد هيا، اتي ڪين بهترين انساني مواد بہ فراهم ڪيو ويو.[1]

وڏي ڳالهہ تہ اهو انساني مواد هر لحاظ کان ارتقا جو قدم اڳتي وڌائڻ جي لاءِ بيچين هيو. مذهبي لحاظ کان ذهين ماڻهن ۾ سخت ولوڙ پيدا ٿي چڪي هئي ۽ خاص ماڻهو حقيقت جي روشني ۽ الهامي رهنمائي لاءِ اُڃارا هيا. سياسي لحاظ کان مڪي ۽ مديني جهڙن شهرن ۾ سياسي ڍانچي جي تشڪيل جو آغاز ٿي رهيو هيو ۽ ڪنهن حد تائين جمهوري رنگ سان گڏ هڪڙي شهري رياست جو ٻي ترتيب ڍانچو نهي رهيو هيو. وري عربستان جي معاشي ذريعن جي محدوديت زور ڪري رهي هئي تہ آبادي پنهنجي رڻ پٽ کان ٻاهر پکڙجڻ وارو عمل اختيار ڪري. هونئن بہ مشيت جو هڪڙو تاريخي قاعدو اهو

---

[1] ڏسو "رسول اکرم ﷺ کی سیاسی زندگی" از ڊاڪٽر حميدالله. باب: عرب اور کے کا انتخاب. فصل عمرانی وجہ. ان کان علاوه ڏسو "سيرت النبي" از علامہ سيد سليمان ندوي ج 4 باب: عربوں کی خصوصیات.

آهي تہ جڏهن موجود وقت جي تهذيبن ۾ بحران اچي ويندو آهي ۽ انهن جون قيادتون بيڪار ٿي وينديون آهن تہ ڪنهن نئين قوت کي بَدوِيَت جي پينگهي مان ڪٽي ميدان ۾ لاٿو ويندو آهي. جيئن الله جي مشيت فرعوني اقتدار جي مقابلي ۾ بني اسرائيل کي اڀاري بيهارڻ جو فيصلو ڪيو.[1] انهن سيني رُخن کان عربستان وارا (اهلِ عرب) ڌرتي جي گولي تي اهو بهترين مواد هيا، جنهن جي ذريعي زندگيءَ جو بنيادي (اساسي) ۽ همهگير انقلاب برپا ٿي سگهيو ٿي.

## حق جو انقلابي ڪلمو:

پيغمبرِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪنهن اعتقاد، ڪنهن نظرئي، ۽ ڪنهن فڪري نقشي کان سواءِ سڌاري (اصلاح) ۽ تعمير جو ڪم ايئن ئي شروع ڪونہ ڪري ڇڏيو. رڳو هڪڙو مبهم جذبو ڪونہ هيو، ڪوئي اڃايو جنون ڪونہ هيو، بلڪ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪون و مڪان جي عظيم ترين سچائي جي مشعل کڻي اٿيا. انتهائي حساس دل سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سالن تائين زندگيءَ جي راز تي محنتون ڪيون هيون. غارِ حرا جي اڪيلاين ۾ مدت تائين پنهنجي اندر جو بہ مطالعو ڪيو ۽ ٻاهرين جهان تي بہ غوروفڪر ڪيو. تهذيب جي اصلاح ۽ فساد جي اصولن کي سمجهڻ تي بہ دماغ کپايو.[2] ليڪن عملي قدم ان وقت تائين ڪونہ کنيو جيستائين علمِ الاهي سندن دل کي حقيقت کان روشن ڪونہ ڪري ڇڏيو[3] ۽ سڀ کان وڏي سچائي سندن سامهون پوري طرح پڌري نہ ٿي وئي. سڀ کان وڏي سچائي اها آهي تہ ڪائنات جو هڪڙو خدا آهي ۽ انسان ان جو ٻانهو آهي! حق جو اهوئي ڪلمو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي انقلاب جو ٻج هيو. ان ٻج مان صالح زندگي ۽ صحتمند تهذيب جو اهو پاڪ وڻ ظاهر ٿي سگهيو ٿي جنهن جو شان اهو آهي تہ ان جون پاڙون زمين ۾ گهريون کُتل آهن ۽ ان جون ٽاريون فضا جي بلندي ۾ پکڙيل آهن.[4]

---

[1] وَنُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا فِى الْاَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ اَئِمَّةً وَّنَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِيْنَ ۝ وَنُمَكِّنَ لَهُمْ فِى الْاَرْضِ وَنُرِىَ فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَجُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ (٦) "۽ اسان گهرون ٿا تہ انهن ماڻهن تي احسان ڪيون جيڪي ملڪ ۾ ڪمزور آهن ۽ انهن کي سردار بڻايون ۽ انهن کي اقتدار جو وارث بڻايون. ۽ مُلڪ ۾ انهن جا قدم چڱي طرح ڄمايون. ۽ انهن جي ذريعي فرعون ۽ هامان ۽ انهن جي لشڪرن کي (اهوئي) ڏيکاريون جنهن جو اهي خطرو محسوس ڪندا آهن." (سورت القصص آيت 5 ۽ 6)

[2] عيني شرح بخاري ۾ آهي تہ حرا جي اڪيلاين ۾ پاڻ سڳورن جو مشغلو غوروفڪر ڪرڻ ۽ عبرت حاصل ڪرڻ هيو.

[3] قرآن: وَوَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى ۝ "۽ توکي حق جي واٽ ۾ سرگردان ڏسي هدايت جو رستو ڏيکاريو." (سورت والضحيٰ آيت 7)

[4] قرآن: "ڇا تون نہ ٿو ڏسين تہ الله ڪلمہ طيبہ جو ڪهڙي شي سان مثال بيان فرمايو آهي؟ ان جو مثال اهڙو آهي جيئن ڪنهن سٺي قسم جو وڻ جنهن جي پاڙ زمين ۾ مضبوط ڄميل ۽ ٽاريون آسمان تائين ڦهليل آهن. هروقت اهو پنهنجي رب جي حڪم سان ميوا ڏئي رهيو آهي، ۽ الله اهي مثال انهي لاءِ بيان فرمائيندو آهي تہ جيئن ماڻهو ان مان سبق وٺن." (سورت ابراهيم آيت 24 ۽ 25)

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو ڪلمو حد درجي جو انقلابي ڪلمو هيو "لا اله الا الله"! لفظي رخ کان انتهائي مختصر، معنوي لحاظ کان گهڻو ڳوڙهو. "هڪڙي الله کان سواءِ ڪوئي معبود (اله) ڪونهي. صرف اهو ئي هڪڙو الله (معبود) آهي." اله (معبود) ان طاقت يا هستي کي چوندا آهن جنهن جي ٻانهپ ڪئي وڃي، جنهن تي ماڻهو والهاڻہ طور تي فدا هجي. جنهن جي عظمت مڃي پوڄا (عبادت) ڪري، جنهن جو حمد ۽ ثنا بيان ڪري، جنهن جا ڳُڻ ڳائي. جنهن جي ساراهہ (تسبيح) ڪري، جنهن کي نذر پيش ڪري، جنهن کان ڀلائي جي اميد ڪري ۽ جنهن جي پڪڙ کان ڊڄي. جنهن کان نيڪي جي انعام (جزا) جو اميدوار هجي ۽ جنهن کان برائي جي سزا جو انديشو رکي. جنهن کي پنهن جو مالڪ ۽ مختار سمجهي. جنهن کي فرمانروا ۽ قانون ساز مڃي. جنهن جي مطالبن کي پورو ڪري ۽ جنهن جي منع ڪيل ڪمن کان پاسو ڪري، جنهن جي ڏنل اصولن کي زندگيءَ جو بنياد بڻائي، جنهن جي مقرر ڪيل حدن جي پابندي ڪري، جنهن جي حلال ۽ حرام واري ضابطي کي بنا چون چرا جي مڃي. جنهن کي پنهنجي لاءِ هدايت جو سرچشمو تسليم ڪري، جنهن جي مرضي جي مطابق زندگيءَ جي نظام (نظامِ حيات) جي تشڪيل ڪري، جنهن جي پسنديده ماڻهن جو احترام ڪري ۽ جنهن جي مخالفن جي مخالفت ڪري، جنهن جي اشارن تي تن من ڌن جي بازي لڳائي ڇڏي ۽ جنهن جي رضا کي زندگيءَ جو نصب العين قرار ڏئي. الوهيت جو اهو وسيع مفهوم هيو جيڪو هڪڙي لفظ ۾ لڪل هيو.[1]

الوهيت جا اهي حق گهڻين انساني طاقتن خداءِ واحد کان الڳ ڪري ٽڪرا ٽڪرا ڪري ورهائي ڇڏيا هيا[2] ۽ بيشمار اله (معبود) شهري زندگي تي سوار هيا. انسان جو پنهنجو نفس ۽ ان جون خواهشون، خاندان ۽ برادري جون رسمون، نسلي، قومي ۽ قبيلائي وحدتن جون روايتون، جاگيردارن ۽ پوڄاري طبقن جي بالادستي، شاهي خاندان ۽ درٻاري اميروامراء جي وڏائي ۽ غرور، اهي مختلف ڏاڪي بہ ڏاڪي الوهيتون هيون، جنهن جي هيٺان عام ماڻهو پيسجي رهيو هيو. "لا اله الا الله" جو شاهي ڏڪ (ضرب) انهن سيني تي هڪدم لڳو هيو. ان ڪلمي کي پڙهڻ وارو جڻ اهو اعلان ڪري رهيو هيو تہ مون کي خدا کان سواءِ ڪنهن جي عظمت تسليم ڪونهي، ڪنهن جي بالادستي قبول ڪونهي، ڪنهن جو ٺاهيل ضابطو ۽ قانون منظور ڪونهي، ڪنهن جا حاصل ڪيل انسانيت کان مٿانهان (فوق الانساني) حق جائز ڪونهن. ڪنهن جي آڏو تعظيم لاءِ ڪنڌ ڪونہ جهڪايو ويندو. هاڻي ڪنهن جي بہ خوشنودي جو خيال نہ رکيو ويندو ۽ ڪنهن جي اک جي اشاري سان زندگيءَ جو نظام ڪونہ هلندو. خدا کان سواءِ هر خدائي کي ٽوڙيو ويندو. اهو ڪلمو جڻ انسان جي سچي آزادي جو اعلان هيو:

---

[1] ڏسو "قرآن کی چار بنیادی اصطلاحیں" از مولانا سيد ابوالاعليٰ مودودي
[2] وَتَقَطَّعُوٓا اَمۡرَهُمۡ بَيۡنَهُمۡ (سورت الانبياء آيت 93) ان کان علاوه فَتَقَطَّعُوٓا اَمۡرَهُمۡ بَيۡنَهُمۡ زُبُرًا (سورت المؤمنون آيت 53) "مگر بعد ۾ ماڻهن پنهنجي دين کي پاڻ ۾ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو."

لا اله ضرب است و ضرب كاري است

(لا اله هڪڙو ڌڪ آهي ۽ ڌڪ ڪاري وارو آهي)

ان ڪلمي جي ٻئي حصي ۾ اهو اقرار شامل هيو تہ انساني هدايت ۽ تهذيب جي سڌاري (اصلاح) جي لاءِ اڪيلو ذريعو نبوت ۽ رسالت جو اهو سلسلو آهي جيڪو الله قائم ڪيو آهي. زندگيءَ جو اصل عِلم اهو آهي جيڪو وحي جي ذريعي آيو آهي ۽ ان کان ئي انساني عقل کي سوچڻ لاءِ رهنما اصول ملندا آهن. پوءِ اهو تہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم رسالت واري ان سلسلي کي مڪمل ڪرڻ وارا آهن.[1] هاڻي زندگيءَ جي رهنمائي ان ئي هستي جي معرفت حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ ان ئي هستي جي قيادت ۾ انساني لڏي جو قافلو پلاڻي (فلاح) ۽ ارتقا جي واٽ تي گامزن ٿي سگهي ٿو.

ان ڪلمي جي اهائي اهميت هئي تہ جنهن جي ڪري ان جو اقرار اسلام ۾ داخل ٿيڻ جو شرط ٿيو.[2] ان ڪلمي کي بانگ ڏيڻ وارن (مؤذنن) بلند آواز ۾ پڪاريو. ان ڪلمي کي نماز ۾ شامل ڪيو ويو. ان کي زور ڀلو ذڪر (افضل الذڪر) قرار ڏنو ويو ۽ هر لحاظ کان اهو ڪلمو اسلامي تحريڪ جي نشاني يا نعرو ٿي ويو.[3]

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو حق جو انقلابي ڪلمو جنهن دل ۾ ويهي ويو ان جي ڪايا پلٽجي وئي، جنهن زندگيءَ ۾ داخل ٿيو ان جو نقشو بدلائي ڇڏيائين ۽ ان ٻج مان نئين انسانذات پيدا ٿي ۽ واڌ ويجهہ ملڻ لڳس.

## معاشري جي سڌاري لاءِ حضور ﷺ جو نصب العين:

سيرت پاڪ مان صحيح فائدو حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهيءَ اهم سوال جو جواب ضرور سامهون هجڻ گهرجي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نظر آڏو تبديلي جو دائرو ۽ ڪم جو پيمانو ڪهڙو هيو؟ شهري زندگيءَ جي نظام ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪوئي جزوي سڌارو (اصلاح) گهريو ٿي يا همهگير؟ دعوت مذهبي ۽ اخلاقي هئي يا اها سياسي اهميت بہ رکندڙ هئي؟ ٻين لفظن ۾ تهذيبي دائري ۾ ڪهڙو نصب العين هيو؟

---

1 محمّد ﷺ توهان جي مردن مان ڪنهن جو بہ پيءُ نہ آهي، ها مگر الله جو رسول آهي ۽ سمورن نبين ۾ آخري (خاتمي جي مُهر).

2 حديث: جنهن بہ شاهدي ڏني تہ هڪڙي الله کان سواءِ ڪوئي معبود (اله) ڪونهي ۽ اهو تہ محمّد ﷺ ان جو موڪليل (رسول) آهي تہ الله ان تي (دوزخ جي) باهہ حرام ڪري ڇڏي. روايت عباده رضہ بن صامت ـ صحيح مسلم. پڻ ڏسو مشڪوات ج 1 ڪتاب الايمان. ان کان علاوه ڏسو عبدالله رضہ بن عمر رضہ جي روايت ـ متفق عليہ: "مون کي ان وقت تائين ماڻهن سان لڙائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي جيستائين اهي اها شاهدي نہ ڏين تہ هڪڙي الله کان سواءِ ڪوئي معبود (اله) ڪونهي ۽ محمّد ﷺ ان جو موڪليل (رسول) آهي."

3 اهو مختصر جملو يا ڪلمو جنهن مان ڪنهن دين يا تحريڪ جي بنيادي پيغام يا مقصد جو تصور ملندو هجي.(مؤلف)

ان سوال جو جواب خود قرآن شريف ۾ گهڻي وضاحت سان موجود آهي ۽ مختلف حوالن ۾ ورجاء سان اسلامي دعوت جو مقصد واضح ڪيو ويو آهي. هتي اسان صرف ٻن آيتن جو ذڪر ڪريون ٿا. هڪڙي جاءِ تي سيني نبين سڳورن ۽ رسولن جي بعثت جو مقصد هيئن بيان ڪيو ويو آهي:

لَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَاَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتٰبَ وَالْمِيْزَانَ لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ ۚ وَاَنْزَلْنَا الْحَدِيْدَ فِيْهِ بَاْسٌ شَدِيْدٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ .... (سورت الحديد آيت 25)

"اسان پنهنجي رسولن کي روشن دليل ڏئي جنهن مقصد جي لاءِ موڪليو آهي ۽ جنهن غرض جي لاءِ انهن تي ڪتاب نازل ڪيا آهن ۽ انهن کي ضابطهٔ حق جو ميزان عطا ڪيو آهي اُهو اِهو آهي تہ ماڻهو انصاف تي قائم ٿي وڃن، ۽ لوهہ لاٿو جنهن سان هٿيار ٺهندا آهن ۽ ان ۾ ماڻهن جي لاءِ ٻيا بہ فائدا آهن."

ڳالهہ نهايت صاف آهي تہ حق جي دعوت جي منشا انساني زندگي کي عدل واري نظام جي سانچي ۾ ڍالڻ ۽ شهري زندگيءَ ۾ عملي طور عدل ۽ توازن پيدا ڪرڻ آهي. هن آيت ۾ گڏوگڏ لوهہ جي هٿيار کي بہ ان مقصد جي لاءِ استعمال ڪرڻ جو اشارو موجود آهي. يعني حق جي نظام جو قيام، ان جي تحفظ ۽ ان جي فروغ جي لاءِ سياسي ۽ فوجي قوت بہ اٽل آهي.[1]

خود محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي بعثت جي غرض اجا وڌيڪ وضاحت سان بيان ڪئي وئي ۽ اها بہ هڪ کان وڌيڪ دفعا بيان ڪئي وئي. غور ڪيو:

هُوَالَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ۝

---

[1] مٿي حوالي طور ڏنل آيت تي اسماعيل ابن ڪثير دمشقي جيڪو الحديد (لوهہ) جي متعلق نوٽ لکيو آهي اهو گهڻو اهم آهي. ڏسو تفسير ابن ڪثير ج 2 ص 556. ان سلسلي ۾ وضاحت لاءِ عرض آهي تہ دليل جي لحاظ کان دين جي محبت پوري ٿي وڃڻ کان پوءِ جيڪي ماڻهو رڳو هٺ ڌرمي يا نسلي، قومي ۽ انڌي مذهبي تعصب جي ڪري حق جي دين جو انڪار ۽ دشمني وارو رويو رکن ٿا ۽ عقيدي ۽ مذهب جي آزادي واري حق کي ميڻ جي بجاءِ ظلم، لڙائي ۽ ڏاڍ يا قتل و غارت تي لهي اچن ٿا، انهن جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ لوهہ (حديد) يا اسلحي جي طاقت استعمال ڪرڻ جو الله تعاليٰ حڪم (اذن) ڏنو آهي. تنهن ڪري حضور نبي ڪريم ﷺ سالن تائين دليل ۽ ثبوت پيش ڪيا. پهريان سامهون واري ٽولي کان ٺٺول، ايذاء ڏيڻ ۽ تشدد ڪرڻ جي حد تائين جواب مليو. پوءِ گهرن مان ڪڍڻ، گهيراء ۾ رکڻ ۽ آخرڪار قتل ڪرڻ جا منصوبا ٺهڻ لڳا تہ اهڙي ظلم ۽ لڙائي جي ماحول ۾ تلوار کي حرڪت ۾ آڻڻ ۽ ڪنڌ ڪپڻ جو حڪم ٿيو.

لفظ حديد (لوهہ) عربي شعر ۽ ادب ۾ بہ اسلحي جي لاءِ استعمال ٿيندو هيو جيئن جناب ابوطالب قصيده لاميہ ۾ چيو تہ "يتهص القوم بالحديد اليكم" يعني اي محمد ﷺ جا دشمنو! هڪڙي جماعت تلوارون کڻي حضرت محمد ﷺ جي حمايت ۾ توهان جي خلاف اٿي پوندي

ان سلسلي ۾ حضور پاڪ ﷺ جي حديثن تي بہ غور ڪيو وڃي. فرمايائون: "بعثت بالسيف .... الخ" (روايت عبدالله رضہ بن عمر رضہ ـ احمد بن حنبل ۽ دائود) وڌيڪ فرمايائون: "لقد جئتكم بالذبح .... الخ" ترجمو: مان توهان کي هلاڪ ڪرڻ آيو آهيان، يعني منهنجو اعلانِ نبوت (بعثت) توهان جي لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال آهي. اهي ڳالهيون سخت مخالفن کي آمهون سامهون چيائون. (سيرت ابن هشام ج 1 ص 210)

"اهوئي (الله) آهي جنهن پنهنجي رسول کي ضابطۂ هدايت ۽ حق جو دين ڏئي ان غرض سان موڪليو تہ اهو هر دين جي مقابلي ۾ ان کي (پوري انساني زندگي تي) غالب ڪري ڇڏي! توڙي جو اهو مشرڪن کي ڪيتروئي ناگوار ڇو نہ هجي!" (سورت الصف آيت 9)

مقصد اهو آهي تہ قريشي ۽ عربستان جا ٻيا مشرڪ تہ پنهنجي جاهلي نظامِ حيات کي برقرار رکڻ جي لاءِ تَنهن چوٽيءَ جو زور لڳائيندا ۽ جاهليت جي خلاف جيڪو آواز اٿندو اهو انهن کي سخت اڻوڻندڙ لڳندو. مگر انهن جي ناگوارين جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ انهن جي مخالفت واري محاذ کي توڙي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي دين کي قائم ڪرڻو آهي ۽ خدا جي هدايت واري ضابطي (ضابطۂ هدايت) کي عملي طور جاري ڪرڻو آهي. حق جي دعوت ۾ جيڪڏهن اهو مقصد شامل نہ هجي ها تہ ڇڪتاڻ، جهاد ۽ هجرت جا باب ڪٿان اچن ها؟ جان ۽ مال جون قربانيون ڇاجي لاءِ گهريون وڃن ها؟[1] ڪهڙي مقصد جي لاءِ "ڪُونُوٓ اَنصَارَالله" جي عام دعوت ڏني وڃي ها؟[2] ڪهڙي غرض جي لاءِ "حزب الله" يا الله جي جماعت تشڪيل پائي ها.[3] ڪهڙي نصب العين جي لاءِ شهيدن کي چونڊيو وڃي ها؟[4] قرآن ۽ سيرت، ٻنهي، جي سمجهہ حق واري دعوت جي انجام کي ذهن نشين ڪرڻ کان سواءِ ممڪن ڪونہ ٿئي ها.

اچو تہ هاڻي اسان خود حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت جي بابن جو مطالعو ڪري ان نصب العين جو سراغ لڳايون، جيڪو نظر جي آڏو هيو!

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بلڪل ابتدائي مرحلي ۾ پنهنجو پيغام ٻڌائڻ لاءِ بنوهاشم جي خاندان جي مهماني ڪئي هئي. ان ۾ مختصر طور بيان فرمايو هيو تہ اها دعوت دنيا ۽ آخرت، ٻنهي جي ڀلائي جي ضامن ٿيندي. گهڻو عرصو پوءِ قريشين جي هڪڙي وفد سان گفتگو ڪندي ان ڳالهہ کي ورجايو ۽ فرمايو:

فَاِن تَقبَلُوا مِنِّي مَا جِئتُكُم بِهِ فَهُوَ حَظُّكُم فِي الدُّنيَا وَفِي الآخِرَةِ.[5]

"مان جيڪا دعوت پيش ڪري رهيو آهيان، توهان جيڪڏهن ان کي قبول ڪيو تہ ان ۾ توهان جي دنيا ۽ آخرت، ٻنهي، جي بهتري آهي."

دنيا جي بهتري ۽ ڀلائي جي سادن لفظن مان ڪا جزوي ڀلائي سمجهڻ يا مراد وٺڻ ڪائي معنيٰ ئي نٿي رکي. جزوي ڀلائي تہ هر دعوت ۾ موجود هوندي آهي ۽ هر خراب

---

[1] مجموعي طور تي گهڻيون ئي آيتون آهن. پر ڏسو آيت "وَتُجَاهِدُونَ فِي سَبِيلِ اللهِ بِاَموَالِكُم وَاَنفُسِكُم" ۽ جهاد ڪيو الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن سان ۽ پنهنجين جانين سان. (سورت الصف آيت 11)

[2] قرآن: الله جا مددگار ٿيو. (سورت الصف آيت 14)

[3] قرآن: ڄاڻي وٺو تہ الله جو لشڪر ئي فلاح پائڻ وارو آهي. (سورت المجادلہ آيت 22)

قرآن: پوءِ يقيني طور الله جي جماعت ئي غالب رهڻ واري آهي. (سورت المائده آيت 56)

[4] توهان تي اهو (جنگ جي امتحان جو) وقت انهيءَ ڪري آندو ويو آهي تہ الله (عملي ۽ واقعي صورت ۾) ڏسڻ گهري ٿو تہ توهان ۾ سچا مؤمن ڪهڙا آهن. (سورت آل عمران آيت 140)

[5] سيرت ابن هشام ج 1، ص 316

نظام (نظامِ شر) ۾ بہ ڪجھہ سنا پهلو هوندا آهن. مطلب زندگي سنورجي وڃڻ ۽ تهذيب جو نيڪ ٿي وڃڻ، عدل واري نظام جو قائم ٿي وڃڻ[1] ۽ حياتِ طيبہ[2] جو حاصل ٿي وڃڻ آهي.

وري ڇڪتاڻ واري ابتدائي دور ۾ هڪڙي بئي موقعي تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ڳالهہ ٻولهہ ٿئي ٿي تہ ان دوران پاڻ فرمائين ٿا:

كَلِمَةٌ وَاحِدَةٌ تَعْطُونِيهَا تَمْلِكُونَ بِهَا الْعَرَبَ وَتَدِينُ لَكُمْ بِهَا الْعَجَمِ.[3]

"بس اهو هڪڙو ڪلمو آهي، توهان ان کي جيڪڏهن منهنجي معرفت قبول ڪيو تہ ان جي ذريعي توهان سموري عربستان کي پنهنجي هٿ وس ڪري ڇڏيندا ۽ سمورو عجم توهان جي پٺيان هلندو."

ميلن ۽ حج جي موقعن تي قبيلن جي تنبوئن ۾ وڃي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم قبيلي جي هر سردار کي اها ئي ڳالهہ چئي. فرمائيندا هيا تہ مون کي ساڻ وٺي وڃو مون کي ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏيو ۽ مون سان تعاون[4] ڪيو ايستائين جو خدا جي طرفان ان پيغام کي مان واضح ڪري ڇڏيان، جنهن جي لاءِ مون کي مبعوث ڪيو ويو آهي.[5] اهڙي طرح بنوعامر قبيلي جو سردار بحيره بن فِر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيغام، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شخصيت ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪم جي والهانہ سرگرمي کان ايترو متاثر ٿيو جو ان چيو تہ جيڪڏهن اهو نوجوان منهنجي هٿ ۾ اچي وڃي تہ مان سموري عربستان کي ڳهي وڃان. ان جون نظرون حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت جي انجام ۽ ڪم جي نتيجن تي پهچي ويون ۽ انهيءَ ڪري ان هڪڙو سودو ڪرڻ گهريو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي اهو پنهنجو تعاون ان قيمت تي پيش ڪري ٿو تہ جڏهن توهان کي مخالفن تي غلبو حاصل ٿي وڃي تہ توهان کان پوءِ اقتدار اسان کي حاصل ٿئي. مطلب پوي ٿو تہ بحيره جي نگاه پري پهچ واري (دوررس) هئي. هاڻي جيڪڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم محدود مذهبي تصور جا رڳو وعظ ڪندڙ ۽ مبلغ هجن ها ۽ سندن سامهون ڪو سياسي انجام هجي ئي ڪونہ ها تہ صاف طور

---

1. القرآن: سورت الحديد آيت 25.

2. مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّن ذَكَرٍ أَوْ أُنثَىٰ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهُ حَيَاةً طَيِّبَةً "جيڪو (شخص) بہ نيڪ عمل ڪندو چاهي اهو مرد هجي يا عورت، انهيءَ شرط سان تہ اهو مؤمن هجي، ان کي اسان دنيا ۾ پاڪيزه زندگي بسر ڪرائينداسين." (سورت النحل آيت 97)

3. سيرت ابن هشام ج 3 ص 27

4. بنوعامر بن صعصعہ رضہ حج تان واپسي کان پوءِ حضور ﷺ جي ڳالهہ جو مطلب هيئن بيان ڪيو تہ اُهي هن ڳالهہ جي دعوت ڏين ٿا تہ اسان انهن جو تحفظ ڪيون، انهن جا هٿ مضبوط ڪريون ۽ انهن کي پاڻ سان گڏ علائقي ۾ وٺي وڃون. ابن هشام: ج 2 ص 34.

5. اصل لفظن جو ترجمو: توهان مون تي ايمان آڻيو منهنجي تصديق ڪيو ۽ منهنجي حفاظت ڪيو ايستائين جو مان اهو سڀ ڪجهہ واضح ڪري سگهان جنهن جي لاءِ الله مون کي مبعوث ڪيو آهي. (سيرت ابن هشام: ج 2 ص 32)

چئي ڏين ها تہ ادا مان تہ هڪڙو الله وارو آهيان، مون کي اقتدار جي جهنجهٽ سان ڪهڙو مطلب ۽ منهنجي ڪم ۾ حڪومت ۽ قيادت جو ڪهڙو سوال! .... مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو جواب اهو ڪونہ هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو: "الامر الي الله، يضعه حيث يشاء" اقتدار جو معاملو الله جي اختيار ۾ آهي. اهو جنهن جي قبضي ۾ گهرندو، ان وٽ رکندو ۽ سودو ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. (سيرت ابن هشام: ج 2، ص 33)

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت جي سلسلي ۾ "عرب ۽ عجم جي اقتدار" جو چرچو ايترو عام ٿي ويو هيو جڻ اسلامي تحريڪ جو نعرو هجي. ننڍي وڏي جي زبان تي اها ڳالهہ رهندي هئي، ايستائين جو مخالفن بہ ان کي طنز جو بنياد بڻائي ڇڏيو هيو. جيڪي غلام ۽ غريب طبقن جا نوجوان اسلام جي پاڇي ۾ اچي گڏ ٿي رهيا هيا ۽ جن کي قريشي تشدد جي گهاٽي ۾ پيڙي رهيا هيا، انهن کي ڏسندا هيا تہ اشارا ڪري ٽوڪ ڪندي (طنزيہ) چوندا هيا تہ واہ! انهن ماڻهن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، اهي آهن جيڪي عرب ۽ عجم جا حڪمران ۽ سردار ٿيڻ وارا آهن!!

طنز ۽ ٺٺولي ڪرڻ ۽ مخالفت و مزاحمت جا سمورا طوفان برپاڪرڻ جي باوجود قريشن جا سمجهدار ماڻهو دل جي گهراين ۾ اهو ضرور محسوس ڪندا هيا تہ اها دعوت ڪا معمولي ڳالهہ ڪونهي، بلڪ ان منجهان وڏا ڳرا نتيجا نڪرڻ وارا آهن. هڪڙي دفعي عتبہ کي مڪي جي سردارن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ لاءِ موڪليو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون عتبہ حڪومت، مال ۽ دولت ۽ دنياوي مفاد جي هر ممڪن پيشڪش بيان ڪئي تہ ڪنهن طريقي سان پاڻ ڪريم ان انقلابي مهم کان مڙي وڃن. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جواب ۾ حٰم السجده سورت جون آيتون تلاوت ڪري ٻڌايون. عتبہ ان ملاقات مان جيڪو تاثر کڻي ويو ان ان جي چهري جو رنگ بدلائي ڇڏيو هيو. ان وڃي چيو تہ ان دعوت ۾ تہ هڪڙو "عظيم بنياد" لڪل آهي. يعني اها دعوت هڪڙي وڏي تبديلي جي حامل آهي، ڪوئي انقلاب اچڻ وارو آهي ۽ زندگيءَ جو نقشو هيٺ مٿي ٿي ويندو. انهيءَ ڪري ان انهن کي مشورو ڏنو تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي ان جي حال تي ڇڏي ڏيو. توهان وچ ۾ رڪاوٽ نہ بڻجو جيڪڏهن عربستان وارن ان شخص جو خاتمو ڪري ڇڏيو تہ توهان جي مفت ۾ جان ڇٽي ويندي ۽ جيڪڏهن ان کي غلبو حاصل ٿي ويو تہ "مُلْكُهُ مُلْكُمْ وَعِزُّهُ عِزُّكُمْ وَكُنْتُمْ أَسْعَدَ النَّاسِ" ان جي سلطنت توهان جي سلطنت هوندي، ان جو اقتدار توهان جو اقتدار هوندو ۽ توهان ماڻهن ۾ سڀني کان وڌيڪ معزز ٿي ويندا. چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ عتبہ کي بہ اها حقيقت معلوم ٿي وئي تہ ان دعوت جي پٺيان هڪڙي سلطنت لڪل آهي ۽ ان جو نتيجو اقتدار هوندو تہ پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ انهن جا ساٿي ان انجام کان ڪيئن غافل ٿي سگهيا ٿي. (سيرت ابن هشام: ج 1، ص 314)

هڪڙي موقعي تي جڏهن تشدد جي بَٺي گهڻي گرم هئي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ساٿين پنهنجا ڏک درد بيان ڪيا ۽ دعا جي درخواست ڪئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پهريان تہ انهن کي ٻڌايو تہ دين کي قائم ڪرڻ (اقامت دين) جي جدوجهد جا لڳ ڪيترو ڏکيا هوندا آهن ۽ ماضي ۾ جن جوانن اهو فرض ادا ڪيو انهن کي ڇاڇا پيش آيو. پوءِ وري يقين سان خوشخبري ٻڌائي تہ "خدا جو قسم! الله تعاليٰ هن مهم کي ضرور ان جي تڪميل واري مرحلي تائين پهچائيندو." پوءِ تڪميل واري ان مرحلي جي ڪيفيت بيان ڪئي:

"هڪڙو سوار صنعا کان حضرموت تائين سفر ڪندو ۽ ان کي الله کان سواءِ ڪنهن جو بہ ڊپ ڪونہ هوندو."[1]

يعني هڪڙو اهڙو عدل وارو نظام ۽ رحمت جو دور ڇانئجڻ وارو آهي ۽ اهڙو پرامن ماحول قائم ٿيڻ وارو آهي جو اڄ جتي ڌاڙا ڦرون ٿين ٿا ۽ قتل ٿي رهيا آهن، جتي انسانن کي ڏينهن ڏٺي جو کنيو وڃي ٿو[2] ۽ جتي ڪلم ڪلا عزتون لٽيون وڃن ٿيون، سياڻي اتي مسافر اڪيلي سر ان سرزمين ۾ بنا ڪنهن ڪُتڪي جي سفر ڪندو. ڪنهن کي ان جي جان، ان جي مال ۽ ان جي عزت ڏانهن هٿ وڌائڻ جي جرئت ڪونہ ٿيندي. هڪڙو ٻيرو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ايئن بہ فرمايو تہ جلدي اهو زمانو ايندو تہ مڪي مان بنا محافظ جتي جي قافلو وڃڻ لڳندو. (سيرت النبي: شبلي نعماني ج 2 ص 3)

اهو نصب العين جو ڪيترو واضح ۽ روشن تصور آهي!

هڪڙي دفعي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪعبت الله جي ڪنجي بردار عثمان بن طلحہ کي ڪعبي جو دروازو کولڻ لاءِ چيو تہ ان انڪار ڪري ڇڏيو. ظاهري طور سخت اٽوٽندڙ ۽ مايوسي وارين حالتن ۾ بيهي ان وقت حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ هڪڙو ڏينهن اچڻ وارو آهي جڏهن اها ڪنجي خود اسان جي هٿ ۾ هوندي ۽ اسان جنهن کي گهرنداسين ان جي حوالي ڪنداسين. (المواهب اللدنيہ: قسطلاني ج 1 ص 158)

عقبہ واري جاءِ تي مديني وارن سان جيڪي تاريخي بيعتون واقع ٿيون، انهن جو مطالعو ڪجي تہ صاف معلوم ٿئي ٿو تہ مديني وارن بہ ان سياسي ڇڪتاڻ جي وسعتن کي سمجهي ورتو هيو جيڪا حق جي دعوت جي نتيجي ۾ ظاهر ٿيڻ واري هئي ۽ اڳتي هلي جنهن جو فيصلو لڙائي جي ميدان ۾ ٿيڻ وارو هيو. هڪڙي طرف مديني وارا حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حمايت ۾ مرڻ مارڻ جي حد تائين مقابلو ڪرڻ جو

---

[1] روايت ابي عبدالله خباب بن الارت. (صحيح بخاري). پڻ ڏسو رياض الصالحين، باب الصبر.

[2] قرآن: تَخَافُوْنَ اَنْ يَّتَخَطَّفَكُمُ النَّاسُ "توهان انهيءَ کان ڊڄندا هيا تہ ڪو (ماڻهو اغوا ڪري) ڪٺي نہ وڃي." (سورت الانفال آيت 26) ۽ وَيُتَخَطَّفُ النَّاسُ مِنْ حَوْلِهِمْ "انهن جي اڳيان پٺيان (چوڌاري) ماڻهو اغوا ٿي ويندا هيا." (سورت العنڪبوت آيت 67)

واعدو ڪري رهيا هيا ۽ پنهنجن رئيسن جي هلاڪت ۽ مال جي تباهي کي لبيڪ چئي رهيا هيا. ٻئي طرف حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان واعدو ٿي ورتائون تہ جڏهن الله تعاليٰ توهان کي سوڀ عطا ڪري تہ توهان اسان کي ڇڏي واپس نہ ايندا. لڙائي، قربانيون ۽ سوڀ (غلبو) ـــ ڇا انهن تصورن ۾ اهو نصب العين پڌرو ۽ واضح ڪونهي، جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون هيو.[1]

هجرت جي واٽ تي قدم رکڻ کان اڳ ڪين جيڪا دعا سيکاري وڃي ٿي، ان دعا جو آخري حصو هي آهي تہ وَاجْعَل لِّي مِن لَّدُنكَ سُلْطَانًا نَّصِيرًا ("۽ پنهنجي طرف کان (عطا ڪيل) اقتدار کي منهنجو مددگار بنائي ڇڏ." بني اسرائيل آيت 80) حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي سلطان نصير جي طلب سيکاري وئي آهي. يعني مقدس مقصد ("مشن") جي پنيرائي ڪرڻ جي لاءِ اقتدار ۽ فرمانروائي گهربل هيا.

جناب ابوطالب تي جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حمايت ترڪ ڪرڻ جي لاءِ دٻاءُ وڌو ويو تہ ان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گفتگو ڪئي تہ منهنجي لاءِ مشڪلات پيدا نہ ڪر. ان تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اهو مشهور جواب ڏنو هيو تہ چاهي اهي ماڻهو منهنجي ساڄي هٿ تي سج ۽ کاٻي هٿ تي چنڊ آڻي رکن، تہ بہ مان پنهنجي مقصد ("مشن") کان مڙي ڪونہ ٿو سگهان. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي ڳالهہ هنن لفظن تي ختم ڪئي هئي:

.... ايستائين جو يا تہ الله تعاليٰ انهي مهم ("مشن") کي سوڀارو ڪندو يا مان ان ۾ پنهنجي جان قربان ڪندس. (سيرت ابن هشام: ج 1 ص 278)

.هتي لفظ "ليتمه" نہ پر "ليظهره" استعمال ڪيو هئائون. جنهن ۾ جدوجهد ۽ غلبي جو تصور شامل آهي ۽ اڳيون جملو ٻڌائي ٿو تہ جدوجهد بہ اهڙي آهي جنهن ۾ جان جوکي ۾ وجهڻ وارو معاملو آهي.

مدني دور ۾ عدي بن حاتم حاضر ٿي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شخصيت جو جائزو وٺي ٿو. دعوت جي نوعيت سمجهڻ گهري ٿو. تنقيدي نگاهہ سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي طورطريقن جي جانچ ڪري ٿو ۽ دل ۾ متاثر ٿئي ٿو. ان جي سوچ ويچار جو لحاظ ڪندي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان سان گفتگو ڪندي جتي اهو ٻڌائين ٿا تہ جلدي بابل جا سفيد محلات اسلام جي قبضي ۾ هوندا، هتي جلدي دولت جي ججهائي هوندي ۽ جلدي مسلمانن جي عددي قوت تمام گهڻي ٿي ويندي، اتي ان کي اسلام جي عدل واري نظام جي ان شان کان بہ آگاهہ ڪن ٿا

---

[1] ڏسو سيرت ابن هشام: ج 2 ص 50 ۽ 51. اها ڳالهہ ابوالهيثم بن التيهان هيئن چئي هئي تہ اي الله جا رسول (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) اسان جا يهودين سان تعلقات آهن. اهي اسان کي ٽوڙڻا پوندا. پوءِ جيڪڏهن اسان ائين ڪيون ۽ الله توهان کي غلبو عطا ڪري تہ ائين تہ ڪونہ ٿيندو تہ توهان اسان کي ڇڏي پنهنجي قوم (مڪي وارن) ڏانهن موٽي وڃو. وڌيڪ لاءِ ڏسو: زادالمعاد ج 1 ص 50.

نہ تون جلدي ڏسندين تہ هڪڙي عورت قادسيہ کان هن مسجد تائين اچڻ لاءِ اڪيلي سر اُٺ تي سوار ٿي نڪتي ۽ خير عافيت سان پهچي وئي.

ظاهري طور سُڃائي ۽ محتاجي واري حالت ۾ هجرت جو سفر ڪندي جيڪا نگاهہ سراقہ جي هٿن ۾ ڪسري جا ڪنگڻ ڏسي وئي ٿي، اهو ڪيئن ٿا چئو تہ ان کي پنهنجي دعوت جي انجام ۽ پنهنجي تهذيبي نصب العين جي خبر ڪونہ هئي! اهو ڪيئن ٿا سوچيو تہ اسلامي رياست بطور مقصد نظر سامهون ڪونہ هئي. ان جي لاءِ تياريون ڪونہ ڪيون ويون، ان جي لاءِ جدوجهد عمل ۾ ڪونہ آئي ۽ اها اوچتو انعام طور حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي جماعت حوالي ڪئي وئي. چئي سگهو ٿا تہ صرف اهو چئي سگهو ٿا تہ حڪومت رڳو براءِ حڪومت مطلوب ڪونہ هئي. چئي سگهو ٿا تہ حڪومت ذاتي اقتدار ۽ دنياوي فائدن جي حصول لاءِ مطلوب ڪونہ هئي. مگر اهو ڪيئن ٿو چئي سگهجي تہ دين جي قيام (اقامت دين) جي لاءِ، عدل جي قيام جي لاءِ، انسانذات جي ڇوٽڪاري جي لاءِ، معاشري جي تعمير جي لاءِ بہ حڪومت مطلوب ڪونہ هئي!

درحقيقت حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نظر سامهون جتي اعتقادي ۽ اخلاقي انقلاب هيو، اتي پوري اهميت سان سياسي انقلاب بہ هيو. جتي فرد جي اصلاح مطلوب هئي، اتي شهري نظام جي درستگي جو مقصد بہ هيو. ٻين لفظن ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انسان کي هڪڙي اجتماعي وجود جي حيثيت ۾ سامهون رکيو ۽ ان جو سڌارو (اصلاح) ان جي مڙني تهذيبي رابطن سميت ڪرڻ گهريو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انسان کي گڏيل زندگي کان الڳ فرد جي حيثيت ۾ ڪونہ ڏٺو ۽ پنهنجي دعوت کي ان جي نجي زندگي تائين محدود ڪونہ رکيو. انهي حقيقت کي نظر سامهون رکو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نصب العين جي پوري وسعت کي ذهن ۾ ويهاريو تہ پوءِ سيرت جي واقعن ۾ پورو تسلسل ڏسڻ ۾ ايندو ۽ هر واقعي، قدمن ۽ تدبير جي وضاحت ٿيندي ويندي ٻي صورت ۾ نہ تہ سيرت پاڪ جا اسرار کلن ٿا ۽ نہ قرآن شريف جا نڪتا واضح ٿين ٿا.

## هڪڙو دين ـــــــ هڪڙي تحريڪ!!

فلسفي جو دائرو هميشہ فڪر جو دائرو آهي. فلاسافر کي عملي زندگي ۽ تاريخ جي لاهن چاڙهن سان سڌو سنئون واسطو ڪونهي هوندو. اهو واقعن ۽ احوال جا نتيجا تہ ڪيندو آهي، ليڪن واقعن ۽ احوال جو رخ بدلائڻ لاءِ ڪنهن عملي جدوجهد ۾ حصو ڪونهي وٺندو. مذهب (مروجہ محدود معنيٰ ۾) ڪجهہ اڳتي وڌي ٿو اهو ڪجهہ اعتقاد ڏيڻ سان گڏ فرد کي شهري زندگي کان الڳ ڪري، ان کي هڪڙي اخلاقي تعليم بہ ڏئي ٿو. ليڪن مذهب جو رستو اجتماعي نظام کان ٻاهر ٻاهر تي گذري ٿو ۽ اهو نہ سياسي هيئت سان ڪو مقصد رکي ٿو نہ معاشري جي ڍنگ ۾ ڪائي جامع تبديلي گهري ٿو ۽ نہ وقت جي قيادت کي للڪار ("چيلنج") ڪري ٿو. مذهب جي دعوت هميشہ واعظ جي

نموني تي هوندي آهي. واعظ ڪندڙ نرم ۽ مٺڙي انداز ۾ ڪجھ نصيحتون ڪيون ۽ پنهنجو رستو ورتو. ان کي نہ انهي ڳالھ جو فڪر تہ ان جن کي خطاب ڪيو اهي حالتن جي ڪهڙي چار ۾ ڦاٿل آهن، نہ ان ڳالھ جي پرواھ تہ ڪهڙا طبقا ۽ عنصر ڪهڙن قدمن ۽ سرگرمين سان ماڻهن جي ذهن ۽ ڪردار کي ڪهڙي پاسي وٺي وڃي رهيا آهن، نہ ان طرف توجھ تہ روزمره جي حالتن ۽ واقعن جو ھڪرو ڪهڙو اثر ڇڏي رهيو آهي، نہ ان ڳالھ جو ڌيان تہ منهنجي واعظ جي حق ۾ ۽ ان جي خلاف ڪهڙا ڪهڙا فڪر ۽ نظريا ڪهڙي ڪهڙي طرف ڪان ڪيترو اثر وجهي رهيا آهن، نہ انهي ڳالھ جو خيال تہ منهنجي مذهبي سانچي ۾ ڍلڻ وارا متقي ترين انسان ڪهڙي شهري زندگيءَ جي نظام جا پرزا بڻيل آهن. ڪوئي اجتماعي نصب العين ڪونهي هوندو. تبديلي جو ڪوئي منصوبو ڪونهي هوندو. ڪنهن سياسي ۽ قائداڻي بصيرت جي ضرورت ڪونهي هوندي زندگي جي هڪڙي ننڍڙي خاني ۾ جزوي نيڪي پيدا ڪرڻ جي لاءِ جيڪو ڪجھ سمجھ ۾ آيو ڪري ڇڏيو ۽ باقي وسيع دائري ۾ بڇڙائي (بدي) اطمينان سان پنهنجو جهنڊو لهرائيندي رهي. ڪنهن الله واري کي ان سان ڪهڙو مطلب!

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم نہ تہ هڪڙا فلاسافر هيا تہ رڳو ڪجھ اوچا ۽ گهرا خيال ڏئي ڇڏين ها ۽ واقعاتي احوال سان مقصد نہ رکن ها. نہ وري ڪي واعظ ڪندڙ هيا جو اجتماعي فساد ڪان اکيون بند ڪري رڳو فرد کي مخاطب ٿين ها ۽ ٿڌا ۽ مِٺا واعظ ٻڌائين ها ۽ نتيجن تي مورڳو سوچين ئي نہ ها. انسانذات جي ان محسن پوري شهري زندگيءَ جي شعور سان گڏ انساني حياتي جي ڪامل تبديلي کي نظر سامهون رکيو. انهن قوتن ۽ عنصرن کي سڃاتو جيڪي نظامِ حيات تي حاوي هيا. ان قيادت کي نظر ۾ رکيو جيڪا جاهلي تهذيب جي گاڏي کي هلائي رهي هئي. ان کي دليلن سان گڏ دعوت بہ ڏني، ان تي تنقيد بہ ڪئي ۽ ان کي للڪار ("چيلنج") بہ ڪئي. تاريخ جي وهڪري تي نظر رکي، حالتن ۽ واقعن جي هڪڙي هڪڙي رخ تي توجھ ڏنو. هر واقعي کي قائداڻي صلاحيت ۽ سياسي شعور سان ڏٺو تہ اهو ڪهڙي رخ ڪان سڌاري (اصلاح) جي مهم جي لاءِ فائدي وارو ٿئي ٿو ۽ ڪهڙي رخ ڪان مخالفت ۾ وڃي ٿو. معاشري جي سيني عنصرن ڏانهن توجھ ڏنو تہ دعوت جي لاءِ ڪهڙي موقعي تي ڪنهن مان ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي. پنهنجي قوت ۽ رفتار کي مخالفن جي قوت ۽ رفتار سان مقابلي واري ڌيان ۾ رکيو. هر قدم جي لاءِ صبر سان صحيح ترين وقت جو انتظار ڪيو ۽ مخالفن جي هر پرچار جو مقابلو ڪري انهن جي اثرن کي ٽوڙيو. شعر ۽ خطابت جا مخالفاڻا محاذ قائم ٿيا تہ ان جي جواب ۾ پنهنجن شاعرن ۽ خطيبن کي بيهاريائون. پنهنجن اصولن جي سخت پابندي ڪئي، مگر اکيون بند ڪري نہ بلڪ احوال ۽ ظرف کي ڏنو وقت جي مصلحتن کي سمجهيو ۽ حڪمت وارو نقطہ نگاھ اختيار ڪيو. جتي قدم اڳتي وڌائڻ جو موقعو مليو اڳتي وڌايو. جڏهن اڳتي وڌڻ موزون نہ سمجهيائون تہ

قدم روڪي ڇڏيائون. بہ مصيبتون سامهون اچي ويون تہ هڪڙي ڪان بچي پي جو مقابلو ڪيو. جنگي ڪارروائي جي ضرورت پئي تہ دير ڪونہ ڪيائون. وري ڪمال اهو تہ ان سموري جدوجهد ۾ خدا پرستي جي روح ۽ اخلاقي قدرن (اقدار) جو نہ صرف تحفظ ڪيو بلڪ انهن کي مسلسل ترقي وٺرائي. ڪم جي ان پوري نقشي ۽ ان پوري طريقيڪار کي جيڪڏهن قرآن ۽ سيرت پاڪ جي ورقن مان ڪڍي سامهون رکجي تہ چٽيءَ طرح اهو فرق معلوم ٿي ويندو جيڪو مذهب ۽ دين ۾، واعظ ۽ انقلابي دعوت ۾، ۽ انفرادي تزڪيي ۽ تمدني تحريڪ ۾ هوندو آهي.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جيئن تہ هڪڙي مڪمل دين کي قائم ڪرڻ لاءِ تحريڪ برپا ڪئي هئي، انهيءَ ڪري پاڻ سڀني انسانن هڪ هڪ ڪري سٺي طبيعت وارن ماڻهن کي ڳوليو. پوءِ جنهن جي بہ دل ۾ حق جي ڪلمي جي شمع روشن ٿي وئي ان کي هڪڙي تنظيم ۾ جَڙي ڇڏيو. ان جي تربيت ڪئي، ان کي پاڻ سان گڏ تڪليفن جي بَٺِي ۾ وڌو ۽ پوءِ جنهن مرحلي ۾ جيتري منظم قوت حاصل هئي، ان کي پنهنجي قيادت ۾ جاهلاڻي نظام جي خلاف مقابلي ۾ لاٿو. فڪري ميدان ۾ بہ سياسي ميدان ۾ بہ ـــ ۽ آخرڪار جنگ جي ميدان ۾ بہ!

جيڪي ماڻهو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي چوڌاري گڏ ٿيا پاڻ سڀني انهن کي صوفي ۽ درويش ڪونہ بڻايو راهبن ۽ جوڳين جي هلت تي ڪونہ هلايو انهن کي بِدِي کان پڇڻ ۽ غالب قوتن کان ڊپ ڪرڻ، ۽ دولت ۽ اقتدار کان رعب ۾ اچي وڃڻ واري ذهنيت ڪونہ ڏني. اهي ماڻهو سادا، اهوجهہ ۽ معذوري واري شان جون ڊِڇِيون پليون ڪونہ هيا. اهي بهادر ۽ بي ڊپا، باشعور ۽ بصيرت وارا، خوددار ۽ غيرتمند، ذهين ۽ هوشيار، فعال ۽ متحرڪ، اڳتي وڌندڙ ۽ تکي وک کڻندڙ هيا. اهي پادرين ۽ سادوئن وارا انداز ڪونہ رکندا هيا، بلڪ ڪارائتا بڻجڻ جي صلاحيتن سان نوازيل هيا.

بهترين فطرت وارا ماڻهو بهترين تربيت وٺي، بهترين تنظيمي رشتي ۾ ٻڌجي ۽ بهترين قيادت جي هٿن ۾ وڃي هڪڙي ناقابل شڪست طاقت بڻجي ويا. اهوئي سبب آهي تہ انهن ماڻهن هڪڙي ننڍڙي جماعت هجڻ جي باوجود سموري عربستان جي عظيم ترين اڪثريت کي پنهنجي پاڇي ۾ وٺي ڇڏيو. جڏهن مڪي ۾ مسلمان جماعت جو تعداد چاليهہ هيو تہ مڪي ۽ ان جي پرپاسي وارين آبادين ۾ ان تعداد هڪڙي همہ وقتي اٿل پٿل پيدا ڪري ڇڏي ۽ پوءِ سالن تائين گهرگهر ۽ گهٽي گهٽي ۾ جيڪڏهن ڪو گفتگو جو موضوع هيو تہ اها حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اسلام واري دعوت هئي. مديني ۾ پهچڻ کان پوءِ اچا اسلامي تحريڪ جي علمبردارن جو تعداد ڪجهہ سَوَن کان وڌيڪ ڪونہ هيو تہ غيرمسلم اڪثريت جي برخلاف اسلامي رياست جو بنياد وڌو ويو.

حضرت محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي جماعت جو طور طريقو اهو ڪونہ هيو تہ پهريان سمورو عربي معاشرو اسلام قبول ڪري يا ان جي اڪثريت جي اصلاح ٿي وڃي تہ پوءِ وڃي اجتماعي نظام جو بنياد رکجي، نہ وري اهو نقطہ نظر هيو تہ بس دعوت ڏيندا وڃو خيالن ۽ اعتقادن جي اصلاح ڪندا وڃو آخرڪار هڪڙو صالح نظام خودبخود برپا ٿي ويندو يا انعام طور الله تعاليٰ حق کي غلبو عطا ڪري ڇڏيندو. بلڪ اتي تاريخ جي اها حقيقت سامهون هئي تہ عوام جي وڏي اڪثريت ننڊ واري حالت ۾ پئي هوندي آهي، ۽ معاشري جو هڪڙو ننڍڙو ٽولو فعال هوندو آهي، جنهن مان هڪڙو حصو اصلاح يا انقلاب جو علمبردار ٿيندو آهي ۽ هڪڙو حصو مزاحمت ڪندو آهي. اصل راند ان فعال ٽولي جي ٻنهي صفن جي وچ ۾ هوندي آهي ۽ جڏهن ان جو فيصلو ٿي ويندو آهي تہ پوءِ عوام خودبخود حرڪت ۾ اچي ويندي آهي. هتي اهو شعور پوري طرح ڪم ڪري رهيو هيو تہ عوام جي رستي ۾ جيستائين هڪڙي فاسد قيادت حائل رهندي آهي، اهي نہ ڪنهن دعوت کي وڏي پيماني تي قبول ڪري سگهندا آهن. نہ پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ تبديلي آڻي سگهندا آهن. خود دعوت تي لبيڪ چوڻ وارن جي لاءِ اهو ممڪن ڪونهي هوندو تہ اهي فاسد قيادت جي قائم ڪيل گندي ماحول ۾ پنهنجي زندگي کي ڪمال جي حد تائين سنواري سگهن. بلڪ التو جيڪڏهن تبديلي برپا ٿيڻ ۾ تمام گهڻي دير ٿي وڃي تہ اڪثر ڪري ان حالت کي برقرار رکڻ بہ ڏکيو معاملو ٿي ويندو آهي، جنهن تي حق جي دعوت ڏيڻ وارا وڏي محنت سان پهچندا آهن. ڇوتہ مخالف حالتون پوئتي ڌڪڻ جي لاءِ پنهنجو پورو زور لڳائي رهيون هونديون آهن. پوءِ ڪنهن اجتماعي تحريڪ جي لاءِ عملي واٽ اها هوندي آهي تہ اها معاشري جي فعال ٽولي مان سٺي طبيعت وارن ماڻهن کي چونڊي، جيتري وڌ کان وڌ طاقت گڏ ڪري سگهي، ان کي جدوجهد ۾ وجهي مقابلو ڪرڻ واري قيادت جي محاذ کي ٽوڙي. تاريخ شاهد آهي تہ سمورا انقلاب فعال اقليتن جي هٿان واقع ٿيا آهن. معاشري جي فعال عنصر منجهان تعمير ۽ اصلاح جي دعوت جيئن تہ نسبتن سٺي طبيعت وارن ماڻهن کي ڪشش ڪندي آهي، انهن ۾ هڪڙو مثبت جذبو پيدا ڪندي آهي، ۽ انهن جي تربيت ڪري انهن جي اخلاقي قوت کي وڌائي ڇڏيندي آهي، انهيءَ ڪري مقابلي ۾ اچڻ وارو طبقو اثر ۽ اقتدار مال ۽ مرتبو ۽ ڪنهن حد تائين عددي اڪثريت رکڻ جي باوجود مقابلي ۾ نقصان کائيندو آهي. بدر واري لڙائي جو مقابلو ان جو هڪڙو پڌرو ثبوت آهي. پوءِ جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي چوڌاري عربي معاشري جي فعال عنصر منجهان سٺي طبيعت وارن ماڻهن جو ايترو تعداد گڏ ٿي ويو جو اهي اخلاقي قوت سان سرشار ٿي جاهلاڻي قيادت ۽ ان جي حامين جو مقابلو ڪري سگهن تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي سياسي نصب العين ڏانهن ڪوئي ضروري قدم کڻڻ ۾ تر جيتري بہ دير ڪونہ ڪئي.

مڪي جي فتح جو اصل مفهوم اهوئي آهي تہ ان موقعي تي جاهلاڻي قيادت جو مڪمل خاتمو ٿي ويو ۽ ان رڪاوٽ جي هٽڻ سان ئي عوام صديون پراڻي قيد مان آزاد ٿي حق جي دعوت کي لبيڪ چوڻ جي لاءِ خودبخود اڳتي وڌڻ لڳا.

تاريخ ۾ ڪو هڪڙو بہ اهڙو مثال موجود ڪونهي جو فاسد قيادت جي ڇانوَ ۾ ڪوئي فلاحي نظام پلجي سگهيو هجي ۽ بغير سياسي ڇڪتاڻ جي رڳو واعظ ۽ تبليغ ڪرڻ ۽ انفرادي اصلاح جي ڪم سان اجتماعي انقلاب اچي ويو هجي. ورنہ گذريل تيرهن صدين ۾ خلافت راشده کان پوءِ واعظ ۽ ارشاد، تبليغ ۽ ذڪر، تعليم ۽ تزڪيي جي عنوان سان مسجدن، مدرسن ۽ خانقاهن جي ادارن معرفت عظيم الشان ڪوششون عمل ۾ اينديون رهيون آهن، ۽ اڄ بہ عالم سڳورا ۽ صوفي حضرات، درس ڏيڻ وارا صاحب ۽ تصنيفون پيش ڪرڻ وارا اڪابر زبان ۽ قلم سان جيترو ڪم ڪري رهيا آهن، ان جي وسعت حيران ڪندڙ آهي. ليڪن ان جي باوجود نہ ان گهربل حد تائين ماڻهن جو تزڪيو ٿي سگهيو آهي ۽ نہ ڪڏهن ماڻهن جي ايتري اصلاح ٿي سگهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اجتماعي نظام تبديل ٿي وڃي ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو انقلاب ٻيهر ظاهر ٿي سگهي. صاف ظاهر آهي تہ طرزِ فڪر، ڪم ڪرڻ جي ڍنگ ۽ انقلابي نظريي ۾ ڪو وڏو جهول آهي، اهو جهول اهوئي آهي تہ قيادت جي تبديلي جي لاءِ سياسي جدوجهد ڪرڻ کان سواءِ ماڻهن کي شهري زندگيءَ جي نظام کان الڳ رکي دعوت جو مخاطب بڻايو ويندو رهيو آهي.

ماڻهو جڏهن اهو چوندا آهن تہ دين جو قيام ۽ اسلامي نظام جو برپا ٿي وڃڻ تہ اصل مقصد ڪونہ هيو ۽ اهو بس الله تعاليٰ طرفان انعام طور هڪدم وچ ۾ اچي ظاهر ٿيو تہ اهي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪارنامي ۽ پاڻ سڳورن جي جدوجهد جي سخت ناقدري ڪندا آهن ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قائداڻي بصيرت ۽ سياسي عظمت تي ڏنڊ وجهي ڇڏين ٿا. ڪجهہ غور ڪيو تہ ان هستي ڪيتري جستجو ڪري مديني جي مختلف برادرين کي ڪجهہ مهينن جي اندر اندر دستوري معاهدي هيٺ گڏ ڪيو. ڪهڙي سخت محنت سان پرپاسي وارن قبيلن سان دوستاڻا تعلقات قائم ڪيا. ڪهڙي مهارت سان آگرين تي ڳڻڻ جيترن مسلمانن جي سهاري تي هڪڙو مضبوط فوجي نظام ۽ رات جي حفاظتي گشت جو سلسلو قائم ڪيو. ڪهڙي ڪوشش سان قريشن جي واپاري رستي جي ناڪہ بندي ڪئي. ڪهڙي عزم سان قريشن جي قاتلن جو مقابلو ڪيو. ڪهڙي هوشياري سان يهودين ۽ منافقن جي سازشن جو توڙ ڪيو. ڪهڙي مهارت سان حديبيہ وارو معاهدو ڪيو. ڪهڙي همت سان يهودين جي فتني وارن مرڪزن جو خاتمو ڪيو. ڪهڙي ذهني سجاڳي سان بيشمار شرپسند قبيلن جي علائقائي سورشن کي دٻايو. ان سموري ڪم ۾ قائداڻي بصيرت،

سياسي مهارت ۽ مضبوط حڪمت عملي جا جيڪي حيرتناڪ ثبوت پکڙيل آهن، انهن کان ماڻهو ڪهڙي طرح اک ٻوٽ ڪري ڇڏين ٿا. اهو چوڻ ته اهو سڀ ڪجهه الله تعاليٰ جو انعام هيو بلڪل ٺيڪ آهي، ليڪن ان معنيٰ ۾ ته هر ڀلائي الله جو عطيو ۽ انعام هوندي آهي. تاهم انسانن کي ڪوئي انعام تڏهن ملندو آهي جڏهن اهي ان جي لاءِ عقل ۽ بصيرت سان ضروري محنت ڪري ڏيکارين. دين جي قيام کي الله تعاليٰ جو انعام چئي جيڪڏهن ڪو ماڻهو الله جي رسول صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي جدوجهد، پاڻ ارپڻ، حڪمت و بصيرت ۽ سياسي شعور جو انڪار ڪرڻ گهري ٿو ته اهو وڏو ظلم ڪري ٿو.

بدقسمتي سان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ڪارنامي جو سياسي پهلو ايترو اوجهل ٿي ويو آهي جو اڄ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي دعوت ۽ نصب العين جو صحيح تصور ڪرڻ مشڪل ٿي ويو آهي. ان پهلو کي جيستائين پوري سيرت ۾ نظر سامهون نه رکيو وڃي ته اهو فرق سمجهه ۾ اچي ئي نٿو سگهي، جيڪو محدود مذهبيت ۽ دين جي وسيع تصور جي وچ ۾ آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پورو دين کڻي آيا هيا. حق جي بنيادن تي سموري زندگيءَ جو نظام قائم ڪرڻ آيا هيا. الله تعاليٰ جي قانونن کي عملي طرح جاري ڪرڻ آيا هيا. انهيءَ ڪري اسان کي اهو شعور هجڻ گهرجي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جامع ۽ وسيع معنيٰ ۾ تمدني اصلاح ۽ انساني لڏي جي تعميرنو جي تحريڪ هلائڻ آيا هيا ۽ ان تحريڪ کي هلائڻ جي لاءِ بهترين قائداڻي بصيرت ۽ اعليٰ درجي جي سياسي شعور سان پاڻ سڳورن جي هستي مالامال هئي. جيئن ڪنهن ٻئي رخ ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جو ڪوئي همسر نٿو ٿي سگهي، ايئن سياسي قيادت واري شان ۾ به پاڻ سڳورن جو ڪوئي همسر ڪونهي. جيئن پاڻ سڳورا زندگي جي هر معاملي ۾ اسوه ۽ نمونو آهن، ائين سياسي جدوجهد جي لاءِ به پاڻ سڳورن جي ئي ذات هميشه جي لاءِ اسوه ۽ نمونو آهي.

حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جو ڪارنامو اهو آهي ته پاڻ سڳورن نيڪيءَ جي دعوت ڏني. نيڪي جي غلبي لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ هڪڙو مڪمل نظام قائم ڪري ڇڏيو. اهو ڪم مذهب جي محدود تصور جي دائري ۾ سمائجي نٿو سگهي. اهو دين هيو اها تحريڪ هئي!!

## زندگيءَ جي هم آهنگي:

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي مقدس تحريڪ انقلاب آڻي جيڪو زندگيءَ جو نظام قائم ڪيو ان جو امتيازي شان اهو هيو ته بنيادي ڪلمي جو روح زندگيءَ جي مڙني شعبن ۾ جذب ٿيل هيو. پوري تمدن ۾ هم آهنگي هئي. سيئي ادارا هڪ رنگ هيا. جنهن الله جي عبادت مسجد جي چارديواري ۾ ٿيندي هئي، ان جي

ئي اطاعت پوک ۾ بازار ۾ بہ ٿيندي هئي. جيڪو قرآن نماز ۾ پڙهيو ويندو هيو ان ئي قرآن جي قانون جي ذريعي عدالت ۾ معاملن جا فيصلا ٿيندا هيا. جيڪي اخلاقي اصول گهرن جي محدود فضا ۾ ڪار فرما هيا. اهي ئي بين الاقوامي لاڳاپي جي دائري ۾ بہ چانيل هيا. جن سچاين جي تعليم منبر تان ڏني ويندي هئي، انهن ئي سچاين تي حڪومت جو انتظام هلندو هيو. جيڪي اعتقاد ماڻهن جي ذهن ۾ ويهاريا ويندا هيا. اهي ئي اعتقاد اجتماعي ماحول تي بہ غالب هيا. جيڪو طرز فڪر تعليمي نظام ۾ ڪم ڪندو هيو ان جي مطابق پوري ثقافت تشڪيل پائي رهي هئي. جيڪا الله جي رضا نماز ۽ روزي ۾ مطلوب هئي، اها ئي لڙائي جي ميدان ۾ تير ڪائيندي ۽ تلوار هلائيندي بہ مطلوب هئي.

اهو هڪڙو اهڙو نظام هيو جنهن ۾ پوري انساني زندگي هڪڙي ئي خدائي ضابطہ هدايت جي هيٺ هئي. مختلف دائرن ۾ مختلف قدر (اقدار) ۽ ضابطا ڪونہ هلندا هيا. ان نظام ۾ تضاد ڪونہ هيا. ان جا جزا پاڻ ۾ ٽڪرائڻ وارا ڪونہ هيا. ان جي مختلف عنصرن ۾ مونجهارو ڪونہ هيو. ان ۾ ڪنهن ڳنڍ ٽوپي وارو ڪم ڪونہ ڪيو ويو هيو ۽ ان کي معجون وانگر مرڪب ڪونہ بڻايو ويو هيو. اهو ئي سبب آهي تہ ان جي اندر انسان جنهن رفتار سان ترقي ڪئي، ان جو تاريخ ۾ ڪو بيو مثال ڪونہ ٿو ملي.

## انقلاب جو روح:

انساني لڏي جي شايد سڀ کان وڏي بدنصيبي اها رهي آهي تہ تاريخ ۾ جنهن کي بہ تلوار جي زور سان، سازش جي ذريعي، جمهوري انتخاب جي رستي سان يا ڪنهن اتفاقي حادثي ڪري طاقتور ٿيڻ جو موقعو مليو آهي ـــ ان کي پنهنجي متعلق گمان ٿي ويو تہ اهو انسانذات جو معلم ۽ زندگيءَ جو سڌارڪ (مصلح) بہ آهي. اهڙن سڌارڪن (مصلحين) ۽ معلمن جي هٿن ۾ جڏهن اقتدار جي لٺ اچي ويندي آهي تہ اهي عقل ڪل بڻجي ويندا آهن. اهي پنهنجو پاڻ کي بهترين مفڪر سمجهڻ لڳندا آهن. اهي علم جي هر سرچشمي کان بي نياز ٿي ۽ معاشري جي بهترين، هوشيار ۽ حساس ماڻهن کي ڪنڌاٺتو ڪري انڌا ڏنڌ عجيب و غريب قدم کڻڻ لڳندا آهن. جن مان هر قدم هڪڙو خوفناڪ حادثو ثابت ٿيندو آهي. اهي تشدد جي هٿيارن سان انسان کي انسان بڻائڻ گهرندا آهن ۽ زندگيءَ جي پُٺي تي ڪوڙا وسائي ان کي سڌارڻ (اصلاح ڪرڻ) گهرندا آهن. اڪثر ڪري اصلاح ۽ انقلاب جي اهڙن دعويدارن کي مورڳو انسان جي فطرت جي خبر ئي ڪونہ هوندي آهي. انهن کي زندگي جي سڌرڻ ۽ بگڙڻ جي سببن جي بنيادي ڄاڻ بہ ڪونہ هوندي آهي. انهن ڪڏهن اها ڪوشش ئي ڪونہ ڪئي هوندي آهي تہ انسان کي انسانيت سيکارڻ جا صحيح طريقا ڪهڙا آهن ۽ بگاڙ جو بڻ بنياد ڪٿي لڪل آهي، ۽ ان جي سڌاري جي شروعات ڪٿان ٿيندي ۽ ان جي تڪميل

ڪٿي وڃي ٿئي ٿي. اهي اڳين تجربن مان فائدو حاصل ڪرڻ کان سواءِ پنهنجو تجربو الف، ب کان شروع ڪندا آهن. اهي مشوري ۽ تنقيد جا دروازا بند ڪري ڇڏيندا آهن ته جيئن انهن جو ڪوئي گهڻ گُهرو ۽ انسانذات جو ڪوئي چاهيندڙ انهن جي مُهلڪ تجربي جي تڪميل ۾ رڪاوٽ وجهي نه سگهي. انهن وٽ هر بيماري جي هڪڙي ئي دوا هوندي آهي، ڏاڍ ۽ تشدد! سخت قانون ٺاهڻ، نت نوان ۽ تلخ احڪام جاري ڪرڻ، عوام الناس جي ڇوڏاري رڪاوٽون بيهاري ڇڏڻ ۽ پوءِ انهن جي خاطر مدارت وري وري پنهنجي غيض و غضب جي ڇهبڪ سان ڪندو رهڻ.

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جيڪو انقلاب برپا ڪيو ان جو روح تشدد وارو روح ڪونه هيو. محبت ۽ خيرخواهي وارو روح هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم انساني لڏي لاءِ حد کان وڌيڪ رحمدل هيا ۽ آدم عليه السلام جي اولاد (ابناء آدم) سان پاڻ سڳورن کي سچو پيار هيو. پنهنجي دعوت جي نوعيت کي پاڻ سڳورن مثال ڏئي سمجهايو ته توهان پتنگن وانگر باهه جي گولي ڏانهن ڊوڙو ٿا ۽ مان توهان کي ٻانهن کان پڪڙي بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.[1] قرآن شريف انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن کي رحمت جو پيغامبر قرار ڏنو. ٿورو ان حقيقت تي غور ڪيو ته اها هستي ايڏو عظيم انقلاب آڻي ٿي، مگر تشدد کان ڪم وٺڻ جو هڪڙو مثال به ڪونه ٿو ملي. مدينو حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ڏهه سالا زندگيءَ ۾ سنگين درجي جي نازڪ حالت ("امرجنسي") هيٺ رهيو آهي. هر گهڙي حملي جو خطرو رهندو هيو. قريشن ٿي پيرا وڏا وڏا حملا ڪيا، ننڍين جهڙپن ۽ سرحدي دنگن فسادن جا واقعا ڏينهون ڏينهن ٿيندا رهندا هيا. مختلف قبيلا مديني تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ ڪڏهن هڪڙي پاسي کان ڳر ڪڻندا هيا ته ڪڏهن ٻئي پاسي کان. وري وري رات جو فوجي گشت ڪرڻ ۽ فتنن کي ختم ڪرڻ لاءِ مديني مان فوجي دستا روانا ڪيا ويندا هيا. رات جو فوجي پهرو لڳايو ويندو هيو. غرض ته هڪڙي جنگي ڪئمپ جهڙي زندگي هئي. ان کان وڌيڪ يهودين ۽ منافقن جون سازشون هيون ـــ لڙائي جون سازشون، اسلامي معاشري کي ڊانوان ڊول ڪرڻ ۽ مختلف برادرين کي ويڙهائڻ جون سازشون، حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي قيادت کي ناڪام ڪرڻ جون سازشون، ۽ وري ان زندگي بخشيندڙ هستي کي قتل ڪرڻ جون سازشون. نازڪ حالت ("امرجنسي") جو ان کان وڌيڪ ڀيو ڪهڙو عالم ٿي سگهي ٿو. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پنهنجي لاءِ ڪڏهن به، نه ته خودمختياري وارو اختيار حاصل ڪيو نه ئي ڪو هنگامي فرمان ("آرڊيننس") جاري ڪيو نه ئي ڪو جابراڻو قانون ("ائڪٽ") نافذ ڪيو نه وري ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ کي به نظربند ڪيو. نه ڪا هنگامي عدالت قائم ڪيائون، نه ڪوڙا وسائي ماڻهن جي کل اديڙي، نه ڏنڊ ۽ تاوان وڌائون، نه

[1] رياض الصالحين: باب سورهون، روايت حضرت جابر رضه.

ڪنهن شهري تي خدائي قانون کان هٽي ڪري ڪو بار وڌو نہ وري اختلاف ۾ تنقيد جي حق کي ڪسيائون. نہ ڪنهن جي زبان بندي ڪيائون ۽ نہ ڪنهن تي پابندي وڌائون. ايستائين جو عبدالله بن ابي جهڙي فتنو پيدا ڪندڙ ماڻهوءَ کي بہ روڪ ٽوڪ ڪونہ ڪيائون. سمورو دارومدار پنهنجي دعوت جي سچائي ۽ پنهنجي ڪردار جي پاڪيزگي تي رکيائون. ڪڏهن ڪنهن تي دهڙدئونس ڪونہ ڪيائون. ڪڏهن بہ آڪڙ ڪونہ ڏيکاريائون. ڪڏهن بہ ڪنهن جي انسانيت کان نفرت ڪونہ ڪيائون. ڪڏهن بہ غرور کان ڪم ڪونہ ورتائون. بلڪ ٻين جي هٺ کي — جيڪي حقيقت ۾ ڪمزور ۽ بيوس هيا — صبرسان برداشت ڪيائون. اهو ئي سبب هيو تہ دشمنن جون دليون نرم ٿي ويندڙيون هيون. اچڻ وارا پنهنجين اکين ۽ دلين کي وڃائي ڇڏيندا هيا. مخالفت ڪرڻ وارا پنهنجو پاڻ کي ذليل ۽ ڪمزور محسوس ڪندا هيا ۽ پوءِ جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي صداقت ۽ شرافت جي آڏو ڪنڌ نوائي ڇڏيندا هيا تہ انهن ۾ اهڙي تبديلي اچي ويندي هئي جڻ ڪايا پلٽجي وئي هجي.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دل ۾ جيڪا الله جي محبت گهر ڪيل هئي، ان جو ٻيو روپ اهو هيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انسانذات سان گوڙهي محبت ڪندا هيا. ان انساني محبت جو جيڪڏهن اسان اندازو ڪرڻ گهرون جيڪا محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دل ۾ موجون هڻي رهي هئي، تہ اسان هن واقعي مان ڪري سگهون ٿا تہ اهوئي مڪو جنهن جا رهواسي جنگي تلوار کڻيون پاڻ سڳورن جي مقابلي ۾ بيٺا هيا. انهن تي ڏڪار جو وقت اچي ٿو تہ پاڻ سڳورا انهن ڏانهن اناج موڪلين ٿا ۽ ان شهر جي غريبن جي مدد لاءِ پنج سَوَ اشرفيون بہ موڪلين ٿا. پاڻ سڳورن جي انساني محبت جو اندازو اسان هن واقعي مان بہ ڪري سگهون ٿا تہ بدر واري لڙائي ۾ قيد ٿيل ماڻهن جون چنگهون سندن ڪنن مبارڪن تائين پهتيون تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ننڊ ڦٽي وئي ۽ پاڻ سڳورا ان وقت تائين آرام سان سمهي ڪونہ سگهيا. جيستائين انهن جا رسا ڍرا ڪرائي انهن کي آرام نہ پهچايائون. پاڻ سڳورن جي انساني محبت جو اندازو ان مان بہ ٿي سگهي ٿو تہ بنوهوازن جا ڇهہ هزار قيدي هڪڙي درخواست تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اشاري سان آزاد ڪيا وڃن ٿا. اڃا جيڪڏهن پاڻ سڳورن جي انساني محبت جو اندازو ڪرڻو هجي تہ مڪي جي فتح جي موقعي تي ان جو عظيم الشان مظاهرو ڏسو. انسانذات جا محسن صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مڪي ۾ مڪمل فاتحاڻي شان سان داخل ٿين ٿا ۽ انهن جي خلاف ويهن سالن تائين وڙهڻ وارا دشمن سندن سامهون بيوس ٿي بيهن ٿا. ڪوئي ٻيو هجي ها تہ هڪڙي ڳالهہ جو انتقام وٺي ها. قتلام جو حڪم جاري ڪري ها ۽ رت جون نديون وهائي ڇڏي ها. لاشن جا ڍير لڳائڻ کان بغير نہ مڙي ها. اهي ماڻهو ڏني وائني، قانوني ۽ اخلاقي طور هر لحاظ کان ڏوهي هيا ۽ دين ۾

سياست، ٻنهي حوالن سان ڪنڌ ڪپجڻ جا حقدار هيا. مگر ان مهل حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي انساني محبت موجون هڻي مٿي اڇي تي ۽ قريشن جي ظلمن جي سموري تاريخ تي معافي جي لڪير ڦيري چوي ٿي تہ "لَاَ تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ اِذْهَبُوْا فَاَنْتُمُ الطُّلَقَآءُ".!! (اڄ توهان کان ڪو بدلو ڪونہ ورتو ويندو وڃو! توهان کي آزاد ڪجي ٿو.) بدلو وٺڻ جي بجاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مورڳو انهن جي دل رکڻ جي لاءِ انهن کي مال ۽ دولت عطا ڪن ٿا ۽ انهن کي ذليل و خوار ڪرڻ جي بجاءِ انهن کي ذميواريون سونپين ٿا ۽ پاڪر پائين ٿا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي اها حقيقت پڌري هئي تہ جيڪو انقلاب انتقام وٺڻ واري رَوَش تي هلي ٿو اهو پاڻ پنهنجي موت مري ويندو آهي؛ ۽ جيڪو انقلاب معاف ڪرڻ ۽ دل رکڻ وارو ڪم ڪندو آهي، اهو دشمنن کي مجائي ڇڏيندو آهي ۽ مزاحمت ڪرڻ وارن کي خادم بڻائي ڇڏيندو آهي.

اهو قريشن جو تشدد وارو شوق هيو جنهن رحمت واري نبي صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي مجبور ڪري ڇڏيو تہ انهن جي رت ڳاڙيندڙ تلوار جي ڌار کي مُڏو ڪري ڇڏي ۽ لڙائي سر مٿان چڙهي اچڻ تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حق جي نظام جي بچاءِ ۾ پوري طرح سندرو ٻڌي ڇڏيو. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي انساني محبت اهڙيون جنگي حڪمت عمليون ۽ دفاعي تدبيرون اختيار ڪيون تہ جيئن گهٽ ۾ گهٽ جاني نقصان ٿئي ۽ گهٽ کان گهٽ رت وهي. ان سان گڏ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان ڳالهہ جو بہ سخت خيال رکيو تہ لڙائي جي ميدان ۾ بہ انسانيت جو احترام برقرار رهي.

انساني محبت جو اهڙو روشن ۽ وسيع مثال ڪنهن ٻئي انقلاب ۾ ڪونہ ٿو ملي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو انقلاب خالص تعليمي انقلاب هيو ۽ ان جو بنياد بني آدم جي خير خواهي تي هيو.

## نئون انسان:

اسان جي سامهون گهڻيون ئي اصلاحي،تعميري ۽ انقلابي تحريڪون آهن. مگر انهن مان هرهڪ انسان کي جيئن جو تيئن رکي ٻاهرين(خارجي) نظام کي تبديل ڪرڻ جون تدبيرون ڪيون آهن. ليڪن اها هر تبديلي زندگيءَ جي حقيقي مسئلن کي حل ڪرڻ جي لحاظ کان بلڪل بيڪار رهي، جيڪا انسان جي اندر کي تبديل ڪري ڪونہ سگهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪارنامي جو حيران ڪندڙ اهو پهلو وڏو اهم آهي تہ انسان جو اندر تبديل ٿي ويو ۽ مڪمل تبديل ٿي ويو. انساني روپ ۾ جيڪو خواهش پرست حيوان ڏٺو ويندو هيو اهو حق جي ڪلمي جي اثر سان بلڪل مٽجي ويو ۽ هڪدم ان جي خاڪ مان خدا پرست ۽ بااصول انسان اٿي پيو. ان نئين انسان جي ڪردار جي چمڪ ڏسو تہ اکيون ڪيريون ٿي وڃن ٿيون. حضرت عمر

رضي الله تعاليٰ عنہ جهڙو مڪي جو هڪڙو تيز طبيعت ۽ بيپرواهہ نوجوان تبديل ٿيو تہ ڪٿي وڃي پهتو! فضالہ رضہ ۾ تبديلي آئي تہ ڪهڙي شان سان آئي! ذوالبجادين رضہ کي ڏسو تہ ڪيئن دولت ۽ آرام کي لت هڻي درويشن واري زندگي اختيار ڪري ٿو! حضرت ابوذر رضي الله تعاليٰ عنہ ڏانهن نهاريو تہ انقلابي جذبو آهي جو ان ڪعبت الله وٽ بيهي جاهليت کي للڪاريو ۽ خوب مار کاڌي. ڪعب رضہ بن مالڪ جو ڪردار ڏسو ابو خيثمہ رضہ جي رنگ تي غور ڪيو. لُبينہ رضہ ۽ سُميہ رضہ جهڙين ٻانهين جي انقلابي بهادري ۽ سورهيائي تي نظر وجهو ماعز بن مالڪ اسلمي ۽ غامديہ ڏانهن توجهہ ڪيو. نجاشي جي درٻار ۾ جعفر طيار رضي الله تعاليٰ عنہ جي جرئت مان سبق وٺو. ايراني سپهہ سالار جي درٻار ۾ رَبَعي رضہ بن عامر جي بي فڪري واري شان مان جذبو حاصل ڪريو ـــ ۽ تارن جي ان جهرمٽ منجهان ڪير آهي جنهن جو ايمان موقعي تي روشن ڪِرڻو ڪونهي.

انهن هستين سان اهو معاشرو ٺهيو ۽ اهڙن قائدن ۽ ڪارڪنن جي هٿ ۾ اهو حق جو نظام هليو جنهن جيڪڏهن شراب تي بندش جو اعلان ڪيو تہ ڇپن سان لڳل پيالا هڪدم الڳ ٿي ويا ۽ بهترين شرابن جا مٽ گهٽين ۾ هاريا ويا. جنهن جيڪڏهن عورتن کي مٿو ۽ ڇاتي ڍڪڻ جو حڪم ڏنو تہ حڪم ملڻ سان ئي بنا ڪنهن دير جي روا ۽ چادرون تيار ٿي ويا. جنهن جيڪڏهن جهاد جي لاءِ پڪاريو تہ نوجوان ڇوڪرا بہ کُڙين تي بيهي اها ڪوشش ڪندي ڏسڻ ۾ آيا تہ اهي واپس ٿيڻ کان بچي وڃن. جنهن جيڪڏهن چندو گهريو تہ جتي حضرت عثمان رضہ جهڙن دولتمند واپارين سامان سان سٽيل اُٺن جون قطارون آڻي بيهاريون ۽ حضرت ابوبڪر رضہ جهڙن فداڪارن گهر جي سموري جمع پونجي ڪٽي اچي تحريڪ جي قدمن ۾ رکي؛ اتي اهڙا پورهيت بہ هيا جن سڄي ڏينهن جي مزدوري مان حاصل ٿيل ڪتل جنگي فنڊ ۾ ڏئي خالي جهولي کي چنبي ڇڏيو. جنهن جيڪڏهن مهاجرن جي اجهي لاءِ انصارن کي پڪاريو تہ انهن پنهنجا گهر، پوکون ۽ باغ اڌواڌ ورهائي ڏنا ۽ ڀائپچاري جو هڪڙو بي مثال ماحول پيدا ڪري ڇڏيو. جنهن جيڪڏهن عُهدن کي خدمت جي جذبي سان اتانهون ڪري سرڪاري نوڪري جي لاءِ ڪارڪن طلب ڪيا تہ هڪڙو درهم روزانو جي معمولي معاضي تي گورنري جا فرض انجام ڏيڻ وارا حاڪم دنيا جي سامهون ظاهر ٿيا. جنهن جيڪڏهن غنيمت جي مال کي سپهہ سالار وٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو تہ حڪم جي ان شان سان تعميل ڪئي وئي جو سپاهي هڪڙي هڪڙي تر جيتري شي بہ پنهنجي آفيسر وٽ جمع ڪرڻ لاءِ پيش ڪري ڇڏيندا هيا. اهو واقعو بہ تاريخ ۾ هميشہ چمڪندو ۽ يادگار رهندو تہ مدائن جي مال جو هڪڙو قيمتي حصو عامر نالي سپاهي جي هٿ اچي ٿو ۽ اهو ان سون ۽ جواهر جي خزاني جي ڪنهن کي بہ خبر نہ هجڻ باوجود

ان کي رات جي اونداهي ۾ خاموشي سان لڪي پنهنجي سردار وٽ پهچائي ٿو. اهي هستيون هيون جن نيڪيءَ جو اهڙو ماحول تيار ڪيو هيو جنهن ۾ مشڪل ڪو ڏوهہ ٿيندو هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پوري ڏهہ سالہ مدني دور ۾ ٿوررڙائي مقدما عدالتن ۾ آيا. اهو نيڪيءَ جو اهڙو ماحول هيو جنهن ۾ ڪوئي جاسوسي ادارو ("سي آئي ڊي") ڪونہ هيو. بلڪ ماڻهن جا ضمير ئي انهن جا چوڪيدار ۽ نگران ٿي ويا.

اهو هيو اهو انقلاب جنهن ٻاهرين نظام سان گڏوگڏ اندر ۾ انساني دل ۽ ذهن کي تبديل ڪيو ۽ نئون ڪردار پيدا ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪري اهو زندگيءَ جي حقيقي ۽ بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ ان جي ذريعي وقت جي تهذيبي بحران ۾ ڇوٽڪاري واري واٽ پيدا ٿي.

## محسنِ انسانيت ﷺ جي عظيم قرباني:

هي انقلاب انهي لحاظ کان بہ لاجواب آهي تہ ان کي برپا ڪرڻ واري توڙي جو ان جي بي انتها قربانين سان تڪميل ڪئي، ليڪن ان ڪو بہ صلو يا معاوضو ڪونہ ورتو. پنهنجو سڀ ڪجهہ انسانذات جي ڀلائي جي لاءِ ڏئي ڇڏيو. ان ايترو معمولي بہ ڪونہ ورتو جيترو جيڪڏهن ورتو وڃي ها تہ عقلي، شرعي ۽ ظاهري طور، هر طرح سان جائز ۽ مناسب هجي ها. ايتري وڏي ڪارنامي تي ذاتي غرض ۽ لالچ جو معمولي نشان بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. آهي ڪو ان جهڙو مثال؟

معاشي لحاظ کان ڏسجي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجو ڪامياب واپار قربان ڪيو ان مان حاصل ٿيل سرمايو پنهنجي منصبي ڪم ("مشن") تي قربان ڪيو ۽ جڏهن ڪاميابيءَ جو دور آيو تہ دولت جا ڍير پنهنجن هٿن سان خرچ ڪيا ۽ ورهايا. مگر پنهنجي گهر جي لاءِ بک ۽ ڏک، ۽ سادگي واري گذران جي حالت کي پسند ڪيو. پنهنجن گهر وارن جي لاءِ ڪو گڏ ڪيل ذخيرو ڪونہ ڇڏيو. ڪوئي مال ملڪيت ڪونہ ٺاهيا ۽ انهن جي لاءِ ڪي خصوصي ۽ مٿانهان حق قائم ڪونہ ڪيا. انهن جي لاءِ ڪنهن عُهدي جي مستقل موروثي گادي ڪونہ ڇڏي، دربان ۽ خادم ڀرتي ڪونہ ڪيا، سواريون گڏ ڪونہ ڪيون. گهر ۾ ڪنهن بہ قسم جي سينگار واري سامان کي پسند ڪونہ ڪيو.

سياسي لحاظ کان ڏسجي تہ پنهنجي لاءِ ڪي بہ ترجيحي حق حاصل ڪونہ ڪيا. ڪنهن جي خلاف الله جي حڪمن جون حدون اورانگهي ڪو اختيار استعمال ڪونہ ڪيو. پنهنجو سياسي مقام اوچو ڪرڻ جي لاءِ ڪوئي پنهنجي مرضي وارو قانون جاري ڪونہ ڪيو. مديني ۾ سخت هنگامي حالتون ("امرجنسي") موجود رهيون ۽ يهودين ۽ منافقن جي نت نين شرارتن کي منهن ڏيڻو پيو مگر ڪنهن کي بہ نظربند ڪونہ

ڪيائون. ڪنهن تي بہ پابنديون ڪونہ مڙهيائون. ڪوبہ ضمير ڪي مارينڌڙ حڪم نافذ ڪونہ ڪيائون. هنگامي عدالتون قائم ڪونہ ڪيائون ۽ ڪوڙا هڻي ماڻهن جي ڪل ڪونہ لاٿائون. ان جي برخلاف ماڻهن کي تنقيد ۽ پنهنجي راءِ ظاهر ڪرڻ جو حق ڏنائون. اختلاف ڪرڻ جي آزادي ڏنائون. پنهنجن اعليٰ مشورن کي قبول نہ ڪرڻ جو حق بہ ڏنائون. اهي حق رڳو ڪاغذ تي لکيل ظاهر ۾ ڏسڻ وارا حق ڪونہ هيا. بلڪ ماڻهن انهن حقن کي عملي طور استعمال بہ ڪيو. ڪيترن موقعن تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي قيمتي راءِ ترڪ ڪري اختلافي راءِ کي قبول ڪيو. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪا رعايت ڏيڻ گهري تہ جماعت کان اجازت ورتائون. مثال طور سندن نياڻو جناب ابوالعاص قيدي بڻجي آيو تہ ان جي فديي ۾ حضرت زينب رضہ اهو هار موڪليو جيڪو حضرت خديجہ رضہ جو يادگار هيو. ان هار کي موٽائي ڏيڻ لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مجلس عام ۾ اپيل ڪئي. اهڙي طرح انهن جو مال بطور غنيمت آيو تہ اهو جماعت جي اجازت سان واپس ڪيو. جعرانہ جي ماڳ تي حُنين واري لڙائي جي قيدين کي ڇڏڻ لاءِ وفد آيو جنهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گڏ ٿيڃ پياڪ هجڻ (رضاعت) جي ماٽي جو واسطو ڏئي پنهنجي درخواست پيش ڪئي. قيدي ورهائجي چڪا هيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بنوهاشم جي حصي جا قيدي ڇڏڻ تہ پنهنجي طرفان منظور ڪيو البت. بين لاءِ فرمايو تہ گڏيل مجمعي ۾ مسلمانن کي درخواست ڪيو. ماڻهن کي جڏهن معلوم ٿيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي خاندان جي حصي جا قيدي ڇڏي ڏنا آهن تہ انهن بہ سڀني قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيو. اهڙن معاملن ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪڏهن بہ دٻاءُ ۽ ڏاڍ کان ڪم ڪونہ ورتو.

سماجي ۽ مجلسي لحاظ کان ڏسجي تہ پنهنجي لاءِ مساوات پسند ڪئي. امتياز پسند ڪونہ ڪيو. نہ وري کائڻ پيئڻ. رهڻي ڪرڻي. لباس ۽ طور طريقي ۾ ڪو غيرمعمولي رَويو رکيو نہ مجلس ۾ ڪنهن مٿين جاءِ تي ويهڻ پسند ڪيو. ڪين اهو بہ پسند ڪونہ هيو تہ ماڻهو هر وقت سندن تعظيم لاءِ اٿي بيهن. پنهنجي لاءِ آقا ۽ سردار يا اهڙن احترام وارن لقبن کي استعمال ڪرڻ جي حوصلہ افزائي بہ ڪونہ ڪيائون. لڙائي ۽ سفر ۾ بہ. خندق جي کوٽائي ۾ بہ ۽ مسجدن جي تعمير ۾ بہ پنهنجن ساٿين سان گڏجي مٽي ڍوئڻ. گارو ڪٽڻ. پٿر ڪُٽڻ ۽ ڪاٺيون گڏ ڪرڻ جو ڪم پنهنجن هٿن مبارڪن سان ڪيائون. قرض گهرندڙن کي موقعي مهل سان پنهنجي خلاف سختي سان تقاضا ڪرڻ جي اجازت ڏنائون. پنهنجو پاڻ کي مجلس عام ۾ انتقام جي لاءِ پيش ڪيو تہ جنهن سان بہ منهنجي طرفان ڪا زيادتي ٿي هجي تہ اهو مون کان پنهنجو بدلو وٺي ڇڏي.

## اسان ڪٿي بيٺا آهيون؟

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو اهو مقدس انقلاب هيو جنهن جو اسان کي رکوالو بڻايو ويو هيو. اهو پيغام هيو جنهن لاءِ اسان کي ماڻهن مٿان شاهد (شهداء علي الناس) ۽ وچٿري امت (امتِ وسط) هجڻ واري بلند ترين منصب تي فائز ڪيو ويو هيو. اهو هيو حق جو ڪلمو جنهن جي امانت اسان کي انهيءَ ڪري حوالي ڪئي وئي هئي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نائب طور اسان قيامت تائين انسانذات لاءِ ڇوٽڪاري جو ذريعو بڻجون ۽ جڏهن بہ زندگي پنهنجي مسئلن ۾ منجهي پئي ۽ شهري زندگي (تمدن) بحران ۾ اچي وڃي تہ اسان ان جي لاءِ سهارو بڻجون. ليڪن اسان ان حق جي ڪلمي جي لاڄ کي مٿي رکڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي ۽ حق جي ان نظام کي پنهنجن هٿن سان برباد ڪري ڇڏيو. نتيجو اهو نڪتو تہ حاضر دور جي فڪري قافلي ڀٽڪي غلط موڙ ورتو تہ اسان پنهنجو فرض ادا ڪرڻ جا اهل ڪونہ هئاسين. اسان جي ئي ڪوتاهين جو ڪرشمو آهي تہ اڄ پوري انساني زندگي بحران جو شڪار آهي. ماده پرستي جي متضاد نظرين جي ملاوت ذهني سڪون کي برباد ڪري رهي آهي. عالمي طاقت خدا جي انڪاري (خدا ناشناس) هٿن ۾ آهي ۽ اسان انهن ئي طاقتن جا ڳيجهو بڻجي ويا آهيون. حالتن جون ٺوڪرون اسان کي سجاڳ ڪري ڪونہ سگهيون آهن. ذلتون ۽ خواريون اسان جي اندر شرمساري جو احساس پيدا ڪري ڪونہ سگهيون آهن. عالم اسلام جو انتشار ۽ انسانيت جو بحران ان ئي ڳرڻ واري اصل ڪم ڏانهن توجهہ ڏياري ڪونہ سگهيو آهي.

اچو تہ سوچيون ۽ جائزو وٺون تہ انسانيت تاريخ جي ڪهڙي مرحلي مان گذري رهي آهي ۽ اسان ڪٿي بيٺا آهيون؟

هن ڪتاب جي مؤلف پنهنجي مختصر عمر واري دور ۾ پنهنجو پاڻ کي بہ پنهنجي ويجهڙي ماحول جي انساني لڏي کي بہ ۽ ان کان اڳتي وڌي پوري دنيا جي انسانن کي بہ مسلسل هڪڙي پريشاني، هڪڙي بيچيني، هڪڙي تنگي، هڪڙي تشويش ۽ هڪڙي خوف جي حالت ۾ گرفتار ڏٺو آهي. گهرن کان وٺي بين الاقوامي تنظيمن تائين هرجاءِ تي بدگماني، ڇڪ ڇڪان، ڪشمڪش ۽ ٽڪراء جو ماحول سامهون اچي ٿو. ان پوري دور ۾ تاريخ هڪڙي ديڳڙي وانگر اُبرندي رهي آهي ۽ ان ديڳڙي جي ٽهڪندڙ پاڻي ۾ پاڻ جهڙن ڪروڙن انسانن جي انبوهہ سان گڏ پاڻ کي بہ مٽر يا ڇانور جي هڪڙي داڻي وانگر هيٺ مٿي ٿيندي ڏٺو آهي. هن وقت تائين جنهن انساني دنيا سان واسطو پيو آهي اها ٻن عالمي لڙاين جي وچ ۾ پيسجي ۽ بيشمار علائقائي لڙاين جا ڌڪ کائي اڃا پاڻ سنڀالي ڪونہ سگهي آهي تہ هڪڙي ٻي قيامت خيز لڙائي جي تلوار ان جي سر مٿان لهرائيندي

نظر اچي رهي آهي. ان مختصر دور ۾ ٽوڙ ڦوڙ جا بيشمار هنگاما نظر مان گذريا. وري وري انقلابن جا لوڏا ايندا رهيا. سلطنتن کي اڀرندي ۽ متجندي ڏٺو نظرين جي لهرن جي آويزش ڏٺي. سازشن واريون سرنگهيون وڇائجندي ۽ ڦاٽندي ڏٺيون. علائقن کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي ڏٺو. انساني ٽولن کي تباهه و برباد ٿي نقل مکاني ڪندي ڏٺو. خود برصغير هند و پاڪ ۾ عين آزادي جي صبح جي ظهور سان گڏ بلڪل پنهنجي سر مٿان رت جون ويرون گذرندي ڏٺيون ۽ انهن خوني لهرن ۾ انساني جانيون، عزتون ۽ غيرتون ۽ قيمتي روايتن ۽ قدرن (اقدار) کي غرق ٿيندي ڏٺو.

موجوده عالمگير ماده پرستي واري تهذيب جي ظاهري فريب وارن پردن جي پٺيان جهاتي پائي انسانيت جو جائزو وٺو ته اها خطرناڪ حالت سامهون اچي ٿي جو روح ڏکي وڃي ٿو. آدم عليه السلام جي سموري اولاد کي ڪجهه خواهشن پنهنجي شڪنجي ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي ۽ هر طرف دولت ۽ اقتدار جي لاءِ ڇونڊاپٽ لڳي پئي آهي. ماڻهي جي اخلاقي شعور جو ڏيئو گُل آهي. ترقي سان گڏوگڏ سماجي (تمدني) ڏوهه به تيزي سان وڌي رهيا آهن. نفسياتي مونجهارن جو زور آهي ۽ ذهني سڪون مڪمل طور تي گم ٿي چڪو آهي. انساني ذهن ۽ ڪردار ۾ اهڙو بنيادي فساد اچي ويو آهي جو زندگيءَ جو ڪوئي پهلو ان جي منحوس پاڇي کان محفوظ ڪونهي رهيو. فلسفي ۽ حڪمت مان سچائي جو روح ختم ٿي ويو آهي. اعتقادن ۽ نظرين ۾ توازن ڪونهي رهيو. روحاني قدر ابتا ٿي چڪا آهن. قانون عدل جي روح کان خالي ٿي رهيو آهي. سياست ۾ خدمت واري جذبي جي جاءِ تي مطلب پرستي قبضو ڪري ورتو آهي. معيشت جي ميدان ۾ ظالم ۽ مظلوم طبقا پيدا ٿي ويا آهن. فنون لطيفه ۾ سونهن ۽ سوڀيا جا رنگ پرڻ وارو ڪم جنسي جذبن ۽ ڪميڻين خواهشن سان ٿيڻ لڳو آهي. تمدن جي سمورن عوامل ۾ هنڌ هنڌ تي تضاد اڀري آيا آهن. جن جي وچ ۾ تصادم برپا آهي. پوري تاريخ هڪڙي خوفناڪ کيل (ڊرامي) ۾ بدلجي وئي آهي. عقل ترقي ڪري ويو آهي. مگر ان جون بيوقوفيون اسان کي آزارڻ لاءِ سندرو ٻڌيون پيون آهن. علم جا واهڙ وهي رهيا آهن. مگر ان جي پاليل جِهالتن جي هٿن ۾ آدم زاد جو ساهه نڪ ۾ آهي. هر طرف دولت جا خزانا ڪنڊڙيا پيا آهن. مگر خاڪي مخلوق بک، اوگهڙ ۽ محرومي جي عذاب ۾ گهيريل آهي. هزارين تنظيمون، سياسي جماعتون، نظرياتي سنگتون ۽ معاهدا ئي ٿا رابطا ظاهر آهن. مگر انسان ۽ انسان جي وچ ۾ پائرن وارو تعلق ڪونهي، پر شينهن ۽ بگهڙ وارو معاملو لڳو پيو آهي. عقلي، سياسي، اخلاقي ۽ تهذيبي شعور جي ترقي جا چرچا آهن. مگر ظلم ۽ تشدد جا انتهائي ناپاڪ حربا اڄ به انسانيت جي خلاف ڪم ۾ آندا وڃن ٿا. تاريخ هڪڙو وسيع اکاڙو آهي جنهن ۾ ڪٿي سامراجيت ("امپيريلزم") ۽ حريت پسندي جي وچ ۾، ڪٿي اشتراڪيت ("ڪميونزم") ۽ سرمايه داري جي وچ ۾، ڪٿي جمهوريت ۽

آمريت جي وچ ۾ ڪٿي فرد ۽ جماعت جي وچ ۾ ۽ ڪٿي مغربيت ۽ ايشيائيت جي وچ ۾ هڪڙي خونخوار لڙائي ٿي رهي آهي.

اهڙي ئي آهي هي دنيا جنهن ۾ اسان پنهنجي زندگي گذاري رهيا آهيون!

مصنوعي سيارن ۽ ميزائيلن جي هن دور ۾ سائنس الہ دين واري روايتي ڏيئي (چراغ) واري جن وانگر مادي قوتن جا نوان نوان خزانا انسان جي هڪڙي اشاري سان فراهم ڪري رهي آهي. قدرت جي ڳُجهن رازن جا ازلي تالا حڪمت جي ڪنجي سان کلي رهيا آهن. هيبت ناڪ رفتار انسان کي زمان ۽ مڪان تي وسيع اختيار ڏياري رهي آهي. جوهري توانائي تباهہ ڪار ديون جا لشڪر انسان جي سامهون مطيع ڪري بيهاري ڇڏيا آهن، جيڪي بس هڪڙي اک جي اشاري جا منتظر آهن. ٻئي طرف خود ان انسان جو پنهنجو حال اهو آهي تہ اهو شيطاني ۽ تخريبي قوتن جي چنبي ۾ ڦاٿل آهي ۽ پهريان کان وڌيڪ بيوس ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪي ان کي وري وري پنهنجي ئي خلاف قيامت برپا ڪرڻ لاءِ اڀاريندڙ رهيون آهن ۽ جن تاريخ جي هر دور ۾ ان جي عظيم تعميري ڪارنامن ۽ ان جي شاندار تهذيبن کي خود ان جي هٿان مليا ميٽ ڪرايو آهي.

ٿورو ڪنهن اهڙي قافلي جو تصور ڪيو جيڪو ڪنهن جبل جي چوٽي تي ديرو ڄمائي ۽ زربفت جا خيما کوڙي کائڻ پيئڻ، رقص و موسيقي ۽ شعرو شراب ۾ مگن هجي، ان وٽ ڪاروباري مال جا انبار هجن، ان سان گڏ نوڪرن سان ڀريل ڳوٺڙيون هجن، جانورن ۽ سوارين جي گهڻائي هجي، انهن جا هٿيار چمڪندڙ ۽ پهرو مضبوط هجي — ليڪن انهن جي غاليچن ۽ بسترن ۽ مسندن جي بلڪل هيٺان زمين ۾ ڪجهہ فوٽ اندر خوفناڪ لاوو ٻري رهيو هجي ۽ جبل ڦاٽي پوڻ ۽ باهہ جو طوفان اٿڻ ۾ باقي ٿورو وقت بچيو هجي. اسان جي تهذيبي قافلي جو بہ ڪجهہ اهڙو ئي حال آهي، جيڪو هن مهل تاريخ جي جبل تي ديرو ڄمايون پيو آهي. ان جبل جي سيني ۾ هولناڪ ترين بحران جو لاوو ابري رهيو آهي.

اسان جي سامهون مشيتِ عالمي بحران جي للڪار ("چيلينج") ڪيون بيٺي آهي، وقت جي رستي تي پوئتي پڄڻ جو امڪان ڪونهي. موجوده مادي تهذيب ۽ ان جي ناهيل انسان ۾ للڪار ("چيلينج") جو جواب ڏيڻ جي صلاحيت ڪونهي. ڪوئي نئون فلسفو ڪونہ اڀري رهيو آهي جيڪو گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي جادو وانگر وقتي طور تي ئي اطمينان جو سرمايو بڻجي سگهي — ڪنهن بہ طرف ڪا ڇوٽڪاري جي واٽ کُلندي نظر ڪونہ ٿي اچي.

بيچيني جي انهي گهڙي ۾ جڏهن مان چئني طرفن ڏانهن نظر گهمايان ٿو تہ اونداهيءَ جو هڪڙو سمنڊ چهن ئي طرفن کان گهيراء ڪيون ڏسجي پيو. ان سمنڊ ۾ ڏُور — چوڏهن صدين جي ڏُوري تي — هڪڙو نوري نقطو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

اها انسانذات جي سڀ کان وڏي محسن صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيغام جي مشعل آهي! اهائي مشعل جنهن جي روشني کي خود اسان ـــ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو نالو وٺڻ وارن ـــ پنهنجن پريشان ڪندڙ فڪرن ۽ بڇڙن اعمالن جي ڌوڙ ۾ گم ڪري ڇڏيو آهي!!

## سيرت جي مطالعي جو نقطہ نظر:

منهنجي ذهن ۾ سيرت پاڪ جي مطالعي جو هڪڙو ئي مقصد آهي ...... حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيغام جي مشعل اسان جي سامهون ۽ پوري انسانذات جي سامهون هڪڙو دفعو وري چمڪڻ لڳي ۽ زندگيءَ جو قافلو موجوده دور جي اونداهين ۾ اهڙي طرح پلائي (فلاح) واري رستي جو سراغ لهي وڃي، جيئن ان کي ستين صدي عيسوي ۾ صدين جي بحران کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ رستو مليو هيو!

بدقسمتي سان سيرت نبوي جو مطالعو اسان وٽ ان جذبي ۽ ان نقطہ نظر کان گهٽ ٿي رهيو آهي، جنهن مطابق هجڻ گهرجي. ان ميدان ۾ اسان جي دلچسپي پوري طرح اها ڪونهي رهي تہ اسان کي اتان زندگيءَ جو هڪڙو نقشو حاصل ڪري پنهنجو پاڻ کي ان جي سانچي ۾ ڍالڻو آهي، بلڪ ڪجهہ ٻيون دلچسپيون وچ ۾ اچي ويون آهن ۽ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيون آهن.

گهڻا مسلمان اهڙا آهن جيڪي نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت پڙهڻ سان سموري دلچسپي رڳو ثواب حاصل ڪرڻ واري مطلب لاءِ رکن ٿا. (ان ڳالهہ کان انڪار ڪونهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ويجهڙائي جي هر ڪوشش الله جي بارگاهہ ۾ پسنديده عمل آهي ۽ ان تي اجر جي اميد رکڻ گهرجي، ليڪن اهڙي ڪوشش جو اصل مقصد زندگي کي سنوارڻ بہ تہ هجي)! ڌوم ڌام سان ميلاد جون محفلون سجايون وڃن ٿيون ۽ ان اعتقاد سان منعقد ڪيون ويندين آهن تہ انهن محفلن ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو روح پرنور جلوه گر ٿيندو آهي ۽ پنهنجن پيروڪارن جي محبت جي مظاهري کي ڏسي خوش ٿيندو آهي. حلوي جا ٿالهہ، گلن جا هار ۽ جهالرون، قوالي ۽ نعت خواني جو بندوبست، اگربتي ۽ ڌوپ جي واس جا وروڪڙ، فانوسن ۽ بلبن جا چمڪاٽ، اهي سڀ ڪجهہ ان اعتقاد جا ترجمان آهن. سيرتِ نبوي سان ان انداز جي عقيدت جيڪو نقشو سامهون آڻي ٿي، اهو ڪنهن انسان جو نقشو ڪونهي. گوشت پوست سان ٺهيل ڪنهن آدم زاد جي شخصيت ڪونهي، بلڪ اسان هڪڙي فوق الانسان هستي سان متعارف ٿيندا آهيون، جنهن جو وجود نور سان ڍڪيل آهي، جنهن جي جسم جو پاڇو ڪونهي، جنهن جي ڪارنامي ۾ سمورو ڪردار معجزن جو آهي، جيڪو سببن جي جهان (عالمِ اسباب) جي قانونن کان مٿانهون آهي، جنهن جو سمورو ڪم ملائڪ ڪندا آهن ۽ جنهن جي هر ڳالهہ ۽ هر شي پراسرار آهي. انهي ڳالهہ کان انڪار ڪونهي تہ انساني لڏي جي مقابلي ۾ حضور صلي الله تعاليٰ

عليہ وآلہ وسلم جو روحاني ۽ اخلاقي ڏاڪو گهڻا درجا مٿانهون آهي. اتي گهٽيون ئي فوق العادات ڳالهيون بہ ملن ٿيون، اتي معجزا بہ آهن ۽ اتي ملائڪ بہ حرڪت ڪندي نظر اچن ٿا ـــ مگر بهرحال، اها پاڪ زندگي هڪڙي انسان جي زندگي آهي ۽ ان جي عظمت جو بنياد ئي اهو آهي تہ اهڙي بيمثال زندگي هڪڙي انسان گذاري. اتي فطري قانونن ۽ تاريخ ۽ شهريت جي قدرن (اقدار) جي ئي دائري ۾ سڄو ڪم ٿيندو آهي ۽ ڪاميابي جي واٽ جي هڪڙي هڪڙي جاءِ تي قربانيون پيش ڪيون وڃن ٿيون. اها هڪڙي انسان جي زندگي ٿي ڪري ئي اسان جي لاءِ نمونو (اسوه) بڻجي ٿي ۽ ان جي ئي تصور سان گڏ اسان ان مان سبق حاصل ڪري سگهون ٿا. ان مان عزم ۽ همت جو سبق وٺي سگهون ٿا. ان مان اصول جي پابندي ۽ فرض شناسي جو سبق سکي سگهون ٿا، ان مان انسانيت جي خدمت جو جذبو حاصل ڪري سگهون ٿا ۽ ان مان بڇڙائي (بدي) جي طاقتن جي خلاف مقابلو ڪرڻ لاءِ پنهنجي اندر تڙپ پيدا ڪري سگهون ٿا. توهان جيڪڏهن سيرت نبوي کي معجزو بڻائي ڇڏيندا ۽ جيڪڏهن ان کي فوق الانساني ڪارنامي جو رنگ ڏئي ڇڏيندا تہ پوءِ مٿي مان تهيل انسانن جي لاءِ ان ۾ ڪهڙو نمونو رهجي ويندو. اهڙي هستي جي سامهون اسان رعب ۾ آيل ۽ حيرت زده تہ ٿي سگهون ٿا، باقي پنهنجي اندر ۾ ان جو ڪو هڪڙو لفظ بہ جذب ڪري نٿا سگهون. ان سان اسان عقيدت تہ رکي سگهون ٿا، باقي ان جي پيروي نٿا ڪري سگهون. تنهن ڪري جتي جتي عقيدت مندي جو اهو خاص رنگ پهتو آهي ۽ اتي جيترو اهو گهرو ٿيندو وڃي ٿو عملي زندگيون اتباعِ نبوت کان ايتريون آزاد ٿينديون وڃن ٿيون. بلڪ مورڳو حالت اها آهي تہ پيانڪ معاشي ۽ سماجي ڏوهن جي مئيخاني ۾ جيڪي ماڻهو پنهنجي اندر شرابن جا مٽ اوتيندا آهن، اهي ان سَستي طريقي سان عقيدت جو مظاهرو ڪري پنهنجي بيچين ضمير کي اطمينان ڏياريندا آهن تہ

"کچھ بھی ہیں، لیکن تیرے محبوب کی امت میں ہیں۔"

ٻئي طرف مغرب منجهان هڪڙو ٻيو رجحان گهري آيو آهي، جنهن کي بزرگ پرستي چيو وڃي ٿو. اهو رجحان پنهنجي اصل روح جي اعتبار کان قوم پرستي وارن جذبن جو ترجمان آهي. هڪڙي قسم جو قومي فخر آهي، جيڪو ٻين جي سامهون ماضي جي مشهور شخصيتن جو مظاهرو ڪرائي ٿو. اهو رجحان چڙهي اهو چوي ٿو تہ ڏسو اسان وٽ اهڙيون اهڙيون هستيون آهن، اسان جي تاريخ ۾ اهڙا اهڙا وڏي مرتبي وارا بزرگ ٿي گذريا آهن ۽ انهن جا فلاڻا فلاڻا يادگار ڪارناما آهن، جن جو اسان کي وارث ڪيو ويو آهي ۽ جيڪي اسان جي لاءِ فخر جو باعث آهن. ان رجحان جي نشاني اها آهي تہ اهو هميشہ کوکلو هوندو آهي. ان موجب هر قوم مختلف شخصيتن جي وفات جا ڏينهن، ڄمڻ جا ڏينهن ۽ ٻيا يادگار ڏينهن وڏي ٺٽ ٺانگر سان ملهائيندي آهي، مگر اهي ڏينهن ڪٿي بہ انهن شخصيتن (جي ڪردار) کان فائدو حاصل ڪرڻ جو ذريعو نٿا ٿين.

انسانيت جي جن نمونن کي وڏي فخر سان ٻين جي سامهون پيش ڪيو ويندو آهي، پيش ڪرڻ وارن جي پنهنجي زندگي ۾ انهن جو ڪوئي پرتوو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي ۽ نہ ڪڏهن ان پرتوي کي حاصل ڪرڻ ڏانهن توجهہ هوندو آهي. ان رجحان پٺاندڙ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ جيڪي تقريبون منعقد ٿينديون آهن، انهن ۾ چوڻ جي لاءِ تہ هڪڙي خاص نموني جون ڳالهيون هميشہ ٻڌايون وينديون آهن، مگر زندگي تي انهن جو ڪوئي اثر ظاهر ڪونهي ٿيندو.

ٽيون غلط نقطہ نظر اهو آهي جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيغام کي هڪڙو نظامِ حيات جو پيغام نٿو سمجهي، بلڪ هڪڙي مذهب جو پيغام قرار ڏئي ٿو. ان نقطہ نظر کان جيڪي ماڻهو متاثر آهن، انهن جو تصور اهو آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بس ڪجهہ اعتقادن، ڪجهہ رسمن ۽ عبادتن، ڪجهہ ورد وظيفن، ڪجهہ اخلاقي هدايتن ۽ ڪجهہ فقهي احڪامن کي پهچائڻ لاءِ آيا هيا ۽ پاڻ سڳورن جي منشا اهڙا فرد پيدا ڪرڻ هيو جيڪي شخصي طور تي مسلماني جو شان پيدا ڪري، هر گندي کان گندي نظام جي لاءِ بهترين ڪارڪن ثابت ٿين. اهڙا ماڻهو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان بس پاڪائي، نماز ۽ روزا، نفل ۽ ذڪر، ۽ انفرادي اخلاق جي حد تائين فيض حاصل ڪن ٿا. ليڪن شهري زندگيءَ جي وسيع تر معاملن ۾ اهي پوري بي حسي واري شان سان هر باطل جي ڪم اچن ٿا ۽ هر فساد سان سهمت ٿي وڃن ٿا. ان ٽولي جڙ سيرت نبوي جي مقدس ڪتاب جي بيشمار سونهري بابن کي ويسر جي سرزمين ۾ دفن ڪري ڇڏيو آهي ۽ بس رڳو مقدمي واري باب کي ڪٽي ان ۾ گم ٿي ويو آهي. ان ٽولي هن وقت تائين حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي جيڪا ترجماني ڪئي آهي، ان کان متاثر ٿي موجوده دور جي ڪا غير قوم تہ پري رهي، خود تعليم يافتہ مسلمان نوجوان بہ اهو تصور نٿا ڪري سگهن تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن جي لاءِ شهري زندگي (تمدن) جا قافلہ سالار ٿي سگهن ٿا ۽ ان جي بارگاهہ کان تازه ترين ڳنن مسئلن جو ڪو اطمينان بخش حل بہ ملي سگهي ٿو. اهو نقطہ نظر بہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هستي لاءِ هڪڙو مقدس پردو ٿي ويو آهي.

اهي غلط نقطہ نظر انهيءَ ڪري پلجي رهيا آهن جو انهن جي لاءِ فضا سازگار آهي. فضا ايئن سازگار آهي تہ اسان جنهن سياست ۽ شهري زندگيءَ جي نظام سان ۽ جنهن معيشت ۽ معاشرت جي ڍنگ سان منهن ڏئي رهيا آهيون، ان کي هڪڙي خاص شڪل واري انسان جي ضرورت آهي، ان مشين کي خاص ڍنگ جي پرزن جي ضرورت آهي. اهي ماڻهن ۾ بلڪل ڪا ٻي سيرت ڏسڻ گهرن ٿا. ان جو ڪم هڪڙي ٻئي نموني واري ذهن ۽ ڪردار سان هلي ٿو. ٻين لفظن ۾ هتي عملي زندگي کي انسانيت واري ان نموني جي مورڳو ضرورت ئي ڪونهي، جنهن کي محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي

سيرت پيش ڪري ٿي ۽ ان مَندي ۾ ان فڪر ۽ عمل واري مال جي گهرج ئي ڪونهي، جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زندگي مبارڪ مان حاصل ڪري سگهجي ٿو. موجوده دنيا جو اجتماعي نظام جنهن نموني جا وزير، حاڪم، جج، وڪيل، ليڊر، صحافي، سپهہ سالار، سپاهي، ڪوتوال، مختيارڪار، تپيدار، ڊپٽي ڪمشنر، ڪاتيدر، زميندار، هاري ناري، ليکڪ، اديب، عام مزدور ۽ قُلي گُهري ٿو انهن جو نقشہ انسانيت ان ڪان بلڪل ابتڙ قسم وارو آهي، جنهن جو مظاهرو سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تاريخ جي ٿَلهي ("اسٽيج") تي ڪيو. چانيل نظام جي گهرج مطابق گهرگهر ۾ مائرن جون محبت واريون جهوليون ۽ پيئرن جون شفقت واريون نگاهون اولاد کي پالي رهيون آهن. انهن جي ضرورتن جو لحاظ رکي هڪڙي هڪڙي فرد تي تعليم ۽ تربيت جي ادارن جا ويهہ ويهہ، پنجويهہ پنجويهہ سال صَرف ڪري ڪم جو پرزو بڻائي رهيا آهن، ۽ ان جي تقاضا موجب شعور رکندڙ هر شخص خود پنهنجي ذهن ۽ ڪردار کي هڪڙي خاص شڪل ڏيڻ ۾ سڄي ڄمار مصروف رهي ٿو. اهو نظام جن بہ ڳالهين کي پسند ڪري ٿو معاشرو انهن ڳالهين کي ازخود پنهنجن فردن ۾ پيدا ڪندو رهي ٿو. اهو جن بہ شين کي حقارت ۽ ڪراهت سان ڏسي ٿو تہ ماحول جي پوري طاقت انهن کي مٽائڻ جي پنيان لڳي پئي هوندي آهي. اهو نظام جنهن ٻولي کي پسند ڪري ٿو تہ زبانون پنهنجو پاڻ مرادو اها ٻولي ڳالهائڻ لڳنديون آهن. اهو جنهن لباس کي پسند ڪري ٿو اهو لباس خودبخود پائجڻ شروع ٿي ويندو آهي. اهو هڪڙو اشارو ڪندو آهي تہ قديمي حيادار گهراڻن جي نياڻين جي چهرن تان پردا (نقاب) هٽي ويندا آهن. عزت واري رَوِش اها سمجهي ويندي آهي جنهن کي مروجہ نظام رائج ڪرڻ گهري ۽ ذلت جو طريقو اهو قرار ڏنو ويندو آهي جنهن کي هلندڙ تهذيب پسند نہ ڪري. جن فنن کي اهو پسند ڪندو آهي اهي مقبوليت جو ذريعو ٿيندا آهن ۽ جن مشغلن کي اهو مسترد ڪندو آهي اهي غفلت جي نذر ٿي ويندا آهن. اهو پنهنجا قدر (اقدار) پاڻ ٺاهيندو ۽ سيني فردن ڪان انهن کي مڃرائيندو آهي ۽ ٻين سيني روايتن، قدرن ۽ شعائر کي مرجهائجي وڃڻو پوندو آهي. ڪجهہ غيرتمند ماڻهو ۽ خاندان ان ماحول جي جبري وهڪري جي خلاف مزاحمت ڪندا آهن، مگر معاشي محرومي، ثقافتي گهٽتائي ۽ احساس ڪمتري جو دٻاءُ ايترو سخت هوندو آهي جو وقت گذرڻ سان گڏوگڏ تارو ماڻهو بہ ساڻو ٿي پنهنجو پاڻ کي ماحول جي حوالي ڪندا ويندا آهن. ورنہ انهن جو ايندڙ نسل همت هاري ويهندو آهي. هاڻي جڏهن سموري دنيا جيڪا پنهنجي سيرت جي تشڪيل شعوري طور تي بہ ۽ غير شعوري طور تي بہ ماحول جي مرضي مطابق ڪرڻ ۾ مگن آهي، اها سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت تي جيڪڏهن ڪتاب لکندي ۽ پڙهندي، ۽ واعظ ٻڌائيندي ۽ ٻڌندي ٻي تہ ماڻهن جي اندر ۾ اسوه حسنہ جو ذوق ايندو تہ ڪٿان ايندو؟

سچي ڳالهہ اها آهي تہ سيرت نبوي ۾ انهن ماڻهن لاءِ ڪوئي پيغام آهي ئي ڪونہ جيڪي ڪنهن غير اسلامي نظام سان ناتو جوڙي رکڻ گهرندا هجن ۽ جن جي مفاد جا سودا ڪنهن باطل سان نبري ويا هجن. اهڙا ماڻهو سيرت پڙهي افسوس ڪندا هوندا. انهن کي ذهني لطف ملندو هوندو، انهن جي معلومات ۾ اضافو ٿيندو هوندو، ليڪن انهن ۾ اها تحريڪ ڪٿان ايندي تہ اهي ان سيرت جي سانچي ۾ پنهنجي زندگي کي ڍالين. انهن جو جمود ڪنهن بہ نموني ٽٽي نٿو سگهي.

ليڪن اسان چئون ٿا تہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حياتي جو داستان رستم ۽ سهراب جو قصو ڪونهي، الف ليليٰ جي ڪهاڻي ڪونهي ۽ ڪنهن خيالي ڪردار جو افسانو ناهي، ان جو مقام هرگز اهو ڪونهي تہ اسان ان کي علم و ادب جي تفريحي چوڪڙيءَ جو محض هڪڙي رونق وارو مواد بڻايون. ان جو قدر ۽ قيمت انهي ڳالهہ جي اجازت ڪونہ ٿا ڏين تہ اسان ان کي بس ذهني لذت حاصل ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪريون. ان جو احترام روڪي ٿو تہ اسان ان کي رڳو قومي فخر جي جذبي جي تسڪين جو ذريعو بڻايون.

اهي مختلف غلط نقطہ نظر اسان وٽ گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن ۽ اهي ئي اصل مقصد ۾ رڪاوٽ بڻجي ويا آهن. ڪير ڳڻي سگهي ٿو تہ هر سال ڪيتريون ميلاد جون محفلون ۽ سيرت جا جلسا اسان جي ملڪ ۾ منعقد ٿيندا هوندا؟ هڪڙي ربيع الاول جي ئي مهيني ۾ ڪيترا واعظ ۽ ڪيتريون تقريرون هوا ۾ لهرون پيدا ڪري ڇڏينديون هونديون؟ ڪيترا مقالا ۽ ڪتاب لکيا ويندا هوندا؟ ڪيترن رسالن جا ان موضوع تي خاص نمبر شايع ٿيندا هوندا. شاعر ڪيتريون نعتون لکندا هوندا ۽ قوال انهن کي ڪٿي ڪٿي ڳائيندا ڦرندا هوندا؟ اڪابرن طرفان ڪيترا پيغام ۽ بيان نشر ٿي ويندا هوندا؟ دعوتن ۽ مهمانين جون دسترخوان تي ڪهڙيون ۽ ڪيتريون بهارون اينديون هونديون؟ بازارن کي سجائڻ ۽ دروازا ۽ محراب ٺاهڻ ۽ بيون رونقون ڪرڻ ۾ ڪيتري رقم خرچ ڪئي ويندي هوندي؟[1]

ليڪن ٻئي طرف ٿورو اهو بہ سوچيو تہ هڪڙي سٺي مقصد تي قوتن ۽ رقمن جي انهي خرچ سان واقعي نتيجو ڪهڙو نڪري ٿو؟ جائزي جي تارازي جي هڪڙي پڙ ۾ پنهنجي هڪ سال جي انهن سرگرمين کي رکو ۽ ٻئي پڙ ۾ حاصل ٿيل نتيجن کي رکي جاچيو تہ ڇا وزن صحيح بيهي ٿو؟ ڪيترا فرد ملندا جيڪي ان سٺي ڪوشش جي بدولت سيرت نبوي جي سانچي ۾ پنهنجيون زندگيون ڍالڻ جي مهم ۾ هر سال لڳي ويندا هوندا؟ جيڪڏهن هڪڙي جلسي، هڪڙي مقالي ۽ هڪڙي نعت جي ذريعي

---

[1] آهستي آهستي نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي يادگار تقريبن ۾ کل خوشي، ۽ کيل تماشي جو عنصر وڌندو پيو وڃي. بلڪ کلم کلا فسق و فجور جا هنگاما بہ عمل ۾ اچڻ لڳا آهن يعني سيرت مر جيڪو پهلو لڪل آهي، معاشرو ان نظام جي بلڪل ابتي طرف هلي پيو آهي.

صرف هڪڙو ئي ماڻهو تبديل ٿي وڃي ها تہ اندازو ڪيو تہ گذريل ٻہ سوَ سالن جو ڪهڙو نتيجو حاصل هجڻ گهرجي ها. پرجيڪڏهن عملي طور اهو نتيجو حاصل ڪونهي ٿيو تہ ضرور ڪٿي نہ ڪٿي اسان جي ڪوشش ۾ ڪا ڪوتاهي موجود آهي ۽ اها ڪوتاهي وڏي بنيادي قسم جي آهي. انهي ڳالهہ جو روئڻو روئڻ ڪونهي تہ اهو ڪجهہ حاصل ڪونہ ٿي رهيو آهي، جيڪو مطلوب آهي، بلڪ ان کان وڌيڪ ماتم ان ڳالهہ جو آهي تہ اسان کي هڙ حاصل اهو ٿي رهيو آهي جيڪو محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيغام ۽ ڪارنامي سان سڌو سنئون ٽڪرائي ٿو. اڄ اسان جي اندر ۾ اهڙا عنصر پلجي رهيا آهن جيڪي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان عطا ڪيل زندگيءَ جي نظام کي ناقابلِ عمل قرار ڏين ٿا ــ اهڙا عنصر جيڪي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تعليمات جو مذاق اُڏائين ٿا، اهڙا عنصر جيڪي سيرت، سنت ۽ حديث جو سمورو رڪارڊ درياء حوالي ڪري ڇڏڻ گُهرن ٿا، اهڙا عنصر جيڪي قرآن شريف کي پيش ڪرڻ واري هستي جي 23 سالن واري جدوجهد ۽ لازوال تحريڪي ڪارنامي کان بي تعلق ڪري ڇڏڻ گهرن ٿا ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هستي کي انسانيت جو عملي نمونو (عملي نمونہ انسانيت) هجڻ طور اسان جي نگاهن کان اوجهل ڪري ڇڏڻ لاءِ ڪوشان آهن. وري زيادتي مٿان زيادتي اها تہ تعبير ۽ تاويل جي نالي تي اسان وٽ ڪوشش ٿي رهي آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شخصيت، پيغام ۽ ڪارنامي کي موجوده فاسد تهذيب جي فڪري سانچي ۾ ڍالي ڇڏجي ۽ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي بلڪل نئين تصوير عالمي طاقت جي ذوق جي مطابق تيار ڪئي وڃي.

منهنجو حاصل مطالعو ۽ تحقيق اها آهي تہ اسان سيرت جي مطالعي جو صحيح بنيادي نقطہ نظر گم ڪري ڇڏيو آهي ۽ مٿان مٿان جا غلط نقطہ نظر ڪارفرما آهن. اهوئي سبب آهي تہ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي محبت ۽ عقيدت جا بيشمار نظارا (مظاهر) موجود هجڻ جي باوجود ۽ سيرت تي ذهني ڪاوشون استعمال ٿيڻ جي باوجود اسان جي تاريخ جي افق مان اهو نئون انسان ڪونہ اُڀري رهيو آهي، جنهن جو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪامل نمونو پيش ڪيو هيو.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت اسان جي اندر ان کان سواءِ ڪنهن بہ طريقي سان جلوه گر ٿي نٿي سگهي تہ اسان ان نصب العين جي لاءِ اهڙي ئي جدوجهد ڪرڻ لاءِ اٿون، جنهن جي لاءِ اسان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پوري زندگيءَ کي وقف ٿيل ڏسون ٿا. اها ئي جدوجهد اصل ڍنگ واري سيرت پيدا ڪرڻ جو ذريعو بہ ٿي سگهي ٿي تہ ڪارائتي بہ!

حضرت محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت هڪڙي فرد جي سيرت ڪونهي، بلڪ اها هڪڙي تاريخي طاقت جو داستان آهي، جيڪا هڪڙي انساني وجود ۾

جلوه گر ٿي. اها زندگيءَ کان ڪٽيل ھڪڙي درويش جو قصو ڪونهي، جيڪو ڪنڊائتو ويهي رڳو پنهنجي انفرادي تعمير ۾ مصروف رهيو هجي. بلڪ اها ھڪڙي اهڙي هستي جي ڪهاڻي آهي جيڪا ھڪڙي اجتماعي تحريڪ جي روح روان هئي. اها رڳو ھڪڙي انسان جي نه، بلڪ انسان ساز جي ماجرا آهي. اها نئين جهان (عالمِ نو) جي معمار جي ڪارنامي جو تفصيل پنهنجي اندر سمايون پئي آهي. سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي سيرت غارِ حرا کان وٺي غارِ ثور تائين، حرمِ ڪعبه کان وٺي طائف جي بازار تائين، امهات المؤمنين جي حجرن کان وٺي لڙائي جي ميدانن تائين، چئني طرفن ۾ پکڙيل آهي. ان جا نقش بي شمار فردن جي حياتي جي ڪتاب جي ورقن جي زينت آهن. ابوبڪر رضه و عمر رضه، عثمان رضه و علي عليه السلام، عمار رضه و ياسررضه، خالد و خويلد، ۽ بلال ۽ صهيب (رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين). سڀ جا سڀ ھڪڙي ئي سيرت جي ڪتاب جا ورق آهن. ھڪڙو باغيچو آهي جنهن جي گلاب، موتيي، چنبيلي ۽ نرگس جي ھڪڙي ھڪڙي ڳلي تي ان باغيچي جي مالهي جي زندگي لکيل آهي. اهو بهار وارو قافلو (قافله بهار) وقت جي جنهن سر زمين تان گذريو آهي، ان جي ذري ذري تي هيڪار جون مُهرون هڻندو ويو آهي.

دنيا جي ان بلند ترين شخصيت کي جيڪڏهن سيرت نگاري ۾ رڳو ھڪڙو فرد بڻائي پيش ڪيو وڃي ۽ سوانح نگاري جي مروجه طرز تي ان جي زندگي جي وڏن وڏن ڪمن، ان جي مشهور مهمن، ۽ ان جي اخلاق ۽ عادتن کي بيان ڪري ڇڏجي، ڪجهه تاريخن جي ڇنڊڇاڻ ۽ ڪجهه واقعن جي ڪوٽ ڪوتان ڪئي وڃي ته اهڙي سيرت نگاري مان صحيح منشا هرگز پوري ڪونه ٿيندي، ان کان علاوه، سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي زندگيءَ جو مثال ڪنهن ڪامي ۾ بيٺل پاڻي وارو ڪونهي جو جنهن جي ھڪڙي ڪناري تي بيهي اسان ھڪڙي نهار سان ان جو جائزو وٺي وجون. اهو ھڪڙو وهندڙ درياء آهي جنهن ۾ چرپر آهي، وهڪرو آهي، ڪشمڪش آهي، لهرون ۽ بوڙيا آهن، سپون ۽ موتي آهن، ۽ جنهن جي پاڻي سان سُڪل پوکن کي مسلسل زندگي ملي رهي آهي. اُن درياء جي رمز کان واقف ٿيڻ لاءِ ان سان گڏگڏ هلڻو پوندو آهي. اهوئي سبب آهي ته سيرت جا گهڻائي ڪتاب پڙهي قيمتي معلومات ملندي آهي، ليڪن اسان جي اندر تحريڪ پيدا ڪونه ٿي ٿئي. جذبا ڳر ڪونه ٿا ڪڻ، عزم ۽ همت جي رڳن ۾ نئون رت ڪونه ٿو ڊوڙي، عمل جي ذوق ۾ نئين گرمي نٿي اچي، اسان جي زندگين جو جمود نٿو ٽُٽي. اسان آرزو جي اها چڻنگ حاصل ڪري ڪونه ٿا سگهون، جنهن جي گرمي ھڪڙي اڪيلي ۽ بي يارو مددگار فرد کي زمانن جي جميل فاسد نظام جي خلاف مقابلي ۾ بيهاريو. اسان کي ايمان جو اهو سوز ۽ ساز ڪونه ٿو ملي جنهن ھڪڙي يتيم جي سهاري کي عرب ۽ عجم جي قسمتن جو فيصلو ڪرڻ وارو بڻائي ڇڏيو.

اصل ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم معروف اصطلاح جي محدود تصور جي مطابق فقط هڪڙا "وڏا ماڻهو" ڪونہ هيا. پاڻ سڳورن جي سيرت هڪڙي اهڙي "وڏي" يا "مشهور" ماڻهوءَ جو داستان ڪونهي، جهڙن ماڻهن ڪي مشهور ماڻهن جي سوانحي سلسلن ۾ ڳنڍيو ويندو آهي. اها هستي "وڏن" ۽ "مشهور" ماڻهن کان اوچي آهي.

دنيا ۾ وڏا ماڻهو پيدا ٿيا ۽ ٿيندا آهن. وڏا ماڻهو اهي بہ آهن جن ڪا سٺي تعليم يا ڪو تعميري فڪر پيش ڪيو. اهي بہ آهن جن اخلاق ۽ قانون جا نظام سوچيا. اهي بہ آهن جن معاشري کي سڌارڻ وارا ڪم ڪيا. اهي بہ آهن جن ملڪ فتح ڪيا ۽ بهادري وارن ڪارنامن جي ميراث ڇڏي. اهي بہ آهن جن بادشاهيون ڪيون. اهي بہ آهن جن اسان جي سامهون فقر ۽ درويشي جا عجيب عجيب نمونا پيش ڪيا. اهي بہ آهن جن دنيا جي سامهون انفرادي اخلاق جو اوچي کان اوچو معيار قائم ڪري ڏيکاريو. مگر اهڙن وڏن ماڻهن جي زندگين جو جڏهن مطالعو ڪيون ٿا تہ عام طور تي اهو ڏسون ٿا تہ انهن جي قُوّتن جو سمورو سَت زندگيءَ جي ڪنهن هڪڙي شاخ چوسي ڇڏيو باقي سموريون ٽاريون سُڪيون رهجي ويون. هڪڙو پهلو جيڪڏهن گهڻو وڌيڪ روشن ملي ٿو تہ ڪو ٻيو پهلو اونداهون نظر اچي ٿو. هڪڙي طرف گهڻائي آهي تہ ٻئي طرف کوٽ! ليڪن نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زندگي مبارڪ جو هر گوشو ٻين گوشن سان گڏ پوري طرح متوازن بہ آهي ۽ وري هر گوشو هڪڙي ئي ڍنگ جي ڪمال جو نمونو بہ آهي. جلال آهي تہ جمال بہ آهي. روحانيت آهي تہ ماديت بہ آهي. دنيا آهي تہ آخرت بہ آهي. دين آهي تہ دنيا بہ آهي. ڪنهن قدر بيخودي بہ آهي. مگر ان جي اندر خودي بہ ڪارفرما آهي. الله جي عبادت آهي تہ ان سان گڏ ٻانهن جي لاءِ محبت ۽ شفقت بہ آهي. سخت اجتماعي نظم و ضبط آهي تہ فرد جي حقن جو احترام بہ آهي. گهري مذهبيت آهي تہ ٻئي طرف همهگير سياست بہ آهي. قوم جي قيادت ۾ مصروفيت آهي. مگر گڏوگڏ گهريلو زندگيءَ جو بکيڙو بہ نهايت خوبصورتي سان هلي رهيو آهي. مظلومن جي داد رسي آهي تہ ظالمن جي هٿ کي روڪڻ جو بندوبست بہ آهي.

پاڻ سڳورن جي سيرت واري مدرسي مان هڪڙو حاڪم، هڪڙو امير، هڪڙو وزير، هڪڙو آفيسر، هڪڙو ملازم، هڪڙو آقا، هڪڙو سپاهي، هڪڙو واپاري، هڪڙو مزدور، هڪڙو جج، هڪڙو استاد، هڪڙو واعظ ڪندڙ هڪڙو ليڊر، هڪڙو سڌارڪ (مصلح – "رفارمر" Reformer)، هڪڙو فلاسافر، هڪڙو اديب، هرڪوئي هڪجهڙو حڪمت ۽ عمل جو درس وٺي سگهي ٿو. اتي هڪڙي پيءُ لاءِ، هڪڙي همسفر لاءِ، هڪڙي پاڙيسري جي لاءِ هڪجهڙو مثالي نمونو موجود آهي. ان درسگاهہ تائين هڪڙو پيرو جيڪو بہ اچي پهتو آهي، پوءِ ان کي ڪنهن ٻئي دروازي کي کڙڪائڻ جي ضرورت پيش ڪونهي آئي. انسانيت جنهن آخري ڪمال تائين پهچي سگهي ٿي اهو هن هڪڙي هستي ۾ جلوه گر آهي. انهيءَ ڪري مان ان هستي کي "انسانِ اعظم" صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

جي لقب سان پڪارڻ لاءِ مجبور ٿيس. تاريخ وٽ انسان اعظم صرف اهو ئي هڪڙو آهي جنهن کي ڏيئو ٻڌائي اسان هر دور ۾ ايوانِ حيات کي روشن ڪري سگهون ٿا. ڪروڙن انساني فردن ان مان روشني ورتي، لکين بزرگن پنهنجي علم و فضل جا ڏيئا ان جي لاٽ مان ٻاريا. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ان جو پيغام گونجي رهيو آهي ۽ ديس ديس جي تهذيب تي گهرا اثر ان جي ئي ڏنل تعليم جا پيا آهن. ڪوئي انسان ڪونهي جيڪو ان "انسانِ اعظم" صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي احسان جي ڪنهن نہ ڪنهن رخ کان احسان جي بار هيٺ نہ هجي. ليڪن ان جا ٿورائتا ان کي ڄاڻن ڪونہ ٿا. ان سان واقفيت ڪونہ ٿا رکن.

ان جي هستي جي واقفيت ۽ ان جي پيغام جي فروغ جي ذميواري ان جي قائم ڪيل جماعت (امت) تي هئي، ليڪن اها جماعت پاڻ ئي ان کان ۽ ان جي پيغام کان پري هلي وئي آهي. ان وٽ ڪتابن جي ورقن ۾ ڇاپا موجود ڪونهي، ليڪن ان جي ڪليل ڪتابِ عمل جي ورقن تي انسانِ اعظم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت جي ڪا تصوير ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي اچي. ان جماعت ۽ قوم جي مذهبيت، ان جي سياست، ان جي سماج، ان جي اخلاق، ان جي قانوني نظام ۽ ان جي ثقافت تي ان سيرت جا بلڪل ڏنڊلا نشان باقي رهجي ويا آهن ۽ اهي بہ بيشمار نون نون نقوش ۾ گڏوچڙ ٿي بگڙي رهيا آهن. ان جماعت يا قوم جو اجتماعي ماحول زمين جي ڪنهن هڪڙي ٽڪري تي بہ اها شاهدي ڪونہ ٿو ڏئي تہ مان محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڏنل اصولن ۽ ان جي قائم ڪيل روايتن ۽ قدرن جو آئينہ دار آهيان. بلڪ مورڳو اها جماعت ۽ اها قوم دنيا جي مختلف فاسد نظامن جي دروازن تي خيرات گهرندي ڦري ٿي ۽ هر قائم ٿيل طاقت جي رعب ۾ اچي، پنهنجي فخر واري سرمايي تي شرمسار ٿيندي ڏسڻ ۾ پئي اچي. ان قرآن شريف کي پوشن ۾ ويڙهي ڇڏيو ۽ انسانِ اعظم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت جو گلدستو ٺاهي وساريل ڪيٽ ۾ رکي ڇڏيو.

ٻيو غضب اهو ڪيائون تہ پنهنجو پاڻ کي هڪڙي مذهبي ۽ قومي جٿي ۾ تبديل ڪري محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي محض پنهنجي قومي ۽ مذهبي رهنما جي حيثيت ڏئي ڇڏيائون ۽ ان بين الاقوامي هستي جي پيغام ۽ حياتي جي نموني (نمونہ حيات) کي گروهي نيڪو ٻڌائي ڇڏيائون. حالانڪ پاڻ سڳورا سموري انساني لڏي جا رهنما ٿيجي آيا هيا ۽ سموري انسانذات لاءِ پيغام ۽ نمونو کڻي آيا هيا. سيرت کي ان انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ضرورت هئي تہ اها انسانيت جو هڪڙو نمونو آهي، جنهن جي سانچي ۾ ڍلجي انسان پنهنجي ۽ پنهنجي جنس جي لڏي لاءِ ڀلائي جو ذريعو ٿيجي سگهي ٿو ۽ مسئلن جي قسمين قسمين ڪنڊن مان ڇوٽڪارو وٺي زندگيءَ جو پاڪيزه نظام حاصل ڪري سگهي ٿو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو پيغام ۽ اسوه حقيقت ۾ سج جي روشني، مينهن جي پاڻي ۽ هوا جي جهونڪن وانگر فيضانِ عام هيو

ليڪن اسان ان کي پنهنجي نااهلي سان گروهي خول ۾ بند ڪري ڇڏيو. اڄ افلاطون ۽ سقراط ڊارون، ميڪاولي، مارڪس، فرائيڊ (فريوڊ) ۽ آئن اسٽائن کان ته هر ملڪ ۽ مذهب جا ماڻهو ٿورو گهڻو فائدو وٺندي نظر اچن ٿا ۽ انهن مان ڪنهن جي خلاف ڪنهن ٽولي ۾ اهڙو تعصب ڪارفرما ڪونهي. ليڪن محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي علم واري نور (نورِ علم) ۽ رهنمائي کان فائدو حاصل ڪرڻ ۾ بيشمار تعصب حائل آهي. ماڻهو ايئن سوچين ٿا ته محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ته مسلمانن جا آهن ۽ مسلمان اسان کان الڳ ۽ اسان مسلمانن کان الڳ آهيون. لهذا مسلمانن جي هادي ۽ رهبر سان اسان جو ڪهڙو واسطو! افسوس آهي ته ان تاثر جي پيدا ٿيڻ ۽ غير معمولي حد تائين وڃي پهچڻ ۾ اسان جي پنهنجي طرزِ عمل جو گهڻو وڏو حصو آهي. اهي اسان پاڻ آهيون جن محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نهايت غلط نمائندگي ڪئي آهي.

## مغرب جي نالي:

سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هستي انساني تاريخ جي ٻن وڏن دورن جي وچ ۾ واقع آهي. اعلانِ نبوت (بعثتِ محمدي) جي مقام تان بيهي ڏسون ته اسان جي پٺيان قبائلي، جاگيرداراڻو بادشاهتي، ۽ روايتي ۽ وهمي تهذيبي دور پکڙيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو سامهون ڏسون ته آفاقي ۽ بين الاقوامي، عوامي ۽ جمهوري، عقلي ۽ دليلي، ترقياتي ۽ ايجادي تمدني دور جي پهرين ڪرڻن جو قافلو پري افق تان پالوٽ ڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ۽ ان عقل ۽ ترقي جي دور جو افتتاح خود سرتاجِ انسانيت جي ئي هٿان ڪرايو ويو ۽ اچڻ واري دور جي لاءِ دنيا کي اهڙا اصول فراهم ڪيا جيڪي قيامت تائين ڪارگر ٿي سگهن ۽ انهن اصولن سان گڏ اهڙو انسان تيار ڪري ڏيکاريو ويو جيڪو اچڻ وارين ذميوارين کي کڻڻ جي قابل ٿي سگهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ذريعي ان اچڻ واري دور جي ضرورتن جي لحاظ کان روح ۽ بدن، اخلاق ۽ ماديت، عقليت ۽ جذبات، اعتقاد ۽ عمل، خواهش ۽ فرد ۽ جماعت جي احوال ۽ تقاضائن جي وچ ۾ معجزاڻي نوعيت جو توازن قائم ڪيو ويو. پاڻ سڳورن جي هٿن سان هڪڙي اهڙي جماعت جو بنياد رکيو ويو جيڪا هڪڙي طرف دنيا کان بي نياز هئي ۽ ٻئي طرف دنيا تي حڪمراني ڪندي هئي. هڪڙي طرف خدا پرستي ۾ بي مثال هئي ۽ ٻئي طرف مادي تي حڪم هلائڻ جي لحاظ کان اڳيري هئي. هڪڙي طرف حق جي مقابلي ۾ انتهائي عاجزي سان ڪنڌ جهڪائڻ واري هئي ۽ ٻئي طرف باطل جو زور ٽوڙڻ لاءِ جان ۽ مال جي بازي لڳائڻ واري هئي. هڪڙي طرف پنهنجو پاڻ کي رب جي رضا جي حوالي ڪيون پئي هئي ۽ ٻئي طرف فطرت جي قوتن کي هٿ وس ڪري انهن کان ڪم وٺڻ ۾ هوشيار ۽ چُست هئي. اها طاقت جيئن ئي تاريخ جي ايوان ۾ داخل ٿي، ان علم ۽ حڪمت جا

فانوس روشن ڪري ڇڏيا. ان ايجادن جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ ان ادارن جي تنظيم جي لاءِ نهايت تيزي سان نوان نوان تجربا ڪري ورتا؛ ۽ ان جي سموري چرپر، ان جون سڀ ترقيون، ان جا علم ۽ ايجادون، ان جي تمدني ۽ تهذيبي ڪارنامن جي اصل ڪارپٽ ("ڪريڊٽ") محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حصي ۾ وڃي ٿي.

افسوس آهي تہ مغربي قومون، جن جي قبضي ۾ اڳتي هلي ان عقلي ۽ جمهوري دور جي واڳ آئي، محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ ان جي پيغام ۽ ان جي پيش ڪيل نظام کي سمجهي ڪونہ سگهيون. اها هستي جنهن جو ڪارنامو مغرب جي نئين جاڳرتا (نشات ثانيہ) جي پس منظر ۾ چمڪي رهيو آهي ۽ اها هستي جيڪا جمهوريت ۽ بين الاقواميت جي پردن جي پٺيان مُرڪي رهي آهي ۽ اها هستي جنهن جو هٿ مذهبي اصلاح ("رفارميشن" ـ Reformation) جي تحريڪ جي ڏور لوڏڻ وارو هيو ان کي يورپ جو روشن دماغ انسان نہ ڏسي سگهيو ۽ نہ سمجهي سگهيو. ان جا گهڻائي سبب آهن ۽ مناسب لڳي ٿو تہ اسان هتي انهن سببن جو مختصر ذڪر ڪريون.

(1) محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن پنهنجو پيغام کڻي اٿيا تہ ڪين يهودين ۽ عيسائين، ٻنهي سان منهن ڏيڻو پيو. ان وقت ٻئي مذهب فساد ۽ گهٽتائي (انحطاط) جي افسوسناڪ دور مان گذري رهيا هيا. ايماني ۽ اخلاقي روح کان خالي هڪڙو رسمي ڍانچو تقدس جي شان سان ٻنهي وٽ موجود هيو. ٻنهي ٽولن ۾ مذهبي طبقا پيدا ٿي چڪا هيا ۽ انهن ڪاروباري ذهن سان پنهنجي مفاد جا دوڪان کولي ڇڏيا هيا. فڪر ۽ عمل جو حقيقي اثاثو لُٽجي چڪو هيو صرف ٻاهر چمڪندڙ سجاٽپ بورڊ ("سائن بورڊ") لڳل هيا. سمورو زور پنهنجي پنهنجي گروهہ بندي کي قائم رکڻ ۽ پنهنجن پنهنجن ماڻهن کي ان جي دائري ۾ قابو ڪري رکڻ تي هيو. تهذيب جو سڌارو (اصلاح) ۽ انسانن جي ڀلائي ڪنهن جي بہ سامهون ڪونہ رهيا هيا. انهن حالتن ۾ مجموعي طور تي يهودين ۽ عيسائين جي ذهنيت ايتري بگڙي وئي هئي جو انهن محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قيمتي شخصيت کي جانچڻ ۽ ان جي پيغام کي پرکڻ ۽ ان جي پيش ڪيل نظام جو جائزو وٺڻ جي بجاءِ ان جي خلاف ضد ۽ تعصب، ۽ حسد ۽ ساڙ جا محاذ قائم ڪري ڇڏيا. ان جي دعوت جو مقابلو ڪيو. ان جي تحريڪ جي رستي ۾ رڪاوٽون وڌيون. ان سان واعدي خلافيون ۽ غداريون ڪيون. ان جي تعمير کي ڍاهڻ گهريو ۽ ان جي قتل لاءِ رٿون ڪيون. پوءِ پنهنجن انهن ڪرتوتن جي فطري نتيجن سان جهوليون ڀريون. اهڙي طرح تاريخ جي وهندڙ پاڻي کي گندن جذبن ۽ واهيات خيالن سان گدلو ڪيو ۽ اهو گدلو پاڻي وهندو وهندو بعد وارن نون نسلن تائين پهتو. انهن ڪيني ۽ تعصب جي هڪڙي ميراث پيدا ڪئي ۽ اها ميراث بعد وارن يهودين ۽ عيسائين لاءِ محفوظ ڇڏي ويا. محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زماني جي (همعصر)

يهودين ۽ عيسائين جو اهو ئي فاسد جذباتي رد عمل اڄ تائين پاڻ سڳورن جي مخالف ذهنن ۾ جهلڪي رهيو آهي.

(2) اسلام کان اڳ واري انساني دنيا جي اندر مذهبي دائري ۾ بہ ۽ سياسي ميدان ۾ بہ عيسائين کي پڌرو غلبو حاصل هيو ۽ پکيڙ جون اميدون ڪم ڪرڻ لاءِ وڏي وسيع تيز نظر سامهون رکنديون هيون. ليڪن اسلام جي اڀرڻ سان ڇڻ انهن جي نظر ۾ هڪڙي مخالف طاقت اچي اڀري ۽ آهستي آهستي وڏي ويجهي پوري دنيا ۾ هڪڙي فيصلہ ڪُن طاقت بڻجي وئي. انهيءَ سبب عيسائيت جي دل ۾ دشمنائا جذبا پيدا ٿي وڌندا ئي ويا. پوءِ عملي طور اسلام جي طاقت ڌرتي جي گولي جي مختلف حصن مان تسلط ۽ اقتدار جون واڳون عيسائيت جي هٿن مان کسي ان جي رد عمل کي اڃا سخت ڪري ڇڏيو. تاريخ جي ميدان ۾ کليل ۽ هڪجهڙي مقابلي ۾ عيسائين پيشيوراڻو جذبو ڏيکارڻ جي بجاءِ پنهنجي اندر هڪڙو هٺ ۽ هڪڙي چِڙ پيدا ڪري ڇڏيا. اهي هٺ ۽ چڙ بنيادي طور تي مسلمانن جي خلاف هيا ۽ نتيجي ۾ سڌو سنئون اسلام ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان بہ چڪتاڻ وڌندي وئي. اها چڪتاڻ صليبي جنگين ۾ پنهنجي آخري انتها تي وڃي پهتي. ان دور جي اچڻ تائين جيئن تہ خود مسلمانن ۾ ڪوتاهي پنهنجو عمل ڏيکاري چڪي هئي، انهيءَ ڪري انهن جون خاص خاص ڪمزوريون ۽ چڙواڳيون اسلام ۽ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان منسوب ڪيون وڃڻ لڳيون ۽ مسلمانن جي عمل ۽ ڪردار جي رنگن سان سيرتِ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هڪڙي غلط تصوير تيار ڪئي وڃڻ لڳي.

(3) اسلام ۽ عيسائيت جي وچ ۾ انهي ڪشمڪش واري ڏکهي دور جي شروعاتي حصي ۾ پادري ٽولي جيئن تہ پنهنجي عيسائي عوام کي ذهني لحاظ کان مڪمل طور پنهنجو ڳيجهو بڻائي ورتو هيو ۽ اسلام ان ئي ٽولي جي طبقاتي مفاد کي ڌڪ هڻڻ جو سبب ٿيو هيو انهيءَ ڪري ان ٽولي محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ ان جي پيغام جو هڪڙو ڪوڙو تصور ٺاهيو ۽ من گهڙت ڪري ان کي هرجاءِ تي پکيڙيو. صدين جي انهي هُل هُلاچي ("پروپيگنڊا") مغرب جي ذهن کي بلڪل بگاڙي ڇڏيو. تنهن ڪري اڄ بہ مذهب کان مورڳو انڪار ڪرڻ وارا ۽ عيسائيت کان آزاد ٿي سوچڻ وارا عقلمند ماڻهو بہ جڏهن اسلام ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ راءِ جو اظهار ڪندا آهن تہ اهي اڄ کان اٺ صديون اڳ وارن تنگدل ۽ اونداهن خيالن وارن پادرين جي ذهني سطح کان ڪجهہ بہ مٿي ڪونہ ٿيندا آهن. تنهن ڪري مشرقي علمن جي ماهر يورپين (مستشرقين) جي ڪتابن کي کڻي ڏسو تہ اوهان کي معلوم ٿيندو تہ ڪيتري غلط ۽ بيڪار معلومات ڪهڙي فاسدانہ طريقي سان مرتب ڪري پيش ڪئي وئي آهي ۽ دنيا جي سڀ کان وڏي انسان (انسانِ اعظم) جي تصوير ڪهڙي بيوقوفي سان

ٿاهي وئي آهي. ڪوئي هڪ اڌ الڳ مثال ملڻ ٻي ڳالهه آهي. هتي ته ان عام انداز جو ذڪر ڪجي ٿو جيڪو مغرب وارن ۾ ڏٺو ويجي ٿو.

(4) گذريل ٻن صدين وارو دور مغربي سامراجيت جو شيطاني دور آهي. ان دور ۾ مسلمان قومون اسلام کان انڪار، الله سان بغاوت ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي اصولن کان منهن موڙ جي سزا ملڻ لاءِ هڪ هڪ ٿي ماده پرست مغرب جي شهنشاهي عزائم جو شڪار ٿيڻ لڳيون. مغرب جي شهنشاهي عزائم کي مسلمانن جي اندر هر جاءِ تي هڪڙي سخت درجي جي مزاحمت ڪرڻ وارو جذبو ڪم ڪندي مليو ۽ اهو جذبو هر جاءِ تي ديني ۽ مذهبي جذبو هيو. اسلام توحيد جو جيڪو تصور ڏنو آهي، اهو حُريت، آزادي ۽ مساوات جا اهڙا تصور اڀاري ٿو جيڪي اسلام کي مڃڻ وارن کي غلامي تي رضامند ٿيڻ نٿا ڏين. تنهن ڪري مسلمانن منجهه مغربي سامراجيت ("امپيريلزم") خلاف جيتريون به تحريڪون اڀريون آهن، انهن جي اندر اسلام جي گرمي ڪم ڪري رهي هئي. هر جاءِ تي ديني شخصيتون رهنمائي ڪندي نظر اچن ٿيون ۽ هر جاءِ تي اسلامي نظام کي وري جيارڻ جا جوش ڪارفرما رهيا آهن. اهڙي طرح مسلمان ملڪن جي سمورين آزادي وارين تحريڪن ۾ ديني دعوت جو عمل پوري زور سان نشانبر ملي ٿو. تنهن ڪري مغرب جي شهنشاهي شڪارين ۾ ان قوت جي خلاف نئين سر هڪڙي چِڙ پيدا ٿي، جيڪا وک وک تي انهن جو رستو روڪيندي هئي ۽ وري وري قابو ۾ نه اچڻ وارا جذبا اڀاريندي هئي. تنهن ڪري ان چِڙ جي ڪري مسلمانن جي مذهبيت کي جنونيت سان تعبير ڪيو ويو ۽ ملائيت ("ملاازم") کي هڪڙي خوفناڪ ويا ٻڌائي پيش ڪيو ويو. هاڻي بنيادپرست ("فنڊامينٽلسٽ") جو نئون اصطلاح ڳوليو ويو آهي. ان سان گڏوگڏ مسلمانن جو ديني جذبو ڪجهه اهڙو سخت ڏٺو ويو جيڪو آساني سان مغربي فڪر ۽ ثقافت جي سامهون شڪست کائڻ وارو ڪونه هيو. بلڪ جنهن هرهڪ ملڪ ۾ ان جو مقابلو ڪيو آهي. تعليم، ادب ("لٽريچر") ۽ اثرانداز ٿيڻ وارين مڙني قوتن کي استعمال ڪري مغربي سامراجيت سالن کان پوءِ مسلمان قومن ۾ پنهنجي حق ۾ هڪڙي معمولي اقليت حاصل ڪئي ۽ ان کي سهارو ڏئي اقتدار تائين پهچايو ۽ پوءِ ان کي مسلمانن جي اسلامي رجحانن جي خلاف فڪري، سياسي ۽ تهذيبي مقابلي ۾ وڏي انداز ۾ استعمال ڪيو. انهن حالتن ۾ اسلام ۽ ان کي پيش ڪرڻ واري هستي سان مغرب جي چڪتاڻ وڌندي وئي.

(5) مغربي قومون جڏهن مسلمانن کي غلام بنائڻ ۾ ڪامياب ويون ته انهن جي لاءِ، اهو مشڪل ٿي ويو ته جيڪا طاقت سياسي ۽ مادي، ۽ تنظيمي ۽ تهذيبي لحاظ کان انهن کان پٺتي پيل آهي، اهي ان کان نظريه زندگي ۽ نظامِ حيات جو سبق وٺي سگهن ۽ ان کي برپا ڪرڻ واري هستي جو احترام ڪري سگهن. پوءِ جڏهن مسلمانن کي انهن پنهنجي

ذهني تقليد ۾ مبتلا ڏنو ۽ انهن تي پنهنجي رعب جي ڪيفيت جاپاڇا پيل ڏٺا تہ ان ڳالهہ اچا وڏي رڪاوٽ پيدا ڪري ڇڏي. انهن جڏهن پنهنجن تيار ڪيل روشن خيال مسلمانن جي هٿان اسلام کي مغربي نقطہ نظر جي مطابق ڍلجندي ڏٺو تہ اسلام ۽ ان جي دعوت ڏيندڙ (داعي) جي وقعت انهن جي نگاهن ۾ اڃا گهٽي گهٽ ٿي وئي. مسلمانن جي معذرت خواهانا نقطہ نظر اسلام جي وقار ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي عظمت کي وڏو نقصان پهچايو.

انهن مڙني ڪارڻن ۽ سببن جي ڪري محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ مغرب جي انسان جي وچ ۾ لوهيون ديوارون بيهي ويون.

اڄ مغرب محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي بس مسلمانن جي گروهي رهنما جي حيثيت ۾ ڏسي ٿو ۽ سمجهڻ سمجهائڻ جي نقطہ نگاهہ جي بجاءِ اعتراض ۽ مناظري واري ذهن سان سيرت جو مطالعو ڪري ٿو. تنهن ڪري مغرب ان بلند مرتبہ هستي جي جيڪا تصوير پنهنجين لکڻين ("لٽريچر") ۾ تيار ڪئي آهي، اها هڪڙي اهڙي انسان جو نقشو سامهون آڻي ٿي جيڪو نفسياتي صحت ۽ توازن کان محروم آهي، جنهن جي سموري ڊڪ ڊوڙ لاشعوري محرڪن جي رد عمل سان پيدا ٿيل خفت جو نتيجو آهي. اهو رت جي پياسي تلوار هٿ ۾ کڻي جيڏانهن وڃي ٿو قتلام ڪندو هلندو وڃي ٿو. ان رحمت واري وجود کي هڪڙي دنيا جي طالبو ۽ ڌڪهو پسند ڪندڙ جنگجو جو مرتبو ڏنو ويو آهي. ان جي خلوص واري ڪم کي هڪڙو ڏوڪو ("فراڊ") بڻايو ويو آهي. اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ اسلامي تحريڪ ۾ جيڪي بہ سٺا پهلو هيا، اهي عيسائين ۽ يهودين کان اڌار ورتا ويا هيا. ورنہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اندر پنهنجو ڪو قابل جوهر ڪونہ هيو. اهو ظاهر ڪيو ويو آهي تہ روحانيت ۽ مذهبيت جو سڄو رنگ تہ رڳو ڏيکاءُ وارو (نمائشي) هيو اصل ۾ ڊراماٽي تدبير سان عوام کي تابع ڪري مطلب ڪڍيو ويو هيو. توهان جنهن کي بہ گهرو دنيا پرست ۽ بهانا ٺاهيندڙ (حيلہ ساز) ماڻهو چئي سگهو ٿا، مگر سوال اهو هوندو تہ اهڙي شخصيت جي اندر اهڙي نموني جو اعليٰ ۽ بي داغ ڪردار ڪيئن سمائي سگهجي ٿو جنهن جو تجربو اسان کي سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پوري زندگي ۾ ٿئي ٿو.

وري ظلم اهو ڪيو ويو آهي تہ ان دعوت ڏيڻ واري هستي جي پيش ڪيل پيغام جو مطالعو پاڙ کان شروع ڪري ٿارين، ميون ۽ پٽن تائين نٿو پهچايو وڃي، بلڪ بنيادي نظريي کي سمجهڻ کان سواءِ ۽ فڪر جي بنياد جي اصليت مقررڪرڻ کان سواءِ، مناظري جي عادي پادرين جي طريقي تي هلي جزئياتي مسئلن جي ڪجهہ گوشن کي پڪڙيو وڃي ٿو. مثال طور، اِهو تہ اسلام جي دعوت ڏيندڙ (داعي اسلام) گهڻين زالن کي جائز رکيو، مذهب جي لاءِ تلوار کڻي، جنگي قيدين کي غلام بڻائڻ جائز قرار ڏنو ۽ فلاڻن

فلاڻن موقعن تي هيئن ڪيو ۽ فلاڻي معاملي ۾ هونئن ڪيو. مطالعي جو اهو طريقو هميشہ تعصبي ۽ مخالفاڻي ذهن جي ترجماني ڪندو آهي ۽ ان جي ذريعي زندگيءَ جي ڪنهن نظام ۽ ڪنهن دين کي سمجهي نٿو سگهجي. بلڪ ان جي ذريعي تہ ڳالهہ کي سمجهڻ جا دروازا بند ٿي ويندا آهن. ڏسڻ، جاچڻ ۽ سمجهڻ جي اصل شي تہ بنيادي نظريو آهي تہ اهو ڪيستائين حق تي آهي ۽ ان سان بگڙيل زندگي ڪيستائين سڌري ۽ سنورجي ٿي. پوءِ ان جي نظريي مان نڪرندڙ اصول ڏٺا ويندا آهن، جن تي زندگيءَ جا مختلف شعبا مضبوط ٿيندا آهن. پوءِ انهن اصولن جي سانچي ۾ جزئيات جي ترتيب ڏٺي ويندي آهي تہ اها ٺيڪ ٺاڪ قائم ٿئي ٿي يا نہ. هڪڙو شخص توهان جي سامهون زندگيءَ جو هڪڙو فلسفو کڻي اچي ٿو. توهان ان فلسفي تي غور ڪرڻ جي بجاءِ ڪجهہ اهڙن جزوي مسئلن کي ڇيڙيو ٿا جن جي باري ۾ توهان جي معاشري جو خاص ذهن ٺهيل ٺوڪيل هلندو پيو اچي ۽ ان ذهن کان ٻاهر نڪري توهان سوچي نٿا سگهو نتيجو اهو نڪري ٿو تہ پاڻ مغالطي ۾ پئو ٿا ۽ هزارين ماڻهن کي تعصب ۾ مبتلا ڪيو ٿا. هڪڙو شخص انسانيت جو هڪڙو مڪمل نئون نقشو پنهنجي ذات ۾ ٺاهي سامهون آڻي ٿو توهان ان نقشي کي مجموعي طور تي سمجهڻ کان اڳ ان جي هڪ ٻن لڪيرن ۽ نشانن کي پڪڙي بحث شروع ڪري ڏيو ٿا تہ اهي لڪيرون ۽ اهي نشان ايئن ڇو لڳايا ويا آهن. حالانڪ جيڪڏهن نقشي جي مجموعي ترتيب کي ڍنگ سان سمجهيو وڃي ها تہ انهن لڪيرن ۽ نشانن جي اصليت بہ خودبخود سمجهہ ۾ اچي وڃي ها. نظرين ۽ نظامن کي سمجهڻ ۽ تاريخي شخصيتن جو جائزو وٺڻ لاءِ مغرب عام طور تي جيڪو انتهائي سائنسي انداز استعمال ڪندو آهي، ان انداز کي اسلام ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو مطالعو ڪرڻ وقت بلڪل نظرانداز ڪري ان طريقي کان منهن موڙ ڪئي وڃي ٿي. هڪڙي باغ جي لاءِ راءِ قائم ڪرڻ لاءِ ان جي مجموعي حيثيت کي سامهون رکڻو پوندو آهي. نہ اهو تہ ان جي اندر گاهہ جي هڪ ٻن تيلن ۽ ڪنهن ٻوٽي جي گونچن کي سموري باغ کان الڳ ڪري مطالعي هيٺ آندو ويندو هجي. توهان سيرت محمدي ۽ پيغام محمدي جي پوري چمن کي ڏسو ۽ ان جي مجموعي ترتيب کي سمجهو پوءِ توهان کي ان جي اندر هڪڙي هڪڙي تاري ۽ هڪڙي هڪڙي پن جو مقام پاڻهي سمجهہ ۾ اچي ويندو. جيڪڏهن ڪنهن نظام يا نظريي، يا تحريڪ يا قائدانہ شخصيت ۾ ڪجهہ ڳالهيون توهان جي ذوق ۽ توهان جي پسنديده روايتن ۽ عادتن جي خلاف هجن تہ ان جو مطلب اهو نٿو ٿي سگهي تہ اتي ڪا قابل قدر ڳالهہ آهي ئي ڪونہ ۽ اهو پورو مجموعو رد ڪري ڇڏڻ جي قابل آهي. توهان جو ذوق ۽ توهان جي پسند ڪوئي عالمي يا تاريخي معيار ڪونهي. ممڪن آهي، بلڪ لازمي آهي تہ هڪڙو نظريو تحريڪي نظام ۽ قائدانہ شخصيت پنهنجي خير ۽ شر جو معيار پاڻ سان گڏ کڻي اچي ۽ مورڳو ان جي

بُري پلي جا ماڻ ٿي توهان کان الڳ هجن. لهٰذا سڀ کان پهريان تہ معيارن ۽ ماڻن کي سامهون رکي جانچڻ گهرجي، ۽ معيارن ۽ ماڻن کي جانچڻ کان اڳ بنيادي نظريي جي قدر ۽ قيمت جي تشخيص هجڻ گهرجي.

قرآن، اسلام ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ ڪليسا وارن ۽ مشرقي علمن جي يورپي ڄاڻوگر (مستشرقين) تاريخدانن هن وقت تائين جيڪو ادب ("لٽريچر") پيدا ڪيو آهي، اهو هڪ طرف غلط فهمين ۽ جِهالتن سان ڀريو پيو آهي، ٻئي طرف دشمني واري تعصب جو زهر ان جي رڳ رڳ ۾ پکڙيو پيو آهي. بلڪ حد اها آهي تہ جن ماڻهن وڏي دل (وسيع القلبي) جو مظاهرو ڪندي حقيقت جو اعتراف ڪيو بہ آهي بلڪ ان کان وڏي اڳتي تعريفي انداز بہ اختيار ڪيو آهي تہ انهن بہ لفظن جي پردن ۾ اهڙا اهڙا جادوگري جا مِنا نشتر رکي ڇڏيا آهن، جو ماڻهو فريب نگارش جي ان انداز کي داد ڏيندو رهجي وڃي ٿو. بہ چار درخشان مثال اهڙا ضرور ملن ٿا جن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيغام ۽ ڪارنامي تي ڪنهن حد تائين بهتر انداز ۾ بيان ڪيو آهي، مگر خود مغرب جي دل ۽ دماغ انهن کي ڪجهہ زياده قدر ۽ اهميت ڪونهي ڏني. مثال طور، حال ۾ هڪڙو ڪتاب ڪجهہ بهتر انداز ۾ آيو آهي تہ ان کي مسلمانن جي ثنا خواني يعني "در مدح مسلمين" ("پرومحمدن" - Pro_Mohammaden) قرار ڏئي ان جي وقعت گهٽائي پئي وڃي. حيرت ان تي آهي تہ مسلمان حڪومتن طرفان اڄ مغرب سان سفارتي مقصد وابستہ ٿي رهيا آهن. انهن موجب انهن قومن جي دل رکڻ جي لاءِ خبر نہ آهي ڪهڙيون ڪهڙيون تدبيرون اختيار ڪيون پيون وڃن. ليڪن ڪٿي بہ ان ظلم جي تلافي جو فڪر ڪونهي ڪيو ويو جيڪو سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان هن وقت تائين روا رکيو ويو آهي.

مطالبو اهو ڪونهي تہ توهان پنهنجي ضمير جي آواز جي خلاف محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نظريي ۽ نظام جي صداقت جي شاهدي ڏيو نہ. توهان اختلاف ڪريو ۽ پوري زور سان ڪيو. مطالبو انهي ڳالهہ جو آهي تہ توهان تاريخ لکڻ ۽ سوانح نگاري جي پنهنجن ئي نااهيل، پنهنجن ئي تسليم ڪيل اصولن ۽ معيارن کي توڙي موڙي حقيقت کي نہ بگاڙيو. مطالبو انهي ڳالهہ جو آهي تہ توهان اهڙن ذريعن کان روايتون نہ وٺو جيڪي متفقہ طور تي مسلمانن جي نظر ۾ قبول ڪرڻ جي قابل ڪونهن ۽ جن کي تاريخي تحقيق جا مڃيل معيار قبول ڪري نٿا سگهن. مطالبو انهي ڳالهہ جو آهي تہ توهان هڪڙي واقعي جي سٺن محرڪن کي هٽائي انهن جي جاءِ تي ڄاڻي واڻي مڪروهہ محرڪن کي ڪٽي اچي نہ رکو. مطالبو ان ڳالهہ جو آهي تہ توهان دليل سان ڳالهہ ڪريو طنز اعتراض، توهين ۽ تذليل جو غيرشريفاڻو ڍنگ اختيار نہ ڪيو.

هن گفتگو مان اسان جو مقصد هڪڙي ناخوشگوار فضا پيدا ڪرڻ ڪونهي، بلڪ هن وقت تائين جيڪا فضا موجود رهي آهي، اسان گهرون ٿا تہ ان کي ختم ڪيو وڃي. ان مقصد جي لاءِ پهريون شرط اهو آهي تہ اسلام، قرآن ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ مغرب پنهنجي نقطہ نظر کي صاف ڪري ڇڏي. هڪڙي نئين ذهن کي ڪم تي لڳائڻ جي ضرورت آهي ۽ اهو نئون ذهن ان برابري واري جملي (ڪلمي) يا گڏيل نقطي کي سمجهڻ سان پيدا ٿي سگهي ٿو جيڪو اهلِ مغرب ۽ مسلمانن جي وچ ۾ واقع آهي. اسان جو برابري وارو جملو (ڪلمو) هيٺين گڏيل نڪتن سان ٺهجي ٿو.

0 عيسائي، يهودي ۽ مسلمان، اصولي طور تي خداپرست گروهہ آهن. تنهي وٽ آخرت جو تصور موجود آهي. تنهي جي عبادتن جو طريقو ملي ٿو. تنهي وٽ بنيادي اخلاقي قدر هڪجهڙا آهن.

0 تنهي جون مذهبي تعليمات هڪڙي ئي الهامي سرچشمي مان نڪرن ٿيون ۽ مسلمان سڀني نبين سڳورن کي هڪڙي ئي عظيم سچائي ۽ هڪڙي ئي دين جو علمبردار مڃين ٿا.

0 تمدني حيثيت سان ڏٺو وڃي تہ مغرب وارن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ هيٺيان اتحادي نقطا موجود آهن:

0 مغربي تمدن علم ۽ سائنس جي ترقي جون جيڪي راهون کوليون آهن، مسلمانن جو خالص ديني نقطہ نظر انهن ترقين کي قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿو ۽ اسلامي نظريا روحانيت سان گڏوگڏ پنهنجي تمدن ۾ ان ماديت کي (ڪجهہ ٿورين حدن اندر) جاءِ ڏئي سگهن ٿا. جنهن ۾ مغرب عروج حاصل ڪيو آهي. ٻين مذهبن جي مقابلي ۾ اسلام دين ۽ نظام هجڻ جي ڪري زياده وسعت ظرف رکي ٿو.

0 جمهوريت جي جن اصولن سان مغربي تمدن سياسي صورتون هموار ڪيون آهن، اسلام جي پيروڪارن جي فڪر ۾ اهي اڳ ۾ ئي شامل آهن. بلڪ انهن جو مڪمل ترين مظاهرو ڪرڻ ۾ اسلامي تمدن ئي اڳڀرائي ڪئي آهي.[1] نمائندگي ۽ شوريٰ جو انتخاب، قانون جي عملداري، شهري حق ۽ انهن ۾ مساوات جي سمورن تصورن کي مسلمانن مغرب کان پهريان عملي جامو پارايو آهي، توڙي جو وقت جي تمدني ۽ معاشرتي ماحول جي مطابقت ۾!

0 عالمي ڇڪتاڻ ۽ بحران کي نظر سامهون رکجي تہ ان جو حل تلاش ڪرڻ ۾ بہ ٻن سببن ڪري مسلمانن جوئي تعاون مغرب جي اصلاح پسندن جي لاءِ زياده قيمتي ٿي سگهي ٿو.

---

[1] بريفالٽ. ليبان ۽ ڪجهہ ٻين ليکڪن جون شاهديون موجود آهن تہ جمهوريت جو روح مسلمانن کان ئي منتقل ٿي مغرب تائين پهتو.

0 جيڪڏهن مغرب سنجيدگي ۽ اخلاص سان سوچي ته عالمي امن جي مسئلي ۾ جيترو تعاون مسلمان فراهم ڪري سگهن ٿا ايترو ڪنهن ٻئي ٽولي مان حاصل نٿو ٿي سگهي. اهو ئي گروهه اعتقاد موجب ايتري انساني محبت رکي ٿو ۽ جهان جي وحدت لاءِ اهڙا اصولي بنياد رکي ٿو جو جيڪڏهن ان کي پوريءَ طرح ڪم ڪرڻ جو موقعو ملي ته بين الانساني ٽڪرائن جو تدارڪ ٿي سگهي ٿو. مستقبل جي عالمي نظام جي تعمير جي لاءِ اصول ۽ قدرن جو مسالو اسلام کان وافر مقدار ۾ ملي سگهي ٿو.

0 ماديت جون ٻه انتها پسنداڻيون شڪليون - يعني سرمايه پرستي ۽ اشتراڪيت ("ڪميونزم") - ٻنهي جو مقابلو ڪرڻ ۽ هڪڙي وچٽري عدل واري راهه تي انسانذات کي هلائڻ جي ڪم ۾ اسلام ۽ ان جي پيروڪارن کان ئي ڪجهه زياده اميدون وابسته ڪري سگهجن ٿيون.

غور ۽ فڪر جي لاءِ اهي گڏيل نڪتا سامهون رکي اسان چئون ٿا ته ڇونه مغرب وارا هاڻي محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي باري ۾ پنهنجو نقطه نظر بدلائين؟ ڇونه اهي پادرين ۽ مستشرقين جي حائل ڪيل تعصب وارن پردن کي ڦاري ڇڏين؟ اڄ جڏهن مادي نظريي جو تجربو دل کولي ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي ان تجربي کي ان ڍنگ سان اڳتي جاري نٿو رکي سگهجي، وري اهو حڪمت جو وڻ هاڻي نوان گونچ به ڪونه ٿو ڪڍي جن کي اميد جو مرڪز بڻائي ڪجهه وڌيڪ وقت گذاري سگهجي; ٻئي طرف جيڪي مذهب موجود آهن انهن مان هرهڪ فرد جي زندگي جي هڪڙي گوشي ۾ سڪڙجي رهڻ پسند ڪري ٿو مگر اڳتي وڌي تهذيب جي واڳ هٿ ۾ وٺڻ لاءِ تيار ڪونهي، جڻ اسان نظرياتي لحاظ کان سموري پونجي ختم ڪري بلڪل ڏيوالا ٿي بيٺا آهيون. ڏئي وٺي توجهه جو مرڪز باقي آهي جتان اميد جا ڪرڻا ڦٽن ٿا، ان جي لاءِ به جيڪڏهن دلين جا دروازا بند ڪري ڇڏجن ته آخر مريخ تان ته ڪا رهنمائي درآمد ڪري نٿي آڻي سگهجي.

وقت آهي ته توهان محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي هڪڙي تاريخ ساز هڪڙي محسنِ انسانيت، هڪڙي قائدِ تمدن، ۽ هڪڙي انسانِ اعظم جي حيثيت سان ڄاڻو. اتان جيڪا روشني ملي ٿي ان جي لاءِ دل ۽ دماغ جون ڳڙکيون کولي ڇڏيو. اها هستي ان ڳالهه جي حقدار آهي ته ان کي توهان سائنسي طريقي سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. گُهرجي ٿو ته توهان اسلام کي عيسائيت جي هڪڙي دشمن مذهب طور نه ڏسو بلڪ جمهوريت، اشتراڪيت ۽ ٻين اصولي تحريڪن وانگر هڪڙي تحريڪ ۽ زندگيءَ جي هڪڙي تهذيبي نظام جي حيثيت سان ڏسو ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي ان تحريڪ جي قائد ۽ خدائي هدايت هيٺ هن نظام کي مضبوط ڪرڻ

واري جي حيثيت سان ڏسو جنهن تاريخ جي هڪڙي عظيم ۽ روشن دور جو افتتاح ڪيو. ان هستي جي پيش ڪيل اصولن کي توهان ان لحاظ کان جانچيو ته اهي هڪڙي دنياوي رياست هلائڻ جي لاءِ اڄ ڪيستائين فائديمند ۽ اٽنتر آهن. ان جي تيار ڪيل انسانيت جي نموني جو مطالعو ان مقصد سان ڪريو ته اهو نمونو جوهري تهذيب جو ڪل پُرزو بڻجڻ جي لاءِ ڪيتري حد تائين موزون آهي.

اڄ جڏهن ته اسان جي سامهون گهُپ انڌيرو آهي ۽ پري پري تائين ڪا چٽڻگ به برندي ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي اچي. پوئتي مڙي نظر وجهون ٿا ته محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي هٿن ۾ هڪڙو ڏيئو ٽمڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪو گذريل چوڏهن صدين کان انڌارين ۽ طوفانن جي وچ ۾ هڪڙي ئي شان سان ٻري رهيو آهي. ڇا محض خود پيدا ڪيل تعصبن ۽ غلط فهمين جي بنياد تي ان ڏيئي جي روشني کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏڻ ۽ پنهنجين اکين تي پٽي ٻڌي ڇڏڻ ڪوئي سٺو نتيجو ڏئي سگهن ٿا؟ ڇا انسانيت ۽ تهذيب کي ان انڌيرن ۾ تباهه ۽ برباد ٿيڻ لاءِ ڇڏي ڏجي؟ حالتون توهان جي سامهون ڪهڙي خوفناڪ للڪار ("چيلينج") ڪنيون بيٺيون آهن. ڇا توهان ۾ انهن کي جواب ڏيڻ جي سگهه موجود آهي؟

ليڪن حق اهو آهي ته اصل ڏوهي اسان پاڻ آهيون. اسان ئي محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي شخصيت، پيغام ۽ ڪارنامي کي دنيا کان به اوجهل رکڻ وارا آهيون ۽ پنهنجين نگاهن کان به لڪائڻ وارا. اڄ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي هستي جو نئين سر تعارف ڪرائڻ جي ضرورت آهي ۽ اها خدمت شايد جوهري توانائي جي انڪشاف کان زياده وڏي خدمت ٿيندي!

## هي ڪتاب:

سيرت پاڪ تي اعليٰ درجي جي علمي ۽ تحقيقي ڪتابن جي موجود هوندي مون هن ڪٺن وادي ۾ پنهنجي بي ثمري جي باوجود ان جذبي سان قدم رکڻ جي جرئت ڪئي آهي ته محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي هستي ان حيثيت سان هڪڙو پيرو وري پڌري ٿي وڃي ته اهي ئي زندگيءَ جي شعور جو واحد سرچشمو آهن. سيرت نگاري جا نهايت ئي قابل احترام شاهڪار جيڪي اسان جي سامهون موجود آهن، انهن ۾ پورو واقعاتي مواد ضرور موجود آهي، ليڪن پڙهندڙ ڪٿي ته روايتن جي اختلاف ۽ تحقيقي بحثن ۾ گم ٿي وڃي ٿو. ڪٿي واقعن جي تعلق ۽ سلسلي جو مطلب ان جي هٿ مان نڪري وڃي ٿو ڪٿي ان جي سامهون اهڙا جزئيات اچن ٿا جن جي واضح معنيٰ ۽ قابل اطمينان وضاحت ان جي هٿ ۾ نه ٿي اچي، ڪٿي علمي نڪتا ۽ تحقيقي مواد ۽ احوال جي گهٽائي ان کي هيسائي ڇڏي ٿي. ليڪن دفترن جا دفتر به اهو جيڪڏهن پڙهي وڃي ٿو ته ان جي باوجود اهو هڪڙي تحريڪ کي پنهنجي سامهون

لهرون هڻندي ڪونہ ٿو ڏسي. اهو ڪشمڪش جي ان منظر کي ڏسي نٿو سگهي، جيڪا حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت سان برپا ٿي. اهو پنهنجو پاڻ کي ان دور ۾ نٿو لهي جنهن جي روح روان نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هستي هئي. اهو مطالعي جي وادين مان اهو احساس کڻي ڪونہ ٿو موٽي تہ مان بہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تحريڪ جي هڪڙي بيتاب لهر آهيان ۽ پنهنجي ماحول جي اونداهين جي خلاف جدوجهد ڪرڻ جو فرض مون تي بہ عائد ٿئي ٿو. مون کي بہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حق جي ڪلمي جي مشعل کي فضائن ۾ بلند رکڻو آهي، ۽ ان جي روشني کي ايترو فروغ ڏيڻو آهي جو تهذيبن جي دنيائن ۾ هڪڙي صبح عالم تاب جلوه فرما ٿي وڃي.

اهو ئي هڪڙو رخ اهڙو آهي جنهن جي گهٽتائي کي پورو ڪرڻ جي لاءِ هي ناچيز لکت جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

تاريخ جي مطالعي لاءِ مون قرآني زاويہ نگاهہ اختيار ڪيو آهي. منهنجي سوچ مطابق چئن طرفن ۾ پکڙيل چرپر ۽ گردش جي دنيا آهي. تبديل ٿيندڙ ۽ قسم قسم جي دنيا آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ ڳالهہ تہ اها پيش قدمي ۽ جدوجهد، جهاد ۽ لڙائي جي دنيا آهي. هن ۾ ڪشمڪش بہ ڪم ڪري ٿي تہ مزاحمت بہ! ان ۾ عمل بہ ملي ٿو تہ رد عمل بہ! ان ۾ تخريب بہ آهي تہ تعمير بہ! هن ۾ روشني ۽ اونداهي هڪ ٻئي جي پٺيان آهن! ان ۾ رات ۽ ڏينهن هڪ ٻئي جو پيڇو ڪري رهيا آهن! هن ۾ موت ۽ زندگي هڪ ٻئي جي ڳچي ۾ هٿ وجهيون (دست بہ گريبان) پيا آهن! هن ۾ باهہ ۽ پاڻي پاڻ ۾ مليل (باهم دگر آويزان) آهن! هن ۾ خزان ۽ بهار هڪ ٻئي جي گهات ۾ ويٺا آهن! مطلب تہ هن دنيا جي ڪنهن بہ پاسي تي ۽ ڪنهن بہ ڪنڊ تي نظر وجهو مخالف ۽ ضد وارا جوڙا هڪ ٻئي جي آمهون سامهون اچي جهاد ۾ مصروف ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن ڪائنات جي هڪڙي حقير مڪاني ڪنڊ ۾ انساني زندگيءَ جي سڀ کان زياده هنگامن سان ڀريل لڙائي جو ميدان واقع آهي. اسان جو تمدن ۽ معاشرت جو نظام هڪڙو طوفاني سمنڊ آهي جنهن ۾ ڇولين سان ڇوليون، ٻوٽين سان ٻوٽيا ۽ ڦڙن سان ڦڙا هرهر اچي ٽڪرائي رهيا آهن. هتي حق ۽ باطل، خير ۽ شر، سچ ۽ ڪوڙ انصاف ۽ ظلم، ۽ نيڪي ۽ گناهہ جي وچ ۾ آدم عليہ السلام کان وٺي هن گهڙي تائين هڪڙي ڏکهي لڙائي وڙهي پئي وڃي. ان لڙائي جي واڳ انساني نفس ۽ روح جي هٿ ۾ آهي، جنهن جي سرچشمن مان طرح طرح جا خيال ۽ عقيدا، ۽ نظريا هڪ ٻئي پٺيان اٿلي رهيا آهن. قسمن قسمن جا ڪردار ظاهر ٿي رهيا آهن ۽ متضاد فطرت جا اجتماعي نظام پيدا ٿي رهيا آهن. هر خيال، عقيدو نظريو ۽ ڪردار ۽ نظام هڪڙي ٻهروپ (”همزاد“) وانگر پنهنجو ضد گڏ کڻي پيدا ٿئي ٿو ۽ هر طاقت جيڪا ابري ٿي پنهنجي مخالف جماعت (حزب اختلاف) کي همراهي ۾ کڻي اچي ٿي. ان اختلاف ۽ تضاد سان اهي گهڻ رُخا ۽ همهگير ٽڪراءَ پيدا ٿين ٿا جن اسان جي سموري تاريخ کي هڪڙي جهاد جو داستان بڻايو آهي ۽ اچ جهاد جو اهو داستان

اسان جي پنهنجي ئي رت جي مس سان باب در باب ۽ فصل در فصل لکيل اسان جي سامهون موجود آهي.

انساني تمدن جي گڏيل ترڪيب وارين دنيائن ۾ جيڪو هر گهڙيءَ ۽ گهڻ رُخو جهاد ڪتي دليلن ته ڪٿي تلوارن سان وڙهيو وڃي ٿو ان ۾ انسان جا به ئي ڪردار ("پارٽ") رهيا آهن. هڪڙي طرف اهو شر ۽ فساد جو علمبردار ٿي اٿي ٿو ٻئي طرف اهو خير ۽ ڀلائي جي دعوت ڏيندڙ ٿي ميدان ۾ لهندو آهي. ڪڏهن اهو پيچ ڊاهه ۽ بگاڙ جي قوتن جو سرگرم ذريعو (آله ڪار) بڻجي ٿو ڪڏهن تعمير ۽ ناهه ٺوهه جي دعوتن تي لبيڪ چوندي سامهون اچي ٿو. انسانيت جا ڪجهه شيطاني وجود اهي آهن، جيڪي زندگيءَ کي ڏکن ۽ مصيبتن سان ڀري ڇڏڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي ڇڏين ٿا. ٻئي طرف ڪجهه وجود اهي به هوندا آهن. جيڪي امن ۽ مسرت جي هڪڙي زميني جنت تعمير ڪرڻ لاءِ پنهنجي حياتيءَ جو سمورو سرمايو کپائي ڇڏيندا آهن. زندگيءَ جي لڙائي (معرڪہ حيات) جا ڪجهه جانباز اهي هوندا آهن. جن جي هٿان بڇڙائي (بدي). ڪوڙ ۽ ظلم جو هر طرف چرچو ٿي ويندو آهي ۽ جهاد هستي جا ڪجهه اهي سپاهي هوندا آهن. جيڪي نيڪي، سچائي ۽ انصاف جو ڏاڪو ڄمائي دنيا کان موڪلائيندا آهن.

اهي ئي نيڪي، سچائي ۽ انصاف جا سپاهي آهن، جن زندگيءَ کي اهو ڪجهه ڏنو آهي، جنهن جي هوندي اها گذارڻ جي ڪجهه قابل ٿي آهي. تمدن ۾ اڄ جيڪي به پهلو ڪنهن قدر ۽ قيمت سان مالامال ڏسڻ ۾ اچن ٿا، اهو انهن ئي فخر ڪرڻ جي قابل هستين جو فيض آهي. انسانن جي سامهون انهن نموني واري زندگي پيش ڪئي آهي، انهن تمدن ۽ معاشرت جو هڪڙو معيار ۽ آدرش ("آئيڊيل") اسان جي سامهون رکيو آهي، انهن اسان کي سونهري اصول ۽ مقصد ڏنا آهن. انهن تاريخ جي رڳن ۾ زندهه ۽ پائيدار روايتن جو رت ڊوڙائي ڇڏيو آهي، انهن تهذيب جي آسمان تي اخلاقي قدرن (اقدار) جا تارا ٽمڪائي ڇڏيا آهن. انهن ئي ماڻهوءَ کي حوصلا، ارمان، اميدون ۽ ولولا ڏنا آهن، انهن اصولن ۽ مقصدن جي لاءِ قرباني ۽ جدوجهد جو سبق ڏنو آهي. اهي ئي هستيون آهن، جن جي روشن ڪارنامن جي طفيل تاريخ انهيءَ جي قابل ٿي ته ان جو رڪارڊ محفوظ رکيو وڃي ۽ ان مان انساني لڏو قيامت تائين عمل جو نت نئون جذبو حاصل ڪندو رهي.

وري جڏهن ڪنهن موقعي تي بدي، ڪوڙ ۽ ظلم جي طاقتن هڪڙو سنگين نظام ۽ هڪڙو ڏکيو ماحول بڻجي زندگيءَ کي گهٽو سختي سان گهيري ۽ يڪوڙي ڇڏيو آهي ۽ ماڻهو همت هاري مايوسي جي اوڙاهه ۾ وڃي ڪريو آهي ته اهڙن موقعن تي تاريخ جا اهي ئي هيرو انساني لڏي جي ڪم آيا آهن ۽ انهن ستل ماڻهن کي جاڳايو ڪرندڙ کي اٿاريو. ڍڄڻن کي بهادريءَ جو آب حيات پياريو ۽ هٿيار ڦٽو ڪرڻ وارن کي نئين سر مقابلي جي ميدان جي اڳين صفن ۾ بيهاري شر ۽ فساد جي قوتن سان ويڙهايو آهي. ٻين لفظن ۾ انهن فخر جي قابل هستين تاريخ جي نهراء (جمود) کي ٽوڙيو آهي. تمدن جي جميل سمنڊ ۾ وري حرڪت پيدا ڪئي آهي، فڪر ۽ عمل جي بيٺل ندين کي نئين سر

وهڪرو ڏنو آهي ۽ تبديلي جي لهر کي ڪٿي سنگين نظام ۽ ڏکئي ماحول کي الٽو ڪري ڇڏيو آهي. ايستائين جو انسانيت جو قافلو پنهنجي ارتقا جي سڌي رستي (صراط مستقيم) تي بنا رنڊڪ جي روان دوان ٿي ويو!

خير ۽ فلاح، تعمير ۽ ٺاهہ ٺوهہ جي مهم ۾ حصو وٺڻ وارن جي صِفن جو جڏهن جائزو روتو وڃي تہ انهن ۾ الله جي نبين سڳورن ۽ رسولن جي پهرين صف ٿي پنهنجي امتيازي شان جي ڪري اسان کان گهڻي کان گهڻو خراج عقيدت حاصل ڪري ٿي. باقي جيتريون بہ صفون صديقن، شهيدن ۽ صالحن جون سنيگاريل نظر اچن ٿيون، اهي سڀ جون سڀ ان ئي پهرين صف جي ڪارنامن جي پيروي ۽ ان جي ئي رهنمائي ("ڪمانڊ") ۾ ڪم ڪرڻ واريون آهن. نبين سڳورن ۽ رسولن جي مقدس صِف ۾ بي اختيار جنهن هستي تي سڀ کان پهريان نگاهہ پوي ٿي، اها هستي سيدنا محمد مصطفيٰ صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ذات مبارڪ آهي! اهي ئي تاريخ جا سيني کان وڏا محسنِ انسانيت آهن! ان هستي کي جنهن بہ رُخ کان ڏسو ان جون بيشمار عظمتون ٻهڪندي نظر اچن ٿيون ۽ انهن عظمتن جي قصيده خواني ڪندي ڪندي نہ ڄاڻ گذريل چوڏهن صدين ۾ نسل بعد نسل رسالت جا ڪيترا عقيدتمند دنيا مان موڪلائي ويا، پر سچ اهو آهي تہ حق ادا ٿي نہ سگهيو! آئنده بہ اهو حق ڪنهن کان ادا ٿيندو؟ بس هڪڙي شوق جي جذبي جي تقاضا آهي، جنهن کان پهريان بہ تڀتار رهيا ۽ بعد ۾ اچڻ وارا بہ تڀتار رهندا. جناب ماهر (ماهر القادري) طرفان همت ڏيارڻ سان ان ئي شوق واري جذبي هيٺ هنن سٽن لکندڙ جي دل ۾ آيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ آلہ وسلم جي سيرت جي هن عظيم پهلو کي مختصر طور ظاهر ڪيو وڃي: ۽ پاڻ سڳورن پنهنجي قوم ۽ انسانذات جي تعمير ۽ فلاح جي لاءِ جڏهن ميدان ۾ قدم رکيو تہ پاڻ سڳورن جو ڪهڙي ظلم ۽ تشدد سان استقبال ڪيو ويو ۽ ڪهڙي طرح سموري ڄمار هڪڙي بيمثال محسن جي احسان جو جواب انڌين مخالفتن ۽ ذليل قسم جي شرارتن سان ڏنو ويندو رهيو. ۽ ٻئي طرف ان ظلم، تشدد، انهن مخالفتن ۽ شرارتن جي طوفان مان گذرندي رسول پاڪ صلي الله تعاليٰ عليہ آلہ وسلم ڪهڙي سيرت ۽ ڪردار جو مظاهرو ڪيو! ـــ دلبر جي داستان جي ان ڏک سان ڀريل معاملي ۾ انهن جي لاءِ هڪڙو سبق آهي، جيڪي نيڪيءَ جو راڄ قائم ڪرڻ جي جدوجهد ۾ حصو وٺن ۽ انهن جي لاءِ بہ هڪڙو سبق آهي، جيڪي اهڙي ڪنهن جدوجهد جي مخالفت ۾ مزاحمت ڪرڻ جي لاءِ اٿن.

انسانذات جي تاريخ ۾ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ آلہ وسلم جو اهو مقام آهي! ـــ تاريخ شاهدي ڏئي ٿي تہ اهي سيني کان وڏا تاريخ ساز انسان هيا.

انساني فلاح و بهبود جي ان سڀ کان وڏي ڪم کي ڪرڻ جي لاءِ جڏهن حضرت خاتم النبيين صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تشريف ڪٿي آيا تہ اهي سمورا ڏک ۽ ايذاء جيڪي مڙني نبين سڳورن ۽ رسولن تي مختلف زمانن ۾ آزمايا ويا هئا. شيطان هڪ ئي وقت انهن سيني کي گڏ ڪري ڪٿي آيو ۽ هڪڙي اڪيلي ۽ بي سهاري يتيم نوجوان کي

چوپڙ (چومکي) وڙهندو رهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو! سيرتِ نبوي جو منظر ڪجهه اهڙو آهي، جيئن تاريخ جي طوفاني سمنڊ ۾ ڪوئي ترڻ جو ماهر بنا ٻيڙي ۽ ونجهه جي چولين، ڪُنن ۽ واڳوئن سان وڙهي رهيو هجي. سيٽيون وڄائيندي تيز ۽ سخت هوائون گهلي رهيون هجن، ڪارن ڪڪرن جو غيض و غضب وچ جي چمڪڻ ۽ ڪڪرن جي ڪڙڪاٽ جي صورت ۾ پالوٽ ڪري وهندو هجي، ڳڙن جو وسڪارو تي رهيو هجي ـــ ليڪن تارو پوءِ به پنهنجو رستو ٺاهيندو اڳتي ۽ اڃا اڳتي وڌندو ويندو هجي! ڇا تاريخ وٽ اهڙي دردناڪ مظلوميت ۽ اهڙي عزم سيڪاريندڙ استقلال جي ڪو برابري ڪندڙ مثال آهي؟

خير ۽ شر جي لڙائي وارو ڊرامو جڏهن به پيش ڪيو ويندو آهي ته ان جا بنيادي ڪردار هميشه هڪ ئي هوندا آهن. زمانو بدلجي ويندو آهي، جاگرافيائي ماحول نئون پيدا ٿي ويندو آهي، ماڻهن جا نالا بدلجي ويندا آهن، پر انهن جو مقرر ڪردار (پارٽ) تبديل ڪونه ٿيندو آهي. ٻيو ڪردار معاشري (سوسائٽي) جي ان خالص جوهر جو هوندو آهي، جيڪو سچائي ۽ نيڪي جي پڪار ٻڌڻ سان ئي آواز کي پنهنجي فطري ذوق سان سڃاڻندو ۽ ان تي بي ڌڙڪ لبيڪ چوندو آهي ۽ اڳين پهرين (سابقون الاولون) جو موقف سنڀاليندو آهي. ٽيون ڪردار خلوص (اخلاص) سان اختلاف ڪرڻ وارن جو هوندو آهي، جيڪي ڳالهه ٻڌندا آهن، سوچيندا آهن پر علم ۽ شعور جي ڪوتاهي ۽ ڪجهه ذهني ۽ نفسياتي رڪاوٽن جي ڪري حقيقت کي پوريءَ طرح سمجهڻ ۾ دير لڳائيندا آهن.

چوٿون نهايت سرگرم ۽ فتنا پيدا ڪندڙ ڪردار حق جي دشمنن جو هوندو آهي، جيڪي پنهنجي مفاد ۽ پنهنجن منصبن ۽ پنهنجي مرتبي ۽ پنهنجي بگڙيل عادت جي ڪري پهرين ڏينهن کان ئي ڄاڻندي ٻجهندي ضد مٿان ضد واري رَوَش تي مخالفت جي مهم هلائيندا آهن ۽ ڏينهون ڏينهن ان جي لهر ۾ وهندا ئي ويندا آهن. پنجون ڪردار ڪمزور عوام جو هوندو آهي، جيڪو معاشري جي اعليٰ طبقن جو زيردست هجڻ ڪري ڪوئي جرئت مندي وارو ۽ ڪارائتو قدم کڻي ڪونه سگهندا آهن ۽ نه ذهني طور تي آساني سان ڪنهن دعوت جي تهه تائين پهچڻ جي صلاحيت رکندا آهن. تنهن ڪري اهي عام طور تي حق جي دعوت ڏيڻ واري (داعي حق) ۽ حق جي دشمنن جي ڇڪتاڻ کي سالن تائين صبر سان ڏسندا رهندا آهن ۽ جڏهن آخرڪار پاسو ڪنهن طرف جُهڪي ويندو آهي ته اهو طاقت جو سيلاب به حرڪت ۾ ايندو آهي ۽ ان طرف وهڻ لڳندو آهي. پوءِ خير ۽ شر واري لڙائي جي ڊرامي جي گرماگرمي ٻن ئي ڪردارن جي ٽوراٽتي هوندي آهي! يعني حق جي دعوت ڏيڻ واري (داعي حق) ۽ ان جي ساٿين جو ڪردار ۽ ٻيو جوابي ۽ منفي طوفان اٿارڻ وارن سرگرم مخالفن جو ڪردار! اهو ناممڪن آهي ته حق جي دعوت جي راند ڪيڏي وچي ۽ اهي ٻئي ڪردار آمهون سامهون نه اچن! اهو ناممڪن آهي ته سچائي ۽ نيڪي جو آواز بلند ڪيو وڃي ته ان جي جواب ۾ ڪوڙ ۽ بڇڙائي (برائي)

جون سموريون قوتون ڏوڪينديون نہ اچن! اهو ناممڪن آهي تہ انسانذات جي ڀلائي ۽ خدمت جي لاءِ ڪم شروع ڪيو وڃي تہ دنيا گارين، الزامن، هُل هُلاچي ("پروپيگنڊا")، سازشن ۽ تشدد جي مختلف هٿيارن سان هجوم ڪري نہ اچي.

نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ آلہ وسلم بہ جيڪڏهن رڳو ڪجھ سٺيون ڳالهيون سوچيندا ۽ چوندا رهن ها، پنهنجي پسنديده طريقي تي الله جي سامهون رڪوع ۽ سجدا ڪندا رهن ها، ڪنهن اڪيلائي ۾ ويهي ذڪر ڪندا ۽ وظيفا ڪيندا رهن ها، بلڪ سٺا سٺا واعظ بہ ڪندا رهن ها ۽ "مريدن" جو هڪڙو حلقو يا پنهنجن پيروڪارن جي هڪڙي بي ضرر انجمن بہ ٺاهي رکن ها تہ زمانو اهو سڀ ڪجھ برداشت ڪري ڇڏي ها، ليڪن پاڻ سڳورا پوري زندگيءَ کي تبديل ڪرڻ نڪتا هيا، پاڻ سڳورن معاشري جي سڄي عمارت کي نئين سر تعمير ڪرڻ گهريو ٿي، پاڻ سڳورا اجتماعي نظام کي اديڙي بهترين نقشي تي نئين سر بڻائڻ تي مقرر ٿيل هيا، پاڻ سڳورا مفاد ۽ حقن جي ان سموري توازن کي درهم برهم ڪرڻ جي پٺيان هيا، جيڪو سخت مضبوطي سان قائم هيو. پاڻ سڳورا انسان کي هڪڙي نئين اعتقادي ۽ اخلاقي سانچي ۾ ڍالڻ جي لاءِ مبعوث ٿيا هيا. پهرين ڏينهن کان ئي پاڻ سڳورن ان ڳالھ جي دعوت ڏني ۽ پهرين ڏينهن کان قوم سندن دعوت جو اهوئي مطلب سمجهيو. تنهن ڪري سمورو جوابي رويو ان مطلب جي فطري ردعمل مان پيدا ٿيو.

نيڪي ۽ سچائي جي همهگير تحريڪ جي مخالفن جو ڪنهن بہ دور ۾ جائزو وٺو تہ توهان ڏسندا تہ انهن جي منفي هنگامن جو سلسلو ۽ مهارت ("ٽيڪنڪ") هميشہ هڪڙي ئي رهي آهي. سڀ کان پهريان هميشہ معمولي ٽٺول ۽ کل مذاق کان ڪم ورتو ويو پوءِ اڳتين مرحلي ۾ گارين، طعنن، ڪوڙ بهتان ۽ نڪتہ چينين ۽ بدنام ڪرڻ وارن لقبن جو طوفان اٿاريو ويو پوءِ عوام ۾ غلط فهميون پکيڙڻ جي لاءِ ڪوڙي پرچار جو زور لڳايو ويو معاملو اڳتي وڌيو تہ هڪڙي طرف قومي مفاد ۽ اتحاد جي خطري ۾ پوڻ جو واسطو ڏياريو ويو ۽ ٻئي طرف مذهبي بنيادن تي جاهل عوامي طبقي ۾ اشتعال پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. وچ وچ ۾ عقلي دليلن جا تير تُڪا بہ هنيا ويا. اعتراضن ۽ سوالن جي بوڇاڙ ٿيندي رهي. جڏهن محسوس ٿيو تہ هڪڙي خطرناڪ دعوت زور پڪڙي رهي آهي تہ سودي بازي جون ڪوششون ڪيون ويون. سيئي حربا ناڪام ڏسي تشدد جا نهايت ذليل طريقا اختيار ڪيا ويا ۽ معاشي ۽ سماجي لاتعلقي ("بائڪاٽ") جو دباءُ وڌيو ويو. قيدوبند ۽ جلاوطني جا منصوبا عمل ۾ آندا ويا. ايستائين جو آخرڪار حق جي دعوت ڏيڻ واري (داعي حق) جي قتل جا ارادا ڪيا ويا. جيڪڏهن معاملو ان مرحلي کان بہ اڳتي نڪري ويو تہ لڙائي جو ميدان گرم ڪري ويڙھ لاءِ پڪاريو ويو. اهي سمورا معاملا ۽ مرحلا حضرت سيدنا خاتم المرسلين محمد مصطفيٰ صلي الله تعاليٰ عليہ آلہ وسلم کي هڪ ٻئي پٺيان پيش آيا، پر الله تعاليٰ پاڻ سڳورن کي هر معاملي ۾

هر مرحلي تي شاندار ڪاميابي سان اڳتي وڌايو ۽ اهو ڏينهن اچي ويو جو سمورو عربستان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ آولہ وسلم جي قدمن ۾ هيو.

هن ڪتاب ۾ سيرت پاڪ جي اعتبار جوڳي واقعاتي مواد کي پوري لاڳاپي ۽ تسلسل سان اهڙي انداز ۾ گڏ ڪيو ويو آهي جو ان خيروشر جي عظيم معرڪي جو منظر اکين جي سامهون اچي وڃي ٿو جنهن کي تاريخ جو ٺهراء (جمود) ٽوڙي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم برپا ڪيو ۽ پوءِ ڄمار جي هڪڙي هڪڙي گهڙي ان ۾ کپائي ڇڏي، مون کي اميد آهي تہ پڙهندڙان جو مطالعو ڪندي چوڏهن صدين جو فاصلو عبور ڪري پنهنجو پاڻ کي محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ويجهو محسوس ڪندو. ان کي واقعن جو سلسلو پنهنجي سامهون هلندو نظر ايندو اهو اسلامي تحريڪ جي لهرن کي پنهنجي عالم تصور ۾ چوليون هڻندي ڏسندو. اهو حق ۽ باطل جي انهي ڇڪتاڻ جو غيرجانبدار تماشائي بڻجي ڪناري تي ويٺو نہ رهي سگهندو بلڪ ان جي اندر مثبت جذبا ايرندا. اهو سوچڻ تي مجبور ٿي ويندو تہ انساني تاريخ ۾ منهنجو حصو ڇا آهي ۽ ڪهڙو هجڻ گهرجي!

مون کي اميد آهي تہ هن ڪتاب مان عزم ۽ استقلال جو سبق حاصل ڪري سگهبو ۽ مشڪل ترين حالتن ۾ فرض جي ادائگيءَ جو حوصلو پيدا ٿيندو. هن جي مطالعي سان پنهنجي سڀ کان وڏي محسن محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو دلين ۾ صحيح قدر پيدا ٿيندو. احسانمنديءَ جي اظهار جو هڪڙو گهرو جذبو ايرندو. پاڻ سڳورن جي ذات جي لاءِ هڪڙي محبت ۽ عقيدت پيدا ٿيندي، جيڪا مطلوبِ دين آهي. اهو اندازو ڪري سگهبو تہ اڄ جنهن حق جي نور سان اسان جون دليون روشن آهن، ان کي آڻڻ وارو ڪهڙين ڪهڙين آزمائشن مان گذري، ڪهڙين ڪهڙين مخالفتن جو مقابلو ڪري، ڪهڙن ڪهڙن رهزنن جي حملن جي زد تي اچي، ۽ رت ۽ لڙڪن جي ڪهڙن ڪهڙن سمنڊن کي پار ڪري ان کي اسان تائين پهچائي سگهيو آهي. ان مان اهو شعور حاصل ٿيندو تہ سچائي ۽ نيڪي جي علمبردارن جي واٽ فسادن سان ڀريل لڱن مان گذري نڪتي آهي ۽ ان واٽ کي جڏهن محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جهڙي مقبولِ بارگاهہ ۽ زماني جي بي مثال هستي جي لاءِ ڪنڊن کان صاف ڪري گُلن جي فرش سان سينگاريو ڪونہ ويو تہ هاڻي ٻئي ڪنهن جي لاءِ ڪوئي اهڙو خفيہ ننڍو رستو ("شارٽ ڪٽ") کيئن ڪڍيو ويندو تہ ماٺهو پنهنجي امن واري جاءِ تان اٿي تہ پيرن تي مٽي لڳڻ کان سواءِ سڌو بهشت ۾ وڃي پهچي. رسالت ماب صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ذڪن سان ڀريل ڪهاڻي پڙهڻ سان اهي سمورا مغالطا ۽ اطمينان ڪافور ٿي وڃن ٿا، جن جي ڪري ماڻهو عافيت ۽ خدا پرستي کي گڏ ڪري امن ۽ چين ۾ ويهڻ هوندو آهي.

اسان کي سيرت نبوي جي روشني ۾ ڏسڻ گهرجي تہ جيڪڏهن اهي سنگميل ڪٿي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن، رستي جا اهي نشان سامهون ڪونہ ٿا اچن، اهي موڙ ۽ هيٺ مٿانهيون اڳيان ڪونہ ٿيون اچن، اهي ڪنڊا ۽ پٿر رستي ۾ ڪونہ ٿا پون، اهي رهزن ۽

رڻ پٽ جا پوت حملو ڪونہ ٿا ڪن، اهي نوڪرون ڪونہ ٿيون لڳن، اهي زخم نٿا لڳن جن جي تذڪري سان قرآن شريف جا صفحا ۽ سيرت جا باب پريا پيا آهن. تہ پوءِ اسان کي پنهنجي سفر جي طرف تي، پنهنجي منزل مقصود تي، پنهنجي اختيار ڪيل عملي راهہ تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي. ڪٿي ائين تہ ڪونهي تہ تون جنهن رستي سان وڃين پيو اها واٽ تہ ترڪستان ڏانهن ويندڙ آهي ("کہ اين راه کہ تو مے رَوي بہ ترکستان است"))واري ڪار هجي. هن ڪتاب جي مطالعي سان هر مسلمان اڳواٽ خبردار رهي سگهي ٿو تہ جڏهن هن امت ۾ ڪڏهن بہ ڪوئي شخص يا گروهہ دعوت نبوي ۽ تحريڪ نبوي کي کڻي اٿندو ۽ ان طريقي تي ڪم ڪرڻ گهرندو تہ ان جي خلاف ٺٺول ۽ بي عزتي، گاريون ڏيڻ، الزام لڳائڻ، نڪتہ چيني ڪرڻ، اشتعال ڏيارڻ، ڪافر ۽ فاسق جي فتوا، ڪوڙي پرچار، سازش، شرارت، ظلم ۽ تشدد جا اهي سڀ طوفان اٿي پوندا، جيڪي هن ڪم جي لاءِ مقدر آهن. انهن طوفانن ۾ گهيريل ڪنهن بہ دور ۾ حق جي دعوت ڏيڻ لاءِ اٿڻ واري کي سڃاڻڻ ۽ ان جي ڳالهہ کي سمجهڻ ۽ ان جي پڪار تي لبيڪ چوڻ صرف اهڙن ئي ماڻهن لاءِ آسان ٿي سگهي ٿو جيڪي قرآن شريف ۽ سيرتِ نبوي جي مطالعي سان خير ۽ شر جي لڙائي واري ڊرامي ۾ پيش آيل هر عمل ۽ منظر جو پهريان کان صحيح تصور رکندا هجن. هر مسلمان کي اهو ڄاڻڻ گهرجي تہ باطل جون اهي طاقتون جن نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيروڪار هستين ــ امام حسين عليہ السلام، امام مالڪ رضي الله تعاليٰ عنہ، امام احمد بن حنبل رضي الله تعاليٰ عنہ، امام ابوحنيفہ رضي الله تعاليٰ عنہ، حضرت مجدد الف ثاني، شاهہ ولي الله دهلوي کي بچي وڃڻ نہ ڏنو اهي ڪنهن ٻئي کي ڪٿي پنهنجين مهربانين کان آجو رکڻ تي تيار ٿي سگهن ٿيون. سيرتِ نبوي اسان کي هر دور ۾ حق جي دعوت ڏيندڙن (داعيان حق) ۽ حق جي دشمنن (دشمنانِ حق) جي ڪردار ۾ فرق ڪرڻ سيکاري ٿي. مون انهن سڀني ڪردارن کي هن ڪتاب ۾ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي خير ۽ شر جي لڙائي ۾ ڪم ڪندا آهن!

مون کي اميد آهي تہ هن ڪتاب جو مطالعو ان خوفناڪ تضاد جو احساس ڏياريندو جيڪو رسالت تي اسان جي ايمان ۽ اسان جي عملي زندگين ۾ پيدا ٿي ويو آهي. اڄ ڪا هڪڙي سرزمين بہ اهڙي ڪونهي جتي محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو نظامِ حيات برپا ٿي ڪم ڪندو هجي. عالم اسلام بادشاهتن ۽ آمريتن جو آکاڙو بڻيو پيو آهي، جن جي دم سان هڪ صرف اسان جي چوڌاري ظلم گهيرو ڪيون پيا آهن ۽ ٻئي طرف جديد دور جون اونداهيون اسان تي مسلط آهن، ۽ ذهني لحاظ کان اسان جهالت ۾ ٻڏل آهيون. معاشي لحاظ کان سُڃائي جي ور چڙهيل آهيون، ثقافتي لحاظ کان ٻين جي آڏو پينو آهيون ۽ بين الاقوامي حيثيت سان اسان ٻنهي ڌرين ("بلاڪن") جي لاءِ سستو شڪار آهيون. اها آهي ان تضاد جي سزا جنهن کي اسان ڀوڳي رهيا آهيون!

هن ڪتاب جو اصل پيغام اهو آهي تہ اسان محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت کي نئين سرجياريون، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قائم ڪيل طريقن سان ماحول جي تبديلي لاءِ جدوجهد ڪيون ۽ نظام عدل و رحمت کي نيڪ ان عملي نقشي تي مضبوط ڪيون، جنهن کي قرآن شريف جي اصولن کي سامهون رکي ان قائدِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم شڪل ڏني هئي! وقت اچي ويو آهي تہ اسان ۽ اسان جا نوجوان موجوده زماني جي تهذيب کان رعب ۾ اچڻ واري بوجهہ کي لاهي ڦٽو ڪريون ۽ هن ماده پرستاڻي دور جي خلاف نڪري بغاوت جو جهنڊو ابو ڪيون. محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت کي ڪتابن جي صفحن مان ڪڍي نئين سر عملي زندگيءَ جي ورقن تي لکون. ان کي هڪڙي اجتماعي نظام جي صورت ۾ مرتب ڪري ڇڏيون ۽ چوڪاري جي واٽ کولڻ واري اها ئين طاقت بڻجون جنهن جي جاءِ تاريخ ۾ خالي پئي آهي.

الله رحيم ۽ ڪريم هن معمولي ڪوشش کي قبول ڪري ۽ ان کي پنهنجي مقصدن ۾ ڪامياب ڪري! آمين.

نعيم صديقي

پهرين ڊسمبر 1959ع

باب ٻيون

# مُحسنِ انسانيت

صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

## شخصيت......... هڪ نظر ۾

وَاِذَا نَظَرْتُ اِلَىٰ اَسِرَّةِ وَجْهِهٖ
بَرَقَتْ كَبَرْقِ الْعَارِضِ الْمُتَهَلِّلِ

ابوڪبير هذلي

جڏهن مون هن ٻهڪندڙ چهري تي نظر وڌي تہ ان جي چمڪ جو شان اهڙو هيو جڻ ڪنهن ڪڪرِ ۾ ڪنوڻ چمڪندي هجي!![1]

[1] غزلِ جي رنگ ۾ پڙيل اهو شعر جاهليت واري دور جي هڪڙي مشهور شاعر هذلي جو چيل آهي ۽ حضرت عائشہ صديقہ رضہ هڪڙي بي تڪلفي واري موقعي تي وڏي پياري انداز ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي مخاطب ٿيندي چيو هيو.

”اھو چھرو
ڪنھن ڳُوڙھي ماٺھوءَ
جو چھرو
نٿو
ٿي سگھي.“
عبدالله بن سلام.

## هڪڙي جهلڪ:[1]

دنيا ۾ عظيم ڪارناما انجام ڏيڻ واريون هستيون (خاص ڪري نبي سڳورا عليهم السلام) هميشہ غيرمعمولي درجي جي شخصيتن سان سينگاريل هونديون آهن. سڌاري (اصلاح) جا ڪم، تحريڪن جي رهنمائي، تهذيبن جي نئين تعمير ڪرڻ وارن جي اصل قوت انهن جي شخصيت ئي هوندي آهي، جيڪا خاص نموني جي فڪرن (افڪار) ۽ ڪردار سان ٺهندي آهي. سيرت پاڪ جي مطالعي جو هڪڙو مقصد اهو بہ آهي تہ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شخصيت کي سمجهيو وڃي.

ڪنهن بہ شخصيت کي سمجهڻ ۾ ان جو منهن مهاندو (وجاهت) گهڻي وڏي مدد ڏيندو آهي. ماڻهوءَ جو قدڪاٺ، ان جي بدن جي بيهڪ، ان جي عضون جو خاص انداز ان جي ذهني، اخلاقي ۽ جذباتي مرتبي جو آئينہ دار هوندو آهي. خاص طور تي چهرو هڪڙو اهڙو ڪاغذ هوندو آهي، جنهن تي انساني ڪردار ۽ ڪارنامن جو سمورو داستان لکيل هوندو آهي ۽ ان تي هڪڙي نظر وجهڻ سان ئي اسان ڪنهن جي مقام جو تصور ڪري سگهون ٿا.

اسان بعد ۾ اچڻ وارن ماڻهن جي قسمت جي ڪوتاهي آهي تہ دنيا جي سڀ کان وڏي انسان جو چهرو مبارڪ اسان جي سامهون ڪونهي ۽ نہ وري اسان هن واقعاتي جهان ۾ پنهنجين ذاتي اکين سان زيارت جو شرف حاصل ڪري سگهون ٿا. اسان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حسن و جمال جي جيڪا بہ جهلڪ ڏسي سگهون ٿا، اها حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيغام ۽ ڪارنامي جي روشني ۾ ئي ڏسي سگهون ٿا.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪائي حقيقي شبيهہ يا تصوير موجود ڪونهي. خود حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم امت کي ان کان منع ڪئي، ڇو تہ تصوير جو فتنو شرڪ سان ملندڙ جلندڙ ٿي وڃڻ کان نہ رڪجي سگهي ها. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي جيڪڏهن ڪا تصوير موجود هجي ها تہ نہ ڄاڻ ان سان ڪهڙيون ڪهڙيون ڪرامتون ۽ معجزا منسوب ٿي وڃن ها ۽ ان جي اعزاز جي لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون رسمون ۽ تقريبون ظاهر ٿي چڪيون هجن ها، بلڪ شڪ ڪونهي تہ ان جي پوڄا بہ ٿيڻ لڳي ها. يورپ ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جون فرضي تصويرون ٺاهيون وينديون رهيون آهن. پر ڪهڙو مصور ("آرٽسٽ") اهڙو آهي جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي عالم خيال ۽ ڪردار جو ذري بہ ذري ڪامل ۽ جامع تصور رکندو هجي ۽ پوءِ ان تصوير کي لڪيرن ۽ رنگن ۾ پوري طرح جلوه گر ڪري سگهي. فرضي تصويرون جهڙي بہ نموني سان ٺهنديون آهن، اهي ان مخصوص وجود جون ڪونہ هونديون آهن، جنهن جو نالو مبارڪ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

---

[1] هيا ڪتاب بہ موجود آهن. ليڪن هن موضوع تي مؤلف گهڻوتڻو شمائل ترمذي تي ڀاڙيو آهي.

هيو. بلڪ ڪنهن خيالي وجود جو خاڪو گهڙي ان کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو نالو ڏنو وڃي ٿو. معاملو ديانت جي دائري ۾ نٿو رهي، بلڪ ڄاڻي واڻي اهڙيون تصويرون پيش ڪيون وينديون آهن. جن سان هڪڙي ڪمزور ۽ بيڪار شخصيت جو تصور پيدا ٿئي. انهن تصويرن لاءِ رنگ انهن تعصب وارين لِکَتَن (تصنيفن) ۾ تذڪرن مان ورتو ويندو آهي، جيڪي بي عقلي واري دشمني ۾ حقيقت ناشناسي جو مظهر آهن. نبين سڳورن ۽ صالح ماڻهن جون فرضي تصويرون ناهڻ يا ڊرامن ۾ انهن جا ڪردار آڻڻ سان اهوئي نقصان آهي تہ انهن جا اصل ڪردار پردن جي پنيان بلڪل گم ٿي وڃن ۽ ڏسڻ وارن تي غلط اثر پوي

ليڪن، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اصحابن گهٽ ۾ گهٽ لفظي پردن ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شبيهہ کي مرتب ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان کي روايت ڪندڙن محفوظ حالت ۾ اسان تائين پهچائي ڇڏيو آهي. اسان هتي ان لفظي شبيهہ کي پيش ڪيون ٿا تہ جيئن پڙهندڙ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪردار جو مطالعو ڪرڻ کان پهريان ان عظيم انسان جي هڪڙي جهلڪ ڏسي وٺن. اها ڄڻ هڪڙي قسم جي ملاقات آهي ـــ هڪڙو تعارف!

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي چهري مبارڪ، قدڪاٺ، خدوخال، چال ڍنگ ۽ منهن مهاندن جو جيڪو عڪس صدين جي پردن مان ڇڻي اسان تائين پهتو آهي، اهو بهرحال، هڪڙي اهڙي انسان جو تصور ڏياري ٿو جيڪو ذهانت، شجاعت، صبر و استقامت، سچائي ۽ ديانت، اعليٰ ظرفي، سخاوت، فرض شناسي، وقار ۽ عاجزي، ۽ فصاحت و بلاغت جهڙن سهڻن اوصافن جو مجموعو هيو بلڪ ائين چوڻ گهرجي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي جسماني نقشي ۾ نبوت جي روح جو پرتوو ڏسي سگهجي ٿو ۽ سندن منهن مهاندا خود پاڻ سڳورن جي مقدس مرتبي جو هڪڙو دليل هيا. هن موقعي تي پاڻ سڳورن جو هڪڙو ارشاد ياد آيو. فرمايائون: وَاِنَّ تَقوَيَ اللهِ تُبَيِّضُ الوُجُوهَ. الله جي تقوا ئي چهرن کي روشن ڪندي آهي. نبوت تہ ايمان ۽ تقوا جو معراج آهي، نبي سڳوري جو چهرو تہ چمڪندڙ نور هجڻ ئي گهرجي.

سو اها آهي ان آفتاب حق جي هڪڙي جهلڪ!

## منهن مهاندو (وجاهت) ـــ

”مون جيئن ئي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ڏٺو تہ هڪدم سمجهي ويس تہ پاڻ سڳورن جو چهرو هڪڙي ڪوڙي ماڻهوءَ جو چهرو نٿو ٿي سگهي.“ (عبدالله بن سلام)[1]

[1] عبدالله بن سلام يهودين جو هڪڙو وڏو عالم هيو جنهن جو نالو حصين هيو. سرورِعالم جي مديني اچڻ تي اهو کين ڏسڻ ويو ڏسڻ سان ئي ان تي جيڪو اثر پيو بعد ۾ ان کي ان انهن لفظن ۾ بيان ڪيو. ايمان آندائين ۽ عبدالله نالو رکيو ويو. (سيرت المصطفيٰ: از مولانا محمد ادريس ڪانڌيلوي ج 1 ص 349)

"مان پنهنجي پٽ کي ساڻ وٺي حاضر ٿيس تہ ماڻهن ڏيکاريو تہ اهو آهي الله جو رسول! مون ڏسڻ سان چيو تہ واقعي اهي الله جا رسول آهن." ابورِمثہ تيمي. (شمائل ترمذي)

"مطمئن رهو مون ان شخص جو چهرو ڏٺو هيو جيڪو چوڏهين رات جي چنڊ وانگر روشن هيو اهو ڪڏهن بہ توهان سان وسواس گهاتي ڪرڻ وارو شخص نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن اهڙو ماڻهو (اُٺ جي رقم) ادا نہ ڪري تہ مان پنهنجي هٿان ادا ڪنديس." (هڪڙي معزز خاتون)[1]

"اسان اهڙي خوبصورت چهري وارو شخص ڪونہ ڏٺو آهي — اسان ان جي چهري مان روشني نڪرندي ڏٺي آهي." (ابو قُرصافہ جي امڙ ۽ ماسي)[2]

"حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان وڌيڪ خوبصورت ڪنهن کي ڪونهي ڏٺو. ائين لڳندو هيو ڄڻ سج چمڪي رهيو آهي." (ابوهريره رضہ)

"جيڪڏهن توهان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ڏسو ها تہ سمجهو ها تہ سج اڀري ويو آهي." (رُبيع بنت مُعَوذ)

"ڏسڻ وارو پهرين نظر ۾ رعب ۾ اچي ويندو هيو." (علي عليہ السلام)

"مان هڪڙو دفعو چانڊوڪي رات ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ڏسي رهيو هيس. پاڻ سڳورن کي ان وقت ڳاڙهي رنگ جو وڳو پاتل هيو. مان ڪڏهن چنڊ کي ڏٺو ٿي ۽ ڪڏهن پاڻ سڳورن کي. آخرڪار مان ان فيصلي تي پهتس تہ حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم چنڊ کان گهڻو وڌيڪ حسين آهن." (جابر رضہ بن سمره)

"خوشي ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو چهرو اهڙو چمڪندو هيو ڄڻ چنڊ جو ٽڪرو هجي. ان چمڪ کي ڏسي اسان کي پاڻ سڳورن جي خوشي جي خبر پئجي ويندي هئي." (ڪعب رضہ بن مالڪ)

"چهري تي چنڊ جهڙي چمڪ هئي." (هند رضہ بن ابي هالہ)

## چهرو —

"چوڏهين جي چنڊ وانگر گولائي ورتل." (براء رضہ بن عازب)

"چهرو بلڪل گول ڪونہ هيو. ٿورڙي گولائي ورتل هيو." (علي عليہ السلام)

---

[1] مديني ۾ هڪڙو واپاري قافلو آيو ۽ شهر جي ٻاهران ترسيو. اتفاق سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو ان طرف کان گذر ٿيو. هڪڙي اُٺ جو سودو ڪيائون ۽ اهو چئي اٺ وٺي آيا تہ قيمت موڪلي ڏيان ٿو بعد ۾ قافلي وارن کي تشويش ٿي تہ بنا ڄاڻ سڃاڻ جي سودو ڪيائون. ان تي قافلي جي سردار جي عورت مٿيون جملو چيو. اهو واقعو طارق بن عبدالله بيان ڪيو جيڪو پاڻ قافلي ۾ شريڪ هيو. بعد ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طئي ٿيل قيمت کان ڪجهہ وڌيڪ ڪتل موڪلي ڏني. (سيرت النبي: مولانا شبلي. ج 2 ص 380. المواهب اللدنيہ: ج 1 ص 244)

[2] اهي عورتون حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ ابوقُرصافہ سان گڏجي اسلام جي بيعت ڪرڻ لاءِ ويون هيون ۽ واپسي تي انهن پنهنجا خيال ظاهر ڪيا.

"پيشاني ويڪري، پِرون مُڙيل ـ سنها ۽ ڀَڳتيل ـ (ٻئي الڳ الڳ) ٻنهي جي وچ ۾ هڪڙي رڳ اڀريل جيڪا ڪاوڙ مهل گهڻو ظاهر ٿي ويندي هئي." (هند رضہ بن ابي هالہ)

"پيشاني مان سرهائي جهلڪندي هئي." (ڪعب رضہ بن مالڪ)

## رنگت ـــــ

"نہ سيڙهي (ڇُوني) وانگر اڇاڻ (سفيدي) نہ سانورو پڻ. ڪڻڪ رنگي، جنهن ۾ اڇاڻ (سفيدي) غالب هئي." (حضرت انس رضہ)

"سفيد ڳاڙهاڻ مائل." (علي عليہ السلام)

"سفيد مگر سانوراڻي." (ابو طفيل رضہ)

"سفيد ...... چمڪندڙ." (هند رضہ بن ابي هالہ)

"ڄڻ بدن چاندي جو ٺهيل هجي." (ابو هريره رضہ)

## اکيون ـــــ

"اکيون ڪاريون ...... پنبڙيون ڊگهيون." (علي عليہ السلام)

"ماٺڪيون ڪارڙيون ..... نظرون جهڪيل ...... اک جي ڪنڊ کان ڏسڻ جو حيا وارو انداز." (هند رضہ بن ابي هالہ)

"سفيد حصي ۾ ڳاڙهيون لڪيرون ..... اکين جو خانو ڊگهو ..... قدرتي سرمائي." (جابر رضہ بن سمره)

## نڪ ـــــ

"تورو مٿي اڀريل .. ... ان تي نوراني چمڪ ...... جنهن جي ڪري شروعاتي (پهرين) نظر ۾ وڏو لڳندو هيو." (هند رضہ بن ابي هالہ)

## ڳل ـــــ

"هموار ۽ هلڪا .... هيٺان ڪجهہ گوشت لڙڪندڙ." (هند رضہ بن ابي هالہ)

## وات ـــــ

"ڪشادو ..... "! (جابر رضہ بن سمره)

"وچترائي سان ڪشادو." (هند رضہ بن ابي هالہ)

## ڏند مبارڪ ـــــ

"سنهڙا ..... چمڪندڙ ...... سامهون وارن ڏندن ۾ وٿندڙ ريکائون." (عبدالله رضہ بن عباس رضہ)

"گفتگو ڪندا هيا تہ ڏندن مان چمڪ اڀرندي هئي." (انس رضہ بن مالڪ)

## ڏاڙهي ـــ

"ڀريل (ڀرپور) ۽ ڳتيل وار." (هند رضہ بن ابي هالہ)

## ڳچي ـــ

"سنهي ڊگهي ..... جيئن موتي وانگر خوبصورتي سان تراشي وئي هجي ....... ڳچي جي رنگت چاندي جهڙي صاف ۽ وٽندڙ." (هند رضہ بن ابي هالہ)

## مٿو ـــ

"وڏو....... پر وچٿرو ۽ مناسبت سان." (هند رضہ بن ابي هالہ)

## وار ـــ

"ٿورڙا گهنڊيدار." (ابو هريره رضہ)

"نہ بلڪل ايا سِڌا ...... نہ گهڻا گهنڊيدار." (قتاده رضہ)

"ٿورڙو گهنڊي وانگر." (انس رضہ بن مالڪ)

"گهاٽا ۽ ڳتيل ..... ڪڏهن ڪڏهن ڪنن جي پاپڙين تائين ڊگها، ڪڏهن ڪلهن تائين." (براء رضہ بن عازب)

"وچان سينڌ نڪتل." (هند رضہ بن ابي هالہ)

"بدن تي گهڻا وار ڪونہ هيا ....... سيني کان دُن تائين وارن جي سنهڙي ليڪ." (علي عليہ السلام)

"ڪلهن، ٻانهن ۽ سيني جي مٿئين حصي تي ٿورڙا وار هيا." (هند رضہ بن ابي هالہ)

## مجموعي ڍانچو ـــ

"بدن ڀريل .... عضون جي سَنڌن (جوڙن) جون هڏيون وڏيون ۽ مضبوط" (هند رضہ بن ابي هالہ)

"بدن ٿُلهو ڪونہ هيو." (علي عليہ السلام)

"قد .... نہ وڏيڪ ڊگهو هيو نہ ڀندرو! وچٿرو." (انس رضہ بن مالڪ)

"قد ڊيگهہ مائل! ..... مجمعي ۾ هوندا هيا تہ ڀين کان قد مٿي نڪتل لڳندو هيو." (براء رضہ بن عازب)

"پيٽ ٻاهر نڪتل ڪونہ هيو." (اُمِ معبد رضہ)

"دنياوي نعمتن مان مزو وٺڻ وارن کان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو جسم (بک ۽ ڏک جي باوجود) زياده ترو تازه ۽ سگهارو هيو." [1] (المواهب اللدنيہ: ج ا ص 310)

---

[1] مشهور واقعو آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم عمرو ڪيو تہ پاڻ هڪ سو اُٺ ڪاهيائون ۽ انهن مان 63 اُٺن کي پاڻ ذبح ڪيائون ۽ باقي کي حضرت علي عليہ السلام جي حوالي ڪيائون.

”مون رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان وڌيڪ ڪوئي بهادر ۽ طاقتور ڪونهي ڏٺو.“ (عبدالله رضہ بن عمر رضہ)[1]

## ڪلها ۽ سينو ــــ

”سينو ويڪرو...... سينو ۽ پيٽ برابر.“ (هند رضہ بن ابي هالہ)

”سينو ويڪرو.“ (براء رضہ بن عازب)

”ڪلهن جي قٽين جو وچوارو فاصلو عام ماپ کان وڌيڪ.“ (هند رضہ بن هالہ ـ براءِ رضہ بن عازب)

”ڪلهن جو وچون حصو گوشت سان ڀريل.“ (علي عليہ السلام)

## ٻانهون ۽ هٿ ــــ

”ڪارايون ويڪريون ..... ترِيون ڪشاديون ..... آڱريون مناسب حد تائين ڊگهيون.“ (هند رضہ بن ابي هالہ)

”ريشم جو ڪوئي نرم ۽ سنهو ڪپڙو يا ڪا ٻي اهڙي شي ڪونهي جنهن کي مون ڇهيو هجي ۽ اها حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هٿ جي ترين کان وڌيڪ نرم ۽ ملائم هجي.“ (انس رضہ بن مالڪ)

## قدم ــــ

”پِنيون گوشت سان ڀريل ڪونہ هيون ..... سنهيون نازڪ.“ (جابر رضہ بن سمره)

”ترِيون ۽ پير گوشت سان ڀريل ..... ترا ڪجهہ اونها.....قدم سڌيا جو پاڻي نہ بيهي.“ (هند رضہ بن ابي هالہ)

”کُڙين تي تمام گهٽ گوشت.“(جابر رضہ بن سمره)

## هڪڙي جامع لفظي تصوير:

ائين تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪيترن ساٿين حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شخصيت جا خاڪا لفظن ۾ چٽيا آهن. ليڪن ام معبد رضي الله تعاليٰ عنها جيڪا تصوير مرتب ڪئي آهي ان جو جواب ڪونهي. هجرت واري

---

[1] مڪي ۾ رڪانہ نالي هڪڙو پهلوان هيو جيڪو آکاڙي ۾ ڪُشتي وڙهندو هيو. هڪڙي ڏينهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کنهن پرپاسي واري وادي ۾ ان سان مليا ۽ ان کي پنهنجي حق جي دعوت ڏنائون. ان دعوت جي لاءِ کنهن سچائي جي معيار جي گهر ڪئي. ان جي ذوق کي ڏسندي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان سان ڪشتي وڙهڻ پسند ڪيو. ٽي دفعا ڪشتي ٿي ۽ ٽئي دفعا حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کي دسيو. ان رڪانہ پهلوان جي پٽ ابوجعفر محمد جي اها روايت حاڪم پنهنجي مستدرڪ ۾ آندي آهي ۽ ابودائود ۽ ترمذي بہ اها پيش ڪئي آهي. ۽ بيهقي وري سعيد بن جبير جي ٻي روايت آندي آهي جنهن ۾ اچي ٿو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪجهہ ٻين ماڻهن کي بہ ڪشتي ۾ دسيو آهي، جن مان هڪڙو ابوالاسود جمحي بہ آهي.(المواهب اللدنيہ ج 1 ص 302)

ماڙي (وادي) جو سفر طي ڪندي حق جو مسافر جڏهن پنهنجي پهرين منزل (غارثور) کان هليو تہ رستي ۾ پهرين ئي ڏينهن تي خزاعہ قوم جي ان نيڪ خصلت پڌڙي عورت جو خيمو پيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ سندن ساٿي اجارا هيا. اهو خاص فيض هيو تہ ڏبري ۽ بکايل ٻڪري ان مهل ججهي مقدار ۾ کير ڏنو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بہ پيتو سندن ساٿين بہ پيتو ۽ ڪجهہ بچي ويو. ام معبد رضي الله تعاليٰ عنها جي مڙس گهر اچي کير ڏٺو تہ اچرج مان پڇيائين تہ اهو ڪٿان آيو. ام معبد رضي الله تعاليٰ عنها سمورو حال بيان ڪيو. اهو پڇڻ لڳو تہ ان قريشي نوجوان جو منهن مهانڊو (نقشو) تہ بيان ڪر. هي اهو تہ ڪونهي جنهن جي ڳولا آهي. ان تي ام معبد رضي الله تعاليٰ عنها حسين ترين لفظن ۾ تصوير چٽي. ام معبد رضي الله تعاليٰ عنها کي نہ ڪا واقفيت هئي ۽ نہ ڪنهن قسم جو تعصب. بلڪ جيڪو ڪجهہ ڏٺو اهو جيئن جو تيئن ٻڌائي ڇڏيو. اصل عربي لفظن واري عبارت ڏسڻ وٽان آهي. "رحمت اللعالمين ﷺ ڪتاب جي ليکڪ (مؤلف) ان جو جيڪو ترجمو ڪيو آهي، ان کي ئي اسان هتي پيش ڪيون ٿا:

> "پاڪيزه منهن، ڪشادو چهرو، وڻندڙ سياء، نہ پيٽ ٻاهر نڪتل، نہ مٿي جا وار ڪنڌڙيل، سهڻو خوبصورت، اکيون ڪاريون ۽ کليل، وار ڊگها ۽ گهاٽا، آواز ۾ ڳوراڻ، ڳچي ڊگهي، روشن ماڻڪيون، سرمائي اکيون، سنهڙا ۽ گڏيل ڀرون، ڪارا گهنڊيدار وار، مانيٽو وقار سان چڻ دل کسي وٺندڙ پري کان ڏسڻ ۾ زيبائتو ۽ دلفريب، ويجهو کان نهايت منڙو ۽ وڏو حسين، منڙو ڳالهائڻ، چٽا لفظ گفتگو لفظن جي هيراڦيري کان پاڪ، سموري گفتگو چڻ موتين جي مالها، وچٿرو قد جيڪو نظر جي ڪوتاهي واري کي حقير نظر ڪونہ ايندو نہ ڊگهو جو اک ان سان نفرت ڪري، زيبائتي ٻوٽي جي تازي شاخ، زيبائتي نظاري وارو قد، ساٿي اهڙا جيڪي هر وقت ان جي چوڌاري رهن ٿا. جڏهن اهو ڪجهہ چوي ٿو تہ ماٺ ڪري ٻڌن ٿا. جڏهن حڪم ڏئي ٿو تہ تعميل ڪرڻ لاءِ ڊوڙن ٿا. مخدوم سردار نہ ڪوتاهہ سخن نہ فضول ڳالهائيندڙ" (زاد المعاد: ج ا ص 307).

## لباس:

انسان جي شخصيت جو واضح اظهار ان جي لباس مان بہ ٿيندو آهي. ان جو طور طريقو ڊيگهہ ويڪر، رنگ، معيار، صفائي ۽ اهڙائي مختلف پهلو ٻڌائي ڇڏيندا آهن تہ ڪنهن لباس ۾ ملبوس شخصيت ڪهڙي ذهن ۽ ڪردار جي مالڪ آهي. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ساٿين جيڪا معلومات ڏني آهي، اها وڏي حد تائين

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ذوق کي پڌرو ڪري ڇڏي ٿي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حقيقت ۾ لباس جي معاملي ۾ هن آيت جي عملي شرح پيش فرمائي.

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ وَرِيْشًا ۭ وَلِبَاسُ التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيْرٌ ۭ (الاعراف 26)

"اي آدم جي اولاد! اسان توهان جي اوگهڙ ڍڪڻ وارو ۽ توهان کي سهڻو رکڻ (زينت ڏيڻ) وارو لباس توهان جي لاءِ مقرر ڪيو آهي, ۽ تقوا وارو لباس بهترين لباس آهي."

لباس جو ٻيو رُخ "سَرَابِيْلَ تَقِيْكُمُ الْحَرَّ وَسَرَابِيْلَ تَقِيْكُمْ بَاْسَكُمْ" ("توهان کي گرمي کان بچائڻ ۽ لڙائي ۾ محفوظ رکڻ جي لاءِ قميصون ۽ زرهون فراهم ڪيون." سورت النحل آيت 81) جي لفظن ۾ بيان ٿيو آهي.

سو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو لباس پردي وارو هيو. زينت بخش هيو ۽ ان سان گڏ تقوا وارو لباس هيو. ان ۾ ضرورت جو بہ لحاظ هيو اهو ڪجهہ سخت اخلاقي اصولن جي پابندي جو مظهر بہ هيو ۽ سٺي ذوق جو ترجمان بہ هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي تڪبر ۽ وڏائي کان نفرت هئي ۽ ٺٺ ٺانگر سان رهڻ پسند ڪونہ هيو. پاڻ فرمايائون: اِنَّمَا اَنَا عَبْدٌ اَلْبَسُ كَمَا يَلْبَسُ الْعَبْدُ. "مان تہ بس الله جو هڪڙو ٻانهو آهيان ۽ ٻانهن وانگر لباس پائيندو آهيان."[1] پاڻ سڳورن ريشم, پٽ ۽ بخمل کي مردن لاءِ حرام قرار ڏنو. هڪڙو ڀيرو سوڪڙي طور آيل ريشمي جبو پاتائون ۽ پوءِ هڪدم بيچيني سان لاهي ڇڏيائون. (مشڪوات) گوڏ, قميص ۽ پٽڪي (جي ڦڙي) جي ڊيگهہ جيئن تہ تڪبر جي نشاني هئي ۽ لباس جو اهو طريقو تڪبر ڪرڻ وارن منجهہ مروجہ هيو, انهي ڪري ان کان سخت نفرت هين.[2] ٻين قومن, خاص طور تي مذهبي طبقن جي مخصوص ريتن (فيشن) جي تقليد ۽ نقل ڪرڻ کي بہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ممنوع قرار ڏنو[3] تہ جيئن امت ۾ پنهنجي خودي ۽ عزت نفس برقرار رهي ۽ رواج (فيشن) ۽ لباس جي تقليد نظرين ۽ ڪردار جي تقليد پيدا ڪرڻ جو سبب نہ ٿي سگهي. تنهن ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اسلامي تهذيب موجب فيشن, آداب ۽ ثقافت جو هڪڙو نئون ذوق پيدا ڪري ڇڏيو لباس ۾ موسمي تحفظ اوگهڙ ڍڪڻ, سادگي, صفائي سترائي ۽ وقار جو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي خاص لحاظ هيو.

---

[1] المواهب اللدنيہ ج ا ص 328

[2] گهڻيون ئي روايتون آهن. مثال طور ابودائود, نسائي, ابن ماجہ ۾ آيل سالم جي پنهنجي پي کان روايت. شهرت واري لباس جي باري ۾ وعيد تي ترمذي, احمد, ابودائود, ابن ماجہ ۾ آيل ابن عمر جي روايت.

[3] مثال طور احمد ۽ ابودائود ۾ آيل ابن عمر جي روايت.

جيڪڏهن اسان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لباس ڪي وقت جي تهذيبي دور، عربستان جي موسمي، جاگرافيائي ۽ تمدني ضرورتن ۽ رواجن جي نقشي ۾ رکي ڏسون تہ اهو وڏي معياري ذوق جو آئينہ دار آهي. اچو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لباس تي هڪڙي نظر وجهون.[1]

پهرياڻ (قميص) گهڻو پسند هيو. پهرياڻ جون ٻانهون نہ سوڙهيون رکندا هيا نہ گهڻو ويڪريون. وچٽرائي واري ماپ پسند هئي. ٻانهن ڪارائي ۽ هٿ جي سَنڌي (جوڙ) تائين پهتل هئي. سفر (خاص ڪري جهاد) جي لاءِ جيڪو پهرياڻ پائيندا هيا، ان جي دامن ۽ ٻانهن جي ڊيگهہ ڪجهہ گهٽ هوندي هئي. قميص جي ڳچي (گريبان) سيني تائين هوندي هئي جيڪا ڪڏهن ڪڏهن (موسم جي تقاضا موجب) کليل بہ رکندا هيا ۽ ان ئي حالت ۾ نماز پڙهندا هيا. پهرياڻ پائڻ وقت ساڄي ٻانهن اڳ ۾ وجهندا هيا ۽ بعد ۾ کاٻي. ساٿين کي بہ ان ڳالهہ جي تعليم ڏيندا هيا. ساڄي هٿ جي فوقيت ۽ سٺن ڪمن لاءِ ساڄي هٿ جو استعمال حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيکاريل اسلامي ثقافت جو هڪڙو اهم حصو آهي.

پوري چمار گوڏ استعمال ڪيائون، جنهن کي ڏُن کان ٿورو هيٺ ٻڌندا هيا ۽ اڏ پِني تائين (ٽڙين کان ٿورو مٿي)، ۽ سامهون وارو حصو ڪجهہ وڌيڪ لڙڪيل رهندو هيو.

شلوار (پاجامو) ڏٺائون تہ پسند ڪيائون. پاڻ سڳورن جا اصحابي پائيندا هيا. هڪڙو ڀيرو پاڻ خريد ڪيائون (اختلاف آهي تہ پاتائون يا نہ) ۽ اهو سندن ڇڏيل ورثي ۾ موجود هيو. ان جي خريداريءَ جو قصو دلچسپ آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنہ کي ساڻ وٺي بازار ڏانهن ويا ۽ ڪپڙو وڪڻندڙ جي دوڪان تي تشريف کڻي ويا. چئن درهمن ۾ پاجامون خريد ڪيائون. بازار ۾ جنسن کي تورڻ لاءِ هڪڙو خاص ماڻهو مقرر هيو. وزن ڪرائڻ ويا ۽ ان کي چيائون تہ ان کي جُهڪيل تور اِتَّزِن وَ اَرجِع. تور ڪرڻ وارو چوڻ لڳو تہ اهي لفظ مون ڪنهن ٻئي کان ڪڏهن ڪونہ ٻڌا آهن. حضرت ابوهريره رضہ ان جو ڌيان ڇڪايو. اَلا تَعْرِفُ نَبِيَّكَ؟ ڇا تون پنهنجي نبي سڳوري کي ڪونہ ٿو سڃاڻين؟ اهو هٿ چمڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ پاڻ سڳورن ان کي روڪيو تہ اهو عجمين جو (يعني غير اسلامي) طريقو آهي. بهرحال، وزن ڪرايو ۽ پاجامو خريد ڪري هليا. حضرت ابوهريره رضہ گهڻي تعجب سان پڇيو تہ توهان اهو پائيندا؟ گهڻو ڪري تعجب انهيءَ ڳالهہ ڪري ٿيو هوندو تہ هڪڙو تہ عرصي کان هلندڙ معمول ۾ اهڙي پڌري تبديلي عجيب لڳي. ٻيو تہ پاجامو فارس (ايران) وارن جي پوشاڪ هئي ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٻئي جي نقل ڪرڻ کان پرهيز ڪندا هيا. (حالانڪ ٻين تهذيبن جي سٺين ڳالهين کي حضور صلي الله تعاليٰ

---

[1] تفصيلن جا حوالا ڪونہ ٿا ڏجن. مواد جي لاءِ زياده تر شمائل ترمذي، زادالمعاد ۽ المواهب اللدنيہ تي ڀاڙيو ويو آهي.

عليہ وآلہ وسلم قبول ڪندا هيا). پاڻ سڳورن جواب ڏنو "ها، پائيندس. سفر ۾ بہ ڳوٺ ۾ بہ ڏينهن جو بہ، رات جو بہ. چوتہ مون کي اوگهڙ ڍڪڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ هن کان وڌيڪ اوگهڙ ڍڪيندڙ لباس ڪوئي بيو ڪونهي." (المواهب اللدنيہ ج 1 ص 336)

مٿي تي پٽڪو ٻڌڻ گهڻو پسند هين، اهو نہ گهڻو ڳورو هوندو هيو ۽ نہ ننڍڙو. هڪڙي روايت موجب ست وال ڊيگهہ هوندي هئي. پٽڪي جو گرانٽ جيترو ڦڙو ضرور ڇڏيندا هيا، جيڪو پٺئين پاسي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ ٽنبي ڇڏيندا هيا. سج جي تپش کان بچڻ جي لاءِ طري کي ڪولي مٿي تي وجهندا هيا. اهڙي طرح موسمي حالتون تقاضا ڪنديون هيون تہ پٽڪي جي آخري وڪڙ کي ڪاڏي جي هيٺان گهمائي ڳچي جي چوڌاري بہ وڪوڙيندا هيا. ڪڏهن پٽڪو ڪونہ هوندو هين تہ ڪپڙي جو رومال پٽڪي وانگر مٿي سان ٻڌي ڇڏيندا هيا.[1] صفائي سٿرائي جي لحاظ کان پٽڪي کي تيل جي سٽ کان بچائڻ جي لاءِ هڪڙو خاص ڪپڙو (عربي ۾ "قناع" نالو) وارن تي استعمال ڪندا هيا، جيئن اڄوڪي زماني ۾ بہ ڪجهہ ماڻهو ٽوپين جي اندر ڪاغذ يا سلولائيڊ جو ٽڪرو رکي ڇڏيندا آهن. اهو رومال سٽيو تہ ٿي ويندو هيو پر صفائي سٿرائي جو اهو حال هيو تہ (روايتن ۾ وضاحت آهي) ان کي ڪڏهن بہ ميرو ۽ گدلو ڪونہ ڏٺو ويو. اڇي (سفيد) کان علاوہ ڦڪو ـ زرد (گهڻو ڪري پورو، خاڪي نموني يا اوني) رنگ جو پٽڪو بہ ٻڌو اٿن ۽ مڪي جي فتح وقت ڪارو بہ استعمال ڪيائون. پٽڪي جي هيٺان ڪپڙي جي ٽوپي بہ استعمال ۾ رهي ۽ ان کي پسند فرمايائون. روايتن موجب پٽڪي سان گڏ ٽوپي جو استعمال جڻ اسلامي ثقافت جي مخصوص طرز هيو ۽ ان کي پاڻ سڳورن مشرڪن جي مقابلي ۾ امتيازي رواج (فيشن) قرار ڏنو.

پٽڪي کان علاوہ، ڪڏهن صرف سفيد ٽوپي بہ پائيندا هيا. گهر ۾ پائڻ واري ٽوپي مٿي تي چميل هوندي هئي. سفر تي نڪرندا هيا تہ مٿي ايريل ٽوپي استعمال ڪندا هيا، پرت پري سبيل ڪپڙي جي ٿلهي ٽوپي بہ پاتي اٿن.

بدن تي ويڙهڻ واري چادر چار وال ڊگهي ۽ سوا بہ وال ويڪري هوندي هئي. ڪڏهن ڪولي ڍڪي ڇڏيندا هيا تہ ڪڏهن هڪڙي پلو کي ساڄي بغل جي هيٺان ڦيرائي کاٻي ڪلهي تي رکي ڇڏيندا هيا. اها ئي چادر ڪڏهن ڪڏهن وينو هجڻ مهل ڄنگهن جي چوڌاري ڍڪي رکندا هيا ۽ ڪجهہ موقعن تي ان کي ويڙهي وهاڻو بہ ٺاهيندا هيا. معزز ملاقاتين جي آدرياءَ جي لاءِ چادر لاهي وڇائي بہ ڇڏيندا هيا. يمن جي چادر جنهن کي "حبره" سڏيو ويندو هيو، گهڻو پسند هين. ان ۾ ڳاڙهيون يا سائي رنگ جون تندون هونديون هيون. هڪڙو دفعو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ ڪاري چادر (شايد وارن ـ اُون جي) بہ ٺهرائي وئي، ان کي ڍڪيائون تہ پگهر جي ڪري ان مان بوءِ اچڻ لڳي، تنهن ڪري صفائي سٿرائي جي لحاظ کان وري ان کي ڪونہ ڍڪيائون.

---

[1] هڪڙي راءِ اها بہ آهي تہ ائين بيماري (خاص ڪري مٿي ۾ سور) جي حالت ۾ ٿيو.

نئون ڪپڙو عام طور تي الله جي حمد ۽ شڪر سان جمعي جي ڏينهن پائيندا هيا. واڌو وڳا نهرائي ڪونہ رکندا هيا. ڪپڙن ۾ چتيون لڳائيندا هيا. انهن جي مرمت ڪندا هيا. احتياط ڪري گهر ۾ ڏسي وٺندا هيا تہ مجمعي ۾ ويهڻ جي ڪري ڪا جونءِ وغيره نہ اچي وئي هجي. (مجلس ۽ نماز ۾ ميرن گدلن ڪپڙن وارا ماڻهو بہ ايندا هيا ۽ صفائي جو عام معيار بہ پاڻ سڳورن ئي مسلسل تربيت ڪري ڪري سالن ۾ قائم ڪيو).

جتي هڪڙي طرف فقيري ۽ سادگي جو اهو شان هيو اتي ٻئي طرف پاڻ سڳورن ڪي رهبانيت جو سدباب بہ ڪرڻو هيو ۽ ان اصول جو مظاهرو بہ مطلوب هيو تہ "الله تعاليٰ کي اها ڳالهہ پسند آهي تہ ان جي عطا ڪيل نعمت (رزق) جو اثر ان جي ٻانهي مان پڌرو هجي." مختصر اهو تہ سندن عام معمول سادگي هيو.[1] سو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪڏهن ڪڏهن سٺو لباس بہ پاتو پاڻ سڳورن جو طريقو وچٿرو هيو ۽ امت کي انتها پسندي کان بچائڻ مطلوب هيو.

ڪپڙن جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ سفيد رنگ دل کي وڻندو هين. فرمايائون "حق اهو آهي تہ توهان جي لاءِ مسجدن ۾ بہ الله جي سامهون وڃڻ جو بهترين لباس سفيد پوشاڪ آهي." (ابو دائود، ابن ماجہ) فرمايائون "سفيد ڪپڙا پائيندا ڪريو ۽ سفيد ڪپڙي سان ئي پنهنجن فوتين کي ڪفن ڏيو ڇو تہ اهو وڌيڪ پاڪيزه ۽ پسنديده آهي."[2]

سفيد کان پوءِ سائو رنگ بہ پسند هين. ليڪن عام طور تي ان نموني ۾ تہ ان ۾ هلڪيون سايون تندون هجن. اهڙي طرح خالص شوخ ڳاڙهو رنگ گهٽوئي ناپسند هين (لباس کان علاوه بہ ان جي استعمال کي ڪجهہ صورتن ۾ منع فرمايائون) ليڪن هلڪي ڳاڙهي رنگ جي تندن وارا ڪپڙا پاڻ سڳورن پاتا. هلڪو ڦڪو۔ زرد (پيورو يا اوني) رنگ بہ لباس ۾ ڏٺو ويو.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو جوتو مروجہ عربي تهذيب جي مطابق چپل يا چاکڙي جي شڪل جو هيو جنهن کي ٻہ کهيون هيون. هڪڙي انگوٺي ۽ پرواري آڱر جي وچ ۾ رهندي هئي ۽ ٻي چيچ ۽ ان جي پرواري آڱر جي وچ ۾. جوتي تي ٻُچ ڪونہ هوندا هيا. جيئن معمولي ذوق وارن ماڻهن جي جوتن تي هوندا هيا. اها چپل يا چاکڙي هڪڙي گرانٺ ۽ ٻہ آڱر ڊگهي هوندي هئي، ترين (يا وچ)

---

[1] عمر بن شعيب جي پنهنجي پيءُ کان روايت (ترمذي) ابي الأحوص جي پنهنجي پيءُ کان روايت (نسائي)

[2] سمره کان روايت (احمد، ترمذي، نسائي، ابن ماجہ.)

وٽان ست آڱريون ويڪر ۾ ٻنهي ڪهين جي وچ ۾ چنبي ڪان مٿي ٻن آڱرين جو فاصلو هيو. ڪڏهن بيهي پائيندا هيا، ڪڏهن ويهي به پائيندا هيا. پائڻ وقت پهريان ساڄو پير وجهندا هيا ۽ پوءِ کاٻو جڏهن ته لاهڻ وقت پهريان کاٻو پير ڪڍندا هيا ۽ بعد ۾ ساڄو.

جورابا به استعمال ڪيائون. سادا ۽ معمولي به ته اعليٰ قسم جابه. بادشاهه نجاشي ڪاري رنگ جا سادا جورابا سوکڙي طور موڪليا هيا. انهن کي پاتائون ۽ انهن تي مسح ڪيائون. اهڙي طرح دحيه ڪلبي جورابا سوکڙي طور پيش ڪيا هيا، انهن کي پاڻ سڳورن ڦاٽي وڃڻ تائين استعمال ڪيو.

چاندي جي منڊي به استعمال ڪيائون. جنهن ۾ ڪڏهن سفيد ٻڙو هوندو هيو ته ڪڏهن حبشي پٿر جو. ڪجهه روايتن ۾ اچي ٿو ته لوهي منڊي تي چاندي جو تهه چڙهيل يا پالش ٿيل هئي. ٻئي طرف اهو واضح آهي ته لوهي منڊي (۽ زيور) کان پاڻ سڳورن ڪراهت ڪئي آهي. منڊي عام طور تي ساڄي هٿ ۾ ٺي پائيندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن کاٻي ۾ به. وچين ۽ شهادت واري آڱر ۾ ڪونه پائيندا هيا. چيچ ۾ پائڻ پسند هين. ٻڙي کي مٿئين پاسي ٻاهر رکڻ جي بجاءِ تري ڏانهن اندر رکندا هيا. منڊي تي "محمد رسول الله" جا لفظ ترتيب سان هيٺان کان مٿي ٽن سٽن ۾ اکريل هيا. (يعني محمد ان جي مٿان رسول ۽ ان جي مٿان الله)، ان سان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم خطن تي مهر لڳائيندا هيا. محققن جي اها راءِ گهڻو درست آهي ته مُهر جي ضرورت جي ڪري منڊي ٺهرائي هئائون ۽ سياسي منصب جي ڪري ان جو استعمال ضرور هيو.

## رنگ ڍنگ ۽ سجاوٽ:

حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پنهنجا وارا گهڻو سليقي سان رکندا هيا، انهن ۾ تيل گهڻو هڻندا هيا، ڦڻي (ڪنگي) ڪندا هيا، سينڌ ڪڍندا هيا، ڇپن جا وڌيڪ وار ڪتريندا هيا. انهي معاملي ۾ ساٿين جي تربيت ڪندا هيا. مثال طور، هڪڙي اصحابي جا وار ڪنبڙيل ڏٺائون ته ان تي اعتراض ڪيائون. هڪڙي اصحابي جي ڏاڙهي جا وار بي ڍنگا ڏسي فرمايائون ته انهن کي سنواري رک. فرمايائون ته جيڪو شخص مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار رکي ٿو ته ان کي گهرجي ته انهن کي سليقي ۽ ڍنگ سان رکي. مثال طور ابو قتاده رضي الله تعاليٰ عنه کي مخاطب ٿيندي فرمايائون "اَکْرِمَهَا" (انهن کي سنواري رکو)[1] حضرت ابو هريره رضه ۽ عبدالله رضه بن

[1] روايت ابو هريره (ابودائود)

عمر رضہ جي متعلق واضح طور تي ٻڌايل آهي تہ اهي حج جي موقعي تي هر سال ڏاڙهي جا وار ننڍا ڪرائيندا هيا.[1]

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اهي تاڪيدون انهيءَ ڪري فرمايون هيون تہ اڪثر ڪري مذهبي ماڻهو صفائي ۽ سترائي جي تقاضائن ڪان غافل ٿي ويندا آهن. خاص طور تي جڏهن تَصَوّف جو رنگ وڌندو آهي ۽ رهبانيت ايرندي آهي تہ غليظ ۽ بي ڍنگو رهڻ مرتبي جي برتري جو دليل بڻجي ويندو آهي، انهيءَ خطري جو سدباب ڪرڻ فرمايائون.

شهر ۾ رهڻ يا سفر واري حالت (سفر وحضر) ۾ ست شيون هميشہ گڏ ۽ بستري جي پرسان رهنديون هيون. (1) تيل جي شيشي (2) ڦڻي (ڪنگي) عاج جي ٺهيل (3) سرمي داڻي (ڪاري رنگ جي) (4) ڪينچي (6) ڏندڻ (7) ڪاٺيءَ جي هڪڙي سنهڙي تيلي.

سرمو رات جو سمهڻ وقت (تہ جيئن زياده ڏسڻ ۾ نہ اچي) ٽي ٽي سرايون ٻنهي اکين ۾ پائيندا هيا. رات جي آخري حصي ۾ ضروري حاجتن کان فارغ ٿي وضو ڪندا هيا. لباس آڻڻ لاءِ چوندا هيا ۽ خوشبو لڳائيندا هيا. نازبوءِ جي خوشبو پسند هين. ميندي جا

---

[1] انهن ٻنهي اصحابين جو فعل جنهن تي خلفاء راشدين يا اصحابن سڳورن جي جماعت ڪوئي اعتراض ڪونہ ڪيو ۽ نہ ان سلسلي ۾ شروع زماني ۽ خلافت راشده جي دور جو ڪوئي اختلافي بحث يا روايت (يا اثر) ملن ٿا، اهو ثابت ڪري ٿو تہ انهن جي فعل کي جائز سمجهيو ويو ۽ ڪتاب ۽ سنت موجب اعتراض جوڳو قرار ڪونہ ڏنو ويو. خلفاء راشدين ۽ اصحابن جي انهي گڏيل ماٺ مان اسان ڏاڙهي جي متعلق حڪمن ۽ حديثن جي مفهوم کي سمجهڻ ۾ مدد وٺي سگهون ٿا. يعني حديثن جي روايتن جي صحيح منشا ۽ منطق ۽ حڪمن جي حدن جي وسعتن کي سمجهڻ ۾ جتي ٻيا عقلي ۽ نقلي طريقا ۽ شاهديون مددگار ٿين ٿا، اصحابي سڳورا جيڪي قرآن جي آيتن ۽ حديثن جي روايتن جا پهريان شاهد، پهريان راوي، پهريان مفسر ۽ پهريان پيروڪار هيا، انهن جي اهڙن قولن ۽ عملن کان بہ مدد وٺي سگهجي ٿي، جن تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم يا خلفاء راشدين يا اصحابن جي پوري جماعت مان ڪنهن بہ نہ پڪڙ ڪئي هجي، نہ اعتراض ڪيو هجي ۽ نہ ان کي ڪتاب ۽ سنت جي خلاف قرار ڏنو هجي. اصل اهميت ان ڳالهہ جي آهي تہ آيا منع طور بہ اهو حڪم ڪٿي آهي تہ ڏاڙهي جي ڪنهن بہ وار کي نہ ڇيڙيو وڃي. توڙي وار ڇڱا ڀلا بڻجي پکڙجي وڃن يا ڪي وار بي تڪي نموني ۾ اک ڏانهن وڌي وڃن تہ انهن کي درست ڪرڻ ڇڏ دين ۽ تقوا جي خلاف آهي. اهو ڪڏهن حڪم آهي تہ مڇن کي بلڪل ختم ڪيو وڃي ۽ ڏاڙهي کي وري وڌڻ لاءِ بلڪل ڇڏي ڏنو وڃي. سوال حديث جي شرح ۽ وضاحت يا درايت جو آهي. ان صورت ۾ تہ واقعن جي تاريخي ترتيب کي، ڪنهن راوي جي عمر کي، عربي جي ڪنهن لغت ۽ عرب شاعرن جي شاعري کي يا ڪنهن مقامي حقيقت وغيره کي بہ حديث جي مقابلي ۾ آڻڻ جو سوال پيدا ٿي سگهي ٿو. وري خود حديث کي قرآن جي مقابلي ۾ آڻڻ جو ۽ هڪڙي آيت کي ٻي آيت سان ٽڪرائڻ جو سوال بہ ايري سگهي ٿو. الله فڪري غلطي کان بچائي ۽ عمل بہ درست ڪرائي. ائين مشهور روايت آهي تہ حضرت عمر رضہ هڪڙي شخص جي ڏاڙهي جا وار هڪڙي مُٺ جيترا ڇڏي باقي ڪترائي ڇڏيا ۽ ان تي نہ ان وقت ۽ نہ وري بعد ۾ ڪنهن ان فعل ڪري ڪو اعتراض ڪيو. ٻين فقيهن بہ مختلف مسلڪ اختيار ڪيا آهن، ڇوتہ انهن جي سامهون مٿي ذڪر ڪيل روايتون هيون. علامہ سيد سليمان ندوي ۽ شبلي ۽ مولانا آزاد بہ وارن کي ٺاهي سنواري رکندا هيا، ۽ هڪڙي حلقي وارن کان سواءِ باقي سڀ عالم سڳورا ڏاڙهي جا خط ٺرائيندا هيا.

گل بہ هلڪي ۽ وڻندڙ خوشبوءِ جي ڪري پسند هين. مشڪ ۽ عود جي خوشبو سڀني کان وڌيڪ پسنديده رهي. گهر ۾ خوشبو جو واس ونندا هيا. هڪڙي عطر جي شيشي هين جنهن ۾ بهترين خوشبو موجود رهندي هئي. جيڪا استعمال ڪندا هيا (ڪڏهن ڪڏهن حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجن هٿن مبارڪن سان خوشبو لڳائيندي هين) مشهور ڳالهہ آهي تہ پاڻ سڳورا جنهن بہ رستي سان گذري ويندا هيا تہ اتي گهڻي دير تائين هبڪار رهندي هئي ۽ ماحول ٻڌائيندو هيو تہ "هتان اهو بهار وارو قافلو گذري ويو آهي." پاڻ سڳورن کي جيڪڏهن خوشبو سوکڙي طور (هديو) ڏني ويندي هئي تہ ضرور قبول ڪندا هيا ۽ جيڪڏهن ڪوئي خوشبو جو تحفو (هديو) وٺڻ ۾ ڍر ڪندو هيو تہ ان ڳالهہ کي پسند ڪونہ ڪندا هيا. اسلامي ثقافت جي مخصوص ذوق موجب پاڻ سڳورن مردن جي لاءِ اهڙي خوشبو پسند ڪئي جنهن جو رنگ ڳجهو رهي ۽ سرهاڻ پکڙجي وڃي ۽ عورتن جي لاءِ اها جنهن جو رنگ پڌرو هجي، سرهاڻ لڪل رهي.

## هلڻ ـ رفتار:

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو هلڻ عظمت، وقار شرافت ۽ ذميواري جي احساس جو ترجمان هيو. هلندا هيا تہ مضبوطيءَ سان قدم ڄمائي هلندا هيا. ڍري ۽ ساڻي طريقي سان وکون گسائي ڪونہ هلندا هيا. بدن سڌو رهندو هيو. ساڄي کاٻي ڏسڻ کان سواءِ اڳتي هلندا هيا. طاقت سان وک اڳتي وڌائيندا هيا. جسم ۾ ڪجهہ اڳتي جهڪاءُ رکندا هيا. ائين لڳندو هيو تہ مٿانهين کان هيٺ لهي رهيا آهن. هند بن ابي هالہ جي لفظن ۾ "چڻ زمين پاڻ سڳورن جي وکون کڻڻ سان چنبڙي پئي وڃي." رفتار تکڙي هوندي هئي ۽ وکون کولي رکندا ۽ کڻندا هيا.

حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنہ جي قول موجب پاڻ سڳورا معمولي رفتار سان هلندا هيا. مگر اسان مشڪل سان گڏ هلي سگهندا هياسين. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي رفتار اهو پيغامِ ڏيندي ويندي هئي تہ زمين تي آڪڙجي نہ هلو. (*"وَلَا تَمۡشِ فِي ٱلۡأَرۡضِ مَرَحًا" ۽ زمين تي آڪڙجي نہ هل. سورت لقمان آيت 18)

## ڳالهائڻ:

ڳالهائڻ انسان جي ايمان، ڪردار ۽ مرتبي کي پوريءَ طرح ظاهر ڪري ڇڏيندو آهي. موضوع ۽ لفظن جي چونڊ، جملن جي جوڙجڪ، آواز جي گهٽ وڌائي، لهجي جو ڍنگ ۽ بيان جو زور، اهي سڀئي شيون پڌرو ڪنديون آهن تہ ڳالهائڻ وارو ڪهڙي درجي (پائي) جي شخصيت جو علمبردار آهي.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي منصب ۽ ذميوارين جي نوعيت اهڙي هئي جو جيڪڏهن انهن جو ڳرو بار ڪنهن ٻي شخصيت تي وڌو وڃي ها تہ اها فکر ۾ پريشان ٿي وڃي ها ۽ ان کي اڪيلائي وڌيڪ وڻي وڃي ها. ليڪن حضور صلي الله تعاليٰ

عليہ وآلہ وسلم جي خاص ڪمالن ۾ اها ڳالهہ بہ شامل آهي تہ هڪڙي طرف پاڻ سڳورا فڪرن ۽ مهماتي مسئلن جو جبل کنيو پيا هوندا هيا ۽ طرح طرح جي پريشانين مان گذرندا هيا. ليڪن ٻئي طرف ماڻهن ۾ خوب رلمل ٿي رهڻو پوندو هين ۽ رات ڏينهن ڳالهہ ٻولهہ جو دور هلندو هيو. مزاج ۾ سنجيدگي پنهنجي جاءِ تي هئي ۽ مرڪڻ ۽ يوڳ پنهنجي جاءِ تي. مختلف ڳالهين ۾ عجيب توازن هيو جنهن جو مظهر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ذات هئي. هڪڙي عالمي تحريڪ جي ذميواري، هڪڙي سلطنت جا مسئلا، هڪڙي جماعت ۽ معاشري جا معاملا ۽ وري پنهنجي چڱي وڏي ڪٽنب جون ذميواريون، چڱو چوکو پهاڙ هيون، جن کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا ڪلها کنيون پيا هيا. تنهن ڪري امام حسن عليہ السلام پنهنجي مامي هند رضہ بن ابي هالہ جي حوالي سان ٻڌائين ٿا. "الله جا رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مسلسل پريشانين ۾ رهندا هيا. سدائين مسئلن تي غور ڪندا هيا. پاڻ سڳورن کي ڪڏهن بہ سڪون (بي فڪري) جي گهڙي ڪونہ ملي. دير دير تائين خاموش رهندا هيا ۽ بنا ضرورت جي فضول ڳالهہ ٻولهہ ڪونہ ڪندا هيا."[1]

ليڪن پاڻ سڳورا هڪڙا دعوت ڏيندڙ (داعي) هيا ۽ هڪڙي تحريڪ جا سربراهہ هيا. انهيءَ ڪري تبليغ ۾ تعليم ۽ تزڪيي ۽ سياسي انتظام هلائڻ لاءِ ماڻهن سان رابطو ضروري هيو. جنهن جي لاءِ سڀ کان اهم ذريعو ڳالهائڻ آهي. لهٰذا هي صورتحال حضرت زيد رضہ بن ثابت جي لفظن ۾ هيئن ٿئي ٿي. "جڏهن اسان دنياوي معاملن جي ڳالهہ ڪري رهيا هوندا هئاسين تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بہ ان ڪچهري ۾ حصو وٺندا هيا. جڏهن اسان آخرت جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هياسين تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بہ اسان سان انهيءَ موضوع تي ڳالهائيندا هيا ۽ جڏهن اسان کائڻ پيئڻ جي ڳالهہ ڪندا هئاسين تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بہ ان ۾ شامل ٿيند اهيا."[2] ان جي باوجود پاڻ سڳورن الله جو قسم کڻي اها اصولي حقيقت بيان ڪئي تہ منهنجي زبان تان حق کان سواءِ ڪا ڳالهہ ڪونہ چئي ويندي آهي. قرآن شريف بہ وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰىٰ چئي اها شاهدي ڏني. يعني حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي نفس جي خواهش سان شرعي حڪم ڪونہ ٻڌائيندا هيا.

ڳالهہ ٻولهہ ڪندي لفظ ايترو آهستي آهستي ادا ڪندا هيا جو ٻڌڻ وارو آساني سان ياد ڪري ويندو هيو، بلڪ لفظ ڳڻي ڳڻي بہ سگهبا هيا. ام معبد رضہ چا تہ ڀلي

---

[1] شمائل ترمذي: باب ڪيف ڪان ڪلام رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم.
(نوٽ: هند رضہ بن ابي هالہ حضرت فاطمہ الزهرا سلام الله تعاليٰ عليها جو مائيتو ڀاءُ هيو. يعني حضرت خديجہ رضي الله تعاليٰ عنها جو پهرين مڙس مان پٽ هيو. انهيءَ ڪري امام حسن عليہ السلام سان ان جي مامو هجڻ جي نسبت ڏني وئي آهي. سنڌيڪار)
[2] شمائل ترمذي: باب ماجاء في خلق رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم.

تعريف بيان ڪئي تہ ”گفتگو جڻ موتين جي لڙي پوئيل هجي. لفظ نہ ضرورت کان گهٽ نہ زياده، نہ گهٽ ڳالهائو نہ گهڻو ڳالهائيندڙ.“ تاڪيد، سمجهاڻي ۽ ياد ڪرڻ جي آساني لاءِ خاص لفظ ۽ جملا ٽي دفعا ورجائيندا هيا. ڪجهہ معاملن ۾ تفصيل سان ڳالهہ ڪرڻ مناسب نہ سمجهندا هيا تہ اشاري ۾ فرمائيندا هيا. مڪروهہ، فحش ۽ بي حيائي وارن جملن کان کين نفرت هئي. عام طور تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ وقت سندن چهري مبارڪ تي مرڪ ڇانيل رهندي هئي. عبدالله رضہ بن حارث جو بيان آهي تہ ”مون حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان وڌيڪ ڪنهن کي بہ مرڪندي ڪونہ ڏٺو.“ اها مرڪ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سنجيدگي کي رُکو ٿيڻ کان بچائيندي هئي ۽ ساٿين لاءِ وڻندڙ هوندي هئي. ڳالهہ ڪندي وري وري آسمان ڏانهن ڏسندا هيا. ڳالهہ ٻولهہ دوران ڪنهن ڳالهہ تي زور ڏيڻ جي لاءِ ٽيڪ تان هٽي سڌا ٿي ويهندا هيا ۽ خاص جملن کي وري وري ورجائيندا هيا. حاضرين کي ڪنهن ڳالهہ کان ڊيڄاريندا هيا تہ ڳالهہ ڪرڻ وقت زمين تي هٿ هڻندا هيا. ڳالهہ جي وضاحت جي لاءِ هٿن ۽ مثال طور ٻن ڳالهين جو گڏ هجڻ کي واضح ڪرڻ لاءِ شهادت واري آڱر ۽ وچين آڱر کي ملائي ڏيکاريندا هيا. ڪڏهن ٻنهي هٿن جي آڱرين کي هڪٻئي ۾ آرپار وجهي ملائي مضبوطي يا ٻڌي جو مفهوم ظاهر ڪندا هيا. ڪنهن شي يا طرف ڏانهن اشارو ڪرڻو هوندو هين تہ پورو هٿ ڦيريندا هيا. ڪڏهن ٽيڪ لڳائي اهم معاملن تي ڳالهہ ڪندا هيا تہ ساڄي هٿ کي کاٻي هٿ جي پٺي تي رکي آڱرين ۾ آڱريون وجهي ڇڏيندا هيا. تعجب جي موقعي تي تري کي اونڌو ڪندا هيا، ڪڏهن ساڄي هٿ جي تري کاٻي هٿ جي آڱوٺي جي اندرين حصي تي هڻندا هيا، ڪڏهن مٿو ڌوڻيندا هيا ۽ چپن کي ڏندن ۾ ڀڪوڙيندا هيا. ڪڏهن هٿ کي ران تي هڻندا هيا.

مڪي جي قريش قبيلي جي هڪڙي مُهذب خاندان جو اهو ممتاز ڀاڱي بنوسعد قبيلي جي فضائن ۾ عربستان جي فصيح ترين ٻولي سان سينگاريل تہ هيوئي، وحي جي مبين زبان انهن جي ڳالهائڻ جي سليقي کي اجا وڌيڪ نکاري ڇڏيو. حق اهو آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم عربستان جا نهايت فصيح (افصح العرب) هيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڳالهائڻ جو جتي ادبي معيار بلند هيو اتي ان ۾ عام فهم سادگي بہ هئي ۽ وري ڪمال اهو تہ ڪڏهن ڪنهن واهيات ۽ بي حيا لفظ جو استعمال ڪونہ ڪيائون ۽ نہ ڪڏهن مصنوعي طرز واري زبان پسند ڪيائون. چوڻ گهرجي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي دعوت ۽ مشن جي ضرورت مطابق خود هڪڙي پنهنجي ٻولي ايجاد ڪئي هئي. بيان ڪرڻ جو هڪڙو ڍنگ هيو. تنهن ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هڪڙي قول ”اَلۡحَرۡبُ خُدۡعَةٌ“ تي بحث ڪندي ثعلب جو چوڻ هيو تہ ”هِيَ لُغَةُ النَّبِيِّ“ اها نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مخصوص ٻولي هئي. پاڻ سڳورن بيشمار اصطلاح ٺاهيا، ترڪيبون پيدا ڪيون،

تشبيهون ۾ مثال ناهيا (ٺاهيا). خطاب ڪرڻ جو نئون انداز ڪڍيو ۽ گهٽڻ ئي مروجه لفظن ۾ طريقن کي ترڪ ڪيو. هڪڙو دفعو بنوفهد جا ماڻهو آيا ته ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي، جنهن جي دوران اچڻ وارن تعجب مان چيو. "اي الله جا نبي! (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) اسان ۽ توهان هڪڙي ئي ماءُ پيءُ جي اولاد آهيون. هڪڙي ئي علائقي ۾ پرورش حاصل ڪئي آهي، پوءِ اها ڪهڙي ڳالهه آهي ته توهان اهڙي عربي ۾ ڳالهايو ٿا جنهن (جي سهڻائي) کي اسان مان گهڻا نٿا سمجهي سگهن؟" پاڻ سڳورن فرمايو ۽ چا ته ڀلو فرمايو. "اِنَّ اللهَ عَزَّوَجَلَّ اَدَّبَنِيْ فَاَحْسَنَ اَدَبِيْ وَنَشَاْتُ فِيْ بَنِيْ سَعْدِ بِنْ بَكْرٍ" (منهنجي ٻولي جي تربيت خود الله عزوجل فرمائي آهي ۽ منهنجي ادبي ذوق کي وڌيڪ سهڻو ٺاهي ڇڏيو. ان کان علاوه مون سعد بن بڪر قبيلي جي فصاحت سان ڀريل فضا ۾ پرورش حاصل ڪئي آهي.) هڪڙي موقعي تي ڪنهن ملاقاتي سان ڳالهه ٿي، حضرت ابوبڪر رضه تعجب مان ٻڌي رهيو هيو. پڇيائين ته ان شخص توهان کي ڇا چيو ۽ توهان ڇا فرمايو؟ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم وضاحت ڪئي. ان تي حضرت صديق رضه چوڻ لڳو. "مان عربستان ۾ گهميو ڦريو آهيان ۽ عربن جي فصاحت واري گفتگو ۽ شاعري ٻڌا آهن. ليڪن توهان کان وڌيڪ فصيح گفتگو ڪنهن ٻئي کان ڪونه ٻڌي آهي." اتي به حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم اها ئي ڳالهه فرمائي. "اَدَّبَنِيْ رَبِّيْ وَنَشَاْتُ فِيْ بَنِيْ سَعْدٍ."

اهڙي طرح حضرت عمر رضه هڪڙي ڀيري چوڻ لڳا. "اي الله جا رسول! ڪهڙي ڳالهه آهي ته توهان فصاحت ۾ اسان سڀني کان بالاتر آهيو حالانڪ توهان اسان کان ڪڏهن الڳ ڪونه رهيا آهيو." پاڻ سڳورن فرمايو. "كَانَتْ لُغَتُ اِسْمَاعِيْلَ، قَدْ دَرَسْتُ فَجَاءَنِيْ بِهَا جِبْرِيْلُ فَحَفِظْنِيْهَا." (منهنجي زبان اسماعيل عليه السلام جي زبان آهي جنهن کي مون خاص طور تي سکيو آهي، اها جبرائيل مون تائين کڻي آيو هيو ۽ منهنجي ذهن ۾ ويهاري ڇڏي)[1] مطلب اهو آهي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ٻولي معمولي عربي ڪونه هئي، بلڪ خاص پيغمبراڻي ٻولي هئي، جنهن جو جوڙ اسماعيلي زبان سان ملندو هيو ۽ جبرائيل عليه السلام جنهن ٻولي ۾ قرآن شريف آڻيندا هيا. اها به اهائي پيغمبراڻي ٻولي هئي. ان سان گڏوگڏ اها ڳالهه به سامهون هجڻ گهرجي ته تاريخ جا اڪابر خاص طور تي نبي سڳورا جيڪي هڪڙو مشن کڻي ماحول سان مقابلو ڪندا آهن ۽ ان ۾ هر گهڙي سچن جذبن جون لهرون اٿنديون آهن. اهي ڳالهائيندا آهن ته ان ۾ مقصد جي عظمت معنوي گهرائي پيدا ڪندي آهي، مخلصاڻا جذبا ان کي ادبي مٺاس ڏيندا آهن ۽ ڪردار جي بلندي ان کي پاڪيزه ٺاهيندي آهي.

حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جو امتيازي شان اهو هيو ته کين "جوامع الڪلم" عطا ڪيا ويا هيا. پاڻ سڳورن فرمايو ته "اُعْطِيْتُ بِجَوَامِعِ الْكَلِمِ"[2] جوامع الڪلم

---

[1] تفصيل جي لاءِ ڏسو المواهب اللدنيه ج 1 ص 256.
[2] روايت ابوهريره رضه (مسلم)

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا اهي مختصر ترين جملا آهن، جيڪي معنيٰ جي لحاظ کان وڏي وسعت رکن ٿا. گهٽ ۾ گهٽ لفظن سان وڌيڪ معنيٰ پيش ڪرڻ ۾ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجو مثال پاڻ هيا ۽ ان کي الله تعاليٰ جي خاص عطائن ۾ شمار ڪيو.

هتي اسان ڪجهہ مثال بيان ڪنداسين:

1. "اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ." ماڻهوءَ جو حشر ان سان گڏ ٿيندو جنهن سان اهو محبت رکندو هوندو.
2. "اَسْلِمْ تَسْلَمْ" توهان اسلام قبول ڪيو تہ سلامتي حاصل ڪندا. (هرقل روم ڏانهن خط)
3. "اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ" عمل نيتن تي منحصر آهن.
4. "لَيْسَ لِلْعَامِلِ مِنْ عَمَلِهِ اِلاَّ مَانَوَاهُ." ڪنهن عمل ڪرڻ واري کي سندس عمل مان ان کان سواءِ ڪجهہ ڪونہ ملندو آهي، جنهن جي ان نيت ڪئي هئي.
5. "اَلْوَلَدُ لِلْفِرَاشِ وَلِلْعَاهِرِ الْحَجَرُ." پٽ ان جو آهي جنهن جي بستري تي (گهر ۾) ڄمي ٿو ۽ زاني جي لاءِ پٿر آهن.
6. "اَلْحَرْبُ خُدْعَةٌ" جنگ اٽڪلن سان وڙهي ويندي آهي.
7. "لَيْسَ الْخَبَرُ كَالْمُعَايَنَةِ" ٻڌل ڳالهہ ڏٺل واقعي جي مثل ڪونہ هوندي آهي.
8. "اَلْمَجَالِسُ بِالْاَمَانَةِ." ڪچهرين (مجلسن) جي لاءِ امانت (رازداري) لازم آهي.
9. "تَرْكُ الشَّرِّ صَدَقَةٌ." برائي کان مُڙي وڃڻ بہ صدقو (نيڪي) آهي.
10. "سَيِّدُ الْقَوْمِ خَادِمُهُمْ." قوم جو سردار انهن (قوم) جو خادم آهي. يعني قوم جو سردار اهو آهي جيڪو انهن جي خدمت ڪري.
11. "كُلُّ ذِيْ نِعْمَةٍ مَحْسُوْدٌ." هر ڪنهن نعمت ملڻ واري سان حسد ڪيو ويندو آهي.
12. "اَلْكَلِمَةُ الطَّيِّبَةُ صَدَقَةٌ." سنو ڳالهائڻ بہ هڪڙو صدقو (نيڪي) آهي.
13. "مَنْ لاَيَرْحَمَ، لاَيُرْحَمْ." جيڪو (مخلوق تي، خاص طور انسانن تي) رحم نٿو ڪري ان تي (الله تعاليٰ جي بارگاهہ مان) رحم نہ ڪيو ويندو.

رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا ارشاد لفظن، ڍنگ ۽ عام طور تي روح جي لحاظ کان سڃاتا ويندا آهن ۽ حديثن ۽ سيرت جي لِکتَن (رڪارڊ) ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا جيڪي جملا موجود آهن، اهي موتين جهڙي چمڪ رکن ٿا. ٿورڙا لفظ انهن جو سهڻو گهاڙيٽو انهن ۾ معنيٰ جي گهرائي، دل ۾ اثر ڪرڻ واري اخلاص جو روح ڪلام نبوي جي امتيازن مان آهي. مناسب ٿيندو تہ هتي فصاحت جا بہ ٽي ٽڪرا پيش ڪيا وڃن.

"مان توهان کي الله کان خوف ڪندو رهڻ جي وصيت ڪريان ٿو اجتماعي نظام جي لاءِ ٻُڌڻ ۽ تابعداري (سمع و طاعت) جو تاڪيد ڪريان ٿو..... چاهي (ان کي هلائڻ جي لاءِ) ڪوئي حبشي غلام ئي (اڳواڻ) چونہ هجي، چوتہ مون کان پوءِ توهان مان جيڪي

ماڻهو زنده رهندا. انهن کي گهڻن ئي اختلافن کي منهن ڏيڻو پوندو. پوءِ (اهڙين حالتن ۾) توهان تي لازم آهي تہ منهنجي طريقي ۽ منهنجي هدايت يافتہ خلفاء راشدين جي طريقي کي اختيار ڪيو. ان کي مضبوطي سان جهليو ان کي ڀِياڙين کان جهلي قابو ڪري رکو. خبردار! دين ۾ نيون نيون ڳالهيون شامل ڪرڻ کان پرهيز ڪجو ڇوتہ هر نئين ڳالهہ بدعت آهي ۽ هر بدعت گمراهي آهي." (مشڪات: باب الاعتصام بالڪتاب و سنہ)

عمرو بن عبسہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ڪجهہ ڳالهيون ڪيون. جنهن جا حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گهڻو مختصر مگر جامع جواب ڏنا. ان ننڍڙي گفتگو جو جائزو وٺو.

سوال: هن (دعوت ۽ تحريڪ جي) ڪم ۾ شروع ۾ توهان سان ڪير ڪير گڏ هيو؟

جواب: هڪڙو آزاد مرد (مراد ابوبڪر رضہ) ۽ هڪڙو غلام (مراد زيد رضہ بن حارث)

سوال: اسلام (جي اخلاقي حقيقت) ڇا آهي؟

جواب: سٺو ڳالهائڻ ۽ (بُکين کي) کاڌو کارائڻ.

سوال: ايمان (جو جوهر) ڇا آهي؟

جواب: صبر ۽ سخاوت.

سوال: ڪهڙو اسلام افضل (معياري) آهي؟

جواب: ان شخص جو جنهن جي زبان ۽ جنهن جي هٿ جي زيادتين کان مسلمان محفوظ هجن.

سوال: ڪهڙو ايمان افضل (معياري) آهي؟

جواب: جنهن سان گڏ وڻندڙ اخلاق پاتا وڃن.

سوال: ڪهڙي نماز افضل (معياري) آهي؟

جواب: جنهن ۾ دير تائين عاجزي سان قيام ڪيو وڃي.

سوال: ڪهڙي هجرت افضل (معياري) آهي؟

جواب: اهڙي تہ تون انهن ڳالهين کان منهن موڙي ڇڏين جيڪي تنهنجي پروردگار کي پسند ڪونهن.

سوال: ڪهڙو جهاد افضل (معياري) آهي؟

جواب: ان شخص جو جنهن جو گهوڙو بہ ميدان ۾ ماريو وڃي ۽ پاڻ بہ شهادت ماڻي.

سوال: ڪهڙي مهل - گهڙي (عبادت جي لاءِ) سڀ کان وڌيڪ سٺي آهي؟

جواب: رات جو پويون پهر.[1]

هڪڙو دفعو پاڻ سڳورن کان معلوم ڪيو ويو تہ "انسانن کي دوزخ تائين پهچائڻ جا زيادہ تر ڪهڙا سبب آهن؟" فرمايائون "اَلْفَمُ وَالْفَرَجُ"[2] وات ۽ اوگهڙ. وات مان ڳالهائڻ ۽

---

[1] مشڪات: ڪتاب الايمان.

[2] روايت ابوهريره - ترمذي

ڪائڻ، ٻن ڳالهين ڏانهن اشارو آهي. اوگهڙ مان جنسي خواهشن ڏانهن اشارو آهي. يعني گندو ڳالهائڻ، رزق روزي جو ناپاڪ هجڻ، جنسي جذبن جي بي راهه روي وارو هجڻ انسانن جي آخرت کي سڀ کان وڌيڪ برباد ڪرڻ وارا آهن. اڪثر ڪري جهيڙا ۽ ويڙهه، ۽ زيادتيون ۽ ظلم بہ انهن ٻئي خرابين جو نتيجو هوندا آهن.

حضرت علي عليہ السلام هڪڙو پيرو سوال ڪيو تہ توهان پنهنجي مسلڪ جي وضاحت ڪرڻ فرمايو. پاڻ سڳورن مختصر طور تي جنهن فصيح انداز ۾ جواب ڏنو ۽ ان جواب ۾ پنهنجي طرز فڪر، پنهنجي ڪردار ۽ پنهنجي روحانيت جي جامع تصوير پيش ڪري ڇڏي، اها ڳالهہ پنهنجو پاڻ انساني ڪلام ۾ هڪڙو معجزو آهي. غور ڪيو:

"اَلْمَعْرِفَةُ رَأْسُ مَالِيْ، وَالْعَقْلُ اَصْلُ دِيْنِيْ، وَالْحُبُّ اَسَاسِيْ، وَالشَّوْقُ مَرْكَبِيْ، وَذِكْرُاللهِ اَنِيْسِيْ، وَالثِّقَةُ كَنْزِيْ وَالْحُزْنُ رَفِيْقِيْ، وَالْعِلْمُ سَلَاحِيْ، وَالصَّبْرُ رِدَائِيْ، وَالرِّضَاءُ غَنِيْمَتِيْ وَالْعِجْزُ فَخْرِيْ، وَالزُّهْدُ حِرْفَتِيْ، وَالْيَقِيْنُ قُوَّتِيْ، وَالصِّدْقُ شَفِيْعِيْ، وَالطَّاعَةُ حَبْسِيْ، وَالْجِهَادُ خُلُقِيْ وَقُرَّةُ عَيْنِيْ فِي الصَّلٰوةِ."[1]

ترجمو: "عرفان منهنجو سرمايو آهي، عقل منهنجي دين جو اصل آهي، محبت منهنجو بنياد آهي، شوق منهنجي سواري آهي ۽ ذڪر الاهي منهنجو ساٿي آهي، اعتماد منهنجو خزانو آهي، ڏک منهنجو دوست آهي، علم منهنجو هٿيار آهي، صبر منهنجو لباس آهي، الله جي رضا منهنجي غنيمت آهي، عاجزي منهنجي لاءِ اعزاز آهي، زهد منهنجو ڌنڌو آهي، يقين منهنجي غذا آهي، صدق منهنجي سفارش آهي، بندگي منهنجي جمع پونجي آهي، جهاد منهنجو ڪردار آهي ....... ۽ نماز ۾ منهنجي اکين جي ٺڏاڻ آهي."

پاڻ سڳورن جي گفتگو ۾ سهڻين تشبيهن جا بيشمار سونهري مثال محفوظ آهن، جن جي مدد سان پاڻ سڳورن وڏيون وڏيون حقيقتون بدوي عربن جي ذهن ۾ ويهاري ڇڏيون. انهن مان هتي هڪڙي جو ٿي جائزو وٺو:

"مون کي الله تعاليٰ هدايت ۽ علم جو جيڪو سرمايو ڏئي موڪليو آهي، ان جو مثال ائين آهي جيئن زمين تي وڏ ڦڙو مينهن وسي، پوءِ ان زمين جو جيڪو ٽڪرو وڌيڪ زرخيز آهي ان پاڻيءَ کي پوريءَ طرح جذب ڪيو ۽ ڪوماڻل ساوڪ ان مان تروتازه ٿي وئي ۽ نيون ٻوٽيون گهڻائي ۾ ڦُٽي آيون. وري زمين جو ڪجهہ سخت حصو اهڙو بہ هيو جنهن پاڻي کي اندر گڏ ڪري رکيو ۽ الله ان کي ماڻهن جي لاءِ فائديمند بڻايو. انهن اهو پاڻ پيتو ۽ ٻين کي پياريو ۽ پوکن کي ان مان پاڻي ڏنو. پوءِ اهو پاڻي هڪڙي ٻي ايراضي تي بہ وسيو جيڪا پوٺو ميدان هئي ۽ نہ ان پاڻي گڏ ڪري رکيو نہ جذب ڪري ڦوٽهڙو ڏيکاريو. پوءِ ان ۾ هڪڙو مثال تہ انهن ماڻهن جو آهي جن دين جي علم ۾ سمجهداري ۽ ڄاڻ پيدا ڪئي ۽ الله تعاليٰ مون کي جيڪا هدايت ڏئي موڪليو آهي ان مان انهن کي

[1] ڏسو قاضي عياض جي ڪتاب "الشفاء" ۾ آيل حضرت علي عليہ السلام جي روايت.

فائدو پهتو انهن پاڻ علم حاصل ڪيو ۽ ٻين کي سيکاريو. ٻيو مثال انهن ماڻهن جو آهي جن هن دعوت کي ٻڌي ڪنڌ مٿي ڪونہ کنيو ۽ نہ الله جي ان هدايت کي قبول ڪيو جيڪا منهنجي ذريعي موڪلي وئي آهي.“

پاڻ سڳورن جي گفتگو جي انداز کي ڪوئي عنوان ڏئي سگهجي ٿو تہ قرآن شريف جي هن جملي سان تہ ”قُوْلُوْا لِلنَّاسِ حُسْنًا“ (ماڻهن سان سهڻي انداز ۾ ڳالهايو) سندن سڄي ڳالهائڻ جو انداز سادگي جي مثال وارو هيو. بناوٽي گفتگو ڪندڙن کان پاڻ سڳورن کي نفرت هئي. فرمايائون: ”اَبْعَدُكُمْ مِنِّيْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ الثَّرْثَارُوْنَ الْمُتَشَدِّقُوْنَ الْمُتَفَيْهِقُوْنَ.“ (توهان مان قيامت جي ڏينهن اهي ماڻهو مون کان پري پري هوندا جيڪي وڏيون ڳالهيون ڪرڻ وارا، ڳالهين جا ڳهير ۽ غرور ڪرڻ وارا آهن.)

اهڙي طرح پاڻ سڳورن کي سنجيدگي ۽ پاڪيزگي جي حدن کي اورانگهي فحش دائري ۾ داخل ٿيڻ واري گفتگو سخت ناپسند هئي..... حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سهڻي ۽ وڻندڙ گفتگو ۾ سدائين مرڪ جي ماڪ چمڪندي نظر ايندي هئي. سيني کان وڏيڪ مرڪندڙ انداز ۾ پاڻ سڳورن جوئي چهرو مبارڪ ٻهڪندو رهندو هيو. انهيءَ جي باوجود تہ ذميوارين، مشڪلاتن، تڪليفن ۽ هر گهڙي جي پريشانين جا ڪنڊا راهہ ۾ پکڙيل رهندا هيا.

## خطابت:

ڳالهائڻ جو هڪڙو اهم جزو خطابت آهي. محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙو عظيم پيغام کڻي آيا هيا ۽ ان جي لاءِ خطابت اڻٽر ضرورت هئي. هونئن بہ خطابت عربن جي دولت بہ هئي. وري قريشي تہ ان صفت سان خاص طور تي مالا مال هيا. عربن ۽ قريشين جي خطيباڻي ماحول کان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گهڻو بلند رهيا. قيادت جي فرض جڏهن بہ تقاضا ڪئي پاڻ سڳورن جي زبان ڪڏهن پرهہ ڦٽي جي هوا (نسيم سحر) وانگر، ڪڏهن چشمي جي پاڻي وانگر ۽ ڪڏهن واچڻ ڪندڙ تلوار وانگر حرڪت ۾ اچي ويندي هئي.

واعظ ۽ تقرير جي گهڻائي کان پاڻ سڳورن پرهيز ڪئي ۽ معاشري جي ضرورتن ۽ ان جي ظرف کي ڏسي وچٿرائي سان خطابت جي سگهہ کي استعمال ڪيو. مسجد ۾ خطبو ڏيندا هيا تہ پنهنجي لڪڻ (عصا) جو سهارو وٺندا هيا ۽ جنگ جي ميدان ۾ تقرير ڪرڻي هوندي هين تہ ڪمان تي ٽيڪ ڏيندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن سواري تي ويٺي بہ خطاب ڪيو اٿن. تقرير ۾ جسم ساجي ڪابي پاسي جهڪي ويندو هيو هٿن کي ضرورت مطابق لوڏيندا هيا. تقرير ۾ ڪجهہ موقعن تي ”وَالَّذِيْ نَفْسِيْ بِيَدِهٖ يا وَالَّذِيْ نَفْسُ مُحَمَّدٍ بِيَدِهٖ“ (قسم آهي ان ذات جو جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي يا جنهن جي قبضي ۾ محمد جي جان آهي) چئي قسم کڻندا هيا. لهجي مان بہ ۽ چهري تي بہ دل جا حقيقي جذبا جهلڪندا هيا ۽ ٻڌندڙن تي اثرانداز ٿيند هيا. ان انسانِ اعظم صلي الله تعاليٰ عليہ

وآلہ وسلم جا خطبا دلين کي جهنجهوڙي ڇڏيندا هيا. اسان هتي صرف ہ مثال پيش ڪنداسين حنين ۽ طائف جي جنگ کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم غنيمت جو مال ورهايو تہ مؤلفت القلوب جي قرآني حڪم موجب مڪي جي نون مسلمان ٽيل رئيسن کي ان مان گهڻو حصو ڏنائون تہ جيئن انهن جون دليون اجا وڌيڪ نرم ٿي وڃن ۽ اهي احسان جي ڪري اسلامي رياست سان اجا وڌيڪ وابستہ ٿي وڃن. انصارن مان ڪجهہ ماڻهن عجيب احساسن جي لهر ۾ وڙائي ڇڏي، چيو ويو تہ:

"رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) قريشين کي گهڻا انعام ڏنا ۽ اسان کي محروم رکيو حالانڪ اسان جي تلوارن مان اجا تائين رت جا ڦڙا ٽمي رهيا آهن."

"مشڪلات جي وقت اسان ياد ايندا آهيون ۽ غنيمت مان حاصل ٿيل مال ٻيا ماڻهو کڻي وڃن ٿا."

اهو چوٻول حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪنن تائين بہ پهتو. چمڙي جو هڪڙو خيمو کوڙاياءون ۽ ان ۾ انصارن جي گڏجاڻي ڪوٺاياءون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم معلوم ڪيو تہ ڇا توهان اهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن؟ جواب مليو تہ "توهان جيڪو ٻڌو اهو صحيح آهي، مگر اهي ڳالهيون اسان مان ذميوار ماڻهن ڪونہ ڪيون آهن، ڪجهہ نوجوانن اهڙا جملا چيا آهن." واقعي جي تحقيق ڪرڻ کان پوءِ پاڻ سڳورن هي تقرير ڪئي.

> "ڇا اهو سچ ڪونهي تہ توهان ٻهريان گمراهہ هيا، الله منهنجي ذريعي توهان کي هدايت ڏني؟ توهان ڇڙوڇڙ ۽ پريشان هيا، الله منهنجي ذريعي توهان کي متحد ۽ متفق ڪيو؟ توهان مسڪين هيا، الله منهنجي ذريعي توهان کي خوشحال ڪيو؟ (هر سوال تي انصار چوندا ويندا هيا تہ بيشڪ الله ۽ رسول الله جو اسان تي گهڻو وڏو احسان آهي.)
>
> "..... نہ، توهان اهو جواب ڏيو تہ اي محمد! توکي جڏهن ماڻهن ڪوڙو چيو تہ اسان تنهنجي تصديق ڪئي، توکي جڏهن ماڻهن ڇڏي ڏنو تہ اسان پناهہ ڏني. تون جڏهن مسڪين حال ۾ آيو هئين تہ اسان هر طرح جي مدد ڪئي، توهان جواب ۾ اهو چوندا وڃو ۽ مان اهو چوندو ويندس تہ ها توهان سچ چئو ٿا، ليڪن اي انصارن جي جماعت! ڇا توهان کي اهو پسند ڪونهي تہ ماڻهو اُٺ ۽ ٻڪريون وٺي وڃن ۽ توهان محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي ساڻ ڪري پنهنجن گهرن ڏانهن وڃو." (بخاري ج 2 ص 620)

ڳالهائڻ جي هيٺ مٿانهين کي ڏسو خطابت جي خنجر جي ان ڌار کي ڏسو جيڪا نازڪ جذبن سان چمڪائي وئي هئي. وري ان جي رواني ڏسو مطلب جا موڙ ڏسو پوءِ اهو غور ڪيو تہ ڪهڙي طرح خطيب آخرڪار ٻڌندڙن ۾ گهربل ڪيفيت پوري طرح اياري

چڏي انصار بي اختيار رڙيون ڪرڻ لڳا تہ "اسان کي صرف محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي ضرورت آهي."

دعوت جي شروعاتي دور ۾ صفا واري ٽڪري تي ڏنل خطبي کان علاوه گهڻا دفعا پاڻ سڳورن قريشن جي سامهون تقريرون ڪيون آهن. ان دور جي هڪڙي خطبي جي هن ٽڪري (حصي) تي غور ڪيو:

"اِنَّ الرَّائِدَ لَايَكْذِبُ اَهْلَه' وَاللهِ لَوكَذَبْتُ النَّاسَ جَمِيْعًا مَّا كَذَبْتُكُمْ، وَلَوغَرَرْتُ النَّاسَ جَمِيْعًا مَّاغَرَرْتُكُم. وَاللهِ الَّذِىْ لَآاِلٰهَ اِلَّاهُوَاِنِّىْ لَرَسُوْلُ اللهِ اِلَيْكُم، خَاصَّةً وَاِلَى النَّاسِ كَافَّةً. وَاللهِ لَتَمُوْتُنَّ كَمَا تَنَامُوْنَ وَلَتُبْعَثُنَّ كَمَا تَسْتَيْقِظُوْنَ وَلَتُحَاسَبُنَّ بِمَا تَعْمَلُوْنَ وَلَتُجْزَوُنَّ بِالْاِحْسَانِ اِحْسَانًا وَبِالسُّوْءِ سُوْٓءًا وَاِنَّهَا جَنَّةٌ اَبَدًا اَوِالنَّارُ اَبَدًا." (ڏسو جَمْهَرَةُ الْخُطَب ص 5)

ترجمو: "قافلي جو نگهبان پنهنجن ساٿين کي ڪڏهن بہ غلط اطلاع ڪونہ ڏيندو آهي. الله جو قسم جيڪڏهن (فرض ڪجي) مان بين سيني ماڻهن سان ڪوڙ ڳالهائڻ لاءِ تيار بہ ٿي وڃان ها. تہ بہ توهان کي هرگز غلط ڳالهہ نہ چوان ها. جيڪڏهن (فرض ڪجي) مان بين سيني ماڻهن کي هلاڪت ۽ خطري جي منهن ۾ وجهي ڇڏيان ها. تہ بہ توهان کي ڪڏهن بہ خطري ۾ نہ وجهان ها. ان الله جو قسم جنهن کان سواءِ ڪوئي معبود (الٰہ) ڪونهي، مان توهان ڏانهن خاص طرح سان ۽ سمورن انسانن ڏانهن گڏيل طرح سان الله جو مقرر ڪيل رسول آهيان. الله جو قسم توهان کي لازمي مرڻو آهي، جيئن توهان سمهي پوندا آهيو ۽ وري مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿي اٿڻو آهي، جيئن توهان ننڊ مان سجاڳ ٿي ويندا آهيو ۽ توهان کان لازمي توهان جي ڪمن جو حساب ورتو ويندو ۽ توهان کي ڀلي جو بدلو ڀلو ۽ بُري جو بدلو بُرو ضرور ملڻو آهي پوءِ يا تہ هميشہ جي لاءِ بهشت هوندو يا هميشہ جي لاءِ جهنم."

ڪهڙو تہ سادي انداز وارو بيان آهي، ڪيتري عقلي ۽ جذباتي اپيل آهي. دعوت ڏيڻ واري (داعي) جي خير خواهي هڪڙي هڪڙي لفظ مان ظاهر ٿي رهي آهي. وري يقين چڱي طرح پيريل آهي. هن ننڍڙي خطبي ۾ تشبيهہ کان ڪم ورتو ويو آهي، توحيد، رسالت ۽ آخرت جي بنيادي دعوت پوري طرح سمايل آهي.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا گهڻو مشهور خطبا بہ ٻيا آهن. جن مان هڪڙو مڪي جي فتح جي موقعي تي ۽ ٻيو حجتہ الوداع جي موقعي تي ڏنو ويو. انهن خطبن جو ڍنگ انتهائي انقلابي آهي ۽ انهن ۾ ايمان، اخلاق ۽ اقتدار ٽنهي جي گونج ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

حجتہ الوداع جو خطبو تہ جڻ هڪڙي نئين دور جي افتتاح جو اعلان آهي.

## عام سماجي رابطو:

وڏا وڏا ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو عام طور تي عام رابطي جي لاءِ وقت ڪونہ ڪڍي سگهندا آهن ۽ نہ هر طرف توجهہ ڏئي سگهندا آهن. ڪجهہ وڏن ماڻهن ۾ اڪيلائي پسندي ۽ خشڪ مزاجي پيدا ٿي ويندي آهي ۽ ڪجهہ تڪبر جو شڪار ٿي پنهنجي لاءِ هڪڙو الڳ جهان ٺاهي ڇڏيندا آهن. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انتهائي عظمت جي مقام تي فائز ٿي ڪري ۽ تاريخ جو رخ موڙڻ وارا ڪارناما انجام ڏئي ڪري بہ عوامي حلقن سان پوري طرح ڳنڍيل هيا ۽ جماعت ۽ معاشري جي فردن سان شخصي ۽ نجي تعلق رکندا هيا. الڳ ٿلڳ رهڻ، يا تڪبر يا رُڪائي جو گمان بہ ڪونہ هيو. حقيقت ۾ پاڻ سڳورن جنهن پائيچاري واري نظام جو بنياد رکيو هيو اها ان جي اهم تقاضا هئي تہ ماڻهو پاڻ ۾ گڏ ڳنڍيل رهن. هڪ ٻئي جي ڪم اچن ۽ هڪ ٻئي جا حق سڃاڻن. ان جي برخلاف اڄ مغرب ۾ جيڪا تهذيب اڀري آئي آهي، ان ۾ "ڪنهن کي بہ ٻئي سان ڪو سروڪار ڪونهي" واري فضا گهٽي انسانيت ڪُش ٿي وئي آهي. محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي رهنمائي ۾ ان فضا کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. اچو تہ اسان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي عام سماجي رابطن جي دائري ۾ ڏسون.

پاڻ سڳورن جو معمول هيو تہ رستي ۾ ملڻ وارن کي سلام ڪندا هيا ۽ سلام ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪندا هيا. ڪنهن کي پيغام موڪليندا هيا تہ گڏوگڏ سلام بہ ضرور موڪليندا هيا. ڪنهن جا سلام پهچايا ويندا هيا تہ موڪلڻ واري کي ۽ آڻڻ واري کي بہ الڳ الڳ سلام چوندا هيا. هڪڙو ڀيرو ڪجهہ ڇوڪرن جي ٽولي وٽان گذريا تہ انهن کي سلام ڪيائون، عورتن جي جماعت جي ڀر سان گذريا تہ انهن کي سلام ڪيائون. گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت ۽ گهر کان ٻاهر وڃڻ وقت گهر جي ڀاتين کي سلام ڪندا هيا. دوستن سان ڀاڪر پائي بہ ملندا هيا ۽ هٿ بہ ملائيندا هيا. هٿ ملائڻ وقت ان وقت تائين پنهنجو هٿ نہ ڇڏائيندا هيا جيستائين ٻيو پاڻهي پنهنجو هٿ الڳ نہ ڪري.

ڪچهري (مجلس) ۾ ويندا هيا تہ انهي ڳالهہ کي پسند ڪونہ ڪندا هيا تہ اصحابي سڳورا تعظيم لاءِ اٿي بيهن. ڪچهري جي پاسي ۾ ئي ويهي رهندا هيا. فرمايائون "اَجْلِسُ كَمَا يَجْلِسُ الْعَبْدُ." اهڙي طرح ويهان ٿو جهڙي طرح الله جو هڪڙو ٻانهو ويهندو آهي ـــ[1] پنهنجا گوڏا ساٿين کان اڳتي وڌائي ڪونہ ويهندا هيا. ڪوئي ايندو هيو تہ ان جي عزت لاءِ پنهنجي چادر وڇائي ڇڏيندا هيا. اچڻ وارو جيستائين پاڻ نہ اٿندو هيو پاڻ ڪچهري (مجلس) کان ڌار ڪونہ ٿيندا هيا.

ڪچهري وارن جي گفتگو ۾ غيرمتعلق موضوع ڪونہ ڇيڙيندا هيا. بلڪ جيڪا ڪچهري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿي رهي هوندي هئي، ان ۾ شامل ٿي ويندا هيا. ائين صبح (فجر)

[1] روايت حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها.

جي نماز کان پوءِ ڪچهري (مجلس) ٿيندي هئي ۽ ان ۾ اصحابن سڳورن سان خوب ڳالهيون ٿينديون هيون. جاهليت واري زماني جا قصا ڇڙي ويندا هيا ۽ ان تي خوب کل پوڳ بہ ٿيندي هئي.[1] اصحابي سڳورا شعر بہ پڙهندا هيا. جنهن موضوع ڪري ڪچهري وارن جي چهرن مان بيزاري جو اثر محسوس ٿيندو هيو تہ ان کي بدلائي ڇڏيندا هيا. ڪچهري ۾ ويٺل هڪڙي هڪڙي ماڻهوءَ ڏانهن توجهہ ڪندا هيا تہ جيئن ڪوئي اهو محسوس نہ ڪري تہ پاڻ سڳورن ڪنهن کي ان تي فوقيت ڏني آهي. ڳالهين دوران ڪوئي ماڻهو غيرمتعلق سوال ڇيڙيندو هيو تہ ان کي نظر انداز ڪري گفتگو جاري رکندا هيا ۽ سلسلو پورو ڪري پوءِ ان ڏانهن توجهہ ڪندا هيا. مخاطب ٿيڻ واري کان ان وقت تائين منهن ڪونہ ڦيريندا هيا، جيستائين اهو خود منهن ٻئي پاسي نہ ڪندو هيو. ڪوئي ڪن ۾ سس پس ڪندو هيو تہ جيستائين اهو ڳالهہ پوري ڪري منهن نہ هٽائيندو هيو، پاڻ سڳورا لاڳيتو پنهنجو مٿو ان ڏانهن جهڪائي رکندا هيا. ڪنهن جي بہ ڳالهہ کي ڪڏهن اڌ مان ڪونہ ڪٽيندا هيا، سواءِ انهيءَ جي جيڪڏهن اها حق جي خلاف هجي. ان صورت ۾ يا تہ ٽوڪيندا هيا يا چهري تي بيزاري جا آثار اچي ويندا هيا يا اٿي هليا ويندا هيا. اها ڳالهہ پسند ڪونہ هين تہ بيٺي بيٺي ڪوئي اهم بحث ڇيڙي ڇڏجي. اٽوٽندڙ ڳالهين کان يا تہ لاڙو ڪندا هيا، ورنہ تنبيهہ ڪرڻ جو عام طريقو اهو هيو تہ سڌو سنئون نالو وٺي ذڪر ڪونہ ڪندا هيا، بلڪ عام انداز ۾ اشارو ڪندا هيا يا گڏيل طور تي نصيحت ڪري ڇڏيندا هيا. انتهائي ڪاوڙ جي صورت ۾ جيڪا فقط ديني معاملن ۾ ٿيندي هئي، دوستن کي احساس ڏيارڻ جي لاءِ وڌ کان وڌ اظهار جو اهو طريقو هيو تہ يا تہ واسطيدار شخص جي اچڻ تي ان جو سلام قبول ڪونہ ڪندا هيا يا ان ڏانهن توجهہ ڪونہ ڏيندا هيا. اٽوٽندڙ ماڻهوءَ جي اچڻ تي خوش مزاجي سان پيش ايندا هيا. ائين هڪڙو دفعو ڪوئي آيو جنهن کي پاڻ سڳورا، بئس اخوالعشيرة يا بئس ابن العشيرة (پنهنجي ٽولي جو بڇڙو ماڻهو) سمجهندا هيا، مگر پاڻ سڳورن ان سان بي تڪلفي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. حضرت عائشہ رضہ کي ان تي تعجب ٿيو تہ پاڻ سڳورن فرمايو: "قسم آهي تہ قيامت جي ڏينهن الله جي آڏو اهو شخص بدترين ماڻهوءَ جو مقام پائيندو جنهن کان ماڻهو ان جي بدسلوڪي جي ڊپ کان ملڻ جلڻ ڇڏي ڏين."[2]

ڪنهن سان ملاقات ڪرڻ لاءِ ويندا هيا تہ دروازي جي ساڄي يا کاٻي پاسي بيهي اطلاع ڏيڻ ۽ اجازت وٺڻ لاءِ ٽي دفعا سلام ڪندا هيا. جواب نہ ملندو هيو تہ بغير ڪنهن ڏک جي احساس جي واپس هليا ايندا هيا. رات جو ڪنهن سان ملڻ ويندا هيا تہ ايتري آواز ۾ سلام ڪندا هيا تہ جيڪڏهن اهو جاڳندو هجي تہ ٻڌي وٺي ۽ ستو پيو هجي تہ ننڊ ۾ خلل نہ اچي.

---

[1] مسلم ۾ جابر رضہ بن سمره جي روايت.
[2] المواهب اللدنيہ ج 1 ص 291 (بخاري)

بدن يا لباس تان ڪوئي شخص ڪک يا مٽي وغيره هٽائيندو هيو تہ شڪريو ادا ڪندي مَسَحَ اللهُ عَنْكَ مَا تَكْرَهُ فرمائيندا هيا. (الله توکان هر ان شي کي پري رکي جيڪا توکي خراب لڳي) هديو (سوکڙي) قبول ڪندا هيا ۽ جواب ۾ ڪا سوکڙي ڏيڻ جو خيال رکندا هيا. ڪنهن ماڻهوءَ کي اتفاق سان ڪائي تڪليف پهچي ويندي هئي تہ ان کي بدلو وٺڻ جو حق ڏيندا هيا ۽ ڪڏهن عيوضي ۾ ڪا سوکڙي (هديو) ڏيندا هيا. ڪوئي ماڻهو نئون لباس پائي سامهون ايندو هيو تہ فرمائيندا هيا: حسنه حسنه ابل و اخلق (سٺو آهي، سٺو آهي، گهڻي عرصي تائين پائجان، پراڻو ڪجانءِ) بد سلوڪي جو بدلو بري سلوڪ سان ڪونہ ڏيندا هيا، بلڪ معاف ۽ درگذر ڪري ڇڏڻ کان ڪم وٺندا هيا. ٻئي جا قصور معاف ڪري ڇڏيندا هيا تہ اطلاع ڏيڻ لاءِ نشاني طور پنهنجو پٽڪو موڪليندا هيا. ڪوئي سڏ ڪندو هيو تہ چاهي اهو گهر جو ڀاتي هجي يا دوستن ساٿين مان تہ هميشہ ,لبيڪ (حاضر آهيان) چوندا هيا.

تاڪيد ڪري بيمارن جي عيادت ڪرڻ لاءِ ويندا هيا. سيراندي کان ويهي پڇندا هيا. "كَيْفَ تَجِدُكَ"؟ (توهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟) بيمار جي پيشاني ۽ نبض تي هٿ رکندا هيا. ڪڏهن پيٽ ۽ سيني تي شفقت سان هٿ گهمائيندا هيا ۽ ڪڏهن ڇهري تي. ڪائڻ جو پڇندا هيا. بيمار ڪنهن شي جي خواهش ڪندو هيو تہ جيڪڏهن نقصان واري نہ هوندي هئي تہ گهرائي وٺندا هيا. تسلي ڏيندا هيا ۽ فرمائيندا هيا "لَا بَأْسَ! اِنْشَاءَ اللهُ طَهُوْرٌ." (فڪر جي ڳالهہ ڪونهي، الله گهريو تہ جلدي صحت ياب ٿي ويندا) شفا جي لاءِ دعا ڪندا هيا. حضرت سعد رضہ جي لاءِ ٽي دفعا دعا ڪيائون. مشرڪ چاچن جي بيماري تي بہ ڪئي. هڪڙي يهودي ٻار جي عيادت بہ ڪئي (جيڪو ايمان تي آيو). ان ڪم جي لاءِ ڪو ڏينهن يا وقت مقرر ڪونہ هيو. جڏهن بہ خبر پوندي هين ۽ وقت ملندو هين تہ تشريف کڻي ويندا هيا.

هڪڙو دفعو حضرت جابر رضہ بيمار ٿي پيا. رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي خاص دوست حضرت ابوبڪر رضہ کي ساڻ وٺي ڪافي پري پنڌ تائين پيرين پيادل ويا (مديني جي آبادي ڇڙوڇڙ ۽ پکڙيل هئي) حضرت جابر رضہ بيهوش پيا هيا. پاڻ سڳورن ڏٺو. پوءِ وضو ڪيائون. ان کي پاڻي جا ڇنڊا هنيائون، دعا ڪئي ۽ مريض جي حالت سڌرڻ لڳي. پوءِ حضرت جابر رضہ ڳالهايو ۽ پنهنجي مال ملڪيت جي باري ۾ مسئلا پڇيا.

ڪنهن جي دل رکڻ جي انتها اها هئي تہ منافقن جي اڳواڻ (ليڊر) عبدالله بن ابي جهڙي ماڻهوءَ جي بہ عيادت ڪيائون.

جڏهن ڪوئي شخص فوت ٿيندو هيو تہ تشريف کڻي ويندا هيا. سڪرات جي حالت ۾ سڏرايو ويندو هيو يا خبر پوڻ تي پاڻ مرادو ويندا هيا تہ توحيد ۽ الله کي ٻاڏائڻ

جي هدايت ڪندا هيا. ميت جي وارثن سان همدردي جو اظهار ڪندا هيا. صبر جي نصيحت ڪندا هيا ۽ رڙيون ۽ دانهون ڪوڪون ڪرڻ کان روڪيندا هيا. سفيد ڪپڙن ۾ سنو ڪفن ڏيڻ جو تاڪيد ڪندا هيا ۽ ڪفن دفن ۾ جلدي ڪرائيندا هيا. جنازو کنيو ويندو هيو تہ ان سان گڏ هلندا هيا. مسلمانن جي جنازي نماز پاڻ پڙهائيندا هيا ۽ مغفرت جي لاءِ دعا ڪندا هيا. ڪو جنازو گذرندو هيو تہ چاهي اهو غيرمسلم جو هجي، اٿي بيهندا هيا (وينو رهڻ جي بہ روايت آهي ۽ ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ بيهڻ جو طريقو ختم ٿي ويو هيو).[1] هدايت ڪندا هيا تہ فوتي جي گهر وارن جي لاءِ ماڻهو کاڌو تيار ڪرائي موڪلين. (جڏهن تہ اڄ اها ابتي رسم مسلط آهي تہ فوتي جي گهر ۾ ٽين جي دعوت ٿئي ٿي) ڪين اهو پسند ڪونہ هيو تہ ڪيترن ڏينهن تائين باقاعده تعزيتي مجلس جو سلسلو هڪڙي رسمي ضابطي موجب جاري رهي.

ڪوئي مسافر سفر کان واپس ايندو هيو ۽ ملاقات لاءِ حاضر ٿيندو هيو تہ ان سان ڀاڪر پائي ملندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن نراڙ تي چمي ڏيندا هيا. ڪنهن کي سفر لاءِ رخصت ڪندا هيا تہ چوندا هيا تہ ادا اسان کي پنهنجين دعائن ۾ ياد رکجان.

محبت واري حجت ۾ ڪڏهن ڪڏهن دوستن جي نالن کي مختصر ڪري بہ سڏ ڪندا هيا. جيئن "ابوهريره" جي جاءِ تي "اَباهُر" حضرت عائشہ رضہ کي ڪڏهن ڪڏهن "عائش" چئي سڏ ڪندا هيا.

ٻارن سان گهڻو پيار هين. ٻارن جي مٿي تي هٿ گهمائيندا هيا. پيار ڪندا هيا. دعا ڪندا هيا. ماڻهو ننڍڙا ٻار کڻي ايندا هيا تہ انهن کي جهولي ۾ ويهاريندا هيا. انهن کي وندرائڻ ۽ پرچائڻ لاءِ عجيب جملا چوندا هيا. جيئن خرقة خرقة في عين كل بقة.[2] هڪڙي معصوم ٻار کي چمي ڏيندي فرمايائون "اِنَّهُمْ لَمِنْ رَيْحَانِ الله" (اهي ٻار تہ الله جي باغ جا گل آهن) ٻارن جا نالا تجويز ڪندا هيا. ٻارن کي قطار ۾ گڏ ڪري بيهاري انعامي ڊوڙ ڪرائيندا هيا تہ ڏسان تہ ڀهريان مون کي ڪير ٿو هٿ لائي. ٻار ڊوڙندا ايندا هيا تہ ڪوئي سيني تي ڪرندو هيو ڪوئي پيٽ تي. ٻارن سان ٻوڳ بہ ڪندا هيا. مثال طور حضرت انس رضہ کي ڪڏهن ڪڏهن پيار مان چوندا هيا. "يَاذَالْاُذُنَيْنِ" (اي دڪانن وارا). حضرت انس رضہ جي ڀاءُ ابو عمير رضہ جو پاليل پکي مري ويو تہ اهو اداس وينو هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم آيا تہ سڏ ڪري چيائون "يَا اَبَاعُمَيْرُ! مَا فَعَلَ النُّغَيْرُ" (ابو عمير! تنهنجي پکي کي ڇا ٿيو؟) عبدالله رضہ بن بشير جي امڙ ان جي هٿان سوکڙي (هديو) طور انگور حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ موڪليا. ڇوڪرو رستي ۾ کائي ويو. بعد ۾ ڳالهہ ظاهر ٿي تہ پاڻ سڳورن پيار مان عبدالله رضہ جا

---

[1] ڏسو زادالمعاد ج 1 ص 145.

[2] ڪجهہ ماڻهن معنيٰ ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي (هر مڇر بہ اک تڏ جي ڳياڙي آهي) مگر بظاهر اهي ائين ئي لفظ آهن جيئن هر ملڪ ۾ ٻارن کي پرچائڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن.

ڪن پڪڙي چيو "يا غدر! يا غدر! يا غدر!" (اي ڏوڪيباز! اي ڏوڪيباز!). سفر تان واپس اچي رهيا هوندا هيا تہ جيڪو ٻار رستي ۾ ملندو هين ان کي سواري تي ويهاريندا هيا. ننڍڙو هوندو هيو تہ اڳيان، وڏو هوندو هو تہ پٺيان ويهاريندا هيا. موسم آهر ميوو ڦريون پيرو ايندو هيو تہ برڪت لاءِ دعا گهري ننڍي عمر واري ٻار کي ڏئي ڇڏيندا هيا. سندن اهو فرمائڻ هيو تہ اهو نئون نسل آئيندي اسلامي تحريڪ جو علمبردار ٿيندو.

ڪراڙن جو احترام ڪندا هيا. مڪي جي فتح جي موقعي تي حضرت ابوبڪر رضہ پنهنجي ٻڍڙي پيءُ کي (جيڪو اکين جي نظر کان ويهي ويو هيو) اسلام جي بيعت ڪرڻ لاءِ پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ وٺي آيو. پاڻ سڳورن فرمايو ان کي ڇو تڪليف ڏني، مان پاڻ انهن وٽ هليو هلان ها.

مروت جي انتها اها هئي تہ مديني جي هڪڙي عورت جنهن جي عقل ۾ ڪجهہ فتور هيو اچي ٿي ۽ چوي ٿي تہ مون کي ڪجهہ چوڻو آهي. پاڻ سڳورا فرمائين ٿا تہ توهان وڃو ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ انتظار ڪيو مان هاڻي ئي اچان ٿو. ائين ان جي ڳالهہ وڃي ٻڌائون ۽ ان جو ڪم ڪري ڏنو.[1] اهڙو ئي هڪڙو واقعو عدي بن حاتم ڏنو هيو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مروت کي نبوت جي نشاني سمجهي ورتو هئائين.

ملڻ جلڻ واري زندگي ۾ پاڻ سڳورن جي سٺي ڪردار جي تصوير حضرت انس رضہ ڇا تہ سهڻي نموني پيش ڪئي آهي. اهو چوي ٿو:

"مان ڏهن سالن تائين حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ رهيس ۽ پاڻ سڳورن مون کي ڪڏهن اُف بہ ڪونہ چيو. ڪوئي ڪم جيئن بہ ڪيو ائين ڪونہ چيو تہ اهو ڇو ڪيو ۽ ڪوئي ڪم ڪونہ ڪيو تہ ائين ڪونہ چيو تہ ڇو نہ ڪيو. پاڻ سڳورن جو اهوئي معاملو خادمن ۽ ٻانهين سان بہ رهيو. پاڻ سڳورن انهن مان ڪنهن کي بہ ڪڏهن ڪونہ ماريو."

ان جي تصديق ۾ حضرت عائشہ رضہ فرمائين ٿيون تہ زالن ۽ خادمن مان نہ ڪڏهن ڪنهن کي ماريو نہ ڪڏهن ڪنهن کان ذاتي بدلو ورتو. سواءِ ان جي تہ پاڻ سڳورا الله جي رستي ۾ جهاد ڪن يا قانون الاهي موجب ان جي مقرر ڪيل حدن جي تحفظ جي لاءِ ڪارروائي ڪن.

## خالص نجي زندگي:

اڪثر وڏا ماڻهو اهي سڏيا ويندا آهن جيڪي عام زندگي ("پبلڪ لائيف") جي لاءِ مصنوعي ڪردار جو چوغو پائي رکندا آهن، جيڪو نجي زندگي ۾ لهي ويندو آهي. ٻاهران ڏسو تہ وڏو نٽ نانگر آهي، گهر پهتو تہ انتهائي پستي ۾ وڃي ڪريو. ٻاهر سادگي ۽ مروت ڏيکاري، گهر پهتو تہ عيش ۽ مزن ۾ ٻڏي ويو. عام (پبلڪ) ۽ نجي (پرائيوٽ)

---

[1] المواهب اللدنيہ ج 1 ص 295.

زندگي ۾ ڪنهن شخص وٽ جيترو زياده اختلاف ۽ فاصلو هوندو آهي، ايتروئي ان جو مرتبو ادنيٰ هوندو آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ڏسو تہ هڪڙو ئي رنگ، گهر ۾ بہ تہ گهر کان ٻاهر بہ. حضرت عائشہ رضہ کان ڪنهن معلوم ڪيو تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گهر ۾ ڇاڇا ڪندا هيا؟ انهن جواب ۾ فرمايو "پاڻ سڳورا ماڻهن مان هڪ ماڻهو هيا. پنهنجن ڪپڙن جو خيال پاڻ ئي ڪندا هيا (تہ ان ۾ ڪا جوءِ وغيره نہ هجي). ٻڪري مان کير پاڻ ڏهندا هيا ۽ پنهنجون ضرورتون پاڻ پوريون ڪندا هيا.[1] ان کان علاوه، پنهنجن ڪپڙن کي پاڻ چتيون لڳائيندا هيا. پنهنجي جُتي جي پاڻ مرمت ڪندا هيا ۽ اهو بہ تہ پنهنجي ڏول کي پاڻ ٽاڪا هڻندا هيا، بار کڻندا هيا، جانورن کي گاهہ وجهندا هيا ڪوئي خادم هوندو هيو تہ ان سان گڏجي ڪم ڪندا هيا. مثال طور، ان سان گڏجي اٽو پيهندا هيا. ڪڏهن اڪيلائي پاڻ تڪليف ڪندا هيا.[2] بازار ڏانهن وڃڻ ۾ عار ڪونہ هين. پاڻ ئي سودو وٺي ايندا هيا ۽ ضرورت جون شيون هڪڙي ڪپڙي ۾ ٻڌي کڻي ايندا هيا."

ماڻهن اهو بہ معلوم ڪيو تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن گهر ۾ هوندا هيا تہ ڪهڙو حال هوندو هيو؟ حضرت عائشہ رضہ ٻڌائين ٿيون. "أَلْيَنُ النَّاسِ بَسَّامًا ضَاحِكًا." (سڀني کان وڌيڪ نرم ڳالهائيندڙ مرڪندڙ مکڙو کِلندڙ هين)! ۽ ان مهربان جو اهو شان هيو تہ ڪڏهن ڪنهن خادم کي چڙٻ بہ ڪونہ ڏنائون. حق اهو آهي تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان وڌيڪ ڪير بہ پنهنجي اهل وعيال لاءِ شفيق ڪونہ هيو." (مسلم)

هڪڙو دفعو حضرت امام حسين عليہ السلام جي معلوم ڪرڻ تي حضرت علي عليہ السلام بيان ڪيو تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گهر ۾ ايندا هيا تہ پنهنجو وقت ٽن قسمن جي مصروفيتن ۾ گذاريندا هيا. ڪجهہ وقت الله جي عبادت ۾ گذرندو هيو ڪجهہ وقت گهر ڀاتين (اهل وعيال) لاءِ هيو ۽ ڪجهہ وقت پنهنجي آرام لاءِ. وري انهن ئي وقتن مان هڪڙو حصو ملاقات ڪرڻ وارن لاءِ ڪيندا هيا، جن ۾ مسجد ۾ عام مجلسن کان علاوه خصوصي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ وارا دوست يا مهمان اچي ملندا هيا ۽ ڪي ماڻهو ضرورت يا مجبوري ڪري ايندا هيا.[4] ڏٺو وڃي تہ آرام جي لاءِ گهڻو ئي گهٽ وقت رهجي ويندو هيو.

پاڪ گهروارين جي کاڌ خوراڪ ۽ مختلف ضرورتن جو انتظام بہ پاڻ سڳورن کي ڪرڻو هوندو هيو وري انهن جي تعليم ۽ تربيت بہ سندن ذمي هئي. وري انهن جي ذريعي

---

[1] ڏسو شمائل ترمذي: باب ماجاء في تواضع رسول الله ﷺ
[2] المواهب اللدنيہ ج 1 ص 293.
[3] ساڳيو.
[4] ڏسو شمائل ترمذي: باب ماجاء في تواضع رسول الله ﷺ

عورت لڏي جي اصلاح جو ڪم جاري رهندو هيو. عورتون پنهنجا مسئلا کڻي ايندييون هيون ۽ پاڪ زالن جي معرفت معلوم ڪنديون هيون. ان جي باوجود گهر جي ماحول کي پاڻ سڳورن ڪڏهن بہ خشڪ ۽ ڳرو ٿيڻ ڪونہ ڏنو ۽ نہ ان ۾ ڪو مصنوعي انداز پيدا ٿيڻ ڏنو. گهر هڪڙي انساني گهر وانگر هيو جنهن جي ماحول ۾ فطري جذبن جو لاهہ چاڙهہ رهندو هيو. ان ۾ لڙڪن جي چمڪ بہ هوندي هئي ۽ مرڪ جي تجلي بہ محبتون بہ ڪم ڪنديون هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن ريس جي چڪتاڻ بہ پيدا ٿي ويندي هئي. پريشانيون بہ رهنديون هيون ۽ وندر جا لمحا بہ ايندا هيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان باغ ۾ ايندا هيا تہ هير جي لهر وانگر ايندا هيا ۽ هڪڙي عجيب سَرهائي پکڙجي ويندي هئي. ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن قصا ڪهاڻيون بہ ڪڇيون هيون ۽ دلچسپ لطيفا بہ ٻڌڻ ۾ ايندا هيا. مثال طور حضرت عائشہ رضہ پنهنجو هڪڙو واقعو بيان ڪن ٿيون تہ هڪڙو دفعو مون خزيره (گوشت جو قيمو ڪري پاڻي ۾ پچائبو آهي ۽ پوءِ ان تي اٽو ٻرڪبو آهي جيڪو گڏوگڏ پچندو ويندو آهي) تيار ڪيو. حضرت سوده رضہ بہ موجود هيون ۽ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٻنهي جي وچ ۾ ويٺا هيا. بي تڪلفي جو ماحول هيو. مون سوده رضہ کي چيو تہ کاءِ. انهن انڪار ڪيو. مون وري اصرار ڪيو تہ کاءِ پر انهن انڪار ڪيو. مون وري چيو تہ ان مان ڪجهہ کاءِ نہ تہ مان کڻي تنهنجي منهن تي ٿڦينديس. حضرت سوده رضہ بہ هوڏ ڏيکاري. مون خزيره هٿ ۾ کنيو ۽ واقعي حضرت سوده رضہ جي چهري تي ٿڦي ڇڏيو. ان حجت تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خوب کليا ۽ سوده رضہ کي چيائون تہ تون بہ ان جي منهن تي ٿڦ تہ حساب برابر ٿي وڃي. ائين سوده رضہ بہ ائين ئي ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وري کلڻ لڳا.[1]

هڪڙي موقعي تي حضرت ابوبڪر رضہ آيا تہ حضرت عائشہ رضہ کي حضور صلي الله تعاليٰ وآلہ وسلم سان رُڪائي سان ڳالهائيندي ڏٺو. ڪاوڙ ۾ اچي ان کي مارڻ لاءِ وڌيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کي ٽڏو ڪيو تہ ڪا خاص ڳالهہ ڪونهي. ان ڪاوڙ ۾ حضرت صديق رضہ هليا ويا. ان جي وڃڻ کان پوءِ پاڻ سڳورن گهڻي تڪي انداز ۾ حضرت عائشہ رضہ کي چيو تہ ڏٺئي اسان توکي ان شخص کان بچايو.

گهريلو زندگيءَ جي ان فطري لاهہ چاڙهہ کي ڪجهہ ماڻهو اسلاميت جي تصور کان گهڻو گهٽ سمجهن ٿا ۽ خاص طور تي نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي گهر جو نقشو ذهن ۾ ڪجهہ اهڙو رکن ٿا تہ ان ۾ ڪي غيرانساني پتلا رهندا هيا. جن ۾ نہ ڪو جذبو هيو نہ خواهش ـــــ حالانڪ اهو گهر انسانن جو گهر هيو ۽ ان ۾ سمورا انساني جذبا ڪم ڪندا هيا. مگر ان گهر ۾ گناهہ جو تصور ڪونہ هيو. انهيءَ لحاظ کان

---

[1] الموهب اللدنيہ ج 1 ص 296.

اهو مثالي گهر هيو. رات جو جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بستري تي هوندا هيا تہ گهر وارن سان عام ڳالهيون ڪندا هيا. ڪڏهن گهر جي ڪم ڪار ۽ معاملن تي، ڪڏهن عام مسلمانن جي مسئلن تي، ايستائين جو ڪڏهن ڪو قصو يا ڪهاڻي بہ ٻڌائيندا هيا. هڪڙو دفعو پاڻ سڳورن حضرت عائشہ رضہ کي ام زُرع جي آکاڻي ٻڌائي. ان آکاڻي ۾ يارهن عورتون پنهنجن پنهنجن مڙسن جو ڪردار هڪ ٻئي کي ٻڌائين ٿيون. انهن مان هڪڙي عورت ام زُرع پنهنجي مڙس ابو زُرع جو دل کي ليائيندڙ ڪردار پيش ڪري ٿي. اها آکاڻي ادبي لحاظ کان گهڻي دلچسپ آهي. آکاڻي ختم ٿيڻ تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حضرت عائشہ رضہ کي چيو تہ مان بہ تنهنجي حق ۾ اهڙو ئي آهيان جهڙو ابو زُرع ام زُرع جي لاءِ هيو. اهڙي طرح ڪنهن ٻئي موقعي تي ڪو ٻيو قصو ٻڌايو تہ ٻڌڻ وارين مان هڪڙي چيو تہ خرافہ جي قصن جهڙو آهي. (عربستان ۾ خرافہ جي هڪڙي روايتي شخصيت هئي، جنهن سان گهڻائي حيرت ناڪ قصا منسوب هيا). حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم چيو تہ خبر بہ اٿئي تہ خرافہ جي ڪهڙي حقيقت هئي. پوءِ پاڻ سڳورن خرافہ جي روايتي شخصيت جو قصو بہ بيان ڪيو تہ بنوعذره جي ان ماڻهوءَ کي جِن پڪڙي کڻي ويا هيا ۽ ڪجھ عرصي کان پوءِ واپس ڇڏي ويا.[1]

پوري ڄمار اهو معمول رهيو تہ رات جي ٻئي اڌ جي شروع ۾ سجاڳ ٿي ڏندڻ ڪرڻ ۽ وضو ڪرڻ کان پوءِ تهجد ادا ڪندا هيا (زادالمعاد) قرآن آهستي آهستي پڙهندي ڪڏهن ڪڏهن ايترو ڊگهو قيام ڪندا هيا جو پيرن تي سوڄ ٿي ويندي هين.[2] اصحابن سڳورن ان تڪليف تي عرض ڪيو تہ الله تعاليٰ تہ توهان کي غفران خاص سان نوازيو آهي. قَدْ غَفَرَ لَكَ اللهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِكَ وَمَا تَاَخَّرَ[3] پوءِ توهان ايتري جان جوکي ۾ ڇو ٿا وجهو. فرمايائون: "اَفَلَا اَكُوْنَ عَبدًا شَكُوْرًا." ڇا مان الله جو احسان مڃيندڙ ۽ شڪر گذار ٻانهو نہ ٿيان.[4]

گهر ۾ ان جي سازو سامان جي متعلق پاڻ سڳورن جو نقطہ نظر اهو هيو تہ زندگي اهڙي طرح گذاري وڃي جيئن مسافر گذاريندو آهي. فرمايائون تہ منهنجو مثال ان مسافر وانگر آهي، جيڪو ٿوري دير جي لاءِ ڇانوَ ۾ آرام ڪري ۽ پوءِ پنهنجو رستو وٺي. مطلب اهو آهي تہ جيڪي ماڻهو آخرت کي منزل مقصود بڻائين ۽ دنياوي زندگي کي فرض جي ادائگي لاءِ يا امتحان طور گذارين ۽ جن کي هتي ڪنهن وڏي نصب العين لاءِ جدوجهد

---

[1] شمائل ترمذي: باب ماجاء في ڪلام رسول الله ﷺ
[2] شمائل ترمذي: باب ماجاء في عبادت رسول الله ﷺ
[3] اهو سورت فتح جي آيت 2 ڏانهن اشارو آهي. ترجمو: تہ جيئن الله تنهنجي اڳين پوئين ڪوتاهي کي معاف ڪري.
[4] شمائل ترمذي: باب ماجاء في عبادت رسول الله ﷺ

ڪرڻي هجي تہ انهن جي لاءِ ڪهڙي ضرورت آهي تہ اعليٰ درجي جا گهر تعمير ڪن ۽ انهن کي ساز ۽ سامان سان پري سينگارين ۽ پوءِ ان ۾ مست ۽ گم ٿي مزا وٺن. تنهن ڪري پاڻ سڳورن ۽ سندن ساٿين نہ اعليٰ درجي جون عمارتون ٺهرايون ۽ نہ ان ۾ سامان گڏ ڪيو ۽ نہ انهن کي خوبصورت ڪيو ۽ سينگاريو. انهن جا گهر بس "بهترين مسافراٽيون آرام گاهون هيون". انهن ۾ گرمي سردي کان بچڻ جو انتظام هيو جانور جي گِهري اچڻ کان بچاءَ جو بندوسبت هيو پردي داري ("پرائيويسي" - Privacy) جو بندوبست هيو ۽ صحت جي حفاظت لاءِ سيني ڳالهين جو خيال رکيل هيو. (زادالمعاد) حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مسجد سان گڏ زالن جي لاءِ حجرا (ننڍا ننڍا ڪمرا) ٺهرايا هيا. صفائي کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ نموني جي آرائش ڪونہ هئي. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي صفائي جو ايترو ذوق هيو جو اصحابن سڳورن کي تاڪيد ڪيائون " گهرن جا اڱڻ صاف رکو".[1]

گهرو سامان ۾ سادي قسم جا ڪجهہ ٿانءُ هيا. مثال طور ڪاٺ جو پيالو (باديہ) هيو جنهن تي لوهہ جو پَٽ چڙهيل هيو ۽ ڪاٺڻ پيئڻ ۾ اڪثر اهو استعمال ٿيندو هيو. ڪاڌ خوراڪ جو سامان گڏ تہ چا ٿئي ها, روزانو جي لاءِ بہ ڪافي مقدار ۾ مسير ڪونہ ٿيو. بسترو چمڙي جي گاديلي وارو هيو جنهن ۾ کجي جا ڦرها پريل هيا. واڻ سان واٽيل کٽ بہ رکندا هيا. ٽاٽ جو بسترو بہ سندن استعمال ۾ رهيو جنهن کي ٻيٽو ڪري وڇائيندا هيا. هڪڙو پيرو چئوٽو ڪري وڇايو ويو تہ صبح جو معلوم ڪيائون تہ اج ڪهڙي خاص ڳالهہ ٿي جو مون کي گهري ننڊ اچي وئي ۽ تهجد جي نماز نہ پڙهي سگهيس. معلوم ٿيڻ تي حڪم ڏنائون تہ بستري کي پهرين حال تي ئي رهڻ ڏنو وڃي. زمين تي تڏو وڇائي بہ سمهڻ جو معمول هين. ڪجهہ وقتن تي کَهري واڻ جا بدن تي نشان ڏسي خاص دوست (مثال طور عمر رضہ ۽ عبدالله رضہ بن مسعود) روئي پيا.[2]

ڪجهہ دير لاءِ حضرت عمر رضہ جو اکين ڏٺل نقشو سامهون رکو جڏهن ان ايلاءَ واري واقعي جي زماني ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي اهڙي حال ۾ ڏٺو. ان بيان ڪيو "پاڻ سڳورا کَهري واڻ واري کٽ تي ليٽيل هيا ۽ جسم تي نشان پئجي ويا هين. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو تہ مُٺ جيترا جَوَ رکيا هيا. هڪڙي ڪنڊ ۾ ڪنهن جانور جي کل ڪِلِي ۾ لٽڪي رهي هئي. اهو منظر ڏٺو تہ منهنجي اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم روئڻ جو سبب معلوم ڪيو تہ عرض ڪيو تہ 'قيصر ۽ ڪسريٰ تہ عيش ڪن ۽ توهان جو اهو حال آهي' پاڻ سڳورن فرمايو 'عمر! ڇا تون ان تي خوش ڪونہ آهين تہ اهي دنيا ڪٽي وڃن ۽ اسان کي آخرت ملي'."[3]

---

[1] روايت ابن المُسَيب (ترمذي).

[2] شمائل ترمذي: باب ماجاء في فراش رسول الله ﷺ

[3] المواهب اللدنيہ ج 1 ص 340. صحيح مسلم: باب في الرجل يطلق امراتہ, روايت ابن عباس رضہ

## کائڻ پيئڻ:

کائڻ پيئڻ جو ذوق گھڻو نفيس هين. گوشت ڏانھن خاص لاڙو هين. زياده ترجيح دستي، گردن ۽ پٺي جي گوشت کي ڏيندا هيا. چانپ بہ پسند هين. ثريد (گوشت جي شوربي ۾ ماني جا ٽڪرا پچائي اهو مخصوص عربي کاڌو تيار ڪيو ويندو هيو) کائڻ بہ گھڻو پسند هين. پسنديده شين ۾ ماکي، سُرڪو گدرو ونگي، ڪدو ڪچڙي، مکڻ وغيره شامل هيا. کير سان گڏ ڪتل (بهترين مکمل غذا ٿيندي آهي) جو استعمال بہ سنو لڳندو هين ۽ ڪتل کي مکڻ هٽي کائڻ بہ ذوق ۾ شامل هين. کروڙي بہ گھڻي پسند هين. ونگي کي لوڻ هٽي ۽ گدرو کنڊ هٽي بہ کائيندا هيا. مريضن جي پرهيز واري غذا جي طور تي حريره کي سنو سمجھندا هيا ۽ تجويز بہ ڪندا هيا. مٺو کاڌو بہ خاص پسند هين. اڪثر ڪري جَوَن جو ستو بہ استعمال ڪندا هيا. هڪڙو دفعو ڪين بادام جو ستو پيش ڪيو ويو تہ اهو چئي انڪار ڪيائون تہ اها اميرن جي غذا آهي. گھر ۾ شوربي واري ڀاڄي پچندي هئي تہ چوندا هيا تہ پاڙيسري لاءِ ڪجھ زياده ٿاهيو وجي.

پيئڻ جي شين ۾ پهرين نمبر تي مٺو پاڻي پسند هين ۽ خاص طور تي ٻن ڏينهن جي پنڌ تان گھرائيندا هيا. کير، پاڻي مليل کير (جنهن کي ڪچي لسي چئبو آهي) ۽ ماکي جو شربت بہ شوق سان پيئندا هيا. غير نشيدار نبيذ جو بہ ذوق هين. پخال يا پٿر جي ٿانءَ ۾ پاڻي وجھي ڪتل پچائي رکندا هيا ۽ ان کي ڏينهن ۾ وقت بہ وقت استعمال ڪندا رهندا هيا. ليڪن وقت وڌيڪ گذرڻ ڪري جيئن تہ نشي جو انديشو ٿي ويندو هيو تہ پوءِ اڇلائي ڇڏيندا هيا. ابو مالڪ اشعري جي روايت آهي تہ پاڻ سڳورن اهو فرمايو بہ تہ منهنجي امت مان ڪجھ ماڻهو شراب پيئندا ۽ ان جو نالو تبديل ڪري ڪجھ ٻيو رکندا. (تنهن ڪري بعد ۾ وقت جي حڪمرانن نبيذ جي نالي سان منشيات جو استعمال ڪيو)

ماڻهن جو الڳ الڳ ويهي کائڻ پسند ڪونہ هين، گڏ ويهي کائڻ جي هدايت ڪيائون. ميز ۽ ڪرسي تي ويهي کاڌو کائڻ کي پنهنجي فقيري شان جي خلاف سمجھندا هيا. اهڙي طرح دسترخوان تي ننڍن ننڍن پيالن ۽ پليٽن ۾ کاڌو رکڻ بہ مزاج جي خلاف هين. سون ۽ چاندي جي ٿانون کي بلڪل حرام چيائون. شيشي، مٽي ۽ ڪاٺي جي ٿانون کي استعمال ڪندا هيا. دسترخوان تي هٿ ڌوئڻ کان پوءِ جتي لاهي ويهندا هيا. ساڄي هٿ سان کاڌو کائيندا هيا ۽ پنهنجي سامهون واري جاءِ تان کڻندا هيا. ٿانءَ جي وچ ۾ هٿ ڪونہ وجھندا هيا. ٽيڪ لڳائي کائڻ پيئڻ بہ معمول جي خلاف هيو ۽ گوڏا کوڙي يا اوڪڙو ويهي کاڌو کائيندا هيا. هر گرانهہ کڻن وقت بسم الله چوندا هيا. ڪو کاڌو پسند ڪونہ هوندو هين تہ ان مان عيب ڪيڍڻ کان سواءِ خاموشي سان ڇڏي ڏيندا هيا. زياده گرم کاڌو ڪونہ کائيندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن پڪل گوشت ڇري سان

بہ ڪپي ٽڪرا ڪري کاڌو اٿن. مگر اهو پر تڪلف طريقو گهڻو پسند ڪونہ هين.[1] کاڌو هميشہ ٽن آڱرين سان کڻندا هيا ۽ وڏو گرانهہ ڪونہ کڻندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن ميوات يا ڦل بيٺي بيٺي يا هلندي بہ کاڌو اٿن . بہ ڦل گڏ بہ کاڌا. مثال طور هڪڙي هٿ ۾ گدرو کنيو ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪتل. ڪتل جي ککڙي کابي هٿ سان اچلائيندا هيا. دعوت ضرور قبول ڪندا هيا ۽ جيڪڏهن اتفاق سان ڪوئي ٻيو ماڻهو (ڳالهہ ٻولهہ ڪندي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري) گڏ هوندو هيو تہ ان کي ساڻ وٺي تہ ويندا هيا مگر گهر ڌڻي کان ان جي لاءِ اجازت وٺندا هيا. مهمان کي کاڌو کارائيندا هيا تہ وري وري اصرار ڪري چوندا هيا تہ چڱي نموني بنا حجاب ڪرڻ جي کاءُ. کاڌي جي گڏجاڻي مان مروت جي لحاظ ڪري آخر ۾ اٿندا هيا. ٻيا ماڻهو جيڪڏهن پهريان فارغ ٿي ويندا هيا تہ انهن سان گڏ پاڻ بہ اٿي ويندا هيا. فارغ ٿيڻ کان پوءِ هٿ ضرور ڌوئيندا هيا. دعا ڪندا هيا جنهن ۾ خدا جي نعمتن لاءِ شڪر ادا ڪرڻ وارا جملا هوندا هيا. ان کان علاوه، رزق جي طلب ڪندا هيا ۽ گهر ڌڻي لاءِ برڪت جو سوال ڪندا هيا. کائڻ جي ڪا شي ايندي هئي تہ حاضر دوستن کي اصرار ڪري شريڪ ڪندا هيا ۽ غير حاضر دوستن جو حصو رکي ڇڏيندا هيا. ڦل وغيره کائڻ جي مجلس ۾ هڪڙو هڪڙو داڻو کڻڻ جي تربيت پاڻ سڳورن ڏني. پاڻي غٽ غٽ جو آواز ڪيڻ کان سواءِ پيئندا هيا ۽ هر پيري شروع "بسم الله" سان ۽ اختتام "اَلْحَمْدُلِلّٰهِ وَ الشُّكْرُ لِلّٰهِ" تي ڪندا هيا. عام طريقو ويهي پاڻي پيئڻ جو هيو. مگر ڪڏهن ڪڏهن بيهي بہ پيتو اٿن. ڪچهري ۾ پيئڻ جي ڪا شي ايندي هئي تہ عام طور ساڄي پاسي کان دور شروع ڪرائيندا هيا ۽ جتي هڪڙو دور ختم ٿيندو هيو تہ ٻيو دور اتان ئي شروع ڪرائيندا هيا. وڏي عمر وارن ماڻهن کي ترجيح ڏيندا هيا. مگر ساڄي پاسي وارن جي مقرر ڪيل استحقاق جي بنياد تي انهن کان اجازت وٺي ترتيب کي ٽوڙيندا هيا. دوستن کي ڪا شي پياريندا هيا تہ پاڻ سڀني کان آخر ۾ پيئندا هيا ۽ فرمائيندا هيا تہ "ساقي آخر ۾ پيئندو آهي" کائڻ پيئڻ جي شين ۾ ڦوڪ هڻڻ يا انهن کي سنگهڻ پسند ڪونہ هين. ساهہ ۾ بوءِ جو هجڻ جيئن سندن مزاج جي خلاف هيو انهيءَ ڪري بصر ۽ ٿوم جي استعمال کي هميشہ پسند ڪونہ ڪيائون. کائڻ پيئڻ جي شين کي ڍڪي رکڻ جو حڪم ڏنو اٿن. ڪو نئون کاڌو سامهون ايندو هيو تہ کائڻ کان اڳ ۾ ان جو نالو معلوم ڪندا هيا. زهر کارائڻ واري واقعي کان پوءِ معمول ٿي ويو هين تہ جيڪڏهن ڪو ڌاريو ماڻهو کاڌو کارائيندو هيو تہ پهريان هڪ بہ گرانهہ پاڻ ان کي کارائيندا هيا.(شمائل ترمذي)

ذوق جي ان نفاست سان گڏ ٻئي پاسي اڪثر وقتن تي ڏک ۽ بک جو عالم در پيش رهيو. جنهن جو تفصيل اسان ٻي جاءِ تي ڏينداسين. پاڻ سڳورن فرمايو آڪُلُ كَمَا يَاكُلُ الْعَبْدُ. (منهنجو کائڻ پيئڻ اهڙو آهي جيئن (الله جي) ڪنهن ٻانهي جو هجڻ گهرجي.)

---

[1] روايت عمر بن اميہ (بخاري ۽ مسلم). روايت عائشہ رضہ (ابوداؤد ۽ بيهقي)

## اٿڻ ويهڻ:

ڪڏهن اوڪڙو ويهندا هيا. ڪڏهن ٻئي هٿ گوڏن جي چوڌاري ٻاڪر وانگر وجهندا هيا يا ڪڏهن هٿن جي بجاءِ ڪپڙو (چادر وغيره) ويڙهي رکندا هيا. ويٺي هوندي ٽيڪ لڳائيندا هيا تہ عام طور تي کاٻي پاسي تي. فڪر يا سوچ جي وقت ويٺي هوندي زمين کي ڪاٺي سان کوٽيندا هيا. سمهڻ لاءِ ساڄي پاسي تي سمهندا هيا ۽ ساڄي هٿ جي ترِي مٿان ساڄو ڳل رکندا هيا. ڪڏهن سنئون سڌو بہ سمهندا هيا ۽ پير مٿان پير بہ رکندا هيا. مگر اوگهڙ جو گهڻو خيال رکندا هيا. پيٽ تي اونڌو ٿي سمهڻ کين سخت ناپسند هيو ۽ ان کان منع ڪندا هيا. اهڙي اونداهي گهر ۾ سمهڻ پسند ڪونہ هين، جنهن ۾ ڏيئو نہ ٻاريو ويو هجي. کليل ڇت تي جنهن کي پردي لاءِ پٽ ڏنل نہ هجي تہ سمهڻ سٺو ڪونہ لڳندو هين. وضو ڪري سمهڻ جي عادت هين ۽ سمهڻ وقت مختلف دعائون پڙهڻ کان سواءِ آخري ٽي سورتون (اخلاص ۽ معوذتين) پڙهي جسم تي دم ڪندا هيا.[1] ستل حالت ۾ هلڪا کونگهرا هڻندا هيا. رات جو حاجت لاءِ اٿندا هيا تہ فارغ ٿيڻ کان پوءِ هٿ منهن ضرور ڌوئيندا هيا. (شمائل ترمذي) سمهڻ جي لاءِ هڪڙي گوڏ الڳ هين. پهرياڻ لاهي ٽنگي ڇڏيندا هيا.

## بشري حاجتون:

ضرورت جي لاءِ جيئن تہ ان دور ۾ گهرن ۾ ڪاڪوس ٺهيل ڪونہ هيا، انهيءَ ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٻاهر جهنگ ڏانهن نڪري ويندا هيا. عام طور تي ايترو پري تائين ويندا هيا (ٻہ ٻہ ميل تائين) جو نظرن کان گم ٿي ويندا هيا. اهڙي نرم زمين تلاش ڪندا هيا تہ جيئن ڇنڊا نہ اٿن . حاجت جي موقعي تي ويهڻ مهل پهريان ساڄي پير تي ۽ پوءِ کاٻي پير تي ويهندا هيا. ويهڻ وقت زمين جي بلڪل ويجهو پهچي ڪپڙو هٽائيندا هيا. ڪنهن دڙي جي اوٽ ضرور ڪندا هيا. ضرورت جي لاءِ هميشہ جُتي پائي ۽ مٿو ڍڪي نڪرندا هيا. قبلہ ڏانهن منهن يا پٺي ڪري ويهڻ کان پرهيز ڪندا هيا. حاجت ڪرڻ وقت مُنڊي لاهي ڇڏيندا هيا (واضح رهي تہ ان تي الله ۽ رسول لفظ اڪريل هيا) کاٻي هٿ ۾ پاڻي کڻي صفائي ڪندا هيا.

حاجت واري جاءِ تان اٿڻ وقت پهريان ساڄو پير پوءِ کاٻو پير کڻندا هيا.

غسل جي لاءِ پردو لازمي قرار ڏنو هيو. گهر ۾ وهنجندا هيا تہ ڪپڙي جو پردو ڏيندا هيا. ڪڏهن بارش ۾ وهنجندا هيا تہ گوڏ ٻڌي وهنجندا هيا.

نڇ (ڇِڪ) ڏيندا هيا تہ آهستي ۽ وات تي هٿ يا ڪپڙو رکندا هيا.

---

[1] مختلف وضيفن ۽ دعائن کي اسان ٻئي موقعي تي بيان ڪنداسين.

## سفر:

سفر تي وڃڻ لاءِ خميس ڏينهن روانو ٿيڻ وڌيڪ پسند هين، سواري کي تيز هلائيندا هيا. ڪٿي ترسندا (پڙ لاءِ ڪندا) هيا تہ اتان صبح جو روانو ٿيڻ سندن معمول رهيو. سفر ۾ ترسڻ واري جاءِ تي جيڪي ڪم ڪرڻا هوندا هيا، انهن ۾ ضرور حصو وٺندا هيا. ائين هڪڙو دفعو ڪاڏو تيار ڪرڻ جو ڪم هيو. سڀني ساٿين پاڻ ۾ ڪم ورهايا. پاڻ سڳورن بہ ڪاٺيون ميڙي اچڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو. ڪين عرض ڪيو ويو تہ توهان تڪليف نہ ڪريو اسان پيا سڀئي انهي ڪم جي لاءِ گهڻا آهيون. فرمايائون تہ مون کي فرق (امتياز) پسند ڪونهي.[1] سفر ۾ واري واري سان پنهنجي سواري تي ڪنهن نہ ڪنهن پيادل ساٿي کي ساڻ ويهاريندا هيا. سفر تان رات جو موٽي اچڻ کين پسند ڪونہ هيو. ايندا هيا تہ سڌو گهر وڃڻ جي بجاءِ مسجد ۾ وڃي نفل ادا ڪندا هيا. گهر ۾ اطلاع ٿي وڃڻ کان پوءِ اطمينان سان ويندا هيا.

## جذبات:

اسان جذبن کي الڳ رکي ڪري انسانيت جو ڪوئي تصور نٿا ڪري سگهون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۾ بہ انساني جذبا بهترين نموني ۾ ڪارفرما هيا. پاڻ سڳورا گهڻو احساس واري هستي هيا ۽ خوشي ۾ خوشي سان ۽ ڏک ۾ ڏک کان متاثر ٿيندا هيا.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن نام نهاد وڏن ماڻهن مان ڪونہ هيا جيڪي دنيا جهان جي غم ۾ ڳرندا رهندا آهن. ليڪن گهر وارن جي لاءِ سنگدل ۽ غفلت جا عادي ثابت ٿيندا آهن. گهر کان ٻاهر پرهيزگار زندگي هوندي اٿن ۽ گهر جي ڦڪي ۽ بي مزه. پاڻ سڳورن کي زالن سان سچي محبت هئي. حضرت عائشہ رضہ سان هڪڙي ئي پيالي ۾ پاڻي پيئندا هيا ۽ جتي اها چپ رکي پاڻي پيئندي هئي، اتي پنهنجا چپ رکي پاڻي پيئندا هيا. انصارن جي ڇوڪرين کي سڏائيندا هيا تہ اهي ان سان گڏجي کيڏن. حبشين جا ورزشي ڪرتب اهڙي انداز ۾ ڏيکاريا جو حضرت عائشہ رضہ جي ڪاڏي پاڻ سڳورن جي ڪلهي تي هئي. وري وري پڇيائون تہ "ڇا تنهنجي دل ڀرجي وئي آهي؟" ان چيو تي "اڃا نہ" دير تائين اهو سلسلو جاري رهيو.[2] حضرت صفيہ رضہ کي اٺ تي سوار ڪرائڻ جي لاءِ پنهنجو گوڏو اڳتي وڌائيندا هيا ۽ ان تي اها پنهنجو پير رکي سوار ٿيندي هئي. هڪڙو ڀيرو سفر ۾ سواري جو پير ترڪي ويو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ حضرت صفيہ رضہ هيٺ ڪري پيا. ابو طلحہ رضہ گڏ هيا. ڊوڙندو پاڻ سڳورن جي پرسان آيو. پاڻ سڳورن فرمايو تہ پهريان خاتون ڏانهن توجهہ ڪر.

---

[1] المواهب اللدنيہ ج 1 ص 294.

[2] المواهب اللدنيہ ج 1 ص 296.

هڪڙو دفعو اوٺي اُنن کي تيز هلايو تہ فرمائڻ لڳا "ڏس! شيشا (فانوس) آهن شيشا (فانوس)! ڪجھہ احتياط سان هل."[1] ان ئي محبت جي ڪري هڪڙو دفعو ماکي نہ کائڻ جو قسم کنيائون، جنهن تي تنبيهہ آئي تہ "حلال شي کي حرام نہ ڪيو." (التحريم: 1)[2]

پنهنجن ٻارن لاءِ بہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا جذبا گهڻو گهرا هيا. حضرت ابراهيم کي ٿڃ پيارڻ لاءِ مديني جي مٿاهين حصي ۾ هڪڙي لوهار جي گهر ۾ رهايائون، ان کي ڏسڻ لاءِ گهڻو مفاصلو پنڌ ڪري ويندا هيا. گهر ۾ دونهون ڀريل هوندو هيو مگر اتي ويهندا هيا ۽ ٻار کي ڪڇ تي کڻي پيار ڪندا هيا. (روايت انس رضہ)

حضرت فاطمہ سلام الله تعاليٰ عليها ايندي هيون تہ اٿي آڌر ڀاءُ ڪندا هيا. پاڻ بہ تشريف کڻي ويندا هيا. پنهنجون ڳالهيون ٻڌائيندا هيا، ان جون ٻڌندا هيا. ان جي ٻچڙن امام حسن عليہ السلام ۽ امام حسين عليہ السلام سان گهڻو پيار هين. انهن کي ڪڇ تي کڻندا هيا، انهن کي ڪلهن تي سوار ڪندا هيا، انهن جي لاءِ گهوڙو ٿي ويندا هيا، نماز جي حالت ۾ بہ انهن کي ڪلهن تي ويهڻ ڏيندا هيا. هڪڙو دفعو اقرع بن حابس پاڻ سڳورن کي حضرت حسن عليہ السلام کي چمي ڏيندي ڏٺو تہ تعجب مان چيو تہ منهنجا تہ ڏهہ پٽ آهن، مون ڪڏهن بہ ڪنهن کي پيار ڪونہ ڪيو آهي، مگر توهان چمي ڏيو ٿا. فرماياٸون. "جيڪو رحم نٿو ڪري ان تي رحم ڪونہ ڪيو ويندو آهي."

ان ئي پٽ ابراهيم جي وفات ٿي تہ صدمي ۾ اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا. اهڙي طرح هڪڙي نياڻي جي وفات سندن موجودگي ۾ ٿي. ام ايمن (ٻانهي) رڙيون ڪري روئڻ لڳي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم منع ڪئي. اها چوڻ لڳي تہ توهان پاڻ بہ تہ روئي رهيا آهيو. پاڻ سڳورن فرمايو تہ اهڙو روئڻ منع ڪونهي. روئڻ جنهن حالت جي ڪري آهي، اها الله جي رحمت آهي. پنهنجي نياڻي ام ڪلثوم رضہ جي قبر تي ويٺا تہ ان وقت بہ پاڻ سڳورن جي اکين مان لڙڪ جاري هيا. عثمان رضہ بن مَظعُون جي ميت جي سامهون بہ سندن اکيون لڙڪن سان ڀريل هيون ۽ پاڻ سڳورن ان جي پيشاني تي چمي ڏني.[3] پنهنجي روئڻ جي ڪيفيت کي پاڻ بيان ڪياٸون. "اکيون لڙڪن سان ڀريل آهن، دل ڏکويل آهي، مگر اسان زبان سان ان کان سواءِ ڪجھہ نٿا چئون جيڪو اسان جي رب کي پسند آهي." ڏک جي حالت ۾ اڪثر زبان تان هي لفظ ادا ٿيندا هيا. "حَسْبِيَ اللّٰهُ نِعْمَ

---

[1] مسلم ۽ بخاري

[2] مغربي ليکڪن حضور ﷺ جي ان صاف سٿري گهريلو زندگي کي مخالفت جو نشانو بڻايو آهي، حالانڪ خود انهن جي معاشري جيڪي بلند ترين ۽ ذميوارترين شخصيتون پيدا ڪيون آهن اهي نہ صرف گهر جي دائري ۾ بي حيائي تائين پهچي وينديون آهن پر ان دائري کان ٻاهر بہ انهن کي نفسانيت مڪروهہ پستي ۾ ڪيرائيندي رهندي آهي. حضور ﷺ جو حال اهو هيو تہ سموريون دلچسپيون گهريلو زندگي تائين محدود هيون ۽ ان ۾ بہ پاڪيزگي جو رنگ پڌرو هيو. پاڻ سڳورن فطرت جي تقاضائن کي شائستگي جي حدن ۾ رکي سهڻي نموني سان پورو ڪيو ۽ گهريلو محبت جو هڪڙو مُهذب ڍنگ پيدا ڪيو.

[3] المواهب اللدنيہ ج 1 ص 297

الوَكِيْلُ" روئڻ ۾ وڏو آواز ڪونہ نڪرندو هيو بلڪ ٿڌا ساهہ ڀريندا هيا ۽ سندن سيني مان ديڳڙي جي اٻرڻ جي آواز جهڙو آواز نڪرندو هيو.

اها حساس دل جڏهن پنهنجي رب جي حضور ۾ عرض ۽ نياز ڪري رهي هوندي هئي يا زبان تي قرآن شريف جي تلاوت جاري هوندي هئي تہ اهڙي حالت ۾ بہ اڪثر ڪري ڀنبڙيون پنل هونديون هيون. هڪڙو دفعو عبدالله رضہ بن مسعود کي فرمائش ڪري قرآن شريف ٻڌائون اهو جڏهن سورت نساءَ جي هن آيت "فَكَيْفَ اِذَا جِئْنَا مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ بِشَهِيْدٍ وَّجِئْنَا بِكَ عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ شَهِيْدًا" (آيت 41 ترجمو: ان وقت ڪهڙو حال هوندو جڏهن اسان هر اُمت مان هڪڙي شاهد کي اٿاري بيهاريندا سين ۽ انهن ماڻهن تي توکي شاهد ڪري وٺي ايندا سين) تي پهتو تہ اکين مان لڙڪن جي ٻوڏ جاري ٿي وين.

اها حالت انهن همدردي ۽ شفقت وارن جذبن جو سرچشمو آهي، جيڪي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي سموري انسانذات سان هيا ۽ خاص طور تي مسلمان جماعت جي فردن سان! حيرت آهي تہ احساس جي ان نزاڪت سان گڏوگڏ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مشڪلاتن ۽ تڪليفن جي مقابلي ۾ ڪيتري صبر ۽ استقلال جو مظاهرو ڪيو.

## کل ڀوڳ جو ذوق:

اسان اڳ ۾ بيان ڪري چڪا آهيون تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کلندڙ مُک واري صفت سان نوازيل هيا. بلڪ پاڻ فرمايائون. "وَتَبَسُّمُكَ فِيْ وَجْهِ اَخِيْكَ صَدَقَةٌ" (توهان جو پنهنجي ڀاءُ جي سامهون مرڪندو اچڻ بہ هڪڙو خير جو ڪم آهي) پاڻ سڳورن جو اها شان بہ بيان ٿي چڪو آهي تہ كَانَ بَسَّامًا ضَاحِكًا. عظيم ڪارناما انجام ڏيڻ واري شخصيت جي لاءِ اها هڪڙي لازمي وصف آهي تہ اها پنهنجي حياتي جي فرضن (فرائضِ حيات) جي بارکي پنهنجي مُرڪ سان قبول ڪري ۽ ساٿين جي دلين ۾ گهر ڪري وجي. پاڻ سڳورن جو حال اهو هيو تہ "قَدْ كَانَ يُبَاسِطُ اَصْحَابَهٗ بِمَا يُوْلِجُ حُبَّهٗ فِي الْقُلُوْبِ"[1] يعني پاڻ سڳورا بي تڪلفي واري اهڙي انداز واري کل ڀوڳ ڪندا هيا جو ساٿين جي دلين ۾ پاڻ سڳورن جي محبت رچي بسي وئي هئي. پاڻ کل ڀوڳ ۽ دل وندرائڻ واريون ڳالهيون ڪندا هيا ۽ ڪچهري (مجلس) ۾ سَرهائي جي فضا پيدا ڪري ڇڏيندا هيا. مگر توازن ۽ اعتدال جو هميشہ خيال رکندا هيا. کل ڀوڳ جو رنگ اٽي ۾ لوڻ برابر ٿورو هوندو هيو ۽ ان ۾ بہ ڪڏهن نہ تہ حق جي خلاف ڪا ڳالهہ شامل هوندي هئي، نہ ڪنهن جي دل آزاري ڪئي ويندي هئي ۽ نہ ٺهڪ ڏئي کلڻ جو معمول هيو. هلڪي مرڪ هوندي هئي، جنهن ۾ وڏ ڪان وڏ ڏندن جي جهلڪ نظر ايندي هئي، وات ڪونہ کُلندو هيو.

[1] المواهب اللدنيہ ج 1 ص 297.

هڪڙو ڀيرو حضرت ابوهريره رضہ تعجب مان چيو تہ "توهان اسان سان کل ڀوڳ بہ ڪيو ٿا؟" ارشاد ڪيائون "ها! مگر مان حق جي خلاف ڪا ڳالهہ ڪونہ ٿو چوان."

اسان هتي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي کل ڀوڳ جا ڪجهہ نمونا پيش ڪيون ٿا. جيڪي سنت جي تفصيل (رڪارڊ) ۾ محفوظ ٿيل آهن.[1]

ڪنهن سوال ڪندڙ سواري وارو اُٺ گهريو. فرمايائون: اسان توهان کي ڏاچيءَ جو هڪڙو ٻچو ڏينداسين. سوال ڪندڙ حيرت مان عرض ڪيو تہ مان اهو وٺي ڇا ڪندس. فرمايائون: هر اٺ ڪنهن ڏاچي جو ٻچوئي هوندو آهي.

هڪڙي ٻڍڙي اچي عرض ڪيو تہ منهنجي لاءِ دعا ڪريو تہ الله مون کي جنت عطا فرمائي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڀوڳ ڪندي چيو. "اي فلاڻي جي امڙ! جنت ۾ ڪابہ ڪراڙي عورت وڃي نٿي سگهي." اها روئيندي اٿي وڃڻ لڳي. حاضرين مجلس کي فرمايائون تہ ان کي ٻڌايو تہ الله تعاليٰ ان کي ٻڍاپي واري حالت ۾ جنت ۾ ڪونہ موڪليندو بلڪ ان جو فرمان آهي "اِنَّآ اَنْشَاْنٰهُنَّ اِنْشَآءً ۝ فَجَعَلْنٰهُنَّ اَبْكَارًا ۝ عُرُبًا اَتْرَابًا ۝"[2] مطلب تہ جنت ۾ وڃڻ وارين عورتن کي الله تعاليٰ جواني سان سرفراز ڪندو.

زاهر (يا زهير) نالي هڪڙو بدوي هيو. ان سان بي تڪلفي هين. پاڻ سڳورا پنهنجي ان بدوي دوست کي شهر سان واسطو رکندڙ ڪمن ۾ مدد ڪندا هيا ۽ اهو ٻهراڙي سان تعلق رکندڙ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا ڪم ڪري ايندو هيو. ان کان علاوه، خلوص واري جذبي سان سوکڙيون (هديا) ڏيندو هيو. (حضو صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم زور ڪري انهن جي قيمت ادا ڪندا هيا) تنهن ڪري پاڻ سڳورا فرمائيندا هيا تہ زاهر (زهير) ٻهراڙي ۾ اسان جو ايلچي (گماشتو) آهي ۽ اسان شهر ۾ ان جا ايلچي (گماشتا) آهيون. اهوئي زهير هڪڙي ڏينهن بازار ۾ پنهنجو سودو وڪڻي رهيو هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پٺيان وڃي آهستي ان جي اکين تي هٿ رکي ڇڏيا ۽ پڇيو تہ ٻڌاءِ تہ مان ڪير آهيان. اهو پهريان تہ ڪجهہ سمجهي ڪونہ سگهيو. پوءِ جڏهن ان کي معلوم ٿيو تہ خوشي جي جذبي سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيني سان پنهنجا ڪلها گسائڻ لڳو. پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڀوڳ ڪندي فرمايو تہ هن غلام کي ڪير خريد ڪندو. زهير چوڻ لڳو يارسول الله! مون جهڙي بيڪار غلام کي جيڪو خريد ڪندو اهو نقصان ۾ ويندو. فرمايائون تہ تون الله تعاليٰ جي نظرن ۾ بيڪار ڪونہ آهين. خندق جي لڙائي واري موقعي تي هڪڙي واقعي جي ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گهڻو کليا ۽ پاڻ سڳورن جا سيئي ڏند بہ ڏسڻ ۾ آيا. ٿيو هي تہ عامر رضہ جو پيءُ سعد رضہ تير هڻي رهيو هيو ان جو

---

[1] اڪثر واقعن جو تفصيل شمائل ترمذي مان ورتو ويو آهي. باب ماجاء في صفته مزاح رسول الله ﷺ

[2] انهن جي زالن کي اسان خاص طور تي نئين سر پيدا ڪنداسين ۽ انهن کي ڪنواريون بڻائي ڇڏينداسين. پنهنجن مڙسن جون عاشق ۽ عمر ۾ هڪجهڙيون ( الواقعہ آيت 35 کان 37)

نشانو فروزد نالي هڪڙو دشمن هيو. ان وڏي ڦڙتي سان ڍال منهن جي آڏو ڪري ٿي ڇڏي ۽ سعد رضہ جو نشانو خطا ٿي ٿي ويو. آخري ڀيرو سعد رضہ ڪمان ۾ تير چڙهايو ۽ تاڪ ۾ رهيو تہ موقعو ملي تہ ان ڪي ڇوڙي. فروزد جيئن ڍال کي منهن کان هٽايو تير سڌو ان جي نراڙ ۾ کپي ويو. اهو ايئن بولاتي ڪائي ڪريو جو ان جون ٽنگون ايبون ٿي ويون.

بعد وارن ماڻهن کي انهي ڪل پوڳ جو حال ٻڌي تعجب ٿيندو هيو. ڇوتہ هڪڙو تہ مذهب سان عشق جو تصور هميشہ موجود رهيو آهي ۽ خدا پرستن ۽ متقين جون روئڻهارڪيون صورتون ۽ خشڪ طبيعتون ماڻهن جي سامهون رهيون آهن. ٻيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان الله جي عبادت، خوف، ڳريون ذميواريون ۽ فڪرن جو خيال ڪندي اهو سمجهڻ مشڪل ٿي وڃي ٿو تہ اهڙي زندگي واري انسانيت جي نموني انهن مُرڪن جي لاءِ زندگي جي نقشي ۾ ڪيئن جاءِ پيدا ڪئي. تنهن ڪري عبدالله رضہ بن عمر رضہ کان پڇيو ويو تہ "ڇا رسول الله جا ساٿي بہ کلندا هيا؟" ان جواب ڏنو. "ها، کلندا هيا ۽ انهن جي دل ۾ جبل کان بہ وڏو ايمان هيو. (يعني کل پوڳ ايمان ۽ تقويٰ جو ضد ڪونهي) تيرن سان نشانو (مشق طور) چُٽڻ وقت ٻڪندا هيا ۽ هڪ ٻئي سان کلندا هيا."

اسان اهو اڳ ۾ بيان ڪري چڪا آهيون تہ صبح (فجر) جي نماز کان پوءِ ڪچهري (مجلس) ٿيندي هئي ۽ ان ۾ جهالت واري دور جون ڳالهيون بہ نڪرنديون هيون ۽ اصحابن سان گڏ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خوب کلندا هيا. ٻارن سان سندن کل پوڳ ڪرڻ جا واقعا بہ اسان بيان ڪري چڪا آهيون. ان کان علاوه گهر ۾ زالن سان کلڻ ۽ کلائڻ جو ذڪر بہ ٿي چڪو آهي.

## تفريحون:

متوازن زندگي جو هڪڙو لازمي جزو تفريحون (جائز حدن ۾) بہ آهن. کل پوڳ وانگر اهو جزو بہ گم ٿي وڃي تہ زندگي بار ٿي ويندي آهي؛ ۽ زندگي جي جنهن نظام ۾ تفريح جي گنجائش نہ رکي وئي هجي، ان کي ڪوئي معاشرو دير تائين برداشت ڪري نٿو سگهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي بہ ڪجهہ تفريحون پسند هيون ۽ جائز حدن ۾ انهن جي لاءِ رستا ڪڍيائون.

شخصي طور تي پاڻ سڳورن کي باغن جي سير ڪرڻ جو شوق هيو. ڪڏهن اڪيلا ۽ ڪڏهن دوستن سان گڏ باغن ۾ هليا ويندا هيا ۽ اتي ڪچهري بہ لڳندي هئي.

ترڻ جو بہ شوق هين ۽ دوستن سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن تلاءَ ۾ ترندا هيا. ٻن ٻن ساٿين جا جوڙا ٺاهيا ويندا هيا ۽ پوءِ هر جوڙجا ساٿي پري کان تري هڪ ٻئي ڏانهن ايندا هيا. هڪڙي موقعي تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حضرت ابوبڪر رضہ کي پنهنجو ساٿي پسند ڪيو.

وقفي ڪان پوءِ مينهن وسندو هيو تہ گوڏ ٻڌي ڦوهار ۾ وهنجندا هيا. ڪڏهن وندر لاءِ ڪنهن کوهہ جي پڳ (ڪناري) تي ويهي پير اندر لڙڪائي ڇڏيندا هيا. (شمائل ترمذي)

ڊوڙ ۽ تيراندازي جا مقابلا ڪرائيندا هيا ۽ آکاڙي ۾ پاڻ پوري دلچسپي سان شريڪ ٿيندا هيا. اهڙن موقعن تي ڪل پوڳ بہ ٿيندي هئي.

خوشي جي موقعي تي ڪين پسند هيو تہ دف وڄايا وڃن يا ڇوڪريون گيت ڳائين. تنهن ڪري عيد جي تقريب تي حضرت عائشہ رضہ وٽ بہ ڇوڪريون گيت ڳائي رهيون هيون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پرسان سُتا پيا هيا. ابوبڪر صديق رضہ آيو تہ ڪاوڙ ۾ چڙهيو تہ الله جي رسول جي گهر ۾ اهو ڪهڙو شيطاني هنگامو مچائي رکيو آهي. ان تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ انهن کي گيت ڳائڻ ڏيو.[1]

شادي وهانءَ جي موقعي لاءِ بہ فرمايو تہ اهڙن موقعن تي دف وڄايا وڃن (روايت عائشہ رضہ ۽ محمد بن حاطب الجمحي) حضرت عائشہ رضہ ئي بيان ڪن ٿيون تہ مون وٽ هڪڙي انصاري ڇوڪري رهندي هئي، مون ان کي پرڻايو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ عائشہ! تون سِهرن (ڳائڻ) جو انتظام نٿي ڪرائين، حالانڪ انصاري قبيلو سهرن کي پسند ڪندو آهي. هڪڙي ٻي روايت ۾ (گهڻو ڪري انهي موقعي جي باري ۾) هيئن اچي ٿو تہ توهان ڪنهن ڳائڻ واري کي ڇوڪريءَ سان گڏ موڪليو ها جيڪو چوي ها "اَتَيْنَاكُم اَتَيْنَاكُم فَحَيَّانَا وَحَيَّاكُم" (اسان توهان وٽ آياسين، اسان توهان وٽ آياسين، پوءِ توهان بہ سلامت رهو اسان بہ سلامت رهون) اهڙي ئي هڪڙي وهانءَ جي تقريب ۾ ڇوڪريون ڳائي رهيون هيون، حضرت عامر رضہ بن سعد اعتراض ڪندي ڪجهہ حاضرين کي چيو تہ "اي رسول الله جا اصحابيو! اي بدر ۾ شريڪ ٿيندڙو! توهان جي سامهون اهو ڇا ٿي رهيو آهي؟" جواب مليو. "دل چوئي تہ ويهي ٻڌ، نہ تہ هليو وڃ. اسان کي رسول الله ان جي اجازت ڏني آهي."[2]

تفريحن ۾ هڪڙو دروازو گناهہ ۽ عيش عشرت ڏانهن کلي ٿو. ان کان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم منع ڪئي. هتي ڳائڻ جو ذڪر آهي. عربستان ۾ تندورو وڄائڻ جو گهڻو رواج هيو پر ان جو نالو ڪونہ ورتائون، صرف دف جو نالو ورتائون. ڳائڻ جو مطلب ڏسو تہ ڪائي شرارت ڪونهي، ڪائي جنسيت ڪونهي، گناهہ جي ڳالهہ ڪونهي. صرف محبت جا سادا جملا آهن. وري اهو بہ ڪونہ فرمايائون تہ ڪنهن ڳائڻي (طوائف) يا گويي يا ناچن جي ٽولي گهرايو ها. نہ. صرف نندين ڇوڪرين مان چيو تہ ڪنهن مناسب ڇوڪرِي کي گهرايو ها. اهي ماڻهو زيادتي ڪن ٿا جيڪي ڪنهن ڇوٽ کي سهارو بڻائي کُلي اصول بڻائي ڇڏين ٿا ۽ انتها پسندي واريون ڳالهيون ڪن ٿا.

اهڙن اجتهادن جي لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گنجائش ڪونهي ڇڏي

---

[1] روايت حضرت عائشہ رضہ (مسلم: باب مايقول الجواري في العيد)
[2] مشڪوات: باب اعلان نڪاح.

انهن مڙني ڳالهين کان علاوه، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم شعر ۾ بہ دلچسپي ورتي آهي. عربستان ۾ جيڪا شعر پرستي رائج هئي، ان کان تہ پاڻ سڳورن کي نفرت هئي. پاڻ سڳورن کي الهام جي نغمن جون ڪششون ايترو موقعوئي ڪونہ ڏينديون هيون تہ شعروسخن طرف زياده توجہ ڏين. پر ٻئي طرف شعر جي ذوق کان قدرت محروم ڪونہ رکيو هين. سٺن شعرن (مقصد جي لحاظ کان) جو قدر ڪندا هيا، بلڪ چوڻ گهرجي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم معاشري کي هڪڙو نئون ذوق ڏنو ۽ پرک جو هڪڙو ٻيو معيار مقرر ڪيو. جابر رضہ بن سمره جو بيان آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ هڪ سو مجلسن کان وڌيڪ ۾ شريڪ ٿيس، جن ۾ جاهليت وارا قصا بہ ٿيندا هيا ۽ اصحابي سڳورا شعر بہ ٻڌائيندا هيا. عربستان جي شاعرن جي ڪلام مان هڪڙو ٻيرو لبيد جو هي مصوعو پسنديدگي سان پڙهيائون:

"اَلاَ كُلُّ شَيئٍ مَا خَلا الله بَاطِل"

(خبروار ٿي وڃو تہ الله کان سواءِ هر شي فاني آهي)

"وَكُلُّ نَعِيْمٍ لاَ مَحَالَةَ زَائِل."

(دنيا جون سيئي نعمتون فنا ٿيڻ واريون آهن.)

حضرت شريد رضہ کان هڪڙي سفر ۾ فرمائش ڪري هڪ ٻئي پٺيان اميہ بن ابي صلت جا هڪ سو شعر ٻڌائون. آخر ۾ فرمايائون تہ اهو شخص اسلام قبول ڪرڻ جي ويجهو پهچي ويو هيو. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ بہ (خاص ڪري لڙائي واري ميدان ۾) بنا ارادي شعر جي انداز تي گفتا فرمائيندا هيا. حضرت حسان رضہ بن ثابت ۽ ڪعب رضہ بن مالڪ کان اسلام جي دشمنن طرفان چيل مذمتي شعرن جي جواب ۾ شعر چورائيندا هيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن حضرت حسان رضہ کي پنهنجي منبر تي ويهاري ان کان پڙهائيندا هيا ۽ چوندا هيا تہ "اهي شعر دشمنن لاءِ تير کان وڌيڪ سخت آهن." اهو بہ فرمايائون تہ "مؤمن تلوار سان بہ جهاد ڪندو آهي ۽ زبان سان بہ."

## ڪجهہ مختلف ذوق:

آخر ۾ اسان ڪجهہ اهڙا خاص ذوق ۽ طريقن جو ذڪر ڪيون ٿا، جن کي ڪنهن ٻئي عنوان هيٺ نٿو رکي سگهجي.

..... ڪنهن کان ڪا شي وٺندا هيا تہ ساڄي هٿ سان وٺندا هيا، ۽ ڪا شي ڏيندا هيا تہ اها بہ ساڄي هٿ سان ڏيندا هيا.

...... خط لکرائيندا هيا تہ سڀ کان اڳ ۾ بسم الله لکرائيندا هيا. پوءِ موڪليندڙ جو نالو ۽ ان جي هيٺان جنهن ڏانهن موڪليو ويندو هيو ان جو نالو هوندو هيو. ان کان پوءِ اصل مضمون لکيو ويندو هيو. ختم ٿيڻ تي مهر لڳرائيندا هيا.

..... حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وهم ڪرڻ کان پاڪ هيا ۽ سئوڻ ڪونہ ڪندا هيا. البت، ماڻهن ۽ جاين جا سٺا نالا پسند هين. خراب نالا پسند ڪونہ ڪندا هيا. سفر ۾ ترسڻ جي لاءِ اهڙي جاءِ جو انتخاب ڪندا هيا، جنهن جي نالي ۾ خوشي يا برڪت يا ڪاميابي جو مطلب هجي. اهڙي طرح جنهن شخص جي نالي ۾ لڙائي جهڳڙي يا نقصان جي معنيٰ شامل هوندي هئي تہ ان کي ڪم ڪونہ سونپيندا هيا. اهڙن ماڻهن جي چونڊ ڪندا هيا جن جي نالن ۾ خوشي يا ڪاميابي جو مطلب نڪرندو هجي. گهڻن نالن کي تبديل بہ ڪرايائون.

...... سوارين ۾ گهوڙو گهڻو پسند هين. فرمائيندا هيا تہ گهوڙي جي بشڪن (مشڪن) ۾ قيامت تائين جي لاءِ خير ۽ برڪت آهي. گهوڙي جي اکين، وات ۽ نڪ کي تاڪيد سان پنهنجن هٿن سان صاف ڪندا هيا.

...... گوڙ گمسان، هنگامو ۽ ڏماچوڪڙي سٺي نہ لڳندي هين. هر ڪم ۾ سڪون ۽ وقار ۽ نظم و ضبط ۽ ترتيب پسند ڪندا هيا. نماز جي باري ۾ بہ چيائون تہ ڀڄندا ڀڄندا نہ اچو. "عَلَيْكُمْ بِالسَّكِيْنَةِ" (توهان جي لاءِ سڪون ۽ وقار لازمي آهي) عرفات واري ڏينهن هجوم هيو ۽ وڏو شور ۽ هنگامو هيو. ماڻهن کي پنهنجي لڪڻ سان اشارو ڪندي نظم و ضبط ۽ سڪون جو حڪم ڏنائون ۽ فرمايائون "فَاِنَّ الْبِرَّلَيْسَ بِالْاِيْضَاعِ". (ڏُم مچائڻ جو نالو نيڪي ڪونهي). مسلم ۽ بخاري

## اخلاق:

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اخلاق جو بيان هتي ڪنهن ضمني عنوان هيٺ نٿو ڪري سگهجي. انهن جي تہ پوري زندگي حسين خُلق جي ئي تفسير آهي، جنهن جي متعلق حضرت عائشہ رضہ فرمايو هيو "كَانَ خُلُقُهُ الْقُرآنُ". انس رضہ بن مالڪ رضہ جو هي قول گهڻو جامع آهي تہ "كَانَ اَحْسَنَ النَّاسِ وَ كَانَ اَجْوَدَ النَّاسِ وَ كَانَ اَشْجَعَ النَّاسِ."[1] احسن الناس هجڻ جي اها ڪيفيت هئي تہ ڪنهن کي پوري ڄمار ۾ تڪليف ڪونہ پهچايائون. (سواءِ انهن ڳالهين جي جيڪي الله جي حڪم هيٺ هيون) ۽ ٻين جي زيادتين تي ڪڏهن انتقام ڪونہ ورتائون. هر ڪنهن کي معاف ڪيائون. ايستائين جو مڪي ۽ طائف جي ستائيندڙن کي بہ معاف ڪيائون ۽ منافقن ۽ شرارت ڪندڙن کي

---

[1] مسلم: باب في شمائل النبي ﷺ

ڪجهه به ڪونه ڇپيائون. اجود الناس هجڻ جو اهو عالم هيو ته جابر رضه چوي ٿو ته رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کان ڪنهن جيڪو ڪجهه به گهريو پاڻ سڳورن ڪڏهن به انڪار ڪونه ڪيو.[1] موجود هيو ته ڏئي ڇڏيائون. ڪڏهن قرض به کڻي ڏنائون. موجود نه ٿيو ته ٻئي وقت تي اچڻ لاءِ چيائون يا ماٺ رهيا. اشجع الناس هجڻ جي لاءِ سڀ کان اها ڳالهه ڪافي آهي ته حق جي نظريي (نظريه حق) کي کڻي بلڪل اڪيلا اٿيا ۽ سموري زماني جي مخالفتن ۽ ظلمن جي مقابلي ۾ ڄمي بيهي رهيا. ڪڏهن ڪنهن خطرناڪ ترين موقعي تي به خوف يا ڪمزوري جو مظاهرو ڪونه ڪيائون. غار ثور هجي يا اُحد ۽ حنين جون لڙايون، هر موقعي تي يقين محڪم جو مظاهرو ڪيائون.

---

[1] باب ماسئل النبي ﷺ

باب ٽيون

# مُحسنِ انسانيت

صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

## مخالفتن جي طوفان مان گذرندي

(1)

## مڪي دور

هيٺ متاڻهيون

(لاهاچاڙها)

”بس اهو هڪڙو ڪلمو آهي، ان کي قبول ڪري
منهنجا ساٿي ٿي وڃو تہ ان جي سهاري
سموري عربستان کي قبضي ۾ وٺندا ۽ ان جي
اثر سان عجم توهان جي حڪومت هيٺ اچي ويندو.“

محسنِ انسانيت ﷺ

اچو! ٿورو واقعي جي صورت تي غور ڪيو! ـــــ گل جي ان ٽاري جو اپرڻ ڏسو جنهن جي مهماني ڪنڊن سان ڪئي وئي!

## اهو نوجوان:

عربستان جي هڪڙي معزز مُهذب ۽ اعليٰ روايتون رکڻ واري خاندان ۾ سڀاجهڙي فطرت والدين جي پلاري ٻنڌڻ جي نتيجي ۾ هڪڙو نرالو ٻارڙو يتيمي جي پاڇي هيٺ پيدا ٿئي ٿو. هڪڙي غريب مگر اشراف ذات واري دائي جي ٿڃ پي ٻهراڙي جي صحت بخش ماحول جي اندر فطرت جي جهولي ۾ پلجي ٿو. اهو خاص انتظام سان رڻ پٽ ۾ ٻج ٻڪ ڪندي زندگي جي ڊوڙ واري ميدان ۾ ڪشالن جو مقابلو ڪرڻ جون تياريون ڪري ٿو ۽ ٻڪريون چاري ڏڻ پالڻ وارين قومن جي تربيت وٺي ٿو. ٻالڪپڻي جو پورو پنڌ طي ڪرڻ کان پهرين اهو انوکو ٻارڙو امڙ جي شفقت واري پاڇي کان بہ محروم ٿي وڃي ٿو. ڏاڏي جو سِر ڪنهن حد تائين والدين جي ان کوٽ کي پورو ڪرڻ وارو هيو ليڪن اهو سهارو بہ کسجي وڃي ٿو. آخرڪار چاچو سنڀاليندڙ ٿئي ٿو. اها جڻ مادي سهارن کان بي نياز تي هڪڙي حقيقي آقا (مالڪ) جي سهاري وڏين ڳرين ذميوارين سان منهن ڏيڻ جي تياري ڪرائي پئي وئي.

جواني جي حدن ۾ قدم رکڻ تائين اهو انوکو ٻارڙو عام ٻارن وانگر راند روند ڪندڙ ۽ شرارتي ٻڻجي سامهون نٿو اچي، بلڪ ٻيڙن واري سنجيدگي سان آراستہ نظر اچي ٿو. جوان ٿئي ٿو تہ انتهائي فاسد ماحول ۾ پلجڻ جي باوجود پنهنجي جواني کي ٻي داغ رکي ٿو. عشق، اکيون ويڙهائڻ ۽ بدڪاري جتي نوجوانن جي لاءِ فخر جو سرمايو بڻيا پيا هجن. اتي اهو پنهنجي نظر جي جهلڪ کي بہ هڪڙي گهڙي لاءِ ميرو نٿو ٿيڻ ڏئي. جتي گهٽي ۾ گهٽي شراب ٺاهڻ جون ڀٺيون لڳل هجن. گهرگهر ۾ شراب خانا کليل هجن. جتي هر محفل ۾ انگور جي ڌي (انگوري شراب) جي قدمن ۾ ايمان ۽ اخلاق نڇاور ڪيا ويندا هجن ۽ وري جتي پنهنجي شراب خوري جا چرچا فخريہ قصيدن ۽ شعرن ۾ بيان ڪيا ويندا هجن. اتي اهو الڳ فطرت وارو نوجوان ڪڏهن قسم کائڻ لاءِ بہ شراب جو هڪڙو ڦڙو بہ پنهنجي زبان تي نٿو رکي. جتي جوا قومي مشغلو بڻي هلندي اچي، اتي اهو هڪڙو پاڪيزگي وارو مجسمو هيو جو ان ڪڏهن ڳوٽ (مُهرو) کي هٿ سان ڇهيو بہ نہ. جتي داستان گوئي ۽ موسيقي ثقافت جو لازمي حصو بڻيا پيا هجن. اتي ڪنهن ٻئي جهان جو هي نوجوان راند ۽ تماشي کان بلڪل الڳ ٿلڳ رهيو. ٻہ دفعا اهڙا موقعا بہ پيدا ٿي ويا جو اهو نوجوان اهڙين تفريح وارين محفلن ۾ پهچي ويو ليڪن وچڻ سان ئي اهڙي ننڊ

طاري ٿي ويس جو ٻُڌڻ ۾ ڏسڻ جو دامن پاڪ رهيو. جتي بتن جي آڏو سجدو ڪرڻ عين دين ۾ مذهب قرار ڏنل هيو اتي ابراهيمي خاندان جي ان پاڪيزه نوجوان نہ غيرالله جي آڏو پنهنجو سِر جهُڪايو ۽ نہ اعتقاد طور ڪنهن مشرڪاڻي تصور کي پنهنجي اندر جذب ڪيو بلڪ هڪڙو دفعو بتن لاءِ باسيل جانور جو گوشت پچائي کڻي اچي ڏنو ويو تہ ان اهو کاڌو کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جتي قريشن حج جي زماني ۾ پاڻ کي عرفات وڃڻ کان آجو ڪري ڇڏيو هيو اتي ان ممتاز مرتبي جي قريشي ڪڏهن هٺ تڪي ڇوٽ مان فائدو ڪونہ ورتو. جتي ابراهيم عليہ السلام جي اولاد ابراهيمي مسلڪ کي بگاڙي ٻين خرابين سان گڏ اگهاڙي حالت ۾ ڪعبي جو طواف ڪرڻ جي هڪڙي گندي رسم پيدا ڪري ڇڏي هئي، اتي ان حيادار نوجوان ڪڏهن بہ ان خراب رسم کي اختيار ڪونہ ڪيو. جتي لڙائي جهڳڙو هڪڙي راند هئي ۽ انساني رت وهائڻ هڪڙو تماشو هيو. اتي انسانذات جي احترام جو اهو علمبردار نوجوان اهڙو هيو جو جنهن جي دامن تي رت جو هڪڙو ڇنڊو بہ نہ لڳو هيو....... ننڍپڻ ۾ ان نوجوان کي حرب فجار نالي لڙائي ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو پيش آيو ۽ توڙي جو ان قريشن جي حق تي هجڻ واري بنياد تي ان ۾ حصو ورتو. ليڪن پوءِ بہ ڪنهن انساني جان تي پاڻ هٿ ڪونہ کنيائين.

وري ان پاڪدامن ۽ پرهيزگار نوجوان جون دلچسپيون ڏسو تہ عين پڪي وڃڻ واري عمر ۾ اهو پنهنجون خدمتون پنهنجن هم خيال نوجوانن جي هڪڙي اصلاح پسند انجمن جي حوالي ڪري ٿو جيڪا حلف الفضول جي نالي سان غريبن ۽ مظلومن جي مدد ۽ ظالمن جي ڏاڍ جون پاڙون پٽڻ لاءِ قائم ٿي هئي. ان ۾ شامل ٿيندڙن ان مقصد جي لاءِ قسم تي عهد ڪيو هيو.

پاڻ سڳورا نبوت جي تبليغ واري دور ۾ ان جي ياد تازي ڪندي فرمائيندا هيا تہ:

"ان معاهدي جي مقابلي ۾ جيڪڏهن مون کي مهري اُٺ بہ ڏنا وڃن ها تہ ان کان نہ ڦِران ها ۽ اڄ بہ ڪو اهڙي معاهدي لاءِ سڏي تہ مان حاضر آهيان."

وري ان نوجوان جي صفتن ۽ صلاحيتن جو اندازو ان مان ڪيو تہ ڪعبت الله شريف جي تعمير جي موقعي تي حجر اسود لڳائڻ جي معاملي تي قريشين ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿئي ٿي ۽ تلوارون مياڻن مان ٻاهر نڪري اچن ٿيون. ليڪن تقدير جي اشاري سان ان تڪرار کي نبيرڻ جو شرف ان ئي نوجوان جي حصي ۾ اچي ٿو. انتهائي جذباتي جوش جي ان فضا ۾ اهو جنگ ۽ صلح جو علمبردار هڪڙي چادر وڇائي ٿو ۽ پٿر کي کڻي ان تي رکي ٿو ۽ پوءِ دعوت ڏئي ٿو تہ سيني قبيلن جا ماڻهو گڏجي ان چادر کي کڻو. چادر پٿر سميت چڙهڻ لڳي ٿي ۽ جڏهن مقرر جاءِ تي پهچي وڃي ٿي تہ اهو نوجوان ان پٿر کي کڻي ان جي جاءِ تي لڳائي ڇڏي ٿو. جهڳڙي جو سمورو امڪان ختم ٿي وڃي ٿو ۽ چهرا خوشي ۽ اطمينان سان چمڪڻ لڳن ٿا.

اهو نوجوان گذربسر جي ميدان ۾ قدم رکي ٿو تہ واپار جهڙو صاف ۽ معزز ڌنڌو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو. ان نوجوان ۾ ڪا ڳالهہ تہ هئي تہ چڱن چڱن سرمايو رکڻ وارن اهو پسند ڪيو تہ اهو نوجوان ان جو سرمايو پنهنجي هٿ ۾ وٺي ۽ ڪاروبار ڪري. پوءِ سائب، قيس بن سائب مخزومي، حضرت خديجہ رضي الله تعاليٰ عنها ۽ جن ٻين ماڻهن کي ان نوجوان جي ڪاروهنوار جي سِڻي ڳالهين جو عملي تجربو ٿيو تہ انهن سڀني ان کي "امانتدار واپاري" (تاجرِ امين) جو لقب ڏنو عبدالله بن ابي الحمساء جي شاهدي اڄ بہ محفوظ آهي تہ نبوت جو اعلان ڪرڻ (بعثت) کان اڳ خريدوفروخت جي معاملي ۾ ان امانتدار واپاري سان طعي ٿيو تہ توهان هتي ترسو مان اجهو موٽي آيس. ليڪن مون کان ڳالهہ وسري وئي. ٽئين ڏينهن تي اتفاقي طور عبدالله اتان لانگهائو ٿيو تہ ڏٺائين تہ اهو واپاري واعدي جي ڏور سان ہڌل ان ئي جاءِ تي بيٺو آهي ۽ چيائين تہ "تو مون کي وڏي تڪليف ڏني. مان ان جاءِ تي ٽن ڏينهن کان بيٺو آهيان." (ابودائود)

وري ڏسو تہ اهو نوجوان جڏهن زندگي جي ساٿياڻي جي چونڊ ڪري ٿو تہ مڪي جي نوجوان، سهڻين ۽ چلولين ڇوڪرين تي هڪڙي معمولي نظر بہ وجهڻ کان سواءِ هڪ اهڙي عورت سان شادي جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ٿو جنهن جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي تہ اها خاندان ۽ ذاتي سيرت و ڪردار جي لحاظ کان نهايت اشراف عورت آهي. ان جي چونڊ جو اهو ذوق ان جي ذهن، ان جي روح، ان جي مزاج ۽ ان جي سيرت جي گهراين کي پوري طرح پڌرو ڪري ڇڏي ٿو. پيغام خود اها عورت حضرت خديجہ رضي الله تعاليٰ عنها موڪلي ٿي، جيڪا ان زماني جي اڪيلي مثالي نوجوان جي ڪردار کان متاثر ٿئي ٿي ۽ اهو نوجوان ان پيغام کي ڪليل دل سان قبول ڪري ٿو.

جيڪڏهن ڪنهن شخص جي ذهن ۽ سيرت کي ان جي دوستن جي حلقي جو جائزو وٺڻ سان پرکي سگهجي ٿو تہ اچو تہ ڏسون تہ ان عربي نوجوان جا دوست ڪهڙا ماڻهو هيا. گهڻو ڪري سڀني کان گهاٽي دوستي ۽ سڀني کان وڌيڪ حجت وارو تعلق حضرت ابوبڪر رضہ سان هيو. هڪڙي هڪجيڏائي ۽ مٿان هم مذاقي! ان نوجوان جي دوستن ۾ هڪڙي شخصيت حڪيم بن حزام جي هئي، جيڪو حضرت خديجہ رضہ جو ڀائٽيو هيو ۽ حرم شريف جي رفاده واري منصب تي فائز هيو.[1] پوءِ دوستن جي حلقي جو ٻيو رُڪن ضماد بن ثُعلبہ آزدي هيو جيڪو طب ۽ ڦٽ ڦرڙي جي علاج جو ڪم ڪندو هيو.

ڇا ان نوجوان جي دوستن جي حلقي ۾ ڪو هڪڙو بہ گندي فطرت، حقير ذوق ۽ ڪميڻي مزاج وارو ماڻهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟ مڪي جي شرير ماڻهن مان ڪنهن جو نالو ان فهرست ۾ ملي ٿو؟ ظالمن ۽ فاسقن مان ڪوئي ان دائري ۾ سامهون اچي ٿو؟

---

[1] هجرت جي اٺين سال تائين اهو ايمان تي ڪونہ آيو. ليڪن پوءِ بہ پاڻ ڪريمن ﷺ سان گهري محبت رکندو هيو ۽ ان محبت هيٺ هڪڙو دفعو پنجاهہ اشرفين جو هڪڙو جبو خريد ڪري مديني ۾ اچي پيش ڪيائين. مگر حضور ﷺ زور ڪري قيمت ادا ڪئي.

وري ڏسو تہ زماني جو اهو نرالو انسان گهرٻار جي سار سنڀال، واپار ۽ دنياوي معاملن جي مختلف مصروفيتن کان واندو ٿي جڏهن کو واندڪائي جو وقت ڪڍي ٿو تہ ان کي راند روند يا عيش عشرت ۾ صرف نٿو ڪري، ان کي گهٽيون لتاڙڻ، محفلون مچائڻ ۽ گپ شپ ۾ نٿو وڃائي، ان کي سمهي ننڊون ڪري ۽ غفلت ۾ بيڪار پيو رهڻ ۾ بہ نٿو گذاري، بلڪ سيني هنگامن کان پاسو ڪري ۽ سيني ڳالهين کي پٺي ڏئي حرا جبل تي اڪيلائي ۾ خداءِواحد جي عبادت ۽ ان جو ذڪر پنهنجي پاڪ فطرت جي رهنمائي جي مطابق ڪري ٿو. ڪائنات جي گهرين حقيقتن کي معلوم ڪرڻ لاءِ ۽ انساني زندگي جي غيبي رازن کي حاصل ڪرڻ لاءِ عالم انفس و آفاق ۾ غوروفڪر ڪري ٿو ۽ پنهنجي قوم ۽ پنهنجي انساني لذي کي اخلاقي ڏيواليٽي کان ڪڍي ملڪوتي مرتبي تي آڻڻ جون تدبيرون سوچي ٿو. جنهن نوجوان جي جواني جي واندڪائي اهڙي نموني ۾ گذرندي هجي، ڇا ان جي فطرت جي باري ۾ انساني بصيرت ڪاراءِ قائم نٿي ڪري سگهي.

آخري نبي ٿيڻ واري شخصيت زندگيءَ جي ان نقشي سان قريشن جي اکين جي سامهون ۽ انهن جي پنهنجي ئي مڪي معاشري جي جهولي ۾ پلجي ٿي، جوان ٿئي ٿي ۽ پختگي جي ڏاڪي تي پهچي ٿي. ڇا زندگيءَ جو اهو نقشو اهو ڇئي ڇئي ڪونہ ٻڌائي رهيو هيو تہ اهو هڪڙو نهايت ئي غيرمعمولي عظمت رکڻ وارو انسان آهي؟ ڇا ان اپار سان اٿڻ واري شخصيت جي باري ۾ ڪنهن بہ رخ کان اها راءِ قائم ڪرڻ جي ڪا گنجائش ملي ٿي تہ نعوذ بالله اهو ڪنهن ڪوڙي ۽ فريبي ماڻهوءَ جو نقشو هوندو؟ اهو ڪو لالچي ماڻهو هوندو؟ اهو ڪو مفاد پرست ۽ مطلبي ماڻهو هوندو؟ اهو الله جي نالي کي ڪاروبار جو ذريعو بڻائي پنهنجو دڪان چمڪائڻ وارو ڪوئي سوداگر هوندو؟ هرگز نہ! هرگز نہ! خود قريشين ان کي صادق و امين، داناءِ ۽ ڏاهو پاڪ نفس ۽ بلند ڪردار تسليم ڪيو ۽ وري وري تسليم ڪيو. ان جي دشمنن ان جي ذهني ۽ اخلاقي عظمت جي شاهدي ڏني ۽ سخت ترين ڪشمڪش ڪندي ڏني! حق جي دعوت ڏيڻ واري جي زندگي جي نقشي کي خود قرآن شريف دليل بڻائي پيش ڪيو. "فَقَدْ لَبِثْتُ فِيْكُمْ عُمُرًا مِّنْ قَبْلِهِ ۚ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ" (۽ آخر ان کان اڳ مان توهان ۾ هڪڙي عمر گذاري چڪو آهيان، ڇا توهان عقل کان ڪم نٿا وٺو. سورت يونس آيت 16)

ليڪن پنهنجي قوم جو اهو چمڪندڙ هيرو جڏهن نبوت جي منصب تان حق جو ڪلمو پڪاري ٿو تہ زماني جي اکين جو رنگ هڪدم بدلجي وڃي ٿو ۽ ان جي صداقت ۽ ديانت، ۽ ان جي شرافت ۽ خاصيت جو قدر ۽ قيمت وقت جي بازار ۾ اوچتو ڪيرايو وڃي ٿو. ڪالهہ تائين جيڪو شخص قوم جو مايہ ناز فرزند هيو اڄ اهو ان جو دشمن ۽ مخالف ۽ ان جي لاءِ شرم جو باعث سمجهيو وڃي ٿو. ڪالهہ تائين ٻچو ٻچو جنهن جو احترام ڪندو هيو اڄ اهو هڪڙي هڪڙي قدردان جي نظرن ۾ نفرت لائق ٿي وڃي ٿو. اهو شخص جنهن چاليهن سالن تائين پنهنجو پاڻ کي سيني ڪسوٽين تي کرو ثابت

ڪري ڏيڪاريو هيو توحيد، نيڪي ۽ سچائي جو پيغام ٻڌائڻ سان ئي قريشي سونارن جي نظرن ۾ ڪوٽو سِڪو بڻجي ويجي ٿو. ڪوٽو سڪو اهو ڪونہ هيو بلڪ سونارن جي پنهنجن نظرن ۾ ٺيڏ هيو ۽ انهن جا پنهنجا ماڻ غلط هيا!

ڇا قريشين جون اکيون ايتريون انڌيون هيون جو اهي ماحول جي اونداهين ۾ چمڪندڙ هڪڙي چنڊ جو شان ڏسي نٿي سگهيون؟ ڇا ڄامڙن جي محفل ۾ اهي اوچي اخلاقي قدوقامت رکڻ واري هڪڙي اڳواڻ کي سڃاڻي نٿي سگهيون؟ ڇا گند ڪچري جي ڍير ۾ پيل موتين جو هڪڙو هار انهن کي الڳ محسوس ڪونہ ٿيندو هوندو؟ ڇا ڪکن ڪنڊن جي ميڙ ۾ شرافت ۽ عظمت جو هڪڙو گلدستو انهن کان پنهنجو قدر ۽ قيمت ميڙائي ڪونہ سگهيو هوندو؟ نہ نہ. قريشين کي چڱي نموني ۾ خبر هئي تہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڇا آهن؟ مگر انهن ڄاڻي واڻي اکين کي ٽيڏو ڪري ڇڏيو هيو! مفاد ۽ تعصب انهن کي مجبور ڪيو تہ اکين هوندي انڌا ٿي وڃن. وَلَهُمۡ اَعۡيُنٌ لَّا يُبۡصِرُوۡنَ بِهَا ( ۽ انهن کي اکيون آهن مگر اهي انهن سان ڏسن ڪونہ ٿا. سورت الاعراف 179) پوءِ جڏهن ڪوئي اکين هوندي بہ انڌو ٿي وڃي ٿو تہ ان سان وڏيون وڏيون مصيبتون ۽ تباهيون ظاهر ٿينديون آهن.

## قريشين جي مخالفت جا سبب:

اڄ جيڪڏهن اسان ڪنهن طريقي سان مڪي جي مشرڪن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهون ها تہ انهن کان پڇون ها تہ توهان جي خاندان جي ان چشم و چراغ جيڪا دعوت ڏني هئي، اها پنهنجي ذات ۾ ڪهڙي خرابي جي دعوت هئي؟ ڇا ان توهان کي ڪنهن چوري ۽ ڌاڙي جي لاءِ سڏيو هيو؟ ڇا ان توهان کي ظلم ۽ قتل لاءِ پڪاريو هيو؟ ڇا ان يتيمن، بيواهن ۽ ڪمزورن تي ڌاڙ ڪرڻ جي ڪا اسڪيم پيش ڪئي هئي؟ ڇا ان توهان کي هڪٻئي سان ويڙهائڻ يا قبيلي قبيلي ۾ فساد پيدا ڪرڻ جي تحريڪ هلائي هئي؟ ڇا ان مال گڏ ڪرڻ ۽ جائداد ٺاهڻ جي لاءِ هڪڙي جماعت بيهاري هئي؟ آخر توهان ان جي پيغام ۾ ڪهڙي خرابي ڏٺي؟ ان جي پروگرام ۾ ڪهڙو فساد محسوس ڪيو؟ جو توهان پڙو پائي ان جي خلاف اٿي پيا؟

قريشين کي جنهن ڳالهہ جاهليت جي فاسد نظام جي تحفظ ۽ تبديلي جي ڌارا خلاف مزاحمت تي انڌي جنون سان اٿاري بيهاريو اها هرگز اها ڪونہ هئي تہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي فڪر ۽ ڪردار ۾ ڪا کوٽ هئي، يا پاڻ سڳورن جي دعوت ۾ ڪو خطرناڪ فتنو هيو. يا پاڻ سڳورن جي تحريڪ جاهلي تمدن جي پستي ڏانهن وٺي وڃڻ جو سبب بڻجندي ڏسڻ ۾ پئي آئي، بلڪ اها ڳالهہ صاف مفاد پرستي هئي! قريشي سالن کان جميل عربي معاشري جي سانچي ۾ پنهنجي قيادت جو هڪڙو اوچو مقام حاصل ڪري چڪا هيا. سيئي سياسي ۽ مذهبي منصب انهن جي هٿ ۾ هيا.

اقتصادي ۽ ڪاروباري لحاظ کان انهن جي سرداري جو سِڪو هلندو هيو. پوري قوم جي وڏيرائپ انهن کي حاصل هئي. انهن جي وڏيرائپ ان ئي مذهبي، تمدني ۽ معاشرتي سانچي ۾ هلي سگهي ٿي، جيڪو جاهلي دور ۾ مضبوط ٿيل هيو. جيڪڏهن اهي شعوري يا غيرشعوري طور تي مجبور هيا تہ پنهنجي وڏيرائپ جو تحفظ ڪن تہ پوءِ اهي ان ڳالهہ لاءِ بہ مجبور هيا تہ جاهلي نظام کي بہ هر حملي ۽ هر زوال کان بچائين.

قريشي جتي سياسي ۽ معاشرتي لحاظ کان وڏيرا هيا، اتي اهي عربستان جي مشرڪاڻي مذهب جا پروهت، مذهبي آستانن جا پنڊت ۽ مجاور ۽ سيني مذهبي ڪمن جا ٺيڪيدار بہ هيا. اها مذهبي ٺيڪيداري سياسي ۽ معاشرتي وڏيرائپ جي بہ پٺڀرائي ڪندڙ هئي ۽ بجاءِ خود هڪڙو وڏو ڪاروبار بہ هئي. ان جي ذريعي سموري عربستان مان نذرونياز ۽ باس ڏيڻ لاءِ ماڻهن جا ڌڻ ايندا هيا. ان جي ڪري انهن جي تعظيم ڪئي ويندي هئي. ان جي ڪري ماڻهو انهن کي پيرين پوندا هيا. مذهب جڏهن هڪڙي طبقي جو ڪاروبار ٿي ويندو آهي تہ ان جي اصل روح ۽ مقصد کي پٺيرو ڪري ڇڏيو ويندو آهي ۽ قسم قسم جي رسمن جو هڪڙو نمائشي طلسم قائم ٿي ويندو آهي. اصل ڳالهيون وسري وينديون آهن ۽ مذهبي ڪاروبار جي پنهنجي ٺاهيل هڪڙي شريعت آهستي آهستي وڌي ويجهي ويندي آهي. سمجهہ ختم ٿي ويندي آهي ۽ انڌا عقيدا ۽ فضول وهم هر طرف ڇانئجي ويندا آهن. سوچ ويچار ختم ٿي ويندا آهن ۽ جذباتي جوش عقل جي نڙي تي ننهن رکي ڇڏيندا آهن. مذهب جو عوامي ۽ جمهوري مزاج ڪافور ٿي ويندو آهي ۽ ٺيڪيدار طبقي جو حڪم معاشري جي ڪنڌ تي سوار ٿي ويندو آهي. حقيقي عِلم منجهي ويندو آهي. اجايون ڳالهيون عام مقبوليت حاصل ڪري وينديون آهن. اعتقاد ۽ احڪامن جي سادگي هوا ٿي ويندي آهي. ڳالهہ ڳالهہ ۾ وڏا ور وڪڙ پيدا ٿي ويندا آهن. اختلاف راءِ جو حق قطعي طور کسيو ويندو آهي ۽ هڪڙي طبقي جو اختيار بنا روڪ ٽوڪ جي نافذ ٿي ويندو آهي. حق، نيڪي، شرافت ۽ تقوا جو نالو نشان منجهي ويندو آهي ۽ مذهبيت هڪڙي فريب واري ڀهروپ جي صورت اختيار ڪري وٺندي آهي. مذهبن ۾ جڏهن بہ بگاڙ پيدا ٿيو آهي تہ هميشہ اهو انهي طريقي سان ٿيو آهي. جاهليت واري عربستان ۾ اهو بگاڙ بلڪل پنهنجي انتهائي شڪل تي پهتل هيو. ان ئي بگاڙ تي قريشن جي پنڊتي ۽ مجاوري جون سيئي گاديون قائم هيون. اهي مال پيدا ڪندڙ گاديون پنهنجي بقا جي لاءِ ان ڳالهہ جون محتاج هيون تہ فاسد مذهبيت جي ڍانچي کي جيئن جو تيئن قائم رکيو وڃي. ان جي خلاف نہ احتجاج ۽ اختلاف جي صدا کي اڀرڻ ڏجي ۽ نہ ڪنهن ڦيرڦار ۽ سڌاري (اصلاح) جي دعوت کي اڳتي وڌڻ ڏجي. ڀلا، پوءِ قريشي جيڪڏهن دعوت محمدي جهڙي خطرناڪ ڌُن جي خلاف پريشان ٿي اٿي نہ پون ها تہ ٻيو ڇا ڪن ها!

مٿان وري حال اهو هيو ته قريشين جي ثقافت (”ڪلچر“) نهايت فاسقانه ثقافت هئي. شراب ۽ بدڪاري، جوا ۽ وياج وٺڻ، عورتن جي بي حرمتي ۽ بي عزتي، ۽ نياڻين کي جيئري دفن ڪرڻ، آزاد ماڻهن کي غلام بڻائڻ ۽ ڪمزورن تي ظلم ڪرڻ، اهي سڀ ان ثقافت جون ضروري ڳالهيون هيون. اها ثقافت زمانن کان پڪيون ٽيل خراب عادتن ۽ فخر آميز قومي روايتون بڻجي وڃڻ وارين بڇڙين رسمن جي گڏجڻ سان قائم ٿي هئي. قريشن جي لاءِ اها ڳالهه آسان ڪونه هئي ته اهي پنهنجن هٿن سان ٺاهيل ان لوهي تهذيبي پڃري کي ٽوڙي هڪڙي نئين فضا ۾ اڏرڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃن. انهن کي هڪدم محسوس ٿي ويو ته محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي دعوت انهن جي عادتن، انهن جي خواهشن، انهن جي فنون لطيفه ۽ انهن جي محبوب ثقافت جي دشمن آهي، تنهن ڪري اهي جذباتي جوش سان ان جي دشمني لاءِ اٿي پيا.

حقيقت ۾ اهي ڳالهيون ۽ سبب هميشه حق جي دعوت جي خلاف ڪنهن بگڙيل سماج جي اقتدار ڌڻين ۽ مذهبي ٺيڪيدارن ۽ خواهش پرستن کي متحده محاذ بڻائي اٿي پوڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندا آهن.

## اونداهين ماحول ۾ ڪجهه ڪِرڻا:

نبوت جي اعلان (بعثت نبوي) کان اڳ ذهين ماڻهن ۾ ان مذهب، ان معاشري ۽ ان ماحول جي باري ۾ قدرتي طور تي بيچيني پيدا ٿي چڪي هئي ۽ انساني فطرت ان جي خلاف احتجاج جي جذبي سان ڪر کڻي رهي هئي. اسان هاڻي مٿي جن حساس ماڻهن جو ذڪر ڪري چڪا آهيون، انهن جي دلين جي تار مان تبديلي جو جهيڻو جهيڻو نغمو بلند ٿيڻ لڳو هيو.

قريشي پنهنجي هڪڙي بت جي چوڌاري گڏ ٿي عيد جي تقريب ملهائي رهيا هيا، ان پٿر جي خدا جي تعريف ۽ تعظيم ٿي رهي هئي، ان کي باسيل شيون پيش ڪيون پئي ويون، ان جو طواف ٿي رهيو هيو ۽ عين ان مهل چار ماڻهو يعني ورقه بن نوفل، عبيدالله بن جحش، عثمان الحويرث ۽ زيد بن عمرو بن نفيل ان بي فائدي هنگامي کان بيزار الڳ ٿلڳ ويٺا هڪڙي خفيه گڏجاڻي (”ميٽنگ“) ڪري رهيا هيا. پاڻ ۾ رازداري ڪرڻ جو عهد ڪرڻ کان پوءِ گفتگو ٿي. انهن ماڻهن جا خيال اهي هيا ته اسان جي قوم هڪڙي بي بنياد مسلڪ تي هلي رهي آهي، انهن پنهنجي ڏاڏي ابراهيم عليه السلام جي دين کي وڃائي ڇڏيو آهي، اهو جنهن پٿر جي بت جو طواف ٿي رهيو آهي، اهو نه ڏسي ٿو نه ٻڌي ٿو نه نقصان پهچائي سگهي ٿو نه نفعو ڏئي سگهي ٿو. ساٿيو! پنهنجين دلين کي جنجهوڙيو ته الله جو قسم توهان محسوس ڪندا ته توهان جو ڪو بنياد ڪونهي، ملڪ ملڪ ۾ گهمو ۽ ابراهيم عليه السلام جي دين جي سچن پيروڪارن جي ڳولا ڪريو.[1]

---

[1] سيرت ابن هشام ج 1 ص 242

بعد ۾ انهن مان ورقہ بن نوفل عيسائي ٿي ويو. عبيد الله بن جحش جيئن هيو تهڙو ئي رهيو مگر ان جي ذهن ۾ الجهن موجود رهي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ اسلام قبول ڪيائين، پوءِ حبش وارن مهاجرن سان گڏ حبش ڏانهن هجرت ڪيائين ۽ ان سان گڏ ان جي زال ام حبيبہ رضہ (بنت ابو سفيان) بہ هجرت ڪري وئي. اتي وڃڻ کان پوءِ عبيدالله نصراني ٿي ويو ۽ ان حالت ۾ فوت ٿيو. زيد نہ يهوديت قبول ڪئي، نہ نصرانيت. ليڪن پنهنجي قوم جو دين ترڪ ڪيائين. بت پرستي ڇڏي ڏنائين، مئل جانور جو گوشت، رت ۽ آستانن تي ڪٺل جانورن جي گوشت کان پرهيز شروع ڪري ڇڏيائين. نياڻين جي قتل کان ماڻهن کي پاسو ڪرڻ جي تلقين ڪندو رهيو ۽ چوندو هيو "اَعبُدُ رَبَّ اِبرَاهِيمَ" (مان تہ ابراهيم جي رب جو پوڄاري آهيان)[1] اسماء رضہ بنت ابوبڪر رضہ جو بيان آهي تہ مون پڏڙي سردار زيد بن عمرو کي ٽيڪ لڳائي ويٺل ڏٺو اهو چئي رهيو هيو "اي قريشيو! ان ذات جو قسم آهي جنهن جي قبضي ۾ زيد بن عمرو جي جان آهي، مون کان سواءِ توهان ۾ ڪوبہ ابراهيم عليہ السلام جي دين تي قائم ڪونهي رهيو." پوءِ چوڻ لڳو. "اي الله! جيڪڏهن مون کي معلوم هجي ها تہ توکي ڪهڙا طريقا پسند آهن تہ مان انهن ئي طريقن سان تنهنجي عبادت ڪريان ها، ليڪن مون کي خبر ڪونهي." پوءِ تريون ڪوڙي سجدو ڪيائين ٿي.[2] پنهنجن ملڻ وارن جي سامهون اڪثر هي شعر جهونگاريندو هيو:

اَرَبًّا وَاحِدًا اَمْ اَلْفَ رَبٍّ اَدِيْنُ اِذَا تُقُسِّمَتِ الْاُمُوْرُ

رب هڪڙو هجڻ گهرجي، يا سوين رب ٺاهي ڇڏجن؟ مان ان مذهب تي ڪيئن هلان جڏهن حياتي جا سوالي ڪيترن ئي معبودن ۾ ورهايا ويا هجن.

عَزَلْتُ اللاَّتَ وَالْعُزىٰ جَمِيْعًا كَذَالِكَ يَفْعَلُ الْجَلْدُ الصَّبُوْرُ

مون لات ۽ عزيٰ سيني کي ترڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ مضبوط ۽ صبر ڪرڻ واريون شخصيتون ائين ئي ڪنديون آهن.

وَلٰكِنْ اَعْبُدُ الرَّحْمٰنَ رَبِّيْ لِيَغْفِرَ ذَنْبِيَ الرَّبُّ الْغَفُوْرُ

مگر ها، هاڻي مان پنهنجي رب رحمان جو عبادت گذار آهيان تہ جيئن اهو بخشش فرمائڻ وارو آقا منهنجن گناهن کي معاف ڪري ڇڏي

فَتَقْوَى اللهِ رَبِّكُمْ اَحْفَظُوْهَا مَتىٰ مَاتَحْفَظُوْهَا لاَتَبُوْرُوْا.

سو توهان الله جي ئي تقوا جي حفاظت ڪريو. جيستائين ان صفت کي قائم رکندا، ڪڏهن بہ نقصان ۾ نہ ويندا.

ويچاري زيد جي زال صفيہ بنت الحضرمي هميشہ ان جي پٺيان لڳي پئي هوندي هئي. اڪثر اهو خالص ابراهيمي دين جي جستجو جي لاءِ مڪي مان ٻاهر وڃڻ جو ارادو ڪندو هيو ليڪن ان جي زال خطاب بن نُفَيل کي ٻڌائيندي هئي ۽ اهو ان کي آبائي دين

---

[1] سيرت ابن هشام ج 1 ص 242
[2] سيرت ابن هشام ج 1 ص 244

کي ڇڏڻ تي ملامت ڪندو هيو. زيد جي جذبي جو اهو حال هيو جو ڪعبي جي سجده گاهہ ۾ داخل ٿيندو هيو تہ رڙ ڪري چوندو هيو. ”لَبَّيْكَ حَقًّا حَقًّا، تَعَبُّدًا وَرِقًا“ اي حق جا خدا! مان تنهنجي حضور اخلاص (خلوص) واري، عبادت گذاري واري ۽ غلامي واري انداز ۾ حاضر آهيان. پوءِ چوندو هيو .”مان ڪعبي ڏانهن منهن ڪري ان ئي ذات جي پناهہ گهران ٿو جنهن جي پناهہ ابراهيم عليہ السلام طلبي هئي.“[1]

خطاب بن نُفَيل، زيد کي آزاريندو رهندو هيو. ايستائين جو مڪي جي پهاڙي حصي ڏانهن شهر نيڪالي ڏئي ڇڏيائينس ۽ زيد مڪي جي سامهون حرا جبل جي پير ۾ جهوپڙي اڏي. پوءِ خطاب قريشين جي ڪجهہ نوجوانن ۽ ڪجهہ ڪميڻي خصلت وارن ماڻهن کي ان جي نگراني تي لڳائي ڇڏيو ۽ انهن کي تاڪيد ڪيائين تہ خبردار ان کي مڪي ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏجو. تنهن ڪري زيد جي ڪڏهن ايندو هيو تہ لڪي لڪي ايندو هيو ۽ ان جي بہ جيڪڏهن خبر پئجي ويندي هين تہ خطاب ۽ ان جا چيلا ان کي اديڙي ڇڏيندا هيا ۽ ان کي دين کي بگاڙڻ جو مجرم سمجهندي نهايت نفرت سان ستائيندا هيا. تنهن ڪري تنگ اچي ان وطن ڇڏيو ۽ موصل، الجزيره ۽ شام وغيره ۾ خالص ابراهيمي دين جي جستجو ۾ تڪليفون ۽ مصيبتون سهندو رهيو ۽ ڀٽڪندو رهيو. آخرڪار اهو دمشق جي علائقي بلقاء ۾ هڪڙي عِلم واري راهب وٽ پهتو ۽ ان کان گم ٿيل ابراهيمي مسلڪ جو ڏس پڇيائين. راهب چيو تہ ”اج توکي ان مسلڪ تي هلڻ وارو هڪڙو انسان بہ ڪونہ ملندو. البتہ هڪڙي نبي جي ظهور جو وقت اچي ويو آهي جيڪو ان ئي علائقي مان اٿندو جتان تون نڪري آيو آهين. اهو ابراهيمي دين جو علمبردار ٿي اٿندو وڃي ان سان مل. هنن ڏينهن ۾ ان نبوت جو اعلان (بعثت) ڪري ڇڏيو آهي.“ زيد يهوديت ۽ نصرانيت کي چڱيءَ طرح پرکيو ۽ ان جي ڪابہ ڳالهہ ان جي دل کي ڪونہ لڳي. اهو راهب جي هدايت جي مطابق مڪي طرف موٽيو. بلاد لخم ۾ ماڻهن ان کيٰ قتل ڪري ڇڏيو.[2] ورقہ بن نوفل وڏا دردناڪ شعر جهونگاريندي ڏک جو اظهار ڪيو:

فَأَصْبَحْتَ فِي دَارِ كَرِيمٍ مُقَامُهَا    تُعَلِّلُ فِيهَا بِالْكَرَامَةِ لَاهِيَا
تُلَاقِيْ خَلِيْلَ اللهِ فِيهَا وَلَمْ تَكُنْ    مِنَ النَّاسِ جَبَّارًا إِلَى النَّارِ هَاوِيَا
وَقَدْ تُدْرِكُ الْإِنْسَانَ رَحْمَةُ رَبِّهٖ    وَلَوْكَانَ تَحْتَ الْأَرْضِ سَبْعِيْنَ وَادِيَا

(ابن ابي صلت)

ان جي پٽ سعيد ۽ حضرت عمر رضہ بن خطاب اسلام جي دور ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان معلوم ڪيو تہ ڇا اسان زيد جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪري سگهون ٿا؟ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو. ها! فَإِنَّهُ يُبْعَثُ أُمَّةً وَحْدَهٗ. (الله تعاليٰ

---

[1] سيرت ابن هشام ج 1 ص 248
[2] سيرت ابن هشام ج 1 ص 249

قيامت جي ڏينهن ان کي هڪڙي مستقل الڳ امت جي حيثيت سان اٿاريندو) مطلب اهو تہ هڪڙي شخص کي جيستائين ان جي سليم فطرت مان رهنمائي ملي سگهي ٿي، ان ڪليل دل سان ان کي قبول ڪيو. ان کان علاوه، اهو وحي جي هدايت جي طلب ۾ ڪوشش ڪندو ۽ گهمندو ڦرندو رهيو ۽ آخرڪار اهو رسالت جي سرچشمي ڏانهن ڊوڙندو پئي ويو تہ ان ئي جستجو جي راهہ ۾ شهيد ٿيو.[1]

انهي ڊگهي بيان مان اها حقيقت سامهون آڻڻ جو مقصد اهو آهي تہ تاريخ هڪڙو رخ مٽائڻ لاءِ بيچين ٿي رهي هئي، معاشري جي روح هڪڙو نئون پاسو بدلائڻ ٿي گهريو. انساني ضمير هڪڙي شديد بيچيني کي منهن ڏئي رهيو هيو. مگر فطرت جي ڏنڌلي رهنمائي کان سواءِ ڪائي روشني موجود ڪونہ هئي. مٿان وري فاسد مذهبيت ۽ انڌي رسميت جو ماحول هڪڙي لوهي خول وانگر انساني خودي کي پڪوڙيون پيو هيو. جمود زندگيءَ جي سمنڊ تي برف جو هڪڙو ٿلهو تهہ مسلط ڪري ڇڏيو هيو جو ان کي ٽوڙي ڪنهن لهر جي لاءِ مٿي اڀري اچڻ جو ڪو موقعو ڪونہ هيو. حساس ماڻهو يا تہ نصراني مسلڪ جي منزل تي رڪجي ويا جنهن جي لاءِ ماحول ۾ گنجائش هئي، يا وطن ڇڏڻ لاءِ مجبور ٿي ويا. ليڪن ان جي خلاف جهاد جو آغاز ڪرڻ وڏي دل گڙدي جو ڪم هيو. مٿي ذڪر ڪيل چئن ماڻهن جي ذهن ۾ بغاوت جي هڪڙي لهر اٿي هئي، انهن مان صرف زيد ايتري همت ڪئي جو حرم ۾ ويهي خداءِ واحد کي پڪاريو ۽ قريشين جي سامهون بت پرستي کان بيزاري ڪئي. ليڪن زيد بہ بيچيني جي اظهار ۽ احتجاج جو هڪڙو اعلان ڪرڻ کان وڌيڪ ڪجهہ نہ ڪري سگهيو ڇوتہ ان جي سامهون ڪو واضح، مثبت ۽ مڪمل نظريو ۽ مسلڪ ڪونہ هيو، جنهن کي اهو دعوت ۽ تحريڪ جو بنياد بڻائي سگهي ها. پوءِ بہ مڪي ان جي وجود کي برداشت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

جاهلي معاشري ۾ شاعرن کي وڏو مقام حاصل هيو ۽ اهي ماڻهو ذهني قيادت جي منصب تي بہ فائز هيا ۽ انهن جا فن پارا وقت جي اجتماعي ذهن ۽ فڪري فضا جا آئينہ دار بہ هيا. سماج جي ضمير جي بيچيني جيڪي لهرون اڀاري رهي هئي، اهي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان اڳ واري ڳنڌيل دور جي جاهلي شاعري ۾ پڌريون آهن. انهن لهرن ۾ اڪثر ڪري انساني فطرت بنيادي سچاين کي پڪارڻ لڳي ٿي.

انهن ۾ هڪڙي نمايان شخصيت اميہ بن ابي صلت جي بہ هئي، جيڪو طائف جي سردارن منجهان هيو. ان شاعر توحيد، قيامت (حشر) جزا ۽ سزا جي باري ۾ سٺا خيال پيش ڪيا آهن. ان کان علاوه، حڪمت ۽ نصيحت واريون ڳالهيون نظم ۾ چيون آهن. اهو شاعر بہ بت پرستاڻي جاهلي طرز فڪر کان باغي هيو. مگر حضور صلي الله تعاليٰ

---

[1] قُس بن ساعده جو قصو بہ تاريخ ۽ ادب جي ڪتابن ۾ اهڙي طرح آيل آهي، ليڪن جيڪي شعر ۽ عڪاظ وارو خطبو (خطبہ عڪاظ) ان جي نالي سان منسوب آهن انهن کي علامہ شبلي غلط (موضوع) قرار ڏئي ٿو. ڏسو سيرت النبي. از شبلي نعماني ج 1 ص 183

عليہ وآلہ وسلم جي دعوت مان اهو حصو وٺي ڪونہ سگهيو. ان جي شعرن کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پسند ڪندا هيا ۽ فرمائيندا هيا تہ اهو اسلام قبول ڪندي ڪندي رهجي ويو. اهڙي طرح جي حساس ماڻهن جي ذهني لاهن چاڙهن کي ڏسو تہ اندازو ٿئي ٿو تہ ماحول هڪڙي زندگي بخشيندڙ پيغام جي لاءِ بيچين ٿي رهيو هيو. تاريخ جنهن انقلابي قوت جي ڳُهر ڪري رهي هئي، اها پنهنجي نيڪ تمدني واڌ جي موسم ۾ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شخصيت جي صورت ۾ گونج ڪڍي رهي هئي. پاڻ سڳورا هڪڙي منفي صداءِ احتجاج بڻجي پنهنجي انفرادي ذهن ۽ ڪردار جو فڪر ڪٽي ظاهر ڪونہ ٿيا. بلڪ هڪڙي جامع مثبت مسلڪ ۽ نظريي سان سموري قوم ۽ پوري ماحول جي اجتماعي تبديلي جي لاءِ ميدان ۾ لٿا. اهو ڏوهہ پلا ڪهڙي ٿڌي دل سان برداشت ٿي پئي سگهيو.

## دعوت جو پهريون ڳجهو دور:

نبوت واري دور لاءِ شروعاتي طور تي پنهنجي پارسائي واري زماني ۾حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي سچن خوابن سان نوازيو ويو. ڪڏهن غيبي آواز ٻڌڻ ۾ ايندا هيا، ڪڏهن ملائڪ ڏسڻ ۾ ايندو هيو ايستائين جو عرش الاهي کان پهريون پيغام اچي پهتو. جبرائيل عليہ السلام اچي ٿو ۽ پڪاري ٿو تہ "اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الَّذِىۡ خَلَقَ ۞ خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ مِنۡ عَلَقٍ ۞ اِقۡرَاۡ وَرَبُّكَ الۡاَكۡرَمُ ۞ الَّذِىۡ عَلَّمَ بِالۡقَلَمِ ۞ عَلَّمَ الۡاِنۡسَانَ مَا لَمۡ يَعۡلَمۡ ۞" (※ پڙهہ (اي نبي) پنهنجي رب جي نالي سان جنهن پيدا ڪيو پيدا ڪيو انسان کي ڄميل رت جي هڪڙي لوٿڙي مان. پڙهہ ۽ تنهنجو رب وڏو ڪريم آهي، جنهن قلم جي ذريعي علم سيکاريو. انسان کي اهو علم سيکاريائين جنهن کي اهو ڪونہ ڄاڻندو هيو. سورت علق آيت 1کان 5) وحي الاهي جي اولين تجربي ۾ پاڻ سڳورن هيبت ۽ جلال جو گهڻو سخت بار محسوس ڪيو. پوءِ حضرت جبرائيل عليہ السلام حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي سيني سان لڳائي پڪوڙيو ۽ وري چيو تہ پڙهہ. مطلب تہ آخرڪار پاڻ سڳورا هيسجي هيسجي جبرائيل عليہ السلام جي چيل هڪڙي هڪڙي لفظ کي دهرائيندا رهيا. ايستائين جو وحي جا پهريان جملا (آيتون) ياد ٿي ويا. گهر اچي پنهنجي رازدار ساٿڻ (زال) سان واقعو بيان ڪيائون، انهن تسلي ڏني تہ توهان جو الله توهان جو ساٿ ڪونہ ڇڏيندو. ورقہ بن نوفل تصديق ڪئي تہ هي تہ اهوئي ملائڪ (ناموس) آهي، جيڪو موسيٰ عليہ السلام تي لٿو هيو. بلڪ وڌيڪ اهو بہ چيائين تہ ماڻهو يقينن توهان کي ڪوڙو چوندا، توهان کي تنگ ڪندا، توهان کي وطن مان ڪيندا ۽ توهان سان وڙهندا. جيڪڏهن مان ان وقت تائين جيئرو رهيس تہ مان الله جي ڪم ۾ توهان جي حمايت ڪندس. مطلب، هاڻي پاڻ سڳورا الله جي طرفان حق جي دعوت ڏيڻ لاءِ باقاعده مقرر ٿي ويا ۽ پاڻ سڳورن تي هڪڙي ڳري ذميواري وڌي وئي. اها دعوت سڀ کان پهريائين حضرت خديجہ

رضي الله تعاليٰ عنها جي سامهون پيش ڪئي وئي ۽ اهي ئي پاڻ سڳورن تي ايمان آڻڻ واري پهرين هستي ٿيون. پوءِ اهو ڪم خفيہ طور تي جهڪي جهڪي رفتار سان هلڻ لڳو. پاڻ سڳورن جو ٻالڪپڻي جو ساٿي ۽ پوري طرح هم مذاق ۽ هم مزاج حضرت ابوبڪر صديق رضہ هيو. جڏهن حق جو پيغام ان جي سامهون آيو تہ ان ڪنهن بہ شڪ ۽ دير ڪرڻ کان سواءِ اهڙي طرح لبيڪ چيو جڻ اڳ ۾ ئي روح اهڙي ڳالهہ جي لاءِ اجارو هيو. ان کان علاوه، زيد رضي الله تعاليٰ عنہ بہ مسلڪ جو ساٿي بڻيو جيڪو پاڻ سڳورن جو پاليل غلام هيو ۽ پاڻ سڳورن جي زندگي ۽ ڪردار کان متاثر هيو.

پاڻ سڳورن تي تمام ويجهن ماڻهن جو ايمان آڻڻ پاڻ سڳورن جي خلوص ۽ صداقت جو پاڻمرادو هڪڙو ثبوت آهي. هي اهي هستيون هيون جيڪي ڪيترن سالن کان سندن نجي ("پرائيويٽ") ۽ عام زندگي ("پبلڪ لائيف") کان ۽ پاڻ سڳورن جي ظاهر ۽ باطن کان پوري طرح واقف هيون. انهن کان وڌيڪ پاڻ سڳورن جي زندگي ۽ ڪردار ۽ پاڻ سڳورن جي ذهن و فڪر کي ڄاڻڻ وارو ٻيو نٿي ٿي سگهيو. انهن قريب ترين هستين بلڪل شروعات ۾ سندن دعوت تي لبيڪ چئي جڻ دعوت جي صداقت ۽ دعوت ڏيندڙ جي خلوص جي هڪڙي شاهدي ڏئي ڇڏي.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ تحريڪ محمدي جو سپاهي ٿيڻ سان ئي پنهنجي اثر واري حلقي ۾ زور شور سان ڪم شروع ڪري ڇڏيو ۽ مختلف اهم شخصيتون، مثال طور عثمان ، زبير، عبدالرحمان بن عوف، سعد بن وقاص، طلحہ رضوان الله تعاليٰ عنهم کي انهي انقلابي جماعت جو رڪن بڻائي ڇڏيو. وڏي خاموشي، رازداري ۽ احتياط سان انهي جماعت جا جوان همت ڪارڪن ان کي اڳتي وڌائي رهيا هيا. عمار رضہ خباب رضہ ارقم رضہ سعيدرضہ بن زيد (ان ئي زيد بن عمرو جو پٽ جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي. اهو پيءُ جي زندگي کان متاثر هيو) عبدالله رضہ بن مسعود، عثمان رضہ بن مظعُون، عُبيده رضہ صُهيب رومي رضہ بہ اسلامي تحريڪ جي شروعاتي خفيہ دور ۾ پهرين اڳمتين (سابقين اولين) جي صف ۾ اچي چڪا هيا!

نماز جو وقت ٿيندو هيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪنهن پهاڙ جي ڇُر ۾ هليا ويندا هيا ۽ پنهنجن ساٿين سان گڏجي لڪي ڇُپي سجده عبوديت بجا آڻيندا هيا. صرف چاشت جي نماز حرم ۾ پڙهندا هيا، ڇو تہ اها نماز خود قريشين ۾ بہ مروجہ هئي. هڪڙو دفعو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حضرت علي عليہ السلام سان گڏ جبل جي لنگهہ ۾ نماز ادا ڪري رهيا هيا تہ سندن چاچي جناب ابوطالب ڏسي ورتو. ان نئين انداز جي عبادت کي ڏسي اهو حيراني مان بيهي رهيو ۽ وڏي غور سان ڏسندو رهيو. نماز کان پوءِ پاڻ سڳورن کان پڇيائين تہ اهو ڪهڙو دين آهي جنهن کي توهان اختيار ڪيو آهي. پاڻ سڳورن فرمايو: "اسان جي ڏاڏي ابراهيم عليہ السلام جو اهوئي

دين هيو.“ اهو ٻڌي جناب ابوطالب چيو تہ ”مان اختيار نٿو ڪري سگهان، ليڪن توهان کي اجازت آهي ۽ ڪير بہ توهان جي لاءِ رنڊڪ ٻڻجي نہ سگهندو.“[1]

حضرت ابوذر رضي الله تعاليٰ عنہ بہ اسلامي تحريڪ جي ان خفيہ دور ۾ ايمان آندو ۽ ان جو علامہ شبلي جي تحقيق مطابق ترتيب ۾ ڇهون يا ستون نمبر آهي. اهو بہ انهن بيچين ماڻهن مان هڪ هيو جيڪي بت پرستي ڇڏي محض فطرت سليم جي رهنمائي ۾ الله جو ذڪر ڪندا هيا ۽ ان جي عبادت ڪندا هيا، ان تائين ڪنهن ذريعي سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت جو نور پهچي ويو. ان پنهنجي ڀاءُ کي موڪليو تہ وڃي صحيح معلومات وٺي اچ. ان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ملاقات ڪئي، قرآن شريف ٻڌائين ۽ ڀاءُ کي ٻڌايائين تہ مون ان شخص کي ڏٺو آهي. ماڻهو ان کي مرتد چون ٿا.[2] ليڪن اهو سٺن اخلاقن جي تعليم ڏئي ٿو ۽ هڪڙو عجيب ڪلام ٻڌائي ٿو جيڪو شعر ۽ شاعري کان بلڪل مختلف آهي. ان جو طريقو تنهنجي طريقي سان ملندڙ جلندڙ آهي. ان اطلاع تي اهو پاڻ آيو ۽ پاڻ سڳورن جي هٿ تي اسلام قبول ڪيائين.

ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڳجهو رکڻ جي باوجود حق جي مُشڪ جي خوشبو کي هوا جا جهوٽا کڻي ويا هيا ۽ الله جي رسول جي لاءِ بدنام ڪرڻ وارا لقب تجويز ڪرڻ جو سلسلو بہ شروع ٿي ويو هيو. ليڪن پوءِ بہ ماحول اڃا پرسڪون هيو اڃا ماحول ”خطري“ جو پورو پورو اندازو ڪري ڪونہ سگهيو هيو.

هڪڙي ٻي اهم تاريخي حقيقت ڏسو تہ انهن اولين علمبردارن ۾ ڪوئي هڪڙو بہ اهڙو ڪونہ هيو جيڪو اعليٰ درجي جي مذهبي ۽ قومي منصبن تي مقرر هجي. اهي شخصيتون مقصد جي بار هيٺ دٻيل ۽ مفاد جي ڏور سان ٻڌل ڪونہ هيون. هميشہ اهڙائي آزاد فطرت نوجوان تاريخ ۾ وڏيون وڏيون تبديليون پيدا ڪرڻ لاءِ اڳين صفن ۾ ايندا آهن. ليڊرن ۽ عهديدارن مان ڪوبہ اوڏانهن ڪونہ آيو هيو.

پنهنجي انهي ڳجهي دور ۾ تحريڪ قريشين جي نظر ۾ توجهہ جي قابل ڪونہ هئي. اهي سمجهندا هيا تہ اها ڳالهہ ڪجهہ نوجوانن جي دماغ جو خلل آهي، ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪن ٿا. ڇئن ڏينهن ۾ دماغن مان هوا نڪري ويندن. اسان جي سامهون ڪير بيهي سگهي ٿو. مگر برسر اقتدار طبقو قيادت جي تخت تي وينو پنهنجي مگي ۾ مگن رهيو ۽ سچائي ۽ نيڪي جو گونچ تخت جي پاڇي ۾ آهستي آهستي پاڙون پڪڙيندو ويو ۽ نوان پتا ڪيندو رهيو ايستائين جو تاريخ جي زمين ۾ ان پنهنجي جاءِ ناهي ورتي. قريشن جو اهو بہ اعتقاد هيو تہ لات، منات ۽ عزا جن جي اڳيان اسان پنهنجو مٿو

---

[1] سيرت النبي: علامہ شبلي نعماني ج 1 ص 192

[2] بگڙيل معاشري جو حال ڏسو تہ جيڪو دنيا وارن کي ايمان جي دولت سان مالا مال ڪرڻ آيو هيو ان تي ئي ٻي ديني جو ٺپو لڳائي ڇڏيائون. هر دور جي مذهبي ٺيڪيدارن جو طرزِ عمل اهوئي هوندو آهي.

ٽيڪيون ٿا ۽ باسون ڏيون ٿا ۽ جن جي بارگاهہ جا اسان خادم آهيون، پنهنجي احترام ۽ مذهب پرستي جي پاڻ حفاظت ڪندا ۽ انهن جي روحاني مار هنگامو ختم ڪري ڇڏيندي

## دعوتِ عام:

ٽي سال ائين گذري ويا. ليڪن مشيت الاهي حالات جي سمنڊ کي پلا ڇميل برف ڪٽي رهڻ ڏئي ها؟ ان جي سنت تہ هميشہ اها رهي آهي تہ باطل جي خلاف حق کي اٿاري بيهاريندي آهي ۽ پوءِ ٽڪراءُ پيدا ڪندي آهي. "بَلْ نَقْذِفُ بِالْحَقِّ عَلَى الْبَاطِلِ فَيَدْمَغُهُ فَإِذَا هُوَ زَاهِقٌ" (* مگر اسان تہ باطل تي حق جي چوٽ لڳائيندا آهيون جيڪا ان جو مٿو چٿي ڇڏيندي آهي ۽ اهو ڏسندي ڏسندي مٽجي ويندو آهي. سورت الانبياء آيت 18) ان سنت هيٺ اوچتو هڪڙي ڏينهن دور جي افتتاح جي لاءِ حڪم ٿئي ٿو. "فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَأَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِينَ" (* پوءِ اي نبي! جنهن ڳالهہ جو توکي حڪم ڏنو ٿو وڃي ان کي پڪاري چئو ۽ شرڪ ڪرڻ وارن جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪر. سورت الحجر آيت 94) جيڪو حڪم ڏنو وڃي ٿو ان کي کلم کلا چئي ڏيو!

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سموري همت ۽ قوت کي گڏ ڪري نئين مرحلي جي متوقع حالتن جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي تيار ڪري صفا جي ٽڪري تي اچي بيهن ٿا ۽ قريشين کي عربستان جي ان خاص طريقي سان سڏ ڪن ٿا، جنهن سان اتي ڪنهن خطري جي نازڪ گهڙي ۾ قوم کي سڏيو ويندو هيو. ماڻهو ڊڪندا اچن ٿا، گڏ ٿي وڃن ٿا ۽ ڪن انتظار ۾ آهن تہ ڪهڙي خبر ٻڌائي پئي وڃي.

پاڻ سڳورن وڏي آواز ۾ پڇيو. "جيڪڏهن مان اهو چوان تہ هن ٽڪري جي پٺيان هڪڙي حملو ڪندڙ فوج هلندي پئي اچي تہ ڇا توهان مون تي اعتبار ڪندا؟"

"ها، ڇو نہ؟ اسان توهان کي هميشہ سچ ڳالهائيندي ٻڌو آهي." اهو جواب هيو جيڪو مجمعي مان گڏيل آواز ۾ ڏنو ويو.

"تہ پوءِ مان اهو چوان ٿو تہ الله تي ايمان آڻيو ـــ اي بنوعبدالمطلب! اي بنوعبدمناف، اي بنوزهرا! اي بنوتميم! اي بنومخزوم! اي بنواسد! ـــ ورنہ توهان تي سخت عذاب نازل ٿيندو." انهن مختصر لفظن ۾ پاڻ سڳورن ڪلي عام پنهنجي دعوت پيش ڪري ڇڏي

پاڻ سڳورن جي چاچي ابولهب اهو ٻڌو تہ سڙي ڀڙي چيو "اجوڪي ڏينهن ۾ ٿي تون غرق ٿي وڃ! ـــ ڇا اها ڳالهہ هئي جنهن جي لاءِ تو اسان سڀني کي هتي گڏ ڪيو هيو." ابولهب ۽ ٻيا اڪابر گهٽو ڪاوڙ جي هليا ويا.

ڏسو! ابولهب جي لفظن ۾ دعوت نبوي جي لاءِ صرف ناقابل توجهه هجڻ جو تاثر جهلڪي رهيو آهي، اجا ڪو بيو ردعمل پيدا ڪونهي ٿيو. شڪايت صرف اها هئي تہ تو اسان کي هروبرو تڪليف ڏني ۽ اسان جو وقت ضايع ڪيو!

دعوت عام جي مهم جو ٻيو قدم اهو کنيو ويو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم عبدالمطلب جي پوري خاندان (بنومطلب) جي دعوت ڪئي. مهماني جي ان محفل ۾ حمزه رضہ، جناب ابوطالب ۽ عباس رضہ جهڙا اهم ماڻهو بہ شريڪ هيا. ماني کائڻ کان پوءِ پاڻ سڳورن مختصر تقرير ڪئي ۽ فرمايو تہ مان جنهن پيغام کي کڻي آيو آهيان، اهو دين ۽ دنيا ٻنهي جو ضامن آهي.[1] ان مهم ۾ ڪير منهنجو ساٿ ڏئي ٿو؟

اتي ماٺ ڇانئجي وئي. ان ماٺ ۾ تيرهن سالن جو هڪڙو نوجوان اٿي ٿو ۽ چوي ٿو. "توڙي جو مان اکيون اٿڻ واري مرض ۾ مبتلا آهيان، توڙي جو منهنجون ٽنگهون سنهڙيون آهن، توڙي جو مان هڪڙو ٻار آهيان، ليڪن مان ان مهم ۾ توهان جو ساٿ ڏيندس." اهو حضرت علي عليہ السلام هيو جيڪو اڳتي هلي تحريڪ جي اهم ٿنڀن ۾ شمار ٿيو.

اهو منظر ڏسي حاضرين ۾ ٽهڪڙو مچي ويو! ـــــ ان ٽهڪڙي جي ذريعي ڄڻ عبدالمطلب جو خاندان اهو چئي رهيو هيو تہ اها دعوت، اهو دعوت ڏيندڙ (داعي) ۽ لبيڪ چوڻ وارو ڪهڙو ڪارنامو انجام ڏيندا. اهو سڀ هڪڙي مذاق آهي، هڪڙو جنون آهي ۽ بس! ان جو جواب تہ صرف ٽٺول ڪرڻ واري هڪڙي کِل سان ڏئي سگهجي ٿو.

ان ٻئي واقعي تي ماحول جي خاموشي ڪونہ ٽُٽي، زندگي جي سمنڊ جي واڳن ۽ بلائن ڪو ڪَر ڪونہ کنيو. ليڪن ان کان پوءِ اهو ٽيون قدم کڻيو جنهن ان معاشري کي چريائپ ("هسٽيريا") جي ان دوري ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو جيڪو آهستي آهستي شروع ٿي ڏينهون ڏينهن تيز ۽ سخت ٿيندو ويو!

ان ٽئين قدم جي باري ۾ گفتگو ڪرڻ کان اڳ هڪڙي ٻئي واقعي جو ذڪر ڪرڻ ضروري لڳي ٿو. جيئن اسان بيان ڪري چڪا آهيون تہ مخالف ماحول جي خطرناڪ سختي جي ڪري نماز لڪي ڇپي پڙهي ويندي هئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ ان جا تحريڪي ساٿي شهر کان ٻاهر وادين ۽ گهاٽين ۾ وڃي نماز ادا ڪندا هيا. هڪڙي ڏينهن هڪڙي گهاٽي ۾ سعد رضہ بن ابي وقاص نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ٻين ساٿين سان گڏ نماز ۾ مشغول هيا تہ مشرڪن انهن کي ڏسي ورتو عين نماز جي حالت ۾ انهن مشرڪن ٽوڪون ڪرڻ شروع ڪيون، برو ڀلو چيائون ۽ نماز جي هر چرپر تي چيڀارا ڪيندا رهيا. جڏهن انهن فضول ڳالهين جو جواب ڪونہ ملين تہ بيزار ٿي وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا. ان ڌڪ ۾ هڪڙي مشرڪ جي تلوار سعد رضہ بن ابي وقاص کي زخمي ڪري وڌو. اها رت جي پهرين ڌار هئي، جيڪا مڪي جي ڌرتي تي

[1] دعوت جي بلڪل شروعات ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان حقيقت جو شعور رکيو ٿي تہ پاڻ دنيا کان ڪٽيل مذهب کڻي ڪونہ آيا آهن، بلڪ دنيا کي سنوارڻ وارو دين وٺي آيا آهن.

خدا جي راهہ ۾ وهائي وئي! اهو جاهلي معاشري جو سڀ کان پهريون جنوني ۽ خوني رد عمل هيو ۽ ان رد عمل جو انداز ٻڌائي رهيو هيو تہ مخالفت هاڻي تشدد جي مرحلي ۾ داخل ٿيڻ واري آهي.

## انتشار انگيزي:

تحريڪ جي لڪل وهڪري آهستي آهستي اڳتي وڌندي چاليهہ موتي گڏ ڪري ورتا هيا. هاڻي مسلمانن جي جماعت ڪنهن حد تائين هڪڙي محسوس ٿيندڙ طاقت بڻجي وئي هئي. ڪلمہ ڪلا حق جو ڪلمو پڪارڻ جو حڪم اچي ويو هيو. ان جي تعميل ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙي ڏينهن حرم ۾ بيهي توحيد جو اعلان ڪيو. ليڪن مذهبيت جڏهن بگڙجندي آهي تہ ان جا قدر (اقدار) اهڙي طرح هيٺ مٿي ٿي ويندا آهن جو اهو گهر جيڪو توحيد جي پيغام جي مرڪز جي حيثيت سان ٺاهيو ويو هيو اڄ ان جي چارديواري جي اندر خداءِ واحد جي وحدت جي پڪار بلند ڪرڻ توحيد جي ان مرڪز جي توهين جو سبب ٿي ويو هيو. بتن جي وجود سان ڪعبي جي توهين ڪونہ ٿيندي هئي، بتن جي آڏو متو ٽيڪڻ سان بہ نہ. اگهاڙو ٿي طواف ڪرڻ، سيٽيون ۽ تاڙيون وڄائڻ سان؟ نہ. غيرالله جي نالي تي ڪُٺل جانور پيش ڪرڻ سان بہ نہ، مجاوري جي فِي ۽ پروهتي جو ٽيڪس وصول ڪرڻ سان بہ نہ ـــ ليڪن ان گهر جي اصل مالڪ جو نالو وٺڻ سان ئي توهين ٿي وئي هئي![1]

”ڪعبي جي توهين! حرم جي بي حرمتي! ـــ توبهہ، توبهہ! ڪهڙي رت ٽهڪائڻ واري ڳالهہ آهي، ڪهڙي جذبن کي مشتعل ڪرڻ واري حرڪت آهي!“ تنهن ڪري ٽهڪندڙ رت ۽ مشتعل جذبن سان چئني طرفن کان توحيد جو ڪلمو ٻڌڻ وارا مشرڪ ۽ ڪافر ڊيهڙو ڪري اچن ٿا، هنگامو برپا ٿي وڃي ٿو. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گهيري ۾ اچي وڃن ٿا، حارث رضہ بن ابي، ام هالہ جي گهر ۾ هيا، شور ۽ غوغاءَ ٻڌي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي بچائڻ لاءِ ڊوڙيا. ليڪن هر طرف کان ان مٿان تلوارون اچي ڪڙڪيون ۽ اهو شهيد ٿي ويو. عربستان جي اندر اسلام ۽ جاهليت جي چڪتاڻ ۾ اها پهرين جان هئي جيڪا حق جي حمايت ۾ قربان ٿي.

توهان ڏٺو! هڪڙي دعوت جيڪا معقول ۽ پرسڪون انداز ۾ ڏني پئي وئي، ان تي غور ڪري راءِ قائم ڪرڻ ۽ استدلال جو جواب دليلن سان ڏيڻ جي بجاءِ انڌي جذباتي اشتعال سان ڏنو ويو ٿو. سيدنا محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حق جو ڪلمو لوهي تلوار سان ميڙائڻ جي لاءِ ڪونہ آيا هيا. ليڪن مخالف طاقت هڪدم تلوار تائين

[1] اهي تہ خير جاهليت واري دور جا مشرڪ هيا، اڄ اسان جي سامهون هڪڙو مسلمان، هڪڙو معمولي مسلمان نہ هڪڙي مذهبي شخصيت ڪعبت الله جي متولي واري نظام (نظامِ توليت) جي خرابين تي تنقيد ڪرڻ واري پنهنجي پاءَ کي ڪعبت الله جي توهين جو مجرم سمجهي ٿي! فَاعْتَبِرُوا يَا أُولِي الْأَبْصَار.

اچي وڃي ٿي. اهائي هڪڙي فاسد نظام جي مفاد پرست مخالفن جي علامت آهي ته معقوليت جي جواب ۾ اشتعال ۽ دليل جي جواب ۾ تلوار کڻي ميدان ۾ لهن ٿا. مخالفن ۾ ايترو به ظرف ڪونه هيو ته اهي گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه هفتا. ڪجهه ڏينهن، ڪجهه ڪلاڪ يا ڪجهه گهڙيون حرم ۾ اٿڻ واري صدا تي پرسڪون طريقي سان غوروفڪر ڪري سگهن ها. اهو تسليم ڪن ها ته محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي به انهن وانگر ڪنهن نظريي، فلسفي، عقيدي تي ايمان رکڻ، ڪنهن مذهب تي هلڻ ۽ انهن جي قائم ڪيل مذهبي صورت سان اختلاف ڪرڻ جو حق آهي. گهٽ ۾ گهٽ امڪان جي حد تائين اهو مڃين ها ته ٿي سگهي ٿو ته اسان جي اندر غلطي موجود هجي ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي دعوت مان حقيقت جو سراغ ملي سگهندو هجي. ڪنهن فاسد نظام جي سربراهن ۾ ايترو ظرف باقي ڪونهي رهندو انهن ۾ اختلاف کي برداشت ڪرڻ جي قوت بلڪل ختم ٿي ويندي آهي، انهن جي غوروفڪر ڪرڻ وارين صلاحيتن تي ڪٽ چڙهي ويندي آهي.

ٿورو اندازو ڪيو ته اها ڪهڙي فضا هئي جنهن ۾ اسان سڀني جي دنياوي ۽ آخرت واري فلاح و بهبود جي لاءِ پنهنجي جان جي بازي لڳائي ڇڏڻ وارو حق جي دعوت ڏيندڙ (داعي حق) بي سروساماني جي عالم ۾ پنهنجو فرض ادا ڪري رهيو هيو!

## گندي پرچار ــ پروپيگنڊا:

ابراهيم عليه السلام ۽ اسماعيل عليه السلام جي پاڪيزه جذبن ۽ پاڪيزه حسرتن ۽ تمنائن جي مسالي سان ٺهيل حرم پاڪ جي اندر مڪي وارن جي انهي حرڪت جي واقع ٿيڻ، اچڻ واري مستقبل جي دور جو هڪڙو تصور ته ضرور ڏياريو ۽ هڪڙي بي گناهه جي خون سان تاريخ ايندڙ بابن جي ڳاڙهاڻ ته ڄمائي ڇڏي، ليڪن اها تشدد واري اصل دور جي شروعات ڪونه هئي.

مخالفت جو پهريون مرحلو هميشه ٺٺول، مذاق ۽ اجاين حجتن جو هوندو آهي. جيڪو آهستي آهستي غنڊه گردي جو رنگ اختيار ڪندو ويندو آهي.

نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ وآله وسلم جي دعوت کي اعتبار جي ڏاڪي تان ڪيرائڻ جي لاءِ گاريون ڏيڻ جي ڪميٽي جذبي سان گڏ پروپيگنڊا جي ماهر اوستادن قسم قسم جا لقب گهڙڻ شروع ڪيا.

مثال طور، اهو چيو وڃڻ لڳو ته ان شخص جي ڳالهه چو ٿا ٻڌو هي ته (نعوذ بالله) "مرتد" ٿي ويو آهي، اڳ گذريلن (اسلاف) جي مڃيل دين، جنهن جا اسان اجاره دار آهيون، جي دائري کان ٻاهر نڪري ويو آهي ۽ هاڻي پنهنجي طرفان هڪڙو انوکو دين گهڙي آيو آهي. ڪوئي استدلال ڪونهي. بس پنهنجين گادين تي ويٺي ڪفر جي فتوا صادر ڪئي وڃي ٿي ته هي ته "صابي" ٿي ويو آهي. جيئن ته صابيت ان وقت جي

مشرڪاڻي معاشري (سوسائٽي ۾ هڪڙو بدنام ۽ ناپسنديده مسلڪ هيو انهيءَ ڪري ڪنهن کي صابي سڏڻ اڳيئي گار هئي. جيئن اڄ ڪنهن مسلمان کي يهودي يا خارجي يا قدرتي قانون تي هلندڙ ("نيچري" ـ Natury) سڏيو وڃي. حق جي خلاف دليلن جي لحاظ کان ڪمزور ماڻهو جڏهن منفي هنگاما ڪندا آهن ته انهن جي پروپيگنڊا جي مهم جو هڪڙو هٿيار هميشه اهڙي طرح جي بدنام ڪندڙ لقبن، نالن ۽ اصطلاحن جو چنبڙائڻ هوندو آهي. گهٽي گهٽي، محفل محفل مڪي جا پروپيگنڊا ڪرڻ وارا ("پروپيگنڊسٽ") ڊنڍورو ڏيندا رهندا هيا ته ڏسو! اهي ماڻهو صابي ٿي ويا آهن. بي دين ٿي ويا آهن. انهن پيءُ ڏاڏي جو دين ڏرم ڇڏي ڏنو آهي. نوان نوان عقيدا ۽ نوان نوان طريقا گهڙي اچي رهيا آهن. ڏسو! انوکيون ڳالهيون ٿي رهيون آهن! جڏهن اها انڌاري اٿي رهي هوندي ته تصور ڪريو ته ان ۾ رستو ڏسڻ ۽ ساهه کڻڻ عام ماڻهن لاءِ ڪيترو ڏکيو ٿي ويو هوندو ۽ حق جي دعوت ڏيندڙن جي مختصر قافلي کي ڪهڙي آفت سان منهن ڏيڻو پيو هوندو! مگر انڌاريون همت وارن ماڻهن جو ڪڏهن به رستو روڪي ڪونه سگهنديون آهن! "مَا يَفْتَحِ اللهُ لِلنَّاسِ مِنْ رَّحْمَةٍ فَلَا مُمْسِكَ لَهَا" (ﷻ الله جنهن به رحمت جو دروازو ماڻهن جي لاءِ کولي ڇڏي (تہ) ان کي ڪير به روڪڻ وارو ڪونهي. سورت الفاطر آيت 2)

دليلن جي مقابلي ۾ جڏهن گاريون اچي وڃن ته هميشه ائين ٿيندو آهي ته دليل ته پنهنجي جاءِ تي ڄميا بيٺا هوندا آهن. ليڪن جيڪا گار مقابلي ۾ استعمال ڪئي ويندي آهي، اها جذباتي حد تائين به چار ڏينهن ڪم ڏئي بلڪل بي اثر ٿي ويندي آهي ۽ انساني فطرت ان کان نفرت ڪرڻ لڳندي آهي. انهيءَ ڪري فن جي اوستادن (استادانِ فن) جو اهو چوڻ آهي ته نت نيون گاريون ايجاد ڪندا وڃو. تنهن ڪري حضور صلي الله تعاليٰ وآله وسلم جي لاءِ هڪڙي ٻي گار ايجاد ڪيائون. پاڻ سڳورن کي "ابن ابي ڪبشه" چيو ويندو هيو. ابي ڪبشه هڪڙو مشهور مگر بدنام شخص هيو. اهو شخص سيني عربن جي ديني رجحانن جي خلاف "شعري" نالي تاري جي پوڄا ڪندو هيو. "ابن ابي ڪبشه" جي معنيٰ ٿي "ابي ڪبشه جو پٽ" يا "ابي ڪبشه جو پيروڪار" (نعوذبالله). دل جو ساڙ پورو ڪرڻ جي لاءِ مڪي جي جذباتي مريضن ڪهڙيون ڪهڙيون ايجادون ڪيون!

ڪنهن دعوت ڏيندڙ يا ڪنهن تحريڪ جي سرواڻ جي ذات تي جڏهن اهڙا حملا ڪيا ويندا آهن ته اصل مطلب ان شخصيت کي رڳو اذيت ڏيڻ نه پر حقيقت ۾ گار ڏني ويندي آهي. ان نظريي ۽ مسلڪ کي ۽ ان ڪم ۽ تنظيم کي ڏينهون ڏينهن اهڙي يلغار کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، مگر ڇا هڪڙي پرپور ٻوڏ جي آڏو ڇيڻن جا بند ٻڌي ان کي روڪي سگهجي ٿو! مڪي جا ٽنوليون ڪندڙ ماڻهو ڏسي رهيا هيا ته اهي گارگند جا جيڪي بند ٻڌن ٿا، انهن کي اها دعوت وهائي کڻي وڃي رهي آهي ۽ هر صبح ۽ شام ڪجهه نه ڪجهه اڳتي وڌندي پئي وڃي ته انهن پروپيگنڊ جا ٻيا طريقا اختيار ڪيا.

هڪڙو نئون لقب اهو گهڙيائون تہ اهو شخص (نعوذبالله) دراصل چريو ٿي ويو آهي. ٻتن جي ٻِٽ لڳڻ سان ان جو مٿو ڦري ويو آهي. اهو جيڪي ڳالهيون ڪري ٿو اهي هوش و حواس ۽ عقل و حڪمت جون ڳالهيون ڪونہ آهن. بلڪ اهو هڪڙو دماغي خلل (ماليخوليا) آهي. جنهن جي دوري پوڻ تي ڪڏهن ان کي ملائڪ نظر اچن ٿا. ڪڏهن جنت ۽ دوزخ جا خواب ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪڏهن وحي اچي ٿي تہ ڪڏهن ڪا انوکي ڳالهہ ظاهر ٿي وڃي ٿي. اهو هڪڙو مٿي ڦريل ماڻهو آهي. انهيءَ ڪري ان جي ڳالهين تي عام ماڻهن کي ڌيان نہ ڏيڻ گهرجي ۽ پنهنجو دين ايمان بچائڻ گهرجي. هميشہ کان اهو ٿيو آهي تہ حق جي دعوت ڏيڻ وارن جي استدلال جو زور ٽوڙڻ جي لاءِ يا تہ انهن کي چريو سڏيو ويو يا ڇسو ۽ بيوقوف! هوش وارا تہ بس اهي ماڻهو هوندا آهن جيڪي پنهنجي دنيا ٺاهڻ ۽ زماني جي ها ۾ ها ملائڻ ۽ پنهنجين خواهشن لاءِ تسڪين جو سامان گڏ ڪرڻ ۾ مصروف رهن. باقي اهي ماڻهو جيڪي نواڻ (تجديد) ۽ سڌاري (اصلاح) جي مهم کڻي جان جوکي ۾ وجهن. انهن کي دنيا جا پوڄاري جيڪڏهن بيوقوف ۽ چريو نہ چون تہ آخر انهن جي لغت (ڊڪشنري) ۾ ٻيو ڪهڙو لفظ موزون ٿي سگهي ٿو.

وري اها ڳالهہ صرف پرپٺ چوندو رهڻ تي اڪتفا نہ ڪيو ويندو هيو بلڪ آمهون سامهون چيو ويندو هيو "وَقَالُوْا يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْ نُزِّلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ اِنَّكَ لَمَجْنُوْنٌ ؕ " (۽ اهي ماڻهو چون ٿا. اي اُهي شخص جنهن تي اهو ذڪر نازل ٿيو آهي، يقينن تون چريو آهين. سورت الحجر آيت 6) گار جو مزو تہ ايندوئي تڏهن آهي جڏهن منهان منهن ٻڌائي وڃي!

پر ڇا ڪڏهن پاڳلن جي چوڌاري بہ دنيا ڪنهن تحريڪ کي هلائڻ لاءِ گڏ ٿي آهي؟ ڪڏهن بيوقوفن جو هٿ بہ هوشمند ۽ سليم الفطرت نوجوانن پڪڙيو آهي؟ ڪڏهن مٿي ڦريل ماڻهن جي سڏڻ تي سمجهدار ماڻهن بہ لبيڪ چيو آهي؟ —— انهي سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ مڪي جي مشرڪن هڪڙي ٻي چٽر ايجاد ڪئي.[1] چوڻ لڳا تہ اهو نبوت جي دعوا ڪندڙ حقيقت ۾ جادو جي فن ۾ بہ مهارت رکي ٿو. اهو ان جو فني ڪمال آهي تہ ٻن چئن ڳالهين ۾ هر ملڻ واري کي مُنبي (هيپناٽزم ڪري) ڇڏي ٿو نظربندي جي حالت ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو ۽ ڪير بہ ٿورو ان جي ڳالهين ۾ آيو ناهي تہ جادو جي چار ۾ ڦاٿو ناهي. اهو ئي سبب آهي تہ چڱا ڀلا. سمجهہ سوچ رکڻ وارا ماڻهو ان جو شڪار ٿيندا پيا وڃن!

---

[1] پڪا مذهبي رجحان رکڻ وارن جي لاءِ مغرب وارن جنوني ("فناٽڪس" Fanatics) جو خاص محاورو ان معنيٰ ۾ اختيار ڪري رکيو آهي تہ اهي عقلي توازن کان وانجها جذباتي ماڻهو هوندا آهن. اجوڪي دور ۾ وري نئون محاورو بنياد پرست ("فنداميئنٽلسٽ" Fundamentalist) اچي ويو آهي. خود اسان جي پنهنجي اندر بدمذهب ماڻهو حق جي دعوت ڏيندڙن (داعيانِ حق) کي جو "مُلان" چوندا آهن تہ ان ئي معنيٰ ۾ چوندا آهن تہ اهي ماڻهو سوچ سمجهہ کان ڪورا. زماني جي حالتن کانِ اڻ ڄاڻ ۽ پنهنجي ماضي جي ڳريل خيالن جا انڌا عاشق هوندا آهن. ان کان بہ هيٺ ڪِري مخالف ڏٽريون ديني ماڻهن کي سياست کان اڻ واقف هجڻ جو طعنو بہ ڏيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اهي آهن ئي بيوقوف! (مؤلف)

ها، مگر اهو سوال بہ تہ پيدا ٿيو پئي تہ ڪڏهن جادوگرن بہ اڄ تائين مذهبي ۽ سماجي (تمدني) تحريڪون هلايون آهن ۽ ڪڏهن پوين (ڪاهن) خدا پرستي ۽ توحيد ۽ سڻن اخلاقن جو سبق ڏيڻ لاءِ جادوگري واري فن کي استعمال ڪيو آهي؟ تاريخ ۾ ڪو اهڙو مثال موجود آهي تہ جادوگرن جهڙي ذهني سطح رکڻ واري ڪنهن فرد وقت جي نظام کي بدلائڻ لاءِ جادوءَ جي زور تي هڪڙو انقلابي لڏو پيدا ڪري اٿاريو هجي؟ ڪڏهن جادوءَ جي زور تي دلين ۽ دماغن، روحن ۽ سيرتن کي بہ بدلائڻ جو ڪو مثال سامهون آيو؟ ـــ پوءِ اهو ڪهڙو جادوگر هيو جيڪو جادوگري وارو تماشو ڏيکاري چار ڏوڪڙ ڪمائيندو رهڻ جي بجاءِ پوري دنيا جون اذيتون برداشت ڪندو معاشري (سوسائٽي) جي سمورن بهترين صالح ماڻهن کي پنهنجي چوڌاري هڪڙي وڏي اجتماعي مهم جي لاءِ گڏ ڪري رهيو هيو. ڇا اهو ڪو نظربندي جو هڪڙو تماشو هيو جيڪو توهان جي اکين جي سامهون واقع ٿي رهيو هيو! ليڪن اهو ڇاتل سڇاتل الزام آهي، اهڙو الزام جيڪو هر دور ۾ حق جي دعوت ڏيڻ واري هر انسان تي لڳايو ويو آهي. يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ خود دعوت ۾ سچائي ڪونهي جو ان جي فطري ڪشش ڪم ڪري. دعوت ڏيڻ واري جي استدلال ۾ ڪوئي وزن ڪونهي جنهن سان دليون قابو ۾ ايندڙيون هجن، بلڪ سمورو کيل ڪنهن پراسرار قسم جي فريب ۽ جادوگري تي ٻڌل آهي ۽ اهو ان جو ئي اثر آهي تہ چڱا ڀلا ماڻهو توازن وڃائي ويٺا آهن.

ماڻهو قريشي اڪابرن جي سامهون حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جون خاص ڪري الهامي تقريرون ۽ قرآني آيتون بہ تہ پيش ڪندا هوندا تہ هي هي ڳالهيون چيون ويون آهن. ڪلام جا اهي جوهر شناس آخر اهو بہ تہ محسوس ڪري وٺندا هوندا تہ خود اهو ڪلام اثر واري طاقت رکندڙ آهي. ان تي بحث ٿيندا هوندا ۽ راءِ قائم ڪندا هوندا. ان ڪلام جي معجزي جي تشريح (توجيهہ) ڪرڻ لاءِ انهن چوڻ شروع ڪيو تہ "يار ڇا هي، بس شاعري آهي، لفظن جو هڪڙو هنر (آرٽ) آهي، اديباڻو زور آهي. محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) پهرين درجي جا فنڪار (آرٽسٽ) ۽ ٻولي جا ڏٺي (لسان خطيب) آهن، ان جي شاعري جي ڪري ڪچڙي ذهن وارا نوجوان ٿڙي رهيا آهن."

اي مڪي جا قريشيو! شاعر تہ دنيا ۾ هميشہ ٿيندا رهيا آهن، ڇا ڪوئي اهڙو انوکو شاعر ڪڏهن پيدا ٿيو جيڪو اهڙي بي داغ سيرت ۽ عظيم ڪردار جو حامل هجي، جنهن جو مظاهرو محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ ان جا ساٿي ڪري رهيا هيا. ڇا شاعري جا جادو ڏيکارڻ وارن ڪڏهن اهڙيون ديني مهمون بہ برپا ڪيون آهن، جهڙيون توهان جي سامهون ٿي رهيون هيون؟

قريشين جي سامهون بہ اهو سوال هيو. ان جو جواب ڏيڻ جي لاءِ انهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي ٻيو هجڻ جو هڪڙو ٻيو الزام هنيو. ڀوپا ڪجهہ مذهبي

انداز ۽ طريقا رکندا آهن. هڪڙو عجيب پراسرار ماحول پيدا ڪندا هيا. چِلن، اعتڪافن، وظيفن ۽ منترن ۾ انهن جي زندگي گذرندي هئي. مراقبن، ڪشفن ۽ ڦارون وجهڻ ذريعي هڪڙي هنري (ٽيڪنيڪل) زبان ۾ ماڻهن کي غيب جا اسرار ٻڌائيندا هيا. عام ماڻهن کان الڳ ڪجهه انوکا طورطريقا رکندا هيا. ڪجهه مجذوبي واري حالت هوندي هين. پوپو (ڪاهن) چوڻ مان قريشين جو مطلب اهو هيو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم به بس اهڙي طرح جو هڪڙو تڪسات ٻڌائي رکيو آهي ته جيئن ماڻهو اچن، مريد ٿين، انهن تي پوپي وارو رعب به ڇميل رهي ۽ پيٽ جو مسئلو به حل ٿي وڃي (معاذ الله).

قرآن شريف ان سموري پروپيگنڊا جي ڪاراڻ کي گهيري ۾ آڻي آسماني بلنديءَ تان پڪاري چئي رهيو هيو: "وَمَا هُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ ۚ قَلِيلًا مَّا تُؤْمِنُونَ ○ وَلَا بِقَوْلِ كَاهِنٍ ۚ قَلِيلًا مَّا تَذَكَّرُونَ ○" (۽ اهو ڪنهن شاعر جو قول ڪونهي، توهان (ماڻهو) ايمان گهٽ آڻيو ٿا. ۽ هي ڪنهن پوپي (ڪاهن) جو قول به ڪونهي، توهان (ماڻهو) گهٽ غور ڪيو ٿا. سورت الحاقہ آيت 41 ۽ 42). اها شاعري ڪونهي مگر آفت ته اها اچي وئي آهي ته توهان ايمان ۽ يقين جا دروازا بند ڪري رکيا آهن. اها پوپائي ڪونهي مگر رڪاوٽ اها ٿي ته توهان غوروفڪر نه ڪرڻ ۾ ڪنهن کان سبق نه وٺڻ جو قسم کڻي ڇڏيو آهي. ان بدتميزي واري طوفان تي قرآن شريف چئن لفظن ۾ ڇا ته شاندار تبصرو حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي مخاطب ڪري، ڪيو ته "اُنْظُرْ كَيْفَ ضَرَبُوْا لَكَ الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ سَبِيْلًا ○" (۽ ڏسو اهي ماڻهو توهان جي سامهون ڪهڙا بهانا ڪري رهيا آهن، اهڙا گمراهه ٿيا آهن جو ڪا مناسب ڳالهه انهن کي سُجهي ئي ڪونه ٿي. سورت الفرقان آيت 9) ڏسو اهي ماڻهو ڪهڙا ڪهڙا محاورا ۽ فقرا هڻي رهيا آهن، ڪهڙا ڪهڙا نالا ڏين ٿا، ڪهڙيون ڪهڙيون تشبيهون گهڙين ٿا، ۽ ڪٿان ڪٿان اصطلاح ڳولهي آڻين ٿا. مگر اهو سڀ ڪجهه ڪري وري هڪدم ڪيئن قلابازي ڏين ٿا؟___ "فَضَلُّوا." يعني پنهنجو پاڻ کي گمراهي ۾ وجهن ٿا.

ڏسو! هاڻي هڪڙو ٻيو شوشو گهڙيو وڃي ٿو. دين ابراهيمي کي مڃڻ وارا چون ٿا ته اهو ڪو جن آهي جيڪو محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) ۾ واسو ڪري ٿو ۽ اهو اچي عجيب عجيب ڳالهيون ٻڌائي ٿو يا اهو پڙهائي ۽ سيکاري وڃي ٿو. ڪڏهن مڪي جي هڪڙي رومي ۽ نصراني غلام (جابر يا جبرا يا جبر) جو نالو ورتو وڃي ٿو (جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿي دين جون ڳالهيون ٻڌندو هيو) ته اهو وڃي ٿو ۽ اڪيلائي ۾ محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) کي اهي واعظ ۽ تقريرون (ليڪچر) نوٽ ڪرائي ٿو. هڪڙي موقعي تي قريشين جي اڪابرن جي وفد وارن خود حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي چيو: "اسان کي معلوم ٿيو آهي ته يمامه ۾ ڪوئي شخص 'الرحمان' نالي آهي، جيڪو توکي اهو سڀ ڪجهه پڙهائي ۽

سيڪاري ٿو. خدا جو قسم، اسان ان الرحمان تي ايمان آڻڻ وارا ڪونہ آهيون.“[1] انهن هوائي شوشن مان اهو ظاهر ڪرڻ جو مطلب هيو تہ اهو ڪنهن ٻاهرين طاقت ۽ ڪنهن غيرشخص جي شرارت آهي، جيڪو اسان جي مذهب ۽ معاشري کي تباهہ ڪرڻ جي پٺيان آهي ۽ محمد بن عبدالله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ) تہ محض هڪڙو آلہ ڪار آهي. اها ڪنهن نموني جي سازش آهي. ٻئي پاسي ان ۾ اهو تاثر بہ شامل هيو تہ ڪلام جو اهو حُسن و جمال نہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جو ڪمال آهي ۽ نہ الله جي عطا ۽ بخشش، اهو تہ ڪا ٻي طاقت تماشو ڏيکاري رهي آهي. ٽئين پاسي ان جي ذريعي حق جي دعوت ڏيڻ واري تي الله تي ڪوڙ هڻڻ ۽ تهمت جو الزام بہ لڳي رهيو هيو. ان جي جواب ۾ قرآن شريف تفصيل سان استدلال ڪيو آهي، مگر ان جو چيلينج قطعي طور تي خاموش ڪرائيندڙ ثابت ٿيو تہ انسانن ۽ جنن جي گڏيل ڪوشش سان توهان اهڙي نموني جي ڪا سورت يا اهڙيون ڪجهہ آيتون ٺاهي اچو.

ان سلسلي ۾ هڪڙي دعوا اها بہ سامهون آئي تہ اها ڪا نئين ڳالهہ ڪونهي، اهو ڪو خاص ڪارنامو ڪونهي، اصل ۾ پراڻا قصا ۽ ڪهاڻيون آهن جن جو مواد ڪٿان گڏ ڪري زوردار زبان ۾ ڍاليو پيو وڃي، اها هڪڙي قسم جي افسانہ طرازي آهي ۽ داستان گوئي آهي. جيئن داستان گو محفل تي ڇانئجي ويندو آهي، اهڙي طرح محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) چٽ پٽي انداز ۾ قصا ٻڌائي داد وٺي رهيو آهي. حق جي دعوت تي ”اَسَاطِيْرُالاَوَّلِيْنَ“ جي ٺٺول ڪرڻ ۾ اها طنز بہ شامل هئي تہ ”گذريل زماني جي انهن ڪهاڻين جي ذريعي اڄوڪي زماني جي مسئلن کي ڪيئن ٿو حل ڪري سگهجي، زمانو ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي پهتو آهي.“

ڪمال اهو آهي تہ هڪڙي طرف اهو الزام هنيو پئي ويو تہ پڪي مقرر دين جي مقابلي ۾ نيون ڳالهيون گهڙيون پيون وڃن، ٻئي پاسي بلڪل متضاد قسم جو اهو طعنو تہ پراڻا مڙدا کوٽي ڪيڏي آندا پيا وڃن! هميشہ غيرمخلص شرارتي ماڻهن جو اهو حال رهيو آهي تہ بغير سوچڻ سمجهڻ جي ڪڏهن هڪڙي پاسي کان اچي نُڪتو ڳوليندا آهن ۽ ڪڏهن ٻئي پاسي کان حملو ڪري پيو مختلف قسم جو اعتراض ظاهر ڪندا آهن، اهو بہ محسوس ڪونہ ڪندا يا ڏسندا آهن تہ هو پنهنجي ترديد پاڻ ڪري رهيا آهن.

انهيءَ سلسلي ۾ هڪڙو محاذ شاعرن جو قائم ڪيو ويو هو. ابوسفيان بن حارث، عمرو بن عاص ۽ عبدالله بن زبعري انهي مهم تي مقرر ڪيا ويا تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف گندا مذمتي (هجويہ) نظم ٺاهين ۽ انهن کي ماڻهن آڏو پڙهن. واضح رهي تہ شاعرن جو گهڻو اثر جاهل طبقي (سوسائٽي) تي هيو. اهي ماڻهو جڻ تہ ذهني رهنمائي ۽ تربيت جي منصب تي فائز هيا، ۽ انهن جي زبان تان نڪتل هڪڙو

---

[1] ابن هشام ج 1 ص 317

هڪڙو ٻول دلين ۾ گهر ڪندو هيو ۽ ان کي ياد ڪري پکيڙيو ويندو هيو. ائين سمجهو ته ان زماني ۾ شاعرن کي گهٽ ۾ گهٽ اهڙي ئي حيثيت حاصل هئي جيئن اڄ هڪڙو ماهرِ فن صحافي جيڪڏهن پنهنجي قلم ۽ اخبار جي طاقت جي ٻل تي ڪنهن جي پٺيان پئجي وڃي ته پنهنجي مختصر تبصرن ۽ دلچسپ مذمتي لکت سان ۽ خطن وارن ڪالمن جي غيرشريفاڻي استعمال سان خبرن کي لڪائڻ يا وڌائي پيش ڪرڻ سان، بيانن جي ڪاٽ ڪوٽ ڪرڻ، گمراهه ڪندڙ سرخيون هڻڻ سان اهو ڪنهن دعوت، جماعت ۽ تحريڪ جي لاءِ وڏي مشڪلات پيدا ڪري سگهي ٿو. بلڪل اهوئي مقام عربستان جي شاعرن جو هيو. اتي هڪ ڪان وڏيڪ شاعرن کي انهي ڪم تي لڳايو ويو ته محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآلہ وسلم ۽ سندن دعوت ۽ تحريڪ کي گهٽي گهٽي ۾ بدنام ڪندا وتن ۽ قافيي ۽ رديف واريون گاريون سيکارين. بلڪل اهڙو حال هيو جيئن ذهني ۽ فڪري دنيا ۾ هڪڙي شريف واٺهڙو جي پٺيان ڪتن کي ڇڏيو ويو هجي. ليڪن محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآلہ وسلم جو پيغام ۽ ڪردار بجاءِ خود شاعرن جي جادو جو ڪامياب توڙ هيو.

واضح رهي ته اها سموري مهم ڪنهن غلط فهمي جي ڪري نه بلڪ سوچيل سمجهيل شرارت موجب هلائي پئي وئي. انهن گڏجي اهو فيصلو ڪيو هيو ته "لَا تَسْمَعُوْا لِهٰذَا الْقُرْاٰنِ وَالْغَوْا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَغْلِبُوْنَ۝" (حم سجده آيت 26) يعني دعوت ڏيڻ واري (داعي) جي ڳالهه ٻڌوئي نه، ان تي غور ڪيوئي نه، ڪٿي خيالن ۾ هلچل نه مچي وڃي. ڪٿي ايمان خراب نه ٿي وڃي. بس هوڪرن جو خوب شور مچائي ان ۾ رخنو وجهڻ جي ڪوشش ڪيو ۽ ان ۾ گڙٻڙ پيدا ڪيو ۽ ان تي ٺٺول مذاق ڪيو. انهي طريقي سان قرآن جو زور ٽٽي ويندو ۽ آخري فتح توهان جي ٿيندي. ان آيت ۾ حق جي مخالفت ڪرڻ وارن جي طاقت جي نفسيات جو مطالعو ڪيو. اهي ڳالهه کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ کان بي نياز ٿي ۽ ٻين کي به ٻڌڻ ۽ سمجهڻ کان روڪي هنگامه آرائي ڪن ٿا. اسان جي محسن ۽ محبوب رهنما کي اهڙن ذهنن کي منهن ڏيڻو پيو هيو.

حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآلہ وسلم جي دعوت ۽ تحريڪ سان نفرت ڪندڙ عاص بن وائل السهمي شاعر هي زهريلا جملا چيا. "دَعُوْهُ فَاِنَّمَا هُوَ رَجُلٌ اَبْتَرُ لَا عَقِبَ لَهُ، لَوْمَاتَ لَانْقَطَعَ ذِكْرُهُ وَاسْتَرَحْتُمْ مِنْهُ." يعني اهو ته ادا ڇا آهي، ان کي ڇڏيو سندس حال تي، اهو ته هڪڙو نڌڙڪو ماڻهو آهي، ان جي پٺيان ڪو وارث ڪونهي. ان جي مرڻ سان ئي ان جو نالو وسري ويندو ۽ توهان ان جي جنجهٽ مان ڇوٽڪارو وٺي امن ۽ چين سان رهجو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآلہ وسلم جو پٽاڻو اولاد نه هجڻ ڪري اهو طعنو ڏنو ويو هيو. ۽ عربن ۾ حقيقت ۾ اهو طعنو وڏي معنيٰ رکندڙ هيو. مگر عاص جهڙن جون نظرون اهو نٿي سمجهي سگهيون ته نبين سڳورن جهڙين تاريخ ساز هستين جي اصل اولاد انهن جا

عظيم الشان ڪارناما هوندا آهن. انهن جي ذهنن مان تهذيب جا نوان دور جنم وٺندا آهن ۽ انهن جي دعوت ۽ تعليم جي وراثت سنڀالڻ ۽ انهن جي ياد کي تازو رکڻ جي لاءِ انهن جا ساٿي ۽ پيروڪار ٽولن جا ٽولا موجود هوندا آهن. اهي جنهن وڏي ڀلائي (خير ڪثير) کي کٽي ايندا آهن ان جي طاقت ۽ ان جو قدروقيمت ڪنهن جي پُٽاٽي اولاد جي وڏي کان وڏي لشڪر کان بہ گهڻو وڌيڪ هوندا آهن. تنهن ڪري ان طعني جي جواب ۾ سورت ڪوثر نازل ٿي، جنهن ۾ عاص ۽ ان جي حوارين کي ٻڌايو ويو تہ اسان پنهنجي نبي کي "ڪوثر" عطا ڪيو آهي، ان کي وڏي ڀلائي (خير ڪثير) جو سرچشمو ٺاهيو آهي، ان کي قرآن جي عظيم نعمت ڏني آهي، ان تي ايمان آڻڻ وارن ۽ اطاعت ڪرڻ وارن، ان جي ڪم کي پکيڙڻ ۽ جاري رکڻ وارن جي هڪڙي وڏي جماعت آهي، ان جي لاءِ آخرت واري جهان ۾ حوض ڪوثر جي سوکڙي مخصوص ڪري ڇڏي آهي، جنهن مان جيڪڏهن ڪنهن کي هڪڙو ڀيرو پاڻي پيئڻ جي اجازت ملي وئي تہ اهو هميشهہ جي لاءِ اڃ محسوس ڪونہ ڪندو. پوءِ وري فرمايو تہ اي نبي! ابتر تہ تنهنجا دشمن آهن، جن جو حقيقت جي حوالي سان ڪوئي نالو وٺڻ وارو ۽ پاڻي ڏيڻ وارو ڪونهي ۽ جن جي مرڻ کان پوءِ ڪير ڀلجي بہ انهن کي ياد ڪونہ ڪندو تہ ڦلاڻو ڪير هيو ۽ جن جي لاءِ انساني تاريخ جي عمارت ۾ ڪا جاءِ ئي ڪونهي.

## سخت مخالف قريشي سردار:

هن موقعي تي مناسب لڳي ٿو تہ مڪي جي سرگرم ترين ٺٺول ڪندڙن جي فهرست پيش ڪري ڇڏجي. وڏن وڏن سخت ترين مخالفن ۾ هي ماڻهو شامل هيا: ابو جهل، ابولهب، اسود بن عبديغوث (اهو بنوزهره مان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو ماروٽ هيو)، حارث بن قيس بن عدي (جيڪو بنوسهم مان هيو ۽ ابن الغِيطلہ جي نالي سان مشهور هيو)، وليد بن مُغيره (بنومخزم مان هيو)، اُمَيہ بن خَلَف ۽ اُبي بن خلف (بنوجُمح مان)، ابو قيس بن فاڪِہ بن مُغيره (بنومخزوم مان)، عاص بن وائل سهمي (اهو عمرو بن عاص جو پيءُ هيو)، نضر بن الحارث (بنوعبدالدار مان)، مُنِبہ بن الحَجاج (بنو سهم مان)، زُهَير بن ابي اميہ (بنومخروم مان ــ اهو ام سلميٰ رضہ جو پيئيتو ڀاءُ هيو)، سائب بن صيفي بن عابد (بنومخزوم مان)، اَسوَد بن عبدالاسد مخزومي، عاص بن سعيد بن العاص (بنواميہ مان)، ابوالبختري عاص بن هشام (بنواسد مان)، عُتبہ بن ابي مُعَيط (بنواميہ مان)، ابن الاصدي (يا الاسداء) الهذلي، حڪم بن ابي العاص (بنو اميہ مان، اهو مروان جو پيءُ هيو)، عدي بن حمراء الثقفي.[1] اهي ماڻهو طنز ٺٺول ۽ گارگند ڪرڻ جي محاذ جا سپهہ سالار هيا.

---

[1] طبقات ابن سعد جي حوالي سان ڏسو سيرت سرورِ عالم از سيد ابوالاعليٰ مودودي ج 2 ص 515.

مخالفن جو ٻيو گروهه: ابن سعد طبقات ۾ لکيو آهي تہ انهن جون ڪارروايون اسلام جي خلاف هيون، مگر اڳ ۾ متي ذڪر ڪيل ماڻهن جهڙيون ڪونہ هيون. عتبہ بن ربيعہ ۽ شيبہ بن ربيعہ (بنوعبد شمس بن عبدمناف مان) ۽ ابو سفيان بن حرب (بنو اميہ مان).[1]

## اجايا بهانا:

ٺٺول ۽ طنز وارن لقبن سان گڏ اجاين بهانن جو سلسلو بہ شروع ٿي چڪو هيو. جيڪي ماڻهو اڪين سان ڏسندي هڪڙي حقي امر کي مڃڻ ڪونہ گهرندا آهن اهي پنهنجي ۽ دعوت ڏيڻ واري جي وچ ۾ طرح طرح جي نڪتن ۽ لطيفن ۽ ڳالهين مان ڳالهيون ڪڍي هڪڙي مضبوط ديوار جي اوساري ڪندا رهندا آهن. ان ئي ديوار جو هر رندو (بار) رکڻ سان ٿي ڪري پوندو آهي. مخالف ٻيون سرون ۽ گارو ڪٺي ايندا آهن، پوءِ پورهيو برباد ٿي ويندو آهي. وري اهي ٻيو مسالو استعمال ڪندا آهن. مطلب تہ انهن جي سموري ڇمار انهي ڪيل ۾ گذري ويندي آهي، ليڪن نہ اهي پنهنجو ڪجهہ ٺاهي سگهندا آهن ۽ نہ ٻين لاءِ ڪا تعميري خدمت انجام ڏئي سگهندا آهن. اهو سوال ۽ اعتراض بلڪل ٻي طبيعت وارو هوندو آهي جيڪو خلوص واري جذبي سان اڀرندو آهي، ۽ اهو سوال ۽ اعتراض بلڪل ٻئي ڍنگ جو هوندو آهي جيڪو شرارت مان دعوت ڏيڻ واري جو رستو روڪڻ لاءِ گهڙيو ويندو آهي. ان ٻي صورت کي اجايو بهانو چئبو آهي ۽ اجايو بهانو هميشہ بي ايماني، شرارت ۽ فتني پسندي جي شاهدي ڏيندو آهي. اجايا بهانا ڪرڻ واري جي ذهن جو انداز اهو هوندو آهي تہ دعوت مان ڪو سبق حاصل ناهي ڪرڻو بلڪ ڪوشش ڪري ڪونہ ڪو وڪڙ ڪڍڻو آهي. "يَبۡغُوۡنَهَا عِوَجًا" (هود آيت 19)[2]

اڳين (اسلاف) جي مقرر ڪيل مذهبيت جا اهي مخالف ماڻهو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان هڪ تہ وري وري اهو پڇندا هيا تہ توهان جيڪڏهن نبي آهيو تہ پوءِ آخر ائين ڇو نٿو ٿئي تہ توهان جي نبي هجڻ جي ڪا واضح نشاني توهان سان گڏ هجي. ڪوئي اهڙو معجزو جنهن کي ڏسڻ وارن جي لاءِ نبوت مڃڻ کان سواءِ وس ئي نہ رهي.[3]

پوءِ اهي ميسوٽيون صورتون ناهي چوندا هيا تہ "لَوۡلَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡنَا الۡمَلٰٓئِكَةُ اَوۡ نَرٰى رَبَّنَا" (اسان ڏانهن ملائڪ ڇو نٿا موڪليا وڃن؟ يا پلا اسان پنهنجي رب کي ڏسون. الفرقان آيت 21) يعني ڊگهي بحث ۽ دليل جي ڪهڙي ضرورت آهي، سنئون سڌو آسمان مان ملائڪن جا ٽولا لهن، اسان جي سامهون گهمندي ڦرندي ڏسڻ ۾ اچن، ۽ الله توهان جي

---

[1] طبقات ابن سعد جي حوالي سان ڏسو سيرت سرورِ عالم از سيد ابوالاعليٰ مودودي ج 2 ص 515.

[2] "اَلَّذِيۡنَ يَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَيَبۡغُوۡنَهَا عِوَجًا" (انهن ظالمن تي جيڪي الله جي رستي کان ماڻهن کي روڪين ٿا، ان جي رستي کي ٽيڏو (وروڪڙوارو) ڪرڻ گهرن ٿا.(سورت هود آيت 19)

[3] "وَقَالُوۡا لَوۡلَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡهِ اٰيٰتٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ" (اهي ماڻهو چون ٿا تہ ان شخص تي ان جي رب جي طرف کان نشانيون ڇو ڪونہ لاٿيون ويون. سورت العنڪبوت آيت 50)

ذريعي پيغام موڪلي پنهنجو پاڻ ڪي مجرائڻ جي بجاءِ خود ئي ڇونہ اسان جي سامهون اچي وجي ۽ اسان ڏسي وٺون تہ اهو آهي اسان جو رب. جهيڙو ئي ختم ٿي وڃي.

وري اُهي اِهو چوندا هيا تہ توهان جيڪو ڪجهہ پيش ڪري رهيا آهيو اهو جيڪڏهن واقعي الله جي طرفان هجي ها تہ گهربو هيو تہ هڪڙو لکيل ڪتاب اسان جي ڏسندي ڏسندي آسمان مان لهي ها. بلڪ توهان پاڻ ڏاڪڻ جي ذريعي ڪتاب وٺي لهو ها ۽ اسان تسليم ڪري ڪنڌ جهڪائي ڇڏيون ها تہ توهان سچا نبي آهيو. انهيءَ سلسلي ۾ هڪڙو اهو سوال بہ ڪيو ويندو هيو تہ قرآن ٿورو ٿورو يا آيت آيت ٿي ڇوٿو نازل ٿئي. سڄو سنئون هڪ مُنو پوري جو پورو ڪتاب ڇو نازل نٿو ٿي وڃي؟ دراصل انهن ڪي اهو نمونو گهڻو ڏکيو لڳندو هيو تہ اهي جيترا سوال ڪندا هيا. جيڪي جيڪي شرارتون ڪندا هيا. جنهن جنهن پهلو مان نقص ڪڍندا هيا ان تي وحي جي ذريعي موقعي جي مناسبت سان تبصرو ٿيندو هيو. ان جو تجزيو ڪيو ويندو هيو. پوري دليل واري زور سان انهن جي مخالفت وارين ڪوشش جون پاڙون ڪوٽيون وينديون هيون.

پوءِ اُهي اِهو بهانو ڪندا هيا تہ توهان گوشت پوست سان تهيل اسان جهڙا انسان آهيو توهان کي بک لڳي ٿي، گذر بسر جي لاءِ محنت ڪيو ٿا، ماني کائو ٿا. گهٽين ۽ بازارن ۾ گهمو ڦرو ٿا. غريبي واري حال ۾ رهو ٿا. توهان سان طرح طرح جون زيادتيون ٿي رهيون آهن. اها ڳالهہ ڪيئن عقل ۾ اچي تہ توهان الله جا پيارا ۽ ان جا پروسي وارا نمائندا ۽ دنيا جي سڌاري (اصلاح) جا ذميوار بڻائي موڪليا ويا آهيو. توهان جيڪڏهن واقعي اهڙا چونديل نمائندا هجو ها تہ ملائڪ توهان جي اڳيان اڳيان "هٽو پري ٿيو" جي صدا لڳائيندي باڊي گارڊ ٿي گڏ هلن ها. جيڪو گستاخي ڪري ها ڏنڊي سان ان جو مٿو ڦاڙي ڇڏين ها. توهان جو اهڙو شان ڏسي هر ماڻهو بنا چون چرا جي مڃي وڃي ها تہ الله جو پيارو آهي ۽ نبي آهي. ايترو ئي نہ. توهان جي لاءِ آسمان مان خزانو لهي ها ۽ ان خزاني جي ٻل تي توهان شاهاڻي شان و شوڪت سان عيش جي زندگي گذاري رهيا هجو ها. توهان جي رهڻ جي لاءِ سون جو ٺهيل هڪڙو محلات هجي ها. توهان جي لاءِ ڪو چشمو جاري ٿئي ها. ڪو درياءَ وهايو وڃي ها. توهان وٽ ميون جو ڪو اعليٰ درجي جو باغ هجي ها. آرام سان ويٺي ان جي ڪمائي کائو ها. ان رنگ ڍنگ سان توهان نبوت جي دعوا ڪري اٿو ها تہ اسان سيئي اکين سان مڃون ها تہ واقعي هي ڪا زماني جي چونديل ۽ مقبول رباني هستي آهي. ان جي برخلاف حال اهو آهي تہ اسان ڇا مال ملڪيت جي لحاظ کان، ڇا اولاد جي لحاظ کان توهان کان گهڻو گهڻو اڳتي آهيون. ۽ توهان جو جيڪو حال آهي، اهو بہ سامهون آهي. صرف توهان اڪيلا نہ پر توهان جي، چوڌاري جيڪي ماڻهو گڏ ٿيا آهن اهي سڀ اهڙا ماڻهو آهن. جيڪي اسان جي معاشري (سوسائٽي) جي سڀ کان هيٺين طبقي سان تعلق رکن ٿا. گهٽ عقل ۽ گهٽ علم وارا

آهن. توهان سيني کي اسان جي مقابلي ۾ فضيلت جو ڪوبہ سبب حاصل ڪونهي. ڀلا، اي محمد! (ﷺ) اهڙي حالت ۾ ڪوئي عقلمند ماڻهو توهان کي ڪيئن نبي مڃي!

تنهن ڪري حالت اها هئي تہ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جتان بہ گذرندا هيا تہ چٿرون ڪيون وينديون هيون تہ "اَهٰذَا الَّذِیْ بَعَثَ اللّٰهُ رَسُوْلاً" (* (چون ٿا) ڇا اهو شخص آهي جنهن کي الله رسول ڪري موڪليو آهي. الفرقان آيت 41) يعني آڱريون سڌيون ڪري ۽ اشارا ڪري غنڊن وانگر مذاق ڪرڻ وارا مڪي جا رهاڪو چوندا هيا تہ ذرا ان صاحب کي ڏسو اهو آهي جنهن کي الله رسول مقرر فرمايو آهي! الله کي انسان جي ڪنهن ٻچڙي کان رسالت جو ڪم وٺڻو ئي هيو تہ ڇا ٻچي سچي اهوئي ماڻهو رهجي ويو هيو! ڪهڙي تہ سٺي چونڊ آهي. اهڙي طرح اسلامي تحريڪ جي علمبردارن تي مجموعي حيثيت ۾ اهو فقرو ٺوڪيو ويندو هيو تہ "اَهٰٓؤُلَآءِ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنْۢ بَيْنِنَا" (الانعام آيت 53) ڇا اهي ئي آهن اهي معزز هستيون جن کي الله خاص مرتبن سان نوازڻ جي لاءِ اسان منجهان چونڊي ورتو آهي.

وري چيو ويندو هيو تہ اي محمد! (ﷺ) اهو عذاب جنهن جون روز روز تون ڌمڪيون ڏين ٿو ۽ جنهن جي ذريعي پنهنجو رعب ڄمائڻ گهرين ٿو اهو ڪٿي ڇو نٿو اچين؟ "مَا يَحْبِسُهٗ" ان کي آخر ڪهڙي ڳالهہ روڪي رکيو آهي؟ چيلينج ڪري چوندا هيا تہ "فَاَسْقِطْ عَلَيْنَا كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ" (الشعراءِ آيت 187) تون آسمان جو ڪو ٽڪرو ڇو نٿو ٽوڙي ڪيرائين. اسان جهڙن نافرمان ڪافرن تي؟ جيڪڏهن تون سچو آهين تہ اسان کي ختم ڪري ڇڏ. طنزيہ طور دعا ڪندا هيا تہ "اللّٰهُمَّ اِنْ كَانَ هٰذَا هُوَ الْحَقَّ مِنْ عِنْدِكَ فَاَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ اَوِ ائْتِنَا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ" (* اي خدا! جيڪڏهن تنهنجي طرف کان اهو واقعي حق آهي تہ اسان تي آسمان مان پٿر وساءِ يا اسان تي ڪو دردناڪ عذاب ڪٺي اچ. سورت الانفال آيت 32)

پوءِ اهي اڳين (اسلاف) جي دين جا ٺيڪيدار اهو نڪتو ڪيندا هيا تہ اي محمد! (ﷺ) جڏهن تون ٻڌائين ٿو تہ الله قادر ۽ اختيار وارو آهي ۽ قهار ۽ جبار آهي تہ اهو اسان کي پنهنجي طاقت جي زور تي هدايت جي رستي تي ڇو نٿو هلائي. جنهن رستي تي هلڻ لاءِ تون اسان کي چوين ٿو. اهو اسان کي موحد ۽ نيڪ ڏسڻ گهري ٿو تہ پوءِ اسان کي موحد بڻائي ۽ نيڪي تي هلائي، ان کي ڪنهن روڪيو آهي. اهو اسان کي بتن کي پوڄڻ نہ ڏئي. اهو اسان کي بدعقيده ٿيڻ نہ ڏئي. جڏهن اهو ائين نٿو ڪري، بلڪ اسان کي محبوب رکي ٿو ۽ اسان جي موجوده رَوَش ان کي گوارا آهي تہ پوءِ وچ ۾ تون دخل ڏيڻ وارو ڪير ٿيندو آهين. مدعي سست، گواهہ چست واري ڳالهہ آهي.

اهڙي طرح اهي قيامت جو مذاق اڏائيندا هيا ـــ وڏي ڊرامائي انداز ۾ معلوم ڪندا هيا تہ ذرا اهو تہ ٻڌايو تہ اهو حادثو ڪڏهن واقع ٿيڻ وارو آهي؟ "مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ" (الملڪ

آيت 25) ڪجھ اتو پتو پڌايو تہ ان اعلان کي ڪڏهن پورو ٿيڻو آهي؟ "اَيَّانَ مُرْسٰهَا" قيامت ڪڏهن اچڻ واري آهي؟ ڇا ڪا تاريخ ۽ ڪو وقت مقرر ڪونہ ٿيو آهي؟

انهن ڪجھ مثالن مان جن جو تفصيل قرآن و حديث ۽ سيرت و تاريخ جي ڪتابن مان ملي ٿو اندازو ڪيو تہ دنيا جي سڀ کان وڏي محسن ۽ انسانيت جي عظيم ترين خير خواھ کي ڪھڙي ماحول سان منهن ڏيڻو پئجي ويو هيو. نهايت بيهودي مذاق ڪرڻ وارا ماڻهو چئني طرفن کان طعنن واري ڍنگ سان اوڙاپي تي جملا چئي رهيا آهن. مناظري واري انداز ۾ سوال ٺاهي ٺاهي پڇي رهيا آهن ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جيڪي نڪتہ چيني ڪرڻ وارن جي هجوم ۾ نهايت ئي شريفاڻي ۽ مُهذب ۽ ٿڌي ۽ سنجيده انداز سان پنهنجي دعوت تي دليل پيش ڪري رهيا آهن, جواب ۾ ڪا مذاق ڪونہ ٿا ڪن, طعنا ڪونہ ٿا ڏين, مناظري وارو رويو اختيار ڪونہ ٿا ڪن, ڪاوڙ ۾ ڪونہ ٿا اچن, ليڪن هڪڙي گھڙي لاءِ بہ دليل جو محاذ ۽ دعوت جو ميدان ڇڏي پوئتي ڪونہ ٿا هٽن.

ٺٺول ۽ اجاين بهانن جي ان طوفان مان گذرندي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي نفسياتي اذيت جون جيڪي گھڙيون گذريون آهن ۽ جھڙي طرح پاڻ سڄورا تڙپيا ۽ بيقرار ٿيا آهن, ان سموري احوال جو قرآن شريف ۾ پورو پورو عڪس ملي ٿو. عالم بالا جي طرف کان يقين دهاني ڪئي ويجي ٿي, الله تعاليٰ پنهنجن جملن سان پاڻ سڪون جو سامان مهيا ڪري ٿو ۽ گڏوگڏ ان مرحلي مان گذرڻ جي لاءِ باربار هدايت ڪئي ويجي ٿي. مثال طور هڪڙي جامع هدايت هي آئي تہ "خُذِ الْعَفْوَ وَاْمُرْ بِالْعُرْفِ وَاَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ" (۞ اي نبي! نرمي ۽ درگذر وارو رويو اختيار ڪر, معروف جي تلقين ڪندو رھ ۽ جاهلن سان نہ اُلجھ. الاعراف آيت 199) يعني اعصابن کي جنجھوڙي ڇڏڻ واري ۽ دل ۽ جگر کي چيري ڇڏڻ واري ان دور جي لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ٽن حالتن لاءِ پابند ڪيو ويو. هڪ اهو تہ بد زبانن کان بي نيازي جو طريقو اختيار ڪيو وڃي, ٻيو تہ حق جي ڳالھ چوڻ واري ذميواري هرحال ۾ پوري ڪئي وڃي. ٽيون تہ ڪميڻن, بداخلاق ۽ جاهل ماڻهن جي پٺيان پوڻ جي ضرورت ڪونهي!

قرآن شريف ۽ تاريخ, ٻئي شاهد آهن تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن هدايتن جي حدن کان هڪڙي وار جيترو بہ قدم اڳتي پوئتي ڪونہ ڪيو ۽ پورو دور گذاري ڇڏيو. پنهنجي جان ڳاري ۽ پنهنجي سيني ۾ پوست محسوس ڪئي (۞ "فَلَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ" چڱو تہ اي نبي! شايد تون انهن (ڳالهين) جي پٺيان ڏک ڪري پنهنجي جان ڳارڻ وارو آهين. الڪهف آيت 6) ليڪن نہ پنهنجي زبان ۾ ڪو بگاڙ اچڻ ڏنو نہ پنهنجي دعوت ڏيڻ واري ڪردار جي بلندي ۾ فرق اچڻ ڏنو نہ دليل ڏيڻ واري سنجيدگي ۾ گهٽتائي گوارا ڪئي! ... الله جون رحمتون ۽ برڪتون نازل ٿين پاڻ سڳورن

جي روح پرنور تي ۽ پاڻ سڳورن جي تابعداري ڪندڙن تي! ائين انهن اجاين بهانن ۾ جتي بہ ڪو استدلال ..... پلي اهو ڪيتري بہ گهٽ درجي جو ڇو نہ هيو..... ڏٺو ويو تہ ان جو پاڻ سڳورن جي زبان سان وحي الاهي پورو پورو صفايو ڪري ڇڏيو.

## دليل:

ٺٺول، گارگند ڪرڻ ۽ اجاين بهانن جي حملن دوران ڪڏهن ڪڏهن قريشين کي سوچ ويچار سان ڪو عقلي قسم جو دليل بہ هٿ اچي ويندو هيو. مگر اهڙي عقلي دليل بازي جو تناسب مخالفت واري پوري هنگامي ۾ اٽي ۾ لوڻ جي برابر هيو. ڪجهہ مثالن تي غور ڪيو:

اهڙي هڪڙي ڳالهہ اُها چوندا هيا تہ اسان بتن کي الله تعاليٰ جي مقام تي ڪڏهن ٿا رکون. اسان تہ صرف اهو چئون ٿا تہ اهي جن بزرگن جي روح جو مظهر آهن. اهي الله جي دربار ۾ اسان جي لاءِ سفارش ڪرڻ وارا آهن ۽ انهن بتن جي آڏو سجدو ۽ قرباني ڪري اسان صرف الله جي حضور ويجهڙائي حاصل ڪرڻ گهرون ٿا.

اهڙي طرح هڪڙي ڳالهہ اِها چوندا هيا تہ اسان جي نظر ۾ زندگي صرف هن دنيا جي زندگي آهي. پيو ڪو جهان پيش اچڻ وارو ڪونهي ۽ نہ ئي اسان کي پيهر زندهہ ڪيو ويندو. پوءِ اسان هڪڙي اهڙي دين کي ڇو مڃون جيڪو ڪنهن بہ دنيا جو تصور ڏياري هن دنيا جي مفاد ۽ ان جي مزن کان اسان کي محروم ڪرڻ گهري ٿو.

وري اهي هڪڙي ڳالهہ اها چوندا هيا تہ جيڪڏهن اسان محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي دعوت کي مڃي وٺون ۽ موجوده مذهبي ۽ معاشرتي نظام کي ٽُٽڻ ڏيون ۽ پنهنجي قائم ٿيل تسلط کي ختم ڪيون تہ پوءِ تہ اسان مان هڪڙي هڪڙي ماڻهوءَ کي ڏينهن ڏٺي جو چوندي چوندي اغوا ڪري ڪٽي ويندا. "وَقَالُوٓا اِنۡ نَّتَّبِعِ الۡهُدٰى مَعَكَ نُتَخَطَّفۡ مِنۡ اَرۡضِنَا" (* اهي چون ٿا. جيڪڏهن اسان توسان گڏ ان هدايت جي پيروي اختيار ڪريون تہ پنهنجي زمين مان اغوا ڪيا ويندا سين. القصص آيت 57)

انهي معاملي ۽ واقعي کي بيان ڪرڻ لاءِ ٿلهي ليکي اهي بہ ٽي مثال پيش ڪيا ويا آهن تہ شرارتن ۽ بي حيائين جي وچ ۾ اهي ڪجهہ دليل بازي بہ ڪندا ويندا هيا. ليڪن ان دليل بازيءَ جو تاڃي پيٽو قرآن شريف اڌيڙي ڏيکاري ڇڏيو هيو ۽ هر موقعي تي ان جون تڳڙيون اڏنديون رهنديون هيون.

## غنڊا گردي:

ٺٺول، چٽر وارا لقب ڏيڻ ۽ گارگند ڪرڻ واري اها مهم قريشين جي مخالفت واري جنون جي تيز ٿيڻ سان گڏوگڏ غنڊا گردي جو رنگ اختيار ڪندي پئي وئي. منفي شرارت جا علمبردار جڏهن ٺٺول ۽ گارگند کي ناڪام ٿيندو ڏسندا آهن تہ پوءِ انهن جو اڳيون قدم هميشہ غنڊا گردي جو هوندو آهي. مڪي وارن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ

وآلہ وسلم کي مجبور ڪرڻ جي لاءِ اهي ڪميڻيون حرڪتون ڪيون آهن جو صاحبِ رسالت کان علاوه ڪوئي ٻيو داعي هجي ها تہ وڏي کان وڏي اولوالعزمي جي باوجود ان جي همت جواب ڏئي وڃي ها ۽ اهو قوم کان مايوس ٿي ويهي رهي ها. ليڪن رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شرافت ۽ سنجيدگي غنبا گڙدي جي چڙهيل درياء مان بہ دامن جي پاڪائي کي ڪنول وانگر صحيح سلامت ڪنيون، اڳتي ئي اڳتي وڌندي پئي وئي.

اهي حرڪتون جيڪي بلڪل روزمره جي ڪِرت ٿي ويون هيون، اهي هيون تہ پاڻ سڳورن جي محلي وارا پاڙيسري جيڪي وڏا وڏا سردار هيا وڏي بندوبست سان پاڻ سڳورن جي رستي ۾ ڪنڊا وڇائيندا هيا. نماز پڙهڻ وقت گوڙ ڪندا هيا ۽ ٺهڪ ڏيندا هيا، عين سجدي جي حالت ۾ جانورن جون اوجهريون ڪٽي اچي مٿان رکندا هيا، چادر کي ويڙهي ڳچي کي گُهٽو ڏيندا هيا، محلي جي ڇوڪرن کي پٺيان لڳائيندا هيا تہ تاڙيون وڄائين ۽ هل هنگامو ڪن. قرآن شريف پڙهڻ جي حالت ۾ پاڻ سڳورن کي ۽ الله تعاليٰ کي گاريون ڏيندا هيا.

ان معاملي ۾ ابولهب سان گڏ ابولهب جي زال بہ اڳ کان اڳري هئي. اها بنا ساهي جي ڪيترن سالن تائين پاڻ سڳورن جي رستي ۾ غلاظت ۽ گند ڪچرو ۽ ڪنڊا گڏ ڪري اچي وڇائيندي هئي ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم روزانو وڏي محنت سان رستو صاف ڪندا هيا. پاڻ سڳورن کي ان بدبخت ايترو گهڻو پريشان ڪري ڇڏيو جو الله تعاليٰ پاڻ سڳورن جي دلاسي لاءِ هي خوشخبري ٻڌائي تہ مخالف محاذ جي اِن اڳواڻ (ليڊر) جي مڙس جا ايذا پهچائيندڙ هٿ ڀڄڻ وارا آهن ۽ خود اها مائي بہ دوزخ جي حوالي ٿيڻ واري آهي.

هڪڙو دفعو الله جا رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حرم ۾ نماز پڙهڻ ۾ مصروف هيا تہ عُقبہ بن ابي مُعيط سندن ڳچي ۾ چادر ويڙهي ۽ گهڻو سوڙهو ڪري گُهٽو ڏنو ايستائين جو پاڻ سڳورا ساٿا ٿي گوڏن ڀر ڪري پيا.[1] ان ئي ماٺهوءَ هڪڙو ٻيرو نماز جي حالت ۾ پاڻ سڳورن تي اوجهري بہ وڌي هئي.

هڪڙو دفعو پاڻ سڳورا رستو وٺيون پئي ويا تہ ڪنهن نياڳي مٽي تي مٽي وجهي ڇڏي. اهو صبر ۽ استقامت جو مجسمو ان ئي حالت ۾ ماٽ ميٽ ۾ گهر پهتو. معصوم ٻچڙي فاطمہ الزهرا سلام الله تعاليٰ عليها ڏٺو تہ پاڻ سڳورن جو مٿو بہ ڌوئيندي پئي وئي ۽ ڏک جي شدت کان روئي بہ رهي هئي. پاڻ سڳورن ان پٽڪڙي وجود کي تسلي ڏني تہ "ابي جي جان! روءِ نہ، الله تنهنجي پي کي بچائيندو."[2]

---

[1] سيرت النبي: علامہ شبلي ج 1 ص 162

[2] ساڳيو.

هڪڙي ڀيري پاڻ سڳورا حرم ۾ نماز ۾ مشغول هيا ته ابوجهل ۽ ڪجهه ٻين قريشي سردارن جي نظر پئجي وئي. ابوجهل چوڻ لڳو: "ڪاش هن وقت ڪوئي وڃي ۽ اُٺ جو اوجهه غلاظت سميت کڻي اچي ته جيئن ئي محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) سجدي ۾ وڃي ته ان جي ڪنڌ مٿان رکي ڇڏي" عتبه چيو ته اهو ڪم ڪرڻ لاءِ مان حاضر آهيان. اهو اوجهه کڻي آيو. انهن سردارن جي گندا گڙدي واري ذوق واقعي ان اوجهه کي پاڻ سڳورن مٿان سجدي جي حالت ۾ وجهي ساهه پٽيو. هاڻي وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي کِلي رهيا هيا. حضرت فاطمه الزهرا سلام الله تعاليٰ عليها کي اطلاع ٿيو ته پاڻ ڊوڙنديون آيون ۽ پاڪباز پيءُ جي معصوم ٻارڙي اهو غلاظت وارو سمورو بار پاڻ سڳورن جي مٿان هٽايو ان سان گڏ عقبه کي پٽ پاراتا به ڏينديون پئي وئي.[1]

اهو هيو جواب ان خيرخواهي واري نصيحت جو ته هڪڙي الله کي مڃو سچائي ۽ انصاف تي هلو يتيمن ۽ مسافرن جي سرپرستي ڪيو!

گندا وچائي چاهيو ويو ته حق جي تحريڪ جو رستو روڪجي.

گندگي اڇلائي ڪوشش ڪئي وئي ته توحيد ۽ حسنِ اخلاق جي پيغام جي پاڪيزگي کي ختم ڪري ڇڏجي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي بار هيٺ دٻائي اها توقع ڪئي وئي ته بس هاڻي سچائي گر کڻي ڪونه سگهندي.

پاڻ سڳورن جي ڳچي ۾ گُهٽو ڏئي اهو خيال ڪيو ويو ته بس هاڻي وحي الاهي جو آواز بند ٿي ويندو. جنهن انسان جو گندن سان استقبال ڪيو ويو اهو لاڳيتو گُل وَسائيندو رهيو! جنهن جي مٿان گندگي اڇلائي وئي، اهو معاشري تي مسلسل مشڪ ۽ عنبر ڇٽيندو رهيو! جنهن تي بوجهه وڌا ويا، اهو انسانيت جي ڪنڌ تان لاڳيتو باطل جا بوجهه لاهيندو رهيو. جنهن جي ڳچي کي گُهٽو ڏنو ويو اهو تهذيب جي گردن کي رسمن جي ڦندن مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي لاءِ مصروف رهيو.

غنڊه گردي هڪڙي گهڙي لاءِ به نوس شرافت جو رستو روڪي نه سگهي! ـــــ ۽ شرافت جيڪڏهن اصل ۾ نوس ۽ عزم واري هجي ته انساني تاريخ جا اٽل قانون مقابلي ۾ اچڻ واري شديد کان شديد غنڊه گڙدي جو مٿو ڇٽي ڇڏيندا آهن.

## حمايتين کي ٽوڙڻ جي ڪوشش:

حق جي دعوت جا مخالف پاڻي مٿي تان گذرندو ڏسندا آهن ته اها مهم شروع ڪندا آهن ته تحريڪ يا ان جي قائد ۽ علمبردارن کي معاشري (سوسائٽي) ۾ هر قسم جي موثر حمايت ۽ همدردي کان محروم ڪرائي ڇڏجي. سڌو سنئون اثر نه وجهي سگهجي ته ڪنهن واسطي واري طريقي سان دٻاءُ وجهي تبديلي جي سپاهين کي بيوس ڪري ڇڏجي.

---

[1] سيرت النبي: علامه شبلي ج 1 ص 186

مڪي وارن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي هٿ کڻڻ گهريو ٿي پر ان ڳالھ کان ڊنا ٿي تہ قبائلي دشمني ڪري رتوڇاڻ جي اهڙي بازار گرم ٿي ويندي جو ڪنهن جي روڪڻ سان روڪجي ڪونہ سگهندي ۽ ماضي قريب ۾ هڪڙي همهگير لڙائي انهن کي اهڙو جنجهوڙي چڪي هئي جو اهي اهڙي هڪڙي ٻي لڙائيءَ جي لاءِ تيار ڪونہ هيا. وچ ۾ هڪڙو وڪڙ پيو بہ اچي پيو هيو. بنوهاشم ۽ بنواميہ جي وچ ۾ پراڻي مخالفت هئي. بنواميہ جا سردار اهو ڪڏهن بہ گوارا نٿي ڪري سگهيا تہ بنوهاشم جي گهراڻي جي هڪڙي شخص جي نبوت هلي ۽ اهڙي طرح انهن جي ڌاڪ ڄمي وڃي. تنهن ڪري بنوهاشم وارن بہ هڪ ہ پيرا اهو ارادو ڪيو تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) اسان جو آهي ۽ ان جي وڏائي ۽ ان جي دين جو فروغ اسان جي لاءِ ئي خير ۽ برڪت جو سبب ٿيندو. تنهن ڪري ڇو نہ اسان کُلي ساٿ ڏيون. مگر بنواميہ جي ليڊرن انهن کي ان ارادي کان باز رکڻ لاءِ هميشہ زور استعمال ڪيو. بنوهاشم مثبت طور تي تہ ڪجھ ڪري ڪونہ سگهيا. ليڪن انهن جي هڪڙي پاتي تي هٿ کڻڻ. بهرحال، آسان ڪونہ هيو. جيستائين اهي ان کي پنهنجي برادري جي حلقي مان ڪڍي نہ ڇڏين. هوڏانهن حق جي دعوت ڏيڻ وارو پنهنجي چاچي جناب ابوطالب جي سرپرستي ۾ هيو ۽ جيستائين اها سرپرستي قائم هئي، جڻ پوري هاشمي قبيلي جي حمايت حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گڏ هئي.

دعوت جي مخالفن هاڻي سمورو زور ان ڳالھ تي لڳائي ڇڏيو تہ ڪنهن طريقي سان جناب ابوطالب تي دٻاءِ وجهي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ان جي سرپرستي کان محروم ڪري ڇڏجي. دٻاءِ وجهڻ جو اهو سلسلو گهڻي وقت تائين جاري رهيو مگر مخالفن کي هر پيري ناڪامي ٿي. صرف هڪڙو ابولهب اهڙو سنگدل هيو جيڪو بغض ۽ دشمني جي باھ کي پڙڪائيندو رهيو.

ربيعہ جا ٻئي پٽ عُتبہ ۽ شيبہ، ابوسفيان بن حرب، ابوالبختري، اسود بن عبدالمطلب، ابوجهل، وليد بن مغيره، حجاج بن عامر جا ٻئي پٽ نُبيہ ۽ مُنبہ ۽ عاص بن وائل جهڙن سردارن جو هڪڙو طاقتور وفد حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي چاچي وٽ اچي ٿو. اهي ماڻهو پنهنجو مقصد هيئن بيان ڪن ٿا:

> "اي ابوطالب! تنهنجو ڀائٽيو اسان جي خدائن ۽ ديوتائن کي گاريون ڏئي ٿو اسان جي مذهب مان عيب ڪڍي ٿو اسان جي وڏن کي بيوقوف سڏي ٿو ۽ اسان جي اڳين (اسلاف) کي گمراھ ڄاڻائي ٿو هاڻي يا تہ تون ان کي اسان جي خلاف اهڙيون زيادتيون ڪرڻ کان روڪ، يا تون اسان جي ۽ ان جي وچ مان نڪري وڃ. ڇو تہ تون بہ (عقيدي ۽ مسلڪ جي لحاظ کان) اسان وانگر ان جو مخالف آهين. ان جي جاءِ تي اسان تنهنجي لاءِ ڪافي هونداسين." (ابن هشام ج 1 ص 227)

جناب ابو طالب رضہ سموري گفتگو ٿڌي دل سان ٻڌي ۽ نرمي سان سمجھائي معاملو ٺاري ڇڏيو ۽ وفد کي واپس روانو ڪري ڇڏيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي دستور مطابق مشن جي خدمت ۾ لڳا رهيا ۽ قريشن جي پيٽ ۾ وڪڙ پوندا رهيا! وفد وارن جي ان تقرير کي غور سان پڙهو ان ۾ گهٽي گهري جذباتيت پاتي وڃي ٿي. ان ۾ گهٽي زوردار اپيل آهي ۽ خاص ڳالھ اها آهي تہ ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ حق جي مخالفن عوامي ماحول ۾ اشتعال پيدا ڪرڻ جو خاص بندوبست ڪري رکيو هيو. اهڙا نعرا ۽ الزام پکيڙي ڇڏيا هيا تہ جن کي ٻڌڻ سان ئي عام ماڻھو آپي مان ٻاهر نڪري وڃن ۽ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف هڪڙي اشتعال واري حالت ۾ مبتلا ٿي وڃن. مذهبن جي تاريخ ۾ جڏهن بہ حق جي خلاف محاذ کڙو ڪيو ويو آهي تہ ماڻهن ۾ اشتعال پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪجھ مغالطي وارا تاثرات انهن کي ضرور ڏنا ويا آهن.

هڪڙو اهو تہ توهان جي عقيدت کي مجروح ڪيو پيو وڃي ۽ توهان جي پيارن کي گاريون ڏنيون پيون وڃن.

ٻيو اهو تہ قديمي ۽ آبائي مذهب ۾ عيب ڪڍيا پيا وڃن.

ٽيون اهو تہ بزرگن ۽ اڳين (اسلاف) جي توهين ڪئي وڃي ٿي.

اشتعال پيدا ڪرڻ جا اهي حربا هيا جن کي مڪي جا ڪافر ۽ مشرڪ ميدان ۾ آڻي چڪا هيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي الهامي پيغام ۾ توڙي جو ڪڏهن بہ قريشين جي خدائن کي گار ڪونہ ڏني وئي، ليڪن انهن کي معبود بڻائڻ جي خلاف جيڪي دليل پيش ڪيا ويا انهن کي پروپيگنڊا جي رنگ ۾ رنڱي گارين جو عنوان ڏنو ويو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪڏهن بہ قوم جي سامهون انهن بزرگن ۽ اڳين (اسلاف) جي توهين ڪونہ ڪئي. صرف اهو چيو تہ ڪنهن شي کي رڳو انڌي بنياد تي سيني سان لڳائي رکڻ تہ اها اڳ ۾ ئي هلندي پئي اچي ڪا عقل واري رَوش ڪونهي، ليڪن بدگماني جي تيزاب ۾ غوطو هڻي اها ڳالھ اسلاف جي توهين واري نعري ۾ ڍلجي وئي. اهڙي طرح حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم توحيد جي صداقت ۽ شرڪ جي ترديد ۾ جيڪو بہ دليل پيش ڪيو ۽ مخالفن جي ئي طرف کان سوال جواب ڪرڻ تي مروجہ مذهبيت جي باري ۾ جيڪي تبصرا ڪيا اهي قديمي مذهبيت ۾ عيب ڪڍڻ واري الزام جو بنياد بڻيا.

وري ٻيو وفد اچي ٿو. اهو ئي ساڳيو روئڻو روئڻ ٿا.

"اي ابو طالب! توهان اسان جي وچ ۾ عمر، شرف ۽ قدروقيمت جي لحاظ کان هڪڙو وڏو درجو رکين ٿو. اسان مطالبو ڪيو هيو تہ پنهنجي ڀائٽي کان اسان کي بچاءِ، ليڪن تو ايئن ڪونهي ڪيو. خدا جو قسم، جيئن اسان جي ابن ڏاڏان کي گاريون ڏنيون وڃن ٿيون، جنهن نموني سان اسان جي بزرگن کي بيوقوف سڏيو وڃي ٿو ۽ جهڙي طرح اسان جي معبودن تي آڱر کنئي وڃي ٿي،

ان کي اسان برداشت ڪري ڪونہ ٿا سگھون ..... يا تہ تون ان کي ان ڳالھہ کان باز رک يا وري اسان ان سان بہ ۽ توسان بہ نبري وٺنداسين. ايستائين جو ھڪڙي ڌر جو خاتمو ٿي وڃي." (سيرت ابن هشام ج 1 ص 108)

جناب ابو طالب حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي سڏرايو ۽ سموري ماجرا بيان ڪئي. پوءِ منٿ ڪندي چيائين تہ ڀائٽيا! مون تي ايترو بار نہ رک جنھن کي کڻڻ منھنجي وس کان ٻاھر هجي. ھاڻي اھڙي صورتحال ٿي وئي هئي جو پيرِ رکڻ جي سهاري لاءِ جيڪو ھڪڙو پٿر ھيو اھو بہ لڏي لمي رهيو هيو. ظاهري طور تحريڪ جي لاءِ انتهائي خطرناڪ وقت اچي ويو هيو ليڪن ٻئي طرف ان سچي جذبي ۽ ان مجاهداڻي عزم کي ڏسو جنھن سان سرشار ٿي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ھي جواب ڏين ٿا:

"چاچا سائين! الله جو قسم. اهي جيڪڏھن منھنجي ساڄي هٿ تي سج ۽ کاٻي هٿ تي چنڊ رکي گھرن تہ ان مقصد (مشن) کي ڇڏي ڏيان تہ مان ان کان مُڙي ڪونہ سگھندس. ايستائين جو يا تہ الله تعاليٰ ان مشن کي غالب ڪري ڇڏي يا مان ان جدوجهد ۾ ختم ٿي وڃان." (سيرت ابن هشام ج 1 ص 278)

هتي اها اصل طاقت ڳالهائي رهي آهي جيڪا تاريخ کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيندي آهي ۽ مزاحمتن ۽ شرارتن کي ڪچليندي پنھنجي نصب العين تي وڃي پهچندي آهي. افسوس تہ قريشي ان طاقت جي راز کي سمجھي ڪونہ سگھيا! جناب ابو طالب ان طاقت جي ڪشش کان متاثر ٿي چوي ٿو. "ڀائٽيا! وڃ، توکي جيڪو پسند آهي ان جي دعوت ڏي، مان ڪنھن بہ ڳالھہ جي ڪري توکي ڪونہ ڇڏيندس."

ھڪڙو ٻيو وفد عماره بن وليد کي ساڻ وٺي وري اچي ٿو. ھاڻي اهي ماڻھو ھڪڙي ٻئي منصوبي سان اچن ٿا. جناب ابوطالب کي چون ٿا تہ ڏس ھي عماره بن وليد آهي جيڪو قريشين مان ھڪڙو مضبوط ۽ نهايت خوبصورت جوان آهي، اهو تون وٺ. ھن جو عقل ۽ هن جي طاقت تنھنجي ڪم ايندا. ان کي پنھنجو پٽيلو بڻاءِ ۽ ان جي عيوض ۾ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي اسان جي حوالي ڪر. جنھن تنھنجي ۽ تنھنجن ابن ڏاڏن جي دين جي مخالفت شروع ڪري رکي آهي ۽ تنھنجي قوم جي ٻڌي کي درهم برهم ڪري ڇڏيو آهي. انھن جي بزرگن کي بيوقوف سڏيو آهي، اسان ان کي قتل ڪرڻ گھرون ٿا. سنئون سڌو اسان ھڪڙي ماڻھوءَ جي بدلي ۾ ٻيو ماڻھو توکي ڏيون ٿا.

انھن ماڻھن جي طرز فڪر تي ڪجھہ غور ڪيو! ڇڻ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جھڙي عظيم هستي ڪوئي واپار جو مال هجي، ڪا مٽا سٽا ڪرڻ واري جنس هجي ۽ جناب ابو طالب پاڻ سڳورن جو چاچو نہ هجي ڪوئي سوداگر هيو. وفد جي گفتگو ٻڌي يقينن جناب ابوطالب جي جذبن تي وڏي چوٽ لڳي ۽ چيو تہ توهان اهو گھرو ٿا تہ توهان جي پٽ کي تہ مان وٺي کارائي پياري وڏو ڪيان ۽ منھنجي پٽ کي توهان وٺي وڃي تلوار جي حوالي ڪيو. قيامت تائين ائين نٿو ٿي سگھي. معاملو وڌي

ويو. ڪشمڪش وارو ماحول وڌيڪ گرم ٿي ويو ۽ خود وفد وارا پنهنجي صلاح ۾ متفق ڪونہ ٿيا.

هاڻي قريشين حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ساٿين تي سختيون ڪرڻ جي لاءِ انهن مڙني قبيلن کي هُشي ڏيڻ شروع ڪئي. جن مان ڪوئي شخص اسلامي تحريڪ ۾ شامل هيو. ظلم ٿيڻ لڳا. اسلام کان هٽائڻ جي لاءِ ڏاڍ ۽ تشدد ڪرڻ کان ڪم وٺڻ شروع ڪيائون. ليڪن الله پنهنجي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي جناب ابوطالب جو سهارو ڏئي بچائي رکيو هيو. جناب ابو طالب قريشين جا بگڙيل تيور ڏسي بنوهاشم ۽ بنو مطلب جي سامهون حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پٺڀرائي ڪرڻ جي اپيل ڪئي. ماڻهو گڏ ٿيا ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حمايت لاءِ تيار ٿي ويا. مگر ابولهب سخت مخالفت ڪئي ۽ ڳالهہ طي ڪونہ ٿي سگهي.

اڳتي هلي جڏهن حق جي تحريڪ مخالفن جي صفن مان حمزه رضہ ۽ عمر رضہ جهڙين ہن هستين کي پنهنجو ڪري ورتو تہ اندر سڙڻ جي نئين لهر اٿي. محسوس ڪيو ويو تہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هَلايل هوا تہ هاڻي گهرگهر ۾ هبڪار ڪري رهي آهي، ڪجهہ ڪرڻ کپي. اهي ماڻهو جناب ابو طالب جي بيماري جي حالت ۾ وري اچي پهتا. هاڻي اسڪيم اها هئي تہ معاهدو ٿي وڃي. وفد چيو تہ "جيڪا صورت ۽ حالت آهي ان کان توهان واقف آهيو. پنهنجي ڀائٽي کي سڏرايو ان جي باري ۾ اسان کان واعدو وٺو ۽ اسان جي باري ۾ ان کان واعدو وٺي ڏيو. اهو اسان کان ڪنارو ڪري، اسان ان کان ڪنارو ڪنداسين. اهو اسان سان ۽ اسان جي مذهب سان واسطو نہ رکي، اسان ان سان ۽ ان جي مذهب سان واسطو نہ رکنداسين." رسول پاڪ کي سڏرايو وڃي ٿو ڳالهہ ٻولهہ ٿئي ٿي ۽ پاڻ سڳورا پورو مطالبو ٻڌڻ کان پوءِ جواب ڏين ٿا. "كَلِمَةٌ وَاحِدَةٌ تُعْطُوْنِيْهَا تَمْلِكُوْنَ بِهَاالْعَرَبَ وَ تَدِيْنُ لَكُمْ بِهَاالْعَجَمُ"[1] يعني اي قريش جا سردارو منهنجي هن هڪڙي جملي (ڪلمي) کي مڃو تہ پوءِ عرب ۽ عجم سڀ توهان جي حڪم هيٺ هوندا.

ذرا تصور ڪيو! ساهہ سڪائيندڙ ماحول کي، تڙپائيندڙ شرارتن ۽ مخالفتن سان ڀريل فضا کي، ۽ پوءِ سوچيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي پنهنجي دعوت جي زور ۽ ان جي ممڪن هجڻ جو ڪيترو گهرو شعور ۽ يقين هيو جڏهن اونداهي رات ۾ بيهي پاڻ سڳورا قطعيت سان فرمائي رهيا هيا تہ هاڻي سج نڪرڻ وارو آهي. وري اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکو تہ پنهنجي جملي (ڪلمي) جو صرف مذهبي نہ بلڪ سياسي ۽ اجتماعي پهلو بہ پاڻ سڳورن جي سامهون هيو.

ابوجهل بيزار ٿي چيو: "ها! تنهنجي پيءُ جو قسم! هڪ ڇو ڏهہ جملا (ڪلما) هلندا!"

---

[1] حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هن ارشاد کي مختلف راوين مختلف لفظن ۾ نقل ڪيو آهي. ڏسو سيرت سرورِ عالم از سيد ابوالاعليٰ مودودي ج 2 ص 525

ڪنهن ٻئي چيو: ”خدا جو قسم هي شخص ته توهان جي ڪابه ڳالهه مڃڻ وارو ئي ڪونهي.“ (ابن هشام ج 2 ص 26 ۽ 27)

ان تي اهي مايوس ٿي هليا ويا. ليڪن ان وفد جي گفتگو ڪجهه حقيقتن کي پڌرو ڪري ڇڏيو. هڪڙي اها ته هاڻي اهي اسلامي تحريڪ کي هڪڙي اهڙي طاقت مڃڻ لاءِ مجبور ٿي ويا هيا ته ان جون پاڙون کوٽڻ جي اجائي ڪوشش ڪرڻ جي بجاءِ سمجهوتي جو ڪو رستو ڪيڍڻ ئي وڌيڪ بهتر هيو. ٻيو ته قريشي سمورين شرارتن ۽ زيادتين کي آزمائڻ کان پوءِ هاڻي پنهنجي بيوسي کي محسوس ڪري رهيا هيا.

هي ته اهو معاملو هيو جيڪو تحريڪ جي داعي کي سامهون هيو. پاڻ سڳورن جي ساٿين مان به جي ڪوئي ڪنهن جي حمايت هيٺ هيو ته ان کي به اهڙي طرح ان حمايت کان محروم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

مثال طور حضرت ابو سلميٰ رضه به جناب ابوطالب جي امان ۾ هيو. بنومخزوم جا ماڻهو آيا ۽ انهن چيو ته اي ابوطالب! تو ڀائٽي کي ته خير اسان جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هيو ليڪن هاڻي ته معاملو خود اسان جي پنهنجي ماڻهوءَ جو آهي، ان کي روڪڻ جو توکي ڪهڙو حق آهي؟ جناب ابو طالب چوڻ لڳو ته اهو منهنجو ڀاڻج آهي ۽ ان منهنجي حمايت طلبي آهي. توهان ان تي زيادتي ڪيو ٿا ۽ هڪڙي گهڙي لاءِ به ظلم ڪرڻ کان ڪونه ٿا مڙو الله جو قسم. يا ته توهان ان کان پاسو ڪيو ورنه جتي اهو بيٺو هوندو ته اسان ان جي حمايت ۾ اٿي پونداسين.

اهڙي طرح حبش واري هجرت کان پوءِ هڪڙو دفعو حضرت ابوبڪر رضه مڪي جي ٻوسٽ کان تنگ اچي نڪري پيا. ڪجهه پري پهتا هيا ته ابن الدغنه سان ملاقات ٿين. معلوم ڪرڻ تي ان کي جڏهن سندس هجرت جي ارادي جي خبر پئي ته ان چيو ته توهان جهڙي ماڻهوءَ جو جيڪو ڏکن ۾ مٽ مائٽ جي ڪم ايندو آهي، بڪايلن کي ڪاڏو ڪارائي ۽ اگهاڙن کي لباس پارائيندو آهي، چڱا ڪم ڪندو آهي ۽ ٻين کي ڪمائي ڏيندو آهي، ائين نڪري وڃڻ مون کي گوارا ڪونهي. اهو حضرت ابوبڪر رضه کي پنهنجي امان ۾ واپس وٺي آيو ۽ قريشين جي سامهون اعلان ڪري ڇڏيو ته ابوبڪر (رضه) منهنجي حفاظت ۾ آهي. حضرت ابوبڪر رضه جو معمول هيو ته پنهنجي مسجد ۾ جنهن جي لاءِ گهر جي دروازي جي پاسي ۾ جاءِ مقرر ڪري ڇڏي هئائين وڏي سُريلي آواز ۾ قرآن شريف پڙهندو هيو ۽ اکين مان لڙڪ جاري هوندا هيس. ان سان هر ٻڌڻ واري تي اثر پوندو هيو. قريشي ابن الدغنه وٽ ويا ۽ دانهن ڏنائون ته تو ابوبڪر (رضه) کي پناهه ڇا ڏني، اسان جي ته شامت اچي وئي آهي. اهو سُريلي آواز ۾ قرآن پڙهي ٿو ۽ اسان جون عورتون، ٻار ۽ ڪمزور طبيعت وارا ماڻهو متاثر ٿين ٿا. تون پناهه تان هٿ کڻ ته اهو پنهنجي گهر ۾ ويهي جيڪو وڻي ڪري، ابن الدغنه ان دٻاءَ جي اثر هيٺ ابوبڪر رضه سان اچي شڪايت ڪئي ته مون پناهه انهيءَ لاءِ ته ڪونه ڏني هئي ته توهان ماڻهن کي ستايو. پاڻ ان جي پناهه هيٺ رهڻ تان هٿ کڻي ويا. (ابن هشام ج 1 ص 395)

## منظم منفي محاذ:

انسانِ اعظم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اولادِ آدم جي جنهن سڀ کان وڏي خدمت ۾ مصروف هيا، ان کي ناڪام بڻائڻ جي لاءِ مخالف جن مختلف تدبيرن کان ڪم وٺي رهيا هيا ان سڀ جي مقابلي ۾ دعوت جو ڪم جاري هيو ۽ حق جو ڪلمو گونج ڪيدي رهيو هيو. انهن حالتن ۾ مخالفاڻي پروپيگنڊا جي هڪڙي متحرڪ مشينري پيدا ڪئي وئي. مڪي جا ڪجهہ وڏا سردار حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گڏ رهڻ لڳا. وڏي پيچيدگي اها هئي تہ مڪو عربستان جو مرڪز هيو ۽ هرطرف کان قافلا ايندا ويندا هيا ۽ حق جي دعوت ڏيڻ واري جي لاءِ ڪم جو نت نئون ميدان فراهم ڪندا هيا. مڪي جي سردارن جو جيڪو رعب تاب مڪي جي باشندن تي هلندو هيو اهو ٻاهران اچڻ وارن تي نٿي هلي سگهيو. ان کان علاوه، نون ايندڙن ۾ اهڙا ذهين ۽ صاف فطرت ماڻهو بہ هوندا هيا. جيڪي ڪنهن دعوت کي محض ان جي دليل بازي واري قدر ۽ قيمت ۽ ڪنهن داعي کي محض ان جي ڪرداري وزن جي لحاظ کان جانچي بغير ڪنهن تعصب ۽ بغير ڪنهن تاريخي دشمني جي پاڇولي جي قبول ڪري آزاد راءِ قائم ڪري سگهيا ٿي. تحريڪِ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف انهن جي دلين ۾ ڪي بہ حاسداڻا داغ موجود ڪونہ هيا. انهن حالتن ۾ مڪي کي بچائي وٺڻ بلڪل بيڪار هيو جڏهن تہ ٻاهر جو عربي ماحول دعوتِ حق کان متاثر ٿيندو وڃي. اهائي ڳالهہ جنهن کي قرآن پاڪ ئي چئي ڇڏيو تہ "اَفَلَا يَرَوْنَ اَنَّا نَاْتِي الْاَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ اَطْرَافِهَا" (* مگر ڇا انهن کي نظر ڪونہ ٿو اچي تہ اسان زمين کي مختلف طرفن کان گهٽائيندا پيا اچون. الانبياء آيت 44). تنهن ڪري سڀ کان گهڻو تشويشناڪ موقعو ان پهلو جي لحاظ کان حج جو هيو. عربستان جا قبيلا ٽولن جي صورت ۾ پنهنجن سردارن سان گڏ مڪي ۾ گڏ ٿيندا هيا ۽ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجو پيغام پکيڙڻ لاءِ هڪڙي خيمي کان ٻئي خيمي تائين وڃڻ ۾ مصروف ٿي ويندا هيا. رد عملي واري منفي هنگامي جا سربراهہ ان وقت گهڻو گهبرائجي ويندا هيا. تنهن ڪري هڪڙي سال حج جي موسم اچڻ واري هئي تہ قريشي سردار وليد بن مغيره وٽ اچي گڏ ٿيا ۽ صلاح ڪرڻ لاءِ سوچ ويچار ۾ مصروف ٿي ويا. وليد معاملي کي هيئن شروع ڪيو:

"اي قريشيو! هي موسم اچي وئي آهي، عربستان جا وفد هن زماني ۾ توهان وٽ ايندا، ۽ صورتحال اها آهي تہ اهي سڀ توهان جي هن ماڻهوءَ (نبي ڪريم) جو قصو ٻڌي چڪا آهن (انهيءَ ڪري اهي هڪڙو تحقيق ۽ تجسس جو ذوق کڻي ايندا) سو هاڻي توهان هن معاملي ۾ ڪا هڪڙي ڳالهہ طي ڪري وٺو پوءِ پاڻ ۾ اختلاف نہ ڪيو تہ هڪڙو ٻئي کي ڪوڙو ڪندو وتي ۽ ٻيو ٻهرين جي ڳالهہ ڪاٽيندو رهي." (ابن هشام ج 1 ص 283)

حاضرين چيو:
”تون ئي چئہ اي ابوعبدشمس! چئہ ۽ اسان جي لاءِ ڪا راءِ مقرر ڪري ڇڏ. اسان ان جي مطابق ڳالهائينداسين.“
مگر وليد بن مغيره زور ڪيو تہ توهان پاڻ ئي ڳالهايو مان ٻڌندس. سو ائين گفتگو جو سلسلو شروع ٿيو.
حاضرين: ”اسان جو تہ چوڻ آهي تہ اهو (محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) پوپو آهي!“
وليد: ”نہ خدا جو قسم اهو پوپو ڪونهي. اسان پوپن کي ڏٺو آهي. سو ان وٽ نہ تہ پوپن جهڙو رمزيہ ڪلام آهي، نہ قافيہ آرائي.“
حاضرين: ”تہ پوءِ اسان چونداسين تہ ان تي ڪنهن جن ڀوت جو سايو آهي.“
وليد: ”ان تي جن ڀوت جو بہ سايو ڪونهي، اسان حساب کي ڄاڻون ٿا. مگر هتي نہ تہ اهڙي نڙي جو گوگهو آهي، نہ عضون ۾ رعشو نہ اهڙي پريشان خيالي!“
حاضرين: ”چڱو تہ پوءِ اسان چونداسين تہ اهو شاعر آهي.“
وليد: ”اهو شاعر بہ تہ ڪونهي! اسان شعر کي ان جي هر قسم جي لحاظ کان ڄاڻون ٿا ..... ان مان رجز کي، هزج کي، قريض کي، مقبوض کي، مبسوط کي (بحرن جي لحاظ کان شعرن جا قسم)، سو اهو (حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) شاعر ڪونهي.“
حاضرين: ”تہ پوءِ اسان چئون ٿا تہ اهو جادوگر آهي.“
وليد: ”جي نہ اهو جادوگر بہ ڪونهي! اسان جادوگرن کي بہ ۽ انهن جي جادو کي بہ ڏٺو آهي. سو ان (نبي ڪريم) وٽ نہ جادوئي ڇلا آهن نہ ڦوڪون!“
حاضرين: ”تہ پوءِ ابوعبدشمس! تون ئي ٻڌاءِ تہ اسان ان جي خلاف (پروپيگنڊا جو طوفان اٿارڻ جي لاءِ) ڇا چئون؟“
وليد: ”خدا جو قسم! ان جي ڳالهہ ۾ گهڻو مِٺاس آهي ۽ ان جي ڳالهہ جون پاڙون گهڻو پڪڙيل آهن. ان جون ٽاريون (شاخون) وزن واريون آهن.“ مستدرڪ جي روايت ۾ اجا وڌيڪ اچي ٿو تہ ”هي پيغام غالب اچي ويندو. ان کي قابو ڪري ڪونہ سگهبو ۽ اهو سيني کي ڪچلي ڇڏيندو.“[1] ”پنهنجين چيل ڳالهين مان توهان جيڪا بہ چوندا فضول ڳالهہ قرار ڏني ويندي. بس ان جي باري ۾ انهن مان ٺهڪندڙ ڳالهہ هڪڙي ئي ٿي سگهي ٿي ۽ اُها اِها تہ توهان چئو تہ اهو هڪڙو جادوگر آهي، جنهن جو ڪلام جادو آهي ۽ ان سان پٽ ۽ پيءُ ۾، مڙس ۽ زال ۾، ڀاءُ ۽ ڀاءُ ۾، هڪڙي شخص ۽ ان جي قبيلي ۾ جدائي وڌي پئي وڃي. (حق جي دعوت ڏانهن اشارو آهي تہ ان جي ڪري هرطرف ڦوٽ پئجي وئي آهي ۽ بہ طاقتون ڇڪتاڻ ۾ مصروف آهن. حالانڪ ان ڇڪتاڻ جو اصل محرڪ خود حق جي مخالفن جي شرارت هئي) ۽ چئو تہ ماڻهو انهي سبب ڪري ان کان ڏار ٿي ويا آهن.“ (سيرت ابن هشام ج 1 ص 283 ۽ 284)

---

[1] سيرت المصطفيٰ از مولانا ادريس ڪانڌلوي ج 1 ص 152

ڏسو تہ هڪڙي شخص جي خلاف ڪيئن ڪوڙي پروپيگنڊا جي سازش ڪئي وڃي ٿي. جنهن ڳالهہ کي دل نٿي مڃي، ان کي هٽ ۾ ڪٽي مخالفت واري هنگامي کي جاري رکڻ جي اسڪيم ٺهي ٿي. ايئن ان گڏجاڻي ۾ طي ٿي ويو تہ مختلف ٽولا مڪي ڏانهن اچڻ وارن رستن تي چوڪيون لڳائين ۽ اچڻ واري هر وفد کي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) ۽ ان جي دعوت جي باري ۾ خبردار ڪري ڇڏين. تنهن ڪري ان منصوبي تي عمل ڪيو ويو ليڪن نتيجو ابتو نڪتو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڳالهہ عربستان جي ڪنڊ ڪنڊ تائين پڪڙجي وئي ۽ جن کي ڪجهہ خبر ڪونہ هئي انهن کي بہ معلوم ٿي ويو تہ هڪڙي نئين دعوت اهڙي اٿي آهي جنهن جي علمبردار شخصيت محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي آهي.

اچو ذرا تاريخ جي پردي (اسڪرين) تي داعي حق ۽ رد عملي تحريڪ جي ليڊرن کي ميدان ۾ ڪم ڪندي ڏسو!

ربيعہ بن عباده جو بيان آهي تہ "مان مني ۾ پنهنجي پيءُ سان گڏ موجود هيس، جڏهن مان نوجوان ڇوڪرو هيس. مون ڏٺو تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم عرب قبيلن جي ٺڪاڻن ڏانهن ويندا هيا ۽ فرمائيندا هيا 'اي بنو فلاڻان! مان توهان ڏانهن الله جو رسول آهيان. توهان کي چوان ٿو تہ الله جي عبادت ڪريو ۽ ان سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ سمجهو. ان کان علاوه، انهن بتن مان جنهن جنهن جي بہ پوڄا ڪري رهيا آهيو ان کان الڳ ٿي وڃو ۽ مون تي ايمان آڻيو. منهنجي تصديق ڪيو ۽ منهنجي حمايت ڪيو. ايستائين جو مان الله جي طرفان سموري ڳالهہ کولي رکان، جنهن سان ان مون کي مقرر ڪيو آهي'."

واقعو ٻڌائڻ وارو (رپورٽر) چوي ٿو تہ هڪڙو شخص عدني چادر ويڙهيون حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گڏگڏ لڳو رهندو هيو. جڏهن رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي ڳالهہ ٻڌائي چڪندا هيا تہ اهو شخص پنهنجي بڪڻ شروع ڪندو هيو تہ "اي بنو فلاڻان! اهو شخص توهان کي لات ۽ عزيٰ کان هٽائي بدعت ۽ گمراهي جي طرف ڇڪي وٺي وڃڻ گهري ٿو. تنهن ڪري نہ ان جي ڳالهہ ٻڌو نہ ان کي مڃو."

اهو نوجوان اهو منظر ڏسي پنهنجي پيءُ کان پڇي ٿو تہ اهو ڪير آهي جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پٺيان لڳو پيو آهي ۽ پاڻ سڳورن جي ڳالهہ جي ترديد ڪري رهيو آهي. جواب ملي ٿو تہ اهو پاڻ سڳورن جو پنهنجو ئي چاچو ابولهب آهي.

نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حج وانگر ميلن جي اجتماعن ۾ بہ تشريف کڻي ويندا هيا تہ جيئن انساني اجتماع مان فائدو وٺن. هڪڙو دفعو ذوالمجاز بازار ۾ پهتا ۽ ماڻهن کي حق جو پيغام ٻڌائي ڪلمہ طيب جي دعوت ڏني. ابوجهل پٺيان لڳل هين. ڪمبخت کي بغض ۽ ساڙ ايترو نيچ ڪري ڇڏيو هيو جو مٿي کڻي پاڻ سڳورن

مٿان اڇلائي رهيو هيو ۽ گڏوگڏ پڪاريائين ٿي ته ماڻهو! هن جي فريب ۾ نه اچجو. اهو گهري ٿو ته لات ۽ عزيٰ جي پوڄا ڇڏي ڏيو.[1]

مخالفاڻي پروپيگنڊا جي ان طوفاني مهم کان جناب ابوطالب کي تشويش به ٿيڻ لڳي ته ڪٿي عربستان جو عوام اجتماعي مخالفت تي نه لهي اچي. ان هڪڙو ڊگهو قصيدو لکي ڪعبي ۾ لڙڪايو جنهن ۾ هڪڙي طرف اها صفائي ڏني ته مون دعوتِ محمد کي قبول ڪونهي ڪيو ليڪن ٻئي طرف اهو اعلان به ڪيو ته ڪنهن به قيمت تي محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) کي ڇڏي نٿو سگهان ۽ ان جي لاءِ پنهنجي جان به قربان ڪري ڇڏيندس. توڙي جو اهڙن اڪثر قصيدن جي تاريخي حيثيت ڪمزور آهي، تاهم انهن مان گهٽيون ڳالهيون درست آهن. (سيرت ابن هشام ج 1 ص 286)

## ابتو اثر:

جڏهن به ڪا اهم شخصيت مڪي ۾ داخل ٿيندي هئي ته اسلامي تحريڪ جا مخالف ان کي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي اثر کان بچائڻ جي لاءِ پورو جتن ڪندا هيا، مگر اڪثرڪري اثر ابتو پوندو هيو. اهڙي قسم جي ڪجهه خاص واقعن جو ذڪر ڪرڻ ضروري لڳي ٿو.

طفيل بن عمرو دوسي هڪڙو شريف ماڻهو ۽ داناء شاعر هيو. هڪڙو دفعو اهو آيو، قريشين جا ڪجهه ماڻهو ان وٽ آيا. چوڻ لڳا ته طفيل! ڏس، تون اسان جي شهر ۾ آيو آهين ۽ هتي محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) جون سرگرميون اسان جي لاءِ برداشت کان مٿي ٿي ويون آهن. ان شخص اسان جي ٻڌي (وحدت) کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان جي مفاد کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو آهي. ان جون ڳالهيون جادوگرن جهڙيون آهن ۽ اهو پيءُ ۽ پٽ ۾، ڀاءُ ۽ ڀاءُ ۾، مڙس ۽ زال ۾ جدائي ڪرائي رهيو آهي. اسان کي تنهنجي ۽ تنهنجي قوم جي باري ۾ انديشو آهي ته ڪٿي توهان شڪار نه ٿي وڃو. تنهن ڪري بهتر آهي ته ان شخص سان نه ته ڳالهائجان ۽ نه ان جي ڪا ڳالهه ٻڌجان.

طفيل جو پنهنجو بيان آهي ته انهن ماڻهن ان وقت تائين پيڇو ڪونه ڇڏيو جيستائين مان پوري طرح قائل نه ٿي ويس ته نه ڳالهائيندس ۽ نه ڳالهه ٻڌندس، تنهن ڪري جڏهن مان مسجدالحرام ڏانهن ويندو هيس ته ڪنن ۾ ڪپهه وجهي ڇڏيندو هيس. هڪڙو دفعو رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ڪعبي جي ڀرسان عبادت ڪري رهيا هيا ته مان به ويجهو وڃي بيهي رهيس. مون ڏاڍو سٺو ڪلام ٻڌو. پوءِ مون دل ۾ چيو ته منهنجي ماءُ مون تي روئي، خدا جو قسم مان هڪڙو عقل وارو ماڻهو آهيان، شاعر آهيان، چڱي مٺي جي سڃاڻ ڪري سگهان ٿو. پوءِ مون کي ڪهڙي ڳالهه انهن ڳالهين کي ٻڌڻ کان روڪي سگهي ٿي، جيڪي اهو ٻڌائي ٿو. جيڪو پيغام اهو کڻي آيو آهي

[1] سيرت النبي: شبلي نعماني ج 1 ص 237

اهو جيڪڏهن سٺو هوندو ته مان قبول ڪري وٺندس، جيڪڏهن خراب هوندو ته ڇڏي ڏيندس.

ان سوچ ويچار ۾ ڪجهه وقت گذري ويو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم گهر ڏانهن وڃڻ لڳا. طفيل گڏجي پيو. رستي ۾ سڄو قصو ٻڌايائين ته مون کي پروپيگنڊا جي ڪهڙي چڪر ۾ وڌو ويو آهي. پوءِ گهر وٽ پهچي عرض ڪيائين ته پنهنجو پيغام ارشاد ڪيو. رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم اسلام جي حقيقت بيان ڪئي ۽ قرآن شريف پڙهي ٻڌايو. طفيل چوي ٿو ته "نه ان کان وڌيڪ سٺو ڪلام مون ڪڏهن ٻڌو نه ان کان وڌيڪ سٺو پيغام." پوءِ اهو ٻڌائي ٿو ته مان اسلام قبول ڪيو ۽ حق جي شاهدي ڏني.[1] ان طفيل دوسي قبيلي ۾ وڃي پرجوش نموني سان دعوت جو ڪم ڪيو ۽ پورو قبيلو متاثر ٿيو.

ان جي تبليغي جوش جو اهو عالم هيو ته گهر پهچي جيئن ئي ٻڍڙي پيءُ سان ملاقات ٿيس، چوڻ لڳو ته "نه توهان منهنجا، نه مان توهان جو!" ان پڇيس "پٽ، اهو ڇو؟" جواب ڏنائين ته هاڻي مون محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جو دين قبول ڪري ورتو آهي. طفيل ايئن پنهنجي زال کي دعوت ڏني ۽ ان به لبيڪ چيو. پوءِ قبيلي ۾ دعوت عام جو سلسلو شروع ڪيائين. پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي خدمت ۾ اچي سمورو قصو بيان ڪيائين ۽ پنهنجي قبيلي جون خرابيون بيان ڪري عذاب جي دعا لاءِ درخواست ڪيائين. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم هدايت جي دعا ڪئي. اَللّٰهمَ اهْدِ دَوسًا. طفيل کي تاڪيد ڪيائون ته واپس وڃي پنهنجن ڳوٺاين ۾ دعوت جاري رک ۽ خاص نصيحت ڪيائونس ته انهن سان نرمي وارو سلوڪ رک. (ان جو تشدد آميز تبليغ جو جوش اسلامي حڪمت جي مطابق ڪونه هيو.)[2]

هڪڙي ٻئي واقعي تي غور ڪيو. اعشيٰ بن قيس به هڪڙو مشهور شاعر هيو. ان رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جو چرچو ٻڌو ۽ ان ارادي سان مڪي جو رخ ڪيائين ته وڃي اسلام قبول ڪري، ان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي شان ۾ قصيدو به لکيو هيو. هاڻي جئين ئي اهو مڪي جي حدن ۾ پهتو ته هڪڙي قريشي مشرڪ[3] اچي ان کي گهيريو. ان جي اچڻ جي مقصد جي باري ۾ ڪوٽ ڪوٽان ڪئي. ان ٻڌايو ته مان رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي خدمت ۾ وڃي اسلام قبول ڪرڻ گهران ٿو. ان تي ڳالهه شروع ٿي وئي. اعشيٰ جي ڏکندڙ رڳ تي هٿ رکڻ لاءِ مشرڪ حيله طراز چيو ته ڏس محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) ته زنا کي حرام چوي ٿو. اهو وار خطا ويو ته پوءِ چيو ته شراب کان به روڪي ٿو. ايستائين جو ڳالهين

---

[1] سيرت ابن هشام ج 1 ص 407
[2] سيرت ابن هشام ج 1 ص 407 کان 409
[3] سيرت ابن هشام ج 1 ص 416 مطابق اهو ابوجهل هيو.

ڳالهين ۾ اعشيٰ جي ارادي کي ڪمزور ڪري ڇڏيائين. تنهن ڪري ان ميجرائي ورتس ته هن دفعي ته تون واپس هليو وڃ ۽ ايندڙ سال اچي اسلام قبول ڪجان. اعشيٰ واپس هليو ويو ۽ ان کان اڳ جو اهو مڪي موٽي اچي ها. بدنصيب فوت ٿي ويو.[1]

سڀ کان وڌيڪ دلچسپ واقعو اراشي نالي ماڻهو جو آهي. اهو مڪي آيو اُٺ به گڏ هيس جنهن جو ابوجهل سان سودو ڪيائين. پر ان قيمت ڏيڻ ۾ ٽال متول ڪئي. هاڻي اهو قريشن جي مختلف ماڻهن وٽ ويو ته ڪوئي ان کي اُٺ جي قيمت ڏياري. اتي هڪڙي ڪچهري هلي رهي هئي. اراشي ڪچهري وارن کي اپيل ڪئي ته توهان مان ڪو مون کي ابوجهل کان رقم ڏياري. مان هڪڙو پرديسي مسافر آهيان ۽ مون سان زيادتي ٿي رهي آهي. ڪچهري ۾ ويٺلن مان ڪنهن کي به جرئت ڪونه هئي ته اهو ابوجهل وٽ وڃي هڪڙي مسافر جو حق ڏياري. انهيءَ ڪري ڳالهه ٽارڻ جي لاءِ اشارو ڪري چوڻ لڳا ته اهو ڏسين ٿو هڪڙو شخص (محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) ويٺو آهي. ان وٽ وڃ. اهو وٺي ڏيندئي. دراصل اها هڪڙي قسم جي چٽر هئي. ڇو ته محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم سان ابوجهل جي جيڪا دشمني هئي، اها ظاهر هئي. اراشي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم وٽ ويو ۽ پنهنجي ماجرا بيان ڪري مدد طلب ڪئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم اٿيا ۽ فرمايو ته مون سان گڏ هل. اهي ماڻهو ڏسڻ لڳا ته هاڻي ڇا ٿو ٿئي. رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم حرم مان نڪري ابوجهل جي گهر تي آيا. دروازو کڙڪايائون. آواز آيو "ڪير آهي؟" فرمايو: "محمد! (ﷺ). مون ڏانهن ٻاهر اچو!" ابوجهل نڪتو. چهري جو رنگ بلڪل ڦريل هيس. پاڻ سڳورن فرمايو ته هن شخص جو حق هن کي ڏئي ڇڏ. ايئن بنا ڪجهه پڇڻ جي ابوجهل ادائگي ڪري ڇڏي اراشي خوشي مان حرم ۾ ان ڪچهري ڏانهن موٽي آيو ۽ پورو واقعو ٻڌايائين.

اهو اثر هيو ان عظيم ڪردار جو جيڪو محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ذات ۾ جلوه گر هيو. ان جو اعتراف خود ابوجهل ڪيو. ڪچهري وارن وٽ اچي چيائين ته ان (محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) اچي کڙو کڙڪايو مون ان جو آواز ٻڌو. هڪدم مون تي هڪڙو رعب طاري ٿي ويو.[2] ڪجهه روايتن ۾ ته اهو به آيو آهي ته ابوجهل هڪڙي اُٺ کي سامهون ڏٺو جيڪو منهن ڦاڙي ان کي چٻاڙڻ وارو هيو. اهو معجزو به ٿي سگهي ٿو ۽ ابوجهل جي نفسياتي ڪيفيت به.

اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ان واقعي جو اراشي تي ۽ خود مڪي وارن تي ڪيترو وڏو اثر پيو هوندو.

---

[1] سيرت ابن هشام ج 1 ص 415 ۽ 416.
[2] سيرت ابن هشام ج 1 ص 416 ۽ 417

حبش ڏانهن ويل مهاجرن جي ذريعي اسلام جو پيغام هڪڙي نئين علائقي ۾ وڃي پهتو تہ اتان 20 عيسائين جو هڪڙو وفد مڪي آيو. اهي ماڻهو مسجدالحرام ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ آيا، ويٺا، ڳالهہ ڪيائون ۽ سوال پڇيائون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم قرآن شريف پڙهيو ۽ حق جي دعوت پيش ڪئي. انهن ماڻهن جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا. انهن الله جي پڪار کي قبول ڪيو. ايمان آندائون ۽ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تصديق ڪيائون. جڏهن اهي اٿي نڪتا تہ ٻاهر مخالف قريشي مسجد جي چوڌاري ڦيرا ڏئي رهيا هيا. ابوجهل ان جماعت کي ملامت ڪئي تہ توهان بہ ڪيترا بيوقوف آهيو جو پنهنجي دين کي ڇڏي ڏنو. وفد وارن جواب ڏنو: "توهان کي اسان جي طرفان سلام آهي، اسان کي توهان سان ڪو جهيڙو ڪرڻو ڪونهي. اسان جو رستو الڳ، توهان جو رستو الڳ. اسان پاڻ کي هڪڙي ڀلائي کان محروم رکڻ نٿا گهرون."

بيعت عقبہ ثاني جي سموري ڪاروائي رات جي اونداهي ۾ گهڻي ڳجهي بندوبست سان انهيءَ ڪري عمل ۾ آندي وئي هئي جو مڪي جي شرارتي ماڻهن طرفان سخت مزاحمت جو انديشو هيو. وفد وارا جڏهن بيعت واري گڏجاڻي (مجلس) کان فارغ ٿي پنهنجن ٽڪاڻن تي پهتا تہ قريشي سردارن انهن کي اتي گهيري ورتو. انهن جي مخبري جو نظام اهڙو مضبوط هيو جو انهن بيعت جو قصو بيان ڪري چيو تہ "توهان اسان جي ماڻهو (محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي هتان ڪڍي وٺي وڃڻ گهرو ٿا ۽ توهان ان جي هٿ تي اسان جي خلاف جنگ ڪرڻ جو عهد ڪيو آهي. چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏيو تہ توهان جيڪڏهن اسان کي ۽ عربستان وارن کي ويڙهائيندا تہ اسان جي نظرن ۾ توهان کان وڌيڪ قابل نفرت ٻيو ڪير بہ نہ هوندو." انصارن ڳالهہ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، ايئن ان وقت تہ ڳالهہ ٽري وئي ۽ انصاري قافلو روانو ٿي ويو. ليڪن قريشي بعد ۾ مسلسل جاسوسي ۾ لڳا رهيا ۽ کين پوري خبر ملي وئي. انصاري قافلي جو پيڇو ڪيائون ۽ سعد رضہ بن عباده ۽ منذر رضہ بن عمرو انهن جي هٿ چڙهي ويا. اهي ٻئي بيعت دوران پنهنجن پنهنجن قبيلن تي نقيب مقرر ٿيا هيا. منذر رضہ تہ هيوئي ڪمزور ماڻهو سعد رضہ بن عباده کي بہ قريشين پڪڙي ورتو ۽ ان جا هٿ ڳچي سان ٻڌي ڇڏيائون ۽ گرفتار ڪري مڪي وٺي آيا. مڪي پهچي ان کي گهڻو ماريائون، ان جا وار پڪڙي ان کي ڌوڙيا ڏنائون.

سعد رضہ بن عُباده جو پنهنجو بيان آهي تہ ان حالت ۾ قريشن جو هڪڙو ماڻهو آيو. جنهن جو چهرو روشن ۽ ڀڪندڙ هيو. ڏٺو ۽ خوبصورتا مون دل ۾ چيو تہ جيڪڏهن ان قوم ۾ ڪائي چڱائي باقي آهي تہ ان جي اميد ان شخص مان ڪري سگهجي ٿي. جڏهن اهو ويجهو آيو تہ ان هٿ کڻي زور سان مون کي چماٽ هنئي. هاڻي مون دل ۾ سمجهي ورتو تہ ان ٽولي ۾ ڀلائي جي ڪا ذري بہ باقي ڪونهي. آخر هڪڙي شخص

نرمي سان پڇيو تہ ڇا تنهنجو ڪو قريشين ۾ اهڙو ماڻهو ڪونهي جنهن سان تنهنجو ڪو پائيچارو يا عهدواقرار هجي؟ مون جبير بن مطعم ۽ حارث بن حرب جا نالا ورتا. ان چيو تہ پوءِ انهن جا نالا پڪار ۽ انهن سان جيڪو تعلق آهي اهو بيان ڪر. سو مون ايئن ڪيو. اهوئي شخص انهن کي ڳولڻ لاءِ ويو. اهي ٻئي اتي ئي مليا ويا ۽ انهن اچي مون کي ڇڏرايو.

انهن واقعن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ حق جي دعوت جي خلاف ردعملي هنگامي جا علمبردار ڪهڙي طرح ڇڪتاڻ جي ميدان ۾ سرگرم عمل هيا.

## فنونِ لطيفہ جو محاذ:

اسلام جي مخالفت واري مهم جو هڪڙو اڳواڻ نضر بن حارث بہ هيو. اهو پنهنجي واپار جي لاءِ اڪثر فارس (ايران) ويندو هيو. اتان عجم جي بادشاهن جا تاريخي قصا بہ گڏ ڪري ايندوهيو ۽ ادبي انداز واريون ڪهاڻيون بہ. ايئن ان مڪي ۾ قرآن شريف جي انقلابي ادب جي مقابلي ۾ عجم جي ادنيٰ ادب جو اڏو قائم ڪيو ۽ ماڻهن کي سڏيندو هيو تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) ڪان عاد ۽ ثمود جا بي مزه قصا ڇا ٻڌو ٿا، اچو تہ مان توهان کي رستم ۽ اسفنديار جي سرزمين جون چٽ پٽيون ڪهاڻيون ٻڌايان. نضر بن حارث کي هڪڙو مستقل انساني ڪردار ٻڌائي قرآن شريف اسان جي سامهون هيئن رکيو آهي تہ:

> "وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ " وَّيَتَّخِذَهَا هُزُوًا" (۽ ماڻهن ۾ هڪڙو ڪردار اهڙو بہ آهي جيڪو دل وندرائڻ وارن افسانن جو خريدار آهي تہ جيئن ان جي ذريعي (ماڻهن کي) بغير سمجهڻ سوچڻ جي الله جي رستي کان ٿيڙي ۽ ان جو مذاق اڏائي. سورت القمان آيت 6)

هي نضر بن حارث اهو آهي جنهن هڪڙي گڏجاڻي ۾ ابوجهل جي سامهون دعوتِ محمدي جي موضوع تي هي تقرير ڪئي هئي:

"اي قريشيو! توهان جي مٿان هڪڙو اهڙو معاملو اچي پيو آهي جو اڳتي هلي ان جي خلاف توهان جو ڪوئي حيلو ڪارگر ڪونہ ٿيندو. محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) توهان جي وچ ۾ هڪڙو من موهڻو نوجوان ڇوڪرو هيو. توهان سڀني کان وڌيڪ سچار، توهان سڀني کان وڌيڪ امانتدار! ايستائين جو جڏهن ان جي لوڙن ۾ سفيد وار اچي ويا ۽ ان توهان کي پنهنجو اهو پيغام ڏنو تہ هاڻي توهان چئو ٿا تہ اهو جادوگر آهي ..... چئو ٿا تہ اهو پوپو آهي..... چئو ٿا تہ اهو شاعر آهي .... ۽ چئو ٿا تہ اهو چريو آهي! .... (انهن مان ڪابہ ڳالهہ درست ڪونهي)[1] ..... اي قريشيو! پنهنجي موقف تي غور ڪيو. ڇوتہ خدا جو قسم توهان جي سامهون هڪڙو عظيم امر اچي ڇڪو آهي."[2]

---

[1] هتي اصل گفتگو کي ڪجهہ مختصر ڪري لکيو ويو آهي. مؤلف

[2] سيرت ابن هشام ج 1 ص 319

نضر بن حارث جي اها تقرير ظاهر ڪري ٿي تہ اهو دعوتِ محمدي جي عظمت کي بہ سمجهندو هيو ۽ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪردار جي بلندي کان بہ آگاهہ هيو. اهو پنهنجي ضمير کي گُهٽو ڏئي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيغام جي مخالفت جي لاءِ شيطاني ترڪيبون ڪيندو هيو. ان کي اندازو هيو تہ هڪڙي بامقصد تحريڪ جي سنجيدي پيغام جي مقابلي ۾ عام ماڻهن جي لاءِ واهيات (سفلي) ادب ۾ وڌيڪ ڪشش ٿي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري ان سفلي ادب جي هڪڙي مڪتب جي شروعات ڪري ڇڏي نضر بن حارث چوندو هيو تہ "مان محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کان وڌيڪ دلچسپ ڪهاڻيون پيش ڪري سگهان ٿو." پوءِ جڏهن اهو عجمي داستان بيان ڪندو هيو تہ چوندو هيو "آخر محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جون ڳالهيون ڪهڙي پهلو کان منهنجين ڳالهين کان وڌيڪ دل کي وڻندڙ آهن." ٻئي طرف اهو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪلام تي اوائلي داستان ڇنڊ ڇٽر ڪندو هيو.

ايترو ئي نہ ان ڳائڻ وڄائڻ واري هڪڙي فنڪار ڇوڪري بہ خريد ڪئي هئي. ماڻهن کي گڏ ڪري ڪاڏو ڪارائيندو هيو پوءِ ان ڇوڪريءَ کان راڳ ٻڌرائيندو هيو. جنهن نوجوان جي باري ۾ معلوم ٿيندو هيس تہ اهو اسلام جي طرف لاڙو رکي رهيو آهي تہ ان وٽ ان فنڪار ڇوڪريءَ کي وٺي ويندو هيو ۽ ان کي هدايت ڪندو هيو تہ ان کي ڪاراءِ پيار ۽ موسيقي سان خوش ڪر. هنر (آرٽ) ۽ ثقافت (ڪلچر) جي اهڙي مظاهري کان پوءِ طنز واري نموني ۾ چوندو هيو تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جنهن ڪم ڏانهن سڏي ٿو اهو مزيدار آهي يا هي؟[1]

اصل ۾ حق جي دين جو روح الله پرستي ۽ اصولن جي پابندي آهي. نفسانيت ۽ شهوانيت جي ماحول ۾ ان روح جو موت واقع ٿي ويندو آهي. جنهن ماحول ۾ سمورو توجهہ ڪائڻ، شهوت، ڳائڻ وڄائڻ، تفريح ۽ فنونِ لطيفہ ڏانهن مڙي وڃي، اهو حق جي دعوت جي لاءِ سازگار نٿو ٿي سگهي. ان ئي سبب نضر بن حارث هڪڙي طرف سفلي افسانن جو دور شروع ڪيو تہ ٻئي طرف ڳائڻ وڄائڻ ۽ عورتائين جلوه گرين جون مجلسون گرم ڪيون.

ليڪن هڪڙي تعميري پيغام ۽ هڪڙي بامقصد تحريڪ جي مقابلي ۾ سفلي ادب بہ ڪارگر ڪونہ ٿيو ۽ فنون لطيفہ جا جادو بہ نتيجہ خيز ثابت ڪونہ ٿيا. چار ڏينهن ڏماچوڪڙي رهي پوءِ اهي سڀ هنگاما ٿڌا پئجي ويا.

تنهن ڪري ان حربي ۾ ناڪام ٿي اهو ئي نضر بن حارث قريشي سردارن جي مشوري تي يهودين جي مولوين وٽ مديني پهتو تہ توهان وٽ علم آهي تہ اسان بي علمن

---

[1] سيرت المصطفيٰ از مولانا ادريس ڪانڌلوي ج 1 ص 188

کي ٻڌايو تہ اسان اسلامي تحريڪ کان ڪيئن جان ڇڏايون ۽ داعي حق کي ڪيئن بيوس ڪيون. يهودي عالمن سيڪاريس تہ ان شخص کان اصحاب ڪهف ۽ ذوالقرنين جو قصو معلوم ڪر ۽ روح جي حقيقت جي پڇا ڪر. ائين فيصلہ ڪن انداز سان اهي سوال ڪيا ويا. وحي ربي اطمينان بخش جواب ڏئي ڇڏيا. ليڪن ڪفر جي ضد جو ڪهڙو علاج![1]

## سوديبازي جون ڪوششون:

ابتدائي مرحلي مان نڪرڻ کان پوءِ اسلامي تحريڪ جڏهن تيزي سان پکڙجڻ لڳي ۽ پوءِ اڳتي هلي جڏهن پروپيگنڊا ۽ تشدد جون مختلف تدبيرون ناڪارا ثابت ٿيون تہ مخالف دل ئي دل ۾ محسوس ڪرڻ لڳا تہ اها هڪڙي قبضي ۾ نہ اچي سگهڻ واري طاقت آهي ۽ ڪو وڏو نتيجو پيدا ڪرڻ واري آهي. تنهن ڪري پوءِ اهڙيون ڪوششون ٿيڻ لڳيون تہ ڪنهن طريقي سان سمجهوتي ("ڪمپرومائيز") جي واٽ نڪري اچي ۽ ڪجھ مجي ۽ ڪجھ مڃرائي معاملو ختم ڪري سگهجي. مگر اصولي تحريڪن ۾ ايتري لچڪ هوندي ئي ڪونهي تہ ڏئي وٺي ڪا وچولي واٽ اختيار ڪئي وڃي. تاهم قريشي سردارن ان حربي کي پوري طرح آزمايو تہ شايد ڪنهن ڪنڊ کان پاسو اٽڪائي سگهجي.

مثال طور انهن جي مصالحت جو هڪڙو شرط اهو هيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن جي خدائن ۽ معبودن جي خلاف نہ ڳالهائين ۽ انهن جي مذهب تي اعتراض نہ ڪن. ان کان علاوه، جيڪو بہ واعظ ڪرڻ گُهرن ۽ جهڙيون بہ اخلاقي نصيحتون ڪرڻ گُهرن، گوارا ڪيون وينديون. يعني پاڻ سڳورا، پنهنجي حق جي ڪلمي مان باطل جي نفي ڪرڻ جو جزو ڪڍي ڇڏين. يا ائين چئجي تہ "لا الله" نہ چون، رڳو الله جو نالو وٺڻ جي گنجائش نڪري سگهي ٿي. مطلب اهو ٿيو تہ جن باطل تَصَوَرن تي معاشري جو نظام بيٺل هيو انهن کي نہ ڇيڙيو وڃي. معاشري جو فاسد ماحول جنهن بہ شڪل ۾ موجود هيو ان کي برقرار رهڻ ڏنو وڃي. سچائي کي اهڙي شڪل ۾ آندو وڃي جو اها تبديليءَ جي رهبر نہ هجي ۽ ان مان انقلابيت جي روح کي خارج ڪري ڇڏجي. دينِ حق جو سياسي جز معطل ٿي وڃي ۽ اجتماعي نظام کي ان جي بنيادن تي قائم رکي ان جي پاڇي ۾ روحاني نوعيت جي معاشري جو سڌارو (اصلاح) ڪيو ويندو رهي. مطلب تہ قريشين جو اهو مطالبو هيو تہ اسان جي طبقاتي مٿيرائي برقرار، اسان جي سياسي ۽ اقتصادي قيادت ۽ مذهبي اڳواڻي سلامت، اسان جا عهدا قائم، اسان جا مفاد محفوظ — باقي جيڪو ڪجھ توهان ڪرڻ گُهرو ڪيو. ليڪن اسلامي تحريڪ جيڪڏهن اهي شرط پورا ڪري ها تہ پاڻمرادو ختم ٿي وڃي ها.

---

[1] سيرت ابن هشام ج 1 ص 320 ۽ 321

اهڙي طرح انهن طرفان خواهش ڪئي وئي تہ:

"ائْتِ بِقُرْآنٍ غَيْرِ هَٰذَا أَوْ بَدِّلْهُ" (يونس آيت 15). يعني هن قرآن کي پاسيرو رکي ڇڏيو ۽ ڪو ٻيو قرآن وٺي اچو. يا ان ۾ ردبدل ڪري ڇڏيو (تہ جيئن اسان جي تقاضائن لاءِ بہ ڪجهہ گنجائش نڪري).

وحي الاهي جي لفظن ۾ ان جو جواب حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زبان مان ڏياريو ويو تہ "منهنجو اهو اختيار ڪونهي تہ ان (قرآن) کي پاڻ هرتو تبديل ڪري ڇڏيان. مون تي جيڪو بہ وحي ڪيو وڃي ٿو ان کان سواءِ ڪنهن ٻي ڳالهہ جي پيروي نٿو ڪري سگهان. مان جيڪڏهن پنهنجي رب جي نافرماني ڪيان تہ وڏي ڏينهن (قيامت) جي عذاب جو خوف رکان ٿو." ﴿قُلْ مَا يَكُونُ لِي أَنْ أُبَدِّلَهُ مِنْ تِلْقَاءِ نَفْسِي ۖ إِنْ أَتَّبِعُ إِلَّا مَا يُوحَىٰ إِلَيَّ ۖ إِنِّي أَخَافُ إِنْ عَصَيْتُ رَبِّي عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيمٍ﴾ (سورت يونس آيت 15) "ان کان وڏيڪ ظالم ٻيو ڪير هوندو جيڪو ڪا غلط ڳالهہ (پنهنجي طرفان گهڙي) الله تعاليٰ سان منسوب ڪري ڇڏي" ﴿فَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرَىٰ عَلَى اللَّهِ كَذِبًا أَوْ كَذَّبَ بِآيَاتِهِ﴾ (يونس آيت 17)

مصالحت جو رستو ڪڍڻ لاءِ تحريڪ جي مخالفن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون هڪڙو مطالبو اهو بہ رکيو تہ جيڪڏهن توهان پنهنجي جماعت مان اسان جي معاشري جي گهٽ حيثيت وارن ماڻهن، اسان جي غلامن، پورهيتن ۽ ڪالهہ جي ڇوڪرن کي ڪيڏي ڇڏيو تہ پوءِ اسان توهان وٽ اچي ويهون ۽ توهان جي تعليم کي ٻڌون. باقي موجوده حالت ۾ اسان جي مرتبي کان اهو متي آهي تہ اسان ڪو فائدو وٺي سگهون. نيچ ماڻهن اسان جو رستو روڪي رکيو آهي. اسان هتي انهن کي ڏسون ٿا تہ اهي تحريڪ جا خاص ماڻهو ٿيا ويٺا آهن ۽ انهن کي گهڻي عزت حاصل آهي. انهن ئي ماڻهن جي باري ۾ اهي اڪثر طنز ڪري چوندا هيا تہ هِي آهن اُهي هستيون جيڪي قيصر ۽ ڪسريٰ جون جانشين ٿيڻ واريون آهن. معاملو اهو ڪونہ هيو تہ انهن جون دليون اسلامي تحريڪ جي خدمت لاءِ بيچين هيون. پر منشا اها هئي تہ نوجوان جيڪي جوش ۽ جذبي سان سچائي جي پيغام جو جهنڊو کڻي رهيا هيا، جيڪي پنهنجا مفاد قربان ڪري رهيا هيا ۽ جيڪي هر قسم جي مصيبتن کي سهي پنهنجو ڪردار نڀائي رهيا هيا ۽ اهي جن جو هڪڙو هڪڙو پساهہ پنهنجي مقدس مشن جي خدمت لاءِ وقف هيو انهن جي حوصلہ شڪني ڪرائي وڃي ۽ ان مشن کي انهن جي خدمتن کان محروم ڪرايو وڃي. انهن کان اڳ جو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دل تي ان فريب واري خواهش جو اثر ٿئي، قرآن شريف پاڻ سڳورن تي واضح ڪيو تہ اها تہ دشمنن جي هڪڙي اٽڪل آهي، جهڙي اهي سيني نبين سڳورن جي خلاف ڪندا رهيا آهن مثال طور بلڪل اهڙي ئي ڳالهہ نوح عليہ السلام جي سامهون بہ

رکي وئي هئي.[1] تنهن ڪري پاڻ سڳورا انهن ساٿين کي دشمنن جي خوشنوديءَ جي لاءِ پنهنجي قرب کان هرگز محروم نه ڪن. جيڪي صبح شام الله جو نالو وٺڻ وارا آهن.[2] بلڪ هدايت ڏني وئي ته اخلاص جا اهي نمونا جيڪي طرح طرح جون مصيبتون برداشت ڪري رهيا آهن، انهن کي پنهنجي شفقت جي پاڇي اندر رکو. "وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ" (۽ ايمان آڻڻ وارن مان جيڪي ماڻهو تنهنجي پيروي اختيار ڪن، انهن سان آڏرياءِ سان پيش اچ. شعراء آيت 215) بلڪ هڪڙي موقعي تي هڪڙي وڏي مخالف سان گفتگو ڪندي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم هڪڙي نابين ساٿي (ابن ام مکتوم) جي مداخلت کي ناپسند ڪيو ته ايتري ڳالهه تي تنبيهه اچي وئي.[3]

انهي سلسلي ۾ هڪڙو دفعو قريشي دشمنن جي گڏجاڻي ۾ غوروفڪر ٿي رهيو هيو ۽ ٻئي طرف رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم حرم پاڪ ۾ اڪيلا ويٺا هيا. عقبه بن ربيعه گڏجاڻي وارن کي چيو ته جيڪڏهن توهان گهرو ته مان محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) وٽ وڃي ڳالهه ڪيان ۽ ان جي سامهون اهڙيون صورتون پيش ڪيان جن مان ممڪن آهي ته ڪنهن کي اهو گهري ته قبول ڪري وٺي ۽ پوءِ اسان ان کي پورو ڪيون ۽ اهو اسان جي مقابلي کان هٽي وڃي. اها پڌري پٽ سودي بازيءَ جي هڪڙي تجويز هئي ۽ قريشي جيڪڏهن ايستائين اچي پهتا هيا ته حقيقت ۾ حضرت حمزه رضہ طرفان ايمان آڻڻ ۽ تحريڪ جي تيزي سان پکڙجڻ جي ڪري بيوس ٿي آيا هيا. ڪچهري وارن جي رضامندي سان عتبه وڃي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم سان هيئن گفتگو ڪئي:

---

[1] فَقَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا نَرٰىكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا وَمَا نَرٰىكَ اتَّبَعَكَ اِلَّا الَّذِيْنَ هُمْ اَرَاذِلُنَا بَادِيَ الرَّاْيِ ۚ وَمَا نَرٰى لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍ بَلْ نَظُنُّكُمْ كٰذِبِيْنَ ۝ "جواب ۾ ان جي قوم جي سردارن، جن ان جي ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪيو هيو چيائون ته اسان جي نظر ۾ ته تون ان کان سواءِ ڪجهه ڪونه آهين ته بس اسان جهڙو هڪ انسان آهين ۽ اسان ڏسي رهيا آهيون ته اسان جي قوم مان بس انهن ماڻهن جيڪي اسان وٽ حقير هيا بنا سوچڻ سمجهڻ جي تنهنجي پيروي اختيار ڪري ڇڏي ۽ اسان اهڙي ڪابه ڳالهه ڪونه ٿا ڏسون جنهن ۾ توهان اسان کان اڳتي هجو بلڪ اسان ته توهان کي ڪوڙو سمجهون ٿا." (هود آيت 27)

[2] وَلَا تَطْرُدِ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ ۭ مَا عَلَيْكَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّمَا مِنْ حِسَابِكَ عَلَيْهِمْ مِّنْ شَيْءٍ فَتَطْرُدَهُمْ فَتَكُوْنَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ۝ "۽ جيڪي ماڻهو پنهنجي رب کي رات ڏينهن پڪاريندا رهن ٿا ۽ ان جي خوشنودي جي طلب ۾ مصروف آهن انهن کي پاڻ کان پري نه ڪر. انهن جي حساب مان ڪنهن شي جو بار تنهنجي مٿان ڪونهي ۽ تنهنجي حساب مان ڪنهن شي جو بار انهن تي ڪونهي، ان تي به جيڪڏهن تون انهن کي پري ڪندين ته ظالمن ۾ شمار ٿي ويندين." (الانعام آيت 52)

[3] عَبَسَ وَتَوَلّٰىٓ ۝ اَنْ جَاۗءَهُ الْاَعْمٰى ۝ وَمَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّهٗ يَزَّكّٰىٓ ۝ اَوْ يَذَّكَّرُ فَتَنْفَعَهُ الذِّكْرٰى (٣) اَمَّا مَنِ اسْتَغْنٰى ۝ فَاَنْتَ لَهٗ تَصَدّٰى (٦) وَمَا عَلَيْكَ اَلَّا يَزَّكّٰى ۝ وَاَمَّا مَنْ جَاۗءَكَ يَسْعٰى ۝ وَهُوَ يَخْشٰى ۝ فَاَنْتَ عَنْهُ تَلَهّٰى ۝ "ڪهرو ٿيو ۽ بي رخي ڪيائين ان ڳالهه تي ته اهو نابين ان وٽ اچي ويو. توکي ڪهڙي خبر، شايد اهو سڌري وڃي يا نصيحت تي ڌيان ڏئي ۽ نصيحت ڪرڻ ان جي لاءِ فائدي واري هجي؟ توتي ان جي ڪهڙي ذميواري آهي؟ ۽ جيڪو پاڻ تو وٽ ڊوڙندو اچي ٿو ۽ ڊڄي رهيو هوندو آهي ان کان تون بي رخي اختيار ڪرين ٿو." (عبس آيت 1 کان 10)

"اي ڀائٽيا! اسان منجهه توهان جو جيڪو مرتبو آهي اهو تون پاڻ ڄاڻين ٿو پوري خاندان ۾ تنهنجو مقام بلند آهي ۽ نسب جي لحاظ کان تون هڪڙو شان رکين ٿو."

ان خوشامد واري مگر حقيقت تي ٻڌل بند ٻڌڻ کان پوءِ عتبه شڪايت ڪئي ته تو قوم کي وڏي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. انهن جي ٻڌي کي ذرو ذرو ڪري ڇڏيو آهي. انهن جي اڪابرن کي بيوقوف سڏيو آهي، انهن جي معبودن ۽ انهن جي دين ۾ عيب ڪڍيا آهن. انهن جي مري ويل ابن ڏاڏن کي ڪافر قرار ڏئي ڇڏيوآهي. هاڻي منهنجي ڳالهه ٻڌ ۽ مان جيڪو ڪجهه پيش ڪيان ٿو انهن سيني ڳالهين تي غور ڪر. شايد ته تون انهن مان ڪا ڳالهه قبول ڪري وٺين. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم فرمايو: "اي ابوالوليد! توهان چئو. مان ٻڌان ٿو." عتبه هيٺين ڳالهين جي پيشڪش ڪئي:

"جيڪڏهن ان سموري هنگامي مان تنهنجو مقصد دولت هجي ته پوءِ اسان تنهنجي لاءِ ايترو مال گڏ ڪيون جو تون اسان سيني کان وڌيڪ مالدار ٿي وڃين.

"جيڪڏهن تون ان جي ذريعي سرداري ۽ قيادت گهرين ٿو ته اسان توکي پنهنجي مٿان سردار مقرر ڪري وٺون ٿا. ايستائين جو توکان سواءِ اسان ڪنهن به معاملي ۾ ڪو فيصلو ڪونه ڪنداسين.

"جيڪڏهن تون بادشاهت گُهرين ٿو ته اسان توکي پنهنجو بادشاهه تسليم ڪري ڇڏيون ٿا.

"يا جيڪڏهن اهو ان جي ڪري آهي ته توتي ڪنهن جن وغيره جو سايو ٿئي ٿو ۽ اهو توتي مسلط ٿي وڃي ٿو ته پوءِ اسان ڪجهه چندو ڪري تنهنجي لاءِ علاج جو بندوبست ڪيون. پوءِ يا ته توکي ان کان ڇوٽڪارو ڏياريون يا ناڪامي ٿئي ته معذور سمجهون."

مصالحت واري ان پيشڪش ۾ اهي مختلف تَصَوّر جهلڪي رهيا آهن، جيڪي اسلامي تحريڪ جي مخالفن ۾ ڏٺا ويندا هيا. انهن تَصَوّرن مان واضح ٿي وڃي ٿو ته انهن جي نظر ۾ ٻه ئي امڪان هيا. هڪ اهو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جاهلي نظام جي طاقت سان ايترو وڌو تڪر هوش و حواس جي حالت ۾ ڪونه ڪائي رهيا هيا، بلڪ ڪنهن جن ڀوت جي سايي ۽ ڪنهن نموني جو دورو پوڻ جي حالت ۾ هجڻ سبب ڪري رهيا هيا. ٻيو اهو ته جيڪڏهن هوش و حواس جي حالت ۾ اها جدوجهد ٿي رهي هئي ته پوءِ ان جو حدف لازمي طور قيادت ۽ بادشاهت جو مرتبو هيو. بهرحال، پوري پيشڪش کي ٻڌي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم فرمايو: "ابوالوليد! ڇا توهان پنهنجي ڳالهه پوري چئي ڇڏي؟" ان چيو: "ها." حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم "ته هاڻي منهنجي ٻڌ." ان چيو. "چئو!" حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پوري پيشڪش کي هڪ طرف رکي حٰم سجده جون آيتون تلاوت ڪرڻ شروع ڪيون.

"حٰمٓ. اهو وڏي مهربان ۽ رحم واري هستي جي طرف کان موڪليو ويو آهي. اها هڪڙي لکت آهي جنهن جي هڪڙي هڪڙي آيت پڌري آهي. هي قرآن آهي عربي زبان ۾ .... سمجهه سوچ کان ڪم وٺڻ وارن لاءِ (ايمان آڻڻ وارن کي) خوشخبري ٻڌائڻ وارو ۽ (انڪار ڪرڻ وارن کي) ڊيڄارڻ وارو. پوءِ انهن (مڪي وارن) مان اڪثريت ان کان منهن موڙ ڪئي ۽ ٻڌن ڪونه ٿا. ۽ اهي چون ٿا تہ اسان جون دليون ان حقيقت جون مخالف آهن جنهن طرف تون سڏين ٿو. ۽ اسان جي ڪنن ۾ ٻوڙاڻ آهي ۽ اسان جي ۽ تنهنجي وچ ۾ هڪڙي رڪاوٽ حائل آهي. سو تون پنهنجي جاءِ تي ڪم ڪر. اسان پنهنجي جاءِ تي ڪم ڪيون ٿا." (حٰمٓ ۝ تَنْزِيْلٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝ كِتٰبٌ فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ۝ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ۚ فَاَعْرَضَ اَكْثَرُهُمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ۝ وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا فِيْٓ اَكِنَّةٍ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ وَفِيْٓ اٰذَانِنَا وَقْرٌ وَّمِنْۢ بَيْنِنَا وَبَيْنِكَ حِجَابٌ فَاعْمَلْ اِنَّنَا عٰمِلُوْنَ ۝ آيت 1 کان 5)

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جيستائين تلاوت ڪندا رهيا، عتبہ ٻئي هٿ پوئتي زمين تي رکي انهن تي ٽيڪ ڏئي ماٺ ڪيون توجهہ سان ٻڌندو رهيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سجدي واري آيت پڙهڻ کان پوءِ تلاوت روڪي ۽ سجدو ڪيو. پوءِ فرمايو: "ابوالوليد! جيڪو ڪجهہ ٻڌايو اهو توهان ٻڌو هاڻي تون ڄاڻ ۽ اها تلاوت (قرآن)."

عُتبہ اٿيو ۽ پنهنجن ساٿين وٽ پهتو. انهن ڏسڻ سان ئي سوچيو تہ عُتبہ جو منهن ڦريل آهي. هاڻي اهو رنگ ڪونہ اٿس جيڪو ويڃڻ وقت هيس. تشويش مان انهن ماجرا پڇي. عتبہ چيو:

"ماجرا اها آهي تہ مون اهڙو ڪلام ٻڌو آهي جو ان جهڙو ڪڏهن ڪونہ ٻڌو آهي. خدا جو قسم نہ اهو شعر آهي، نہ جادو آهي ۽ نہ ڀوبي وارو علم آهي. اي قريشيو! منهنجي ڳالهہ مڃو ۽ ان جي ذميواري مون تي ڇڏيو. ان شخص کي ان جي حال تي ڇڏي ڏيو ۽ ان جي ڀنيان نہ پئو. خدا جو قسم، مون ان کان جيڪو ڪلام ٻڌو آهي ان مان يقينن ڪو وڏو نتيجو نڪرڻ وارو آهي. جيڪڏهن عربن ان سان نبري ورتو تہ ٻين جي ذريعي توهان جي ان مان جان ڇٽي ويندي، ۽ جيڪڏهن اهو عربن تي ڇانئجي ويو تہ ان جي سلطنت توهان جي سلطنت هوندي ۽ ان جي طاقت توهان جي طاقت هوندي، توهان ان جي واسطي سان ماڻهن ۾ سڀ کان وڏيڪ خوش نصيب ٿي ويندا." (سيرت ابن هشام ج 1 ص 313)

عُتبہ جي ان راءِ ظاهر ڪرڻ سان ڪيترين ئي اهم حقيقتون سامهون اچن ٿيون. هڪڙي اها تہ عربستان جا خوش بيان ماڻهو مجبور ٿي قرآن جي ڪلام جي عظمت جي آڏو آڻ مڃي ڇڏيندا هيا. ٻي اها تہ جيستائين مخالف اصل دعوت کي سڌو سنئون داعي جي زبان مان ٻڌڻ کان بچندا رهيا ۽ رڳو پنهنجي حلقي جي زهريلي پروپيگنڊا جي اثر ۾ رهندا هيا تہ انهن جي مخالفت وارو زور قائم رهندو هيو. ليڪن جڏهن بہ ڪنهن سڌو سنئون اصل پيغام جو ڪوئي جزو ٻڌو تہ ان جي دل فتح ٿيڻ (قابو ۾ اچڻ) کان بچي

ڪونہ سگھي. ٿين اها تہ هن ڪلام جي باري ۾ انهن جي هر ذهين ماڻهوءَ جو تاثر اهو هيو تہ ان مان ڪو وڏو نتيجو (عظيم بنياد) نڪرڻ وارو آهي. بلڪ اهي ان جي پردن پٺيان هڪڙي ڪامل انقلاب جو منظر ڏسندا هيا ۽ اندازو ڪري وٺندا هيا تہ ان ڪلمي جي بنياد تي هڪڙي سلطنت ۽ زندگيءَ جي هڪڙي نظام جو قيام ٿيڻ وارو آهي.

مگر عُتبہ جي ڳالھ ٻڌي ڪچهري ۾ ايئن مذاق ڪئي وئي تہ "ابوالوليد. ان جي زبان جو جادو توتي بہ هلي ويو."

عتبہ چيو تہ ان جي متعلق منهنجي راءِ تہ اها ئي آهي جيڪا مون چئي آهي. هاڻي توهان کي جيڪو وڻي، ڪيو.

ان سلسلي ۾ هڪڙي ٻي ڪوشش ڪئي وئي. وڏا وڏا رئيس ـــ عُتبہ بن ربيعہ. شيبہ بن ربيعہ. ابوسفيان بن حرب. نضر بن حارث. ڪلده (جنهن جي بنو عبدالدار سان ياڃپي هئي)، ابوالبختري بن هشام. اسود بن مطلب. زمعہ بن اسود. وليد بن مغيره. ابوجهل بن هشام. عبدالله بن ابي اميہ. عاص بن وائل. بنو سهم وارا نُبيہ بن حجاج ۽ مُنبہ بن حجاج، اميہ بن خلف ــــ سج لهڻ کان پوءِ ڪعبي وٽ گڏ ٿيا. انهن الله جي رسول کي سڏرايو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سٺي اميد سان جلدي ۾ اچي ويا. انهن پنهنجي ان پيشڪش کي جيڪا پهريان عتبہ جي ذريعي پهچائي وئي هئي، هڪڙو ڀيرو وري ورجايو. ان کي ٻڌي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هي جواب ڏنو:

> "توهان جيڪو ڪجھ چئي رهيا آهيو. منهنجو معاملو ان کان مختلف آهي. مان توهان جي سامهون جيڪا دعوت کڻي آيو آهيان، ان کي انهيءَ ڪري پيش ڪونہ ٿو ڪريان تہ ان جي ذريعي توهان کان مال ۽ دولت حاصل ڪيان، يا توهان منجھ سرداري حاصل ڪريان يا توهان جي مٿان بادشاهت قائم ڪيان. مون کي تہ الله توهان ڏانهن پنهنجو پيغمبر ڪري موڪليو آهي. ان مون تي ڪتاب نازل ڪيو آهي ۽ مون کي حڪم ڏنو آهي تہ توهان جي لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ (بشير ۽ نذير) بڻجان. سو مون الله جي هدايت توهان تائين پهچائي ڇڏي آهي ۽ توهان جي خيرخواهي جو حق ادا ڪيو آهي. هاڻي، مان جيڪو ڪجھ آندو آهي جيڪڏهن توهان ان کي قبول ڪري وٺو تہ اهو توهان جي لاءِ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جو ذريعو آهي. جيڪڏهن توهان ان کان منهن موڙيو تہ مان الله جي حڪم جي انتظار ۾ صبر ڪندس، ايستائين جو الله منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ پنهنجو فيصلو ظاهر ڪري ڇڏي" (سيرت ابن هشام ج 1 ص 315 ۽ 316)

اهو جواب ٻڌي جڏهن انهن ڏٺو تہ اڳتي وڌڻ جو رستو ڪونہ ٿو ملي تہ طرح طرح جا بحث ڪرڻ لڳا. مثال طور، اهو چيو تہ توکي خبر آهي تہ اسان جي هي سرزمين گھڻي تنگ آهي. ان ۾ پاڻي جي کوٽ آهي ۽ بيابان جي زندگي گھڻي ڏکي آهي. تون خدا کي

چئہ تہ انهن جبلن کي هٽائي ڇڏي ۽ اسان جي زمين کي ويڪرو ڪري ڇڏي ۽ ان ۾ شام ۽ عراق وانگر درياءَ وهائي. وري اهو چيو تہ خدا اسان جي ابن ڏاڏن کي اٿاري بيهاري ۽ انهن ۾ قصي بن ڪلاب ضرور شامل هجي، ڇو تہ اهو بزرگ مرد وڏو سچار هيو. اسان ان کان تنهنجي دعوت جي باري ۾ معلوم ڪنداسين تہ اهو حق آهي يا باطل! پوءِ اسان جا گذاري ويل وڏا (اسلاف) زندهہ ٿي جيڪڏهن تنهنجي تصديق ڪن ۽ تون اهي ڳالهيون ڪري ڏيکارين جن جو اسان توکان مطالبو ڪيو آهي تہ اسان تنهنجي تصديق ڪنداسين ۽ خدا وٽ تنهنجو اهو مرتبو اسان کي تسليم هوندو تہ ان توکي واقعي رسول بڻائي موڪليو آهي. وري چيو تہ اهو بہ نٿو ڪري سگهين تہ اسان تي عذاب ئي نازل ڪراءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن فضول مطالبن تي وري وري پنهنجي اها ڳالهہ ورجائيندا رهيا ۽ چوندا رهيا تہ:

"مَالِهٰذَا بُعِثْتُ" (مون کي انهن ڪمن جي لاءِ ڪونہ موڪليو ويو آهي.)

آخر جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اٿي بيٺا تہ پاڻ سڳورن سان گڏوگڏ عبدالله بن ابي (جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو ڦڦاٽ هيو) بہ اٿي پيو ۽ پاڻ سڳورن کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو تہ تنهنجي قوم تنهنجي سامهون ڪجهہ ڳالهيون رکيون، ليڪن تو ڪابہ تجويز ڪونہ مڃي. هاڻي تہ خدا جو قسم، مان توتي ايمان ڪونہ آڻيندس، توڙي تون آسمان تي ڏاڪڻ رکي ان تي چڙهندو ڇو نہ ڏسڻ ۾ اچين ۽ پوءِ اکين جي سامهون لهي اچين ۽ توسان گڏ چار ملائڪ بہ اچي تنهنجي صداقت جي شاهدي ڇونہ ڏين. خدا جو قسم، جيڪڏهن مان ائين ڪيان بہ تہ منهنجو قطعي طور اهو خيال ڪونہ هوندو تہ مان حقيقت ۾ تنهنجي تصديق ڪندس. (سيرت ابن هشام ج 1 ص 316 کان 318)

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گهڻي ڏکويل دل سان گهر واپس آيا.

اهڙن ئي واقعن مان هڪڙو اهو آهي تہ طائف جي سفر کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن مڪي مان نڪري پاڙيسري قبيلن، مثال طور بنوڪنده ۽ بنوحنيفہ وغيره ۾ پيغام پهچائڻ شروع ڪيو تہ هڪڙو پيرو بنوعامر بن صعصعہ قبيلي وارن وٽ بہ ويا ۽ قبيلي جي سردار بحيره بن فراس سان ملاقات ڪئي. ان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت ٻڌي پوءِ ساٿين کي چوڻ لڳو. "خدا جو قسم، جيڪڏهن قريشين جو اهو نوجوان منهنجي هٿ ۾ اچي وڃي تہ مان ان جي ذريعي سموري عربستان کي مٺ ۾ بند ڪري ڇڏيان."[1] پوءِ پاڻ سڳورن کي مخاطب ٿي پڇيائين تہ جيڪڏهن اسان ان دعوت کي قبول ڪيون ۽ تون مخالفن تي غالب اچي وڃين تہ ڇا اهو واعدو ڪرين ٿو تہ توکان پوءِ اهو سمورو سلسلو منهنجي حوالي ٿي ويندو؟

---

[1] سيرت ابن هشام ج 2 ص 33

غور ڪيو ته دعوت جو ابتدائي خلاصو ٻڌڻ سان ئي ان شخص تاڙيو ورتو ته اها دعوت هڪڙي هلچل پيدا ڪرڻ واري دعوت آهي ۽ ان جي غالب اچڻ جو به امڪان آهي ۽ ان وقت اها مفاد حاصل ڪرڻ جو ذريعو به ٿيندي. انهن ئي سوچن بحيره جي اندر سوداگري واري ذهنيت پيدا ڪري ڇڏي. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ته داعي هيا، سياسي ڪاروبار ڪرڻ ڪونه نڪتا هيا. انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن اهو جواب ڏنو ته:

"اهو ته الله جي اختيار ۾ آهي، اهو جنهن کي گهرندو مون کان پوءِ مقرر ڪندو."

بحيره ان تي اهو چيو ته "چا ته ڳالهه آهي! هن وقت ته عربن جي سامهون اسان سينو تاڻي بيهون ۽ جڏهن تنهنجو ڪم ٿي وڃي ته مفاد ڪوئي ٻيو حاصل ڪري وڃي. وڃ، اسان کي اهڙي سلسلي سان ڪو مطلب ڪونهي." ("رحمت للعالمين" ج 1 ص 89)

حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جيڪڏهن غيرسياسي واعظ ڪندڙ هجن ها يا صوفياڻي طرز تي معاشري جي اصلاح ڪرڻ نڪتا هجن ها ته ان موقعي تي انهن جو جواب سڌو سنئون اهو هجي ها ته ميان توهان اهي ڪهڙا خواب ڏسي رهيا آهيو اهو ته الله وارن جو هڪڙو اصلاحي ڪم آهي. ان ۾ مفاد جو ڪهڙو سوال ۽ ان ۾ ڪنهن جي سرداري ۽ جانشيني جي ڪهڙي ڳالهه آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم به پنهنجي تحريڪ جي جامعيت ۽ ان جي سياسي پهلو کان آگاهه هيا ۽ مخاطب ڪرڻ واري به ان انجام جو ڪجهه نه ڪجهه سوچي ورتو هيو جنهن طرف اها دعوت وڃڻ واري هئي.

سوديبازي جي انهن مختلف ڪوشش مان مخالف طاقت اهو فائدو ڪڍڻ گُهريو ٿي ته جيڪڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم تحريڪ جي لاءِ نافذ ڪرڻ جون واٽون ڪيڻ يا ڏاڍ ۽ ظلم جي آوي مان ساٿين کي بچائڻ لاءِ لچڪ ڏيکارين ته اصولي تحريڪ جي حيثيت ۾ ان جي دعوت جو زور ٽُٽي وڃي ۽ جيڪڏهن اهو لچڪ نه ڏيکاري ته اها پروپيگنڊا ڪئي وڃي ته ڏسو! اسان ڪٽراڳ ختم ڪرڻ جي لاءِ گهٽين ئي ڳالهين جي پيشڪش ڪئي ۽ ڪيترائي رستا ڪڍيا، مگر اهو شخص اهڙي هٺ تي بيٺل آهي جو ڪنهن به حل کي قبول نٿو ڪري. صورتحال (پوزيشن) واقعي گهڻي نازڪ هئي، انهيءَ ڪري قرآن شريف حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي انهن سوديبازين جي مقابلي ۾ مضبوط رکڻ لاءِ مسلسل خبردار ڪندو رهيو. ايستائين جو هڪڙي دفعي ته گهڻي شديد انداز ۾ مخالفن جي ان اٽڪل کان بچڻ جي تلقين به ڪئي ۽ ان باري ۾ حفاظت الاهي جو يقين به ڏياريو. فرمايو:

"۽ جيڪڏهن اسان توکي مضبوطي سان ڄمائي نه بيهاريون ها ته پري ڪونه هيو ته تون انهن ڏانهن ڪنهن حد تائين جهڪاءُ ڏيکارين ها. جيڪڏهن ائين ٿئي ها ته اسان توکي دنيا ۾ به ۽ آخرت ۾ به (پنهنجي پڪڙ جو) مزو چکايون ها.

پوءِ تون اسان جي مقابلي ۾ ڪنهن کي مددگار نہ لهين ها.“ (﴿ وَلَوْلَآ اَنْ ثَبَّتْنٰكَ لَقَدْ كِدْتَّ تَرْكَنُ اِلَيْهِمْ شَيْـًٔا قَلِيْلًا ﴿٧٤﴾ اِذًا لَّاَذَقْنٰكَ ضِعْفَ الْحَيٰوةِ وَضِعْفَ الْمَمَاتِ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ عَلَيْنَا نَصِيْرًا ﴿٧٥﴾ بني اسرائيل آيت 74 ۽ 75.)

مطلب تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تحريڪ کي وڏي حڪمت ۽ وڏي صبر ۽ تحمل سان سوديبازي جي انهن ڪوششن مان بچائي ڪڍيو.

## ڀرپور تشدد:

حق جا مخالف نيتن جي لحاظ کان کوٽا ۽ دليل جي لحاظ کان کوکلا هوندا آهن. انهن جي نظر ۾ اصل مسئلو پنهنجي مفاد ۽ پنهنجي اقتدار جو هوندو آهي. اهي ڪنهن دعوت جي اٿڻ سان طاقت جا سيئي هٿيار سنڀالي وٺندا آهن ۽ دليل جو جواب تشدد سان ڏيندا آهن. حق جي تحريڪ انسان جي فڪري قوتن جي ٻل تي ڪم ڪندي آهي. مگر مخالف غيظ ۽ غضب جي جذبن کي جواب لاءِ ڪم ۾ آڻيندا آهن. تبديلي جي لاءِ جيڪڏهن ڪنهن طاقت وقت جي نظام جي خلاف چرپر بہ ڪئي آهي تہ ان کي معاشري جي خدائن هٿان مار کائڻي پئي آهي. ليڪن حق جي دعوت جنهن همهگير تبديلي جي پڪار (آذان) آهي، ان جي رد عمل ۾ تہ لازمي طور رائج نظام جي چوڪيدارن کي هڪڙو شديد جنوني (هسٽريائي) دورو پوندو آهي. اهائي صورت مڪي ۾ هئي. ائين تہ دعوت عام جي شروعات ۾ ئي تشدد جو بہ آغاز ٿي ويو هيو. ليڪن آهستي آهستي جاهلي نظام جو پارو چڙهندو ويو ۽ ظلم جي درياءَ جون موجون مست ٿينديون ويون. پنجن ڇهن سالن جي اندر اندر مڪو ڄڻ امن ۽ رسمت جي نئين نظام جي علمبردارن جي لاءِ هڪڙو ٻرندڙ کورو بڻجي ويو ۽ اهو کورو حضرت خديجہ رضہ ۽ جناب ابو طالب جي وفات کان پوءِ پنهنجي لهس جي لحاظ کان پوري جوڀن تي اچي ويو. ڪير ڪونہ هيو جيڪو ان کوري ۾ نہ ساڙيو ويو هجي. مگر خوب چڱي طرح سڙي سڙي، تپي تپي ۽ ڳري ڳري اسلامي جماعت جا فرد کَرو سون ثابت ٿيا. ان کُوري جي لهس جو سڀ کان وڏو حصو تہ تحريڪ جي اڳواڻ (ليڊر) ـــــ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ـــــ جي حصي ۾ آيو. ليڪن سندن ساٿين تي بہ جيڪو ڪجهہ گذريو آهي، ان کي اسان تاريخ جي ذريعي پوري طرح ڪٿي ڄاڻي سگهون ٿا ۽ ڪيئن محسوس ڪري سگهون ٿا؟ تاهم تاريخ جي پڙهڻ سان لڱ ڪانڊارجي وڃن ٿا. هتي اسان وٽ حق جي دشمنن جي تشدد واري محاذ جو صرف مختصر بيان ڪرڻ جي گنجائش آهي.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف تہ سڏو سنئون هر گهڙي ۽ پل پل اڻ ڳڻيون زيادتيون ڪيون وينديون رهيون. ليڪن سندن ساٿين کي جيڪي اذيتون ڏنيون وينديون هيون اهي بہ اڻ سڏي طرح پاڻ سڳورن جي حساس دل کي پرزا پرزا ڪرڻ واريون هيون. هاڻي ڏسو تہ ڪنهن تي ڇا گذريو؟

خباب رضہ بن الارت تميمي کي جاهليت واري دور ۾ غلام بڻائي وڪيو ويو هيو ۽ ان کي ام نمار خريد ڪيو هيو. ان انهي وقت ايمان آندو جڏهن ارقم جو گهر اسلامي تحريڪ جو مرڪز هيو. اتان ئي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سمورو جماعتي نظام هلائي رهيا هيا. قريشن ٻرندڙ ٽانڊا وڇائي انهن تي ان کي ليٽايو ۽ سيني تي هڪڙو شخص چڙهي بيٺو تہ جيئن اهو پاسو بدلائي نہ سگهي. ٽانڊا پنهي هيٺان ئي ٿڌا ٿي ويا. بعد ۾ خباب رضہ حضرت عمر رضہ کي پنهي ڏيکاري تہ ڪوڙهہ (ٻگ) وانگر سفيد داغ ان تي چٽا هيا. ڌنڌي جي لحاظ کان اهو لوهار هيو. اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ان ماڻهن کان اوڌر ڪيل مزدوري جي گُهر ڪئي تہ جواب مليو تہ جيستائين محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جو انڪار نہ ڪندين، هڪڙي پائي بہ ڪونہ ملندئي. اهو جهڙوڪر معاشي ڌچڪو لڳايو پئي ويو. مگر حق جو اهو سپاهي چوندو هيو تہ توهان جيستائين مري پوءِ زنده نہ ٿي وڃو ايئن نٿو ٿي سگهي.

حضرت بلال رضہ بن رباح حبشي اميہ بن خلف جو غلام هيو. جڏهن سج ٽاڪ منجهند جو نيزي پاند اچي ويندو هيو تہ عربستان جي تپندڙ واري تي ان کي سمهاريو ويندو هيو ۽ سيني تي ڳرو پٿر رکي ڇڏيندا هيس تہ جيئن پاسو بدلائي نہ سگهي. اميہ ان حالت ۾ ان کي چوندو هيو تہ اسلام تان هٿ کڻي وڃ، ورنہ ائين ختم ٿي ويندين، حضرت بلال رضہ جواب ۾ صرف "اَحد اَحد" چوندو هيو. اميہ جي ڪاوڙ اچا وڌي ويندي هئي. ان حضرت بلال رضہ جي ڳچي ۾ رسو ٻڌي شهر جي لوفر ڇوڪرن کي ان جي پنيان لڳائي ڇڏيو. اهي ان کي گهٽي گهٽي ۾ گهليندا رهندا هيا. ليڪن هي جانباز عاشق ساڳي نموني ۾ "اَحد اَحد" پڪاريندو رهندو هيو. ڪڏهن ان کي جانور جي کل ۾ ويڙهيو ويندو هيو تہ ڪڏهن لوهي زرهہ پارائي تکي اس ۾ ويهاريو ويندو هيو. حضرت ابوبڪر رضہ ان کي اميہ بن خلف کان هڪڙي غلام جي بدلي وٺي آزاد ڪري ڇڏيو.

عمار رضہ بن ياسر رضہ اصل ۾ قحطاني هيو. ان جو پيءُ ياسر رضہ يمن کان پنهنجن ٻن پائرن سان گڏ هڪڙي گم ٿيل ڀاءُ جي ڳولا ۾ آيو هيو. ٻيا بہ پائر تہ واپس هليا ويا باقي ياسر رضہ ابوحذيفہ مخزومي سان پاڻپي جو ناتو جوڙي مڪي ۾ ٿي رهي پيو ۽ اتي شادي ڪيائين. ياسر رضہ سميت سموري ڪٽنب اسلام قبول ڪيو. جيئن تہ عمار رضہ بن ياسر رضہ جو ڪوئي قبيلو مڪي ۾ ڪونہ هيو. انهيءَ ڪري ان تي تمام گهڻا ظلم ڪيا ويندا هيا. ان کي اسلام قبول ڪرڻ جي سزا ائين ڏني ويندي هئي تہ ان کي بہ تپندڙ زمين تي ليٽايو ويندو هيو ۽ قريشي ان کي ايترو ماريندا هيا جو وري وري بيهوش ٿي ويندو هيو. ان جي پيءُ ماءُ تي بہ ائين ڏاڍ ڪندا هيا. ان کي پاڻي ۾ غوطا بہ ڏياريندا هيا ۽ ٽانهن تي بہ تڙپايو ويندو هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جي مٿي تي شفقت وارو هٿ ڦيري خاص دعا ڪندا هيا ۽ خوشخبري ڏيندا هيا. حضرت علي عليہ السلام

ڪان روايت آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمائيندا هيا تہ عمار (رضہ) ننهن ڪان چوٽي تائين ايمان سان ڀريل آهي.

حضرت سميہ رضہ جيڪا حضرت عمار رضہ جي امڙ هئي، ان کي اسلام قبول ڪرڻ ڪري ابوجل نهايت بي حيائي ۽ وحشياڻي طريقي سان برڇي هڻي قتل ڪري ڇڏيو. اهائي پهرين عورت آهي جيڪا حق جي واٽ ۾ شهيد ٿي.

ياسر رضہ جيڪو حضرت عمار رضہ جو پي هيو اهو بہ ظلم سهندي سهندي شهيد ٿي ويو.

صهيب رضہ بہ حضرت عمار رضہ سان گڏ ايمان آندو هيو. ان کي اهڙي بيدردي سان ماريو ويندو هيو جو ان جو دماغي توازن درهم برهم ٿي ويندو هيو. هجرت واري دور ۾ قريشن ان کي انهي شرط تي مديني وڃڻ جي اجازت ڏني تہ پنهنجو سمورو مال ملڪيت انهن کي ڏئي وڃي. ان خوشيءَ سان اها ڳالهہ منظور ڪئي ۽ هٿين خالي نڪري ويو.

ابوفڪيهہ جهني رضہ صفوان بن اميہ جو غلام هيو ۽ حضرت بلال رضہ سان گڏ اسلام قبول ڪيو هئائين. اميہ کي معلوم ٿيو تہ ان جي پيرن ۾ رسو ٻڌي ماڻهن کي چيائين تہ تپندڙ واريءَ تي ليٽائڻ جي لاءِ گهلي وڃوس. رستي ۾ هڪڙي جهور ڏسڻ ۾ آئين تہ اميہ ان کي چيو. "اها تہ تنهنجي خدا ڪونهي." البت، ان سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو. "منهنجو ۽ تنهنجو ٻنهي جو خدا الله تعاليٰ آهي." ان تي اميہ زور سان ان کي گُهٽو ڏنو جو ماڻهن اهو سمجهيو تہ ان جو ساهہ نڪري ويو. مگر بچي ويو. هڪڙو دفعو ايترو ڳرو پٿر ان جي سيني تي رکيائون جو بي حال ٿيڻ جي ڪري زبان ٻاهر نڪري آيس. ڪڏهن ان کي لوهيون ڏنبا ٻيڙيون هڻي تپندڙ زمين تي اونڌو سمهاري ڇڏيندا هيا. ان کي بہ حضرت ابوبڪر رضہ خريد ڪري آزاد ڪرائي ڇڏيو.

لبينہ رضہ هڪڙي ٻانهي هئي. حضرت عمر رضہ جڏهن اڃا مسلمان ڪونہ ٿيو هيو تہ ان کي ظالماڻي طريقي سان ماريندو هيو. ٿڪجي پوندو هيو تہ چوندو هيس تہ مون رحم ڪائي نہ پر ٿڪجي پوڻ ڪري توکي ڇڏي ڏنو آهي.

زنيره رضہ[1] حضرت عمر رضہ جي خاندان جي ٻانهي هئي. انهيءَ ڪري حضرت عمر رضہ مسلمان ٿيڻ کان اڳ، ان کي پوري بيدرديءَ سان ماريندو هيو. ابوجهل بہ ان کي هڪڙو دفعو اهڙي بي حيائي سان ماريو جو ان جون اکيون ضايع ٿي ويون. هڪڙي روايت ۾ آهي تہ ان جي ايمان جي برڪت سان ۽ خاص فضل و ڪرم سان الله تعاليٰ هڪدم نظر بحال ڪري ڇڏيس. ان کي بہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ خريد ڪري آزاد ڪرايو.

نهديہ رضہ ۽ ام عُنَيس رضہ (ڪن عميس لکيو آهي) بہ ٻئي ٻانهيون هيون. انهن بہ انتهائي سخت ظلم سٺا آهن.

---

[1] استيعاب ۾ ان جو نالو زنبره لکيل آهي. ڏسو سيرت سرورِ عالم ﷺ ج 2 ص 550

حضرت عثمان رضہ جيڪو عمر جي لحاظ کان بہ قابل احترام هيو ۽ مال ۽ دولت جو مالڪ هيو جڏهن اسلام قبول ڪيو تہ ان جي پنهنجي چاچي رسي سان ٻڌي مار ڏنس.

حضرت ابوذر رضہ اسلام قبول ڪرڻ سان ئي ڪعبي ۾ اچي اعلان ڪيو. قريشي ان جي مٿان ٽُٽي پيا ۽ ماريندي ماريندي ان کي زمين تي دسي ڇڏيائون.

حضرت زبير رضہ بن عوام کي اسلام قبول ڪرڻ تي سزا ڏيڻ لاءِ ان جو چاچو ان کي تڏي ۾ ويڙهي نڪ ۾ دونهون ڏيندو هيو. مگر اهو پوري عزم سان چوندو هيو "مان هاڻي ڪفر تہ ڪڏهن بہ ڪونہ ڪندس."

سعيد رضہ بن زيد کي (هي حضرت عمر رضہ جو سوٽ هيو) حضرت عمر رضہ رسن سان ٻڌي ڇڏيو.

سعد رضہ بن ابي وقاص سان بہ ظالماڻيون ڪاروايون ڪيون ويون.

عبدالله رضہ بن مسعود اسلام قبول ڪرڻ تي پهريون دفعو وڏي آواز سان حرم ۾ قرآن شريف پڙهيو. ان سورت الرحمان جي تلاوت شروع ڪئي تہ ڪافر ان تي ڪاهي ڪري آيا ۽ ان جي منهن تي چماٽون هڻڻ لڳا. مگر پوءِ بہ تلاوت جاري رکيائين ۽ زخمي چهري سان واپس ويو.

عثمان رضہ بن مظعون وري وليد بن مغيره جي پناھ ۾ هجڻ ڪري شروع ۾ محفوظ هيو. ليڪن رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اصحابن تي جيڪي امتحاني گهڙيون گذري رهيون هيون، انهن کي ڏسي عثمان رضہ جي دل ۾ احساس پيدا ٿيو تہ مان هڪڙي مشرڪ جي حمايت هيٺ امن سڪون سان چو رهان، جڏهن تہ منهنجا سڀئي اهو سڀ ڪجهہ ڀوڳي رهيا آهن. ان وليد بن مغيره سان ڳالهايو تہ مان پناھ واپس ڪيان ٿو. وليد سمجهايس تہ "ڀائٽيا! منهنجي قوم جو ڪو فرد توسان بدسلوڪي نہ ڪري وجهي." ان چيو تہ نہ مان تہ الله جي پناھ ۾ رهندس ۽ ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي پناھ مون کي گوارا ڪونهي. ڪعبي ۾ وڃي ان وڏي آواز ۾ وليد بن مغيره جي پناھ واپس ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ ان کان پوءِ قريشين جي ڪچهري ۾ وڃي ويٺو. لبيد مصرعو پڙهيو "اَلاَ ڪُلُّ شَيءٍ مَا خَلا اللهَ بَاطِلٌ" عثمان رضہ چيو تہ تو سچ چيو. ان ٻيو مصرعو پڙهيو "وَڪُلُّ نَعِيم لاَ مُحَالَہ زَائِلٌ" ان چيس تہ تو اها ڳالھہ غلط چئي آهي. جنت جون نعمتون ڪڏهن بہ ختم ڪونہ ٿينديون. لبيد جو رت ٽهڪي ويو تہ اها جرئت ڪنهن جي آهي. چيائين: "اي قريشيو! اهو ڪير آهي جيڪو توهان سان گڏ ويٺل سان بدسلوڪي ڪري ٿو." ڪنهن چيو تہ اهو بيوقوفن مان هڪڙو بيوقوف آهي، جنهن اسان جي دين کان منهن موڙي ڇڏيو آهي. سو ان جي ڳالھہ جو دل ۾ ارمان نہ ڪر. عثمان رضہ بہ ماٺ رهي ڪونہ سگهيو. تڙي ڪڙي جواب ڏنائين. ان تي اهوئي شخص اٿيو ۽ ان عثمان رضہ بن مظعون کي هڪڙي اهڙي لپاٽ وهائي ڪڍيائين جو ان جي اک نڪري پئي. ان

تي وليد بن مغيره چيو ته تون جيڪڏهن منهنجي پناهه ۾ رهين ها ته اڪ ڪان ايئن هٿ نه ڏوئين ها. عثمان رضه جواب ڏنو ته منهنجي جيڪا اک بچي وئي آهي، اها به قربان ٿيڻ جي لاءِ تيار آهي. مان ان هستي جي پناهه ۾ آهيان جيڪا توهان کان وڌيڪ عزت ۽ قدرت واري آهي.

حضرت ابوذر رضه حق جي دعوت کي قبول ڪيو ته انقلابي روح سان سرشار ٿي سڌو حرم اچي پهتو ۽ اتي وڏي آواز ۾ پنهنجي نئين عقيدي جو اعلان ڪيو. قريشي حيران ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا ته اهو ڪير بي دين آهي، ماريو ان کي. تنهن ڪري مارڪٽ شروع ٿي وئي. ارادو اهو هين ته ان کي جان کان ماري ڇڏين. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جا چاچا عباس رضه اتفاق سان اتان گذريا ته ان چين ته اهو ته غفاري قبيلي جو ماڻهو آهي ۽ توهان کي واپار جي لاءِ ان ئي قبيلي جي علائقي مان لنگهڻو پوندو آهي. ڪجهه هوش ڪيو. ماڻهو بس ڪري ويا. ٻئي ڏينهن ان وري عقيدي جو اعلان ڪيو ۽ وري مار کاڌائين.

حضرت ام شريڪ رضه ايمان آندو ته ان جي مٽن مائٽن ان کي ساڙيندڙ اس ۾ بيهاري ڇڏيو. ان حالت ۾ اهي ان کي کائڻ لاءِ ماني سان گڏ ماکي ڏيندا هيا ۽ پاڻي نه پياريندا هيا ته جيئن اچ ڪري گرمي جي تپش جو ٻيڻو عذاب پوڳي. ٽي ڏينهن لاڳيتو ان حالت ۾ گذري ويا انتهائي تڪليف جي حالت ۾ ان کان مطالبو ڪيو ويو ته اسلام کي ترڪ ڪري. ان جا حواس ان حد تائين متاثر ٿي ويا هيا جو اها ان ڳالهه کي سمجهي نٿي سگهي پوءِ ظالمن آسمان ڏانهن اشارو ڪري چيو ته خداءِ واحد جو انڪار ڪر جڏهن اها مطلب سمجهي وئي ته چيو ته الله جو قسم مان ته پنهنجي عقيدي تي قائم آهيان

خالد رضه بن العاص جي اسلام قبول ڪرڻ تي ان جي پيءُ ان کي ايترو ماريو جو مٿو ڦاٽي پيس. ان کي بک ڪاٽڻ جو عذاب به ڏنو ويو.

غرض ته اهڙو ڪير هيو جنهن کي ان ڪُوري ۾ نه وڌو ويو هجي حضرت عثمان رضه کي ان جي چاچي حڪم بن العاص رسن سان ٻڌي ڇڏيو. اهوئي سلوڪ حضرت ابوبڪر رضه ۽ طلحه سان ٿيو. وليد بن وليد عياش بن ابي ربيعه ۽ سلمه بن هشام کي انتهائي اذيتون ڏنيون ويون ۽ وري انهن کي هجرت ڪرڻ کان به روڪيو ويو. ظلم ۽ ڏاڍ جو انتهائي مظاهرو اهو به هيو جيڪو حضرت عمر رضه مسلمان ٿيڻ کان اڳ پنهنجي پيڻ ۽ پيڻيوي سان جاري رکيو ان جو تفصيل اڳتي ايندو.

هڪڙي طرف ان زهر سان ڀريل تشدد جي سلسلي کي ڏسو ۽ ٻئي طرف اسلامي تحريڪ جي علمبردارن جي استقامت تي غور ڪيو ته مرد عورتون، غلام ۽ ٻانهيون، جيڪو به حق جي ان شراب سان سرشار ٿي ويو پوءِ ان جو قدم پوئتي ڪونه هٽيو ظلم ڪنهن به شخص کي دين کان ڦرڻ واري اهه تي موڙي ڪونه سگهيا اسان صحيح معني ۾ ڏسون ٿا ته انهن هستين جي ذهنن ۾ هڪڙي انقلابي لهر ڊوڙي رهي هئي ۽ انهن جي

جي نظر ۾ اهو امڪان هيو تہ شايد اهوئي علائقو هجرت جو ماڳ (دارالهجرت) ٿيڻ لاءِ موزون هجي. انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن ان ملڪ جي باري ۾ فرمايو "هِيَ اَرضُ صِدق"[1] (اها سچائي واري سرزمين آهي.)

نبوت جي پنجين سال حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي انقلابي جماعت جي يارهن مردن ۽ چئن عورتن وارو قافلو حضرت عثمان رضہ بن عفان جي اڳواڻي ۾ رات جي اونداهي ۾ حبش لاءِ روانو ٿيو. حضرت عثمان رضہ سان گڏ ان جي زال يعني الله جي رسول جي نياڻي حضرت رقيہ رضہ بہ ان هجرت واري پهرين سفر ۾ گڏ نڪتيون هيون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان مبارڪ جوڙي جي باري ۾ فرمايو تہ لوط عليہ السلام ۽ ابراهيم عليہ السلام کان پوءِ اهو پهريون جوڙو آهي جنهن الله جي رضا ۾ وطن ڇڏيو.[2]

ان قافلي جي نڪرڻ کان پوءِ جڏهن قريشين کي خبر پئي تہ پيڇو ڪرڻ لاءِ ماڻهو نڪتا مگر جڏهن اهي بندرگاهہ (جده) وٽ پهتا تہ معلوم ٿين تہ انهن کي پهچڻ وقت ٻہ تيار ٻيڙيون ملي ويون هيون ۽ اهي پڪڙ کان ٻاهر آهن. اهي مهاجر ٿورڙو عرصو (رجب کان شوال تائين) حبش ۾ ترسيا. هڪڙو افواهہ پهتو تہ قريشين اسلام قبول ڪري ورتو آهي. اهي سڀ موٽي آيا. مگر مڪي جي ويجهو پهچڻ تي معلوم ٿين تہ افواهہ غلط هيو. هاڻي سخت مشڪل پيش اچي وئي، ڪجهہ ماڻهو لڪي شهر ۾ آيا ۽ ڪجهہ ڪنهن جي حمايت (پناهہ) حاصل ڪري داخل ٿيا. اهڙي طرح موٽي اچڻ جو لازمي طور نتيجو اهو نڪرڻو هيو تہ پهريان کان وڌيڪ ڏاڍ ٿيڻ لڳو.

بعد ۾ ٻيو گهڻو وڏو قافلو جنهن ۾ 85 مرد ۽ 17 عورتون شامل هيون، حبش وڃي پهتو. اتي انهن کي پرامن فضا ملي ۽ اهي اطمينان سان اسلام جي تقاضائن مطابق زندگي گذارڻ لڳا.

هاڻي ڏسو تہ حق جي دشمنن جو ساڙ ڪٿي وڃي پهتو. انهن هڪڙي گڏجاڻي ۾ سموري معاملي تي غور ڪري منصوبو ٺاهيو ۽ عبدالله بن ربيعہ ۽ عمرو بن عاص کي سفارتي مقرر ڪيو تہ اهي وڃي حبش جي بادشاهہ سان ڳالهائين ۽ مهاجرن کي واپس وٺي اچن. ان مقصد جي لاءِ نجاشي ۽ ان جي درٻارين جي لاءِ مهانگا تحفا تيار ڪيا ويا ۽ گهڻي سامان سان سفارتي وفد روانو ٿيو. حبش پهچي اهي درٻارين ۽ پادرين سان سازش ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا ۽ انهن کي رشوتون ڏنائون. انهن جي سامهون معاملي جي اها صورت رکيائون تہ اسان جي شهر ۾ ڪجهہ مٿي ڦريل ماڻهن هڪڙو مذهبي فتنو پيدا ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهو توهان جي مذهب لاءِ بہ ايترو خطرناڪ آهي جيترو اسان جي آبائي ڌرم جي لاءِ. اسان انهن کي ڪڍي ڇڏيو هيو تہ هاڻي اهي هتي توهان جي پناهہ ۾ اچي پيا آهن. انهن کي هتي ٽڪڻ نہ ڏيڻ گهرجي. ان مقصد ۾ توهان اسان سان تعاون

---

[1] سيرت ابن هشام ج 1 ص 343

[2] المواهب اللدنيہ ج 1 ص 51. رحمت للعالمين ج 1 ص 72

ڪيو. انهن جي اصل ڪوشش اها هئي تہ دربار ۾ سمورو معاملو بحث هيٺ نہ اچي ۽ مهاجرن کي ڳالهہ ڪرڻ جو موقعو ئي نہ ملي. بادشاهہ هڪ طرفي ڳالهہ ٻڌي انهن کي اسان جي حوالي ڪري ڇڏي. ان مقصد جي لاءِ رشوت ۽ سازباز جا طريقا اختيار ڪيا ويا هيا. اهي جڏهن درٻارين کي خوشامد ۾ ڦاسائي چڪا تہ سوکڙيون کڻي نجاشي جي آڏو حاضر ٿيا. پوءِ پنهنجو مقصد بيان ڪيو تہ مڪي جي رئيسن اسان کي توهان جي خدمت ۾ انهيءَ لاءِ موڪليو آهي تہ توهان اسان جي ماڻهن کي اسان سان گڏ واپس ڪيو. درٻارين ۽ پادرين بہ تائيد ڪئي. مگر نجاشي هڪ طرفي دعوا تي ڪارروائي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ صاف چئي ڇڏيو تہ انهن ماڻهن کان احوال معلوم ڪرڻ کان سواءِ مان انهن کي توهان جي حوالي نٿو ڪري سگهان.

ٻئي ڏينهن دربار ۾ ٻنهي ڌرين کي گهرايو ويو. مسلمانن کي جڏهن حاضري جو پيغام مليو تہ انهن پاڻ ۾ مشورو ڪيو تہ بادشاهہ عيسائي آهي ۽ اسان پنهنجي اعتقاد ۽ مسلڪ ۾ ان کان اختلاف رکون ٿا تہ آخر ڇا چيو وڃي. ليڪن فيصلو اهو ئي ٿيو تہ اسان دربار ۾ اهوئي چونداسين جيڪو ڪجهہ الله جي رسول اسان کي سيکاريو آهي ۽ ان ۾ تر جيترو بہ فرق ڪونہ ڪنداسين ____ جيڪو ٿئي پلي ٿئي. اندازو ڪيو تہ انهن ماڻهن جو ايمان ڪيترو پڪو هيو. ايترين سنگين حالتن ۾ حق ۽ سچائي تي قائم رهڻ جو عزم الله جي ذات آهي. پوءِ جڏهن اهي مسلمان دربار ۾ پهتا تہ مقرر آداب جي مطابق نجاشي کي سجدو ڪرڻ کان پرهيز ڪيائون. درٻارين کي انهيءَ طرزِ عمل تي ناراضگي ٿي ۽ سوال ڪيو ويو تہ آخر توهان سجدو ڇونہ ڪيو. حضرت جعفر رضہ (وفد جي نمائندي) پوري جرئت سان جواب ڏنو تہ اسان الله کان سواءِ ڪنهن کي سجدو ڪونہ ڪندا آهيون ۽ خود رسول الله کي بہ سولي سادي طريقي سان سلام ڪندا آهيون. غور ڪيو تہ ڪهڙين نازڪ حالتن ۾ سچي توحيد جو اهو انقلابي مظاهرو ڪيو پئي ويو. مخالف جنهن طاقت جي سامهون چاپلوسي ڪري رهيا هيا، مسلمان ان جي روبرو اصول پسندي واري خودداري جو رنگ ڏيکاري رهيا هيا.

هاڻي مڪي جي سفارتي وفد پنهنجي دعوا پيش ڪئي تہ اهي مهاجر اسان جا ڀاڳيلا آهن. انهن هڪڙو نئون دين گهڙيو آهي ۽ هڪڙو تخريبي طوفان برپا ڪري ڇڏيو آهي. لهٰذا انهن کي اسان جي حوالي ڪيو وڃي. نجاشي مسلمانن کان معلوم ڪيو تہ ڇا معاملو آهي ۽ عيسائيت ۽ بت پرستي کان علاوہ ڪهڙو دين آهي جيڪو توهان اختيار ڪيو آهي.

حضرت جعفر رضي الله تعاليٰ عنہ مسلمانن جي طرفان ترجمان ٿي اٿيا ۽ ان نجاشي کان اجازت طلب ڪئي تہ اهو پهريان مڪي وارن جي سفارتي وفد کان سوال ڪري، اجازت ملڻ تي هي گفتگو ٿي:

حضرت جعفر رضہ: "ڇا اسان ڪنهن جا غلام آهيون جيڪي آقا کان ڀڄي آيا هجون ۽ جيڪڏهن ايئن هجي تہ اسان کي واپس ڪرڻ گهرجي."

عمرو بن عاص: "نہ اهي ڪنهن جا غلام ڪونہ آهن. آزاد ماڻهو آهن."

حضرت جعفر رضہ: "ڇا اسان ڪنهن کي ناحق قتل ڪري آيا آهيون؟ جيڪڏهن ايئن هجي تہ توهان اسان کي مقتولن جي وارثن جي حوالي ڪري ڇڏيو."

عمروبن عاص: "نہ انهن رت جو هڪڙو قطرو بہ ڪونہ وهايو آهي."

حضرت جعفر رضہ: "ڇا اسان ڪنهن جو مال کڻي ڀڳا آهيون. جيڪڏهن ائين هجي تہ اسان ان جي ادائگي ڪرڻ لاءِ تيار آهيون."

عمرو بن عاص: "نہ انهن جي ذمي ڪنهن جو هڪڙو ڏوڪڙ بہ ڪونهي."

ان آڏي پڇا سان جڏهن مسلمانن جي اخلاقي پوزيشن پوري طرح صاف ٿي وئي تہ حضرت جعفر رضہ هي تقرير ڪئي:

"اي بادشاهہ! اسان هڪڙي جاهل قوم هياسين. بتن جي پوڄا ڪندا هياسين. مئل ڍور جو گوشت کائيندا هياسين. بدڪاريون ڪندا هياسين. پاڙيسرين کي ستائيندا هياسين. ڀاءُ ڀاءُ تي ظلم ڪندو هيو طاقتور ماڻهو ڪمزورن کي کائي ويندا هيا. انهي حالت ۾ اسان ۾ هڪڙو شخص پيدا ٿيو جنهن جي شرافت، سچائي ۽ ديانت کان اسان پهريان کان واقف هياسين. ان اسان کي اسلام جي دعوت ڏني ۽ اهو سيکاريو تہ اسان پٿرن جي پوڄا ڪرڻ ڇڏي ڏيون. سچ ڳالهايون. رتوڇاڻ کان پاسو ڪيون. يتيمن جو مال نہ کائون. پاڙيسرين کي سُک ڏيون. پاڪدامن عورتن تي بهتان نہ مڙهيون. نماز پڙهون. روزا رکون. صدقو ڏيون. اسان ان تي ايمان آندو. شرڪ ۽ بت پرستي ڇڏي ڏني ۽ سيني بڇڙن عملن کان پرهيز ڪئي. ان ڏوهہ ۾ اسان جي قوم اسان جي حياتين جي دشمن ٿي وئي ۽ اسان کي مجبور ڪيو وڃي ٿو تہ وري ان گمراهي ڏانهن موٽي وڃون. سو اسان پنهنجو ايمان ۽ پنهنجون حياتيون بچائي توهان وٽ ڀڄي آيا آهيون. جيڪڏهن اسان جي قوم اسان کي وطن ۾ رهڻ ڏئي ها تہ اسان نہ نڪرون ها. اها آهي اسان جي روداد!"

ڳالهہ سچي هجي ۽ چوڻ وارو دلي جذبي سان بيان ڪري تہ لازمي طور اها اثر ڪندي آهي. نجاشي جهڙي خداترس بادشاهہ جي دل ميڻ ٿي وئي. هاڻي اهو چوڻ لڳو تہ ان ڪتاب جو بہ تہ ڪجهہ حصو ٻڌايو جيڪو توهان تي نازل ٿيو آهي. تنهن ڪري حضرت جعفر رضہ سورت مريم جون ڪجهہ آيتون تلاوت ڪيون. الاهي آيتن کي ٻڌي بادشاهہ جي دل تي رقعت طاري ٿي وئي. ان جون اکيون آليون ٿي ويون. اهو بي اختيار پڪاري اٿيو. "خدا جو قسم! اهو ڪلام ۽ انجيل، ٻئي هڪڙي ئي ڏيئي جو عڪس آهن." بلڪ وڌيڪ اهو چيو تہ "محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) تہ اهوئي رسول

آهي جنهن جي خبر يسوع مسيح عليہ السلام ڏني هئي. الله جو شڪر آهي تہ مون کي ان رسول جو زمانو مليو.“ ان سان گڏ اهو فيصلو ڏنو تہ مهاجرن کي واپس نہ ڪري سگهجي. ڪارروائي ختم ٿي وئي ۽ سفارتي وفد ناڪام ٿي موٽيو. بعد ۾ انهن ماڻهن وري پاڻ ۾ مشورو ڪيو تہ هڪڙي ڪوشش ٻي ڪرڻ گهرجي. نجاشي عيسائي آهي ۽ جيڪڏهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي باري ۾ مسلمانن جو عقيدو دربار ۾ پڌرو ڪرايو وڃي تہ ممڪن آهي تہ بادشاهہ جي اندر مذهبي تعصب جي باهہ ڀڙڪي وڃي.

ٻئي ڏينهن عمرو بن عاص وري دربار ۾ پهتو ۽ نجاشي جا ڪن ڀرڻ لاءِ اهو الزام ٺاهيائين تہ اهي مسلمان حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي باري ۾ گهڻو خراب عقيدو رکن ٿا. نجاشي وري مسلمانن کي گهرايو. انهن کي جڏهن صورتحال جي خبر پئي تہ ڪجهہ ٻُڌتر ٿين تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو ”الله جي پٽ“ هجڻ جو انڪار ڪرڻ تي خبر ڪونهي نجاشي جو رد عمل ڪهڙو ٿيندو. ليڪن انهن جي عزم چيو تہ جيڪا حق ڳالهہ آهي ان کي واضح انداز ۾ پيش ڪري ڇڏيو. حضرت جعفر رضہ پنهنجي تقرير ۾ چيو:

”اسان جي نبي سڳوري ٻڌايو آهي تہ عيسيٰ عليہ السلام الله جو ٻانهو ۽ پيغمبر آهي ۽ روح الله آهن.“

نجاشي زمين تان هڪڙو ڪک کنيو ۽ چيو تہ والله! جيڪو تو چيو عيسيٰ عليہ السلام ان کان هن ڪک جيترو بہ وڌيڪ ڪونهي. پادري جيڪي سازش جو شڪار ۽ رشوت ۽ سوکڙين جي بار هيٺ هيا، دل ئي دل ۾ وٽ کائي رهيا هيا. ايستائين جو انهن جي ناسن مان ساهہ جي خرخر ٻڌڻ ۾ پئي آئي. نجاشي انهن جي ڪا پرواهہ ڪونہ ڪئي. حڪم ڏنو تہ سيئي سوکڙيون واپس ڪري ڇڏيو. مڪي جو وفد پوري طرح ناڪام ۽ نامراد ٿي موٽيو.

## عمر رضہ فتح ٿي ويو:

تشدد جي ان داستان جو اهو باب سڀ کان مشهور آهي جيڪو حضرت عمر رضہ جي غيض و غضب سان مرتب ٿيو هيو. عمر رضہ ڄمار جي ستاويهين سال ۾ هيو جڏهن نبوتِ محمدي جو جهنڊو بلند ٿيو. اسلام جلدئي ان جي گهراڻي ۾ داخل ٿي ويو. ان جو پيٽيوو سعيد رضہ پهريان اسلام قبول ڪيو ان جي اثر سان ان جي زال يعني عمر رضہ جي ڀيڻ فاطمہ رضہ بہ مسلمان ٿي وئي. خاندان جي هڪڙي ٻئي بااثر شخص نعيم رضہ بن عبدالله بہ حق جي دعوت کي لبيڪ چيو. پهريان پهر عمر رضہ کي انهي ڳالهہ جو حال معلوم ڪونہ ٿي سگهيو جيئن ئي معلوم ٿيس تہ اهو آپي مان ٻاهر ٿي ويو ۽ اسلام قبول ڪرڻ وارن جو دشمن ٿي ويو. لُبَيْنہ ان جي خاندان جي ٻانهي هئي، ان کي ماري ماري ٿڪجي پوندو هيو تہ ساهي کڻڻ لاءِ بس ڪري ويهندو هيو ساهي پٽڻ کان پوءِ وري مارڻ ڪُٽڻ شروع ڪري ڇڏيندو هيو.

آخر هڪڙي ڏينهن تهيو ڪيائين تہ چو نہ حق جي دعوت ڏيڻ واري تي ئي هٿ صاف ڪري ڇڏجي. ان ڳالهہ جو هڪڙو محرڪ تاريخي روايتن ۾ اهو بہ بيان ٿيو آهي تہ ابوجهل انهن ڏينهن ۾ الله جي رسول کي قتل ڪرڻ واري جي لاءِ هڪ سو اُٺ انعام مقرر ڪيو هيو. ليڪن اها ڳالهہ عمر رضہ جي مزاج واري ڪونهي تہ اهو اهڙي لالچ جو شڪار ٿيو هجي. قياس اهو ڪيو وڃي ٿو تہ ان اهڙي قدم کي هڪڙو اخلاقي فرض ۽ پنهنجي اباڻي دين جي خدمت سمجهي ڪرڻ گهريو ٿي. بهرحال، اهو تلوار کڻي هليو. رستي ۾ نعيم رضہ بن عبدالله سان منهان منهن ٿي ويو. ان چيو تہ پهريان پنهنجي گهر جي خبر وٺ، ۽ پيڻ ۽ پيڻيوي سان نبر. پوءِ ڪنهن ٻئي طرف وڃ. هڪدم موٽيو ۽ پيڻ جي گهر پهتو. اها قرآن پڙهي رهي هئي. پيرن جو کڙڪو ٿيو تہ ماٺ ٿي وئي ۽ قرآن شريف جا ورق لڪائي ڇڏيائين. حضرت عمر رضہ معلوم ڪيو تہ اهو ڇا پڙهيو پئي ويو. پيڻ ٽال مٽول ڪئي. انهن کي چوڻ لڳو تہ مون کي معلوم ٿي ويو آهي تہ توهان ٻئي پنهنجي دين کان ڦري (مرتد ٿي) چڪا آهيو. اهو چئي پيڻيوي سان وڙهڻ ۽ ان کي مارڻ لڳو. پيڻ وچ ۾ ڇڏائڻ لاءِ آئي تہ ان کي ماريائين. ان جو جسم رتورت ٿي ويو. ليڪن لڙڪ پريل اکين سان پرعزم انداز ۾ چوڻ لڳي:

"عمر! جيڪو ڪري سگهين ٿو ڪر! ليڪن اسلام هاڻي دل مان نٿو نڪري سگهي."

هڪڙي عورت، ۽ اها بہ پيڻ ـــــ جذبات جو هڪڙو نمونو ـــــ جسم زخمي! ڪپڙا رت سان پريل. اکين ۾ لڙڪ! ـــــ ۽ زبان تي پرعزم انداز وارا لفظ! اندازو ڪيو تہ اسلام عورتن جي اندر ۾ ڪهڙو نئون روح ڦوڪي ڇڏيو هيو. عمر رضہ جي قهر ڪرڻ واري طاقت ان مظلومي واري منظر جي آڏو هار مڃي وئي. هيري جو جگر گُل جي پَتي سان ڪپجي ويو. چيائين. "تون جيڪو پڙهي رهي هئين، کڻي اچي مون کي بہ ٻڌاءِ" اها وئي ۽ قرآن وارا لکيل ٽڪرا کڻي آئي. جڏهن هي لفظ تلاوت ٿيڻ لڳا تہ "آمَنُوا بِاللهِ وَرَسُولِهٖ" تہ بي اختيار پڪاري اٿيو. اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَ اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَ رَسُولِهٖ. ايمان جي دولت سان مالامال ٿي حق جي تحريڪ جي مرڪز ـــــ ارقم جي گهر ـــــ ڏانهن هليو. اتي وڃي الله جي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هٿ تي بيعت ڪيائين. ان واقعي تي مسلمانن خوشي مان اهڙو نعره تڪبير بلند ڪيو جو مڪي جو پورو ماحول گونجي ويو. حق جي دعوت ڏيندڙ (داعيانِ حق) اٿيا ۽ مڪي ۾ پکڙجي ويا. انهن محسوس ڪيو تہ سندن طاقت وڌي وئي آهي. حضرت عمر رضہ جي ايمان آڻڻ سان ئي ڪعبي ۾ پهريون دفعو کلم کلا جماعت سان گڏجي نماز ادا ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿيو.

حضرت عمر رضہ مڪي جي نوجوانن ۾ پنهنجي جوش ۽ ذهانت جي ڪري اعليٰ مقام رکندو هيو. ان جو ڪردار خلوص واري جذبي سان پريل هيو. اهو جاهليت واري

ماحول ۾ هيو تہ پوري خلوص سان اسلامي تحريڪ جو دشمن هيو نہ ڪي ڪنهن ذاتي مفاد جي بنياد تي، ۽ جڏهن حقيقت پڌري ٿي وئي ۽ صحيح طبيعت تان پردا هٽي ويا تہ وري خلوص جي شان سان اسلامي تحريڪ جو جهنڊو بلند ڪري ڇڏيائين. ان جي مخالفت واري جوش جو انداز توڙي جو گهڻو طوفاني هيو مگر ان جي ذهانت ۽ اصل طبيعت ٺيڪ نموني سان حقيقت جي روشني جذب ڪندي رهي. مڪي جي ماحول ۾ جيڪو لاهہ چاڙهہ اچي رهيو هيو ان جي هر لهر کان اهو اثرانداز ٿيندو رهيو ۽ هڪ ٻئي پٺيان گهڻن واقعن ان جي دل کي حق کي قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪري ڇڏيو. هڪڙي طرف روزانو ان تائين حق جي دعوت جون ڳالهيون پهچنديون هونديون، ٻئي طرف حق جي مخالفن جي ذهنيت جون پستيون ان تي ظاهر ٿينديون هونديون، وري هڪڙي طرف اهو ان ڪردار کي ڏسندو هوندو جيڪو محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ ان جا دعوت ڏيڻ وارا ساٿي پيش ڪري رهيا هيا. ۽ ٻئي طرف انساني سيرت جون اهي اونداهيون ان جي نظرن مان گذرنديون هونديون جن ۾ اسلام جا مخالف ٻڏل هيا. هر صبح ۽ هر شام اهي تقابلي منظر مڪي جي ان سجاڳ دل نوجوان تي اثرانداز ٿيندا هوندا. ليڪن ان عام صورتحال کان علاوه ڪجهہ خاص واقعن بہ ڪم ڪيو هيو.

مثال طور، اُمِ عبدالله بنت ابي حَثمہ حبش ڏانهن هجرت ڪرڻ جي تياري ڪري رهي هئي تہ حضرت عمر رضہ ان وٽ پهتو. چوڻ لڳو: "ام عبدالله! لڳي ٿو تہ مڪو ڇڏڻ جي تياري ڪري رهي آهين؟" ام عبدالله جواب ڏنو. "ها، الله جو قسم، اسان الله جي زمين ۾ هجرت ڪري وڃڻ لاءِ نڪرڻ وارا آهيون. توهان اسان کي گهڻو ڏک ڏنو آهي ۽ اسان تي ظلم ڪيا. ايستائين جو هاڻي اسان جي لاءِ الله آجپي جو ڪو رستو کولي." عمر رضہ چوڻ لڳو. "الله توهان جو مددگار ٿئي." ام عبدالله جو بيان آهي تہ ان مهل ان تي اهڙي رقعت طاري هئي جهڙي مون ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺي هئي. اسان طرفان وطن ڇڏڻ جون تياريون ڏسي اهو ڏکويل حالت ۾ اچي ويو. ايتري ۾ عامر رضہ بن ربيعہ (ام عبدالله جو مڙس) اچي ويو. ام عبدالله ان کي ٻڌايو تہ "ڪاش تون ان وقت عمر (رضہ) جي ڏکڻي ۽ غمگيني ڏسين ها جيڪا اسان جي وڃڻ ڪري ان تي طاري ٿي." عامر رضہ چوڻ لڳو تہ ڇا توکي ان مان ان جي اسلام قبول ڪرڻ جي اميد نظر اچي ٿي؟ ام عبدالله هائوڪار ۾ جواب ڏنو. ان چيو: "تو جنهن کي ڏٺو آهي اهو ان وقت تائين اسلام قبول نٿو ڪري سگهي جيستائين خطاب (حضرت عمر رضہ جي پيءُ جو نالو) جو گڏهہ اسلام قبول نہ ڪري." ام عبدالله چوي ٿي تہ اسلام جي باري ۾ ان جي دشمني ۽ سنگدلي جي ڪري ايتري نااميدي هئي. (سيرت ابن هشام ج 1 ص 365)

ليڪن ڪنهن کي معلوم تہ ان واقعي عمر رضہ جي دل ۾ احساس جو هڪڙو نئون ڪنڊو چُڀائي ڇڏيو هوندو. اهڙي طرح هڪڙي ٻي روايت ٻڌائي ٿي تہ ان جي

دل حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان قرآن ٻڌي نرم ٿي وئي هئي. ان جو پنهنجو بيان هي آهي:

"مان اسلام کان گهڻو پري هيس ـــ جاهليت وارن ڏينهن ۾ شراب پيئڻ جو شوقين هيس. شراب ڏانهن گهڻو لاڙو هيو ۽ خوب پيئندو هيس. حَزوَره[1] ۾ اسان جي محفل مچندي هئي، جنهن ۾ قريشي دوست گڏ ٿيندا هيا. هڪڙي رات مان پنهنجن انهن ئي يارن جي ڪشش ۾ ان محفل لاءِ پهتس. انهن کي تلاش ڪيو پر انهن مان ڪو هڪڙو بہ ڪونہ مليو. پوءِ هڪڙي شراب وڪڻ واري جو خيال آيو تہ اتي وڃي شراب پيئان. اتفاق سان اهو بہ ڪونہ مليو. پوءِ خيال آيو تہ ڇونہ ڪعبي جو رخ ڪريان ۽ ست يا ستر ڦيرا طواف ڪريان. اتي پهتس تہ ڏٺو تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم نماز پڙهي رهيا هيا. پاڻ سڳورا حجر اسود ۽ رڪن يماني جي وچ ۾ (شام يعني بيت المقدس ڏانهن منهن ڪيون) بيٺا هيا. ارادو ٿيو تہ ڇو نہ اڄ ٻڌو وڃي تہ اهو شخص ڇا ٿو چوي؟ ڪعبي جي غلاف ۾ اندر وڃي لڪي آهستي آهستي ويجهو وڃي ٻڌندو رهيس. منهنجي ۽ الله جي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي وچ ۾ صرف ڪعبي جو غلاف ئي آڙ هيو. جڏهن مون قرآن ٻڌو تہ منهنجي دل نرم ٿي وئي ۽ منهنجون اکيون ڀرجي آيون. ان ئي گهڙي اسلام منهنجي اندر داخل ٿي ويو." (سيرت ابن هشام ج 1 ص 368)

باقي روايت اهو ٻڌائي ٿي تہ عمر رضہ ان ئي وقت حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پٺيان پٺيان ويو ۽ اسلام قبول ڪيائين. ليڪن عملي طور اسلام قبول ڪرڻ جي اها ئي روايت صحيح آهي جنهن موجب پيڻ جي ايمان ۽ صبر و پختگي کان متاثر ٿي ان جي ذهن پلٽو کاڌو. ان روايت جو اهو حصو پنهنجي جاءِ تي اهم آهي تہ عمر رضہ جهڙي شخصيت ان کان بغير ڪيئن ٿي رهي سگهي تہ پنهنجن ڪنن سان حق جي دعوت کي ٻڌي ۽ پنهنجي راءِ پاڻ قائم نہ ڪري. سالن جي ڪشمڪش واري دور ۾ اهڙي واقعي جو پيش اچڻ گمان جي ويجهو آهي تہ حضرت عمر رضہ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زبان مبارڪ مان قرآن شريف ٻڌڻ پهتا هجن ۽ پوءِ آياتِ الاهي ان جي دل ۾ ايمان جو ٻج ڇٽي ڇڏيو هجي.

قرآن جي مخالفت ڪرڻ وارا ٻيا ماڻهو بہ ـــ بلڪ ڏاها ماڻهو بہ ـــ اهڙا هيا جو هورا ڪورا وارو ذوق انهن کي چوري ڇُپي ان آسماني گيت کي ٻڌڻ لاءِ وٺي ايندو هيو. حالانڪ ڪلم ڪلا اهي ئي ماڻهو چوندا هيا تہ "قُلُوبُنَافِيٓ اَكِنَّة" (اسان جون دليون بند آهن) "وَفِيٓ اٰذَانِنَا وَقرٌ" (اسان جا ڪن ٻوڙا آهن). مثال طور، هڪڙي ئي رات جو ابوسفيان بن حرب، ابوجهل بن هشام ۽ اخنس بن شريق لڪي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي گهر جي چوڌاري قرآن شريف ٻڌي رهيا هيا. واپس ٿيڻ لڳا تہ اتفاق سان هڪ ٻئي جي منهن چڙهي ويا. هڪ ٻئي کي ملامت ڪرڻ لڳا تہ ايئن نہ ڪرڻ گهرجي. ورنہ

[1] ان زماني ۾ اها مڪي جي بازار هئي، هاڻي زمين جو اهو ٽڪرو مسجد ۾ شامل آهي.

جيڪڏهن گهٽ سمجهه وارن ماڻهن ڏسي ورتو ته انهن جي دل ۾ خواهه مخواهه شڪ شبها پيدا ٿي ويندا. اهو چئي اهي هليا ويا. ٻي رات اهي وري اچي ويا ۽ وري اهي ڳالهيون ٿيون ۽ اهوئي فيصلو طي ڪيائون. مگر وري رات آئي ته ساڳيو قصو ورجايو ويو. آخرڪار وڏي تاڪيد سان عهد ڪيائون ته هاڻي اهڙي حرڪت ڪونه ٿيندي. انهي سلسلي ۾ سوال اٿيو ته ان ڪلام جي متعلق هرهڪ جي ڪهڙي راءِ آهي، جيڪو محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) جي زبان مان ٻڌو ويو آهي. سيني ڪجهه نه ڪجهه چيو ۽ سيني کان آخر ۾ ابوجهل چڙي چوڻ لڳو ته "اسان ۽ بنوعبدمناف سدائين مقابلي ۾ رهيا آهيون. انهن مهمان نوازيون ڪيون ته اسان به ڪيون، انهن خون بها ڏنا ته اسان به ڏنا. انهن سخاوت ڪئي ته اسان به ڪئي، ايستائين جو اسان انهن جي برابر هڪجهڙا ٿي وياسين. هاڻي اهي اهو چوڻ لڳا آهن ته اهو اسان جو نبي آهي جنهن تي آسمان مان وحي نازل ٿئي ٿي. اسان اهڙي ڳالهه آخر ڇو قبول ڪيون. خدا جو قسم، اسان ان تي ايمان ڪونه آڻينداسين ۽ نه ان جي تصديق ڪري سگهون ٿا." (سيرت ابن هشام ج 1 ص 337)

ان واڌاري قصي کي اسان ان ڪري بيان ڪيو آهي ته ان عام هورا کورا جو اندازو ڪري سگهجي جيڪا ڪڏهن نه ڪڏهن حضرت عمر رضه کي به پنهنجن ڪنن سان ڪلامِ الاهي ٻڌڻ جي لاءِ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي پرسان وٺي وئي هوندي

## اسلامي تحريڪ جو نئون موڙ:

بهرحال، حضرت عمر رضه طرفان اسلام قبول ڪرڻ هڪڙو وڏو واقعو هيو، جنهن جي پنيان گهڻائي محرڪ ڪم ڪري رهيا هيا. اهو واقعو انهي لحاظ کان اڃا به وڏو ٿي وڃي ٿو ته عين تشدد جي چوٽي واري مرحلي ۾ اهو حق پسند مرد اڳي وڌي ٿو. مخالف طاقت انهيءَ ڪري تشدد ڪري رهي هئي ته ماڻهن کي اسلام کان روڪي، ليڪن اهوئي تشدد انهن جي منصوبن جي خلاف دلين کي ڳاري نرم ڪري رهيو هيو. اها صورتحال اسلام جي صداقت تي خودبخود وڏي قطعي شهادت آهي ته ڏاڍ جيترو وڌيڪ وڌندو ويو، بهترين دل ۽ دماغ وارا ايترائي ماڻهو ان جي سامهون فتح ٿيندا ويا. حبش واري هجرت کان پوءِ واري دور ۾ مڪو پنهنجا آخري قيمتي هيرا موتي پيش ڪري رهيو هيو.

عمر رضه جهڙي شخصيت سچائي جي پيغام تي لبيڪ چوي ۽ پوءِ ڪا نئين اٿل پٿل پيدا نه ٿئي، اهو ڪيئن ممڪن هيو. ان ٿيو ڪيو ته هڪڙو دفعو ماحول کي للڪار ڪري ئي رهندو. عبدالله رضه بن عمر رضه (جيڪو ان وقت ڇوڪرو هيو مگر ڳالهه جي سمجهه هيس) جو بيان آهي ته منهنجي پيءُ جڏهن ايمان آندو ته معلوم ڪيو ته قريشن جو ڪهڙو ماڻهو ڳالهه کي چڱي طرح نشر ڪري سگهي ٿو. ان کي جميل بن معمر جمحي جو نالو ٻڌايو ويو. اهو صبح ساڻ ان وٽ ويو ۽ مان به ان سان گڏ ويس ته ڏسان ته

ڇا ٿو ڪري. ان وٽ وڃي چوڻ لڳو تہ اي جميل توکي معلوم آهي تہ مان اسلام قبول ڪري چڪو آهيان ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دين ۾ شامل ٿي ويو آهيان. اهو پنهنجي چادر ويڙهي مسجد حرام جي دروازي تي پهتو ۽ وات ڦاڙي اعلان ڪيو تہ اي قريشيو! ٻڌو! عمر بن خطاب صابي ٿي ويو آهي. حضرت عمر رضہ بہ پٺيان اچي پهتو ۽ ان پڪاري چيو. غلط ٿو چوي. مان مسلمان ٿيو آهيان ۽ مون اعلان ڪيو آهي تہ هڪ الله کان سواءِ ڪوئي معبود (الله) ڪونهي ۽ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) ان جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهي. قريشي ان جي مٿان ڳاهٽ ٿي آيا. انهن بابي کي گهٽو ماريو ۽ بابي بہ انهن کي ماريو ۽ ان ويڙهہ ويڙهان ۾ سج مٿي چڙهي آيو. انهيءَ دوران هڪڙو قريشي سردار يمني چادر ويڙهيون ظاهر ٿيو. ان معلوم ڪيو تہ ڪهڙو معاملو آهي؟ ان ڳالهہ ٻڌي ۽ چيو تہ "ان شخص پنهنجي لاءِ هڪڙو رستو پسند ڪري ڇڏيو آهي تہ هاڻي توهان ڇاٿا گهرو؟ سوچيو تہ سهي ڇا بنوعدي بن ڪعب پنهنجي ماڻهوءَ کي ايئن توهان جي هٿ ۾ ڏئي سگهن ٿا. ان کي ڇڏي ڏيو." اهو عاص بن وائل سهمي هيو ان حضرت عمر رضہ کي پنهنجي پناهہ ۾ وٺي ڇڏيو. (سيرت ابن هشام ج 1 ص 370)

ان سان گڏوگڏ حضرت عمر رضہ جي ايماني جوش پنهنجي اظهار جو هڪڙو ٻيو رستو بہ ڪڍيو. ان ايمان آڻڻ واري پهرين ئي رات سوچيو تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مخالفت ۾ انتهائي تشدد ڪرڻ وارو ڪير آهي؟ معلوم ٿيو تہ ابوجهل کان وڌيڪ سخت ڪوئي ڪونهي. صبح ٿيڻ سان ئي ابوجهل وٽ وڃي پهتو. دروازو کڙڪايائين. ابوجهل نڪتو ۽ ڀليڪار چوڻ کان پوءِ اچڻ جو مقصد معلوم ڪيائين. ان چيو تہ مان اهو اطلاع ڏيڻ آيو آهيان تہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي ايمان آڻي چڪو آهيان ۽ پاڻ سڳورن جي پيغام جي سچائي کي تسليم ڪري چڪو آهيان. ابوجهل ڪاوڙ مان دروازو بند ڪري ڇڏيو ۽ چيو. "توتي ۽ تنهنجي انهي اطلاع تي خدا جي مار پوي."

تئين پاسي ان اسلامي تحريڪ جو هڪڙو قدم اڃا اڳتي وڌائي ڇڏيو. مار تہ کاڌائين مگر ان جي جواب ۾ حرم ۾ علي الاعلان نماز ادا ڪرڻ جو آغاز ڪري ڇڏيو. حضرت عبدالله رضہ بن مسعود چوي ٿو: "اسان کي حضرت عمر رضہ طرفان اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ ان ڳالهہ جي طاقت ڪونہ هئي تہ ڪعبي ۾ نماز ادا ڪري سگهون. عمر رضہ مسلمان ٿيو تہ قريشين سان وڙهي ڪعبي ۾ نماز ادا ڪيائين ۽ اسان بہ ان سان گڏ نماز ادا ڪئي."

هڪڙي طرف تشدد جو زور ڏسو ۽ ٻئي طرف اها ڪيفيت تہ اسلام دشمنن منجهان بهترين عنصر چونڊي رهيو هيو.

## حمزه رضہ جو اسلام:

اهڙو ئي واقعو حضرت حمزه رضہ جو آهي. مڪي جو اهو نوجوان ذهانت، شجاعت ۽ اثر جو مالڪ هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي چاچن مان جناب ابوطالب کان پوءِ هڪڙوئي اهوئي چاچو هيو جنهن کي اختلاف جي باوجود پاڻ سڳورن سان محبت هئي. عمر بہ صرف بہ ٽي سال وڏي هيس ۽ هڪجيڏو هجڻ ڪري ٻالڪپڻي کان ئي چاچو ڀائٽيو لنگوٽيا يار هيا.

هڪڙي ڏينهن جو واقعو آهي تہ ابوجهل صفا جي ٽڪري وٽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان وڙهيو ۽ گهڻي گارگند ڪيائين. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم صبر سان ان اذيت کي برداشت ڪيو ۽ ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. اتفاق سان عبدالله بن جدعان جي ٻانهي اها سموري ماجرا ڏٺي. حضرت حمزه رضہ شڪار ڪرڻ ويو هيو. ڪمان ڪنيون واپس آيو تہ ان ٻانهي قصو ٻڌايو ۽ چيو تہ "هاءِ! ڪاش تون پاڻ ڏسين ها تہ تنهنجي ڀائٽي تي ڇا گذريو." اهو ٻڌي حمزه رضہ جي غيرت جوش کاڌو. سڌو قريشن جي مجلس ۾ پهتو جتي ابوجهل ويٺو هيو. حرم ۾ وڃي ابوجهل جي مٿي تي ڪمان هنيائين ۽ چيو. "ڇا تو محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي گاريون ڏنيون آهن. جيڪڏهن ائين آهي تہ مان بہ ان جي دين تي آهيان ۽ جيڪو ڪجهہ اهو چوي ٿو مان بہ اهو ئي چوان ٿو. هاڻي جيڪڏهن تو ۾ همت آهي تہ مون سان مقابلو ڪر." ابوجهل جي حمايت ۾ بنو مخزوم جو هڪڙو ماڻهو محفل مان اٿيو مگر ابوجهل ان کي اهو چئي روڪيو تہ بس ڇڏ. مون ابوعماره جي ڀائٽي کي گهڻيون گنديون گاريون ڏنيون هيون. حضرت حمزه رضہ اسلام تي جمي بيٺا ۽ قريشن محسوس ڪيو تہ خدا جي رسول جي طاقت وڏي وئي آهي. (سيرت ابن هشام ج 1 ص 312)

## قطع تعلق ۽ نظربندي:

حق جا دشمن پنهنجين سمورين تدبيرن جي برخلاف اهو منظر ڏسي رهيا هيا تہ حق جي ٻوڏ اڳتي ئي اڳتي وڌندي پئي وڃي ۽ وڏين وڏين اهم شخصيتن کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي رهي آهي. ان تي انهن جي پريشاني اڃا وڌي وئي. محرم 7 نبوي ۾ مڪي جي سڀني قبيلن گڏجي هڪڙو معاهدو ڪيو تہ بنوهاشم خاندان سان لاڳاپا ختم ڪيا وڃن ۽ ڪير بہ انهن سان ويجهڙائپ نہ رکي ۽ نہ انهن سان مٽي مائٽي جو تعلق رکي. نہ انهن سان سودو واپار ڪري ۽ نہ انهن سان ملي جلي. نہ وري انهن تائين ڪو کاڌ خوراڪ جو سامان پهچڻ ڏئي. جيستائين بنو هاشم وارا محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي اسان جي حوالي نہ ڪن ۽ ان کي قتل ڪرڻ جو اسان کي حق نہ ڏين. اهو فيصلو جناب ابوطالب سان ڪيترائي دفعا گفتگو ڪرڻ کان پوءِ انهي ڳالهہ کان مايوس ٿي ڪيو ويو

هيو تہ نہ جناب ابوطالب رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي پنهنجي سرپرستي مان ڪڍڻ لاءِ تيار آهي ۽ نہ ان جي ڪري بنوهاشم وارا قطع تعلق ڪري سگهن ٿا. بهرحال، قبائلي دور جي لحاظ کان اهو فيصلو انتهائي سنگين هيو ۽ هڪڙي آخري ڪارروائي جي حيثيت رکندڙ هيو.

بنوهاشم بيوس ٿي شعبِ ابوطالب ۾ پناهگير ٿي ويا. مطلب تہ پورو خاندان اسلامي تحريڪ جي داعي جي ڪري هڪڙي قسم جي قيد ۽ نظربندي جي حوالي ٿي ويو. ان نظربندي جو عرصو تقريبن ٽن سالن تائين ڊگهو ٿيو ۽ ان عرصي ۾ جيڪو وهيو واپريو ان جي داستان کي پڙهي پٿر بہ ڳرڻ لڳن ٿا. وڻن جا پن کائيندا هيا ۽ سُڪي چمڙي کي اوٻاري ۽ باهہ تي سيڪي کائيندا هيا. حالت اها ٿي وئي تہ بنو هاشم جا معصوم ٻار جڏهن بک جي تڪليف کان سڏڪا ڀريندا هيا تہ پري پري تائين انهن جو درد سان ڀريل آواز ويندو هيو. قريشي انهن جي آواز کي ٻڌندا هيا تہ خوشي مان نچڻ لڳا هيا. ناڪ بندي ايتري سخت هئي جو هڪڙو دفعو حڪيم بن حزام (حضرت خديجہ رضہ جو ڀائٽيو) پنهنجي غلام جي هٿان لڪ چوري ۾ ڪجهہ ڪڻڪ موڪلي، رستي ۾ ابوجهل ڏسي ورتس ۽ ڪڻڪ کسڻ لڳس. اتفاق سان ابوالبختري بہ اچي ويو. ان جي دل ۾ ڪنهن سٺي انساني جذبي ڪر کنيو ۽ ان ابوجهل کي چيو تہ ڇڏينس هڪڙو ڀائٽيو آهي ۽ تون ان کي بہ هاڻي روڪين ٿو. اهڙي طرح هشام بن عمرو بہ لڪ چوري ۾ ڪجهہ اناج موڪليندو رهندو هيو.

اهو ئي هشام بن عمرو ان ظالماڻي معاهدي جي خلاف پهريون آواز اٿارڻ وارو هيو. اهو پهريان زهير بن ابي اميہ وٽ ويو. ان سان ڳالهہ ڪيائين تہ ڇا تون ان تي خوش آهين تہ تون پاڻ کائين ۽ پيئين، ڪپڙا پائين، شادي وهانءُ ڪيو ۽ توهان جي مامي جو اهو حال هجي تہ اهو نہ خريدوفروخت ڪري سگهي ۽ نہ شادي وهانءُ جا تعلقات قائم ڪري سگهي. جيڪڏهن ابوالحڪم بن هشام جي مامن ۽ ناناڻن جو معاملو هجي ها ۽ تون ان کي اهڙي معاهدي جي دعوت ڏني هجي ها تہ اهو ڪڏهن بہ ان جي پرواهہ نہ ڪري ها. اهو ٻڌي زهير چيو. "مان ڇا ڪريان، مان تہ اڪيلو ماڻهو آهيان. خدا جو قسم! جيڪڏهن ڪو ٻيو مون سان گڏ هجي ها تہ مان ان معاهدي کي ختم ڪرڻ لاءِ اٿي پوان ها ۽ ان کي ختم ڪري ساهہ پٽيان ها." هشام بن عمرو چيو. "ٻيو ساٿي تہ توکي ملي ويو آهي." زهير پڇيو. "ڪير." هشام چيو. "مان!" پوءِ هشام مُطعم بن عدي وٽ پهتو ۽ اهڙي طرح تحريڪ هلايائين. ان بہ اهو جواب ڏنو تہ "اڪيلو آهيان ڇا ڪريان؟" هشام اهو ئي جواب ڏنو تہ ٻيو مان آهيان. مُطعم چيو تہ هاڻي ڪنهن ٽئين کي ڳولڻ گهرجي. هشام چيو تہ اهو مون هٿ ڪري ورتو آهي. ان پڇيو تہ ڪير؟ هشام ٻڌايو تہ زهير بن ابي اميہ. مطعم چوڻ لڳو تہ پوءِ ڪنهن چوٿين کي بہ هٿ ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح ابوالبختري ۽ زمعہ بن الاسود وٽ پهچي هشام ڳالهہ ڪئي.

مطلب تہ قطع تعلقات واري معاهدي کي ختم ڪرڻ واري تحريڪ جڏهن اندر ئي اندر ڪم ڪري چڪي تہ انهن سيني هڪڙي جاءِ تي ويهي طريقيڪار طي ڪيو. فيصلو اهو ٿيو تہ هشام ئي علي الاعلان ڳالهہ ڪندو. تنهن ڪري هشام بيت الله جو ست ڦيرا طواف ڪيو. پوءِ ماڻهن وٽ آيو ۽ چيو تہ مڪي وارو! ڇا اها سٺي ڳالهہ آهي تہ اسان کاڌا کائون ۽ لباس پايون، ۽ بنوهاشم وارا بک کري تڙپي رهيا هجن. نہ اهي ڪجهہ خريد ڪري سگهن. پوءِ ان پنهنجي ارادي کي هنن لفظن ۾ ظاهر ڪيو:

"خدا جو قسم! مان ان وقت تائين ڪونہ ويهندس جيستائين قطع تعلقات جي ان ظالماڻي لکت کي ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا نہ ڪيان."

ابو جهل ڪاوڙ ۾ باهہ تي اٿيو ۽ رڙ ڪري چيائين. "تون ڪوڙو آهين. خدا جو قسم. تون ان کي ڦاڙي نٿو سگهين."

زمعہ بن الاسود ابوجهل کي جواب ڏنو. "خدا جو قسم! تون سڀني کان وڏو ڪوڙو آهين. اهو معاهدو خبر آهي تہ جنهن ڍنگ سان لکيو ويو آهي اسان ان کي پسند ڪونہ ٿا ڪريون."

ابوالبختري بہ ڳالهائڻ لڳو. "زمعہ سچ چيو. ان ۾ جيڪو ڪجهہ لکيو ويو آهي اسان ان کي پسند ڪونہ ٿا ڪيون ۽ نہ اسان ان کي مڃون ٿا." مطعم بہ وڌيڪ تائيد ڪئي. "توهان ٺيڪ ٿا چئو ۽ جيڪو ان کان علاوه چئي ٿو اهو غلط چوي ٿو." هشام بہ اها ڳالهہ ڪئي. اڪثريت کي اپڻن مخالف ڏسي ابوجهل منهن ڦيلو ڪري ويهي رهيو ۽ معاهدي کي ڦاڙيو ويو. ماڻهو جڏهن ان کي ڪعبي جي ڇت تان لاهڻ لڳا تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويا تہ ان کي اڌوهي کائي وئي هئي. صرف "باسمك اللّٰهم" جا لفظ سلامت هيا.[1]

## ڏُکن جو سال:

نظربندي جو دور ختم ٿي ويو ۽ الله جو رسول هڪڙو ڀيرو وري پنهنجي گهراڻي سميت آزادي جي ماحول ۾ داخل ٿيو. ليڪن هاڻي ان کان بہ وڌيڪ سخت دور جو آغاز ٿئي ٿو. اهو نبوت جو ڏهون سال هيو. ان سال ۾ پهريون سانحو اهو ٿيو تہ حضرت علي عليہ السلام جو والد جناب ابوطالب وفات ڪري ويو. اهڙي طرح اهو ظاهري سهارو بہ کسجي ويو جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي پنهنجي شفقت واري ڀاڪي ۾ رکيون دشمنن جي لاءِ پوري مضبوطي سان آخري دم تائين رڪاوٽ رهيو هيو.

ان ئي سال حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي حضرت خديجہ رضہ جي وفات جو ٻيو صدمو برداشت ڪرڻو پيو. حضرت خديجہ رضہ رڳو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زال ئي ڪونہ هيون بلڪ السابقون الاولون مان هيون. انهن دور رسالت کان اڳ بہ محبت ۽ غمگساري ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر ڪونہ ڇڏي هئي ۽ پهرين

---

[1] سيرت ابن هشام ج 2 ص 14 کان 16

وحي جي نازل ٿيڻ کان وٺي ساھہ جي آخري گھڙي تائين حق جي واٽ ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان سچي ساٿ جو حق ادا ڪري ڏيکاري ويون. حق جي تحريڪ جي حمايت ۾ مال بہ خرچ ڪيو. وک وک تي مشورا بہ ڏنا ۽ دلي جذبي سان تعاون بہ ڪري ڏيکاريو. بلڪل واجبي طور تي چيو ويو آهي تہ "كَانَتْ لَهُ وَزِيْرًا" (اهي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم لاءِ وزير هيون.)

هڪڙي طرف تہ هڪ ٻئي پٺيان اهي بہ صدما سهڻا پيا ۽ ٻئي طرف انهن ظاهري سهارن جي هٽي وڃڻ ڪري مخالفت جو طوفان گھڻو وڌي ويو. هاڻي تہ جڻ سِر مٿان چوليون گذري رهيون هيون. مگر مشيت الاهي جي تقاضا گھڻو ڪري اها هئي تہ سچائي پنهنجو رستو پاڻ ٺاهي، سچائي پنهنجي حفاظت خود ڪري. سچائي پنهنجي لاءِ پاڻ ئي واحد سهارو ثابت ٿئي. هاڻي جيڪي دنياوي سهارا پوري طرح هٽايا ويا هيا. شايد ان کان سواءِ سچائي جو جذبو پوري طرح واضح ٿي نہ سگھي ها. انهن ئي ڏکوئيندڙ حالتن جي ڪري اهو سال ڏُکن جو سال يا عام الحزن جي نالي سان مشهور ٿيو.

هاڻي قريشي انتهائي ذليل حرڪتن تي لهي آيا. لوفر ڇوڪرن جا ٽولا پٺيان لڳائي ڇڏيندا هيا. جيڪي شور ڪندا هيا ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم نماز پڙهندا هيا تہ اهي تاڙيون وڃائيندا هيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم رستي سان گذرندا هيا تہ سندن مٿان گندگي اڇلائيندا هيا. دروازي آڏو ڪنڊا وڇائي ڇڏيندا هيا. ڪڏهن ڳچي ۾ گوگھو وجهي ڳلو دٻائيندا هيا ۽ گستاخي واري هٿچراند ڪنداهيا. ڪلمر ڪلا گاريون ڏيندا هيا. چيڙائڻ لاءِ وات سان پيڪيون ڪندا هيا. پاڻ سڳورن جي ڇِهري مبارڪ ڏانهن مٽي اڇلائيندا هيا. بلڪ ڪجھہ خبيث ڇورا بدتميزي جي ان آخري حد تائين پهتا تہ پاڻ سڳورن جي منهن مبارڪ ڏانهن ٿُڪون اڇلائيندا هيا.

هڪڙو دفعو ابولهب جي زال ام جميل پٿر کڻي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڳولا ۾ حرم تائين ان ارادي سان آئي تہ بس هڪڙي ئي ڌڪ سان ڪم پورو ڪري ڇڏي. مگر توڙي جو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حرم ۾ سامهون موجود هيا. ليڪن الله تعاليٰ ان جي نظرن کي منڌي ڇڏيو ۽ اها حضرت ابوبڪر رضہ جي سامهون پنهنجي دل جو ساڙ ڪڍي هلي وئي. ان پنهنجو شعر بہ پڙهيو:

"مُذَمَّمًا عَصَيْنَا وَ اَمْرَهُ اَبَيْنَا وَ دِيْنَهُ قَلَيْنَا" مذمم (حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي محمد چوڻ جي بجاءِ مذمم چئي دل جو ساڙ ڪڍي وئي) جي اسان نافرماني ڪئي، اسان ان جي ڳالھہ مڃڻ کان انڪار ڪيو. اسان ان جي دين سان بغض رکيو. (تالو بگاڙڻ ۽ خراب لفظ استعمال ڪرڻ اخلاقي ڏيوالپڻي جو دليل آهي. مخالف جڏهن بلڪل ذلت ڪِري ويندو آهي تہ انهن خراب هٿيارن کان ڪم وٺندو آهي.)

ان تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم چوندا هيا تہ الله تعاليٰ مون کي انهن ماڻهن جي گارگند کان هيئن بچائي ٿو تہ اهي مذمم کي گاريون ڏين ٿا جڏهن تہ مان محمد آهيان.

اهڙي طرح هڪڙو دفعو ابوجهل پٿر سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي هلاڪ ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ ان ارادي سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تائين پهتو بہ. مگر الله تعاليٰ ابوجهل کي خوف ۽ رعب جي اهڙي حالت ۾ وڌو جو اهو ڪجهہ بہ ڪري ڪونہ سگهيو.

هڪڙو دفعو دشمنن جو پورو ٽولو ڳاهٽ تي آيو ۽ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي گهڻي اذيت ڏني. واقعو هي ٿيو تہ حق جا دشمن ويٺي اهو تذڪرو ڪري رهيا هيا تہ ان شخص (محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي معاملي ۾ اسان جيڪو ڪجهہ برداشت ڪيو آهي، ان جو مثال ڪونہ ٿو ملي. انهي دوران حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تشريف ڪٺي آيا. انهن ماڻهن ڪانئن معلوم ڪيو تہ ڇا توهان ايئن چئو ٿا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پوري اخلاقي جرئت سان فرمايو. ”ها! اهو مان آهيان جيڪو هي ۽ هي چوي ٿو!“ بس ايئن چوڻ هيو ۽ هرطرف کان چڙهائي ٿي وئي. عبدالله بن عمرو بن عاص جو بيان آهي تہ قريشن جي طرفان مون حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف ان کان وڏيڪ هٽچراند ڪونہ ڏٺي آهي.

حملو ڪندڙ بس ڪري ويا تہ الله جي رسول وري ان فوق الانساني جرئت کان ڪم ورتي انهن کي هنن لفظن سان خبردار ڪيو تہ ”مان توهان جي سامهون هي پيغام کٺي آيو آهيان تہ توهان ڳسجڻ وارا آهيو.“ يعني ظلم ۽ ڏاڍ جي اها ڇُري جيڪا توهان مون تي تکي ڪري رهيا آهيو. تاريخ ۾ ڪم ڪرڻ وارو الاهي قانون آخرڪار ان سان خود توهان کي ذبح ڪري ڇڏيندو. توهان جو اهو زور ۽ اقتدار جيڪو ظلم جو رُخ وٺي چڪو آهي، مڪمل طور ختم ٿيڻ وارو آهي.

انهن تفصيلي واقعن جي واقع ٿيڻ جي وقت جي باري ۾ پڪ سان قطعي طور ڪجهہ نٿو چئي سگهجي. ليڪن گمان اهو آهي تہ اهي واقعا انتهائي تشدد واري دور سان تعلق رکن ٿا ۽ اهو دور بهرحال، جناب ابوطالب جي وفات کان پوءِ ظاهر ٿيو هيو.

حضرت عثمان رضہ بن عفان هڪڙو واقعو بيان ڪري ٿو تہ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بيت الله جو طواف ڪري رهيا هيا. عقبہ بن معيط ابوجهل ۽ اميہ بن خلف حطيم ۾ ويٺا هيا. جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن جي سامهون گذريا ٿي تہ انهن زبان مان خراب لفظ ڪڍيا ٿي. ٽي دفعا ايئن ٿي ٿيو. آخري ڀيرو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بدليل چهري سان چيو تہ ”الله جو قسم! توهان انهي کان سواءِ ڪونہ مڙندا تہ جلد الله جو عذاب توهان تي نازل ٿئي.“ حضرت عثمان رضہ چوي ٿو تہ حق جي هيبت هئي جو اهو ٻڌڻ سان انهن ۾ ڪو اهڙو ڪونہ هيو جنهن کي ڏڪڻي نہ

ورايو هجي. اهو فرمائي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گهر ويڃڻ لڳا تہ حضرت عثمان رضہ ۽ ٻيا ماڻهو گڏ ويڃڻ لڳا. ان موقعي تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اسان کي مخاطب ٿي فرمايو:

"توهان کي خوشخبري هجي. الله تعاليٰ يقينن پنهنجي دين کي غالب ڪندو ۽ پنهنجي ڪلمي جي تڪميل ڪندو ۽ پنهنجي دين جي مدد ڪندو. اهي ماڻهو جن کي توهان ڏسي رهيا آهيو الله تعاليٰ جلد انهن کي توهان جي هٿان ذبح ڪرائيندو."

غور ڪيو تہ بظاهر نااميدي ۽ مايوسي واري ماحول ۾ اها خوشخبري ٻڌائي پئي وئي ۽ پوءِ ڪهڙي شان سان اها گهڻو جلد پوري بہ ٿي ـــــ جڏهن حق جي تحريڪ تري تي سرنهن ڄمائي ڇڏي

## طائف ۾ حق جي دعوت:

وقت جي لحاظ کان اسان قطعي طور تي اهو نٿا چئي سگهون تہ اهو واقعو ڪڏهن جو آهي. ڪجهہ ماڻهن ان کي سورت مدثر جي شانِ نزول طور بيان ڪيو آهي. جنهن جي معنيٰ اها آهي تہ ان کي شروعاتي دور ۾ رکڻ گهرجي، مگر واقعي جي نوعيت ٻڌائي ٿي تہ ان جو زمانو مڪي دور جي آخري ڏينهن وارو هوندو.

هڪڙي ڏينهن رسول ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم صبح ساڻ گهر مان نڪتا ۽ الله جو پيغام ٻڌائڻ جي لاءِ مڪي جي مختلف پاڙن ۾ گهميا ڦريا. ليڪن اهو هڪڙو ڏينهن پورو اهڙو گذريو جو پاڻ سڳورن کي هڪڙو ماڻهو بہ ڪونہ مليو جيڪو ڳالهہ ٻڌي ها. نئين منصوبہ بندي اها اختيار ڪئي وئي هئي تہ پاڻ سڳورن کي جڏهن ايندي ڏٺو وڃي تہ ماڻهن کي گهرجي تہ هيڏي هوڏي ٽڙي وڃن. ڳالهيون ٻڌڻ سان ڳالهہ وڌندي آهي ۽ مخالفت ڪرڻ سان ۽ بحث ڇيڙڻ سان اها اڃا وڌيڪ ايرندي آهي. منصوبہ بندي (اسڪيم) ڪامياب رهي. جيڪي ماڻهو مليا بہ تہ انهن نٿول ۽ غنده گردي جو مظاهرو ڪيو. ان ڏينهن پاڻ سڳورا پورو ڏينهن گذاري جڏهن واپس ٿيا تہ سندن سيني تي اداسي جو هڪڙو ڳرو بار پيل هيو. سخت مونجهہ هئي ـــــ اهڙي مونجهہ جيڪا ڪنهن جي خيرخواهي ڪرڻ واري کي ان وقت ٿيندي آهي جڏهن اهو جنهن جي خيرخواهي ڪري رهيو هجي، اهو ئي پاڻ محسن ڪُشي تي لهي اچي.

ان خاص ڏينهن جو تجربو جڏهن انهي ڳالهہ جو اطلاع هيو تہ مڪي جي زمين هاڻي ڪلراٺي ٿيندي پئي وڃي ۽ ان کي جيڪو فصل ڏيڻو هيو اهو ڏئي چڪي آهي. پوءِ جي حالتن ـــــ خراب کان خراب تر ٿيندڙ حالتن ان ڳالهہ جي توثيق ڪئي ۽ آهستي آهستي قابل جوهر رکڻ وارا آخري ذرا بہ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي چوڌاري ڇڪجي آيا. شايد ان ئي ڏينهن کان پاڻ سڳورن جي دل ۾ اهو لاڙو پيدا ٿي

ويو هيو ته هاڻي مڪي کان ٻاهر نڪري ڪم ڪرڻ گهرجي. هڪڙو روشن خيال داعي جڏهن پنهنجي شروعاتي مرڪز تي ايترو ڪم ڪري وٺندو آهي جو اتان جا ڪارائتا ماڻهو لبيڪ چئي ويندا آهن ۽ باقي صرف ضدي دشمن رهجي ويندا آهن، ته پوءِ اهو پنهنجون قوتون هرويرو ضايع ڪونه ڪندو آهي. بلڪ نئين زمين تلاش ڪندو آهي ۽ ماحول کي بدلائي تجربو ڪندو آهي.

اهڙين ئي حالتن ۾ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم مڪي جي پسگردائي ۾ ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪيو. دعوت جي بهار دراصل طائف جي لاءِ هلي هئي. سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم زيد رضه بن حارث کي گڏ وٺي مڪي مان پيادل هليا ۽ رستي ۾ جيڪي قبيلا آباد هيا انهن سڀني جي سامهون الله جو پيغام پيش ڪيو. اچڻ وڃڻ ۾ تقريبن هڪڙي مهيني جو وقت لڳو.

طائف هڪڙو وڏو سرسبز علائقو هيو. پاڻي، گاهه، ٻوڪون، باغ، ڪافي ٿڌو علائقو هيو. ماڻهو گهڻو خوشحال هيا ۽ دنياپرستي ۾ بري طرح مگن هيا. انسان هڪڙو دفعو معاشي خوشحالي حاصل ڪري وٺي ته پوءِ اهو خدا فراموشي ۽ اخلاقي بگاڙ ۾ پري تائين وڌندو ويندو آهي. اهوئي حال طائف وارن جو هيو. مڪي وارن ۾ ته پوءِ به مذهبي سربراهي ۽ ملڪي قيادت جي ذميوارين جي ڪري ڪنهن حد تائين اخلاقي رک رکاءُ تي سگهيو ٿي، ليڪن طائف جا ماڻهو پوري طرح چڙواڳي واري ڍنگ جا هيا. ان کان علاوه، وياج خوري انهن جي سڀني انساني احساسن کي به بلڪل ملياميٽ ڪري ڇڏيو هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جن مڪي کان وڌيڪ خراب ماحول ۾ قدم رکي رهيا هيا.

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم طائف ۾ پهتا ته پهريان بنوثقيف جي سردارن سان ملاقات ڪيائون. اهي پاڻ ۾ ٽي ڀائر هيا ـــ عبدياليل، مسعود ۽ حبيب. انهن مان هڪڙي جي گهر ۾ قريشن (بنوجمح) جي هڪڙي عورت هئي. انهيءَ ڪري هڪڙي نموني جي لحاظ داري جي اميد ٿي پئي سگهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم انهن وٽ وڃي ويٺا. انهن کي سهڻي نموني سان الله تعاليٰ ڏانهن سڏيو ۽ پنهنجي دعوت جي باري ۾ گفتگو ڪئي ۽ انهن کان اقامتِ حق جي ڪم ۾ حمايت گهري. هاڻي جواب ٻڌو جيڪو انهن ٽنهي جي طرف کان مليو ٿو:

هڪڙو: "جيڪڏهن واقعي الله ئي توکي موڪليو آهي ته بس پوءِ اهو ڪعبي جي غلاف کي چيرائڻ ڦاڙائڻ گهري ٿو."

ٻيو: "اڙي! ڇا الله کي توکان سواءِ رسالت جي لاءِ ڪو ٻيو مناسب ماڻهو ملي ڪونه سگهيو."

ٽيون: "خدا جو قسم! مان توسان ڳالهائيندس ئي ڪونه. ڇو ته جيڪڏهن تون پنهنجي چوڻ جي مطابق واقعي الله جو رسول آهين ته پوءِ تو جهڙي ماڻهوءَ کي ڪو جواب

ڏيڻ ادب جي خلاف آهي ۽ جيڪڏهن تو الله تي ڪوڙ ٻڌو آهي تہ تون انهيءَ جي قابل ڪونہ آهين تہ توسان ڳالهائجي.“

زهر مان ٻڏل تير هيا جيڪي انسانيت جي محسن جي سيني ۾ هڪ ٻئي پٺيان ڪپندا پئي ويا. پاڻ سڳورن بردباري سان پنهنجي دل تي سڀ زخم سٺا ۽ انهن جي سامهون آخري ڳالهہ اها رکي تہ توهان پنهنجون اهي ڳالهيون پاڻ تائين محدود رکو ۽ گهٽ ۾ گهٽ عوام کي انهن کان متاثر نہ ڪيو.

مگر انهن پنهنجن لوفر ۽ ڇڙواڳ ڇوڪرن، نوڪرن ۽ غلامن کي ڀڙڪائي ڏئي پاڻ سڳورن جي پٺيان لڳائي ڇڏيو تہ وڃو ۽ ان شخص کي ڳوٺ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. هڪڙو وڏو ٽولو اڳيان پٺيان ٿي ويو. اهي گاريون ڏئي رهيا هيا. گوڙ ڪري رهيا هيا. ۽ پٿر هڻي رهيا هيا. پٿر ٽڪي گوڏن جي ڍڪڻي يا پيرن جي ٽڙين تي هنيائون ٿي تہ جيئن زياده اذيت پهچي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن ساٿا ٿي پئي ويا تہ ويهي ٿي رهيا. ليڪن طائف جا غنڊا پاڻ سڳورن کي ٻانهن کان وٺي اٿاري ڇڏيندا هيا ۽ وري پٿر هڻڻ لڳندا هيا ۽ تاڙيون وڄائي ڪلندا هيا. تمام گهڻو رت وهي رهيو هيو ۽ جوتا اندران ٻاهران رت ۾ ڀرجي ويا. ان انوکي تماشي کي ڏسڻ جي لاءِ وڏو هجوم گڏ ٿي ويو. غنڊن جو ٽولو ان طريقي سان پاڻ سڳورن کي شهر مان ڪڍي هڪڙي باغ جي ڪوٽ تائين وٺي آيو جيڪو ربيعہ جي پٽن عتبہ ۽ شيبہ جو هيو. پاڻ سڳورن بلڪل بي حال ٿي انگورن جي هڪڙي ول کي ٽيڪ لڳائي ڇڏي. باغ جا مالڪ پاڻ سڳورن کي ڏسي رهيا هيا ۽ پاڻ سڳورن تي جيڪو ڪجهہ وهيو واپريو ان جو بہ ڪجهہ مشاهدو ڪري چڪا هيا.

اهوئي اهو موقعو هيو جڏهن نفل پڙهڻ کان پوءِ پاڻ سڳورن جي چپن تان هيٺين درد ڀريل دعا نڪتي:

”ياالله! پنهنجي ڪمزوري، پنهنجي بي يارومددگاري، ۽ ماڻهن جي مقابلي ۾ پنهنجي بيوسي جي توکي ئي دانهن ڏيان ٿو. تون سڀني رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهين. مجبور ۽ بيوسن جو پروردگار تون ئي آهين. تون ئي منهنجو مالڪ آهين. آخر تون مون کي ڪنهن جي حوالي ڪرڻ وارو آهين. ڇا ان بيگاني مخالف جي جيڪو مون سان بدڪلامي ڪري ٿو يا اهڙي دشمن جي جيڪو منهنجي معاملي تي سختي ڪري ٿو. ليڪن جيڪڏهن مون تي تنهنجو غضب ڪونهي تہ پوءِ مون کي ڪا پرواهہ ڪونهي. بس تنهنجي عافيت منهنجي لاءِ گهڻي ڪشادي آهي. مان ان ڳالهہ جي مقابلي ۾ تہ تنهنجو غضب مون تي پوي يا تنهنجو عذاب مون تي نازل ٿئي، تنهنجي ئي نور ۽ جمال جي پناهہ طلب ڪريان ٿو جنهن سان سيئي اونداهيون روشن ٿي وينديون آهن ۽ جنهن جي ذريعي دين ۽ دنيا جا سيئي معاملا سنورجي ويندا آهن. مون کي تہ تنهنجي رضا ۽ خوشنودي جي ضرورت آهي. توکان سواءِ ڪٿان بہ ڪا قوت ۽ طاقت ملي ڪونہ ٿي سگهي.“

ايتري ۾ باغ جا مالڪ بہ اچي پهتا. انهن جي دل ۾ همدردي جا جذبا پرجي آيا. انهن پنهنجي نصراني غلام کي سڏ ڪيو. ان جو نالو عداس هيو. پوءِ هڪڙي پليٽ ۾ انگورن جو ڇڳو رکي موڪلرايو. عداس انگور پيش ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون ويهي رهيو. پاڻ سڳورن انگورن ڏانهن هٿ وڌائيندي ئي "بسم الله" چيو. عداس چوڻ لڳو: "الله جو قسم! اهڙي نموني جي ڳالهہ هن شهر جا تہ ماڻهو ڪڏهن ڪونہ چوندا آهن." رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم معلوم ڪيو "تون ڪهڙي شهر جو رهاڪو آهين ۽ تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟" ان ٻڌايو تہ نصراني آهيان ۽ نينوا شهر جو رهاڪو آهيان. پاڻ سڳورن فرمايو: "تہ تون يونس عليہ السلام بن متي جهڙي مردِ صالح جي ڳوٺ جو ماڻهو آهين؟" عداس حيرت مان پڇيو. "توهان کي ڪهڙي خبر تہ يونس بن متي ڪير آهي؟" پاڻ سڳورن فرمايو. "اهو منهنجو ڀاءُ آهي، اهو بہ نبي هيو ۽ مان بہ نبي آهيان." اهو ٻڌڻ سان ئي عداس پاڻ سڳورن جا هٿ پير چمڻ لڳو. ربيعہ جي پٽن مان هڪڙي اها ماجرا ڏٺي تہ عداس جي واپس پهچڻ تي ملامت ڪئي تہ تون اها ڪهڙي حرڪت ڪري رهيو هئين. تون پنهنجو ڌرم خراب ڪري ڇڏيو آهي. عداس گهري تاثر سان جواب ڏنو. "منهنجا آقا! ان کان وڌيڪ زمين ۾ ڪا شي سٺي ڪونهي. هن شخص مون کي هڪڙي اهڙي ڳالهہ ٻڌائي آهي جنهن کي نبي کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ڄاڻ ڪونهي هوندي"

اصل ۾ هاڻي جناب ابوطالب جي وفات کان پوءِ مڪي ۾ پاڻ سڳورا ظاهري لحاظ کان بلڪل بي سهارا هيا ۽ دشمن شينهن تي ويا هيا. خيال ڪيائون تہ طائف مان شايد ڪجهہ الله جا ٻانها اٿي پون. پر اتي اها صورتحال پيش آئي. اتان پوءِ پاڻ سڳورا نخلہ ۾ ترسيا. اتان واپس آيا ۽ غارِ حرا ۾ تشريف رکيائون. اتان مطعم بن عدي کي پيغام موڪليائون تہ "ڇا تون مون کي پنهنجي حمايت ۾ وٺي سگهين ٿو؟" عربستان جي قومي ڪردار جي هڪڙي روايت اها هئي تہ حمايت گهرڻ واري جي حمايت ڪئي ويندي هئي ۽ ساٿ ڏنو ويندو هيو ڀلي اهو دشمن ڇونہ هجي. معطم پيغام قبول ڪيو. پٽن کي حڪم ڏنائين تہ هٿيار ٻڌي حرم ۾ هلو خود رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي گڏ وٺي آيو ۽ مڪي ۾ اچي اُٺ تان وينئي اعلان ڪيائين تہ مون محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي پناهہ ڏني آهي. مطعم جا پٽ پاڻ سڳورن کي تلوارن جي ڇانوَ ۾ حرم ۾ وٺي آيا ۽ پوءِ ڪين گهر پهچايائون

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي طائف ۾ جيڪو وهيو واپريو ان کي روايتون مشڪل سان ئي لفظن ۾ اسان تائين منتقل ڪري سگهن ٿيون. هڪڙو ڀيرو حضرت عائشہ رضہ پاڻ سڳورن کان معلوم ڪيو "يا رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم)! ڇا توهان تي اُحد واري ڏينهن کان بہ ڪو سخت ڏينهن گذريو آهي؟" فرمايائون: "تنهنجي قوم جي طرفان جيڪي ٻيون تڪليفون پهتيون سي تہ پهتيون مگر سيني کان

وڏيڪ سخت ڏينهن اهو هيو جڏهن مون طائف ۾ عبدياليل [1] جي پٽ جي سامهون دعوت پيش ڪئي ۽ ان ان کي رد ڪري ڇڏيو ۽ ايترو وڏو صدمو پهتو جو قَرنُ الثعالب جي مقام تائين وڃي مشڪل سان طبيعت سنڀلي." (الموهب اللدنيه ج 1 ص 56)

زيد رضہ بن حارث جنهن پاڻ سڳورن جي ساٿي ٿيڻ ۽ بيهوش ٿي وڃڻ ڪري طائف مان پاڻ سڳورن کي پٺي تي کڻي شهر کان ٻاهر پهچايو، ڏکويل دل سان عرض ڪرڻ لڳو تہ توهان انهن ماڻهن جي لاءِ الله کان بد دعا ڪريو. فرمايائون: "مان انهن جي لاءِ بد دعا ڇو ڪريان، جيڪڏهن اهي ماڻهو الله تي ايمان ڪونہ ٿا آڻين تہ اميد آهي تہ انهن جا نسل ضرور اڪيلي الله (خداءِ واحد) جا پوڄاري ٿيندا."

ان ئي سفر ۾ جبرائيل عليہ السلام اچي ٿو ۽ اطلاع ڏئي ٿو تہ جبلن جو انچارج ملائڪ توهان جي خدمت ۾ حاضر آهي. جيڪڏهن توهان اشارو ڪيو تہ اهو انهن جبلن کي پاڻ ۾ گڏائي ڇڏي جن جي وچ ۾ مڪو ۽ طائف آباد آهن ۽ ٻنهي شهرن کي پيهي ڇڏي.

انهي مايوسي واري ماحول ۾ جنن جي جماعت اچي قرآن شريف ٻڌي ٿي ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هٿ تي ايمان آڻي ٿي. ان نموني سان الله تعاليٰ اها حقيقت واضح ڪئي تہ جيڪڏهن سمورا انسان حق جي دعوت کي رد ڪري ڇڏين تہ اسان جون اهڙيون مخلوقون موجود آهن جيڪي پاڻ سڳورن جو ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهن.

## پرهہ ڦٽڻ جي خوشخبري:

طائف وارو تجربو اهڙو هيو جو جنهن مان گذرندي محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم درد ۽ پيڙا جي ان آخري نقطي کي ڇهيو جنهن تائين پهچڻ کان پوءِ مشيتِ رباني ڪاميابي جا دروازا کولي ڇڏيندي آهي. زمانو ظاهري نظرن ۾ حق جي نظام جي داعي کي جيترو وڌيڪ ڪيرائي سگهيو ٿي، ڪيرائي چڪو هيو. ان جو لازمي نتيجو اهو ٿي هيو تہ ان جو مرتبو بارگاهہ الاهي ۾ انتهائي حد تائين بلند ٿي وڃي.

---

[1] ص 217 تي عبدياليل، مسعود ۽ حبيب کي ڀائر لکيو ويو آهي جن کي حضور نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڀيريان ڀيريان دعوت پيش ڪئي. مگر هتي (ص 220) عبارت هيئن آهي:

"سيني کان وڌيڪ سخت ڏينهن اهو هيو جڏهن مون طائف ۾ عبدياليل جي پٽ جي سامهون دعوت رکي ۽ ان ان کي رد ڪري ڇڏيو....... الخ" (بخاري ج 1 ص 458)

پڙهندڙ کي هتي سيرت نگار جي باري ۾ مغالطو ٿي سگهي ٿو مگر ٻئي روايتون درست آهن ۽ ائين ئي آهن.

تجزيو اهو ڪري سگهجي ٿو تہ حضرت عائشہ رضہ جي سوال تي عرصي کان پوءِ پڇڻ تي احساس جي سخت ڪرب جي حالت ۾ اهو جملو اهڙي طرح پاڻمرادو ادا ٿيو هجي جيئن خود حضرت عائشہ رضہ حضرت يوسف عليہ السلام جو نالو وسري وڃڻ تي ٻيچيني جي حالت ۾ "يعقوب جو پٽ" جا لفظ استعمال ڪيا هيا يا عبدياليل جو پٽ بہ سامهون موجود هجي ۽ ان جي ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خاص طور تي خطاب ڪيو هجي، يا مذڪوره ٽنهي ڀائرن جي ابن ڏاڏن ۾ ڪو عبدياليل هجي.

بهرحال، ٻنهي موقعن واريون روايتون اهڙي طرح آهن جيئن بيان ڪيون ويون آهن.

الله تعاليٰ پنهنجن پيغمبرن سڳورن کي موڪلي جڏهن بہ حق ۽ باطل جي جنگ برپا ڪرائي آهي تہ ان جو قانون اهو رهيو آهي تہ باطل جڏهن آخري حد تائين پورو زور ڏيکاري چڪو هوندو آهي ۽ حق جا پوڄاري هڪ هڪ ڪري ظلم ۽ ڏاڍ جي سيني مرحلن مان صبر جميل سان گذرندي هڪڙي آخري مڙس ڪيرائيندڙ دور کي بہ پار ڪري ويندا آهن تہ خداوندي مدد جي صبح ظاهر ٿيڻ لڳندي آهي. بهشت ڏانهن وڃڻ واري سچائي جي واٽ ڪنڊن سان پري پئي آهي ۽ ان تي هلڻ وارن جي لاءِ مراد ملڻ جي خوشخبري تڏهن ايندي آهي، جڏهن:

"انهن کي تڪليف ۽ مصيبت اچي گهيريو ۽ اهي خوب هيٺا ۽ ساٺا ٿي ويا. ايستائين جو رسول ۽ ان سان گڏ ايمان آڻڻ وارا ماڻهو پڪارڻ لڳا تہ الله جي مدد ڪڏهن ايندي (ان مرحلي تي پهچي انهن کي خوشخبري ڏني ويجي ٿي تہ) ٻڌو! الله جي مدد ويجهو آهي." (﴿ مَّسَّتْهُمُ الْبَأْسَاءُ وَالضَّرَّاءُ وَزُلْزِلُوا حَتَّىٰ يَقُولَ الرَّسُولُ وَالَّذِينَ آمَنُوا مَعَهُ مَتَىٰ نَصْرُ اللَّهِ ۗ أَلَا إِنَّ نَصْرَ اللَّهِ قَرِيبٌ ﴾ سورت البقره آيت 214)

طائف جي تجربي کان پوءِ جڻ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان آخري امتحان مان گذري ويا. الاهي قانون موجب اها ڳالهہ اٽر هئي تہ هاڻي نئين دور جا دروازا کلي وڃن ۽ پرهہ ڦٽڻ جي خوشخبري ڏني وڃي. اهائي خوشخبري ڏيڻ جي لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي معراج سان سرفراز ڪيو ويو.

معراج جي حقيقت اها آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي قرب الاهي جو انتهائي بلند مقام نصيب ڪيو ويو. جنهن بادشاهہ جي نمائندگي ڪندي محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪيترا سال طرح طرح جي مصيبتن جو مقابلو ڪندي ۽ بڇڙائي جي طاقتن جي خلاف فڪري جنگ ڪندي گذاري ڇڏيا هيا. ان بادشاهہ پنهنجي سفير کي پنهنجي بارگاهہ جو بلند ترين اعزاز ڏيڻ جي لاءِ ان کي پنهنجي دربار ۾ گهرايو. ڪائنات ۽ زندگيءَ جي جن بنيادي سچاين کي ميرائڻ جي لاءِ هڪڙو سپاهي لڙائي جي ميدان ۾ لهي چئني طرفن کان وار مٿان وار سهي رهيو هيو ان کي اها سعادت بخشي وئي تہ انهن سچاين جو ويجهڙائي کان مشاهدو ڪري، جنهن خير ۽ ڀلائي جي بين الانساني تحريڪ ۾ اهو آخري داعي نئون روح ڦوڪي رهيو هيو: ان کي سعادت عطا ڪئي وئي تہ ان تحريڪ جي هڪڙي قديم مرڪز (بيت المقدس) تائين وڃي ۽ پوءِ اتان عالم بالا ڏانهن پرواز ڪري ان تحريڪ جي اڳين خاص رهبرن سان ملاقاتي ٿئي.

گذريل نبين سڳورن کي بہ واري واري سان شرف ڏنو ويندو رهيو هيو تہ اهي غيبي حقيقتن جو مشاهدو ڪن ۽ خداوندي قرب ۾ پهچي خاص عنايتن مان بهره مند ٿين. قرآن شريف ۾ جتي هڪڙي طرف ابراهيم عليہ السلام جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ان کي مَلَكُوتَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْض جو مشاهدو ڪرايو ويو هيو اتي موسيٰ عليہ السلام کي طور سينا

تي گهرايو ويو ۽ اتي الله تعاليٰ هڪڙي نوري وڻ جي اوٽ مان "اِنِي اَنَا اللهُ" چئي هم ڪلامي سان سرفراز ڪيو ۽ پوءِ ٻئي موقعي تي اهڙي ئي قرب واري گهڙي ۾ شريعت جا احڪام حوالي ڪيا. مطلب تہ اڳين جليل القدر نبين سڳورن کي بہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني جو معراج ٿيندو رهيو هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو معراج پنهنجي اندر ڪمال وارو شان رکي ٿو.

طائف واري واقعي ۽ هجرت جي وچ ۾ معراج واري واقعي کان وڌيڪ اهم ۽ ممتاز واقعو ڪو ٻيو پيش ڪونهي آيو. پاڻ سڳورن جڏهن اهو واقعو بيان ڪيو تہ مڪي ۾ وري هڪڙو هنگامو برپا ٿي ويو. پاڻ سڳورن عام مجمعي ۾ پنهنجا مشاهدا بيان ڪيا. بيت المقدس جو پورو نقشو ٻڌايو. رستي جون اهڙيون پڪيون پختيون نشانيون ٻڌايون جو انهن جي بعد ۾ تصديق ٿي وئي.

قرب واري ان گهڙي ۾ جيڪا خاص وحي ڪئي وئي "فَاَوۡحٰۤى اِلٰى عَبۡدِهٖ مَاۤ اَوۡحٰى ۝" (*تڏهن ان پنهنجي ٻانهي کي وحي پهچائي جيڪا بہ وحي ان کي پهچائڻي هئي. النجم آيت 10) اهوئي واقعو بني اسرائيل سورت جي عنوان سان اسان جي سامهون آهي. ان سورت جي شروعات ئي سير ڪرائڻ واري واقعي (واقعہ اسراء) جي تذڪري سان ٿئي ٿي ۽ پوءِ وري سورت ۾ معراج جو روح رچيل بسيل آهي. ان سورت جا هيٺ بيان ٿيندڙ پهلو نهايت ڌيان طلب آهن.

1. بني اسرائيل جي عبرت واري داستان کي سامهون رکي هڪڙي طرف اهو واضح ڪيو ويو تہ الله تعاليٰ جا قانون وڏين وڏين طاقتن جو محاسبو ڪندا آهن ۽ انهن جي بي راهہ روي تي انهن کي ڪنهن آلہ ڪار جي ذريعي مار کارائيندا آهن. ٻئي طرف عبرت ڏياري وئي تہ غلبي ۽ ڪامراني جي دور ۾ پهچي ڪٿي اها طاقت بہ بني اسرائيل جي رَوَش نہ اختيار ڪري ڇڏي.

2. اها خوشخبري بہ انتهائي ناسازگار ماحول ۾ صاف صاف لفظن ۾ فيصلہ ڪن انداز ۾ ڏني وئي تہ "جَآءَ الۡحَقُّ وَزَهَقَ الۡبَاطِلُ" (بني اسرائيل آيت 81) حق اچي ويو آهي ۽ باطل هاڻي پُڇ دٻائي ڀڄڻ وارو آهي. اونداهيون ختم ٿيڻ واريون آهن ۽ صبح ٿيڻ وارو آهي.

3. اهو اطلاع ڏئي ڇڏيو تہ مڪي وارا هاڻي پاڻ سڳورن کي مڪي مان ڪڍڻ جي پٺيان لڳي ويندا. مگر پاڻ سڳورن کي ڪڍڻ کان پوءِ گهڻي دير تائين امن سڪون سان رهي ڪونہ سگهندا.[1] هجرت جي دعا هنن لفظن ۾ سيکاري، "اي منهنجا رب مون کي (نئين دور ۾) صدق جي دروازي مان داخل ڪر ۽ (موجوده ماحول مان) صدق جي ئي واٽ

[1] ۽ اهي ماڻهو انهي ڳالهہ تي ڄميا بيٺا آهن تہ هن سرزمين تان تنهنجا قدم اکيڙي ڇڏين ۽ توکي هتان ڪڍي ٻاهر ڪن. ليڪن جيڪڏهن اهي ائين ڪندا تہ توکان پوءِ اهي پاڻ هتي ڪجهہ دير کان وڌيڪ ٽڪي ڪونہ سگهندا. (سورت بني اسرائيل آيت 76)

سان ڪيءِ مون کي پنهنجي بارگاهه مان اقتدار جي صورت ۾ مدد عطا ڪر."[1] هن دعا ۾ اقتدار جي طلب کي شامل ڪري ڄڻ اها خوشخبري ڏئي ڇڏي ته هجرت کان پوءِ وارو دور غلبي ۽ حڪمراني جو دور هوندو.

4. 22 آيت کان 29 آيت تائين مسلسل آيتن ۾ اسلامي نظام جا بلڪل ابتدائي اصول عطا ڪيا ويا ته انهن کي بنياد بڻائي نئون معاشرو ۽ نئون تمدن مضبوط ڪيو وڃي.

معراج واري گهڙيءَ جي انهن وحي وارن نڪتن جو نور سيني ۾ کڻي جڏهن سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم مستقبل ڏانهن نظر ڪندا هوندا ته تاريخ جي افق کان روشني جي هڪڙي پوڏ وهڪرو ڪندي ڏسڻ ۾ ايندي هوندن. ڪوئي ماده پرست مڪي جي ان خوفناڪ ماحول ۾ هجي ها ته شايد مايوس ٿي پنهنجين سرگرمين جو سامان سڙو (بوري بستر) ويڙهي ڇڪو هجي ها. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم هيا جيڪي انتهائي نازسازگار ۽ دل هارڻ وارين حالتن جي اونداهي ۾ گهيريل هوندي به ان قطعي يقين سان مالامال هيا ته صبح ٿيڻ وارو آهي ۽ هير جي هڪڙي جهوتي اچي سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ڪنن ۾ چئي ڇڏيو ته نئين صبح ٿيڻ جي جاءِ يثرب هوندو اها جاءِ جتان جي نوجوانن وڏي خلوص ۽ ڪليل دل سان اسلامي تحريڪ کي لبيڪ چوڻ شروع ڪيو.

مڪي ۾ اميد ختم ٿيڻ کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم طائف کان معلوم ڪرڻ ويا ته آيا تون سچائي جي مشعل کي کڻي سگهين ٿو؟ طائف جواب ڏنو ته مان ته مڪي کان به وڌيڪ نااهل آهيان. اڃا حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ان مايوسي واري جواب جي اثر ۾ ئي هيا ته پري کان يثرب جو جهيڻو آواز آيو ته مان "مدينة النبي" ٿيڻ لاءِ حاضر آهيان. مان حق جي نور جي مشعل کي کڻندس ۽ پوري دنيا کي روشني ڏيندس. منهنجي هنج ۾ نيڪي جو نظام پلجندو ۽ منهنجي پينگهي ۾ هڪڙي نئين تاريخ پلجي جوان ٿيندي.

طائف ويجهو هيو ۽ پري ٿي ويو. يثرب پري هيو مگر ويجهو اچي ويو.[2]

يثرب ان ڏينهن بلڪل ويجهو اچي ويو جنهن ڏينهن (نبوت جي يارهين سال) ڇهن انقلابين جي هڪڙي جٿي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم سان وفا جو عهد ڪيو. پوءِ ٻئي سال 12 ماڻهن اسلامي تحريڪ جي علمبرداري جي لاءِ باقاعده ڳالهه ٻولهه ڪري پهرين بيعت عقبه جي ڳنڍ ٻڌي ۽ اسلامي توحيد ۽ اخلاقي حدن جي تحفظ جي ذميواري پنهنجي مٿان کنئي. پوءِ حج جي موقعي تي هڪڙي وڏي جماعت حاضر ٿي ۽ انهن رات جي اونداهي ۾ هڪڙي ڳجهي گڏجاڻي ۾ ٻي بيعت عقبه ڪئي جيڪا پوري طرح

---

[1] ۽ دعا ڪر ته پروردگار، تون مون کي جتي به وٺي وڃين سچائي سان وٺي وڃ ۽ جتان به ڪڍين سچائي سان ڪڍ ۽ پنهنجي طرف کان هڪڙي اقتدار کي منهنجو مددگار بڻاءِ (بني اسرائيل آيت 80)

[2] ڪي ويجها به ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين. سنڌيڪار

سياسي روح سان پريل هئي. ان ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو هجرت ڪري مديني وڃڻ طي ٿيو ۽ ان والهانہ پيشڪش سان گڏ طي ٿيو تہ مديني وارا دوست (انصارِ مدينہ) پاڻ سڳورن جي لاءِ دنيا جهان سان لڙائي ڪرڻ جو جوکو کڻڻ لاءِ تيار آهن.

شايد اهو ئي دور ـــــ طائف جي سفر کان هجرت ـــــ آهي جنهن ۾ يوسف سورت نازل ٿي هئي ۽ جنهن ۾ بين خبرن جي پردي ۾ حق جي علمبردار کي خوشخبري ڏني ۽ ان جي مخالفن کي انهن جي ڪميڻي ۽ ظالماڻي طرزِ عمل کان آگاهہ ڪري انهن جو انجام انهن جي سامهون رکي ڇڏيو.

## الوداع! ـــــ اي مڪہ الوداع!

تشدد زوال پذير نظام جو آخري هٿيار هوندو آهي ۽ جيڪڏهن اهو ڪارگر نہ ٿئي تہ قاعدو اهو آهي تہ تبديليءَ جا دشمن انقلاب جي نقيب جي جان وٺڻ تي سندرو ٻڌي بيهندا آهن. مڪي وارا تہ اڳ ۾ ئي ڏند ڪُرٽي رهيا هيا ۽ اهڙا ئي ارمان رکيائون ٿي. مگر وس ڪونہ هلندو هين. هاڻي آخري گهڙي اچي وئي هئي. ڇڪتاڻ هڪڙي فيصلہ ڪن مرحلي مان گذري رهي هئي. هاڻي بہ مخالف طاقتون ڄڻ ته بلڪل الڳ الڳ ٿي چڪيون هيون. هاڻي واضح طور تي هڪڙي ذهني ۽ اعتقادي سرحدي لڪير ڇڪجي وئي هئي ۽ جيڪي هُن پاسي هيا, اهي هُن پاسي هيا ۽ جيڪي هِن طرف اچي ويا هيا اهي بس هِن ئي طرف جا هيا. هاڻي بهرحال, حق جي دعوت جي هڪڙي منظم طاقت هئي. ان جو جماعتي انتظام گهڻو مضبوط هيو. ان جو ڪرداري وزن گهڻو وڏيڪ هيو. ان جي دليل تي ٻڌل اپيل غيرمعمولي حد تائين زوردار هئي ۽ ان جي خادمن جي مظلوميت دلين کي فتح ڪرڻ جي طاقت رکندي هئي. هاڻي سچائي جو ننڍڙو ٻج هڪڙو قدآور وڻ ٿي چڪو هيو. خداوندانِ جاهليت جي لاءِ ڪالهہ تائين جيڪو خطرو خيالي هيو اهو هاڻي واقعاتي صورت ۾ سامهون هيو. هاڻي وقت انهن کي چئي رهيو هيو تہ جيڪڏهن ان خطري سان نبرڻ جي قوت رکو ٿا تہ ان سان نبري وٺو ورنہ نئين دور جو نور وارو طوفان هلندو پيو اچي جنهن ۾ توهان, توهان جا منصب, توهان جو مذهب ۽ توهان جون جاهلاڻيون روايتون سڀ ڪجهہ وهي وڃڻ وارو آهي. سياڻي توهان کي پنهنجا آڪڙيل ڪنڌ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ ان جي پيغام جي سامهون جهڪائڻا پوندا. خداوندانِ جاهليت تاريخ جي اها للڪار (چيلنج) ٻڌي رهيا هيا ۽ بيچين بہ ٿي رهيا هيا. تنهن ڪري هاڻي اهي داعي حق جي خون جا پياسا ٿي هڪڙي نئين سازش جي لاءِ ذهني طور تي تيار ٿي ويا.

هونئن بہ حق جي جماعت جي فردن لاءِ مڪي جو ڪُورو پنهنجي آخري درجہ حرارت تي پهچي ويو هيو ظلم انساني برداشت کان ٻاهر ٿي ويا هيا, قريشي پنهنجي ظلم جي زهريلي پاڻي جو پيالو ڪنارن تائين پري چڪا هيا. ٻئي پاسي حق جي علمبردارن جي

صبر جو پيالو بہ ڪنارن تائين پرجي ويو هيو. ان جو صاف مطلب اهو هيو تہ هاڻي حالتون ڪو وڏو موڙ کائينديون. هاڻي چوڌڪاري جي ڪا واٽ نڪرندي ۽ هاڻي تاريخ ڪو واضح رخ اختيار ڪندي. قريشن پنهنجي لاءِ هڪڙي عظيم سعادت جو دروازو بند ڪري ڇڏيو هيو انهن پاڻ کي اسلامي تحريڪ جو اڳمتي (پيشرو) بڻجڻ لاءِ نااهل ثابت ڪري ڇڏيو هيو. ان نفسياتي ماحول ۾ معراج واقع هجڻ تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن روشن مستقبل جي خوشخبري ڏني هوندي، اشاري ۾ هجرت جو باب کلڻ ۽ ان کان پوءِ دور اقتدار جي شروع ٿيڻ جي خوشخبري ٻڌائي هوندي تہ مسلمان جماعت ۾ نوان جوش جذبا پيدا ٿي ويا هوندا. تشدد جو شڪار ٿيڻ وارن کي آٿت ملي هوندي، زخمي دلين کي سڪون جي ملم ملي وئي هوندي، همت وڌي وئي هوندي ۽ ذهني دنيا ۾ هڪڙي طرح جي پرهہ ڦٽڻ لڳي هوندي. پوءِ جڏهن محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حساس دل اها واعدو ڪيل (موعود) گهڙي ويجهو ايندي ڏٺي هوندي تہ احساسن جي اٿل پٿل اچا بہ وڌي وئي هوندي. ايستائين جو پاڻ سڳورن جي دل اڳواٽ ئي اها غيبي حقيقت سمجهڻ لڳي تہ ٿيڻ وارو دارالهجرت يثرب (مدينو) هوندو. هڪڙي طرف واضح حالتون آڱر کڻي اشارو ڪري رهيون هيون ۽ خاص طور تي عقبہ جي جاءِ واريون بيعتون شاهدي ڏئي رهيون هيون ۽ ٻئي طرف وڏي ملائڪ ذريعي بہ اشارا ملي رهيا هيا.

## هجرت جو عام حڪم (اِذن):

آخري بيعت عقبہ (يعني ذوالحج 13 اعلان نبوت ـ بعثت) کان پوءِ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مڪي جي مسلمانن کي مديني ڏانهن هجرت ڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو ۽ فرمايو تہ الله عزوجل هاڻي توهان جي لاءِ ڀائر پيدا ڪري ڇڏيا آهن ۽ هڪڙو اهڙو شهر فراهم ڪيو آهي جتي توهان امن سان رهي سگهو ٿا. (ابن اسحاق جي حوالي سان ابن هشام) اهو حڪم ملڻ سان سڀ کان پهريان حضرت عامر رضہ بن ربيعہ العنزي پنهنجي زال ليليٰ رضہ بنت ابي حثمہ سان گڏ نڪتو. پوءِ حضرت عمار رضہ بن ياسر رضہ ۽ حضرت بلال رضہ ۽ حضرت سعد رضہ بن ابي وقاص هجرت ڪئي، پوءِ حضرت عثمان رضہ بن عفان پنهنجي زال رقيہ رضہ بنت رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گڏ روانو ٿيو. پوءِ هجرت ڪرڻ وارن جو هڪڙو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ ماڻهو هڪ ٻئي پٺيان ان نئين درالهجرت ڏانهن وڃڻ لڳا. ايستائين جو پورا ڪٽنب پنهنجو گهر گهاٽ ڇڏي نڪري پيا. ابن اسحاق جي حوالي سان ابن هشام خاص طور تي ٽن خاندانن جو ذڪر ڪيو آهي جن جا سيئي گهر ڀاتي هجرت ڪري ويا ۽ انهن جا گهر خالي پيل رهجي ويا. هڪڙو بنو مظعون، ٻيو بنوالبڪير، ٽيون بنو جحش بن بنو رياب. ابن عبدالبر لکيو آهي تہ بنوجحش سان گڏ بنواسد بن خزيمہ جا بہ مرد ۽ عورتون ۽

ٻار سڀ هليا ويا. انهن ٻنهي خاندانن جي ڪل 30 ٻاتين هجرت ڪئي جن ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا ڦڦات عبدالله رضہ بن جحش ۽ ابواحمد رضہ بن جحش (جنهن جو نالو عبد هيو) ۽ انهن جون ڀيڻون حضرت زينب رضہ بن جحش (جيڪا بعد ۾ ام المومنين ٿي) ۽ حمنہ رضہ بنت جحش (حضرت مصعب رضہ بن عمير جي زال) ۽ ام حبيب رضہ بنت جحش (حضرت عبدالرحمان بن عوف جي زال) شامل هيون.[1]

هڪڙو دفعو ابوجهل ۽ ٻيا رئيس بنو جحش جي ويران گهرن وٽان گذريا تہ ابوجهل ان منظر کي ڏسي هي تبصرو ڪيو:

"اهو اسان جي ڀائٽي جو ڪارنامو آهي، ان اسان جي ٻڌي کي ذرو ذرو ڪري ڇڏيو. اسان جي جماعت کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو ۽ اسان کي پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏيو."[2]

ساٿين کي مديني موڪلڻ جي باوجود حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي مقامِ دعوت کي ڪونہ ڇڏيو. الله جي حڪم جي انتظار ۾ رهيا. هاڻي مڪي ۾ ٻيو ڪوئي مسلمان ڪونہ رهيو هيو سواءِ اهڙن ماڻهن جي جن کي قريشن روڪي رکيو هيو يا مصيبتن ۾ وجهي ڇڏيو هيو. البت، خاص ساٿين ۾ حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت علي عليہ السلام اتي هيا. انهن حالتن ۾ قريشين اندازو ڪري ورتو تہ هاڻي جڏهن مسلمانن کي هڪڙو ٺڪاڻو ملي ويو آهي ۽ هڪ هڪ ٿي سيئي ماڻهو وڃي چڪا آهن تہ ٿي سگهي ٿو تہ جلد ئي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) بہ هٽ مان نڪري وڃي ۽ اسان جي اثر واري دائري کان ٻاهر رهي طاقت ڪري وڃي ۽ سمورو اڳيون پويون حساب چڪائي. اهي ماڻهو مڪي جي عوامي هال (دارالندوه) ۾ گڏ ٿيا[3] ۽ سوچڻ لڳا تہ هاڻي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي خلاف ڪهڙي ڪارروائي ڪئي وڃي. هڪڙي تجويز اها سامهون آئي تہ پاڻ سڳورن کي ڪنهن لوهي قيد خاني ۾ بند ڪري ڇڏجي ۽ دروازو بند رکيو وڃي. ان تي اعتراض ٿيو تہ ان شخص جي ڳالهہ بند لوهي دروازي مان بہ ٻاهر نڪري ويندي ۽ ان جا ساٿي طاقت ڪري ويندا تہ ان کي ڪڍي وٺي ويندا، ڪا ٻي تدبير سوچيو. گڏجاڻي ۾ موجود هڪڙي ميمبر ٻي تجويز پيش ڪئي تہ پاڻ سڳورن کي پنهنجي معاشري ۽ حدن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏجي. ان کان پوءِ

---

[1] سيرت سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم. از سيد ابوالاعليٰ مودودي ج 1 ص 715

[2] سيرت ابن هشام ج 2 ص 114

[3] گڏجاڻي ۾ قريشي قبيلن جا هي ناليوارا سردار موجود هيا. (1) بنوعبد شمس مان ربيعہ جا پٽ شيبہ ۽ عتبہ ۽ ابوسفيان بن حرب؛ (2) بنونوفل مان طيعمہ بن عدي، جبير بن مطعم، حارث بن عامر؛ (3) بنوعبدالدار مان نضر بن حارث بن ڪلده؛ (4) بنواسد بن عبدالعزيٰ مان ابوالبختري بن هشام، زمعہ بن اسود، حڪيم بن حزام؛ (5) بنومخزوم مان ابوجهل بن هشام؛ (6) بنوسهم مان حجاج جا پٽ نبيہ ۽ منبہ؛ (7) بنوجمح مان اميہ بن خلف (ڏسو "رحمت اللعالمين" از قاضي سليمان منصورپوري ج 1 ص 95)

اسان کي ان سان ڪھڙو واسطو تہ ان سان ڇا ٿو وهي واپري. ان تي وري اعتراض ٿيو تہ ڇا توهان کي ان جي ڳالهائڻ جي سھڻي انداز جي خبر ڪونهي؟ ان جي ڳالهين جي مِٺاڻ کان واقف ڪونہ آهيو؟ اهي ڳالهيون ماڻهن جي دلين تي ڇانئجي وڃڻ جو ذريعو ٿين ٿيون. ائين ڪندا تہ توهان ان کان بچي ڪونہ ٿا سگهو تہ اهو عربن ۾ ظاهر ٿئي ۽ پنهنجي دعوت ۽ ڳالهين جي زور تي انهن تي ڇانئجي وڃي. پوءِ اهو انهن کي وٺي توهان جي مٿان ڪڙڪي پوي ۽ اقتدار جي واڳ توهان جي هٿن مان کسي وٺي، ۽ پوءِ جيڪو وڻي اهو سلوڪ توهان سان ڪري. هاڻي ابوجهل جي ذهانت ويچار واري ڳالهہ سوچي ٿي، ان تجويز پيش ڪئي تہ هر قبيلي مان هڪ هڪ مضبوط ۽ معزز نوجوان ڪنيو وڃي[1] ۽ سيني کي هٿن ۾ تلوارون ڏنيون وڃن. پوءِ اهي گڏجي ان (محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) تي حملو ڪري ڪم پورو ڪري ڇڏين. بس، اسان جي اهڙي طريقي سان جان ڇٽي سگهي ٿي. ان طريقي سان محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جو خون قبيلن ۾ ورهائجي ويندو ۽ بنوعبد مناف ايترن گهڻن قبيلن کان پلاند وٺڻ جي جرئت ڪري ڪونہ سگهندا. پوءِ ان تي اتفاق راءِ ٿي ويو ۽ اها سازشي گڏجاڻي ختم ٿي.

ان ئي گڏجاڻي جي ڪارروائي تي قرآن شريف هنن لفظن ۾ تبصرو ڪيو:

"۽ ان گهڙي کي ياد ڪر جڏهن ڪافر تدبيرون ڪري رهيا هيا تہ توهان کي قيد ۾ رکن يا قتل ڪري ڇڏين يا ٻاهر (شهر مان) تڙي ڇڏين. اهي پنهنجي تدبير ڪن ٿا ۽ الله جواب ۾ ٻي تدبير ڪري ٿو ۽ الله تدبير ڪرڻ ۾ سڀني کان گهڻو آهي." (﴿ وَاِذْ يَمْكُرُ بِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ يَقْتُلُوْكَ اَوْ يُخْرِجُوْكَ وَيَمْكُرُوْنَ وَيَمْكُرُ اللّٰهُ وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ۝ سورت الانفال آيت 30)

اڄڻ واري پراسرار رات سامهون هئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي محبوب ترين ساٿي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ جي گهر تشريف کڻي ويا. اتي وڃي رازداري واري طريقي سان اطلاع ڏنو تہ هجرت جي اجازت ملي وئي آهي. حضرت صديق رضہ گڏ وڃڻ جي درخواست ڪئي جيڪا پهريان کان منظور هئي. ان سعادت تي خوشي واري جذبي سان حضرت ابوبڪر رضہ جون اکيون پرجي آيون. ان هجرت جي لاءِ اڳ ۾ ئي ٻہ ڏاچيون چڱي نموني ۾ کارائي پياري متاريون ڪري رکيون هيون. عرض ڪيائين تہ حضور ٻنهي مان جيڪا پسند ڪيو اها هديو آهي. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اصرار ڪري هڪڙي ڏاچي (جنهن جو

---

[1] ابن سعد جي روايت جي مطابق پاڻ ڪريمن صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قتل تي ڪل 12 ماڻهو مقرر ٿيل هيا. ابوجهل، حڪم بن ابي العاص، عقبہ بن ابي معيط، نضر بن حارث، اميہ بن خلف، حارث بن قيس بن الغيطلہ، زمعہ بن اسود، طيعمہ بن عدي، ابولهب، ابي بن خلف، نبيہ بن حجاج ۽ منبہ بن حجاج. (ڏسو سيرت سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم. از سيد ابوالاعليٰ مودودي ج 2 ص 723)

نالو جدعاء هيو) ان کي قيمت ڏئي ورتي. رات ٿي تہ الله تعاليٰ جي حڪم موجب[1] حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي گهر کونہ ستا ۽ پنهنجي محبوب ترين ساٿي حضرت علي عليہ السلام کي پنهنجي بستري تي بناخوف سمهي رهڻ جي هدايت ڪئي. ان سان گڏ ماڻهن جون امانتون ان جي حوالي ڪيون تہ اهي صبح جو مالڪن کي موٽائي ڏنيون وڃن. اهڙي اخلاق جا تاريخ وٽ ڪيترا مثال موجود آهن؟ تہ هڪڙي پاسي هڪڙي ڌُر تہ قتل جون سازشون ڪري رهي آهي ۽ ٻي ڌُر پنهنجن قاتلن کي امانتون موٽائي ڏيڻ جي فڪر ۾ آهي. پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حضرت صديق رضہ جي گهر پهتا. جناب اسماء رضہ بنت ابوبڪر رضہ هڪدم پنهنجو رئو ڦاڙيو ۽ هڪڙي ٽُڪري ۾ کاڌي جون شيون ٻڌيون ۽ ٻئي ٽُڪري سان کَلِي (مَشڪ) جو منهن ٻڌو. حق جي ٻن مسافرن وارو اهو قافلو رات جي اونداهي ۾ راهي ٿي ويو.

اڄ دنيا جو سڀ کان وڏو محسن ۽ گهڻ گُهرو (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) بغير ڪنهن قصور جي ٻي گهر ٿي رهيو هيو!

اڄ اهو انهن گهٽين کي الوداع چئي رهيو هيو جن ۾ اهو گهمي ڦري جوان ٿيو ۽ جن ۾ ان حق جو ڳاٽ اوچو ڪرڻ لاءِ هزارين ڦيرا ڏنا هيا، ۽ جن ۾ ان گاريون ٻڌيون هيون ۽ تڪليفون برداشت ڪيون ۽ ايذاء سَنا هيا.

اڄ اهو حرم جي روحاني مرڪز کان جدا ٿي رهيو هيو جنهن ۾ ان ڪيترا ڀيرا سجدا ڪيا هيا، ڪيترا ڀيرا قوم جي ڀلي (فلاح) لاءِ دعائون گهريون هيون. ڪيترا ڀيرا قرآن شريف پڙهيو هيو ۽ ڪيترا ڀيرا ان مقدس چوديواري– امن ۽ سلامتي جي ان واحد پناهہ گاهہ– ۾ بہ مخالفن جي هٿان ڏک ڏنا هيا، ۽ انهن جا دل ساڙڻ وارا جملا ٻڌا هيا.

اڄ اهو ان شهر کي آخري سلام ڪري رهيو هيو. جنهن ۾ ابراهيم عليہ السلام ۽ اسماعيل عليہ السلام جي ڪارنامن جو رڪارڊ موجود هيو. جنهن جي فضائن ۾ ان جي دعائن جون لهرون اڃا تائين متحرڪ هيون.

جيرو ڏري پيو هوندو اکيون ڀرجي آيون هونديون. جذبا اڀري آيا هوندا، مگر الله جي رضا ۽ زندگيءَ جي مِشن جيئن تہ ان قرباني جي گُهر ڪئي، انهيءَ ڪري ڪامل انسان اها قرباني بہ ڏئي ڇڏي.

اڄ مڪي جي وجود مان ان جو روح نڪري رهيو هيو اڄ ان چمن جي گلن مان خوشبوءِ ختم ٿي رهي هئي، اڄ اهو چشمو سُڪي رهيو هيو. اڄ ان جي اندر مان بااصول ۽ صاحبِ ڪردار هستين جو آخري قافلو روانو ٿي رهيو هيو.

حق جي دعوت جو ٻوٽو مڪي جي سرزمين مان ڦُٽو ليڪن ان جي ميون سان پنهنجي جهولي ڀرڻ مڪي وارن جي نصيب ۾ ڪونہ هيو. ميوا مديني وارن جي حصي ۾

[1] اهو باقاعده جبرائيل عليہ سلام حڪم پهچايو. سيرت ابن هشام ج 1 ص 482. زادالمعاد ج 2 ص 52.

آيا ـــ سموري دنيا جي حصي ۾ آيا! مڪي وارن کي اڄ پوئتي ڌڪي هٽايو پئي ويو ۽ مديني وارن جي لاءِ اڳين صف ۾ جاءِ خالي ڪرائي پئي وئي. جيڪي پنهنجو پاڻ کي اعليٰ ۽ اتم سمجهندا هيا انهن کي پاتال ۾ ڌڪڻ جو فيصلو ٿي ويو ۽ جن کي هيٺئين درجي ۾ رکيو ويندو هيو انهن ئي ماڻهن کي اٿاري مٿي ڪڍي آندو پئي ويو.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم آخري نظر وجهندي مڪي کي هي خطاب ڪيو:

"الله جو قسم! تون الله جي بهترين زمين آهين ۽ الله جي نظرن ۾ سڀني کان وڌيڪ محبوب. جيڪڏهن مون کي هتان نہ ڪڍيو وڃي ها تہ مان ڪڏهن بہ نہ وڃان ها."[1]

ڪجهہ گهڙين کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم غارِ ثور ۾ هيا.

رستو خود حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تجويز ڪيو هيو ۽ عبدالله بن اريقط کي معاوضو ڏئي راهنما مقرر ڪيو. ٽي ڏينهن پاڻ غار ۾ رهيا. عبدالله رضہ بن ابوبڪر رضہ رات جو مڪي جون سڀ خبرون پهچائيندو هيو. عامر رضہ بن فهيره (حضرت ابوبڪر رضہ جو غلام) ٻڪرين جو ڌڻ وٺي ان طرف ويندو هيو ۽ اوندهہ ٿيڻ تي غار جي سامهون وڃي پهچندو هيو تہ جيئين ٻئي مهاجر ضرورت جي مطابق کير پيئن.

هوڏانهن قريشين سڄي رات حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي گهر جو گهيراء جاري رکيو ۽ پوري شهر جي ناڪہ بندي جو بہ سخت انتظام ڪيو. مگر جڏهن اوچتو صبح جو انهن کي اهو معلوم ٿيو تہ جنهن جي ڳولا هئي اهو تہ نڪري ويو آهي تہ انهن جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي بستري تي حضرت علي عليہ السلام کي ستل ڏسي وائڙا ٿي ويا ۽ ان تي ڪاوڙ ڪيڏي هليا ويا. چئني طرفن ۾ ڳولا جي لاءِ ماڻهو ڊوڙاياڻون. ڪا خبر ڪونہ پيئن. هڪڙو ٽولو پيچ ٻڌي ڪندي عين غارِ ثور جي دروازي تي وڃي پهتو. انهن جا پير اندر ڏسڻ ۾ پئي آيا. ڪيترو نازڪ تاريخي لمحو هيو. حضرت ابوبڪر رضہ کي تشويش ٿي تہ جيڪڏهن اهي ماڻهو غار ۾ داخل ٿي ويا تہ پوري تحريڪ خطري ۾ پئجي ويندي. اهڙين گهڙين ۾ صحيح انساني فطرت جي اندر جهڙو احساس پيدا ٿيڻ گهرجي، نيڪ اهڙو ئي احساس جناب صديق رضہ جو هيو. مگر جيئن تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان الله تعاليٰ جا ڪجهہ واعدا ڪيل هيا ۽ ان جي طرف کان حفاظت ۽ مدد جي يقين دهاني ڪرايل هئي، انهيءَ ڪري غيب جي پردي کان بہ پنيان تائين ڏسڻ واري دل کي خبر هئي تہ الله تعاليٰ اسان کي صحيح سلامت رکندو. پوءِ بہ نيڪ ان طرح اطمينان واري وحي نازل ٿي جهڙي موسيٰ عليہ السلام تي نازل ٿي هئي (لَاتَخَفۡ). ارشاد ٿيو "لَا تَحۡزَنۡ اِنَّ اللّٰهَ

---

[1] ترمذي ۽ مسند جي روايت آهي تہ مڪي مان نڪرڻ وقت حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حُزوَرَه جي جاءِ تي بيهي بيت الله ڏانهن منهن ڪيو ۽ وڏي ڏک مان ائين چيو. (سيرت سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم. ج 2 ص 724)

مَعَنَا“ فڪر نہ ڪر، الله اسان سان گڏ آهي. (سورت التوبہ آيت 40). تنهن ڪري اچڻ وارو ٽولو غار جي منهن وٽان ئي واپس هليو ويو.

ٽي ڏينهن غار ۾ رهڻ کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جناب صديق رضہ جي ساٿ ۾ پنهنجي راهنما ۽ عامر بن فهيره کي گڏ وٺي نڪتا. پيڇو ٽيڻ کان بچڻ لاءِ عام رستو ڇڏي سامونڊي ڪناري وارو ڏکو رستو اختيار ڪيائون. هوڏانهن مڪي ۾ اعلان ڪرايو ويو تہ ﭘنهي مهاجرن مان جنهن کي بہ ڪوئي شخص قتل ڪري يا گرفتار ڪري اچي تہ ان جي لاءِ هڪ سو اُٺ انعام آهن. ماڻهو مسلسل ڳولا ۾ هيا. سراقہ بن مالڪ بن جعشم کي خبر ملي تہ هنن آرن پارن وارا ماڻهو سامونڊي ڪناري سان ڏٺا ويا آهن. ان نيزو کنيو ۽ گهوڙي تي سوار ٿي روانو ٿي ويو. ويجهو اچي سراقہ جڏهن نيزي سان حملو ڪيو تہ ان جي گهوڙي جا اڳيان سنب زمين ۾ هليا ويا. سراقہ ٻن ٽن ﭘيرن جي ناڪام ڪوشش کان پوءِ معافي گهري، ان سان گڏ عرض بہ ڪيائين تہ امان جي هڪڙي لکت ڏني وڃي. مطلب تہ ان اهو بہ محسوس ڪري ورتو هيو تہ انهن هستين جي طفيل هڪڙو نئون دور شروع ٿيڻ وارو آهي. امان لکي ڏني وئي ۽ مڪي جي فتح واري ڏينهن ان کي ڪم آئي. ان ئي موقعي تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سراقہ کي هڪڙي خوشخبري بہ ڏني تہ "اي سراقہ، ان وقت تنهنجو ڪهڙو شان هوندو جڏهن تون ڪسريٰ جا ڪنگڻ پائيندين." (اها اڳڪٿي حضرت عمر رضہ جي دور ۾ ايران جي فتح جي موقعي تي پوري ٿي وئي)

ان ئي سفر ۾ حضرت زبير رضہ واپاري قافلي سان شام کان واپس ايندي ملاقاتي ٿيو هيو. ان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ جناب صديق رضہ ﭘنهي جي خدمت ۾ سفيد لباس سوکڙي طور ڏنو.

ان ئي سفر ۾ بريده اسلمي رضہ بہ ستر ساٿين سان گڏ سامهون آيا. اهي بہ دراصل انعام جي لالچ ۾ نڪتا هيا. جڏهن آمهون سامهون ٿيا تہ بريده رضہ جي دل جي ڪايا پلٽجي وئي. تعارفي گفتگو ۾ ئي جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙي خوشخبري وارو جملو "خَرَجَ سَهْمُكَ" (تنهنجو حصو نڪري آيو) فرمايو تہ بريده رضہ ستر ساٿين سان گڏ ايمان آندو. پوءِ بريده رضہ اها خواهش ڏيکاري تہ حضور (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) مديني ۾ داخل ٿيڻ وقت توهان جي اڳيان اڳيان هڪڙو جهنڊو هجڻ گهرجي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجو پٽڪو نيزي ۾ ٻڌي بريده رضہ کي ڏنو ۽ ان جهنڊي کي لهرائيندو اهو قافلو دارالهجرت ۾ داخل ٿيو.

لَتُبْلَوُنَّ فِيْٓ اَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ ۣ وَلَتَسْمَعُنَّ مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَمِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْٓا اَذًى كَثِيْرًا ۭ وَاِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ۝

”لازمي طور توهان کي پر کيو ويندو جانين ۽ مال جي نقصان سان! ۽ توهان کي گهڻيون ئي بيهوديون ڳالهيون ٻڌڻيون پونديون ـــ انهن ماڻهن کان بہ جن کي توهان کان پهريان ڪتاب ڏنو ويو هيو ۽ انهن ماڻهن کان بہ جن شرڪ جو مسلڪ اختيار ڪري رکيو آهي! ۽ جيڪڏهن توهان (انهن آزمائشن جي مقابلي ۾) ثابت قدم رهو ۽ (آلودگين کان) دامن بچائي بچائي هلو تہ........ يقينن اهو هڪڙو همت وارو ڪارنامو آهي!“ (آل عمران آيت 186)

✻✻✻✻✻

"ڪنهن نبي جي لاءِ ان جا مٽ مائٽ جيترو بُرا ٿي سگهن ٿا،
توهان پنهنجي نبي جي
حق ۾ اهڙائي بُرا ثابت ٿيا!
توهان مون کي ڪوڙو چيو
۽ ٻين ماڻهن منهنجي صداقت جي شاهدي ڏني.
توهان مون کي وطن مان ڪڍيو!
۽ ٻين ماڻهن مون کي پاڻ وٽ جاءِ ڏني.
توهان منهنجي خلاف لڙائي ڪرڻ جي لاءِ اٿي کڙا ٿيا
۽ ٻين ماڻهن مون کي پنهنجو سهڪار پيش ڪيو!"

ارشاد رسالت مآب ﷺ

(بدر جي ميدان ۾ مشرڪن جي لاشن کي خطاب ڪندي)!

باب چوٿون

# مُحسنِ انسانيت

صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

## مخالفتن جي طوفان مان گذرندي

(2)

## مدني دور

## تاريخ موڙ ڪائي ٿي

صبح ساڻ جڏهن اُمِ احمد مون کي سفر جي لاءِ تيار ڏٺو ته مان ان هستي جي حفاظت ۾ نڪري رهيو آهيان جنهن کان اڻ ڏٺي خوف ۽ ٻپ رکان ٿو ته اها چوڻ لڳي ته جيڪڏهن توکي اهو قدم لازمي کڻڻو ئي آهي ته يثرب وڃڻ جو خيال ڇڏي ڏي ۽ اسان کي ڪنهن ٻئي علائقي ۾ وٺي هل!

ان تي مون ان کي جواب ڏنو ته بس هاڻي يثرب ئي اسان جي منزل مقصود آهي ۽ الله رحمان جيڏانهن گُهرندو آهي، ٻانهو ان طرف ئي سوار ٿي نڪرندو آهي.

ڪيترن ئي دل گُهريِن ساٿين ۽ ڪيترن ئي خيرخواهن کي اسان پوئتي ڇڏيو ۽ ڪيتريون ئي ڏکويل عورتون هيون جيڪي ڳوڙها ڳاڙينديون ۽ سڏڪا ڀرينديون رهجي ويون!

تون سمجهين ٿي ته اسان جو وطن ڇڏڻ ان غرض سان آهي ته اسان جلاوطن ڪرڻ وارن کان انتقام وٺڻ جي قابل ٿيون. حالانڪ اسان ڇاڻون ٿا ته اهي ڪي ٻيائي مقصد آهن جن جي اسان کي تمنا آهي!

هڪ اسان آهيون، ۽ هڪڙا اسان جا اهي دوست آهن جيڪي سڌي واٽ کان ڀري ٿي ويا آهن; ۽ انهن اسان جي خلاف ظلم جا هٿيار کنيا ۽ هنگامو برپا ڪري ڇڏيو.

اهي ڪشمڪش ڪندڙ ٻه ڌُريون آهن جن منجهان هڪڙي کي حق جي علمبرداري جي توفيق ملي آهي ۽ اها هدايت واري آهي. ٻي ڌُر الله جي عذاب جي زد ۾ اچڻ واري آهي.

توڙي جو اسان انهن سان مٽي مائٽي جي لحاظ کان گهٽي ويجهڙائپ رکون ٿا، ليڪن جتي (نظرين ۽ مقصدن جو) دلي ڳانڍاپو نه جوڙيو ويو هجي، اتي رڳو مٽي مائٽي جي ويجهڙائپ نٿي هلي سگهي!

هڪڙو ڏينهن ايندو جڏهن توهان جي ٻڌي ٽڪڙاٽڪڙا ٿي ويندي ۽ توهان جي اجتماعي ٻڌي جو تاڃي پيٽو وِکري ويندو. ان وقت توهان کي چڱي طرح خبر پئجي ويندي ته اسان ٻنهي ڌُرين مان ڪير نيڪ نموني سان حق تي ڪاربند آهي.

(مختصر ـــــ رجزِ هجرت ـــــ ابواحمد رضہ بن جحش)

انسانيت جي محسنِ اعظم ۽ دنيا جي سڀني کان وڏي تاريخ ساز حضرت محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حياتي جي ڪارنامن جو مڪي دور دعوت ۽ پيغام جو دور آهي ۽ مدني دور اقتدار جو دور آهي. مڪي ۾ ماڻهن کي تيار ڪيو ويو مديني ۾ اجتماعي نظام جي تشڪيل ٿي. هُتي مَسالو تيار ٿيو هِتي عمارت تعمير ڪئي وئي.

ان فرق جي ڪري قرآن شريف ۽ سيرت و تاريخ کي سرسري نگاهہ سان ڏسڻ وارن عام ماڻهن جو تاثر اهو آهي تہ اسلامي تحريڪ ۽ ان جي داعي تي امتحان جون مشڪل گهڙيون صرف مڪي دور ۾ ئي گذريون آهن. مديني ۾ مخالفت جي اهڙي شديد طوفان کي منهن ڏيڻو ڪونہ پيو هيو ۽ هتي اهڙي نموني جا ڪورا گرم ڪونہ ٿيندا هيا. يا گهٽ ۾ گهٽ اهو خيال ڪيو ويندو آهي تہ مخالفت هاڻي اگهاڙي تلوار بڻجي لڙائي جي ميدان ۾ اچي وئي هئي ۽ مخالفن جي طرف کان ڪميڻين حرڪتن ۽ ذليل ڪارروايُن جو اهو دور گذري ويو هيو. حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ آهي. بيشڪ قريشين جي پهرين مخالف طاقت تہ هاڻي منهان منهن ٿي جنگ جي ميدان ۾ للڪاري رهي هئي، ليڪن ٻئي طرف مديني ۾ تحريڪ جي پرزور اڀار نيون مخالف طاقتون پيدا ڪري ڇڏيون هيون ۽ اهي شرارتن ۾ مڪي وارن کان ڪنهن بہ طرح گهٽ ڪونہ هيون. انهن شرارتن جي نت نون ڪرشمن داعي حق ۽ ان جي ساٿين کي شروع کان آخر تائين پريشان ڪري رکيو ۽ معاشري جي تعميرِ نو جي ڪم ۾ رڪاوٽون وجهڻ ۾ ڪا ڪسر ڪونہ ڇڏي.

تاريخي قاعدو اهوئي آهي تہ اصلاح ۽ تعمير جو ڪم جيترو جيترو اڳتي وڌندو آهي، سڌاري (اصلاح) جا دشمن ۽ ٺهراءِ (جمود) پسند طاقتون ان کي تباهہ ڪرڻ جي لاءِ دشمني وارن جذباتن ۾ ايتريون ئي وڌيڪ وقلنديون ويندين آهن. ايستائين جو حق جڏهن مظلومي واري تختہ دار کان هڪڙو ٽپو ڏئي اقتداري تخت تي قدم رکندو آهي تہ باطل جو بغض ۽ حسد بہ سڀني حدن کان اڳتي نڪري ويندو آهي. اهائي صورت مديني ۾ نئين اسلامي معاشري (سوسائٽي) جي قيام ۽ امن و سلامتي جي رياست جي وجود ۾ اچڻ تي پيدا ٿي.

## مديني جي مختلف فضا:

تاريخي لحاظ کان اها واقعاتي صورتحال بجاءِ خود وڏي اهميت جي حامل آهي تہ مديني جي سياسي ۽ مذهبي فضا مڪي کان بلڪل مختلف هئي. اهوئي سبب آهي تہ حق جي دين جو جيڪو ٻيجارو اتي سخت ناسازگار حالتن کي منهن ڏئي رهيو هيو هِتي ڪٽي اچي جيئن ئي پوکيو ويو تہ اهو تيزي سان پن ۽ گونچ ڪيڻ لڳو.

پهرين ڳالهہ اها تہ مڪي ۾ ان جي ماحول جي سموري آبادي هڪ ئي سان ڳنڍيل ۽ واسطي ۾ هئي، ۽ مذهبي قبيلن ۾ معاهدن وارن ٻنڌڻن ۾ ٻڌل هئي ۽ قريشين جو ان تي پورو تسلط هيو. ليڪن مديني ۾ ان جي ماحول ۾ بہ مختلف ڌريون هيون. جن جي وچ ۾ اٻيٽت موجود هئي.

مدينو يثرب جي نالي سان قديم شهر هيو ۽ هتي يهودي گهڻائي ۾ اچي آباد ٿيا هيا. هتي جيئن جيئن انهن جو نسل وڌندو ويو تہ مديني جي آس پاس انهن جا نوان ڳوٺ قائم ٿيندا ويا ۽ ان سان گڏوگڏ انهن جا ننڍا ننڍا جنگي قلعا تعمير ٿيندا ويا. تنهن ڪري پورو علائقو يهودين جي مذهبي ۽ سياسي تسلط هيٺ هيو.

ٻي ڌر انصارن جي هئي. انهن جو اصل وطن يمن هيو ۽ قحطان جو خاندان انهن جو نسلي سرچشمو هيو. جنهن زماني ۾ سيل عرم نالي مشهور ٻوڏ تباهي مچائي هئي ۽ رهيل کُهيل ماڻهو هيڏي هوڏي ڇڙوڇڙ ٿي ويا هيا، ان زماني ۾ قحطان جي قبيلي مان اوس ۽ خزرج نالي بہ ڀائر يثرب اچي پهتا ۽ هتي آباد ٿي ويا. ٿي سگهي ٿو تہ بعد ۾ ٻيا ماڻهو بہ آيا هجن. تاهم انهن ئي نون ايندڙن (نو وارد) جي ذريعي ان علائقي ۾ نئين ڌر جو اضافو ٿيو. بعد ۾ نسل وڌندو ويو ۽ آهستي آهستي هڪڙي نئين طاقت اڀرڻ لڳي. شروع ۾ انهن ماڻهن يهودي معاشري ۽ تهذيب کان الڳ رهي زندگي گذارڻ گهري، ليڪن پهريان کان ڇميل طاقت جي زور ۽ اثرڪان رعب ۾ اچي انهن سان دوستاڻو معاهدو ڪيائون. معاهدي وارا تعلقات دير تائين خوش اسلوبي سان هلندا رهيا. ليڪن يهودين جيئن ئي اهو محسوس ڪيو تہ انصارن (اوس ۽ خزرج) جي ڏينهون ڏينهن ترقي انهن جي اقتدار جي لاءِ خطرو بڻجندي پئي وڃي تہ انهن دوستي وارو تعلق ٽوڙي ڇڏيو.

يهودين منجهان فِطيَون نالي هڪڙو عياش رئيس اٿيو. ان ڏاڍ ۽ طاقت سان پنهنجو اهو حڪم نافذ ڪري ڇڏيو تہ ان جي حدن ۾ جيڪا بہ ڇوڪري پرڻائي ويندي، اها پهريان ان جي عيش عشرت واري مرحلي مان گذري شادي واري زندگي جي دائري ۾ داخل ٿيندي. يهودين جي گمراهي جو ان مان اندازو ڪيو تہ انهن فطيون جي ان حڪم جي آڏو آڻ ميجي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هيو. آخر هڪ ڏينهن ان شيطاني حڪم انصارن جي غيرت کي بہ للڪاري ڇڏيو. مالڪ بن عجلان جي ڀيڻ جي شادي ٿي رهي هئي تہ بلڪل ڇڄ اچڻ واري ڏينهن اها ڀاءُ جي سامهون مڪمل بي حجابي واري انداز سان گذري. مالڪ ملامت ڪيس تہ ان چيو تہ سڀاڻي جيڪو حشر ٿيڻ وارو آهي اهو ان کان بہ وڌيڪ سخت خواري وارو آهي، تنهن ڪري مالڪ وڃي فِطيَون کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ شام ڏانهن ڀڄي ويو. اتي غساني حڪمران ابوجبلہ جي ڏاڪ ڇميل هئي. ان کي جڏهن ان ڳالهہ جي خبر لڳي تہ ان حملو ڪيو ۽ وڏن وڏن يهودين کي قتل ڪري ڇڏيائين. جڏهن تہ اوس ۽ خزرج وارن کي خلعت ۽ انعام سان نوازيائين. انهن واقعن يهودين جي زور کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ انصارن جي طاقت وڌائي ڇڏي (شبلي نعماني ـ بحوالہ "وفاء الوفاء")

مطلب تہ يهودين جي مقابلي ۾ انصارن جو معاملو هڪجيتري ڏک وارو معاملو هيو. ليڪن اصول ۽ مقصد جي نہ هجڻ ڪري انهن جي ہڏي مضبوط بنياد واري ڪونہ هئي. پاڻ ۾ ڇڪتاڻ انهن جي طاقت کي اڌوهي بڻجي چٽڻ شروع ڪيو. ايستائين جو اوس ۽ خزرج وارن جي وچ ۾ جنگ بعاث واقع ٿي ۽ ٻنهي ڌرين جا نهايت قيمتي ماڻهو هڪ ٻئي جي تلوارن جو کاڄ ٿي ويا. اهڙي طرح يهودين جي سامهون اهي وري ڪمزور پئجي ويا. ان ئي حالت کان مجبور ٿي انهن ويجهڙي ماضي واري زماني ۾ قريشين کي دوستاڻي ہڏي ڪرڻ لاءِ منٿ ڪئي. ليڪن ڪجهہ سببن جي ڪري اها ڪوشش ناڪام وئي.

ٻئي طرف يهودين جي برتري جو هڪڙو سبب انهن جي مذهبي اڳواڻي بہ هئي. انهن وٽ توريت هيو ۽ اهي هڪڙي مستقل مذهبي نظام جا علمبردار هيا. انهن وٽ هڪڙو اعتقادي سرمايو هيو. هڪڙو اخلاقي ضابطو هيو. فقهي احڪام هيا. مذهبي قانون هيو. ڪجهہ روايتون هيون ۽ عبادت ڪرڻ جو طريقو هيو. انصاري انهي حوالي سان هٿين خالي هيا ۽ اهي ان دائري ۾ انهن جي آڏو هٿ ٽنگڻ تي مجبور هيا. انهن جي ئي "بُيُوتُ المَدْرُوس" (يهودين جا مذهبي تعليمي مرڪز) مان اهي فيض حاصل ڪندا هيا. حد اها هئي تہ جيڪڏهن ڪنهن انصاري جي اولاد زندهہ نہ رهندي هئي تہ اهو باس (نذر) ئي اها باسيندو هيو تہ جيڪڏهن ٻار جئيرو رهيو تہ ان کي يهودي بڻايو ويندو. انصارن ۾ انهي حوالي سان احساس ڪمتري موجود هئي ۽ انهن جي غيرت ۽ شرم ان تي تڪليف محسوس ڪندا هيا.

مٿي ہڌايل حقيقتن کي سامهون رکڻ سان اندازو ٿي سگهي ٿو تہ مديني جي ماحول ۾ يهودي ۽ انصارن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ هئي ۽ تعلقات جي گهرائي ۾ دشمني ۽ مخالفت وارا جذبا ڪم ڪري رهيا هيا.

ان ئي سلسلي ۾ اهو بيان ڪرڻ دلچسپي کان خالي ڪونهي تہ يهودي انصارن جي سامهون اڪثر اهو چوندا هيا تہ آخري نبي جلد ئي اعلان ڪرڻ (مبعوث ٿيڻ) وارو آهي، اهو اچي وڃي تہ پوءِ اسان ان سان گڏجي توهان جي خبر وٺنداسين. يهودين جي ان اڳڪٿي انصارن کي بہ ان پيغمبر موعود جي انتظار ۾ وجهي ڇڏيو هيو ۽ انهن جي اندر هڪڙو شعوري رجحان اهو ڪم ڪري رهيو هيو تہ جيڪڏهن اهو نبي اچي وڃي تہ اهي اڳتي وڌي ان جو دامن پڪڙي وٺن. تنهن ڪري اهو ئي ٿيو تہ اڳڪٿي ہڌائڻ وارا پاڻ تہ محروم رهيا ۽ جن کي اهي ڌمڪيون ڏيندا رهندا هيا. اهي آخر زمان نبي صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دوستي واري حلقي ۾ اچي ويا. يهودي جن کي ڪٽائڻ گهريو ٿي، انهن جي هٿان اهي پاڻ ڪُٽجي ويا.[1]

1 اها معلومات سيرت النبي از علامہ شبلي مرحوم (حصو اول) مان ورتل آهي ڏسو ص 240

مديني جي ان ماحول ۾ ان جي پس منظر کي سامهون رکڻ سان اندازو ٿي سگهي ٿو تہ ڇو اهو ماحول مڪي جي مقابلي ۾ اسلامي تحريڪ جي لاءِ وڌيڪ سازگار ٿيو.

## اسلامي تحريڪ مديني ۾:

مڪي حق جي دعوت ٻڌي ۾ مسلسل 13 سال ٻڌي، ان جو پورو دليل سامهون اچي ويو. ان جي نور سان ڀريل هڪڙي بيمثال شخصيت جو ڪردار ان جي سامهون چمڪندو رهيو. ان جي علمبردارن ظلم جي چڪي ۾ پيڙجندي "اَحد اَحد" جي صدا بلند ڪئي، مگر مڪي جي اجتماعي ماحول شروع کان آخر تائين هڪڙي ئي رٽ لڳائي رکي "منظور ڪونهي".

ليڪن مديني تائين دعوت جي گُل جي خوشبوءِ جي ڦهرين لهر ئي پهتي هوندي تہ ان جي دل وجد ۾ اچي پڪاري اٿي "لبيڪ". مديني جو ڦهريون نوجوان جيڪو نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيغام سان فيضياب ٿيو اهو سُويد رضہ بن صامت هيو. اهو هڪڙو ذهين شاعر هيو هڪڙو ماهر سوار هيو بهادر جنگجو هيو. اهڙا نوجوان عام طور تي انقلابي تحريڪ جا سپاهي ٿيندا آهن ۽ تعمير ۽ ترقي جي هر دعوت تي لبيڪ چوندا ۽ پوءِ پنهنجو سڀ ڪجهہ لڳائي ڇڏيندا آهن. اهو نوجوان مڪي ۾ آيو تہ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حسبِ معمول ملاقات ڪري دعوت پيش ڪئي. سُويد رضہ ٻڌايو تہ اهڙي ئي هڪڙي شي مون وٽ بہ آهي، يعني صحيفہ لقمان. ان جو ڪجهہ حصو ان ٻڌايو بہ. پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم قرآن شريف ٻڌايو. ڏسو بي تعصبي جو مظاهرو سُويد رضہ جي فطرت سليم هڪدم پڪاريو "اِنَّ هٰذَا الْقَوْلُ حَسَنٌ" يعني هي ڪلام خوبي ۾ گهڻو وڌيل آهي. تنهنڪري ان ڪلام جو پيغام ان جي دل ۾ گهر ڪري ويو. ليڪن افسوس تہ وڃڻ کان پوءِ جلد ئي اهو خزرجين جي هٿان مارجي ويو. ان جي باري ۾ بعد ۾ ماڻهن ٻڌايو تہ اهو قتل ٿيڻ وقت مسلمان هيو ۽ ان جي زبان تي الله اڪبر جو نعرو هيو. ان جو موت جنگ بعاث کان هڪ ڏينهن اڳ ٿيو. (سيرت ابن هشام ج 2 ص 34 کان 36)

متاثر ٿيڻ وارو يثرب جو ٻيو نوجوان اياس بن مُعاذ هيو. اهو مديني جي هڪڙي وفد جو رڪن هيو. وفد جو مقصد اهو هيو تہ خزرج جي خلاف قريشين سان ٻڌي لاءِ دوستاڻو معاهدو ڪن ۽ امداد حاصل ڪئي وڃي. داعي حق انهن ماڻهن تائين ڳالهہ پهچائڻ جو موقعو ڪڍيو. اسلام جو تعارف ڪرايو ۽ قرآن شريف پڙهي ٻڌايو. اياس رضہ بن مُعاذ جيڪو ان وقت ڇوڪرائپ عمر ۾ هيو چوڻ لڳو: "اَیْ قَوْمِ! هٰذَا وَاللهِ خَيْرٌ مِّمَّا جِئْتُمْ بِهٖ." کهڙي تہ پاڪيزه فطرت ڳالهائي رهي آهي "اي ساٿيو! توهان جنهن مقصد سان آيا آهيو ان کان هي گهڻو بهتر آهي." وفد جي سردار ابوالحَيسَر مٺي ڪٽي ان جي منهن ۾ هنئي. مطلب اهو هيو تہ تون اهو وچ ۾ ڪهڙو غضب پيو ڪرين. ائين بہ چيو "اسان انهي مقصد

جي لاءِ ڪونہ آيا آهيون.“ ابوالحيسر ڪي قريشين جي حمايت حاصل ڪرڻ جو فڪر هيو ۽ اهو چڱي طرح سمجهي رهيو هيو تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي ڳالهہ مڃي تہ قريشين جي دلين جا دروازا مورڳو بند ٿي ويندا. اياس ماٺ ٿي ويو ـــ ليڪن ان جي دل جي زمين ۾ دعوت جو ٻج پئجي ويو هيو. اهي واپس موٽي ويا ۽ افسوس تہ مديني جو اهو سجاڳ دل نوجوان بہ جلد جنگ بعاث جي لپيٽ ۾ اچي دنيا مان هليو ويو. آخري دم تائين ان جي چپن تي الله جو ذڪر هيو. (سيرت ابن هشام ج 2 ص 36)

نبوت جي يارهين سال مديني مان حج جي لاءِ جيڪو ٽولو آيو انهن سان هڪڙي گڏجاڻي ۾ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي گهڻي تفصيلي گفتگو ٿي. پاڻ سڳورن جي دعوت ٻڌي اهي ماڻهو پاڻ ۾ چوڻ لڳا. ”اي ساٿيو! سمجهي وڃو تہ يقيني طور هي اهوئي نبي آهي، جنهن جي باري ۾ يهودي توهان جي سامهون اڳڪٿي ڪندا رهندا آهن. سو هاڻي ڪٿي اهي توهان کان گوءِ نہ کڻي وڃن.“ تنهن ڪري الله تعاليٰ انهن جون دليون کولي ڇڏيون ۽ انهن حق جي دين کي پنهنجن سينن ۾ جذب ڪري ورتو. پوءِ اهي چوڻ لڳا:

”اسان پنهنجي قوم جو ساٿ ڇڏيو پي ڪنهن قوم ۾ اسان جي قوم وانگر دشمني ۽ خرابي ڪونہ هوندي، شايد توهان جي ذات جي ذريعي الله تعاليٰ انهن کي وري ڳنڍي جوڙي ڇڏي، اسان انهن وٽ ويندا سين ۽ توهان جي دين طرف انهن کي دعوت ڏيندا سين ۽ انهن جي سامهون پنهنجو اهو تاثر رکندا سين جيڪو هن دين جي لاءِ اسان توهان جي سامهون ظاهر ڪيو آهي. پوءِ جيڪڏهن الله تعاليٰ انهن کي هن دين تي گڏ ڪري ڇڏيو تہ ان کان پوءِ توهان کان وڌيڪ طاقت رکڻ وارو ڪوئي بيو ڪونہ هوندو.“[1]

مڪي جي ماڻهن جنهن دعوت کي تفرقي جو سبب سمجهيو مديني جي ماڻهن ان ۾ پنهنجي لاءِ اتفاق ۽ اتحاد جو بنياد پهرين نظر وجهڻ سان ئي ڏسي ورتو. اسلامي تحريڪ جي علمبرداري جي .لاءِ مديني جي اها پهرين جماعت جنهن جي تشڪيل مڪي ۾ ٿي رهي هئي، ڇهن ماڻهن تي مشتمل هئي.

1. ابوالهيثم رضہ بن تيهان. 2. اسعد رضہ بن زُراه 3. عوف رضہ بن حارث 4. رافع رضہ بن مالڪ بن عجلان 5. قُطبہ رضہ بن عامر 6. جابر رضہ بن عبدالله[2]

اهي شخص موٽي ويا تہ انهن ماحول ۾ هڪڙي نئين حرڪت پيدا ڪري ڇڏي اسلام جي دعوت پکڙجڻ لڳي ۽ خوب مقبول ٿي. انصارن جي گهرن مان ڪوئي گهر اهڙو ڪونہ رهيو جنهن ۾ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو ذڪر نہ ٿيندو هجي.

---

1 سيرت ابن هشام ج 2ص 69

2 نالن جي فهرست ۾ روايتن جو ڪجهہ اختلاف آهي مگر غير اهم.

## ٻين بيعت عقبہ:

ٻئي سال يعني نبوت جي ٻارهين سال ٻارهن ڄڻن جو وفد آيو ۽ اچي بيعت ڪيائون. ان بيعت کي اصطلاح طور "بيعت النساء" يعني زناني بيعت چوندا آهن. ان جو مطلب اهو آهي تہ ان بيعت ۾ صرف بنيادي ڳالهين جو اقرار ورتو ويو هيو ۽ جنگ ۽ ٽڪراءُ جو ڪوئي سوال سامهون ڪونہ هيو. ان ايماني اقرار جا جزا هي هيا:

"اسان الله سان ڪنهن کي بہ شريڪ ڪونہ ڪنداسين، چوري ڪونہ ڪنداسين، زنا ڪونہ ڪنداسين، پنهنجن ٻارن کي قتل ڪونہ ڪنداسين، ڪنهن جي خلاف ڄاڻي واڻي ڪوئي هٿ ٺوڪيو بهتان ڪونہ هڻنداسين ۽ ڪنهن ڄاتل (معروف) معاملي ۾ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي نافرماني ڪونہ ڪنداسين."

اهي ماڻهو فارغ ٿي اٿيا تہ الله جي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مُصعب رضہ بن عُمير بن هاشم کي مديني ۾ دعوت ڏيڻ جي فرض جي انجام ڏهي لاءِ مقرر ڪيو. ان جي ذمي ڪيائون تہ اتي وڃي ماڻهن کي قرآن شريف پڙهائي، اسلام جي تعليم ڏئي. دين جي ڄاڻ ۽ سمجهہ پيدا ڪري. تنهن کري اهو نماز جي امامت بہ ڪرائيندو هيو ۽ اسلام جي نظريي (آئڊيالاجي) ۽ ان جي اخلاقي اصولن جي تعليم بہ ڏيندو هيو. (سيرت ابن هشام ج 2 ص 73)

## ٻن اڳواڻن جو اسلام قبول ڪرڻ:

هڪڙي ڏينهن اسعد رضہ بن زراره (جنهن جي گهر تي نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان حق جي دعوت ڏيڻ تي مقرر ڪيل مصعب رضہ ترسيل هيو) دعوتي مهم جي سلسلي ۾ مُصعب رضہ بن عُمير کي پاڻ سان گڏ وٺي بنو عبدالاشهل ۽ بنوظفر جي گهرن تائين وڃڻ جي لاءِ نڪتو. ٻئي مَرَق نالي کوهہ جي پرسان بنوظفر جي پاڙي ۾ پهتا. ڪجهہ ماڻهو جيڪي اسلام قبول ڪري چڪا هيا انهن جي چوڌاري اچي گڏ ٿيا. سعد بن معاذ ۽ اُسيد بن حُضير ٻئي بنو عبدالاشهل جا اڳواڻ (ليڊر) هيا ۽ ان وقت تائين پنهنجي قوم جي مشرڪاڻي مسلڪ تي قائم هيا. اسعد رضہ بن زُراره ۽ مُصعب رضہ جي دعوت ڏيڻ واري ڪم تي سعد بن معاذ اڳيئي سڙي پچري رهيو هيو جيئن ئي ٻنهي جي اوڏانهن اچڻ جو اطلاع مليو تہ ان اُسيد جي ڪن ۾ ڦوڪ ڏني تہ اهي ٻئي اسان مان ڪمزور ماڻهن کي بيوقوف (اُلو) بڻائڻ ايندا آهن. لهٰذا وڃي انهن جي خبروٺ ۽ انهن کي منع ڪري ڇڏ تہ اسان جي گهرن طرف نہ ايندا ڪن. جيڪڏهن اسعد بن زُراره منهنجو ماسات ۽ مائٽ نہ هجي ها تہ تنهنجي بجاءِ مان خود ان سان نبران ها. تنهن ڪري جيئن ئي مديني جي اسلامي حلقي جي اها ڪچهري (مجلس) شروع ٿي تہ سعد بن معاذ جي تلقين جي اثر هيٺ اُسيد بن حُضير آيو ۽ ڀالو تاڻي اسلام جي دعوت ڏيڻ وارن انهن ٻنهي شخصن ڏانهن وڌيو. پوءِ ٻيهي بدزباني ڪندي چيائين تہ "توهان جي هتي اچڻ جو ڪهڙو مطلب آهي؟ توهان اسان جي ڪمزور ماڻهن کي بيوقوف بڻايو ٿا.

جيڪڏهن توهان پنهنجي جان جو خير گهرو ٿا تہ اسان کان ٽري وڃو.“ مُصعب رضہ نرمي سان چوڻ لڳو تہ ”ڇا تون ٿوري دير جي لاءِ ويهي نٿو سگهين تہ پهريان غور سان ٻڌ. پوءِ جيڪڏهن ڳالهہ وڻي تہ مڃي وڃ. جي پسند نہ اچي تہ ان تي ڌيان نہ ڏي“ ائين اهو ڪجھہ ٿڌو ٿي ويو. پالو هيٺ رکي ڇڏيائين ۽ اسلامي تحريڪ جي ٻنهي دعوت ڏيڻ وارن وٽ سڪون سان ويهي رهيو. مصعب رضہ ڳالهہ شروع ڪئي ۽ قرآن شريف پڙهي ٻڌايو. ٻئي شخص چون ٿا تہ انهن پنهنجي مخاطب جي چپن چورڻ کان اڳ ان جي چهري مان اسلام قبول ڪرڻ جو جذبو پڙهي ورتو. آخر اُسيد جي زبان چُري: ”اهو ڪلام ڪهڙو نہ سٺو ۽ وڻندڙ آهي!“ معلوم ڪيائين. ”توهان اسلام ۾ داخل ٿيڻ وقت ڪهڙو طريقو اختيار ڪندا آهيو؟“ ٻنهي چيو تہ وڃ، ۽ وڃي غسل ڪر. پاڪ صاف ٿي وڃ ۽ پنهنجا ڪپڙا ڌوئي ڇڏ. پوءِ حق جي صداقت جي شاهدي ڏي ۽ نماز ادا ڪر. اُسيد جيڪو ٿورو اڳ پالو تاڻيون بيٺو هيو، هاڻي خود اسلام جو زندگي بخشيندڙ پالو ان جي سيني ۾ کُپي چڪو هيو. اٿيو وهنجي پاڪ صاف ٿيو ۽ اچي ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪيائين. نماز کان فارغ ٿي ڳالهہ کوليائين ۽ اُسيد چيو تہ مون جهڙو هڪڙو ٻيو شخص بہ آهي، جيڪڏهن اهو بہ توهان سان گڏجي پوي تہ ان جي قبيلي جو ڪوبہ ماڻهو سرڪشي ڪونہ ڪندو، مان هاڻي ئي ان کي سڏي اچان ٿو اهو سعد بن معاذ آهي. تنهن ڪري پالو کڻي سعد وٽ پهتو. اتي ڪچهري (مجلس) لڳل هئي. ان ڏسڻ سان ئي ساٿين کي چيو تہ مان خداجو قسم کڻي چوان ٿو تہ اُسيد جو چهرو اهو ڪونهي جيڪو توهان ان جي اٿي وڃڻ مهل ڏٺو هيو. سعد پوءِ اُسَيد کان پڇيو: ”ٻڌاءِ ڇا ڪري آئين؟“ اُسيد هڪدم جواب ڏنو تہ مون ٻنهي سان ڳالهايو. الله جو قسم! انهن جي طرف کان ڪنهن بہ قسم جو انديشو محسوس ڪونہ ڪيو ۽ مون انهن کي منع ڪري ڇڏي آهي. ان تي انهن چيو تہ اسان اهو ئي ڪنداسين جيڪو توکي پسند آهي. ان سان گڏوگڏ سعد بن مُعاذ جي جذبن کي اڀارڻ لاءِ اهو بہ چئي ڇڏيائين تہ بنوحارث وارا اسعد رضہ بن زُراره کي قتل ڪرڻ پٺيان آهن ۽ اهي اهو ڄاڻندي بہ تہ اسعد تنهنجو مائٽ آهي، اهڙي ڳالهہ جي جسارت ڪري رهيا آهن ۽ اهڙي نموني سان اهي تنهنجي بي عزتي ڪرڻ گهرن ٿا. سعد بن مُعاذ بنوحارث وارن جي طرف کان اهڙي حرڪت ڪرڻ جو خوف محسوس ڪندي غضب ناڪ ٿي اٿيو ۽ اُسيد جي هٿ مان پالو کسي ورتائين. ليڪن اتي پهتو تہ ڏٺائين تہ اسلام جا ٻئي علمبردار سڪون سان ويٺا آهن. سمجهي ويو تہ اُسيد جي ان چال ڪيڏڻ مان صرف اها منشا آهي تہ مان سڌو سنئون روبرو انهن جي ڳالهہ ٻڌان. ان کي برويلو چوندي اهو سامهون بيهي رهيو ۽ اسعد رضہ بن زراره کي مخاطب ٿي چيو تہ توهان اسان وٽ اچو ٿا تہ اهڙي ڳالهہ کڻي اسان جي گهرن ڏانهن اچو ٿا جنهن کان اسان کي نفرت آهي. مُصعب رضہ نرمي جي ان انداز کان ڪم وٺندي چيو تہ ٿورو ترس، ڳالهہ ٻڌ، وڻي تہ مڃي وڃ، ورنہ پوءِ اسان اها ڳالهہ توهان جي سامهون ڪونہ ڪنداسين جنهن کان توکي

نفرت آهي. سعد بن معاذ چوڻ لڳو. "توهان انصاف واري ڳالهہ ڪئي آهي." اهو هڪدم ٽڏو ٿي ويو. پالو هيٺ رکي چڏيائين ۽ ويهي رهيو. پڏائڻ واري حق جو پيغام ٻڌايو ۽ قرآن شريف پڙهيو. پيهر اها ئي ڪيفيت پيش آئي. سعد بن معاذ جي چپ چورڻ کان اڳ ان جي چهري مان اسلام قبول ڪرڻ جو جذبو جهلڪڻ لڳو. اهو ٻيو اڳواڻ (ليڊر) بہ ڪجهہ گهڙين ۾ اسلام جي محاذ تي بيٺو هيو.

سعد رضہ "نئين حياتي" (حياتِ نو) وٺي واپس ٿيو تہ ڪچهري (مجلس) وارن پري کان ڏسڻ سان ئي پاڻ ۾ چيو تہ چهري جو رنگ بدليل آهي. اچڻ سان ئي هيئن خطاب ڪيائين: "اي بنوعبداالاشهل! منهنجي باري ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي." سڀئي چوڻ لڳا تہ تون اسان جو سردار آهين. تنهنجي راءِ اسان کان پڪي پختي آهي، خوبين جي لحاظ کان سڀني کان وڌيڪ برڪت وارو آهين. سعد رضہ بن مُعاذ چيو. "تہ پوءِ جيستائين توهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان نہ آڻيندا، توهان جي مردن ۽ عورتن سان ڳالهائڻ مون تي حرام!" ـــ پوءِ ڇا هيو پوري قبيلي جي مردن ۽ عورتن مان ڪو هڪڙو بہ اسلام جي دائري کان ٻاهر ڪونہ رهيو.

انهن ٻنهي اڳواڻن (ليڊرن) جي ذريعي جڏهن حق جي تحريڪ جي طاقت هڪدم ايتري وڌي وئي تہ دعوت جي مهم بہ زور پڪڙيو ۽ هڪڙي هڪڙي قبيلي ۾ هڪڙي هڪڙي گهر ۾ اسلام جي صبح جون تجليون وکرڻ لڳيون. (ابن هشام ج 2 ص 43 کان 46)

## ٻي بيعتِ عقبہ:

انهيءَ دوران حج جو زمانو اچي ويو. هن دفعي مسلمانن جو گهڻو وڏو تعداد مڪي پهتو. مديني جي زمين خوب فصل ڏئي رهي هئي. اهي نئين ديني جذبي سان سرشار ٿيڻ وارا حاجي، قريشين کان لڪي ۽ بچي رات جي اونداهين ۾ پنهنجي محبوب قائد سان مليا. ان پيري وفا جي عهد کي وري نئين سر مضبوط ڪيو ويو. ليڪن هن دفعي معاملو "بيعت النساء" کان گهڻو اڳتي وڃي پهتو. پهرين بيعت ۾ سياسي پهلو صرف هڪڙي نڪتي کان ظاهر ٿيو ٿي، يعني اهو اقرار تہ اسان "محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي چاتل (معروف) احڪام کان نافرماني ڪونہ ڪنداسين." ليڪن هن دفعي سياسي پهلو سڀني خطرناڪين سان سامهون اچي ويو. هاڻي محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو ساٿ ڏيڻ معنيٰ قريشن ۽ پوري عربستان سان مقابلو ڪرڻ هيو. اهائي معنيٰ سامهون رکي بيعتِ ثاني جو بندوبست ڪيو ويو هيو. گفتگو ۾ اسلامي تحريڪ جي انهن يثربي سپاهين اڳتي اچڻ وارن امڪانن جو پورو اندازو ڪري هي چيو. تہ "ماڻهن (يعني يهودين) سان اسان جا دوستي جي معاهدي وارا تعلقات آهن ۽ اسان کي انهن تعلقاتن کي ٽوڙڻو پوندو. ڪٿي ايئن نہ ٿئي تہ جڏهن اسان ايئن ڪري ڇڏيون ۽ پوءِ الله تعاليٰ توهان کي غلبو عطا ڪري تہ توهان پنهنجي خاندان وارن ڏانهن موٽي وڃو

۽ اسان کي ڇڏي ڏيو.“ ان انديشي جي جواب ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مرڪندي فرمايو. ”توهان جو خون منهنجو خون آهي. توهان جا دشمن منهنجا دشمن آهن. مان توهان جو ۽ توهان منهنجا! جنهن سان توهان جي لڙائي ان سان منهنجي لڙائي. جنهن سان توهان جو صلح ان سان منهنجو صلح.“ عباس رضہ بن عبدالمطلب چيو: ”اي خزرج وارو! توهان کي خبر آهي تہ هن هستي سان ڪهڙي ڳالهہ جو عهد ڪري رهيا آهيو؟ ـــ اهو ماڻهن منجهان اڇي ڪاري سان جنگ جو عهد آهي.“ وفد وارن پوري ذميواري کي محسوس ڪندي جواب ڏنو تہ ”ها. اسان پنهنجي مال ملڪيت جي تباهي ۽ پنهنجن سردارن جي قتل خلاف پاڻ سڳورن سان واعدو ۽ اقرار ڪري رهيا آهيون.“ ان بيعت جي ان خاص نوعيت جي ڪري ئي ان جو نالو ”بيعتِ حرب“ پئجي ويو. ان بيعت جو هڪڙو بنيادي شرط اهو هيو تہ ”اسان تنگي ۾. آساني ۾. خوشي ۾ ۽ ڏک ۾ حضور (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جو هر فرمان ٻڌنداسين ۽ ان جي اطاعت ڪنداسين. حضور کي ۽ حضور (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي فرمان کي پنهنجو پاڻ تي ترجيح ڏينداسين. اهو تہ اسان حُڪم جي ڌڻي (اربابِ امر) سان ڇڪتاڻ ڪونہ ڪنداسين ۽ اهو تہ اسان الله جي دين جي معاملي ۾ ملامت ڪرڻ وارن جي ملامت جي پرواهہ ڪونہ ڪنداسين.“

اها بيعت ڄڻ تہ اسلامي رياست جي محلات جي پهرين سِر هئي ۽ ان سان گڏوگڏ تحريڪ جي ڪتاب ۾ لکي وڃڻ واري هجرت جي باب جو ديباچو! ان بيعت جي ذريعي مستقبل جي اسلامي رياست جي لاءِ ڄڻ ان جي ٽيڻ وارن شهرين رضا خوشي سان محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قيادت کي قبول ڪري ڇڏيو. ان کان علاوه. ٻڌڻ ۽ اطاعت ڪرڻ (سمع وطاعت) جو انتظام ٿي ويو.

ان موقعي تي صرف هڪڙو عهد ۽ اقرار ڪونہ ڪيو ويو بلڪ اجتماعي انتظام جو بنياد بہ رکيو ويو. اسلامي تحريڪ جي قافلہ سالار شهري جماعت جي راءِ سان ٻارهن نقيب مقرر ڪيا. نَوَ خزرج مان ئي ۽ ٽي اوس مان! انهن نقيبن کي مقرر ڪيو ويو تہ توهان پنهنجي قوم جي سمورن معاملن جا ذميوار آهيو بلڪل اهڙي طرح جيئن عيسيٰ عليہ السلام بن مريم رضي الله تعّاليٰ عنها جا حواري ذميوار هيا ۽ جيئن خود مان پنهنجي پوري جماعت جو ذميوار آهيان. اهي ڄڻ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا نائب هيا. انهن جي مقرري سان منظم معاشري جي تعمير جو ڪم باقاعده شروع ٿي ويو.

قريشن جي ڪنن ۾ ڪُڙڪ پئي تہ گهبرائجي ويا. وفد روانو ٿي چڪو هيو انهيءَ ڪري پيڇو ڪيائون ۽ سعد رضہ بن عباده ۽ مُنذر رضہ بن عمرو کي گرفتار ڪري وٺي آيا. انهن تي پنهنجي ڪاوڙ ڪڍيائون. ليڪن نانگ نڪري ويو هيو هاڻي لڪير کي ڪُٽڻ مان ڇا فائدو هيو. (تفصيل جي لاءِ ڏسو سيرت ابن هشام ج 2 ص 51 کان 59)

## مديني ۾ تحريڪ جو نئون لاهه چاڙهه:

اها طاقت مڪي مان نئون جذبو ("اسپرٽ") ڪٽي مديني موٽي ته دعوت جو ڪم علي الاعلان گهڻو ئي زورشور سان شروع ٿي ويو. نوجوان جڏهن ڪنهن تبديلي جا اڳواڻ ٿي اٿندا آهن ته انهن جي مقابلي ۾ ڪراڙپ مان گذرندڙ نسل دير تائين ڄمي بيهي ڪونه سگهندو آهي ۽ ڄمي بيهي به ته، ان جو زور گهڻي دير تائين قائم ڪونه رهندو آهي. ۽ ڪنهن تحريڪ جي مستقبل جو اندازو ڪرڻ جي لاءِ اهو ڄاڻڻ گهڻو فائدي وارو هوندو آهي ته اها ميدان ڇڏيندڙ عمر ڪاڏل نسل جي سهاري تي هلي رهي آهي يا ان جي رڳن ۾ نئون رت ڊوڙي رهيو آهي. سو مڪي ۾ به ۽ خاص طور تي مديني ۾ به نوجوان طاقت اسلامي دعوت جا جهنڊا ڪٽي اڳتي اڳتي وڌي رهي هئي.

نوجوان طاقت ڇا ڇا نه ڪيو هوندو. ان جو اندازو ڪرڻ لاءِ هڪڙي دلچسپ واقعي جو ذڪر ڪرڻ ضروري معلوم ٿئي ٿو.

وڏن پيڙهن مان هڪڙو بزرگ هيو عمرو بن الجَمُوح. جنهن جو تعلق بنوسلمه سان هيو. ان ڪراڙي پنهنجي گهر ۾ مناتِ نالي هڪڙو بت آڻي رکيو هيو. اهو ان جي پوڄا ڪندو هيو ۽ ان جي چنڊ ڦوڪ ڪندو رهندو هيو. بنوسلمه جا به نوجوان مُعاذ رضه بن جبل ۽ مُعاذ رضه بن عمرو حق جي دعوت تي ايمان آڻي اسلامي تحريڪ جا ڪارڪن بڻجي چڪا هيا. معاذ رضه بن عمرو خود ان ئي پيڙهي جو پٽ هيو. اهي هئي رات جي اونداهي ۾ وڃي پيڙهي جي خدا کي گپ ڦلي ڇڏيندا هيا ۽ ڪٽي بنوسلمه جي ڪڏ ۾ اونڌو ڪري رکي ايندا هيا. جتي ماڻهو غلاظت ۽ گند ڪچرو اڇلائيندا هيا. صبح ٿيندي هئي ته عمرو بن الجموح رڙيون ڪندو هيو ته "اهو ڪير آهي جنهن رات اسان جي خدا سان هٿ چراند ڪئي آهي." پوءِ اهو پنهنجي گم ٿيل خدا کي ڳولڻ لڳندو هيو ۽ جڏهن ڳولي وٺندو هيو ته ان کي ڌوئي صاف ڪري مٽي تختي تي رکي ڇڏيندو هيو. ٻي رات وري ساڳيو حادثو پيش ايندو هيو. پيڙهو ويچارو وري ان چڪر ۾ پئجي ٻڙٻڙ ڪرڻ لڳندو هيو. هڪڙي ڏينهن عمرو تنگ اچي پنهنجي تلوار بت سان گڏ لٽڪائي ڇڏي ۽ ان کي مخاطب ٿي چيائين ته "خدا جو قسم، مون کي خبر ڪونهي ته توسان اهو حشر ڪير ٿو ڪري، سو جيڪڏهن تو ۾ دم خم آهي ته پوءِ پاڻ ئي پنهنجو بچاءُ ڪر. هي تلوار موجود آهي." شام ٿي ۽ عمرو سمهي پيو ته ان ڊرامي جا هئي ڪردار رات جو آيا ۽ تلوار بت جي ڳچي مان کولي ورتائون. پوءِ هڪڙو مئل ڪتو ڳولي بت کي ان جي ڳچي ۾ رسي سان ٻڌائون ۽ هڪڙي ويران کوهه ۾ لڙڪائي آيا. جيڪو انساني غلاظت سان پريو پيو هوندو هيو. عمرو صبح جو اٿي ڏٺو ته صاحب وري گم آهي. ڳوليائين ته اها حالت ڏٺائين. عبرت جو اهو نقشو ڏسڻ سان ئي ان جي دل ڦيرو ڪاڌو ۽ اهو ئي عمرو اچي اسلام جي صفن ۾ شريڪ ٿيو.

ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ مديني جي ڪايا ڪهڙي نموني سان پلٽجي رهي هئي.

## تحريڪ جو نئون مرڪز:

حق جي تحريڪ جو آسماني رهبر (ليڊر) لاڳيتو سوچ ۾ رهيو تہ جيڪڏهن مڪي جي سهپ ۾ گنجائش ڪونهي ۽ هتان جي سخت قيادت "جهانِ نو" جي بنياد رکڻ لاءِ موقعو ڏيڻ تي تيار ڪونهي تہ پوءِ زمين جو ٻيو ڪهڙو ٽڪڙو آهي جتي سگهي ٿو جتي طاقت کي گڏ ڪري تعميري ڪم شروع ڪري سگهجي. پهرين نظر حبش ڏانهن وئي ۽ ان ڪري ساٿين کي اوڏانهن موڪليو. توڙي جو شاهِ نجاشي مڪي وارن مظلومن جي حمايت ڪرڻ جو حق ادا ڪري ڇڏيو ليڪن هڪڙو تہ اتي عيسائي عالمن جو ڪميٽو ڪردار سامهون اچي چڪو هيو ۽ انهن جي چانيل اثرجي ڪري حق جي دين جو پلجڻ آسان ڪونہ هيو. ٻيو تہ اتان جي مقامي آبادي ۾ بلڪل نئين سر ڪم ڪرڻ جي ضرورت هئي ۽ ان ۾ اجنبيت جا گهٽائي سبب حائل نظر اچي رهيا هيا. انهيءَ ڪري ڪنهن ٻئي ٽڪري جي ڳولا هئي. يثرب (مديني) جڏهن ڪليل دل سان حق جي دعوت کي لبيڪ چيو تہ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي اميد جي هڪڙي نئين جهلڪ ڏسڻ ۾ آئي. بيعتِ عقبيٰ اوليٰ ان اميد کي مضبوط ڪري ڇڏيو. پوءِ مصعب رضہ بن عمير پاڻ اتي رهي ۽ ڪجھہ عرصو ڪم ڪرڻ کان پوءِ بيعتِ عقبيٰ ثاني واري حج جي موسم گان ڪجھہ وقت اڳ ۾ اچي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ رپورٽ پيش ڪئي. مديني جي مسلمانن جو تفصيل بيان ڪيو انهن جي قوت جو حال ٻڌايو ۽ خوشخبري ڏني تہ اهي هن سال وڏي تعداد ۾ اچي رهيا آهن. ان رپورٽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي غوروفڪر جي دعوت ڏني. اها صورت اصل ۾ دل کي وڻندڙ هئي تہ مديني جا مسلمان تعداد ۽ قوت جي لحاظ کان ڏينهن رات وڌي رهيا هيا ۽ وري يهودين جي طرف کان اهڙي طرح جي سنگين مخالفت کي منهن ڏيڻو ڪونہ پئجي رهيو هيو جهڙي مخالفت انهن جي مڪي وارن ساٿين کي قريشن جي طرف کان سامهون هئي. يثرب وارا مڪي وارن ساٿين جي لاءِ عام طور تي هڏڏوکي هيا. انهن کي تمام گهڻيون سهوليتون حاصل هيون. انهن وٽ پوکون هيون, باغ هيا ۽ انگورن جون وليون هيون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سوچيندا هيا تہ ڇا اهو سٺو ڪونهي تہ مڪي وارا ساٿي مديني هليا وڃن ۽ قريشن جي ظلمن کان ڇوٽڪارو وٺي دين جون گُهرجون پوريون ڪن. تنهن ڪري اچڻ واري وفد ۾ جيڪي ماٺهو رازدان هيا انهن سان پاڻ سڳورن ان خيال جو اظهار بہ ڪيو ۽ بعد ۾ جنهن شڪل ۾ عهدوپيان ڪيو ويو اهو اهڙي پس منظر مطابق هيو.[1]

---

1 تفصيل جي لاءِ ڏسو حياتِ محمد ﷺ: از محمد حسين هيڪل مصري ص 202

ائين تہ حبش واري هجرت کان مهاجرن جي موٽي اچڻ کان پوءِ ئي ايڪڙ ٻيڪڙ ساٿي پاڻ سڳورن جي اجازت سان مديني ويندا رهيا. ليڪن بيعتِ عقبيٰ ثاني کان پوءِ رفتار تيز ٿي وئي، ۽ تقريبن ٽي ٿي ويو تہ ٻيو دارالهجرت مدينو ئي ٿيندو.

مڪي جا سردار ڏسي رهيا هيا تہ اسلامي تحريڪ هڪڙو نئون مضبوط مرڪز پيدا ڪري ورتو آهي. انهن جي سامهون مستقبل وڏو ڀيانڪ ٿي اچڻ لڳو. اهي پنهنجي جاءِ تي چڱي طرح سمجهي رهيا هيا تہ هاڻي جيڪڏهن يثرب (مديني) ۾ حق جي ڪلمي جي پاڙ لڳي ويجي ٿي تہ اسان جي اثر وارين حدن کان ٻاهر ئي اهو ڪلمو هڪڙي ناقابل شڪست طاقت بڻجي هڪڙي ڏينهن اسان جي خبر وٺندو ۽ اسان کي پنهنجن ڪرتوتن جو حساب پائي پائي ڪري ادا ڪرڻو پوندو. اهي ان خطري کي بہ محسوس ڪري رهيا هيا تہ شام ڏانهن ويندڙ واپاري سڙڪ جيئن تہ مديني وٽان گذرندي هئي، انهيءَ ڪري مديني جو نئون اسلامي مرڪز سڙڪ جي ناڪہ بندي ڪري سگهندو ۽ اهڙي طرح انهن جي معاشي شهہ رڳ ڪٽجي ويندي. انهن تي اندر ئي اندر گهبراهٽ جو شديد دورو پئجي چڪو هيو. مگر سمجهہ ۾ ڪونہ ٿي آين تہ ڇا ڪن؟ اهي ڏينهن رات ان انديشي ۾ رهڻ لڳا تہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ انهن جي پوري جماعت ڪٽي هٿن مان نڪري نہ وڃي. ان ئي انديشي پٺاندڙ اهي آخرڪار صاحبِ نبوت جي قتل جا منصوبا ناهڻ تي لهي آيا. هڪڙي تاريخي طاقت جيڪا انهن جي پنهنجي گهر مان اڀري ۽ سموري دنيا کان وڌيڪ انهن جي پنهنجي هئي، ليڪن ان کي پنهنجن ئي ڪرتوتن ڪري "غير" بڻائي ڇڏيائون ۽ پاڻ ئي ان جا دشمن ٿي بيٺا. پوءِ هاڻي اها جيئن جيئن زور پڪڙي رهي هئي، انهن جي لاءِ هڪڙو جان وٺندڙ خطرو بڻجندي پئي وئي.

تنهنڪري، جڏهن پهريون مهاجر مديني ڏانهن وڃڻ لاءِ نڪتو تہ مڪي وارن انهن سان ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ وارو معاملو ڪيو. اهو پهريون مهاجر ابوسلمہ عبدالله رضہ بن الاسد مخزومي هيو. اهو زال ۽ ٻارڙي کي اٺ تي سوار ڪري نڪتو. ان جي زال بنومغيره قبيلي مان هئي، انهن جي عين روانگي جي وقت اهي ڪاوڙ ۾ اچي ويا ۽ ام سلميٰ جي اُٺ جي مهار اهو چئي ابوسلميٰ کان کسي ورتائون تہ اسان ان کي توسان دردر تي پٽڪڻ لاءِ ڪيئن ٿا ڇڏي سگهون. ان جذباتي صورتحال ابوسلميٰ جي قبيلي وارن ۾ سخت رد عمل پيدا ڪري ڇڏيو. انهن بنومغيره وارن کي چيو تہ جيڪڏهن توهان اسان جي ماڻهوءَ کان ان جي زال ائين کسيو ٿا تہ پوءِ اسان پنهنجو ننڍڙو ٻار ان جي جهولي ۾ رهڻ ڪونہ ڏينداسين. تنهنڪري مڙس، زال ۽ ٻارڙو ٽئي هڪ ٻئي کان وڇڙي ويا ۽ ان حالت ۾ ابوسلميٰ روانو ٿي ويو. امِ سلميٰ صبح سوير روزانو شهر کان ٻاهر اچي ان واقعي تي زارو قطار روئندي هئي. آخرڪار سال کان پوءِ ڪنهن کي رحم اچي ويو ۽ ان بنومغيره کي منٿ ميڙ ڪري اُٺ تي سوار ڪرائي امِ سلميٰ کي ٻارڙي سميت يثرب (مديني) روانو ڪرائي

ڇڏيو ۽ اها اڪيلي وڃڻ لڳي. الله جي پلائي اها ٿي ته هڪڙي جاءِ تي عثمان بن طلحہ ملي ويو ۽ ان انهي مهاجرڻ کي مديني پهچائي ڇڏيو.

يعني حبش واري هجرت جي تلخ تجربي کان پوءِ حڪمت عملي (پاليسي) اها ٿي ته خدا پرستي واري زندگي جي نظام جي علمبردارن کي پنهنجي قابو مان نڪرڻ کان روڪيو وڃي. اهي نڪرن ته اهڙي حالت ۾ نڪرن جو انهن جو ڪڙم قبيلو بطور يرغمال مڪي وارن وٽ رهي. اها پاليسي شروع ۾ ڪجهہ ڍري ڍري هئي، ليڪن آهستي آهستي ان ۾ سختي وڌندي وئي. ايستائين جو آخري مرحلي ۾ حضرت عمر رضہ. عياش رضہ بن ابي ربيعہ. هشام رضہ بن عاص بن وائل اهڙي حالت ۾ لڪي لڪي نڪتا جو هر وقت خدشو هيو ته ڪٿي پڪڙجي نہ وڃن. حضرت عمر رضہ ۽ عياش رضہ خيريت سان مديني پهچي ويا. ليڪن هشام رضہ پڪڙجي ويو ۽ اهو ڏاڍ جي شڪنجي ۾ ڦاسي ويو. مڪي مان هڪڙو سازشي وفد انهن جي پنيان روانو ٿيو. اهو ابوجهل بن هشام ۽ حارث بن هشام تي مشتمل هيو. اهي وڃي عياش رضہ سان مليا ۽ چيو ته تنهنجي امڙ جي طبيعت تمام خراب آهي ۽ ان قسم کنيو آهي ته جيستائين توسان ڪونہ ملندي ته مٿي جي وارن کي ڦڻي (ڪنگي) ڪونہ ڏيندي ۽ اُلا وسائيندڙ اس ۾ بيٺي رهندي ان کي ساٿين سمجهايو ته اها پڌري پٽ هڪڙي چال آهي، تون هڪڙو پيرو مڪي وارن جي ڦندي ۾ ڦاسي وئين ته اهي توکي دين تان ڦيرائي ڇڏيندا. عياش رضہ کي هڪڙي اها بہ لالچ هئي ته اهو مالدار هيو ۽ ڪجهہ مال ڪٺي اچڻ تي گهريائين. حضرت عمر رضہ پيشڪش ڪئي ته مون وٽ توکان گهڻو مال آهي ۽ تون مون کان اڌ مال وٺ باقي انهن سان گڏ نہ وڃ. عياش رضہ ڪونہ مڃيو. حضرت عمر رضہ چيو ته چڱو جيڪڏهن تنهنجي اها مرضي آهي ته منهنجي اصل ڏاچي وٺي وڃ، جتي ڪو انديشو محسوس ڪرين ته پڇي ويجان. مگر مڪي جا سازشي رستي ۾ ئي اهڙي چال کيڏيا جو اصل ڏاچي مان فائدو ڪڻ بہ عياش رضہ جي وس ۾ ڪونہ رهيو ۽ ان جون مُشڪون ڳسي ڇڏيائون. وفد وارا جڏهن مڪي پهتا ته انهن ماڻهن کي چيو ته ڏسو پنهنجن پنهنجن عقل جي مت ماريلن جو هيئن علاج ڪريو جيئن اسان ڪيو آهي.

بعد ۾ حضرت عمر رضہ پنهنجي هٿ سان هشام بن العاص کي هڪڙو خط لکيو ۽ ان ۾ مشهور آيت يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا.......... الخ [1] لکيائين. ان خط کي هشام "ذي طوي" نالي ماڳ تي مڪي جي پرسان پڙهيو. وري وري غور ڪيو ۽ جڏهن ڳالهہ سمجهي ويو ته ان ۾ خود ان ڏانهن اشارو آهي ته هڪدم اُٿ کي ڪيڀائين ان تي ڪجاوو ڪشيائين ۽ روانو ٿي ويو. ليڪن ان کان وڌيڪ مضبوط روايت اها آهي ته جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ

---

[1] قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ. (اي نبيﷺ) منهنجن ٻانهن (کي) چئي ڇڏ ته جن پنهنجي جانين تي زيادتي ڪئي آهي، الله جي رحمت کان مايوس نہ ٿيو يقينن الله سڀ گناهہ معاف ڪري ڇڏيندو آهي، اهو ته غفور (۽) رحيم آهي. الزمر: 53.

عليه وآله وسلم مديني تشريف کڻي اچي چڪا تہ هڪڙي ڏينهن مجلس ۾ انهن ٻنهي پڪڙي ويهاريل ساٿين جو ذڪر هليو. پاڻ سڳورن فرمايو: "عياش بن ابي ربيعہ ۽ هشام بن عاص کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪير مون کي پنهنجون خدمتون سونپي ٿو؟" وليد رضہ بن مغيره[1] پاڻ کي پيش ڪيو. حڪم نبوي جي مطابق وليد رضہ مڪي روانو ٿي ويو. لڪندو لڪندو آبادي جي ويجهو اچي پهتو. هڪڙي عورت کاڌو کڻي ويندي نظر آيس. ان کان پڇيائين. "الله جي ٻانهي، ڪيڏانهن وڃي رهي آهين؟" وليد ان جي پٺيان لڳي ويو. اهي ٻئي هيا ۽ هڪڙي بنا ڇت واري ڪمري ۾ بند هيا. شام ٿي وئي تہ اهو ڀت ٽپي اندر آيو. انهن جي ڏنڊا ٻيڙين جي هيٺان پٿر رکي پنهنجي تلوار سان انهن کي ڪپيائين. پوءِ ٻاهر ڪيڏي ٻنهي کي اُٺ تي ويهاريو ۽ پڇڻ جي واٽ ورتائون.

اهڙي طرح اڪثر ماڻهو جيڪڏهن پاڻ نڪتا بہ تہ مڪي وارن انهن کان انهن جو مال ملڪيت کسي اتي رکرايا.

ليڪن هجرت جي ايتري حد تائين دل هارائي ڇڏڻ واري حالت جي باوجود رڳو مرد نہ پر عورتون بہ مسلسل فرض جي واٽ تي قدم وڌائي رهيون هيون. صديون اڳ وارن وحشي عربن جي اڻ پڙهيل عورتن ۾ بہ ان زندگي بخشيندڙ طاقت هڪڙي زوردار عملي حرڪت پيدا ڪري ڇڏي.

مهاجرن جي رستي ۾ رڪاوٽون وجهي قريشي پنهنجي واڻڙاٽپ جو مظاهرو ڪري رهيا هيا، مگر ٻئي طرف جنهن شخصيت سان واسطو هين، اها اعليٰ حوصلي جي اوچي چوٽي تي بيٺي هئي. اتي سمنڊ جيترو وسيع ظرف هيو. اهو صبرو استقلال جو پيڪر ٿڌي عزم ۽ سڪون واري فطرت سان سينگاريل هيو. تنهن ڪري اهو پنهنجي دعوت جي مرڪز تي ڄميو بيٺو رهيو. ان کي آخري حد تائين حجت پوري ڪرڻ جو فرض ادا ڪرڻو هيو. اهو مڪي وارن جي خلاف مشيتِ الاهي جي راند کي تڪميل تائين پهچائڻ جي لاءِ پنهنجو فرض صبر ۽ تحمل سان ادا ڪري رهيو هيو. ان جو مثال ٻڏندڙ جهاز جي بهادر ڪپتان وارو هيو جيڪو سموري عملي ۽ سيني مسافرن کي سلامتي واري ٻيڙي ۾ سوار ڪرڻ کان پوءِ سيني کان آخر ۾ جهاز کي ڇڏڻ وارو هيو.

جڏهن اهڙن ڪجهہ ماڻهن کان سواءِ، جن کي قريشن جي ڏاڍ گهيري رکيو هيو يا جن کي ڪنهن مفاد يا مصلحت ٻڌي رکيو هيو باقي ڪو نہ رهيو تہ ان وقت پاڻ سڳورن کي آسماني حڪومت جي طرف کان هجرت جو حڪم مليو. پاڻ سڳورا نڪتا تہ اهڙي حالت ۾ نڪتا جڏهن مڪي وارن پاڻ سڳورن کي زندهہ ڏسڻ نٿي گهريو ۽ جڏهن نڪرڻ جي مهل اچي وئي تہ رت جي پياسين تلوارن جي گهيري مان پاڻ سڳورا بي خوفي واري شان سان نڪري ويا.

---

1 سيرت ابن هشام ج 2 ص 87

## مدينو ـــ دل و جان سان انتظار ۾:

مهاجرن جو تعداد جيئن جيئن وڌي رهيو هيو مديني ۾ زندگيءَ جي ڊوڙ زور پڪڙي رهي هئي. حق جي دعوت جي روشني آهستي آهستي وڌي رهي هئي ۽ اسلام جيترو جيترو دلين جي دنيائن کي فتح ڪري رهيو هيو اسلام جو پيغام آڻڻ واري محسن جي محبت وڌندي پئي وئي. خاص طور تي بيعتِ عقبيٰ ثاني کان پوءِ يثرب (مديني) جي انتظار واري نظر هردم مڪي کان اچڻ واري رستي تي لڳل رهڻ لڳي. هڪڙو فصل جهومي رهيو هيو تہ ابرِ ڪرم اچي ۽ وسي وڃي. گلن ٻوٽن جو هڪڙو باغيچو سينگاريل هيو ۽ اميدوار هيو تہ بهار جي هوا جو هڪڙو جهونڪو اچي ۽ رنگ ۽ بوءِ جا طوفان اٿي پون. مسالو گڏ ٿيو پيو هيو ۽ دل و جان سان آرزو ڪري رهيو هيو تہ معمارِ انسانيت اچي ۽ نئين تعمير ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي

هوا جون لهرون بہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان اهو اطلاع کڻي آيون تہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مڪي مان نڪري چڪا آهن ۽ هجرت واري واٽ جون منزلون طي ڪري رهيا آهن. ان خبر تي مديني ۾ شوق جا جذبا بيقراري جي حد تائين پهچي ويا هوندا. انتظار جون بيچينيون زور پڪڙي ويون هونديون. سوچيو تہ هر طرف ڪهڙين ڳالهين جو چرچو هوندو؟ ڪهڙيون پچائون ٿينديون هونديون؟ ڪهڙي گفتگو محفلن جي زينت رهندي هوندي؟ جذبات ۽ احساسن جي ڪهڙي حالت هوندي. مشرڪن جي يهودين جي نصارن جي مسلمانن جي.

ننڍڙن ننڍڙن ٻارڙن جي زبان تي اها ڳالهہ هئي تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اچي رهيا آهن. ماڻهو روزانو صبح جو گهرن مان نڪرندا هيا ۽ شهر کان ٻاهر گڏ ٿي انتظار ڪندا هيا. جڏهن اونهاري جو سج مٿي چڙهي ايندو هيو ۽ اُس برداشت کان ٻاهر ٿي ويندي هئي تہ حسرت ۾ پريل ماڻهو موٽي ويندا هيا. پهچڻ واري ڏينهن بہ ماڻهو اهڙي طرح گڏ ٿي موٽي رهيا هيا تہ هڪڙي يهودي قلعي تان ڏٺو ۽ خوشخبري ٻڌائي. "يثرب وارو! توهان کي جنهن بزرگ جو انتظار هيو اهو اچي پهتو آهي." پورو شهر تڪبير جي نعرن سان گونجي ويو. ماڻهو بي تابي مان ڊوڙيا. اڪثر انصاري چڱي نموني ۾ هٿيار لڳائي نڪتا.

پهريان قبا واري مقام تي ترسيا جيڪو مديني کان ٽن ميلن جي فاصلي تي هڪڙو پرپاسي وارو ڳوٺ هيو. عمرو رضہ بن عوف جي خاندان خوشي وارن نعرن سان استقبال ڪيو ۽ ان خاندان کي ميزباني جو شرف حاصل ٿيو. اهو گهر اصل ۾ اسلامي تحريڪ جو هڪڙو مرڪزي اڏو (سينٽر) هيو. مهاجرن مان گهڻن جي لاءِ پهرين منزل اهو گهر بڻيو ۽ ڪجهہ مهاجر اصحابي ان وقت بہ اتي ترسيل هيا. حضرت علي عليہ السلام بہ امانتون واپس ڏيڻ کان پوءِ روانو ٿي اتي ئي محبوب جي قافلي سان اچي مليا. اتي چوڏهن ڏينهن ترسيا ۽ مهاجر وقت بہ وقت ملاقات جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا هيا. ماڻهن ان هستي

کي ڏسڻ گهريو ٿي، جنهن جو پيغام انهن جي سينن ۾ گهر ڪري ويو هيو. ان جي ڇهري جي هڪڙي جهلڪ نظرن (نگاهن) جي دامن ۾ سميٽڻ ٿي گهريائون. ان جي واتان مٺڙا ٻول ٻڌڻ گهريائون ٿي. ان جي دعا ۾ خير مان حصو حاصل ڪرڻ گهريائون ٿي. غائبانہ عقيدت هاڻي محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي آمهون سامهون ڏسڻ گهريو ٿي. سلام، ملاقاتون، ڪچهريون، دعائون، محفلون، چاچا نہ هوندو.

قبا ۾ پاڻ سڳورن پنهنجن هٿن سان هڪڙي مسجد جو بنياد رکيو. ان تعمير جي مهم ۾ هرهڪ مسلمان شريڪ هيو ۽ خود دنيا جو سيني کان وڏو تاريخ ساز هڪڙي عام مزدور وانگر ڳورا وزني پٿر کڻي اچي رهيا هيا. ڪم ٿي رهيو هيو ۽ گڏوگڏ گيت ڳايو پئي ويو.

اَفْلَحَ مَنْ يُّعَالِجُ الْمَسَاجِدَا　　وَيَقْرَءُ الْقُرآنَ قَائِمًا وَّ قَاعِدًا

وَلَا يَبِيْتُ اللَّيْلَ عَنْهُ رَاقِدًا

(يعني ڪامياب اهو آهي جيڪو مسجدون تعمير ڪري، اٿندي ويهندي قرآن پڙهي ۽ رات جو (عبادت جي لاءِ) جاڳي.)

هيءَ مسجد رڳو سِرُن، پٿرن، گاري ۽ ڪکن ڪانن جو مجموعو ڪونہ هئي، ان ۾ خاتم النبيين صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان وٺي هڪڙي عام مسلمان تائين هرهڪ بهترين جذبا صرف ڪيا هيا. انهيءَ ڪري ان جي شان ۾ قرآن شريف چيو: "لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى." هيءَ اهڙي مسجد آهي جنهن جو بنياد تقويٰ تي رکيو ويو آهي.

قبا ۾ 8 ربيع الاول 11 نبوي خميس جي ڏينهن تشريف آوري ٿي هئي.[1] چوڏهن ڏينهن کان پوءِ انسانِ اعظم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ساٿين سان گڏ مديني جو رخ ڪيو. قبا کان مديني تائين انصاري رستي جي ٻنهي پاسن کان قطار ڪيون بيٺا هيا. پاڻ سڳورن جي ناناڻي خاندان مان ماڻهن خاص شوق سان هٿيار لڳايا هيا. عورتون ڇتين تي چڙهي گڏ ٿي بيٺيون هيون ۽ آڌرڀاءُ ڪرڻ لاءِ ترانو ڳائي رهيون هيون.

طَلَعَ الْبَدرُ عَلَيْنَا　　مِنْ ثَنِيَّاتِ الْوَدَاعِ

وَجَبَ الشُّكْرُ عَلَيْنَا　　مَا دَعَا لِلّٰهِ دَاعِ

۽ ننڍڙين ٻاڙين جا هجوم ٽپا ڏئي رهيا هيا، اهي ڇوڪريون دف وڄائي ڳائي رهيون هيون.

نَحْنُ جَوَارٍ مِّنْ بَنِيْ نَجَّارٍ　　يَا حَبَّذَا مُحَمَّدًا مِنْ جَارٍ

سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بہ انهن ٻارڙين جي پاڪيزه محبت جو جواب خاص شفقت سان ڏنو. انهن سان ڳالهيون ڪيون. معلوم ڪيائون. "ڇا توهان مون سان پيار ڪيو ٿيون؟" انهن چيو. "جي، ها!" پاڻ سڳورن فرمايو. "مان بہ توهان سان پيار ڪيان ٿو." (سيرت النبي ج 1 ص 255 کان 259)

---

1 قبا پهچڻ جي تاريخن ۾ گهڻو اختلاف آهي. تفصيل لاءِ ڏسو سيرت سرورِ عالم ﷺ ج 2 ص 737.

ذرا ان تاريخي گهڙي کي تصور ۾ آڻيو جيڪا يثرب (مديني) جي نصيب ۾ آئي هئي. گهٽين جي مٽي جي ذري ذري ۾ دليون ڌڙڪي رهيون هونديون. ديوارن جي وٿين کي اکيون ملي ويون هونديون. هوا جي جهونڪن ۾ انساني احساس پيدا ٿي ويا هوندا.

عارضي قيام جي لاءِ حضرت ايوب انصاري رضہ جي گهر جي قسمت جاڳي. ستن مهينن تائين نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اتي ترسيا.

## تعميري قدم:

جيئن ئي ڪجهہ سڪون مليو ۽ مسافري جي ٿڪاوٽ ختم ٿي تہ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تعميري قدمن ڏانهن ڌيان ڏنو. پهريون ڪم مسجد جي تعمير هيو. ٻن يتيم ٻارن جو خالي پيل پلاٽ خريد ڪيو ويو ۽ حضرت ايوب انصاري رضہ ئي قيمت ادا ڪئي. ان زمين تي مسجد نبوي جو بنياد رکيو ويو. مسجد جي اهميت صرف عبادتگاهہ طور ئي ڪونہ هئي، بلڪ ان کي اسلامي معاشرتي نظام ۽ رياست جو سرچشمو ۽ مرڪز ٿيڻو هيو. اها حڪومت جي دربار، مشوري لاءِ ايوان، سرڪاري مهمان خانو جمهوري دارالعلوم ۽ قومي ليڪچر هال جي حيثيت سان برپا ڪئي وئي. ان پهرين تعميري قدم تي اهوئي قبا وارو نقشو ڏسڻ ۾ آيو. ڪهڙو مسلمان هوندو جنهن ان ۾ دل وجان سان حصو نہ ورتو هوندو. خود سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پٿر ۽ گارو ڍوئي ايندا هيا. ان منظر کي ڏسي هڪڙي مسلمان جذبات کان بي قابو ٿي پڪاريو تہ:

لَئِن قَعَدْنَا وَ النَّبِيُّ يَعْمَلُ ۔ لِذَاكَ مِنَّا الْعَمَلُ الْمُضَلَّلُ

(يعني جيڪڏهن الله جو رسول هن ڪم ۾ ائين لڳي وڃي ۽ اسان ويهي ڏسندا رهون تہ اسان جو ڪيو ڪرايو غارت ٿي ويو.)

ڪم جي گرما گرمي ۾ ڪائي بيهودي ڳالهہ ٻولهہ ڪونہ هئي. بلڪ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سميت سڀ جا سڀ اها صدا بلند ڪري رهيا هيا:

لَاعَيْشَ اِلَّاعَيْشَ الْاٰخِرَةِ ۔ اَللّٰهُمَّ ارْحَمِ الْاَنْصَارَ وَ الْمُهَاجِرَةِ

(يعني آخرت جي ابدي زندگي ئي زندگي آهي، ۽ اها نہ هجي تہ پوءِ زندگي بيڪار آهي. اي الله! تون انصار ۽ مهاجرن تي رحم فرماءِ.)سيرت ابن هشام ج 2 ص 114

اهو جذبو (اسپرٽ) هيو ۽ اهي دعائون هيون جيڪي مسجد نبوي جو اصل مسالو بڻيون. مسجد جي پرسان محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ گاري ۽ ڪکن ڪانن سان حجرا (ڪوارٽر) تعمير ٿي ويا. پاڻ سڳورا پنهنجن انهن ئي ڪوارٽرن ۾ منتقل ٿي ويا. مديني ۾ حضرت رسالتماب صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تشريف آوري سان خود بخود (ازخود) دعوت جو دائرو وسيع ٿيڻ لڳو ۽ ستن مهينن جي عرصي ۾ حق جي تحريڪ قبيلي قبيلي ۽ گهر گهر مان جانثار حاصل ڪري ورتا.

صرف خطمہ، واقف، وائل ۽ اميہ جي گهراڻن ۾ شرڪ جي اونداهي باقي رهجي وئي ۽ انهن سڀني جو تعلق اوس قبيلي سان هيو. (سيرت ابن هشام ج 2 ص 118)

تعميري مهم سان گڏوگڏ دعوت جي ڪم کي اڳتي وڌائڻ ڀرپور درجي جي اهميت رکي ٿي. انفرادي دعوت کان علاوه، سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اجتماعي طور تي جنهن عام خطاب سان ڪم جي شروعات ڪئي، اهو هنن لفظن تي مشتمل هيو.

(حمد ۽ ثنا کان پوءِ) ـــــ "ياڻرو! پنهنجين جانين لاءِ وقت تي ڪجھ ڪمائي ڪري وٺو. چڱي طرح ڄاڻيو وٺو الله جو قسم توهان مان هرهڪ کي موت جو ذائقو چکڻو آهي ۽ اهو پنهنجي ڌڻ کي اهڙي حال ۾ ڇڏي موڪلائيندو جو ڪوئي ان کي چارڻ وارو ڪونہ رهندو. پوءِ ان کي ان جي پروردگار جي طرف کان اهڙي حالت ۾ خطاب ڪيو ويندو جڏهن وچ ۾ ڪو ترجمان ڪونہ هوندو. چيو ويندو تہ ڇا توتائين منهنجو رسول ڪونہ پهتو هيو، جنهن تو تائين ڳالھ پهچائي هجي. پوءِ ڇا مون توکي مال ڪونہ ڏنو هيو ۽ تو تي نوازش ڪونہ ڪئي هئي؟ تہ پوءِ تو پنهنجي جان لاءِ ڇا بچائي رکيو؟ پوءِ اهو ساڄي کاٻي ڏسندو ليڪن ڪجھ بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندس. پوءِ سامهون نظر ڊوڙائيندو. مگر جهنم کان سواءِ ٻيو ڪجھ سامهون ڪونہ هوندو. سو جنهن کي بہ توفيق هجي تہ کتل جي هڪڙي ڳڙي جي عيوض بہ پنهنجي چهري کي دوزخ جي باھ کان بچائڻ جي لاءِ ڪجھ ڪري سگهندو هجي تہ ڪري وٺي. جيڪو ايترو بہ نہ ڪري سگهي تہ اهو ڪا سٺي ڳالھ چئي ئي بچاءُ ڪري ڇو تہ نيڪي جو بدلو ڏهوڻ کان وٺي سو سيڪڙو تائين ملندو آهي. توهان تي سلامتي هجي ۽ الله جون رحمتون ۽ برڪتون نازل ٿين." (سيرت ابن هشام ج 2 ص 118)

پاڻ سڳورن جيڪو ٻيو عام خطاب فرمايو هي هيو:

"سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن. مان ان جي ساراھ ۽ حمد بيان ڪيان ٿو. ان کان ئي مدد گهران ٿو! اسان سڀ پنهنجين دلين جي شرارتن ۽ پنهنجن اعمالن جي خرابين جي مقابلي ۾ الله جي ئي پناھ طلب ڪريون ٿا. جنهن کي الله هدايت ڏئي ان کي ڪير بہ گمراھ ڪرڻ وارو ڪونهي ۽ جنهن کي اهو هدايت کان محروم ڪري ڇڏي، ان جي لاءِ ڪوئي رهنما ڪونهي. مان شاهدي ڏيان ٿو تہ الله کان سواءِ، جيڪو اڪيلو آهي ۽ جنهن سان ڪو شريڪ ۽ حصيدار ڪونهي، ٻيو ڪوبہ عبادت جي لائق ۽ اطاعت واري هستي ڪونهي. بيشڪ بهترين بيان الله تبارڪ و تعاليٰ جو ڪتاب آهي، جنهن شخص جي دل جي لاءِ الله ان کي محبوب بڻائي ڇڏيو ۽ جنهن کي ڪفر کان پوءِ اسلام ۾ داخل ڪيو ۽ جنهن ٻين سڀني انساني بيانن جي مقابلي ۾ ان کي پنهنجي لاءِ پسند ڪري ڇڏيو ان فلاح پاتي. اهو بهترين بيان ۽ سڀني کان وڌيڪ اثرائتو آهي. توهان

اهوئي پسند ڪيو جيڪو الله کي پسند آهي ۽ الله سان دل جي خلوص سان محبت ڪيو. الله جي ڪمن کان غفلت نہ ڪريو ۽ توهان جون دليون ان کان سخت نہ ٿيڻ ڪپن. جيئن تہ اها حقيقت آهي تہ الله جيڪو ڪجهہ پيدا ڪري ٿو ان مان بهتر کي چونڊي ۽ منتخب ڪري ٿو. سو ان عملن مان بهترين ۽ پانهن مان وڏيڪ پلاري ۽ بيانن مان پاڪ ترين کي مقرر ڪري ڇڏيو آهي. ان کان علاوه، انسانن کي جيڪي ڪجهہ ڏنو ويو آهي ان سڀ مان ڪجهہ حلال آهي، ڪجهہ حرام. پوءِ الله جي غلامي اختيار ڪيو. ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪيو. ان جي قهر کان اهڙي طرح بچو جيئن بچڻ جو حق آهي. الله جي دربار ۾ اهي سڀ پاڪ قول سچ ڪري ڏيکاريو جن کي توهان پنهنجين زبانن سان ادا ڪندا آهيو ۽ الله جي رحمت جي ذريعي هڪ ٻئي سان محبت جو تعلق جوڙيو. جيڪڏهن ان سان ايمان وارو ڪيل واعدو ٽوڙيو وڃي تہ يقينن الله ناراض ٿئي ٿو. توهان تي سلامتي هجي." (سيرت ابن هشام ج 2 ص 118۽ 119)

روايتن مان جيڪي تقرير جا لفظ ملن ٿا گهڻو مختصر آهن ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا خطاب عام طور تي مختصر هوندا هيا. ليڪن مطلب جي جامعيت ڏسو تہ وقت جا سمورا اهم مسئلا انهن لفظن ۾ ھڏايل آهن. تقرير ۾ اسلام جي دعوت ڏني وئي آهي. قرآن جي تعليم جي اهميت تي زور ڏنل آهي. حلال ۽ حرام ۾ تميز ڪرڻ جو سبق ڏنو ويو آهي ۽ اصولي ۽ مقصد واري ڀائيچاري ۽ دوستي جو جذبو پيدا ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي.

انهن ٻن تقريرن جي مطالعي مان اندازو ٿي وڃي ٿو تہ اجتماعي دعوت جي نئين لهر ڪهڙي انداز سان اڀاري وئي هئي. هڪڙي طرف بنيادي نظريي جو پيغام ڏنو پئي ويو ۽ ٻئي طرف ان ئي نظرئي جي جذبي (اسپرٽ) جي ذريعي اڳيان ايندڙ مسئلن جي حل لاءِ معاشري (سوسائٽي) کي رهنمائي فراهم ڪئي پئي وئي.

## اسلامي رياست جو بنياد:

ٽيون تعميري قدم ____ ۽ شايد سياسي لحاظ کان سڀ کان وڏو تعميري قدم ____ اهو هيو تہ رياست هلائڻ جي لاءِ مديني جي يهودين، مشرڪن ۽ مسلمانن جي معاشري (سوسائٽي) کي هڪڙي ضابطي ۾ آندو ويو. سياسي نوعيت جي معاشرتي تنظيم جي لاءِ هڪڙو لکيل معاهدو ڪيو ويو. جنهن جي نوعيت حقيقت ۾ هڪڙي باقاعده لکيل دستور (آئين) واري آهي. ان کي بجا طور تي دنيا جو پهريون لکيل دستور چيو وڃي ٿو. اسان هتي ان دستور جي شقن تي بحث ڪرڻ نٿا گهرون. البت، ان جي ڪجهہ اهم پهلوئن جو خلاصو بيان ڪري ٿا ڇڏيون. ان دستوري معاهدي جي ذريعي نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جيڪو ڪجهہ حاصل ڪيو اهو هي هيو:

ـــــ مديني جي منظم ٿيڻ واري معاشري ۾ الله جي حاڪميت ۽ ان جي قانون کي سياسي اهميت حاصل ٿي وئي.

ـــــ سياسي، قانوني ۽ عدالتي لحاظ کان آخري اختيار (اٿارٽي) محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي هٿ ۾ اچي ويو.

ـــــ دفاعي لحاظ کان مدينو ۽ ان جي پرپاسي واري پوري آبادي هڪڙي گڏيل (متحده) طاقت بڻجي وئي ۽ ان جي ڪنهن به عنصر طرفان قريشن جي حمايت جا دروازا بند ٿي ويا. ان کان علاوه، دفاعي لحاظ کان به مرڪزي ۽ فيصلہ ڪن اختيار حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي هٿ ۾ اچي ويو.

ان دستوري معاهدي سان باقاعده ۽ باضابطہ طور تي اسلامي رياست ۽ اسلامي نظامِ حيات جو بنياد رکجي ويو.[1]

ان زماني جي حالتن جي پيچيدگين کي نظر ۾ رکجي تہ پوءِ اندازو ٿئي ٿو تہ اهو ڪارنامو ڪيتري وڏي درجي وارو ڪارنامو هيو. ان جي پس منظر ۾ هڪڙي بيمثال سياسي بصيرت ۽ ڳالهيون ڪرڻ جي مهارت ڪم ڪندي ملي ٿي. اهو دستوري دستاويز بہ ۽ ٻيا معاهدا ۽ معاملا. ۽ جنگي منصوبا بہ اسان کي آگاهہ ڪن ٿا تہ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم صرف هڪڙا صوفي ۽ درويش ڪونہ هيا. بلڪ اجتماعي معاملن کي سنڀالڻ ۽ سنوارڻ جي لاءِ ماهراڻي حڪمت سان نوازيل هيا ۽ انهن ذميوارين کي ادا ڪرڻ جي پوري پوري صلاحيت رکندا هيا.

## ڀائيچاري وارو نظام:

مديني جي معاشري جو هڪڙو وڏو مسئلو سوين مهاجرن جي بحالي وارو مسئلو هيو. گهرٻار ڇڏي ماڻهو مسلسل وچڙي اچي رهيا هيا ۽ ڪجهہ هزارن جي آبادي رکڻ واري وچولي حيثيت واري وَسَندي (بستي) کي انهن کي پنهنجي اندر جذب ڪرڻو هيو. واقعو هي آهي تہ هن مسئلي کي، جيڪو تاريخ ۾ جڏهن بہ پيدا ٿيندو آهي پريشان ڪندڙ ٿي ويندو آهي، مديني جي معاشري ۽ ان جي صدرِ رياست جنهن ڪمال واري حڪمت سان حل ڪديو ان جو دنيا ۾ ڪو ٻيو مثال ڪونہ ٿو ملي. ڪوئي فرمان (آرڊيننس) جاري ڪونہ ڪيو ويو. ڪوئي قانون ڪونہ ٺاهيو ويو. الاٽمنٽون ڪونہ ڪيون ويون. مهاجرن جو تعداد مقرر ڪري ڪا رڪاوٽ ڪونہ پيدا ڪئي وئي.

---

[1] جيڪا طاقت ڪوئي نصب العين کڻي اٿندي آهي تہ اها سدائين سڀ کان اڳ ان جو فڪر ڪندي آهي. عربستان جي اسلامي جماعت جي بي سروساماني کي ڏسو ۽ مديني جي اجنبي ماحول ۾ اچي چند اجڙيل وچڙيل ماڻهن جي مصيبت واري حالت کي ڏسو ۽ پوءِ غور ڪيو تہ ڪيئن اولين اسلامي رياست جو هڪدم بنياد وڌو وڃي ٿو ۽ ڪيئن چند مهينن ۾ آئين نهي نافذ ٿي وڃي ٿو. نسلي ۽ مذهبي لحاظ کان اڻ ڳڻين ڌرين کي ايترو جلد هڪڙي آئين تي گڏ ڪري ڏيکارڻ تاريخ جو هڪڙو حيرت انگيز واقعو آهي.

ڪنهن ڏاڍ کان ڪم ڪونہ ورتو ويو. محض هڪڙي اخلاقي اپيل جي ذريعي ان پيچيده مسئلي کي ڪجهہ ڏينهن اندر حل ڪيو ويو. سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم عقيدي، نظريي ۽ مقصد جي صحيح معنيٰ ۾ هڪڙي نئين برادري پيدا ڪري ڏيکاري ۽ هڪڙي هڪڙي انصاري سان گڏ هڪڙي هڪڙي مهاجر جو ڀائپي وارو رشتو قائم ڪري ڇڏيو. انصارن جو اهو حال هيو تہ اهي پنهنجي مال، جاين، باغن، ۽ ٻوڪن کي اڌواڌ ورهائي مقصد جي ساٿين کي ڏئي رهيا هيا، بلڪ ڪجهہ تہ ايتري تائين تيار ٿي ويا تہ ٻن ٻن زالن مان هڪ هڪ کي طلاق ڏئي پنهنجن ديني ڀائرن جي نڪاح ۾ ڏئي ڇڏين. ٻئي طرف مهاجرن جي خودداري جو اهو حال هيو تہ اهي چوندا هيا تہ اسان کي ٻوڪن يا بازار جو رستو ڏيکاريو اسان واپار يا مزدوري ڪري پيٽ پالي وٺنداسين.

تاريخدانن انهن بزرگن جا نالا بہ درج ڪيا آهن جن ۾ اهو ڀائيچاري وارو ڳانڍاپو برقرار ڪيو ويو هيو. اسان ڪجهہ نالن جو هيٺ ذڪر ڪيون ٿا:

محمد رسول الله ﷺ
ابوبڪر صديق رضہ
عمر فاروق رضہ
عثمان رضہ ذوالنورين
جعفر رضہ بن ابوطالب هاشمي
ابوعبيده رضہ بن جراح قريشي فهري
عبدالرحمان رضہ بن عوف قريشي الزهري
زبير رضہ بن عوام قريشي الاسدي
طلحہ رضہ بن عبدالله قريشي تميمي
سعيد رضہ بن زيد قريشي العدوي
مصعب رضہ بن عمير قريشي العدوي
ابو حذيفہ رضہ بن عتبہ
عمار رضہ بن ياسر رضہ
سلمان رضہ فارسي
منذر رضہ بن عمر

علي المرتضيٰ عليہ السلام
خارجہ رضہ بن زيد عقبي بدري
عتبان رضہ بن مالڪ بدري
اوس رضہ بن ثابت عقبي بدري
معاذ رضہ بن جبل عقبي بدري
سعد رضہ بن معاذ بدري اهتزلہ عرش الرحمان
سعد رضہ بن ربيع عقبي بدري
سلمہ رضہ بن سلامتہ عقبي
ڪعب رضہ بن مالڪ عقبي
ابي بن ڪعب عقبي بدري
ابوايوب رضہ عقبي بدري
عباد رضہ بن بشير
حذيفہ رضہ بن اليمان
ابوالدرداء رضہ حڪيم الامت
ابوذر رضہ غفاري[1]

ڇڙا ڇانڊ، خاص طور تي نوجوان مهاجر جن ٻارڻ کي تعليم لاءِ وقف ڪرڻ گهريو ٿي انهن جي رهائش ٿلهو ("صفہ") يعني مسجد نبوي جو هڪڙو چبوترو هيو. تعميري ڪم جي سلسلي ۾ اهو هڪڙو اهم ادارو هيو. اصحاب صفہ جي ڪفالت برادري (سوسائٽي)

1 رحمت للعالمين: از قاضي سليمان منصورپوري ج 1 ص 23

ڪندي هئي ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پاڻ انهن جي ضرورت جو پورائو ڪرڻ لاءِ سرگرم رهندا هيا.

## وري ساڳي ڇڪتاڻ:

هتي تاريخ ۾ سيرت جي واقعن جي پوري سلسلي کي پيش ڪرڻ جو مقصد ڪونهي. مجموعي طور تي اسان اهو ڏيکارڻ گهريو آهي تہ اسلامي تحريڪ جو ٻيجارو مڪي مان اچي مديني ۾ ڪهڙي طرح پوکجي ويجي ٿو ۽ ڪهڙي طرح نوان گونچ ڪڍڻ لڳي ٿو. ماحول ڪهڙو هيو ۽ هاڻي ان نئين اثرائتي طاقت جي اچي وڃڻ سان ان ۾ ڪهڙي رخ ۾ نيون حرڪتون شروع ٿي رهيون هيون. ستل معاشري کي حق جي گِهنڊ اچي جاڳائي ڇڏيو هيو. عمل جي هڪڙي اسٽيج تيار ٿي وئي هئي ۽ ان تي هڪڙي مثبت ۽ تعميري طاقت پنهنجو ڪردار پيش ڪري رهي هئي. مثبت ڪردار جي سامهون اچڻ سان ئي تاريخي قانون جي اها تقاضا هئي تہ ڪونہ ڪو منفي ڪردار بہ ظاهرٿئي. تعميري مهم جي مقابلي ۾ تقدير جي ضابطي لازمي طور هڪڙي تخريبي طاقت کي حرڪت ۾ آڻڻ گهريو ٿي. حق جيڪڏهن ميدان ۾ اچي ويو هجي تہ پوءِ اها ڳالهہ اٽڪر هئي تہ باطل جي محاذ تي بہ گرماگرمي پيدا ٿي وڃي. عاشق جانباز جڏهن محبوب جي گهٽي ڏانهن قدم وڌائي تہ پوءِ منهن ڪاري رقيب جي ضرورت بہ پيدا ٿي ويندي آهي. مديني ۾ جيڪو نئون معاشرو اڀري رهيو هيو ان کي ڏسي ڏسي شيطان بري طرح تڙپي رهيو هيو. اهو پنهنجا ڪجهہ فداڪار ۽ جانثار ميدان ۾ آڻڻ گهري رهيو هيو. سو ان کي آلہ ڪار ملي ويا ۽ انهن کي وٺي اسٽيج تي ڪٽي آيو. تحريڪ کي پهريان ابراهيم عليہ السلام جو نالو وٺڻ وارن سان مقابلو ڪرڻو پئجي ويو هيو هاڻي ان جي مقابلي ۾ موسيٰ عليہ السلام جا جانشين تقدس جا جبا پائي ۽ الله جو ڪتاب بغل ۾ وجهي آهستي آهستي وڌندا ڏسڻ ۾ پئي آيا. اسلامي تحريڪ جي ڊرامي ۾ پهريان جيڪو پارٽ ڪعبي جي متولين ادا ڪيو هيو هاڻي يثرب (مديني) ۾ اهوئي ڪردار (پارٽ) فرزندانِ بيت المقدس پنهنجي ذمي ڪنيو.

## يهودين جو تاريخي مقام ۽ ڪردار:

اسلام جي تاريخ ۾ جاهليت جو اهو عجيب الميو (ٽرئجڊي) آهي تہ حق جي دين جي خلاف مزاحمت ڪرڻ جي خدمت سڀ کان وڌي ڪري جوشِ ايماني سان هميشہ مذهب وارن ئي سرانجام ڏني آهي. مذهب وارا (اهلِ مذهب) جن کي دينِ حق جي دعوت جو پهريون آواز ٻڌندي ئي پهرين صفن ۾ وڃي بيهڻ گهرجي. اهي ئي هميشہ "اَوَلَ ڪَافِرٍ بِہِ" بڻجندا رهيا آهن (سواءِ انهن جي جن کي الله گهري). اهل مذهب شروع ۾ مذهب جا خادم ۽ علمبردار هوندا آهن. ليڪن آهستي آهستي جڏهن انهن کي هڪڙو مرتبو ملي ويندو آهي، ۽ مذهب سان انهن جا ڪجهہ مفاد سلهاڙجي ويندا آهن تہ پوءِ اهي مذهب

ڪي تابعدار بڻائي ڇڏيندا آهن. اهي آهستي آهستي مذهب جي نالي تي پنهنجا ڪجهه مستقل حق پيدا ڪري وٺندا آهن. مذهب جي پيروڪارن کان اهي پنهنجا ڪجهه طبقاتي مطالبا مڃرائي وٺندا آهن ۽ انهن جي لاءِ ڪجهه اعزاز مخصوص ٿي ويندا آهن. مذهب پنهنجي پيروڪارن جي زوال واري دور ۾ هميشه انهن مرحلن کي منهن ڏيندو آهي. ان موڙ تي مذهب هڪڙي سٺي نفعي واري ڪاروبار جي سطح تي اچي ويندو آهي ۽ اهو هڪڙي موروثي جاگير بڻجي ويندو آهي. ان مرحلي تي واعظ تجارتي مال بڻجي ويندا آهن. علم معاشي ذريعو ٿي ويندو آهي. فتوائون بازاري اثاثو بڻجي پنهنجو هڪڙو بازاري اگهه (مارڪيٽ ريٽ) پيدا ڪري وٺنديون آهن. ديني منصب روحاني اقتدار ۽ قيادت جي ڏاڪڻ ٿي ويندا آهن. اهل مذهب جڏهن هڪڙو ڀيرو ان مقام تي پهچي ويندا آهن ته پوءِ انهن جو ڪاروباري ذهن هر معاملي ۾ اهو سوچڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي ته اسان جو مفاد محفوظ رهي ٿو يا نه. ۽ اسان جو منصب ۽ اسان جي حيثيت (پوزيشن) ڪنهن ٻئي پاسي ڏانهن ته منتقل ڪونه ٿا ٿي وڃن. ڪاروباري ذهن جڏهن انهن وصفن سان مذهبي دائري ۾ گهري ويندو آهي ته اهلِ مذهب ڪنهن جي طرف کان اختلاف کي گوارا ڪونه ڪري سگهندا آهن ۽ نه ڪنهن وڏي مقصد جي لاءِ ٻين سان تعاون ڪري سگهندا آهن.

پنهنجي اندر ڪنهن ڪمزوري يا غلطي کي مڃڻ ۽ ان کي سڌارڻ (اصلاح ڪرڻ) لاءِ تيار ڪونه هوندا آهن.

قيادت ۽ اثر رسوخ جي ڪرسي ڇڏي ڪنهن ٻئي جي دعوت تي فرض جي ادائگي ڪري ڪونه سگهندا آهن.

ٺيڪ اهو مقام هيو جنهن جي آخري ڏاڪي تي يهودي پهچي چڪا هيا. اهي اهو هرگز مڃي نٿي سگهيا ته حق انهن جي گروهي دائري کان ٻاهر به ملي سگهي ٿو. اهي اهو نٿي مڃي سگهيا ته انهن جي پنيان هلڻ کان سواءِ به ڪو سڌي واٽ لهي سگهي ٿو. اهي مڃي نٿي سگهيا ته رهنمائي جو منصب ڪنهن ٻئي کي به ملي سگهي ٿو.

مخالفت مڪي جي قريشن به ڪئي ۽ مخالفت يهودين به ڪئي: ۽ ٻنهي مان ڪنهن به ڪا ڪسر ڪونه ڇڏي، مگر ٻنهي جي مخالفاڻه ڪردار (پارٽ) ۾ تمام گهڻو فرق هيو. جڏهن اسان تجزيو ۽ ڀيٽ ڪري ڏسون ٿا ته پهرين حقيقت اها سامهون اچي ٿي ته مڪي جي قريشين جي مخالفت ۾ اصل ۾ تڪبر واري جذبي جو روح ڪارفرما هيو. ليڪن يهودين تي ساڙ جو جذبو ڇانيل هيو. اتي احساس برتري جي بيماري هئي ۽ هتي احساس ڪمتري جو روڳ هيو. انهيءَ ڪري اتي کلم کلا انڪار ۽ ٽڪراءُ هيو ۽ هتي مڪاري ۽ عياري جو مزاج مخالفاڻين سرگرمين ۾ پڌرو هيو. اتي بهادري واري همت هئي ۽ هتي بزدلاڻي شرارت. اتي مخالفت سڌو تشدد جي رخ تي وڌندي رهي هئي، ليڪن هتي اها ڪن ڦس، سازش ۽ نفاق جي طرف وڌندي وئي. مڪي ۾ صرف مسلمان

۽ ڪافر ٻہ ٽولا هيا، ليڪن مديني ۾ مسلمان ۽ ڪافر طاقتن جي وچ ۾ هڪڙو ٽيون ڪردار منافقت جو بہ ظاهر ٿي ويو. ان مطالعي مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ ڄميل (جامد) مذهبيت ۽ فاسد دينداري ڪلم ڪلا ڪفر، شرڪ ۽ ڇِٽي جاهليت ڪان وڌيڪ ڪميٽي فطرت رکندي آهي ۽ حق جي مخالفت ۾ وڌيڪ ڪيمٽو ڪردار پيش ڪندي آهي.

وري اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ ڪفر ۽ دين جي انهي ويڙهہ ۾ يهودين جي ڄميل (جامد) مذهبيت ۽ فاسد دينداري اسلام جي مقابلي ۾ ڪفر ۽ شرڪ جي پلڙي ۾ پنهنجي تعاون جو پورو وزن وجهي ڇڏيو. حالانڪ وڏي ڪان وڏي اختلاف جي باوجود بہ ان کي خدا پرستائي ۽ اخلاق پسندائي مسلڪ جي علمبردارن سان وڌيڪ همدرديون هجڻ ڪپنديون هيون. وڌ ڪان وڌ انهي ڳالهہ جي گنجائش ٿي سگهي پئي تہ يهودي اسلام جي مخالفت ۾ پنهنجي پوزيشن ڪافرن ۽ مشرڪن ڪان بلڪل الڳ سڃاڻپ واري رکن ها. ليڪن "تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍۭ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ" (*اچو هڪڙي اهڙي ڳالهہ ڏانهن جيڪا اسان ۽ توهان جي وچ ۾ ساڳي آهي. آل عمران آيت 64) جي دردمندائي پڪار ٻڌڻ جي باوجود انهن انسانِ اعظم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ انهن جي ساٿين جي پاڪيزه ديني فڪرن ۽ عملن کي ڇڏي ابوجهل ۽ ابولهب جهڙن ماڻهن جو ساٿ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. جامد مذهبيت ۽ فاسد دينداري جو هميشہ اهو بہ تاريخي ڪردار (رول) رهيو آهي تہ اها لڙائي جي ميدان ۾ ديني محاذ تي ڪنهن قيمت جي عيوض بہ پنهنجو تعاون پيش نٿي ڪري سگهي. بلڪ لازمي طور اها دين جي دشمن طاقتن جي جهولي ۾ وڃي ڪرندي آهي. ان جي طبيعت هميشہ ڪفروالحاد ۽ فسق و فجور جي روپن سان ملندي آهي. هتي گفتگو ڪجهہ مستثنيٰ فردن تي ڪونہ ٿي رهي آهي جيڪي ڪنهن ٽولي جي اندران فساد جي بدترين دور ۾ بہ نڪري ايندا آهن. اسان عمومي نتيجو ڪڍي رهيا آهيون. هي هيو اهو موقف جيڪو يهودين اختيار ڪيو! اهي پنهنجن نڪاتن مان نڪتا ۽ علم و تقوا جا سڀ هٿيار سنڀالي تخريب پسندائي منفيت جي مورچن تي وڃي ڄمي بيٺا ۽ انهن عملي طور ڪافرن ۽ مشرڪن کي پنهنجو پورو پورو تعاون پيش ڪري ڇڏيو. انهن حق جي داعي، اسلامي تحريڪ ۽ ان جي ڪارڪنن جي خلاف پيچيون ڪڍيون، ٺٺول ڪئي، نت نوان سوال ۽ اعتراض ٺاهي اجايون ڳالهيون ڪيون، الزام لڳايا، پروپيگنڊا جا طوفان اڀاريا، مخبريون ۽ جاسوسيون ڪيون. مسلمانن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جا منصوبا تيار ڪيا. ڪافر ۽ فاسق هجڻ جون فتوائون ڏنيون. رحمتِ دو عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قتل جون تدبيرون ڪيون ۽ جنگ جي نازڪ (امرجنسي) حالتن ۾ سخت قسم جون غداريون ڪيون. پنهنجي طرفان ننهن چوٽي جو زور لڳايائون. ليڪن شروع ڪان آخر تائين اهي هڪڙي وڏي مغالطي ۾ رهيا، ۽ متقي مزاج ۽ تخريبي مهمن کي اڀارڻ واريون طاقتون هميشہ ان مغالطي ۾ رهنديون آهن (ليڪن بعد وارن کي ان مان سبق وٺڻ جي بہ تہ توفيق ڪونہ ٿيندي آهي) ـــ تہ ڪنهن

اصولي ۽ تعميري تحريڪ جو ٽوڙ اهڙا ماڻهو ڪاميابي سان ڪري سگهن ٿا، جيڪي پاڻ بي اصول هجن، ڪوئي تعميري نقشو نہ رکندا هجن ۽ جيڪي اخلاقي ڏيوالپڻي جي آخري گهراين ۾ ڪريل هجن. حقيقت ۾ اهڙن ماڻهن جو ڪردار (پارٽ) بلڪل ان نوعيت جو هوندو آهي جيئن اپرندڙ سج جي ڪرندڙ شعاع ڪان چڙي چمڙا فضا ۾ پنهنجا پر پکيڙي زماني کي اونداهون ڪرڻ جي پنيان هجن. جيئن گهوڙيسوارن جي ڪنهن دستي جو رستو روڪڻ لاءِ ڪجهہ مڇر ۽ ڪجهہ مکيون پنهنجي پڻ پڻ جو پورو زور ۽ شور ڏيکارين. جيئن چوڏهين جي چنڊ کي ڏسي ڪوئي ڳوناٽو (ڏنار) ان ڏانهن منهن ڪري ٽڪ اچلائي.

جن ماڻهن ۾ خود پنهنجو قدر ۽ قيمت باقي نہ رهيو هجي، جن وٽ ڪوئي جاندار پيغام موجود نہ هجي، جن جو اخلاق ۽ ڪردار زماني جي لاءِ ڪا ڪشش نہ رکندا هجن، ۽ انسانيت کي جن ڪان ڪنهن تعميري خدمت جي توقع نہ رهي هجي، اهي بس بين جو رستو روڪي ۽ انهن تي چٽر ڪري پنهنجو ڪو مقام ٺاهي ڪونہ ٿا سگهن. جن وٽ جمود، فساد، بگاڙ ۽ تخريب ڪان سواءِ زندگيءَ جو سامان باقي نہ رهيو هجي اهي اصلاحي ۽ تعميري ڪم ڪرڻ واري ڪنهن متحرڪ طاقت جي آڏو اچي پنهنجي اندر قدر ۽ قيمت پيدا نٿا ڪري سگهن. آخرڪار اهڙن ماڻهن جي حصي ۾ ذلت ۽ نامرادي ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونهي ايندو. مگر جڏهن جذباتي ردعمل جي وهڪري ۾ وهي ڪا فاسد طاقت انڌي ٿي ويندي آهي تہ پوءِ اها انجام جو ڪونهي سوچيندي، بس اڳتي ۽ اڳتي وڌندي ويندي آهي. يهودين جي فاسد طاقت بہ احساس ڪمتري ۽ ساڙ جي ڪري انڌي ٿي اسلام سان اٽڪڻ لڳي.

يهودين جي ڪردار کي مسلمانن جي ڪردار جي بلڪل سامهون رکي ڏسڻ سان هڪڙو اهو نتيجو بہ نڪري ٿو تہ سچائي جي ڪنهن علمبردار جي صدا تي لبيڪ چوڻ وارن جو اخلاق جيترو بلند ٿي ويندو آهي، ان جي مخالفت ڪرڻ وارن جي سيرتن ۾ ايترو ئي زوال پيدا ٿيندو آهي. مثبت تحريڪ پنهنجي دائري ۾ انسانيت کي جيترو وڌيڪ سنواريندي آهي، منفي ردعمل پنهنجي حلقي ۾ ايترو ئي وڌيڪ فساد ۽ بگاڙ پيدا ڪندو ويندو آهي.

اسلامي معاشري جي انتظامي سربراهہ جي سامهون هڪڙي طرف گهڻو وسيع ۽ مختلف پهلو رکڻ وارو تعميري منصوبو هيو. ٻئي طرف مسلسل اچڻ وارن مهاجرن جي بحالي ۽ انهن کي معاشي سهارو پهچائڻ وارو مسئلو (پرابلم) بہ هيو. ٽئين طرف مڪي جي قريشن طرفان هر گهڙي حملي جو امڪان هيو ۽ ان جي لاءِ دفاعي بندوبست جي ضرورت هئي. انهن سيني مشڪلاتن ۾ اضافو ڪرڻ واري وڏي مشڪل اها هئي تہ مديني جي نئين اڀريل رياست ۽ تشڪيل هيٺ معاشري جي پنهنجي دائري ۾ غدارن ۽ سازشين جو هڪڙو گهڻو وڏو تعداد شرارتون ڪري رهيو هيو. غور ڪيو تہ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جون ذميواريون ڪيتريون نازڪ ۽ پيچيده ٿي ويون

هونديون. خيال ڪيو تہ هڪڙي جان ڪيترن طرح طرح جي مونجهارن ۾ ڏينهن رات قاتل رهندي هوندي. اندازو ڪيو تہ ننڍڙي اسلامي جماعت ۽ ابتدائي مرحلن مان گذرندڙ تحريڪ جان جي کهڙن جُوکن ۾ پئي هوندي ۽ ان سموري صورتحال کي پيدا ڪرڻ جي پڳ (سَهرو) تاريخ ۾ يهودين جي مٿي تي ٻڌل نظر اچي ٿي — جي ها! هڪڙي خدا کي مڃڻ وارن، ابراهيم عليہ السلام ۽ موسيٰ عليہ السلام جي پروانن، توريت جي علمبردارن ۽ علم و فقهہ ۽ تقدس و تقوا جي ٺيڪيدارن جي مٿي تي.

”ہوئے تم دوست جس کے دشمن اس کا آسماں کیوں ہو“

(”تون جنهن جو دوست هجين تہ ان کي ٻئي دشمن جي کهڙي ضرورت“)

شروع ۾ حضورِ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ اسلام کان يهودين کي وڏيون ۽ سُٺيون اميدون هيون. اهي ڏسي رهيا هيا تہ اها نئين طاقت انهن وانگر بنواسماعيل (قريشي) سان اختلاف واري مقابلي ۾ آهي، يهودي جن نبين سڳورن جو نالو وٺڻ وارا هيا انهن کي مڃي ٿي. انهن جي ڪتاب جو احترام ڪري ٿي ۽ انهن جي ئي عبادت واري مرڪز يعني بيت المقدس کي پنهنجو قبلو بڻائي رکيو آهي. ان کان علاوه، انهن جو اهو اندازو هيو تہ آهستي آهستي اسان محمد رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي ساٿين کي پنهنجي اندر جذب ڪري ويندا سين. يهودين جو ذهن حق پرستائي سوچ مطابق ڪونہ سوچي رهيو هيو. بلڪ اها بلڪل سوداگري واري فڪري طرز هئي. اهي سمجهي رهيا هيا تہ اهي اجڙيل وچڙيل ماڻهو جيڪي سَوَن جي تعداد ۾ ائين وچڙي اچي رهيا آهن، انهن کي اسان پنهنجي وٿاڻ جون ٻڪريون بڻائي ڇڏينداسين. ان ئي اميد تي انهن مسلمانن سان بغير ڪنهن بحث مباحثي جي معاهدا ڪري ڇڏيا ۽ ان سياسي تنظيم کي مُهت ڏني، جيڪا مديني ۾ قائم ڪئي پئي وئي. انهن جو اهو اندازو هيو تہ اها سياسي طاقت جيڪا پنهنجا گونچ ڪڍي رهي آهي، اها تہ بس اسان جي کيسي ۾ آهي. اسان جي پيري ۽ مشائخي واريون گاديون انهن کي چِٽني طرفن کان وڪوڙيون پيون آهن ۽ اسان جي علم و تقوا جي ساک ان جي مٿان پنهنجو دامن ڦيلايون پئي آهي. حق ۽ صداقت تائين رسائي حاصل ڪرڻ جي ڪا نيت ڪونہ هئي، فڪر ۽ ڪردار کي سنوارڻ جي ڪا ڪوشش ڪونہ هئي، عاقبت ٺاهڻ جو ڪو بندوبست ڪونہ هيو. صرف ۽ صرف هڪڙي گروهي مفاد جي سياست هئي، جيڪا انهن بدبختن جي سِر تي سوار هئي. انهن جي سمجهہ مطابق تہ جڻ يثرب (مديني) جي ماحول ۾ انهن جي گهرن جي دروازن تي شڪار اچي گڏ ٿي رهيو هيو ۽ اهي پنهنجا ڦندا ۽ ڪوڙڪيون تيار ڪيون تاڙ ۾ وينا هيا. انهن جي نظر ۾ جڻ مڇيون هيون جيڪي جتن جي صورت ۾ ڪناري ڏانهن اچي رهيون هيون ۽ اهي مڇيرا ڪليل واڇن سان مذهبي مڪاري جون ڏورون ۽ ڳنڊيون پاڻي ۾ اڇلائي رهيا هيا. مگر ڪجهہ ئي مدت

جي تجربي مان انهن جي خوش فهمين جو خاتمو ٿيڻ لڳو. انهن کي اسلامي جماعت جَتائي ڇڏيو تہ اها ڪو سستو شڪار ڪونهي، اها هڪڙي اهڙي مضبوط طاقت آهي جو شڪاري انهن جي هٿان خود شڪار ٿي ويندا. انهن جي نظرن سامهون آهستي آهستي هڪڙي انقلابي مزاج واري رياست پروان چڙهڻ لڳي ۽ اها رياست پنهنجي وجود ۾ هڪڙي قلعي وانگر مضبوط ٿيندي وئي. يهودين کي ڪجهہ ڏينهن اندر ئي معلوم ٿي ويو تہ اها رياست جنهن جي ٺاهڻ ۾ دستوري معاهدي جي بنياد تي اهي پاڻ بہ حصيدار آهن، انهن جي هٿن ۾ ڪٺ پتلي بڻجي نٿي سگهي، نہ ان ۾ انهن کي ڪا پير کوڙڻ جي جاءِ ملي سگهي ٿي. انهن ان ۾ پنهنجي لاءِ جيڪو اڳواٽي جو مقام حاصل ڪرڻ گهريو ٿي ان جي باري ۾ جلدي انهن کي نامرادي جو منهن ڏسڻو پيو. ان جي مختلف ادارن ۾ ۽ سرگرمين ۾ انهن گِهري وڃڻ ۽ اختيار حاصل ڪرڻ جون جيڪي ڪوششون ڪيون، ان ۾ وري وري شڪست کاڌائون. ان رياست جي صدر ۽ ڪارڪنن ۽ ان جي اصولن تي ايمان رکڻ وارن شهرين کي انهن پنهنجي هٿ ۾ وٺڻ جا جيترا بہ منصوبا اختيار ڪيا، اهي سڀ ناڪامي جو شڪار ٿي ويا. مورڳو پهرين مرحلن ۾ اهو ٿيو تہ يهودين جي پنهنجن ماڻهن محسنِ انسانيت صلي الله تعالىٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيش ڪيل صداقتن جي سامهون مڃتا ۾ ڪنڌ جهڪائڻ شروع ڪيو. اها "خطرناڪ" انقلابي لهر عام ماڻهن کي ئي نہ پر انهن جي ڪجهہ سرداري هستين کي بہ وهائي ڪڻي وئي، تڏهن انهن جون اکيون کليون. انهن محسوس ڪيو تہ انهن جي تقدس واري پوري بازار اجڙڻ واري آهي ۽ انهن جي واڙ مان هڪ هڪ ڪري سڀ ٻڪريون هٿن مان نڪري وڃڻ واريون آهن. يهودين کي اهو سودو گهڻو مهانگو پئجي ويو. هڪڙي طرف اهي معاهدي مطابق مسلم رياست جي نظام جا پابند ٿي چڪا هيا. ٻئي طرف مسلمانن سان دفاعي مقصد جي لاءِ ٻڌي وارا معاهدا ڪري چڪا هيا، ۽ ٽئين طرف اهي ڏسي رهيا هيا تہ اهو سڀ ڪجهہ جنهن مقصد جي لاءِ ڪيو ويو هيو اهو غارت ٿيندو پيو وڃي. تنهن ڪري اندر ئي اندر انهن منجهہ ساڙ جو اپار پيدا ٿيڻ لڳو ۽ وقت بہ وقت اهو گندو مادو انهن جي اجتماعي بدن جي ناسورن مان وهڻ لڳو. خاص طور تي قبلي جي تبديلي تي تہ اهو جذباتي گند يهودي برادري (سوسائٽي) جي نس نس مان وهڻ لڳو! ان جذبي شروع ۾ شرارت جو رستو اختيار ڪيو ۽ پوءِ اهو تخريبي ڪارروائين جي شڪل ۾ تبديل ٿي ويو. ايستائين جو پنهنجي انتهائي درجي تي پهچي ان غداري جي صورت اختيار ڪري ورتي. اچو! اسان مدني دور ۾ ان جذبي جي ردعمل مان پيدا ٿيڻ وارين انهن مخالفاڻين سرگرمين جو جائزو وٺون، جنهن سان انسانيت جي سڀ کان وڏي خيرخواهہ ۽ ان جي ساٿين کي منهن ڏيڻو پيو ۽ جنهن مان پنهنجو وجود سلامتي سان بچائي ڪيڻ لاءِ اسلامي رياست کي سخت تڪليفون ڏسڻيون پيون.

## چڪتاڻ ـــ ناراضگي:

مدينې جي نئين ابرڻ واري اسلامي جماعت جن ڳورين ذميوارين ۾ گهيريل هئي انهن جي لحاظ کان ان جي هڪڙي هڪڙي ڪارڪن جو ڪردار (پارٽ) وڏو اهم هيو. خاص طور تي اهي ماڻهو جيڪي پهرين صف جا ڪارڪن هيا. انهن مان ڪنهن هڪڙي جي کوٽ بہ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ انهن جي ساٿين جي لاءِ گهڻو وڏو حادثو هيو. ابو امامہ اسعد رضہ بن زراره جنهن کي بنونجار تي نقيب مقرر ڪيو ويو هيو اهڙو ئي اهو مقام رکندڙ هيو. بلڪل ابتدائي دور ۾ ان کي عالمِ آخرت جو سڏ اچي ويو ۽ اسلامي تحريڪ جي صفن مان هڪڙو جليل القدر سپاهي گهٽ ٿي ويو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ ذاتي طور تي اهو صدمو وڏو صدمو هيو. ليڪن ان صدمي کي مدينې جي اسلام دشمن طاقت پنهنجي فسادي پروپيگنڊا جي ذريعي هيٺو ڪري ڇڏيو. يهودي ۽ انهن جو ساٿ ڏيڻ وارا منافق اهو چوندا پئي ڦريا تہ ادا چا آهي. جيڪڏهن اهو محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) سچو نبي هجي ها تہ ان جو اهڙو سرگرم ساٿي اهڙي حالت ۾ چو مري ها. مطلب تہ مخالفن جي گهرن ۾ ان موت تي جڻ ڳهہ جا ڏيئا ٻرڻ لڳا. اها حساس دل جيڪا چئني طرفن کان ڏکن جي حملن جي زد ۾ هئي، اها بہ اهو چوڻ کان سواءِ خاموش رهي نہ سگهي تہ بِئۡسَ الۡمَيِّتُ اَبُو اُمَامَةَ لِيَهُوۡدَ وَ مُنَافِقِي الۡعَرَبِ يَقُوۡلُوۡنَ لَو كَانَ نَبِيًا لَمۡ يَمُتۡ صَاحِبُهٗ وَ لَا اَمۡلِكُ لِنَفۡسِيۡ وَ لَا لِصَاحِبِيۡ مِنَ اللهِ شَيۡئًا.[1] ان ننڍڙي واقعي مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ دشمنن جي دلين جا ڳڙ ڪيترا پچي ويا هيا. بنونجار وارن اچي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي درخواست ڪئي تہ هاڻي اسان جي لاءِ ڪنهن ٻئي کي نقيب مقرر ڪيو. بنونجار جي تسڪين جي لاءِ پاڻ سڳورن خود پنهنجو پاڻ کي مائٽ هجڻ ڪري انهن جو نقيب قرار ڏنو "اَنۡتُمۡ اَخۡوَالِيۡ وَ اَنَا بِمَا فِيۡكُمۡ وَ اَنَا نَقِيۡبُكُمۡ!"

يهودين جن شرطن تي دستوري معاهدي تي صحيحون ڪيون هيون، ان جي ڪري اهي انهي ڳالهہ جي قابل ڪونہ هيا تہ اسلامي تحريڪ کي ڏينهن ڏني جو ترقي کان روڪي سگهن. انهن جي سامهون عام ماڻهو ۽ انهن جا سردار اسلام جي جهنڊي ڏانهن وڌي رهيا هيا ۽ انهن جون گاديون ۽ پيريون، انهن جو خانقاهون ۽ فتواگهر دم ٻوساتيون اهو ڏور رس انقلاب واقع ٿيندو ڏسي رهيا هيا. ايستائين جو حق جي تحريڪ جون لهرون انهن جي گهرن جي دروازن مان اندر داخل ٿيڻ لڳيون. ڪاروباري مذهبيت جي صبر جو پيالو ان حادثي جي پيش اچڻ تي لازمي طور ڇُلڪي ويندو آهي تہ ان جي پنهنجي حلقي جا ماڻهو ـــ خاص طور تي نالي وارا ۽ حيثيت وارا ماڻهو ـــ انهن کان ڏار ٿيڻ لڳن. ٻئي

---

[1] سيرت ابن هشام ج 2 ص 127. "ابوامامہ جو مرڻ عربستان جي يهودين ۽ منافقن لاءِ مصيبت ٿي. چون ٿا تہ جيڪڏهن اهو شخص نبي هجي ها تہ ان جو ساٿي نہ مري ها. حالانڪ الله جي مشيت کان نہ مان پاڻ بچي سگهان ٿو ۽ نہ پنهنجي ڪنهن ساٿي کي بچائي سگهان ٿو."

طرف هر انقلابي تحريڪ جي قوت اڀرندي ئي اهڙي طريقي سان آهي جو جيڪي ماڻهو منفي رجحان سان ان جي مقابلي ۾ ايندا آهن, اها خود انهن جي ئي گهرن مان نوجوان طاقت کي کڻي انهن جي مقابلي ۾ وٺي ايندي آهي. پٽ پيئرن سان, نُنهون سهرن سان, ڌيئرون مائرن سان, پوٽا ڏاڏن سان, غلام آقائن سان اختلاف ڪندي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ڪراڙي مذهبيت جڏهن نوجوان تحريڪ جي ان داخلي حملي جي سامهون اچي ويندي آهي ته اها هڪدم ڪاوڙ ۾ اچي ويندي آهي. ان موڙ تي پهچي ان جي صبر ۽ تحمل جو قطعي خاتمو ٿي ويندو آهي. مديني ۾ تاريخ پنهنجو اهوئي معمول دهرايو. اسان اڳ ۾ بيان ڪري چڪا آهيون ته ڪهڙي زور شور سان سچائي جو ڳاڻ اوچو ٿي رهيو هيو ۽ ڪهڙي تيز رفتاري سان گهرگهر ۾ نئين نظام جو ڳِهنڊ وڃي رهيو هيو. حالتن جي انهي ڦير گير کي ڏسي يهودين کي چڻ نانگ سِنگهي (ڳڱي) ويندو هيو. خاص طور تي جڏهن قبيلن جا سردار ۽ نالي واريون بااثر شخصيتون اسلام جي فطري پڪار تي لبيڪ چونديون هيون ته ساڙ ۽ احساس ڪمتري جي ڪري پوري يهودي معاشري جي بدن تي ڏڪڻي طاري ٿي ويندي هئي. مثال طور انهن جي ڏسندي ڏسندي جنهن ڏينهن ابوقيس ابي انس رضہ حق جي ڪلمي کي دل ۾ جاءِ ڏني هوندي, ان ڏينهن يهوديت جي سيني ۾ ڪهڙا نه ابار اڀرندا هوندا. اهو هڪڙو ناليوارو بزرگ هيو. جاهليت واري دور ۾ ئي طبيعت لاڙو ڪاڏو هيو. محض فطرت جي رهنمائي سان بت پرستي ڇڏي ڏني هئائين. تڙ لاهڻ واري غسل کي لازمي سمجهيائين. حيض وارين عورتن کان پرهيز اختيار ڪيائين. پهريان نصرانيت ڏانهن مائل ٿي ويو مگر رڪجي ويو. پنهنجي گهر ۾ مسجد تعمير ڪيائين جنهن ۾ ناپاڪائي جي حالت ۾ داخل ٿيڻ کان پاسو ڪيائين. چوندو هيو ته مان ابراهيم عليہ السلام جي رب جي ٻانهپ ۽ غلامي ڪيان ٿو. اهو بزرگ ٻڍڙو ٿي ويو هيو. حق جي ڳالهہ چوڻ ۾ وڏي جرئت ڏيکارڻ وارو ۽ جاهليت ۾ الله تعاليٰ جي عظمت جو اعلان ڪرڻ وارو شخص هيو. پنهنجي دلي جذبن کي نظم جي شڪل ڏنائين. ان جا ڪجهہ بيت ڪتابن ۾ نقل ٿيل آهن. اهڙي ذهين ۽ نيڪ سيرت بزرگ جو مقام گهڻو خاص ۽ نمايان ئي هجڻ گهرجي.

ٿي سگهي ٿو ته يهودين جو ان سان بحث مباحثو ٿيندو رهندو هجي ۽ انهن ان بزرگ کي پنهنجي طرف ڇڪڻ جون ڪوششون ڪيون هجن. ليڪن ان شخص جي صالح فطرت ان ۾ حق جي دين لاءِ جيڪو چاهہ پيدا ڪري ڇڏيو هيو. اهواسلام جي دعوت ڏيڻ واري آقا کان سواءِ ڪنهن کان بہ مطمئن ٿي ڪونہ سگهيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مديني پهتا تہ قسمت جي جاڳي پوڻ جي گهڙي اچي وئي ۽ اهو بزرگ تحريڪ جي حلقي ۾ شامل ٿي ويو ۽ بهترين طريقي سان اسلام تي عمل پيرا ٿي ويو. ان واقعي ڪري يهودين ۾ جيڪو ردعمل ٿيو هوندو ان جو ڪجهہ نہ ڪجهہ اندازو تَصوُر جي قوت جي ٻل تي ڪري سگهجي ٿو.

ليڪن ايستائين تہ خير، پوءِ بہ جيڪو ڪجھہ ٿيو دروازي کان ٻاهر ٿيو. سنگين حادثا تہ اهي هيا جيڪي تحريڪ جي گھر اندر گِهري اچڻ تي ظاهر ٿيا. انهن مان يهودين جي ذهني توازن کي بلڪل ڏاوان ڏول ڪرڻ وارو واقعو انهن جي هڪڙي جليل القدر عالم جو ذهني انقلاب هيو. تاريخ شاهد آهي تہ اڪابرن ۾ ـــ چاهي اهي اهلِ دنيا هجن يا اهلِ مذهب ـــ حق کي قبول ڪرڻ جي صلاحيتن جو تناسب گھٽ گھٽ هوندو آهي، ليڪن هر حلقي ۾ صالح فطرت رکڻ وارا فرد ضرور موجود هوندا آهن ۽ اهي صداقت جي سج جي ايرڻ سان اکيون ڦيري تعصب جي غارن ۾ وڃي ڪونہ لڪندا آهن، بلڪ سونهري ۽ چمڪندڙ ڪرڻن جي لاءِ دل ۽ دماغ جون دريون کولي ڇڏيندا آهن. انهن صفن مان توڙي جو ٿورڙا ماڻهو ايندا آهن، مگر جيڪي ايندا آهن اهي وڏي شي هوندا آهن. ڇو تہ انهن کي مفاد ۽ منصبن جا مضبوط زنجير ۽ ڏنڊا ٻيڙيون ٽوڙي اچڻو پوندو آهي. يهودين جي صفن ۾ اهڙو ئي هڪڙو بزرگ عبدالله رضہ بن سلام هيو. اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ ان جو نالو حصين هيو. اهو وڏي پايي جو عالم ۽ متقي هيو ۽ مذهبي اڳواڻ (ليڊ) هيو. ان جو تعلق بنو قينقاع سان هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ملاقات کان پوءِ ان اسلام قبول ڪيو ۽ پنهنجن گھر وارن کي بہ دعوت ڏني ۽ متاثر ڪري ورتو. تنهن ڪري سڀ اسلامي تحريڪ جي حلقي ۾ داخل ٿي ويا. انهن طرفان اسلام قبول ڪرڻ جو داستان ٻڌو جنهن کي ان کان ان جي هڪڙي مائٽ روايت ڪيو آهي.

"مون جڏهن الله جو پيغام آڻڻ واري هستي جي باري ۾ ٻڌو تہ صفتن، سندن نالي ۽ سندن زماني کي سڃاڻي ورتو. ڇو تہ اسان ان جي انتظار ۾ هياسين. سو ان اطلاع تي مان دل ئي دل ۾ خوشي محسوس ڪري رهيو هيس، ليڪن زبان سان ڪجھہ ڪونہ چوندو هيس. جستائين الله جا رسول (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم)مديني اچي پهتا. جڏهن پاڻ سڳورا قبا ۾ بنو عمرو بن عوف جي گھراڻي ۾ پهتا تہ هڪڙو شخص آيو ۽ ان پاڻ سڳورن جي تشريف آوري جو اطلاع مون کي ان وقت ڏنو جڏهن مان پنهنجي کجي جي وڻ جي چوٽي تي چڙهيو پنهنجي ڪم ۾ مصروف هيس. منهنجي ڦڦي خالده بنت حارث هيٺ ويٺي هئي. مون جيئن ئي تشريف آوري جي خبر ٻڌي تہ وڏي آواز ۾ نعره تڪبير هنيو. ڦڦي منهنجو نعرو ٻڌي مون کي چيو خدا توکي غرق ڪري، توکي جيڪڏهن موسيٰ بن عمران جي آمد جي خوشخبري بہ ملي ها تہ تون ان کان وڌيڪ خوشي جو اظهار نہ ڪرين ها.' مون چيو 'ڦڦي جان! خدا جو قسم! اهو موسيٰ بن عمران جو ڀاءُ آهي ۽ ان جي ئي دين تي ڪم ڪري رهيو آهي. هي اهو ئي پيغام کڻي آيو آهي جيڪو موسيٰ عليہ السلام کڻي آيو هيو.' ان تي اها چوڻ لڳي 'اي منهنجا ڀائٽيا! ڇا هي اهوئي نبي آهي جنهن جي باري ۾ اسان کي ٻڌايو ويندو آهي تہ

قيامت جي گھڙي ويجھو اچڻ وقت ان جو ظهور ٿيندو؟' مون چيو 'ها، هي اهوئي تہ آهي.' پوءِ مان خدا جو پيغام آڻڻ واري جي خدمت ۾ پهتس ۽ مون اسلام قبول ڪري ورتو. پوءِ پنهنجن گھر وارن وٽ آيس ۽ انهن کي بہ دعوت ڏني تہ اهي بہ اسلام جي حلقي ۾ داخل ٿي ويا." (سيرت ابن هشام ج 2 ص 138 ۽ 139)

اهو نئون مسلمان عالم جيئن تہ يهودين جي ڪمزورين جو رازدان، انهن جي ساڙيلي نفسيات ۽ انهن جي ذليل ڪردار جو رمز شناس هيو، انهيءَ ڪري چڱي طرح سمجھيائين ٿي تہ سندس ذهني انقلاب تي ڪهڙو تبصرو ڪيو ويندو. قاعدو اهو آهي تہ جڏهن مفاد پرستي جي بنياد تي گروهہ بنديون پيدا ٿي ونديون آهن تہ ڪردار ايترو ڪري ويندو آهي جو سٺي کي سٺو ۽ بري کي برو چوڻ جي بجاءِ پنهنجن برن کي سٺو ۽ ٻين جي سٺن کي خراب چيو ويندو آهي. بلڪ پنهنجي واڙ جي رڍ ڪاري هجي تہ بہ اڇي ڀَٽي ويندي آهي ۽ ٻئي جي رڍ اڇي هجي تہ بہ ڪاري نظر ايندي آهي. وري پنهنجي واڙ جي اڇي رڍ واڙ ٽپي ٻاهر ٽپڻ سان ئي ڪاري نظر ايندي آهي. تنهن ڪري هر دور ۾ اهڙي نموني جي مذهبي ماڻهن جو حال اهو ئي رهيو آهي تہ جيستائين ڪا شخصيت انهن سان گڏ رهندي آهي يا گهٽ ۾ گهٽ ان کان اهو انديشو ڪونہ هوندو آهي تہ ان جون سرگرميون پنهنجي ڪاروبار تي اثرانداز ٿيڻ واريون آهن تہ ان جي خوبين جو ڪليل دل سان اعتراف ڪيو ويندو آهي. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ پوري مبالغي سان ان جي علمي ۽ ڪرداري عظمت بيان ڪئي ويندي آهي، ليڪن وقت جي ڪجھہ گردش سان جڏهن اهڙي شخصيت جو ڪردار (پارٽ) ڪنهن بزرگ جي مذهبي هٽي (مارڪيٽ) جي لاءِ نقصانڪار ٿي ويندو آهي تہ هڪدم ماڻهوءَ جي راءِ پاسو ڦيرائيندي آهي ۽ زبان ۽ قلم ابتا ٿي ويندا آهن. ڪوئي عالم هيو تہ هاڻي جاهل سمجھيو ويندو. مومن هيو تہ هاڻي فاسق ۽ ڪافر سڏيو ويندو. دين ۽ ملت جو خادم هيو تہ هاڻي اهو گمراهہ ۽ گمراهہ ڪندڙ ڀَٽيو ويندو. ادب ۽ احترام جو حقدار هيو تہ هاڻي گارين جو حدف ٿي ويندو. عبدالله بن سلام[1] جي سامهون يهودين جي بگاڙيل فطرت جون اهي ڪمزوريون هيون ۽ ان ٿهيو ڪيو تہ انهن ڪمزورين تان فريب جا پردا هٽرائي ڇڏجن. دل ئي دل ۾ هڪڙي ڊرامي جو نقشو تيار ڪري ان پنهنجي اسلام کي لڪائي رکيو. مناسب موقعي تي محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ آيو ۽ عرض ڪيو تہ يهودي هڪڙو باطل زده گروهہ آهن ۽ انهن جي فسادي لاڙن کي بي نقاب ڪرڻ جي لاءِ توهان مون کي پنهنجي گھر ۾ پردي پويان ويهاريو ۽ انهن جي نظرن کان ڳجھو رکي منهنجي باري ۾ انهن جي راءِ معلوم ڪيو ۽ پوءِ ٻڌو تہ منهنجي اسلام کان واقف نہ هوندي مون کي ڪهڙو مقام ڏين ٿا. چوتہ جيڪڏهن انهن کي منهنجي اسلام

1 لفظ "سَلام" جي لاءِ يهودين جو مقبول اچار (تلفظ) "سلأم" (لام تي شد سان) آهي.

قبول ڪرڻ بابت معلوم ٿي ويو تہ پوءِ اهي مون تي بهتان مڙهيندا ۽ عيب جوئي ڪندا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ائين ڪيو ۽ عبدالله بن سلام کي گهر ۾ اوڏر ۾ ويهاريو ۽ يهودي بزرگ بہ اچي ويا. ڳالهيون ٿيون. سوال پڇندا رهيا ۽ جواب ڏنا ويا. آخر ۾ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پڇيو. "حصين[1] بن سلام توهان ۾ ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي؟" چوڻ لڳا تہ اسان جو سردار آهي ۽ اسان جي هڪڙي سردار جو پٽ آهي. اسان جو هڪڙو مردِ جليل آهي ۽ وڏي پايي جو عالم آهي. جڏهن اهي اهو سڀ ڪجهہ چئي چڪا تہ عبدالله بن سلام اوٽ مان ٻاهر اچي ويو ۽ انهن کي مخاطب ٿي چيائين. "اي يهودي جماعت! خدا جو خوف ڪيو ۽ حضور (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي ذريعي جيڪو دين آيو آهي ان کي پنهنجو ڪيو. چو تہ الله جو قسم! توهان کي چڱي طرح معلوم آهي تہ پاڻ سڳورا الله جا موڪليل رسول آهن. توهان حضور (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جو نالو مبارڪ ۽ پاڻ سڳورن جي صفتن جو تذڪرو پاڻ وٽ توريت ۾ لکيل ڏسندا آهيو سو مان تہ شاهدي ڏيان ٿو تہ حضور (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) الله جا موڪليل رسول آهن ۽ پاڻ سڳورن تي ايمان آڻيان ٿو ۽ پاڻ سڳورن جي تصديق ڪيان ٿو ۽ پاڻ سڳورن کي سڃاڻان ٿو." يهودي پردو کڄڻ واري انهي ڊرامي کي ڏسي گهڻو گهبرائجي (وائڙا ٿي) ويا ۽ چوڻ لڳا. "تون ڪوڙو آهين." ۽ پوءِ عبدالله بن سلام جي پنيان پئجي ويا. اجا ڪجهہ گهڙيون اڳ جنهن شخص کي سردار ۽ عالم ۽ مردِ جليل قرار ڏنو ويو. گهڙي کن ۾ ان کي ڪوڙو ماڻهو چئي رهيا هيا. عبدالله بن سلام رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي عرض ڪيو تہ مون حضور کي اهو ڪونہ ٻڌائي ڇڏيو هيو تہ اهو هڪڙو باطل زده گروهہ آهي. اهي سرڪشي، ڪوڙ ۽ برائي سان سينگاريل ماڻهو آهن. ان دلچسپ طريقي سان عبدالله بن سلام پنهنجن گهر وارن جي اسلام جو اعلان ڪيو. تصور ڪيو تہ يهودين جي دل ۽ دماغ تي ڇا گذري رهيو هوندو. (سيرت ابن هشام ج 2 ص 139)

اهڙو ئي هڪڙو واقعو مشهور بزرگ ۽ عالم مخيريق جو آهي، جيڪو ڪجهہ بعد واري دور ۾ پيش آيو. يعني اُحد واري ڏينهن! يهودين ۾ اهو شخص گهڻو مالدار بہ هيو ۽ کجين جي باغن جو مالڪ بہ هيو. پنهنجي علم جي بنياد تي نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي صفتن مان اهو پاڻ سڳورن کي سڃاڻي ويو هيو. ايستائين جو اُحد وارو ڏينهن اچي ويو ۽ اتفاق سان اهو ڇنڇر جو ڏينهن هيو. ڪنهن مجلس ۾ ان چيو تہ "اي يهودي جماعت! خدا جو قسم! توهان کي خبر آهي تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي مدد ڪرڻ توهان تي لازمي آهي." ان جو مقصد اهو هيو تہ ـــــ مشرڪن جي مقابلي ۾ مسلمان جماعت جي مدد ڪرڻ اصولي طور تي توهان تي واجب آهي، ڇو تہ معاهدي جي لحاظ کان بہ توهان ان

---

1 هي لفظ "حَصِين" بہ آهي ۽ "حُصين" بہ آهي

ڳالهہ جا پابند آهيو تہ پيش ايندڙ ٽڪراءَ ۾ ان ساٿي ڏُر جو ساٿ ڏيو. ان تي يهودين جيڪو جواب ڏنو. اهو حيلہ باز ۽ نڪتہ طراز مذهبي ذهن جي پيانڪ تصوير کي پوري طرح سامهون ڪٽي اچي ٿو. چوڻ لڳا. ”اڄ تہ ڇنڇر جو ڏينهن آهي.“ ان جواب تي مخيريق ڪاوڙ مان چيو. ”توهان جي لاءِ ڪوئي ڇنڇر ڪونهي!“ پوءِ ان فرض شناس مجاهد هٿيار سنڀاليا ۽ شهر مان نڪري اُحد جي ميدان ۾ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان اچي مليو. وڃڻ وقت پنهنجي خاندان وارن سان اها ڳالهہ طي ڪري ويو تہ جيڪڏهن مان اڄ قتل ٿي وڃان تہ منهنجي سموري ملڪيت رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي حوالي ڪئي وڃي ۽ اهي الله تعاليٰ جي رهنمائي هيٺ جنهن طرح گهرن ان کي خرچ ڪن. ايئن اهو جانباز ميدان ۾ ڪم اچي ويو ۽ ان جي ورثي کي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي قبضي ۾ وٺي خرچ ڪيو. البت، ان ڳالهہ ۾ ڪجهہ اختلاف آهي تہ مخيريق اسلام قبول ڪيو هيو يا نہ.

اسلامي تحريڪ جي انهي فاتحاڻي يلغار تي يهودين جي فاسد مذهبيت جو جيڪو باطني رد عمل هيو ان جو اندازو ان سلسلي جي هڪڙي دلچسپ واقعي مان ٿي سگهي ٿو. حضرت صفيہ رضہ بنت حي بن اخطب اها روداد بيان ڪن ٿيون تہ مان پنهنجي پيءُ ۽ چاچي جي نظر ۾ سموري اولاد کان وڌيڪ لاڏلي هيس ۽ ٻئي مون کي هر وقت گڏ رکندا هيا. جڏهن الله جا رسول مديني آيا ۽ قبا ۾ قيام فرمايو تہ منهنجو والد حي بن اخطب ۽ چاچو ابوياسر بن اخطب مُنهن انڌيري وقت ملاقات جي لاءِ ويا. موٽيا تہ سج لهي چڪو هيو. لڳي رهيو هيو تہ گهڻو ٿڪل ۽ پريشان آهن. اهي آهستڙي هلندا پئي آيا. مان معمول مطابق کِلندي انهن ڏانهن ويس، ليڪن الله جو قسم، پريشاني سبب ٻنهي مان ڪنهن بہ مون ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏنو. منهنجو چاچو ابوياسر بابي کي چئي رهيو هيو. ”ڇا هي اهوئي (پيغمبرِ موعود) آهي؟“ بابي چيو. ”ها، خدا جو قسم.“ چاچي وري پڇيو. ”ڇا تون ان کي سڃاڻي ويو آهين، يقين ڪري ورتو آهي؟“ بابي جواب ڏنو. ”ها.“ ان تي چاچي معلوم ڪيو. ”پوءِ ان جي لاءِ تنهنجي دل ۾ ڪهڙو جذبو آهي؟“ بابي چيو. ”دشمني ئي دشمني ـــ جيستائين زنده آهيان، خدا جو قسم!“

اهو هيو يهودين جو اصل ذهن! يعني چڱي نموني سمجهن ٿا تہ انهن جي سامهون اچڻ وارو حق جو داعي آهي. الله جو پيغام آڻڻ وارو آهي. ان جو هر لفظ ان جي سچائي جو شاهد آهي. ان جو پورو ڪردار ان جي مرتبي کي پڌرو ڪري رهيو آهي. ان جو چهرو ان جي سونهن سوڀيا ۽ رعب تاب ان جي نبوت جي ترجماني ڪري رهيا آهن. رڳو سمجهن ڪونہ ٿا پر اڪيلائي ۾ ويهي اقرار بہ ڪن ٿا، ليڪن ايمان ۽ اطاعت جي واٽ اختيار ڪرڻ جي بجاءِ مخالفت ۽ دشمني جو عزم ڪن ٿا. يهودين ۾ اها فطرت عام هئي. سج نڪري ٿو تہ ڪير نٿو ڄاڻي تہ روشني جو طوفان اچي ويو. انسان ۽ حيوان تہ خير اکيون رکن ٿا. گاهہ جي هڪڙي تيلي کي خبر پئجي ويندي آهي تہ اهو ٽيڻ

وارو واقعو ٿي ويو جيڪو هرڪاري رات جي پڇاڙي تي روزانو ٿيندو آهي. بلڪ حرارت ۽ گرمي مٽي جي ٻي جان ذرن ۽ پاڻي جي ڦڙن ۽ هوا جي لهرن کي پڻ اها سڃاڻپ ڏئي ڇڏيندي آهي ته روشني جو پيغامبر جلوه گر ٿي ويو. سج جو اڀرڻ ته اهڙو وڏو انقلابي واقعو هوندو آهي جو ان کي چمڙا ۽ ڇپرا به سڃاڻي ويندا آهن. انهن جي گندي فطرت جو بس امتيازي شان اهو هوندو آهي ته روشني ٿيڻ تي ٻي دنيا جون ته اکيون کلي ونديون آهن پر انهن جون اکيون بند ٿي ونديون آهن. بلڪ انهن جي لاءِ سج جي نڪرڻ جي نشاني ئي اها هوندي آهي ته انهن جون اکيون ڇُنجهيون ٿي ونديون آهن. انسان ايترو انڌو ٿي نٿو سگهي جو ان جي سامهون الله جا نبي سڳورا معجزن واري مرتبي تي پهتل عِلم ۽ ڪردار سان جلوه گر ٿين ۽ اُهو اِهو محسوس نه ڪري سگهي ته ڪا عظمت واري ۽ غيرمعمولي اهميت واري شخصيت پيدا ٿي آهي. انسان ڏسي ٿو سمجهي ٿو ڄاڻي ٿو ۽ ڄاڻڻ کان پوءِ اکيون بند ڪري ٿو. پوءِ به جيڪڏهن روشني اکين جي ڇپرن جي پردن کي چيري اندر وڃي پهچي ٿي ته اکين تي پٽي ٻڌي ٿو. هٿن سان انهن کي پڪوڙي ڇڏي ٿو. منهن واري ۾ لڪائي ڇڏي ٿو. ڪمرن جا دروازا ۽ دريون بند ڪري انهن تي ڪارا پردا لڙڪائي ڇڏي ٿو. ڇوندا آهن ته ستل کي جاڳائي سگهجي ٿو جاڳيل کي جاڳائڻ ممڪن ڪونهي هوندو. نيڪ اهڙي طرح اڻ ڄاڻ کي علم ڏئي سگهجي ٿو ليڪن ڄاڻ رکڻ واري کي اڻ ڄاڻ ٿي وڃڻ تي جهالت واري دنيا مان ٻاهر ڪڍي نٿو سگهجي. بلڪل اهو حال هيو جنهن ۾ يهودين جي اڪثريت ۽ خاص طور تي انهن جا وڏا عالم وڃي ڪريا هيا. قرآن شريف به انهن جي ان فساد جي نشاندهي ڪندي چيو "يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ" يعني اهي حق ۽ حق جي دعوت ڏيڻ واري (داعي) کي بلڪل چڱي طرح ايئن سڃاڻن ٿا جيئن پنهنجن ٻارن کي ڄاڻندا ۽ سڃاڻندا آهن. (البقره آيت 146)

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اعليٰ مرتبي کي ڏسي يهودين جا سردار ۽ عالم سڙندا هيا ۽ جيئن جيئن عام ماڻهو ۽ انهن جي پنهنجي ٽولي جا ماڻهو نئين دعوت ڏانهن وڌي رهيا هيا. انهن جي دلين جي فضا ۾ سختي ۽ ناراضگي وڌندي پئي وئي.

## مناظري وارا سوال:

بگڙيل مذهب وارن جي دلين ۾ جڏهن ڪنهن اثرائتي دعوت ۽ ڪنهن اڳتي وڌندڙ تحريڪ ۽ ڪنهن جليل القدر داعي جي خلاف ساڙ پيدا ٿي ويندو آهي ۽ آهستي آهستي طاقت پڪڙي ويندو آهي ته اهي افهام و تفهيم جا دروازا بند ڪري مناظري وارو آڪاڙو کولي ڇڏيندا آهن. مناظري جي جوش (اسپرٽ) سان جيڪي سوال ۽ شڪ ڪيا ويندا آهن, انهن جي نيت يا مطلب اهو ڪونه هوندو آهي ته هڪڙي ڳالهه کي سمجهڻو آهي, بلڪ مقصد اهو هوندو آهي ته سولي سِڌي ڳالهه کي سمجهڻوئي ڪونهي. يعني

مناظري جو روح آهي "مان نہ ميان". ليڪن مقصد ايترو بہ ڪونہ هوندو آهي، بلڪ گهڻي قدر مقصد اهو هوندو آهي تہ عام ماڻهن کي حق جي طلب جي فطري واٽ کان هٽائي، شڪ ۽ شبهن جي چار ۾ ڦاسايو وڃي ۽ اهي سادن دليلن کان هٽي نظري سوالن جي چڪر ۾ پئجي وڃن. اهي دعوت جي عقلي قدروقيمت ۽ ان جي اخلاقي اثرن کي جاچڻ جي بجاءِ پيچيده فني (ٽيڪنيڪل) مسئلن جي گورک ڌنڌي ۾ ڦاٿل رهن. علماءِ سوءِ پنهنجي باري ۾ تہ سو سيڪڙو اطمينان رکندا آهن تہ اسان کي دعوتِ حق ڪڏهن بہ ختم ڪري نٿي سگهي، انهن کي پنهنجين سونين جهرڪين جو هٿن مان نڪري وڃڻ جو ڊپ هوندو آهي. انهن جي حفاظت لاءِ اهي ٽيڏن ڦڏن سوالن جي ڪانن (تيلين) جو پڃرو ناهيندا آهن. يهودين جا علماءِ سوءِ بہ ان کان سواءِ ٻيو ڇا ڪن ها؟

عبدالله رضہ بن سلام جي اسلامي تحريڪ ۾ شامل ٿي وڃڻ کان پوءِ يهودين مناظراڻن بحثن ۽ ڪاوشن جي مورچن قائم ڪرڻ تي پورو پورو ڌيان صرف ڪيو ۽ اجاين بحثن جون ڳوٺريون (ترڪش) کولي تحريڪ اسلامي تي منطقيت جا تير وسائڻ شروع ڪري ڇڏيا. مگر اها سموري جنگي ڪارروائي بہ ڪليل مورچن مان نہ منافقت جي اوٽ مان جاري ڪئي وئي، اهي تقوا جا عادي بزرگ حق کي تلاش ڪرڻ وارن جا وٽندڙ ٻهروپ ڌاري اسلامي تحريڪ جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندا هيا. پوءِ ڳالهين ڳالهين ۾ مسيٽا ٿي مختلف سوال ڪندا هيا.

هڪڙي گڏجاڻي ۾ حضور رسالتماب صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون انهن هي سوال ڪيو: "خلق کي جڏهن الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي تہ آخر خود الله تعاليٰ کي ڪنهن پيدا ڪيو؟" توهان ذهن جو ٽيڏ ڏٺو! ـــــ يهودي خود ان خدا تي ايمان رکڻ جا دعويدار هيا. ان جي پيغمبرن جا مڃيندڙ ۽ ان جي ڪتاب جا علمبردار هيا. اهي الله کي ڀهريان کان ڄاڻندا هيا. ان جي صفتن کان آگاهہ هيا. ليڪن ان ئي الله طرف جڏهن اسلام سڏيو تہ الله جي باري ۾ انهن جي دلين ۾ گهڻو وڌو شڪ پيدا ٿي ويو ۽ انهن جي سوال جو ڇڻ ظاهري مطلب اهو هيو تہ جيڪڏهن اهو شڪ دور ٿي وڃي تہ پوءِ انهن جي لاءِ اڳتي وڌڻ جو رستو کلي ويندو. ليڪن سوال جو چڪر ٻڌائي رهيو آهي تہ مقصد هدايت جي طلب ڪونهي، بلڪ ماڻهن کي هدايت کان بچڻ لاءِ فرار جو رستو ڏيکارڻو آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان ٽيڏي سوال جو گهڻي سولي ۽ سڌي طريقي سان جواب ڏنو. يعني سنجيدگي سان سورت اخلاص (قل هوالله) پڙهي. "چئو (اي محمد ﷺ) تہ الله اڪيلو آهي، اهو بنا ساٿي آهي، نہ ان جي ڪا اولاد آهي ۽ نہ اهو ڪنهن جي اولاد آهي ۽ ڪوئي ان جو همسر نٿو ٿي سگهي." (ڏسو حيات محمد ﷺ از محمد حسين مصري)

اڄ توهان کي هڪڙي ٻي دلچسپ گفتگو واري مجلس ۾ وٺي ٿا هلون. يهودين جا ڪجهہ نالي وارا عالم هڪڙي ڏينهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مجلس

۾ آيا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان جي چئن سوالن جو جواب ڏيو تہ پوءِ اسان توهان جي دعوت قبول ڪنداسين ۽ توهان جي اطاعت ڪنداسين. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو هاڻي انهي واعدي جي ذميواري توهان تي آهي، توهان کي جيڪو بہ پڇڻو آهي اهو پڇو. سوالن جو سامهون اچڻ کان اڳ توهان ڪجهہ پاڻ اندازو ڪيو تہ اسلامي تحريڪ جي ماهيت کي سمجهڻ جي لاءِ معقول ماڻهن جي طرفان ڪهڙي قسم جي سوالن جي توقع ڪئي وڃي. اهي پڇن ها تہ بنيادي سچائين جي باري ۾ پڇن ها، اسلام جي اخلاقي قدرن جي باري ۾ پڇن ها، مسلمان ٿيڻ جي شرطن ۽ لوازمات جي باري ۾ پڇن ها، پنهنجي زندگي سان تعلق رکڻ وارن بين علمي مسئلن جي متعلق پڇن ها، ليڪن اتي انهن ڳالهين سان مورڳو ڪا دلچسپي ئي ڪونہ هئي. انهن پنهنجي علم ۽ ڏاهپ جو مظاهرو ڪرڻ جي لاءِ هڪ بئي پٺيان هي سوال ڪيا:

1. ٻار ماءُ سان مشابهت رکندڙ ڇو هوندو آهي جڏهن تہ اهو پنهنجي پيءُ جي نطفي مان تشڪيل ٿيندو آهي؟
2. توهان جي ننڊ جي ڪيفيت ڪهڙي هوندي آهي؟
3. اسرائيل (يعقوب عليہ السلام) پنهنجي مٿان ڪهڙيون شيون حرام ڪري ڇڏيون هيون ۽ ڇو؟

تحريڪ اسلامي جي حقانيت کي انهن ڪسوٽين تي پرکيو پئي ويو! البت چوٿون سوال ڪجهہ نہ ڪجهہ سڌو سنئون دعوت ۽ تحريڪ سان تعلق رکندڙ هيو.

4. روح الامين (وحي آڻڻ وارو فرشتو) ڇا آهي؟

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سڪون سان هڪڙي هڪڙي سوال جو جواب ڏنو ۽ آخري سوال جي جواب ۾ فرمايو تہ توهان پاڻ ان جي باري ۾ ڄاڻو ٿا تہ اهو جبرائيل عليہ السلام آهي ۽ اهو ئي مون وٽ ايندو آهي.

سڀ سوال ٿي ويا. جواب سامهون اچي ويا. انهن جوابن مان ڪنهن جي بہ ترديد ڪونہ ڪئي وئي. بلڪ هرهڪ تي چيو "اَللّٰهُمَّ نَعَم" يعني الله جو قسم، ٺيڪ آهي![1]

توهان توقع ڪري رهيا هوندا تہ انهن جوابن کان پوءِ انهن اسلام جي لاءِ دلين جا دروازا کولي ڇڏيا هوندا. هرگز نہ! آخري ڳالهہ تي اهي چوڻ لڳا. "پر، اي محمد! (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جبرائيل تہ اسان جو دشمن آهي، هي اهو فرشتو آهي جيڪو جڏهن بہ اچي ٿو تہ مصيبت ۽ خون خرابي جو پيغام کڻي اچي ٿو." مطلب اهو هيو تہ اهو جڏهن الله جي طرفان دين جي علمبرداري جو مطالبو آڻي ٿو تہ هڪڙي اٽڪر ڪشمڪش ٿي وڃي ٿي، طرح طرح جا نقصان سر تي اچي وڃن ٿا ۽ وڏا زخم کائڻا پون ٿا. بلڪ نوبت جهاد تائين پهچي وڃي ٿي. ان سان اسان جي نٽي لڳي. "بس ان فرشتي جي دشمني آڙي نہ اچي ها تہ پوءِ اسان ضرور توهان جو ساٿ ڏيون ٿا ۽ توهان جي نقش قدم تي هلون ها." يعني دعوت ٺيڪ، پيغام برحق، تحريڪ درست، مگر ان جي پس منظر ۾

---

[1] سيرت ابن هشام ج 2 ص 167 ۽ 168.

الله جنهن فرشتي کي آڻي بيهاريو آهي، ان سان اسان جي دعا سلام ختم ٿي چڪي آهي. لهٰذا جتي اهو هوندو اتي اسان اچي نٿا سگهون! چاهي فرشتو الله جو مقرر ڪيل ۽ مقرب هجي. انهن ماڻهن جون ڪهڙيون نہ ابتيون ڪوڙيون هيون!

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جو جواب قرآن شريف جي لفظن ۾ اهڙو ڏنو جو بس ٻڌڻ وارن کي هميشہ ياد رهيو هوندو. فرمايو. "قُلْ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّجِبْرِيْلَ فَإِنَّهٗ نَزَّلَهٗ عَلٰى قَلْبِكَ بِاِذْنِ اللّٰهِ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَهُدًى وَّبُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ٥" چئو (اي محمد ﷺ) تہ جيڪو بہ جبرائيل جو دشمن هجي تہ (اهو ڪن کولي ٻڌي ڇڏي تہ) قرآن کي الله تنهنجي دل تي پنهنجي فرمان موجب نازل ڪيو آهي جيڪو پاڻ کان اڳ آيل ڪتابن جي تصديق ڪري ٿو. ۽ ايمان آڻڻ وارن جي لاءِ (دشمني ۽ مصيبت ۽ خون خرابي جو پيغام ڪونهي بلڪ) هدايت ۽ خوشخبري جو ذريعو آهي.(سورت البقره آيت 97)[1]

هڪڙو بيو بحث پيدا ٿي ويو. سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪنهن موقعي تي نبين سڳورن جي سلسلي ۾ حضرت سليمان عليہ السلام جو ذڪر ڪيو. ان تي يهودين جي حلقن ۾ هل هنگامو ٿي ويو. هر طرف چيو ويڃڻ لڳو. "توهان محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي انوکي ڳالهہ ٻڌي؟ چوي ٿو تہ سليمان بن دائود عليهم السلام بہ نبي هيو! خدا جو قسم، اهو تہ بس هڪڙو جادوگر هيو." (نعوذ بالله). تنهن ڪري قرآن شريف ان واهيات گوڙ گهمسان جي ترديد ڪئي تہ جادوگري تہ هڪڙي ڪافراڻي حرڪت آهي ۽ حضرت سليمان عليہ السلام ڪڏهن بہ اها حرڪت ڪونہ ڪئي. بابل واري کوهہ (چاهِ بابل) جا جيڪي قصا مشهور آهن، اهي تہ شيطان جا ڪرشما هيا.[2]

## طوفان اٿلي پيو:

اسلامي تحرڪ جي شروعاتي دور ۾ يهودي گهڻا ئي اهڙا پهلو ڏسي رهيا هيا جن جي بنياد تي انهن کي اها آس لڳي رهي تہ آهستي آهستي اها تاريخي طاقت اسان جي هٿ ۾ اچي ويندي. قرآن شريف ۾ بني اسرائيل جي عالمي فضيلت جو ذڪر هيو__ اَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ٥ (البقره آيت 47) انهن جي نبين سڳورن جي نبوت جي تصديق هئي، انهن جي مقدس ڪتاب جي حقانيت جي شاهدي هئي. انهن جي سامهون تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍۢ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ (آل عمران آيت 64) جي جذبي (اسپرٽ) سان دين جي مرڪزي حقيقت کي اجاگر ڪيو پئي ويو.

حضور سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مشرڪن جي طور طريقن جي مقابلي ۾ يهودين جي ڪجهہ طريقن کي پسند فرمايو ٿي. مثال طور، مشرڪ وارن ۾ سينڌ

---

[1] تفسير ابن ڪثير: ج 1 سورت بقره. پوري تفصيل لاءِ ڏسو تشريح آيت 97.
[2] سيرت ابن هشام ج 2 ص 168 ۽ 169

ڪيندا هيا ۽ يهودي ڪونہ ڪيندا هيا. سو پاڻ سڳورن ان معاملي ۾ مشرڪن جي مخالفت ڪئي ۽ يهودين سان موافقت! جن معاملن ۾ قرآن شريف ۾ اچا الله تعاليٰ طرفان ڪوئي حڪم ڪونہ آيو هيو ان ۾ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اهل ڪتاب جي موافقت ڪندا هيا.[1] مديني ۾ يهودي عاشوري جي ڏينهن جو روزو رکندا هيا. پاڻ سڳورن بہ ان ڏينهن روزو رکيو ۽ مسلمانن لاءِ عاشوري جو روزو رکڻ پسند فرمايو. ڪنهن يهودي جو جنازو گذرندو هيو تہ پاڻ سڳورا اٿي بيهندا هيا. سڀ کان وڏي ڳالھ تہ مسلمانن جي لاءِ نماز ۾ قبلو بيت المقدس هيو. اها هڪڙي کليل علامت هئي تہ اسلامي تحريڪ مشرڪن جي مقابلي ۾ اهل ڪتاب سان گهڻو ويجهو آهي. درحقيقت اصل ڳالھ تہ اها هئي تہ يهوديت جو ڍانچو (قالب) تہ ان مذهب جي مفاد پرست مولوين ۽ پيرن پوري طرح مسخ ڪري ڇڏيو هيو ۽ اهو ڍانچو بي جان بہ ٿي چڪو هيو. ليڪن موسيٰ عليہ السلام جيڪو دين کڻي آيو هيو اهو اهو ئي اسلام هيو جنهن کي سيني نبين سڳورن شرطن جي ٿورن گهڻن فرقن سان پيش ڪيو هيو ۽ هاڻي ان کي ئي محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم دنيا جي سامهون پيش ڪري رهيا هيا. بلڪ هڪڙي نظام جي صورت ۾ برپا ڪري رهيا هيا. اهو ئي رشتو هيو جنهن جي بنياد تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي بہ اميدون هيون تہ يهودي اسلامي جدوجهد کي جيئن جيئن سمجهندا تہ ان جو خير مقدم ڪندا ۽ ان ڪم کي پنهنجو ڪم سمجهندا. انهن کي خوشي ٿيندي تہ الله جي نالي جو جهنڊو بلند ٿي رهيو آهي ۽ نبين سڳورن جا ڏنل اخلاقي اصول نظامِ زندگي جو بنياد بڻجي رهيا آهن ۽ شريعتِ تورات جي اصل قدرن جا وساميل ڏيئا ازسرنو روشن ڪيا پيا وڃن. انهن ئي اميدن جي فضا ۾ قرآن شريف پنهنجي دعوت اٿين پيش ڪئي هئي تہ اصل سوال گروهہ بندين جو ڪونهي، بلڪ اصول ۽ عمل جو آهي. يهودين مان، عيسائين مان، صابين مان، ۽ خود اسلام جو نالو وٺڻ وارن مان جيڪو حقيقي طور الله ۽ ان جي قانون، ۽ ان جي نبين سڳورن جي دعوت ۽ قيامت جي ڏينهن حساب ڪتاب تي ايمان رکي ۽ پوءِ پنهنجي زندگي کي عمل صالح بڻائي ڏيکاري تہ بس اها شي آهي جنهن جي گهرج آهي. اصل شي نالو ڪونهي، ڪم آهي. ٺپي جي ضرورت ڪونهي، اصل مال جي آهي. نسبتون مقصد ڪونهن، سيرتون آهن. مسئلو ڪنهن ڌڙي يا جٿي جي مفاد جو ڪونهي، انسانيت جي گڏيل خيروفلاح جو آهي. ليڪن نہ يهودين جي طرف کان اسلامي تحريڪ جون اميدون پوريون ٿيون، نہ اسلامي تحريڪ طرفان يهودين جون مرادون پوريون ٿيون.

اسلامي تحريڪ هڪدم هڪڙو انقلابي موڙ کاڌو. اهو موڙ قبلي جي تبديلي وارو واقعو هيو! اسلامي تحريڪ جي هر دور ۾ بنيادي فطرت اها رهي آهي تہ اها پنهنجي

---

1 بخاري ڪتاب اللباس

امتيازي وجود کي نمايان رکڻ گهرندي آهي ۽ پنهنجن فردن جي اندر اصولي ۽ اعتقادي خودي کي زندھ رکڻ گهرندي آهي. مڪي ۾ انهي تقاضا موجب بيت المقدس کي قبلو بڻايو ويو هيو تہ جيئن اسلامي نظريي جي علمبردار جماعت کي پنهنجي الڳ ٿلڳ حيثيت جو احساس هجي. تنهن ڪري هجرت تائين جي ڏکهي دور ۾ مسلمانن مشرڪن جي مقابلي ۾ پنهنجي مختلف حيثيت جو پوري طرح احساس ڪري ورتو ۽ خود مشرڪن کي بہ احساس ٿي ويو تہ اهي ۽ مسلمان ٻن الڳ الڳ طرفن ۾ حرڪت ڪرڻ واريون طاقتون آهن. ان ئي شعور ۽ احساس جي تڪميل هئي جنهن جو اظهار "لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ ۝" (الڪافرون آيت 6) جي مختصر قرآني لفظن ۾ ڪيو ويو. ڳالھ پوري طرح چٽي ٿي وئي تہ توهان جي واٽ الڳ، اسان جو رستو جدا. اسان ۽ توهان جو ڪوئي ميل جول ڪونهي.

هاڻي مديني ۾ اچڻ ڪري مونجهاري جو جيڪو بہ انديشو هيو اهو اهلِ ڪتاب سان هيو، ۽ هاڻي انهي ڳالھ جي ضرورت هئي تہ اسلامي تحريڪ کي اهلِ ڪتاب جي بي روح مذهبيت کان الڳ سڃاڻپ وارو رکيو وڃي، ۽ اسلامي معاشري کي ذهني طور يهودي معاشري ۾ تحليل ٿيڻ کان بچايو وڃي. هاڻي مڪي واري دور جي اها ضرورت ختم ٿي چڪي هئي، جنهن موجب بيت المقدس کي عارضي طور قبلو بڻايو ويو هيو. اهوئي سبب هيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حقيقت شناس دل ڀيريان ڪانِ ئي ان تبديلي جي انتظار ۾ هئي ۽ ان جو ذڪر خود قرآن شريف ۾ آهي تہ "قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ". (*"اي نبي! اهو تنهنجي منهن جو وري وري آسمان ڏانهن مٿي ڪجڻ اسان ڏسي رهيا آهيون." سورت البقره آيت 144.)

قبلي جي تبديلي جو فرمان جاري ڪري حقيقت ۾ زندگيءَ جي سلطنت جي حقيقي فرمانروا بني اسرائيل کي عالمي امامت جي منصب تان هٽائي ڇڏيو ۽ ان جي جاءِ تي ملتِ اسلام کي مقرر فرمايو. عالمي خيروفلاح جي دعوت جو جيڪو مرڪز اڳ ۾ بيت المقدس ۾ هلندو پئي آيو اهو هاڻي حرمِ ڪعبہ ڏانهن منتقل ڪيو ويو. مسلمانن کي امتِ وسط يعني عالمي دعوت جو مرڪزي گروھ قرار ڏنو ويو، جنهن تي شهادت علي الناس جي ذميواري وڌي وئي ۽ سموري انساني لڏي جي رهنمائي جو فرض سونپيو ويو.

سورهن مهينن تائين مديني ۾ بيت المقدس ڏانهن منهن (رُخ) ڪري نماز ادا ڪئي ويندي رهي. رجب يا شعبان 2 هجري جو واقعو آهي تہ ابن سعد جي روايت جي موجب سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بشررضہ بن براء بن معرور وٽ دعوت تي ويا هيا. اتي ٻيپهري (ظهر) جو وقت ٿي ويو ۽ پاڻ سڳورا ماڻهن کي نماز پڙهائڻ لڳا. ٻہ رڪعتون پڙهائي چڪا هيا تہ ٽين رڪعت ۾ هڪدم وحي جي ذريعي هي آيت نازل ٿي "فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰىهَا فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۚ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ" چيو ويو تہ "ڇڱو اسان توکي ان قبلي ڏانهن ڦيريون ٿا جنهن کي تون پسند ڪرين ٿو.

سو (هاڻي) مسجد حرام جي طرف منهن (رُخ) ڦيرائي ڇڏ. هاڻي جتي بہ هجو، ان جي طرف ئي منهن ڪري نماز پڙهندا ڪيو.“ (سورت البقره آيت 144)

ان حڪم پڌرڻ سان ئي الله جو سيني کان وڌيڪ اطاعت گذار ٻانهو نماز جي حالت ۾ ئي منهن ڦيرائي ڇڏي ٿو ۽ ان سان گڏوگڏ ان جي تابعداري ڪرڻ وارا سڀ نمازي نئين قبلي ڏانهن منهن ڦيرائي ڇڏين ٿا. بيت المقدس مديني کان سڌو اتر ۾ آهي ۽ مڪو ڏکڻ ۾. نماز جي حالت ۾ قبلي جي تبديلي جي معنيٰ اها ٿي تہ امام کي جماعتين جي سامهون کان سڌو پٺيان اچڻو پيو هوندو ۽ نمازين جي صف کي بلڪل پٺئين پيرين گهمڻو پيو هوندو. ان کان پوءِ مديني ۽ ان جي پرپاسي وارن ڳوٺن ۾ عام پڙهو ڏياريو ويو. براء رضہ بن عازب جو بيان آهي تہ هڪڙي جاءِ تي پڙهو ڏيڻ واري جو آواز ان حالت ۾ پهتو جو ماڻهو رڪوع ۾ هيا ۽ انهن اعلان پڌرڻ سان ئي ان حالت ۾ ڪعبي ڏانهن منهن ڦيرايو. انس رضہ بن مالڪ جي روايت آهي تہ بنوسلمہ وارن وٽ اهو اطلاع ٻئي ڏينهن صبح (فجر) جي نماز دوران پهتو. ماڻهو هڪڙي رڪعت پڙهي ٻي ۾ هيا تہ پڙهو ڏيڻ واري جو آواز پڌو ۽ اهو پڌرڻ سان ئي پوري جماعت پنهنجو رُخ بدلائي ڇڏيو. (تفهيم القرآن ج 1 ص 119 کان 121)

ان تبديلي جي ڪري جيڪو هنگامو برپا ٿيڻو هيو ان جي باري ۾ قرآن شريف اڳ ۾ ئي مسلمانن کي آگاهہ ڪري ڇڏيو هيو. سَيَقُولُ السُّفَهَآءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلّٰىهُمْ عَنْ قِبْلَتِهِمُ الَّتِيْ كَانُوْا عَلَيْهَا (البقره آيت 142) يعني نادان ۽ حقيقت کي نہ سمجهڻ وارا ماڻهو هل هنگامي جو طوفان اٿاريندا تہ انهن ماڻهن ڪهڙي سبب قبلو تبديل ڪيو آهي. طرح طرح جون چميگويون ٿينديون. عجيب ۽ غريب ذهني رد عمل ظاهر ٿيندا، ۽ تعلقاتن ۽ رابطن تي وڏو اثر پوندو. مسلمانن کي پروپيگنڊا جي اچڻ واري طوفان ۾ مضبوط موقف سان بيهڻ لاءِ قرآن شريف قبلي جي تبديلي جي معنويت کي اڳ ۾ ئي انهن کي ذهن نشين ڪرائي ڇڏيو هيو. انهن کي ٻڌايو تہ اڳ ۾ بيت المقدس کي قبلو بڻائڻ مان اها غرض هئي تہ عربيت جي بت کي ٽوڙيو وڃي. ڇو تہ عرب پنهنجي قومي دائري کان ٻاهر واري ڪنهن بہ شي جو قدر ۽ اهميت مڃڻ جي لاءِ تيار ڪونہ هيا. هاڻي بيت المقدس کان ڪعبي ڏانهن منهن ڦيرائڻ جو مطلب اهو آهي تہ اسرائيليت جو بت بہ ٽُٽي وڃي. هڪڙو ڪم اڳ ۾ ٿي چڪو هيو ٻيو هاڻي ڪيو ويو. عربيت جا پوڄاري اڳ ۾ ڪنڊڙي ويا هيا ۽ اسرائيليت جا پوڄاري هاڻي ڪنڊڙي ويندا. اهڙي طرح نفاق جي اڌوهي کان نئون اسلامي معاشرو پاڪ ٿي سگهندو. هاڻي ان حلقي ۾ اهي ماڻهو رهندا جن جي نظر ۾ اصل احترام الله جي فرمان ۽ ان جي رسول جي سنت جو آهي. جيڪي ان حقيقت تي ايمان رکندا هجن تہ مشرق ۽ مغرب سڀ الله جا آهن ۽ اطاعت جو اصل مرڪز اهو آهي. ان کان علاوہ، جيڪي ان ڳالهہ جي راز کان واقف آهن تہ نيڪي مشرق يا مغرب ڏانهن منهن ڪرڻ جو نالو ڪونهي، بلڪ شريعت جي انهن ظاهري صورتن جي اندر ڪم ڪرڻ واري جنهن

روح جو نالو نيڪي آهي اهو الله تعاليٰ تي، آخرت جي ڏينهن تي، فرشتن تي، الله جي ڪتابن ۽ ان جي رسولن تي ايمان رکڻ ۽ ان جي واٽ ۾ پنهنجو مال خرچ ڪرڻ آهي. سو قبلي جي توهان کي ظاهري طريقي کي قائم ڪرڻ ۾ جنهن ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي اها آهي تہ اِسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ (البقره آيت 148) يعني نيڪيون ڪرڻ لاءِ تڪڙ ڪيو ۽ پلائيين ڏانهن منهن ڪيو. توهان کي گهرجي تہ توهان الله جي وڏي کان وڏي ڦيرڦار واري ۽ انقلابي حڪم جي تعميل ڪرڻ ۾ ڪنهن مخالف طاقت کان نہ ڊڄو. صرف ان هڪڙي کان ڊڄو. ان جو مطالبو آهي تہ "فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِ " (البقره آيت 150)

قرآن شريف ڪائنات جي حاڪم جو فرمان ٻڌائڻ سان ئي چئي ڇڏيو تہ اهو واقعو ايمان ۽ يقين وارن کان سواءِ ٻئي هر ڪنهن کي ڌڪيو لڳندو. ان تي جڏهن هنگامو برپا ٿيندو تہ گهبراهٽ ڇائنجي ويندي ۽ گهٽي گهٽي ۾ اهي اجايا بحث شروع ٿي ويندا جو ڪمزور ماڻهن جا مٿا چڪر کائڻ لڳندا ۽ جذبات ۾ هلچل مچي ويندي. هاڻي ٻڌو تہ هل هنگامو ڪهڙو ٿيو.

مشرڪن چيو تہ ڏسو هاڻي تہ ڪجهه هوش ٺڪاڻي لڳن. اسان جو قبلو اختيار ڪيو آهي تہ آهستي آهستي اهي ماڻهو اسان جي مذهب ڏانهن خودبخود موٽي ايندا.

يهودين چيو تہ اسلام جي داعي اسان جي مخالفت جي جوش ۾ نبين جي قبلي کي ڇڏي ڏنو. حالانڪ جيڪڏهن اهو نبي هجي ها تہ ڪڏهن بہ ان قبلي کي نہ ڇڏي ها.

نفاق جا مريض چوندا هيا تہ ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جو صحيح قبلو ڪيڏانهن آهي. جيڪڏهن پهريون قبلو برحق هيو تہ هاڻي اهو ڇڏي ڏنو ۽ هاڻي، جيڪڏهن. هيو قبلو درست آهي تہ پهريان جيڪو ڪجهه هيو اهو غلط هيو. قبلو ڇا ٿيو ڇڻ کيل آهي. جيڏانهن دل گهريو اوڏانهن رخ ڪري ڇڏيو تہ اهو سمور مذهب ئي بس مرضي جو کيل آهي.

باقي جيڪي ماڻهو ايمان ۽ يقين جي روح سان مالا مال هيا، انهن چيو تہ اسان حڪم ٻڌو ۽ ان جي اطاعت قبول ڪئي ۽ اسان ان تي ايمان آندو اهو سڀ ڪجهه اسان جي پروردگار جي طرف کان آهي.(زادالمعاد ج 2 ص 57 ۽ 58)

اهي ئي ويچارا ايمان وارا پروپيگنڊا جي طوفان ۾ وڪوڙجي ويا ۽ چئني طرفن کان سوالن، بحثن، ٺٺول ۽ مذاق جي تيرن جي بوڇاڙ ٿي وئي. هر مجلس ۾ جهيڙي واري گفتگو هئي، گهٽي گهٽي ۾ هاهوڪار مچي وئي هئي، گهڙي گهڙي ۾ جذباتي هيجان پيدا ٿيندا هيا.

انقلابي تحريڪن ۾ هر وڏي تبديلي ۽ هر وڏي موڙ تي ۽ ماڻهن جي خيالن جي بتن کي ٽوڙڻ واري هر قدم تي اهڙي طرح جا طوفاني هنگاما پيش اچي ويندا آهن ۽ اهڙين حالتن ۾ ان جا ڪارڪن گهبراهٽ ۽ پريشاني ۾ مبتلا ٿي گهٽي قدر اشتعال جي حد تائين پهچي ويندا آهن.

ان انديشي جي پيش نظر نصيحت ڪئي وئي هئي تہ انهن واچوڙن مان پار ٿي وڃڻ لاءِ صبر ۽ شُڪر جا مضبوط ٻيڙا ئي ڪارآمد ٿي سگهن ٿا. مخالفاڻي پروپيگنڊا ڪرڻ وارن جي باري ۾ ٻڌايو ويو تہ انهن جي تلاش جو مقصد ڪڏهن بہ حق ڪونهي ۽ اهي دليلن سان مطمئن ٿيڻ لاءِ بلڪل تيار ڪونهن. انهن جي سوالن جو مقصد رڳو پريشان ڪرڻ آهي. اهي ان وقت تائين راضي نہ ٿا ٿي سگهن جيستائين توهان پنهنجو اصول ۽ نظام ڇڏي انهن جي مريدي اختيار نہ ڪيو.

يهودين جي ڳالهين جي جواب ۾ حجت پوري ڪرڻ جي مطلب سان اسلامي تحريڪ جي طرف کان سنجيده ۽ مقرر انداز سان زوردار دليل ڏنا ويا ۽ عوام الناس جي سامهون ڪعبي جي عظمت کي سورت آل عمران جي هڪڙي آيت ۾ واضع ڪيو ويو. ارشاد ٿيو:

"بيشڪ سڀ کان پهرين عبادت گاهہ جيڪا انسانن جي لاءِ ٺاهي وئي اُها اِها ئي آهي جيڪا مڪي ۾ واقع آهي. ان کي خير ۽ برڪت ڏني وئي هئي ۽ سيني جهانن وارن جي لاءِ هدايت جو مرڪز بڻايو ويو هيو. ان ۾ کليل نشانيون آهن. ابراهيم (عليہ السلام) جي عبادت واري جاءِ آهي ۽ ان جو شان اهو آهي تہ جيڪو ان ۾ داخل ٿيو امن ۾ اچي ويو. ماڻهن تي الله جو اهو حق آهي تہ جيڪو ان گهر تائين پهچڻ لاءِ وسيلن جي طاقت رکندو هجي تہ اهو ان جو حج ڪري ۽ جيڪو ان حڪم جي پيروي کان انڪار ڪري تہ ان کي معلوم هجڻ گهرجي تہ الله مڙني دنيا وارن کان بي نياز آهي." (آل عمران آيت 96 ۽ 97) (﴿ اِنَّ اَوَّلَ بَيْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَـلَّذِىْ بِبَكَّةَ مُبٰرَكًا وَّهُدًى لِّلْعٰلَمِيْنَ ۚ فِيْهِ اٰيٰتٌۢ بَيِّنٰتٌ مَّقَامُ اِبْرٰهِيْمَ ۚ وَمَنْ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا ۗ وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا ۗ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِىٌّ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ﴾)

بيت المقدس جي باري ۾ اها حقيقت خود بائيبل مان ثابت هئي تہ ان کي حضرت موسيٰ عليہ السلام کان ساڍا چار سؤ سال پوءِ حضرت سليمان عليہ السلام تعمير ڪرايو هيو ۽ سليماني دور ۾ ئي ان کي خدا پرستن جو قبلو مقرر ڪيو ويو هيو. ان جي برخلاف تاريخي ۽ مذهبي، ٻنهي طرح جي متفق ۽ متواتر روايتن مان اهو ثابت هيو تہ ڪعبي کي حضرت ابراهيم عليہ السلام تعمير ڪيو هيو ۽ حضرت ابراهيم عليہ السلام حضرت موسيٰ عليہ اسلام کان اٺ نَوَ صديون اڳ ٿي گذريو هيو. ڪعبي جي زماني اوليت سان گڏوگڏ اهو ٻڌايو ويو تہ ان جي تقدس سان ڀريل (پرتقدس) ماحول ۾ وڏيون اهم نشانيون آهن. ان ۾ دين جون قيمتي روايتون بہ چمڪي رهيون آهن. نيڪي جي علمبرداري جي هڪڙي تاريخ ان جي ذري ذري تي لکيل آهي. وري ان ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي عبادت واري جاءِ واقع آهي، جنهن جي سرچشمي مان اڄ توحيد جو ذوق ڏاپي ٿو. ان

کان علاوه، ان عبادتي مرڪز جو حق جي بارگاهہ ۾ مقبول هجڻ هن واضح آيت مان آشڪار آهي تہ برپٽ بيابان ۾ تعمير ٿيڻ واري هن عمارت جي پرسان هڪڙي انساني دنيا آباد ٿي وئي آهي ۽ ان ڏانهن ماڻهو پري پري کان ڇڪجي هلندا اچن ٿا. وري ان جي اعليٰ مرتبي وارو هجڻ جو اهو روشن دليل آهي تہ بناپاڻي ۽ گاهہ واري وادي جي رهواسين وٽ هر طرح جو رزق پاڻمرادو پهچي رهيو آهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ اها تہ عربستان جي لڙاڪو بدوي معاشري جي طوفاني سمنڊ ۾ اهو گهر هزار سالن کان هڪڙو امن جو جزيرو بڻيو بيٺو آهي. ان جي حُرمت واري دائري ۾ جيڪو بہ داخل ٿي وڃي ٿو ان جي جان، مال ۽ عزت کي تحفظ ملي وڃي ٿو. هڪ ٻئي جي رت جا پياسا ان جي پاڇي ۾ اچي تلوارون مياڻ ۾ وجهي ڇڏيندا آهن ۽ جذبات کي قابو ۾ رکندا آهن. قاتل ۽ ڌاڙيل ان جي فضا ۾ ساهہ کڻڻ سان ئي امن پسند شهرين ۾ بدلجي ويندا آهن. سو ان گهر جو حق هيو تہ اهو ابراهيم عليہ السلام جي دعوت جو جهنڊو بلند ڪرڻ واري تحريڪ جو روحاني مرڪز قرار پائي. ان ۾ دين ۽ عقل جي خلاف آخر ڪهڙي ڳالهہ ٿي آهي جو ان تي گهٽي گهٽي ۾ چميگويون ڪيو'وڃن ٿيون.

ان دليل بازيءَ جو جيڪڏهن ڪو سٺو نتيجو هيو تہ اهو صرف عوام جي لاءِ هيو. باقي يهودي، سو انهن تہ قبلي جي تبديلي جي واقعي کي مسلمانن جي طرف کان هڪڙو فيصلہ ڪن مخالفاڻو قدم قرار ڏنو. جنهن جي ڪري انهن جون اهي سيئي اميدون ختم ٿي ويون، جيڪي اهي مسلمانن جي باري ۾ دلين جي اندر رکيون ويٺا هيا. انهن کي معلوم ٿي ويو تہ اها طاقت سستو شڪار ڪونهي. ٻئي طرف مسلمانن تي بہ يهودين جي نفسيات جا اهي سمورا اونداها پهلو پڌرا ٿي ويا، جن جي هوندي اهو سٺو گمان (حسنِ ظن) برقرار رهي نٿي سگهيو جنهن سان تعلقات شروع ڪيا ويا هيا. انهن کي اندازو ٿي ويو تہ مديني ۾ بہ تحريڪ کي بس پنهنجي بل بوتي تي هلڻو پوندو ۽ مذهب ۽ تقوا جي ڪاروباري اجاره دارن کان ڪنهن بہ قسم جي تعاون ۽ حمايت جون اميدون رکڻ فضول آهي، بلڪ مورڳو آهستي آهستي اهو خطرو محسوس ٿيڻ لڳو تہ يهودي مڪي جي ڪافرن ۽ مشرڪن کان وڌيڪ پيمانڪ جذبن سان حق جي تحريڪ جي واٽ ۾ رنڊڪون وجهندا. ان جي باوجود حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي تحريڪي ساٿين جو طرز عمل دعوت ڏيڻ واري اخلاق تي قائم رهيو ۽ جهڙي کي تهڙو واري اصول تي يهودين ۽ مخالفن سان ڪوئي رويو ڪونہ اختيار ڪيو ويو. اجاين بحثن، ٺٺول ۽ مذاق، ۽ ترڙاٽپ تي مسلمان ٽال مٽول ڪري ڇڏيندا هيا. ڳالهائڻو پوندو هين تہ مُهذب ۽ معقول طريقي سان دليل بازي ڪرڻ تي اڪتفا ڪندا هيا ۽ زيادتين تي اعليٰ ظرفي سان صبر ڪندا هيا. بهرحال، هاڻي دلين ۾ پريل طوفان بند ٽوڙي اٿلي پيو.

## بدتميزيون ۽ بيهودگيون:

جيڪي ماڻهو پاڻ ڪو تعميري نصب العين ڪونہ رکندا آهن، اهي ڪنهن تعميري ڪم کي محض انهيءَ ڪري ٽيڙ ڪونہ ڏيندا آهن تہ ان جي ڪري انهن جو کوکلوپڻ دنيا جي سامهون بي نقاب ٿيڻ لڳندو آهي. يهودين جي بہ اها حالت هئي، اهي سالن کان مديني جي ماحول تي ڇانيل هيا. ليڪن اهي ڪڏهن انهي قابل ڪونہ ٿيا تہ پستي ۾ ڪريل انسانيت کي ڪردار جي بلندي تي آڻي سگهن. ماڻهن جي ذهن جو تزڪيو ڪري سگهن ۽ انهن جا اخلاق سنواري سگهن. انهن کي نظم و ضبط ۽ تهذيب سيکاري سگهن. انهن کي امن ۽ سلامتي جو ڪو نظام ڏئي سگهن. اهي ڪريل انسانيت کي تہ ڇا سهارو ڏين ها، خود پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ جي قابل ڪونہ هيا. دنيا جو هر روڳ انهن جي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪو هيو ۽ اهي پنهنجي ڪنهن روڳ جو درمان ڪرڻ جي سوچ سمجهہ ڪونہ رکندا هيا. هاڻي جڏهن انهن جي اکين سامهون هڪڙي نئين طاقت اڀري ۽ ان ماڻهن جي دل ۽ دماغ ۾ زندگي بخشيندڙ اصول ۽ اعتقاد جا ڏيئا روشن ڪرڻ شروع ڪيا، انهن جي ڪردار جي ڪنڊرن کي صاف ڪري نئين تعمير جي شروعات ڪئي، هڪڙي مقدس نصيب العين جي سانچي ۾ ڍالي فرد تيار ڪرڻ ۽ انهن فردن جي سگهہ تي هڪڙي امن و عدل واري نظام جو بنياد رکڻ جي مهم شروع ڪئي تہ يهودي طيش ۾ اچي ويا ۽ ان تعميري تحريڪ کي ناڪام ڪرڻ جي هر ڪميٽي کان ڪميٽي تدبير اختيار ڪيائون. اهڙي طرح جون منفي ۽ تخريبي طاقتون جڏهن ڪنهن جي مخالفت تي سندرو ٻڌنديون آهن تہ شرافت، معقوليت ۽ تهذيب کي پٺي ڏئي ڇڏينديون آهن. نهايت ڪميٽپائي سان بدتميزيون ڪرڻ انهن جي شان لاءِ گوارا ٿي ويندو آهي. تنهن ڪري بدتميزين جو محاذ بہ کولي ڇڏيائون.

انهن نبين سڳورن جي جانشينن، ڪتاب الاهي جي علمبردارن ۽ درس ۽ فتوا جي گادي نشينن بغض ۽ دشمني جي ميخاني مان جام مٿان جام چڙهائي جن ڪرتوتن جو مظاهرو ڪيو انهن مان بہ ٽي مثال يادگار رهندا. مذهب ۽ تقوا جا اهي اجاره دار جڏهن حضور سرورِ ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ملندا هيا تہ "اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ" چوڻ جي بجاءِ زبان کي ٽيڏو ڦڏو ڪري السلام مان "ل" اکر کي غائب ڪري "اَلسَّامُ عَلَيۡكَ" چوندا هيا. ان جملي جي معنيٰ اها هئي تہ اي مخاطب! توتي موت جي هڇا پوي، ان جليل القدر هستي سان اهو سلوڪ ڪيو پئي ويو جيڪا ابراهيم عليہ السلام ۽ اسماعيل عليہ السلام ۽ اسحاق عليہ السلام ۽ يعقوب عليہ السلام ۽ يوسف عليہ السلام ۽ موسيٰ عليہ السلام جي ئي پيش ڪيل پيغام جي تجديد جي لاءِ سرگرم عمل هئي، جيڪا توريت جي اصلي روح جي تجديد ڪرڻ ۾ مصروف هئي، جيڪا شريعتِ الاهي ۽ قانونِ آسماني کي ئي جيارڻ (احياء) جي لاءِ جهاد ڪري رهي هئي. بلڪ چوڻ گهرجي

تہ جيڪا يهودين جي وساريل فرض کي ادا ڪري رهي هئي ۽ انهن جو ئي ڇڏيل ڪم ڪري رهي هئي. هڪڙي دفعي تقدس مآبانِ مدينہ پيغمبرِ حق جي گهر آيا تہ غنڊن ۽ ڪميڻن وانگر بدتميزي وارا لفظ ڳالهايا. ان بدتميزي تي حضرت عائشہ رضہ پردي جي پٺيان سخت ردعمل ظاهر ڪيو ۽ ڪاوڙ ڪري جواب ڏيڻ کان پاڻ کي روڪي نہ سگهي. چئي ڏنائين تہ "ڪم بختو! توهان تي پاڻ تي موت جي هچا پوي" سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪنن تائين اهو آواز پهچي ويو . پاڻ سڳورن ام المؤمنين کي سمجهايو. "عائشہ! نرمي کان ڪم وٺ!" حضرت عائشہ رضہ عرض ڪيو. "توهان ڪجهہ ٻڌو تہ انهن ڇا چيو هيو؟" فرمايائون. "ٻڌو تہ هيو ليڪن مون بہ 'وَعَلَيڪَ' چئي ڇڏيو اهوئي ڪافي آهي!"

بدتميزين جو ٻيو مشهور شرمناڪ مثال جن جو رڪارڊ قرآن شريف هميشہ جي لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو ٻڌي غور ڪيو:

هڪڙو اهو تہ بزمِ رسالت ۾ اهي تقوا جا اجاره دار ايندا هيا ۽ گفتگو دوران جتي اهو چوڻ جي ضرورت پيش ايندي هئي تہ ڪجهہ ترسو اسان کي ڪجهہ ڳالهہ سمجهڻ جو موقعو ڏيو تہ ان موقعي تي اهي هڪڙو ٻني معنيٰ (ذو معنيٰ) وارو لفظ استعمال ڪندا هيا. رَاعِنَا. ان لفظ جو ظاهري مطلب تہ اهو هيو تہ اسان جي رعايت فرمايو. اسان جي ڳالهہ ٻڌو اسان ڏانهن توجہ ڪيو. مگر ٻئي طرف عبراني زبان ۾ ان سان ملندڙ جلندڙ لفظ ان معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو هيو تہ "ٻڌ، تون ٻوڙو ٿي وڃين." ان کان علاوه عربي زبان ۾ بہ ڪجهہ لهجن ۾ ان جهڙا لفظ موجود هيا. جن مان ابتي معنيٰ نڪرندي هئي. مثال طور رَعَتَ ـ رَعَا مان هڪ لفظ هيو "الرَعَاع" جنهن جي معنيٰ هئي "سفلتہ الناس"; ان کي رَعَاعِنَا جي لهجي ۾ ڳالهائڻ ڪو مشڪل ڪونہ هيو. اهڙي طرح رَعَن - وَرَعَن ۽ ورَعِنَ ۾ جاهل ۽ بي عقل هجڻ جي معنيٰ شامل آهي. زبان کي اجايو ڪجهہ مچڪائي ان کي "رَاعِينَا" بہ ٺاهي ٻيو سگهجي ٿو ۽ ان صورت ۾ معنيٰ ٿيندي: "اي اسان جا ڏنار اي اسان جا گودڙيا!" اهي مختلف صورتون هيون جنهن کي يهودين جا اڪابر جبا پائي ۽ پٽڪا ٻڌي ميسڻي شڪل ٺاهي، اختيار ڪندا هيا. عوامي ماڻهو ويچارا ڀلا، لغت ۽ ادب جا ايترا ماهر ڪٿي ٿي سگهيا ٿي. اهي عالم سڳورا هيا جيڪي گهرن مان خوب تياري ڪري ايندا هيا تہ اڄ ڪهڙيون ڪهڙيون بدتميزيون ڪيون وڃن. انهن هستين مان گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي، يعني رفاعہ بن زيد بن ثابت جي متعلق تہ تاريخ ۾ واضع روايت محفوظ آهي تہ اخلاق ۽ شرافت جي اهڙي شاندار مثال قائم ڪرڻ ۾ ان يهودي عالم بہ حصو ورتو هيو. يعني ظاهري طور ڏسو تہ وڏي شائستگي هئي، ليڪن دلين جي اندر لهي ڏسو تہ اتي غنڊن واري نفسيات ڪم ڪري رهئي هئي. پاڻ ۾ خبر هوندي هين تہ اسان وقت جي ممتاز شخصيت سان ٺٺول ۽ مذاق ڪيون ٿا. ليڪن ڪير ٽوڪيندو هين تہ ارشاد

فرمائيندا هيا تہ واھہ توهان اسان کي بدتميز سمجهيو آهي. اسان تہ ادب ۽ احترام سان عرض ڪري رهيا آهيون تہ ذرا اسان کي سمجهڻ سمجهائڻ جو موقعو ڏيو.

ٻيو اهو تہ گفتگو جي دوران محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي اڪثر اهي نبين ۽ رسولن جا جانشين هيئڻ مخاطب ٿيندا هيا.

"اِسۡمَعۡ غَيۡرَ مُسۡمَعٍ" ان جو ظاهري مطلب اهو هيو تہ ذرا ٻڌو. پاڻ سڳورن جو احترام انهي ڳالهہ کان منع ڪري ٿو تہ پاڻ سڳورن کي ڪا ڳالهہ پاڻ سڳورن جي مرضي يا اجازت کان سواءِ ٻڌائي سگهجي. ليڪن انهن جي شرپسنداڻي ذهنيت ان مان هڪڙو ٻيو مفهوم ڪڍندي هئي. يعني اهو تہ تون انهي قابل ڪونہ آهين تہ توکي ڪا ڳالهہ ٻڌائي يا سمجهائي وڃي ۽ اهو تہ خدا ڪري تون ٻوڙو ٿي وڃين. ٻڌڻ جي قابل ئي نہ رهين.

اهوگندو ذهن ۽ ڪردار هيو جيڪو محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مقابلي جي لاءِ اٿيو هيو.

ٽيون اهو تہ ايمان وارا حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مجلس ۾ ويهي ڪوئي ارشاد ٻڌندا ۽ سمجهي ويندا هيا تہ هدايت الاهي جي هيٺ صادق جذبي سان پڪاريندا هيا "سَمِعۡنَا وَ اَطَعۡنَا" اسان ارشاد ٻڌي ورتو ۽ اسان ان جي اطاعت اختيار ڪئي. ليڪن توريت جا رکوالا اهڙي موقعي تي وڏي ڊراماٽي حرڪت ڪندا هيا. پهريان ڏاڍيان چوندا هيا "سَمِعۡنَا" ـــ "جي ها! اسان ٻڌي ورتو آهي." پوءِ زبان کي ڪجهہ هلڪي آواز ۾ مچڪائي اَطَعۡنَا جي بجاءِ عَصَيۡنَا ـــ اسان تنهنجي ڳالهہ کي رد ڪيو. نافرماني جو عزم ڪري ڇڏيو آهي. اتي بہ اهائي مشڪل تہ ڪير پڪڙيندو هين تہ آڪڙجي چوندا هيا تہ توهان اسان کي بيهودو سمجهيو آهي. مخالفت جي جوش ۾ اچي اسان جي مٿان اهڙي حرڪت جو الزام لڳايو ٿا. توهان وٽ ٻين جي عالمن ۽ برزگن جو احترام ڪونهي. پاڻ کان علاوه توهان ڪنهن کي شريف ۽ عقل وارو مڃڻ جي لاءِ تيار ڪونہ آهيو.

غور ڪيو تہ آخر اهڙين ذليل حرڪتن سان ڇا محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيغام ۾ ڪيڙا پئجي رهيا هيا؟ ڇا ان ڪميٽپائي جي زور تي اسلامي جماعت جو وجود مٽجي رهيو هيو؟ گاريون ڏيڻ ۽ ڇيبارا ڪيڻ سان ڪنهن تعميري طاقت جو هڪڙو وار بہ ونگو نٿو ڪري سگهجي. البت. ان ۾ سمورو مزو اهڙو هوندو آهي جو مخالفت ڪندڙجي جامد منفي ۽ تخريبي طاقت جي دل جو بخار نڪري ويندو آهي. اهي بزرگ جڏهن بزمِ نبوت ۾ اهڙا ڪارناما انجام ڏئي موڪلائيندا هوندا تہ پنهنجين محفلن ۾ وڃي فخر ڪندا هوندا تہ اڄ بس اسان ان نبيءَ سڳوري کي هي ۽ هو چئي آياسين. مريدن ۾ ويهي پنهنجي قابليت جي ڌاڪ ڄمائيندا هوندا تہ اسان لفظن جي هيرڦير سان ڪهڙا ڪهڙا مطلب ڪڍيا ۽ ڪارناما انجام ڏنا. اسان جي صرف و نحوءِ فصاحت و بلاغت جي علم ان جهڳڙي ۾ اسان جي ڪيتري مدد ڪئي.

يهودين جي بزرگن جي انهن ڪارنامن ۾ عبرت جو اهو سبق آهي تہ مذهبي ماڻهو جڏهن لاٽ جو شڪار ٿيندا آهن تہ انهن ۾ جملن جي تبديلي جي گندي بيماري پيدا ٿي ويندي آهي، ڇيو انهن جي اندر مان انسانيت، شرافت ۽ تهذيب جي تقاضائن جو لحاظ بلڪل ختم ٿي ويندو آهي. ٿيون انهن جي اُٺي ويهڻي جي ظاهر ۽ باطن ۾ شرمناڪ تضاد پيدا ٿي ويندو آهي. چوٿون انهن ۾ هڪڙي قسم جي بزدلي اچي ويندي آهي جنهن جي ڪري اهي سڌي طريقي سان دل جي گندن جذبات کي ظاهر بہ ڪونہ ڪري سگهندا آهن، بلڪ پنهنجي بدمزاجي تي شرافت جا پردا چڙهائي ايندا آهن. هي اهڙيون علامتون آهن جيڪي ڪنهن ذهن ۽ فڪر جي فاسد هجڻ جو قطعي ثبوت هونديون آهن. خاص طور بدزباني ۽ بازاري اندازِ خطاب جتي بہ ملي ٿو اتي حق، انصاف ۽ سچائي سان ڪوئي تعلق باقي نٿو رهي سگهي. انسان جو هر گفتو ۽ ان جي گفتگو جو انداز ان جي سيرت جو اهڙي طرح ترجمان هوندو آهي جهڙي طرح ڪاڏي جي ڪنهن ديگ مان ان جي خوشبوءِ پکڙجي پري پري تائين ڪاڏي جي نوعيت ۽ ان جي مصالحن جي معيار جو اعلان ڪندي آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪنهن دل ۽ دماغ جي ديگ مان بدزباني ۽ بدتميزي جي ڏپ نڪري رهي هجي تہ ڪيئن توقع ڪري سگهجي ٿي تہ ان جي اندر پاڪيزه خيالات ۽ شريفاڻن جذبات سان ترڪيب وٺي ڪا اعليٰ سيرت پچي رهي هوندي، جڏهن ڪنهن شخص کي ڏسو تہ اهو اختلاف ڪرڻ وارن جي خلاف بدزباني ۽ بدتميزي جي سطح تي لهي آيو آهي تہ سمجهو تہ اهو ان جي مقابلي ۾ دليل جي بازي بہ هارائي چڪو ۽ اخلاق جي مقابلي ۾ بہ شڪست کائي ويو. هاڻي اهو هارايل رانديگر بس دل جو بخار ڪڍي رهيو آهي ۽ دل جو بخار ڪڍڻ واريون طاقتون تاريخ ۾ ڪو اثر حاصل ڪري نٿيون سگهن. اهي بس دل جو بخار ڪڍنديون رهنديون آهن ۽ تعميري دعوتن جا قافلا قدم بہ قدم اڳتي وڌندا هليا ويندا آهن.

ايتري تي بہ بس ڪونهي ڪئي ويندي، مديني ۾ جڏهن بانگ (آذان) ڏيڻ جي شروعات ٿي تہ جيئن تہ يهودين جي روايتي مسلڪ جي خلاف اها مذهبي نظام ۾ تبديلي بہ هڪڙي بدعت هئي، لهٰذا اهي ان تي بہ آنڌ مانڌ ۾ هوندا هيا. خاص طور تي اهي ڏسي رهيا هيا تہ بانگ جا جملا اسلام جي پوري انقلابي دعوت ۽ ان جي بنيادي نظرين کي جامعيت سان سامهون ڪڻي اچن ٿا ۽ ڏينهن ۾ پنج ڀيرا انهن جو پڪاريو وڃڻ ـــ ۽ وڏي ۽ وڻندڙ آواز ۾ پڪاريو وڃڻ ـــ نشر واشاعت جو هڪڙو اثرائتو ذريعو آهي. اهو آواز انهن جي عورتن، انهن جي ٻارن ۽ انهن جي غلامن جي ڪنن تي پوندو هيو. روزانو پوندو هيو ۽ پنج پنج ڀيرا پوندو هيو. تصور ڪيوتہ جڏهن اهو انوکو بلالي آواز سوزوگداز سان گونجندو هوندو تہ مديني جي سموري فضا ۾ سناٽو ڇائنجي ويندو هوندو. پنهنجن پراون جون دليون متوجهہ ٿي وينديون هونديون. خاص طور تي انهن کي اهو فرق محسوس ٿيندو هوندو جيڪو گِهنڊ وڄائڻ ۽ طوتارو وڄائڻ ۽ آذان چوڻ ۾ هيو.

۽ جنهن جي باري ۾ خود انهن جو عوام به ڪجهه نه ڪجهه احساس رکندو هوندو. گهنڊ ۽ طوتاري جو آواز بس آواز هيو ان ۾ نه لفظ هيا، نه معنيٰ هئي. ان جي برخلاف آذان جو آواز ڪجهه بولن ۽ ڪجهه جملن تي مشتمل هيو جنهن ۾ عام فهم معنيٰ سمايل هئي. گهنڊ ۽ طوتاري جي آواز ۾ انساني جذبن جو اظهار ڪونه هيو. ليڪن بانگ (آذان) جي پڪار ۾ انساني قلب جو سوزوگداز سمايل هيو. ان فرق کي محسوس ڪري يهودي بجاءِ ان جي ته اهو اعتراف ڪن ها ته آذان حقيقت ۾ عبادت جي دعوت ڏيڻ جو بهتر ۽ اثرائتو ذريعو آهي ۽ ان جا جملا قدر ۽ قيمت رکن ٿا. اهي نفرت ۾ مبتلا ٿي ويا. پنهنجين ڪچهرين ۽ مجلسن ۾ اهي آذان ڏيڻ واري جي آواز کي عجيب و غريب تشبيهون ڏيندا هيا. اهي چيڀارا ڪيندا هيا ۽ آذان جي جملن کي بگاڙي ٺٺول جو مزو وٺندا هيا. حسد ۽ ڪينو انهن مذهب جي ٺيڪيدارن کي اگهاڙو ٿيڻ جي سطح تائين ڪيرائي ڇڏيندو هيو. مگر جيڪو ڪم آذان ڪري رهي هئي، ان جي روڪٿام چٿر ڪرڻ ۽ چيڀارا ڪيڻ سان ڪيئن ٿي سگهي ٿي.

بدتميزين جي آخري حد اها هئي ته خود الله تعاليٰ کي به نشانو بڻايو ويو. (نعوذبالله) مثال طور، جڏهن هي آيت نازل ٿي "مَنْ ذَالَّذِیْ یُقْرِضُ اللهَ قَرْضًا حَسَنًا" (الحديد آيت 11) يعني ڪير آهي جيڪو الله کي سٺو قرض ڏئي، ته بجاءِ ان جي سڌي سولي صاف مفهوم کي وٺجي ها، يهودين اهو چئي ٺٺول ڪرڻ شروع ڪئي ته "انسانو! ٻڌو ٿا، هاڻي ته الله تعاليٰ سڃو ٿي ويو آهي، ڏسو هاڻي اهو ٻانهن کان قرض گهرڻ لڳو آهي." الله تعاليٰ کان بي خوفي ۽ بي شرمي جا ان کان وڌيڪ ناپاڪ مثال گهٽ ملن ٿا.

اهڙي طرح قرآن شريف ۾ جتي مک ۽ مڇر يا اهڙي ئي بظاهر حقير شي جو مثال جي طور تي ذڪر ٿيو آهي ۽ انهن جي وجود ذريعي ڪا دليل بازي ڪئي وئي آهي ته اتي انهن ماڻهن کي طنز ۽ حقارت جي برپا ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو هيو. چوندا هيا ته انهن مسلمانن جو خدا به عجيب آهي جو جنهن کي مثال ڏيڻ لاءِ به ملن ٿيون ته اهڙيون حقير شيون ملن ٿيون. ان ٺٺول ۾ اها دليل بازي به شامل هوندي هئي ته قرآن الله جو ڪلام ڪيئن ٿو ٿي سگهي، جڏهن ته ان جي اندر انهن حقير شين جو ذڪر آهي. انهن ماڻهن کي کهڙو پلو جواب مليو ته:

"ها! الله ان کان هرگز ڪونه ٿو شرمائي ته مڇر يا ان کان به حقير تر ڪنهن شي جو مثال ڏئي. جيڪي ماڻهو حق جي ڳالهه کي قبول ڪرڻ وارا آهن اهي انهن ئي مثالن کي ڏسي ڄاڻي وٺندا آهن ته اهو حق آهي، جيڪو انهن جي رب جي طرف کان ئي آيو آهي، ۽ جيڪي مڃڻ وارا ڪونهن اهي ان کي ٻڌي چوڻ لڳندا آهن ته اهڙن مثالن سان الله کي ڪهڙو سروڪار؟" (﴿ اِنَّ اللهَ لَا یَسْتَحْیٖۤ اَنْ یَّضْرِبَ مَثَلًا مَّا بَعُوْضَةً فَمَا فَوْقَهَا ؕ فَاَمَّا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا فَیَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ وَاَمَّا الَّذِیْنَ كَفَرُوْا فَیَقُوْلُوْنَ مَاذَاۤ اَرَادَ اللهُ بِهٰذَا مَثَلًا ﴾ سورت البقره آيت 26)

## ڪِل ۽ چٽر جهڙا مطالبا:

يهودين جي بدتميزي حجت طلب ڪرڻ جي شڪل اختيار ڪري هڪڙي عجيب چٽر پيدا ڪرڻ وارو مطالبو بڻجي وئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي چوڻ لڳا "لَو لاَ يُكَلِّمُنَا اللهُ" (البقره آيت 117) آخر اهو ڪهڙو ڪتراڳ آهي ته الله تو ڏانهن ڳجهہ ۾ هڪڙي فرشتي کي موڪلي ٿو ۽ مٿان مٿان ئي توتائين پنهنجي ڳالهه پهچائي ڇڏي ٿو. اهو سامهون ڇو نہ ٿو اچي اسان سان سڌو سنئون ڳالهائي تہ اهو ڇا ٿو چاهي؟ اهو زمين تي لهي اکين سان ڏسڻ ۾ اچي ۽ اسان کي آمهون سامهون چوي تہ هي هي منهنجا احڪام آهن انهن کي مڃو ۽ هي شخص منهنجو پيغمبر آهي، ان جو دامن جهلي هلو. اهو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ايترو ئي ڪري تہ ڪا چٽي ۽ قطعي نشاني موڪلي، جنهن کان پوءِ ڪنهن کي انڪار ڪرڻ جي جرئت نہ ٿئي تہ تون ان جو نبي آهين ۽ قرآن ان جو ڪلام آهي.

اها قطعي نشاني بہ انهن مقرر صورت ۾ ٻڌائي ڇڏي، جيڪا انهن کي مطمئن ڪري سگهي ٿي. تاريخ ۽ سيرت جي رڪارڊ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو مطالبو يهودين جي حلقن ۾ وڏي اهميت اختيار ڪري ويو هيو. عرصي تائين ان جو چرچو رهيو ۽ پاڻ سڳورن جي سامهون وري وري دهرايو ويو.

پهريان ٻڌو تہ اهو ڪل جهڙو مطالبو پيدا ڪيئن ٿيو. واقعي جي صورتحال اها آهي تہ مديني جا يهودي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اعلانِ نبوت (بعثت) کان اڳ اوس ۽ خزرج قبيلن کي شڪست ڏيڻ جا منصوبا ٺاهي، اچڻ واري نبي جي جلدي آمد جون دعائون گهرندا رهندا هيا. جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نبوت جو سج اڀري ويو تہ انهن هڪدم پاسو بدلائي ڇڏيو ۽ انڪار ۽ سرڪشي جي مورچن تي ڄمي بيٺا. انهن جي ان فطري سياء (قلبِ ماهيت) تي عام ماڻهن ۾ پڇ پڇان جي عجيب حالت شروع ٿي وئي. ماڻهو اچي انهن کان پڇندا هيا تہ اها ڪهڙي ماجرا آهي جو پهريان توهان ئي اهي دعائون گهرندا هيا ۽ هڪڙي نبي جي اچڻ جي خوشخبري ٻڌائيندا هيا، ۽ هاڻي توهان پاڻ ئي اچڻ واري جي آمد تي بگڙي ويا آهيو. خاص طور تي هڪڙي ڪچهري ۾ معاذ رضہ بن جبل ۽ بشررضہ بن براء بن معرور جهڙن ذهين اڪابرن يهودي بزرگن کي صاف صاف چيو تہ "اي يهودي جماعت ! الله کان ڊڄو ۽ مڃتا ۾ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ڇو تہ توهان اسان جي خلاف تائيد حاصل ڪرڻ جي لاءِ الله تعاليٰ کان پاڻ ئي بعثت محمدي جون آرزوئون ڪندا هيا ۽ اسان جو حال اهو هيو تہ اسان مشرڪ هياسين ۽ توهان ئي اسان کي خبر ٻڌائيندا هيا تہ اهو نبوت جو اعلان ڪري (معبوث ٿي ) چڪو آهي ۽ وري توهان ان جون وصفون اسان جي سامهون

ڳڻائيندا هيا.“ اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اهڙين گفتگوئن ۾ يهودي ذهن جو ڪهڙي بري طرح پول کلي ويندو هوندو ۽ اهي پاڻ محسوس ڪندا هوندا تہ اسان جي متعلق ڳالهائيندڙن جي ڪهڙي راءِ آهي. پنهنجي شانِ ديانت و تقوا جي بچاءَ جي لاءِ ڳالهہ اٽڪر هئي تہ اهي ڪانہ ڪا ڏال فراهم ڪن. اها ڏال ڪهڙي هئي؟ ان کي معلوم ڪرڻ جي لاءِ مٿي سوال ڪيل ڳالهہ جو جواب ٻڌو جيڪو بنونضير جي هڪڙي بزرگ سلام بن مشڪم جي زبان مبارڪ مان نڪتو. فرمائي ٿو: ”محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) پاڻ سان اهڙي ڪا نشاني ڪونہ کڻي آيو آهي. جنهن جي ذريعي اسان ان کي نبي جي حيثيت ۾ سڃاڻي سگهون ها. لهٰذا هي اهو شخص ڪونهي جنهن جي باري ۾ اسان توهان سان ذڪر ڪندا هياسين.“[1] اهائي ڳالهہ ابن صَلُو بافِعلَيوني پاڻ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان سڌو سنئون بہ ڪئي هئي. يعني هڪڙي فيصلہ ڪن نشاني کپي ـــ ۽ ان جو تعين ڪرڻ يهودين جو ڪم هيو. اهي جهڙي نشاني جو بہ گهرن مطالبو ڪن. اهڙي طرح ماڻهن جي طرفان ان ميثاق جو سوال اٿاريو ويو جيڪو نبي آخر زمان جي باري ۾ گذريل نبين سان انهن پختو ڪيو هيو تہ ان تي بہ انهن ماڻهن ٽال مٽول ڪئي. مالڪ بن الضيف هڪڙو دفعو صاف صاف چئي ڏنو تہ ”خدا جو قسم، محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي باري ۾ اسان کان ڪو واعدو ڪونهي ورتو ويو.“ (سيرت ابن هشام ج 2 ص 174)

انهن جي لاءِ قرآن جي پاڪيزه ڪلام ۾ هلچل مچائي ڇڏڻ واري استدلال ۾ ڪا نشاني ڪونہ هئي، محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪردار ۾ ڪا نشاني ڪونہ هئي، زندگيءَ جو نقشو بدلائڻ واري تحريڪ جي لهرن ۾ ڪا نشاني ڪونہ هئي، علمبردارانِ حق جي ترقي ڪندڙ ۽ اڳتي وڌندڙ جملن ۾ ڪا نشاني ڪونہ هئي. انهن قربانين ۽ جانبازين ۾ ڪا نشاني ڪونہ هئي جيڪي آگرين تي ڳڻڻ جيترا مسلمان ظلم ۽ تشدد جي هٿيارن کان ڪم وٺڻ وارين بااثر طاقتن جي مقابلي ۾ ڏيکاري رهيا هيا. انهن کي تہ بس ڪو عجوبو ۽ ڪو تماشو گهربو هيو. هاڻي ٻڌو تہ ڪهڙي نشاني جو مطالبو هيو.

حضور سرورِ ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ رافع بن حريملہ ۽ وهب بن زيد آيا، ڳالهيون ٿيون، چوڻ لڳا:

> ”اي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) اسان جي سامهون پورو لکيل ڪتاب آڻ، جنهن کي آسمان مان اسان جي مٿان لاهراءِ ۽ اسان ان کي پنهنجي سر پڙهون ۽ اسان جي سامهون چشما جاري ڪر، پوءِ اسان تنهنجي پٺيان هلنداسين ۽ تنهنجي صداقت جي شاهدي ڏينداسين.“ (سيرت ابن هشام ج 2 ص 174).

---

1 سيرت ابن هشام ج 2 ص 173

ان ئي رافع بن حريملہ اها بہ گهر ڪئي تہ "اي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جيڪڏهن تون الله جو رسول آهين، جيئن تون پاڻ چوين ٿو تہ الله کي اهو چئو تہ اهو اسان سان ڳالهائي، ايستائين جو ان جي ڳالهہ پاڻ ٻڌون." (سيرت ابن هشام ج2 ص 174)

هڪڙي ٻي مجلس ۾ فِنحَاص، عبدالله بن صبُوريا ابن صلوبا، ڪنانہ بن ربيع بن ابي الحُقَيق، اشيَع، ڪعب بن اسد، شمويل بن زيد، دجبل بن عمرو بن سڪينہ جهڙا يهودي بزرگ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گفتگو ڪري رهيا هيا. چوڻ لڳا. "اي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) ڇا واقعي اهو قرآن توکي ڪو جن يا ڪو انسان نٿو سيکاري؟" رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو: "توهان کي چڱي طرح خبر آهي تہ اهو الله جي طرف کان آهي ۽ اهو تہ مان الله جو رسول آهيان. توهان ان حقيقت کي پاڻ وٽ توريت ۾ لکيل ڏسندا آهيو." ان تي اهي چوڻ لڳا: "اي محمد! (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) پوءِ حقيقت اها آهي تہ جڏهن الله پنهنجي ڪنهن رسول کي ظاهر ڪندو آهي ۽ پوءِ رسول جيڪو ڪجهہ بہ گهري الله ان جي لاءِ اهو ڪري ڇڏيندو آهي: ۽ رسول جنهن ڳالهہ جو ارادو ڪري الله جي طرف کان اهو سڀ ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ جو اختيار حاصل ڪري وٺندو آهي. سو تون آسمان مان اسان جي سامهون لکيل ڪتاب کي لاهراءِ جنهن کي اسان پڙهون ۽ سڃاڻون." (سيرت ابن هشام ج2 ص 174)

يهودين وڏي ڪم واري ڍال ڳولي لڌي، هاڻي ان جو ڪو سوال ڪونہ رهيو تہ داعي حق جي دعوت ڇا آهي؟ اهو ڪهڙي ڳالهہ چوي ٿو؟ ان جي لاءِ وٽس ڪهڙا دليل آهن ؟ ان جي دعوت جي اثر سان ڪهڙي زندگي ٺهي ٿي؟ ان جي تعليم ۽ تربيت سان ڪهڙي نوعيت جي سيرت ترقي ڪري ٿي ؟ ان جي تعميري ڪم سان ڪهڙو سماجي نظام ٺهي ٿو؟ اهي سڀ سوال پوئتي رهجي ويا ۽ سامهون اهو مطالبو اچي ويو تہ "آسمان مان ڪتاب لاهي ڏيکار." هاڻي ماڻهن جو وات بند ڪرڻ جي لاءِ هڪڙو ذريعو هٿ اچي ويو. جنهن بہ ڳالهہ چوري ان کي چئي ڏنائون تہ اسان تہ مڃڻ جي لاءِ تيار ويٺا آهيون، ليڪن ان کي وڃي چئو تہ اهو نبي برحق هجي تہ الله کي چئي، بس اها نشاني ڏيکاري، الله وارن جو اهو شان هوندو آهي تہ اهي جيڪو ڪجهہ گهرندا آهن مٿان کان ميرائي وٺندا آهن. پوءِ اهو ڪهڙو رسول آهي جنهن جي ڳالهہ عالم بالا ۾ توجهہ جي قابل ڪونهي. يارو! ڇڏيو انهن ڦڏي جي ڳالهين کي، وڃو ڪنهن الله واري جو دامن پڪڙيو. اهو تہ سڀ ائين ئي ٻاهريون ڏيکاءُ آهي.

## يهودين جو شائيلا وارو طرزِ عمل:

اها تہ عام معلوم حقيقت آهي تہ مديني جي محدود ذريعن ۽ وسيلن تي جڏهن مهاجرن جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آبادي جو بار پوڻ لڳو ۽ بي سرمايہ ۽ بي سهارا ماڻهو پنهنجي معاشي زندگي جي تعميرِ نو ۾ اچي لڳا تہ تحريڪ جي اڪثر ڪارڪنن تي فقروفاقہ جي حالت هئي. ان غربت ۽ بک جي امتحان ۾ خود تحريڪ جو اڳواڻ (ليڊر) ۽

ان جي گهر جا ڀاتي سيئي عام ماڻهن سان هڪجيترا شريڪ هيا. بلڪ آزمائش مان گهڻو حصو ان ئي محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي مليو. مصيبت ڪڏهن بہ اڪيلي ڪونہ ايندي آهي. غربت ۽ ڏک جي صبر وارين آزمائشن کي مهاجرن جي بيماري ٻيڻو ڪري ڇڏيو. ٻاهر کان اچڻ وارن کي نئين آب هوا راس ڪونہ آئي ۽ سچائي جي نظام جا سپاهي هڪ ٻئي پٺيان بيمار ٿيڻ لڳا. بخار جي هڪڙي وبا پکڙجي وئي ۽ اهو بخار گهڻو هنيلو ۽ موذي ثابت ٿيو. ناقص غذا سان گڏ ان نئين بلا جنهن کي بہ نشانو بنايو ان کي هڏن جو ڍانچو بڻائي ڇڏيو. ماڻهو گذر بسر لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ جي قابل ڪونہ رهيا. هڪڙي طرف تحريڪ جو ٻيڙو مشڪلات ۽ مخالفتن جي نون نون واچوڙن جو مقابلو ڪري رهيو هيو. نئين اپرندڙ اسلامي رياست هر پهلو کان تعمير لاءِ محتاج هئي، اندروني ۽ بيروني دشمنن کان طرح طرح جا خطرا هيا. ڪم جهڙا ماڻهو بستري داخل ٿيندا پئي ويا ۽ پيٽ ڀرڻ جي لاءِ ماني ۽ بدن ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي جو پورو پورو انتظام ڪونہ هيو. ان مرحلي تي ننڍڙي انقلابي جماعت (پارٽي) جنهن طاقت جي سگهہ تي اڪري پار ٿي، اها ايمان بالله، مقصد سان محبت ۽ پاڻ ۾ ڀائپي واري جذبي جي طاقت هئي. دراصل وڏا وڏا تاريخي ڪارناما انجام ڏيڻ وارن ماڻهن ۽ تنظيمن جي طاقت هوندي ئي آهي ايمان ۽ ڀائپي! ان ئي طاقت ڏيرن کي سگهارو بڻائي رکيو ۽ ان ئي طاقت ذريعن ۽ وسيلن جي ڪمي جي اثرن کي گهٽ کان گهٽ ڪري ڇڏيو. تاهم ناسازگار حالتن جي خلاف جيڪا بہ جدوجهد ٿي رهي هئي، ان کي عام ويا گهڻو ڪمزور ڪري ڇڏيو ۽ ان دوران اهو چرچو بہ ٿيڻ لڳو تہ مديني جي يهودين جادو ڪيو آهي ۽ هاڻي مسلمان چڙهي ڪونہ سگهندا. حالتون ڪيترون سنگين هيون، اچو تہ ان جو اندازو ڪرڻ لاءِ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪجهہ ساٿين سان ملون.

هي ڏسو سيدنا ابوبڪر رضہ آهن. مرض واري بستري تي پيڙ کان چنگهي رهيا آهن ۽ هڪڙي شعر ۾ پنهنجي دل جي بيقراري جو اظهار ڪري رهيا آهن:

كُلُّ امْرِئٍ مُصَبَّحٌ فِي اَهْلِهِ ... وَالْمَوْتُ اَدْنٰى مِنْ شِرَاكِ نَعْلِهِ

حالت اها آهي تہ پنهنجي لاءِ موت کي سر تي سوار ڏسي رهيا آهن.

هوڏانهن ڏسو اهي سيدنا بلال رضہ آهن. پاسا بدلائي رهيا آهن ۽ درد سان ڀريل سُر ۾ جهونگاري رهيا آهن:

اَلَا لَيْتَ شِعْرِي هَلْ اَبِيْتَنَّ لَيْلَةً ... بِوَادٍ وَ حَوْلِيْ اِذْخِرٌ وَ جَلِيْلٌ

وَهَلْ اَرِدَنْ يَوْمًا مِيَاهَ مَجَنَّةٍ ... وَهَلْ يَبْدُوَنْ لِيْ شَامَةٌ وَ طَفِيْلٌ

اها مڪي جي وادين، چشمن ۽ پهاڙن جي ياد تازي ڪئي پئي وڃي. ان وادي ۾ هڪڙي رات گذارڻ جي حسرت جو اظهار آهي، جنهن ۾ اذخر ۽ جليل نالي گاهہ ٿئندا

آهن ۽ ها. مجنہ چشمي جو پاڻي پيئڻ ۽ شامہ ۽ طفيل نالي پهاڙن جو منظر ڏسڻ جا ارمان اوهر ڪائي اٿلندا پيا اچن.

۽ اچو غور ڪيو هي عامر رضہ آهن. چپڙن تي ڪهڙو تہ بيتاب ڪندڙ شعر رقص ڪري رهيو اٿس:

اِنِّيْ وَجَدْتُ الْمَوْتَ قَبْلَ ذَوْقِهٖ ۔ اِنَّ الْجَبَانَ حَتْفُهٗ مِنْ فَوْقِهٖ

ان جي جسم جي تڪليف جي اها حالت آهي تہ موت اچڻ کان اڳ موت جو ڪڙڪو ٻڌي رهيا آهن.

وري هي حضرت شداد رضہ آهن. رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي ان دوست جي عيادت جي لاءِ تشريف کڻي اچن ٿا. مريض بي قرار ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن بطحان جو پاڻي پيئي ها تہ تندرست ٿي وڃي ها. رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمائين ٿا. "هليو وڃ. ڪير ٿو روڪي." مريض چوي ٿو. "هجرت!" رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تسلي ڏيڻ لاءِ فرمائين ٿا تہ هليو وڃ. تون جتي بہ هوندين مهاجرئي رهندين.

صلح حديبيہ کان پوءِ جڏهن مسلمان مڪي ويا تہ انهن جا جسم وري وري بيمار ٿيڻ ڪري اهڙا ڏبرا ۽ هيڻا ٿي ويا هيا جو مڪي وارن طرفان طعنا ڏنا ويا "اچا وڃو نہ مديني" انهن ئي طعنن جو ردعمل هيو جو رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ارشاد موجب مسلمان آڪڙجي هلندا هيا.

انهن ئي حالتن ڪري رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمائيندا هيا تہ "اِنَّ شَاْنَ الْهِجْرَةِ لَشَدِيْدٌ." يعني هجرت جو معاملو گهڻو ڏکيو آهي، ڪا ئي راند ڪونهي! ان سلسلي ۾ هڪڙو دلچسپ واقعو ياد آيو. هڪڙي بدوي اچي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هٿ تي بيعت ڪئي، ليڪن مديني پهچڻ سان بخار اچي ورتس. ان کي ان اسلام جو خراب سوڻ قرار ڏنو ۽ اصرار ڪري بيعت ختم ڪرائي ۽ هليو ويو. ان واقعي تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ مدينو سوناري جي بٺي وانگر آهي، جيڪا کوٽ ۽ مير کي ڳاري خالص سون کي الڳ ڪري ڇڏيندي آهي (بخاري) يعني تحريڪن جي عظيم ڪم جي لاءِ جيڪي ماڻهو اڳتي وڌندا آهن، انهن کي وک وک تي مصيبتن ۽ آزمائشن جا اهڙا اهڙا مرحلا پيش ايندا آهن، جن کي اهو ئي پار ڪري سگهندو آهي جنهن وٽ ايمان جي ڪامل سون جي ڪسوٽي موجود هجي، کوٽو مال ڪنهن نہ ڪنهن مرحلي تي الڳ ٿي ويندو آهي. سو مديني ۾ تڪليفن ۽ آزمائشن جو اهو مرحلو سوناري جي بٺي وارو ڪم ڪري رهيو هيو.[1]

اهوئي دور هيو جڏهن حضور سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم الله تعاليٰ کان گڙگڙائي دعا ڪئي تہ "اي الله ! اسان جي لاءِ مديني کي اهڙو ئي دلڪش بڻاءِ جهڙو

1 اسوه صحابہ: از مولانا عبدالسلام ندوي ص 32 کان 34. سيرت ابن هشام ج 2 ص 221 ۽ 222

مڪي کي ڪيو هيو يا ان ڪان بہ وڌيڪ. اسان جي لاءِ ان جي پيمانن (يعني اناج، ڏڻ ۽ پيداوار) ۾ برڪت عطا فرماءِ ۽ ان تي آيل وبا کي مَهيَعَہ (ميقاتِ اهل شام) ڏانهن منتقل ڪري ڇڏ." (سيرت ابن هشام ج 2 ص 221)

ٻئي طرف غربت ۽ بک جي حالت حد درجي کان وڌيڪ تشويش ناڪ هئي. نئين جاءِ تي اچي معاشي زندگي جي وهڪري ۾ ٻيڙي لاهڻ ۽ وري ان ۾ حلال ڪمائي جو بندوبست ڪرڻ ۽ اهو بہ اهڙي حالت ۾ جڏهن هڪڙي تحريڪ گهڙي گهڙي مال خرچ ڪرڻ جو مطالبو ڪٽي سامهون بيٺي هجي، اهڙين حالتن ۾ جيڪا آزمائش پيش اچي سگهي ٿي اها ظاهر آهي. علمبردارنِ حق تي جيڪو ڪجهہ گذريو ان جي دردناڪ داستان سان تاريخ، سيرت ۽ حديثن جا ڪتاب ڀريا پيا آهن.

حضرت ابوطلحہ رضہ ان تڪليف ۽ آزمائش واري دور جو حال هيئن بيان ڪري ٿو تہ اسان بک جي مصيبت ۾ ڳري ڳري جڏهن بيوس ٿي وياسين تہ سهارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ آياسين. حالت بيان ڪئيسين ۽ پيٽ کولي ڏيکاريوسين تہ ڪيترن ئي ڏينهن کان بک جي ڪري (معدي ۾ ٽيڙ واري هڪڙي خاص تپش کي روڪڻ جي لاءِ) پٿر ٻڌي ڇڏيا هيا. ان تي تاريخ جي ان عظيم ترين شخصيت پنهنجي پيٽ تان ڪپڙو هٽائي ڏيکاريو تہ هڪڙو نہ پر بہ پٿر ٻڌل هيا. ان منظر کي ڏسي پنهنجو ڏک بيان ڪرڻ وارن کي تسلي ٿي وئي.[1]

هڪڙو دفعو اهڙي حال ۾ حضرت ابوبڪر رضہ ٻي مَهلو آيا ۽ گهريائين تہ سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي تڪليف بيان ڪري، مگر پوءِ خيال آيس تہ ان جي قائدِ اسلام کي هرويرو وڌيڪ پريشاني ٿيندي، ٿوري دير ۾ حضرت عمر رضہ بہ اچي ويو. اهو بہ ان امتحان جو شڪار هيو. اچڻ جو سبب پڇيو ويو تہ ان صاف عرض ڪيو تہ بک جي ڪري تڙپي رهيو آهيان. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اهو ٻڌو تہ فرمايو تہ منهنجو بہ ڪجهہ اهڙوئي حال آهي. طي ٿيو تہ پنهنجي ديني دوست ابوالهيثم وٽ هلجي. ابوالهيثم باغن جو مالڪ ۽ خوشحال هيو. ٽئي پنهنجي دوست وٽ پهتا تہ ويچارو نوڪر نہ هجڻ ڪري پاڻ ئي پاڻي ڪڍڻ ويو هيو. آيو تہ خوشي مان انهن کي ڀاڪرين پئجي ويو ۽ باغ ۾ وٺي وڃي دسترخوان وڇايو ۽ ڪتل لاهي آڻو حاضر ڪيائين. ڪتل کائي انهن حق جي راهہ تي بکون ڪاٽيندڙن ٿڌو پاڻي پيتو ۽ الله جو شڪر ادا ڪندي، ابوالهيثم لاءِ خيروبرڪت جي دعا ڪري واپس ٿيا.[2]

سعد رضہ بن ابي وقاص هڪڙي موقعي تي بيان ڪيو تہ تحريڪِ محمدي جو مان ئي اهو ڪارڪن آهيان جنهن جي هٿان هڪڙي حق جي دشمن جو پهريون قتل ٿيو مان ئي آهيان جنهن جهاد ۾ پهريون تير اڇلايو. اسان اهڙي حالت ۾ جهاد ڪيو جو اسان وٽن

1 شمائل ترمذي باب ماجاء في عيش النبي ﷺ

2 ساڳيو

جا پن ۽ ٻير جا پاپڙ کائيندا هياسين ۽ ان جي ڪري واڇون زخمي ٿي وينديون هيون ۽ پيتان اُٺن ۽ ٻڪرين جي ليڏڻن ۽ ڦيڳڙين وانگر ويهندا هئاسين.[1]

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خاص دوست ابوهريره رضہ جو بيان آهي تہ "هڪڙو وقت هيو جڏهن مان منبر نبوي ۽ حضرت عائشہ رضہ جي هجري جي وچ ۾ بک ۽ هيڻائي جي شدت ڪري بيهوش پيو هوندو هيس ۽ ماڻهو مون تي چريائپ جو دورو پيل سمجهي (علاج طور) پيرن سان منهنجي ڪنڌ کي لتاڙيندا هيا. حالانڪ مون تي چريائپ جو دورو ڪونہ پوندو هيو. اها صرف بک جي حالت هوندي هئي."[2] حضرت ابوهريره رضہ جوئي بيان آهي تہ هڪڙو واقعو اهو بہ آهي تہ پاڻ حضرت عمر رضہ سان گڏ وڃي رهيو هيو ۽ ڪنهن آيت جي مفهوم تي بحث ڪري رهيا هيا. ڳالهيون ڪندي ڪندي ۽ گڏ هلندي هلندي اوچتو حضرت ابوهريره رضہ بيهوش ٿي ڪري پيو. بک جي ڪري حالت اهڙي حد تائين پهچي وئي هئي.

ان ماحول ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم توڙي جو بيت المال ۾ اچڻ واري ملڪيت کي ان ئي وقت ساٿين کي سهارو ڏيڻ لاءِ خرچ ڪري ڇڏيندا هيا. مگر خرچ جو دائرو ايترو تہ وسيع هيو جو بيت المال جي آمدني ۽ انصارن ۽ خوشحال مهاجرن جا فراخدلانا انفرادي اعليٰ درجي جا صدقا بہ ڪافي ڪونہ هوندا هيا. بکون ڪاٽيندڙ عام مهاجرن سان گڏ اصحاب صفہ جو مستقل نڪاڻو ضرورتمند هيو. مهمان ايندا هيا. وقت بہ وقت بدوي ماڻهو اسلام قبول ڪرڻ، زيارت ڪرڻ ۽ احڪام معلوم ڪرڻ ايندا هيا. سوالي اچي سوال ڪندا هيا ۽ مسلسل نوان مهاجر بہ ايندا رهندا هيا. انهن حالتن ۾ ويچارو بيت المال بہ ڇاتي ڪري سگهيو. جڏهن دوستن ۽ ٻين گُهرجائو ضرورتن جو دٻاءُ شديد هوندو هيو. قائد تحريڪ يا تہ مدد جي لاءِ اپيل ڪندا هيا ۽ ماڻهو صدق دل سان پنهنجو مال پيش ڪندا هيا. يا وري قرض وٺو پوندو هين. پنهنجي جماعت وارن کان ڪجهہ زياده قرض ڪونہ ملي سگهندو هين. لهٰذا يهودي مالدارن کي منٿ ڪرڻي پوندي هين. يهودين جو حال اهو هيو تہ اهي پڪا ڪاروباري ۽ وياج خور هيا ۽ انهن جي وياج جا ڄار پوري علائقي ۾ پکڙيل هيا. ليڪن محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي ساٿين کي اهي جنهن غرض سان قرض ڏيندا هيا. اهو وياج کان بہ گهڻي وڏي ڳالهہ هئي. اُها اِها ڳالهہ هئي تہ رقم ڏيڻ ۽ احسان ڪرڻ جي زور سان انهن تي قابو پاتو وڃي ۽ ان ذهنيت سان اهي قرض گهرڻ ۾ بلڪل شائيلا جي ذهنيت جو مظاهرو ڪندا هيا ۽ توهين ۽ تذليل تي لهي ايندا هيا. اهوئي حال مشرڪن جو هيو. ان تلخ تجربي مان خود سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي بہ گذرڻو پيو ۽ پاڻ سڳورن

---

1 ساڳيو. اهو واقعو ڪجهہ بعد واري دور جي متعلق آهي ليڪن ان مان مديني ۾ پيش آيل معاشي تڪليف جو عام اندازو ٿئي ٿو.

2 شمائل ترمذي باب ماجاء في عيش النبي ﷺ

جي ساٿين کي بہ سيرت ۽ تاريخ جي ڪتابن ۾ اهڙا گهڻائي واقعا بيان ٿيل آهن. آه! دنيا جي ڀلائي جي لاءِ زندگين جي بازي لڳائڻ وارن اهو سڀ ڪجهہ ڀوڳيو. مگر ان سُچائي واري حالت ۾ بہ پنهنجي ايمان ۽ مقصد جي باري ۾ تحريڪ جي سپاهين ۾ ڪوئي لهر لوڏو ڪونہ آيو.

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي ويجهڙي ساٿي ۽ ذاتي نائب حضرت بلال رضہ کي حڪم ڏئي ڇڏيو هيو تہ تحريڪ ۽ ان جي سپاهين جي ضرورت تي اهو آمدني کي بنا هٻڪ جي خرچ ڪندو رهي. حضرت بلال رضہ انهي طريقيڪار تي ڪاربند رهندا رهيا. هڪڙو دفعو نوي هزار درهم جي رقم آئي ۽ هڪڙي جاءِ تي ڍير ڪري رکيائون. اتي ئي ويٺي ويٺي سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اها ضرورتمندن ۾ ورهائي ڇڏي ۽ هڪڙي ڪوڙي بہ باقي ڪونہ رهايائون. ورهائجي وڃڻ کان پوءِ هڪڙو سوالي اچي ويو تہ ان جي لاءِ قرض وٺڻ جو حڪم ڏنائون. حضرت ابوهريره رضہ جو بيان آهي تہ هڪڙي موقعي تي سيدنا بلال رضہ جي سامهون ڪتل جو هڪڙو ڍير پيو هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم معلوم ڪيو تہ اهو ڪهڙو مال آهي؟ سيدنا بلال رضہ عرض ڪيو تہ ان کي مستقبل جي نامعلوم ضرورتن لاءِ بچائي رکڻ جو ارادو آهي. فرمايائون. "ڇا تون بي پرواهہ ٿي ويو آهين جو سڀاڻي قيامت جي ڏينهن ڪٿي ان مال کي ائين بچائي رکڻ جي بدلي ۾ جهنم جو دونهون توتائين پهچي، خرچ ڪري ڇڏ. اي بلال! تختِ اقتدار جي مالڪ جي طرف کان ڪنهن بہ قسم جو انديشو نہ ڪر." حضرت بلال رضہ جوئي بيان آهي تہ مديني جو هڪڙو مشرڪ مون وٽ آيو ۽ پاڻ ئي پيشڪش ڪيائين تہ مون وٽ تمام گهڻو مال موجود آهي، جڏهن بہ ضرورت پوي مون کان وٺندو ڪر. تنهن ڪري حضرت بلال رضہ قرض وٺڻ شروع ڪيو. هڪڙي ڏينهن اوچتو اهو ٿيو تہ حضرت بلال رضہ وضو ڪري آذان ڏيڻ جي تياري ۾ هيو تہ اهو دولتمند پاڻ سان ڪجهہ ٻين ڪاروباري ماڻهن کي گڏ وٺي آيو ۽ رڙ ڪري چيائين: "اي حبشي!" حضرت بلال رضہ ان وٽ ويو. اهو گرم ٿي ويو ۽ گندو مَنو ڳالهائڻ لڳو ۽ چتاءُ ڏنائين تہ "مهينو ختم ٿيڻ وارو آهي، جيڪڏهن وقت تي قرض واپس نہ ڪيو تہ (عربن جي جاهلي طريقي مطابق) توکي غلام بڻائيندس ۽ تنهنجو اهوئي حال هوندو جيڪو پهريان هيو." حضرت بلال رضہ بيان ڪري ٿو تہ ان بي عزتي جي ڪري مون تي اهو گذريو جيڪو اهڙي حالت ۾ هر شريف ماڻهوءَ تي گذرندو آهي. سيدنا بلال رضہ سومهڻي (عشاء) جي نماز کان پوءِ پنهنجو ڏک ٻڌائڻ جي لاءِ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ پهتو ۽ ادائگي جي ڪا تدبير نہ ڏسي روپوش ٿي وڃڻ جو ارادو ظاهر ڪيو ۽ چيو تہ جڏهن قرض ادا ڪرڻ جو ڪجهہ انتظام ٿي وڃي تہ مان واپس اچي ويندس. ليڪن ان کان اڳ جو حضرت بلال رضہ پنهنجي ارادي تي عمل ڪري، صبح جو نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کي پاڻ وٽ سڏرايو. حاضر ٿيو

تہ ڏنائين تہ فدڪ جي حاڪم جي طرف کان چار اُٺ هديي جي مال سان لَڏيل بيٺا آهن. قرض گهرندڙ کي سڏي حساب چڪتو ڪيو ويو ۽ باقي مال معمول مطابق حقدارن ۾ ورهايو ويو.

اسلامي تحريڪ جو هڪڙو سپاهي ابوحَدرَد اسلمي هڪڙي يهودي جو قرضي ٿي ويو ليڪن ادائگي جي لاءِ بدن تي موجود ڪپڙن کان سواءِ ان وٽ ڪا شي ڪونہ هئي. ابو حَدرَد يهودي کان وڌيڪ مُهلت گهري. ليڪن ان جي شائيلاڪي هڪڙي گهڙي بہ مُهلت ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ هئي. اهو ابوحَدرَد رضہ کي پڪڙي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون وٺي آيو ۽ پنهنجو مطالبو پيش ڪيائين. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ابوحَدرَد رضہ کي ادائگي لاءِ چيو. ان پنهنجي مجبوري جي حالت بيان ڪري عذر پيش ڪيو. ليڪن يهودي قرض گهرندڙ جي غيرانساني ذهنيت کي ڏسندي پاڻ سڳورن اصرار ڪيو تہ جيئن بہ ٿي سگهي ادائگي ڪر. ان وري گذارش ڪئي تہ غزوه خيبر سامهون آهي. شايد اتان موٽي اچڻ تي حل جي ڪا صورت نڪري اچي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وري سختي سان ان بَلا مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. تنهن ڪري اهو يهودي ابوحَدرَد رضہ جي گوڏ جو ڪپڙو وٺي ٽريو. ان مرد حق کي پٽڪو لاهي گوڏ ڪري ٻڌڻو پيو. ڪجهہ قرض جي رقم جي مقدار جو اندازو ڪيو ۽ ان تي قرض گهرندڙ يهودي جو ضد ڏسو ۽ پوءِ ان ظالماڻي طريقي سان وصولي جو تصور تہ پنهنجي قرضي جي جسم جو ڪپڙو بہ لهرائي ساهہ پٽيو.[1]

حضرت جابر رضہ بن عبدالله اسلامي تحريڪ جي هڪڙي ئي بزرگ ترين هستي آهن. اهو مديني جو رهاڪو هيو ۽ چڱو خوشحال هيو. پوءِ بہ وقت بہ وقت حالتن ۽ ضرورتن جي ڪري هڪڙي يهودي شاهوڪار کان قرض وٺڻ تي مجبور ٿي ويندو هيو. هڪڙي سال اتفاق سان کجين پوري طرح ڦر ڪونہ جهليو ۽ وقت تي قرض ادا ڪونہ ٿي سگهيو. يهودي کان مشڪل سان ايندڙ فصل تائين مُهلت ورتائين. ٻئي ڀيري بہ فصل سنو ڪونہ لٿو. يهودي وڌيڪ مُهلت ڏيڻ کان انڪار ڪيو. آخرڪار جابر رضہ بہ پنهنجي ڪتا ٻڌائڻ لاءِ پنهنجي آقا جي خدمت ۾ پهتو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪجهہ ساٿين کي ساڻ ڪري يهودي جي گهر تشريف کڻي ويا ۽ ان کي منٿ ڪئي تہ اهو جابر رضہ کي مُهلت ڏئي. ان انڪار ڪري ڇڏيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٿوري دير جي لاءِ هيڏي هوڏي گهميا ۽ هڪڙو دفعو وري اچي ان سان ڳالهايو. ليڪن پٿر ۾ ڪنهن بہ طريقي سان سوراخ ڪونہ ٿي سگهيو. پوءِ ٿوري دير جي لاءِ پاڻ سڳورا سمهي پيا. جاڳيا تہ وري وڃي ساڳي ڳالهہ ڪيائون. مگر ظالم نرم ڪونہ ٿيو. آخرڪار پاڻ سڳورا وڃي جابر رضہ جي کجين جي جهڳٽي ۾ بيٺا ۽ ان کي

1 سيرت النبي ﷺ شبلي ج 2 ص 242

فرمايائون تہ ڪتل لاھہ ڪتل لاٿائون تہ اميد کان گھڻي وڌيڪ نڪتي. قرض بہ ادا ٿي ويو ۽ چڱو خاصو مقدار بہ بچي پيو.[1]

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هڪڙي ذاتي زرھ هڪڙي قرض گھرندڙ يهودي وٽ گروي رکيل هئي. آخري پساھہ تائين پاڻ سڳورن وٽ ان کي ڇڏائڻ لاءِ بچت ڪونہ ٿي سگھي.[2]

هڪڙو دفعو سرورِعالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان هڪڙو بدوي قرض گھرندڙ قرض گھرڻ آيو. پنهنجي بدوي مزاج جي مطابق نهايت رُکائي سان ڳالهايو. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ساٿين ان کي احساس ڏياريو تہ تون ڪونہ ٿو ڄاڻين تہ ڪهڙي هستي سان مخاطب آهين. اهو چوڻ لڳو تہ مان تہ پنهنجو حق گھري رهيو آهيان. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجن ساٿين کي فرمايو تہ توهان کي هن جي حمايت ڪرڻ گھرجي، ڇوتہ اهو ان جو حق آهي. پوءِ ان جو حساب چڪتو ڪرڻ جو حڪم ڏنائون ۽ ان جي حق کان ڪجھہ وڌيڪ بہ ڏياريائون.[3]

زيد بن سعنہ جو دلچسپ واقعو انهن حالتن تي وڌيڪ روشني وجھي ٿو. اهو يهودي عالم هيو ۽ ديانتداري سان حضور پاڪ صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نبوت جي دعوي جو مختلف نشانين جي روشني ۾ جائزو وٺي رهيو هيو. ان جو بيان آهي تہ هڪڙو بدوي آيو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان اچي مليو. ان ٻڌايو تہ منهنجي قوم مسلمان ٿي چڪي آهي ۽ مون انهن کي حق جي دعوت ڏيڻ وقت چيو هيو تہ توهان جيڪڏهن اسلام قبول ڪندا تہ الله تعاليٰ توهان کي ڀرپور رزق ڏيندو. ليڪن بدقسمتي سان ايترو ڏڪار پئجي ويو آهي جو هاڻي جيڪڏهن انهن کي سهارو نہ ملندو تہ انديشو آهي تہ اهي اسلام تان ڦري وڃن. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حضرت علي عليہ السلام ڏانهن پڇا ڪرڻ واري انداز ۾ ڏٺو. انهن عرض پيش ڪيو تہ هن وقت تہ ڪجھہ بہ موجود ڪونهي. زيد بن سعنہ پيشڪش ڪئي تہ مون کان 80 مثقال سون وٺو ۽ ان جي بدلي مقرر وقت تي ڪتل ڏجو. معاملو طي ٿي ويو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سون وٺي بدوي جي حوالي ڪيو. زيد بن سعنہ جو بيان آهي تہ مقرر وقت ۾ جڏهن ٻہ ٽي ڏينهن رهجي ويا تہ اهو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان اهڙي حالت ۾ منهان منهن ٿي ويو جو پاڻ سڳورا پنهنجن ڪجھہ ساٿين سان ڪنهن جي جنازي جي نماز کان فارغ ٿي هڪڙي پٽ جي ڀرسان تشريف فرما هيا. زيد حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پهرياڻ ۽ چادر کي ڇڪيندي نهايت رُکائي سان چيو. "اي

1 سيرت النبي ﷺ شبلي ج 2 ص 242

2 شمائل ترمذي باب ماجاء في تواضع رسول الله ﷺ

3 سيرت النبي ﷺ شبلي ج 2 ص 239

محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) منهنجو قرض ادا ڪونہ ٿا ڪيو! خدا جو قسم مان توهان سڀني اولاد عبدالمطلب کي چڱي طرح سڃاڻان ٿو تہ ڪاريت جا سٺا ڪونہ آهيو."

حضرت عمر رضہ زيد کي تکين نظرن سان گهوريو ۽ چيو. "اي الله جا دشمن! ڇا ٿو بڪين! الله جو قسم مون کي (حضور جو) لحاظ نہ هجي ها تہ تنهنجو ڪنڌ لاهي ڇڏيان ها." سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حضرت عمر رضہ کي سمجهايو تہ "اهڙي موقعي تي توکي گهربو هيو تہ هڪڙي طرف مون کي سٺي ۽ سهڻي نموني سان قرض ادا ڪرڻ جي صلاح ڏين ها. ٻئي طرف ان شخص کي قرض گهرڻ لاءِ بهتر طريقو اختيار ڪرڻ جي نصيحت ڪرين ها." پوءِ فرمايائون. "هاڻي وڃو ۽ وڃي هن جو حساب چڪتو ڪيو ۽ ان کي ڇڙٻون ڏيڻ جي بدلي ۾ ويهہ ٽويا ڪتل وڌيڪ ڏيو."

اهو دراصل زيد بن سعنہ طرفان صاحبِ نبوت جو آخري امتحان هيو. حضرت عمر رضہ سان پنهنجو تعارف ڪرايائين ۽ ان کي شاهد ڪري اسلام قبول ڪيائين ۽ پنهنجو اڌ مال ملتِ اسلاميہ تي خرچ ڪري ڇڏيو. اهو زيد يهودي شاهوڪارن جي صف کان بلڪل الڳ پنهنجو مقام بلند رکندو هيو ليڪن ان جي واقعي مان اهو بہ واضح ٿي وڃي ٿو تہ مديني ۾ تحريڪ ۽ ان جي ڪارڪنن جون مالي مشڪلاتون ڪهڙي درجي جون هيون ۽ انهن جي اثر کان مجبور ٿي ڏينهون ڏينهن قرض ڪڍڻو پوندو هيو ۽ قرض گهرندڙن جي طرفان سختيون برداشت ڪرڻيون پونديون هيون.

يهودين ۽ مالدار مشرڪن هڪڙي طرف تہ اسلامي تحريڪ جي خلاف وياجي محاذ کولي ڇڏيو هيو تہ ٻئي طرف اهي هڪڙي ٻي مهم ۾ بہ مصروف هيا. اهُا اِ ها هئي تہ ماڻهن کي "انفاق في سبيل الله" (الله جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ )کان روڪيو وڃي تہ جيئن تحريڪ مالي ڪمزوري جي ڪري سُڪي هيٺي تي ختم ٿي وڃي. ان مقصد جي لاءِ هڪ تہ اهي انفاق جي ترغيب ڏيارڻ واري آيت تي مذاق ڪندا هئا تہ ادا ڏسو! مسلمانن جو خدا ڏيوالو ٿي قرض گهرڻ لاءِ اٿي پيو آهي. ڪڏهن چوندا هيا تہ اسلامي تحريڪ جي خدا جو هٿ منجهيل (بند) آهي. اهي ڳالهيون يهودين وٽان هلي منافقن جي زبان تي اچي ويندي هيون ۽ پوري ماحول کي خراب ڪري ڇڏينديون هيون. ٻئي طرف اهي انفاق ڪرڻ وارن سان ملي ڪري چوندا هيا تہ ڏسو پنهنجو مال ڇو برباد ڪري رهيا آهيو. مڪي جي ڪجهہ ڪنگلن کي ڪارائي پياري توهان ڇا حاصل ڪندا. پنهنجن ٻارن ٻچن جو خيال رکو ڪاروبار ڏانهن ڌيان ڏيو آخر توهان مال خرچ ڪرڻ جو اهو ڪهڙو طريقو هٿ ڪيو آهي. ان مهم کي هلائڻ وارن يهودين ۽ منافقن جي باري ۾ ئي قرآن شريف چيو "يَأْمُرُونَ النَّاسَ بِالْبُخْلِ" يعني اهي ماڻهن کي ڪنجوسي ڪرڻ جي تعليم ڏين ٿا. بخيلي جي تعليم ڏيڻ وارن انهن معلمن ۾ ڪُرزم بن قيس (ڪعب بن اشرف جو ساٿاري)، اسامہ بن حبيب، نافع بن ابي نافع، بحري بن عمرو، حي بن اخطب ۽ رفاعہ بن زيد بن تابوت مشهور ۽ سرڪرده ماڻهو هيا. اهي انصارن وٽ اچي ويهندا هيا ۽

انهن کي نصيحت ڪرڻ واري انداز ۾ چوندا هيا. "پنهنجو مال ائين نہ وڃايو اهو ائين ويندو تہ اسان کي توهان جي ڪنگال ٿيڻ جو انديشو آهي. سو توهان (اسلامي تحريڪن تي) خرچ ڪرڻ ۾ ايتري اُبهرائي نہ ڏيکاريو توهان کي ڪا سُڌ ٻُڌ ڪونهي تہ حالتون ڪهڙيون ٿي وينديون." (سيرت ابن هشام ج 2 ص 188)

يهودين جي پنجين ٿنڀي (ڪالم) جي ڪارندن ۾ اهي سرگوشيون ٿينديون هيون تہ رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي ساٿين تي مال خرچ ڪرڻ کان مڙئي وڃو تہ جيئن اهي ڪنڌڙي پڪڙجي (ڇڙوڇڙ ٿي) وڃن. (⁕ "هُمُ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ لَا تُنْفِقُوْا عَلٰى مَنْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللهِ حَتّٰى يَنْفَضُّوا" هي اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي چون ٿا تہ رسول الله جي ساٿين تي خرچ ڪرڻ بند ڪيو تہ جيئن اهي ڇڙوڇڙ ٿي وڃن. سورت المنافقون آيت 7)

ڪيتري دورانديشي واري مهم (اسڪيم) هئي. يعني هڪ طرف کان جذبہ انفاق جي سرچشمي کي بند ڪري ڇڏجي ۽ ٻئي طرف وياجي ٻڌجي پنهنجي شائيلا جي چنبي جي پڪڙ اسلامي تحريڪ جي گردن تي سخت ڪئي وڃي. مهم (اسڪيم) ڪامياب ٿي وڃي ها تہ ايمان و استدلال ۽ عمل و ڪردار جي ميدان ۾ مقابلو ڪرڻ کان سواءِ ئي سر مٿان جهومندڙ انقلاب کي شڪست ڏئي پئي سگهجي. مگر مقابلو (معاملو) هڪڙي ڄاڻندڙ ۽ ڏسندڙ الله ۽ قادر ۽ طاقتور حاڪم سان هيو. ان جي ڳوڙهين تدبيرن حق جي دشمنن جي فريبن کي شڪست ڏئي ڇڏي.

مثال طور بعد واري دور ۾ جڏهن زڪوات جي وصول ڪرڻ ۽ خرچ ڪرڻ وارو نظام باضابطہ طور قائم ٿي ويو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي هڪڙو واهيات الزام بہ هنيو ويو هيو تہ پاڻ سڳورا بيت المال ۾ اچڻ وارن صدقن کي پنهنجي مرضي هلائڻ (من ماني) واري طريقي سان اڏائي ٿا ڇڏين. (⁕ "وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّلْمِزُكَ فِي الصَّدَقٰتِ" (اي نبي!) انهن مان ڪجهہ ماڻهو صدقن جي ورهاست ۾ توتي اعتراض ڪن ٿا. سورت التوبه آيت 58) اصل ڳالهہ اها هئي تہ سموري بچائي رکيل ملڪيت ۽ ڪاروباري سرمايي، ۽ جانورن ۽ زرعي پيداوار مان جڏهن باضابطہ طور الله جي حاجتمند ٻانهن جو حق ونڊ شروع ڪيو ويو تہ تمام گهڻي دولت هڪڙي مرڪز تي گڏ ٿيڻ ۽ سرور عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مبارڪ هٿن سان رحمت جي مينهن وانگر ورهائجڻ لڳي. دولت جي انهي وهندڙ ندي (گنگا) کي ڏسي دولت جي پوڄارين (زرپرست) جي وات ۾ پاڻي پرجي ايندو هيو ۽ اهي گهرندا هيا تہ جاهلي دور وانگر اڄ بہ ان گنگا مان اهي ئي هٿ رنگين. جيڪي اڳ ۾ ئي مضبوط مالي حيثيت وارا آهن. ليڪن اسلامي تحريڪ جي قائم ڪيل معيشت واري نظام دولت جي وهڪري جو رخ غريب طبقي وارن ڏانهن موڙي ڇڏيو هيو ۽ نٽ ٽانگر ۽ شان و شوڪت وارا ماڻهو ان انقلاب تي سڙندا هيا. اهي سڌو سنئون اسلام جي معيشت واري نظام تي بہ حملو نٿي ڪري سگهيا. جيڪو انهن جا ڪيسا پرڻ جي بجاءِ مورڳو قانون جي زور سان "زڪوات" جو "ڏنڊ"

وصول ڪري رهيو هيو. بس دل جو بخار ڪڍڻ لاءِ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي نشانو بڻائيندا هيا. انهن جو اهو چوڻ هيو تہ دولت پنهنجن حامين ۽ پنهنجن من پسند ماڻهن ۾ خرچ ڪئي وڃي ٿي ۽ مهاجرن کي خاص طور تي نوازيو وڃي ٿو. بين لفظن ۾ خدائي خزاني جي طاقت تي دوست نوازي، ڪنبہ پروري ٿي رهي آهي. مختلف ڳالهين ۾ مسالو لڳائي چيو ويندو هيو تہ عام ماڻهن جي خون پسيني جي ڪمائي خدا جي نالي تي نپوڙي وڃي ٿي. ليڪن ان کي پنهنجي ڌاڪ ڄمائڻ ۽ پنهنجو اقتدار مسلط ڪرڻ جي لاءِ بي دردي سان استعمال ڪيو وڃي ٿو. عوامي ملڪيت ("پبلڪ فنڊ") جي باري ۾ بہ ڪنهن نظام ۾ قيادت تي الزام لڳي وڃي تہ اهو سنگين معاملو هوندو آهي. ليڪن خاص طور تي هڪڙي ديني ۽ اخلاقي سماجي نظام ۾ جتي خزاني کي الله جو مال چيو ويندو هجي ۽ جنهن جي وصولي ۽ خرچ الله جي نالي تي — ۽ ان جي حڪمن موجب ڪيو ويندو هجي، اتي اهڙي الزام سان شديد جذباتي هيجان پيدا ڪري سگهجي ٿو.

غور ڪيو تہ اهو الزام ان مثالي شخصيت تي لڳايو پئي ويو جنهن صدقي جي آمدني کي رڳو خود پنهنجي ۽ پنهنجي اهل و عيال لاءِ نہ بلڪ پوري بنوهاشم خاندان جي لاءِ حرام قرار ڏئي ڇڏيو هيو. اهو اهڙي بي لوثي وارو شان جنهن جو ڪو مثال تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي، ان جي پاڪ دامن تي نهايت ادنيٰ سيرت جي ماڻهن اڳتي وڌي داغ لڳائڻ شروع ڪيا.

ان داستان ۾ ڏسڻ واري ڳالهہ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ حق جي تحريڪ جي پاليل سپاهين جو اهو صبر وارو ڪردار آهي، جيڪو مخالفن جي ظالماڻين ۽ واهيات حرڪتن جي جواب ۾ پڌرو ٿيو. انسانيت جو اهو کهڙو اعليٰ نمونو هيو جنهن اخلاقي بلندي جو دامن سخت مايوس ڪن ۽ اذيت ڏيڻ وارين حالتن ۾ هٿ مان نہ ڇڏيو.

## يهودين جو پنجون ڪالم:

انساني تاريخ جا سوين تجربا ان حقيقت جي شاهدي ڏين ٿا تہ اخلاص جو روح پنهنجي اندر ۾ جڏهن ڪنهن خير ۽ فلاح جي دعوت ڪٺي اثرائتي ڪوشش ڪندو آهي تہ ان جي مقابلي ۾ اچڻ وارين رد عملي طاقتن مان هڪڙي اها هوندي آهي جيڪا آمهون سامهون اچي ان سان ٽڪر کائيندي آهي ۽ وقت جي تلوار مياڻ مان ڪڍي آخري پساهہ تائين مقابلو ڪندي آهي. مگر اهڙا فاسد عنصر جيڪي اخلاقي پستي جي ڪري بزدلي ۽ ڪميڻپائي جي سطح تي ڪري ويندا آهن اهي منافقي جي اوٽ ۾ لڪي شرارتون ۽ سازشون ڪرڻ ۾ لڳي ويندا آهن. مڪي جي مشرڪن جي رد عمل واري حرڪت پهرين نوعيت جي هئي يعني سامهون مخالفت ڪندا ۽ وڙهندا هيا. مگر مديني جي يهودين ۽ انهن جي ساٿارين ٻي صورت (پوزيشن) اختيار ڪئي.

اسلامي تحريڪ جيئن ته هاڻي هڪڙي رياست جي صورت اختيار ڪري وئي هئي ۽ اها رياست سيني جي اڪين اڳيان وڌي ويجهي رهي هئي ۽ هرطرف کان سجاڳ دل، متحرڪ ۽ عمل پسند ماڻهن کي چونڊي چونڊي پاڻ سان ملائي رهي هئي، لهٰذا مخالف طاقت حسد ۽ احساس ڪمتري جي خوفناڪ ردعمل جو شڪار ٿيندي پئي وئي. مگر دلين اندر جيڪو اُبار هين ان جي ڪيڻ جي لاءِ ڪو رستو ڪونه هيو ۽ حالتن کي پنهنجي هٿ وس رکڻ جي ڪا صورت ممڪن ڪونه هئي. اسلامي نظرين جي مقابلي ۾ يهودين وٽ ڪو معقول، سڌوسادو عوام کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ (اپيل ڪرڻ) وارو ۽ حرڪت پيدا ڪرڻ وارو تعميري نظريو ڪونه هيو. انهن وٽ ڪجهه اجايا ۽ کوکلا عقيدا هيا، جيڪي مورڳو تاريخ جي وهڪري کي روڪڻ وارا ۽ انساني فطرت ۾ ٺهراءُ (جمود) پيدا ڪرڻ وارا هيا. انهن وٽ اسلامي تحريڪ طرفان پيدا ڪيل اخلاقي ڪردار جي جواب ۾ برابري وارو مقابلو ڪرڻ جو اخلاقي ڪردار ڪونه هيو. بلڪ اهي ڪردار جي لحاظ کان انسانيت جي گهٽ ۾ گهٽ گهربل معيار کان به ڪريل هيا ۽ ڪو محرڪ ڪونه هيو جيڪو انهن کي پستي کان اٿاري سگهي. انسانيت جي تعميرِنو جي قرآني دعوت جيڪو نئون انسان بڻائڻ جي لائق هئي، يهودين جو انسانيت وارو فرسوده نمونو ان جي سامهون بيهڻ جي قابل ڪونه هيو. پروپيگنڊا جي ميدان ۾ غلط فهمين ۽ شرارتن جو ڪيتروئي مٽي ۽ ڌوڙ جو طوفان اٿاريندا رهيا، ليڪن استدلال جي ميدان ۾ اهي شڪست تي شڪست کائيندا رهيا هيا. باقي اهي پنهنجو پاڻ کي چاهي ڪجهه به سمجهندا رهيا. تاريخ جي طاقت اسلامي تحريڪ سان گڏ هئي ۽ واقعاتي مقابلي جي ميدان ۾ يهودين تي گهڙي گهڙي ڪاريون ضربون لڳنديون رهيون. زمانو انهن کي پوئتي ڇڏي اسلامي نظريہ حيات جو جهنڊو لهرائيندو اڳتي ئي اڳتي وڌندو هلندو پئي ويو. سياسي لحاظ کان انهن گهريو ٿي ته اسلامي انقلاب جي شهه رڳ ڪپي ڇڏين. ليڪن ٻڌي ڪرڻ وارن (حليفاڻن) معاهدن انهن جا هٿ ٻڌي ڇڏيا هيا. ان واقعاتي نقشي ۾ قاتل هجڻ ڪري اهي پنهنجو پاڻ کي ويچارگي ۽ بيوسي واري حالت ۾ ڏسندا هيا. ويچارگي ۽ بيوسي جي ان احساس انهن جي سيرت جي بنيادي ڪمزورين سان گڏجي بزدلي جو رنگ اختيار ڪري ورتو هيو. بيوسي ۽ بزدلي جي حالت ۾ انسان جي اندر ڪم ڪرڻ وارا مخالفت وارا جذبہ هميشه حسد ۽ ڪيني جي راهه تان ان کي منافقت واري اوٽ ۾ وٺي ويندا آهن. اهو مخالف تي سامهون وار ڪرڻ جي بجاءِ پٺيان کان راتاهو هڻندو آهي. اهو کلم کلا ڦرمار ڪرڻ جي بجاءِ حملو ڪرڻ جا ڪي منصوبا (اسڪيمون) ٺاهيندو آهي. يهودين ان بزدلاڻي موقف کي سنڀاليو.

منافقن جي ذليل عنصر جي پڌري ٽيڻ لاءِ واقعاتي صورتحال به سبب پيدا ڪري ڇڏيا هيا. هڪ ته يهودين ۽ انهن جي ساٿارين جو اهوئي حاسداڻو انتقامي جذبو برسر عمل هيو ۽ جذبي ۾ جيئن ته سڌو سنئون حملي ڪرڻ جي طاقت ڪونه هئي، انهيءَ

ڪري منافقت جو ڳجهو محاذ برسرِ عمل اچي ويو. پيو سبب اهو هيو تہ اسلام جي وڌندڙ طاقت کي ڏسي گهڻا ماڻهو پنهجو مستقبل ٺاهڻ جي لاءِ ان ئي چور دروازي مان اندر داخل ٿيڻ لڳا.

ان چور دروازي جو افتتاح، بهرحال، يهودي ذهن ڪيو. انهن جا چڱا چڱا سردار هيا، جيڪي اسلامي جماعت جي صفن ۾ پنهنجي مخالفاڻن (حريفاڻن) جذبن کي اسلام جي بهروپ ۾ لڪائي، داخل ٿيڻ لڳا. بنوقينقاع مان وڏي مرتبي وارا هيٺيان بزرگ "پنجين ٿنڀي" طور اسلامي دائري ۾ داخل ٿيا.

(1) سعد بن حنيف (2) زيد بن لُصَيت (3) نعمان بن اوفي بن عمرو (4) رافع بن حُرَيملہ (5) رفاعہ بن زيد بن تابوت (6) سلسلہ بن بَرهام (7) ڪنانہ بن صُورياء.

انهن مان زيد بن لُصَيت اهو شخص آهي جيڪو بنوقينقاع جي بازار ۾ حضرت عمر رضہ سان وڙهڻ لڳو هيو. پوءِ اهوئي هيو جنهن رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڏاچي جي گم ٿيڻ تي طعنو هنيو هيو تہ "ائين تہ آسمان جون خبرون ٻڌائيندو پئي وتيو. ليڪن ايتري بہ خبر ڪونہ اٿس تہ هن وقت ڏاچي ڪٿي آهي." ان جي جواب ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو هيو. "الله جو قسم! منهنجو حال اهو آهي تہ مان ان کان سواءِ ڪجهہ نٿو ڄاڻان جيڪو ڪجهہ الله تعاليٰ مون کي ٻڌائي ڇڏي ۽ هاڻي الله تعاليٰ مون کي ڏاچي جي باري ۾ اطلاع ڏئي ڇڏيو آهي. سو اها هن وادي ۾ آهي ۽ ان جي واڳ هڪڙي وڻ ۾ ڦاسي پئي آهي." تنهن ڪري ساٿي ڳولا ڪرڻ ويا تہ بلڪل اهائي صورتحال اکين سان ڏٺائون.

انهن مان رافع بن حُرَيملہ منافقت ۾ ايتري مٿاهين حد تائين پهتل هيو جو جنهن ڏينهن اهو مئو تہ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پاڻ فرمايو "اڄ منافقن جي سردارن مان هڪڙو سردار مري ويو." رفاعہ بن زيد بن تابوت بہ اهڙي ڏاڪي تي پهتل هيو. تنهن ڪري غزوه بنومصطلق کان واپسي تي جڏهن طوفانِ صرصر آيو ۽ ماڻهو ڪجهہ گهبرائجي ويا تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تسلي ڏيندي فرمايو "اهو طوفان منافقن جي هڪڙي سردار کي ڪئي جي سزا ڏيڻ لاءِ متحرڪ ٿيو آهي." ماڻهو مديني پهتا تہ معلوم ٿيو تہ رفاعہ جو روح ان طوفان جي لهرن سان گڏ پرواز ٿي ويو آهي.[1]

دلچسپ حقيقت اها آهي تہ منافقن جي صفن ۾ جيترا بہ ماڻهو شريڪ ٿيا، سڀ جا سڀ ڪرڙوڊ ۽ شاهوڪار ماڻهو هيا. انهن جي سامهون مفاد هيا ۽ انهن جا مزاج عام طور تي غلط جذبن جي سانچي ۾ ڍلجي پٿر وانگر سخت ٿي ويا هيا. نوجوان طاقت اسلامي تحريڪ سان گڏ هئي. تحقيق ڪرڻ سان هڪڙو نوجوان ان "پنجين ٿنڀي" ۾ ملي ٿو جنهن جو نالو قُس بن عمرو بن سهل هيو.

---

1 ڏسو ذڪر ڪيل واقعا. سيرت ابن هشام ج 2 ص 149 ۽ 150

اهو ٽولو ايترو بہ محدود ڪونہ هيو پر حقيقت ۾ اهي ڪجهہ ماڻهو تہ "پنجين ٿنڀي" جا قائد ۽ سالار هيا. اهي پنهنجي حلقي مان منافق بہ ڀرتي ڪندا هيا ۽ مسلمانن جي جماعت جي اندران ڪمزور ماڻهن کي ڳولي انهن کي متاثر بہ ڪندا هيا ۽ انهن کي استعمال ڪندا هيا. شڪ شبها پکيڙي ۽ مسلمانن جي ڪچهرين ۾ سنجيده معاملن ۾ ٺٺول ۽ مذاق جا پهلو پيدا ڪري ماحول کي خراب ڪرڻ جي پٺيان هوندا هيا. مسجد ۾ وچي سيئي اهم ڳالهيون ٻڌندا هيا ۽ پوءِ اچي پنهنجي ڪچهري ۾ رپورٽ ڪندا هيا. راتين جو سازشي گڏجاڻين ۾ ويهي شرارت جا نوان منصوبا ٺاهيندا هيا ۽ نون نون طريقن سان انهن کي عملي جامو پهرائيندا هيا. ائين تہ پنهنجي انداز ۽ طورطريقي جي ڪري منافقت جو پيدا ڪيل اهو بي ڍنگو ڪردار نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ مسلمانن جي نگاهن ۾ سچاتو ويندو هيو ۽ ان سان گڏ هر مرحلي تي وحي الاهي جي روشني انهن جي خيالن، انهن جي حرڪتن ۽ انهن جي ڪارروائين ۽ سازشن بلڪ انهن جي ڏوهي ضمير جي خاص خاص نشانين کي ظاهر ڪندي رهندي هئي. ليڪن هڪڙي موقعي تي مسجد نبوي ۾ انهن منافق اڪابرن جون حرڪتون برداشت جي حد کان ٻاهر ٿي ويون. عام مجمعي ۾ اهو پورو ٽولو بلڪل الڳ ٿلڳ وينو هيو ۽ پنهنجي جاءِ تي الڳ سُسُ پُس ڪري رهيا هيا. اهو منظر ڏسي سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن کي مسجد مان نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو. ڪجهہ بزرگ تہ اهڙا هٿيلا هيا جو انهن کي ٽنگو ٽالي ڪرڻ واري شان سان ڪڍيو ويو.

ليڪن انهن منافقت جي سرواڻن جي خود پنهنجي مرڪزي قيادت عبدالله بن ابي جي ذات ۾ گڏ ٿيل (مرتڪز) هئي. اهو شخص جيڪو اِفڪ واري واقعي ۾ فتني جي بارود کي چوچڙي ڏيکارڻ وارو هيرو هيو. ان جي رڳ رڳ ۾ اسلامي انقلاب جي خلاف بغض ۽ ڪيني جي باهہ جو لاوو پريو پيو هيو. ان لاعلاج بغض ۽ ڪيني جو بنياد ڪهڙو هيو. اهو اُسيد بن حُضير جي زباني ٻڌو جنهن غزوه بنومصطلق جي موقعي تي عبدالله بن اُبي جي شرانگيزي تي تبصور ڪندي قائدِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ عرض ڪيو:

"يارسول اللهﷺ ان شخص (جي ڏُک وارن جذبن) لاءِ رعايت فرمايو. توهان جڏهن مديني ۾ تشريف کڻي پهتا هيا تہ ان موقعي تي اسان هن کي بادشاهت جي گادي تي ويهارڻ جون پوريون تياريون ڪري چڪا هياسين ۽ ان جي لاءِ تاج تيار ٿي رهيو هيو. توهان جي اچڻ ڪري ان جي نهيل نڪيل راند خراب ٿي وئي. ويچارو ان جو ساڙ ڪڍي رهيو آهي." (ڏسو تفهيم القرآن سورت نور جو ديباچو)

جن ماڻهن جا نهيل نڪيل ڪيل ڪنهن دعوت يا تحريڪ جي ڪري بگڙي ويندا آهن ۽ جن جي مفاد جو رسو اهڙي حالت ۾ ٽٽندو آهي جو سامهون ڪنارو ٻن ٽن هٿن جي فاصلي تي هوندو آهي، پوءِ اهي پنهنجي سيني ۾ بُس ڀري سڄي عمر وٽ وڪڙ

ڪائيندا رهندا آهن. اهڙا شڪست ڪاڌل مخالف ڪڏهن بہ معاف ڪونہ ڪندا آهن. اسلام جي باري ۾ اهائي ڪيفيت هئي، جنهن ۾ عبدالله بن اُبي پهرين ڏينهن کان ئي مبتلا ٿي ويو هيو ۽ مرڻ گهڙي تائين ان ۾ مبتلا رهيو. شروع شروع ۾ اسلام قبول ڪيائين تہ جيئن ان نئين طاقت جي نظام ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي سگهي ۽ پوءِ ان جي اندر وک وک تي مٿي ٿي قيادت ۽ اقتدار جي چوٽي تائين پهچي سگهي. ليڪن ان نظام جي اندران تہ جيڏانهن بہ ڪوئي رستو ويندو هيو اهو ايمان ۽ عمل جي سگهہ (ٻل) تي طي ٿي سگهيو ٿي. سو عبدالله بن اُبي جي لاءِ منافقت کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ هيو. شروع ۾ اُها منافقت ڳجهي رهي. ليڪن هڪڙي ڏينهن اوچتو ان جي دل جو ناسور ڦاٽي پيو ۽ گندو ڏپ ڪندڙ مادو وهڻ لڳو.

ٿيو هيئن تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سعد رضہ بن عباده جي بيماري ڪري ان جي مزاج پرسي لاءِ تشريف کڻي ويا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گڏهہ تي سوار هيا ۽ پاڻ سڳورن پنهنجي پٺيان اسامہ رضہ بن زيد رضہ بن حارث کي ويهاريو هيو. اهوئي اسامہ رضہ ٻڌائي ٿو تہ رستي ۾ هڪڙي جاءِ تي عبدالله بن اُبي ڪچهري مچايون ويٺو هيو. ان جي چوڌاري قبيلي جا ماڻهو حلقو ڪيون ويٺا هيا. سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اتان گذريا تہ ان کي خراب لڳو ۽ منهن ٻئي پاسي ڦيرائي ڇڏيائين. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ويجهو پهتا تہ سلام ڇيائون. پوءِ ڪجهہ دير جي لاءِ ترسيا ۽ قرآن شريف جون ڪجهہ آيتون پڙهيائون ۽ الله جي رستي ڏانهن دعوت ڏنائون. الله جي ياد ڏياري ۽ ان جي غضب کان ڊيڄاريائون. اسامہ رضہ چوي ٿو تہ عبدالله بن ابي چپ هنيو ويٺو هيو ۽ ڪجهہ بہ ڪونہ چيائين. ليڪن جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فارغ ٿي هلڻ لڳا تہ وڏي گستاخي ۽ بازاري انداز ۾ وات ڦاڙي چيائين "اي فلاڻا! ــ تنهنجي ڳالهائڻ جو اهو ڍنگ ٺيڪ ڪونهي ــ پنهنجي گهر ۾ ويهہ ۽ جيڪو تو وٽ اچي تہ بس ان کي پنهنجي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏيندو ڪر ــ ۽ جيڪو تو وٽ نہ اچي، ان کي تنگ نہ ڪندو ڪر ۽ ان جي گهر ۾ اچي اهڙي دعوت نہ ڏي جيڪا ان کي اڻ وڻندڙ لڳي." انهن لفظن کي ڏسو ڳالهائڻ جي ان انداز جي پرک ڪيو! لفظ لفظ زهر ۾ ٻڏل آهي ۽ اکر اکر مان ڏپ اٿي رهي آهي. ڪيترا تہ دل ساڙڻ وارا ٻول آهن. ڪهڙا اشتعال ڏيارڻ وارا جذبات آهن.

درحقيقت اهو عبدالله بن ابي ڪونہ ڳالهائي رهيو هيو. اهو جاهليت جو مٽجندڙ دور هيو جيڪو اچڻ واري امن ۽ سڪون جي دور جي خلاف اندر جي باهہ ڪڍي رهيو هيو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي مقام جي بلندين تان پستي جي ان پڙ پڙ کي ٻڌو ــ ان ڪريم النفس هستي کي ڪاوڙ جي بجاءِ گهڻو ڪري رحم ئي آيو هوندو.

ڪچهري ۾ عبدالله رضہ بن رواحہ بہ موجود هيو جيڪو مسلمان جماعت جو رڪن هيو. ان جي غيرت پنهنجو فرض ادا ڪيو ۽ ان منافقن جي وڏي سردار کي ڇڙ مان جواب

ڏنو تہ "حضور (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) چوڻ اچن. اسان پاڻ سڳورن سان محبت ڪريون ٿا، پاڻ سڳورا اسان جي گهرن ۾ اسان جي ڪچهرين ۾ ايندا. اسان پاڻ سڳورن سان محبت ڪريون ٿا ۽ سندن ئي وسيلي سان الله تعاليٰ اسان کي عزت عطا ڪئي آهي ۽ سندن ذريعي هدايت عطا ڪئي آهي."

ان تجربي مان گذرڻ کان پوءِ قائدِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سعد رضہ بن عباده وٽ پهتا. ان پاڻ سڳورن جي چهري مبارڪ جو رنگ مٽيل ڏسي معلوم ڪيو. پاڻ سڳورن واقعو بيان ڪيو. سعد رضہ بہ اهو واقعاتي پس منظر بيان ڪيو تہ الله توهان کي مديني وٺي آيو ورنہ اسان ان جي لاءِ تاج تيار ڪرائي رهيا هياسين. توهان جي اچڻ سان ان جي خوابن جو محلات ڊهي اچي پٽ پئجي ويو. مطلب تہ ان جو اهو ردعمل فطري آهي، ان کي گهڻي اهميت نہ ڏيڻ گهرجي.

اهو شخص منافقت جي پوري ڊرامي جو مرڪزي هيرو بڻجي تاريخ جي استيج تي ڪم ڪندو رهيو! سيني کان اڳيان اهو هيو. ان جي پٺيان وڏن پيڙن وارا يهودي بزرگ هيا. انهن جي پٺيان شعوري طور تي منافقت جو کيل کيڏڻ وارو عوام هيو. انهن جي پٺيان ڪچا پڪا ۽ ڊڄڻا مسلمان هيا ۽ سيني جي آخر ۾ جاهل ۽ بي سمجهہ بدوي هيا. اسلامي تحريڪ جي خلاف جيڪا بہ رد عملي تحريڪ ظاهر ٿيندي هئي ان ۾ درجي بدرجي انهن مختلف عنصرن جو حصو هوندو هيو.

مديني ۾ مسلمان جماعت جن جن مخالفتن ۽ مزاحمتن سان منهن ڏنو ۽ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي جن جن شرارتن جي طوفاني ريلن سان مقابلو ڪرڻو پيو. ان سڀ ۾ يهودين جي اثر هيٺ منافقت جي ان فاسد طاقت جو گهڻو وڏو ڪردار (پارٽ) شامل رهيو آهي. توڙي جو سموري مخالفت واري محاذ تي اڳواڻي (ڪمانڊ) يهودين جي رهي، ليڪن محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو رستو روڪڻ جي لاءِ جيترا بہ منفي فتنا اٿيا ان ۾ عملي طور وڏو حصو منافقت جي مريضن جو هيو جيڪي يهودين جا آلہ ڪار بڻجي ڪم ڪندا رهيا.

## بيچڙي پرچار وارو محاذ:

ٺهراءَ (جمود) پسند فاسد عنصر جڏهن ڪنهن اصلاح ۽ تعمير جي دعوت جي مخالفت ڪندا آهن تہ پوءِ پوري ڏيان ۽ سگهہ سان ان جي علمبردارن جي پٺيان پئجي ويندا آهن. پاڻ کي تہ ڪجهہ ڪرڻو ڪونہ هوندو اٿن ۽ خدا ۽ خلق جي طرف کان ڪنهن بہ نموني جون ذميواريون تسليم ڪونہ هونديون اٿن. انهيءَ ڪري سموريون ذهانتون ۽ قوتون آساني سان منفي استعمال ۾ لڳايون وينديون آهن. اهي عنصر ٽولو بڻجي اصلاح ۽ تعمير جي دعوت ڏيڻ وارن (داعيان) کي چئني طرفن کان وڪوڙي ويندا آهن. دوربينيون ۽ خوردبينيون لڳي وينديون آهن ۽ پيمانا ۽ مسطر سنڀالي وٺندا آهن.

هر گهڙي ڳالهہ ڳالهہ جو تجزيو ٿيندو آهي. هڪڙي هڪڙي واقعي جو گهرائي سان جائزو ورتو ويندو آهي. هرهڪ معاملي جي چيرڦاڙ ٿيندي آهي. ڪوئي ٿيڏ هتان ڪڍيو ويندو آهي تہ ڪائي ڦڏائي هُتان تلاش ڪئي ويندي آهي ۽ پوءِ ڍنڍوري وارو دهل وڄائي وڄائي اعلان ڪيو ويندو آهي تہ پائروا ڏسو هي گمراهي آهي، هي فساد آهي، هي ڪفر آهي، اها بزرگن جي توهين آهي، اها اڪابرن تي تنقيد آهي. تنهن ڪري انڌي مخالفت جي نشي ۾ مست ٿي جڏهن ڪنهن پلي انسان ۽ ان جي انسانيت لاءِ فائديمند ڪم ڪي نقصان پهچائڻ مطلب هوندو آهي تہ پوءِ هڪڙي طرف ان ڪم ڪرڻ وارن کان ٿوري بہ چُڪ ٿي وڃي تہ ڳالهہ جو ڳالهوڙو بڻائي، راءِ عامہ جو طوفان اٿاريو ويندو آهي. تخريبي عناصرن جي لاءِ سپني کان سونهري موقعا اهي هوندا آهن جڏهن ڪا ڳالهہ يا ڪوئي واقعو عام ماڻهن جي غلط وسوسن ۽ اعتقادن ۽ مروجہ رسمن جي خلاف ٿي وڃي. چاهي اها ڳالهہ يا واقعو بجاءِ خود ڪيترو ئي برحق ۽ سچائي جي ويجهو ڇونہ هجي. اهو ظاهر آهي تہ اصلاحي ۽ تعميري انقلابي تحريڪن کي عوام جي گهڻن ئي مروجہ روايتن جي بتن کي ٽوڙڻو پوندو آهي. انهيءَ ڪري مخالفاڻي پروپيگنڊا جي لاءِ نت نوان موضوع پيدا ٿيندا رهندا آهن. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ سندن ساٿين کي پڻ يهودين جي طرف کان اهائي صورت سامهون آئي. صبح شام هڪڙي نہ ٻي واويلا مچندي رهندي هئي ۽ هڪڙي نہ ٻي اشتهار بازي ٿيندي رهندي هئي.

## منصب جي لالچ جو الزام:

حق جي ڪنهن علمبردار جي خلوص واري دامن تي نفسانيت جا داغ لڳائڻ جي لاءِ مخالفن هر دور ۾ هڪڙو الزام اهو بہ لڳايو آهي تہ اهو شخص ڪجهہ ٿيڻ گهري ٿو. ڪوئي منصب حاصل ڪرڻ جي پٺيان آهي، پنهنجي ڪا حيثيت ٺاهڻ گهري ٿو. حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ هارون عليہ السلام جي خلاف بہ اهائي پروپيگنڊا ڪئي وئي تہ اهي پنهنجي حڪومت قائم ڪرڻ گهرن ٿا. حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي خلاف واويلا مچائي وئي تہ اهو يهودين جو بادشاهہ ٿيڻ جا خواب ڏسي رهيو آهي. اهڙي طرح نجران وارن جي وفد جي اچڻ واري موقعي تي سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف يهودين هڪڙي اها بہ پروپيگنڊا هلائي تہ اها سڄي مٿاماري بس انهيءَ لاءِ آهي تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو جيڪو مقام هلندو پيو اچي، اهو سندس قبضي ۾ اچي وڃي ۽ عيسائين ۽ ٻين ماڻهن کي آهستي آهستي گهيري پنهنجي تابعداري ۾ لڳايو وڃي. غور ڪيو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪڏهن بہ اهڙي دعوي ڪونہ ڪئي هئي. اهڙي منصب يا حيثيت جي طلب لاءِ ڪڏهن اشارو بہ ڪونہ ڪيو هيو. ليڪن مخالف طاقت خود ئي پنهنجي ذهن سان هڪڙو تصو گهڙي

ورتو ۽ پنهنجي سر طي ڪري ورتو تہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو مقصد تہ اهو آهي تہ عيسيٰ عليہ السلام بہ ٻجي پوڄا ڪرائي. دعويٰ نہ ڪئي هجي تہ نہ سهي، دل ۾ اهوئي ارادو اٿس. اڄا اهو ارادو ظاهر ڪونهي ٿيو تہ ڇا ٿيو. آثار ٻڌائي رهيا آهن تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن اهو ارادو ظاهر ٿي ويندو. نجران جي وفد جي ڪارڪنن جا ڪن ضرور انهن فضول ڳالهين سان پريا ويا هوندا. تڏهن تہ ان وفد جي هڪڙي رڪن ابو نافع قرظي اهو سوال حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان کلم کلا معلوم ڪيو تہ "ڇا توهان اسان کان اهو گهرو ٿا تہ اسان توهان جي اهڙين پوڄا ڪيون جيئن نصارا عيسيٰ عليہ السلام جي پوڄا ڪندا آهن؟" وفد جي هڪڙي ٻئي رڪن الربيس (يا الريس يا الرميس) بہ پڇيو تہ "اي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) ڇا توهان اسان کان اهوئي گهرو ٿا ۽ ان جي لاءِ ئي دعوت ڏيو ٿا؟" پاڻ سڳورن جواب ڏنو: "ان ڳالهہ کان الله جي پناهہ. جو مان الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي بندگي ڪريان يا ان کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي بندگي لاءِ دعوت ڏيان. الله تعاليٰ مون کي انهي مقصد سان ڪونہ موڪليو آهي ۽ نہ ئي مون کي ان جو حڪم ڏنو آهي."[1] قرآن شريف بہ ان موقعي تي پڪاري اٿيو تہ "ڪنهن انسان جو اهو منصب ڪونهي تہ الله ان کي ڪتاب ۽ حڪمت ۽ نبوت سان سرفراز ڪري تہ پوءِ اهو ماڻهن کي اهو چوندو وتي تہ الله جي بجاءِ منهنجا ٻانها ٿي وڃو."
(﴿ مَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّؤْتِيَهُ اللهُ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ثُمَّ يَقُوْلَ لِلنَّاسِ كُوْنُوْا عِبَادًا لِّيْ مِنْ دُوْنِ اللهِ. سورت آل عمران آيت 79)

## مجيل مذهبي رسمن جي بي حرمتي جو الزام:

قائدِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان هجرت ڪري اچڻ کان پوءِ مڪي ۾ انتقامي جذبن نئون موڙ ورتو شروع ڪري ڇڏيو هيو ۽ مسلسل جنگي ڪارروائي جي لاءِ سوچيو ويو ٿي. انهن جا جاسوس مديني جي پسگردائي ۾ گهمندا هيا. ڪجهي نموني سان انهن جو مديني جي يهودين سان نياپن سنيهن جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ وقت بہ وقت انهن جا فوجي دستا مديني جي اسلامي رياست جي حدن اندر پهچڻ لڳا هيا. ان جي جواب ۾ اسلامي رياست بہ پنهنجو چوڪيداري نظام قائم ڪري عمل ۾ آڻي ڇڏيو. فوجي ۽ غيرفوجي جماعتون (پارٽيون) گشت جي لاءِ نڪرنديون هيون ۽ قريشن جي جاسوسن ۽ فوجي دستن جي چرپر جو جائزو وٺنديون رهنديون هيون. مديني پنهنجي ان نقل و حرڪت سان قريشن کي هڪڙي طرف اهو احساس ڏيارڻ ٿي گهريو تہ اسان ستل ڪونہ آهيون ۽ ان سان گڏ انهن کي اهو انديشو بہ ڏيارڻ هيو تہ جيڪڏهن توهان امن جي فضا کي خراب ڪيو تہ پوءِ توهان جي واپاري قافلن لاءِ اها شاهراهہ بند ٿي ويندي.

---

1 سيرت ابن هشام ج 2 ص 181

ان ئي چوڪيداري نظام هيٺ جمادي الآخر 2 هجري جي آخر ۾ قائدِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم قريشن جي نقل و حرڪت ۽ انهن جي آئنده منصوبن جو جائزو وٺڻ لاءِ اٺن ماڻهن جو هڪڙو دستو روانو ڪيو. ان دستي کي ڪنهن بہ جنگي ڪارروائي جو اختيار ڏنل ڪونہ هيو. ليڪن اهي قريشن جي هڪڙي ننڍڙي واپاري قافلي جي آمهون سامهون اچي ويا تہ ان مقابلي جي حالت ۾ باهمي ذهني ڇڪتاڻ اهڙي حد تائين پهچي وئي جو اسلامي رياست جي دستي حملو ڪري هڪڙي ماڻهوءَ کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ باقي ماڻهن کي گرفتار ڪري مال ملڪيت سميت مديني وٺي آيا. اهو واقعو جيئن تہ جمادي الآخر جي پڇاڙي ۽ رجب جي شروع ۾ ڪنهن وقت پيش آيو هيو انهيءَ ڪري شبهي ۽ مونجهاري جي ان موقعي جو فائدو وٺندي، هڪڙي طرف مڪي جي مشرڪن ۽ ٻئي طرف مديني جي يهودين ۽ منافقن پروپيگنڊا جو طوفان اٿاري ڇڏيو. انهن ان واقعي کي قطعي طور رجب سان ڳنڍي عوام کي اشتعال ڏيارڻ لاءِ پوري زور کان ڪم ورتو. اهي اهو چوندا پئي وتيا تہ "اهي وڏا الله وارا بڻجي نڪتا آهن ۽ حالت اها آهي تہ حرام مهيني ۾ بہ خونريزي کان نٿا مڙن."[1] ان پروپيگنڊا جو نتيجو مسلمانن جي حق ۾ گهڻو ئي نقصان وارو هيو. اها مختصر ۽ نوجوان طاقت جيڪا چئني طرفن کان دشمنن ۽ خطرن ۾ گهيريل هئي، ۽ جنهن جي لاءِ ڪنهن بہ فرد ۽ ڪنهن ڌُر جي حمايت گهڻي قيمتي هئي، ان جي باري ۾ عربستان ۾ اهو تاثر پڪڙجي وڃي تہ اها حرام مهينن جو احترام ختم ڪندي پئي وڃي، جڏهن تہ ان معاملي تي ئي عربن جي ديني ۽ معاشي نظام جو دارو مدار هيو ـــ ان جي حمايتين کي ان کان ڌار ڪري ان جي مخالفن ۾ ڌڪڻ وارو هيو. وري جيئن تہ ان معاملي جو تعلق عوام جي نازڪ مذهبي جذبن سان هيو. انهيءَ ڪري اها ڳالهہ اشتعال جو سبب بہ هئي. خاص طور تي اها پروپيگنڊا مسلمانن جي خداپرستي، ديانتداري ۽ اخلاقي لحاظ کان انهن جي ذميواراڻي حالت تي هڪڙي ضرب جي حيثيت رکي ٿي.

نخلہ جو اهو هڪڙو حادثو هڪڙي ٻئي سبب جي ڪري خود اسلامي رياست جي نگاهن ۾ اڻوڻندڙ هيو. حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان دستي کي ڪنهن بہ قسم جو ٽڪراءَ ڪرڻ جو اختيار ڪونہ ڏنو هيو. بغير ڪنهن اختيار جي ان دستي هڪڙو اهڙو قدم کنيو هيو جيڪو اسلامي رياست جي ان پوري منصوبي کي متاثر ڪرڻ وارو هيو جيڪو حفاظت ۽ چوڪيداري جي غرض سان رٿيو ويو هيو ۽ جنهن جي مطابق هر ڪارروائي وڏي احتياط سان ڪئي پئي وئي. هاڻي جيئن تہ نخلہ وارو حادثو موريڳو بي ضابطہ ۽ غيرقانوني ڪارروائي هيو. لهٰذا حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم واسطيدار (متعلقہ) ماڻهن کان سختي سان پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ انهن کي تنبيهہ ڪئي. گرفتار ٿيل جنگي قيدين کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

---

1 تفهيم القرآن ج 1 ص 165

اسلامي رياست پنهنجي ضابطي موجب ان بي ضابطگي تي جيڪا ڪارروائي مناسب هئي اها تہ پنهنجي جاءِ تي ڪري ڇڏي پر مخالفن فسادي پروپيگنڊا جو جيڪو طوفان اٿاري ڇڏيو هيو ان جو مقابلو زياده مضبوط ۽ مدلل ۽ اخلاقي اثر رکڻ واري صاف سٿري پروپيگنڊا سان ڪيو. خود الله تعاليٰ وحي جي ذريعي ان جو جواب سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زبان سان هيٺين لفظن ۾ ڏياريو تہ:

"ماڻهو پڇن ٿا تہ حرام مهيني ۾ وڙهڻ ڪهڙو آهي؟ اي پيغمبر چئوتہ ان ۾ وڙهڻ گهڻو خراب آهي. مگر ماڻهن کي الله جي واٽ کان روڪڻ ۽ الله سان ڪفر ڪرڻ ۽ الله جي ٻانهن تي مسجدالحرام جو رستو بند ڪرڻ، حرم اندر رهڻ وارن کي اتان ڪڍڻ الله جي نزديڪ ان کان بہ وڌيڪ خراب آهي." (﴿ "يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الشَّهْرِ الْحَرَامِ قِتَالٍ فِيْهِ ۭ قُلْ قِتَالٌ فِيْهِ كَبِيْرٌ ۭ وَصَدٌّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَكُفْرٌۢ بِهٖ وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَاِخْرَاجُ اَهْلِهٖ مِنْهُ اَكْبَرُ عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَالْفِتْنَةُ اَكْبَرُ مِنَ الْقَتْلِ ۝" البقره آيت 217)

صاف معلوم ٿئي ٿو تہ تحريڪ جي مخالفن جي ان طوفاني پروپيگنڊا سان جيڪي اسلامي جماعت جا ڪارڪن متاثر ٿيا. پريشاني ۾ مبتلا ٿي انهن سوال ڪيا تہ حرام مهيني ۾ جنگي ڪارروائي ڪرڻ اسلامي نظرئي ۽ قانون جي روشني ۾ ڪهڙي حيثيت رکي ٿي. جن ماڻهن تي نيڪي ۽ صلح پسندي جو هڪڙو غيرمتوازن تصور زياده روشن هيو ۽ جيڪي ٿوري ٿوري مخالفت سان گهبرائجي ويندا هيا. انهن کي خاص طور تي تشويش ٿيڻ لڳي هئي تہ ڪٿي اسان دين جي روح ۽ تقوا جي جوهر کي هٿان وڃائي تہ ڪونہ رهيا آهيون. ۽ ڪٿي اسان سياسي ذهن هيٺ پنهنجي اصل مقصد کان هٽي عام ماڻهن کي خود ئي پاڻ کان پري تہ ڪونہ ڪري رهيا آهيون. سو اهڙن ماڻهن جي پريشاني غيرمعمولي نوعيت واري هئي. انهن جو دلي اطمينان لوڏن ۾ اچي ويو هيو. تنهن ڪري انهن خاص طور تي ان معاملي ۾ اطمينان حاصل ڪرڻ گهريو ٿي. سوالن ڪرڻ پٺيان خاص طور تي اهو ذهن متحرڪ هيو. ان کي سامهون رکندي تحريڪ جي دشمنن کي ڀرپور جواب ڏنو ويو. فرمايو ويو تہ مڪي جا مشرڪ جيڪي پاڻ تہ الله جي واٽ کان روڪڻ، الله سان ڪفر ڪرڻ ۽ حرم جي زيارتين جو رستو روڪڻ ۽ حرم اندر رهندڙن کي تنگ ڪري حرم جي حدن مان ڪڍڻ جا مجرم آهن. هاڻي اهي حرام مهيني جي حرمت جا محافظ بڻجي ڪهڙي منهن سان ميدان ۾ اچي رهيا آهن. ان ۾ يهودين ۽ منافقن جي لاءِ خطاب ڪرڻ ۾ اهو مقصد هيو تہ توهان جيڪي مڪي وارن جي انهن سمورن ظلمن ۽ ديني رسمن جي حرمت کي ٽوڙڻ وارين ڪارروايِن دوران واٽ ۾ مڳ وجهيو پيا هيا ۽ اڄ بہ توهان کي ان باري ۾ ڪو احساس ڪونهي، نخلہ واري واقعي جي سلسلي ۾ مسلمانن جي هڪڙي اهڙي اتفاقي ڪارروائي تي ڇاجي لاءِ مذهبي رسمن جا چوڪيدار بڻجي اٿي پيا آهيو. جنهن واقعي جي لاءِ رياست جي نظام طرفان باقائده اجازت ڪونهي ڏني وئي، بلڪ ڪجهہ ماڻهن جي غلطي سان هڪڙو واقعو ٿي ويو.

تنهنڪري ان جي نتيجن کي قبول ڪرڻ کان رياست جي سربراهه انڪار ڪري ڇڏيو ۽ واسطيدار ماڻهن کي سخت تنبيهه به ڪري ڇڏي.

ان واقعي کي تاريخي آئيني ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته اهلِ حق جا دشمن ڪهڙي نموني ۾ گهات لڳائي ويٺا هوندا آهن ته ڪٿان انهن کي ڪو وجهه ملي ته اهي حملو ڪن، ۽ ڪم ڪرڻ وارن کان ڪٿي ڪا ڀل چڪ ٿئي ته اهي هڪدم ان کي مرچ مصالحا ملائي پوري دنيا ۾ اڇلائين.

جتي هر گهڙي هر معاملي ۾ اهڙين غلط فهمين ۽ بدگمانين ۽ اشتعال انگيزين جا طوفان اٿاريا ويندا هوندا اتي اندازو ڪري سگهجي ٿو ته دشمنن ۾ گهيريل ننڍڙي رياست ۽ ان کي وجود ۾ آڻڻ واري انقلابي تحريڪ ۽ انساني ڀلائي جي ان تحريڪ جي قائد تي ڇا گذرندو هوندو. شڪ شبها، شرپسنداڻا اعتراض، ڪارڪنن کي ذهني طور منجهائڻ وارا سوال فضا ۾ ڏينهن وانگر اڏرندا رهندا هوندا ۽ زمين تي برسات جي ڪيڙن وانگر هر طرف چرندا پرندا ڏسڻ ۾ ايندا هوندا. ليڪن ڏينهن ۽ ڪيڙن جي نقل و حرڪت ڪڏهن ڪنهن اصول ۽ ڪردار رکڻ واري طاقت جي فاتحاڻي قدم کي روڪڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪونهي ڪئي.

## دين جي پردي ۾ شهوت جو الزام:

اسان اهو ٻڌائي چڪا آهيون ته اسلام جي نافذ ڪيل سڌارن (اصلاحات) مان هڪ هڪ تي يهودي مولوين ۽ مفتين نامعقول قسم جا هنگاما برپا ڪيا هيا. سڀ کان وڏي اصلاح پُٽ ٻڌايل ٻارن جي حيثيت ۽ حقن جي سلسلي ۾ نافذ ڪئي وئي. تنهنڪري ان تي مخالفاڻي پروپيگنڊا جو هنگامو به زور شور سان ڪيو ويو.

گذريل مذهبي ۽ معاشرتي تصور جي مطابق هڪڙي اهم تاريخي روايت اها هلندي پئي آئي ته گود ورتل ۽ زباني طور پُٽ ٻڌايل ڇوڪري جي بيواهه يا طلاق ڏنل عورت سان حقيقي پٽ وانگر نڪاح ڪرڻ ناجائز هيو. ان روايت کي ختم ڪرڻ جي لاءِ مشيتِ الاهي واقعن کي وڏي عجيب ۽ غريب صورت سان پڌرو ڪيو ۽ پوءِ هڪڙي انقلابي نتيجي تائين پهچايو. ٿيو هيئن ته زيد رضه جيڪو ڏهن سالن جي عمر ۾ غلام ٿي وڪاڻو هيو ۽ جنهن کي حڪيم بن حزام حضرت خديجه رضي الله تعاليٰ عنها کي تحفي ۾ ڏنو هيو. اهو حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي گهر ۾ گود ورتل يا زباني پٽ ٻڌايل ٻار جي حيثيت ۾ رهندو هيو. بعد ۾ حضرت زيد رضه جو پيءُ ۽ ڀاءُ ان کي وٺڻ لاءِ آيا ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم اجازت به ڏني ته گهرين ته وڃي سگهين ٿو ليڪن زيد رضه کي ڀاڻ سڳورن سان ايتري گهري محبت ٿي وئي هئي جو ان تعلق کي ٽوڙڻ ان کي سنو ڪونه لڳو. جيئن ته اهو به اصل عربستان جي اشراف ماڻهن مان هيو. انهيءَ

ڪري مڪي جي ڪجھ بزرگن تجويز ڏني تہ ان جو نڪاح حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڦڦي حضرت زينب رضہ سان ڪرائجي. ليڪن زينب رضہ جا ڀائر ان رشتي تي راضي ڪونہ ٿيا، ڇو تہ ان زماني جي ماحول ۾ نڪاح جي لاءِ جيڪي معيار ۽ پيمانا رائج هيا، انهن تي اهو جوڙو پورو نٿي لٿو. جاهلي ذهن جي نگاهہ ۾ حضرت زيد رضہ جي دامنِ حيات تي اڃا تائين غلامي جي داغ جو اثر باقي هيو ۽ ان کان علاوه ان جي غربت بہ بجاءِ خود هڪڙو نقص هئي. اسلام آيو تہ ان انهيءَ ذهن کي بہ بدلائڻ ضروري سمجهيو ۽ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خانداني امتيازن جون رڪاوٽون نڪاح ۽ شادي جي رستي مان هٽائي پوري اسلامي معاشري کي هڪڙي خاندان ۾ بدلائي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهنڪري حقيقت ۾ اهي ديوارون قطعي طور ڊهي ويون ۽ برابري (ڪُفو) جو هڪڙو نئون مفهوم پيدا ٿي ويو. پاڻ سڳورن وڏي تاڪيد سان ماڻهن جي سوچ کي بدلايو ۽ انهن کي سيکاريو تہ عورتن کي نڪاح ۾ وٺڻ جي لاءِ سڀ کان پهريان انهن جي دين ۽ ڪردار کي ڏسو. باقي ڳالهين جو لحاظ بعد ۾ آهي. هڪڙي موقعي تي تہ اهو بہ فرمايو تہ جيڪڏهن دين ۽ ڪردار جي بجاءِ ڪو ٻيو معيار اختيار ڪندا تہ معاشرت ۾ وڏو فساد پيدا ٿي ويندو. اهڙي طرح "ڪُفو" جو نئون تصور اهو ٿيو تہ شادي شده جوڙو ان لحاظ سان ٻنھي گهرجي تہ زندگي جي اصل مقصد ۾ ڪير بهترين ساٿي ٿي سگهي ٿو ۽ ڪنهن سان ذهني ۽ ذوقي هم آهنگي وڌ کان وڌ ممڪن آهي، ۽ بيشمار بلڪ اڪثر شاديون عملي طور انهيءَ رجحان مطابق ٿيڻ لڳيون.

ان ذهني ۽ معاشرتي تبديلي جو اندازو ان واقعي سان ڪيو تہ حضرت ابو طلحہ رضہ ڪُفر جي زماني ۾ حضرت ام سليم رضہ کي نڪاح جو پيغام موڪليو انهيءَ باوجود تہ اها اسلام قبول ڪري چڪي هئي. ان جواب ۾ چورائي موڪليو تہ تون اڃا ڪافر آهين جڏهن تہ مان اسلام قبول ڪري چڪي آهيان. هاڻي بہ متضاد زندگيون ڪيئن ٿيون گڏجي سگهن. ها، جيڪڏهن اسلام قبول ڪرين تہ مان توکان قبولِ اسلام کان سواءِ ٻيو ڪو مهر ڪونہ وٺنديس. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ اهو رشتو خود ام سليم رضہ کي بہ پسند هيو. ليڪن اسلام اهڙو انقلابي رجحان پيدا ڪري ڇڏيو هيو جو ان دل تي پٿر رکي انڪار ڪري ڇڏيو. مگر ان سان گڏ اسلام جي ترغيب بہ ڏياري. آخر ابوطلحہ اسلام قبول ڪيو. نڪاح ٿيو ۽ اصل ۾ ان جو اسلام ئي مهر قرار ڏنو ويو.[1] مطلب تہ شادي جي معاملي ۾ ذوق ۽ معيار جون تبديليون اچي رهيون هيون. پوءِ بہ ڪجھ رڪاوٽون باقي هيون. انهن جي سبب حضرت زينب رضہ جا ڀائر تجويز ڪيل نڪاح لاءِ تيار نہ هيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بہ گهريو ٿي تہ اهو نڪاح ٿئي. ليڪن جڏهن ان

---

1 ڏسو اسوه صحابيات: از مولانا عبدالسلام ندوي ص 48

۾ بلڪل جاهلي رجحان رڪاوٽ بڻيو تہ اها ڳالهہ الله ۽ رسول جي نظرن ۾ ناپسنديده قرار پائي. ان سلسلي ۾ احزاب سورت ۾ پڪڙ ڪئي وئي. پڙهو هي آيت: "اِنَّ الْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمٰتِ وَالْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ وَالْقٰنِتِيْنَ وَالْقٰنِتٰتِ وَالصّٰدِقِيْنَ وَالصّٰدِقٰتِ وَالصّٰبِرِيْنَ وَالصّٰبِرٰتِ وَالْخٰشِعِيْنَ وَالْخٰشِعٰتِ وَالْمُتَصَدِّقِيْنَ وَ الْمُتَصَدِّقٰتِ وَالصَّآئِمِيْنَ وَالصّٰٓئِمٰتِ وَالْحٰفِظِيْنَ فُرُوْجَهُمْ وَالْحٰفِظٰتِ وَالذّٰكِرِيْنَ اللهَ كَثِيْرًا وَّ الذّٰكِرٰتِ اَعَدَّ اللهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا" (۽ يقينن جيڪي مرد ۽ جيڪي عورتون مسلمان آهن, مومن آهن, فرمانبردار آهن, سچار آهن, صابرين آهن, الله جي آڏو جهڪڻ وارا آهن, صدقو ڏيڻ وارا آهن, روزا رکڻ وارا آهن, پنهنجي اوگهڙ جي حفاظت ڪرڻ وارا آهن ۽ الله کي گهڻو ياد ڪرڻ وارا آهن (تہ) الله انهن جي لاءِ مغفرت ۽ وڏو اجر مهيا ڪري رکيو آهي. الاحزاب آيت 35). هن آيت جو اصل مفهوم ("اسپرٽ") اهو آهي تہ اسلامي نظريو اسلامي ذهن ۽ اسلامي اخلاق ("ڪئريڪٽر") رکڻ وارا مسلمان مرد ۽ عورتون همسر ۽ برابر آهن ۽ انهن ۾ قرابت ۽ مَوَدت آهي, اهي هڪ ٻئي جي لاءِ قابل قدر آهن. ڪهڙي ڳالهہ جو انهن جي وچ ۾ خانداني امتان فضل ۽ شرف جا جاهلي تصور اڇي حائل ٿي وڃن. مگر اشارو بس ايترو ڪونہ هيو اڳتي ايندڙ آيت گهڻو سخت هئي. ان ۾ چيو ويو آهي تہ "جڏهن الله ۽ ان جو رسول ڪنهن معاملي کي ڪنهن شڪل ۾ طي ڪن تہ پوءِ ڪنهن ايماندار مرد ۽ ڪنهن ايماندار عورت لاءِ اهو مناسب ڪونهي تہ پوءِ اهي ان فيصلي جي مقابلي ۾ پنهنجي پسند ۽ ناپسند ۽ پنهنجن معيارن کي ڪا اهميت ڏين, اهڙي طرح جيڪي ماٿهو الله ۽ رسول جي نافرماني ڪن ٿا تہ اهي گهڻو پري ڀٽڪي ويا." (۽ وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ۭ وَمَنْ يَّعْصِ اللهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا. الاحزاب آيت 36) مطلب اهو هيو تہ جڏهن هڪڙي مسلمان مرد ۽ مسلمان عورت جي وچ ۾ شادي واري ٻنڌڻ جي لاءِ دروازا کوليا ويا آهن تہ هاڻي پنهنجي رستي ۾ پراڻن جاهلي تصورن کي اهميت ڏئي حائل ڪرڻ خود الله ۽ رسول جي رهنمائي ۽ انهن جي فيصلن جي مقابلي ۾ هڪڙي قسم جي هٺ ڌرمي آهي ۽ اهڙي هٺ ڌرمي جو نتيجو گمراهي ۾ نڪرندو آهي. چوٽ گهڻي سخت هئي ۽ ٺيڪ نشاني تي لڳي. حضرت زينب رضہ جا ڀائر انهن آيتن کي ٻڌي اشارن اشارن ۾ ڳالهہ سمجهي ويا ۽ نڪاح جي لاءِ تيار ٿي ويا. مطلب تہ شرف ۽ ذلت جي جاهلي معيار جي زنجير ٽُٽي وئي.

الله تعاليٰ ان واقعي جي ذريعي گود ورتل پٽ جي باري ۾ رواج ۾ آيل غلط تصور کي بہ ٽوڙڻ جو ارادو فرمايو. بعد ۾ هيئن ٿيو جو زال مڙس ۾ هم آهنگي ڪونہ ٿي سگهي ۽ ان ۾ اهو تفاوت اثرانداز ٿيو جيڪو هڪڙي واقعي جي ڪري ڌرين ۾ موجود هيو. هاڻي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وٽ شڪايتون اچڻ لڳيون ۽ معاملا سلجهڻ

جي بجاءِ بگڙندا ويا. ايستائين جو آخرڪار حضرت زيد رضه پاڻ سڳورن جي سامهون زال کي طلاق ڏيڻ جو ارادو ظاهر ڪرڻ لڳو. ان تي پاڻ سڳورن کي گهڻي تشويش ٿي ته هڪڙو اهڙو نڪاح ٽٽي رهيو آهي جيڪو معاشري ۾ هڪڙو نئون مثال قائم ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو هيو. ان کان علاوه، ان ۾ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ڪوشش ۽ مشوري کي وڏو دخل هيو ۽ جيئن ته پاڻ سڳورا ئي زيد رضه جي طرف کان وارث هيا، انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن جي گهڻي وڏي ذميواري هئي. پاڻ سڳورن وري وري ان ٻنڌڻ کي بچائڻ ۽ حضرت زيد رضه کي طلاق ڏيڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن آخرڪار اهي سڀ ڪوششون ناڪامي جي حد تي اچي پهتيون ــ ۽ جنهن طرح جون شڪايتون پيدا ٿي ويون هونديون، انهن جي ازالي جي لاءِ هڪڙي ئي صورت ممڪن هئي ۽ اُها اِها هئي ته پاڻ سڳورا خود زينب رضه کي پنهنجي نڪاح ۾ وٺن. شريعت ۾ صورتحال (پوزيشن ) بلڪل صاف هئي ۽ ان معاملي ۾ ڪائي رڪاوٽ ڪونه هئي، ليڪن اڳين جاهلي تاثرات موجب انديشو هيو ته ماڻهن کي اچرج ٿيندو ۽ ان سان گڏ مخالفن کي پروپيگنڊا جو هڪڙو موضوع ملي ويندو. ليڪن مرضي الاهي اها هئي ته جاهليت واري زماني کان گود ورتل پٽ جي جيڪا غلط حيثيت (پوزيشن) هلندي پئي آئي ان جي نفي خود پاڻ سڳورن جي ئي ذريعي پوري هدايت ۽ وضاحت سان ڪئي وڃي ته جيئن ان رسم جي پاڙ بلڪل پٽجي وڃي. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ پاڻ سڳورن جي لڪل خيال ۽ پريشاني کي ظاهر ڪري کلي عام پڌرو ڪري ڇڏيو. فرمايو وَتُخْفِيْ فِيْ نَفْسِكَ مَا اللّٰهُ مُبْدِيْهِ وَتَخْشَى النَّاسَ. (الاحزاب آيت 37) تنبيهه جو انداز هي آهي. ”تون پنهنجي دل ۾ اها ڳالهه لڪايون پيو آهين جنهن کي الله پڌرو ڪرڻ وارو آهي ـــ ۽ تون ماڻهن کان انديشو ڪرين ٿو.“ يعني هڪڙي ڳالهه جيڪا الله جي شريعت ۾ جائز آهي، ان کي ماڻهن جي جاهلي تصورن جي انديشي کان دل ۾ لڪائي رکڻ الله کي پسند ڪونهي. ان کي ظاهر ٿي سامهون اچڻ گهرجي ۽ ان کي واضع ٿيڻ گهرجي ته جيئن ”لِكَيْ لَا يَكُوْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ حَرَجٌ فِيْٓ اَزْوَاجِ اَدْعِيَآىِٕهِمْ اِذَا قَضَوْا مِنْهُنَّ وَطَرًا “ (٭ ته جيئن مومنن تي پنهنجن گود ورتل (يا زباني ٻڌايل) پٽن جي زالن جي معاملي ۾ ڪائي تنگي نه رهي جڏهن ته اهي انهن مان پنهنجون حاجتون پوريون ڪري چڪا هجن. سورت الاحزاب آيت 37) ان مان مقصد اهو هيو ته گود ورتل يا زباني طور پٽ سڏيل ڇوڪري جي باري ۾ اهو جيڪو غلط قيد لڳو پئي آيو اهو مسلمانن جي مٿان هميشه جي لاءِ هٽي وڃي. جاهليت جي ان زنجير کي ڪپڻ جي لاءِ ڀرپور ضرب لڳائڻ جي اها شڪل اختيار ڪئي وئي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم سان حضرت زينب رضه جي شادي لاءِ نڪاح خود الله تعاليٰ خاص طور تي قائم ڪرڻ فرمايو.

بس ان واقعي جو ٿيڻ هيو ۽ مديني ۾ دشمنانِ حق جي حلقن ۾ واويلا مچي وئي. اهي پروپيگنڊا ڪرڻ لڳا ته مذهبيت ۽ تقدس جو اهو ڍونگ ڏٺوَ! پٽ سڏيل ڇوڪري جي

طلاق ڏنل زال سان شادي رچائي اٿس. ان سان گڏوگڏ داستان کي وڌندڙ ٻڌائڻ لاءِ افسانا بہ گهڙي ورتائون. وات ڦاٽوڙن يهودين ۽ منافقن اهو هُل هلايو تہ (نعوذبالله) اصل ۾ تہ ننهن تي عاشق ٿي پيو هيو. انهيءَ ڪري طلاق ڏياريائين ۽ پوءِ نڪاح ڪري ورتائين.[1] نڪاح بہ جهڙو تهڙو ڪونہ. آسمانن تي منعقد ٿي ويو. ان نڪاح جي لاءِ زمين هموار ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي مطلب جي وحي بہ نازل ڪرائي ورتي. ان کان پهريان ان وقت تائين اعتقادي، ڪلامي ۽ فقهي ڳالهين ۽ معاملن ۾ مخالفاڻيون بيهودگيون هيون. مگر هن واقعي جي سلسلي ۾ تشريحي معنيٰ ۾ پروپيگنڊا ڪئي وئي ۽ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اخلاقي مرتبي تي حملو ڪيو ويو. ظاهر آهي تہ ڪنهن تعمير واصلاح جي تحريڪ جي لاءِ سڀ کان وڏيڪ ڪاري ضرب اخلاقي پهلو کان ئي ٿي سگهي ٿي. ڪنهن صاحبِ دعوت جي باري ۾ جيڪڏهن مخالف اهو شور مچائڻ لڳن تہ اهو هوس جو غلام آهي، اهو پنهنجين نفسياني خواهشن جي لاءِ هر طريقي سان بندوبست ڪري سگهي ٿو ۽ اهو ڪنهن اخلاقي معيار جو احترام ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪونهي تہ تعميري ڪم کي ان کان وڏيڪ نقصان پهچائڻ وارو حملو ٿيو ڪو نٿو ٿي سگهي. گهٽي آساني سان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ مديني ۾ حق جي دشمنن ان واقعي تي ڪيتري گندگي ڦهلائي هوندي ۽ انسانيت جي وڏي خيرخواهہ تي ڪيترن ڏينهن تائين ڪهڙي سخت اذيت جون گهڙيون گذريون هونديون.

يهودين جي اها پروپيگنڊا ويچارن مسلمانن جي لاءِ بيحد پريشانين جو سبب ٿي هوندي، انهن کي واٽ ويندي چيڙيو ويندو هوندو. انهن تي جملا ٺاهي چيا ويندا هوندا ۽

---

[1] واضح رهي تہ زمانہ حال جي متعصب مستشرقين تاريخ جي ورقن مان اهو سمورو گندو مواد دامن ۾ پري ورتو آهي جيڪو اسلامي تحريڪ جي دشمنن پيش ڪيو هيو. تنهنڪري خود هي واقعو بہ انهن دانش ۽ تحقيق جي اڪابرن وٽ بحث جو هڪڙو مقبول ترين موضوع ٿيو ۽ ان کي خوب لوڻ مرچ لڳائي ڪتابن جي پنن تي پکيڙيو ويو. هڪڙو ڪميٽو ۽ بازاري قسم جو افسانو ٺاهي سامهون آندو ويجي ٿو. جنهن جو شروعاتي نقطو اهو آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نظر اوچتو زينب رضہ تي پئجي وئي ۽ جذبا قابو ۾ ڪونہ رهيا. ذرا سوچيو تہ اهو شخص جيڪو بي داغ جواني ڪٽي هر وقت مصروف رکڻ واري جدوجهد ۾ سڄي عمر رڌل رهيو ۽ جنهن کي ڪڏهن بہ سُک جو ساهہ کڻڻ نصيب ڪونہ ٿيو ان جو ڪردار عين پڪي عمر واري ڏاڪي تي پهچي بس اهوئي رهجي ويو هيو تہ ان جي دل ان جي اکين جي ڇپرن تائين پهتل هجي. ڇا اهو الزام ان جي مجموعي ڪردار تي ٺهڪي سگهي ٿو. ان کان علاوه، حضرت زينب رضہ حضور جي ڀڻات (ڀڻي جي نياڻي) هئي ۽ ٻالڪپڻي کان ئي سندن سامهون کيڏي ڪُڏي ۽ جوان ٿي. ان جو وجود ڪو نئون انڪشاف ڪونہ هيو. پوءِ اها ڳالهہ بہ حقيقت آهي تہ پاڻ سڳورن خود وڏي اصرار سان حضرت زيد رضہ سان ان جي شادي ڪرائي هئي ۽ ان شادي ۾ پاڻ سڳورا زيد رضہ جي طرف کان سرپرست (ولي) هيا. حالتن جي اها پوري ترتيب ڇا ان افساني جي لاءِ واقعي ڪو بنياد فراهم ڪري ٿي جنهن کي مديني جي يهودين ۽ منافقن پروپيگنڊا جي محاذ جو هڪڙو بم ٻڌائڻ ۾ بطور مسالحو استعمال ڪيو هيو ۽ هاڻي ان ئي مسالحي کي پيهر مستشرقين اسلام جي خلاف استعمال ڪري رهيا آهن؟ ڇا اهي ڳالهيون عقليت (Rationalism) ۽ تحقيق (Research) جي دعوا ڪندڙن جي پنهنجي معيار تي پورو لهن ٿيون؟

ان کان اڳ جو اسان اصل واقعي جي حقيقت کي سامهون آڻيون، اها ڳالهه واضح ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي ته ايتري گندي بهتان جو عظيم طوفان آخر اسلامي تحريڪ جي پيدا ڪيل صالح معاشري ۽ تربيت يافته جماعتي نظام ۾ اٿي ڪيئن سگهيو؟ ڪهڙن پاسن کان اهو طوفان تنظيم جي قلعي اندر داخل ٿيو ۽ ڪيئن ان کي ڪجهه دير جي لاءِ هولناڪ لاهه چاڙهه پيدا ڪرڻ جو موقعو مليو.

## فتني لاءِ سازگار ماحول:

شيطان کي اسلامي اجتماعي نظام ۾ تخريب ۽ انتشار جا هنگاما برپا ڪرڻ جي لاءِ بهرحال، هڪڙي خاص ماحول جي ضرورت هوندي آهي. اهو ماحول چاهي جماعت جي نظام و اخلاق جي ڪنهن ڪوتاهي جي ڪري موجود هجي يا حالتن طرفان پيدا ڪيل هڪڙي مجبوري جي طور تي ڏنو وڃي. بهرحال فتني انگيزي جون ڪجهه صورتون آهن جيڪي پوريون ٿي وڃن ته شيطان جي چالبازي ڪجهه فساد مچائي سگهي ٿي. نظام مشيت جنهن نقش تي گامزن آهي ان ۾ شيطان جي لاءِ ڪنهن نه ڪنهن حد تائين ڪم ڪرڻ جا موقعا ضرور ئي موجود هوندا رهندا آهن. چاهي ڪهڙو به مثالي معاشرو (سوسائٽي) ڇونه هجي، پر انساني فطرت ۾ اهڙيون ڪمزوريون موجود آهن جو انهن جي رستي فتني جي پوڙ ڌوڪي اچي ٿي. نبي سڳوري جي پيدا ڪيل جماعت جي باري ۾ به اها ضمانت (گارنٽي) نٿي ڏئي سگهجي ته ان جي دائري ۾ فتني جي طاقت کي ڪم ڪرڻ جو بلڪل موقعو ئي ڪونه ملندو. اهو بلڪل ائين آهي جيئن تندرست کان تندرست ماڻهو به ڪڏهن نزلي، زڪام يا بخار ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو. اهڙي طرح پاڪ کان پاڪيزه معاشري کي به مرض واري حالت پيش اچي سگهي ٿي. هڪڙي زندگي سان پرپور سٺي معاشري کان اها توقع ڪري سگهجي ٿي ته اهو مرض جي مدافعت ۾ ڪوتاهي ڪونه ڪندو ۽ حملو ڪندڙ جراثيم کي هلاڪ ڪري ٻاهر ڪڍي ڪندو. مگر اها اميد نٿي ڪري سگهجي ته ان ۾ ڪڏهن ڪو مرض پيدا ئي ڪونه ٿيندو.

شيطان جي لاءِ هڪڙي جماعتي نظام ۾ سازگار ماحول نجوي وارو ماحول هوندو آهي. نجوي ڪن ڦُس ڪرڻ کي چوندا آهن. ڪنهن اجتماعي نظام ۾ نجوي جي اصطلاحي معنيٰ اها ٿئي ٿي ته پنهنجن خيالن، مشورن، تنقيدن ۽ اعتراضن کي پوري جماعت جي سامهون کلم کلا نموني سان پيش ڪرڻ جي بجاءِ مختلف ماڻهو الڳ ٿلڳ ويهي ڪچڙي پچائين نجوي حقيقت ۾ اجتماعي زندگي ۾ هڪڙي خراب رستي ڏانهن پيشقدمي جي شروعات آهي ڪائي نه ڪائي ڳالهه هوندي آهي. تڏهن ماڻهو کليل نموني سان ڪم ڪرڻ کان لنوائيندو آهي ۽ سامهون اچڻ کان اڳ ساٽ ميٽ ۾ ڪچڙي پچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهائي ڳالهه آخرڪار سازش جي شڪل اختيار ڪندي آهي.

بدقسمتي سان حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نگراني ۾ هلندڙ تحريڪ جي اندر يهودين جي سرپرستي ۾ منافقن نجوي جو اهو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هيو ۽ اها ڳالهہ مسلسل تحريڪ جي قائد ۽ ڪارڪنن کي پريشان ڪندي رهي. قرآن شريف ان ماحول کي پيدا ڪرڻ وارن کي بہ سڌاري (اصلاح) جو سبق ڏيندو رهيو ۽ اسلامي جماعتي نظام جي ڪارڪنن کي بہ انهن جي باري ۾ لڳاتار خبردار ڪندو رهيو. ان پڪاريو:

"ڇا توهان ڏسو ڪونہ ٿا تہ جن ماڻهن کي ڪن ڦس ڪرڻ کان منع ڪرڻ لاءِ چيو ويو هيو اهي وري اها حرڪت ڪري رهيا آهن جنهن کان انهن کي روڪيو ويو هيو. ۽ اهي پاڻ ۾ بدي ۽ سرڪشي، ۽ رسول جي نافرماني تي مشورا ڪندا وتن ٿا." (۞ اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ نُهُوۡا عَنِ النَّجۡوٰى ثُمَّ يَعُوۡدُوۡنَ لِمَا نُهُوۡا عَنۡهُ وَيَتَنٰجَوۡنَ بِالۡاِثۡمِ وَالۡعُدۡوَانِ وَمَعۡصِيَتِ الرَّسُوۡلِ ۞ سورت المجادله آيت 8)

"اي ايمان وارو! جڏهن بہ توهان علحدگي ۾ باهمي مشورا ڪيو تہ بدي ۽ سرڪشي ۽ رسول جي نافرماني جا منصوبا نہ ناهيو. بلڪ نيڪي ۽ تقوا جي لاءِ مشورا ڪيو." (۞ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا تَنَاجَيۡتُمۡ فَلَا تَتَنَاجَوۡا بِالۡاِثۡمِ وَالۡعُدۡوَانِ وَمَعۡصِيَتِ الرَّسُوۡلِ وَتَنَاجَوۡا بِالۡبِرِّ وَالتَّقۡوٰى ۞ سورت المجادله آيت 9)

"اهي ڳجها مشورا شيطان جا ڪم آهن تہ جيئن اهو ايمان آڻڻ وارن کي پريشان ڪري، حالانڪ الله جي حڪم کان سواءِ ڪابہ شي انهن جو ڪجهہ بگاڙي نہ ٿي سگهي." (۞ اِنَّمَا النَّجۡوٰى مِنَ الشَّيۡطٰنِ لِيَحۡزُنَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَلَيۡسَ بِضَآرِّهِمۡ شَيۡـًٔا اِلَّا بِاِذۡنِ اللّٰهِ ۞ سورت المجادله آيت 10)

"اهي (ڪن ڦس ڪرڻ وارا) ماڻهو انسانن جي نظر کان تہ اوجهل رهي سگهن ٿا. مگر الله کان لڪي ڪونہ ٿا سگهن. حالت اها آهي تہ جڏهن رات جي اونداهي ۾ اڪيلائي جي پردي ۾ اهي اهڙي ڪا ڳالهہ رٿين ٿا جيڪا الله کي پسند ڪونهي تہ ان گهڙي الله انهن سان موجود هوندو آهي." (۞ يَّسۡتَخۡفُوۡنَ مِنَ النَّاسِ وَلَا يَسۡتَخۡفُوۡنَ مِنَ اللّٰهِ وَهُوَ مَعَهُمۡ اِذۡ يُبَيِّتُوۡنَ مَا لَا يَرۡضٰى مِنَ الۡقَوۡلِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا يَعۡمَلُوۡنَ مُحِيۡطًا ۞ سورت النساء آيت 108)

"خفيہ مشوري جي لاءِ ڪي ٽي ماڻهو ائين گڏ ڪونہ ٿيندا آهن جو انهن سان گڏ چوٿون الله موجود نہ هجي، ۽ نہ پنج جن سان ڇهون اهو نہ هجي ۽ نہ ان کان گهٽ يا ان کان وڌيڪ تعداد، جو انهن سان گڏ اهو نہ هجي ـــ چاهي اهي ڪٿي بہ هجن." (۞ مَا يَكُوۡنُ مِنۡ نَّجۡوٰى ثَلٰثَةٍ اِلَّا هُوَ رَابِعُهُمۡ وَلَا خَمۡسَةٍ اِلَّا هُوَ سَادِسُهُمۡ وَلَاۤ اَدۡنٰى مِنۡ ذٰلِكَ وَلَاۤ اَكۡثَرَ اِلَّا هُوَ مَعَهُمۡ اَيۡنَ مَا كَانُوۡا ۞ سورت المجادله آيت 7)

"اهي منهن تي چون ٿا تہ اسان (جماعت جي فيصلن ۽ قيادت جي حڪمن جي) اطاعت ڪنداسين! مگر جڏهن (اي نبي ﷺ) توهان وٽان وڃن ٿا تہ انهن مان

هڪڙو تولو رات جو هڪ منو ٿي توهان جي چيل ڳالهين جي خلاف ڪچڙي پچائي ٿو ۽ الله انهن جي منصوبن کي لکي رهيو هوندو آهي.“ (﴿ وَيَقُولُونَ طَاعَةٌ فَإِذَا بَرَزُوا مِنْ عِندِكَ بَيَّتَ طَائِفَةٌ مِّنْهُمْ غَيْرَ الَّذِي تَقُولُ وَاللَّهُ يَكْتُبُ مَا يُبَيِّتُونَ ﴾ النساء: 81)

انهن آيتن ۾ ڳالهه بلڪل صاف ڪئي وئي آهي ته اسلامي جماعتي نظام اجتماعي طور تي طئي ٿيل واٽ تي هلي رهيو هجي ۽ ان جي اندر جيڪي اجتماعي فيصلا ۽ جماعتي روايتون ڪارفرما هجن ته انهن جي حمايت ۽ وڪالت ۽ انهن جي پابندي ۽ پيروي ۽ ان جي نفاذ ۽ استحڪام جي لاءِ ته ماڻهو علحدگي ۾ هڪ ٻئي سان اعلانيه به ۽ اڪيلائي ۾ به آزادي سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهن ٿا. ليڪن انهن سان اختلاف ڪرڻ ۽ انهن کي شڪست ڏيڻ، انهن جي خلاف بددلي ڦهلائڻ ۽ اعتراض اٿارڻ ۽ انهن جو رخ ڦيرائڻ جي لاءِ علحدگي ۾ ويهي ماڻهن جا ڳجها مشورا ۽ ڪن ڦس ڪرڻ هڪڙو اهڙو وڏو گناهه آهي، جيڪو انهن ماڻهن جي سيرت ۽ آخرت کي تباهه ڪري ڇڏي ٿو ۽ پوري جماعتي نظام کي پريشانين ۽ پيچدگين جي منهن ۾ وجهي ڇڏي ٿو. ڳجهي اختلافي ڪن ڦس جو اصل بڻ بڻياد شيطان آهي، جنهن کان اسلامي جماعت کي قرآن خبردار ڪري ڇڏيو.

ڳجهين سرگوشين جو هڪڙو موضوع ”معصيتِ رسول“ به اسان جي سامهون اچي ٿو. دراصل اهوئي مرڪزي موضوع هيو. مديني جي اسلامي تحريڪ جي دائري جي اندر ان ڳالهه جي ته بلڪل گنجائش ڪونه هئي ته تحريڪ جي روح روان ۽ ان جي نظرئي ۽ نصب العين کي پروپيگنڊا جو حدف بڻائي سگهجي ۽ خود الله جي نافرماني ۽ ان جي ڪتاب سان بغاوت جو قدم کڻي سگهجي. منافقن جي لاءِ وڏ کان وڏ فتني جو ميدان ايتروئي هيو ته اسلامي تحريڪ جي قيادت سان اٽڪن ۽ علمبردار اول جي شخصيت جي خلاف باهه ٻاريندا رهن. هڪڙي اخلاقي تحريڪ جي لاءِ تباهي جو سڀ کان وڌيڪ ڪارگر ۽ آسان ترين حربو اهوئي ٿي سگهي ٿو ته ان جي بهترين شخصيت کي داغدار ڪري ڇڏجي.

ان سلسلي ۾ اسان اهو ته ٻڌائي چڪا آهيون ته اقتدار لالچ ۽ نفساني خواهش جا الزام اڳ ۾ ئي لڳا ويا هيا. ليڪن درحقيقت معاملو هڪڙي الزام يا ٻئي الزام تائين محدود ڪونه هيو. افواهه پکيڙڻ (شوشابازي) جي هڪڙي مهم (”ويسپرنگ ڪمپين“ - Whispering Campaign) ۽ ”سرد مهم“ مسلسل هلائي پئي وئي.

وري اهي ماڻهو هيا جن جي تعريف قرآن شريف هيئن بيان ڪري ٿو ته اهي پنهنجين ڳالهين سان نبي جي ذات کي ڏک پهچائين ٿا (سورت التوبه آيت 61). يعني تحريڪ جي اجتماعي مسئلن تي صاف دلي سان کليل فضا ۾ ڳالهائڻ جي بجاءِ اهي ان جي واڳ ڌڻين جي شخصيت کي ڇُريون هڻندا رهن ٿا. ان ڇُريون هڻڻ جو هڪڙو مثال قرآن شريف خود بيان ڪري ڇڏيو آهي. واقعي جي صورت اها هئي ته اسلامي

جماعتي نظام ۾ منافقن جون عادتون ۽ افعال هڪڙي اهڙي بي جوڙ شي هيون جو انهن جو هجڻ اهل ايمان جي فطرتِ صالحہ کي ناگوار لڳندو هيو ۽ اهي بيچين ٿي ويندا هيا. ان تي ڏکيائي اها هئي تہ منافقن جي پراسرار حرڪتن تي قانون ۽ نظام جي تقاضائن موجب باقائده پڪڙ ڪرڻ بہ مشڪل ۽ ان تي چپ ڪري ويهڻ بہ مشڪل هيو! اهل ايمان ويچارا جماعتي ذميواري جي تقاضا کان مجبور ٿي منافقن جي ڏوڙي حرڪتن کان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي آگاهہ ڪندا رهندا هيا جماعت وارا هر منافق ماڻهو کي آهستي آهستي سڃاڻي ويندا هيا ۽ ان جي باري ۾ تحريڪ جي واڳ ڌڻي جي شخصيت هڪڙي خاص نموني جو رد عمل ڏيکاريندي هئي. جيڪو انتهائي نرمي واري ڍنگ کان آهستي آهستي سختي جي انداز ۾ بدلجندو ويو. انهن حالتن ۾ نفاق جا مريض پنهنجو پاڻ کي ذليل ٿيندو ڏسي واويلا ڪرڻ لڳا تہ "هُوَ اُذُنٌ" (سورت التوبہ آيت 61) يعني نعوذ باالله ! هي شخص تہ ڪنن جو ڪچو آهي معمولي کان معمولي حيثيت وارا ماڻهو جن جي اسان جي مقابلي ۾ ڪا هستي ڪونهي، وڃن ٿا ۽ جنهن جي باري ۾ جيڪا ڳالهہ وٽي چئي اچن ٿا ۽ اتي هر ڳالهہ تي يقين بہ هڪدم ڪيو وڃي ٿو. ميرِ ڪاروان (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي ان ڪمزوري جي ڪري اسان مار کائي وڃون ٿا. ڏسو! اسان ٿي وياسين منافق ۽ سازشي ۽ هي ڪالهوڪا ڪنگلا ڇوڪرا ۽ بکن جا ستيل غلام ٿي ويا مقربينِ خاص!

ڪجهہ اهڙين ئي حالتن جو ردعمل هوندو جو هڪڙي دفعي منافقن تحريڪ جي علمبردار اول کان علحدگي ۾ وقت وٺڻ ۽ ڳالهائڻ جو هڪڙو چڪر هلايو. مجلس متل آهي، هڪڙو منافق وچ ۾ ٽپو ڏئي ڳالهائي ٿو تہ مون کي اڪيلائي ۾ خاص ڳالهہ ڪرڻي آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مروت جو لحاظ ڪندي ان جو موقعو هر ڪنهن لاءِ کليل رکندا هيا ليڪن اڪيلائي ۾ خاص ڳالهيون ڪرڻ ۽ وقت وٺڻ جو اهو ڊرامائي انداز ڪنهن بہ مقصد سان هيو. ان مان منافقن جو مطلب اهو هيو تہ هڪڙو تہ جماعت تي پنهنجي ڌاڪ ويهارين تہ اسان بلڪل خاص ماڻهو آهيون. صرف مٿئين دائري ۾ ذميوار ترين هستي سان خاص ڳالهيون ڪندا آهيون. ٻيو اهو تہ حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نگاهہ ۾ مصنوعي طريقي سان قرب ۽ اعتبار حاصل ڪيو وڃي ۽ جيستائين ٿي سگهي تہ خلوص وارن ماڻهن جي باري ۾ بدگمانيون پيدا ڪري ان ذِلت جو تدارڪ ڪيو وڃي، جنهن ۾ پنهنجن ئي ڪرتوتن جي ڪري اهي گهيرجي ويا هيا. ليڪن، حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مروت منافقن کي جنهن وقت وڃائڻ جو کليل موقعو ڏئي ورتو هيو ان کي فرمانرواءِ حقيقي هي حڪم ڏئي ختم ڪري ڇڏيو:

"اي ايمان وارو جڏهن توهان پيغمبر سان (خاص وقت وٺي) علحدگي ۾ ڳالهہ ڪيو تہ هر خاص گفتگو کان اڳ صدقو پيش ڪيو. (يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا نَاجَيْتُمُ الرَّسُوْلَ فَقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقَةً ۝ سورت المجادله آيت 12)

ان حڪم سان لالچ جي ماريل منافقن جي چيلهه ڇڄي تي وئي ۽ وري وري خاص وقت وٺڻ ۽ اڪيلائي ۾ ڳالهائڻ جو سلسلو رڪجي ويو. تاهم اهو شروع ان ئي سوچ سان ڪيو ويو هيو ته تحريڪ جو واڳ ڌڻي ڪٿان جو ڪچو آهي (انهن جي وات ۾ خاڪ) سو خلوص وارن ماڻهن جي مقابلي ۾ چو نه اسان به ڪن پري ان کي پنهنجي وهڪري ۾ وهائي وڃون. مگر انهن کي اندازو ڪونه هيو ته اتي خلوص وارن ماڻهن جي لاءِ ڪن جيترا نرم هيا. اتي فتنو پيدا ڪرڻ وارن ماڻهن لاءِ ايترائي ڳرا (ثقيل) به هيا. بهرحال، اندازو ڪري سگهجي ٿو ته جيڪي ماڻهو اسلامي تحريڪ جي اندر رهي ان جي وڏي واڳ ڌڻي جي خلاف اهڙيون گستاخي واريون ڳالهيون ڪندا وتندا هوندا ـــ انهن ۾ نظام سان اها محبت ۽ وابستگي باقي ڪيئن رهي سگهي ٿي، جيڪا ڪنهن جماعت جي ڪارڪنن کي فعال ۽ متحرڪ ڪندي آهي. هڪڙي ديني ۽ اخلاقي جماعتي نظام ۾ ته جيڪو عنصر ان جي نظامِ امر وقيادت جي خلاف بي حرمتي ۽ نفرت جو طوفان اٿاري ٿو ۽ سرگوشين جي مهم هلائي ٿو اهو دراصل حقيقت ۾ انهيءَ ڪري ان جي حرڪت، ان جي قدمن ۽ ان جي فعاليت جي تباهي جو بندوبست ڪري ٿو.

تحريڪ جڏهن دعوت جي مرحلي کان جهاد جي مرحلي طرف هڪڙو انقلابي رخ اختيار ڪري رهي هئي، ان وقت هڪڙي گهٽي تعداد وارو نفاق اڀري آيو هيو. تحريڪن جا اهڙا موڙ گهٽڻ ماڻهن کي چڪر ۾ وجهي ڇڏيندا آهن. اهڙن موقعن تي صرف اهي ڪارڪن توازن برقرار رکي سگهندا آهن، جيڪي پهريان کان ڪجهه سمجهي هليا هجن ته اسان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون، واٽ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون منزلون اينديون. ورنه دنيا جي تحريڪن کي جڏهن ڪو وڏو موڙ پيش ايندو آهي ته ان ڦيرگير (تغير) جي سمجهه نه رکڻ وارو ضرور ناڪارا ٿي رهجي ويندو آهي ـــ اهڙن ئي تاريخي موقعن تي اڪثر ڪري چڱا چوکا متحرڪ فرد ذهني الجهنن ۾ ڦاسي بددلي جو شڪار ٿي ويندا آهن. اسلامي تحريڪ سان به اهوئي ٿيو. تحريڪ دعوت کان جهادي مرحلي ۾ داخل ٿي ته ڪجهه ماڻهو پنهنجي فڪري توازن جو شڪار ٿي ويا. خاص طور تي اهو عنصر ته هميشه لاءِ منافقي جو شڪار ٿي ويو جيڪو "جهاد" جي ڳرين ذميوارين جو بوجهه کڻڻ لاءِ آماده ڪونه هيو ۽ پهريان کان ذهن ۾ سوچ کي ان مرحلي جي لاءِ تيار ڪري ڪونه آيو هيو.

قرآن شريف ۾ ذڪر ٿيل آهي ته ڪجهه ماڻهو هيا جن کي جڏهن پهرين دور ۾ اهو حڪم ڏنو ويو هيو ته "ڪُفُّوۡۤا اَيۡدِيَكُمۡ" يعني حق جي دعوت پهچائيندي ظلم ۽ زيادتي کي خاموشي سان برداشت ڪيو ۽ هٿ نه کڻو. بس اقامت نماز ۽ ايتاءِ زڪوات جهڙين سرگرمين ۾ مشغول رهو. ليڪن انهن کي ان دور ۾ اهو حڪم ناگوار هيو بعد واري مرحلي ۾ جڏهن انهن ئي ماڻهن کي جهاد جو حڪم ٻڌايو ويو ته اهي انساني قوتن کان ڊڄي ٻڏتر ۾ پئجي ويا. انهن جو ذهني رد عمل اهو هيو ته رَبَّنَا لِمَ كَتَبۡتَ عَلَيۡنَا الۡقِتَالَ

(سورت النساء آيت 77) "اي اسان جا ربا تو جهاد جو حڪم اسان جي سر مٿان ڇو وجهي ڇڏيو؟" اڃا اسان ٻي ڪا دعوت ڏيون ها، نماز ۽ زڪوات جي ذريعي سيرت جي اصلاح ڪريون ها، چندا ۽ تعميري سرگرميون جاري رکون ها. هڪڙي مرحلي جون تقاضائون پوريون ڪونہ ٿيون آهن تہ وقت کان اڳ نيون ذميواريون ٿاڦيون ويون آهن.

مگر ويچارا نہ خدا سان بحث ڪري سگهيا ٿي نہ ان جي حڪمن جي اڳيان بند ٻڌي سگهيا ٿي. انهن جي سامهون تہ صرف رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ذات هئي، تنهن ڪري انهن آخري دم تائين ان ذات ۽ ان شخصيت کي ڪونہ بخشيو. هرهر جهاد جي معرڪي کان نٽائيندا رهيا ۽ هر نازڪ موقعي تي طرح طرح جا بهانا ڪندا رهيا. انهن الله طرفان عائد ڪيل ذميوارين جو انتقام ان جي دين جي تحريڪ هلائڻ واري حق جي علمبردار کان دل کولي ورتو.

تحريڪون جڏهن مقابلي جي ميدان ۾ ايندڙيون آهن تہ انهن جا علمبردار جتي مخالف طاقت کي ڌڪ هڻندا آهن، اتي انهن جي هٿان چوٽن تي چوٽون بہ کائيندا آهن. تدبيرن جا تير نشاني تي لڳندا بہ آهن تہ کُسي بہ ويندا آهن. نتيجا اميدن مطابق نڪرندا آهن ۽ خلاف بہ نڪري ايندا آهن. اهڙو تہ ڪوئي بہ لڙائي جو ميدان ڪونہ ڏٺو ويو آهي، جنهن ۾ هر نقصان هڪڙي ئي ڌُر جي حصي ۾ اچي ۽ هر فائدو ٻي ڌُر جي حصي ۾ وڃي. جيڪا ڌُر آخري فتح بہ حاصل ڪندي آهي تہ اها بہ فتح جي قيمت ۾ گهڻيون حياتيون پيش ڪندي آهي، گهڻائي زخم کائيندي آهي، جنگ جي باهہ ۾ گهڻو ئي مال ساڙيندي آهي. ليڪن مديني جي اسلامي تحريڪ جي اندر ڪم ڪرڻ وارا منافق اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا (سورت الم نشرح آيت 6) جي ان زباني فلسفي کان خالي ذهن ٿي هر تڪليف ۽ هر نقصان ۽ هر چوٽ تي بي اختيار رڙيون ڪرڻ لڳا هيا تہ اهو تحريڪ جي اڳواڻ جي بصيرت جي ڪوتاهي (نعوذبالله) جو نتيجو آهي. قرآن شريف ۾ ان ٿڏي ٿڏي فلسفاٽي پروپيگنڊا جو واضع طور تي ذڪر موجود آهي.

"۽ جيڪڏهن انهن کي ڪو فائدو پهچي ٿو تہ چون ٿا تہ اهو الله جي طرف کان آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪو نقصان پهچي ٿو تہ چون ٿا تہ اهو تنهنجي (محمد ﷺ ) ڪري آهي." (﴿وَاِنْ تُصِبْهُمْ حَسَنَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِكَ﴾ سورت النساء آيت 78)

يعني تحريڪ جي لڙاين ۾ جيڪي چوٽو ن لڳيون ٿي، جيڪي نقصان ٿيا ٿي، جيڪي قربانيون ڏيڻيون پيون ٿي ۽ ـــــ جن تدبيرن جا نتيجا مطلب مطابق نٿي نڪتا تہ انهن سيني جي ذميواري سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي کاتي ۾ ويندي هئي تہ اهو سڀ ان جو ئي ڪيو ڪرتو آهي. مطلب اهو تہ دين پنهنجي ذات ۾ برحق آهي، تحريڪ پاڪيزه آهي، جماعتي نظام لاجواب، مگر بس جن هٿن ۾ رهنمائي آهي، انهن سموري ڪم کي عجيب چڪرن ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي. ذرا متقياڻي شان تي غور

ڪيو تہ الله سان معاملو ٺاهي رکيو آهي ۽ فائدن ۽ ڪاميابي جي نسبت وڏي اهتمام سان ان ڏانهن ڦيرائي وڃي ٿي. مطلب تہ پروپيگنڊا فلسفاٽي ٿي نہ پروڙي متقياٽي ٿي هئي. مگر اهو پرهيزگاري جو منافقاڻو شان جيڪو رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جهڙي تحريڪ جي سربراهہ جي خيرخواهي ۽ اطاعت جو ايترو بہ حق ادا نہ ٿي ڪري سگهيو جيترو اسلام هڪڙي حبشي غلام جي حڪومت لاءِ طلب ڪيو آهي، ۽ جيڪو الله جي رسول ۽ اسلامي تحريڪ جي بهترين واڳ جهليندڙ کان مٿان مٿان خدا سان قربت جو رشتو جوڙي رکڻ گهرندو هجي، ان کان وڌيڪ خود فريبي جي ٻي ڪهڙي شڪل هوندي جيڪا انسان پنهنجي تباهي جي لاءِ ايجاد ڪئي هجي. هن موقعي تي اهو واضع ڪري ڇڏڻ ضروري لڳي ٿو تہ اُهي "حسنات" (چڱايون) جي جيڪا نسبت الله تعاليٰ جي طرف ڪندا هيا. اها شُڪر ۽ اعتراف ڪرڻ جي بنياد تي ڪونہ هئي، بلڪ ان جي مراد اها ٿئي ٿي تہ حالتن جي اندر جيڪي سٺا پهلو اڀري اچن ٿا ۽ مقابلن سان جيڪي فائدي وارا نتيجا نڪرن ٿا. انهن ۾ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قيادت ۽ بصيرت جو ڪوئي دخل ڪونهي، اهي تہ الله تعاليٰ جي مشيت جا پيدا ڪيل اتفاق آهن.[1]

مديني جي اسلامي تحريڪ جي قائد اعليٰ کي ڪهڙين ذهني ڪيفيتن مان گذرڻو پوندو هوندو جڏهن تہ تڪليف جي هر موقعي تي گهر جي اندر مخالفاڻو تبصرو ڪرڻ ۽ مذاق اڏائڻ ۽ بي قدري ڪرڻ وارا نام نهاد ساٿي موجود هجن ۽ ڳالهہ تي چوندا وتندا هجن تہ تحريڪ جي هن واڳ ڌڻي جي هٿان هاڻي هي مصيبت اچي پئي، هاڻي هي زخم لڳو هاڻي هٿان تباهي اچي وئي. هر اهم قدم جي نتيجي نڪرڻ کان پوءِ پنڊت بڻجي ويهندا هجن ۽ تبصرا ڪندا هجن تہ هيئن نہ ڪيو وڃي ها ۽ هوئن ڪيو وڃي ها.

ان ئي ڪميڻي ذهنيت سان اهي هر معاملي جي سامهون اچڻ تي بڪواس ڪرڻ لڳي ويندا هيا. مثال طور چوندا تہ "اسان کي انديشو اهو آهي تہ حالتن جو ڪو چڪر اسان کي پنهنجي لپيٽ ۾ نہ وٺي ڇڏي" (﴿ يَقُوْلُوْنَ نَخْشٰى اَنْ تُصِيْبَنَا دَآىِٕرَةٌ ﴾ المائده آيت 52)

مطلب اهو هوندو هيو تہ هن تحريڪ جي گاڏي کي جنهن نموني سان هلايو وڃي ٿو تہ ان جي پيش نظر هر وقت اهو خطرو آهي تہ هاڻي ڪنهن ٽَڪرِي سان ٽڪرائي، ۽ هاڻي ڪنهن کڏ ۾ ڪري! ـــ آخر اسان ڇو مفت ۾ پنهنجو پاڻ کان هٿ ڌوئي ويهون.

[1] صاحبِ "موضع القرآن" پنهنجي حاشي ۾ بلڪل اهائي ڳالهہ هيئن چئي آهي تہ اهو "منافقن جي باري ۾ ذڪر آهي تہ جيڪڏهن لڙائي جي تدبير درست آئي ۽ فتح ۽ غنيمت ملي تہ چون ٿا تہ الله جي طرف کان ٿي، يعني اتفاق سان ٿي ويو. رسول الله ﷺ جا قائل ڪونہ ٿيندا هيا ۽ جيڪڏهن ڳالهہ بگڙي وئي تہ الزام حضور ﷺ جي تدبير تي هڻندا هيا." (ڏسو حمائل شريف: تاج ڪمپني نمبر 8)

جنگ اُحد جي موقعي تي اهائي ذهنيت هئي جنهن حسرت ظاهر ڪئي هئي ته "يعني جيڪڏهن (قيادت جي) اختيارن ۾ اسان جو ڪجهه حصو هجي ها ته اسان هتي ڪونه ماريا وڃون ها." (﴿ لَوْكَانَ لَنَا مِنَ الْاَمْرِشَيْءٌ مَّا قُتِلْنَا هٰهُنَا. تفهيم القران سورت آل عمران آيت 154). ان ذهنيت ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي قيادت ۽ بصيرت جي خلاف ڪليل بي اعتمادي موجود هئي. اهي پنهنجي جاءِ تي عقلِ ڪُل هيا ۽ جيڪو شخص ڪيترن سالن کان وحي الاهي جي روشني ۾ تحريڪ هلائيندو پئي آيو اهو پيغمبر هجڻ باوجود انهن جي نظر ۾ ڪجهه ڪونه هيو. جيڪڏهن ڪٿي معاملو نبوت جي ڪنهن پيروڪار جي قيادت جو هجي ها ته الله ڄاڻي بصيرت جي انهن ٺيڪيدارن جي هٿان ان جي ڪهڙي حالت ٿئي ها.

انهن مثالن مان اندازو ٿي سگهي ٿو ته تحريڪ جي سڌو سنئون مخالفت جي بجاءِ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي شخصيت کي حدف بڻائي هئي نموني جي حملي جو ڪامياب ترين ڍنگ اختيار ڪيو ويو هيو. تحريڪ جي ميرِڪاروان صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ئي خلاف اعتراض، نفرت ۽ يهودي نڪته چيني جو لاوو ڪن ڦس (نجوي) جي ناپاڪ ماحول ۾ مچايو پئي ويو ۽ ان جي نافرماني ڪرڻ ۽ ان سان سرڪشي ڪرڻ جي لاءِ نت نوان منصوبا غور هيٺ آندا ويندا هيا.

## جماعت جي اخلاقي نظام جون پيچيدگيون:

ان ماحول پنهنجي اندر ۾ شيطان جي لاءِ ڪم ڪرڻ جو بهترين ۽ وسيع ميدان رکيو ٿي. خاص طور تي ان جا به پاسا فتنو پکيڙڻ وارن جي حق ۾ ويا ٿي. اسلامي تحريڪ جو جماعتي نظام ئي اخلاقي نظام هيو. اخلاقي نظام جي هڪڙي خاص پيچيدگي اها آهي ته ان ۾ پڪڙ جي قابل ڇتا واقعا جيستائين ثابت ٿيل حقيقتن جي شڪل اختيار ڪري سامهون نه اچن، انهن تي نه جماعت پڪڙ ڪري سگهي ٿي، نه خرابي محسوس ڪرڻ وارا ماڻهو حالتن جي ڏنڌلي پس منظر کي آخري نتيجن نڪرڻ کان اڳ برسرِعام آڻي سگهن ٿا. اسلام جو اخلاقي جماعتي نظام پنهنجن فردن کي هڪ ٻئي جي باري ۾ شڪ ڪرڻ کان روڪي ٿو ۽ هڪڙو مخلص ماڻهو آخري گهڙي تائين مجبور هوندو آهي ته پنهنجن ساٿين جي شڪ شبهي واري طرزِ عمل جي هر جزي جي بهتر کان بهتر تاويل ڪندو رهي ۽ وري جيڪڏهن اهو غير صحتمندانهين حالتن جي سلسلي جي بيشمار ڪڙين جي گڏجي وڃڻ تي پنهنجي ذهن جي گهرائي ۾ ڪا خراب راءِ قائم به ڪري وٺي، ته به، وڌ کان وڌ وقفو ان انتظار ۾ گذاري ته شايد ان جي شڪ جي ترديد ڪرڻ واري ڪا واضح حقيقت سامهون اچي وڃي.

محض تاثرات ـــ چاهي اهي ان جي پنهنجي نظر ۾ ڪيترا اهميت وارا ڇونه هجن ـــ ان جي قابل ڪونه هوندا آهن ته انهن کي هڪڙي مقدمي جي طور تي باقائده جماعت

جي سامهون ڪٿي اچي نظام کي متحرڪ ڪيو وڃي. انهن سببن ڪري مديني ۾ خلوص وارا ماڻهو مجبور هيا تہ اهي فتنو پسند ڪرڻ وارن ماڻهن جي ابتدائي سرگرمين کي جيڪي ڪن ڦُس (نجوي) جي ڏنڊلڪي ۾ هلي رهيون هيون. ڪجهہ اڻوڻندڙ آثارن ۽ علامتن جي سامهون اچڻ تي ماٺ ڪري ڏسندا رهن. جڏهن فتني جو فصل باقائده پڌري نتيجي تي پهچندو هيو تہ پوءِ ئي جماعت جو اخلاقي نظام انهن کي موقعو ڏيندو هيو تہ اهي زبان کولين، اجتماعي نظام کي حرڪت ۾ آڻين.

جماعت جي اخلاقي نظام ۾ ہي پيچيدگي اها هوندي آهي تہ جيڪڏهن ان جي سربراهہ جي شخصيت ۽ ان جي ہين ڪارڪنن ۽ اختيار رکندڙن جي ذات کي ڪوئي نشانو بڻائي تہ انهن جي پوزيشن گهڻي نازڪ ٿي ويندي آهي. هڪڙي طرف اهي ئي هوندا آهن جن جي هٿ ۾ جماعت جي انتظامي مشينري جي واڳ هوندي آهي ۽ جن جي ذريعي فتنن کي ہنجو ڏئي سگهبو آهي. ٻئي طرف فتنا انهن کي ئي نشانو بڻائي اهڙي صورت پيدا ڪري ڇڏيندا آهن جو جيڪڏهن اهي اختيار رکندڙ ماڻهو پوري جماعت جي سامهون فتني جو پول پوري طرح کلڻ کان اڳ ان جي خلاف ڪا ڪارروائي ڪن تہ انهن تي الزام لڳندو آهي تہ اهي تنقيد ۽ اختلاف کي دبائين ٿا ۽ حق جو آواز بلند ڪرڻ وارن کي آمراڻن طريقن سان شڪست ڏين ٿا. جيئن فردن جي معاملي ۾ چئي سگهجي ٿو تہ جتي شرافت سڀ کان وڏي طاقت آهي، اتي شرافت ئي سڀ کان وڏي ڪمزوري بہ هوندي آهي. بلڪل ائين جماعتن جي لاءِ اخلاقي نظام انهن جي سڀ کان وڏي پيچيدگي بہ آهي. ان پيچيدگيءَ جو هڪڙو ئي حل آهي ۽ اُهو اِهو آهي تہ جماعت پنهنجي مجموعي ذهن جي لحاظ کان ايتري سجاڳ ۽ پنهنجي ڪردار جي لحاظ کان ايتري مضبوط هجي جو اها پنهنجي مزاج جي خلاف ڪنهن شي کي پنهنجي اندر هلڻ نہ ڏئي. ان جي دائري ۾ ڪوئي هوش رکڻ وارو ڪن جماعتي نظام جي خلاف ڪن ڦُس ٻڌڻ جي لاءِ تيار نہ هجي ۽ ڪائي زبان ڪن ۾ پيل هر ڳالهہ کي هِتي هُتي ٻڌائڻ جي جرئت نہ ڪري. مگر عملي طور تي ان انتهائي معيار تائين پوري جي پوري جماعت جو پهچڻ ۽ هر گهڙي ان تي قائم رهڻ مشڪل آهي. ڪميٽيون ڳالهيون سوچڻ وارن دماغن، انهن کي ڦهلائڻ وارين زبانن ۽ انهن کي ٻڌڻ وارن ڪنن کان ڪوئي انساني معاشرو بلڪل ئي پاڪ نٿو ٿي سگهي. انساني فڪر، ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ مان شيطان ڪجهہ نہ ڪجهہ حصو وٺي ئي رهي ٿو.

منافقن اخلاقي نظام جيِ ان ڪمزوري مان پورو پورو فائدو ورتو. ليڪن آخري نتيجي جي لحاظ کان اهي ان جي زبردست طاقت جي پڪڙ کان بچي ڪونہ سگهيا.

انهن جي پوري ڪارنامي جو خلاصو قرآن شريف جي زبان ۾ بس هي هيو "هَمُّوا بِمَالَمۡ يَنَالُوا" انهن جنهن مقصد ڏانهن تپو ڏنو هيو ان تائين پهچي ڪونہ سگهيا. مگر جماعت کي پريشان تہ ڪيو. ان کي بيچيني ۾ تہ ڦاسائي رکيو.

ڪن ڦُس (نجوي) جي ان سازگار ماحول ۾ جنهن ۾ تحريڪ جي اولين علمبردار جي ذات نشانو بڻي پئي هئي ۽ هڪ ٻئي پٺيان ان جي خلاف تيراندازي ٿي رهي هئي، ڪنهن ناپاڪ ڪان ناپاڪ عظيم طوفان کي اٿارڻ هرگز ناممڪن ڪونہ هيو بشرطيڪ فتنو پيدا ڪرڻ وارن کي قسمت سان ڪو سنو موقعو هٿ اچي وڃي. شيطان کي ان ماحول مان فائدو وٺڻ ۽ منافقن جي ٽولي کي ڏنگ سان استعمال ڪرڻ جي لاءِ ہي ضرورت هڪڙي فعال ڪردار جي هئي، جنهن جو ذهن شرارتون پيدا ڪرڻ جي لحاظ کان موجداڻو ۽ تخليقي هجي ۽ جنهن کي نجوي جي گڏ ڪيل بارود جي ڍير ۾ بہ جمالو وانگر هڪڙي چڻنگ اڇلائڻ جي همت هجي. سو اهڙو فعال ڪردار تہ عبدالله بن ابي جي صورت ۾ اڳ ۾ ئي موجود هيو. ان شخص جي اندر پنهنجي شخصيت ۽ اهميت جو احساس دہي پريل هيو — آخر هجرت کان اڳ مديني جي بادشاهت جو تاج ان جي مٿي تي رکڻ لاءِ ئي تہ تياري هيٺ هيو! ليڪن، محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو وجود ان جي تمنائن جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجي ويو. بادشاهت تہ پري رهي ان جي پنهنجي ڪردار جي ڪري اسلامي تحريڪ جي دائري ۾ اچي پهريون مرتبو تہ ڪٿي، پر ٻيو ۽ ٽيون مرتبو بہ حاصل ٿي ڪونہ سگهيس. ان حادثي ان جي ذهن ۾ گهڻو تلخ ۽ زهريلو ردعمل پيدا ڪري ڇڏيو ۽ اهو ردعمل هر گهڙي هڪ نہ ٻئي نئين فتني جي شڪل ۾ هلچل مچائيندو رهندو هيو. شيطان انسانن ۾ سڌو سنئون تہ تمام گهٽ ڪم ڪندو آهي، ان کي آلہ ڪار جي طور انساني شيطانن جي ضرورت هوندي آهي ۽ انساني شيطانن کي في سبيل الله فساد ۾ متحرڪ رکڻ جي لاءِ اهو انهن جي مٿان ڪنهن کي مهندار ڪري رکڻ گهرندو آهي. ڪوئي فتني جو اڳواڻ! فتني جو اهو اڳواڻ ان کي مديني ۾ تهيل تڪيل هٿ اچي ويو ۽ هيو بہ اهو اسلامي تحريڪ جي دائري اندر! اهو هڪڙي شخصيت، هڪڙي پيغمبر جي قيادت ۾ هلڻ واري تحريڪ تي ظاهري طور آمنا وصدقنا بہ چئي چڪو هيو ۽ ٻئي طرف ان ئي پيغمبر جي ذات ۽ ان جي مقصد (مشن) سان هر رخ کان اٽڪي بہ رهيو هيو.

انانيت ("سيلف امپارٽنس" ـ Self_Importance) جي اثر هيٺ ان فعال ڪردار وڏي تاريخي موقعي تي پنهنجي حسد واري جذبي جي پڙڪندڙ ڇُلهہ مان هڪڙو ٽانڊو ڪڍي حرم نبوي ۾ اڇلايو. اک ڇنڀ ۾ سمورو معاشرو ذهني حيثيت کان پنيٺ ڪري سڙڻ لڳو.

## حضرت عائشہ رضہ جي ڪهاڻي:

ان عظيم طوفان ۾ حضرت عائشہ رضہ جي دل ۽ روح تي جيڪو ڪجهہ گذريو ان جو صحيح (مُستَنَد) تفصيل خود پاڻ سائنڻ ۾ بيين روايت ڪندڙن جي زباني حديث، سيرت ۽ تاريخ جي اهم ڪتابن ۾ محفوظ آهي. منهنجي سامهون هن وقت زاد المعاد[1] ۽ سيرت ابن هشام[2] جهڙا اعتبار جوڳا (مُستَنَد) ذريعا آهن. ليڪن جيئن تہ تفهيم القرآن جي ليکڪ حضرت عائشہ رضہ جي الميہ داستان جو بهترين لفظن ۾ ترجمو ڪري ڇڏيو آهي. لهٰذا ان کي ئي پنهنجو ڪري (مستعار) وٺان ٿو.[3]

"غزوه بنومصطلق کان واپسي تي جڏهن اسان مديني ويجهو هئاسين، هڪڙي منزل تي رات جي وقت رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) پڙلاءُ ڪيو ۽ اڃا رات جو ڪجهہ حصو باقي هيو تہ ڪُوچ ڪرڻ جون تياريون شروع ٿي ويون. مان اٿي جهنگ جي خيال سان ويس ۽ جڏهن موٽڻ لڳس تہ ترسڻ واري جاءِ ويجهو پهچي مون کي محسوس ٿيو تہ منهنجو هار ٽٽي ڪٿي ڪري پيو آهي. مان ان کي ڳولڻ ۾ لڳي ويس، ۽ ايتري ۾ قافلو روانو ٿي ويو..... مان جڏهن هار کڻي موٽيس تہ اتي ڪيرہ ڪونہ هيو. آخر پنهنجي چادر ويڙهي اتي ئي ليٽي پيس ۽ دل ۾ سوچي ڇڏيو تہ اڳتي وڃي جڏهن اهي مون کي نہ ڏسندا تہ پاڻ ئي ڳوليندا اچي نڪرندا. ان حالت ۾ مون کي ننڊ اچي وئي ۽ صبح جي وقت صفوان بن معطل سلمي ان جاءِ وٽان گذريو جتي مان ستي پئي هيس. مون کي ڏسي ان اُٺ بيهاريو ۽ اوچتو ان جي زبان مان نڪتو 'اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ، رسول الله ﷺ جي زال هتي رهجي ويون.' ان آواز تي منهنجي اک کلي وئي ۽ مون اٿي هڪدم پنهنجي منهن کي چادر سان ڍڪيو. ان مون سان ڪجهہ بہ ڪونہ ڳالهايو پنهنجو اُٺ منهنجي ڀرسان هُشايو ۽ پري ٿي بيهي رهيو. مان اُٺ تي سوار ٿي ويس ۽ اهو مهار پڪڙي هلي پيو. ٻيپهري وقت اسان لشڪر وٽ پهچي وياسين، جڏهن اهو ان وقت هڪڙي جاءِ تي اڃا پهتو مس هيو ۽ لشڪر وارن کي اڃا معلوم ڪونہ ٿيو هيو تہ مان پوئتي رهجي وئي آهيان. ان تي بهتان مڙهڻ وارن بهتان مڙهڻ شروع ڪيا ۽ انهن ۾ سڀ کان اڳ کان اڳرو عبدالله بن ابي هيو. مگر مان ان کان بي خبر هيس تہ مون تي ڪهڙيون تهمتون لڳي رهيون آهن.

"مديني پهچي مان بيمار ٿي پيس ۽ هڪڙي مهيني تائين کٽ تي پئجي رهيس. شهر ۾ ان بهتان جون خبرون هُلي رهيون هيون. رسول الله (صلي الله تعاليٰ

---

1 زادالمعاد ڏسو ج 2 ص 113 کان 115

2 سيرت ابن هشام ڏسو ج 3 ص 342 کان 347

3 ماهنامہ تفهيم القرآن ج 45 عدد 2 ص 17. تفهيم القرآن ۾ تفسير سورت نور: از ابوالاعليٰ مودودي

عليہ وآلہ وسلم) جي ڪنن تائين بہ اها ڳالهہ پهچي چڪي هئي. مگر مون کي خبر ڪونہ هئي. البت، مون کي جيڪا ڳالهہ کٽڪي ٿي، اُها اِها هئي تہ رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جو توجهہ مون سان ساڳيو ڪونہ هيو جيڪو بيماري جي زماني ۾ هوندو هيو. پاڻ سڳورا گهر ۾ ايندا هيا تہ بس پڇندا هيا تہ ڪيف تيڪم (اها ڪيئن آهي؟) ان کان وڌ ڪجهہ بہ ڪونہ ڳالهائيندا هيا. ان مان مون کي شڪ ٿيندو هيو تہ ضرور ڪا ڳالهہ آهي. آخرڪار پاڻ سڳورن کان اجازت وٺي مان پنهنجي ماءُ جي گهر هلي ويس تہ جيئن اها منهنجي تيمارداري چڱي طرح ڪري سگهي. هڪڙي ڏينهن رات جي وقت مان جهنگ جي خيال سان مديني کان ٻاهر ويس. ان وقت تائين اسان جي گهرن ۾ موريز (ڪاڪوس) ڪونہ هيا ۽ اسان جهنگ ڏانهن ئي ويندا هياسين. مون سان گڏ مسطح بن اثاثہ جي ماءُ بہ هئي، جيڪا منهنجي پيءُ جي ماسات هئي. (ٻين روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان پوري خاندان جي ڪفالت حضرت ابوبڪر صديق رضہ پنهنجي ذمي ڪري رکي هئي، مگر ان احسان جي باوجود مسطح بہ انهن ماڻهن ۾ شريڪ ٿي ويو هيو جيڪي حضرت عائشہ رضہ جي خلاف ان بهتان کي پکيڙي رهيا هيا). رستي ۾ ان کي ٿاٻو آيو ۽ اوچتو ان جي زبان مان نڪتو: مسطح غرق ٿي وڃي! مون چيو واهہ جي ماءُ آهين. جيڪا پٽ کي پاراتو ٿي ڏئي، ۽ پٽ بہ اهو جنهن بدر واري لڙائي ۾ حصو ورتو آهي. ان چيو پٽ ! ڇا توکي ان جي ڳالهين جي خبر ڪونهي؟ پوءِ ان سمورو قصو ٻڌايو تہ بهتان مڙهيندڙ ماڻهو منهنجي باري ۾ ڪهڙيون ڳالهيون هلائي رهيا آهن. (منافقن کان سواءِ مسلمانن مان جيڪي ماڻهو ان فتني ۾ شامل ٿي ويا هيا انهن ۾ مسطح، حسان بن ثابت (مشهور شاعرِ اسلام) ۽ حمنہ بنت جحش (حضرت زينب رضہ جي ڀيڻ) جو حصو سڀ کان گهڻو هيو. اهو داستان ٻڌي منهنجو رت ئي سڪي ويو. جهنگ جو خيال بہ وسري ويو جنهن جي لاءِ آئي هيس. سڌي گهر آيس ۽ سڄي رات روئي روئي گذاري (هن موقعي تي ابن هشام جي ورتل روايت ۾ هي لفظ گهڻو اهم آهي تہ 'روئڻ جي حالت اها ٿي وئي جو مون کي انديشو ٿي پيو تہ منهنجو هيان ڏري پوندو.')."

حضرت عائشہ رضہ ان غم ۾ جان ڳاري رهي هئي، ليڪن سڄي شهر ۾ چميگوين جو هڪڙو هُل هليل هيو. ان جي طرفان سڀ کان وڌيڪ صفائي ڏئي سگهڻ وارا ان جو والد ۽ مڙس ئي ٿي سگهيا ٿي، جيڪي ان جي ذهن ۽ ڪردار جو ويجهڙائي کان تفصيلي علم ۽ تجربو رکندا هيا. مگر ظالم ماڻهو جڏهن اهڙي قسم جا بهتان لڳائي چڙيندا آهن تہ جيڪو جيترو ويجهڙو هوندو آهي اهو اوتروئي وڌيڪ مونجهاري ۾ پئجي ويندو آهي. ان جي صفائي بلڪل بي معنيٰ ٿي رهجي ويندي آهي. تنهن ڪري والد ۽ مڙس بلڪل ماٺ هيا ۽ چئني طرفن کان زبانن جا چڏيل تير برداشت ڪري رهيا هيا.

انسانذات جي محسنِ اعظم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي اهي گهڙيون جيتريون تڪليف ڏيندڙ هونديون ـــ ذاتي لحاظ کان بہ ۽ تحريڪ جي مفاد جي لحاظ کان بہ ـــ ان جو ڪجهہ ٿورڙو اندازو هر شريف، حساس ۽ ذميوار ماڻهو ڪري سگهي ٿو. صبر ۽ ماٺ کان گهڻو ڪم ورتو ويو. ليڪن ان نازڪ معاملي کي موجود حالت ۾ لٽڪائي تہ نٿي رکي سگهيو پئي ويو. هيڏي يا هوڏي ڪو هڪڙو فيصلو اٽر هيو. سو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم غيرجانبداراڻي طريقي سان تحقيق شروع ڪئي. پنهنجن ٻن ويجهڙن ساٿين حضرت علي عليہ السلام ۽ حضرت اسامہ رضہ بن زيد رضہ کي گهرايائون ۽ انهن کان راءِ معلوم ڪيائون. حضرت اسامہ رضہ عرض ڪيو. "يا رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) اها توهان جي عزت واري زال آهي ۽ اسان ان جي باري ۾ چڱائي کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهہ ڪونہ ٿا ڄاڻون. اهو سڀ ڪوڙ ۽ بڪواس آهي، جنهن کي ڦهلايو پيو وڃي."[1] حضرت علي عليہ السلام بلڪل ٻئي رخ کان مسئلي کي ڏٺو ۽ فرمايو. "يا رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) عورتن جي ڪوٺ ڪونهي، توهان ان جي بجاءِ ٻي زال پرڻجي سگهو ٿا. باقي توهان ٻانهي کي سڏي تحقيق ڪرڻ فرمايو."[2] اصل ۾ حضرت علي عليہ السلام جي منشا اها هئي تہ بجاءِ ان جي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پريشان رهن، چونہ اهڙي زال کي طلاق ڏئي ٻي شادي ڪن، جنهن جي باري ۾ هڪڙو طوفان اٿاريو ويو آهي. حقيقت اها آهي تہ حضرت علي عليہ السلام پنهنجي خاص رشتي جي ڪري ان معاملي کي تحريڪي پهلو جي بنسبت حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ذاتي پريشاني کي وڌيڪ اهميت ڏني ۽ اها راءِ ڏني جنهن سان پاڻ سڳورا ان ذهني مونجهاري مان نڪري مطمئن ٿي وڃن.

تاهم سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حضرت علي عليہ السلام جي مشوري جي ٻئي حصي کي قبول ڪرڻ فرمايو ۽ ان جي مطابق گهر جي خادمہ کي طلب ڪيو ويو. حضرت علي عليہ السلام هڪدم ان تي چڙهائي ڪئي ۽ ٻيچاري چيو تہ رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي آڏو سچ سچ ٻڌاءِ. ان چيو: "الله جو قسم مان ڀلائي کان سواءِ ڪجهہ بہ نٿي ڄاڻان ۽ مان ان کان علاوه ٻيو ڪو نقص عائشہ رضہ ۾ نٿي ڪڍي سگهان تہ مان اٽو ڳوهيندي هيس ۽ ڪنهن ڪم سان اٿڻ وقت چئي ويندي هيس تہ ان جو خيال ڪجانءِ ۽ اها ويني ويني سمهي پوندي هئي ۽ ٻڪري اچي اٽو کائي ويندي هئي."[3] ان سادي بيان ۾ حضرت عائشہ رضہ جي لاءِ خادمہ جيتري مڪمل صفائي ڏئي ڇڏي هئي ان تي ٻيو ڪو بيان مشڪل سان ئي اضافو ڪري سگهي ٿو. ان

1 سيرت ابن هشام ج 3 ص 345

2 سيرت ابن هشام ج 3 ص 346

3 ساڳيو

هڪڙي اهڙي سادي سودي ۽ پورڙي چوڪري جو حقيقي نقشو پيش ڪري ڇڏيو جنهن نقشي ۾ انساني عقل ڪنهن شر کي ٿُنبي نٿو سگهي — ان سان گڏوگڏ اسلامي تحريڪ جي سربراهه اعليٰ صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٻيو قدم اهو کنيو تہ عام مجلس ۾ خطاب فرمايائون.[1] حمد ۽ثنا کان پوءِ زبان مان گهڻو درد ڀريل لفظ نڪتا:

"آخر انهن ماڻهن جي ڪهڙي نيت آهي جو مون کي منهنجن گهر وارن جي باري ۾ ڏک ڏين ٿا ۽ انهن جي باري ۾ واقعي جي خلاف ڳالهيون ڪندا وتن ٿا. الله جو قسم انهن جي باري ۾ ڀلائي کان سواءِ منهنجي علم ۾ ٻي ڪا ڳالهہ ڪونهي ۽ اهي اها ڳالهہ هڪڙي اهڙي شخص جي باري ۾ بہ چون ٿا جو ان جي طرف کان بہ منهنجي ڄاڻ ۾ ڀلائي کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهہ ڪونهي ۽ ان منهنجي گهر ۾ بہ منهنجي موجودگي کان سواءِ ڪڏهن پير بہ ڪونہ رکيو آهي."[2]

ٻي روايت ۾ شروعاتي لفظ هي آهن:

"ڪير آهي جيڪو مون کي ان ماڻهوءَ کان بچائي جيڪو منهنجي گهر وارن جي باري ۾ مون کي اذيت ڏئي ٿو."[3]

اهو ٻڌي اوس قبيلي جو سردار اسيد رضہ بن حُضير اٿي عرض ڪيو: "يا رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم)! جيڪڏهن اهڙا ماڻهو اسان جي قبيلي مان هجن تہ اسان انهن سان نبري وينداسين ۽ جيڪڏهن اسان جي خزرجي ڀائرن مان هجن تہ توهان حڪم ڏيو الله جو قسم! اهڙا ماڻهو انهيءَ جي قابل آهن تہ انهن جا ڪنڌ ڪپي ڇڏجن." ٻئي طرف کان خزرجين جو سردار سعد رضہ بن عُباده طيش ۾ اچي اٿيو ۽ چيو: "ڪوڙ ٿو ڳالهائين، الله جو قسم، اسان انهن جا ڪنڌ ڪونہ لاهينداسين. ها، ها! الله جو قسم! تو اها ڳالهہ انهيءَ ڪري چئي آهي جو انهن جو تعلق خزرج سان آهي." حضرت سعد رضہ جو اهو اميدن جي خلاف جواب اُسيد رضہ بن حُضير کي سنو ڪونہ لڳو. ان گهڻو ڪري اهو محسوس ڪيو هوندو تہ جنهن جماعت ۾ ڏوهين ۽ فسادين ۽ شرارتين کي ڪنهن نالي واري شخصيت جي طرف کان پناهہ حاصل ٿي وڃي ٿي، ان جماعت جي لاءِ اجتماعي ماحول جي صفائي ۽ پاڪائي آسان ڪونہ هوندي آهي. عبدالله بن اُبي سدائين تحريڪن ۾ پيدا ٿيندا رهندا آهن. ليڪن هڪڙي مضبوط ۽ پاڻ سڃاڻيندڙ جماعتي نظام جو مادو (معدو) اهڙين مکين کي بدن جو حصو بڻجڻ ڪونہ ڏيندو آهي، بلڪ اوڪاري ٻاهر ڦٽي ڪري ڇڏيندو آهي. البت، جيڪڏهن ڪنهن شرارتي کي ڪنهن جماعتي نظام اندر نالي وارا ۽ مضبوط فرد پنهنجي پاڪر ۾ وٺڻ وارا ملي وڃن تہ پوءِ دوست جي چولي ۾

1 سيرت ابن هشام ج 3 ص 345 ۽ 346. سيرت ابن هشام جي روايت موجب واقعي جو اهو حصو واقعي جي ترتيب جي لحاظ کان پهريان هيو.

2 سيرت ابن هشام ج 3 ص 345

3 زادالمعاد ج 2 ص 114

دشمن پلجندا رهندا آهن ۽ جماعت کي انهن جا ڏک ڪانٽا پوندا آهن. ان تلخ حقيقت جي احساس ڪري حضرت اسيد رضہ جذبات جي شدت ۾ چئي ڏنو: "تون غلط ٿو چوين. الله جو قسم! بلڪ تون خود منافق آهين، تڏهن تہ منافقن جي وڪالت ۽ حمايت ڪرين ٿو."
(ابن هشام ج 3 ص 345)

اها بلڪل اڻوڻندڙ صورتحال انهيءَ ڪري پيدا ٿي جو اوس ۽ خزرج جي وچ ۾ ڇڪتاڻ پيدا ڪرڻ جي لاءِ بہ تہ مسلسل فتني جي باهہ ٻاري پئي وئي. تڏهن تہ ٿوري ڳالهہ تي جذباتي جوش پيدا ٿي ويو ۽ جماعت جون ٻن طرفن واريون ڌريون متحرڪ ٿي ويون. ڪجهہ هڪ طرف کان اٿيا ۽ ڪجهہ ٻئي ظرف کان، ۽ گهڻو انديشو هيو تہ اوس ۽ خزرج وارا ڀڪين پئجي ويندا. ٻنهي قبيلن کي ڪيرڪندڙ ڪرڻ وارا قائدِ جليل صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اهو گوارا ڪري ڪونہ سگهيا تہ سالن جي محنت سان ٺڏل اهو اتحاد انهن جي ذات جي ڪري درهم برهم ٿي وڃي، ۽ خود تحريڪ جا بنياد لڏي وڃن. پاڻ سڳورا منبر تان لهي آيا. ماڻهن کي ٿڏو ڪيائون ۽ مجلس ختم ڪري ڇڏيائون.
(ابن هشام ج 3 ص 345)

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ ان ڪمزور پهلو جو نئون تجربو پهرين پريشاني ۾ ڪيتري اضافي جو سبب ٿيو هوندو. اها دراصل دشمني جي اها باهہ پڙڪا ڏئي رهي هئي جنهن کي عبدالله بن ابي غزوه بنومصطلق جي موقعي تي دلين جي گهراين ۾ وچائي چڪو هيو. ڪهاڻي جو آخري حصو بہ جنهن ماتمي حالت کي رنگ برنگي ٻڻائي ڇڏيو هيو خود ان ڪهاڻي جي مرڪزي ڪردار (حضرت عائشہ رضہ) جي زباني ٻڌو:

> "ان بهتان جو افواهہ ذري گهٽ هڪ مهيني تائين شهر ۾ هلندو رهيو. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سخت اذيت ۾ مبتلا رهيا. مان روئيندي رهيس. منهنجا پيءُ ماءُ انتهائي پريشاني ۽ رنج و غم ۾ مبتلا رهيا. آخرڪار هڪڙي ڏينهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تشريف ڪٺي آيا ۽ منهنجي پرسان ويٺا. ان پوري مدت ۾ پاڻ سڳورا ڪڏهن بہ مون وٽ ڪونہ ويٺا هيا. بابي (حضرت ابوبڪر رضہ) ۽ امان (ام رومان رضہ) محسوس ڪيو تہ اڄ ڪا فيصلہ ڪن ڳالهہ ٿيڻ واري آهي. انهيءَ ڪري اهي ٻئي بہ پرسان اچي ويهي رهيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو: عائشہ (رضہ) مون کي تنهنجي باري ۾ هي خبرون مليون آهن. جيڪڏهن تون بي گناهہ آهين تہ اميد آهي تہ الله تعاليٰ تنهنجي صفائي ظاهر فرمائيندو ۽ جيڪڏهن تون ڪنهن گناهہ ۾ مبتلا آهين تہ الله کان توبهہ ڪر ۽ معافي گهر. ٻانهو جڏهن پنهنجي گناهہ جو اعتراف ڪري توبهہ ڪري ٿو تہ الله معاف ڪري ڇڏيندوآهي. اها

ڳالهه ٻڌي منهنجا لڙڪ سُڪي ويا. (بي گناهه انسان کان ان فطري ڪيفيت جي توقع ڪرڻ گهرجي. نعيم صديقي)

"مون پنهنجي بابي کي عرض ڪيو تہ توهان رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي ڳالهه جو جواب ڏيو. ان چيو: 'ٻچا! منهنجي سمجهہ ۾ ئي ڪجهہ نٿو اچي تہ ڇا چوان.' مون پنهنجي امڙ کي چيو تہ توهان ئي ڪجهہ چئو. ان بہ جواب ڏنو تہ مان حيران آهيان تہ ڇا چوان. ان تي مون چيو تہ توهان جي ڪنن ۾ هڪڙي ڳالهه پئجي وئي آهي ۽ دلين ۾ ويهي وئي آهي. هاڻي جيڪڏهن مان چوان تہ مان بي گناهہ آهيان ـــ ۽ الله شاهد آهي تہ مان بي گناهہ آهيان ـــ تہ توهان ڪونہ مڃيندا، ۽ هرويرو هڪڙي اهڙي ڳالهه جو اعتراف ڪريان جيڪا مون ڪونہ ڪئي آهي ـــ ۽ الله ڄاڻي ٿو تہ مون ڪونہ ڪئي آهي ـــ تہ توهان مڃي ويندا. مون ان وقت حضرت يعقوب عليہ السلام جو نالو ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مگر ياد ڪونہ آيو. (هڪڙو بي گناهہ جڏهن ڪنهن وڏي الزام جي زد ۾ اچي مشڪل بي قراري ۾ پئجي ويندو آهي تہ ان جي ذهن ۾ اهڙائي مونجهارا پيدا ٿي ويندا آهن.) آخر مون چيو ان حالت ۾ منهنجي لاءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي تہ اهائي ڳالهه چوان جيڪا حضرت يوسف عليہ السلام جي والد سڳوري چئي هئي تہ "فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ" (سورت اليوسف آيت 18) (ان واقعي طرف اشارو آهي جڏهن حضرت يعقوب عليہ السلام جي سامهون ان جي پٽ بن يامين تي چوري جو الزام بيان ڪيو ويو هيو) اهو چئي مان ليٽي پيس ۽ ٻئي طرف پاسو ڦيرائي ڇڏيو. (بيوسي ۽ ان سان گڏ بي نيازي جي اها حالت، وري ان نفسياتي ڪيفيت کي ظاهر ڪري ٿي جڏهن ڪنهن بي گناهہ تي ڪوئي الزام ٿاڦجي ويو هجي.ن.ص) مان ان وقت پنهنجي دل ۾ چئي رهي هيس تہ الله منهنجي بي گناهي کان واقف آهي ۽ ضرور حقيقت پڌري ڪري ڇڏيندو. توڙي جو اها ڳالهه تہ منهنجي خواب خيال ۾ بہ ڪونہ هئي تہ منهنجي حق ۾ وحي نازل ٿيندي جيڪا قيامت تائين پڙهي ويندي. مان پنهنجي هستي کي ان کان ڪمتر سمجهيو ٿي تہ الله خود منهنجي طرف کان ڳالهائي. منهنجو اهو گمان هيو تہ رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) ڪو خواب ڏسندا جنهن ۾ الله تعاليٰ منهنجي آجپي لاءِ صفائي ڏئي ڇڏيندو. ايتري ۾ هڪدم حضور (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) تي اها ڪيفيت طاري ٿي وئي جيڪا وحي نازل ٿيڻ وقت ٿيندي هئي. ايستائين جو سخت سياري جي زماني ۾ بہ موتين وانگر پاڻ سڳورن جي چهري تان پگهر جا ڦڙا وهڻ لڳندا هيا. اسان سڀ ماٺ ٿي وياسين. مان تہ بلڪل بي خوف هيس. مگر منهنجي ماءُ پيءُ جو حال اهو هيو جو ڻُڪو ڏيو تہ رت نہ وهي. اهي ڊڄي رهيا هيا تہ ڏسجي الله تعاليٰ ڪهڙي حققيقت پڌري

ڪري ٿو. اها ڪيفيت ختم ٿي تہ حضور (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) تمام گهڻو خوش هيا. پاڻ سڳورن مرڪندي پهرين ڳالهہ جيڪا چئي اُها اِها هئي تہ مبارڪ هجئي. عائشہ الله تنهنجي صفائي نازل فرمائي آهي ۽ ان کان پوءِ حضور (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) ڏهہ آيتون تلاوت ڪيون. منهنجي امڙ چيو اٿ ۽ رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جو شڪريو ادا ڪر. مون چيو تہ مان نہ ان جو شڪريو ادا ڪنديس، نہ توهان ٻنهي جو! بلڪ الله تعاليٰ جو شڪريو ادا ڪيان ٿي جنهن منهنجي بي گناهي جي صفائي نازل فرمائي. توهان تہ ان بهتان جو انڪار ئي ڪونہ ٿي ڪيو."[1] (ذرا ان شڪايت سان پريل غير تمنذاٹي گفتگو جي انداز تي غور ڪيو ڇا اهو ڪنهن مجرم ضمير جي ترجماني ڪري ٿو؟ ن.ص)

ان ڪهاڻي جو هڪ هڪ لفظ پڪاري چئي رهيو آهي تہ اهو هڪڙي بي گناهہ جي ڏک جو داستان آهي جيڪو هر بناوٽ کان پاڪ آهي ۽ جنهن ۾ حقيقي غم جو پاڻمرادو اظهار آهي.

## تبصرو تجزيو ۽ صفائي:

پروپيگنڊا جي ان طوفان ۽ ان جي پيدا ڪيل بحران جي اٿاهہ اونداهين جو ٽوڙ ڪرڻ جي لاءِ هڪدم وحي جو اُفق چمڪي پيو. معاشري جي ذهني حالت ۾ الهام جي صبح ظاهر ٿي، آيات بينات جا ڪرڻا روحاني فضائن ۾ رقص ڪرڻ لڳا. ڪهڙي تہ پلي مناسبت هئي تہ جيڪا سورت ان بحران جو ازالو ڪرڻ لاءِ نازل ٿي، ان جو نالو بہ سورت نور رکيو ويو. ان سورت ۾ جماعت ۽ معاشري تي تبصرو ڪيو ويو. ان جون ڪمزوريون ظاهر ڪيون ويون، ۽ انهن ڪمزورين کان ان کي هميشہ لاءِ پاڪ ڪري ڇڏڻ جي لاءِ قانوني ۽ اخلاقي هدايتون ڏنيون ويون.

ان زبردست سورت جي مضمون جي شروعات ئي ڇرڪائڻ واري آهي، فرمايو ويو:

"هي هڪڙي سورت آهي جنهن کي اسان نازل ڪيو آهي ۽ جنهن کي اسان ذميواري جي طور تي (اسلامي معاشري جي لاءِ) لازمي ڪيو آهي ۽ جنهن ۾ اسان نهايت واضح ڳالهيون پيش ڪري ڇڏيون آهن. شايد تہ توهان (ماڻهو) ان مان فائدو حاصل ڪيو!" (﴿ سُوْرَةٌ اَنْزَلْنٰهَا وَفَرَضْنٰهَا وَاَنْزَلْنَا فِيْهَآ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ لَّعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ۝ سورت النور آيت 1)

هاڻي معاشري ۾ سورت نور جي صدا گونجي ٿي.

"جيڪي ماڻهو اهو بهتان ٺاهي آيا آهن اهي توهان جي اندر ئي هڪڙو ٽولو آهن ..... جنهن ان ۾ جيترو حصو ورتو ان ايترو ئي گناهہ ڪنيو ۽ جنهن شخص ان جي ذميواري جو وڏو حصو پنهنجي مٿي کنيو ان جي لاءِ تہ تمام وڏو عذاب

---

1 تفهيم القرآن، ماهنامہ ترجمان القرآن ج 45 ص 9 ۽ 10 تان ورتل.

آهي." (﴿ إِنَّ الَّذِينَ جَاءُوا بِالْإِفْكِ عُصْبَةٌ مِّنكُمْ ۚ لَا تَحْسَبُوهُ شَرًّا لَّكُم ۖ بَلْ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُم مَّا اكْتَسَبَ مِنَ الْإِثْمِ ۚ وَالَّذِي تَوَلَّىٰ كِبْرَهُ مِنْهُمْ لَهُ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴾ النور آيت 11)

ڪيتري وڏي طنز آهي تہ هڪڙو بي ثبوت الزام جنهن جي لاءِ ڪو واضح سبب موجود ڪونہ هيو اهو هڪڙو طوفان ٿي اٿيو ۽ ڪنهن ٻاهرين دشمن ۽ مخالف جي طرف کان نہ بلڪ خود سالن کان تربيت ڏنل مسلمان جماعت جي پنهنجي اندران اٿيو. وري اها هڪڙي ماڻهوءَ جي وقتي غلطي ڪونہ هئي، پوري مهيني تائين هڪڙو ٽولي جو ٽولو ذهني لاهہ چاڙهہ پيدا ڪري رهيو هيو. ٻڌايو پيو وڃي تہ توهان جي جماعتي ماحول ۾ اها ڪمزوري موجود آهي تہ ان جا معمار ٿي ان جي تباهي جي مهم هلائي ٿا ڇڏين. ان ماحول ۾ اهڙا رخنا آهن جو علمبردارانِ صداقت جي سنگت (سوسائٽي) ۾ ڪوڙ پنهنجو ڪارنامو ڏيکاري. فرمايو پيو وڃي تہ اهو بهتان ڪونہ هيو برائي جي هڪڙي وهندڙ ندي (گنگا) هئي، جنهن مان ڪنهن مٺ تہ ڪنهن پيالو پريو ۽ ڪنهن ٻڪ ئي ڀري ڪنيو — سو جنهن جيترو حصو ورتو ان پنهنجي لاءِ برائي ئي ڪنئي. وري فتني جي ان اڳواڻ ۽ شر جي سردار ڏانهن اشارو ڪيو ويو جنهن ڀڙين چڻنگ دکائي هئي ۽ پوءِ مسلسل شعلن کي هوا ڏيڻ لاءِ پکو جهليندو رهيو. يعني عبدالله بن ابي.

سورت نور سوال ڪري ٿي تہ:

"جنهن وقت توهان ان کي ٻڌو هيو ان وقت ئي ڇو نہ ايمان وارن مردن ۽ ايمان وارين عورتن پنهنجو پاڻ سُٺو گمان ڪيو ۽ ڇونہ چئي ڇڏيو تہ اهو پڌري پٽ بهتان آهي؟" (﴿ لَّوْلَا إِذْ سَمِعْتُمُوهُ ظَنَّ الْمُؤْمِنُونَ وَالْمُؤْمِنَاتُ بِأَنفُسِهِمْ خَيْرًا وَقَالُوا هَٰذَا إِفْكٌ مُّبِينٌ ﴾ سورت النور آيت 12)

ان ۾ ڪيتري اخلاقي اپيل آهي — انهن لفظن ۾ شريفاڻن جذبن ۽ مومناڻي حِس جي لاءِ ڪيتري تيز چوڪ آهي! مطلب اهو آهي تہ محض ايتري ڳالهہ تہ اسلامي معاشري جي هڪڙي شريف ترين عورت قافلي کان وڇڙي وڃي ٿي ۽ ان ئي معاشري جو هڪڙو ٻيو معزز رڪن ان کي رستي ۾ ڏسي گڏ وٺي اچي ٿو توهان جي لاءِ حددرجي جي آخري بدگماني جو بنياد ڇو ٿي وئي؟ ڇا توهان منجهان ڪو مرد ۽ عورت هڪڙي اتفاقي حادثي جي سبب ان صورتحال ۾ اچي وڃي ها تہ اهو لازمي ان پستي ۾ ڪري ها؟ ڇا پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار جي باري ۾ توهان جو اندازو اهوئي هيو؟ ڇا توهان جو معاشرو ايترو ڪريل آهي جو جيڪڏهن ان جا بہ فرد اتفاقي طور اڪيلائي ۾ رهجي وڃن تہ اهي بدڪاري کان ڪنهن بہ طرح رڪجڻ وارا ڪونهن! جيڪڏهن توهان پنهنجي باري ۾ ان پستي جو تصور نٿا ڪري سگهو تہ توهان کي پنهنجي جماعت جي هڪڙي بهترين عورت ۽ ان جي هڪڙي ممتاز رڪن جي باري ۾ اهڙو ذليل تصور ڪرڻ جو ڪهڙو حق هيو؟

بهرحال، ان معاشري جي وڏي اڪثريت ان بحراني دور ۾ بہ پنهنجي اخلاقي عظمت تي قائم هئي، ورنہ جيڪڏهن سمورو جسم ان زهر کي قبول ڪري وٺي ها ۽ ان جي ذهني

مدافعت ڪرڻ کان عاجز ٿي ويجي ها تہ اهو حملو ان جي وجود کي ئي ڏاوان ڏول ڪري ڇڏي ها. حضرت ابو ايوب انصاري رضہ جو ڪيترو صحيح رد عمل هيو جڏهن ان جي زال ان سان انهن گندن افواهن جو ذڪر ڪيو. اهو چوڻ لڳو: "ايوب جي ماءُ! جيڪڏهن تون ان موقعي تي حضرت عائشہ رضہ جي جاءِ تي هجين ها تہ ڇا اهڙو ڪڏو ڪم ڪرين ها؟" ان چيو: "الله جو قسم! مان اهڙي حرڪت هرگز نہ ڪريان ها." حضرت ابوايوب رضہ چيو: "تہ پوءِ عائشہ (رضہ) تہ توکان هزارين دفعا وڌيڪ پارسا آهي، ۽ مان چوان ٿو تہ جيڪڏهن صفوان جي جاءِ تي مان هجان ها تہ اهڙو خيال بہ ڪونہ ڪري سگهان ها. صفوان تہ مون کان بہ سٺو مسلمان آهي." (سيرت ابن هشام ج 3 ص 347)

ان کان پوءِ سورت نور قانوني نقطہ نگاهہ کان سوال اٿاري ٿي تہ:

"اهي ماڻهو (پنهنجي الزام جي ثبوت ۾) چار شاهد ڇو وٺي ڪونہ آيا؟ الله آڏو اهي ڪوڙا آهن." (﴿ لَوْلَا جَآءُوْ عَلَيْهِ بِاَرْبَعَةِ شُهَدَآءَ ۚ فَاِذْ لَمْ يَاْتُوْا بِالشُّهَدَآءِ فَاُولٰٓئِكَ عِنْدَ اللّٰهِ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ﴾ سورت النور آيت 13)

يعني ڪنهن مرد ۽ عورت جي عزت تي داغ لڳائڻ محض هڪڙي مذاق ڪونهي، اهو هڪڙو سنگين معاملو آهي ۽ ان تي معاشري جي هڪڙي زندهہ نظام ۾ قانوني ڪارروائي واجب ٿي ويجي ٿي. جيئن ڪنهن شريف شهري جي باري ۾ اٿي ائين چئي ڇڏجي تہ ان قتل ڪيو آهي، ان چوري ڪئي آهي، اهڙي طرح ـــ بلڪ ان کان بہ وڌيڪ ـــ اها دعويٰ ڪرڻ تہ فلاڻي شخص بدڪاري ڪئي آهي، هڪڙي معمولي ڳالهہ ڪونهي جو آئي وئي ٿي ويجي. اها ڳالهہ انتهائي ذميواري جو احساس گهري ٿي. اهڙي الزام لڳائڻ تي ان جو ثبوت ڏيڻ ۽ ان جي لاءِ قانوني شهادت فراهم ڪرڻ واجب ٿي وڃن ٿا. هاڻي جيڪي ماڻهو اسلامي معاشري جي ۾ شريف ۽ معزز شهرين جي باري ۾ پنهنجين اکين سان ڪا ڳالهہ ڏسڻ کان سواءِ ئي محض افسانا ترازي جي طور تي هڪڙي بهتان جو چرچو ڪندا ڦرن ٿا، انهن جو اهو فرض آهي تہ اهي ثبوت ۽ شهادت پيش ڪن. ورنہ قانون جي مطابق اهي پاڻ ڪوڙا ۽ مجرم آهن.

پوءِ سورت نور مسلمان معاشري جي ڪمزور عنصر جي ڪمزوري کي پڌرو ڪري ٿي تہ:

"ڪجهہ غور تہ ڪريو ان وقت توهان ڪيتري وڏي غلطي ڪري رهيا هيا، جڏهن تہ توهان جي هڪڙي زبان کان ٻي زبان ان ڪوڙ کي وٺندي پئي وئي ۽ توهان پنهنجي واتان اهو ڪجهہ چوندا پئي ويا جنهن جي باري ۾ توهان کي ڪوئي عِلم ڪونہ هيو. توهان ان کي هڪڙي معمولي ڳالهہ سمجهيو حالانڪ الله وٽ اها وڏي ڳالهہ آهي. توهان ان کي ٻڌڻ سان ئي ڇو نہ چئي ڇڏيو تہ اسان کي اهڙي ڳالهہ زبان مان ڪڍڻ زيب نٿي ڏئي، سبحان الله اهو تہ هڪڙو وڏو بهتان آهي." (اِذْ تَلَقَّوْنَهٗ بِاَلْسِنَتِكُمْ وَتَقُوْلُوْنَ بِاَفْوَاهِكُمْ مَّا لَيْسَ لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ وَّتَحْسَبُوْنَهٗ

هَيِّنًا وَّهُوَعِنْدَ اللّٰهِ عَظِيْمٌ ۝ وَلَوْلَآ اِذْ سَمِعْتُمُوْهُ قُلْتُمْ مَّا يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّتَكَلَّمَ بِهٰذَا سُبْحٰنَكَ هٰذَا بُهْتَانٌ عَظِيْمٌ ۝ سورت النور آيت 15 ۽ 16)

اها ڪنهن بہ معاشري جي ۽ ڪنهن بہ جماعتي نظام جي ـــ خاص طور تي جڏهن اهو پوري دنيا جي اخلاقي سڌاري (اصلاح) جي لاءِ قائم ٿيو هجي ۽ ان جي اثر هيٺ هڪڙي سماجي ۽ سياسي تحريڪ بہ هلي رهي هجي ـــ گهڻي وڏي ڪمزوري آهي تہ ان ۾ بي بنياد، بيهودين ۽ غيرذميواراڻين ڳالهين جو آساني سان هُل هلاچو ٿي وڃي. ڪن جيڪو ڪجهہ ٻڌن ان کي دل ۾ ويهاري ڇڏين ۽ دل وري زبان جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ زبانون وري اڳتي منتقل ڪنديون وڃن. غور ۽ فڪر نہ ڪيو وڃي، ڪا تحقيق نہ ٿئي، ڪو اعتراض نہ ٿئي، ۽ ڪٿي بہ اهو سلسلو رڪجي ئي نہ. ڪير ڪنهن شخص جي خلاف جيڪا ڳالهہ بہ ڪندو وڃي، بلڪل ڪوڙ هجي. ڪير ڪنهن جي پڳ لاهي تہ ان کي پوري آزادي هجي ۽ ڪير ڪنهن جي پاڪائي واري دامن جون ڌڄيون اڏائڻ گهري تہ ماحول ان کي وسيع موقعو بہ فراهم ڪري ڇڏي. اهو فڪر ۽ ڪردار جو کهڙو سنو چمن هوندو جنهن ۾ فتنو پيدا ڪندڙ مالهي ڪنڊا پوکيندو رهي ۽ زبانن جي ڪونڊين ۾ ڪنڊا قتندا رهن. جنهن معاشري ۾ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ حضرت عائشہ صديقہ رضہ ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضہ ۽ صفوان رضہ جهڙيون شخصيتون هڪڙي منافق جي ڇڊڙيل شوشي تي محفوظ نٿيون رهي سگهن ان ۾ ٻئي ڪنهن جي عزت ۽ آبرو جو کهڙو خير هوندو.

سورت نور جي آواز ۾ هڪڙي ٻي گونج پيدا ٿي:

"جيڪي ماڻهو پاڪ دامن ۽ سادين سودين ايماندار عورتن تي تهمت لڳائين ٿا انهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت ڪئي وئي ۽ انهن جي لاءِ وڏو عذاب آهي." (اِنَّ الَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ الْغٰفِلٰتِ الْمُؤْمِنٰتِ لُعِنُوْا فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۝ النور آيت 23)

ان آيت ۾ تہ چڻ حضرت عائشہ رضہ جي ڪردار جي تصوير ڇڪي رکي وئي. هڪڙي ايماندار ۽ پاڪدامن عورت جيڪا طبيعت جي سڌي سادي هئي ۽ جنهن جي تصور ۾ بہ ڪونہ هيو تہ بدچلني ڇا ٿيندي آهي ۽ ڪيئن ڪئي ويندي آهي ۽ جنهن جي خواب خيال ۾ بہ ڪڏهن اهو انديشو ڪونہ گذريو هوندو تہ ڪير ان تي بہ هڪڙو گهاءُ ڪندڙ الزام لڳائي ڇڏيندو. هن آيت ۾ ان جي مظلوميت پوري طرح ڳالهائي رهي آهي. مظلوميت جي هي تصوير اخلاقي طور تي هڪڙي دل کي جهنجهوڙي ڇڏي ٿي.

بدقسمتي سان جيڪي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم، جماعت ۽ تحريڪ جا مخلص، ايماندار ۽ وفادار فرد ان سخت ۽ تيز وهڪري ۾ وهي رهيا هيا، انهن مان هڪڙي اها هستي بہ آهي جنهن تحريڪ جي لاءِ وڏيون خدمتون انجام ڏنيون هيون ۽ جنهن ان جي فڪري ۽ ادبي سرمايي ۾ گهڻو اضافو ڪيو هيو. اهو هيو حسان رضہ بن ثابت. سورت نور جون الهامي شعاعون جن حساس ماڻهن جي دلين ۾ نشتر بڻجي لهي رهيون هيون، اڄ حسان رضہ بہ ان جي زد ۾ هيو. تحريڪ جي دائري ۽ دربارِ نبوت ۾ ان جو

مرتبو گهڻو مٿانهون هيو. مختلف موقعن تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خاص طور تي فرمائش ڪندا هيا ۽ ياد ڏياريندا هيس تہ شعروادب جي جاهلي طاقت جي حملن جو جواب شعر ۽ ادب سان ئي ڏئي ۽ اسلام جي ترجماني ڪري. ان سعادت جو تصور ڪريو تہ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حسان رضہ کي خود منبر تي ويهاريو تہ اهو اسلامي تحريڪ جو ترانو ڳائي. خود حضرت عائشہ رضہ کي ان مرتبي جو ايترو لحاظ هيو جو ان بحراني دور جي گذرڻ کان پوءِ اها ان جي هميشہ عزت ڪندي رهي. اڪثر ڪري ان کي ياد ڏياريو ويندو هيو تہ توهان جي خلاف گند اڇلائڻ جي مهم ۾ ان بہ حصو ورتو هيو تہ اها پنهنجي طبيعت جي شرافت جي انتهائي بلند مقام سان فرمائيندي هئي تہ رهڻ ڏيو. ان اسلام جي مخالف شاعرن کي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ اسلامي تحريڪ جي پاران هميشہ پرزور جواب ڏنو آهي ۽ شاعري جي محاذ تي گهڻو سٺو جذبو ڏيکاريو آهي.

ليڪن، بهرحال، حقيقت اها آهي تہ اسلامي تحريڪ جو اهو ممتاز شخص ـــ منافقن جي اٿاريل طوفان جي گهيري ۾ اچي ويو. ان بحران ۾ ان جو ـــ پنهنجي پر ۾ مخلصاڻو مگر تحريڪ جي لاءِ نهايت نقصانڪار ڪردار (پارٽ) ڏسي ماڻهو عبرت جو اهو سبق حاصل ڪري ٿو تہ بهتر کان بهتر شخص بہ پنهنجي باري ۾ اهو يقين نٿو ڪري سگهي تہ اهو مغالطي جي ڪنهن بہ چڪر ۾ نٿو اچي سگهي، ۽ نہ اهو ٻين ناليوارين شخصيتن جي باري ۾ بي فڪر ٿي سگهي ٿو.تہ اهي ڪنهن فتني جي گهيري ۾ ڪونہ ايندي. هر انسان، وڏو هجي يا ننڍو، هروقت شيطان جي ڪمان مان نڪتل تيرن جي زد ۾ آهي. بلڪ فتنا تہ هر اهم ۽ هر وڏي ماڻهوءَ جي چوڌاري گهيرو تنگ ڪرڻ لاءِ وڌ کان وڌ بندوبست ڪندا آهن. انهيءَ ڪري اسلامي تحريڪ جو ڏنل بنيادي فڪر اهو آهي تہ جماعت کي شخصن جي بجاءِ اصولن جي چوڌاري گڏ ٿيڻ گهرجي.

عبدالله بن ابي ۽ ان جي مريدن جي لاءِ ڪيتري وڏي ڪاميابي هئي تہ انهن اسلامي تحريڪ جي هڪڙي ناليواري فرد کي شڪار ڪري ورتو هيو ـــ اهي منافقت جي ڪري شرارت ڪري رهيا هيا ۽ حضرت حسان رضہ بن ثابت انهن جي برپا ڪيل فتني کي خلوص سان تڪميل تائين پهچائڻ جي لاءِ سرگرم هيو. اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ تحريڪ جي لاءِ عبدالله بن ابي جي منافقت ايتري خطرناڪ ۽ نقصان واري ڪونہ هئي جيترو حسان رضہ بن ثابت جو خلوص! جيڪي قدم خلوص ۽ نيڪ نيتي سان کنيا ويندا آهن، اهي، انهن قدمن جي مقابلي ۾ جيڪي ڄاڻي واڻي شرارت جي نيت سان کنيا ويندا آهن، نقصان پهچائڻ ۾ وڌيڪ ڪامياب هوندا آهن.

حسان رضہ بن ثابت انهيءَ ڳالهہ جو احساس ڪري ڪونہ سگهيو تہ اهو ڪهڙن ماڻهن جي ها ۾ ها ملائي رهيو آهي، اهو ڪهڙن ماڻهن جي نقطہ نظر کي ڦهلائي رهيو آهي. اهو ڪهڙين شخصيتن جي خيالن ۽ ڏوهن (ڪرائيم) جي ترجماني ڪري رهيو

آهي ۽ ان جون حرڪتون معاشري جي کهڙي عنصر جي حمايت ۾ جاري آهن ۽ جماعت جي کهڙي ٽولي جا هٿ مضبوط ٿي رهيا آهن. مشيتِ رباني هئي ته اهو ان معاملي ۾ مومن واري سمجهه کان ڪم وٺي نه سگهي.

عبدالله بن ابي سان اسلامي معاشري جو معاملو دوري ۽ اوپرائپ وارو هيو. ان طرفان پٿر هڻڻ واري ڪِرت قابل برداشت هئي. ليڪن حسان رضه بن ثابت سان جماعت جي جيڪا ويجهڙائي هئي، ان جي ڪري جذبات ۾ هلچل مچي وئي ٿي ته اسان جي مياڻ جي هڪڙي تلوار اسان جي ئي خلاف استعمال ٿي رهي آهي. اها صورت جڏهن به ڪنهن تحريڪ ۽ تنظيم ۾ پيدا ٿيندي آهي ته صبر جا پيمانا پرجي ويندا آهن. صبر جا پيمانا پرجي ويا هوندا، مگر مسلمان جماعت جو سخت اخلاقي ضابطو (ڊسيپلين) جذبات جي آڏو رڪاوٽ بڻيو بيٺو هيو. هڪڙي شخصيت اهڙي هئي جيڪا ضبط کي برقرار رکي نه سگهي. اهو صفوان رضه بن المعطل هيو. جنهن کي هڪڙو اهو صدمو هيو ته حضرت عائشه رضه جيڪا ان جي لاءِ ماءُ جي برابر هئي ان تي تهمت لڳائي پئي وئي ۽ ٻئي طرف اهو ڏک ته افساني جو ہيو چيڙو خود ان جي ذات سان ڳنڍيو ويو هيو. اهو شخص جيڪو اصحابِ بدر مان هيو جنهن تحريڪ جي لاءِ خدمتون ڏنيون هيون، جيڪو جَتي سَتي هجڻ لاءِ مشهور هيو جنهن جي ڪردار ۾ اڄ تائين ڪنهن خرابي ۽ برائي جو نشان به ڪونه ڏٺو ويو هيو ۽ جنهن هڪڙي شرميلي پٽ جي حيثيت ۾ حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کي ڏسڻ کان سواءِ ۽ پورو رستو ڳالهائڻ کان سواءِ پوري احتياط سان پوئين پڙلاءَ واري جاءِ کان لشڪرجي اڳئين پڙلاءَ واري جاءِ تائين پهچايو هيو ان زيادتي ڪري ان جو رت گهٽو ٿهڪي ويو.

صفوان رضه حضرت حسان رضه بن ثابت جا ڪجهه شعر ٻڌا جيڪي منافقن طرفان لڳايل عظيم بهتان تي مشتمل هيا. زبان حضرت حسان رضه جي هئي جنهن کي وقتي طور شرارتين جي خيالن پنهنجو ڪري ورتو هيو. فن ان جو هيو ۽ ذِهن غيرن جو ڳالهائي رهيو هيو.

صفوان رضه جو ان سان ٽڪراءُ ٿي ويو ۽ ان تلوار سان ڌڪ هڻي ڪڍيس. ثابت بن قيس بن شماس موقعي تي بچاءُ ڪري ورتو ۽ صفوان رضه کي پڪڙي ٻڌي ڇڏيو. ان کي بنوحرث جي حويلي ۾ وٺي ويو. آخر اهو معاملو محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي خدمت ۾ پهتو. حسان رضه ۽ صفوان رضه ٻنهي کي گهرايو ويو. صفوان رضه عرض ڪيو "اي الله جا رسول (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم)! هن شخص مون کي اذيت ڏني آهي ۽ منهنجي باري ۾ سخت خراب ڳالهيون چيون آهن، سو مون تي ڪاوڙ سوار ٿي وئي ۽ مون ان کي ڌڪ هنيو." پاڻ سڳورن نرمي سان حسان رضه کي سمجهايو ۽ نصيحت ڪئي ۽ بعد ۾ صفوان رضه جي طرفان تلوار جي زخم جي بدلي ۾ ڏنڊ (ديت) ڏياريو.(ابن هشام ج 3 ص 352)

صفوان رضہ جي غيرت جيئن تہ فطري هئي، سو حسان رضہ بن ثابت تڏو تي ويو ۽ الله تعاليٰ ان کي ان خطري کان بچائي ورتو جو اهو کنهن غلط جذبي جي وهڪري ۾ اڳتي لڙهندو هليو ويجي ها.

حضرت حسان رضہ جو پشيماني وارو اهو جذبو آخرڪار هڪڙي قصيدي ۾ اٿلي پيو جنهن ۾ شعر جي پاڻي سان ان پنهنجي ئي لڳايل داغ کي حضرت عائشہ رضہ جي پاڪ دامن تان ڌوئڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽيا تہ پلو ڇپائين:

حِصَانٌ رَزَانٌ مَا تُزَنُّ بِرِيبَةٍ ۔۔۔ وَتُصْبِحُ غَرْثَىٰ مِنْ لُحُومِ الْغَوَافِلِ

مُهَذَّبَةٌ قَدْ طَيَّبَ اللهُ خِيمَهَا ۔۔۔ وَطَهَّرَهَا مِنْ كُلِّ سُوءٍ وَ بَاطِلِ

فَإِنَّ الَّذِيْ قَدْ قِيْلَ لَيْسَ بِلَائِطٍ ۔۔۔ وَلٰكِنَّهُ قَوْلُ امْرِىءٍ بِيْ مَاحِلِ

"اها هڪڙي پاڪدامن عورت آهي. پردي ۾ رهندڙ هر شڪ ۽ شبهي کان مٿانهين. اها ان ڳالهہ کان پاڪ آهي تہ سادين سودين عورتن جي عزت ۽ ناموس کان ٽڙي وڃي. اها سلڇڻي ڍنگ واري آهي. الله تعاليٰ ان کي مزاج جي لحاظ کان سينگاريو ۽ نکاريو آهي ۽ ان کي گناهہ ۽ خرابي کان پاڪ ڪيو آهي. اهو جيڪو ڪجهہ هن وقت تائين چيو ويو آهي، اهو ان عزت واري تي ٺهڪندڙ هرگز ڪونهي. اها تہ هڪڙي اهڙي شخص جي چيل ڳالهہ آهي جنهن منهنجي سامهون مرچ مصالحا لڳائي ۽ ڪوڙ ناهي گلا ڪئي هئي." (سيرت ابن هشام ج 3 ص 353)

پوءِ سورت نور هڪڙي معاشرتي حقيقت کي اصولي استدلال جي طور تي مسلمان جماعت جي سامهون کولي رکيو تہ:

"خبيث عورتون خبيث مردن جي لاءِ آهن ۽ خبيث مرد خبيث عورتن جي لاءِ، پاڪيزه عورتون پاڪيزه مردن جي لاءِ ۽ پاڪيزه مرد پاڪيزه عورتن جي لاءِ انهن ڳالهين کان، ان جو دامن پاڪ آهي جيڪي ناهڪ وارا ناهن ٿا." (﴿ اَلْخَبِيْثٰتُ لِلْخَبِيْثِيْنَ وَالْخَبِيْثُوْنَ لِلْخَبِيْثٰتِ ۚ وَالطَّيِّبٰتُ لِلطَّيِّبِيْنَ وَالطَّيِّبُوْنَ لِلطَّيِّبٰتِ ۚ اُولٰٓئِكَ مُبَرَّءُوْنَ مِمَّا يَقُوْلُوْنَ ۗ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ۠ سورت النور آيت 26)

يعني شادي جي ٻنڌڻ لاءِ هوندڙ بہ ذهني ۽ اخلاقي لحاظ کان جوڙو تلاش ڪيو ويندو آهي ۽ نفسياتي طور تي ماڻهوءَ جي نظر اتي بيهندي آهي جتي ان کي پنهنجي ڪردار جو عڪس نظر ايندو آهي. خاص طور تي ڪنهن اصول ۽ مقصد جي لاءِ جيڪي ماڻهو پنهنجو ڌن دولت قربان ڪندا آهن، اهي شادي واري ٻنڌڻ جي لاءِ بہ اهڙوئي ساٿي تلاش ڪندا آهن، جيڪو زندگي جي مشن ۾ مددگار ۽ ڪارائتو ثابت ٿي سگهي. پوءِ عالمگير پيماني جي اها تجرباتي صداقت ڪيئن نظر انداز ڪري سگهجي ٿي جو تہ نياءُ، صلح ۽ موافقت ڪنهن جوڙي ۾ تڏهن هوندي آهي جڏهن دل ۽ نظر جو ميلاپ گڏ پيدا ٿي وڃي ۽ ذهن ۽ ڪردار ۾ هڪجهڙائي هجي ورنہ شروع کان آخر

تائين جهڳڙو رهندو. هيءَ آيت بهتان لڳائڻ وارن کي فڪر جي دعوت ڏئي ٿي تہ توهان اهو ڪونہ ڏٺو تہ شادي واري پنڌ جي دائري ۾ اسلامي تحريڪ جي بلند مرتبہ رهنما جي انتخاب واري نظر جنهن هستي تي پئي هئي، جنهن سان گهرو دلي لڳاءُ هيو ۽ جنهن سان دل ۽ نظر جي موافقت ۽ هم آهنگي هڪڙي معياري نموني واري هئي، ڇا اهو سڀ قَلَعِي جو ڪرشمو هيو جو هڪڙي ڏينهن اک ڇنڀ ۾ قَلَعِي لهي وئي ۽ کوٽ ظاهر ٿي پئي.

هڪڙي پاڪيزه گهراڻي جي نورچشم جنهن جا پيءُ ماءُ اسلامي تحريڪ جي اولين علمبردارن مان هيا ۽ جنهن جو ٻالڪپڻ ان تحريڪ جي اٿل پٿل ڪندڙ ڪڪرن جي ڇانوَ ۾ فڪرونظر جي تربيت وٺندي گذريو. پوءِ جنهن کي سرڪارِ رسالت مآب صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شريڪِ حيات ٿيڻ جوشرف حاصل ٿيو. جنهن کي ويجهڙو ٿيڻ ڪري پاڻ سڳورن جي نوراني ڪردار مان فائدو حاصل ڪرڻ جو سڀني کان گهڻو وڏيڪ موقعو مليو. جنهن کي محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تربيت جو خاص فيض حاصل ٿيو ۽ جنهن جي حجري ۾ ڪيترائي ڀيرا وحي ۽ الهام جي ڪرڻن جو وسڪارو ٿيندو رهيو. ڇا اهڙي پاڪيزه ماحول جي سانچي ۾ ڍليل عورت جو ڪردار اهڙو ٿي سگهيو ٿي تہ هڪڙي غلط ترين بهتان جو چولو ان جي قد تي پورو اچي وڃي. اُنهيءَ حالت ۾ تہ ان بهتان لڳڻ کان اڳ نہ ان جي پيءُ ماءُ کي نہ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ۽ نہ وري عام معاشري کي ان جي باري ۾ ڪوئي اهڙو اندازو ٿي سگهيو هجي. سالن کان هڪڙو ڪردار جيڪو حسن ۽ پاڪيزگي جي واٽ تي وڌندو رهيو هجي، ڪيئن ممڪن آهي تہ هڪدم ان جي اندر هڪڙي بدترين قسم جي گهاءُ ڪندڙ حرڪت ظاهر ٿي وڃي، جو جنهن جا ابتدائي آثار ڪنهن جي سامهون نہ آيا هجن. هڪڙو پاڪ وڻ ڪمال شادابي سان پاڪيزه ميوا ۽ گل ڏيندي ڏيندي هڪدم هڪڙي ڏينهن گندا ميوا ڏئي، آخر اهو ڪيئن ممڪن آهي؟

## قانون حرڪت ۾ اچي ٿو:

سورت نور جي روشني سان ايمان وارن جي دلين جون نگريون جڳمڳائي اٿيون، راهِ عام هڪ ٿي وئي. معاشري اٿل پٿل جي هڪڙي ڏکي دور کان پوءِ پنهنجي سطح کي پرسڪون ۽ هموار ڪيو. سورت نور تهمت جي سزا (حدِ قذف) جي قانون جو ڪوڙو پاڻ سان گڏ ڪٺي آئي هئي. سو جن ماڻهن سرگرمي سان بهتان مڙهڻ واري ان مهم ۾ حصو ورتو هيو ۽ جيڪي پنهنجي خلوص جي ڪري پشيمان ٿي ڏوهہ جا اقراري ٿيا ۽ جن جي باري ۾ شاهدي بہ موجود هئي، انهن پنهنجون پٺيون عدل ۽ قانون جي اسلامي نظام جي سامهون پيش ڪري ڇڏيون ۽ اسي اسي ڪوڙا جهلي انهن پنهنجن ضميرن جي پاڪيزگي کي بحال ڪري ورتو. اهي هيا مِسطَح رضہ بن اثاثہ حسان رضہ بن ثابت ۽ حمنہ رضہ بنت جحش.

ليڪن شر ۽ فساد جو اصل باني قانون جي پڪڙ کان بچي ويو ـــ البت، راءِ عام جي نظر ۾ ان جي فطرت جي پستي مڪمل طور تي پڌري ٿي وئي ۽ اسلامي معاشري ان کي بي وقعت ڪري هڪڙي طرف ڌِڪي ڇڏيو.

غلطيون ڪنهن کان ڪونہ ٿينديون آهن ۽ ڪنهن ماحول ۽ ڪنهن جماعت ۾ (نبين سڳورن جي خصوصي استثنيٰ سان) انساني فطرت امتحان جي حالت کان نڪري عصمت ڪاملہ جي قُدسِياڻي سطح تائين پهچي سگهي ٿي، ليڪن قصہ آدم جي ٻن مقابل ڪردارن جي روشني ۾ ڏٺو وڃي تہ غلطي ٿي وڃڻ تي غلطي ڪندڙ جي سامهون ٻہ رستا کلي ويندا آهن. هڪڙو شيطان جو پسنديده رستو ـــ تہ غلطي ٿي وڃڻ کان پوءِ ماڻهو ان تي ڄمي بيهي، ۽ موريگو مڇرجي وڃي. ٻيو آدم عليہ السلام جي فطرت سليم وارو پسنديده رستو ـــ غلطي کان پوءِ پشيمان ٿي پنهنجي اصلاح ڪئي وڃي. سو عبدالله بن ابي ۽ ان جا ساٿي تہ شيطان جي رستي ڏانهن مُڙي ويا ۽ حسان رضہ ۽ مسطح رضہ ۽ حمنہ رضہ اصلاح جو رستو اختيار ڪيو.

## ڏکن پٺيان سک:

واقعن جي سلسلي کي تصور جي نگاهہ ۾ تازو ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ کي مديني جي ان ماحول ۾ ڪٽي وڃو جنهن ۾ ان بهتان جو طوفان هڪڙي مهيني تائين هلندو رهيو هيو. تہ هڪڙي هولناڪ ۽ دردناڪ ڪيفيت سامهون اچي ٿي. هڪڙي تحريڪ جيڪا هڪڙي هڪڙي فرد جي شڪل کي آهستي آهستي گڏ ڪٽي هڪڙي ننڍڙي انقلابي قافلي جي شڪل اختيار ڪري سگهي هئي، جنهن ڪيترين ئي آزمائشي منزلن کي پارڪري سالها سال جي ڏکهي فسادي دور کان پوءِ انسانذات کي پناهہ ڏيڻ جي لاءِ ڌرتي جي هڪڙي ڪنڊ ۾ اسلامي رياست جو هڪڙو ننڍڙو نڪاڻو تيار ڪيو هيو. جيڪا رياست چئني طرفن کان دشمنن جي زد ۾ هئي، ۽ جنهن کي هر گهڙي ڪنهن نہ ڪنهن طرف کان فوجي چڙهائي جو خطرو هيو ۽ جيڪا خود پنهنجي غيرمسلم شهرين جي هڪڙي وڏي تعداد جي شرارتن جي گهيري ۾ هئي، ان جي بلڪل پنهنجي اندران هڪڙو تباهہ ڪن طوفان اٿلي پوي تہ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو موقعو بيچيني وارو ٿي سگهي ٿو. ليڪن قرآن شريف تسلي ڏياري تہ گهبرائڻ جي ڪا ڳالهہ ڪونهي. ـــ "ان کي پنهنجي حق ۾ نقصان جو سبب نہ سمجهو اهو تہ توهان جي لاءِ ڀلائي جو ذريعو آهي." (﴿ لَا تَحْسَبُوْهُ شَرًّا لَّكُمْ ۖ بَلْ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۖ سورت النور آيت 11)

حقيقت اها آهي تہ اصولي ۽ انقلابي تحريڪن جي لاءِ ذهني شڪست ۽ ڀيج ڊاهہ جا هنگاما خواهہ ٻاهر کان اٿن يا چاهي اندران ـــ نتيجي جي لحاظ کان وڌيڪ فلاح و ترقي، تعمير واصلاح ۽ قوت و رعب جو سامان ٿي ويندا آهن. جيئن وڏو مقصد رکڻ وارن صلاحيت دار ماڻهن جي لاءِ زماني جا حادثا ترقي ۾ مددگار ٿيندا آهن. ائين فڪروعمل

جو روح رکڻ وارين تحريڪن جي لاءِ مخالفتن، ٽڪراءُ ۽ فتنن جا طوفان استحڪام ۽ ارتقا جو وسيلو بڻجي ويندا آهن. جنهن جماعتي نظام ۾ نصب العين جو شعور ڪم ڪندو هجي، جنهن جو هڪڙو اجتماعي ذهن ٺهي ويو هجي، جنهن جو فڪري ۽ اخلاقي مزاج پختو ٿي چڪو هجي، جنهن ۾ فتنن ۽ مخالفتن جي هر اٿل پٿل تي نظر رکڻ وارا، طوفان کي تهہ تائين سمجهڻ وارا ۽ ان جي مقابلي ۾ سينو تاڻي بيهڻ وارا مضبوط ڪارڪن موجود هجن ۽ جيڪا راءِ عامہ ڪنهن فاسد نظريئي ۽ قدم کي پنهنجي اندر هلڻ نہ ڏئي، اهڙو جماعتي نظام هر مخالفت ۽ شرارت مان بہ ڪجهہ ڪمائي نڪري ويندو آهي. تنهن ڪري پروپيگنڊا جي ان گندي طوفان جي لهرن مان بہ مديني جي ان عظيم المرتبت اسلامي جماعت گهڻن رخن کان پنهنجي جهولي ۾ خير ۽ فلاح جا موتي ڀريا ۽ اها ان مان نڪتي تہ پهريان کان وڌيڪ مضبوط ۽ پهريان کان وڌيڪ هوشيار ۽ خبردار ٿي وئي.

نيڪي ۽ سچائي جي ان نوراني تحريڪ جي علمبردارن کي انساني لڏي جي انهن خطرناڪ ۽ گهڻو اثر ڪندڙ ڪمزورين جو عِلم سڌو سنئون تلخ تجربي جي ذريعي ٿيو جنهن جو تصور بہ ڪنهن خانقاهہ ۾ ويهي نٿو ڪري سگهجي، ۽ نہ ان جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ انساني سيرت کي تيار ڪري سگهجي ٿو. جماعتي زندگي جون اهي سيئي رڪاوٽون پوري طرح سامهون اچي ويون جن منجهان معاشري کي ڏاوان ڏول ڪرڻ واريون خرابيون داخل ٿينديون آهن. حضور سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ ان جي ساٿين جي سامهون جماعت ۽ جذباتي مزاج رکڻ وارا، نيڪ نيتي سان ڪنهن غلط وهڪري ۾ وهي وڃڻ وارا ۽ دشمنن جو آساني سان شڪار ٿيڻ وارا، سادي طبيعت وارا ماڻهو سيئي الڳ الڳ ٿي ظاهر ۽ پڌرا ٿي ويا. خاص طور تي جماعت جي اندر شيطان جيڪا هڪڙي الڳ ٽولي منظم ڪري ورتي هئي، ان جي باري ۾ پوري طرح وضاحت ٿي وئي تہ اها ڪيستائين وڃي سگهي ٿي.

عملي تجربي جي ميدان ۾ جماعت جي اندروني ماحول جي انهن ڪمزورين جي سامهون اچڻ سان اها خاص ذهني ڪيفيت پيدا ٿي جنهن مان فائدو حاصل ڪندي هڪڙي طرف نيون هدايتون ڏئي تربيت جوانتظام ڪيو ويو ۽ ٻئي طرف اهڙن معاشرتي حڪمن کي جاري ڪيو ويو جيڪي جماعت کي طرح طرح جي خرابين کان بچائڻ جو ذريعو ٿي سگهيا ٿي. ٽئين طرف نون قانونن ۽ حدود تعذيرات تي مشتمل هڪڙو سخت ضابطو نازل ٿيو جيڪو هميشہ جي لاءِ انسانذات جي اجتماعي فلاح و بهبود جو ضامن بڻيو.

ان واقعي مديني جي سماجي ضمير کي جنجهوڙي ڇڏيو. ان کي اخلاقي حِس جون چوٽون هڻي سجاڳ ۽ ان جي جماعتي شرم و غيرت کي تازيانا هڻي متحرڪ ڪري ڇڏيو. پوري جماعت منافقت جي ان بيچيني پيدا ڪندڙ حملي مان نڪتي تہ ان جو هڪ هڪ فرد پهريان کان وڌيڪ هوشيار ۽ مضبوط هيو.

ان هنگامي جي طوفان مان گذرندي حضرت عائشہ رضہ سان گڏوگڏ سيني کان وڌيڪ مظلوم ذات خود محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هئي. ليڪن جنهن اعليٰ ظرفي، حوصلي مندي ۽ صبروتحمل جو مظاهرو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي ٺڏي ۽ غيرجذباتي ۽ باوقار طرز عمل سان ڪيو اهو انسان کي حيرت ۾ وجهڻ وارو آهي ۽ ان ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان پوءِ اسلامي تحريڪ ۽ جماعتي نظام جي قيادت ڪرڻ وارن جي لاءِ هڪڙو جذبو پيدا ڪندڙ نمونو ڏنو ويجي ٿو. ڪيتري وڏي پيماني جي اذيت هئي جيڪا سهڻ واري صرف ان قصور ۾ سٺي تہ ان انساني دنيا کي هڪڙي رحمت واري نظام سان مالا مال ڪرڻ گهريو ٿي. جيڪو سموري انساني لڏي جو ناموس بچائڻ اٿيو هيو. ان زماني اهو صلو ڏنو جو خود ان جي ناموس تي گندگي اڇلائي ڇڏي، پيو ڪو انهيءَ چڪر ۾ پئجي وڃي ها تہ اهو يا تہ مخالفن کي پيڙي ڇڏي ها، يا وري بيزار ۽ مايوس ٿي ڪنڌائتو ٿي وڃي ها. مگر صبر ۽ عزم جو زندهہ روپ فرض جي واٽ تي هلندو رهيو هلندو رهيو ـــــ ڪنڌا ان جي پيرن کي رتورت ڪندا رهيا ۽ اهو پوءِ بہ اڳتي ئي وڌندو رهيو.

## شرارتون:

مديني جا يهودي قبيلا هڪڙي طرف پنهنجي جميل طاقت جي غرور ۾ ۽ ٻئي طرف سياسي ضرورتن موجب حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان هڪڙي دستوري معاهدي جا پابند ٿي اسلامي رياست جي انتظام هيٺ اچي چڪا هيا. اول تہ اهي ان نئين سياسي شڪل کي وقت تي پوري طرح سمجهي نہ سگهيا هوندا. وري انهن کي ان جي روشن مستقبل جو مشڪل ئي ڪو اندازو ٿي سگهيو هوندو تہ اها انتهائي تيز رفتاري سان واڌ ويجهہ ڪندي ۽ ڪجهہ بي سهارا فرد مديني جي انصارن جي مدد سان ايمان ۽ ڪردار جي سگهہ تي تاريخ جي واڳ جهلڻ واري قوت بڻجي ويندا. انهن جا اندازا اهي هوندا تہ وطن جي وٺن مان ٽٽي ڪرڻ وارا اهي چند مرجهايل سُڪل پتا اول تہ حادثن جي جهوٽن ۾ اڏري ويندا ۽ پلا جيڪڏهن اهي پيا بہ رهيا تہ انهن سان ڪو ڦهڪندڙ باغيچو تہ وجود حاصل ڪرڻ کان رهيو. مگر ڪلمہ طيبہ جي عظيم انقلابي روح جو معجزو هيو تہ مخالفتن سان ماحول ۾ گهيريل انهن چند وجودن سان هڪڙي پرزور سياسي صورت تشڪيل وٺندي وئي ۽ ڪجهہ مهينن جي گردش ۾ يهودين کي اندازو ٿي ويو تہ اسلامي رياست هڪڙو اهڙو چڙهندڙ سج آهي جنهن جي سامهون انهن جي اثر رسوخ جون ڏياٽيون روشن نہ رهي سگهنديون. خاص طور تي بدر واري لڙائي سان اسلامي تحريڪ جو نہ صرف زندهہ ۽ سلامت بچي نڪرڻ بلڪ فتح جو جهنڊو لهرائيندي مديني موٽي اچڻ يهودين جي لاءِ اهڙو هڪو ڌڪو ڪندڙ واقعو هيو جو يقيني طور اهي سموري معاملي تي نئين سر سوچڻ لاءِ مجبور ٿي ويا هوندا.

معاهدي واري تعلق انهن کي اسلامي رياست جو ساٿاري بلڪ دستور ۽ قانون جو پابند شهري بڻائي ڇڏيو هيو ليڪن انهن جون دليون مخالفت وارن ۽ باغي رجحانن سان ڀريل هيون. حسد جي مار ڪري انهن جا جگر اندر ئي اندر ڪباب ٿي رهيا هيا.

ان متضاد حالت (پوزيشن) انهن کي شرارت ڪرڻ واري واٽ تي هلائي ڇڏيو. اهي هر موقعو سامهون اچڻ تي، بلڪ خود اهڙا موقعا پيدا ڪري اها ڪوشش ڪندا هيا ته ڪنهن طرح اسلامي معاشري جو ايڪو ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي. ڪنهن طرح مسلمانن کي اشتعال ۾ وجهي ڇڏجي. ڪنهن طرح نظام کي معطل ڪيو وڃي. امن امان (لا ائنڊ آرڊر) کي غارت ڪيو وڃي ۽ بحران پيدا ڪيو وڃي. ڪنهن نموني سان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي قيادت کي ڪمزور ڪري ڇڏجي. انهن ماڻهن جا پنهنجا ئي ساٿي منافقت جو چولو پائي مسلمان معاشري جي اندر موجود هيا ۽ اهي انصارن مان ڪمزور ايمان ماڻهن کي ساڻ ملائي يهودين جي منصوبن کي عملي جامو پهرائيندا هيا.

انهن ساڙيلن دشمنن جي شرپسندي هڪڙو طريقو اهو اختيار ڪيو هيو ته اهي مسلمان عورتن جا نالا وٺي فحش شعر چوندا هيا ۽ انهن کي مشهور ڪندا هيا. انهن جي نالن کي خوار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هيا. ان گندي شاعري انهن جي ذهنن کي اهڙي طرح ئي نشونما ڏني جو عصمت جهڙي بنيادي تهذيبي قدر جو احترام ئي انهن جي دلين مان نڪري ويو. يهودين جي ان حيا کان وانجهي ذهن جو اظهار هڪڙي موقعي تي ايئن ٿيو جو ڪجهه يهودي بلڪل بازاري غنڊن جي سطح تي لهي آيا هيا. بنوقينقاع جي هڪڙي مستقل آبادي مديني جو هڪڙو حصو هئي. انهن جي بازار ۾ هڪڙي مسلمان عورت سودو وٺڻ وئي. دوڪاندار ان سان ڇيڙڇاڙ ڪئي، ۽ آخرڪار ان کي ڪليل بازار ۾ ڪپڙن کان اگهاڙو ڪري ڇڏيو. ان حرڪت تي اهو ۽ ان جا اتي موجود دوست شرمندو ٿيڻ جي بجاءِ ان تي کلڻ ۽ ٺٺول ڪرڻ لڳا. عربي ريت مطابق ان دانهون ڪيون ۽ مدد جي لاءِ صدا بلند ڪئي. هڪڙي عرب نوجوان جي غيرت ان جي دانهن ٻڌي جاڳي پئي. ان غيرت جي جوش ۾ بي قابو ٿي بدمعاش يهودي کي قتل ڪري ڇڏيو. شرارتين جو مطلب پورو ٿي ويو. مسلمان عربن ۽ يهودين جي وچ ۾ هنگامو مچي ويو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي خبر پئي ته موقعي تي تشريف کڻي ويا. بنوقينقاع وارن کي اهڙي گندي حرڪت تي ملامت ڪئي ۽ تنبيهه به ڪئي ته ”اي يهوديو! پنهنجي اصلاح ڪريو ان کان اڳ جو توهان کي به ان ڳالهه کي منهن ڏيڻو پئجي وڃي جيڪا (بدر ۾) قريشن کي پيش آئي هئي.“

بنوقَينُقَاع جي سينن ۾ جيئن ته ابن سعد جي روايت مطابق بغض ۽ حسد جا جذبا موجود هيا، انهيءَ ڪري انهن گهڻي سخت ۽ تيز لهجي ۾ هي جواب ڏنو ته ”اي محمد!

توکي پنهنجي باري ۾ انهيءَ ڪري مغالطو نہ ٿئي تہ توهان قريشن جي ڪجهہ ماڻهن کي ماريو آهي. اهي بي طاقت ماڻهو آهن. اهي وڙهڻ ڄاڻن ئي ڪونہ ٿا. خدا جو قسم جيڪڏهن توهان اسان جي خلاف تلوار کڻندئي تہ توهان کي پاڻهي خبر پئجي ويندي تہ اسان ويڙهہ ڪرڻ وارا ماڻهو آهيون! اسان جهڙن ماڻهن سان توهان جو ڪڏهن واسطو ئي ڪونہ پيو آهي." (سيرت ابن هشام ج 2 ص 179)

يهودين کي اها ڳالهہ گهڻو بري طرح کٽڪندي هئي تہ انصاري جيڪي انهن جي مقابلي ۾ ذهني، سياسي ۽ معاشي لحاظ کان ڪمزور هيا. اسلامي تحريڪ انهن ۾ زندگيءَ جو نئون روح ڦوڪي ڇڏيو هيو ۽ هڪڙي مقدس نصب العين جي چاهہ انهن کي پاڻ ۾ بہ ۽ مهاجرن سان بہ ٻڌي (وحدت) جي لڙي ۾ پوئي ڇڏيو هيو. يهودين جي مشهور چالاڪ ڪُراڙي شاس بن قيس حالتن جي ان تبديلي کي وڏي تشويش سان ڏٺو ٿي ۽ حق جي تحريڪ جي علمبردارن جي خلاف ان جو سينو حسد ۽ ساڙ سان پريل ٿي رهيو. هڪڙو دفعو ان نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ساٿين جي هڪڙي ڪچهري (مجلس) جو منظر پنهنجين اکين سان ڏٺو جنهن ۾ اوس ۽ خزرج جا ڪجهہ ماڻهو ڪچهري ڪري رهيا هيا. انهن جي باهمي الفت، خيرسگاليٰ ۽ اسلام جي پيدا ڪيل اجتماعيت جو رنگ ڏسي ان جو هيانءُ سڙي پڄري ويو. ڪٿي جاهليت وارو اهو لڙائي جهيڙو ۽ ڪٿي هڪ جان ٿيڻ جو اهو منظر! دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو هن شهر ۾ هاڻي قيلہ (انصارين جو ڏاڏو) جو اولاد کير کنڊ ٿي ويو آهي. اهي ماڻهو جيڪڏهن ائين جڙيل ٿي وڃن تہ پوءِ اسان جي لاءِ چين حرام آهي.[1] ان جي خاندان هڪڙو منصوبو رٿيو ۽ ان هڪڙي يهودي نوجوان کي آلہ ڪار بڻائي تلقين ڪئي تہ تون وڃي انهن ماڻهن جي وچ ۾ ويهہ ۽ انهن ۾ رلي ملي جنگ بعاث ۽ ان کان اڳ وارين لڙاين ۽ جهيڙن جي ياد تازي ڪر، جڏهن اوس ۽ خزرج وڙهندا رهندا هيا. تنهن ڪري ان آلہ ڪار پنهنجو ڪردار (پارٽ) نجوي ادا ڪيو. هڪڙي ڪچهري ۾ اوس ۽ خزرج جا ماڻهو گڏ ويٺا هيا. جاهلي تاريخ جو اونداهون باب انهن جي سامهون آيو تہ اهوئي گفتگو جو موضوع ٿي ويو. آهستي آهستي نفرت ٿيڻ لڳي، طنز ۽ اعتراض ٿيڻ لڳو. تيزي اچي وئي، ٻنهي طرفن کان جوشيلا نوجوان آمهون سامهون ٿي بيهي رهيا تہ چونہ نئين سر ويڙهہ جو مقابلو ڪري ڏسي وٺجي تہ ڪير ڇا آهي. "هٿيار کڻي اچو هٿيار کڻي اچو" جو شور مچي ويو. اوس وارن اوس وارن کي پڪاريو ۽ خزرجين وري خزرجين کي! ويڙهہ جي لاءِ جاءِ ۽ وقت بہ مقرر ٿي ويا. جوش ۾ وقلندڙ ماڻهو تيار ٿي نڪري رهيا هيا تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مهاجرن مان ڪجهہ اصحابن کي وٺي موقعي تي پهچي ويا ۽ انهن کي هيٺين لفظن ۾ خطاب فرمايو:

---

1 سيرت ابن هشام ج 2 ص 183

”اي مسلمانو! الله، الله ڪيو! انهيءَ ڪان پوءِ بہ تہ جڏهن الله توهان کي اسلام جو رستو ڏيکاريو ۽ ان جي ذريعي توهان کي سربلند ڪيو توهان جي ڳچين مان جاهليت واري نظام جو ڳٽ ڪپي اڇلي ڇڏيو توهان کي ڪفر کان ڇوٽڪارو ڏياري ڇڏيو ۽ توهان جي دلين کي محبت ۾ جڪڙي ڇڏيو. توهان منهنجي موجود هوندي بہ جاهليت وارا نعرا بلند ڪرڻ لڳا آهيو؟“

اها تقرير ٻڌي ماڻهن محسوس ڪيو تہ اهو سمورو هنگامو شيطاني فتنو ۽ دشمنن جي گڙٻڙ جو نتيجو آهي. انهن پشيماني مان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا ۽ تابعداري واري مان شان سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گڏ واپس اچي ويا. اهڙوئي هڪڙو واقعو غزوه بنومصطلق جي سفر ۾ آيو جتي يهودين جي آلہ ڪار بڻجڻ وارن منافقن عبدالله بن ابي جي اشاري تي مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ خوفناڪ حدتائين اشتعال پيدا ڪري ڇڏيو. ان جو ذڪر اسان ڪري چڪا آهيون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان موقعي تي بہ وڏي حڪمت سان صورتحال کي سنڀاليو.

اهڙي طرح جي فتنن ۾ سڀ کان وڌيڪ منظم فتنو اهو هيو جيڪو مسجد ضرار جي صِورت ۾ ظاهر ٿيو. ان فتني جو اصل باني خزرج قبيلي جو هڪڙو شخص ابو عامر راهب هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مديني اچڻ کان اڳ اهو پنهنجي عِلم ۽ ڪشف واري ذات جي ڪري گهڻو بااثر هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن مديني ۾ اچي هر خاص و عام جي نظرن جو مرڪز ٿي ويا تہ ابو عامر جي اثر رسوخ جو ڏيئو گُل ٿي ويو دل ئي دل ۾ اهو ڪڙهيو ٿي. بدر جي واقعي ان جي سامهون جيڪو مستقبل ظاهر ڪيو ان جو مشاهدو ڪندي ان جي اکين ۾ تير چُڀي ويا. ان هڪڙي طرف اُحد واري لڙائي جي لاءِ مڪي جي سردارن کي پڙڪايو ٻئي طرف عربن جي مختلف سردارن سان سازباز ڪئي، ٽئين طرف خود انصارن کي رسولِ ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف بغاوت جو جهنڊو کڻڻ جي دعوت ڏني، ۽ چوٿين طرف روم جي بادشاهہ هرقل کي فوجون چڙهائي اچڻ جي دعوت ڏني.(ابن ڪثير ج 4 ص 387)

ان منافقن سان اها سازباز ڪئي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ هڪڙو متوازي اڏو قائم ڪيو وڃي. تنهنڪري ان منصوبي هيٺ مسجد ضرار تعمير ڪئي وئي. فساد جي ان مرڪز جي بانيڪارن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي وڏي ڊراماڻي انداز ۾ اها درخواست ڪئي تہ اسان اها مسجد اهڙن ڪمزورن ۽ معذورن جي لاءِ تعمير ڪئي آهي جيڪي گهڻو پري وڃي نٿا سگهن. ان کان علاوه، اونداهين راتين ۽ بارش ۽ طوفان جي صورت ۾ آس پاس جا ماڻهو ان ۾ آساني سان گڏ ٿي سگهندا. توهان اتي هلو ۽ ان جو افتتاح ڪيو ۽ ان کي برڪت جو شان بخشيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان وقت تبوڪ لاءِ روانو ٿي رهيا

هئا. تنهنڪري پاڻ سڳورن صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان معاملي کي واپسي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو. واپسي ۾ وحي جي ذريعي پاڻ سڳورن کي خبردار ڪيو ويو تہ:

"۽ انهن ماڻهن جن (اسلامي معاشري کي) نقصان پهچائڻ، ڪفر ڪرڻ، مسلمانن جي وچ ۾ ڦوٽ وجهڻ ۽ پهريان کان الله ۽ رسول خلاف لڙائي ڪرڻ وارن کي گهات لڳائڻ جو اڏو فراهم ڪرڻ جي لاءِ مسجد تعمير ڪئي آهي ـــ ۽ ها اهي جيڪي قسم کائي چوندا تہ (ان ڪم ۾) اسان تہ فقط نيڪ مقصد ذهن ۾ رکيا آهن (انهن جي حقيقت اها آهي تہ) الله شاهدي ڏئي ٿو تہ اهي مڪمل طور ڪوڙا آهن." (﴿ وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مَسْجِدًا ضِرَارًا وَّكُفْرًا وَّتَفْرِيْقًا بَيْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَاِرْصَادًا لِّمَنْ حَارَبَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ مِنْ قَبْلُ ۭ وَلَيَحْلِفُنَّ اِنْ اَرَدْنَآ اِلَّا الْحُسْنٰى ۭ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴾ سورت التوبہ آيت 107)

"ان ۾ توهان هرگز ڪڏهن بہ قيام نہ ڪجو ها اها مسجد (مسجد قبا) جنهن جو بنياد پهرين ڏينهن کان ئي پرهيزگاري (جي جذبن) تي رکيو ويو آهي، اهائي وڌيڪ حقدار آهي تہ توهان ان ۾ (عبادت جي لاءِ) قيام ڪيو. ان ۾ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي اها ڳالهہ گهرن ٿا تہ پاڪيزگي اختيار ڪن ۽ الله پاڪيزگي گهرڻ وارن کي ئي پسند ڪندو آهي." (﴿ لَا تَقُمْ فِيْهِ اَبَدًا ۭ لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ ۭ فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ اَنْ يَّتَطَهَّرُوْا ۭ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِيْنَ ﴾ سورت التوبہ آيت108)

عبرت وٺو تہ حسد ۽ رقابت جي جذبي جو ننڍڙو ٻج ڪيئن هڪڙو خبيث وڻ پيدا ڪري ٿو ڏسو تہ ڪيئن اسلامي تحريڪ جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ ڪفر بہ هڪڙي مسجد جو سهڻو پردو فراهم ڪري ٿو ان تي توجهہ ڪيو تہ دين کي نقصان پهچائڻ جي لاءِ جيڪي فتنا برپا ڪيا ويندا آهن. اهي ڪيئن پنهنجي قد تي دين ۽ تقوا جون چادرون رکي ظاهر ٿيندا آهن. سبق حاصل ڪيو تہ ڪيترا جماعتي ٽولا، ڪيتريون خانقاهون، ڪيتريون مسجدون، ڪيترا درس ڏيڻ جا حلقا، ڪيترا اشاعتي ادارا ۽ ڪيترا رسالا اڄ بہ اسان جي سامهون ظاهر ٿيندا ۽ نشونما پائيندا هلندا وڃن، جن ۾ ان ئي مسجد ضرار جي بڇڙي جذبي وارو جوش ڪم ڪري رهيو هوندو آهي ۽ انهن جا بانيڪار اهائي دعوا ڪري اٿندا آهن تہ "اِنْ اَرَدْنَآ اِلَّا الْحُسْنٰى" (التوبہ آيت 107)

جيڪڏهن اها مسجد عبادت جي لاءِ ئي ٺهرائي وئي هجي ها، جيڪڏهن ان جو مقصد معذور مسلمانن کي نماز جي سهولت ئي فراهم ڪرڻ هجي ها تہ اها ضرورت خود حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون پيش ڪئي وڃي ها. اسلامي معاشري جي قيادت ان جي تعمير جو فيصلو ڪري ها ۽ جيئن ٻيون مسجدون پوري جماعت جي شرڪت سان ٺهيون هيون، اهڙي طرح اها بہ وجود ۾ اچي وڃي ها. جماعت ۽ ان جي قيادت کان مٿي مٿي ويهي ڪجهہ ماڻهو ڪن ڦُس ڪري هڪڙو ڳجهو

منصوبو ٺاهين ٿا. ۽ چُپ ڪري صحيح معنيٰ ۾ ڏيڍ سِر جي مسجد الڳ بيهاري چڏين ٿا ـــ انهيءَ جي باوجود تہ مسجد قبا ان جي ويجهو اڳ ۾ ئي موجود هئي ـــ تہ ان جو صاف مطلب اهو آهي تہ ان متقياڻي ڪارنامي ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ چڪر آهي. ان کي وحي ظاهر ڪري معاشري جي سامهون رکي ڇڏيو. ڪنهن مقصد جي لاءِ ڪم ڪرڻ واري جماعتي نظام جي هوندي ڪجهہ ماڻهو ان جي اندر پنهنجي الڳ ٽولي ٺاهي سوچين ٿا ۽ ڪم جي مجموعي نقشي کان الڳ ئي الڳ پنهنجا منصوبا ٺاهين ۽ ان کي عمل ۾ بہ آڻين ٿا تہ اهي پنهنجي شانِ تقوا کي ميراڻڻ جي لاءِ ڪيترن ئي لفظن کان ڪم وٺن ۽ ڪهڙا بہ وڻندڙ ٻهروپ اختيار ڪن. نتيجو بهرحال، مسجد ضرار ڪفر ۽ فرقي بازي کان علاوه ڪجهہ نٿو ٿي سگهي. تنهنڪري مسجد جي مقدس نالي تي قائم ٿيڻ وارو اهو ناپاڪ اڏو حڪم الاهي هيٺ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي فرمان سان سـاڙي خاڪ ڪيو ويو تہ جيئن ان سان گڏ منحوس تاريخ بہ مليـاميٽ ٿي وڃي. (سيرت ابن هشام ج 4 ص 185)

مختصر اهو تہ الاهي هدايت جي انهن ٺيڪيدارن ۽ نبين سڳورن جي يهودي وارثن شرارت جو ڪوئي موقعو هٿان وڃڻ ڪونہ ڏنو. انهن پريشان ڪندڙ حرڪتن کان اڳا وڌيڪ تباهي واريون انهن جون اهي تخريبي سازشون هيون جيڪي جنگ جي هر موقعي تي اسلامي دفاع کي نقصان پهچائڻ جي لاءِ عمل ۾ اينديون رهيون. انهن جو ذڪر اسان اڳتي ڪنداسين.

## انصاف جي نظام ۾ رنڊڪون:

ڪنهن بہ حڪومتي نظام جو ڪاميابي سان هلڻ ان جي ٻن ڳالهين جي صحيح طور تي هجڻ تي منحصر آهي. هڪڙي اها تہ ان جو دفاع مضبوط رهي، ٻي اها تہ ان جو عدالتي نظام ٺيڪ طريقي سان ڪم ڪندو رهي ۽ ان جا قانون نافذ ٿيندا رهن. پهرين ڳالهہ ٻاهرين حملن کان بچاءَ جي لاءِ آهي ۽ ٻي ڳالهہ اندروني گڙٻڙ ۽ فسادن جي روڪٿام جي لاءِ آهي. ليڪن نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حڪومت کي انهن ٻنهي ڳالهين جي انجام ڏهي لاءِ يهودين ۽ منافقن جي طرف کان شديد مزاحمتن کي منهن ڏيڻو پيو. هتي اسان اهو ٻڌائڻ گهرون ٿا تہ انهن مزاحمتي قوتن اسلامي رياست جي عدل واري نظام ۾ ڪهڙي طرح رنڊڪون پيدا ڪيون ۽ شهري (سِوِل) انتظام کي ڪمزور ڪرڻ جي لاءِ ڪهڙيون لُچايون ڏيکاريون. هڪڙي نئين ابرندڙ رياست جي شهري (سِوِل) انتظام کي ئي جيڪڏهن قائم ٿيڻ نہ ڏنو وڃي تہ اها نہ تہ داخلي مشڪلات تي قابو پائي سگهي ٿي ۽ نہ خارجي قوتن جو مقابلو ڪرڻ جي قابل ٿي سگهي ٿي. ان جو وجود ئي بلڪل ابتدائي مرحلن ۾ خطري جي زد ۾ اچي ويندو آهي. تنهنڪري تاريخ ۾ بي شمار مثال موجود آهن تہ فاتحن ۽ انقلابين جتي بہ ڪا نئين حڪومت قائم ڪئي

آهي، اتي سِوِل انتظام کي نافذ ڪرڻ ۾ شروع ۾ غيرمعمولي ڏاڍ ۽ سختي کان ڪم ورتو ويو آهي، ليڪن محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حڪومت جنهن اخلاقي نظرئي ۽ جنهن عدل جي تصور تي قائم هئي، انهن ۾ بي جا سختي جو موقعو ڪونہ هيو. انهيءَ ڪري مديني جي پنجين ڏنيي کي ڪنهن حد تائين آزادي سان شرارتون ڪرڻ جا موقعا ملي ويا هيا.

مديني جي اسلامي رياست جو اهو دستوري معاهدو جنهن موجب مسلمان مهاجر ۽ انصاري ۽ يهودين جا قبيلا هڪڙي سياسي اجتماعي شڪل ۾ گڏ ٿيا هئا. ان ۾ تسليم ڪيو ويو هيو تہ سياسي ۽ عدالتي لحاظ کان اعليٰ اختياري ("فائنل اٿارٽي" ـ Final Authority) محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي هٿ ۾ آهي، اهو دستاويز اڄ تائين محفوظ آهي ۽ ان ۾ هيٺين بہ واضح شقون موجود آهن.[1]

وَاِنَّكُمْ مَهْمَا اخْتَلَفْتُمْ فِيْهِ مِنْ شَيْءٍ فَاِنَّ مَرَدَّهٗ

اِلَى اللّٰهِ عَزَّوَ جَلَّ وَ اِلَى مُحَمَّدٍ ﷺ

(۽ اهو تہ جڏهن بہ توهان ۾ ڪنهن ڳالهہ جي متعلق اختلاف پيدا ٿي وڃي تہ الله ۽ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) ڏانهن رجوع ڪيو وڃي.)[2]

وَاِنَّهٗ مَا كَانَ بَيْنَ اَهْلِ هٰذِهِ الصَّحِيْفَةِ مِنْ

حَدَثٍ اَوْ اَشْتِجَارٍ يَّخَافُ فَسَادَهٗ فَاِنَّ مَرَدَّهٗ

اِلَى اللّٰهِ عَزَّوَ جَلَّ وَ اِلَى مُحَمَّدٍ ﷺ

(۽ اهو تہ هن لکت کي قبول ڪرڻ وارن جي وچ ۾ ڪو نئون معاملو يا جهڳڙو پيدا ٿي پوي، جنهن جي ڪري فساد برپا ٿيڻ جو انديشو هجي تہ ان کي الله تعاليٰ ڏانهن ۽ ان جي رسول محمد (ﷺ) ڏانهن پيش ڪيو ويندو.)[3]

ان دستوري پيمان کان پوءِ معاهدي ۾ شامل يهودي قبيلن تي شرعي، اخلاقي ۽ سياسي و قانوني حيثيت مطابق اهو فرض عائد ٿي ويو تہ اهي عدل و قانون جي ان نظام کي ڪامياب بڻائڻ ۾ پوري طرح تعاون ڪن ۽ ان جي وفاداري سان اطاعت ڪن، جيڪو سرور عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اڳواڻي ۾ هلي رهيو هو. هونئن بہ ڏٺو وڃي تہ هڪڙي غيرمنظم معاشري کي قانون جي عملداري جي اصول هيٺ باقاعده شهري انتظام ۾ آڻڻ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هڪڙي عظيم الشان قابل قدر خدمت هئي ۽ ڏوهن ۽ بدڪارين جون پاڙون پٽڻ لاءِ انصاف جي فطري ۽ دائمي اصولن جي برابري وارو نفوذ هڪڙو اهڙو برڪتن وارو قدم هيو جو جنهن جي

1 سيرت ابن هشام ج 2 ص 121 کان 133 ۽ ڪتاب الاموال: ابوعبيد قاسم بن سلام پئرا 5،4 ص 204

2 ساڳيو.

3 ساڳيو.

نتيجي ۾ امن و امان جي پيدا ٿيڻ واري حالت يهودين جي لاءِ بہ ايترو ئي فائدي واري هئي جيتري ٻين جي لاءِ. ان کان علاوه، قانونِ الاهي جي نظام جو قائم ٿيڻ خود انهن جي پنهنجي مقصد (مشن) ۾ شامل هو. ان سان گڏ معاهدي واريون ذميواريون انهن راضي خوشي قبول ڪيون هيون.

ليڪن جتي انهن کي اهو محسوس ٿيو ٿي تہ اسلامي رياست جي صاف سٿري قانون جي زد انهن جي ڪنهن مفاد تي پوي ٿي ۽ انهن جي ڪا شخصيت ان جي پڪڙ ۾ اچي ٿي تہ اهي پنهنجي معاهدي وارين سياسي، اخلاقي ۽ شرعي ذميوارين، معاشري ۽ انسانيت جي مجموعي مفاد کي بلڪل نظرانداز ڪري ابتي رستي تي هلڻ لڳندا هيا.

يهودين جي هڪڙي شادي شده مرد ڪنهن شادي شده عورت سان زنا ڪئي، معاملو يهودين جي سردارن وٽ پيش ٿيو اهي اڪابر بيتِ مِدراس ۾ گڏ ٿيا ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ کان پوءِ هڪڙي ماڻهوءَ کي سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ اهو معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليائون تہ اهڙي حرڪت تي ڪهڙي سزا ڏني وڃي. انهن اڳواٽ طي ڪري ڇڏيو تہ جيڪڏهن اسان جي رواجي سزا (تحميہ) ٻڌائي وڃي تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي هڪڙو بادشاهہ سمجهو ۽ ڳالهہ مڃي وڃو پر جيڪڏهن ڪتابِ الاهي جي مطابق ديڙا هڻڻ (رجم) جي شرعي حد جاري ڪرڻ جو چوي تہ پوءِ اهو (پنهنجي صحيح عِلم ۽ پنهنجي حق واري جرئت ۽ فرمانِ الاهي جي تابعداري جي حوالي سان) نبي آهي ۽ ان کان بچو. ورنہ توهان جو جيڪو قائداڻو اثر باقي آهي، اهو بہ هليو نہ وڃي. سو ماڻهو پهتو ۽ ان نياپو پهچايو ۽ يهودي اڪابرن جي طرف کان پيشڪش ڪئي تہ اسان توهان کي امين (حَڪَم) بڻايون ٿا. اها پيشڪش دستوري معاهدي جي ٽڪراءَ ۾ هئي. معاهدي جي مطابق حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مستقل طور مديني جا حاڪم ۽ عدالت جا سربراهہ هئا. شايد اهوئي سبب هو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اتي سڌا بيتِ مِدراس تشريف کڻي ويا ۽ اتي وڃي يهودين کي فرمايو تہ پنهنجن عالمن کي وٺي اچو. عبدالله بن صوريا کي وٺي آيا. ڪجهہ روايتن جي مطابق ان شخص سان گڏ ابوياسر بن اخطب ۽ وهب بن يهودا بہ هئا. گفتگو جي دوران سيني عبدالله بن صوريا کي توريت جي علم ۾ فاضل ترين مڃيل شخصيت قرار ڏنو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان عالم سان اڪيلائي ۾ ڳالهايو ۽ الله جو خوف ڏياري بني اسرائيل جي تاريخ جا سونهري باب ياد ڏياري معلوم ڪيو تہ ڇا توکي خبر ڪونهي تہ شادي شده جوڙي جي لاءِ توريت ۾ ديڙا هڻڻ (رجم) جو حڪم آيل آهي؟ ان جواب ڏنو "اللّٰهُم نَعَم!" الله جو قسم! ها! وحي جي ذريعي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي جيڪا حقيقت آشڪار هئي، ان جي تصديق مخالف ڌُر طرفان بہ ٿي وئي پر مجلسِ عام ۾ يهودي سردار ۽ عالم اجايا بحث ڪندا رهيا. انهن جو ضد هو تہ اسان جي شرعي قانون ۾ زنا جي سزا تحميہ آهي. ان اصطلاح جي مفهوم جي مطابق

يهودي زانين جو منهن ڪارو ڪري انهن کي گڏهہ تي ويهاري ڳوٺ ۾ گهمائيندا هيا. توريت جو ديڙا هڻڻ (رجم) وارو حڪم انهن نظرانداز ڪري ڇڏيو هو. انهن ۾ جڏهن زنا ڪرڻ جي وبا پکڙي ۽ انهن جي وڏن طبقن جا ماڻهو ان اخلاقي برائي ۾ ملوث ٿي ويا تہ معاشري شريعت جو ساٿ ڏيڻ جي بجاءِ مجرم جي حمايت ڪرڻ وارو رخ اختيار ڪيو ۽ سزا ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏي. هاڻي يهودي اڪابرن کي اهو انديشو هو تہ جيڪڏهن توريت جو ديڙا هڻڻ (رجم) وارو قانون نئين سر جاري ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ چور جي ماءُ ڪيستائين خير گهرندي رهندي. اڄ تون سڀاڻي اسان جو وارو آهي. اهوئي سبب هو تہ انهن ديڙا هڻڻ (رجم) جي سزا کي روڪرائڻ گهريو ٿي. مجبور ٿي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مجلس عام ۾ انهن کان توريت گهرائي. فَأْتُوا بِالتَّوْرٰىةِ فَاتْلُوْهَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ. (* جيڪڏهن توهان سچا آهيو تہ تورات کڻي اچو ۽ ان جي تلاوت ڪريو. سورت آل عمران آيت 93). هڪڙي يهودي عالم واسطيدار جاءِ تان پڙهيو. ان نسخي ۾ رجم واري آيت موجود هئي ۽ ان ظالم عالم ان آيت تي هٿ رکي لڪائي اڳيان پنيان جا لفظ پڙهيا. عبدالله بن سلام (جيڪو اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ يهودين جو مشهور عالم هيو) سٽ ڏئي ان جي هٿ کي هٽائي ڇڏيو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ڏيکاريو تہ "اي الله جا رسول! ڏسو هي آهي رجم واري آيت!"[1] حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان مڪاري تي يهودين کي سخت ملامت ڪئي ۽ اهو ڇئي ڏوهين تي حد جاري ڪئي تہ "مان پهريون شخص آهيان. جيڪو الله جي حڪم ۽ ان جي ڪتاب ۽ ان تي عمل پيرا ٿيڻ واري مسلڪ جي تجديد ڪريان ٿو."[2]

اهي هيا وقت جا دينِ مبين ۽ شرعِ متين جا رکوالا. جيڪي بغلن ۾ قانون الاهي رکي من گهڙت رواجي قانون جو کوٽو سڪو هلائي رهيا هئا ۽ ان ڪردار سان گڏ اهي ان مقدس هستي جي مقابلي لاءِ نڪتا هيا. جيڪا قانون الاهي کي صاف سٿري نموني سان نئين سر جاري ڪرڻ لاءِ اٿي هئي. ان سان گڏ قرآن شريف جو هي نغمہ حق فضائن ۾ گونجي رهيو هو تہ "لَسْتُمْ عَلٰى شَيْءٍ حَتّٰى تُقِيْمُوا التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ وَمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ" (سورت المائده آيت 68) ان وقت تائين توهان جو ڪوئي بنياد ڪونهي جيستائين

---

1 انجيل يوحنا ۾ واضح ثبوت موجود آهي تہ شادي شده عورت زاني جي لاءِ اصل تورات ۾ ديڙا هڻڻ (رجم) جو حڪم موجود هيو.
ڏسو يوحنا باب 8 آيت 5 جا لفظ:
"تورات ۾ موسيٰ (عليہ السلام) اسان کي حڪم ڏنو تہ اهڙين عورتن کي سنگسار ڪريو."
تورات جي پهرين نسخن ۾ يهودي مفسرن ۽ فقيهن ۽ گهٽ وڌائي ڪرڻ وارن جي ملاوٽ سان گڏ زنا جي ڪجهہ صورتن ۾ قتل ۽ سنگساري جي سزا جو ذڪر ٿيل آهي. ڏسو:
"جيڪڏهن ڪوئي مرد ڪنهن مڱس واري عورت سان زنا ڪندي پڪڙيو وڃي تہ انهن ٻنهي کي ماري ڇڏجي." (استثناء باب 22 آيت 23)
آيت 26 ۾ بہ اهڙي شخص جي لاءِ جيڪو زبردستي ڪنهن جي عزت لٽي قتل جو حڪم ڏنو ويو آهي.

2 سيرت ابن هشام ج 2 ص 193 کان 196. مسلم باب رجم اليهود اهل الذمتہ في الزنا. زادالمعاد ج 3 ص 207

توهان تورات ۽ انجيل کي ۽ الله جي طرف کان جيڪي قانون نازل ٿيا آهن انهن کي نافذ ڪري نہ ڏيکاريو. جيستائين توهان جي عقيدي ۽ عمل ۾ اهو وڏو تضاد موجود آهي، توهان جي ڪابہ حقيقت ڪونهي، توهان هڪ بي معنيٰ ۽ بي وزن ٽولي آهيو.

يهودي معاشري جي عام فساد جو هڪڙو وڏو مظهر اهو هو تہ ان ۾ اعليٰ ۽ ادنيٰ طبقن جو فرق مستقل طور تي قائم ٿي چڪو هو ۽ قانوني مساوات مڪمل طور تي ختم ٿي وئي هئي. بااثر ماڻهن جي لاءِ هڪڙو قانون هو تہ ڪمزورن لاءِ ٻيو. انصاف جي ندي ٽٽي الڳ الڳ وهڪرن ۾ ورهائجي وئي هئي، ان جا قاضي ۽ مفتي عدل جي تارازي جا پلڙا هيٺ مٿي ڪري چڪا هئا. هاڻي ٻئي ۽ ٽئين نمبر وارا وٽ استعمال ڪري رهيا هئا. تنهن ڪري بنونضير ۽ بنوقُريظہ ۾ انهن جي غلبي ۽ ڪمزوري جي ڪري دِيت جو اڻ برابري وارو نظام رائج هيو. ڪوئي نضيري جيڪڏهن ڪنهن قريظي کي قتل ڪندو هيو تہ ديت سو وسق ورتي ويندي هئي ۽ جيڪڏهن ڏوهہ جي صورتحال ان جي ابتڙ هوندي هئي تہ قريظي صرف پنجاهہ وسق نضيرن کي ڏيندو هو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مديني اچڻ ۽ اسلامي عدل قائم ٿي وڃڻ کان پوءِ بنونضير جي ڪنهن ماڻهوءَ بنوقريظہ جي هڪڙي شخص کي قتل ڪري وڌو بنونضير پيٽي ديت ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ مساوات جو حق ميرائڻ جي ڪوشش ڪئي. هاڻي تہ انهن جي سامهون هڪڙو سهارو موجود هو بحث ۾ تيزي ايندي ايندي نوبت ايستائين پهچي وئي جو ٻنهي قبيلن جي وچ ۾ لڙائي جي باهہ ڀڙڪڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو. آخر ٻئي انهيءَ تي راضي ٿيا تہ معاملو محمدؐ (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي سامهون پيش ڪيو وڃي. اهو جيڪو فيصلو ڪري، ان کي قبول ڪيو وڃي.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فَاحۡكُم بَيۡنَهُم بِالۡقِسۡطِ جي حڪم موجب ديت جي ان اڻبرابري واري نظام کي ختم ڪري تارازي جا پلڙا هميشہ جي لاءِ سڌا ڪري ڇڏيا[1] ۽ ان سان گڏ قرآن شريف عدل جي خدائي نظام کي بگاڙڻ وارن کي خطاب ڪري خبردار ڪيو تہ:

"جيڪي ماڻهو الله جي نازل ڪيل قانون مطابق معاملن جا فيصلا نٿا ڪن اهي ئي ڪافر آهن." (﴿ وَمَنۡ لَّمۡ يَحۡكُمۡ بِمَآ اَنۡزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡكٰفِرُوۡنَ. المائده آيت 44)

عدل واري اسلامي نظام ۾ حدن کي قائم ڪرڻ ۾ جيڪڏهن اڪيلا مديني جا يهودي رڪاوٽ هجن ها، تہ بہ غنيمت ٿئي ها. مشڪل اها هئي تہ مجموعي طور تي سموري عربستان ۾ انصاف جو ٻٽو معيار موجود هو. بااثر ماڻهن جي لاءِ قانون ٻيو هو ۽ ڪمزور ۽ عام ماڻهن لاءِ وري ٻيو.

1 تفسير ابن ڪثير ج 2 ص 60، سيرت ابن هشام ج 2 ص 196

مڪي جي فتح وارو موقعو هو جو فاطمہ نالي هڪڙي مخزومي عورت چوري جي ڏوهہ ۾ گرفتار ٿي. جيئن تہ اها بااثر قبيلي سان تعلق رکندي هئي، انهيءَ ڪري قريشين جا ماڻهو ان جي گرفتاري تي گهڻو بيچين ٿي ويا ۽ انهن جي تصور ۾ اها ڳالهہ سمائجي ڪونہ رهي هئي تہ هڪڙي اهڙي عورت تي بہ قانون جو اهو ئي سزا وارو حڪم هلي جيڪو عام ماڻهن جي لاءِ آهي. انهن مشورو ڪيو تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي چئو چواءِ ڪرائي ان کي ڇڏايو وڃي. پر اڳتي وڌي ڳالهائي ڪير. ان مطلب جي لاءِ انهن اسامہ رضہ بن زيد رضہ کي سفارشي بڻايو. اسامہ رضہ وڃي مقصد بيان ڪيو. ڳالهہ ٻڌي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي چهري مبارڪ جو رنگ ڦري ويو ۽ فرمايو. "ڇا تون الله جي هڪڙي حد جي باري ۾ (ان کي روڪرائڻ جي لاءِ) سفارش ڪرين ٿو؟" بس ايتري ۾ ئي اسامہ رضہ کي احساس ٿي ويو ۽ ان معافي گهري. ڏينهن ختم ٿيڻ تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مجمعي کي خطاب ڪيو تہ:

"توهان کان اڳين ماڻهن جي هلاڪت جو هڪڙو سبب اهو هو تہ جڏهن انهن مان ڪو معتبر ماڻهو چوري ڪندو هو تہ اهي ان کان اک ٻوٽ ڪندا هئا ۽ جڏهن ڪو غريب طبقي جو ماڻهو اهو ڏوهہ ڪندو هو تہ ان تي سزا نافذ ڪري ڇڏيندا هئا. مان پنهنجي باري ۾ الله جو قسم کڻي چوان ٿو جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، تہ جيڪڏهن فاطمہ بنت محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) بہ چوري ڪري تہ مان ان جو بہ هٿ ڪپيندس." (مسلم. باب النهي عن الشفاعتہ في الحدود)

ام حارثہ جي معاملي ۾ بہ اهائي مروجہ ذهنيت سامهون آئي، ان عورت ڪنهن جو ڏند ڀڃي وڌو. مقدمو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ آيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم قصاص جو حڪم ٻڌايو ام ربيع (گهڻو ڪري ڏوهڻ جي ڀيڻ هئي، ليڪن ان معاملي جي باري ۾ روايتن ۾ مونجهارو آهي) اهو فيصلو ٻڌو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان عجب مان پڇيائين تہ ڇا ان کان بہ قصاص ورتو ويندو. خدا جو قسم، ان کان قصاص نٿو وٺي سگهجي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو. "اي ام ربيع! قصاص تہ خدائي لکت آهي!" پر اها چوڻ لڳي تہ "نہ! خدا جو قسم، ان کان هرگز قصاص نٿو وٺي سگهجي." ان جي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ ان طبقي جي ڏوهڻ جو ڏند ڀڃي سگهجي ٿو.

هيءَ پاسي عملي طور اهو ٿيو تہ ڌرين جي وچ ۾ ديت تي معاملو طي ٿي ويو. ائين قصاص جو حڪم (جنهن ۾ ديت جي گنجائش بہ شامل آهي) بہ پورو ٿي ويو ۽ ام ربيع جي ڳالهہ بہ رهجي آئي. تنهن ڪري لطيفي طور حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

فرمايو تہ الله جا اهڙا ٻانها بہ آهن جو جڏهن قسم کڻي وجهن تہ الله انهن جي قسم کي پورو ڪري ڇڏيندو آهي. (مسلم. باب القصاص من الجراح الا ان يرضوا بالديتہ)

يهودين صرف اسلامي عدالت جي ڪم ۾ رڪاوٽون وجهڻ تي اڪتفا ڪونہ ڪئي، پر جتي بہ موقعو ملندو هين تہ شهري (سِوِل) انتظام ۾ گڙٻڙ پيدا ڪرڻ کان ڪونہ مڙندا هيا. ان جو هڪڙو وڏو مثال اهو آهي تہ خيبر جي فتح کان پوءِ خيبر جي يهودين جي درخواست تي جڏهن انهن کي ايراضي جي پوک مان اڌ ۾ بٽائي تي ڪڙمي ڪري رکيو ويو ۽ اسلامي حڪومت جو نمائندو انهن کان ڦرپور پيرو بٽائي ونڻ پهتو تہ انهن ان کي رشوت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن جي قوم خيانت ڪرڻ جي جنهن روڳ ۾ مبتلا هئي، ان جي پليتي انهن نئين نظام جي ڪارندن کي بہ لڳائڻ گهري، اهو عملدار عبدالله رضہ بن رواحہ هو. رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان موڪليل پروسي جوڳو عملدار خيبر جي يهودين جي اندازن کان گهڻو متاثر هو. ان انهن کي صاف صاف چيو تہ "اي الله جا دشمنو! ڇا مون کي حرام مال کارائڻ گهرو ٿا."[1]

ان انهن تي پنهنجو مقصد واضح ڪري ڇڏيو تہ مون کي تہ ڪانتي جي تور وارو معاملو ڪرڻو آهي، فرمايو:

"رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) مون کي انهيءَ لاءِ ڪونہ موڪليو آهي تہ توهان جو مال کائي وڃان، بلڪ انهيءَ لاءِ موڪليو آهي تہ توهان ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ورهاست ڪيان، توهان گهرو تہ مان اندازي سان اڌ توهان کي ڏيان ۽ جيڪڏهن توهان پاڻ اندازي سان گهرو تہ اڌ اسان کي ڏيو."

ائين حضرت ابن رواحہ رضہ 40 هزار وسق جو اندازو لڳايو ۽ 20 هزار وسق مسلمانن جو حصو ورتو. ان صاف سٿري ورهاست تي جتي ڪميٽي ذهنيت وارن يهودين پريشان ٿي چيو تہ "اهو تہ ظلم آهي" اتي انصاف پسند عوام تسليم ڪيو تہ "ان ئي عدل تي آسمان ۽ زمين قائم آهن." عبدالله رضہ بن رواحہ ئي پوري زندگي ان منصب تي رهي ڪم سرانجام ڏيندو رهيو.[2]

مطلب تہ هڪڙي نيم منظم معاشري کي باقاعده هڪڙي منظم رياست بڻائڻ ۽ خدائي انصاف جي اصولن کي جاري ڪرڻ ۾ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان تعاون ڪرڻ جي بجاءِ تهذيب ۽ مذهب جي قديم ٺيڪيدارن سخت مزاحمتون ڪيون ۽ حق جي نظام جي پاڙن کي ابتدائي مرحلن ۾ کوکلو ڪرڻ جون ناقابل معافي ڪوششون ڪيون.

---

1 سيرت النبي از مولانا شبلي ج 2 ص 75. فتوح البلدان ص 31 جي حوالي سان

2 بخاري باب المزارعہ وڪتاب الشرڪتہ. سيرت ابن هشام ج 3 ص 409

## نبوي گهراڻي ۾ چٽنگون:

مديني جي اسلام مخالفن شرارت جون چٽنگون حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حرم ۾ اچلائڻ جا ناپاڪ جتن بہ ڪيا. انهن جي نظر ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خاندان ۽ انهن جي خاص دوستن ۾ ڦوٽ وجهرائڻ جو اهو گهڻو سڌو ۽ آسان رستو هيو. اسلامي تحريڪ جي سربراهہ ڪي گهريلو جهيڙن ۾ ڦاسائي ڇڏڻ جي تدبير جيڪڏهن ڪامياب ٿي وڃي ها تہ ان جا نتيجا گهڻا مُهلڪ هجن ها. مديني جون عام عورتون حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي گهر تہ ايندڙيون ويندڙيون رهنديون هيون، وري اهي جيڪو ڪجهہ ڏسنديون هونديون، ان کي انساني نفسيات جي مطابق بيان ڪنديون ڦرنديون هونديون. اهڙي طرح شرارتين ۽ منافقن کي چڱي طرح معلوم ٿيندو رهندو هوندو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي گهر ۾ ڪيئن بک ۽ ڏک جو ماحول ڇانيل رهندو آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جون زالون وڏن گهراڻن جون عورتون هيون، انهن جا ذوق ڪنهن کان گهٽ اوچا ڪونہ هيا. ليڪن ٻئي طرف معاشي حالتون جهڙيون هيون ۽ جن تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم دل سان راضي هئا، اهي انهن جي اڳين ذهني معيارن کان گهڻو گهٽ هيون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گڏ زالون بہ صبر واري طريقي تي هليون ٿي ۽ انهن کي پاڻ اهو شعور هو تہ نئين دنيا جو معمارِ اعظم جان جوکي ۾ وجهڻ واري جنهن حالت مان گذري رهيو آهي، ان ۾ عيش ۽ مزن جون جَنَتون سينگاري نٿيون سگهجن. مگر انسان وري بہ انسان آهي ۽ انسان انهن خواهشن ۽ جذبن جي وچ ۾ گهيريل رهندو آهي، جن کي ان جي فطرت ۾ ڳوهيو ويو آهي. ٻئي طرف پاڪ زالون ايمان ۽ اخلاق جي لحاظ کان عالي مرتبت هجڻ جي باوجود ۽ اتحاد، ٻڌي ۽ مسڪيني ۽ حليمي جو هڪڙو شاندار معيار دنيا جي سامهون پيش ڪرڻ جي باوجود ڪڏهن نہ ڪڏهن هڪ ٻئي سان ريس ڪرڻ جي جذبن پٺاندڙ هلڪو اثر وٺي سگهيون ٿي، جيڪو هڪڙي گهر جي رونق بڻجڻ وارين عورتن جو هوندو آهي. ان کان علاوه، قريشن جي عورتن ۾ مڙسن جي اطاعت ۽ وفاداري جون جيڪي سخت روايتون هليون پئي آيون، ان جي برخلاف مديني جون عورتون مردن جي مقابلي ۾ خاص اثر رسوخ واريون هيون. تنهنڪري حضرت عمر رضہ جهڙي رعب ۽ دٻدٻي واري عظيم مرد مديني جي دور ۾ هڪڙو ڀيرو پنهنجي زال کي دڙڪا ڏنا تہ ان بہ سامهون جواب ڏنس. ان تي حضرت عمر رضہ چيو تہ "تون مون کي سامهون جواب ڏين ٿي؟" ان ئي موقعي تي ان کي اندازو ٿيو تہ معاشري جي گهريلو زندگي ۾ مڪي جي روايتن تي مديني جي ماحول جو اثر گهڻو پئجي چڪو آهي.

شرارتين ۽ منافقن جي سامهون اها صورتحال موجود هئي ۽ ان جي اندران انهن شرارت جي وات ڪڍي، انهن ڪجهہ عورتن کي انهي مقصد سان آلہ ڪار بڻائي استعمال ڪيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي گهر ۾ فتني جي چٽنگ

اچلائي ٻاهه ڀڙڪائين. هڪڙي اهڙي عورت ام جلدح جو نالو اسان جي سامهون اچي ٿو جنهن جو ڪردار (پارٽ) اهو هيو تہ "كَانَتْ تُحَرِّشُ بَيْنَ اَزْوَاجِ النَّبِي."[1] يعني اها نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پاڪ زالن کي ڀڙڪائيندي هئي. اهڙين ئي عورتن جي مدد سان افڪ واري واقعي جي چڻنگن سان شعلا ڀڙڪايا ويا هيا.

شرارتين جي انهن چغل خورين جي ڪري هڪ ٻئي پٺيان ڪجهہ اهڙا واقعا ٿيا جو اهي گهڻو تشويشناڪ ٿي سگهيا ٿي، ليڪن الله تعاليٰ جي مدد، رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪردار، خاص اصحابن جي تعاون ۽ زالن جي شرافت جي اثر سان بروقت اصلاح ٿي وئي.

انهن مان سڀ کان وڏو واقعو زالن جو اهو گڏيل مظاهرو هيو جنهن ۾ خرچ کي وڌائڻ جو مطالبو هيو اهو ئي ايلاع جو محرڪ ٿيو. الله جو خاص فضل هيو جو حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت عمر رضہ پوري خلوص سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو پاسو ڪٽي مضبوط ڪيو ۽ پنهنجين نياڻين جي همت افزائي ڪرڻ جي بجاءِ انهن کي سختي سان ڇڙٻيو. ٻئي پاسي الله تعاليٰ جي طرف کان للڪار (چئلينج) اچي وئي تہ:

"اي پيغمبر! پنهنجين زالن کي چئي ڇڏ تہ جيڪڏهن توهان کي دنياوي زندگي ۽ ان جو هارسينگار گهرجي تہ (اهو هن گهر ۾ ڪونہ ملندو) اچو مان توهان کي الڳ ڪرڻ جا جوڙا پارائي سٺي طريقي سان رخصت ڪيان. ۽ جيڪڏهن توهان کي الله، الله جو رسول ۽ آخرت جو ٺڪاڻو گهرجي تہ الله نيڪ زالن جي لاءِ وڏو ثواب تيار ڪري رکيو آهي." (﴿يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا فَتَعَالَيْنَ اُمَتِّعْكُنَّ وَاُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ۝ وَاِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالدَّارَ الْاٰخِرَةَ فَاِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْمُحْسِنٰتِ مِنْكُنَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ۝﴾ سورت الاحزاب آيت 28 ۽ 29)

زالن جي آڏو ٻہ رستا رکيا ويا تہ جنهن کي گهرن اختيار ڪن. هاڻي اها زالن جي شرافت هئي تہ اهي هڪدم خبردار ٿي ويون. حضرت عائشہ رضہ جيڪا پنهنجي اثر رسوخ ۽ پنهنجي غيرمعمولي ذهانت ۽ سنجيدگي جي ڪري ان مظاهري جي اڳواڻ (ليڊر) بڻي پئي هئي، ان کي ئي سڀ کان پهريان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڄڃي تان لهي ان خدائي فيصلي کان آگاهہ ڪيو ۽ ان ئي سيني کان اڳ ۾ اعلان ڪيو تہ مان سڀ ڪجهہ ڇڏي الله ۽ ان جي رسول کي وٺان ٿي. ان کان پوءِ سڀئي زالون پنهنجن مطالبن تان دل جي صدق سان هٽ ڪٽي ويون.

دشمنن جي وچ ۾ گهريل هڪڙي وڏي گهراڻي ۾ جيڪڏهن شرارتين جي مسلسل خلل وجهڻ جي ڪري ۽ ڪميڻين عورتن جي چغلخوري جي نتيجي ۾ ڪنهن هڪڙي موقعي تي ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي هجي تہ اها ڪا وڏي ڳالهہ ڪونهي. بلڪ ايترين

---

1 سيرت النبي از مولانا شبلي ج 1 ص 506، اصابہ ابن حجر جي حوالي سان.

شرارتن جي باوجود ان گهر جي پيڙي جو خير خوبي سان ڳُنن مان نڪري وڃڻ، ان گهر اندر رهڻ وارن جي مضبوطي، شرافت ۽ ٻڌي جو ڪليل ثبوت آهي.

هاڻي اندازو ڪيو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي چوڌاري ڪهڙي طرح رنگارنگ شرارتن جا بارود (ڊائنامائٽ) وڇايا پئي ويا، فتيلا ڪٿي ڪٿي رکيا پئي ويا.

## قتل جون سازشون:

سچائي جڏهن ڪنهن جي دعوت تي تحريڪ ٻڌجي اٿندي آهي ته ان سان مزاحمت ڪرڻ واريون طاقتون ٻي جا مخالفت ۾ پئجي مسلسل پستي ڏانهن لُڙهنديون وينديون آهن، ايستائين جو جڏهن اهي اصل دعوت جي مقابلي ۾ دليل جي بازي به هارائي وينديون آهن ۽ فتنا پيدا ڪرڻ ۽ تشدد ڪرڻ وارين ڪارروايين کي به ناڪام ڏسنديون آهن ته پوءِ انهن جو حسد ۽ انهن جي ڪيمٽپائي انهن جي اندر ڏوهه ڪندڙ ڌاڙيلن ۽ قاتلن واري گندي ذهنيت اڀاري ڇڏيندا آهن. ان مرحلي تي اچي اهي حق جي دعوت ڏيندڙ ۽ عدل واري تحريڪ جي قائد جي جان وٺڻ جي پٺيان لڳي ويندا آهن. اهڙا شرارتي جيڪڏهن طاقت ۽ اختيار رکندڙ هجن ته اهي مخالف کي سياسي ڏاڍ جي شڪنجي ۾ جڪڙيندا آهن ۽ قانون جي تلوار کي حرڪت ۾ آڻي ۽ عدالتي ڊرامي جي اسٽيج سچائي خادمانِ انسانيت جي خون سان هٿ رنگيندا آهن. طاقت ۽ اختيار کان محروم هجن ته پوءِ قتل جون سازشون ۽ تدبيرون اختيار ڪندا آهن. ٺيڪ اها ئي واٽ مڪي جي جاهل سردارن اختيار ڪئي هئي ۽ هاڻي ان ئي ناپاڪ رستي تي مديني جا نالي چڙهيل الله وارا (يهودي) به هلڻ لڳا هئا.

هڪڙو دفعو (4 هجري) عمرو بن اميه ضمري عامر قبيلي جي ٻن ماڻهن کي قتل ڪري وڌو هو انهن جي ديت وصول ڪرڻ جي لاءِ ۽ ان کان علاوه معاهدي جي ذميوارين کي ياد ڪرائڻ لاءِ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم بنونضير وارن وٽ پهتا. اتان جي ماڻهن پاڻ سڳورن صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي هڪڙي قلعي جي پٽ جي پاڇي ۾ ويهاريو پوءِ اهي پاڻ ۾ اڪيلائي ۾ ويهي اهو منصوبو ناهڻ لڳا ته ڪوئي وڃي مٿان پٿر (جنڊ جو پُڙ) ڪيرائي ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي زندگي جو خاتمو ڪري ڇڏي، عامر بن جحاش بن ڪعب اها ذميواري پنهنجي مٿان ڪنئي. هوڏانهن وحي ذريعي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم تي انهن جو بڇڙو ارادو ظاهر ٿي ويو ۽ پاڻ سڳورا اتان اٿي هليا آيا.[1]

مشهور يهودي سردار ڪعب بن اشرف جنهن جو پيءُ طي قبيلي منجهان هيو ۽ جنهن جي ماءُ يهودين جي مالدار اڳواڻ ابورافع بن ابي حقيق جي ڌيءَ هئي، پنهنجي ان ٻٽي تعلق جي ڪري عربن ۽ يهودين ۾ هڪجيترو اثر رسوخ رکندو هو. هڪڙي پاسي اهو

---

1 سيرت ابن هشام ج 2 ص 192. رحمت للعالمين: از قاضي سليمان منصورپوري ج 1 ص 180. رسول اکرم کی سیاسی زندگی: از محمد حميدالله ص 332.

مالي طاقت رکندڙ هيو پئي طرف ان جي شاعري جي به ڏاڪ ويٺل هئي. ان جي سيني ۾ اسلام جي خلاف وڏو زهريلو لاوو ڀريل هو جنهن جي هڪڙي ٻي روايت (فتح الباري) تائيد ڪري ٿي. ان ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ڪعب دعوت ڪئي ۽ ڪجھ ماڻهن کي مقرر ڪري ڇڏيو ته جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم اچن ته ان کي قتل ڪري ڇڏيو. اهي روايتون پنهنجي مستقل حيثيت ۾ ڀلي گهڻيون زوردار نه هجن. مگر ڪعب جي بغض ۽ ان جي مجموعي سرگرمين جي روشني ۾ ڏٺو وڃي ته ايئن هجڻ گهڻي حد تائين گمان جي ويجهو آهي.

جنهن زماني ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم بنوقُريظه سان معاهدي جي تجديد ڪئي، ان ئي زماني ۾ بنونضير حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي پيغام موڪليو ته توهان پاڻ سان ٽن ماڻهن کي وٺي اچو ۽ اسان به پنهنجا ٽي عالم آڻينداسين. توهان پنهنجي ڳالهه ان مجلس ۾ بيان ڪيو. جيڪڏهن اسان جي عالمن توهان جي تصديق ڪئي ته اسان سڀئي توهان تي ايمان آڻينداسين. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم روانو ٿيا ته رستي ۾ پاڻ سڳورن کي اطلاع مليو ويو ته يهودي تلوارون کنيون ان ارادي سان توهان جي انتظار ۾ آهن ته توهان پهچو ته توهان کي قتل ڪري ڇڏين. پاڻ سڳورا واپس اچي ويا.

## خيبر جي فتح:

خيبر جي فتح واري موقعي تي هڪڙي يهودڻ عورت زينب بنت الحرث (زال سلام بن مشڪم) هڪڙي ٻڪري جو گوشت ڀُڃي تيار ڪيو ۽ ان ۾ زهر ملائي ڇڏيو. پوءِ اهو معلوم ڪيو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي گوشت جو ڪهڙو حصو وڌيڪ وڻندو آهي. پوءِ جڏهن ان کي معلوم ٿي ويو ته دست جو گوشت خاص طور تي پسند آهي ته ان باقي گوشت کان ان ۾ وڌيڪ مقدار ۾ گهڻو تيز قسم جو قاتل زهر ملائي ڇڏيو. پوءِ اهو گوشت حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي ساٿين لاءِ سوکڙي ڪري موڪليو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم گرانهه وات ۾ وڌو (شايد ڪجھ حصو ڳهي به ويا هجن) ۽ جلدي ئي ٿُڪي ڪڍي ڇڏيو. فرمايو ته "هن گوشت مون کي ٻڌايو آهي ته ان ۾ زهر مليل آهي." پوءِ پاڻ به ڪونه کاڌائون ۽ ساٿين کي به منع ڪيائون. بعد ۾ ان يهودڻ کي سڏرايو ويو ته ان اقرار ڪيو. حقيقت اها هئي ته ان جي پنيان گهڻن ئي يهودين جي سازش ڪم ڪري رهي هئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جڏهن عام مجلس ۾ ان کي گهرائي ڳالهه ڪئي ته ان به اعتراف ڪيو. پر ڳالهه اها ٺاهيائين ته اسان توهان کي پرکڻ گهريو ٿي ته توهان جيڪڏهن سچا نبي هوندا ته توهان تي حقيقت پڌري ٿي ويندي، نه ته اسان جي جان ڇٽي ويندي.[1]

---

1 سيرت النبي: علامه شبلي ج 1 ص 376، فتح الباري جي حوالي سان.

ڪاڏو ڪاٽڻ واري ان مجلس ۾ جيڪي اصحابي شريڪ هئا انهن ۾ حضرت براء رضہ بن معروف بہ شامل هيو. ان بہ گرانهہ کنيو. ڪوڙاڻ محسوس ڪرڻ جي باوجود حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ادب جي تقاضا ڪندي انهن جي سامهون ڪڍي ٿڪڻ پسند نہ ڪيو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ڳهي ان کي نڙي مان هيٺ لاهي ڇڏيو. ان ئي هڪڙي گرانهہ جي زهر سان اهو فوت ٿيو.[1]

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي جڏهن تبوڪ کان واپسي ٿي ۽ منافقن جون دليون ان مهم جي ڪاميابي ڪري پچري رهيون هيون، ڇو تہ انهن لڪل دشمنن جا ارمان ڪجهہ بيا هئا جو انهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قتل جي ناپاڪ سازش رٿي هئي. ان سازش ۾ ٻارهن ماڻهو شريڪ ٿيا. اهي عبدالله بن ابي، سعب بن ابي سرح، ابو فاطر اعرابي، عامر، ابو عامر راهب، جلاس بن سويد، مجمع بن جاريہ، مليح تيمي، حصن بن نمير، طعيمہ بن ابيرق، عبدالله بن عيينہ ۽ مره بن ربيع هيا. سازش جي گڏجاڻي ۾ جلاس چيو تہ:

"اج رات اسان محمد (ﷺ) کي لَڪَ (عقبہ) تان ڪيرائڻ بغير ڪونہ رهنداسين. چاهي محمد (ﷺ) ۽ ان جا ساٿي اسان کان گهڻا هجن، پر اسان ٻڪريون آهيون ۽ اهي اسان جا چارينديڙ ٿي ويا آهن. اسان ڇڙ ٻي عقل آهيون ۽ اهي وڏا سياڻا آهن."

ان ئي شخص سان اهو قول بہ منسوب آهي تہ:

"جيڪڏهن اهو شخص (محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) سچو آهي تہ پوءِ اسان تہ گڏهن کان بہ بدتر آهيون." (سيرت ابن هشام ج 2 ص 171)

عبدالله چيو هو تہ "اڄوڪي رات جاڳو تہ پوءِ هميشہ جي لاءِ سلامتي سان رهندا. توهان جو ان کان سواءِ ٻيو ڪم ڪونهي تہ اج ان شخص کي قتل ڪري ڇڏيو."

مُره چيو هو تہ "بس، جيڪڏهن اسان ان هڪڙي شخص کي قتل ڪري ڇڏيو تہ سيني کي اطمينان ٿي ويندو."

انهن مان حصن بن نمير جو هڪڙو ڪارنامو اهو هو تہ ان صدقي جي مال تي ڌاڙو هنيو هو.

انهن مان ابو عامر ظاهري طور راهب هو صوفي ۽ درويش بڻيو وتندو هيو پر مسجد ضرار واري فتني جو باني هيو. ان کان علاوه، غسان ۽ روم جي حڪمرانن سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف سازباز رکندو هو. ان جي تقوا واري لباس ۾ قِسم قِسم جون شرارتون رقص ڪنديون هيون.

---

1 زادالمعاد ج 2 ص 139. شمائل ترمذي: باب مَاجَاءَ فِي صِفَةِ آدمِ رَسُولِ الله ﷺ حديث 17. اصح السير. مولانا عبدالرئوف، داناپوري ص 246.

طي ٿيو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جڏهن لڪ (عقبه) وٽان گذرن ته ان کي هيٺ ڪيرائي ڇڏجي. ان ئي منصوبي جي مطابق اهي ٻارهن فسادي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم سان گڏ گڏ لڳا رهيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جڏهن عقبه جي ويجهو پهتا ته ارشاد فرمايو ته جيڪي ماڻهو وادي بطن جي ويڪري رستي کان وڃڻ گهرن اهي اتان وڃي سگهن ٿا. پاڻ سڳورن عقبه جو رستو ورتو اصحابن جو گهڻو تعداد وادي بطن ڏانهن هليو ويو پر سازشي گروهه خاص طور تي حضور صلي الله تعاليٰ وآله وسلم سان گڏ رهيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي نگاهه هوندي به دلين جي گهراين ۾ لهي ڳجهن جذبن کي پڙهڻ واري هئي ۽ وري پنهنجي سامهون پرپرزا ڪيڻ وارن منافقن جو نبض شناس پاڻ سڳورن کان وڌيڪ ڪير هيو. پوءِ الله تعاليٰ غيبي اشارو ڏئي پاڻ سڳورن کي انهي چال کان خبروار به ڪري ڇڏيو. پاڻ سڳورن ٻن ساٿين کي ساڻ ڪنيو هڪڙو حضرت حذيفه رضه بن يمان هو ٻيو حضرت عمار رضه بن ياسر رضه. حضرت عمار رضه کي حڪم ڏنائون ته اهو اڳيان اڳيان هلي ۽ اُٺ جي مهار جهلي ۽ حضرت حُذيفه رضه کي فرمايائون ته اهو پٺيان پٺيان اچي. جڏهن عقبه جي خاص جاءِ اچي وئي ته سازشي ٽولو پهچندو آيو. رات جي اونداهي به هئي ۽ انهن چهرن تي نقاب به وجهي رکيو هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم آهٽ ٻڌي ته ساٿين کي حڪم ڏنائون ته اهي انهن ماڻهن کي پوئتي موٽائي ڇڏين. حضرت حُذيفه رضه هڪدم انهن ڏانهن ويو ۽ انهن جو اُٺ ڏسڻ ۾ آيس ۽ ان پنهنجي ڪمان ان جي ٻوٿ تي هنئي. اهي جڏهن حضرت حُذيفه رضه کي سڃاڻي ويا ته سمجهي ويا ته رازفاش ٿي ويو ۽ پوئتي پهچي ماڻهن ۾ رل مل ٿي ويا.

حضرت حُذيفه رضه واپس آيو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم حڪم ڏنو ته هن جاءِ تان اُٺ کي تيز هڪلي ڪيڍي هلو. پوءِ حضرت حُذيفه رضه کان پڇيائون ته ڇا توهان ماڻهن کي سڃاتو. ان چيو ته فلاڻي فلاڻي جي سواري ته سڃاڻي ويس باقي ماڻهو ڪونه سڃاتو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پڇيو ته توهان انهن جو ارادو سمجهيو. ان انڪار ۾ جواب ڏنو. پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ان کي پاڻ آگاهه ڪيو ته انهن اسان کي عقبه تان هيٺ ڪيرائڻ گهريو ٿي.

صبح ٿيو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم غيبي اشاري مطابق نالي نالي سان انهن ٻارهن سازشين کي سڏرايو ۽ هرهڪ جي دلي جذبن ۽ سازشي گڏجاڻي ۾ ان جي چيل ڳالهين کي ان جي سامهون رکيو ۽ واري واري سان هر هڪ کان صفائي طلب ڪئي.

انهن جا جواب گهڻو دلچسپ سمجهيا ويا هوندا. مثال طور حِصَن بن نُمير چوڻ لڳو "مون کي يقين ڪونه هو ته توهان کي خبر پئجي ويندي، پر اڄ معلوم ٿيو ته واقعي توهان الله جا رسول آهيو هن کان اڳ مان سچو مسلمان ڪونه هيس. هاڻي صدق دل سان اسلام قبول ڪريان ٿو."

سيني اهڙيون مختلف ڳالهيون ناهيون، عذر ڪيا ۽ ڪن معافي گهري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سيني کي معاف ڪري ڇڏيو.[1]

ڪافي زوردار روايتون ان دعوا واريون آهن تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن ماڻهن جا نالا صرف حضرت حذيفہ رضہ کي رازداري سان ٻڌائي ڇڏيا هئا ۽ عام مسلمانن تي ظاهر ڪونہ ڪيا. ان ڪان علاوه، انهن نالن مان ڪجهہ جي باري ۾ جزوي اختلاف آهن. ان ڪان علاوه، انهن مان ٻن ٽن ماڻهن جي باري ۾ اهي بحث بہ ڪيا ويا آهن تہ گهٽ ۾ گهٽ بعد ۾ انهن جي اندر نفاق جي ڪا علامت ڪونہ ڏٺي وئي. پر اصل واقعو پنهنجي جاءِ تي تاريخي طور ثابت آهي ۽ قرآن شريف "هَمُّوْا بِمَا لَمْ يَنَالُوْا" (اهڙي ڳالهہ جو ارادو ڪيائون جو ان تائين پهچي ڪونہ سگهيا) چئي ان جو ذڪر ڪيو آهي.

ان محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اعليٰ ظرفي جهڙو ڪو مثال تاريخ مان ڳولي اچو جيڪو انسانذات جي خدمت جي لاءِ رت ۽ پگهر هڪ ڪري انقلاب برپا ڪري ٿو ۽ ڪجهہ شرارتي عين ڪشمڪش جي دور ۾ ان جي ڪارنامي جون پاڙون وڍڻ لاءِ ان جي قتل جو منصوبو ٺاهي عملي قدم بہ کڻن ٿا. انهن جو راز فاش بہ ٿي وڃي ٿو ۽ اهي قبول بہ ڪن ٿا، پر اها انسانيت جي معراج تي پهتل شخصيت ايڏي وڏي ڏوهہ تي بہ معافي ڏيڻ ۽ درگذر ڪرڻ کان ڪم وٺي ٿي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي درخواست بہ ڪئي وئي تہ "توهان انهن مان هر هڪ جي قبيلي واري کي حڪم ڏيو تہ اهو پنهنجي پنهنجي ماڻهوءَ جو ڪنڌ ڪپي ان جو سر توهان جي سامهون آڻي پيش ڪري" حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو: "مان اهو پسند ڪونہ ٿو ڪريان تہ عربن ۾ اهو هُل هلي وڃي تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) ڪجهہ ماڻهن کي ساڻ ڪري دشمنن جو مقابلو ڪيو ۽ پوءِ جڏهن غلبو حاصل ڪري ورتائين تہ خود پنهنجن ساٿين کي قتل ڪرڻ لڳو." (تفسير ابن ڪثير ج 2 ص 372)

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اها منشا هئي تہ ڏاڍ سان اسلامي تحريڪ جي اصل طاقت ۽ ان جو امتيازي شان برقرار رهي ڪونہ سگهندو. سو پنهنجي جان جي لاءِ خطرا بہ برداشت ڪيا ۽ نون نون فتنن ۽ شرارتن جو مقابلو ڪرڻ بہ گوارا ڪيو پر اهو پسند ڪونہ ڪيو تہ حالتن کي قابو ۾ رکڻ جي لاءِ ڏاڍ ۽ طاقت جي لٺ کان ڪم وٺن ۽ جتي ڪا خرابي ڏسن تہ ان کي اقتدار ۽ قانون جي زور تي بي تحاشا ڪچلي ڇڏين. انساني معاشري جو نظام هلائڻ لاءِ بي شمار حڪمتون ۽ مصلحتون پيش نظر هونديون آهن ۽ اصلاح جون گهڻيون ئي تدبيرون مختلف رُخن کان استعمال ڪرڻيون هونديون آهن. اسلامي انقلاب عام دنياوي انقلابن کان انهيءَ ڪري وڏيڪ ڪٺن آهي تہ ان جي نازڪ اخلاقي روح جو تحفظ وک وک تي ڪرڻو پوندو آهي تہ جيئن ان آئيني ۾ ڪٿي ڪنهن معمولي غلط فهمي ۽ ڪنهن مخالفاڻي پروپيگنڊا جو غبار نہ اچي وڃي.

---

1 اصح السير. مولانا عبدالرئوف داناپوري ص 375 کان 377.

انهن ئي واقعن مان اهو بہ آهي تہ يهودين پاڻ سڳورن تي جادو جو هڪڙو حملو بہ ڪيو هو. بهادر دشمن اهو هوندو آهي، جيڪو سامهون اچي مقابلو ڪري ۽ جيڪڏهن اهو جان جو دشمن هجي تہ للڪار (چئلينج) ڪري کلم کلا حملو ڪري. پر يهودين ۾ ايترو زور ۽ ڏي ڪونہ هو. تنهنڪري اهي سازش جي واٽ تي هليا. جيڪا ڏچڻن ۽ ڪميڻن ماڻهن جي واٽ هوندي آهي. پر ان کان اڳتي اهي ماڻهو ڪنهن تي جادو ٽوٽڪن، وظيفن ۽ جهاڙ ۽ ڦيٽا هڻڻ جي زور تي حملو ڪندا آهن جو بي همتي ۽ ڪميڻپائي جي لحاظ کان آخري ڏاڪي کان بہ تمام هيٺ ڪري پون. سو انهن ماڻهن بغض جي ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف اها ڪميڻي حرڪت بہ ڪري ڇڏي.

بنوزريق جو هڪڙو شخص لبيد بن اعصم يهودين جو ساٿاري هو ۽ منافقي شخصيت وارو ماڻهو هو ان جي هٿان جادو جو عمل ڪرايو ويو. هڪڙو يهودي ڇوڪرو پنهنجي سٺي فطرت جي ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڏانهن مائل هو ۽ پاڻ سڳورن جي خدمت ڪندو رهندو هو. ان کي مجبور ڪري ڪجهہ يهودين حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مٿي جا وار ۽ ڦڻي (ڪنگي) جا ڏندا حاصل ڪيا ۽ انهن تي جادو جو عمل ڪري ٻارنهن ڳنڍيين وارو ڳانو (ڌاڳو) ٺاهي ذروان نالي کوهہ ۾ رکيائون. حديثن ۾ اچي ٿو تہ ان جادو جي عمل ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙي عجيب ڪيفيت محسوس ڪندا هئا. ڪنهن ڪم جي باري ۾ خيال ڪندا هئا تہ اهو ڪري ڇڏيو آهي، حالانڪ ڪيل ڪونہ هوندو هو. جنسي لاڳاپي تي بہ ڪجهہ اثر هئا. القاء رباني سان پاڻ سڳورا ان جادوئي عمل کان آگاهہ ٿيا، اهو ڌاڳو ڪيڊرايو ويو ۽ پاڻ سڳورن جي طبيعت معمول تي اچي وئي. (تفسير ابن ڪثير ج 4 ص 574 ۽ ج 7 تفسير سورت الفلق)

ان واقعي جي متعلق هڪڙو مشهور بحث اهو هلي ٿو تہ نبي تي بہ جادو جو اثر ٿي سگهي ٿو يا نہ. هڪڙو نقطہ نظر اهو آهي تہ اثر بلڪل ڪونہ ٿيندو آهي، ان دليل کي وٺي حديثن کان انڪار ڪندڙ ماڻهن حديثن کي ناقابل اعتماد ثابت ڪرڻ ۾ بہ استعمال ڪيو آهي. حالانڪ هڪڙي نبي جو انساني جسم جنهن نموني ۾ بيمارين ۽ ڏکن ۽ زهرن کان متاثر ٿئي ٿو اهڙي طرح ان جون نفسياتي قوتون بہ هر طرح جي ظاهر ۽ لڪل محرڪات جو اثر وٺي ٿيون. ايئن حضرت موسيٰ عليہ السلام تي فرعون جي جادوگرن جي عمل کي ڏسي ذهني اثر ٿيو. نبي سڳوري انهن جي رسن کي نانگ سمجهي خوف محسوس ڪيو. (فَأَوْجَسَ فِي نَفْسِهِ خِيفَةً مُوسَىٰ ﴿٦٧﴾ طٰحہ آيت 67) نبيين سڳورن جي حوالي سان جادو جي جنهن اثر جو انڪار ڪيو ويو آهي، اهو اهڙو اثر آهي، جيڪو نبوت جي ڪم ڪار ۾ رڪاوٽ بڻجي سگهي ۽ ذهن ڪنهن ٻئي جي قبضي ۾ هليو وڃي ۽ قوت ارادي جي واڳ هٿن مان بلڪل نڪري وڃي. (تفهيم القرآن ج 2 حاشيہ نمبر 114 ص 64)

ان بحث جي نظرئي ڪان هٽي ڪري واقعي ڪي ميڃڻ ۾ ڪائي رڪاوٽ ڪونهي ته يهودين پنهنجي طرفان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم تي جادو جو عمل ڪرڻ لاءِ قدم کنيو هو انهن جو ڏوهه پنهنجي جاءِ تي ثابت آهي.

اسان جي سامهون جڏهن اهي واقعا اچن ٿا ته ان وقت اسان تي ان تشويش جو مطلب واضح ٿي وڃي ٿو جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي جان جي متعلق مدني دور ۾ اسلامي جماعت کي لاحق رهندو هو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي جيڪڏهن رات جي وقت گهر کان نڪرڻو پوندو هو ته ساٿين کي سخت پريشاني ٿيندي هئي. طلحه رضه بن براء انهن حالتن کي نظر ۾ رکندي سڪرات مهل وصيت ڪئي ته جيڪڏهن منهنجو ساهه رات جو نڪري وڃي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي اطلاع نه ڪيو وڃي، ڇو ته يهودين جي طرف کان خطرو آهي. خدانخواسته دشمنن جي هٿان ڪو نقصان نه پهچي. جيڪڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم اتفاق سان نظرن کان ٿورو به غائب ٿي ويندا هيا ته ساٿين ۾ گهبراهٽ پکڙجي ويندي هئي ۽ اهي ڳولڻ لاءِ نڪري پوندا هئا.

حضرت ابوهريره رضه جي اها مشهور ۽ زبردست حديث جنهن ۾ شهادت لا اله الا الله کي جنت ۾ داخل ٿيڻ جي ضمانت قرار ڏنو ويو آهي، پنهنجي اندر انهن حالتن جي هڪڙي جهلڪ رکي ٿي. حضرت ابو هريره رضه جو بيان آهي ته:

> "اسان رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي چوڌاري ويٺا هئاسين ۽ اسان جي ان مجلس ۾ حضرت ابوبڪر رضه ۽ حضرت عمر رضه به شريڪ هئا. الله جا رسول صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم اسان جي وچ مان اٿي ڪيڏانهن هليا ويا ۽ ڪافي دير لڳائي ڇڏي، اسان کي تشويش ٿي وئي ته اسان جو گڏ موجود نه هجڻ جي صورت ۾ پاڻ سڳورن کي ڪا تڪليف نه پهچي وڃي. اسان ان خيال کان گهبرائجي وياسين ۽ اٿي پياسين. جنهن تي سڀني کان پهريان گهبراهٽ طاري ٿي، اهو مان هيس. سو مان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ڳولا ۾ نڪري پيس." (مشڪوات ج اول ڪتاب الايمان فصل سوم)

ڳوليندي ڳوليندي حضرت ابو هريره رضه بنونجار جي هڪڙي انصاري جي باغ تائين وڃي پهتو. احاطي جي ديوار جي چوڌاري گهمي ڦري ڏٺائين ته ڪٿي ڪو دروازو آهي، پر احاطو گهڻو ڊگهو هو ۽ گهبراهٽ ۽ جلدي ۾ ان کي ويجهڙائي ۾ رستو ڪونه مليو. آخر ان ڏٺو ته پاڻي جي هڪڙي نالي احاطي جي ديوار جي هيٺان گذري ٿي. ڏوڙو ڪبڙو ٿي (ان جا پنهنجا لفظ آهن ته مان لومڙي وانگر ڏوڙو ٿي نڪتس) نالي جي رستي اندر پهتو. اتي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي ڏسي ان جي جان ۾ ساهه پئجي ويو. ان کان پوءِ گفتگو ٿي جنهن ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم مشهور بشارت ڏني.

هڪڙي خاص اصحابي جي ان بيان ڪي پڙهڻ سان اندازو ٿئي ٿو تہ يهودين ۽ منافقن جي نت نين قاتلاڻين سازشن جي ڪري مديني جي فضا ڪهڙي رهندي هئي ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زندگي ڪهڙن خطرن ۾ گهيريل رهندي هئي. مگر اتي الله تي ڀروسي وارو اهو حال هو تہ هڪڙو پيرو انهن ئي خدشن ۽ خطرن ڪي نظر ۾ رکندي اصحابن سڀورن حفاظتي پهري جو انتظام ڪيو. پر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان واعدي جي مطابق تہ وَاللّٰهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ (الله توکي ماڻهن کان محفوظ رکندو. المائده آيت 67) ان ئي وقت خيمي مان منهن ڪڍي فرمايو:

"ياٿرو! واپس هليا وڃو منهنجي حفاظت جو ذمو خود الله کنيو آهي."[1]

هي اهو ايمان هيو جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف قتل جو ارادو ڪرڻ تي گرفتار ٿي وڃڻ واري هڪڙي مجرم جي سامهون بہ ظاهر ٿيو. جڏهن پاڻ سڀورن فرمايو تہ:

"ان کي ڇڏي ڏيو! جو تہ اهو مون کي قتل ڪرڻ گهري ها. تہ بہ ڪري ڪونہ سگهي ها."[2]

ذرا انسانيت جي ان معمار جي مقام جو تصور ڪريو جنهن جي چوڌاري قتل جون سازشون رنگين گُلن وارين ولين وانگر پيدا ٿينديون رهنديون هيون ۽ فتنا تندوري جي تارن وانگر پکڙيل هئا. مديني ۾ مڪڙيون وينيون هيون ۽ ڏينهن رات اهي شجاعت جي جهنگل جي شينهن جو شڪار ڪرڻ لاءِ جالا اڻينديون رهنديون هيون.

هوڏانهن مڪي جو پڙڪندڙ باهہ وارو جبل بہ ڏينهون ڏينهن اپڙڪا ڏيندو پئي ويو ۽ ان جي سيني ۾ بہ دشمني ۽ ڪميٽپائي جو لاوو مسلسل زور پڪڙي رهيو هو. هجرت کان اڳ ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قتل جي جيڪا گهٽي وڏي اجتماعي سازش ڪئي وئي هئي، توڙي جو ان هاڻي باقاعده جنگي مهارت جي شڪل اختيار ڪري ورتي هئي پر انهن کليل مهمن جون ناڪاميون قتل جي ڳجهين سازشن کي بہ اڀاري رهيون هيون.

بدر واري لڙائي ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي آگرين تي ڳڻڻ واري جماعت مظلوماڻي صبر جي نالي سان حق جي تيز چمڪندڙ تلوار ڪڍي جڏهن پنهنجا هٿ ڏيکاريا هيا تہ جاهليت جي پٽن (فرزندانِ جاهليت) کي اهي زخم لڳا هئا، جو انهن جي ٽيسن انهن کي سالن تائين تپش هيٺ رکيو. ڪوئي گهراڻو ڪونہ هيو جنهن جا پهلوان ۽ سردار ۽ جوان ڪم نہ آيا هجن. ليڪن ڳٽپ ۾ ايندڙ ڪجهہ بي سروسامان انقلابي مسلمانن جي هٿان مار کائي هاڻي اف جي صدا ڪڍڻ بہ وڏيڪ خواري جو سبب هئي. انهيءَ ڪري قريشين پڙهو ڏياريو تہ ڪير بہ بدر ۾ قتل ٿيڻ وارن جو ماتم نہ ڪري ان لڙائي ۾ اسود جا ٽي پٽ مارجي ويا هئا ۽ ان جو هيانءُ وڍجي رهيو هو. پر وات مان

1 تفسير ابن ڪثير ج 2 ص 79

2 ساڳيو.

ٻڙڪ ٻـ ڪيدي ڪونـ ٿي سگهيو. هڪڙي ڏينهن ان کي روئڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. نوڪر کي چيائين تـ ڏسي اچ تـ ڇا روئڻ جي اجازت ملي وئي آهي. نوڪر پڇا ڪري ٻڌايس تـ هڪڙي عورت جو اُٺ گم ٿي ويو آهي ۽ اها ان جي لاءِ روئي رهي آهي. اسود جي جذبي کي ان اطلاع ڪندو هٽي ڪيڏيو ۽ ان بي اختيار ڪجهه شعر آلاپيا. جيڪي خاص ادبي قدر و قيمت رکن ٿا.

اَتَبْكِيْ اَنْ يَّضِلَّ لَهَا بَعِيْرٌ وَيَمْنَعُهَا مِنَ النَّوْمِ السُّهُوْدُ

فَلَاتَبْكِيْ عَلٰى بَكْرٍ وَ لٰكِنْ عَلٰى بَدْرٍ تَقَاصَرَتِ الْجُدُوْدُ

وَ بَكِّيْ اِنْ بَكَيْتِ عَلٰى عَقِيْلٍ وَبَكِّيْ حَارِثًا اَسَدَ الْاُسُوْدُ

"اها هڪڙي اُٺ جي گم ٿيڻ تي روئي ٿي. ۽ ان کي ننڊ نٿي اچي. اُٺ جي لاءِ نـ روءِ, روئڻو اٿئي تـ بدر جي سانحي تي روءِ, جتي نصيب ڪتي ويا. روئين ٿي تـ پوءِ عقيل جي لاءِ روءِ ۽ ان حارث جي لاءِ روءِ جيڪو شيرن ۾ هڪڙو شينهن هيو."

مڪي جي اهڙي ڏکويل ماحول ۾ عمير بن وهب ۽ صفوان بن اميـ گڏ ويٺا قتل ٿيل ماڻهن لاءِ روئي رهيا هئا. صفوان چيو "هاڻي جيئڻ جو مزو ڪونهي رهيو." عمير چوڻ لڳو. "جيڪڏهن مون تي قرض نـ هجي ها ۽ ٻار ٻچن جو خيال نـ هجي ها تـ مان سوار ٿي وڃان ها ۽ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي قتل ڪري اچان ها. منهنجو پٽ بـ اتي قيدي آهي." صفوان ان جي ٻارن ٻچن ۽ قرض جو ذمو ڪنيو ۽ عمير هڪدم گهر اچي تلوار زهر ۾ ٻوڙي، مديني روانو ٿي ويو. اتي پهتو تـ حضرت عمر رضہ ان جي لڪل جذبي کي ان جي نراڙ تان پڙهي ورتو. گڏجي مان جهليون حضور صلي اللہ تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون وٺي آيس. پاڻ سڳورن حضرت عمر رضہ کي فرمايو تـ ان کي ڇڏي ڏي پنهنجي ويجهو سڏيائون. پڇيائون تـ ڪهڙي ارادي سان آيو آهين. عمير چيو تـ پٽ کي ڇڏائڻ آيو آهيان.

پڇيائون تـ اها تلوار ڇو لٽڪائي رکي اٿئي. عمير چيو تـ آخر تلوارون بدر ۾ ڪهڙو ڪم ڏئي سگهيون؟

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هاڻي ان جي دل جو راز کولي ان جي سامهون رکيو تـ "تو ۽ صفوان ڪمري ۾ ويهي منهنجي قتل جي سازش ڪئي آهي. ليڪن الله تنهنجي ۽ تنهنجي ان ارادي جي وچ ۾ حائل آهي."

عمير اهو ٻڌو تـ هڪو ٻڪو ٿي ويو. چيائين. "خدا جو قسم! توهان سچا پيغمبر آهيو. مون کان ۽ صفوان کان علاوه ان معاملي جي ٻئي ڪنهن کي بـ خبر ڪونـ هئي."

عمير ملسمان ٿي مڪي پهتو— جرئت سان اسلام جي دعوت ڏنائين ۽ تمام گهڻن ماڻهن کي اسلامي انقلاب جي جهنڊي هيٺ گڏ ڪيائين. (سيرت ابن هشام ج 2 ص 306)

مڪي جي فتح جي موقعي تي فضالہ بن عمير جي سيني ۾ بـ انتقام جي چڻنگ اٿي. دل ئي دل ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيائين. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بيت الله جو طواف ڪري رهيا هئا تـ فضالہ ظاهر

ٿيو. ويجهو آيو تہ پاڻ سڳورن سڏ ڪيس. "فضالہ! تون آهين؟" ان جواب ڏنو "ها! يار رسول الله. فضالہ" فرمايائون "تو پنهنجي دل ۾ ڪهڙي ڳالهہ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو آهي؟" فضالہ گهبرائي جواب ڏنو "ڪجهہ بہ نہ. مان تہ الله جو ذڪر ڪري رهيو آهيان."

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اهو جواب ٻڌي کلي ڏنو ۽ نصيحت ڪئي تہ "الله کان معافي گهر." ۽ اهو چوندي پاڻ سڳورن پنهنجو هٿ فضالہ جي سيني تي رکي ڇڏيو ۽ ان جي دل سامت ۾ اچي وئي. فضالہ جو بيان آهي تہ "حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن پنهنجو هٿ منهنجي سيني تان کنيو تہ الله جي مخلوق ۾ منهنجي نزديڪ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ محبوب ڪونہ هيو." فضالہ ان دلي انقلاب مان گذري گهر هليو ويو. (سيرت ابن هشام ج 4 ص 37)

فاتح مڪ ـــ بلڪ فاتح عرب جي خلاف هڪڙو شخص قتل جو ارادو ڪري اچي ٿو ۽ ان جي بارگاهہ مان نئين زندگي وٺي روانو ٿئي ٿو. ڪاري زخم لڳائڻ اچي ٿو ۽ پنهنجن زخمن جي لاءِ ملم وٺي وڃي ٿو.

قريشي، يهودي ۽ منافق سڀئي پنهنجون چالون هلندا رهيا. مگر الله تعاليٰ پنهنجو واعدو پورو ڪري ڏيکاريو ۽ آخري گهڙي تائين پنهنجي ٻانهي ۽ پنهنجي رسول جي حفاظت ڪرڻ فرمائي.

انهن سازشن جو اصل مقصد رڳو هڪڙي فرد جو قتل ڪونہ هو بلڪ انهن اسلامي تحريڪ کي قتل ڪرڻ گهريو ٿي. انهن سچائي جي ان روشن صبح کي موت جي گهاٽ اڇلائڻ گهريو ٿي جنهن جي نور واري دامن جي هيٺان اونداهين جي لاءِ ڪائي جاءِ ڪونہ هئي. انهن ان نئين نظام جو ڳلو گُهٽڻ گهريو ٿي جنهن صدين جي زخم کاڌل مظلوم طبقن کي ٻيهريون دفعو زندگي، آزادي، مساوات ۽ عزت وآبرو سان مالا مال ڪيو هو.

## ڀيانڪ غداريون:

اسان مٿي مديني جي اسلام دشمن طاقتن جي جن شرارتن جو ذڪر ڪيو آهي، اهي اخلاقي ۽ قانوني لحاظ کان سنگين ڏوهن جي تعريف ۾ اچن ٿيون. جيڪڏهن انهن تي سخت ترين ڪارروائي ڪئي وڃي ها تہ دين ۽ سياست جي عدل واري بهترين اصول جي عين مطابق هجي ها. پر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گهڻو ڊگهو ۽ صبر وارو رويو اختيار ڪيو. جنهن تحريڪ جي سامهون اصل مقصد انسانذات جي اخلاقي اصلاح ۽ تعمير هجي، اها سمورو انحصار اقتدار جي تلوار ۽ قانون جي ڏنڊي تي نٿي ڪري سگهي. ماٺهو ڪيتري بہ ڪميٽائپ ڏيکارين، اها انساني فطرت کان مايوسي کي پنهنجو نقطہ آغاز ڪونهي بڻائيندي، بلڪ وڏيون اميدون رکي قدم وڌائيندي آهي. ان جي اصل قوت تعليم ۽ هدايت هوندي آهي، نہ ڪي سزا ۽ ڌمڪي. اقتدار ۽ قانون جي طاقت کان هڪڙي مناسب حد تائين ڪم وٺڻ کان سواءِ تہ ڪوئي رياستي نظام وجود

ئي قائم نٿو رکي سگهي. ليڪن انسانن جي ذهن ۽ ڪردار جي تبديلي جو ڪم تلوارن ۽ گوڙن کان ڪڏهن ڪونهي ٿيندو بلڪ عقلي دليل ۽ اخلاقي اپيل سان ٿيندو آهي. ان واٽ ۾ ڪاوڙ جي بجاءِ بردباري، ۽ انتقام جي بجاءِ صبر وڌيڪ ڪارگر هوندا آهن. انسانيت جي محسنِ اعظم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تاريخ جي فضائن کي حسن اخلاق سان روشن ڪرڻ گهريو. مخالفن جي زيادتين ۽ فتنن وارين سازشن تي دلير مڙس واري حد جو صبر ڏيکاريو. ايتري وڏي حد تائين معاف ڪرڻ ۽ ايترو گهڻو درگذر ڪرڻ جو مثال تاريخ ۾ ڪونہ ٿو ملي تہ ڪجهہ ماڻهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سالن جي ڪمائي کي فتنن جي جهڳن ۾ اڏائي ڇڏڻ تي گهريو. نظام ۽ قانون کي معطل ڪرڻ جو بندوبست ڪندا هئا. قتل جون سازشون ڪن ٿا. ذليل طريقن سان پريشان ڪن ٿا ۽ پوري دنيا ۾ پنهنجي نموني جي پهرين نوجوان رياست جو سربراهہ فساد ۽ شر جي ان طوفان جي گهيري مان وڏي وقار ۽ سڪون سان — بلڪ موجن ۽ خطرن کي کل مذاق سان ٽاريندو — ننڍڙي لوڏا لماڪائيندڙ ٻيڙي کي ڪيڏي پيو وڃي.

ليڪن مخالف طاقتن بہ ڏوهہ ۽ شرارت جي آخري حد تي پهچڻ کان سواءِ ساهي ڪونہ پٽي. انهن هڪڙو پيرو نہ وري وري وڏين غدارين جا ڪليل قدم کنيا ۽ انهيءَ ڳالهہ جو ڪو لحاظ ڪونہ رکيو تہ اهي هڪڙي دستوري معاهدي جو ڳنڍيو پنهنجي ڳچي ۾ وجهي جنهن رياست جا شهري ٿيا آهن. ان جي وفاداري انهن تي دين ۽ سياست جي تقاضا موجب واجب ٿي چڪي آهي. غداري جا کليل قدم اهڙا آهن جو جن جي سزا نہ اڄ کان اڳ ۽ نہ اڄ، موت ۽ جلاوطني کان گهٽ ڪونہ رکي وئي آهي. ليڪن اها شخصيت جيڪا معاشري (تمدن) جي تقدير بدلائڻ آئي هئي، ان ايترن وڏن ۽ پيانڪ ڏوهن جي مقابلي ۾ بہ حد درجي جي بردباري ڏيکاري ۽ آخري گهڙي تائين اها ڪوشش جاري رکي تہ دشمن طاقت جي شرافت واري حِس سجاڳ ٿي وڃي، ان جي سوچڻ جون طاقتون جاڳي پون. اها عقل واري ڳالهہ ڏانهن موٽي اچي ۽ هڪڙو پيرو بيو پيرو ٽيون پيرو سنڀلي وڃي. پر جيڪي ماڻهو ابتي رستي تي هلي پيا هئا، انهن جون اکيون نامرادي جي کڏ ۾ ڪرڻ کان اڳ کلي ڪونہ سگهيون. اِلَّا مَاشَاءَ اللّٰہُ

پيانڪ غدارين وارن قدمن جا ڪجهہ پڌرا مثال اسان هتي پيش ڪري رهيا آهيون. جن مان اندازو ٿي سگهندو تہ سچائي ۽ چڱائي جو نظام قائم ڪرڻ وارن کي ڪنڊن وارن ڪهڙن رستن تان گذرڻو پيو هو.

اها ڳالهہ چٽي آهي تہ بيعتِ عقبہ ثاني واري مجلس ۾ صدق و اخلاص جي جن پيڪرن رسولِ برحق صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هٿ ۾ هٿ ڏنو هو ان شعور سان ڏنو هيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مديني وڃڻ ۽ اتي اسلامي تحريڪ جو مرڪز ٺهڻ جو مطلب لڙائي آهي. اهو واقعو قريشن جي لاءِ گهٽ ئي سببن جي ڪري گهڻو وڏو چئلينج هوندو ۽ اهي سخت جذباتي اشتعال ۾ اچي تلوارون اپيون ڪري

ونندا. ان بنياد تي اها حقيقت بہ واضح آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي جان، پاڻ سڳورن طرفان قائم ڪيل جماعت جو وجود ۽ تحريڪ جي بئي مرڪز جو تحفظ تائيد ايزدي تحت مديني جي ڌرتي تي رهندڙن جي تعاون تي منحصر هيو. ان ئي مقصد پٽاندڙ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انصارن جي نمائندن ۽ پرجوش نوجوانن کان بيعت ورتي ۽ ان ئي مقصد جي لاءِ يهودي قبيلن سان هجرت جي پهرين سال ۾ معاهدا ڪيا. انصارن تہ مجموعي طور تي پنهنجي بيعت جو آخري پساهہ تائين حق ادا ڪيو مگر الله جي ڪتاب جي امانتدارن ۽ نبين سڳورن جي وارثن ۽ انهن جي عقيدتمندن پنهنجي ڪيل معاهدن کي وري وري پاڻ ئي پائمال ڪيو.

غداري جو سڀ کان پهريون ۽ مشهور واقعو اهو آهي تہ مڪي جي قريشين عبدالله بن ابي کي ڪارائتو ماڻهو سمجهي ان کي هڪڙو ڳجهو خط موڪليو ۽ ان جي ذريعي مديني جي ڪمزور ۽ فسادي ذُرين کي پنهنجي اثر ۾ وٺڻ لاءِ هڪڙو همهگير نياپو موڪليو. لکيو تہ:

"توهان اسان جي ماڻهوءَ (محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي پاڻ وٽ پناهہ ڏني آهي ۽ اسان خدا جو قسم کڻي چئون ٿا تہ يا تہ توهان ان کي ماري ڇڏيو يا مديني کان ڪڍي ٻاهر ڪيو. ورنہ اسان سڀئي گڏجي توهان جي خلاف چڙهائي ڪنداسين ۽ توهان کي قتل ڪنداسين، ۽ توهان جي عورتن کي پنهنجي لاءِ عشرت جو سامان بڻائينداسين." (سنن ابودائود باب خبر النضير)

عبدالله بن اُبي جيڪڏهن ايماندار ۽ شريف شهري هجي ها تہ اهو هڪدم ان خط کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تائين پهچائي ها ۽ ان جي دلي خواهش اها هجي ها تہ قريشين جي ڌمڪي جي مقابلي ۾ پوري مديني جي غيرت جي جذبن کي صف آرا ڪري ڇڏجي. ليڪن غداري تہ ان جي دل ۾ گهر ڪري ويٺل هئي، اهو اقتدار کان پنهنجي محرومي جو انتقام وٺڻ جي لاءِ ان تي ڄمي ويٺو تہ قريشين جي منشا پوري ڪري ڇڏجي. ان کي اندازو هو تہ اسلامي تحريڪ جي مقابلي لاءِ مديني جي رهاڪن ۾ شرپسند ماڻهن جو گهڻو وڏو تعداد موجود آهي. ليڪن اهو راز گهڻو جلد کلي ويو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي معلوم ٿي ويو. پاڻ سڳورا خود عبدالله بن ابي وٽ تشريف کڻي ويا ۽ ان کي سمجهايو تہ توهان جا پنهنجا پٽ، ڀائٽيا ۽ ڀاڻيجا پنهنجي پوري جواني ۽ طاقت سان دين حق جي علمبرداري ڪري رهيا آهن ۽ جيڪڏهن ڪا اهڙي تهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي تہ توهان ڏسندا تہ توهان جي ئي اولاد توهان جي مقابلي ۾ بہ بيٺي آهي. توهان کي پنهنجي ئي ٻارن سان وڙهڻو پوندو. عبدالله بن ابي جي سمجهہ ۾ اها ڳالهہ ويهي وئي ۽ اهو پنهنجي منصوبي تان هٽي ويو. واضح رهي تہ بدر واري لڙائي کان پوءِ قريشن وري اهڙو ئي هڪڙو خط عبدالله کي موڪليو هيو.

ان ئي فتني باز هڪڙي نهايت ئي نازڪ موقعي تي سخت غداري وارو اهو ڪم ڪيو تہ جڏهن بنونضير طرفان وري وري واعدي خلافي ڪرڻ ۽ تخريبي حرڪتن ڪري اسلامي رياست طرفان انهن کي ڏهن ڏينهن جي اندراندر مديني جي حدن مان نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ اهي ان جي لاءِ تياريون بہ ڪرڻ لڳا تہ عبدالله بن ابي انهن کي چورائي موڪليو تہ خبردار! ان حڪم جي تعميل نہ ڪجو ۽ پنهنجي وسندي کي نہ ڇڏجو. اسان ٻن هزار ماڻهن جي ڪمڪ وٺي اچي رهيا آهيون. وري اها اميد بہ انهن کي ڏياريائين تہ هڪڙي طرف بنوقريظہ وارا توهان جي مدد ڪندا ۽ ٻئي طرف بنوغطفان توهان جا ساٿاري آهن. تنهن ڪري بنونضير وارن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي چورائي موڪليو تہ اسان هتان ڪونہ ويندا سين. توهان جي دل جيڪو گهري پلي ڪريو. آخرڪار اسلامي حڪومت کي پنهنجو حڪم مڃرائڻ جي لاءِ فوجي ڪارروائي ڪرڻي پئي. (اصح السير: از مولانا عبدالرئوف داناپوري ص 117)

پوءِ ان ئي شخص اُحد واري لڙائي جي انتهائي نازڪ ۽ فيصلہ ڪن موقعي تي اهو گُل کلايو تہ جڏهن اسلامي فوج مديني مان نڪري شوط جي مقام تي پهتي تہ اهو ٽن سون منافقن کي وٺي مديني موٽي ويو. اها حرڪت اسلامي فوج کي پُٺي ۾ ڇُرو هڻڻ جي برابر هئي. اهو چئي رهيو هيو تہ جڏهن اسان جي راءِ تي عمل نٿو ڪيو وڃي ۽ اختيار ٻين جي هٿن ۾ آهن تہ اسان پنهنجا ڪنڌ ڇو ڪپرايون. دراصل عبدالله بن ابي جي راءِ اها هئي تہ مديني کان ٻاهر نڪرڻ نہ گهرجي.[1]

غداري واري سازباز جي لحاظ کان ٻي مشهور شخصيت ابوعامر جي هئي. اسان مسجد ضرار جي سلسلي ۾ ان جو تعارف ڪرائي چڪا آهيون. ان فتني باز بدر واري لڙائي کان پوءِ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي فتح کان سڙي پڇري مڪي جو سفر ڪيو ۽ ابوسفيان سان گڏجي قريشين جي سردارن کي انتقام جي لاءِ ڀڙڪايو. اُحد واري لڙائي جي باهہ ٻارڻ ۾ ان جو بہ حصو هيو. اهو پاڻ بہ قريشي لشڪر سان گڏجي جنگ جي ميدان ۾ ان غرور سان لٿو تہ منهنجي چوڻ تي اوس قبيلي وارا اسلام جو ساٿ ڇڏي قريشين طرف اچي ويندا. ان لڙائي جي ميدان ۾ اوس وارن کي پڪاريو. مگر ان کي اهڙو جواب مليو جو هوش نڪاڻي لڳي ويس. ٻيا تہ ڇڏيو پر خود ان جو پٽ حضرت حنظلہ رضہ نهايت خلوص ۽ جان نثاري سان سرورِ ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اشارن تي سر سان ڪفن ٻڌي بيٺو هيو. وري اُحد کان پوءِ اهو روم جي هرقل وٽ ويو ۽ اتان فوجون چڙهائي آيو. ٻئي پاسي منافقن کي ڳجهہ ڳوهہ ۾ پروسو ڏياريو ويو هو تہ توهان تيار رهجو مان ڪمڪ وٺي اچان ٿو. ان شخص جو هڪڙو ڪارنامو اهو بہ آهي تہ ان حنين جي ويجهو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي

---

1 اصح السير: از مولانا عبدالرئوف داناپوري ص 146. سيرت النبي: از شبلي نعماني ج 1 ص 342.

اذيت ڏيڻ لاءِ ڪڏا ڪوٺايا هئا. ايئن پاڻ سڳورا هڪڙي ڪڏي ۾ ڪري پيا ۽ ڪين ڪافي چوٽون لڳيون.[1]

غداري وارين سرگرمين جو ٽيون وڏو اڳواڻ ڪعب بن اشرف هو ۽ ان جو ذڪر به اسان مٿي ڪري چڪا آهيون. ان شخص هڪڙي طرف مديني ۾ وضيفا جاري ڪري ڪِرائي جا پنو تيار ڪري رکيا هئا ۽ ٻئي طرف اهو مڪي وارن کي مديني تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ پڙڪائيندو هيو. ان مقصد جي لاءِ ان پنهنجي اثر رسوخ، پنهنجي شعر واري فن ۽ پنهنجي دولت کي خوب استعمال ڪيو. ان جي تحريڪ تي ابوسفيان ۽ ٻين قريشين ڪعبي جي غلاف کي جهلي بدر واري لڙائي جو انتقام وٺڻ جو قسم کنيو.

ان سازشي ماحول اسلامي جماعت کي خاص حفاظتي انتظام اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم رات جو جاڳندا هئا ۽ پنهنجن ساٿين کي واري واري سان پهرو ڏيڻ تي مقرر ڪندا هيا. ان ئي دور جو واقعو آهي تہ هڪڙو ڀيرو پاڻ سڳورن مجلس عام ۾ فرمايو: "اڄ ڪو بهتر ماڻهو پهرو ڏئي." اهو اشارو ٻڌي سعد رضہ بن ابي وقاص هٿيار سنڀاليا ۽ سڄي رات پهرو ڏنو. حال اهو هو جو اصحابي سڳورا صبح تائين هٿيار ساڻ رکي سمهندا هئا ۽ گهڻو ڪري اهو ئي دور آهي، جنهن سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو هي ارشاد تعلق رکي ٿو تہ:

رِبَاطُ يَوْمٍ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ خَيْرٌ مِّنَ الدُّنْيَا وَ مَا فِيْهَا. (رياض الصالحين ڪتاب الجهاد)

"الله جي راهہ ۾ هڪڙو ڏينهن پهرو ڏيڻ پوري دنيا جي مقابلي ۾ بهتر آهي."

۽ اهو تہ:

رِبَاطُ يَوْمٍ وَّ لَيْلَةٍ خَيْرٌ مِنْ صِيَامِ شَهْرٍ وَ قِيَامِهٖ (رياض الصالحين ڪتاب الجهاد)

"(الله جي راهہ ۾) هڪڙي رات ڏينهن جو پهرو ڏيڻ مهيني جي (نفلي) روزن ۽ رات جو نماز لاءِ قيام ڪرڻ کان افضل آهي."

ان خدمت جي باري ۾ پاڻ سڳورن فرمايو تہ ان جو ثواب قيامت تائين وڌندو رهي ٿو ۽ اهو قبر جي عذاب کان ڇوٽڪاري جو ذريعو آهي. (رياض الصالحين ڪتاب الجهاد)

ان کان علاوه، انهن سازشن جي ڪري اوچتي حملي جي انديشي کان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي علائقي جي "آخري حدن" تائين (جن ۾ وقت بہ وقت توسيع ٿيندي وئي) رات جي گشت جو انتظام ڪيو هو تہ جيئن دشمن کي خبر هجي تہ اسلامي رياست ستل ڪونهي پر هوشيار ۽ خبردار آهي.

مديني جي "پنجين ٽنيي" جي لاءِ اسلامي تحريڪ جي پٺي ۾ ڇرو هڻڻ جو بهترين موقعو جهادي لڙاين جي دور ۾ پيدا ٿيو هيو. ايئن تہ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مديني ۾ ڏهن سالن جو جيڪو زمانو گذاريو ان جو گهڻو تڻو حصو اهڙو آهي جو نازڪ ۽ هنگامي صورتحال ("اسٽيٽ آف ايمرجنسي" - State of Emergency) ڇانئي

---

1 تفسير ابن ڪثير ج 2 ص 387

رهي، ليڪن حق ۽ باطل جو باهمي تڪرار جڏهن جڏهن به (ٿوري ٿوري وقفي سان وري وري ايئن ٿيندو رهيو) معروف معنيٰ ۾ جنگ جي صورت اختيار ڪندو هيو تہ يهودي ۽ منافق غداري وارين حرڪتن ۾ لڳي ويندا هيا. اسلامي رياست جي نگهبانن لاءِ ڪهڙي سنگين صورتحال ٿيندي هوندي، جڏهن هڪڙي طرف شديد معاشي مشڪلات ۽ ٻئي طرف لڙاين وارا مقابلا انهن کي پنهنجي گهيري ۾ وٺيون پيا هجن، ۽ ٽئين طرف پنهنجي اندر دوست نما دشمن پنهنجا ڏک هڻي رهيا هجن.

اُحد جو واقعو اسان اڳ ۾ بيان ڪري چڪا آهيون تہ اسلامي فوج جنگ جي ميدان ڏانهن وڃي رهي آهي ۽ رستي ۾ سازشين جو ليڊر عبدالله بن ابي ٽن سون ماڻهن کي الڳ ڪري واپس وٺي وڃي ٿو. جيڪڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي جان نثارن جي جاءِ تي ڪنهن دنياوي طاقت کي ان صورتحال کي منهن ڏيڻو پئجي وڃي ها جو ٽن هزار دشمنن جي مقابلي ۾ وڃڻ واري لشڪر جو تعدا ڪل هڪ هزار جي لڳ ڀڳ سپاهي هجن ۽ انهن مان بہ ٽي سوَ ماڻهو هڪدم الڳ ٿي وڃن، ۽ باقي ستَ سوَن ۾ بہ ڪجهہ ماڻهو شرارتون ڪرڻ لاءِ گڏ رهجي وڃن تہ شايد دليون ڏري وڃن ها ۽ همتون جواب ڏئي وڃن ها. ايئن ئي بنوسلمہ ۽ بنوحارثہ جا ماڻهو دل هاري موٽڻ جو سوچڻ لڳا هيا. ليڪن اصحابن سڳورن طرفان همت ٻڌرائڻ تي رڪجي ويا. مگر الله تي ايمان، روح صداقت جي برتري جو يقين، اخلاقي قوت جي ڪاميابي جو تصور ۽ غيبي امداد تي ڀروسو اسلام جي علمبردارن جو اصل سرمايو هيو. انهن جي قوتن ۾ ترجيتري بہ سُستي پيدا ڪونہ ٿي. اهي ساڳي عزم سان اُحد جي ميدان ڏانهن وڌندا ويا. پوءِ اُحد جي ميدان ۾ جڏهن سخت وقت آيو. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شهادت جي خبر پکڙجي وئي تہ منافقن ان تجويز جي لاءِ حامي پيدا ڪرڻ گهريا تہ عبدالله بن ابي کي منٿ ميڙ ڪري ان کي راضي ڪيو وڃي تہ اهو ابوسفيان کان امان وٺي ڏئي. وري ان موقعي تي مسلمانن کي الله تعاليٰ انهن جي ڪمزورين ڪري گرفت ڪرڻ لاءِ هڪڙي نموني جي جيڪا شڪست ڏني هئي، ان تي انهن ماڻهن اهو چوڻ شروع ڪيو تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جيڪڏهن نبي هجي ها تہ شڪست ڇو کائي ها. اهو تہ دنياوي حڪمرانن وارو معاملو ٿي ويو تہ ڪڏهن سوڀ حاصل ٿي وئي، ڪڏهن هار. ان پروپيگنڊا جي نتيجي ۾ ملسمانن جي اندر شڪ شبها پيدا بہ ٿي ويا. ڪجهہ ماڻهو ائين سوچڻ لڳا تہ اسان جڏهن الله جي راهہ ۾ وڙهڻ وياسين ۽ الله جي رسول جي اڳواڻي هيٺ هياسين تہ پوءِ آخر اسان کي هار ڇو ٿي؟ ان جو جواب ڏيندي قرآن شريف چيو تہ "هُوَ مِنْ عِنْدِ اَنْفُسِكُمْ" (آل عمران آيت 165) (اها مصيبت توهان جي پنهنجي ئي آندل آهي يعني توهان جي ڪجهہ ڪمزورين رنگ لاتو آهي.)

وري ان کان علاوہ، اهڙي ڪابہ لڙائي ڪونهي ٿي جنهن کان پهريان، جنهن جي دوران ۽ جنهن جي پڄاڻي تي انهن لڪل دشمنن غداري جا جوهر نہ ڏيکاريا هجن. جتي

ڪو عملي ڪارنامو ڏيکاري نہ سگهيا تہ اتي زبان جا تير هلائي اسلامي تحريڪ جون رڳون ڪپڻ ۾ مديني جي رياست جو جگر چِلڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي. ماڻهن کي سُست ڪرڻ، انهن کي ڊيڄارڻ، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ڏوڪو ڪرڻ جي پٺي پڙهائڻ، ٻڏي کان روڪڻ، اسلامي فوج تي ٺٺول ڪرڻ، نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قيادت تي غلط تبصرا ڪرڻ، مطلب تہ ڪنهن بہ رخ کان ڪا ڪسر ڪونہ ڇڏيائون.

البت، ان پنجين ٽنهي پنهنجا سڀ کان وڏيڪ جوهر جنگِ احزاب (غزوه خندق) جي موقعي تي ڏيکاريا. بدر جي ميدان واري پهرين مقابلي ۾ قريشين جي طاقت کي ڪاري ضرب لڳي چڪي هئي. ان جو انتقام وٺڻ جي لاءِ انهن وڏين تيارين سان فوجي چڙهائي ڪئي ۽ اُحد ۾ مقابلو ٿيو. ليڪن اهي پوري طرح راند کٽڻ کان سواءِ ئي موٽڻ تي مجبور ٿي ويا. 5 هجري ۾ اهي پنهنجِي ۽ پنهنجن سيني حامين ۽ مديني جي سازشين جون طاقتون گڏ ڪري ۽ مختلف قبيلن کي پڙڪائي وٺي آيا. مطلب تہ هر طرف کان لشڪرن (احزاب) اچي مسلمانن کي گهيرو ڪيو. اهو وڏو فيصلہ ڪن مقابلو هيو ۽ ان کان پوءِ قريشن ۽ اسلام جي ٻين دشمنن جو زور ٽٽي ويو ۽ مسلمانن دفاع واري حڪمت عملي (پاليسي) کي ترڪ ڪري دشمنن کي سيڪت ڏيڻ جي لاءِ پيشقدمي جي حڪمت عملي (پاليسي) اختيار ڪئي. جنگِ احزاب جي پڄاڻي واري ڏينهن ئي حقيقت ۾ مڪي جي فتح جو دروازو کلي ويو هيو.

ان فيصلہ ڪن مقابلي جي پس منظر ۾ جن ڏرين سازشي سرگرمي ڏيکاري انهن ۾ سر فهرست بنونضير جي يهودين کي رکي سگهجي ٿو. انهن مان جيڪي ماڻهو خيبر ۾ وڃي آباد ٿيا، انهن حالتن جي لاهہ چاڙهہ تي مسلسل نگاهہ رکي. جڏهن انهن کي اُحد واري لڙائي جو احوال معلوم ٿيو تہ مسلمانن کي گهٽي ڏکي صورتحال سامهون آئي آهي ۽ قريشي توڙي جو مڪمل سوڀ ماڻي ڪونہ سگهيا پر گهڻو زور ڏيکاري آيا آهن. تہ انهن متحرڪ ٿي تاريخ جي اٿل پٿل کي تيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. بنونضير مان سلام بن ابي الحُقَيق، سلام بن مشڪم، حي بن اخطب، ڪنانہ بن الربيع جهڙا نامي گرامي سردار نڪتا ۽ انهن بنو وائل مان هوذه بن قيس، ابو عماره ۽ ڪجهہ ٻين کي ساڻ ڪيو. مڪي وڃي انهن قريشين کي مديني تي چڙهائي ڪرڻ جي ترغيب ڏني ۽ پنهنجي حمايت جي پيشڪش ڪئي. پوءِ اهي بنوغطفان وارن وٽ پهتا ۽ انهن کي تيار ڪيائون. پوءِ وري ٻين مختلف قبيلن ۾ گهميا ڦريا. قريشين بہ قبيلن ۾ پنهنجي پوري اثر کي استعمال ڪيو. ايئن ڏهہ هزار سپاهين تي مشتمل لشڪر مديني جو گهيراءُ ڪيو.[1]

---

1 اصح السير: از مولانا عبدالرئوف داناپوري ص 186 کان 193. سيرت ابن هشام ج 3 ص 229 ۽ 230

جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ حي بن اخطب چالاڪي سان ڪعب بن اسعد سان سازباز ڪري بنوقريظہ جو معاهدو ٽوڙايو[1] جيڪو انهن نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ڪيو هيو. اها خبر هڏي مسلمانن کي سخت پريشاني لاحق ٿي وئي ۽ بنوقريظہ جي طرف کان حملي جو خطرو پيدا ٿي ويو. عورتن ۽ ٻارن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪدم ٽي سو سپاهين جو دستو مقرر ڪيو. هوڏانهن منافقن ۽ ڊڄڻن ماڻهن بي اعتمادي ۽ بزدلي جون ڳالهيون ڦهلائڻ شروع ڪري ڇڏيون ۽ ڪي تہ گهرن جي حفاظت جي بهاني سان مورچي تان موٽي وڃڻ لڳا. ايستائين جو طعنا هڻڻ لڳا تہ "هڪڙي طرف تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) اسان کي قيصر ۽ ڪسريٰ جي سلطنت جون ڪنجيون حاصل ٿيڻ جي بشارت ڏيندا آهن ۽ ٻئي طرف حال اهو آهي تہ اسان مان ڪوئي شخص جهنگ جي خيال سان بہ اطمينان سان نٿو وڃي سگهي." (سيرت ابن هشام ج 3 ص 136)

هڪڙو پيرو ايئن بہ ٿيو تہ عين مقابلي جي وقت جڏهن عورتن جي رهائش گاهہ جي حفاظت جو معقول بندوبست ڪونہ هيو تہ هڪ يهودي شڪي حالت ۾ چڪر لڳائيندو نظر آيو. حضرت صفيہ رضہ بنت عبدالمطلب هڪڙي لٺ کنئي ۽ وڃي ان جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو. (سيرت ابن هشام ج 3 ص 246)

اسلامي تحريڪ جي نگهبانن کي سڀ کان وڏيڪ پريشان ڪندڙ حالتن کي ان ئي موقعي تي منهن ڏيڻو پيو مگر حق جي علمبردارن جي لاءِ الله تعاليٰ جي خاص تائيد موجود هئي. انهيءَ ڪري هڪڙي طرف کاهي (خندق) جي هڪڙي نئين دفاعي تدبير، ٻئي طرف قريشين ۽ بنوقُريظہ جي سازبازِ کي ٽوڙڻ ۾ نعيم رضہ بن مسعود جو حڪمت پريو ڪمال، ٽئين طرف حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ ٻاڻ سڳورن جا تربيت يافتہ اڳواڻ ۽ پوري جماعت جو مضبوط مجاهدانو ڪردار ۽ چوٿين طرف مشيت جي موڪليل انڌاري اهو نتيجو ڏيکاريو تہ دشمن هڪدم ميدان مان ايئن هليو ويو جيئن اڪ ڇنب ۾ ڪکر ڇڙوڇڙ ٿي ويندا آهن.

وري هڪڙو موقعو غزوہ تبوڪ وارو آهي، جڏهن مديني جي پنجين ٿنڀي پنهنجي فن جا ڪجهہ شاهڪار پيش ڪيا. روم جو هرقل حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو دعوت نامو ملڻ جي وقت کان ئي ڪاوڙ ۾ ڀريل هيو. وچ ۾ سازش جي ماهرن بہ روم جي دربار ۾ رسائي حاصل ڪري ان کي ڀڙڪائڻ جون ڪوششون ڪيون هيون. هوائي خبر آئي تہ هرقل چاليهہ هزار سپاهين تي مشتمل لشڪر مديني تي حملو ڪرڻ جي لاءِ روانو ڪري ڇڏيو آهي.

---

1 سيرت ابن هشام ج 3 ص 235 ۽ 236

حالتون ڪجهه عجيب هيون. ڏڪار جو زمانو هيو. وڻن ۾ ميوا تيار هيا. موسم سخت گرم هئي. فوج کي وڏي تعداد ۾ ڊگهي فاصلي تي روانو ڪرڻو هيو مگر مالي حالتون گهڻو ڪمزور هيون. سوارين، هٿيارن ۽ سامان، ڪاڌ خوراڪ جي شين جي حد کان وڌيڪ قلت هئي. انهيءَ ڪري ان کي ”جيش عسرت“ جو نالو به ڏنو ويو آهي. منافقن انهي حالت کي ڏسي ۽ اهو اندازو ڪري ته انهي لڙائي ۾ غنيمت واري مال هٿ اچڻ جو گهڻو گهٽ امڪان آهي، عدم تعاون جي پاليسي اختيار ڪئي ۽ ڪوڙا عذر ۽ بهانا ٺاهي ويهي رهيا. ان حوالي سان ان کي غزوه فاضحه (يعني منافقن جو پول کولڻ واري لڙائي) به چوندا آهن. غدارن جو ڪل جهڙپ نوعيت جو اندازو ان مان ٿي سگهندو ته الجد بن قيس حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم وٽ اچي چيو ته ماڻهن کي خبر آهي ته مون کي عورتن ڏانهن گهڻي وڌيڪ رغبت آهي ۽ مان ڊڄان ٿو ته بني الاصفر جي عورتن کي ڏسي بچڙائي ۾ مبتلا نه ٿي وڃان، تنهنڪري مون کي معاف ڪيو. اهي ماڻهو پاڻ ته پٺتي رهي پيا هيا، مٿان وري هر ڪنهن کي چوندا پئي ڦريا ته الله، الله ڪيو چريا ٿي ويا آهيو اهڙي ساڙيندڙ گرمي ۾ توهان جهاد ڪرڻ هليا آهيو. (وَقَالُوْا لَا تَنْفِرُوْا فِي الْحَرِّ) ماڻهن کي انهن چيو ته ان سخت گرمي ۾ نه نڪرو. (التوبه آيت 81) انهن سُويلَم جي گهر تي هڪڙو اڏو قائم ڪري ڇڏيو هيو. اتي ماڻهو گڏ ٿيندا هيا ته انهن کي لڙائي ۾ وڃڻ کان روڪيندا هيا. آخر ان اڏي جو ناپاڪ وجود ئي ختم ڪيو ويو.

هوڏانهن عبدالله بن اُبي جي فعال شخصيت ثنيته الوداع ۾ ذباب جي طرف شرارتي مقصدن جي لاءِ يهودين ۽ منافقن تي مشتمل الڳ لشڪر ترتيب ڏئي ورتو جيڪو وڏي تعداد ۾ هيو. پر اهو لشڪر حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم سان گڏ روانو ڪونه ٿي سگهيو.

وري لشڪر جي رواني ٿيڻ کان پوءِ انهن هڪڙو بيو فتنو اٿاري ڇڏيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم حضرت علي عليه السلام کي اهل بيت جي سارسنڀال (نظرداري) ڪرڻ لاءِ ذاتي نائب طور مديني ۾ ڇڏي ويا هيا. اهي ماڻهو چوڻ لڳا ته اڄ ڪلهه محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) جي طبيعت علي (عليه السلام) سان نٽي لڳي، انهيءَ ڪري ان کي گڏ ڪونه وٺي ويا. حضرت علي عليه السلام جي غيرت کي ان طعني ڀڙڪائي ڇڏيو. هٿيار ٻڌي نڪري پيو ۽ وڃي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم سان مليو ۽ منافقن جي شرارت جو قصو بيان ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ان کي سمجهائي راضي ڪري واپس موڪليو ته مديني ۾ انهن ماڻهن کان خدشو آهي.

تبوڪ پهچي گڏ وڃڻ وارن منافقن (ڪجهه نه ڪجهه تعداد فتني بازي لاءِ هميشه گڏ هلي پوندو هيو) حق جي سپاهين کي اهو چئي ٻيجارڻ شروع ڪيو ته توهان عربن

بنواصفر جي دلير ۽ جنگي ماهرن کي جهڙو سمجهي رکيو آهي، سياڻي توهان تي پنهنجي غلط فهمي جو راز کلي ويندو جڏهن توهان سڀ جا سڀ غلام بڻجي جڪڙيل هوندا. انهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي وئي ته چوڻ لڳا ته اسان ته مذاق ۾ ڪجهه ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين، ڪوئي سنجيدو معاملو ڪونه هيو.[1]

رومي لشڪر ته آيو ئي ڪونه هيو. ليڪن ان مهم سان هڪڙي طرف رومين کي اندازو ٿي ويو ته مدينو پوري طرح هوشيار آهي ۽ اسان جي مقابلي ۾ اچڻ جي طاقت رکي ٿو. ٻئي طرف ايله، جزباء ۽ دومة الجندل جا علائقا اثر هيٺ اچڻ ڪري ٻاهرين حملي جا امڪان گهٽجي ويا.

ان سفر ۾ ٻن موقعن تي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم چشمن مان بنا اجازت پاڻي پيئڻ کان فوج کي منع ڪري ڇڏي هئي. ليڪن ڪجهه منافقن حڪم جي انحرافي ڪري پنهنجي دلي روڳ کي ظاهر ڪري ڇڏيو.

ان ئي سفر ۾ عقبه جي مقام تي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي مارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي، جنهن جو احوال اسان اڳ ۾ بيان ڪري چڪا آهيون.

منافقن جي ايترين غدارين ۽ سازشن جي باوجود حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ان مهم ۾ ڪاميابي حاصل ڪري واپس ٿيا ۽ وڏي شان سان پاڻ سڳورا درگذر ڪرڻ کان ڪم وٺندا رهيا. ٽي مخلص ساٿي ڪعب رضه بن مالڪ، بلال رضه بن اميه ۽ مراره رضه بن ربيع جيڪي سُستي جي ڪري رهجي ويا هيا، انهن قصور جو اعتراف ڪيو ۽ انهن کي پنجاهه ڏينهن تائين حڪم الاهي جي انتظار ۾ معاشري کان الڳ رهڻو پيو. ان امتحان مان اهي ان خوبي سان گذريا جو انهن پنهنجو پاڻ کي سونهري ڪردار سان مالا مال ڪري ڇڏيو. انهن جي سچي توبهه قبول ٿي. پر منافق چوندا هيا ته عجيب بيوقوف ماڻهو آهن، اسان وانگر ڪو عذر ڪن ها، هرويرو پنهنجو پاڻ کي مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو اٿن، هاڻي ڀوڳين.

اندازو ڪيو ته اسلامي رياست ۽ اسلامي تحريڪ کي ڪهڙين ڪهڙين سنگين حالتن کي منهن ڏيڻو پيو ۽ انساني لڏي کي فلاح جو رستو ڏيکارڻ واري هستي کي موسيٰ عليه السلام جي پيروڪارن ۽ انهن طرفان پيدا ڪيل منافقن جي هٿان ڪهڙيون ڪهڙيون غداريون واريون ڪارروايون پيش آيون. مگر اسلامي رياست پڪيڙ ۾ وڌندي وئي. حق جي تحريڪ جون شعاعون فضا ۾ ڦهلجنديون ئي ويون ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جو پيغام گونجندو ئي رهيو. اخلاص وڌندو ويجهندو رهيو. مگر غدارين جا گهاٽا وڻ ميوا ته ڇا ڏين ها، انهن جو پاڙون ئي ڪوٽجي ويون.

---

1 اصح السير: مولانا عبدالرئوف داناپوري ص 361، 385.

## قريشن جون ذليل انتقامي حرڪتون:

مديني جي شروعاتي دور ۾ ـــ لڙائي ڇڙڻ کان اڳ ـــ اوس قبيلي جو ناليوارو سردار سعد رضہ بن معاذ عمرو ڪرڻ لاءِ مڪہ معظمہ ويو. اميہ بن خلف سان جيئن تہ ان جا پراڻا تعلقات هيا، انهيءَ ڪري ان وٽ ترسيو. اهو اميہ کي وٺي ڪعبي جو طواف ڪرڻ لڳو. اتفاق سان ابوجهل بہ اتي اچي نڪتو. ان رڙ ڪري اميہ کان پڇيو: "توسان گڏ ڪير آهي؟" اميہ ٻڌايو تہ سعد آهي. ابوجهل ڪاوڙ ۾ پرجي چيو تہ توهان انهن بدمذهب "(صابي)" ماڻهن کي پناهہ ڏيو ٿا. پوءِ سعد رضہ کي چيو تہ مان اهو برداشت نٿو ڪري سگهان تہ توهان ماٺهو ڪعبي ۾ پير رکو. جيڪڏهن تون اميہ جي حمايت ۾ نہ هجين ها تہ اڄ زنده بچي ڪونہ وڃي سگهين ها.[1]

ڏسو تہ سياسي انتقام جي جذبي قريشين جي هڪڙي اڳواڻ (ليڊر) کي ايستائين پهچايو جو اهو خدا جي گهر جا دروازا ان جي ٻانهي تي بند ڪري ٿو ۽ ان کي هڪڙي عبادت کان محروم ڪرڻ گهري ٿو. ڇڻ تہ ڪعبو بہ انهن ماڻهن جي هڪڙي جاگير هئي ۽ حرم جي نگراني کي انهن حقيقت ۾ پنهنجي سياسي طاقت جو ذريعو بڻائي رکيو هيو. ايئن تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي جن ساٿين کي هجرت لاءِ مجبور ڪيو ويو هيو انهن جي لاءِ تہ حرم پاڪ جا دروازا بند هيائي، مگر سعد رضہ بن معاذ کي ايئن صاف صاف لفظن ۾ روڪي ابوجهل پنهنجي غلط حالت (پوزيشن) کي بري طرح پڌرو ڪري ڇڏيو. هوڏانهن سعد رضہ بہ ڪو خودي کي مارينڊڙ درويش تہ هو ڪونہ ان جي اندر اسلام جي غيرت وارو روح ڪم ڪري رهيو هيو ۽ ان کي مديني جي سياسي طاقت جي معنيٰ جي خبر هئي. ان مختصر لفظن ۾ اهڙو جواب ڏنو جو ابوجهل ۽ قريشين جي سامهون هڪڙو وڏو خطرو ظاهر ٿي ويو. سعد رضہ چيو. "جيڪڏهن توهان اسان کي حج کان روڪيو تہ اسان توهان جو مديني وارو (واپاري) رستو روڪي ڇڏينداسين." ٻين لفظن ۾ اها قريشين جي معاشي شاهہ رڳ کي ڪپي ڇڏڻ جي ڌمڪي هئي. ان ڌمڪي پوري مڪي کي ڇرڪائي ڇڏيو. بعد ۾ مديني جي پاليسي سعد رضہ جي ان قول مطابق تشڪيل ۾ آئي ۽ قريشي بيوس ٿي آخري داءُ کيڏڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا.

ابوجهل جذباتي جوش ۾ چوڻ لاءِ تہ اها ڳالهہ چئي ويٺو پر ان اجائي ڌمڪي سان قريشين جي اثر کي سخت ڌڪ لڳو. قرآن شريف انهن جي حرم جي انهي ٺيڪيداري کي، جنهن جي سگهہ تي اهي الله جي ٻانهن کي الله جي گهر ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي رهيا هيا، ڀرپور تنقيد جو نشانو بڻايو. مختلف موقعن تي هي آيتون نازل ٿيون:

---

1 سيرت النبي: از مولانا شبلي ج 1 ص 284، مسلم ۽ بخاري جي حوالي سان.

"۽ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪير ظالم هوندو جيڪو الله جي عبادت گهر ۾ ان جي نالي جي ياد کان روڪي ۽ (انھن طريقي سان) ان جي ويراني پٺيان هجي." (﴿ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ وَسَعٰى فِيْ خَرَابِهَا. البقره آيت 114)

"...ماڻھو پڇن ٿا تہ حرام مهيني ۾ وڙهڻ ڪيئن آهي؟ چئو تہ ان ۾ لڙائي ڪرڻ گهڻو خراب آهي. مگر ماڻهن کي الله جي رستي کان روڪڻ ۽ الله سان ڪفر ڪرڻ ۽ مسجد حرام جو رستو خدا پرستن تي بند ڪرڻ ۽ حرم جي رهڻ وارن کي اتان ڪيڻ الله وٽ ان کان بہ وڌيڪ خراب آهي." (﴿ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الشَّهْرِ الْحَرَامِ قِتَالٍ فِيْهِ ؕ قُلْ قِتَالٌ فِيْهِ كَبِيْرٌ ؕ وَصَدٌّ عَنْ سَبِيْلِ اللهِ وَ كُفْرٌۢ بِهٖ وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَاِخْرَاجُ اَهْلِهٖ مِنْهُ اَكْبَرُ عِنْدَ اللهِ ۚ البقره آيت 217)

"ليڪن هاڻي ڇونہ اهو (يعني الله تعاليٰ) انهن تي عذاب نازل ڪري جڏهن اهي مسجد حرام جو رستو روڪي رهيا آهن. حالانڪ اهي ان مسجد جا جائز متولي ڪونہ آهن." (﴿وَمَا لَهُمْ اَلَّا يُعَذِّبَهُمُ اللهُ وَهُمْ يَصُدُّوْنَ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَمَا كَانُوْٓا اَوْلِيَآءَهٗ. سورت الانفال آيت 34)

۽ قرآن شريف جي اها ڳالهہ سيني عربن ۾ آهستي آهستي پڪڙجندي وئي ۽ قريشين جي مذهبي ڌاڪ جو زور گهٽ ٿيندو ويو.

خود صلح حديبيہ (ذي القعد 6 هجري) جي موقعي تي قريشين ان ئي "صَدٌّ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ" جو ڪجهہ وڌي پيماني تي مظاهرو ڪيو. هڪڙي غيبي القاء موجب سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فقط عمري جي ارادي سان اهو سفر ڪيو. جنگ جو ڪو نغارو ڪونہ وڄايو ويو. رضاڪارانا طور ماڻهو عمري لاءِ نڪتا. قرباني جا جانور ساڻ ڪيائون ۽ جنگي ضرورت جي هٿياربندي ڪرڻ کان سواءِ صرف معمولي حفاظتي هٿيارن سان قافلو روانو ٿيو. ذوالحليفہ جي ماڳ تي مشهور مقرر ريت مطابق قرباني جي اُٺن تي نشان لڳايائون ۽ انهن جي ڳچين ۾ ڳانا ٻڌائون. ان سان ڏسڻ واري کي پهرين نظر ۾ اندازو ٿي سگهيو ٿي تہ اهي اُٺ حرم ۾ قرباني پيش ڪرڻ لاءِ وٺيون پيا وڃن. اهي جنگي سواريون ڪونہ آهن. رستي ۾ ئي مخبر ــ بشر بن سفيان الڪعبي ــ جي ذريعي اطلاع مليو تہ بنو ڪعب بن لوي جنگي تياري ڪري رهيا آهن ۽ ڪنهن بہ قيمت تي حرم ۾ وڃڻ ڪونہ ڏيندا. حديبيہ پهچي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پيغام موڪليو تہ اسان وڙهڻ ڪونہ آيا آهيون. عمرو ڪرڻ آيا آهيون. بديل بن ورقاء خزاعي مصالحت جي ڪوشش ڪئي. پوءِ عروه بن مسعود ڳالهين کي اڳتي وڌايو. ان کان پوءِ بنوڪنانہ جو هڪڙو شخص حُليس ڳالهيون ڪرڻ لاءِ وچ ۾ آيو. ان پنهنجي اکين سان جڏهن ڳانا پاتل اُٺن جو وڳر وادي ۾ چرندي ڦرندي ڏٺو تہ ان جون اکيون پرجي آيون ۽ ان پنهنجو اهو تاثر قريشين سان بيان ڪيو تہ انهن اهو چئي ان جي وڏي حوصلہ شڪني ڪئي تہ توهان واهڻي (بدوي) ماڻهو انهن معاملن کي ڇا ڄاڻو ــ حُليس کي ان تي گهڻو ڏک ٿيو. ان چيو:

"اي قريشيو! اسان جو ۽ توهان جو اهو معاهدو ڪونهي. نه وري اسان ان تي ساٿاري هجڻ جو تعلق قائم ڪيو آهي. ڇا الله جي گهر کان اهڙي ماڻهوءَ کي روڪيو ويندو جيڪو ان جو شان وڌائڻ جي لاءِ آيو آهي. قسم آهي ان ذات جو جنهن جي هٿ ۾ حُليس جي جان آهي، توهان محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) کي موقعو ڏيو ته اهو جيڪو ڪجهه ڪرڻ گهري ٿو ڪري، ورنه اسان پنهنجن سيني ٽولن کي واپس وٺي وڃون ٿا."

حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جو سڌو ۽ صاف موقف ان شخص جي دل ۾ گهر ڪري ويو هو ۽ ان جي سمجهه واري حِس ڪم ڪرڻ لڳي هئي، ۽ ان جو ضمير قريشين جي ڏانڌلي جي خلاف حرڪت ۾ اچي ويو هيو. آخر ان جي دل رکڻ لاءِ اها ڳالهه چئي ان کي ٿڌو ڪيو ويو ته اسان جو مقصد اهو آهي ته مناسب شرط ميڙايا وڃن. تون ڪجهه ماٺ رهه. پوءِ شرط اهڙا طي ڪيائون جو حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي ساٿين کي 6 هجري جي ان رٿيل عمري کان عملي طور روڪيائون ۽ ٻيو ڪجهه نه ٿي سگهيو ته پنهنجي هٺ ڌرمي پوري ڪرڻ جي لاءِ ان کي هڪڙي سال جي لاءِ ملتوي ڪرائي ڇڏيائون.[1]

قرآن شريف ان موقعي تي به ڪعبي جي ٺيڪيدارن جي ڪميٽي ڪردار کي اهو چئي ظاهر ڪري ڇڏيو:

"هي ماڻهو اهي آهن جن (دينِ حق کان) انڪار جي واٽ اختيار ڪئي ۽ توهان کي مسجد حرام کان روڪيو ۽ ان ۾ رڪاوٽ وڌي ته (جيئن) قرباني جا جانور پنهنجي حلال ٿيڻ جي جاءِ تائين پهچي نه سگهن." (﴿هُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ وَالْهَدْيَ مَعْكُوْفًا اَنْ يَّبْلُغَ مَحِلَّهٗ﴾. سورت الفتح آيت 25)

ديني ريتون ۽ رسمون (شعائر) جيڪي ابراهيم عليه السلام جي دور کان مجيل ۽ تسليم ٿيل حالت ۾ هلنديون پئي آيون — جي باري ۾ قريشين جي مؤقف کي انهن جي طرفان ان رنڊڪ وجهڻ واري عمل گهڻو ڪمزور ڪيو ۽ انهن پنهنجي بيوقوفي سان پنهنجي حق ۾ سموري عربستان ۾ هڪڙو مخالفاڻو هُل هلاچو پيدا ڪري ڇڏيو. عام ماڻهن تي اها ڳالهه کُلي وئي ته قريشي خدا ترسي، مذهب ۽ تقوا ۽ شرافت جي جوهر کان خالي ٿي سراسر هٺ ڌرمي (ضدم ضدا) تي لهي آيا آهن.

قريشين جي انتقامي جذبي جو ڪميڻپائي جي حد تائين پهچي وڃڻ شايد ان کان وڌيڪ ڪنهن ٻئي واقعي مان واضح نٿو ٿي سگهي ته انهن پنهنجون دليون ٿڌيون ڪرڻ جي لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي نياڻين کي انهن جي مڙسن کان طلاقون ڏياريون. اهي وڏا زهريلا ڏنگ هيا، جيڪي سدا محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي هيانءُ تي لڳايا ويا هيا.

---

1 تفسير ابن ڪثير ج 4 ص 194 کان 198. سيرت ابن هشام ج 3 ص 355 کان 364. اصح السير: مولانا عبدالرئوف داناپوري ص 210 کان 218.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ٻن نياڻين حضرت رُقيہ رضہ ۽ حضرت ام ڪلثوم رضہ جي ابولهب جي ٻن پٽن عَتبہ ۽ عُتيبہ سان شادي ٿيل هئي. ريت رسم مطابق انتهائي ويجهن مائٽن جي گهر ۾ انهن جو اهو رشتو پهريان کان قائم ٿيل هيو. ابولهب جي پڙڪيلي طبيعت ايتري وڏي مرتبي واري ڪڏهن رهي ئي ڪونہ هئي جو اهو اصولي تڪرار کي ذاتي ۽ نجي تعلقات کان الڳ رکي سگهي ها ۽ مائٽي جي حقن کي اختلاف جي ور نہ چاڙهي ها. اهو پنهنجي بغض ۾ هميشہ تکو ۽ پنهنجن ڪرتوتن جي لحاظ کان هميشہ پوئتي رهيو آهي. ان جي ذليل حرڪتن جي ڪري جڏهن سورت لهب نازل ٿي ۽ آسمانن مان صدا ڏني وئي تہ ابولهب جا ٻئي هٿ ڪپجي ويا. يعني اهو سمورين مخالفاڻين حرڪتن کان ڪم وٺڻ جي باوجود اسلامي تحريڪ جو وار بہ ونگو نٿو ڪري سگهي ۽ سچائي جي طاقت ان جي هٿن کي پيچندي اڳتي وڌي وڃڻ واري آهي تہ اهو طيش ۾ اچي ويو. ان پنهنجن پٽن تي دٻاءُ وڌو تہ هاڻي توهان جي لاءِ اها ڳالهہ قطعي طور حرام آهي تہ توهان محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي ڌيئن کي پنهنجن گهرن ۾ رکو ۽ انهن کي طلاق نہ ڏيو. حضرت رقيہ رضہ پنهنجي گهر ۾ خوش گذاري رهي هئي. عَتبہ پيءُ جي اشاري تي طلاق ڏئي ڇڏي ۽ بعد ۾ ان جي حضرت عثمان رضہ سان شادي ٿي.

ابولهب کي پڙڪائڻ ۽ ان جي پٽن کي ان حرڪت لاءِ آماده ڪرڻ ۾ قريشين جي ٻين سردارن بہ گهٽو ڪم ڪيو. انهن پاڻ ۾ ان ڳالهہ تي غور ڪيو تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي پريشان ڪرڻ جو سلسلو ڪجهہ رڪجي ويو آهي. سو ڪو نئون چاقو تيز ڪيو وڃي، جنهن سان ڪجهہ وڌيڪ چير ڏئي سگهجن. چونہ ان جي ڌيئن کي انهن جي مڙسن کان طلاق ڏياري وڃي تہ جيئن ان شخص جي لاءِ هڪڙي نئين مصيبت پيدا ٿي وڃي. ان مشوري مطابق انهن عُتيبہ کي بہ پيشڪش ڪئي تہ قريشين جي جنهن عورت کي چاهيندين اها توکي ملندي. بس شرط اهو آهي تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي ڌي کي پاڻ کان الڳ ڪري ڇڏ. سو ان ظالم بہ اهو قدم کڻي ورتو. عُتيبہ ڪجهہ زياده رڪائي ڏيکاري ۽ حضرت ام ڪلثوم رضہ کي طلاق ڏئي آڪڙ ۾ پرجي سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وٽ اچي پهتو. بي حيائي سان چوڻ لڳو "مون تنهنجي دين کان انڪار ڪيو ۽ تنهنجي ڌيءَ کي طلاق ڏئي ڇڏي. نہ مون کي تو سان محبت آهي ۽ نہ مان توکي پسند ڪريان ٿو." نهايت گستاخي سان هٿ وڌايائين ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پهرياڻ کي ڇڪ ڏنائين. هڪڙي ويجهڙي نوجوان مائٽ جو پنهنجي ساڙيلي پيءُ جي هُشي تي هڪ طرف هڪڙي شريف نياڻي کي طلاق ڏئي ظلم ڪرڻ ۽ ٻئي طرف ايئن غنڊبن وانگر پيش اچڻ ايترو ڏکوئيندڙ واقعو هيو جو بي اختيار حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زبان مان هي بد دعا نڪتي تہ "اي الله! پنهنجن خونخوار جانورن مان ڪنهن جانور کي ان تي مسلط ڪر."

جناب ابوطالب کي معلوم ٿيو تہ عُتيبہ کي ٻڌائي ڇڏيائين تہ هاڻي توکي منهجي پاڻڻي جي ان بد دعا کان ڪائي تدبير بچائي ڪونہ سگهندي. ايئن شام ۾ هڪڙي جاءِ تي واپاري قافلي سان رات ترسيو ۽ رات جو هڪڙي شينهن پوري قافلي مان ڳولي ان جو ئي سر چيڀاڙيو. (المواهب اللدنيہ ج 1 ص 197)

حضرت رقيہ رضہ جي وفات کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي ان ٻي نياڻي حضرت ام ڪلثوم رضہ جو نڪاح بہ حضرت عثمان رضہ سان ڪيو. انهيءَ ڪري حضرت عثمان رضہ کي ذوالنورين سڏيو ويو.

فتني باز قريشين جيئن عُتيبہ بن ابولهب تي دٻاءُ وڌو هيو بلڪل اهڙي نموني انهن حضرت زينب رضہ جي مڙس حضرت ابوالعاص رضہ کي بہ زور بار ڪيو ۽ ان کي بہ اها ئي پيشڪش ڪئي تہ تون جيڪڏهن محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي ڌيءَ کي طلاق ڏين تہ جنهن بہ خوبصورت عورت لاءِ چوندين اها توکي پرڻائي ڏينداسين. ابوالعاص رضہ ۾ شرافت جو چمڪندڙ جوهر موجود هيو ان چيو تہ الله ڪريو ايئن هرگز نٿو ٿي سگهي تہ مان پنهنجي زال کي الڳ ڪري ڇڏيان. مون کي اهو پسند ڪونهي تہ زينب (رضہ) جي بدلي ۾ قريشين جي ڪا ٻي عورت منهنجي گهر ۾ اچي. بعد ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ابوالعاص جي ان ڪردار جي مضبوطي جي تعريف ڪندا هيا ۽ ان جي ان شريفاڻي رويي جو جواب پاڻ سڳورن ٻن موقعن تي وڏن احسانن ڪرڻ جي صورت ۾ ڏنو. هڪڙو ان وقت جڏهن اهو بدر جي لڙائي وارن قيدين سان گرفتار ٿي آيو هيو ۽ فديي ۾ حضرت زينب رضہ جو موڪليل هار واپس ڪرايو ۽ ٻئي دفعي جڏهن ان جو واپاري مال، غنيمت جي مال ۾ پهچي مسلمانن ۾ ورهائجي چڪو هيو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اشاري تي اهو صحيح سلامت ان کي موٽائي ڏنو ويو. (ابن هشام ج 2 ص 296)

بدر واري لڙائي کان پوءِ جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خاص طور تي احسان ڪري ابوالعاص رضہ کي آزادي ڏياري تہ ڳالهين ڳالهين ۾ ان کان واعدو ورتو تہ اهو حضرت زينب رضہ کي مديني اچڻ جي اجازت ڏيندو. اها ڳالهہ عام ماڻهن کان ڳجهي رهي. تنهن ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حضرت زينب رضہ جي روانگي لاءِ مقرر ٿيل وقت تي ٻن اصحابن حضرت زيد رضہ بن حارث ۽ هڪڙي انصاري کي موڪليو تہ توهان ياجج (هڪڙي جاءِ جو نالو آهي، جيڪا مڪي کان 8 ميلن جي پنڌ تي آهي) جي وچ ۾ ترسجو ۽ جڏهن زينب رضہ اچي وڃي تہ ان کي ساڻ وٺي اچجو. هوڏانهن ابوالعاص رضہ حضرت زينب رضہ کي تيار ڪيو ۽ ان سامان سڙو ٺيڪ ڪري ٻڌي ورتو. ان جو ڏير ڪِنَانہ بن ربيع صبح سوير ان کي اُٺ تي سوار ڪري ڪڍيو. قريشين کي خبر پئجي وئي تہ انهن خبيثن ايئن سوچيو تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي ڌي ايئن صحيح سلامت اسان جي وچ مان هلي وڃي تہ حيف آهي.

ڪجھ ماڻهو پيچو ڪرڻ لاءِ نڪتا ۽ ذي طوي جي جاءِ تي وڃي انهن کي پهتا. هبار بن اسود ڪجاوي کي تير هنيو. حضرت زينب رضہ ان وقت اميد سان هئي، تير لڳڻ ڪري اها سنگين حادثي جو شڪار ٿي وئي ۽ ٻار ضايع ٿي ويو. پوءِ جڏهن ان جي ڏير تيرڪمان سڌو ڪري انهن کي للڪاريو تہ مڪي جا اهي غنڊا پوئتي هٽي ويا.

ٿوري دير ۾ ابوسفيان بہ اچي پهتو. ان پري کان ئي حملو ڪندڙن کي رڙ ڪري چيو تہ منهنجي ڳالهہ ٻڌو. ان ڪِنَانہ بن ربيع کي ميار ڏني تہ آخر تو اهو ڇا ڪيو جو کلم کلا هن بيبي کي وٺي نڪتين. حالانڪ توکي دشمني جي ان ماحول جي خبر آهي، جيڪو محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي ڪري اسان جي سرمٿان چڙهيل آهي. ايئن ڏينهن ڏٺي جو اهڙو قدم کڻڻ ۾ مڪي وارا ذلت محسوس ڪن ٿا. مون کي پنهنجي جان جو قسم آهي تہ اسان کي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي نياڻي کي روڪڻ جي ڪا نيت ڪونهي. هن وقت ان کي واپس وٺي هل. ڪنهن وقت لڪ ڇپ ۾ وٺي وڃجان.

ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ مڪي وارا حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي اذيت ڏيڻ جي لاءِ خبيثپائي جي ڪهڙين آخري حدن کي ڇُهي رهيا هيا. انهن جي دلين ۾ ماڻهپي جو ڪو لحاظ ڪونہ رهيو هيو. انهن کي هڪڙي عورت تي هٿ کڻندي شرم محسوس ڪونہ ٿيو هيو. انهن جي دلين ۾ ظلم کي ظلم سمجھڻ جو مادو ئي ختم ٿي ويو هيو ۽ انهن جي نظر ۾ انسانيت جو ڪوئي قدر ۽ پاڻ جهڙن ماڻهن جا ڪي بہ حق باقي ڪونہ رهيا هيا.[1]

هاڻي هڪڙي ٻئي واقعي کي ڏسو جيڪو ننهن کان چوٽي تائين وحشي ذهنيت کي اسان جي سامهون بي نقاب ڪري ٿو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پرپاسي وارن علائقن ۾ تعليمي وفد موڪلڻ جو جيڪو سلسلو شروع ڪيو هيو ان موجب غزوه اُحد کان هڪدم پوءِ (صفر مهيني ۾) عصل وقاره (بنو هُذَيل) جي ماڻهن جي خواهش تي ـــ جنهن جي پٺيان سازش ڪم ڪري رهي هئي ـــ ڇهن ماڻهن جو هڪڙو وفد روانو ڪيو جن مان چئن کي رجيع (چشمہ راز) جي ماڳ تي شهيد ڪيو ويو ۽ حضرت خُبَيب رضہ ۽ حضرت زيد رضہ بن دثنہ کي قيدي بڻائي مڪي وٺي ويا[2] اتي بنوهذيل جا ٻہ ماڻهو قريشين وٽ قيدي هيا جن کي بدلي ۾ انهن ڇڏرايو. حجير بن اهاب تميمي حضرت خبيب رضہ کي عتبہ بن حارث بن عامر جي لاءِ ورتو تہ جيئن اهو حضرت خبيب رضہ کي قتل ڪري پنهنجي پيءُ حارث جو بدلو وٺي جنهن کي حضرت خبيب رضہ بدر جي ميدان ۾ موت جي حوالي ڪيو هيو. حضرت زيد رضہ بن دثنہ کي صفوان بن اميہ خريد ڪيو تہ جيئن ان کي پنهنجي پيءُ اميہ بن خلف جي بدلي ۾ قتل ڪري.

1 سيرت ابن هشام ج 2 ص 296 کان 299. اصح السير: مولانا عبدالرئوف داناپوري ص 139 ۽ 140.

2 رجيع واري واقعي جا ٻيا رخ تفصيل سان اسان بعد ۾ ٻئي باب ۾ ڏئي رهيا آهيون. اهڙي طرح وفدن موڪلڻ جو ذڪر ٻي جاءِ تي ايندو.

انهن پنهنجي شجاعت جا ڳڻ ڳائڻ وارن قريشين جنگ جي ميدان ۾ ٿورڙي تعداد ۽ بي سروسامان مسلمانن جي هٿان مارکائڻ کان پوءِ هاڻي ٻن بيوس قيدين جي جان وٺي پنهنجي ساڙ جي باهہ کي وسائڻ تي گهريو. اسلامي معاشري جي ٻن قيمتي هستين کي توڙي جو شهادت جو پيالو پياريو ويو ليڪن ان موقعي تي ٻنهي جي ڪردارن جو اهڙو واضح مقابلو ٿي ويو جو ان جا اثر وقت جي تاريخ جي رڳن ۾ پکڙجي ويا.

زيد رضہ بن دَثِنہ کي صفوان پنهنجي غلام نسطاس جي حوالي ڪيو تہ اهو حرم جي ٻاهر تنعيم ۾ وڃي ان جو ڪم پورو ڪري. ان دلچسپ ڊرامي مان مزو وٺڻ لاءِ موقعي تي قريشين جو هڪڙو مجمعو موجود هيو ۽ انهن ۾ ابوسفيان بہ ذاتي طور شريڪ هيو. ابوسفيان ويجهو وڃي زيد رضہ کان پڇيو تہ ڇا توکي اهو پسند آهي تہ توکي ڇڏيو وڃي ۽ تون پنهنجن ٻارن ٻچن سان کل خوشي زندگي گذارين ۽ تنهنجي جاءِ تي اسان محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جو خاتمو ڪري ڇڏيون. زيد رضہ جنهن جي سامهون موت رقص ڪري رهيو هيو ايمان جي ڪهڙين بلندين تان جواب ڏئي ٿو تہ:

”والله! اسان کي ايتري ڳالهہ جي عيوض بہ آزاد ٿي پنهنجي اهل و عيال ۾ وڃي رهڻ پسند ڪونهي تہ هن وقت محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جتي آهن، اتي بہ انهن کي هڪڙو ڪنڊو بہ چڀي.“

ابوسفيان اهو جواب ٻڌي دنگ رهجي ويو ۽ رڙ ڪري چيو تہ مون ڪنهن کي ڪنهن جو اهڙو محب ڪونہ ڏٺو آهي، جهڙو محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي ان جا ساٿي محبوب سمجهن ٿا. پوءِ ان صدق ۽ وفا جي پتلي کي تلوار جو لقمو بڻايو ويو. ڪنهن کي خبر تہ زيد رضہ جي ان ڪردار ڪيترين دلين ۾ جاءِ ٺاهي ورتي هوندي ۽ ڪيتريون ئي دليون قريشين جي ان ظالماڻي ۽ ڪميڻي ڪارروائي تي ماتم ڪري رهيون هونديون.[1]

حضرت خُبَيب رضہ گهڻي عرصي تائين قيد ۾ رهيا. قيد ۾ رهي ان پنهنجي ايمان ۽ اخلاق جي جيڪا جهلڪ مسلسل ڏيکاري ان جو هڪڙو واضح نتيجو تہ اهو ٿيو تہ حُجَير بن اهاب جي ٻانهي ماديہ بعد ۾ اسلامي تحريڪ ۾ جذب ٿي وئي ۽ ان جي ئي ذريعي حضرت خبيب رضہ جي قيد جو احوال سامهون آيو. ماديہ جو بيان آهي تہ جڏهن ان جي قتل جو مقرر وقت ويجهو ٿيو تہ ان صفائي جي لاءِ پاڪي گهرائي جيڪا موڪلي وئي. مگر بعد ۾ اهو ڏسي منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي تہ پاڪي ان جي هٿ ۾ آهي ۽ ننڍڙو ٻار خبيب رضہ جي جهولي ۾ ويٺو آهي. جنهن قيدي کي ان ظالماڻي طريقي سان زندگي کان محروم ڪيو ويندو هجي، ان جي قابو ۾ دشمن جو هڪڙو ٻار اچي وڃي ۽ ان جي هٿن ۾ هٿيار بہ هجي تہ جيڪي انديشا ٿي سگهن ٿا، ظاهر آهن. منهنجي پريشاني کي خبيب رضہ تاڙي ويو ۽ اطمينان ڏياريو تہ مان ڪنهن بہ حالت ۾ ان معصوم

1 سيرت ابن هشام ج 3 ص 164. اصح السير: از مولانا عبدالرئوف داناپوري ص 160.

جي جان ڪونہ وٺندس. ان هڪدم ٻار کي پاڻ کان الڳ ڪيو. ڪردار جي اها بلندي، ڇا هڪڙي مشعل وانگر مڪي جي ڪاري ۽ اونداهي فضا ۾ چمڪي نہ وٺي هوندي؟

پوءِ ان کي ڦاسيءَ تي ٽنگڻ جي لاءِ تنعيم ۾ وٺي ويا. اتي پهچي ان اجازت وٺي اطمينان سان آخري نفلي نماز پڙهي ۽ الفت جي شهادت گاهہ ۾ قدم رکڻ وارن لاءِ هڪڙي پياري سنت قائم ڪري ڇڏي، پوءِ جلدي فارغ ٿي چيو تہ توهان اهو نہ سمجهو تہ مان موت جي ڊپ کان نماز ۾ دير ڪري رهيو آهيان. هي مختصر دعا گهريائين:

"اي الله! اسان تنهنجي رسول جي پيغام کي پهچائي ڇڏيو. تون سڀاڻي صبح جو ان هستي کي ان کان آگاهہ ڪري ڇڏ. جيڪو ڪجهہ اسان سان ظلم ڪيو وڃي ٿو.
اي الله! انهن (دشمنن) جي تعداد کي گهٽ ڪر. انهن کي اختلافن ۾ وجهي هلاڪ ڪر ۽ اهڙن وحشين مان ڪنهن کي جيئرو نہ ڇڏ."

ان کي ڦاسيءَ تي لٽڪائي ڇڏيائون ۽ آخر ۾ ابو مغيره ڀالو هڻي ان جي زندگي جي ڏور ڪٽي ڇڏي، عين ان آخري گهڙي ۾ ان جي زبان تي ڪجهہ شعر آيا، جنهن مان مشهور ترين شعر هي آهي:

وَلَسْتُ اُبَالِیْ حِیْنَ اُقْتَلُ مُسْلِمًا
عَلٰی اَیِّ شِقٍّ کَانَ فِی اللّٰهِ مَضْجَعِیْ

مان جڏهن اسلام سان مالا مال ٿي قتل ٿي رهيو آهيان تہ پوءِ مون کي ان ڳالهہ جو ڪو فڪر ڪونهي تہ الله جي راهہ ۾ مون کي ڪهڙي پاسي تي ڪرڻ نصيب ٿي رهيو آهي.[1]

انهن ٻن حياتين کي وٺي قريشين پنهنجي غرور ۾ اهو سمجهيو هوندو تہ اسان اسلامي تحريڪ جي طاقت گهٽائي ڇڏي، پر انهن کي اندازو ڪونہ هيو تہ انهن مظلومن جي خون شهادت جا ڦڙا دلين جي زمين ۾ اهڙا ٻج ٻڃجي پيا هوندا جو اڳتي هلي انهن مان اسلام جا نوان فصل لهرائي اٿڻ وارا هيا.

انهن ٿي ذليل انتقامي حرڪتن سان گڏ اسان قريشين جي ان سياسي خيانت کي بہ پيش ڪيون ٿا جن جو مظاهرو انهن حديبيہ واري معاهدي کي ٽوڙي ڪيو. ان عظيم تاريخي معاهدي مطابق اهو طي ٿيو هيو تہ عرب قبيلن مان جنهن جي دل گهري اهي قريشين سان ٻڌي واري معاهدي جو تعلق قائم ڪري ۽ جنهن کي پسند هجي اهو اسلامي رياست سان ساٿاري وارو رشتو مضبوط ڪري، قبيلن کي پوري آزادي هوندي ۽ ڪنهن بہ طرف کان انهن تي سختي نہ ڪئي ويندي، ايئن اتي موقعي تي ئي بنو بڪر وارن قريشين سان ۽ بنوخزاعہ وارن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان معاهدو ڪري تعلق جوڙي ورتو.

---

1 سيرت ابن هشام ج 3 ص 165. اصح السير ص 61.

اسلامي دور کان اڳ انهن ٻنهي قبيلن جي وچ ۾ هڪڙي قتل جي سلسلي ۾ انتقام در انتقام جو منحوس چڪر هلي رهيو هيو ۽ انهن جي وچ ۾ قتل جا ڪيترائي واقعا ٿي چڪا هيا. بنوبڪر پنهنجي واري تي بدلو وٺڻ لاءِ سندرو ٻڌي رهيا هيا ته اسلامي تحريڪ تاريخ ۾ شديد اٿل پٿل پيدا ڪري جاهلي عرب جي سيني قبيلن جو توجهه پاڻ ڏانهن ڇڪائي ورتو ۽ اهي باهمي معاملن کي پاسي تي رکي ان نئين پيغام جي مخالفت ۾ صفون ٻڌي بيٺا. اسلامي تحريڪ جي دشمني انهن ۾ جيڪو سطحي اتحاد پيدا ڪيو هيو ان جو زور صلح حديبيه کان پوءِ ٽڌو ٿيڻ لڳو. هاڻي انهن ماڻهن کي پنهنجا پراڻا جهيڙا ياد آيا. بنوبڪر جي هڪڙي شاخ بنوويل وارا هيا. بنوويل جي هڪڙي شخص اسود بن رزن جي قتل ٿيل پٽن جو بدلو وٺڻ لاءِ بنوويل جي سردار نوفل بن معاويه قبيلي جي ماڻهن کي ساڻ ڪنيو ۽ ايام هدنه (مصالحت وارا ڏينهن) جي وقفي کي غنيمت سمجهي بنوخزاعه تي حملو ڪيو ۽ شرارت جي شروعات جي طور تي الوتير چشمي جي ڀرسان هڪڙي خزاعي جي خون سان هٿ رنگيا. باقي خزاعي ان اڻ ڏٺل عهد شڪني جي ڪري هڪا ٻڪا ٿي وئي پڳا ۽ انهن کي حملو ڪندڙن پيڇو ڪري قتل ڪيو.

قريشين حديبيه واري معاهدي جي ذميوارين کي پٺي ڏئي بنوبڪر وارن کي هٿيار به ڏنا ۽ رات جي اونداهي ۾ لڪي خزاعين سان وڙهيا. بنوخزاعه وارن ڀڄي وڃي حرم ۾ پناهه ورتي ۽ بنوبڪر جي سردار کي رڙيون ڪري چيو ته "اي نوفل! ڏس، هاڻي اسان حرم ۾ پناهه ورتي آهي. هاڻي مڙي وڃ ـــ خدا واسطي! خدا واسطي!!" مگر اهو فتح جي نشي ۾ وڪلي رهيو هيو. ان چيو "اڄ ڪو خدا ڪونهي. اي بنو بڪر! پنهنجو پورو پورو بدلو وٺو! ڇا حرم جي احترام ۾ پنهنجين عزتن جو انتقام وٺڻ وساري ڇڏيندا." تنهنڪري انهن ظالمن حرم ۾ رتوڇاڻ ڪئي ۽ ڪجهه خزاعي مشڪل سان جان بچائي بديل بن ورقاء ۽ ان جي غلام رافع جي گهر ۾ وڃي لڪا.

قريشين قبائلي مخالفتن جي جوش ڪري جذباتي هيجان ۾ اچي اها اهڙي وڏي بيوقوفي ڪئي جو ان جو عيوضو انهن کي هٿو هٿ ڏيڻو پيو. اهوئي واقعو مڪي جي فتح جو محرڪ بڻيو. قريشين اهو بلڪل ڪونه سوچيو ته اسلامي تحريڪ جي لمحي به لمحي اڳتي وڌندڙ طاقتور وهڪري جي مقابلي ۾ انهن جي طاقت اخلاقي ۽ سياسي، ٻنهي حوالن سان حد کان وڌيڪ ڪمزور ٿي چڪي آهي ۽ انهن کي سنڀالي سنڀالي قدم کڻڻ گهرجي. ان واقعي جي ڪري عربستان جي قبائلي معاشري ۾ قريشين جي بدعهدي جو خوب چرچو ٿيو هوندو ۽ انهن جي ساک گهٽو ڪري پئي هوندي، وري بنوبڪر جي انتهائي ظالماڻي روش ۽ بنوخزاعه جي حد درجي مظلومي سيني قبيلن جا ڪن ڪڙا ڪري ڇڏيا هوندا ته قريشين جي قيادت امن ۽ انصاف فراهم نٿي ڪري سگهي. وري ان واقعي ۾ خدا جي نالي جي تقدس ۽ حرم جي احترام کي صدين جي روايت جي خلاف جنهن بڇڙي نموني سان پائمال ڪيو ويو هيو ان عوام جي دلين ۾

جذباتي هلچل برپا ڪري ڇڏي هوندي، ان هنگامي سان قريشين پنهنجو وزن ظالم ڌُر جي پلڙي ۾ وجهي پنهنجو پاڻ کي ذليل ڪري ڇڏيو. ان کان علاوه، قريشين سوچيو ته اهو هوندو ته اسان اسلامي رياست جي هڪڙي ساٿاري ڌُر کي ڪچلي محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) جي خلاف پنهنجي ساڙ واري باهه کي ٿڌو ڪري رهيا آهيون، پر انهن اهو ڪونه سوچيو ته اسان جاهلي نظام جي پٺ پرائي ڪرڻ وارن بچيل سچيل ڪجهه قبيلن جو انتظام پنهنجن هٿن سان درهم برهم ڪري رهيا آهيون ۽ ڪجهه پاڙيسري قبيلن کي پاڻ ئي ڌِڪي مديني جي حوالي ڪري رهيا آهيون.

دراصل هر پراڻو نظام ۽ هر بيڪار قيادت ـــ جيڪي اعليٰ اصول ۽ مقصدن، اخلاقي معيارن ۽ معاشري جي تعميري نقشي کان محروم ٿي رڳو ان منفي مقصد کي اپنائي ڇڏين ته وقت جي افق تان ابرڻ واري هر اصلاحي ۽ تعميري قوت کي ڪچلڻو آهي ـــ ته ان جي تقدير اهائي ٿيندي آهي ته ان جو عقل ان کي بيوقوفين جي واٽ تي وٺي ويندو آهي. ان جو زور ان کي ڪمزوري جي کڏ ۾ ڪيرائيندو آهي. ان جو احساس برتري ان کي ذليل ڪندو آهي ۽ ان جي پيشقدمي ان جي پسپائي جو سبب ٿيندي آهي.

عمرو بن سالم خزاعي مديني روانو ٿي ويو ۽ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي خدمت ۾ وڃي بنوبڪر ۽ قريشين جي ظلمن جو مصيبت وارو داستان ٻڌايو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم مسجد ۾ اصحابن جي مجلس ۾ تشريف فرما هيا. عمرو بن سالم عربي روايت جي مطابق پنهنجي درد جو داستان دل ڏاريندڙ شعرن ۾ بيان ڪيو.

لَاهُمَّ[1] اِنِّیْ نَاشِدٌ مُحَمَّدًا ۔۔۔ حِلْفَ اَبِیْنَا وَاَبِیْهِ الْاَتْلَدَا

فَانْصُرْ هَدَاكَ اللهُ نَصْرًا اَعْتَدَا ۔۔۔ وَادْعُ عِبَادَ اللهِ يَأْتُوْا مَدَدَا

فِیْ فَیْلَقٍ كَالْبَحْرِ یَجْرِیْ مُزْبِدًا ۔۔۔ اِنَّ قُرَيْشًا اَخْلَفُوْكَ الْمَوْعِدَا

هُمْ بَيَّتُوْنَا بِالْوَتِيْرِ هُجَّدًا ۔۔۔ وَقَتَلُوْنَا رُكَّعًا وَّ سُجَّدَا

"اي الله! ـــ مان محمد ﷺ کي اهو واعدو ياد ڏياريندس، جيڪو اسان جي ۽ انهن جي قديم گهراڻن جي وچ ۾ ٿيو آهي. (اي پيغمبر) اسان جي مدد ڪيو ۽ الله جي ٻانهن کي دعوت ڏيو ته جيئن اهي مدد جي لاءِ توهان جي چوڌاري گڏ ٿي وڃن. هڪڙي اهڙي لشڪر جرار سان نڪرو جيڪو سمنڊ وانگر ڇوليون هڻندو جهڳ اڇاري رهيو هجي. ڇوته قريشين توهان جو معاهدو ٽوڙي ڇڏيو آهي. انهن اسان کي رات جي اونداهي ۾ وتير جي پرسان گهيري ورتو. ستل حالت ۾ اسان تي حملو ڪيو آهي ۽ وري اسان جي ماڻهن کي رڪوع ۽ سجدي ڪرڻ جي حالت ۾ گهايل ڪيو."

---

1 لاهُمَّ جي بجاءِ يارَبِّ جي به روايت ڪتبي وئي آهي. مثال طور ابن هشام وغيره

جواب مليو "نُصِرْتَ يَاعَمْرَوبْنِ سَالِم" اي عمرو بن سالم توهان جي مدد ڪئي ويندي.

هاڻي قريشين جون اکيون کليون ته اسان ڪهڙي تباهي آڻيندڙ حرڪت ڪري ورتي ۽ ابو سفيان ڀڄندو ڀڄندو مديني اچي پهتو ته عهد جي تجديد ڪرائي. پر اتان جي فضا جي حالت اها هئي ته ابوسفيان پنهنجي نياڻي جي گهر وڃي بستري تي ويهڻ لڳو ته نياڻي بسترو ويڙهي ڪٺي ورتو ۽ چيو ته "هي الله جي رسول (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) جو بسترو آهي ۽ تون هڪڙو ناپاڪ مشرڪ هجڻ ڪري ان تي ويهي نٿو سگهين."ــــ ابوسفيان نامراد موٽيو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اوچتو مڪي ڏنو ته هڪڙو عظيم لشڪر ان جي دروازي آڏو آواز ڏئي رهيو آهي.[1]

انهن واقعن مان اهو واضح آهي ته ان تاريخي ڪشمڪش ۾ جاهلي قيادت جي منفي طاقت ڪي ان جو هر قدم ان جي هر شرارت، ان جي هر انتقامي حرڪت ۽ ان جي رنڊڪ پيدا ڪرڻ واري هر ڪارروائي ان جو مؤقف ڪمزور ڪندي وئي ۽ ٻئي طرف مثبت، اصولي ۽ تعميري طاقت آهستي آهستي زور پڪڙيندي ۽ اڳتي وڌندي هلي وئي.

انهن حرڪتن جي مقابلي ۾ توهان محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي طرزِ عمل کي ڏسو ته ڏرين جي وچ ۾ جنگ واري حالت هلي رهي آهي ۽ يمامه جو رئيس اسلام قبول ڪري مستقل طور تي مڪي ڏانهن اناج جي رسد بند ڪري ڇڏي ٿو عين ان زماني ۾ مڪي جا ماڻهو ڏڪار کي منهن ڏئي رهيا هيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم مڪي جي غريب طبقن جو خيال ڪندي يمامه جي رئيس کي پاڻمرادو چئي رسد جاري ڪرائي ۽ پوءِ پنهنجي طرفان مڪي جي مسڪين ماڻهن لاءِ پنج سَوَ اشرفيون موڪليون. هڪڙي ان ئي احسان مڪي جي عوام جي دلين کي ڪهڙي نموني موهي وڌو هوندو. هڪڙي روايت ۾ ته اهو اچي ٿو ته مڪي وارن خود حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي لکيو ته توهان صله رحمي جو حڪم ڏيندا آهيو پر توهان اسان سان اهو رشتو ٽوڙي ڇڏيو. هن جملي جو به ذڪر آيو آهي قَتَلْتَ الْآبَآءَ بِالسَّيْفِ وَالْأَبْنَاءَ بِالْجُوعِ. "پيئرن کي تلوارن سان قتل ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي اولاد کي بکيو ماري رهيا آهيو."[2]

---

1 سيرت ابن هشام ج 4 ص 313. اصح السير: مولانا عبدالرئوف داناپوري ص 288. سيرت النبي: شبلي نعماني ج 1 ص 406

2 سيرت ابن هشام ج 4 ص 310. اصح السير: مولانا عبدالرئوف داناپوري ص 119. رسول اکرم کی سیاسی زندگی: ڊاڪٽر حميدالله ص 121.

باب پنجون

# مُحسنِ انسانيت

صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

## مخالفتن جي طوفان مان گذرندي

(3)

## تلوارن جي پاڇن ۾

اَنَا نَبِيُّ الرَّحْمَةِ
اَنَا نَبِيُّ الْمَلْحَمَةِ

مان رحمت جو پيغمبر آهيان
مان مقابلن جو پيغمبر آهيان

محسنِ انسانيت ﷺ

# تلوارن جي ڇانءَ هيٺ

حق جي دعوت جو قافلو وادي سينا کان هلي يا فاران جي دامن کان، ان جي راهه تلوارن جي ڇانءَ هيٺان ٿيندي گذري ٿي.

اسلام جي انقلابي تحريڪ دليل جي زور سان دلين جي دنيا فتح ڪري رهي هئي، اها قبائلي انتشار جي مقابلي ۾ هڪڙي ڀائيچاري واري نظام کي نشونما ڏئي رهي هئي، اها غيرمنظم انبوهن کي تنظيم جي رستي تي هلائي رهي هئي، اها لاقانونيت ۽ افراتفري جي جاءِ تي هڪڙي جمهوري آئيني رياست، ۽ قانون ۽ عدالت جا ادارا تشڪيل ڏئي رهي هئي. اها ستل عِلمي قوتن ۾ هلچل پيدا ڪري رهي هئي، جهالت جي اونداهين ۾ عِلم جون مشعلون روشن ڪندي پئي وئي، اها خداپرستي جي مئل ۽ گم ٿيل روح کي زنده ڪري رهي هئي. اها اخلاقي قدرن جي وسايل ڏيئن کي ٻاري رهي هئي. اها قديم جاهلي نظام کان بيزار ٿيل دنيا کي، ۽ معاشي ۽ معاشرتي لحاظ کان پيڙيل طبقن کي سماجي انصاف جي جنت جو رستو ڏيکاري رهي هئي: ۽ ان جي جهولي ۾ انسانيت جو هڪڙو اعليٰ ترين نمونو پلجي رهيو هيو.

مقابلي ۾ اها جاهليت هئي جنهن وٽ ڪو حرڪت پيدا ڪندڙ نظريو ڪونه هيو. جيڪا انتشار ۽ افراتفري جو تحفظ ڪري رهي هئي، جيڪا نفس پرستي وارو معاشرو هلائي رهي هئي. مذهب کي هڪڙي ڪِل جهڙي شي ٺاهي ڇڏيو هيو ۽ ان جي بنياد تي مقدس ڪاروبار هلي رهيا هيا. رهيل سهيل قديمي اخلاقي قدر به ان جي هٿان تباهه ٿي رهيا هيا. مطلب ته اها آزادي، امن، انصاف ۽ ترقي جي راهه ۾ رنڊڪ بڻجي رهي هئي. پنهنجي ان ڪمزوري جي ڪري اها پنهنجي هٿنديءَ هٿنديءَ عاجز ٿيندي پئي وئي. ان جي دليلن جون بُجڪيون خالي ٿي چڪيون هيون، ان جي تشدد جا هٿيار مُڏا ٿيندا پئي ويا. ان جون سازشون ناڪام ٿي رهيون هيون، ان جو انسان ذليل کان ذليل تر ٿيندو پئي ويو.

جاهليت جي وڏن قائدن پنهنجي طرفان محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ۽ ٻاڻ سڳورن جي ساٿين کي مڪي مان ڪڍي وڏو ڪاري وار ڪيو هيو. ليڪن جلدي انهن کي اندازو ٿي ويو ته بيعت عقبه جي ذريعي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي انصارن جو تعاون حاصل ٿي وڃڻ جو مطلب اهو آهي ته هاڻي يثرب (مدينو) اسلامي تحريڪ جو مضبوط مرڪز بڻجي، اتي هڪڙو حڪومتي نظام قائم ٿئي ۽ پوءِ اسلامي معاشرو هڪڙي اهڙي طاقت بڻجي سامهون اچي جنهن جو رستو روڪڻ هرگز ممڪن نه رهي.

وري حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم مديني پهچي مديني جي يهودين ۽ ٻين قبيلن سان سياسي معاهدا ڪري ورتا ته قريشن جي لاءِ خطرو وڌيڪ چٽو ٿي ويو. ان کان پوءِ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم هڪدم دفاعي طاقت جي تنظيم جي

شروعات ڪئي ۽ مديني جي نقل وحرڪت ڪي جانچڻ لاءِ گشت جي مطلب سان مهمون موڪلڻ شروع ڪيون تہ قريشن جي سامهون گهٽائي نوان خوفناڪ امڪان اچي ويا. انهن جي شام ڏانهن ويڻ واري واپاري سڙڪ مديني جي ويجهو گذرندي هئي ۽ هاڻي سموري واپاري نظام جي تباهہ ٿيڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو. بلڪ سعد رضہ بن معاذ ڪي جڏهن حرم ۾ ابوجهل عمرو ڪرڻ کان روڪيو تہ ان صاف صاف دڙڪو ڏنو هيو تہ ائين ڪندا تہ توهان جي واپاري شاهہ رگ ڪاٽي ڇڏيندا سين. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ انهن جا ساٿي جيڪي پهريان بلڪل انهن جي چنبي ۾ جڪڙيل هيا. هاڻي انهن جي پڪڙ کان آزاد هيا. پهريان صرف دعوت ڏيندڙ (داعي) هيا. هاڻي اهي اقتدار ۾ بہ هيا. پهريان مظلوم هيا ۽ هر ظلم تي صبر ڪرڻ انهن جي عادت هئي. مگر هاڻي اهي ظلم جو توڙ ڪرڻ جي قابل ٿي ويا هيا. قريشي سچائي جي دعوت جي مخالفت جا مختلف مرحلا طي ڪندي هاڻي جنهن مقام تي اچي پهتا هيا. ان کان اڳيون قدم لازمي طور تي لڙائي جي مقابلي واري بازار جو گرم ٿيڻ ئي ٿي سگهيو ٿي. اسلامي تحريڪ جي نگهبانن ڪي بدترين ظلمن جو نشانو بڻائڻ ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قتل جا منصوبا ٺاهڻ کان پوءِ لازمي طور انهن جي اندر هڪڙي قاتلاڻي ۽ خونخوار ذهنيت پڪي ٿي چڪي هئي. ٻئي پاسي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم نئين دور (دورنو) جي تعمير جي لاءِ جيڪا ٿوري پونجي مديني ۾ گڏ ڪئي هئي ۽ جنهن جي سگهہ تي نئين رياست جو سنگ بنياد رکجي چڪو هيو ان جي تاراج ٿي وڃڻ جي معنيٰ سموري ڪئي ڪرائي ڪم جو خاتمو هيو. کهڙي ڳالهہ جو حق جو نظام پوري طرح ثمر ڏئي سگهي. ان جي واڌ ويجهہ ۽ حفاظت جي معاملي ۾ وقت جي رفتار جو لحاظ گهڻو ضروري هيو. جيڪڏهن هر خطري ڪي وقت تي محسوس نہ ڪيو وڃي ۽ وقت تي ان جي روڪٿام جون تدبيرون نہ ڪيون وڃن تہ ڪنهن بہ قيادت جي ان کان وڏي ڪوتاهي ٻي ڪا نٿي ٿي سگهي.

اهڙي طرح اهو بہ ضروري آهي تہ جيڪو قدم جنهن بهترين وقت تي ـــ بلڪ بهترين اول وقت تي ـــ کڻڻ گهرجي، نيڪ ان وقت تي کڻجي. ورنہ برق رفتار زمانو ڪڏهن بہ رڪجي ٻيهي ڪنهن جي راهہ ڪونہ ڏسندو آهي. هر دعوت ۽ تحريڪ ڪي رڳو پنهنجو پاڻ ڪي ڏسڻو ڪونهي هوندو بلڪ پنهنجو پاڻ ڪي مخالف طاقتن جي مقابلي ۾ رکي ڏسڻو پوندو آهي تہ ڪڏهن ڪير ڪيترو اڳتي ۽ ڪير ڪيترو پوئتي وڃي رهيو آهي. رسول ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي ذهين ساٿين ڪي چڱي طرح معلوم هيو تہ هجرت جي فصل کان اڳتي وارو باب لازمي طور جهاد جو باب آهي ۽ بقا جي راهہ قريشن جي تلوارن جي وچان ٿي نڪري رهي آهي. انهيءَ ڪري مهاجرن جي بحالي ۽ مديني جي قوت جو نئون توازن قائم ٿيندي ئي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙي رياست جي سربراهہ جي حيثيت سان دفاعي انتظامن ڏانهن پورو توجهہ ڏنو.

## جهاد جو اسلامي نظريو:

هتي اسان ان اصولي حقيقت کي مختصر طور بيان ڪرڻ ضروري سمجهون ٿا ته جهاد ڪنهن به رياست جو اهڙو ئي طبعي حصو آهي جهڙو ڏوهن جي روڪٿام جي لاءِ پوليس ۽ عدالت جو انتظام ان جو فطري عمل آهي. ليڪن هڪڙي نئين اڀرندڙ رياست، هڪڙو نئون تشڪيل يافته معاشرو ۽ پنهنجي زماني جي ابتدا ڪرڻ وارو هڪڙو نظام ته قطعي طور تي مجبور هوندو آهي ته اهو پنهنجي بقا ۽ واڌ ويجهه لاءِ جهاد جو هڪڙو سنگين دور گذاري. خاص طور تي جڏهن ڪا جديد اجتماعي هيئت ڪنهن انقلابي نظرئي تي اٿي هجي ته ان جي مقابلي ۾ لازمي طور قديم انقلاب دشمن طاقتون صفون ٻڌي اينديون آهن. اهڙين انقلاب دشمن طاقتن جي مقابلي ۾ رڳو دفاع ئي ڪافي ڪونهي هوندو. بلڪ انهن کي تهس نهس ڪرڻ کان سواءِ قطعي طور ممڪن ئي ڪونه هوندو آهي ته ڪوئي انقلاب پنهنجي موجود حدن ۽ معيار تي به قائم رهي سگهي. سو جهاد جو اسلامي نظريو ايستائين ڪونهي ته ڪير حملو ڪري ته لاچار ان جو مقابلو ڪيو وڃي، بلڪ اهو اها رهنمائي ڪري ٿو ته اسلامي انقلاب جي دعوت ڏيڻ وارا هڪڙي طرف پنهنجي رياست جي موجوده وجود جي هڪڙي هڪڙي ذري کي بچائي رکڻ جي لاءِ ضرورت جي وقت جان ۽ مال جون قربانيون ڏين، ٻئي طرف الله جي لکين ڪروڙين ٻانهن کي ظلم، جهالت، معاشي بدحالي ۽ اخلاقي ڏيوالپڻي مان ڪڍڻ ۽ انقلاب جي تڪميل ڪرڻ جي لاءِ انقلاب دشمن طاقتن جو مٿو ڪچلين. ان کان علاوه، ڪنهن انقلابي نظرئي تي قائم ٿيڻ واري رياست جي لاءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي.[1]

---

[1] هتي اسان هڪڙي شڪ جو ازالو ڪرڻ جي لاءِ اها ضروري وضاحت ڪرڻ گهرون ٿا ته اصلاح ۽ تعمير جو ڪوبه ڪم ڪهڙي به دائري ۾ ڪيو ان جي لاءِ ڪنهن نه ڪنهن نموني جي طاقت جو استعمال اڪثر ٿي ويندو آهي. جهڙي طرح ماءُ پيءُ پنهنجن ٻارن جي بهتري جي لاءِ ۽ حڪومتون باشندن جي بهتري جي لاءِ دليل، نصيحت ۽ تعليم و تربيت سان گڏوگڏ طاقت کان ڪم وٺنديون آهن، اهڙي طرح اصلاحي ۽ تعميري انقلابن جا علمبردار به ڪنهن نه ڪنهن حد تائين طاقت جي استعمال تي مجبور ٿي ويندا آهن. چوڻ لاءِ چئي سگهجي ٿو ته عربستان جي جاهلي دور ۾ قبائلي نظام جي جيڪا به شڪل موجود هئي ۽ عوام ان جي هيٺ جنهن حالت ۾ پيا هيا، ان کي تبديل ڪرڻ جو ڪنهن کي حق ئي ڪهڙو هيو؟ اصلاح ۽ تعمير جي لاءِ ڪوئي انقلاب اڀارڻ ۽ پوءِ ان جي تڪميل گهرڻ ۽ ان سلسلي ۾ طاقت کان ڪم وٺڻ کي اصل ۾ جائز ئي ڇو مڃيو وڃي. ان اعتراض کي جيڪڏهن ٿوري به وقعت ڏني وڃي ته پوءِ ڪنهن پيءُ يا ماءُ کي توهان آخر اهو حق ڪهڙي بنياد تي ڏيندا ته اهي پنهنجي اولاد جي ذهن ۾ ڪنهن خيال کي ويهارين، ڪو ادب انهن کي سيکارين ۽ ڪنهن اخلاقي شعور سان انهن کي زبردستي واقف ڪن. توهان ڪنهن حڪومت کي اهو حق ڪهڙي بنياد تي ڏيندا ته اها شهرين کي ڪجهه ڳالهين کان روڪي ۽ ڪجهه کي ڪرڻ جي لاءِ طاقت سان مجبور ڪري؟ اها جهالت، گندگي، بداخلاقي جي خلاف اصلاحي تدبيرون عمل ۾ آڻي ۽ انهن تدبيرن ۾ جيڪا به طاقت مزاحمت ڪري ان جي مزاحمت ختم ڪري؟ اصلاح ۽ تعمير جو ڪوبه ڪم ڪنهن به دائري ۾ تصور ڪرڻ ممڪن ڪونهي جنهن ۾ ڪا مزاحمت نه هجي ۽ ان مزاحمت کي ختم ڪرڻ جي لاءِ طاقت کان ڪم نه وٺڻو پوي. توهان جيڪڏهن مزاحمت ڪندڙ طاقتن کي کُلي موڪل ڏئي ڇڏيو ٿا ته مورڳو ڪنهن (جاري)

الله تعاليٰ توفيق ڏني تہ اسان اهو بحث تفصيل سان ڪتاب جي ان حصي ۾ ڪنداسين جنهن ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي جنگي ڪاررواين ڪي تفصيل سان بيان ڪرڻو آهي.

ان موضوع تي هڪڙو نهايت غلط بحث اهلِ مغرب جي طرف کان نهايت غلط ذهنيت سان اٿاريو ويو ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ کان اوپرو مسلمانن جو فرنگي اثر ورتل عنصر بہ پريشان خيالي ۾ مبتلا ٿي ويو. اعتراض ڪندڙن مديني جي جنگي ڪارروائين کي اها معنيٰ ڏني تہ جڻ هڪڙي مذهب کي زبردستي ماڻهن تي مڙهڻ لاءِ تلوار کي استعمال ڪيو ويو. حالانڪ معاملو رڳو هڪڙي مذهب جو نہ هيو. هڪڙي انقلابي تحريڪ جو هيو جنهن جان ۽ مال جي وڏين قربانين جي ٻل تي انسانيت جي تعميرنو جي ڪم جو آغاز ڪيو هيو ۽ مفاد پرست، انقلاب دشمن طاقتن ان جي تڪميل کان اڳ ئي ان کي ملياميٽ ڪرڻ گهريو ٿي. وري معاملو هڪڙي رياست جو هيو جنهن جو بنياد وجهڻ لاءِ ان جي معمارن تيرهن سالن تائين انتهائي ظلم سهڻ کان پوءِ گهربار سڀ لٽائي ڇڏيا هيا ۽ بلڪل بي وطن ۽ هٿين خالي ٿي انهن پنهنجو پاڻ کي هڪڙي ننڍڙي خطي ۾ وسايو هيو جتي اهي پنهنجي پسند جي زندگي جي نظام جي پاڇي ۾ زندگيون گذاري سگهن ۽ جتان اهي پوري دنيا کي سلامتي جو رستو ڏيکاري سگهن.

اهو نئون سونهري باب جيڪو تاريخ ۾ کوليو پئي ويو ان کي مديني جي يهودين ۽ منافقن هڪڙي طرف ۽ مڪي جي قريشين ۽ انهن جي حمايتي قبيلن ٻئي طرف ۽ بعد واري دور ۾ ڪجهہ وڏن وڏن ٻاهرين حڪمرانن ٽئين طرف تڪميل کان اڳ ئي غارت ڪري ڇڏڻ گهريو ٿي. ۽ مسلمان انقلابين کي ان جو موقعو ئي ڏيڻ نٿي گهريو تہ اهي ان جي ورقن تي زندگي جي نئين تقدير کي ڇِٽي سگهن. مذهب اسلامي تحريڪ جو اهم جزو (اهو بہ لفظ مذهب جي انهن بگاڙيل تصورن کان مختلف مفهوم سان) ضرور هيو ليڪن ان سان گڏ ٻيا بہ گهڻا اهم جزا ملي ڪري تحريڪ وجود حاصل ڪيو هيو. تنهن

---

(بقايا)اصلاح ۽ تعمير جو ڪم ممڪن ئي ڪونهي. اصلاح ۽ تعمير جي هر قدم جي حق ۾ خود انساني فطرت پنهنجي پوري طاقت سان موجود رهندي آهي. پوءِ جڏهن هڪڙي قوم يا ملڪ کي پستي کان ڪڍي فلاح جي راهہ تي هلائڻ لاءِ ڪوئي تعميري انقلاب ظاهر ٿيندو آهي تہ انساني فطرت ئي ان جي حق ۾ سڀ کان وڏو دليل ٿيندي آهي ۽ اهو ئي دليل راءِ عامہ کي ان جي حق ۾ هموار ڪندو آهي. رهي اها ڳالهہ تہ انساني فطرت جون خواهشون جيئن تہ ابهام جي ڌنڌلڪي ۾ هجڻ ڪري واضح ڪونہ هونديون آهن، انهيءَ ڪري اهو قطعي طور معيار ڪهڙو آهي جيڪو ٻڌائي تہ ڪوئي انقلاب تعميري ۽ اصلاحي آهي يا نہ. تہ ان جي جواب ۾ محمد ﷺ جو ڏنل نظريو (آئيڊيالاجي) خدائي هدايت کي اسان جي سامهون رکي ٿو. انسانن جي وٽندڙ دعوائن کي پرکڻ جي ڪسوٽي اها آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجن نبين سڳورن جي ذريعي تعمير ۽ فلاح جي رستي جي نشاندهي ڪهڙي طرف ڪئي آهي. عربن کي افراتفري جي حالت کان منظم سلطنت جي بلندي تي آڻڻ ۽ قبائلي ڌڙن کي گڏ ڪري هڪڙي سياسي وحدت ٺاهڻ، لکين ماڻهن کي علم ۽ اخلاق سان سينگارڻ ۽ انهن کي امن ۽ انصاف جو هڪڙو نئون دور عطا ڪرڻ، هڪڙو اهڙو مقدس ڪارنامو آهي جو ان جي لاءِ جيڪڏهن طاقت جو استعمال جائز ڪونهي تہ پوءِ شروع کان انساني تاريخ ۾ طاقت جي استعمال جو ڪوبہ مقام باقي نٿو رهي.

ڪري مديني جي رياست محدود دائري ۾ غيرمسلم ڌرين کي پوري طرح آزادي جي ضمانت فراهم ڪئي. انهن مذهب جي لاءِ نہ بلڪ تحريڪ، دين ۽ اسلامي رياست جي تقاضائن موجب تلوار هٿ ۾ کنئي. انهن جو اصل مسئلو پنهنجي ان مقدس سياسي هيئت جي بقاءِ۽نشونما جو هيو ۽ اهي خداپرستائي اخلاق جي بنيادن تي سياستڪاري جو هڪڙو نئون سونهري تجربو شروع ڪري چڪا هيا. جنهن کي قريشي، يهودي ۽ بدوي قبيلا هڪدم ناڪام بڻائي ڇڏڻ جي لاءِ بيچين هيا. ان صورتحال ۾ اهو فضول بحث پيدا ئي ڪٿي ٿو ٿئي تہ حضور صلي الله تعالىٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي ساٿين تبليغ جي لاءِ تلوار استعمال ڪئي يا نہ؟ اهو سوال ئي ڪيئن ٿو پيدا ٿئي تہ جنگي ڪارروايون دفاعي هيون يا نقصان پهچائڻ واريون؟ ــــ مگر غيرن ڏانهن ڏسندڙ اسان جي مسلمان مهربانن انهن فضول بحثن کي قبول ڪري ورتو ۽ انهن جي مڪروهہ ۽ بيهودي استدلالي جوش کي تسليم ڪري پنهنجي تاريخ جي دامن تان پنهنجي پر ۾ ڪجهہ شرمناڪ داغ ڌوئڻ جي لاءِ ڪاغذي گهاٽ کولي ڇڏيا ۽ پنهنجي مٿان سمورو اعتماد ختم ڪري مشرقي علمن جي يورپي ڄاڻوگرن (مستشرقين) جي نظرياتي دربار ۾ وڏي خوشامد سان معذرت خواهي تي لهي آيا. انهن اسلام جو نهايت غلط ۽ محدود تصور ذهنن ۾ ويهاري ڇڏيو ۽ وري جهاد جي نظرئي کي بلڪل بگاڙي ڇڏيو. انهن جي تهذيب جي مغربي اڳواڻن جو پنهنجو حال اهو آهي تہ انهن جي مذهبي اڪابرن محض نفسانيت جي لاءِ ۽ انهن جي تاجدارن فقط سلطنت جي توسيع جي لاءِ جيڪي پيانڪ جنگيون ماضي ۾ وڙهيون آهن، اهي انهن جي شعروادب جي دنيا ۾ اڄ تائين سرمايہ افتخار بڻيون پيون آهن. مختلف ملڪن کي غلام بڻائڻ جي لاءِ جيڪي ظالماڻيون ڪارروايون ڪيون ويون، انهن جا گيت هميشہ فخر ۽ پٽ پاراتا ڏيڻ واري انداز ۾ ڳايا ويا آهن ۽ خود محڪوم قومن جي ذهنن ۾ ويهاريا ويا آهن. انهن جي بحري ڌاڙيلن (قزاقن) جا ڏوهہ جيڪڏهن نوآبادياتي مهمن ۾ فائديمند رهيا آهن تہ انهن کي انهن هميشہ جي لاءِ پنهنجو هيرو بڻائي ڇڏيو آهي. ليڪن جيڪڏهن مديني جي اسلامي رياست چئني طرفن کان خطرن ۾ گهيريل نئين نظام جو تحفظ ۽ ڪجهہ قاتل ۽ شيطاني قوتن کي روڪڻ جي لاءِ، ان کان علاوه وحدت، انتظام، امن، سلامتي، عدل، آزادي ۽ جمهوريت جي نعمتن سان خود پنهنجي ئي ملڪ کي مالامال ڪرڻ جي لاءِ بلڪل بي لوث جدوجهد ڪري ٿي تہ ان جي خلاف چارج شيٽ مرتب ڪرڻ ۽ مقدمو ثابت ڪرڻ جي لاءِ مغرب جا بيشمار بهترين دماغ هڪ ٻئي پنيان پنهنجون ڪاوشون صرف ڪندا وتن ٿا. وقت اچي ويو آهي تہ هاڻي خود انهن دعويدارن ۽ انهن وڪيلن جي خلاف تاريخ جي عدالت ۾ علمي مقدمو هلايو وڃي ۽ انهن جي مڪروفريب جو پول کولڻ لاءِ ڏوهن جي فهرست وارو هڪڙو بيان مرتب ڪيو وڃي. اسان جي اها ديني ضرورت انتظار ڪري رهي آهي تہ تاريخ ۽ سيرت جا نوجوان شاگرد ان فرض جي ادائگي جي لاءِ اڳتي وڌن.

اسان جو جهادي نظريو قطعي طور ان محدود دفاعي تصور تي ٻڌل ڪونهي جيڪو عام طور تي ذهنن ۾ جمي ويٺل آهي. البت، اهو ان معنيٰ ۾ دفاعي آهي تہ:

ان جو مقصد قائم ٿيل اسلامي رياست ۽ اسلامي سماج جو تحفظ آهي.

ان جو مقصد ان نظرئي (فڪر - آئيڊيالاجي) جو تحفظ آهي جنهن جي بنياد تي حق جو نظام قائم ٿئي ٿو.

ان جو مقصد هر ان فعال تخريبي قوت کي روڪڻ آهي جيڪا اسلامي انقلاب جي ڪيل ڪم جي لاءِ خطري جو سبب هجي ۽ جيڪا ان جي تڪميل ۾ حائل ٿيڻ واري آهي. ان جو مقصد هر اهڙي ظالماڻي اقتدار جو صفايو ڪرڻ آهي ـــ چاهي اهو سياسي هجي، معاشي هجي، مذهبي هجي يا معاشرتي ـــ جيڪو تهذيب جي واڌ ويجهہ ۽ انسانذات جي ڀلائي جي رستي ۾ رڪاوٽ جو پٿر بڻجي.

## قرآن جو جنگي فلسفو:

هتي تفصيلي بحثن جو موقعو ڪونهي، تاهم قرآن شريف جي ٻن ٽن انتهائي ضروري آيتن کي نگاهہ ۾ رکڻ ضروري آهي. چيو ويو آهي تہ:

"انهن ماڻهن کي(تلوار کڻڻ جي) اجازت ڏجي ٿي، جن جي خلاف لڙائي ڇيڙي وڃي ٿي ـــ ڇوتہ انهن کي ظلم جو نشانو بڻايو ويو آهي ۽ (انهن مظلومن جا مخالف ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏين تہ) الله انهن جي مدد ڪرڻ جي لاءِ پوري پوري طاقت رکي ٿو. هي اهي ماڻهو آهن جيڪي ڪنهن جائز بنياد کان سواءِ محض انهي بنياد تي گهرن مان ڪڍيا ويا آهن جو انهن جي پڪار اها آهي تہ 'الله ئي اسان جو رب آهي' ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ (ائين لڙائي جو حڪم ( اِذن ڏئي) ڪجهہ ماڻهن کي، جيڪي بگاڙ جا علمبردر آهن) ڪجهہ ٻين ماڻهن جي هٿان (جيڪي اصلاح ۽ تعمير جا داعي آهن) اقتدار کان برطرف نہ ڪرائي ڇڏي تہ (بَدِي جي زور پڪڙي وڃڻ سبب) درويشن جا آستانا، نصارن جا گرجا، يهودين جون عبادتگاهون ۽ مسلمانن جون مسجدون جن ۾ ڪثرت سان الله جو نالو ورتو وڃي ٿو اجڙي وڃن ۽ الله تہ انهن جي ئي مدد ڪندو جيڪي الله جي ڪم ۾ پنهنجو تعاون پيش ڪن ٿا. ۽ يقينن (انهن کي مدد ڏيڻ جي لاءِ) الله پوري طاقت رکي ٿو ۽ غالب ۽ برتر آهي. هي اهڙا ماڻهو آهن جو جيڪڏهن اسان انهن کي زمين ۾ اقتدار ڏيون تہ اهي (نفس پرستي ۽ غارت گري ۾ پوڻ جي بجاءِ) نماز قائم ڪندا، زڪوات ڏيندا، نيڪي جو حڪم ڏيندا ۽ اُلٽو ٺندڙ ڪمن جي روڪٿام ڪندا. ۽ جدوجهد جي اهڙن سيني معاملن جو انجام الله جي اختيار ۾ آهي." (﴿أُذِنَ لِلَّذِينَ يُقَاتَلُونَ بِأَنَّهُمْ ظُلِمُوا ۚ وَإِنَّ اللَّهَ عَلَىٰ نَصْرِهِمْ لَقَدِيرٌ ﴿٣٩﴾ الَّذِينَ أُخْرِجُوا مِن دِيَارِهِم بِغَيْرِ حَقٍّ إِلَّا أَن يَقُولُوا رَبُّنَا اللَّهُ ۗ وَلَوْلَا دَفْعُ اللَّهِ النَّاسَ بَعْضَهُم بِبَعْضٍ لَّهُدِّمَتْ صَوَامِعُ وَبِيَعٌ وَصَلَوَاتٌ وَمَسَاجِدُ يُذْكَرُ فِيهَا اسْمُ اللَّهِ كَثِيرًا ۗ وَلَيَنصُرَنَّ اللَّهُ مَن يَنصُرُهُ ۗ إِنَّ اللَّهَ

لَقَوِيٌّ عَزِيۡزٌ ﴿٤٠﴾ اَلَّذِيۡنَ اِنۡ مَّكَّنّٰهُمۡ فِى الۡاَرۡضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَاَمَرُوۡا بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَنَهَوۡا عَنِ الۡمُنۡكَرِ‌ ؕ وَلِلّٰهِ عَاقِبَةُ الۡاُمُوۡرِ ﴿٤١﴾ سورت الحج آيت 39 کان 41)

"الله جي واٽ ۾ (ان جي نظامِ حق جي اقامت ۽ تحفظ جي لاءِ) انهن ماڻهن سان لڙائي ڪيو جيڪي توهان جي خلاف وڙهن. ليڪن زيادتي[1] نہ ڪيو. الله کي زيادتي ڪرڻ وارا ماڻهو پسند ڪونہ آهن. دشمنن کي جتي بہ ڏسو انهن کي جيئرو نہ ڇڏيو ۽ جتان انهن توهان کي ڪڍيو هيو توهان بہ انهن کي ڪڍي ٻاهر ڪيو ڇوتہ فتني ۽ فساد (اقامتِ حق ۾ مزاحمت) جو هجڻ قتل کان وڌيڪ وڏي خرابي آهي. انهن جي خلاف مسجدِ حرام جي حدن ۾ نہ وڙهو جيستائين اهي پاڻ ئي (ان حرمت جو لحاظ ختم ڪري) توهان سان وڙهن. پوءِ جيڪڏهن اهي واقعي (حرم جي حدن ۾) توهان سان لڙائي ڪن تہ توهان بہ (ڪنهن هٻڪ کان بغير) انهن سان لڙائي ڪيو. انهن ڪافرن (يعني اسلامي انقلاب جي دشمنن) کي اهڙي ئي طرح ڪيتي جي انجام تائين پهچائي سگهجي ٿو. پوءِ جيڪڏهن اهي مڙي وڃن تہ الله بخشڻ وارو مهربان آهي ۽ (ها) انهن جي خلاف ان وقت تائين جنگي ڪارروائي جاري رکو جو نظامِ حق جي رستي مان مزاحمتن جو صفايو ٿي وڃي ۽ پوري جو پورو نظامِ حيات الله جي هدايت جي تابع ٿي وڃي. پوءِ جيڪڏهن اهي مزاحمت ڇڏي ڏين تہ انهن تي — ڏوهين کان سواءِ — ڪائي پڪڙ ڪونهي." (﴿ وَقَاتِلُوۡا فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ الَّذِيۡنَ يُقَاتِلُوۡنَكُمۡ وَلَا تَعۡتَدُوۡا‌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الۡمُعۡتَدِيۡنَ ﴿١٩٠﴾ وَاقۡتُلُوۡهُمۡ حَيۡثُ ثَقِفۡتُمُوۡهُمۡ وَاَخۡرِجُوۡهُمۡ مِّنۡ حَيۡثُ اَخۡرَجُوۡكُمۡ وَالۡفِتۡنَةُ اَشَدُّ مِنَ الۡقَتۡلِ‌ ۚ وَلَا تُقٰتِلُوۡهُمۡ عِنۡدَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَـرَامِ حَتّٰى يُقٰتِلُوۡكُمۡ فِيۡهِ‌ ۚ فَاِنۡ قٰتَلُوۡكُمۡ فَاقۡتُلُوۡهُمۡ‌ؕ كَذٰلِكَ جَزَآءُ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿١٩١﴾ فَاِنِ انۡتَهَوۡا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿١٩٢﴾ وَقٰتِلُوۡهُمۡ حَتّٰى لَا تَكُوۡنَ فِتۡنَةٌ وَّيَكُوۡنَ الدِّيۡنُ لِلّٰهِ‌ ؕ فَاِنِ انۡتَهَوۡا فَلَا عُدۡوَانَ اِلَّا عَلَى الظّٰلِمِيۡنَ ﴿١٩٣﴾ سورت البقره آيت 190 کان 193)

"توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو الله جي واٽ ۾ — ۽ خاص طور تي انهن بيوس مردن، عورتن ۽ ٻارن کي ظلم کان بچائڻ جي لاءِ لڙائي جي لاءِ ڪونہ ٿا نڪرو جن جي حالت اها آهي تہ اهي دعائون ڪن ٿا تہ اي اسان جا رب! اسان کي هن ڳوٺ مان ڪڍ جتان جا ماڻهو ظالم آهن ۽ اسان جي لاءِ پنهنجي طرف کان ڪنهن کي حمايتي بڻائي موڪل، ۽ پنهنجي طرف کان ڪنهن کي اسان جو

---

[1] هي تفسيري نڪتن بيان ڪرڻ جو موقعو ڪونهي، ليڪن ايترو اشارو ڪرڻ ضروري آهي تہ زيادتي کان روڪڻ جو وسيع مفهوم اهو آهي تہ هڪڙو تہ ڪن سان گڏ ساون کي نہ ساڙيو وڃي. يعني جيڪي ڌريون عملي طور پر امن هجن انهن تي قوت آزمائي نہ ڪئي وڃي. ٻيو جنگي ڪارروائي ان حد کان وڌيڪ نہ ڪئي وڃي جيتري بلڪل اٽڙ هجي، ۽ ٽيون لڙائي جي دوران اسلام جي اخلاقي حدن جو پورو احترام ڪيو وڃي ۽ جنگي قانون جو خيال رکيو وڃي.

مددگار بڻائي موڪل." (﴿ وَمَا لَكُمْ لَا تُقَاتِلُونَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ وَالْمُسْتَضْعَفِينَ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَاءِ وَالْوِلْدَانِ الَّذِينَ يَقُولُونَ رَبَّنَا أَخْرِجْنَا مِنْ هَٰذِهِ الْقَرْيَةِ الظَّالِمِ أَهْلُهَا وَاجْعَلْ لَنَا مِنْ لَدُنْكَ وَلِيًّا وَاجْعَلْ لَنَا مِنْ لَدُنْكَ نَصِيرًا ﴾ النساء آيت 75)

"وري اهي جيڪڏهن قول ۽ اقرار ڪرڻ کان پوءِ پنهنجا واعدا ٽوڙي ڇڏين ۽ توهان جي معاملن ۾ ٽنگ اڙائين (۽ اهو ثابت ڪري ڇڏين تہ اهي فتني فساد ڪرڻ وار ي ضد تي آهن) تہ توهان انهن مسلمان مخالف ڪمن جي سربراهن جي خلاف چڙهائي ڪيو. انهن جي لاءِ واعدا ڪائي حقيقت ڪونہ ٿا رکن. شايد (توهان انهن جي خبر وٺو تہ) اهي مُڙي وڃن. ڇا توهان اهڙي ٽولي جي خلاف ڪونہ وڙهندا جن عهد ۽ پيمان ٽوڙي ڇڏيا ۽ جن (اسلامي تحريڪ جون پاڙون ڪوٽڻ جي لاءِ) رسول کي (مديني مان) ڪيڍڻ جا منصوبا ٺاهيا ۽ جن توهان جي خلاف شرارت ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪئي آهي." (﴿ وَإِنْ نَكَثُوا أَيْمَانَهُمْ مِنْ بَعْدِ عَهْدِهِمْ وَطَعَنُوا فِي دِينِكُمْ فَقَاتِلُوا أَئِمَّةَ الْكُفْرِ إِنَّهُمْ لَا أَيْمَانَ لَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَنْتَهُونَ ۞ أَلَا تُقَاتِلُونَ قَوْمًا نَكَثُوا أَيْمَانَهُمْ وَهَمُّوا بِإِخْرَاجِ الرَّسُولِ وَهُمْ بَدَءُوكُمْ أَوَّلَ مَرَّةٍ ﴾ التوبہ آيت 12 ۽ 13)

"جيڪڏهن توهان (جهاد جي لاءِ) نہ نڪرندا تہ الله تعاليٰ توهان کي دردناڪ سزا ڏيندو ۽ توهان جي جاءِ تي اقتدار ۾ ڪنهن ٻئي ٽولي کي وٺي ايندو. جنهن جو توهان وار بہ ونگو نہ ڪري سگهندا ۽ الله هر قدم تي قادر آهي." (﴿ إِلَّا تَنْفِرُوا يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا أَلِيمًا وَيَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ وَلَا تَضُرُّوهُ شَيْئًا وَاللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴾ سورت التوبہ آيت 39)

اسلام جي جهادي نظرئي ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان اختيار ڪيل جنگي حڪمت عملي (پاليسي) تي قرآن شريف ۾ ٻيا بہ گهڻا اهم ۽ غور طلب مقام آهن. ليڪن اسان نهايت ئي واضح قسم جون اهي آيتون لکيون آهن جن مان اصولي ڳالهيون ظاهر ٿي سگهن ٿيون. انهن آيتن ۾ جيڪي نڪتا ذهن نشين ڪرايا ويا آهن، اهي هي آهن:

1. مجموعي حيثيت ۾ اسلامي جماعت سالها سال کان مظلومي جي حالت ۾ هلندي پئي آئي ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي ساٿين کي مڪي مان نيڪالي ڏئي اجتماعي ظلم جو آخري وار ڪيو ويو هيو. مخالفن جي طاقت جو موقف شروع کان ظالماڻو هيو ڇوتہ انهن اسلامي معاشري کي وڌڻ ويجهڻ نٿي ڏنو. اها طاقت اهو موقعو ڪونہ ڏئي رهي هئي تہ حق شناس ماڻهو الله کي پنهنجو رب بڻائي ان جي هدايت جي هيٺ زندگين جي تشڪيل ڪري سگهن. اها عقيدي ۽ راءِ، اظهارِ خيال، دعوتِ حق ۽ جماعتي تنظيم جي آزادين کي کسيون پئي هئي ۽ ان ڪيترن سالن تائين بربريت جي شان سان شريف، پرامن ۽ صابرين مسلمان انقلابين تي تشدد جا وارڪيا هيا ۽ آخرڪار انهن جي لاءِ پنهنجي جنم ڀومي ۾ ساهہ کڻڻ جو موقعو ئي ڪونہ ڇڏيو.

2. اسلام پنهنجن مخالفن کي وڏ کان وڏ حد تائين ڳالهہ کي سمجهڻ ۽ تبديلي قبول ڪرڻ جو موقعو تہ ڏئي ٿو ۽ اهوئي موقعو فراهم ڪرڻ جي لاءِ اهو پنهنجن پيروڪارن کي هڪڙي صبر واري دور مان گذاري ٿو ليڪن اهو ان ڳالهہ کي گوارا نٿو ڪري سگهي تہ ان جا صابرين علمبردار مستقل طور تي مظلومي ۾ رهي ظالمن جي نفس جي تڪبر جي غذا ٿيندا رهن. ان جي منشا انساني سماج (تمدن) ۾ ڪجهہ وحشين کي پالي رکڻ لاءِ سستا شڪار فراهم ڪرڻ هرگز ڪونهي، اهو پنهنجن صبر ڪندڙ پيروڪارن کي تيار ئي انهيءَ لاءِ ڪندو آهي تہ اهي ظالم طاقتن جون پاڙون پٽي انسانذات جي لاءِ ڀلائي جون راهون کولي ڇڏين.

3. ظالم ۽ تخريب پسند طاقتن جون پاڙون پٽڻ ان بنياد تي هڪڙي نهايت ئي اهم معاشرتي ضرورت آهي تہ جيڪڏهن فاسد گروهن کي طاقت سان اقتدار تان هٽائي نہ ڇڏجي ۽ انهن کي هميشہ لاءِ ڪم ڪرڻ جي ڇوٽ حاصل رهي تہ خدا پرستي، نيڪي ۽ شرافت جا سڀ قدر غارت ٿي وڃن.

4. انقلاب جو اسلامي نظريو ضرورت جي وقت تلوار جي طاقت کي استعمال ڪري اقتدار کي اهڙن هٿن مان کسي وٺڻ گهرندو آهي، جيڪي انتشار جهالت، بڇڙائي ۽ ظلم جا پنيرائي ڪندڙ هجن. ۽ اهڙن هٿن ۾ ڏيڻ گهرندو آهي جيڪي خداپرستي ۽ نمازوزڪوات جي نظام کي قائم ڪن. جيڪي نيڪين کي فروغ ڏين ۽ بُراين جو خاتمو ڪن.

5. "انهن ماڻهن سان لڙائي ڪريو جيڪي توهان جي خلاف وڙهن" جو مطلب اهو ڪونهي تہ جيڪڏهن مخالف توهان تي چڙهائي ڪري اچن تہ توهان ڪجهہ ٿورو گهڻو بچاءُ ڪندا ڪريو. هتي اهو اشارو آهي تہ هڪڙا تہ اهي ماڻهو جيڪي مخالفت ۽ مزاحمت ۾ سرگرم ڪونہ آهن، سو انهن سان وڙهڻ جي ضرورت ڪونهي. ليڪن اهي ماڻهو جيڪي توهان جي ڪم ۾ رڪاوٽون وجهن ٿا ۽ وڙهي توهان ۽ توهان جي نظام کي ختم ڪرڻ جي پنيان آهن، انهن جي خلاف تہ تلوار ڪڍڻ کان سواءِ ڪو چارو ئي ڪونهي. ضروري ڪونهي تہ اسلامي رياست تي انهن جي حملي جو انتظار ڪيو وڃي، بلڪ اهي جتي بہ هجن انهن کي سيڪت ڏني وڃي. ان جو واضح دليل بہ سامهون رکيو ويو آهي تہ قتل ۽ رتوڇاڻ پنهنجي ذات ۾ ڪوئي سٺو ڪم ڪونهي، ليڪن ٻئي طرف اسلامي تحريڪ ۽ اسلامي نظام جي خلاف فتنو يا مزاحمت جي موجودگي ڪيترا ڀيرا وڏيڪ برائي آهي، جنهن کي وڌڻ ڏجي تہ مورڳو اها اسلام جون ئي پاڙون پٽي ڇڏي انهيءَ ڪري اها ڳالهہ اٽر آهي تہ ان وڏي برائي کان بچڻ جي لاءِ جهاد جي خنجر کي متحرڪ ڪيو وڃي. ان وقت تائين پوري طاقت سان مقابلو ڪيو وڃي جو حق جي راهہ ۾ رڪاوٽ ٿيندڙ طاقتن جون پاڙون پٽجي وڃن ۽ پوري دائره حيات ۾ الله جو پوري جو پورو دين جاري ٿي وڃي.

6. جتي اهو تاڪيد ڪيو ويو آهي تہ ديني رسمن (شعائر) جي حرمت جو پورو لحاظ رکيو وڃي، اتي تقوا جي ان غلط تصور کان بچايو ويو تہ جيڪڏهن مخالف انهن حرمتن کي ٽوڙي هٿ چراند کان ڪم وٺن تہ توهان چپ چاپ ذبح ٿيندا رهو ۽ هٿ پير بہ نہ هڻو ڇوتہ اسان حرم يا حرام مهيني جو احترام ڪرڻ لاءِ مجبور آهيون. بلڪ اهي جيڪڏهن ڪنهن حرمت کي ٽوڙين تہ انهن کي ڀرپور جواب ڏنو وڃي.

7. مسلمانن جو ديني ۽ اخلاقي فرض صرف پنهنجي ئي بچاء کي قرار ڪونہ ڏنو ويو آهي، بلڪ انسانذات جي لاءِ مان ڪمزور طبقو ۽ بيوس ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن علائقي يا ماحول يا نظام ۾ پيسجي رهيا هجن ۽ اهي ظالم طاقتن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ تڙپي رهيا هجن تہ اسلامي نظام جو فرض آهي تہ انهن جي دانهن تي لبيڪ چوي، يعني اسلامي تحريڪ پوري انساني لاءِ آزادي ڏيارينڌڙ بڻائي وئي آهي ۽ ان جو حقيقي وسيع فرض تهذيب ۽ دين جي اعليٰ قدرن جو تحفظ آهي.

8. مزاحمتن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ عهد و پيمان بہ هڪڙو پرامن ذريعو آهي ۽ ان ذريعي سان رسول پاڪ صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پورو پورو ڪم ورتو. ليڪن عهد شڪني ڪرڻ وارن جي باري ۾ قرآن شريف سخت تاڪيد ڪيو آهي تہ انهن جو دماغ طاقت سان درست ڪيو وڃي. خاص طور تي اهڙا عنصر جيڪي عهد ٽوڙي اسلامي مرڪز کي برباد ڪرڻ، قائدِ نظام کي برطرف ڪرڻ ۽ قائم ٿيل نظام کي اجاڙڻ جي لاءِ منصوبہ بنديون ڪن، ۽ پوءِ فتني بازي ۾ اڳرائي ڪن. اهي جيڪڏهن لڙائي جو اعلان نہ بہ ڪن، تہ بہ انهن جون حرڪتون لڙائي جو هڪڙو اعلان آهي، انهن کي وڙهڻ ويجهڻ نٿو ڏئي سگهجي.

9. ان سلسلي ۾ اسلامي حڪومت جو ان ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو آهي تہ جنگي ڪارروايين جو اصل مقصد عوام جون حياتيون کسڻ ڪونهي، بلڪ ڪفر ڪرڻ وارن اڳواڻن ۽ انقلاب دشمن قيادتن کي ڪچلڻ آهي.

10. جهاد جي فرض جي ادائگي ۾ غفلت ڪرڻ جي معنيٰ اها ٻڌائي وئي آهي تہ توهان جي هي رياست، توهان جو اهو اقتدار، توهان جو اهو نظام ختم ٿي ويندو. توهان اڳتي نہ وڌندا تہ مخالف طاقتون ڊيهڙو ڪري اينديون ۽ توهان کي هٽائي، بلڪ پوري طرح پائمال ڪري پنهنجي ڌاڪ ڄمائينديون. پوءِ توهان ٽِڪ ٻڌي ڏسندا رهندا ۽ هٿ پير هڻي ڪونہ سگهندا. سوچي وٺو تہ اهڙي صورت ۾ توهان ڪيتري وڏي دردناڪ عذاب مان گذرندا.

## توهان نہ يا اسان نہ!

انهن اشارن جي روشني ۾ جهاد جي اسلامي نظرئي کي ذهن نشين ڪرڻ کان سواءِ لڙائي جي ميدانن جي انهن مقابلن جي نوعيت سمجهي ئي نٿا سگهون، جيڪي اسلامي انقلاب جي علمبردارن ۽ انقلاب دشمنن جي وچ ۾ واقع ٿيا. سمجهڻ جي بنيادي ڳالهہ صرف هڪڙي آهي، ۽ اُها اِها آهي تہ عربستان جي تاريخ جي ميدان ۾ بہ طاقتون هڪ

ٻئي جي مقابلي ۾ اچي ويون هيون. هڪڙي فاسد ۽ ظالماڻي جاهلي نظام کان عوام کي آزادي ڏياري امن ۽ انصاف جو نئون دور پيدا ڪرڻ گهريو ٿي. ٻي فرسوده جاهلي نظام کي جيئن جو تيئن قائم رکڻ لاءِ اسلامي تحريڪ کي ملياميٽ ڪرڻ جي لاءِ ننهن چوٽي جو زور لڳائي رهي هئي. ٻنهي جي نظرين ۽ مقصدن ۾ ڪوئي سمجهوتو ممڪن ڪونه هيو ۽ نه ڏي وٺ ڪري ٻئي ڌرين کي سودو ڪري سگهيون ٿي. حالت (پوزيشن) "توهان نه، يا اسان نه" واري هئي. يا مشهور انگريزي محاوري جي مطابق ايئن چئجي ته "تون ان کي پهريان مار، ورنه اهو توکي ختم ڪري ڇڏيندو" ("ڪِل دَ پرسن بفور هي ڪِلس يو" - Kill the person, before he kills you). معاملي جي نوعيت اها آهي جيڪا ڪنهن باغ جي مالهي ۽ جهنگ جي وحشي جانورن جي وچ ۾ ان وقت پيدا ٿي ويندي آهي جڏهن ڪو محنتي ماڻهو پڙپانگ (اجڙيل) زمين کي تيار ڪري ان ۾ باغيچي لاءِ ٻوٽا پوکڻ لڳي. اهو جيڪڏهن جهنگلي جانورن کي روڪڻ جي ڪوشش نٿو ڪري ته ان جو باغ ختم ٿئي ٿو ۽ اهو باغ کي بچائڻ گهري ته جهنگلي جانورن جي لاءِ بهرحال، ان کي سنگدل ٿيڻو پوندو. تاريخ ۾ ڪوبه جامع انقلاب اهڙو ڪونهي آيو جنهن جي ظاهر ٿيڻ تي ان جي علمبردارن ۽ مخالفن جي وچ ۾ اهائي فيصله ڪن صورت پيدا نه ٿي وئي هجي. اها حقيقت جيڪڏهن ذهن ۾ اچي وڃي ته مورڳو اهو اجايو بحث غيرضروري ٿي وڃي ٿو ته اسلامي لڙاين جي نوعيت دفاعي هئي، يا نه هئي. ان نامعقول اعتراض جو به رستو بند ٿي وڃي ٿو ته تلوار کي پنهنجي ڳالهه مڃرائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. پوءِ اها به ضرورت ڪونه ٿي رهي ته هڪڙي لڙائي کي الڳ الڳ وٺي ان جي فوري ۽ وقتي سببن ۽ محرڪن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وڃي ۽ ڄاڻي واڻي حقيقتن کي غلط رنگ ڏيڻ وارن کي يقين ڏياريو وڃي ته اسلامي حڪومت ڪِي هي جنگ پنهنجي دفاع جي لاءِ نه چاهيندي به وڙهڻي پئي ۽ ان جي اصل ذميواري ٻي ڌُر تي هئي. اڄ جڏهن اسان ڏسون ٿا ته اسان کان اڳ گذريل (اسلاف) ڪجهه اڪابرن مختلف لڙاين ۽ خاص ڪري بدر واري پهرين لڙائي جي محرڪن جو تجزيو ڪرڻ ۽ حالتن جو هڪڙو خاص نقشو مرتب ڪرڻ ۾ بري طرح دماغ کپايو آهي ته حيرت ٿئي ٿي ته اهڙيون باريڪيون ڪڍڻ وارن کي اها سڌي سادي بنيادي حقيقت ڇو نظر نه آئي جنهن کي اهي هڪڙو پيرو واضح ڪري معذرت گهرڻ واري نقطه نظر کان بچي وڃن ها. سيرت تي انهن جي انتهائي محنت سان ڪيل ڪارنامن ۾ اهڙي جهلڪ ملي ٿي ڄڻ اهو منصب ته بس مغرب وارن جو آهي ته اهي فيصلو ڪن ته حقيقت ڇا هئي ۽ ڇا نه هئي، ۽ اسان انهن جي دربار ۾ پنهنجي صفائي جو بيان مرتب ڪري ليلائي ليلائي هڪڙي هڪڙي ڳالهه پيش ڪيون ۽ پوءِ ان عدالت عاليه جي ڇهري کي پڙهون ته ڪهڙو اثر مرتب ٿي رهيو آهي. اسان مجلس جي ان ترتيب کي بدلائڻ گهرون ٿا. پنهنجي دين، پنهنجي تاريخ ۽ پنهنجي نبي سڳوري جي سيرت کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ واري سڀ کان وڏي اختياري (اٿارٽي) اسان پاڻ آهيون ۽ اسان جو دين ۽ اسان جو رسول صلي الله تعاليٰ عليه

وآلہ وسلم پاڻ وٽان اسان کي فڪرونظر جا معيار ڏين ٿا. ڀھرين مرتبي تي اسان پاڻ پنھنجن معاملن کي جانچڻ وارا آھيون. مغرب جا ماڻھو ھجن يا اتر يا ڏکڻ جا ـــ اھو انھن جو منصب ڪونھي تہ اھي اسان کي اسان جو دين ۽ اسان جي تاريخ سيکارين. انھن جو مقام اھو آھي تہ اھي اسان کان معلوم ڪن تہ اسان جي دين ۽ تاريخ جي ڪھڙي حقيقت جو ڪھڙو مطلب آھي. اھو اسان جو ڪم آھي تہ پنھنجي ماضي جي ڪارنامن جو مطلب اسان پاڻ بيان ڪريون. اھا اسان جي ذميواري آھي تہ اسان پاڻ وٽ مروجہ اصطلاحن جو مقصد سمجھايون. اسان جو دين، اسان جي تاريخ ۽ اسان جي نبي سڳوري جي سيرت کي مورڳو اھي ڪسوٽيون قبول ئي ڪونھن جيڪي قديم عيسائي ڪليسا يا جديد مادہ پرستاڻي تھذيب ٺاھيون آھن. اسان انھن باطل ڪسوٽين تي پنھنجي ماضي جي سرمائي جي جانچ ڪري ڏيکارڻ جي لاءِ تيار ڪونہ آھيون.

## مديني جي جنگي ڪارروائين جي نوعيت:

انھن سيني اعتراضن جي روشني ۾ اھا ڳالھہ بلڪل چڱي طرح نظر ۾ رکو تہ اسلامي رياست جون جنگي ڪارروايون نہ تہ ٻن سلطنتن جي وچ ۾ ھڪٻئي سان لڙاين واري نوعيت رکن ٿيون ۽ نہ اھي ٻن مذھبي فرقن واري ويڙھہ جي حساب سان اچن ٿيون. ھتي سڪندر ۽ نيپولين وانگر دنيا کي فتح ڪرڻ جو ڪوئي منصوبو ڪونہ ھيو ۽ نہ ھالنڊ، فرانس ۽ انگلستان وانگر آزاد قومن جي آزادي کسي نوآبادياتي (بيئڪيت) پيدا ڪرڻ جو ڪو پروگرام ھيو. ھتي ھڪڙي ئي ملڪ ۽ ھڪڙي ئي نسب جي ماڻھن جي وچ ۾ ڪشمڪش انھي ڳالھہ تي ھئي تہ ھڪڙي ڌُر تعميرنو جي لاءِ بي لوث محنتون ڪري رھي ھئي ۽ ٻي ڌر ان کي ناڪام ڪرڻ لاءِ، بلڪ ھستي تان مٽائڻ لاءِ، ھٺ تي بيٺي ھئي. تاريخ جي صاف سٽري ۽ بھترين انقلاب جي خلاف قريشي، يھودي ۽ بدوي قبيلا ھڪڙي ردعملي جذبي ۾ گمراھہ ٿي اھي اھي ڪميڻيون حرڪتون، شرارتون، سازشون ۽ قاتلاڻيون تدبيرون ھڪ ٻئي پٺيان ڪري رھيا ھيا، جن کي اسان اڳ ۾ بيان ڪري آيا آھيون. سالن جي دشمناڻن قدمن کان پوءِ ھاڻي انھن جي لاءِ اڳيون قدم اھو ئي رھجي ويو ھيو تہ اھي پنھنجي ڪاوڙ واري خنجر کي بلڪل ظاھر ڪري کليل ميدان ۾ اچي وڃن ۽ وس ھلي تہ ان جھڳڙي کي ھميشہ جي لاءِ ختم ڪري ڇڏين. تنھنڪري اڳيان اڳيان قريشي وڌيا ۽ پٺيان پٺيان ٻيون ڌريون! ـــ ليڪن انھن جو پنھنجو ئي حساب چڪتو ٿي ويو. انھن جنگين جي نوعيت ـــ سيني ۾ ھڪجھڙائي کان سواءِ ـــ اھڙي ھئي جيئن روس ۾ فبروري واري انقلاب کان آڪٽوبر واري انقلاب تائين مقابلا ٿيا يا فرانس جي انقلاب جي عنوان ھيٺ شاھہ پسندن ۽ انقلابين ۾ تڪرار ٿيو يا جيئن آمريڪا ۾ گھرو لڙائي (سِوِل وار) ٿي. مڪي ۽ مديني واريون لڙايون بہ معنوي طور تي ھڪڙي قسم جون گھرو لڙايون (سِوِل وار) ھيون. ان گھرو لڙائي جي تڪرار جو ڀھريون بنياد اھو ھيو تہ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جاھليت جي قائم نظام

جي انڌي تقليد کي ڇڏي الله جي هدايت جي مطابق هڪڙو روشن فڪر اختيار ڪري رهيا هيا ۽ قريشين انهن کي ضمير جي آزادي سان ڪم ڪرڻ جو حق ڏيڻ نٿي گهريو. جاهليت جي چوڪيدارن زبردستي ڏاڍ کان ڪم وٺي نوجوانن جي دلي سجاڳي واري طاقت کي اعتقاد ۽ مسلڪ جي آزادي کان محروم رکڻ گهريو ۽ ان دل جي سجاڳي واري قوت پنهنجو فطري حق حاصل ڪرڻ ۽ ٻين کي ان حق مان فائدو وٺرائڻ لاءِ تهيو ڪيو.

مديني جي ابتدائي رياست جي ڏهه ساله جنگي ڪارروايـن جي اها خاص نوعيت جاني نقصان جي اعدادوشمار کي سامهون رکڻ سان چڱي طرح واضح ٿي وڃي ٿي. ميٺو پوي ٿو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم "گهٽ کان گهٽ رتوڇاڻ" جو اصول سامهون رکيو ۽ نالي ماتر حد تائين ٿورڙي جاني نقصان سان ڏهه لک چورس ميل علائقي تي سلطنت قائم ڪري ڏيکاري. مسلمان شهيدن ۽ قتل ٿيل دشمن ماڻهن جو ڪل تعداد جيڪو انقلاب جي تڪميل لاءِ ڪم آيو اهو بالترتيب 255 ۽ 759 آهي.[1] ڪيترن ئي لکن عربن جي فلاح جو رستو کولڻ لاءِ صرف ڪجهه سو لڙائي ڪندڙ ماڻهن جو خاتمو ڪرڻو پيو. هاڻي ڪجهه ان تعداد کي سامهون رکي اعتراض ڪندڙ پنهنجن نظرين ۽ تصورن کي تاريخ ۾ نصب ڪري ڏسن. اهي جنگيون جيڪڏهن مذهبي تبليغ جي لاءِ ٿيون هجن ها ته، نه صرف اهو ته عيسائين ۽ يهودين وانگر انهن ۾ بدترين ظلمن کان ڪم ورتو وڃي ها. بلڪ ان کان تمام گهڻو تعداد ته هڪڙي هڪڙي لڙائي ۾ موت جي حوالي ٿي وڃي ها. جيڪڏهن فاتحاڻن ارادن سان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم نڪرن ها ته جهڙي طرح وڏن وڏن جنگجوئن دل کولي رتوڇاڻ ڪئي هئي ۽ تاريخ جي دامن کي رت سان ڳاڙهو ڪري ڇڏيو آهي، اهڙي طرح پاڻ سڳورن به عربستان جي رڻ پٽ جي ذري ذري کي انساني رت پياري ڇڏي هجي ها. اها جيڪڏهن ٻن مخالف سلطنتن جو تڪرار هجي ها، ته به جاني نقصان تمام گهڻو ٿي وڃي ها. اهڙي طرح جنگي قيدين جو تعداد ٿورڙي جو 6564 هيو ليڪن انهن مان صرف ٻن قيدين کي انهن جي ثابت ٿيل اڳين ڏوهن جي ڪري موت جي سزا ڏني وئي، 6347 قيدين کي آزاد ڪري ڇڏڻ ثابت آهي. "رحمت للعالمين"ﷺ ڪتاب جي ليکڪ (مؤلف) ان باري ۾ گهڻي تحقيق ڪري ٻڌايو آهي ته صرف 215 قيدين جي باري ۾ اڃا وضاحت ڪونه ٿي سگهي آهي. شايد بعد ۾ اچڻ وارا ماڻهو انهن جي متعلق به تحقيق ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن. گمان اهو آهي ته اهي ماڻهو اسلام قبول ڪري اسلامي معاشري جو حصو بڻجي ويا هوندا. هتي ته هڪڙي نشونما پائيندڙ نظام ۽ پنهنجي تڪميل ڪندڙ رياست کي داخلي مزاحمتن کي منهن ڏيڻو پئي پيو ۽ هڪڙي ئي سرزمين جي پاڻ ۾ مٽ مائٽ رهاڪن جي وچ ۾ تڪرار پيدا ٿي ويو هيو. ان جو تمام ٿورڙي عرصي ۾ ٽن چئن وڏن وڏن مقابلن کان پوءِ ٿوري گهڻي جاني نقصان تي فيصلو ٿي ويو. ڇو ته حقيقت ۾ ان جو فيصلو راءِ عامه جي وسيع دائري ۾ ٿي رهيو هيو.

---

[1] "رحمت للعالمين"ﷺ قاضي سليمان منصورپوري ج 2 ص 265.

غور ڪري سگهجي ٿو ته جيڪڏهن سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي جاءِ تي صحيح معنيٰ ۾ ڪو لڙاڪو شخص ميدان ۾ آيو هجي ها ته ڇا اهو ممڪن هيو ته اهو پنهنجن سپاهين کي بدر جهڙي مقابلي جي وقت اهڙيون هدايتون ڏئي ها ته بنوهاشم کي قتل نه ڪجو ڇو ته اهي پنهنجي مرضي سان وڙهڻ ڪونه آيا آهن. بي دلي سان شامل ٿيا آهن. عباس رضه بن عبدالمطلب ۽ ابوالبختري بن هشام کي نه مارجو (البت پل ۾ ابوالبختري مارجي ويو). ڇا اهو تصور ڪري سگهجي ٿو ته بدر جي قيدين کان بيچين ٿي مديني جو فاتح حاڪم سڪون سان سمهي ڪونه سگهيو ۽ رات جو وڃي انهن جا رسا ڍرا ڪرايا؟ ڇا اهو سمجهه ۾ اچي ٿو ته ڪو خنجر ڪٽي رتوڇاڻ جي لاءِ اٿيو هجي ۽ اهو عين لڙائي جي حالت ۾ مڪي جي درخواست تي اناج جي رڪيل رسد يمامه کان جاري ڪرائي ها. بلڪ پنج سو اشرفيون به ڏڪار سٽيل غريبن جي لاءِ پنهنجي طرفان موڪلي ها؟ پوءِ مڪي جي فتح واري ڏينهن جنهن شخص جو جهنڊو آسمان جي چوٽي تائين ڦڙڪي رهيو هيو اهو جيڪڏهن محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي بجاءِ ڪو ٻيو هجي ها ۽ ان جو مشن حق جي نظام جي غلبي کان علاوه ڪوئي ٻيو هجي ها ته ڇا اهو پندرهن ويهن سالن جي وحشاڻن ظلمن جي زخمن جي سخت تاريخ کي معافي واري پاسي رکي ﴿لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ اِذْهَبُوْا فَاَنْتُمْ طُلَقَاءُ﴾ (اڄ توهان تي ڪائي پڪڙ ڪونهي. وڃو توهان سڀ آزاد آهيو!) جو اعلان ڪري سگهي ها؟ جي نه ڪوئي ٻيو هجي ها ته مڪي جي گهٽين ۾ قريشن جي رت جا درياهه وهائي ڇڏي ها.

دراصل توڙي جو حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي نه چاهيندي به لڙائي جي ميدان ۾ اچڻو پيو ڇو ته الفت جي شهادت گاهه کان ٻاهر ڪابه واٽ نصب العين طرف ڪونه ٿي وئي، ليڪن پاڻ سڳورن زمين جي ٽڪرن جي بجاءِ روحن کي فتح ڪرڻ گهريو ٿي. پاڻ سڳورا تلوار جي زور سان جسمن کي تابع بڻائڻ جي بجاءِ دليل سان دماغن ۽ اخلاق سان دلين کي کٽڻ ٿي گهريو. پاڻ سڳورن جو اصل مقابلو راءِ عامه جي ميدان ۾ هيو ۽ ان ميدان ۾ مخالفن کي شڪست مٿان شڪست ٿي ۽ تيزي سان راند هارائيندا ويا. جنگي ڪارروائي ان ٽڪراءَ جو گهٽو ننڍڙو حصو آهي، جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي انقلاب دشمنن سان پيش آيو.

## حضور ﷺ جي جنگي حڪمت عملي (پاليسي):

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي جنگي حڪمت عملي جو بنيادي مقصد اهو هيو ته مخالف ڌُر جو رت وهائڻ جي بجاءِ ان کي بيوس ڪيو وڃي، ايستائين جو يا ته اها تعاون ڪري يا اها مخالفت ڇڏي ڏئي. تنهنڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي پاڪ حياتي جي بابن کي جن محققن ۽ مفڪرن اسان جي سامهون کولي رکيو آهي ان ۾ هندوپاڪ جي سرزمين جو هڪڙو قابل فخر فرزند ڊاڪٽر حميد الله صديقي آهي. ان مانواري ڏاهي سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي جنگي حڪمت عملي کي هيئن بيان ڪيو آهي:

"اصل ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم دشمن کي تباھہ و برباد ڪرڻ جي بجاءِ مجبور ڪرڻ پسند ڪيو."[1]

ٻي جاءِ تي لکيو آهي تہ:

"حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سياست قريشن کي تباھہ ۽ برباد ڪرڻ تي نہ بلڪ بلڪل محفوظ رکي بيوس ۽ مغلوب ڪري ڇڏڻ تي مشتمل هئي."[2]

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان اختيار ڪيل تدبيرن جو تفصيل ڏئي ۽ واقعن جي سلسلي تي تبصرو ڪري مانواري محقق پنهنجي ان نظرئي کي وڏي خوبي سان ثابت ڪيو آهي. ان حڪمت عملي جي لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هيٺيون عملي ڳالهيون اختيار ڪيون:

..... پنهنجي دفاعي طاقت کي تعداد، تنظيم، جفاڪشي، جنگي تياري ۽ اخلاقي تربيت جي لحاظ کان تيزي سان نشونما ڏني ۽ پوءِ ان کي مشين وانگر نقل و حرڪت ۾ رکيو ۽ مخالف طاقتن کي رعب ۾ آڻڻ ۽ خوف جو حدف بڻايو.

..... مڪي وارن جي واپاري سڙڪ جي ناڪہ بندي ("بلاڪيج" ـ Blockade) ڪري انهن جو زور ٽوڙيو.

..... معاهدن واري رابطي جي ذريعي مختلف قبيلن کي آهستي آهستي دشمن کان ٽوڙي پنهنجو ساٿي بڻايو.

..... فوجي ڪارروائي جي لاءِ ڪڏهن اوچتو ڪنهن موقعي تي دشمن کي تياري جو موقعو ڏيڻ کان سواءِ ان مٿان وڃي ڪڙڪيا (مثال طور مڪي جي فتح) ڪڏهن اڻ ڄاتل رستا اختيار ڪري ۽ نقل و حرڪت جي منزل مقصود کي ڳجهو رکي مخالف طاقت کي غلط فهمي ۾ وڌو (مثال طور غزوه بنومصطلق). ڪڏهن پنهنجو جنگي نقشو اڳ ۾ ئي پنهنجي حق ۾ ٺاهي ورتو (مثال طور بدر واري لڙائي) ۽ ڪڏهن ڪا اهڙي نئين دفاعي تدبير اختيار ڪئي جنهن جو دشمن کي تجربو نہ هجي (مثال طور غزوه خندق).

مديني جي رياست جو پورو ڏهہ سالہ دفاعي نظام مٿي بيان ڪيل اصولي حڪمت عملي (پاليسي) جو چٽو ثبوت آهي. وري جڏهن اسان ان سان گڏ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ان اعليٰ ظرفي واري نقطہ نظر کي ڏسون ٿا، جيڪو پنهنجي اندر ڪنهن فاتح جي بجاءِ هڪڙي تبليغي (مشنري) جهڙو جذبو رکي ٿو ۽ هڪڙي جنگجو جي غيظ و غضب واري جذبي جي بجاءِ هڪڙي اوستاد جهڙي همدردي ۽ خيرخواهي جي گهري احساس جو ترجمان آهي تہ اهي سڀئي اعتراض ڪرڻ واريون نڪتہ چينيون فضول ٿي وڃن ٿيون، جيڪي ڪرڻ وارن ڪيون ۽ پوءِ اسان ان جي صفائي ڏيڻ جي لاءِ واقعن جي نقشي کي ئي بگاڙڻ ويهي وياسين.

---

[1] عہد نبوی کے میدان ہائے جنگ۔ ڊاڪٽر حميدالله صديقي ص 44.
[2] عہد نبوی میں نظام حکمرانی۔ ڊاڪٽر حميدالله صديقي ص 240

حضور پاڪ صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيني ۾ انسانذات جي لاءِ جيڪو اصلاح وارو همدرداڻو جذبو موجود هيو ان کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اسان ڪجهہ واقعن ڏانهن اشارو ڪيون ٿا.

مڪي ۾ جڏهن ظلمن جو دور شدت اختيار ڪري ويو ۽ قريشن جي ڪاوڙ واري جوش ۾ گهڻي تيزي اچي وئي تہ ان وقت تشدد جي محاذ تي سرگرم بہ ماڻهو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون هيا. هڪڙو ابو جهل، ٻيو عمر بن خطاب ـــ اهڙن ڪٽر دشمنن جي باري ۾ ڪنهن دنياوي سياستڪار جو ذهن سخت دشمني ۾ پوڻ کان سواءِ رهي نہ سگهي ها. اهو دل سان انهن جي هلاڪت جو خواهشمند هجي ها. ليڪن تشدد جي گرم ٻٽِيءِ ۾ اذيت مٿان اذيت برداشت ڪندي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٻاڏائيندي اها دعا ڪن ٿا تہ الله انهن ٻنهي مان گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن هڪڙي کي اسلامي محاذ تي آڻي. اها دعا شاهدي ڏئي ٿي تہ انسانيت جو معمار پنهنجن مخالفن جي هلاڪت تي انهن جي اصلاح کي ترجيح ڏيندو هيو ۽ آخري گهڙي تائين انهن کان سُٺيون اميدون رکندو هيو. اها دعا حضرت عمر رضہ جي اسلام قبول ڪرڻ سان پوري ٿي.

ٻيو موقعو طائف جي رهاڪن هٿان انهن جي خيرخواهي ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ زخمي ٿيڻ جو آهي. دنياوي سياست جي ڪنهن علمبردار کان ان موقعي تي توهان ان کان علاوه ڪابہ اميد ڪري نٿا سگهو تہ ان جي دل جا دروازا انهن ماڻهن جي لاءِ هميشہ بند ٿي وڃن ۽ ان جو وس هلي تہ اهو ان ئي وقت پوري وسندي کي ابتو ڪري ڇڏي ها. ورنہ اهي زخم ان جي دل ۾ عمر ڀر تازو رهن ها ۽ جڏهن بہ ان کي طاقت حاصل ڪرڻ کان پوءِ پهريون موقعو ملي ها تہ اهو اهڙي نالائق شهر کي تهس نهس ڪري ڇڏي ها. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ساٿي جو هيانءُ طائف جي ان ظالماڻي ڪارروائي سان جڏهن ڏري ٿو تہ اهو پهرين پهر ان ئي رخ تي سوچي ٿو ۽ عرض ڪري ٿو تہ انهن ماڻهن جي لاءِ بددعا ڪيو ـــ بلڪ جبرائيل عليہ السلام بہ لڪل جذبي جو امتحان وٺڻ لاءِ پيشڪش ڪري ٿو تہ اشارو ڪيو تہ جبلن جو ملائڪ مڪي ۽ طائف کي جبلن جي وچ ۾ پيهي ڇڏي. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم چون ٿا تہ نہ. اهي ماڻهو ناداني جي ڪري غلط روش تي هلي رهيا آهن. اهي جيڪڏهن نٿا مڃين تہ انهن جي اولاد سچائي جو پيغام قبول ڪري خداءِ واحد جا پوڄاري ٿي ويندا.

ٽيون موقعو اهو آهي جڏهن اُحد جي ميدان ۾ مسلمانن کي ڪجهہ ڪوتاهين جي ڪري الله جي طرف کان تنبيهہ ڪرڻ لاءِ مشڪل ۾ وڌو هيو ۽ خود حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي سخت زخم رسيا هيا. اهو وقت اهڙو هيو جو انتهائي تلخ جذبات پيدا ٿي ويا هيا. انهن حالتن مان ظاهري طور ۽ بجا طور تي متاثر ٿيڻ وارن ڪجهہ ساٿين عرض ڪيو تہ توهان انهن مشرڪن جي لاءِ الله وٽ بددعا ڪيو تہ انهن تي

لعنت وسي. پاڻ سڳورن جواب ڏنو ته مون کي لعنت ڪرائڻ وارو بڻائي ڪونه موڪليو ويو آهي، بلڪ هڪڙو پيغام پهچائڻ ۽ رحمت جي خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ موڪليو ويو آهيان. اهو چئي جنگ جي ميدان ۾ حملو ڪري سخت نقصان پهچائڻ وارن دشمنن جي لاءِ هيئن دعا فرمائي: "اي الله! منهنجي قوم جي ماڻهن کي هدايت نصيب ڪر. ڇوته اهي (اصل حقيقت کي) ڪونه ٿا ڄاڻن." يعني قريشين جي تلوارن جا زخم کائي به اهو جذبو ڪونه اڀريو ته انهن کي تهس نهس ٿي وڃڻ گهرجي. بلڪ جنگ جي حالت ۾ به اها تمنا ۽ اميد آهي ته انهن کي هدايت ملي.

غزوه خيبر جي مهم جي دوران قموص (قموس) نالي قلعي کي فتح ڪرڻ جي لاءِ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم حضرت علي عليه السلام کي خاص جهنڊو عنايت ڪندي تاڪيد ڪيو ته:

"اي علي! (عليه السلام) جيڪڏهن توهان جي ذريعي هڪڙي دشمن کي به هدايت ملي وئي ته اها ڳالهه توهان جي لاءِ سڀ کان وڏي نعمت هوندي"

يعني اصل مطلب دشمن جو جاني نقصان ۽ رتوڇاڻ ڪونهي، بلڪ فوقيت ان ڳالهه کي آهي ته وڌ کان وڌ ماڻهن جي دل ۽ دماغ ۾ تبديلي اچي ۽ اهي نئين نظام کي قبول ڪن.

اهي ڪجهه مشهور واقعا اسان بس نموني طور ٻڌايا آهن. ورنه اهڙن ثبوتن جي ڪمي ڪونهي جن منجهان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جو بنيادي نقطه نظر اسان جي سامهون اچي وڃي ٿو. جنگجوئي ۽ رتوڇاڻ ڪرڻ وارا ماڻهو ڪاوڙ ۾ ڀريل ۽ جلدباز هوندا آهن. ان جي برخلاف اسان انسانيت جي محسن صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي ٿڌي عزم ۽ وڏي حوصلي سان سينگاريل ڏسون ٿا ۽ پاڻ سڳورن جي سياست ۾ طاقت جي استعمال جي بجاءِ حڪمت ۽ ڏاهپ ڪم ڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سياسي حڪمت ۽ ڏاهپ جو ان کان وڏو معجزاتو ثبوت ٻيو ڪهڙو ٿيندو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم مديني ۾ پهچڻ سان ئي مختلف ڌرين کي ڳالهه ٻولهه ذريعي جوڙي گڏائي اسلامي سلطنت جو بنياد رکن ٿا. ڪنهن انقلابي نظرئي تي رت جو هڪڙو ڦڙو وهائڻ کان سواءِ رياست جي نظام کي ائين مضبوط ڪرڻ جو مثال شايد پوري تاريخ ۾ ملي ڪونه سگهندو. صحيح معنيٰ ۾ غير خوني ("بلڊليس" ـ Bloodless) انقلاب اسان کي اهو ئي هڪڙو ملي ٿو جنهن جي بنيادن ۾ انساني رت جو هڪڙو ڦڙو به ڪونه ڪريو ۽ جنهن جي بنياد جي پٿرن ۾ ڪنهن هڪڙي به فرزندِ آدم جو لاش ڪونهي. اهو عقل کي حيران ڪندڙ واقعو خود مزاج نبوت جي مخصوص شان جو ترجمان آهي.

اهو به نه وساريو ته واقعاتي تاريخ خود شاهد آهي ته اسلامي رياست جون سڀئي جنگي ڪارروايون قريشن ۽ انهن يهودين جي خلاف ٿيون آهن، جن ان کي مجبور ڪري لڙائي جي ميدان ۾ ڇڪيو آهي. باقي سمورو عربستان پنهنجي معمول واري زندگي ۾

سرگرم رهيو. ٿورڙي علائقي کي ڇڏي باقي رهيل خطي ۾ ڪا لڙائي ڪونهي ٿي. بلڪ عربستان جي عام آبادي پنهي طاقتن جي مقصدن، ڪردار ۽ سياسي قوت جو خاموشي سان جائزو وٺندي رهي ۽ جڏهن اسلامي طاقت هر پهلو کان پنهنجي فوقيت ثابت ڪري ڇڏي تہ مختلف علائقن ۽ قبيلن جي نمائندگي ڪندڙ وفدن اڳتي وڌي اسلام کي لبيڪ چيو. اها ڳالهہ ڪنهن بہ حقيقت پسند جو توجهہ ڇڪائڻ کان سواءِ نٿي رهي سگهي تہ سيئي وڏيون لڙايون، بدر، اُحد، احزاب، دشمنن حملو ڪندڙ جي حيثيت سان مديني جي پرپاسي ۾ پاڻ اچي وڙهيون آهن ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي مجبور ڪري ڇڏيو تہ ان سلسلي جو خاتمو ڪرڻ جي لاءِ دشمنن جي طاقت جي مرڪزن کي هٽ هيٺ ڪن. تنهنڪري قريشن ۽ انهن جي حمايتن جو زور ٽوڙڻ جي لاءِ مديني جي طرف کان هڪڙو ئي پيرو فيصلہ ڪن قدم کنيو ويو ۽ مڪي جي فتح کان پوءِ حنين ۽ طائف جي مقابلن دشمن جي طاقت ختم ڪري ڇڏي ٻئي طرف گهٽ کان گهٽ جاني نقصان سان يهودين جا اڏا ختم ڪيا ويا.

## هڪڙي وڏي غلط فهمي:

غُزوَن ۽ سَراين جي جيڪا ڊگهي فهرست حديث، سيرت ۽ اسلامي لڙاين (مغازي) جي ڪتابن ۾ ملي ٿي، ان جي ڪري غير تہ غير، خود مهربان مسلمان بہ وڏين غلط فهمين ۾ مبتلا ٿيندا رهيا آهن. حالانڪ غُزوه ۽ سَريہ حديث جي ۽ لڙاين (مغازي) جي ڪتابن جا خاص محاورا آهن ۽ انهن جو پنهنجو پنهنجو مقرر مفهوم آهي. فوجي ۽ دفاعي قدم، چوڪيداري يا گشت ڪرڻ ۽ باغين يا ڌوهين جو مٿو چٿڻ يا تعليم ۽ دعوت عام ڏيڻ يا معاهدا ڪرڻ وغيره مختلف ضرورتن هيٺ جڏهن ڪو دستو (چاهي اهو ٻن ماڻهن تي مشتمل هجي) موڪليو ويو آهي تہ ان کي سَريہ جو عنوان ڏنو ويو آهي ۽ جنهن دستي سان گڏ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پاڻ بہ ذاتي طور ويا آهن، ان کي غُزوه سڏيو ويوآهي. ضروري ڪونهي تہ واقعي ڪو ٽڪراءُ يا ڪنهن ٻئي نموني جي ڪارروائي عملي طور واقع بہ ٿي هجي. ان کان علاوه، جيڪڏهن ڪجهہ مسلمانن جو ڪو اتفاقي ٽڪراءُ يا سرحدي جهڙپ جو واقعو پيش آيو هجي تہ اهڙن واقعن کي بہ سَرايا جي عنوان هيٺ شامل ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اهڙن سڀني واقعن جي ڇونڊ ڪئي وڃي تہ صحيح معنيٰ ۾ جنگي مقابلا صرف چند رهجي وڃن ٿا. يعني بدر، اُحد، احزاب، خيبر، مڪو (حنين سان گڏ). واضح رهي تہ تبوڪ ۽ پرپاسي وارن علائقن جي لاءِ جيش عُسرت جي روانگي شام جي غيرملڪي حڪومت کان جنگ جو انديشو معلوم ٿيڻ تي ڪئي وئي هئي ۽ ان جي نوعيت مختلف آهي اسان مختصر طور انهن جنگي ڪارروواين تي بہ هڪڙي نظر وجهنداسين.

سڀ کان پهريان ڌيان اِن سوال تي وڃي ٿو تہ تڪرار جي شروعات ڪيئن ٿي؟ ان جو جواب ڏيڻ جي لاءِ اسان ڌرين جي پوزيشن جو جائزو وٺون ٿا.

## قريشن جي جارحاڻي ذهنيت:

هن واقعي سان قريشن جي پوزيشن پاڻمرادو مقرر ٿي وڃي ٿي تہ انهن جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قتل جي اجتماعي سازش ڪئي هئي تہ ان ۾ مڪي جي قيادت بحث ڪندي پنهنجو ذهن کولي رکيو هيو. هڪڙي تجويز اها آئي هئي تہ ان دعوت ڏيندڙ (داعي) کي لوهين شيخن واري قيد ۾ بند ڪري ڇڏجي ۽ ان جي دروازي کي تالو هڻي رکجي. ايستائين جو اهو تڪليف ۾ ڳري مري وڃي. هڪڙي نجدي شيخ ان تي چيو هيو تہ "جيڪڏهن توهان ان کي قيد ڪندا تہ بہ ان جي دعوت لوهين شيخن جي بند دروازن مان بہ نڪري پکڙجندي رهندي ۽ ان جي ساٿين تائين ان جا اثر پهچندا. بلڪ شڪ ڪونهي تہ اهي ان کي ڪڍي وٺي وڃن. پوءِ اهي توهان جي مقابلي ۾ تعداد جي لحاظ کان وڌي ويندا ۽ آخرڪار ان جدوجهد ۾ توهان کي شڪست ڏيندا."

ٻي تجويز اها بہ آئي هئي تہ اسان ان شخص کي پاڻ کان الڳ ڪري ڇڏيون ۽ پنهنجي ديس مان ڪڍي ڇڏيون. جڏهن اهو اسان وٽان نڪري هليو وڃي تہ پوءِ اسان کي ڪهڙي ڳڻتي تہ اهو ڪيڏانهن ويو ۽ ڪٿي ترسيو. بس اهو اسان جي نظرن کان گم ٿي وڃي ۽ اسان ان کان جان ڇڏائي پنهنجن معاملن کي نيڪ ڪري ڇڏيون ۽ باهمي الفت کي اڳ وانگر بحال ڪري وٺون.[1] ان تجويز کي رد ڪرڻ لاءِ جيڪو اهم تبصرو نجدي شيخ ڪيو ۽ جنهن کي مجلس قبول ڪري ورتو ان تي غور ڪيو:

"نہ خدا جو قسم! توهان جي لاءِ اها ڳالهہ مناسب ڪونهي. ڇا توهان ان جي گفتگو جي خوبي، ان جي منٺڙي زبان کي نٿا ڏسو جنهن جي سگهہ تي اهو ماڻهن جي دلين تي پنهنجو اثر ويهاري وڃي ٿو. خدا جو قسم! جيڪڏهن توهان ايئن ڪيو تہ پوءِ توهان ان صورت ۾ پنهنجو ڪو دفاع ڪري ڪونہ سگهندا تہ اهو عربن جي ڪنهن قبيلي وٽ پهچي ۽ پنهنجي ڪلام ۽ زبان سان ماڻهن تي پنهنجو اثر ويهاري وڃي ۽ اهي ان جي پٺيان لڳي پون. پوءِ اهو انهن کي ساڻ ڪري توهان تي چڙهائي ڪري ۽ توهان جي گهرن ۾ اچي ڳهري ۽ توهان جي هٿن مان توهان جو اقتدار کسي. توهان سان ان کي جيڪو وڻي اهو سلوڪ ڪري تنهنڪري ڪا ٻي تدبير ڪيو." سيرت ابن هشام ج 2 ص 94.

نجدي شيخ جا اهي لفظ پڙهڻ سان اندازو ٿئي ٿو تہ بدبخت ڪيترو چالاڪ ۽ معاملي کي سمجهڻ وارو هيو. ان محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ والہ وسلم جي شخصيت کي پڙهڻ ۾ تر جيتري بہ غلطي ڪونہ ڪئي هئي. ان سان ان سموري بحث مان اها ڳالهہ بہ واضح ٿي وڃي ٿي تہ مڪي جا رئيس تيرهن سالن جي تجربي جي روشني ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي وجود، ڪردار، پيغام ۽ حسن سلوڪ

---

[1] سيرت ابن هشام ج 2 ص 94.

کي هاڻي هڪڙو مستقل سياسي خطرو ۽ هڪڙو وڏي نقصان وارو خطرو سمجهندا ٿيا. هاڻي انهن کي اها ڳالهه به گوارا ڪونه هئي ته انسانيت جو اهو محسن صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم زمين جي ڪنهن به ٽڪري ۾ زنده رهي سگهي ۽ ڪٿي به ويهي پنهنجي مشن کي هلائي سگهي. ورنه انهن کي خبر هئي ته انهن جيڪي ظلم ڪيا آهن ۽ مسلمان نوجوانن کي انهن جي گهرن مان ڪڍي جيڪو ڏوهه ڪيو آهي، ان جو حساب هڪڙي ڏينهن انهن کي ڏيڻو پوندو. وري انهن جو حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي قتل تي متفق ٿي وڃڻ ۽ پاڻ سڳورن جي بچي نڪري وڃڻ تي قابو پائڻ جي لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ ۽ ڳرو انعام مقرر ڪرڻ ان ڳالهه جو قطعي دليل آهي ته جيڪڏهن وس هلي ته انهن سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي ساهه کڻڻ جو موقعو ئي ڏيڻ نٿي گهريو. هاڻي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جو عين وجود انهن جي لاءِ خطرو ۽ پاڻ سڳورن جي زندگي ئي انهن جي لاءِ چيلنج هئي. قريشن جي اهڙي ذهنيت هوندي به ڪوبه شڪ ڪونهي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي هڪدم معلوم نه ٿي ويو هجي.

ٿورو ان موقعي ڪان به پوئتي هليا وڃو. بيعت عقبه ثاني واري موقعي تي حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنه انصارن کي خبردار ڪيو هيو ته ”جنهن مقصد جي لاءِ محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) کي دعوت ڏئي رهيا آهيو جيڪڏهن ان کي نيائي سگهو ۽ ان جي جيڪا مخالفت ڪئي ويندي ان جو مقابلو ڪري سگهو ته پوءِ توهان جو اها ڳري ذميواري کڻڻ نيڪ هوندو جيڪا توهان کنئي آهي.“ پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم طرفان بيعت جي مضمون ۾ هي افتتاحي جملا شامل ڪرڻ ته ”جهڙي طرح توهان پنهنجن ٻارن ٻچن جو دفاع ڪندا آهيو اهڙي طرح منهنجو دفاع ڪندا.“ پوءِ انصارن جو اهو جواب ڏيڻ ته ”اطمينان رکو. اسان جنگجو ماڻهو آهيون.“ ۽ اهو سوال ڪرڻ ته ”توهان جي ڪري اسان جا ڪيترائي معاهدي وارا تعلق ٽُٽي ويندا، سو ايئن نه ٿئي ته اسان سڀ ڪجهه پوڳيون ۽ توهان وري پنهنجي خاندان جي ماڻهن ۾ موٽي اچو ۽ اسان کي ڇڏي ڏيو.“ ان تي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم طرفان يقين ڏيارڻ ته ”اَنَا مِنْكُم وَ اَنْتُمْ مِنِّيْ“ پوءِ عباس رضه بن عُباده انصاري جو پنهنجن ساٿين کي تاڪيد ڪرڻ لاءِ خبردار ڪرڻ ته ”توهان انسانن جي مختلف گورن ۽ ڪارن ٽولن سان لڙائي سر تي کڻي رهيا آهيو پوءِ ائين نه ٿئي ته جڏهن توهان مال ملڪيت جي تباهي ۽ پنهنجي قوم جي سردارن جي قتل جي حادثن جو منهن ڏسو ته پوءِ حضور (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) کي دشمنن جي حوالي ڪري ڇڏيو. اهو سڀ ڪجهه هن مهل ئي سوچي وٺو.“

ان گفتگو جي معنيٰ اها آهي ته قريشن طرفان ماحول جي ڪاغذ تي مستقبل جو اعلانِ جنگ اهڙن چٽن لفظن ۾ لکيل موجود هيو جو حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم

۽ حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنہ ٿي نہ پر ان کي ڏورانهين فاصلي تان اچڻ وارن انصارن بہ پڙهي ورتو هيو.

پوءِ ان بيعت واري مجلس جي ماجرا ڪنهن شيطان لکي ٻڌي ۽ قريشن کي آگاهہ ڪري ڇڏيو تہ قريشي رئيسن انصارن جي قيام گاهہ تي وڃي هيئن ڳالهہ ٻولهہ ڪئي تہ "اسان کي معلوم ٿيو آهي تہ توهان اسان جي هن شخص يعني محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) سان مليا آهيو ۽ ان کي اسان منجهان ڪڍي وٺي وڃڻ گهرو ٿا ۽ توهان ان جي هٿ تي اسان جي خلاف لڙائي ڪرڻ جو معاهدو ڪيو آهي، حالانڪ اسان کي عربن جي ڪنهن بہ قبيلي ۽ پنهنجي وچ ۾ لڙائي لڳڻ کان وڌيڪ ناپسند اهو آهي تہ توهان سان اسان جي لڙائي جي نوبت اچي وڃي." يعني انصاري جيڪڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي مڪي مان ڪڍي وٺي وڃن ۽ ان کي پنهنجي حفاظت ۾ رکن تہ مڪو ان کي اعلانِ جنگ سمجهندو ۽ ان صورت ۾ قريشن جي قيادت جي طرف کان جڻ واضح طور تي اڳواٽ جنگ جو اعلان ٻڌايو ويو ليڪن ڪجهہ ماڻهو تہ ان معاملي کان اڻواقف هيا ۽ جن کي خبر هئي انهن رازداري کان ڪم ورتو.

پوءِ جڏهن انصارن مان بيعت ڪرڻ وارا دوست مڪي مان نڪري ويا تہ بعد ۾ معاملي تي بحث مباحثو ٿيو ۽ مشورو ڪري پيڇو ڪيو ويو. مدني قافلو بچ بچاء ڪري نڪري ويو. البت، مڪي وارا سعد رضہ بن عباده ۽ مُنذر رضہ بن عمرو کي پڪڙي وٺي ويا ۽ انهن کي ماريو ڪٽيو. اهو واقعو بہ ٻڌائي ٿو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو مڪي مان بچي نڪري وڃڻ ڪيترو ناپسند هيو ۽ انهن کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي پنهنجي حفاظت ۾ وٺڻ جو عهد ڪرڻ وارن تي ڪيتري ڪاوڙ هئي.

ان کان علاوه، حبش وارن مهاجرن کي واپس وٺي اچڻ ۽ مديني ڏانهن وڃڻ وارن مهاجرن کي هجرت جي شروع ۾ روڪڻ جي لاءِ قريشن طرفان جيڪي بندوبست ڪيا ويا، اهي بہ ٻڌائين ٿا تہ انهن کي اهو گوارا ڪونہ هيو تہ ڪنهن ٻي سرزمين ۾ اسلامي تحريڪ پاڙون مضبوط ڪري اهڙي هر امڪان کي روڪڻ جي لاءِ سندرو ٻڌيون بيٺا هيا.

انهن سيني واقعاتي شاهدين مان اهو بلڪل واضح آهي تہ هجرت کان اڳ ئي قريشن جي طرف کان ڪنهن بہ اهڙي طاقت جي لاءِ جنگي چيلنج فضا ۾ موجود هيو جيڪا حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي پاڻ وٽ جاءِ ڏئي ۽ اسلامي تحريڪ جي ٻوٽي جي پاڙ پنهنجي سرزمين تي لڳائڻ ڏئي. اسلامي انقلاب جا علمبردار ايترا سادا ۽ ابوجهہ ڪونہ هيا جو اهي ان چيلنج کان اک ٽيٽ ڪري سگهن ها.

آخر ماحول جي ڪاغذ تي لکيل اهو اعلانِ جنگ ان سازشي خط جي شڪل ۾ واضح طور تي سامهون اچي ويو جيڪو مڪي کان مديني جي غدارن جي سردار عبدالله بن ابي کي مليو. جنهن ۾ مديني جي يهودين ۽ انصارن، سيني جي لاءِ اها ڌمڪي لکيل

هئي تہ يا تہ توهان پاڻمرادو محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي پنهنجي حدن مان ڪڍي ڇڏيو نہ تہ اسان چڙهائي ڪنداسين ۽ توهان کي قتل ڪري توهان جي عورتن کي پنهنجي مزي جو سامان بڻائينداسين.

پوءِ يهودين سان سازباز ڪري قريشن سڌوسنئون مسلمانن ڏانهن پيغام موڪليو تہ "توهان انهي ڳالهہ تي مغرور نہ ٿيو تہ مڪي مان صحيح سلامت نڪري ويا. اسان مديني پهچي توهان جي خبر وٺنداسين."

ان ئي زماني ۾ سعد رضہ بن معاذ کي ابوجهل ڪعبي جي طواف کان روڪيو ۽ صاف صاف چئي ٻڌايو تہ مون کي اهو گوارا ڪونهي تہ توهان ڪعبي ۾ قدم رکو.

پوءِ انهي دوران مڪي مان مسلسل شرارتون ۽ ڦرلٽ ڪرڻ جي لاءِ ننڍيون ننڍيون فوجي ٽوليون نڪرڻ لڳيون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن ڳالهين جو اطلاع ملڻ سان ئي جواب ۾ گشت ڪرڻ واريون جماعتون روانو ڪندا هيا. ڪيترا ڀيرا مديني جي گشتي دستن مڪي جي انهن ٽولين کي ڏنو جيڪي مسلمان جماعت (طاقت) کي چوڪنو ڏسي موٽي وينديون هيون.

هجرت جي تيرهين مهيني ۾ ٿيڻ وارو هي واقعو انتهائي ڇرڪائي ڇڏڻ وارو هيو تہ ڪرز بن جابر فهري ڌاڙو هنيو ۽ مديني جي چراگاهہ مان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا اُٺ، سرڪاري جانور ۽ ٻين ماڻهن جا جانور ڪاهي ويو. ان وارادات جو واضح مقصد اهو هيو تہ اسان ٽن سون ميلن تان اچي توهان جي حدن ۾ ايئن توهان جي دولت تي هٿ صاف ڪري سگهون ٿا.[1] حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ذاتي طور هڪڙو مختصر دستو وٺي پيڇو ڪرڻ لاءِ نڪتا ۽ مديني ۾ زيد رضہ بن حارث کي قائم مقام هجڻ جو منصب سونپيو. وادي صفوان (بدر جي ويجهو) تائين ويا ليڪن ڪرز هٿ اچڻ کان نڪري ويو هيو. اها دشمن جي هڪڙي اهڙي جرئت هئي جنهن کي ڪابہ اهڙي رياست برداشت نٿي ڪري سگهي جنهن جا ڪارڪن غيرت ۽ شجاعت سان مالامال هجن ۽ انهن کي پنهنجي آزادي ۽ پنهنجي سرزمين جي حرمت جو خيال هجي. اهو ڌاڙي هڻڻ وارو عمل سياسي لحاظ کان حملو ڪرڻ جي برابر هيو. هاڻي هڪڙو لڙائي وارو دور ۽ هڪڙو رت هاڻو مستقبل مديني جي سامهون هيو.

مڪي وارن طرفان مديني تي حملو ڪرڻ وارو عمل 2 هجري تائين دير ٿيندو رهيو تہ ان جو هڪڙو وڏو اهم سبب هيو. جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ حائل نہ هجي ها تہ شايد قريشن جي تلوار ان کان گهڻو اڳ اگهاڙي ٿي وڃي ها ۽ مديني جي نئين اسلامي مرڪز کي سنڀلجڻ جو موقعو بہ نہ ڏئي ها. مڪي ۽ مديني جي وچ ۾ بنوڪنانہ جو علائقو حائل هيو. جن سان قريشن جي پراڻي دشمني هئي. انديشو هيو تہ بنوڪنانہ وارا اول تہ قريشي

---

[1] ابن هشام ج 2 ص 238. اصح السير: از مولانا عبدالرئوف داناپوري ص 125. رحمت للعالمين: از قاضي سلمان منصورپوري ج 1 ص 140.

قوم کي پنهنجي علائقي مان گذرڻ کونه ڏيندا ۽ ايئن ٿيو به ته. ٻيو خطرو اهو هيو ته بنوڪنانه مڪي کي خالي ڏسي حملو نه ڪن. يا گهٽ ۾ گهٽ قريشي فوج جو مڪي سان رابطو ڪنهن نازڪ موقعي تي ڪاٽي نه ڇڏين. سراقه بن مالڪ مدلجي ڪناني ان وچواري علائقي جو سردار هيو. ان کي جڏهن معلوم ٿيو ته قريشي هنن انديشن جي ڪري قدم ڪونه کڻي رهيا آهن ته ان پاڻ مڪي وڃي قريشن کي تعاون جو يقين ڏياريو. ان ئي ڳٽ جوڙ جو نتيجو بدرواري لڙائي هئي.

ان تفصيل ڏيڻ سان اسان جو مقصد اهو آهي ته قريشن کي مسلمانن جي طرف کان نه ڪنهن قدم کڻڻ جو انتظار هيو ۽ نه اهي جنگي ڪارروائي جي لاءِ ڪنهن بهاني جي تلاش ۾ هيا. انهن جي اندر جارحيت وارو جوش پوري پڙڪندڙ باهه جي نموني ۾ ڪم ڪري رهيو هيو.[1] قرآن شريف انهن کي چٽن لفظن ۾ هيئن چوي ٿو ته "هُمْ بَدَءُوكُمْ أَوَّلَ مَرَّةٍ" (سورت التوبه آيت 13) يعني پهريان توهان تي خود انهن وار ڪيو.

## مديني جو دفاعي نظام:

هاٿي اچو ڀي ڏر کي ڏسو:

جڏهن اسان محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي انقلابي جماعت جي حالتن جو گهرو تجزيو ڪيون ٿا ته هرپهلو کان اها ئي شاهدي ملي ٿي ته ان ڌر جي لاءِ جنگي ڪارروائي کان وڌيڪ ناپسنديده ڳالهه ٻي ڪا ڪانه هئي. اجڙيل وچڙيل ماڻهن جو هڪڙي نئين ماحول ۾ داخل ٿيڻ، اڌ جماعت جو معاشي تباهي کي منهن ڏئي پنهنجي بحالي جي لاءِ هٿ پير هڻڻ، هڪڙي نئين ماحول کي انقلابي دعوت جي لاءِ آهستي آهستي تيار ڪرڻ، مختلف قبائلي ذهنيت وارين ڌرين ۾ ڀائيچاري وارو ڳانڍاپو ڪرڻ ۽ انهن جي ذهني ۽ اخلاقي تربيت ڪرڻ، ان کان علاوه، هڪڙي نئين رياست قائم ڪري ان جي سيني شعبن جو نظم و نسق ٺاهڻ، اهي سڀ ڪم هڪ ئي وقت اسلامي انقلاب جي علمبردارن جي سامهون اچي ويا هيا ۽ انهن مان هر ڪم گهڻي وقت تائين پوري توجهه ۽ محنت جو گهرجائو هيو. اهڙن ڪنن مسئلن ۾ گهيريل هڪڙي ننڍڙي جماعت ڪڏهن به ڪنهن لڙائي جو جوکو کڻڻ لاءِ تيار نٿي ٿي سگهي. ليڪن ٻئي طرف اهي ماڻهو هڪڙو عظيم بين الانساني مشن رکڻ وارا انسان هيا. انهن جي سامهون سموري دنيا جي ڀلائي جو هڪڙو مقدس نصب العين هيو. انهن زندگيءَ جي عظيم تر سچائي ـــ يعني هڪڙي ئي خدا جي ربوبيت ۽ الاهيت ـــ جي نور سان سماج (تمدن) کي چمڪائي ڇڏڻ جي لاءِ پنهنجا سڀ مفاد ۽ آرام قربان ڪري ڇڏيا هيا ۽ صبر ۽ ايثار جون خوفناڪ واديون پار ڪري اهي اڳتي وڌي رهيا هيا. انهن جي حياتي جو سرمايو ئي حق جو نظريو هيو. پنهنجي ننڍڙي جماعت هئي ۽ مديني جي نئين تشڪيل ڏنل رياست هئي. انهن جو سڄو مستقبل ان جمع پونجي سان وابسته هيو.

---

[1] رحمت للعالمين ﷺ : از قاضي سليمان منصورپوري ج 1 ص 260.

اهي ان جي حفاظت جي لاءِ نيڪ اهوئي مقدس فطري جذبو رکندا هيا. جنهن سان پرجي ڪائي ڪُڪڙ جڏهن ڪنهن سِرڻ کي لامارا ڏيندي ڏسندي آهي تہ سڀ ڪجهہ وساري پنهنجن ٻچن کي ڪنين هيٺ لڪائي ڇڏيندي آهي. اهي بکون ڪاٽي مال خرچ ڪندا هيا. اهي سڪل ۽ ڏبرن جسمن سان جبلن سان ٽڪر کائڻ جي لاءِ تيار هيا. اهي سيئي لذتون ۽ مفاد وساري ڇرين وانگر هر ان طاقت جا هٿ ٽوڙڻ جي لاءِ سچو ولولو رکندا هيا. جيڪا انهن جي حياتي جي مقصد کي غارت ڪرڻ جي لاءِ تيڏي اک سان ڏسي. اهي مديني جي پرسُرور هوائن ۽ باغن ۾ پائيچاري جي بي مثال ماحول ۾ اچي بہ تشدد وارن زخمن کي وساري ڪڏهن بہ چين سان غفلت واري ننڊ ڪونہ ستا ۽ انهن جي نظر سِرن مٿان لڙڪيل ان لڙائي واري تلوار کان ڪونہ هٽي جنهن جي هٽئي تي مڪي جي قيادت جو هٿ هيو ۽ جنهن جي باري ۾ ڪجهہ معلوم ڪونہ هيو تہ ڪڏهن اها ڪک پن کي ساڙيندڙ وڄ وانگر اوچتو اچي ڪڙڪي. نہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حفاظتي انتظامن کان ڌيان هٽايو ۽ نہ سندن ساٿين ان سلسلي ۾ پنهنجو فرض ادا ڪرڻ ۾ ڪا ڪوتاهي ڪئي. آخر اهي ماڻهو درويش ۽ جوڳي تہ ڪونہ هيا. نهايت هوشيار ۽ خبروار شخصيتن سان هڪڙي نئين دنيا وَسائڻ هليا هيا. اهڙا تاريخ ناهيندڙ شخص مخالفن کي طاقت جو جواب طاقت سان ڏيڻ جو ذهن رکندا هيا.

## حضور ﷺ جون دفاعي تدبيرون:

اچو تہ جائزو وٺون تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪهڙيون ڪهڙيون حفاظتي تدبيرون اختيار ڪيون.

مديني ۾ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گڏ اچڻ وارا مهاجر رڳو پنهنجي لاءِ امن ۽ سڪون جي جاءِ تلاش ڪرڻ وارا ماڻهو ڪونہ هيا ۽ نہ انهن جو وطن تبديل ڪرڻ وارو قدم ڪجهہ معاشي حوصلن جي تڪميل لاءِ هيو. اهي هڪڙي اعليٰ مقصد جي لاءِ آيا هيا ۽ ان کي وساري اهي پنهنجي لاءِ نڪاڻا حاصل ڪرڻ ۽ اقتصادي عروج جون راهون تلاش ڪرڻ ۾ گم ڪونہ ٿي ويا. بلڪ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن کي منظم طريقي سان آباد ڪيو ۽ انصارن سان انهن جي مرڪزن جي ذريعي جماعتي تنظيم ۾ مڙهي ڇڏيو. عبادتن، واعظن، قرآن شريف جي تعليم ۽ ٻين تدبيرن سان انهن جي ذهني، عملي ۽ اخلاقي تربيت جو ڪم هڪدم شروع ڪري ڇڏيو ۽ ان ڪم کي تيزي سان ڦهلايو. ان سان گڏوگڏ رياستي نظام جي ذريعي انهن کي گڏائي ڇڏيو. ايئن بي سروسامان مهاجر انصارن سان ملي هڪڙي مضبوط طاقت بڻجي ويا ۽ اها طاقت مسلسل واڌ ويجهہ حاصل ڪندي وئي. ٻين لفظن ۾ انساني قوت کي اوليت ڏئي ان کي تيار ڪيو ويو.

انهي حوالي سان هتي اهو اهم نڪتو بيان ڪرڻ نهايت ضروري آهي تہ مڪي وانگر مدينو دفاعي لحاظ کان وڏي موزون جاءِ تي هيو ان جاگرافيائي پوزيشن کان قطع نظر جيڪا مديني کي حاصل هئي تہ شام ۽ عراق جي اهم علائقن جي اهو بلڪل

سامهون هيو. عربن جي عظيم ترين واپاري سڙڪ جي منڊ تي هيو ۽ سمنڊ کان صرف 70 يا 75 ميلن جي مفاصلي تي هيو. خود ان شهر کي قدرتي تحفظن جو هڪڙو قلعو ميسر هيو ۽ ٿورڙي خبرداري، رهاڪن جي تنظيم ۽ دفاع جون مناسب تدبيرون ان کي وڏيڪ مضبوط بڻائي سگهيون ٿي. شهر تقريبن ڏهه ميل ڊگهي ۽ ڏهه ميل ويڪري علائقي ۾ پکڙيل هيو ۽ ٿوري ٿوري مفاصلي تي مختلف قبيلن جا ننڍا ننڍا ڳوٺڙا ان ڪشادي ايراضي ۾ پکڙيل هيا. ان ايراضي کي "جوفِ مدينه" سڏيو ويو ۽ "حرم" قرار ڏنو ويو. ان مشهور علائقي جي وچ ۾ "سلع" نالي جبل موجود آهي ۽ ٻيون ننڍڙيون ٽڪريون آهن. جبلِ عير ۽ جبلِ ثور ان کي گهيري ۾ وٺي رکيو آهي. قبائلي ڳوٺن ۾ "آجام" يا "آطام" جي نالي سان مضبوط حفاظتي ڪوٺڙيون (قلعا) موجود هيون جن جو تعداد هڪ وقت ۾ هڪ سو ٻه رهيو آهي.

"مدينة النبي" جتي مسجد النبي ۽ حجرات نبي هيا ۽ جيڪو سلطنت جي گادي جو هنڌ به هيو وچين حصي ۾ واقع هيو. ان جي ڏکڻ ۾ گهاٽا باغ هيا. ڏکڻ اوبر ۾ قبا ۽ عوالي جا ڳوٺ پنهنجن باغن سميت موجود هيا. اوبر ۾ قبا کان اُحد تائين يهودي محلا اوبر اولهه ۾ پکڙيل هيا. ڏکڻ اولهه ۾ به آبادين ۽ باغن جو نسبتن ڇدڙو سلسلو هيو. مديني جي قديم ڪوٽ جي باب الشامي جي ڀرسان بنوساعده (جن جي اوطاق ۾ پهرين خليفي جي مقرري ٿي هئي) رهندا هيا ۽ انهن کان اڳتي جبل سلع تي بنو حرام وارن جو محلو هيو. اتر اولهه ۾ وادي البقيق جي ڪناري بئر رومه تائين تمام گهاٽا باغ هيا. ڏکڻ ۾ وڏيون ٽڪريون هيون ۽ وادين ۽ گهاٽين جي وچ مان ڏکيو رستو گذرندو هيو. مديني جي اوبر ۽ ڏکڻ ۾ تپندڙ پٿريلا ميدان هيا. جيڪي به جنگي پڙلاء جي لاءِ موزون هيا ۽ نه مقابلي جو ميدان ٺيڻ لاءِ. صرف اتر جي طرف کان شهر جو رستو فوجي لحاظ کان کليل هيو. تنهنڪري بدر ۽ اُحد واريون لڙايون وڙهڻ لاءِ قريشن اهو ئي طرف پسند ڪيو. ليڪن مڪي جي فوجن جو اتر طرف کان اچي حملو ڪرڻ جنگي لحاظ کان اهڙيون پيچيدگيون رکيون ٿي جيڪي مديني جي لاءِ فائدي واريون هيون.[1]

مديني جي بيهڪ ۽ ان جي موزون ترتيب مان فائدو وٺڻ جو انحصار ان تي هيو ته ان جي آبادي کي هڪڙي ضابطي ۾ مڙهي رکجي. ان مقصد جي لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پيو وڏو ڪارنامو اهو ڪيو ته معاهدن جي ذريعي يهودين، اوس ۽ خزرج ۽ ٻين پاڙيسري قبيلن کي انهن جي مذهبي، تهذيبي، ۽ معاشي تفاوتن جي باوجود هڪڙي ضابطي ۾ مڙهي ڇڏيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي سياسي مهارت جو اهو روشن ثبوت آهي ته هڪڙو شخص بلڪل اجنبي ماحول ۾ وڃي ٿو ۽ اهو هڪ ٻئي جي مخالف ڌرين کي ڪجهه ئي مهينن جي اندر هڪڙي سياسي وحدت ٺاهي ڇڏي ٿو. ڪمال اهو آهي ته ان سياسي وحدت جي لکت واري دستاويز ۾ نهايت واضح طور تي عدالتي، قانوني، فوجي ۽ تنقيدي اختيار حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم

---

[1] عہد نبوی کے میدان ہائے جنگ. ڊاڪٽر حميدالله صديقي ص 27 کان 29.

جي هٿن ۾ ڏنا ٿا وڃن ۽ اها لکت خدا جي حاڪميت جي اصولي روح سان سينگاريل آهي. ان سياسي دستاويز ۾ مڙني شرڪت ڪندڙن کان اهو ميڄرايو ويو ته عربي قبيلن ۾ جيڪي مشرڪ ۽ يهودي شامل هوندا، اهي مسلمانن جي تابع ۽ لڙائي جي صورت ۾ انهن جا ساٿاري هوندا. ان کان علاوه، اهي مڪي جي قريشن جي جان ۽ مال کي نه ته پاڻ امان ڏيندا ۽ نه مسلمانن جي راهه ۾ ڪا رڪاوٽ ان صورت ۾ وجهندا جڏهن اهي ڪنهن قريشي تي حملو ڪندا. ان ۾ اها ڳالهه به ميڄرائي وئي ته لڙائي ۽ صلح جا معاملا گڏيل هوندا. ڪابه لڙائي سڀني جي لاءِ لڙائي هوندي، فوجي خدمت لازمي ۽ زبردستي هوندي البت، سڀئي ساٿاري پنهنجي پنهنجي حصي جو جنگي خرچ پاڻ ادا ڪندا. يهودين سان اها ڳالهه پوري وضاحت سان طئي ٿي وئي ته اهي انهن سڀني سان وڙهندا جن سان مسلمان وڙهن ۽ اهي سڀني سان صلح ڪندا جن سان مسلمان صلح ڪندا. اهي مديني جي دفاع ڪرڻ ۾ هڪجيترو حصو وٺندا. مسلمانن تي ڪير حملو ڪري اچي ته يهودي مسلمانن جي مدد ڪندا ۽ جيڪڏهن يهودين تي ڪير حملو ڪندو ته مسلمان به انهن جي مدد ڪندا.[1]

مديني جي آئيني دستاويز ۾ اهڙن معاملن جون شقون ان حقيقت جو ثبوت آهن ته سرورِ عالم صلي الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جي سامهون واضح طور تي قريشن جي طرف کان جنگي ڪارروائي جو انديشو هيو ۽ ان جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ سياسي طور تي اڳواٽ پورو پورو بندوبست ڪيو ويو هيو.

هڪڙو نهايت ئي اهم قدم مديني کي حرم ("سٽي آف پيس" ـ City of Peace) قرار ڏيڻ هيو. اهو گهٽو وڏو فيصلو به ان لکت واري دستاويز ۾ طئي ٿي ويو. مذهبي لحاظ کان ان جي معنيٰ اها هئي ته پوري ماحول کي هڪڙو تقدس حاصل آهي ۽ ان ماحول جو احترام ان جي رهواسين کي ڪرڻو پوندو. ان جو سياسي مطلب اهو هيو ته جهڙي طرح قريشي هڪڙي حرم ۾ محفوظ هيا، اهڙي طرح حضور صلي الله تعالىٰ عليه وآله وسلم مديني جي رياست جي رهواسين جي لاءِ تحفظ فراهم ڪري ڇڏيو. مطلب ته هاڻي مڪي ۽ مديني جي ان لحاظ کان پوزيشن هڪجهڙي هئي ۽ ان ۾ مڪي وارن جي لاءِ هڪڙو چيلنج لڪل هيو ته جيڪڏهن توهان مديني جي حرم جو احترام نه ڪندي ان جي رهواسين سان زيادتي ڪندا ته پوءِ توهان به مڪي جي حرم ۾ تقدس واري حصار ۾ محفوظ رهي ڪونه سگهندا.

مديني جي حرم جون حدون ـــ جيڪي ان وقت جي اسلامي مرڪزي حڪومت جي حدبندي به ڪنديون هيون ـــ ان کي مستقل طور تي مقرر ڪرڻ جي لاءِ حضور صلي الله تعالىٰ عليه وآله وسلم خاص بندوبست ڪيو ۽ ڪعب رضه بن مالڪ کي هدايت ڪئي ته مديني جي حرم جي مٿانهين جاين تي منارا يا چوڪيون (بُرج) (روايت ۾ اصطلاحي لفظ "عَلم" آيو آهي) تعمير ڪراءِ. تنهنڪري ان ذات الجيش (حفيره پهاڙ

---

[1] عہد نبوی میں نظام حکمرانی ـ ڊاڪٽر حميدالله صديقي. مقالو "دنیا کا سب سے پہلا تحریری دستور".

سان گڏ جيڪو بيداء جي وچ ۾ آهي ۽ مڪي ۽ مديني جي رستي تي آهي) جي تڪرين تي، هشيرب تي (ذات الجيش جي پرسان)، مخيض جي پهاڙن تي (شام جي رستي ۾) حفيا (يا حفيه مديني جي اتر وارو جهنگ) ۾ ذوالعشير جي مقام تي (جيڪو حفيا جي ڪناري تي واقع آهي) ۽ تيم پهاڙ تي (مديني جي اوپر ۾) جڳهه جڳهه تي علامتي چوڪيون (برجيون) ٺهرايون. جن جا ڪنبر اڄ تائين موجود آهن. اهو نشان ٽيل علائقو تقريباً هڪڙي منزل ڊگهو ۽ هڪڙي منزل ويڪرو آهي.[1]

مديني جي اندروني انتظام جو بنياد رکڻ سان گڏوگڏ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پرپاسي وارن قبيلن ڏانهن هڪدم ڌيان ڏنو. تنهنڪري مديني جي ڏکڻ اولهه واري علائقي ۾ ڳاڙهي سمنڊ (بحرِ احمر) جي ساحلي حصي جو پاڻ سڳورن ڪيترا ڀيرا دورو ڪيو. سڀ کان پهريان دُواب جي مقام تي ويا، جيڪو مڪي جي رستي ۾ ابواء کان ست ميل جي فاصلي تي آهي. اتي بنوحمزه وارن سان ساٿاري وارو تعلق قائم ڪري ورتو. اهڙي طرح ينبوع جي پرپاسن ۾ رهڻ وارن قبيلن سان به جلد تعلقات وارن معاهدن جو بندوبست ڪيو. ان اهم سياسي علائقي ۾ پهرين هجري ۾ جهينه جو ۽ 2 هجري جي شروع ۾ بنوضمره، بنو زرعه، بنو الـربعه ۽ 2 هجري جي آخر ڌاري بنو مدلج جو تعاون به حاصل ٿي ويو. ڪجهه ڌرين سان ته گڏيل دفاعي معاهدا طئي ٿيا ته جيڪڏهن انهن تي حملو ٿيندو ته مسلمان مدد ڪندا ۽ مسلمانن تي حملو ٿيو ته اهي مدد ڪرڻ لاءِ ايندا. ڪجهه معاهدن کي ايتري تائين رکيو ويو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي دشمنن سان دوستاڻا تعلقات نه رکيا وڃن ۽ ڪن کي غيرجانبدار رهڻ لاءِ راضي ڪيو ويو ته اسلامي رياست سان جيڪڏهن ڪنهن دشمن جي لڙائي ٿئي ته معاهدو ڪرڻ وارو قبيلو غيرجانبدار رهندو. مطلب ته تدبير جي دائري ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي سياسي حڪمت گهڻي لچڪ رکندڙ هئي.[2]

ظاهر ڳالهه آهي ته ان دوستاڻي فضا انهن قبيلن ۾ اسلامي دعوت جا رستا کولي ڇڏيا ۽ تحريڪ جا علمبردار ۽ حامي به پيدا ٿيڻ لڳا. ان کان پوءِ سياستِ نبوي جي اها تدبير هڪڙو مستقل طريقو بڻجي وئي ۽ هر زماني ۾ پاڻ سڳورن ڪيترائي سفر انهي مقصد سان ڪيا. چوڪيداري جون مهمون هجن يا جنگي اقدامات، جڏهن به پاڻ سڳورا مديني مان نڪتا ته دوستاڻا تعلقات وڌائڻ جو لائحه عمل سدائين سامهون رهيو. هتي اسان تفصيل ڪونه ٿا ڏيون، ان جو موقعو ڪنهن ٻئي باب ۾ ايندو. دشمن کي ڪمزور ڪرڻ، اسلامي تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ، پنهنجي دفاعي سياست کي مضبوط ڪرڻ ۽ رياست جي حدن کي وسيع ڪرڻ جو هڪڙو نهايت ئي موثر ذريعو اهو ئي معاهدن کي وڌائڻ وارو هيو.

---

[1] عہد نبوی کے میدان ہائے جنگ۔ ڊاڪٽرحميدالله صديقي ص 11، 12.

[2] عہد نبوی کے میدان ہائے جنگ۔ ڊاڪٽرحميدالله صديقي ص 364. حديث دفاعي از ميجر جنرل محمد اڪبر خان ص 134. تفهيم القرآن از مولانا ابوالاعليٰ مودودي ج 2 ص 122.

انهن تدبيرن سان گڏ اسلامي انقلاب جي داعي اول ۽ سندن ساٿين انهي حقيقت کي چڱي طرح محسوس ڪري ورتو هيو تہ اسان کي هڪڙي چوليون هڻندڙ طوفاني سمنڊ ۾ پيرن ڪوڙڻ جي لاءِ جيڪو ننڍڙو جزيرو نصيب ٿيو آهي، ان جو وجود هر گهڙي خطري ۾ گهيريل آهي. يا تہ طوفان جو منهن ڦيرائي چوڌاري سمنڊ کي قابو ۾ رکڻو پوندو ورنہ اهو جزيرو بہ هڪڙي ٻوٽي وانگر طوفان ۾ گم ٿي ويندو. انهن نهايت تيزي سان پنهنجو پاڻ کي هڪڙي متحرڪ جنگي طاقت ۾ بدلائي ڇڏيو. اهي هستيون بدلجندڙ حالتن ۾ اسلامي تحريڪ جي نت نون تقاضائن کي ان خوبي سان سمجهنديون هيون جو نئين مرحلي جي لاءِ هڪدم پنهنجي اندر نيون صلاحيتون اپاري وٺنديون هيون.

مديني ۾ جڏهن جهاد واري دور انهن کي پڪاريو تہ اهي پنهنجي اڳين حالت کان نئين موقف ڏانهن ايندي هڪڙي گهڙي لاءِ بہ ڪونہ هٻڪيا. انهن مان ڪڏهن ڪنهن ايئن ڪونہ سوچيو تہ اسان تہ دعوت ڏيڻ ۽ واعظ ڪرڻ وارا ماڻهو آهيون. اسان کي ڀلا جنگ ۽ جهيڙي جي هنگامن سان ڪهڙو واسطو اهي تہ دنيا جي سياستدانن ۽ سلطنتون فتح ڪرڻ وارن جا ڪم آهن ۽ اصلاح پسندن کي اهو ڪٿي زيب ڏيندا. حڪومت، سلطنت، جنگ ۽ جهيڙي واري راهہ تبليغ ڪرڻ وارن جي راهہ ڪٿي ٿي سگهي ٿي. تبليغ ڪرڻ وارن جو ڪم تہ بس ويٺي ويٺي مارکائيندو رهڻ، ۽ ان حالت ۾ برداشت جو ڪمال ڏيکارڻ هوندو آهي. جيڪڏهن مديني جي اسلامي جماعت اهڙي طرح سوچي ها تہ تحريڪ جي تقاضائن جي تبديلي جو شعور حاصل ڪري نہ سگهي ها. اڳي وڌندي وڌندي بحث ۽ تڪرار ۾ لڳي وڃي ها، ايئن چئن ڪکن پنن سان تحريڪ جيڪو آکيرو ٺاهيو هيو اهو آکيرو ٺاهڻ وارن جي جذبات جي پنهنجي ئي ڪنهن چڻنگ سان سڙي چڪو هجي ها. ان جي لاءِ ڪنهن ٻاهرين چوچڙي جي ضرورت ئي نہ پوي ها.

اهي عقابي شان وارا ڳڙڻ جيترا ماڻهو جتي پنهنجي صداقت واري نظرئي جا سرگرم داعي هيا، اتي اهي ان نظرئي تي قائم ٿيڻ واري رياست جو دفاع ڪرڻ جي لاءِ بهترين جانباز سپاهي بہ ثابت ٿيا. انهن پنهنجو پاڻ کي منظم سپاهہ ۾ بدلائڻ جي لاءِ تکڙا قدم کنيا ۽ جتي مدينو هڪڙو امن وارو گهر، هڪڙي تعليم گاهہ ۽ اسلامي تهذيب جو باغ باغيچو بڻجي رهيو هيو اتي اهو هڪڙي مضبوط فوجي ڪئمپ جي حيثيت بہ اختيار ڪري ويو.

الله تعاليٰ جي طرف کان نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مٿان هاڻي هڪڙي سپهہ سالار (ڪمانڊر) جون ذميواريون بہ اچي ويون هيون، جن کي انجام ڏيڻ لاءِ پاڻ سڳورن بي سروساماني جي حالت ۾ بہ اهڙي خوبي، وڏي ڏاهپ ۽ حڪمت کان ڪم ورتو جو رڳو انهي موضوع تي لکڻ لاءِ وڏا دفتر گهرجن.

## گشت وارو نظام ۽ ان جا مقصد:

مديني جي رياست جي عظمت واري سربراهہ هجرت جي چئن پنجن مهينن کان پوءِ گشت ڪرڻ لاءِ فوجي دستا روانا ڪرڻ شروع ڪيا. بدر واري لڙائي کان اڳ هيٺيان دستا روانو ڪيا ويا:

1. امير حمزه رضہ بن عبدالمطلب جي اڳواڻي ۾ 30 ماڻهن جو دستو سيف البحر ڏانهن دشمن جي نقل وحرڪت جو جائزو وٺڻ لاءِ موڪليو ويو هيو. ابوجهل ٽن سون ماڻهن سان مڪي مان نڪتو هيو. ليڪن مسلمانن کي هوشيار ڏسي موٽي ويو. (رمضان 1 هجري)

2. عُبيده رضہ بن حارث جي ڪمان ۾ سٺ سپاهين تي مشتمل جيشِ رابع مڪي وارن جي فوجي حالتن کي معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. دشمن جا 200 ماڻهو عَڪرِمہ يا ابوسفيان جي اڳواڻي ۾ ثنية المرة جي جاءِ تي موجود ڏٺا ويا. گشت ڪري اهو لشڪر سلامتي سان واپس آيو. (شوال 1 هجري)

3. سعد رضہ بن ابي وقاص جي اڳواڻي ۾ 80 ماڻهن جو جٿو گشت ڪرڻ جي لاءِ جحفہ تائين موڪليو ويو. اهي بغير ڪنهن واردات جي واپس اچي ويا. (ذي القعد 1 هجري)

4. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پاڻ 70 ماڻهن کي ساڻ ڪري ابواء جي علائقي ۾ تشريف کڻي ويا. جتان قريشن جي واپاري سڙڪ گذرندي هئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم عمرو بن فحشي ضمري سان معاهدو ڪري بغير ڪنهن ٽڪراء جي واپس اچي ويا. (صفر 2 هجري)

5. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بذاتِ خود 200 سپاهين کي ساڻ ڪري بواة ڏانهن (رضوي پهاڙ جو علائقو جيڪو ينبوع جي ويجهو آهي) ويا. رستي ۾ اميہ بن خلف جي اڳواڻي ۾ هڪ سو ماڻهن تي مشتمل قريشن جو قافلو مليو. مگر انهن سان ڪوبہ جهيڙو جهڳڙو ڪونہ ڪيو ويو. (ربيع الاول 2 هجري)

6. ڪرز بن جابر فهري مديني جي جانورن تي ڌاڙو هنيو تہ اطلاع ملندي ئي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم 70 سپاهين جو دستو ساڻ ڪري پيڇو ڪيو. ڪرز توڙي جو بچي نڪري ويو مگر ان عمل مان اهو فائدي وارو اثر ضرور ٿيو تہ مدينو بهرحال، هڪڙي متحرڪ طاقت آهي. (ربيع الاول 2 هجري)

7. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم 150 ماڻهن جو هڪڙو لشڪر وٺي ذوالعشيره (جيڪو مڪي ۽ مديني جي وچ ۾ ينبوع جي ويجهو آهي) تشريف کڻي ويا ۽ اتي بنو مدلج ۽ بنو ضمره وارن سان معاهدو ڪيو. (جمادي آلاخر 2 هجري)

8. عبدالله رضہ بن جحش جي اڳواڻي ۾ 125 ماڻهن تي مشتمل هڪڙي مهم نخلہ ڏانهن گشت ڪرڻ لاءِ موڪلي وئي. قريشن جي هڪڙي قافلي سان توڇان توڇان ٿي وئي. (رجب 2 هجري).

انهن مهمن کي ٽڪراء جي لاءِ ڪونہ ٿي موڪليو ويو. بلڪ نخلہ ۾ وقتي ماحول جي اثر هيٺ مديني جي طئي ٿيل پاليسي جي خلاف جيڪو ٽڪراء ٿيو ان کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ناپسند ڪري حوصلہ شڪني ("ڊسڪريج" ـ Discourage) ڪرڻ لاءِ قيدي آزاد ڪري ڇڏيا ۽ قتل ٿيل ماڻهوءَ جي خون بها ادا ڪئي وئي. ان سان بيا گهڻا وڏا وڏا مقصد وابستہ هيا. يعني:

..... انهن مهمن جي ذريعي مديني جي رياست جي سرحدن جي حفاظت جو انتظام رهي ۽ دشمن جي نقل و حرڪت جو اندازو ٿئي. قريشن ۽ ٻين قبيلن کي اها نئين

حقيقت ۾ محسوس ڪرائڻ جو مقصد هيو تہ هاڻي هتي هڪڙو باقاعده حڪومتي نظام موجود آهي ۽ مدينو ان جو مرڪز آهي.

..... مسلم انقلابي جماعت جا رضاڪار سپاهي ڀرپاسي جي علائقن، اتان جي ڳوٺن، اتان جي جهرجنگ، اتان جي رستن ۽ اتان جي چشمن کان سڌو سنئون واقف ٿين.

..... انهن کي ڪمان ڪرڻ، ڪمان هيٺ رهي فرض ادا ڪرڻ، پاڻ ۾ ڪم ڪار ۽ وقت ورهائڻ، تدبيرون ڪرڻ ۽ بروقت فيصلو ڪرڻ جي مهارت حاصل هجي، جنهن کان سواءِ ڪوبہ دفاعي نظام هلي نٿو سگهي.

..... قريشن کي محسوس ٿي وڃي تہ هاڻي انهن جي معاشي شاهہ رڳ مديني جي هينان اچي چڪي آهي ۽ اهي انهن جي واپاري سڙڪ کي روڪي، جڏهن بہ گهرن تہ انهن جي قافلن جو اچڻ وڃڻ بند ڪري سگهن ٿا. واضح رهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ننڍپڻ ۾ بصري ۽ مديني ڏانهن ۽ جواني ۾ ٻيهر شام ڏانهن جيڪي سفر ڪيا هيا، انهن جي دوران پاڻ سڳورن، مديني جي جاگرافيائي ۽ سياسي اهميت سمجهي ورتي هئي ۽ قريشن جي واپاري سڙڪ جي هر گهٽ گهيڙ کان واقف هيا. پنهنجي اڳوڻي واقفيت جي بنياد تي خوف ڏيارڻ ۽ دٻاءَ وجهڻ جي پاليسي هڪدم ٺاهڻ ۾ پاڻ سڳورن کي ڪا ڏکيائي پيش ڪونہ آئي. ٻئي طرف پاڻ سڳورا نہ صرف قريشي قبيلي جي هڪڙي ويجهڙي ڀاتي هجڻ جي ڪري بلڪ پاڻ بہ واپار ڪري ۽ قافلن ۾ سفر ڪري قريشن جي معيشت جي سڀ کان وڏي واپاري ذريعي کان آگاهہ هيا. طائف، يمن ۽ نجران جي واپاري مهمن کي پاسي رکي ڏسو تہ رڳو شام ۽ عراق واري سڙڪ تي واپاري سفرن مان قريشن کي اڍائي لک اشرفيون ساليانو آمدني هئي.[1]

اهي مهمون جنهن تربيتي نقشي موجب موڪليون ويون، ان ۾ اهو بندوبست ڪيل هيو تہ سپاهين کي منظم جنگي ڪارروائي جي مشق ٿئي. اهي هڪڙي مرڪزي ڪمان (ڪمانڊ) جي هيٺ مشين جي پرزن وانگر حرڪت ڪري سگهن، صف بندي جي مشق پيدا ڪرڻ، جهنڊي (عَلم) ۽ فوجي رمزن ۽ اشارن کي استعمال ڪرڻ سکن، روزو رکڻ ۽ نمازن جي پابندي ۽ مشڪل ترين حالتن ۾ حڪمن جي مطابق فرض ادا ڪري جفاڪشي جي صلاحيت پيدا ڪن. ان سان گڏ پاڻ سڳورن خبرون پهچائڻ جو هڪڙو مضبوط نظام قائم ڪري ڇڏيو جنهن جي سگهہ تي پاڻ سڳورا مڪي ۽ ڀرپاسي وارن قبيلن ۽ پنهنجي سرحدي علائقي جي حالتن کان پوري طرح آگاهہ رهندا هيا. انهي سلسلي ۾ پاڻ سڳورن رياست جي مرڪز جي حفاظت جي لاءِ چوڪيداري وارو گشت ڪرڻ ۽ پهرو ڏيڻ جو انتظام بہ ڪيو.

اهي هيا بہ طرفا حالات جن جي اثر هيٺ قريشن بدر واري لڙائي وڙهڻ جو فيصلو ڪيو.

---

[1] تفهيم القرآن. سيدابوالاعليٰ مودودي ج 2 ص 121.

## ٻہ واقعاتي محرڪ (جنگ بدر):

ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي تہ لڙائي جي لاءِ ماحول تهيو تڪيو موجود هيو. ڪرز بن جابر فهري جو ڌاڙو مديني جي لاءِ قطعي طور تي هڪڙو جنگي چيلنج هيو. چوتہ ڪائي زندھ ۽ سجاڳ حڪومت پنهنجين حدن ۾ غيرن جي اهڙي ڌوهي مداخلت کي جنگ برابر سمجهڻ کان رهي نٿي سگهي. ٻئي طرف نخلہ وارو حادثو ٿي ويو. جنهن جي نوعيت توڙي جو اهڙي ئي سرحدي جهڙپن واري هئي، جهڙي حڪومتن ۽ جنگي ڪمانڊرن جي مرضي کان سواءِ سپاهين جي وچ ۾ ڪن بہ ٻن ملڪن جي سرحد تي واقع ٿيندي رهندي آهي. مگر مڪي وارن کي ان واقعي جي بنياد تي مخالفاڻي پروپيگنڊا جي مهم هلائڻ جي لاءِ سونهري موقعو ملي ويو. انهن خوب هُل مچايو تہ ڏسو نئين دين جي علمبردارن ماهِ حرام جي حرمت بہ پائمال ڪري ڇڏي. هوڏانهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم قيدي آزاد ڪري ڇڏيا. قتل ٿيل شخص جو خون بها ادا ڪيو ۽ پنهنجو پاڻ کي حڪومت جي سربراھ جي حيثيت سان ان حادثي جي ذميواري کان آجو ڪري ڇڏيو. ليڪن ان سان گڏوگڏ قرآن شريف مڪي وارن جي پروپيگنڊا جو اهو چئي بخيا اڌيڙي ڇڏيا تہ ماهِ حرام ۾ قتل ڪو سنو ڪم ڪونهي، ليڪن توهان طرفان ماڻهن کي الله جي دين کان روڪڻ، انهن کي حرم مان تڙڻ ۽ انسانذات جي اصلاح جي راھ ۾ روڙا اٽڪائڻ ان کان بہ وڏي خرابي آهي ۽ ان خرابي جي پاڙ پٽڻ لاءِ جيڪڏهن مسلمان قاتل خنجر کي حرڪت ۾ آڻين تہ اهي هڪڙي خدمت انجام ڏئي رهيا هوندا. نخلہ واري واقعي جو فائدي وارو پهلو اهو هيو تہ قريشن جون اکيون کلي ويون تہ جن ماڻهن کي انهن بي سروسامان ڪري ڪڍيو هيو ۽ جن کي اهي تازو گرانهہ يا آڪ جي ماکي سمجهي رهيا هيا، اهي ضرورت پوڻ تي پٿر جو جواب پٿر سان ڏئي سگهن ٿا. تاهم مڪي جي پروپيگنڊا واري مشينري غضب جي باھ ڀڙڪائڻ ۾ نخلہ واري واقعي مان گهڻو فائدو ورتو.

## قريشن جون ٽي طرفيون ضرورتون:

مديني تي چڙهائي ڪرڻ جي لاءِ قريشن جي سامهون ٽي وڏا مسئلا هيا. هڪڙو بنوڪنانہ جو تعاون حاصل ڪرڻ، ٻيو جنگجو سپاهين جي فراهمي ۽ ٽيون جنگي خرچ پکي جو بندوبست ـــــ پهرين مونجهاري جي حل ٿيڻ جو ذڪر اسان اڳ ۾ ڪري آيا آهيون، ٻي ضرورت هيئن پوري ٿي جو قريشن جو معاملو احابيش سان طئي ٿي ويو. مڪي جي ويجهو حبشي نالي هڪڙي ٽڪري آهي. جنهن جي پير ۾ رهندڙ ڪجھ قبيلن (بنونضير، بنو مالڪ ۽ بنو مطيبين) دوستاڻو معاهدو ڪيو هيو ۽ ان جي ڪري انهن جو نالو احابيش پيو. مڪي جي شهرين جي مقابلي ۾ اهي ماڻهو لڙايون ڪرڻ وارين صلاحيتن ۾ گهڻو وڌيڪ هيا ۽ دوستاڻن معاهدن کان علاوہ معاوضي تي بہ لڙاين ۾ ڪم ڪندا هيا. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ جلدي جي ڪري پهرين لڙائي ۾ عملي طور انهن کي ساڻ ڪونہ کنيو ويو ۽ قريشي سردارن کي بدر واري لڙائي جو نتيجو ڏسي ان ڪوتاهي

جو افسوس بہ ٿيو. هوڏانهن بنو مصطلق وارا بہ هيا (جيڪي ٻارهن ننڍن خاندانن تي مشتمل هيا) انهن سان بہ قريشن جو معاملو طئي ٿي ويو.[1]

ٽئين مسئلي جو حل اهو ڪڍيو ويو تہ قريشن جو جيڪو واپاري قافلو پنهنجي موسم تي شام وڃي رهيو هيو ان ۾ مڪي وارن پنهنجو وڌ کان وڌ سرمايو لڳايو. غير واپاري عورتن پڻ پنهنجا زيور ۽ جمع پونجي ڪٽي اچي ڏنا. خود ابوسفيان جو چوڻ آهي تہ مڪي جي قريشن، مرد ۽ عورتن، مان ڪوئي اهڙو ڪونہ هيو جنهن ان موقعي تي حصو نہ ورتو هجي.[2] مقصد اهو هيو تہ وڌ کان وڌ سرمايو لڳائي وڌ کان وڌ نفعو ڪمايو وڃي ۽ آمدني جي سگهہ تي جنگي مهم موڪلي مديني جي رياست کي تهس نهس ۽ تباهہ وبرباد ڪري ڇڏجي.

## قريشي واپاري قافلو لڙائي جو مُنڍ هيو:

ظاهر ڳالهہ آهي تہ لڙائي جي ٻين تيارين سان گڏ (جن جي خبر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي هڪدم پئجي ويندي هئي) ان تدبير جي اختيار ڪرڻ جي اها معنيٰ هئي تہ قريشن جو اهو واپاري قافلو بجاءِ خود جنگي ڪارروائي جو منڍ هيو. ائين چئجي تہ اسلامي تحريڪ جو ڳلو ڪپڻ لاءِ اهو قافلو سون جو خنجر وٺڻ نڪتو هيو. حالتون اهڙيون هجن تہ ڪهڙي مُهذب ترين حڪومت اڄ بہ پرپاسي وارين شاهراهن، پاڻين ۽ فضائن ذريعي دشمن سلطنت کي سلامتي سان گذري وڃڻ جو موقعو ڏيندي. هوائي جهاز ماري ڪيرايا وڃن ٿا، سامونڊي جهازن کي پڪڙيو وڃي ٿو يا تارپيڊو هڻي غرق ڪيو وڃي ٿو سرمايا ضبط ڪيا وڃن ٿا، ٽپال روڪي وڃي ٿي، واپاري ڏيتي ليتي ختم ٿي وڃي ٿي. آخر مديني جي نئي رياست جي لاءِ اها انوکي تقاضا ڇو ڪئي وئي آهي تہ ان کي دشمن کي سيني تي مڱ ڏرڻ جي کليل اجازت ڏيڻ گهربي هئي ۽ جيڪڏهن ڪونہ ڏني تہ ان جي مزاحمتي ڪاررواين کي ڦرلٽ وارين مهمن جو نالو ڇو ٿو ڏنو وڃي؟ جڏهن اها حقيقت واضح آهي تہ واپاري سڙڪ اهڙن علائقن مان گذري ٿي جيڪي معاهدن واري تعلقات جي بنياد تي مديني جي اثر هيٺ آيل علائقا هيا، تہ پوءِ اسلامي حڪومت آخر پنهنجن علائقن مان دشمن طاقت کي گذرڻ جو موقعو ڇو ڏئي ها؟

ڪو سبب ڪونهي تہ مديني ۾ ان قافلي تي ڇاپو هڻڻ جو جيڪو رجحان موجود هيو ان جي سلسلي ۾ معمولي بہ معذرت ڪئي وڃي ۽ ڪنهن بہ حوالي سان ان کي سياسي يا دفاعي گناهہ تصور ڪيو وڃي. ان قافلي ۾ هٿ وجهڻ جي لاءِ جيڪڏهن مسلمان طاقت ۾ ڪجهہ بہ خواهش موجود هئي تہ اها پنهنجي جاءِ تي بلڪل بجا هئي ۽ ابوسفيان کي ان قسم جو انديشو ٿيو تہ بلڪل درست ٿيو. انديشي جي ان فضا ۾ اهو افواهہ بہ مديني جي ڪنهن قدم کڻڻ کان اڳ مشهور ٿي ويو تہ قافلي تي حملو ڪرڻ جون تياريون ٿي رهيون

---

[1] رحمت للعالمين ﷺ قاضي سليمان منصورپوري ج 2 ص 361 ۽ 362.
[2] سيرت النبي ﷺ شبلي نعماني ج 1 ص 292.

آهن. هوڏانهن ابوسفيان شام ڏانهن ويندي بہ مديني جي ماحول جو جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ واپسي تي ڦوڪي ڦوڪي قدم رکي رهيو هيو. ان جائزو وٺي جڏهن اهو محسوس ڪري ورتو تہ پراسرار قسم جي نقل و حرڪت ٿي رهي آهي ۽ خطرو بلڪل ويجهو آهي تہ ان فوجي مدد طلب ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي قاصد کي مڪي ڊوڙايو ۽ قافلي جو رستو تبديل ڪري ڇڏيو. قاصد مڪي پهچي عربن جي مخصوص ڍنگ تي اُٺ جا ڪن ڪپيا، نڪ چيريو ڪجاوو اونڌو ڪري ڇڏيو. قميص ڦاڙي ڇڏي ۽ روايتي "بچڙوحال" ڪري واويلا ڪئي تہ "اي قريشيو! پنهنجي قافلي کي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کان بچائڻ جي لاءِ نڪرو. ڪٿي توهان جي پهچڻ کان اڳ ان جو خاتمو نہ ٿي وڃي." ان مروجہ ڊرامائي انداز پوري مڪي ۾ جذباتي هيجان پيدا ڪري ڇڏيو ۽ تڪڙو تڪڙو هڪڙي مضبوط فوج، جنهن سان ابولهب کان سواءِ باقي سڀ جا سڀ سردار شامل هيا، هٿيارن پهوارن سان ليس ٿي نڪري پئي. فوج جي سردارن جي سامهون صرف قافلي کي بچائي وٺي اچڻ جو محدود مشن ڪونہ هيو بلڪ جنهن دٻدٻي سان اهي نڪتا هيا، اهو خود شاهد آهي تہ انهن مسلمان طاقت کي پهرين ئي سٽ ۾ نپوڙي هميشہ جي لاءِ ختم ڪرڻ گهريو ٿي.

ان موقعي تي جيڪڏهن مسلمان طاقت ٿورڙي بہ ڪمزوري ڏيکاري ها، چپ هٽي ويهي رهي ها ۽ ڪا فوجي نقل و حرڪت نہ ڪري ها تہ ابوسفيان بہ پنهنجو قافلو اطمينان سان وٺي وڃي ها ۽ قريشي فوج بہ مديني جي علائقي ۾ گِهري، بلڪ مديني جي دروازي تي تاريخي نڪ نڪ ڪري، خيريت سان واپس هلي وڃي ها تہ پوءِ ان نئين قائم ٿيل رياست جي هوا ئي نڪري وڃي ها. مديني جا يهودي ۽ منافق الڳ سرڪش ٿي وڃن ٿا. پرپاسي وارن قبيلن جي نظر ۾ وقعت نہ رهي ها ۽ ان حڪومت ۾ ايترو اثر ئي نہ رها جو اها دوستاڻن تعلقاتن کي وڌائي سگهي. بلڪ آڳرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن لاءِ پنهنجي جان، مال ۽ عزت کي بچائي رکڻ مشڪل ٿي وڃي ها. جدوجهد ڪرڻ واري طاقت کي اهڙا مرحلا پيش ايندا آهن جو پنهنجي تعداد ۽ وسيلن جي قلت ۽ سنگين مشڪلات جي باوجود ان کي نهايت جرئت مندي سان حالتن جي للڪار (چيلنج کي قبول ڪرڻو پوندو آهي. اهڙا موقعا ڪڏهن ڪڏهن ايندا آهن ۽ انهن موقعن تي جيڪڏهن وقت جو فرض مڙسي سان ادا نہ ڪيو وڃي تہ اهڙي خراب نموني سان پوئتي هٽڻو پوندو آهي جو پوءِ سالن ۾ بہ ان جي تلافي ڪونہ ٿي سگهندي آهي. بلڪ ڪڏهن تہ وقت کان پٺتي رهجي وڃڻ هميشہ جي لاءِ پوري کيل کي ابتو ڪري ڇڏيندو آهي. جڏهن تڪراءِ جا اهڙا تاريخي موقعا سامهون اچي ويندا آهن تہ پوءِ سپاهين جي ڳڻپ ۽ اسلحي ۽ رسد جي مقدارن کي سامهون رکي قدم کڻڻ جا منصوبا ڪونہ ٺاهيا ويندا آهن، بلڪ سوال اهو سامهون هوندو آهي تہ وقت کان پٺتي رهجي وڃڻ تي تاريخ جو وهڪرو ڪٿي سِرن کان مٿان نہ گذري وڃي. اصل ۾ اهڙن ئي موقعن تي قيادت جي صلاحيتن جي پرک بہ ٿي ويندي آهي ۽ پيروڪارن جي بہ. سو مديني کي بہ اهڙو ئي فيصلہ ڪن تاريخي موقعو سامهون هيو. ننڍڙي مسلمان رياست جيڪڏهن ڪافي قوت رکي ها تہ يقيني طور ان کي نہ قافلي کي بچي نڪري وڃڻ ڏيڻو پوي ها ۽ نہ قريشي فوج

جون وايون بتال ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪرڻ گهرجي ها، مگر جيئن ته هڪ ئي وقت ۾ ٻئي مهمون وس کان ٻاهر هيون، انهيءَ ڪري مشيت جو فيصلو به اهو ٿيو ته ڪا هڪڙي ئي بازي (اِحۡدَى الطَّآئِفَتَيۡنِ) ڪٽي سگهجي ٿي. الله تعاليٰ اهو گهريو ته مقابلو ٿئي ته اهڙو جو ان سان حق حق ٿي وڃي ۽ باطل باطل ٿي وڃي ۽ ڪفر جون پاڙون پٽجي وڃن.

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي پنهنجي خبرون پهچائڻ واري نظام جي ذريعي قافلي ۽ فوج، ٻنهي طرفن جا اطلاع مسلسل ملي رهيا هيا. آخرڪار پاڻ سڳورن وادي ذِفران ۾ مشاورتي اجتماع طلب ڪيو ۽ حالتن جي پوري صورت سامهون رکي جائزو وٺڻ گهريو ته آيا جماعت ۾ وڏو ڪيل ڪيڏي وڃڻ جي همت آهي به يا نه[1] خود پاڻ سڳورن اهو عزم رکيو ٿي ته جيڪا به قوت فراهم آهي ان کي زندگي ۽ موت جي بازي ۾ لڳايو وڃي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جماعت جي سامهون ٻئي امڪان رکيا ته هڪڙي پاسي قافلو آهي ۽ ٻئي پاسي فوج، کهڙي پاسي قدم کڻجي. هڪڙي وڏي گروهه قافلي ڏانهن قدم وڌائڻ جي تجويز جي حمايت ڪئي ۽ قرآني اشاري جي موجب ان گروهه ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو به شامل هيا جيڪي سهوليتون ڳولڻ جو شڪار هيا ۽ جن جي لاءِ مالي مفاد به اهميت رکيو ٿي. پاڻ سڳورن وري سوال ورجايو جنهن جي معنيٰ اها هئي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم قافلي کي پڪڙڻ واري تجويز جي حق ۾ ڪونهن. ان اشاري کي سمجهي مهاجرن جي طرف کان حضرت ابوبڪر صديق رضه حضرت عمر فاروق رضه ۽ مقداد رضه بن عمرو ڀرپور انداز ۾ تعاون پيش ڪيو ته توهان حڪم الاهي جي مطابق جيڏانهن به قدم کڻندا اسان گڏ هونداسين ۽ بني اسرائيل وانگر اهو چئي ويهي ڪونه رهنداسين ته موسيٰ عليه السلام! وڃو توهان ۽ توهان جو خدا گڏجي وڙهو اسان ته هتي ويٺا هونداسين. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم وري پنهنجو سوال دهرايو ۽ مقصد اهو

---

[1] اسان جي دور جي سيرت نگارن ۾ ان ڳالهه تي سخت اختلاف آهي ته آيا حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم مديني ۾ ئي مهاجرن ۽ انصارن سان خصوصي مشاورت ڪري قافلي ڏانهن وڃڻ کي ڇڏي قريشي فوج جو مقابلو ڪرڻ لاءِ نڪتا هيا يا مديني مان نڪرڻ وقت ته قافلي کي پڪڙڻ جو خيال هيو پر بعد ۾ جڏهن وادي ذفران پهچڻ تي قافلي جي نڪري وڃڻ سان حالتن جي نئين صورت سامهون اچي وئي ته پاڻ سڳورن اتي هنگامي مشاورت ڪئي ۽ فوج سان مقابلو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اهو بحث مشرقي علمن جي يورپي ماهرن (مستشرقين) جي ان واهيات الزام سان پيدا ٿيو آهي ته مديني جي حڪومت (نعوذ بالله) ڦرلٽ جون ڪارروايون ڪري معاشي بحران جو ازالو ڪرڻ جي پٺيان هئي. تنهن ڪري تفسير، حديث، لڙاين جي تاريخ (مغازي) ۽ سيرت جي ڳهڻن دفترن جي خلاف وڃي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش شروع ٿي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم دستوونئي قافلي کي نشانو بڻائڻ جي لاءِ ڪونه نڪتا هيا، بلڪ مديني ۾ ئي مشاورت ڪري فوج سان مقابلو ڪرڻ جو فيصلو ٿي ويو هيو. ان نقطه نظر جو سڀ کان وڏو وڪيل مولانا شبلي نعماني هيو ۽ ان قرآن شريف کي پنهنجي حق ۾ ڳالهائيندڙ قرار ڏنو. ليڪن اصل ۾ ان طرفان واقعن جي تعبير جي حق ۾ نه ته قرآن شريف واقعي ائين ڳالهائي ٿو نه وري گهڻي تعداد ۾ موجود مضبوط روايتن کي پاسي تي رکي سگهجي ٿو نه ته واقعن جو سلسلو ان جي اهڙي سوچ جي تائيد ڪري ٿو. مورڳو اهو اعتراض ئي درست ڪونهي جنهن سان اهو بحث پيدا ٿيو آهي. اسان انشاء الله اهو بحث ان جي اصل موقعي تي پوري تفصيل سان کڻنداسين. وادي ذفران ۾ پهچڻ کان پوءِ نئين صورتحال موجب مشاورت ۽ فيصلي وارو نقطه نظر ئي درست آهي.

هيو تہ انصارن جو بہ نقطہ نظر سامهون اچي وڃي. انهن سان عقبہ واري معاهدي ۾ صرف ايتري ڳالهہ طئي ٿيل هئي تہ مديني تي حملو ٿيڻ جي صورت ۾ اهي بچاءُ ڪندا. اهي جيڪڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گڏ مديني مان نڪتا هيا تہ رڳو قافلي سان مزاحمت ڪرڻ لاءِ. ليڪن بعد ۾ اوچتو حالتن جنگي مقابلو واجب ڪري ڇڏيو. سو هاڻي انهن جو ارادو ظاهر ٿيڻ ضروري هيو. ان مقصد کي سمجهي سعد رضہ بن مُعاذ انصارن جي طرف کان ڳالهايو ۽ ان پوري ايماني جذبي سان پيشڪش ڪئي تہ توهان پنهنجي عزم جي مطابق عمل ڪيو. اسان توهان سان گڏ سمنڊ ۾ بہ ٽپو ڏيڻ جي لاءِ تيار آهيون.

بهرحال, 12 رمضان 2 هجري تي مديني جي رياست جو سربراهہ صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بذاتِ خود ٽن سوَن سپاهين سان گڏ, جن ۾ 86 مهاجر, 170 خزرجي ۽ 61 ماڻهو اوس قبيلي جا هيا (حالانڪ مشهور عام تعداد 313 آهي) شهر مان نڪتا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اهڙي حڪمت واري طريقي سان قدم کنيو تہ جيئن ڀنهي طرفن تي ڌڪ لڳي. هڪڙي نظر قافلي ڏانهن هئي تہ جيئن ابوسفيان کي محسوس ٿي وڃي تہ رستو خطري وارو آهي. ٻئي طرف نظر لشڪر تي هئي. اهو معلوم ڪرڻ بہ گهڻو ضروري هيو تہ قافلو ڪٿي ۽ فوج ڪٿي آهي. ڀنهي جي وچ ۾ ڪيترو فاصلو آهي ۽ ڀنهي جي گڏجڻ جو تہ ڪو امڪان ڪونهي. قافلو پوئتي رڪجي وڃي ٿو يا سمنڊ ڪناري ڏانهن رُخ موڙي ٿو. تاهم صفراء جي ماڳ تي پهچي پاڻ سڳورن بسبس بن عمرو الجهني ۽ عدي بن الرغباء کي بدر ڏانهن موڪليو تہ قافلي جو پتو لڳائين. پاڻ سڳورا وادي ذفران وڃي پهتا. اطلاع مليو تہ قافلو بدر وارو رستو ڇڏي سمنڊ ڪناري واري ڏکي رستي ڏانهن نڪري ويو آهي ۽ گهڻو پري پهچي ويو آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هاڻي بدر جو رُخ ڪيو.

هوڏانهن ابوسفيان ساموندي ڪناري واري علائقي ۾ پهچڻ کان پوءِ پاڻ کي محفوظ ڏسي, قريشن جي لشڪر کي پيغام موڪليو تہ هاڻي اسان بچي نڪري ويا آهيون. تنهنڪري توهان بہ واپس اچو. مگر ابوجهل جي ذهن ۾ ڪو ٻيو وهم ويٺل هيو. ان بدر وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مسلمانن تي حملو ڪرڻ جو تهيو ڪيو. زهره ۽ عدي قبيلن جي سردارن کي جيئن تہ قافلي جي بچاءُ جي لاءِ ساڻ کنيو ويو هيو. تنهنڪري انهن واپس موٽڻ جو سانباهو ڪيو. انهن جي ڳالهہ ڪونہ مڃي وئي تہ اهي پنهنجن ماڻهن کي ساڻ ڪري موٽي ويا. حڪيم بن حزام ۽ عتبہ بہ لڙائي کان باز رکڻ جي ڪوشش ڪئي, مگر ابوجهل انهن جي ڳالهہ ٻڌي ٽپي ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ان لڙائي نہ ڪرڻ جي حمايت ڪرڻ وارن کي سخت لعن طعن ڪئي ۽ ان سان گڏ نخلہ واري واقعي جي مقتول حضرمي جي ڀاءُ عامر جي جذبات کي ڀڙڪايو. عامر رڙيون ڪري هڪڙو جذباتي طوفان برپا ڪري ڇڏيو. آخرڪار قريشي فوج وڏي دٻدٻي سان بدر جي ميدان وٽ اچي پهتي.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ساٿين جي مشوري سان وڏيڪ بهتر جاءِ تي ديرو ڄمايو ۽ مناسب جنگي منصوبو ناهي محاذ جي ترتيب سوچي ورتي. دشمن جي تعداد ۽ اهم ماڻهن جي باري ۾ خبروار ڪيو ۽ جڏهن نالن سان هرهڪ جي باري ۾ معلوم ٿيو تہ

ساٿين کي فرمايو تہ ”مڪي پنهنجي جگر جا ٽُڪرا توهان جي سامهون پيش ڪيا آهن“ دشمن جي هڪ هزار سپاهين تي مشتمل لشڪر جنهن ۾ ڇهہ سَوَ زرهہ پوش، هڪ سَوَ سوار شامل هيا. جن سان اُٺن جو وڏو ڳڌ هيو اسلحي جي ڀرمار هئي، رسد حد کان گهڻي هئي، پهلوانن جي خوشنودي جي لاءِ شراب جا مٽ ۽ ڳائڻ لاءِ ناچڻيون حاضر هيون. ان جي مقابلي ۾ ٽن سَوَن کان ڪجهہ وڌيڪ بي سروسامان مجاهدن کي ميدان ۾ لاهڻ محض بهادري وارو ڪارنامو هيو. جنگي طاقت تعداد ۽ اسلحي کان علاوه ٻين بہ ڪيترين ڳالهين تي مشتمل هوندي آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي چڱي طرح خبر هئي تہ اهي جن سپاهين کي ٽن جي مقابلي ۾ هڪڙي جي تناسب سان لاهي رهيا آهن، انهن ۾ مظلومي جو روح ڇوليون هڻندڙ آهي، انهن ۾ پنهنجي نظرئي جي صداقت تي زلزلو پيدا ڪندڙ ايمان ڪم ڪري رهيو آهي. اهي تنظيم ۽ ڪردار جي لحاظ کان برتر آهن. وري انهن تي اهو احساس ڇانيل آهي تہ سوال صرف هڪڙي جنگ کٽڻ يا هارائڻ جو ڪونهي، بلڪ تحريڪ جي پوري بازي کٽڻ يا هارائڻ جو آهي. انهن جو ماضي، حال، مستقبل سڀ ڪجهہ ميدانِ بدر ۾ گڏجي ويو هيو. پوءِ سڀ کان وڌيڪ اهو تہ انهن کي الله جي مدد تي يقين هيو جيڪو انهن جي نظر ۾ اصل فيصلہ ڪن طاقت هيو. ان گهڙي نصرت الاهي جا ڪڪر ڪهڙي شان سان ڀرجي آيا هوندا جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گِڙگِڙائي پنل پنبڙين سان پنهنجي پروردگار کي هنن درد ساں ڀريل لفظن ۾ پڪاريو هوندو.

اَللّٰهُمَّ هٰذِهٖ قُرَيْشٌ قَدْ اَقْبَلَتْ بِخُيَلَآءِ هَا وَ فَخْرِهَا تُحَادُّكَ وَ تُكَذِّبُ رَسُوْلَكَ، اَللّٰهُمَّ فَنَصْرَكَ الَّذِىْ وَعَدْتَّنِىْ! اَللّٰهُمَّ اَحِنْهُمُ الْغَدَاةَ!

”اي الله! اهي قريشي آهن! اهي پنهنجي تڪبر ۽ هٺ جي نشي ۾ مست ٿي انهي غرض سان اچي رهيا آهن تہ تنهنجن ٻانهن کي تنهنجي اطاعت کان روڪين ۽ تنهنجي رسول کي ڪوڙو ڪن. پوءِ اي الله! تون پنهنجي مدد موڪل، جنهن جو تو مون سان واعدو ڪيو آهي. اي الله! سڀاڻي انهن کي هلاڪ ڪر!“

۽ پوءِ هي جملو تہ ”ياالاهي! جيڪڏهن هي چند حياتيون اڄ ختم ٿي ويون تہ پوءِ قيامت تائين تنهنجي عبادت ڪونہ ٿيندي“ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جهڙي هستي جڏهن پنهنجي تحريڪ جو ڪل سرمايو عمل جي ميدان ۾ رکي اهڙي رقعت واري دعا جو قاصد عرش جو دروازو کڙڪائڻ لاءِ موڪلي تہ پوءِ ملائڪن جون فوجون ڪيئن نہ لهي سگهيون. ائين فتح جي خوشخبري اچي وئي.( ابن هشام ج 2 ص 260.)

## بدر واري لڙائي جو نتيجو:

وقت جي تاريخ جڏهن بدر جي ننڍڙي ميدان ۾ سُڪڙجي آئي هئي ۽ ان کي حرڪت ۾ رکڻ واريون بہ طرفيون طاقتون پنهنجي پنهنجي جذبي ۾ پوري طرح تيار ٿي آمهون سامهون هيون. هڪڙي طرف ابن ڏاڏن وارو مذهب، قديم رسم و رواج، پنهنجي قيادت ۽ معاشي مفاد جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ رت ٽهڪي رهيو هيو ۽ ٻئي طرف ڪرڻ جو هڪڙو دائرو هيو جنهن مديني جي افق تان ظاهر ٿيڻ واري نئين صبح کي پوري خطہ حيات ۾

پکيڙڻ گهريو ٿي ۽ جنهن جي نظر ۾ جاهليت جي اونداهين جو سينو چيرڻ هڪڙي مقدس فرض جي حيثيت رکي ٿي. ان مقابلي ۾ پيءُ پٽ، چاچو ۽ ڀائٽيو ڀاءُ ۽ ڀاءُ، سهرو ۽ نياٽو رت جي رشتي کي وساري پنهنجي پنهنجي تصورِ حيات کي بچائڻ جي لاءِ آمهون سامهون اچي ويا هيا. ان موقعي تي انصارن اهو معلوم هوندي بہ سرڪارِ رسالت ماب صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو دل ۽ جان سان ساٿ ڏنو تہ اهي پوري عرب جي تيرن ۽ تلوارن جي سامهون وڃي رهيا آهن. وڏو سخت امتحان هيو جنهن ۾ سرخرو ٿي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ساٿين ثابت ڪري ڏيکاريو تہ اهي اسلامي تحريڪ جا سچا ۽ بي لوث ۽ جيدار علمبردار آهن. اهو مقابلو عقل کي حيران ڪندڙ نتيجي جي اعتبار کان انساني تاريخ ۾ پنهنجو مثال پاڻ ٿيو. چوڻ گهرجي تہ قدرت ابابيلن جي ذريعي هڪڙو ڀيرو وري هاٿين جي لشڪر کي تهس نهس ڪري ڇڏيو. 17 رمضان 2 هجري تي مقابلو ٿيو. اسلامي فوج جي 22 مجاهدن[1] پنهنجي نصب العين تي پنهنجون جانيون قربان ڪري ڏيکاري ڇڏيون تہ اهي عظيم ترين سچائي جا خلوص وارا شاهد آهن. ليڪن ٻئي طرف دشمن جي ستر ماڻهن کي موت جي حوالي ڪيائون ۽ پنهنجو ڪو ماڻهو انهن جي هٿ ۾ ڏيڻ کان سواءِ 70 ماڻهن کي جنگي قيدي بہ بڻايائون.

---

[1] بدر جا شهيد:
(1) مهجع رضہ بن صالح .......... حضرت عمر رضہ جو آزاد ڪيل غلام. پهريون شهيد. پاڻ سڳورن فرمايو: يَوْمَئِذٍ مَهْجَعٌ سَيِّدُ الشُّهَدَاء اجوڪي ڏينهن مهجع (رضہ) شهيدن جو سردار آهي.
(2) عبيده رضہ بن حارث بن عبدالمطلب بن ڪنان ........... اسلامي سريي جو سڀ کان پهريون سردار.
(3) عمير رضہ بن ابي وقاص (مالڪ) بن اهيب بن عبد مناف ........ سعد رضہ بن ابي وقاص جو وڏو ڀاءُ.
(4) عاقل رضہ بن بڪير بن عبدياليل ......... ليثي.
(5) عمير رضہ بن عمير بن فضلہ ....... بنو زهره جو ساٿاري. ذوالشمالين لقب هيس.
(6) عوف رضہ يا عوذ رضہ بن عفراء ........... عفراء امڙ جو نالو هيس ۽ پيءُ جو نالو حارث هيو.
(7) معوذ رضہ بن عفراء.
(8) حارث رضہ يا حارثہ رضہ بن سراقہ بن حارث ........ ان جي امڙ انس رضہ بن مالڪ جي ڦُڦي هئي.
(9) يزيد رضہ بن حارث يا حرث بن قيس بن مالڪ .... ڀائيچاري ۾ ذي الشمالين جو ڀاءُ قرار ڏنو ويو هيو.
(10) رافع رضہ بن معليٰ بن لوذان ...... انصاري
(11) عمير رضہ بن حام بن جموح بن زيد بن حرام ...... ڀائيچاري (مواخات) ۾ ٻئي نمبر واري شهيد حضرت عبيده رضہ جو ڀاءُ قرار ڏنو ويو هيو.
(12) عمار رضہ بن زياد بن سڪين بن رافع ........ انصاري اشهلي.
(13) سعد رضہ بن خثيمہ ........ انصاري اوسي.
(14) مبشر رضہ بن عبدالمنذر بن زبير بن زيد ......... انصاري اوسي.
زرقاني ج 1 ص 444 تي هي عبارت آهي تہ اِسْتُشْهِدَ يَوْمَ بَدْرٍ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ اَرْبَعَةَ عَشَرَ رَجُلاً..... يعني بدر جي ڏينهن مسلمانن جا چوڏهن ماڻهو شهيد ٿيا. اها فهرست زرقاني ۽ الاستيعاب جي متفق عليہ آهي.
ڪجهہ تاريخدان 22 جو تعداد ٻڌايو آهي. مون کي انهن کان علاوه سعد رضہ بن خولي، صفوان رضہ بن بيضاء فهري ۽ عبدالله رضہ بن سعيد بن عاص الموي جا نالا بہ مليا آهن. اهڙي طرح فهرست جي نالن جو تعداد 17 ٿئي ٿو. (قاضي محمد سليمان منصور پوري. رحمت للعالمين ج 2 ص 222 ۽ 223.

ان کان علاوه، مال غنيمت بہ هٿ ڪيائون. قريشن جاوڏا وڏا رئيس جن ۾ شيبہ، عتبہ، ابوجهل، ابوالبختري، زمعہ الاسود، عاص بن هشام، اميہ بن خلف، مُنَبہ بن الحجاج جهڙا شخص شامل هيا، اسلام جي جهادي تلوار جو کاڄ ٿي ويا. انهن جي قيادت جون صفون غرق ٿي ويون. دراصل قريشن جي ڇيلهہ ان پهرين مقابلي ۾ ڇڄي ٿي وئي هئي ۽ انهن جو غرور مٽي ۾ ملي ويو هيو ۽ اسلامي تحريڪ هڪدم پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري مستقبل جي نئين افق ڏسڻ جي قابل ٿي وئي. انهي بنياد تي قرآن شريف بدر جي لڙائي واري ڏينهن کي "يوم الفرقان" يعني حق ۽ باطل کي الڳ ڪرڻ واري ڪسوٽي جو ڏينهن قرار ڏنو. دراصل ان لڙائي فيصلو ڪري ڇڏيو تہ قريشن جي محبوب جاهليت واري نظام ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيش ڪيل اسلام مان ڪنهن کي زنده رهڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ جو حق آهي ۽ ڪنهن ۾ اها صلاحيت آهي. انهيءَ ڪري قرآن شريف پنهنجي تبصري ۾ چيو تہ ۽نهي مان هاڻي ان کي زنده رهڻو آهي جيڪو پنهنجي زنده رهڻ جي لاءِ واضح دليل رکندو هجي ۽ عوام کي بہ جنهن جي دامن جهلڻي هجي تہ اهو دليل جي بنياد تي جهلي ....... پوءِ گهرن تہ جاهليت جي هلاڪت واري کڏ ۾ ڪِرن ۽ گهرن تہ اسلام جي زندگي بخشيندڙ فضائن ۾ پرواز ڪن.

قيدين کي چار چار هزار درهم (ڪجهہ اميرن کان وڌيڪ رقم ورتي وئي) فديو وٺي واپس ڪيو ويو. اهڙي طرح قريشن تي اڍائي لک درهم کان وڌيڪ مالي بوجهہ پئجي ويو ۽ ان معاشي ڏڪ انهن جي طاقت کي اڃا بہ وڌيڪ اپرو ڪري ڇڏيو. سياسي حيثيت کان بدر جي ان غيرمتوقع (قريشن جي نقطہ نظر کان) نتيجي جو اثر اهو ٿيو تہ عرب قبيلن جي نظرن ۾ اسلامي تحريڪ ۽ مديني جي رياست جو وزن وڌي ويو ۽ اها طاقت مستقبل جي اميد گاهہ قرار ٿيڻ جي قابل ٿي وئي. تنهنڪري (هڪڙي نقطہ نظر جي مطابق) مديني جا ڪجهہ يهودي قبيلا بدر واري لڙائي کان پوءِ ئي مديني جي دستوري معاهدي ۾ شريڪ ٿيا. مديني جي رهواسين اڪثريت ۾ اسلام قبول ڪيو. صحيح معنيٰ ۾ اسلام بدر واري مقابلي کان پوءِ ئي هڪڙي تسليم ٿيل عام رياست بڻيو. ڇوتہ ان پنهنجو هڪڙي سياسي طاقت هجڻ ميجرائي ورتو.

وَاذْكُرُوٓا اِذْ اَنْتُمْ قَلِيْلٌ مُّسْتَضْعَفُوْنَ فِى الْاَرْضِ تَخَافُوْنَ اَنْ يَّتَخَطَّفَكُمُ النَّاسُ فَاٰوٰىكُمْ وَاَيَّدَكُمْ بِنَصْرِهٖ وَرَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ (٢٦)

"۽ ياد ڪيو اهو وقت جڏهن توهان ٿورڙا هيا، زمين ۾ توهان کي ڪمزور سمجهيو ويندو هيو توهان ڊڄندا رهندا هيا تہ ڪٿي توهان کي ماڻهو مِٽائي نہ ڇڏين. پوءِ الله توهان کي پناهہ جي جاءِ مهيا ڪئي. پنهنجي مدد سان توهان جا هٿ مضبوط ڪيا ۽ توهان کي سٺو رزق ڏنو تہ جيئن توهان شڪرگزار بڻجو."
(سورت الانفال آيت 26)

هي آيت حقيقت ۾ هر دور جي اسلامي تحريڪ جي ٻن وڏن دورن کي پڌرو ڪري ٿي. هڪڙو قلت، ڪمزوري ۽ خوف ۽ خطري جو دور. ٻيو پختگي، مضبوطي، اقتدار فاتحاڻن قدمن ۽ معاشي فلاح جو دور. اسلام ۾ جيئن پهريون مرحلو فطري ۽ لازم آهي، ائين ئي ٻيو مرحلو بہ طبعي ۽ واجب آهي. ان آغاز جو منطقي انجام اهوئي آهي، ليڪن اسلام جو اهو تصور جيڪو فردن ۽ قومن کي مستقل طور پهرين حالت ۾ رکي، ان تي ئي قناعت ڪندڙ ڪري ڇڏي ۽ اڳتي واري روشن دور ڏانهن ڪا واٽ ئي نہ ڪڍي ڏئي تہ اهو ضرور نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيڪاريل اسلام کان ڪنهن نہ ڪنهن نموني ۾ انحراف ڪندڙ هوندو.

ان موقعي تي ڪافرن کي بہ نصيحت سان للڪاريو ويو تہ "جيڪڏهن توهان چئو فيصلو گهريو ٿي تہ ڏسو اهو فيصلو توهان جي سامهون اچي ويو. هاڻي مڙي وڃو. توهان جي حق ۾ اهو ئي بهتر آهي، ورنہ جيڪڏهن توهان پوءِ بہ ان بيوقوفي کي ورجائيندا تہ اسان بہ ٻيهر توهان جي خبر وٺنداسين ــــ" (﴿إِن تَسْتَفْتِحُوا فَقَدْ جَاءَكُمُ الْفَتْحُ ۖ وَإِن تَنتَهُوا فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۖ وَإِن تَعُودُوا نَعُدْ. الانفال آيت 19) پوءِ مسلمان قوم ڏانهن رخ ڪري چيو ويو تہ هاڻي سندرو ڪولي ڇڏڻ جو سوال پيدا ڪونہ ٿو ٿئي. بلڪ هاڻي جن هٿن ويڙهہ لاءِ تلوار کي مياڻ مان ڪڍي ورتو آهي، انهن هٿن کي شل ڪرڻ کان سواءِ ساهي نہ کڻو. "هاڻي انهن سان جنگ جاري رکو ايستائين جو فتنو باقي نہ بچي ۽ دين پوري جو پورو الله جي لاءِ ٿي وڃي." (﴿وَقَاتِلُوهُمْ حَتَّىٰ لَا تَكُونَ فِتْنَةٌ وَيَكُونَ الدِّينُ كُلُّهُ لِلَّهِ.الانفال آيت 39) يعني قريشن جنگ ۽ فتني جي جيڪا باهہ ٻاري ڇڏي آهي، هاڻي ان کي مڪمل طور وسائڻ کان سواءِ دين جي ڪم جي تڪميل نٿي ٿي سگهي.

## ٻن طاقتن جو فرق:

بدر واري لڙائي کي حق تعاليٰ جنهن بنياد تي يوم الفرقان (الانفال آيت 41) قرار ڏنو جنهن بنياد تي چيو تہ جَاءَكُمُ الْفَتْحُ (ڏسو! فيصلو توهان جي سامهو ٿي ويو. الانفال آيت 19) جنهن بنياد تي سورت آل عمران ۾ فرمايو تہ قَدْ كَانَ لَكُمْ آيَةٌ فِي فِئَتَيْنِ الْتَقَتَا ۖ ٻن لشڪرن جي ويڙهہ ۾ توهان جي لاءِ نشاني آهي. (آل عمران آيت 13) ان کان علاوه توجهہ ڇڪايو تہ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّأُولِي الْأَبْصَارِ ان واقعي ۾ بصيرت واريون اکيون رکڻ وارن جي لاءِ نصيحت آهي. (آل عمران آيت 13) اهو حقيقت ۾ نظرياتي ۽ اخلاقي فرق آهي جيڪو ٻنهي طاقتن جي آمهون سامهون اچڻ سان پوري طرح واضح ٿي ويو. هڪڙو لشڪر دنياوي مقصدن ۽ غرضن، قبائلي ۽ نسلي تعصبن کي پاسي تي رکي صرف الله جي واٽ ۾ انساني لڏي جي عظيم ڀلائي لاءِ اٿي ٿو. ٻيو لشڪر پنهنجي سرداري، پنهنجي نسلي غرور، پنهنجي واپاري مفاد ۽ پنهنجن انڌن جذبن جي خاطر اڳتي وڌي ٿو. پهريون لشڪر الله جي سامهون عاجزي ڪندو نمازن، سجدن ۽ رڪوعن ۾ مگن ۽ رضاءِ الاهي تي

نظرون ڇمائي ميدان ۾ لهي ٿو. ٻيو لشڪر دعوتون ۽ مهمانيون ڪندو شراب جا دور هلائيندو موسيقي جي تائُن ۾ گم ٿيندو ۽ ناچڻين جي بدن جي حرڪت سان دل وندرائيندو سامهون اچي ٿو. ٻهريون لشڪر ماڻهن جي تعداد ۽ اسلحي جي گهٽتائي سان گڏ ايمان، وحدت، نظم ۽ ڪردار جي لحاظ کان وڌيڪ اعليٰ قوتن سان سينگاريل آهي. ٻيو لشڪر تعداد ۾ گهڻو ۽ سامان جي لحاظ کان وزنائتو آهي، مگر اخلاقي قوت جي لحاظ کان نهايت ڇسو ۽ پوءِ قدرت ٻنهي جي وچ ۾ فتح ۽ شڪست جو انتهائي واضح فيصلو ڪري ٿي، جيڪو انڌن کي بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ منجهڻ واري قوت ڪهڙي آهي ۽ وڙهڻ ويجهڻ واري ڪهڙي؟

اهو فرق ڪجهہ واقعن کي سامهون رکڻ سان اڃا بہ وڌيڪ پڌرو ٿي ويجي ٿو.

ابو حذيفہ رضہ بن يمان ۽ ابو حُسيل رضہ بہ مسلمان نوجوان ان زماني ۾ مڪي کان آيا. رستي ۾ ڪافرن روڪيو تہ اسان توهان کي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي مدد لاءِ وڃڻ ڪونہ ڏينداسين. انهن شريڪ نہ ٿيڻ جو واعدو ڪري جان ڇڏائي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ اچي سچو واقعو ٻڌايو. تعداد جي گهٽتائي سان اهو نازڪ موقعو هيو جو هڪڙي ڪِيول جي مدد بہ ملي ها تہ گهڻي اهم محسوس ٿئي ها. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ توهان جيڪو واعدو ڪيو آهي، ان کي لازمي وفا ڪيو اسان جي الله تعاليٰ پاڻ مدد ڪندو. انهن کي لڙائي ۾ شامل ڪونہ ڪيائون. تاريخ وٽ اهڙا سونهري مثال ڪيترا هوندا؟

ڪافرن جي قتل ٿيل ماڻهن جي لاشن کي پاڻ سڳورن هڪڙي کڏ کوٽائي دفن ڪرايو. ڪنهن بہ لاش جي بي حرمتي ڪونہ ٿي.

مال غنيمت جي باري ۾ ان زماني ۾ عام طريقو اهو هو تہ جنهن جي هٿ ۾ جيڪو ڪجهہ اچي، اهو ان جو هوندو هو ۽ ان قاعدي جي ڪري فتح جا آثار ظاهر ٿيڻ سان ئي هلڙگلڙ ۽ هٿ ڪس شروع ٿي ويندي هئي، ليڪن قرآن شريف مالِ غنيمت جو نئون ضابطو مقرر ڪيو. جنهن جي لاءِ بنيادي تصور اهو ڏنو تہ "اَلْاَنْفَالُ لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ" (يعني مالِ غنيمت الله جو ۽ رسول جو آهي. الانفال آيت 1) ۽ ان کي خرچ ڪرڻ ۽ ورهائڻ اسلامي حڪومت جو ڪم آهي. ان نئين ضابطي جي بنياد تي سمورو مال غنيمت پائي پائي ۽ ذرو ذرو لشڪر جي سالار جي قدمن ۾ ڍير ڪيو ويڻ لڳو ۽ پوءِ ان مان پنجون حصو رياست جي مجموعي ضرورتن جي لاءِ الڳ ڪري باقي مجاهدن ۾ ورهايو ويندو هيو.

جاهلي نظام ۾ جنگي قيدي فاتح جي رحم و ڪرم تي هوندا هئا ۽ انهن سان ظلم ڪيا ويندا هئا. انهن سان خراب سلوڪ ڪيو ويندو هيو ۽ انهن کي غلام بڻايو ويندو هيو ـــ ۽ اڄوڪي تهذيب واري دور ۾ بہ جنگي قيدين سان جيڪو وحشياڻو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو اهو بہ پڌرو آهي. ليڪن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جنگي قيدين کي نئون مرتبو ڏنو. هدايت ڪئي وئي هئي تہ قيدين کي نهايت آرام سان رکيو وڃي.

ڪجھ اصحابن ان هدايت جي تعميل ۾ پاڻ ڪتل تي گذارو ڪري پنهنجي حوالي ٿيل قيدين کي سنو کاڌو کارائي سندن خدمت پئي ڪئي. خود بدر واري لڙائي جي هڪڙي قيدي ابوعزيز (معصب بن عمير جو ڀاءُ) جو بيان آهي ته مون کي جن انصارن وٽ رکيو ويو هيو اهي پاڻ ڪتل تي گذارو ڪندا هئا ۽ مون کي سنو کاڌو آٽي ڏيندا هئا. ان سلوڪ جي ڪري مان گهڻو شرمسار ٿي ويندو هيس. جن قيدين وٽ اُگهورو لباس هيو انهن کي ڪپڙا ڏنا ويا. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جو چاچو حضرت عباس رضه جيڪو ان وقت جنگي قيدي هو ڊگهي قد وارو هجڻ ڪري ڪوبه پهراڻ ان کي پورو ڪونه ٿي آيو. انهيءَ ڪري ان جي لاءِ عبدالله بن ابي پهراڻ موڪليو. ان ئي احسان جي بدلي ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ان جي ڪفن لاءِ پنهنجو پهراڻ عطا ڪيو هيو. قيدين ۾ سهيل بن عمرو به هو جيڪو پنهنجي ذات جو پورو زور حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي خلاف تقريرون ڪرڻ ۾ صرف ڪندو هيو حضرت عمر رضه مشورو ڏنو ته ان جا سامهون وارا ڏند پٽرائي ڇڏجن ته جيئن اڳتي جي لاءِ اهو خطابت جو جوش ڏيکاري نه سگهي. ڪوئي ٻيو هجي ها ته پنهنجي هڪڙي بيوس قيدي سان بدترين سلوڪ ڪرڻ ۾ دير نه ڪري ها. ليڪن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم فرمايو ته جيڪڏهن مان ان جي جسم جي ڪنهن حصي کي بگاڙيان (اصطلاح ۾ ان کي "مثلاً"ڪرڻ چوندا آهن) ته منهنجو نبي هجڻ جي باوجود الله تعاليٰ ان جي سزا ۾ منهنجي به جسم جي ان حصي کي بگاڙي ڇڏيندو.

فاتح طاقت عام طور تي غرور جي نشي ۾ بدمست ٿي نهايت غيرسنجيده ٿي ويندي آهي. ليڪن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي ساٿين ۾ اهڙي هلڪڙائپ جي جهلڪ به ڏسڻ ۾ ڪونه ايندي هئي. ايستائين جو جڏهن ابوجهل جي قتل ٿيڻ جي خبر ملي ٿي ۽ پاڻ سڳورن جي سامهون ان جو سر آندو ويجي ٿو ته ان وقت پاڻ سڳورن جي زبان تي الله جي تعريف جا جملا جاري ٿي وڃن ٿا. مديني ڏانهن فاتح فوج هلندي (مارچ ڪندي) اچي ٿي ته ان وقت به نه ڪنهن بينڊ باجي جو انتظام ٿئي ٿو ۽ نه مديني پهچڻ کان پوءِ ڪو خوشيءَ جو جشن ملهايو ويجي ٿو. دلين تي فقط شڪر ڪرڻ جو هڪڙو جذبو طاري آهي. جنهن جو بنياد ان احساس تي آهي ته اها فتح الله تعاليٰ جو انعام آهي.

ان جي بجاءِ جو مسلمان مجاهد پنهنجي طاقت جي گهمنڊ جو شڪار ٿي وڃن، انهن جو سالار (ڪمانڊر) صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم قرآن شريف جي آيتن جي آئيني ۾ انهن کي رهيل ٿورين ذهني ۽ اخلاقي ڪمزورين ڏانهن متوجه ڪري ٿو. انهن جي جنگي ڪردار تي تنقيدي تبصرو ڪري اُٹوٹنڊڙ پهلوئن کي پڌرو ڪري ٿو. اهڙي طرح انهن ۾ وڌيڪ تعمير ۽ اصلاح جي لاءِ تحريڪ پيدا ڪئي ويجي ٿي. هتي بحث ڪرڻ جي لاءِ جيئن ته ايتري گنجائش ڪونهي جو سيني جنگي ڪارروايُن تي هڪڙي

باب ۾ ايتري تفصيل کان ڪم ورتو ويچي، ليڪن اسان پهرين پهرين مقابلي تي انهيءَ لاءِ ڌيان ڇڪايو آهي تہ پڙهندڙ کي ان جي ذريعي ان نقطہ نظر جي ڄاڻ ٿئي جنهن کان سواءِ پوءِ ٿيڻ وارن جنگي واقعن کي سمجهڻ ممڪن ڪونهي.[1] باقي جنگين جو داستان اسان نسبتن مختصر ڪري بيان ڪنداسين.

## بدر واري لڙائي کان پوءِ:

بدر واري لڙائي ۾ اسلامي رياست جي هڪڙي مختصر دستي سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اڳواڻي ۾ توڙي جو قريشن کي هڪڙي سبق سيکارڻ واري شڪست ڏني، ليڪن ان سان گڏ مستقبل ۾ لڙاين جو هڪڙو سلسلو شروع ٿي ويو. مڪي جي تلوار هڪڙو دفعو مياڻ مان نڪرڻ کان پوءِ هاڻي امن جو قيام ان کان سواءِ ممڪن ڪونہ رهيو تہ ان تلوار کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏجي ۽ ان کي لهرائڻ وارن هٿن کي شل ڪري ڇڏجي. مخالف ڌرين زخم کائيندو آهي تہ پوءِ ان جو انتقامي جذبو ان نانگ وانگر وروڪڙ کائيندو آهي جنهن جو پڇ چٿيو ويو هجي. اها ڳالهہ بلڪل پڌري هئي تہ توڙي جو قريشن جي اڳواڻي واري صف سرگرم ۽ هوشيار سردارن کان هڪدم خالي ٿي وئي هئي، انهن جو اقتصادي مستقبل خطري ۾ پئجي ويو هيو ۽ انهن جي طاقت جو جيڪو چرچو هلندو پئي آيو اهو پهريون دفعو ڪنهن حد تائين ڪمزور ٿيڻ لڳو هيو ليڪن تاريخ جو اهو بہ هڪڙو قاعدو آهي تہ مذهبي، سياسي يا معاشي اقتدار جنهن کي بہ حاصل هوندو آهي، اهو ان کي بچائڻ جي لاءِ آخري داءُ تائين کيڏندو آهي. خاص طور تي نسل در نسل جيڪي طبقا ۽ ماڻهو سماج تي تسلط حاصل ڪري وٺندا آهن، اهي ڪنهن اهڙي طاقت جي لاءِ جيئري رستو ڪونہ ڇڏي سگهندا آهن، جنهن جي وڌڻ جو لازمي نتيجو انهن جي اڳواڻي جي خاتمي جي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ وارو هجي. اهي ننهن چوٽيءَ جو پورو زور لڳائي آخري پساهہ تائين وڙهندا آهن. تنهنڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم چڱي طرح سمجهيو ٿي تہ بدر جي فتح اسلامي رياست جي لاءِ دفاعي لحاظ کان مستقبل جون ڪيتريون ڳريون ذميواريون پاڻ سان گڏ کڻي آئي آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي چڱي طرح اندازو هيو تہ قريشي پنهنجي پوري مذهبي ۽ سياسي اثر، پنهنجن پراڻن دوستاڻن تعلقاتن ۽ پنهنجي مڪمل معاشي قوت کي استعمال ڪري بہ پنهنجي ان جنگي جهنڊي کي بلند رکڻ جي ڪوشش ڪندا، جنهن کي لهرائيندي انهن جي فوج مڪي مان پهريون دفعو ٻاهر نڪتي هئي.

---

[1] بدر واري لڙائي جي باري ۾ مٿين معلومات فراهم ڪرڻ جي لاءِ هيٺيان ڪتاب نظر ۾ رهيا.
(1) تفهيم القرآن. مولانا سيدابوالاعليٰ مودودي ج 2 سورت الانفال جو ديباچو ۽ حاشيا. (2) سيرت النبي از علامہ شبلي نعماني ج 1 ص 237، 292. (3) اصح السير. مولانا عبدالرئوف داناپوري ص 128، 142. (4) *عہد نبوی کے میدان ہائے جنگ*- ڊاڪٽرحميدالله صديقي ص 14، 25 (5) حديثِ دفاع. ميجر جنرل اڪبر خان ص 122، 165.

ائين چئڻ تعمير ۽ اصلاح جي داعي ۽ سچائي ۽ انصاف جي علمبردار کي مجبور ڪيو ويو تہ اهو تعميري ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي جماعت جي مختصر قوت کي هر گهڙي خبردار ۽ نت نون مقابلن جي لاءِ تيار رکي. تنهنڪري بدر واري لڙائي کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي عملي طور هڪ ٻئي پٺيان دفاعي قدم کڻڻ جو بندوبست ڪرڻو پيو. بدر واري لڙائي تان واپس اچڻ کان پوءِ صرف ست ڏينهن گذريا هئا تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي فوجي مهم جي لاءِ مديني کان ماء الڪدر وڃڻو پيو. جتان اطلاع مليو هيو تہ بنوسليم ۽ بنوغطفان جي ڪجهہ ماڻهن جنگي ارادي سان ڪجهہ طاقت گڏ ڪئي هئي. مگر دشمن سامهون ڪونہ آيو ۽ پاڻ سڳورا ٽن ڏينهن تائين پڙلاءِ ڪرڻ کان پوءِ واپس اچي ويا. بعد ۾ انهن ماڻهن جي وري گڏ ٿيڻ جي خبر آئي تہ غالب رضہ بن عبدالله هڪڙو دستو وٺي ويا. ٿوري جهڙپ ٿي ۽ فسادي ڀڄي ويا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن بدر واري مهم تي مديني کان ٻاهر هئا تہ پٺيان بنوقينقاع وارن معاهدو ٽوڙي هنگامو ڪيو هيو ايتري وڏي واقعي کي نظرانداز ڪرڻ جو مطلب اڳتي جي لاءِ مديني کي تباهي جي حوالي ڪرڻ هيو انهيءَ ڪري شوال 2 هجري ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن جي خلاف فوجي طاقت سان هڪڙي قسم جي پوليس ڪارروائي ("پوليس ائڪشن" ـ Police Action) ڪئي ۽ انهن جي خواهش مطابق ٽپاڪڙ ڪرائي. جنهن جي فيصلي موجب انهن کي مديني جي حدن مان نيڪالي ڏني وئي.

بدر واري لڙائي جي ٻن مهينن کان پوءِ (ذوالحج) ابوسفيان ٻن سون ماڻهن سان مديني جي علائقي ۾ آيو ۽ ڳجهي نموني ۾ سلام بن مشڪم سان ملي جنگي سازباز ڪرڻ گهري مگر ڪاميابي جي ڪائي صورت نہ ڏسي عريض واري ماڳ تي وڻن کي تباهہ ڪري ۽ هڪڙي انصاري کي قتل ڪري ڀڄي ويو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پيڇو ڪندي قرقرہ الڪدر جي ماڳ تائين ويا. مگر قُرلٽ ڪرڻ وارن جو دستو ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. انهن ماڻهن ڀڄڻ وقت بار گهٽائڻ لاءِ جَوَن جي ستو جا ٻورا ڪيرائي ڇڏيا، جيڪي اسلامي دستي جي قبضي ۾ آيا. انهيءَ ڪري ان مهم جو نالو غزوہ سويق پئجي ويو. ذوالحج جو باقي مهينو مديني ۾ گذريو. ليڪن محرم 3 هجري ۾ اطلاع مليو تہ بنوثعلبہ ۽ بنومحارب وارا حملو ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي رهيا آهن. پاڻ سڳورا مهيني جي آخر ڌاري نجد تشريف کڻي ويا ۽ گهڻو ڪري صفر جو پورو مهينو ان علائقي ۾ گذاريائون. دشمن مقابلي جي لاءِ ڪونہ آيو. بغير ٽڪراءَ جي واپسي ٿي. پاڻ سڳورن ايترو وقت انهيءَ مطلب لاءِ صرف ڪيو تہ ان علائقي ۾ دوستاڻا تعلقات وڌي وڃن تہ جيئن قريشي ان پاسي کي واپاري رستو اختيار ڪري نہ سگهن.[1]

[1] ان مهم کي غزوہ ذي امرا ۽ غزوہ انمر جو نالو بہ ڏنو ويو آهي.

ربيع الآخر ۾ قريشن طرفان حملي جو انديشو ٿيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مديني ۾ ابن ام مڪتوم رضہ کي پنهنجو قائم مقام مقرر ڪري مقابلي جي لاءِ بُحران[1] جي مقام تائين پهتا ۽ جمادي الاول تائين سرحدن جي حفاظت جي لاءِ فوجي ڪئمپ قائم ڪري رکي. بغير ڪنهن ٽڪراءَ جي واپس ٿي. 3 هجري ۾ قريشن جو هڪڙو واپاري قافلو وري نڪتو تہ ان جي مجوزه رستي ۾ ڏمڪائڻ لاءِ فوجي گشت ڪيو ويو زيد رضہ بن حارث جمادي الآخر ۾ هڪ سو مجاهدن سان گڏ موقعي تي پهتو. قافلي جو رهنما (گائيڊ) فرات بن حيان گرفتار ٿي اسلامي جماعت ۾ شامل ٿيو. قافلي کان هڪ لک درهم جي چاندي کسي وئي.

حالتن جو اهو سلسلو هيو جنهن جو نتيجو اُحد واري لڙائي جي صورت ۾ نڪتو.

## ٻيو وڏو مقابلو ____ اُحد:

انساني تاريخ ۾ جڏهن بہ مثبت ۽ منفي نظرياتي طاقتن ۾ ٽڪراءُ ٿيندو آهي ۽ هڪڙي طاقت انسانذات کي سچائي، فلاح ۽ ترقي جي واٽ تي وٺي وڃڻ لاءِ اٿندي آهي ۽ ٻي ابن ڏاڏن جي نظام جو تحفظ ڪرڻ جي پٺيان هوندي آهي تہ اهڙي ٽڪراءُ ۾ وڏو جوش ۽ جذبو ڪم ڪندو آهي. اسلام ۽ جاهليت جي لڙائي اُحد واري مقابلي ۾ اهڙي غير معمولي جوش ۽ جذبي جو نظارو ڏيکاريو.

قريشن کي بدر واري لڙائي ۾ جيڪي ٻيا ناقابل تلافي نقصان پهتا هئا، انهن کان علاوه اقتصادي چوٽ سخت ڪاري لڳي هئي. قيدين جي فديي ۾ ادائي لک درهم کان وڌيڪ رقم ڏيڻي پئي هين. وري قافلي جي ڏکهي رستي کان گهمي اچڻ ڪري خرچ وڌي وين ۽ نفعو اڳ کان گهٽجي ويو. انهيءَ ڳالهہ کان وڌيڪ اهو تہ اڳتي جي لاءِ واپاري نظام مستقل خطري ۾ پئجي ويو. جيئن اسان مٿي بيان ڪري آيا آهيون تہ قريشن جي واپاري قافلي کان مسلمانن هڪ لک درهم جي چاندي ضبط ڪئي. هندوستان ۽ يورپ جي وچ ۾ بين الاقوامي واپار جي جيڪا بہ نقل و حرڪت ٿيندي هئي، اها يمن ۽ مڪي جي رستي سان ٿيندي هئي. مڪي جي قريشن جي واسطي سان ٿيندي هئي ۽ مڪي جا قريشي پنهنجي معاهداتي نظام جي سگهہ تي حفاظت جو انتظام ڪري چڱي گهڻي ڪمائي ڪندا هئا. طائف ۽ ٻين علائقن جي واپاري آمدني کي ڇڏي صرف شام واري رستي ذريعي قريشن کي ساليانو ادائي لک اشرفين جي آمدني ٿيندي هئي. هاڻي مڪي جي سر مٿان هڪڙو خوفناڪ اقتصادي بحران ڦيرا ڏئي رهيو هيو. انهن حالتن ۾ بدر جي انتقام جي باهہ اندر ئي اندر پڙڪڻ لڳي.

تمام جلد نئين مقابلي جي لاءِ تياريون شروع ٿي ويون. شام واري قافلي مان حاصل ٿيل سموري نفعي کي جنگي فنڊ ۾ رکيو ويو عمرو جمحي ۽ مسافع جهڙن مشهور شاعرن

---

[1] ان جو اچار بُحران بہ آهي. ابن هشام ج 2 ص 425 ۽ 426.

پنهنجي فني ذات کي ڪم ۾ آڻي جنگ جي باھ کي ڀڙڪايو. مڪي جي عورتن پنهنجن پيارن ۽ پٽن جي موت جا جيڪي زخم کاڌا هئا. انهن جي ٽيسن کان بيتاب ٿي اهي باسون باسي رهيون هيون تہ ايندڙ جنگ ۾ اهي مسلمان شهيدن جو رت پيئنديون. تنهنڪري عملي طور فوج سان گڏ وڏن وڏن گهراڻن جون ناليواريون عورتون جنگ جي ميدان لاءِ روانو ٿيون. مثال طور هند (جيڪا عتبہ جي ڌيءَ، ابو سفيان جي زال ۽ معاويہ جي ماءُ هئي)، ام حڪيم (عڪرمہ بن ابوجهل جي زال)، فاطمہ (خالد بن وليد جي ڀيڻ)، برزه (طائف جي رئيس مسعود ثقفي جي ڌيءَ)، ريطہ (عمرو بن عاص جي زال) ۽ حناس (حضرت مصعب رضہ بن عمير جي ماءُ) وغيره.

قريشن پنهنجي رضاڪار لشڪر کي تيار ڪرڻ سان گڏ احابيش وارن کي بہ شامل ڪيو. ان کان علاوه، عمرو بن عاص، عبدالله بن الزبعري، هبيره بن ابي وهب، مسافع بن عبدمناف ۽ عمرو بن عبدالله جمحي کي مديني جي خلاف جنگ جي ترغيب ڏيڻ لاءِ عربستان جي مختلف قبيلن ڏانهن موڪليو. اهڙي طرح وڏي طاقت گڏ ٿي وئي. ٽي هزار سپاهي جن ۾ ست سَوَ زرهہ پوش ۽ بہ سَوَ گهوڙيسوار شامل هئا. پنهنجي جاءِ تي دل ڏڪائڻ واري طاقت هئي. فوجي طاقت جي اها ٻوڏ هئي جيڪا پوري سال جي تياري کان پوءِ مڪي مان رواني ٿي، مديني جي چراگاهن ۾ پهتي تہ اطمينان سان پنهنجن جانورن کي گاهہ چارائي متارو ڪيو ۽ ڪجهہ ڏينهن رستي ۾ ترسي اربع جي ڏينهن اُحد جبل وٽ اچي پڙلاءُ ڪيو.

رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو چاچو حضرت عباس رضہ دل سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو وفادار ۽ اسلامي تحريڪ جو حامي هيو ۽ خاص حڪم هيٺ مڪي ۾ هيو تہ جيئن دشمن جي ڪئمپ جي اندروني حالتن تي نظر رکي. ان تيز رفتاري سان وجڻ واري قاصد کي موڪلي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي انهن تيارين کان آگاهہ ڪيو. پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي پنهنجي خبر رساني واري خاص جنگي نظام جي ذريعي 5 شوال 3 هجري تي اطلاع مليو تہ قريشن جو لشڪر مديني پرسان پهچي ويو آهي ۽ عريض واري چراگاهہ کي انهن جي جانورن ناڙ ڪري چڏيو آهي. وري انهن جي تعداد ۽ انهن جي قوت جي صحيح اندازي واري رپورٽ بہ پهچي وئي. شهر ۾ هڪدم رات جو پهرو ڏيڻ جو انتظام ڪيو ويو. صبح جو ياڻ سڳورن مشورو ڪرڻ لاءِ گڏجاڻي ڪوٺائي. اڪثر مهاجرن ۽ انصارن جي اڪابرن شهر ۾ رهي مقابلو ڪرڻ جي تجويز رکي، ليڪن بدر واري لڙائي ۾ شريڪ ٿيڻ کان محروم رهڻ وارن نوجوانن جوش ۽ جذبي سان ان راءِ تي زور ڏنو تہ ٻاهر نڪري مقابلو ڪيو وڃي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٻئي نقطہ نظر سامهون اچڻ کان پوءِ گهر تشريف کڻي ويا ۽ زرهہ پائي واپس آيا، مطلب تہ ٻي تجويز کي ياڻ سڳورن قبول ڪيو. انهي حوالي سان اهو نہ وساريو تہ عبدالله بن ابي بہ پهرين راءِ جو حامي هو ۽ اها

ڳالھ بہ عالم آشڪار هئي تہ قريشي سازباز جون تارون ان جي ذات سان اچي جڙنديون هيون. ہي وڏي جنگ جي موقعي تي قريشن ان سان ڳجھي ھڏي ڪري ورتي هئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان حقيقت کي ڄاڻندي کو بحث ڪرڻ کان سواء خاموشي سان نوجوان طبقي جي راء قبول ڪري ورتي. جمع جي ڏينهن جمع نماز پڙهڻ کان پوءِ پاڻ سڳورن جي اڳواڻي ۾ هڪ هزار مسلمان مجاهد روانا ٿيا. عبدالله بن ابي بہ گڏ هيو. پنهنجي پهرين تجويز رد ٿيڻ کان پوءِ ان شرارت جي هڪڙي ہي ڪوشش ڪندي جنگ جي محاذ جو هڪڙو خاص موقعو ڇاھڻ جي لاءِ تجويز پيش ڪئي. اها تجويز بہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم منظور ڪونہ ڪئي تہ اهو فتني باز مايوس ٿي ويو ۽ شوط واري ماڳ تان ٽي سَوَ حمايتي ساڻ وٺي واپس هليو ويو. ان کي شڪايت هئي تہ جڏهن اسان جي ڳالھ نٿي مڃي وڃي ۽ اختيارن ۾ اسان جو ڪو حصو ڪونهي تہ اسان ڇو وڙهون. ان منافقاڻي حرڪت جو بين تي بہ خراب اثر پيو. مثال طور بنوسلمہ ۽ بنوحارثہ بہ دل لاهي واپس ٿيڻ لڳا. ليڪن دلير ماڻهن انهن جي همت ٻڌرائي.

مديني مان ٻاهر وڃي ميدان ۾ لهڻ کان اڳ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم لشڪر جو جائزو ورتو. ڪجھ ڇوڪرا بہ جهاد جي جذبي سان پرجي گڏ آيا هئا. انهن کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم واپس وڃڻ جو حڪم ڏنو. پوءِ بہ هرهڪ جي ڪوشش هئي تہ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ان کي مقابلي ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو ملي. رافع بن خديج ڪُڙين تي ايو بيهي پاڻ کي لڙائي جو اهل ثابت ڪيو ۽ سمره وري رافع کي ملھ دسي پنهنجي طاقت مڃرائي. نئين نسل جو اهو ڪردار صالح ماحول جي تربيت جو نتيجو هيو! مسلمان عورتن تي توڙي جو اهو جهاد فرض ڪونہ هيو ليڪن تحريڪ جي نازڪ صورتحال کي ڏسي انهن جا جذبا بہ ڇوليون هڻي رهيا هئا. تنهنڪري ڪجھ عورتن، مثال طور، حضرت عائشہ رضہ، ام سليط رضہ (ابو سعيد خدري رضہ جي ماءُ)، ام سليم رضہ (حضرت انس رضہ جي ماءُ)، ام عماره رضہ ۽ ڪجھ ٻيون عورتون مسلمان فوج سان گڏ روانيون ٿيون ۽ انهن شاندار خدمتون انجام ڏنيون. مسلمان لشڪر جو ڪل تعداد ست سو هيو جن مان هڪ سو مجاهد زرهہ پوش هئا. انهن جي ايماني قوت هئي جو اهي پاڻ کان ٽيوڻ تي وڏي ۽ هٿيارن سان ليس فوج سان مقابلو ڪرڻ وڃي رهيا هئا.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اُحد جبل کي پٺ کان رکي محاذ جو نهايت بهترين نقشو ترتيب ڏنو. مصعب رضہ بن عمير کي اسلامي جهنڊو عطا ڪيائون. زبير رضہ بن عوام رسالي جا آفيسر مقرر ٿيا. حضرت حمزه رضہ کي غير زرهہ پوش سپاهين جو ڪمانڊر بڻايو ويو. پٺيان جبل عينين (جبل رمات) جي لڪ وٽ پنجاھ تيراندازن جو دستو مقرر ڪيو ويو ۽ دستي جي قيادت عبدالله رضہ بن جبير جي حوالي ڪئي وئي. قريشن بہ بدر جي تجربي جي روشني ۾ منظم جنگ جي ان نئين طريقي جي تقليد

ڪئي، جنهن کي اسلامي لشڪر اختيار ڪيو هيو. ميمنہ، ميسره، سوارن ۽ تيراندازن جا دستا الڳ الڳ ڪمانن ۾ ترتيب ڏنا ويا.

جنگ جي شروعات طور چوڏهن قريشي عورتن جي هڪڙي ٽولي هند زال ابوسفيان جي قيادت ۾ دف وڄائي جنگي راڳ ڳائڻ شروع ڪيو. ان نغمي جي جذباتي تحريڪ جو اندازو هيٺين شعر مان ٿي سگهي ٿو:

نَحْنُ بَنَاتُ طَارِقٖ        نَمْشِيْ عَلَى النَّمَارِقِ
اِنْ تَقْبَلُوْا نُعَانِقُ        اَوْ تُدْبِرُوْا نُفَارِقِ

"اسان آسماني ستارن جون ڌيئرون آهيون ۽ اسان غاليچن تي سهڻي ٽور هلنديون آهيون. جيڪڏهن توهان اڳتي قدم وڌائيندا تہ اسان توهان کي ڳلي لڳائينديونسين ۽ پوئتي هٽندا تہ توهان کان الڳ ٿي وينديونسين."

هڪڙي طرف اهو شاعرانو رومانوي ۽ شهواني اڪسائڻ هيو ۽ ٻئي طرف الله تعالىٰ جي رضا کان علاوه ڪابہ شي تحريڪ جو باعث ڪونہ هئي.

اوچتو ميدان ۾ مشهور راهب ابوعامر ظاهر ٿئي ٿو ۽ انصارن تي پنهنجي اثر جي غرور ۾ انهن کي پڪاري ٿو. انصارن ان جي زهد جي حقيقت کي چڱي طرح سمجهيو ٿي، جنهن جو رشتو قريشن جي جاهلي مشرڪاڻي ۽ انتهائي فاسد نظام سان وڃي مليو هيو. انهن جواب ڏنو تہ "اي فاسق! اسان توکي چڱي طرح سڃاڻون ٿا." انساني تاريخ ۾ اهڙا مثال گهٽ ملندا تہ ان ئي ابوعامر جي پٽ حضرت حنظلہ رضہ حضور صلي الله تعالىٰ عليہ وآلہ وسلم کان پنهنجي پيءُ تي حملو ڪرڻ جي اجازت گهري، مگر حضور صلي الله تعالىٰ عليہ وآلہ وسلم جي رحمت واري جذبي کي اهو پسند ڪونہ آيو تہ پٽ جي تلوار سان پيءُ جو خاتمو ٿئي. ان کان پوءِ طلحہ آڪڙ ڏيکاريندي پڪارڻ لڳو. حضرت علي عليہ السلام اڳتي وڌي ان جي وجود کي هڪدم زمين جو حصو بڻائي ڇڏيو. پوءِ ان جو پٽ عثمان ان شان سان فخر ڪرڻ وارا شعر پڙهندو سامهون آيو جو ان جي پٺيان عورتن جو هڪڙو ٽولو رجز ڳائي رهيو هيو. حضرت حمزه رضہ جي تلوار ان کي بہ ڍير ڪري ڇڏيو. بس هاڻي عام مقابلو شروع ٿي ويو.

ائين تہ سموري مسلمان فوج پنهنجي تعداد جي قلت ۽ سامان جي تلافي والهاڻي ايماني جذبي سان ڪري رهي هئي ۽ روشن مستقبل جون لهرون قدامت جي ڪناري سان خوب ٽڪرايون، مگر حضرت حمزه رضہ حضرت علي عليہ السلام ۽ حضرت ابودجانہ رضہ جو جانبازي وارو شان سڀني کان وڌيڪ نمايان هيو. آخر جاهليت پرستن جا پير اکڙي ويا ۽ انهن جون رجز ڳائيندڙ نازنينون بدحواسي ۾ پڳهيون تہ پوتن وانگر غائب ٿي ويون. مسلمان مجاهدن محسوس ڪيو تہ بس هاڻي کيل ختم ٿي ويو. سو انهن دشمن کي آئنده لاءِ بي سروسامان ڪرڻ جو مقصد سامهون رکي جنگ جي سامان، رسد

۽ ٻين شين تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. محاذ جو نظام ٽٽي ويو. هلڙگلڙ مچي وئي. ماڻهو مرڪزي ڪمانڊ کان بي توجهه ٿي ويا ۽ غضب اهو ٿيو جو نازڪ ترين پٽ واري ناڪي کي تير اندازن جي ان دستي به خالي ڪري ڇڏيو جن کي تاڪيد ڪيو ويو هيو ته فتح يا شڪست ڪنهن به حالت ۾ اتان نه هٽن. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جا هي لفظ هيا ته "جيڪڏهن توهان ڏسو ته پکي اسان جو ماس پٽي رهيا آهن، ته به توهان ان جاءِ تان نه هٽجو." ان غلطي جو مسلمانن کي وڏو خوفناڪ نتيجو ڀوڳڻو پيو ۽ جڏهن انهن جا قدم ڇُمندڙ فتح انهن کان رسي پوئتي هٽي وئي. قريشي فوج ۾ خالد بن وليد جهڙو چالاڪ ۽ بهادر جنگي اڳواڻ (ليڊر) موجود هيو. ان پري کان ئي پوري محاذ جو لقاءُ ڏٺو ته ڪجهه سوار ساڻ ڪري جبل جي پٺ کان ڦري ان ئي نازڪ پٽ واري ناڪي جبل عينين کان جيڪو خالي پيو هيو اوچتو حملو ڪيو. هاڻي ته قريشي فوج جا وڏيڪ دستا به موٽي حملو ڪرڻ لڳا. پنهنجي فتح جي سُرُور مان مسلمان ڇرڪيا ته ڏٺائون ته سرن مٿان تلوارون چمڪي رهيون آهن. هوڏانهن دشمنن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم تي حملو ڪرڻ جي لاءِ هجوم ڪري ڇڏيو. پاڻ سڳورا ڊوڙندي مسلمانن کي سڏي رهيا هيا. "اِلَيَّ عِبَادَاللهِ اِلَيَّ عِبَادَاللهِ" (الله جا ٻانهو! هيڏانهن منهنجي طرف اچو.) مگر ماڻهو بدحواسي ۾ ڪجهه ٻڌي ڪون رهيا هيا. هڪڙي نازڪ گهڙي اهڙي آئي جو پاڻ سڳورن جي چوڌاري صرف ٻارنهن ساٿي رهجي ويا. موقعو ڏسي عبدالله بن قميه چهري مبارڪ تي تلوار هنئي جنهن ساڻ ٽوپلي (خود) جون ڪڙيون ٽٽي ڳِياڙي ۾ کپي ويون. هڪڙو ٻيرو دشمن جي هجوم جي ڪري پاڻ سڳورا کڏ ۾ ڪري پيا ۽ ڪجهه ڌڪ به لڳن، ليڪن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ساٿين نئين دور جي ان آسماني نقيب جو بچاءُ ڪرڻ ۾، جنهن جو وجود اسلامي تحريڪ جو روح روان هيو اهڙي فداڪاري جو مظاهرو ڪيو جو تاريخ جي بابن ۾ ان جهڙو ڪو مثال مشڪل ئي ملي سگهندو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جو ان قيامت برپا ڪرڻ واري گهڙي ۾ ڄمي بيهي رهڻ، بلڪ چوڪس رهندي دفاع ڪرڻ ۽ ابي بن خلف جي ڪنڌ تي پنهنجي هٿيار سان خود زخم لڳائڻ غيرمعمولي شجاعت جو ثبوت آهي. تاهم ان موقعي تي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جو زخمي ٿيڻ ۽ کڏ ۾ ڪري نظرن کان اوجهل ٿي وڃڻ، ۽ پوءِ پاڻ سڳورن جي هم شڪل معصب رضه بن عمير جي شهيد ٿي وڃڻ ڪري مخالفن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي وفات جو هل مچائي ڇڏيو. ان سان مسلمانن ۾ اجا وڏيڪ پريشاني پکڙجي وئي. ان هُل هنگامي جو ٻيو رد عمل ٿيو. حضرت عمر رضه هٿيار ڦٽي ڪري ڇيو "هاڻي وڙهي ڇا ڪرڻو آهي، جڏهن ته رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم به شهيد ٿي ويا." ان تي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي محبت جو ايترو غلبو هيو جو ان جي نظر ۾ ان سيني کان ...

قيمتي اثاثي کي وڃائڻ کان پوءِ وڏي کان وڏي فتح بہ فتح ڪونہ هئي. ابنِ نضر (حضرت انس انصاري جو چاچو) ٻڌو تہ چيو. "رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کان پوءِ زنده رهي ڇا ڪنداسين." پوءِ اهو ايڏي دليري سان وڙهيو جو ڪجهہ ئي گهڙين ۾ 80 کان وڌيڪ زخمن جو مزو چکي ڇپن سان شهادت جو پيالو لڳائي ڇڏيو. بهرحال، ان پريشاني ۽ بدحواسي جي عالم ۾ مسلمان مسلمانن جي ڌڪن ۾ آيا. ايستائين جو حضرت حذيفہ رضہ جو پيءُ پنهنجي ساٿين جي تلوارن سان شهيد ٿي ويو.

پوءِ حالت تبديل ٿيڻ لڳي. هر مسلمان مجاهد پنهنجي پنهنجي جاءِ تي تلوارن ۾ گهيريل هيو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ڏسڻ لاءِ بيتاب هيو. سڀ کان پهريان ڪعب رضہ بن مالڪ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ڏسي ورتو ۽ رڙ ڪري چيو تہ "مسلمانو! رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) هتي آهن!" پوءِ جيئن جيئن اها ساهہ وجهندڙ خوشخبري پکڙجندي وئي تہ مسلمان مجاهدن ۾ جوش جي نئين لهر ڊوڙڻ لڳي. جانباز هرطرف کان مرڪز ڏانهن اچي گڏ ٿيڻ لڳا. دشمن جو هجوم گهٽ ٿيڻ لڳو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جبل جي چوٽي تي هليا ويا. ابوسفيان اوڏانهن جو رخ ڪيو تہ اصحابن مٿانهين کان پٿر وسائي ان کي موٽائي ڇڏيو. هاڻي دشمن کي انديشو ٿيو تہ انهن کي جيڪو اتفاقي غلبو حاصل ٿيو آهي، ڪٿي اهو هٿن مان نڪري نہ وڃي، تنهن ڪري مکي فوج جا دستا بہ گڏ ٿيڻ لڳا.

ابوسفيان سامهون واري هڪڙي ٽڪري تي چڙهي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي متعلق يقيني معلومات حاصل ڪرڻ گهري. آخرڪار ان وڏي آواز ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم، حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت عمر رضہ جا نالا وٺي سڏيو تہ ڪوئي آهي. ان طرف کان مصلحت طور ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو ويو تہ چوڻ لڳو "سڀ مارجي ويا." حضرت عمر رضہ جوش مان چيو: "اي خدا جا دشمن! اسان سڀ زنده سلامت آهيون." ابو سفيان نعرو هنيو.

"اي هبل! تون سربلند رهين."

جواب مليو:

"الله جي ئي ذات بلند ۽ برتر آهي."

ابو سفيان وري هڪل ڪري چيو:

"اسان سان گڏ عزي آهي! توهان سان عزي گڏ ڪونهي."

ان طرف کان پڪاريو ويو:

"الله اسان جو مالڪ آهي، توهان جو ڪو مالڪ ڪونهي!"

دراصل انهن مختصر نعرن ۾ اهي ٻہ نظريا ڳالهائي رهيا هيا جن جي ٽڪراءُ تاريخ ۾ اهو سمورو لاهہ چاڙهہ پيدا ڪيو هيو.

ان مقابلي ۾ 70 مسلمان شهيد ۽ 40 زخمي ٿيا. ٻئي طرف مخالف فوج جا صرف 30 ماڻهو موت جي حوالي ٿي سگهيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي چاچي حضرت حمزه رضہ جهڙو بهادر جرنيل ۽ سندس ڀقات عبدالله رضہ بن جحش وڏي مرتبي وارن اصحابن مان مُصعب رضہ بن عمير، حَنظلہ رضہ بن ابو عامر، رافع رضہ بن مالڪ بن عجلان (عقبہ وارين ٽنهي بيعتن ۾ شريڪ هيو). عبدالله رضہ بن عمرو خزرجي، عمرو رضہ بن جموح ۽ ڪجهہ بدري اصحابي دنيا جي عظيم ترين سچائي جي پاڪ وڻ کي پنهنجي رت سان سيراب ڪري ويا.

بهرحال، جيئن ئي مسلمان فوج پنهنجي آپي ۾ آئي ۽ ان جو هاڻ ڪمان سان تعلق جڙيو تہ انقلاب دشمن طاقت جلدي جلدي پوئتي هٽي جنگ جو ميدان ڇڏي وئي. اهڙي طرح اتفاقي فتح جي پردي ۾ لڪل ڪمزوري جو پول کلي ويو ۽ مسلمان فوج هڪڙو ڀيرو وري پنهنجي طاقت محسوس ڪئي.

مسلمانن پنهنجي هڪڙي غلطي جي ڪري نقصان ضرور برداشت ڪيو هيو ليڪن نہ انهن کي شڪست ٿي هئي ۽ نہ انهن جي قوت کي ڪو ڌڪ لڳو هيو. تنهنڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حڪم هيٺ ستر ماڻهن جو هڪڙو دستو قريشي فوج جو پيڇو ڪرڻ لاءِ نڪتو. هوڏانهن ابوسفيان روحاءِ جي ماڳ تي پهچي صورتحال جو جائزو ورتو تہ ان کي سخت پشيماني ٿي تہ اُحد جي حاصل ٿيل فتح جو طرو تہ اهو جلدي ۾ اُحد جي ميدان ۾ ئي ڇڏي آيو آهي ۽ مديني جي قوت کي چڪناچور ڪرڻ جو ڪم تہ نامڪمل رهجي ويو آهي. هاڻي ان کي ضايع ٿيل ڪم کي پورو ڪرڻ جو فڪر ٿيو پر وقت گذرڻ کان پوءِ اهو ڇڄ هٽڻ سان وڃائي پيرن سان ڳولڻ واري صورت هئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ان جو اڳ ۾ ئي انديشو هيو. پاڻ سڳورا مديني واپس وڃڻ جي بجاءِ پنهنجو پورو لشڪر ساڻ وٺي مديني کان 8 ميل پري حمراء الاسد جي ماڳ تائين وڃي پهتا. انهيءَ دوران خزاعہ قبيلي جي رئيس معبد (جنهن اسلام قبول ڪونہ ڪيو هيو مگر اسلامي حڪومت جو دل سان حمايتي هيو) بذاتِ خود وڃي ابوسفيان کي ڊيڄاريو تہ "محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) وڏي طاقت سان اچي رهيا آهن." ان خبر سان هراس ۾ اچي ابو سفيان اتان هليو ويو.

## اُحد واري لڙائي جا ڪجهہ خاص رُخ:

هاڻي اسان ان لڙائي جي خاص خاص ۽ غور جي قابل پهلوئن تي هڪڙي مختصر نظر وجهون ٿا.

(1) نظم و ضبط تحريڪن جي اصل طاقت هوندو آهي ۽ پوءِ هر قسم جي مقابلن ۾ ان جي اهميت بنيادي هوندي آهي. نظم و ضبط جو بنياد ان اخلاقي صفت تي ٻڌل هوندو آهي جنهن جو نالو صبر آهي. يعني پنهنجو پاڻ تي ايترو قابو هجڻ جو خوف، نقصان ۽

مفادن جي مقابلي ۾ قيام ۽ استحڪام برقرار رهي. اسلامي جماعت جيئن تہ تربيت هيٺ هئي ۽ خاص طور تي ميدانِ جنگ ۾ اسلامي ڪردار مضبوط ڪرڻ جي لاءِ اڃا تائين گهڻو تجربو ڪونہ ٿيو هيو ڇوتہ اُحد واري مقابلي کان اڳ هڪڙي ئي لڙائي وڙهي وئي هئي، انهيءَ ڪري غلطي ٿي وئي. ڪابہ انساني جماعت ڪنهن نظريي تي نئون ڪردار تعمير ڪندي غلطين کان مڪمل طور تي محفوظ رهي ڪمال حاصل نٿي ڪري سگهي. ليڪن ان ٿورڙي غلطي تي مشيت جماعت کي اهڙو واقعاتي سبق ڏنو جو جيڪو رڳو وعظ ۽ نصيحت سان ڪڏهن بہ دلين ۾ نہ ويهي سگهي ها. ان سبق اهو نڪتو بہ کولي سمجهايو تہ الله جا قانون نهايت صاف سٿري طريقي سان ڪم ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن انهن کي ٽوڙيو وڃي تہ بهترين انسان بہ مصيبت کان نٿا بچي سگهن.

پوءِ ان لڙائي تي قرآن شريف تفصيل سان تبصرو ڪندي، انهن ڪمزورين تي سخت پڪڙ ڪئي جيڪي اڃا تائين جماعت ۾ موجود هيون. انهن کي صبر کان ڪم وٺڻ جي تلقين ڪئي.[1] انهن کي مال ۽ دولت جي ان انڌي هوس کان پاسو ڪرڻ جي نصيحت ڪئي، جيڪا وياج وٺڻ جو اصل سبب هئي ۽ جنهن جنگ جي ميدان ۾ غنيمت جو مال هٿ ڪرڻ لاءِ بيچيني پيدا ڪئي. انهن کي اشاري ۾ سمجهايو تہ وياج وٺڻ واري ذهنيت سان نہ صبر قائم رکي سگهجي ٿو نہ نظم و ضبط جون تقاضائون پوريون ٿي سگهن ٿيون، ۽ نہ ڪنهن اعليٰ نصب العين جي لاءِ تاريخي لڙايون وڙهي سگهجن ٿيون. ان نفسياتي موقعي مان فائدو وٺندي ان تي وياج وٺڻ حرام ڪيو ويو.[2] انهن کي ٻڌايو ويو تہ اسلامي انقلاب جي علمبرداري تہ اهڙا ماڻهو ڪري سگهن ٿا جيڪي وياج جي ڪمائي گڏ ڪرڻ ۽ مال دولت جي هوس ۾ پوڻ جي بجاءِ مورڳو پنهنجو مال مقصد جي لاءِ خرچ ڪرڻ وارا هجن ۽ جذبات جي وهڪري ۾ وهڻ جي بجاءِ انهن کي قابو ۾ رکندا هجن.[3] اهو بہ ٻڌائي ڇڏيو تہ جيڪو بہ دنياوي مفاد حاصل ڪرڻ جي پٺيان لڳندو ان کي هتي جيڪو مليو سو مليو آخرتہ ۾ ان جي لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي. جيڪو دنياوي مفاد جو نقصان گوارا ڪري پنهنجي آخرت ٺاهڻ گهري، ان جي ڪارگذاري جو قدر ڪيو وڃي. (آل عمران آيت 145) ان سان گڏ انهن کي تاڪيد ڪيو تہ هڪڙي ڇوٽ کائي دل شڪستہ ۽ غمگين نہ ٿيو. توهان کي جيڪڏهن اڄ اهو

---

[1] بيشڪ جيڪڏهن توهان صبر ڪريو ۽ الله کان ڊڄندي ڪم ڪريو تہ جنهن وقت دشمن توهان جي مٿان چڙهي ايندا ان ئي وقت توهان جو رب ٿي هزار پنج هزار نشان وارن ملائڪن سان توهان جي مدد ڪندو. (آل عمران آيت 125)

[2] اي انسانو! جن ايمان آندو آهي، اهو وڌندڙگهٽجندڙ وياج کائڻ ڇڏي ڏيو ۽ الله کان ڊڄو. اميد آهي تہ ڀلائي ڏسندا. (آل عمران آيت 130)

[3] جيڪي هرحال ۾ پنهنجو مال خرچ ڪندا آهن. چاهي اهي غريب هجن يا شاهوڪار. جيڪي ڪاوڙ کي کائي وڃن ٿا ۽ ٻين جون غلطيون معاف ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙا نيڪ ماڻهو الله کي گهڻو پسند آهن. (آل عمران آيت 134)

ڏک لڳو آهي تہ ڪالهہ دشمن کي توهان جي هٿان ڪاري زخم لڳي چڪا آهن. ڪنهن بہ ڪشمڪش ۽ ٽڪراءُ جي دوران لاهہ چاڙهہ جا دور تہ ابتدائي رهندا آهن. يقين رکو تہ آخرڪار توهان کي ئي غلبو حاصل ٿيڻو آهي. (آل عمران آيت 139۽ 140) وري انهن کي صاف صاف آگاهہ ڪري ڇڏيو تہ الله تعاليٰ جي رضا ۽ ان جي جنت ڪو سستو مال ڪونهي. ان سعادت کي اهي ئي ماڻهو ماڻي سگهن ٿا جيڪي الله جي حق واري واٽ ۾ حياتيون گهورڻ وارا ۽ صبر ۽ استحڪام جو مظاهرو ڪرڻ وارا آهن. اهي ئي ڏکيون آزمائشون انهن ماڻهن کي چونڊي چونڊي ظاهر ڪنديون آهن، جيڪي سچي ايمان سان مالا مال هجن ۽ سچائي جا شاهد بڻجڻ جي قابل هجن. (آل عمران آيت 140 کان 142) انهن جي ان مايوسي واري ردعمل تي پڪڙ ڪئي وئي جيڪو الله جي رسول حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سچي محبت ڪري ظاهر ٿيو هيو. صاف صاف چيو ويو تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) خدا ڪونهي، هڪڙو رسول آهي ۽ جيئن اڳيان رسول وفات ڪري ويا ان کي بہ هڪ نہ هڪ ڏينهن توهان کان جدا ٿي وڃڻو آهي. پوءِ اهو ڪيئن صحيح ٿيندو تہ ان جي وفات ڪري توهان حق جي تحريڪ جو تڏو ئي ويڙهي ڇڏيو ۽ هٿ پير ڀڏي ويهي رهو. (آل عمران آيت 144) توهان کي انهن خدا پرستن جو نمونو سامهون رکڻ گهرجي جن گذريل تاريخ ۾ نبين سڳورن سان گڏجي حياتيون قربان ڪيون ۽ باطل جي سامهون ڪنڌ جهڪائڻ جي لاءِ تيار ڪونہ ٿيا. انهن اصولي تلقينن سان گڏ قرآن شريف مسلمان فوج جي ان حالت جو عبرت ڏياريندڙ نقشو جماعت جي سامهون چٽي رکي ڇڏيو جيڪا نظم ٽوڙڻ جي ڪري پيش آئي. تفهيم القرآن جي ترجمي جي لفظن تي غور ڪريو:

"الله توهان سان تائيد ۽ مدد جو جيڪو واعدو ڪيو هيو اهو تہ ان پورو ڪري ڇڏيو. شروع ۾ ان جي حڪم سان توهان ئي انهن کي قتل ڪري رهيا هيا. مگر جڏهن توهان ڪمزوري ڏيکاري ۽ پنهنجي ڪم ۾ باهمي اختلاف ڪيو تہ جيئن ئي اها شي الله توهان کي ڏيکاري جنهن جي محبت ۾ توهان گرفتار هيا (يعني مالِ غنيمت) توهان پنهنجي سردار جي حڪم جي خلاف ورزي ڪري ويٺا، انهيءَ ڪري جو توهان مان ڪجهہ ماڻهو دنيا جا طالب هيا ۽ ڪجهہ آخرت جي خواهش رکندڙ هيا، تڏهن الله توهان کي ڪافرن جي مقابلي ۾ پوئتي هٽائي ڇڏيو تہ جيئن توهان جي آزمائش ڪري ۽ حق اهو آهي تہ الله پوءِ بہ توهان کي معاف ڪري ڇڏيو. ڇوتہ الله مومنن تي وڏي عنايت واري نظر رکندو آهي."

"ياد ڪيو جڏهن توهان ڀڄندا وڃي رهيا هيا، ڪنهن ڏانهن منهن ڦيرائي ڏسڻ جو توهان کي هوش ڪونہ هيو ۽ رسول توهان جي پٺيان توهان کي سڏي رهيو هيو. ان وقت توهان جي ان روش جو بدلو الله توهان کي اهو ڏنو تہ توهان کي ڏک

تي ڏک ڏنا تہ جيئن آئنده جي لاءِ توهان کي سبق ملي ۽ جيڪو ڪجهہ توهان جي هٿ مان وڃي يا جيڪا مصيبت توهان تي نازل ٿئي ان تي اداس نہ ٿيو. الله توهان جي سيني عملن کان باخبر آهي." (آل عمران آيت 152 ۽ 153)

ان تبصري کي ڏسو جيڪو اُحد واري لڙائي ۾ اسلامي فوج جي ڪردار تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زبان سان ٿي رهيو هيو ۽ پوءِ اندازو ڪيو تہ دنيا جي جنگجو حڪمرانن کان انهن جو مزاج ڪيترو مختلف آهي. نہ مجاهدن جي دل وٺڻ جو اهتمام نہ انهن کي خود فريبي ۾ وجهڻ جي تدبير، نہ واقعن جي غلط تعبير ڪرڻ جي ڪوشش. اها هڪڙي سڌي سنئين سخت تنقيد هئي، جنهن ۾ خدا پرستي جو روح رچيل بسيل هيو ۽ جنهن جو مقصد اخلاقي تربيت هيو.

(2) هن لڙائي ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي آڳرين تي ڳڻڻ جيترن ساٿين جنهن سرفروشي واري محبت ۽ والهاڻي فداڪاري جو مظاهرو ڪيو ان جو تصور دنيا جي پڇاڙي تائين عالم اسلام کي پنهنجي مقدس روح سان مالا مال ڪندو رهندو. دراصل ڪابہ تحريڪ هجي، ان جي داعي اول ۽ ان جي قائدِ اعليٰ جي شخصيت بهرحال، ان جي هڪڙي اهم طاقت هوندي آهي. ليڪن اسلامي تحريڪ ۾ تہ داعي ۽ قائد جي لاءِ گهري محبت جو مطالبو ڪيو ويو آهي. خاص طور تي ان منصب تي جڏهن رسول ۽ نبي جي هستي رونق افروز هجي تہ ان جي لاءِ انتهائي فداڪاري لازمي آهي. اسلامي تحريڪ ڪنهن بہ نموني سان پنهنجي داعي ۽ قائد کي هڪڙي طرف ڪري اڳتي نٿي وڌي سگهي. تحريڪ ۽ ان جي داعي، ٻنهي جي قوت عزت ۽ اثر واري دائري جي وسعت بلڪل مشترڪ ٿي وڃي ٿي. اها جماعت گهٽي انڌي جماعت ٿي وڃي ٿي جيڪا داعي ۽ قائد کي نظر انداز ڪري ۽ ان کي بي وقعت بڻائي يا محض "اسان جهڙو هڪڙو" (ہے از ما) قرار ڏئي رکو تحريڪ جي اصولن کي غالب ڪرڻ گهري. تحريڪن جي لاءِ اصول ۽ قيادت، ٻئي ائين لازم ۽ ملزوم عنصر آهن جو اصولن تي محڪم ايمان ۽ قيادت جي لاءِ گهري محبت ۽ فداڪاري هڪ ٻئي تي انحصار ڪندڙ آهن. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا ساٿي سندن هستي تي رسول هجڻ جي حيثيت سان بہ پرواني وانگر فدا ٿيندا هيا. ٻئي طرف اهو شعور رکڻ جي ڪري بہ تہ پاڻ سڳورن جو وجود تحريڪ جي جان آهي، سندن زندگي جو تحفظ سندن عزت جي بلندي ۽ سندن اثر رسوخ جي توسيع جي لاءِ حياتيون قربان ڪندا هيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سچي محبت جا انهن لازوال نقش اُحد جي ميدان جي ورق تي چٽيا آهن.

دشمن جي ڪنڪ جي ڪنڪ جڏهن هجوم ڪيو تہ سرورِ عالم حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي صدا گونجي "مون تي ڪير جان قربان ڪري ٿو." زياد رضہ بن سڪن ڪجهہ انصارن سان گڏجي وڌيو ۽ هڪ ٻئي پٺيان ستن عاشقن پاڻ کي قربان ڪري ڇڏيو. انهن مان هڪڙو زياد رضہ هيو جنهن کي اڌ مئل حالت ۾ آندو ويو تہ آخري

سگهه کان ڪم ورتي ان پنهنجو ڪنڌ اڳتي وڌائي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قدمن سان متو گسرايو. عبدالله بن قُميہ جڏهن تلوار جو وار ڪيو تہ ام عمار رضہ ٽپو ڏئي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي آڏو اچي ويئي ۽ ڪلهي تي گهڻو گهرو زخم کاڌائين. ان جي ٿي وچ ۾ اچڻ ڪري اهو وار حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حق ۾ خطا ٿي ويو. ابودُجانہ رضہ پاڻ سڳورن کي پنهنجي جسم سان لڪائي ڇڏيو ۽ پنهنجي پٺيءَ کي ڍال بڻايو جنهن تي ڪيترائي تير اچي کپي ويا. طلحہ دشمن جي تلوارن کي پنهنجي هٿن سان روڪيو ۽ ان جو هڪڙو هٿ ڪپجي ڪري پيو. ابوطلحہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي آڏو ڍال ڪٽي بيهي رهيو ۽ ان سان گڏ اهڙي جوش سان تيراندازي ڪئي جو ٻہ ٽي ڪمانيون ٽٽي ويون. هڪڙو سادڙو مسلمان ڪٽل ڪائيندو اتفاق سان اچي پهتو اهو عالم ڏسي ان جي اندر ۾ شوق جو جذبو ابري آيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي عرض ڪيائين تہ مان جيڪڏهن وڙهندي قربان ٿي وڃان تہ منهنجو انجام ڪهڙو ٿيندو. پاڻ سڳورن فرمايو "جنت". چوڻ لڳو "چڱو! مون جيڪڏهن انهي ڪٽل کي کائڻ جي مهلت پاتي تہ وڏي عمر پاتي." اهو هڪدم دشمن ۾ ڪاهي پيو ۽ گهڻي دير ڪونہ گذري هئي تہ عشق جي شهادت گاهہ ۾ ميجتا ماٽيل خنجر جي ڪُٺلن ۾ شامل ٿي ويو. جنهن تحريڪ ۾ محبت جو اهڙو ايثار ڪم ڪري رهيو هجي، ان جي لهرن کي ڪابہ طاقت روڪي نٿي سگهي. وري هڪڙو نمونو هيو جيڪو سعد رضہ بن ربيع پيش ڪيو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جيئن تہ پاڻ بہ پنهنجن ساٿين سان گهري محبت ۽ شفقت رکندا هئا ۽ هرهڪ تي پاڻ سڳورن جي توجهہ واري نظر هوندي هئي، انهيءَ ڪري جنگ جي پڄاڻي تي هڪڙي هڪڙي جو حال معلوم ڪيو. ان سلسلي ۾ پڇيائون تہ سعد رضہ بن ربيع ڪٿي آهي؟ تلاش ڪئي وئي تہ هڪڙي طرف آخري پساهن ۾ پيو هو. آخري گهڙي ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ سلام شوق ۽ دعاءِ محبت جو هديو موڪليو. ان کان علاوه، ساٿين کي وصيت طور پيغام ڏنو تہ جيڪڏهن نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تائين دشمن جو هٿ پهچي ويو ۽ توهان مان هڪڙي اک بہ ڏسڻ واري موجود رهي تہ پوءِ بارگاهہ الاهي ۾ توهان جي ڪوتاهي جو ڪوبہ عذر ڪونہ هلندو. نہ پنهنجي تڪليف جو خيال، نہ مٽن مائٽن جو فڪر، نہ مال ۽ جائداد جي مستقبل تي ڪائي جاکوڙ ــــ ڏئي وٺي خيال آهي تہ نصب العين جو ۽ ان جي داعي جو.

(3) مڪي جي انقلاب دشمن فوج پنهنجن مڪروهہ جذبن جو مظاهرو ائين ڪيو جو مسلمان شهيدن جي لاشن جي بي حرمتي ڪئي. خاص طور تي انهن جي عورتن پنهنجي باس کي پورو ڪرڻ جي لاءِ لاشن جا پيٽ ڦاڙيا ۽ انهن جا نڪ ۽ ڪن ڪپي هار ناهي پاتا. "هند" جيڪا ابوسفيان جي زال ۽ عورتن جي دستي جي اڳواڻ هئي، ان درندگيءَ جو مظاهرو شرمناڪ نموني ۾ پيش ڪيو جو حضرت حمزه رضہ جو چهرو

بگاڙيائين ۽ ان جو پيٽ چيري جيرو ڪڍي چباڙيائين. اهڙي طرح عبدالله رضہ بن جحش جي لاش کي پائمال (مثلہ) ڪيو ويو. خود ابوسفيان اها حرڪت ڪئي جو ان کي حضرت حمزه رضہ جي وات مبارڪ تي ڪمان جا ڏڪ هڻي چوندي ڏنو ويو تہ هاڻي مزو چک. ليڪن ٻئي طرف حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مسلمان لشڪر کي سختي سان منع ڪئي تہ اهي دشمن جي لاشن کي پائمال (مثلہ) نہ ڪن, ۽ نہ وري انهن جي بي حرمتي ڪن. اسلامي تحريڪ جي اصولن ۾ انسانيت جو احترام شامل هو ۽ اها پنهنجي علمبردارن کي اها اجازت ڪونہ ڏيندي هئي تہ ٻيا جيڪڏهن ڪڌ ۾ ڪرن تہ جواب ۾ مسلمان بہ ڪڌ ۾ ڪري سگهن ٿا.

ابوسفيان کي جڏهن پنهنجن ماڻهن جي انهن ڪرتوتن جي خبر ملي تہ ان خوشي سان ان جو خيرمقدم ڪيو. مگر هڪڙي ساٿي جي ٽوڪڻ تي ان جا ڪن ڪڙا ٿي ويا تہ اهڙي ڳالهہ جي حمايت ڪري ڪٿي ڪنهن جوابي ڪارروائي جو منهن نہ ڏسڻو پوي. ان کان علاوه, عام راءِ جي دائري ۾ بہ ڪٿي پنهنجو اثر اجا وڌيک نہ خراب ٿي وڃي, ابوسفيان جڏهن آخري وقت ۾ ٽڪري تي آيو هو تہ ان احساس جي ڪري ان اعلان ڪيو تہ "اهي ڳالهيون منهنجي مرضي سان ڪونہ ٿيون آهن." ليڪن ان سان گڏ اهو بہ چئي ويو تہ "انهن جي ٿيڻ تي مان پشيمان بہ ڪونہ آهيان."

اڄ اندازو ڪرڻ مشڪل آهي تہ انقلاب دشمن قوت جي ان ڪميڻي حرڪت انهن جي عوامي اثر ۾ ڪيتري گهٽتائي ڪئي هوندي, البت, هڪڙو واقعو سامهون اچي ٿو تہ حضرت حمزه رضہ جي چهري تي ڪمان هڻندو ڏسي جليس بن زبان ڪناني پنهنجي قوم کي چيو تہ اي بنوڪنانہ! قريشن جي وڏي سردار کي ڏسو ٿا تہ اهو پنهنجي سوٽاڻ سان ڪهڙو سلوڪ ڪري رهيو آهي؟ ان تي ابوسفيان ڇرڪي ويو.

(4) حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي جماعت کي جنگ جي ميدان جو جيڪي پاڪ اخلاق سيکاري رهيا هئا, ان جي هڪڙي جهلڪ ان واقعي مان ڏسي سگهجي ٿي تہ ابودجانہ رضہ دشمن جي صفن کي چيريندو اڳتي وڌيو تہ هند زال ابوسفيان ان جي سامهون اچي وئي, هند توڙي جو ميدان ۾ لڙائي ۾ شريڪ هئي ۽ مسلمانن جي خلاف ان جا جذبات نهايت زهريلا هئا, ليڪن ابودجانہ رضہ ان جي مٿان تلوار اپي ڪرڻ کان پوءِ ان احساس سان ڇرڪي روڪي ورتي تہ اهو رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان عطا ڪيل تلوار جي شان وٽان ڪونهي تہ ان سان ڪنهن عورت جي منڊي لاٿي وڃي, ڪيترو سونهري واقعو آهي.

(5) مسلمان عورتن احد واري لڙائي جي سلسلي ۾ جنهن ايمان, بهادري, صبر ۽ تحريڪ سان وفاداري جو مظاهرو ڪيو ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تحريڪ ان لڏي (صنف) کي جميل (جمود) حالت ۾ پيو رهڻ ڪونہ

ڏنو بلڪ ان کي متحرڪ ڪيو انهن جي تربيت ڪئي ۽ انهن کان خدمتون ورتيون. ڪجهہ مثالن تي غور ڪيو.

اسان مٿي بيان ڪيو آهي تہ ڪهڙي طرح ام عماره رضہ هڪڙي عورت هوندي پاڻ کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم لاءِ ڍال بڻايو.

حضرت حمزه رضہ جي ڀيڻ جناب صفيہ رضہ ڏکوئيندڙ اطلاع ٻڌي مديني کان جڏهن اُحد وٽ اچي پهتي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جي پٽ زبير رضہ بن عوام کي چيو تہ حضرت صفيہ رضہ کي پنهنجي مامي جو لاش ڏسڻ نہ ڏي، جو تہ اها ان منظر کي ڏسي ڪونہ سگهندي. حضرت صفيہ رضہ چوڻ لڳي تہ مان سڄو قصو ٻڌي چڪي آهيان ۽ حق جي واٽ ۾ اها ڪا وڏي قرباني ڪونهي. ان کي اجازت ڏني وئي. وڏي صبر واري انداز ۾ پنهنجي ڀاءُ جي لاش کي ڏٺائين، مغفرت جي دعا گهريائين ۽ هلي آئي.

هند رضہ نالي هڪڙي انصاري عورت (جيڪا عمرو رضہ بن جموح جي زال ۽ خلاد رضہ بدري جي امڙ هئي) جي لاءِ اها آزمائش نهايت ئي سخت هئي تہ ان جو پيءُ، ڀاءُ ۽ مڙس سيئي اسلام تي قربان ٿي ويا. ليڪن ان انهن سڀني زخمن کي وڏي حوصلي سان پنهنجي دل تي برداشت ڪري وري وري اهو معلوم ڪيو تہ "ڇا الله جا رسول (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) صحيح سلامت آهن." جڏهن ان کي ان پاسي کان اطمينان ٿيو تہ رڙ ڪري چيائين: "كُلُّ مُصِيبَتَ بَعْدَكَ جَلَلٌ" يعني آقا توهان سلامت آهيو تہ پوءِ ڪائي مصيبت ڳوري ڪونهي، سڀ ڪجهہ گوارا آهي.

حضرت عائشہ رضہ، ام سُليم رضہ ۽ امِ سُلَيط رضہ جهڙيون معزز پردي ۾ رهڻ واريون عورتون هنگامي مصيبت جي عالم ۾ ور ڪٽي ٻوڙي ٻڪي پاڻي جون مشڪون پري تي آيون ۽ زخمين کي پياريائون ٿي.

مسلمانن جي شڪست جو اطلاع ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي وفات جي غلط خبر ٻڌي حضرت فاطمہ الزهرا سلام الله تعاليٰ عليها بہ اُحد وٽ اچي ويون هيون. انهن اچي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زخمن کي صاف ڪيو ۽ ملم پٽي ڪئي.

(6) قائدِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن حضرت ابودجانہ رضہ کي پنهنجي تلوار عنايت ڪئي تہ اهو مٿي تي ڳاڙهو رومال ٻڌي تلوار لهرائيندو خوب فخر سان آڪڙجي دشمن جي صفن ڏانهن وڌيو. ان منظر کي ڏسي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ اها چال الله کي سخت ناپسند آهي.مگر اهڙن موقعن تي پسند آهي. پاڻ سڳورن مطلب تہ وڏي اهم نڪتي جي وضاحت ڪري ڇڏي، عام زندگي ۾ ماڻهن جو ڪنهن بہ نموني سان آڪڙ ڏيکارڻ اسلام ۾ سخت ناپسنديده آهي، ليڪن دشمنن سان ڇڪتاڻ ۽ مقابلو ڪندي فخر ۽ آڪڙ جو انداز گهڻو گهربل آهي. انڪساري خوبي آهي مگر اهو حڪمت کان خالي شخص ئي ٿي سگهي ٿو جيڪو جنگ جي ميدان ۾ هڪڙي سٺي اخلاقي اصول کي غلط طور تي استعمال ڪري دشمن

جي سامهون نوڙت ۽ عاجزي ۽ انڪساري جو مظاهرو ڪرڻ لڳي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان هڪڙي جملي سان هڪڙي حڪمت ڪان خالي مذهبي ذهنيت جو ازالو ڪري ڇڏيو جيڪا اصول پرستي جي غلط خيال ۾ پئجي ڪجهہ اخلاقي قدرن کي بي وقت ۽ بي مهل ابتن مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ لڳندي آهي. لڙائي جي عرصي کان علاوه شاعري ۽ خطابت جي ميدان ۾ بہ جيڪو ان دور ۾ سياسي رنگ رکندو هيو پاڻ سڳورن پنهنجن شاعرن ۽ خطيبن جي ذريعي فخر جو اظهار ڪرايو آهي. اهڙي طرح عمره القضا جي موقعي تي پاڻ سڳورن دعا طور اهو بہ چيو تہ الله ان شخص تي رحم ڪري جيڪو اڄ ڪافرن جي سامهون همت جو مظاهرو ڪري. مطلب تہ ڪشمڪش جي ڪنهن بہ دائري ۾ عاجزي ۽ انڪساري جو استعمال نقصان پهچائڻ واري حدتائين غلط هوندو. اسلامي تحريڪ اهڙي انڌي جنون جي ہل تي هلي نٿي سگهي، جيڪو اخلاقي اصولن ۽ قدرن جو صحيح استعمال موقعي جي فرق کي سڃاڻي نہ ڪري سگهي.

(7) سچائي ۽ نيڪي اهڙيون طاقتون آهن جيڪي انساني جوهر کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺنديون آهن. مديني جو هڪڙو صالح نوجوان عمر رضہ بن صامت هيو. جنهن جو مسلمانن سان حمايت ۽ همدردي وارو رويو هيو ليڪن ان وقت تائين ان اسلام ڪونہ قبول ڪيو هيو. اُحد واري مقابلي ان جي ستل جذبي کي جاڳائي ڇڏيو. ايمان آندائين ۽ تلوار کڻي خاموشي سان لڙائي ۾ شريڪ ٿي ويو ۽ شهادت ماڻيائين. آخري پساهہ وقت بنوعبدالاشهل جي ماڻهن پنهنجي ياتي کي سڃاتو ۽ ماجرا پڇيائون تہ ان ٻڌايو تہ الله ۽ رسول جي محبت ۽ حق جي حمايت ۾ وڙهيو آهيان. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خوشخبري ڏني تہ اهو اهڙو جنتي آهي جنهن هڪڙي نماز بہ ڪونهي پڙهي. ٻيو مثال مُخيريق يهودي (بنو ثعلبہ) جو آهي جنهن سچي يهوديت جي تقاضا سمجهندي حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حمايت ۾ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ٻين يهودين کي بہ دعوت ڏنائين. انهن هڪڙو مقدس عذر پيش ڪيو تہ اڄ ڇنڇر جو ڏينهن آهي، جنگ جي لاءِ نڪرڻ جائز ڪونهي. مخيريق چيو تہ هن وقت ڇنڇر وغيره ڪجهہ ڪونهي. اهو اڪيلو ميدان ۾ آيو وڙهيو ۽ پنهنجي جان حقيقي مالڪ جي حوالي ڪري ڇڏي، بلڪل ٻئي نموني جو مثال قزمان جو آهي جنهن جي جهنمي هجڻ جي خبر حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڏني هئي. اهو شخص مسلمانن سان گڏجي خوب وڙهيو ۽ زخمن سان چور ٿي ساٿو ٿي ويو. ماڻهن تعريف ڪيس تہ تو وڏو ڪم ڪيو آهي. ان چيو تہ مان تہ فقط قومي غيرت ڪري وڙهيو آهيان. بدنصيب زخمن جي تڪليف کان بيزار ٿي خودڪشي ڪري ڇڏي. الله ان کان ڪافرن جي خلاف ڪم بہ ورتو ان جي جان بہ ڪپي وئي ۽ نڪاڻو بہ جهنم ٿيو. الله اهڙي انجام کان هر ڪنهن کي بچائي.

(8) جيئن تہ اسان مٿي اشارو ڪري آيا آهيون. ان موقعي تي جاهليت جي منفي طاقت بہ غرور واري نشي ۾ خوب مست هئي ۽ ڪفر جي حمايت جو جذبو بہ پوري زور

سان ڪم ڪري رهيو هيو. قريشن جو جهنڊو کڻڻ وارا علمبردار توڙي جو هڪ هڪ ٿي قتل ٿي ويا ۽ ڪنهن کي جمي بيهڻ نصيب ڪونه ٿيو. ليڪن نوان ماڻهو اڳتي وڌي انهن جي جاءِ والاريندا ويا. آخر جڏهن صواب نالي هڪڙي شخص جهنڊو کنيو ته هڪڙي ٿي تلوار اهڙي لڳيس جو ان جا ٻئي هٿ ڪپجي ڪري پيا ۽ جهنڊي سان گڏ منهن ڀر انهن مٿان اچي ڪريو ۽ اهو چوندي ختم ٿي ويو ته "مون پنهنجو فرض پورو ڪري ڇڏيو." ڪجهه دير تائين ائين ئي زمين تي پيو رهيو. آخر عمره بنت علقمه نالي عورت بهادري سان اڳتي وڌي ۽ جهنڊو کڻي ورتو. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته مثبت انقلابي قوت جي ظاهر ٿيڻ سان قدامت ۾ به ڪجهه دير جي لاءِ نئين لهر ڊوڙڻ لڳندي آهي. مگر اُحد ۾ درحقيقت مڪي جي طاقت پنهنجو آخري اڀار (اوڀر) ڏيکاريو هيو.

(9) مسلمان لشڪر جو مادي لحاظ کان بي سروساماني وارو ڏکوئيندڙ منظر شهيدن جي ڪفن دفن وقت سامهون آيو. ڪل ستر لاش هيا. مگر انهن جي لاءِ ڪفن جو انتظام ڪرڻ مشڪل هيو. مُصعب رضه بن عُمير جي لاش تي صرف مٿي کان ڪپڙو وجهي سگهيا ۽ پيرن تي اذخر گاهه رکيائون. جڏهن به انهن حالتن جي ياد اچي ٿي ته مسلمانن جون اکيون لڙڪن سان پرجي وڃن ٿيون. اهي حالتون خود شاهد آهن ته مسلم رياست جي لاءِ جنگ ڪرڻ ڪيترو مجبوري وارو قدم هيو. مگر جڏهن اهو مجبوري وارو قدم کڻڻو پيو ته انهن هر ڪمي جي تلافي پنهنجي نظريه حيات تي يقين، پنهنجي عظيم نصب العين جي محبت ۽ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي سچي ساٿ سان ڪئي.

(10) قرآن شريف مسلمانن کي انهن جي ڪمزورين کان آگاهه ڪرڻ ۽ انهن جي اصلاح تي ڌيان ڏيڻ سان گڏوگڏ انهن جي سپاهياڻي شعور جي آبياري به ڪئي. انهن کي ذهن نشين ڪرايو ته لڙائي واري مقابلي ۾ فيصله ڪن طاقت اخلاقي قوت هوندي آهي ۽ ان اخلاقي قوت جو اهم ترين شعور صبر آهي. انهن کي تلقين ڪئي ته اهي خير ۽ شر جي ويڙهه ۾ دشمني وارن جذبن ۽ دنياوي مفادن کي بلڪل پاسي تي رکي صرف الله جي رضا، حق جي سوڀ ۽ آخرت جي ڪاميابي کي نظر سامهون رکن. انهن جي دلين ۾ اها ڳالهه به ويهاري ته فتح ۽ شڪست جو فيصلو بهرحال، الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي ۽ ان جي تائيد ۽ مدد ئي ڪنهن طاقت کي سوڀ ڏياري ٿي. تنهنڪري ان جي قانونن ۽ ان جي خوشخبري کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. ان حقيقت کي هڪڙي دعائيه عبارت ۾ سموئي انهن جي زبان جو ورِد ڪيو ته:

"چئو يا اللّٰهَ ڪائنات جا مالڪ ! تون جنهن کي گهرين حڪومت ڏين ۽ جنهن کان گهرين کسي وٺين. جنهن کي گهرين عزت ڏين ۽ جنهن کي گهرين ذليل ڪري ڇڏين. ڀلائي تنهنجي اختيار ۾ آهي. بيشڪ تون هر شي تي قادر آهين. رات کي ڏينهن پٺيان آڻين ٿو ۽ ڏينهن کي رات منجهان. ساهواري مان بيجان

ڪي ڪڍين ٿو ۽ بيجان مان ساهواري ڪي ۽ جنهن ڪي گهرين بي حساب رزق ڏين ٿو.“ (آل عمران آيت 26 ۽ 27)

انهن جي دلين مان موت جي خوف ڪي بہ اها حقيقت پڌري ڪري ڪڍيو ويو تہ موت بهرحال مقرر وقت تي الله جي حڪم (اِذن) سان ضرور ايندو ۽ جان بچائڻ لاءِ فرض جي ادائگي کان ڪوتاهي ڪرڻ زندگيءَ جي گهڙين کي ڌگهو نٿو ڪري سگهي. تنهن ڪري موت جي اڪين ۾ اکيون وجهي توهان کي قدم کڻڻو آهي. انهن قيمتي سبقن سان گڏ انهن جي سامهون هڪڙو سونهري نڪتو هي بہ رکيو تہ جيڪي ماڻهو الله جي راهہ ۾ (سچائي جا شاهد ٿي) پنهنجيون حياتيون قربان ڪندا آهن انهن جو مرڻ عام ماڻهن جي مرڻ وانگر ڪونهي. انهن جو موت نهايت ئي قابل احترام آهي، سو انهن کي عام مرڻ وارن وانگر مئل نہ سمجهو ۽ مئل نہ چئو اهي پنهنجي رب جي بارگاهہ ۾ نئين حياتي سان بهره مند آهن. انهن جا روح نوراني رزق حاصل ڪندا آهن اهي الاهي عطيا وٺي خوش آهن ۽ پنهجن هم مسلڪ ساٿين جي باري ۾ بہ اطمينان رکن ٿا. ائين شهادت جو هڪڙو اعليٰ مفهوم پڌرو ٿيو ۽ الله جي واٽ ۾ پيش اچڻ واري موت جي معنيٰ ائين تبديل ٿي جو ان کان ڊپ ڪرڻ جي بجاءِ ان جي لاءِ دعائون گهريون وڃڻ لڳيون. ان ئي سلسلي ۾ پاڻ سڳورن تنبيهہ ڪئي تہ شهيدن جي غم جو اظهار روڄ راڙو ڪري ۽ پٽڪي جي صورت ۾ نہ ڪيو وڃي. هڪڙي صالح انقلابي تحريڪ جڏهن ظاهر ٿيندي آهي تہ اها اهڙي طرح پنهنجا خاص اصطلاح پيدا ڪندي آهي ۽ انهن ۾ مخصوص معنيٰ سمائيندي آهي ۽ مروجہ تصورن جي معنيٰ تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. انهن سمورين تلقينن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اتي لڙائي ڪا دنياوي ڪارروائي ڪونہ هئي، عين ديني تقاضا ۽ خالص عبادت الاهي هئي.

(11) منافقن جو ڪجهہ تعداد ميدان ۾ ويٺو هيو. جتي اهڙي نازڪ گهڙي ۾ مسلمانن جي اندر انتشار ڦهلائڻ ۽ نظم ٽوڙڻ ۾ انهن جو گهڻو هٿ هيو. اتي مقابلي کان پوءِ بہ انهن گهٽيون ئي چميگويون ڪيون تہ جيڪڏهن هيئن ٿئي ها تہ فلاڻو نتيجو نڪري ها ۽ هونئن نہ ٿئي ها تہ فلاڻا واقعا ظاهر نہ ٿين ها. ان کان علاوه، اهو تہ جيڪڏهن قيادت ۾ اسان جو ٿورو گهڻو عمل دخل هجي ها تہ اُحد واري لڙائي جو نقشو اهو نہ هجي ها. خود پٺ واري لڪَ تي مقرر ٿيل تير اندازن واري دستي جا ذهن پوري طرح صاف ڪونہ هيا. مديني ۾ جڏهن انهن کان پڇا ڪئي وئي تہ توهان پنهنجو مورچو ڇو ڇڏيو؟ انهن بيڪار عذر پيش ڪيا، جن کي ٻڌي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو ”نہ بلڪ حقيقت اها آهي تہ توهان کي بدگماني ٿي تہ اسان توهان سان خيانت ڪنداسين ۽ توهان جو حصو ادا ڪونہ ڪنداسين.“ قرآن شريف ان بدگماني جي ترديد ڪندي چيو ”ڪنهن نبي جي شان وٽان اها توقع نٿي ڪري سگهجي تہ اهو خيانت ڪندو.“ (آل عمران آيت 161)

(12) دشمنن جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي زخمي ڪري وڌو تہ ڪنهن ساٿي چيو تہ انهن ظالمن جي لاءِ بددعا ڪيو تہ الله انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏي پاڻ سڳورن جواب ڏنو "مون کي دنيا جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليو ويو آهي. نہ ڪي لعنت وسائڻ جي لاءِ." پوءِ دعا ڪئي "اي الله! منهنجي قوم کي هدايت ڏي، اهي ماڻهو (مون کي، منهنجي مقصد (مشن) کي ۽ زندگيءَ جي حقيقتن کي) ڪونہ ٿا سمجهن."
اسان اڳ ۾ بہ اشارو ڪري آيا آهيون تہ ان جواب ۽ ان دعا ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو اهو نقطہ نظر پوري طرح جهلڪي رهيو آهي جنهن سان پاڻ سڳورا پنهنجن مخالفن کي ڏسندا هيا. صاف ظاهر آهي تہ پاڻ سڳورن جي اندر ۾ ڪو ذاتي انتقام وارو جذبو موجود ڪونہ هيو. پاڻ سڳورن دشمنن کي ختم ڪرڻ ڪونہ ٿي گهريو صرف انهن جي اصلاح گهري ٿي. انهن جي جنگي قدمن جو بہ پاڻ سڳورن جواب ڏنو تہ مجبوري سان ڏنو. ڇو تہ ان کان سواءِ ڪو چارو ڪونہ هيو.

## اُحد کان پوءِ:

توڙي جو مسلمان فوج اُحد ۾ پهريان فتح جو ۽ پوءِ عارضي ياچ جو دور ڏٺو. ليڪن آخري وقت ۾ پلڙو انهن جي ئي حق ۾ جهڪڻ لڳو هيو. خاص طور تي قريشن جو پنهنجي فتح کي اڌورو ڇڏي هليو وڃڻ ۽ مسلمان فوج جو انهن جو پيڇو ڪرڻ لاءِ نڪرڻ ۽ ابوسفيان جو هڪڙو ڀيرو وري موٽڻ جو ارادو ڪرڻ کان پوءِ مڪي روانو ٿي وڃڻ مسلمان فوج جي همت ٻڌائڻ ۾ مددگار ٿيو. حقيقت ۾ قريشي ان لڙائي جو قطعي فيصلو ڪرڻ کان سواءِ ان کي لڙڪندڙ حالت ۾ ڇڏي هليا ويا هيا. ٻنهي ڌرين مان ڪابہ ڌر ٻئي جو زور ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ڪونہ وئي. اهڙي صورت لازمي طور "باقي آئيندي" جو مفهوم رکي ٿي ۽ قريشن جي طرف کان تہ ابوسفيان صاف صاف چيلينج ڏئي ويو تہ هاڻي ايندڙ سال بدر ۾ اسان وري مقابلو ڪرڻ ايندا سين. بدر واري لڙائي هڪڙي فيصلي ڪن نتيجي واري لڙائي هئي. مگر اُحد ۾ مقابلو فيصلہ ڪن ڪونہ ٿي سگهيو. اهو فيصلو آئينده لاءِ ملتوي ٿي ويو.

مسلمان طاقت جيڪڏهن فاتح ڪونہ هئي تہ بلاشڪ اها شڪست کاڌل بہ ڪونہ هئي. ليڪن پوءِ بہ بدر جي فتح جو جيڪو اثر پسگردائي وارن علائقن تي پيو هيو ان ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ گهٽتائي آئي ۽ قدامت پسند قبيلن جون اميدون هڪڙو ڀيرو وري قريشين جي جاهلي قوت سان وابستہ ٿيڻ لڳيون. ڪجهہ ڏوهہ ڪندڙ ۽ شرپسند ماڻهن ۾ بغاوت جو رجحان بہ پيدا ٿي ويو. چئني طرفن جا نيم متاثر قبيلا بي ڊپائي سان باغياڻيون حرڪتون ڪرڻ لڳا. مطلب تہ اُحد جي وقتي اثر سان اسلامي رياست کي شديد پيچيدگين جو منهن ڏسڻو پيو. ليڪن جماعت ايتري هوشيار ۽ خبردار ۽ قيادت ايتري مضبوط هئي جو ان شرارتن کي هڪدم ڪچليو ۽ آهستي آهستي حالتن جي

وھڪري  ڪي صحيح رخ تي هلايو ويو. ماڻهن کي محسوس ڪرائي ڇڏيو تہ اسلامي حڪومت جان رکي ٿي ۽ امن امان قائم ڪرڻ ۽ پنهنجي علائقي جو تحفظ ڪرڻ جي لاءِ ڪابہ ڪوتاهي ڪرڻ واري ڪونهي. تاهم هڪڙو چڱو عرصو اسلامي رياست جي اثر جي بحالي لاءِ صرف ٿيو.

مخالف رجحان رکڻ وارن جن ماڻهن اُحد واري واقعي کان پوءِ ڳر کڻڻ شروع ڪيو انهن ۾ اڳرائي قطن جي طلحہ بن خويلد ۽ سلمہ بن خويلد ڪئي. انهن سردارن بنواسد بن خُزيمہ کي مديني جي خلاف باغياڻو قدم کڻڻ لاءِ تيار ڪيو. گهڻو ڪري صحيح نقطہ نظر اهو آهي تہ پروگرام هڪڙي قسم جي ڌاڙي هڻڻ جو هيو. محرم 4 هجري جو چنڊ ڏسجڻ سان ئي اهو اطلاع پهتو. ابو سلمہ مخزومي رضہ جي اڳواڻي ۾ ڏيڍ سو ماڻهن  جو دستو خطري کي ختم ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. اهي ماڻهو قطن پهتا  تہ ڌاڙيلن جو ٽولو جانورن جو ولر ڇڏي ڇڙوڇڙ ٿي ويو. اسلامي حڪومت جانور ضبط ڪري ڇڏيا ۽ رضاڪارن ۾ ورهائي ڇڏيا. بغير ڪنهن وقفي جي 5 محرم تي هڪڙي ٻئي طرف کان خبر آئي تہ خالد بن سفيان الهذلي حملو ڪرڻ جي لاءِ ماڻهو گڏ ڪيا آهن. عبدالله رضہ بن انس جهني انصاري کي روانو ڪيو ويو. جيڪو ان فسادي جو خاتمو ڪري ان جو ڪنڌ ڪپي کڻي آيو. اڪيلي سر اهڙو بهادري وارو ڪارنامو انجام ڏيڻ تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کي پنهنجي لٺ (عصا) انعام طور عطا فرمائي.

پوءِ ٻن ٽن هفتن جي وقفي سان هڪڙو وڏو حادثو  پيش آيو. صفر مهيني جي شروعات ۾ عصل ۽ قاره قبيلن جا ماڻهو سازش ڪري مديني آيا ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي درخواست ڪئي تہ اسان مان ڪجهہ ماڻهو مسلمان ٿي ويا آهن. انهن جي  تعليم ۽ ترتيب جي لاءِ توهان پنهنجا اوستاد موڪليو. ڏهن عالمن جو هڪڙو تعليمي وفد روانو ڪيو ويو (اهو تعداد صحيح بخاري جي روايتن موجب آهي. سيرت نگارن وفد کي ست ماڻهن تي مشتمل قرار ڏنو آهي) جنهن جو امير مرثد رضہ بن ابي المرثد هيو. رجيع واري ماڳ (اهو بنوهُذَيل جو گهاٽ هيو) ۾ پهچي سازشين خُبَيب رضہ ۽ زيد رضہ کان سواءِ باقي سيني کي قتل ڪري ڇڏيو. انهن ٻنهي کي قريشين جي هٿ وڪڻي ڇڏيائون، جن ٻنهي کي شهيد ڪري ڇڏيو. ان جو ذڪر اسان اڳ ۾ ڪري چڪا آهيون. ان واقعي مان چڱي طرح اندازو ٿي سگهي ٿو تہ اُحد واري لڙائي کان پوءِ مخالف ماڻهن ۾ ڪهڙي همت پيدا ٿي ويئي هئي. ان سانحي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دل کي ڪيترو صدمو پهچايو هوندو جڏهن تہ پاڻ سڳورن جي نندڙي جماعت جا ڪجهہ قيمتي فرد تعليمي مشن تي ويندي بيوسي جي حالت ۾ شهيد ٿي ويا. انهن نوراني هستين علم جون شعائون پکيڙي جن ماڻهن کي ڪنهن اجوري کان سواءِ نئين زندگي ڏيڻ گهري ٿي، انهن ظالمن انهن کان فائدو وٺڻ جي بجاءِ انهن جي حياتي جا

ڏيئا گل ڪري ڇڏيا. ليڪن ان ئي مهيني ۾ ان کان وڌو حادثو بئرمعونہ وارو پيش آيو. ابوبراءِ عامر بن مالڪ نجد جي علائقي مان اچي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ سڳورن ان کي اسلام جي دعوت ڏني، مگر ان نہ ان کي قبول ڪيو ۽ نہ رد ڪيو. البت وڏي مخلصاڻي انداز ۾ مشورو ڏنو تہ توهان پنهنجن ساٿين کي نجد موڪليو اميد تہ ماڻهو اسلام جي پيغام کي قبول ڪندا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم نجد جي باري ۾ انديشو ظاهر ڪيو. رجيع وارو واقعو تہ سامهون هيو ئي ابوبراءِ حفاظت جي ذميواري ڪنئي. جيئن تہ ڪجھہ سياسي ضرورتون اها تقاضا ڪري رهيون هيون تہ نجد جي علائقي ۾ اسلامي حڪومت جو اثر پکيڙجي. انهيءَ ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ابوبراءِ جي زبان تي اعتبار ڪندي ستر ماڻهن جي هڪڙي جماعت (اهو تعداد صحيح بخاري بيان ڪيو آهي، ابن اسحاق چاليھہ ٻڌايا آهن) جنهن ۾ پهرين درجي جا حافظ قاري ۽ اوستاد ۽ داعي شامل هيا، مُنذِر رضہ بن عمرو جي اڳواڻي ۾ روانو ڪئي. اهو دعوتي وفد جڏهن بئرمعونہ پهتو، جيڪو ارض بنوعامر ۽ حره بنوسُليم جي وچم واقع آهي تہ اتان حرام بن ملحا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو خط کڻي عامر بن طفيل ڏانهن روانو ٿيو. ان خط ڏسڻ کان اڳ ۾ ئي پنهنجي ماڻهوءَ کي اشارو ڪري ان کي قتل ڪرائي ڇڏيو. ان کان پوءِ ان بنوعامر ۾ اعلان ڪرايو تہ مديني جي وفد تي حملو ڪرڻ لاءِ نڪرو. بنوعامر وارن ابوبراءِ جي ضمانت جو احترام توڙڻ گوارا ڪونہ ڪيو تڏهن ان فاسد بنوسُليم جي شاخن رِعل، ذَڪوان، عُصَيہ ۽ بنولَحيان کي دعوت ڏني. اهي تيار ٿي ويا ۽ مديني جي دعوتي وفد کي اچي گهيري ورتو. وفد وارن چيو تہ اسان وڙهڻ ڪونہ آيا آهيون ۽ اسان کي هتي ترسڻو بہ ڪونهي، بلڪ اڳتي وڃڻ گهرون ٿا، اسان جي لاءِ رنڊڪ نہ وجهو. ليڪن انهن ظالمن ڪونہ مڃيو ۽ 69 ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو. وفد جو سترڙون رڪن ڪعب رضہ بن زيد بہ رتورت ٿي لاشن جي ڍير ۾ شامل ٿي ويو. ليڪن زندگي باقي هيس، بچي مديني پهتو ۽ سمورو واقعو بيان ڪيو. مخالفتن ۾ گهريل هڪڙي نوجوان جماعت جي ان آزمائش جو اندازو ڪيو تہ ان جون 69 قابل شخصيتون نهايت بي رحمي سان هڪڙي ڏک سان شهيد ٿي وڃن ٿيون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حساس دل ان واقعي جي ڪري گهڻي ڏکي. پاڻ سڳورن ڏکويل دل سان هڪڙي مهيني تائين فجر جي نماز ۾ پنهنجن معلمن جي قاتلن جي حق ۾ بد دعا ڪئي. ان بددعا جو اصطلاحي نالو قنوتِ نازلہ آهي.

انهن ظالمن جي رويي جي مقابلي ۾ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو طرزعمل عمرو بن اميہ جي واقعي ۾ ڏسو. عمرو بن اميہ ڪٿان ٻڌو تہ معلمين جي جماعت کي بئرمعونہ جي ويجهو اسلام جي دشمن سازشي قبيلن قتل ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ۾ عمرو بن اميہ جا مائٽ بہ شامل هيا. انهن رستي ۾ معلمين جي قاتل ٽولي وارن جي ٻن ماڻهن کي سٽل ڏنو ۽ انتقامي طور قتل ڪري ڇڏيو. دراصل اهي ماڻهو

ساٿاري قبيلي جا هيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن جي خون بها ادا ڪئي. آخرڪار حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اتان جي ظالماڻي ماحول جي مقابلي ۾ ان ئي عدل واري نظام جي لاءِ ئي تہ سمورا جتن ڪري رهيا هيا.

انهن بيروني حالتن جي اصلاح ڪان سواءِ ممڪن ڪونہ هيو تہ مدينو داخلي طور تي مستحڪم رهي، مگر اتي شرارتي ماڻهو موجود هيا. اهي پنهنجي دولت، زمين ۽ قلعہ بندين جي طاقت تي گهڻو پاڙيندا هيا ۽ اسلامي رياست جي بلڪل وچ ۾ ويهي انتهائي غداري واريون سازشون ڪندا هيا ۽ مسلمان جماعت جي هر قدم ۾ رخنو وجهندا هيا. خاص طور تي يهودي قبيلا وحدتِ مدينہ جي معاهدي ۾ شريڪ ٿيڻ جي باوجود هر ڏينهن باغياڻيون حرڪتون ڪندا هيا. انهن مان بنونضير جو ڳڙهہ گهڻو مضبوط هيو ۽ اهي دشمني ۽ سرڪشي جي واڻ تي هلندا پئي ويا. انهن اُحد ۽ رجيع ۽ بئرمعونہ وارن واقعن جي سانحي کان پوءِ نازڪ ترين هنگامي حالت ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قتل جي لاءِ کلم کلا جرئت ڪئي (جنهن جو ذڪر اسان اڳ ۾ ڪري چڪا آهيون). اڳ ڪيل حرڪتن کان پوءِ اها کلم کلا جرئت انهي ڳالهہ جي لاءِ ڪافي، بلڪ ضروري هيو تہ انهن جي باري ۾ ڪا فيصلہ ڪن ڪارروائي ڪئي وڃي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم لڙائي ڪرڻ ۽ ڪو جاني نقصان پهچائڻ کان بچڻ گهريو.[1] انهيءَ ڪري صرف شهر ڇڏڻ جو نوٽيس ڏنو تہ اهي ذهن ڏينهن جي اندراندر پرامن طريقي سان مديني جي حدن مان نڪري وڃن، ورنہ پوءِ انهن سان دشمن وارو معاملو ڪيو ويندو. عبدالله بن ابي وڏي مدد فراهم ڪرڻ جو واعدو ڪري انهن کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خلاف وڙهڻ لاءِ اڪسايو. بنونضير ان جي ترغيب ۾ اچي ويا ۽ انهن اسلامي رياست کي صاف صاف چيلينج ڪري ڇڏيو تہ اسان نوٽيس تي عمل ڪونہ ڪنداسين. جيڪو وٽي اهو ڪريو. ربيع الاول 4 هجري ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اسلامي فوج کي وٺي نڪتا ۽ بنونضير جو گهيراءُ ڪيو. ڪير بہ انهن جي مدد لاءِ ڪونہ آيو. تنهنڪري بيوس ٿي انهن وسندي خالي ڪري ڇڏي. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو ڪريماڻو شان هيو جو اهي نہ صرف حياتيون بچائي بلڪ اُٺن تي پنهنجو قيمتي مال ملڪيت بہ کڻي ويا. ڇڪتاڻ جي انهي انتهائي ناخوشگوار ماحول ۾ بہ بنونضير وارن منجهان ٻہ نيڪ شخص اهڙا نڪتا جن پنهنجي قبيلي جي نامعقوليت سان گڏوگڏ حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حق واري دعوت جي نور کي سڃاتو ۽ اسلامي حلقي ۾ شريڪ ٿي ويا. اهي هيا يامين رضہ بن عمير ۽ ابوسعد رضہ بن وهب.

---

[1] اسلامي تحريڪ پنهنجي مزاج جي اعتبارکان جنگ پسند ڪونهي. ان کان علاوه، معاملو دنيا جي هڪڙي مستقل مذهبي گروهہ سان تعلق رکڻ وارن ماڻهن جو هيو. اسلامي تحريڪ کي بهرحال، ان گروهہ جي دائري ۾ ڪم ڪرڻو هيو. ورنہ انهن جا ڏوهہ اهڙا هيا جو انهن لاءِ زندهہ رهڻ جو حق ڪونہ بچيو هيو.

ان موقعي تي مسلمان فوج کي ڪجهہ وڻ وڍڻا پيا ۽ اها ڪا اهم ڳالهہ ڪونہ هئي، مگر نوڙي مان نانگ بنائڻ وارن مغربي ڏاهن ان مان بہ پروپيگنڊا جو مواد ڪڍي ورتو. اهو بلڪل اهڙو اُٽر قدم هيو جهڙو اڄ بہ ڪنهن فوج کي رستو ناهڻ، دشمن جي ٺڪاڻن کي ختم ڪرڻ ۽ ٻين ضرورتن جي لاءِ ڪرڻو پوندو آهي. بلڪ پوليس کي بہ ڏوهين جي گرفتاري جي لاءِ اڪثر ڪري اهڙيون ڪارروائيون ڪرڻيون پونديون آهن. عمارتون ڍاهيون وينديون آهن، پوکن ۽ باغن ۾ ضرورت مطابق قدم کنيو ويندو آهي.

خطرناڪ حالتن جي باوجود شرارتي ماڻهن کي سزا ڏئي حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم نہ صرف مشڪلاتون گهٽايون، بلڪ ڀرپاسي جي ماڻهن تي اهو اثر بہ بحال ڪري ورتو تہ مسلمان حڪومت ۾ پورو پورو دم خم موجود آهي.

ابوسفيان اُحد واري ميدان ۾ ڪيل اعلان جي مطابق بہ هزار پيادن ۽ 50 سوارن تي مشتمل هڪڙو مضبوط لشڪر ساڻ ڪري حملو ڪرڻ جي لاءِ نڪتو. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بہ اطلاع ملڻ شرط پندرهن سو پيادن ۽ ڏهن سوارن سان بدر پهتا. اٺ ڏينهن اتي پڙلاءُ ڪري قريشي فوج جو انتظار ڪيو. مگر ابوسفيان مڪي کان هڪڙي منزل ظَهران يا عسفان جي ماڳ تائين اچڻ کان پوءِ واپس موٽي ويو تہ ڏڪار واري سال هجڻ ڪري اهو وقت جنگ جي لاءِ مناسب ڪونهي. آخر حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بہ ابوسفيان جي موٽي وڃڻ جو اطلاع ملڻ تي مديني موٽي آيا.

محرم 4 هجري (ڪجهہ روايتن موجب جمادي الاول) ۾ بنوغطفان جي ننڍين شاخن بنومُحارب ۽ بنوثَعلَبہ طرفان جنگي تياريون ڪرڻ جي خبر آئي. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم چار سَوَ (ڪجهہ روايتن موجب ست سَوَ) رضاڪارن جي جماعت ساڻ ڪري نڪتا، مقابلي جي لاءِ هڪڙو ٽولو واقعي موجود هيو اهي عملي طور مقابلو ڪري ڪونہ سگهيا. ان ئي جاءِ جو واقعو آهي تہ غورث نالي مشرڪ پنهنجي قوم جي سامهون اهو عزم بيان ڪري نڪتو تہ مان محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي قتل ڪري ساهہ پٽيندس. اهو آيو تہ حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙي وڻ جي ڇانو ۾ اڪيلا آرامي هيا. پاڻ سڳورن جي تلوار وڻ ۾ لٽڪي رهي هئي. غورث اهائي تلوار تاڻي للڪاريو تہ ٻڌاءِ هاڻي توکي ڪير بچائي سگهي ٿو. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بنا ڊپ ڪرڻ جي چيو "الله بچائڻ وارو آهي."

دومت الجندل واپاري قافلن جو مرڪز (جنڪشن) بہ هيو ۽ اتي عيسائين ۽ يهودين جا مذهبي پرچارڪ (مبلغ) ۽ سياسي عيوضي بہ ڪم ڪندا هيا. پوءِ بنونضير جي خيبر ۾ وڃڻ ڪري مديني جي خلاف انهن جي سازشن جو بہ اڏو ٺيڻ لڳو. خاص طور تي اهو واقعو وڏي سياسي اهميت رکي ٿو تہ مڪي جي قريشين ۽ خيبر جي يهودين جي سازباز جي اثر هيٺ نصراني سردار اُڪيدر مديني جي لاءِ اناج آڻڻ وارن قافلن کي تنگ

ڪرڻ شروع ڪيو. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تائين اطلاع پهتو تہ دومت الجندل ۾ دشمن پنهنجي طاقت گڏ ڪري مديني تي حملو ڪرڻ گهري ٿو. ربيع الاول 5 هجري ۾ پاڻ سڳورن هڪ هزار جي جماعت ساڻ ڪري هڪدم قدم کنيو. دومت الجندل ۾ جڏهن مسلمان فوج جي روانگي جو اطلاع پهتو تہ دشمن ٽڙي پکڙي ويا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پيشقدمي جي ضرورت ڪونہ سمجهي ۽ رستي ۾ دوستاڻن تعلقاتن جي وڌائڻ جو ڪم ڪيو. تنهنڪري عُيينہ بن حصن سان معاهدو ٿيو. بعد ۾ 6 هجري ۾ حضرت عبدالرحمان رضہ بن عوف هڪڙي دعوت ۽ سياسي مهم تي ويو ۽ ڪلب قبيلي وارن جو ماحول مديني جي حق ۾ سازگار ٿيڻ لڳو. ان ڪانپوءِ تبوڪ جي مهم جي سلسلي ۾ (9 هجري) ان علائقي تي پورو پورو غلبو ٿي ويو.

هاڻي بنومصطلق جي باري ۾ خبر آئي تہ اهي حملي جي تياري ڪري رهيا آهن. بُريده آسلَمي رضہ کي موڪلي جاچ ڪرائي وئي. خبر صحيح نڪتي. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم 3 شعبان 5 هجري تي فوجي قدم کنيو. نهايت تيز رفتاري سان مُريسِيع (پاڻي جو چشمو) وڃي پهتا. حارث بن ابوضرار بنومصطلق جو سردار جنگ لاءِ تيار هيو. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اوچتو پهچڻ تي ان جو لشڪر ڇڙوڇڙ ٿي ويو ۽ صرف ان قبيلي جا ماڻهو باقي رهيا. پهرين ئي جهڙپ ۾ حارث جي جٿي کي پوري طرح شڪست ٿي وئي. تمام گهڻا جانور مال غنيمت ۾ آيا ۽ سيئي ماڻهو جنگي قيدي ٿي ويا. گرفتار ٿيلن ۾ جُوَيرِيہ رضہ بہ هئي. ان حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون حق جو ڪلمو پڙهيو ۽ چيو تہ مان اسلام قبول ڪري حاضر ٿي آهيان. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جي رضامندي سان ان سان نڪاح ڪيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ مسلمانن سينني قيدين کي اهو چئي آزاد ڪيو تہ رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي مائٽن کي هاڻي اسان قيدي رکي نہ ٿا سگهون.

اهوئي موقعو آهي تہ اسلام جي فتح کي ڏسي منافق سڙي ويا ۽ پهريائين انهن پاڻي تي جهڳڙو ڪرائي مهاجرن ۽ انصارن کي ويڙهائڻ گهريو ۽ واپسي ۾ سڄي رستي ۾ مهاجرن کي مديني مان ڪيرائڻ لاءِ انصارن کي اشتعال ڏيارڻ ۾ لڳا رهيا. ان ئي سفر ۾ حضرت عائشہ رضہ جو قافلي کان رهجي وڃڻ جي ڪري منافقن کي اِفڪ جو طوفان اياري جو موقعو مليو. اهو سمورو احوال اسان اڳ ۾ بيان ڪري چڪا آهيون.

اُحد واري لڙائي کان پوءِ ۽ خندق واري مقابلي کان اڳ ۾ اهي مختلف ننڍيون ڪارروايون هيون. جيڪي اسلامي رياست کي پنهنجي تحفظ امن امان جي بحالي ۽ دستوري نظام جي بچاءَ لاءِ ڪرڻيون پيون. انهن مان معلمين جي وفدن وارن واقعن کي ڇڏي باقي صورتن ۾ يا تہ رڳو سرحد تي فوجي طاقت موڪلي وئي يا هڪڙي قسم جي پوليس ڪارروائي ڪئي وئي. خالص جنگي نوعيت جون جهڙپون گهٽ ٿيون ۽

اهي بہ بلڪل ننڍڙيون ننڍڙيون. انهن کي هرپرو اهميت ڏئي تفصيل سان بيان ڪيو وڃي تہ پڙهڻ واري کي گهڻو مغالطو ٿيندو. اصل صورتحال اها هئي تہ عربستان قبيلن جي ننڍين ننڍين شاخن ۾ ورهايل هيو ۽ هر قبيلو بلڪ قبيلي جون ننڍيون شاخون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي مستقل تنظيمي ۽ سياسي اڪايون (يونٽ) هيون. ڪڏهن هڪڙو ٽولو مخالفت لاءِ ڳر ڪٽندو هيو تہ ڪڏهن ٻيو حملي ڪرڻ يا ڌاڙي لاءِ تيار ٿي ويندو هيو. هڪڙي شرارت کي قابو ۾ رکيو ويندو هيو تہ ڪنهن ٻئي طرف کان فتنو پيدا ٿي ويندو هيو. اهڙي حالت ۾ جڏهن بہ ڪنهن هڪڙي مرڪزي نظام جي قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي هئي تہ ڇڙوڇڙ ٿيل مختلف قبيلن سان وري وري ننڍيون ننڍيون جهڙپون ٿيڻ کان سواءِ ڪڏهن بہ ڪنهن ڪاميابي جو امڪان ڪونہ هيو.

## ٽيون وڏو مقابلو ـــــ خندق:

اُحد واري لڙائي ۾ توڙي جو قريشن کي مسلمانن خلاف زور ڏيکارڻ جو هڪڙو اتفاقي موقعو ملي ويو هيو ۽ ظاهري طور انهن بدر جي زخمن جو انتقام وٺي ڇڏيو هيو. ليڪن انهن کي چڱي طرح خبر هئي تہ اهي اُحد مان فاتح بڻجي ڪونہ موٽيا آهن. ۽ انهن کي اهو بہ اندازو ٿي ويو هيو تہ هاڻي اهي پنهنجي موجوده طاقت سان مديني جي مسلمان رياست کي شڪست ڏيڻ جي قابل ڪونهن. اهي هڪڙي سال جي وٿي ۾ وڏيڪ تياري ۽ لشڪر گڏ ڪرڻ کان پوءِ وڙهڻ جو تهيو ڪري اُحد مان موٽيا هيا ۽ ابوسفيان ان ارادي جو اعلان بہ ڪري ويو هيو. مگر مڪي کان فوج وٺي نڪرڻ کان پوءِ اهو حالتن جي ناسازگاري جي ڪري واپس موٽي ويو هيو. قريشين ۽ مسلمان رياست ۾ هڪڙو وڏو فرق هيو. جاهليت جي طاقت پنهنجي روح جي اعتبار کان بيٺل (جامد) ۽ ساڪ بہ هئي ۽ ڪنهن نموني ۾ واڌ ويجهہ جي صلاحيت بہ ڪونہ رکندي هئي. بلڪ ان جو ڪجهہ نہ ڪجهہ حصو هر ڏينهن ڪنجي مديني جي پلڙي ۾ ڪري رهيو هيو. مديني جي مسلمان طاقت هڪڙي اصولي نظرياتي سرگرمي ۽ عوامي طاقت هئي. تنهنڪري اها متحرڪ هئي، فعال هئي، سرگرم هئي ۽ ان ۾ واڌ ويجهہ جي صلاحيت هئي. ان فرق جي ڪري وقت جو گذرڻ مديني جي حق ۾ فائديمند ٿي رهيو هيو. فردن جي تعداد، اخلاقي تربيت، معاهداڻن تعلقاتن، دفاعي طاقت ۽ رقبي جي پکيڙ جي لحاظ کان مدينو مسلسل واڌ ويجهہ ڪري رهيو هيو. اسلامي رياست عملي طور قريشن جي واپاري سڙڪن کي بند ڪرڻ لاءِ ڪامياب هئي. مڪو معاشي بحران جو شڪار ٿيندو پئي ويو. اسلامي جماعت اُحد کان پوءِ وارن ٻن سالن دوران سخت پيچيدگين کي منهن ڏيڻ جي باوجود خاصو ارتقاء ڪري چڪي هئي ۽ قريشين جنهن مقابلي کي هڪ سال جي لاءِ ملتوي ڪيو هيو اهو هڪڙي سال جي دير ٿيڻ ڪري هاڻي انهن کان گهڻي وڏيڪ طاقت گڏ ڪرڻ جو مطالبو ڪري رهيو هيو. قريشي اڪيلو شايد ايتري گهربل

طاقت آساني سان آڻي ڪونہ سگهن ها. ليڪن مسلمان رياست جي مختلف دشمنن حالتن جي مجبوري ڪان باهمي اتحاد جون راهون ڪڍيون ــــ خيبر ۽ وادي القريٰ ۾ وڃي آباد ٿيڻ وارن جلاوطن ٿيل يهودين وڏي سرگرمي سان مديني تي حملو ڪرائڻ جي لاءِ پيچ ڊڪ ڪئي. انهن جي شرارتن جي شروعات مديني جي لاءِ اناج آڻڻ وارن قافلن جي لاءِ رڪاوٽون پيدا ڪرڻ سان ٿي. پوءِ جڏهن اُحد جي حالتن جي خبر انهن تائين پهتي ۽ ابوسفيان طرفان وڏيڪ جنگ ڪرڻ جي ارادي جو انهن کي معلوم ٿيو ۽ انهن جي همت وڌي تہ انهن بنوغطفان وارن کي خيبر جي کجين جي پوري سال جي پيدوار ڏئي ۽ آئنده جي لاءِ بہ هڪڙو مقرر حصو ادا ڪرڻ جو واعدو ڪري مديني تي حملو ڪرڻ جي لاءِ آماده ڪيو. ايترو ڪم ڪرڻ ڪان پوءِ انهن پنهنجو وفد مڪي موڪليو. جنهن ۾ سلام بن ابي الحُقَيق، سلام بن مشڪم، حي بن اخطب، ڪنانہ بن ربيع (بنونضير) ۽ هَوذَه بن قيس ابوعماره (بنو وائل) جهڙا اڪابر شامل هيا. انهن قريشين کي يقين ڏياريو تہ توهان حملو ڪيو ۽ جيستائين محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جو پوري طرح صفايو نہ ٿي وڃي، اسان ساٿ ڪونہ ڇڏينداسين. اهو وفد اتان ڪامياب ٿي موٽيو تہ بنوغطفان ڪان علاوه ڪجهہ ٻين قبيلن ۾ بہ گهميو. قريشين بہ پنهنجن حامين ۽ ساٿارين ۾ ڊڪ ڊوڙ ڪئي ۽ احابيش کي امداد جي لاءِ پڪاريو. مطلب تہ هن دفعي جاهليت پوري عربستان منجهان پنهنجي حمايتي قوت حاصل ڪئي ۽ غالب جي شعر جهڙو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو تہ:

پھر پرسشِ جراحتِ دل کو چلا ہے عشق
سامانِ صد ہزار نمکداں کیے ہوئے.

ابو سفيان جي ڪمان ۾ چار هزار سپاهين جو لشڪر روانو ٿيو. جنهن سان گڏ ٽي سو گهوڙا ۽ هڪ هزار اُٺ هيا. اهو لشڪر جڏهن مرالظهران جي ماڳ تي پهتو تہ بنوسُليم بہ جن جا قريشن سان رابطا هيا، اچي مليا. هئي پاسي ڪان بنواسد، فزاره، اشجع ۽ بنومره بہ پنهنجن علائقن مان نڪتا. بنوغطفان وارن عُيينہ بن حصن جي اڳواڻي ۾ هلان (مارچ) ڪئي. مجموعي تعداد جي باري ۾ اختلاف آهي، ڪن ڇهہ ست هزار تہ ڪن ڏهہ هزار ۽ ڪن تہ 24 هزار تائين جو اندازو ڪيو آهي. ترجيح جي قابل گهٽو ڪري وڃين روايت آهي جنهن کي اڪثر سيرت نگارن ورتو آهي.

حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي انهن جي تيارين جو اطلاع دومت الجندل جي سفر ۾ ئي ملي ويو هيو ۽ پاڻ سڳورا ان جي انديشي ڪري جلدي واپس بہ اچي ويا هيا. صلاح مشورو ڪرڻ لاءِ مجلس ڪوٺايائون. مديني ۾ ئي رهي دفاع ڪرڻ جي تجويز ٿي ۽ شهر جي حفاظت جي لاءِ حضرت سلمان فارسي رضہ جو اهو مشورو قبول ڪيو ويو تہ ايران جي طريقي تي کاهي (خندق) کوٽي وڃي. ان ۾ جتي فائدي جو اهو پهلو هيو تہ دفاع جو اهو نئون طريقو عرب حملہ آورن جي لاءِ مشڪلات جو سبب ٿي سگهيو ٿي، اتي

وڏيڪ وڏا فائدي وارا اهي پهلو هيا تہ سخت جسماني محنت سان اهو ڪم ٿي سگهيو پئي، جيڪو ڪنهن مضبوط ۽ بلند ديوار سان ٿئي ها. ان کان علاوه، گهٽ تعداد سان گهٽي تعداد واري دشمن کي روڪي سگهيا ٿي ۽ جاني نقصان بہ گهٽ کان گهٽ حد تائين متوقع هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گهوڙي تي سوار ٿي پاڻ خندق جو نشان مقرر ڪرڻ لاءِ نڪتا. جيئن تہ شهر ٽن طرفن کان گهرن جي عمارتن ۽ چوديواري ڏنل باغن جي ذريعي رڪاوٽ ۾ هيو. تنهنڪري خندق جي ضرورت صرف اتر کان ڪليل حصي جي طرف هئي. طئي ٿيو تہ اير ۽ اولهہ وارن ميدانن کي ملائيندڙ خندق کوٽي اڌ گول واري صورت ۾ جبل سلع جي اولهندي ڪناري تائين پهچائي وڃي. ان حصي جي کوٽائي تہ فوجي انتظام سان ڪرائي وئي. ليڪن ڪجهہ قبيلن پنهنجي طور تي پنهنجن پنهنجن گهرن جي حفاظت جي لاءِ ان کي اجا اڳتي وڌايو ۽ ڏسڻ ۾ عيدگاهہ (مسجد غمامہ يا مصلي) جي اولهہ واري پاسي کان گذاري قبا جي طرف پري تائين ڊگهو ڪري ڇڏيو. خندق جي کوٽائي لاءِ اهي ٽي ٽي هزار مسلمان رضاڪار مزدور بڻيا جن کي سپاهين واري ذميواري بہ ادا ڪرڻي هئي. ڏهن ڏهن ماڻهن جا جٿا ٺاهيا ويا ۽ هر جٿي کي 40 ذراع (20گز) جا ٽڪرا حوالي ڪيا ويا. اندازو آهي تہ ان جي ويڪر 10گز رکي وئي هوندي، ڇوتہ دشمن جا ڪجهہ سوار گهوڙن کي ان ٽان ٽپائڻ لاءِ ڊوڙائيندي اندر ڪري هلاڪ ٿي ويا هيا. اهڙي طرح ان جي اونهائي 5 گزن کان گهٽ ڪونہ هوندي، مجموعي طور تي ان جي ڊيگهہ ساڍا ٽي ميل هئي. اهو واقعو حيرتناڪ آهي تہ ٽن هفتن ۾ ايترو وڏو ڪم مسلمان رضاڪارن مڪمل ڪري ورتو. تقريبن ٽي لک اٺ هزار چورس گز مٽي کي کوٽڻ ۽ ان کي پري ڪرڻ ڪا راند ڪونہ هئي. هڪڙي شخص جي حصي ۾ سراسري طور هڪ سو چورس فوٽن کان وڌيڪ مٽي اچي ٿي. وري سامان جي لحاظ کان حالت اها هئي تہ کوٽائي جا ڪجهہ اوزار بنوقريظہ کان معاهدي هيٺ اڌارا ورتا ويا هيا ۽ ٽوڪرا يا تغاريون نہ هجڻ ڪري عام مسلمان تہ ڇا حضرت ابو بڪر رضہ ۽ حضرت عمر رضہ جهڙيون شخصيتون بہ چادرن ۽ جهولن ۾ مٽي پري کڻنديون هيون. خندق سان گڏ هرهنڌ چوڪيون ٺاهيون ويون، جتان ان جي هر حصي جي نگراني ڪري سگهجي.

هڪڙي پاسي خندق جي کوٽائي مڪمل ٿي ۽ ٻئي پاسي شوال 5 هجري ۾ اسلامي رياست جا متحد دشمن فوجين جا ڪٽڪ ساڻ ڪري اچي پهتا. قريشين، ڪنانہ ۽ احابيش (يا احباش) وارن وادي عقيق جي ويجهو بئررومہ وٽ پڙلاءُ ڪيو. بنوغطفان ۽ بنواسد وارن وادي النعمان وٽ دنب نقيٰ نالي ماڳ وٽان اُحد جبل تائين پکڙجي خيمہ کوڙيا . هوڏانهن مسلمان فوج سلع جبل کي پٺيان رکي مرڪزي ڪئمپ قائم ڪئي. اتي حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو جنهن جاءِ تي خيمو کوڙيو ويو ان جي يادگار طور تي اڄ مسجد فتح موجود آهي.

انقلاب دشمن توڙي جو وڏي تعداد ۾ مقابلو ڪرڻ آيا هيا. پر اها خندق انهن جي لاءِ بلڪل نئون مسئلو هئي. انهن اهڙي طرح جي رڪاوٽ اڳ ۾ ڪڏهن ڪونه ڏٺي هئي ۽ اهڙي قسم جي تدبير کان واقف ڪونه هيا. انهن جا گهوڙا ۽ اُٺ خندق جي ٻاهرين ڪناري تائين ڪارآمد هيا. ايڪڙٻيڪڙ گهوڙي سوارن جوش ۾ اچي خندق پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر اهي ان جي اندر ڪري ختم ٿي ويا. مختلف جاين تان اچڻ جي ڪوشش ڪيائون ٿي، پر مسلم دستا خبرداري سان اتي سامهون موجود هيا ۽ تيرانداز دشمن کي پٺتي موٽڻ تي مجبور ڪندا هيا. تلوارون ۽ نيزا بلڪل بيڪار هيا. بس ٻنهي طرفن کان ڪجهه نه ڪجهه تيراندازي هر روز ٿي ويندي هئي. گهڻن ڏينهن جي گهيراءَ ڪرڻ کان تنگ اچي هڪڙي ڏينهن دشمنن گهڻو زور ڏيکاريو. ڪڏهن ڪٿان حملو ڪيائون ته ڪڏهن ڪٿان حملو ڪيائون. پر ڪجهه به اڳيرائي ڪونه ٿين. آخرڪار قريشن جو مشهور پوڙهو پهلوان عمرو بن عَبدِوُد جوش ۾ ڦوڪجي نڪتو ۽ ان عِڪرِمه بن ابوجهل، هُبَيره بن ابي وَهبِ ۽ ضرار بن خَطاب کي پڙڪايو ۽ پوءِ بنوڪنانه جا ڪجهه ماڻهو ساڻ ڪيائين. اهو هڪڙي مناسب جاءِ تان تکي گهوڙو ٽپائي پار ٿي ويو ۽ ٻيا ٽي ساٿي به ان جي پٺيان خندق پار ڪري آيا. باقي ماڻهو ڪناري تي بيٺا رهيا. اندر پهچي ان للڪاريو ته حضرت علي عليه السلام مقابلي لاءِ آيا ۽ هڪڙو زخم کائڻ کان پوءِ ان جو ڪم پورو ڪري ڇڏيائين. اهو هڪڙو ڏينهن مسلمان فوج جي لاءِ ايترو ڏکيو هيو جو مختلف طرفن کان دشمن ٽولن جو مقابلو ڪرڻ ۾ چار نمازون قضا ٿي ويون.

گهيراءَ جي ڊيگهه مسلمانن جي لاءِ به پريشاني جو سبب هئي. مگر دشمن به پنهنجي جاءِ تي گهڻو پريشان هيو. صلاح مشوري کان پوءِ هڪڙو ڀرپور حملو ڪرڻ جي لاءِ اهو طئي ٿيو ته بنوقُريظه وارن کي حضورصلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي خلاف عهد ٽوڙڻ جي لاءِ راضي ڪيو وڃي ۽ اهي اندران حملو ڪن. ابوسفيان جي چونڊ تي حي بن اخطب اهو مشن پنهنجي ذمي ڪنيو. اهو بنوقريظه جي سردار ڪعب بن اسد وٽ ويو ۽ مقصد بيان ڪيائين. ان ڀهريان ته انڪار ڪيو ته مون محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) کي سدائين واعدي جو سچو ڏٺو آهي. ان سان عهد ٽوڙڻ مروت جي خلاف آهي. مگر ابن اخطب پوري زور سان ڳالهه ورجائي ته اسان فوجين جو انبوهه وٺي آيا آهيون. سڄو عربستان اسان سان گڏ آيو آهي ۽ اها سموري طاقت محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) جي رت جي پياسي آهي. اهو موقعو هٿ مان وڃائڻ جو ڪونهي. بس هاڻي اسلام جي خاتمي جو وقت اچي ويو آهي. مطلب ته ترغيب جي اتڪل جو جادو هلي ويو. ان صورتحال جي خبر مسلمانن تائين پهچي وئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم تحقيق ڪرائي ته ڳالهه صحيح نڪتي. اصحابن جي وفد جڏهن اچي افواهه جي تصديق ڪئي ته حضورصلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي زبان تان بس هي جملو نڪتو. "اَللهُ اَكْبَرُ! حَسْبُنَا اللهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ."

دشمن لشڪر جي گهڻائي، محاصري جي ڊيگهه، تعداد جي گهٽتائي، بي سروساماني جي انتها، بک واري حالت، ان سان گڏ رات جا اوجاڳا، منافقن جو عذر ۽ بهانا (بُيُوتَنَا عورة) ڪري ساٿ ڇڏي هٽي وڃڻ ۽ وري ايتري مارا ماري جو نمازون قضا ٿي پئي ويون، اهو ڪو معمولي درجي جو امتحان ڪونه هيو. ان تي جڏهن مديني جي اندر غداري جي بارودي سرنگهه وڇائجي وئي ۽ بنوقريظه (جن وٽ ڏيڍ هزار کان وڌيڪ جنگي جوان هيا) جي طرف کان بغل مان ڇرو ڪڍي هڻڻ جو خطرو سر تي اچي ويو ته اڄ اسان اندازو ڪري نٿا سگهون ته ٽن هزارن مصيبت سهندڙن جا جذبات ڪهڙي رنگ ۾ هوندا. حضرت ابوبڪر صديق رضه جو بيان آهي ته ان اطلاع جي ملڻ کان پوءِ وڏي پريشاني اها هئي ته ڪٿي اسان جي پٺيان عورتن ۽ ٻارن تي حملو نه ڪيو وڃي ۽ ان ئي پريشاني جي ڪري سلع جبل تي چڙهي ڏسندو هيس ته ڪوئي واقعو ٿي ته ڪونه ويو آهي. پنهنجي گهرن کي پر سڪون ڏسندو هيس ته الله جو شڪر ادا ڪندو هيس. حضورصلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ٽن سون ماڻهن جو هڪڙو دستو مديني جي حفاظت جي لاءِ روانو ڪري ڇڏيو. ان وقت جو نقشو قرآن شريف هيئن پيش ڪيو آهي.

"(ياد ڪريو) جنهن وقت (دشمن) مٿين پاسي کان به ۽ هيٺين پاسي کان به توهان جي طرف وڌيا ۽ جڏهن اکيون ڦاٽي ويون ۽ جيرا وات ۾ اچي ويا ۽ الله جي باري ۾ توهان جي دلين ۾ طرح طرح جا گمان اچڻ لڳا." (﴿إِذْ جَآءُوكُم مِّن فَوْقِكُمْ وَمِنْ أَسْفَلَ مِنكُمْ وَإِذْ زَاغَتِ الْأَبْصَارُ وَبَلَغَتِ الْقُلُوبُ الْحَنَاجِرَ وَتَظُنُّونَ بِاللَّهِ الظُّنُونَا﴾ الاحزاب: 10)

حق اهو آهي ته ان موقعي تي مسلمان طاقت جو جيترو سخت امتحان ٿيو اهڙو پهرين بنهي وڏن مقابلن ۾ ڪونه ٿيو هيو. اُحد ۾ وڏي غم جا پهاڙ ٽُٽا هيا، مگر جيڪو ڪجهه ٿيو هڪڙي ڏينهن ۾ ٿيو. هاڻي واري ڀيري ته ڏکي منزل هئي ۽ مقابلي ۾ صرف قريشي ڪونه هيا، ٻيون به گهڻيون ڌريون هيون. مسلمانن جي تڪليف ۽ بيچيني کي ڏسي حضورصلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم اها تدبير ڪئي ته دشمن جي ڪنهن نه ڪنهن طاقت کي مصلحت واري تدبير سان محاذ کان الڳ ڪيو وڃي. پاڻ سڳورن بنوغطفان (جن کي مالي مفاد گهڻو عزيز هيو) جي ٻن سردارن عُيينه بن حصن ۽ حارث بن عوف کي گهرايو ۽ ڳالهه ٻولهه ڪئي. مديني جي پيداوار جي ٽئين حصي تي سمجهوتي جو امڪان پيدا ٿيو ۽ معاهدي جو مسودو تيار ڪرايو ويو. ليڪن صحيح ڪرڻ کان اڳ حضورصلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم سعد رضه بن مُعاذ ۽ سعد رضه بن عُباده (اوس ۽ خزرج جا سردار) کان مشورو ڪرڻ ضروري سمجهيو. پاڻ سڳورن ڳالهه ڇٽي ڪئي ته اسان ايترن گهڻن دشمنن ۾ گهيرجي ويا آهيون جو انهن کان جان ڇڏائڻ آسان ڪونهي، سو دشمنن جو زور ٽوڙڻ لاءِ اهوئي هڪڙو رستو آهي. انهن جي غيرت سجاڳ ٿي وئي. انهن عرض ڪيو ته جڏهن اسان ڪفر جي حالت ۾ هياسين ته ان وقت ته اهي قبيلا اسان

جو مال اهڙي طريقي سان وٺي ڪونہ سگهيا ۽ اڄ جڏهن تہ اسان اسلام جي نور سان مالا مال ٿي اڳ کان وڌيڪ سگهارا آهيون تہ هاڻي اسان پنهنجن هٿن سان انهن کي پنهنجو مال ڏيون؟ الله جو قسم! ائين نٿو ٿي سگهي. اسان کي اهڙي معاهدي جي ضرورت ڪونهي. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اهو جواب ٻڌي گهڻو خوش ٿيا. پاڻ سڳورن اها لکت حضرت سعد رضہ بن معاذ کي ڏني ۽ ان ڦاڙي ڇڏي

ليڪن، صورتحال جي تلخي پنهنجي جاء تي موجود هئي. الله تعاليٰ هڪدم حل جي هڪڙي صورت ڪڍي. ڪيترو عجيب واقعو آهي ۽ اسلامي تحريڪ جي عقلي ۽ اخلاقي صداقت جو ثبوت تہ قيامت جهڙي گهڙي ۾ نعيم رضہ بن مسعود اڱتي اچي ٿو ۽ حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ اچي عرض ڪري ٿو تہ "اي الله جا رسول! (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) مان مسلمان ٿي ويو آهيان." ان سان گڏ حق واري عقيدي جو اعلان ڪيائين ۽ عرض ڪيائين تہ اڃا تائين جيئن تہ دشمنن کي منهنجي اسلام قبول ڪرڻ جي خبر ڪونهي، اجازت هجي تہ مان قريشن ۽ بنوقُريظہ جو اتحاد ٽوڙڻ لاءِ ڪجهہ ڪم ڪيان. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کي اجازت ڏني نعيم رضہ بنوقريظہ وارن وٽ ويو ۽ انهن سان شروعاتي عليڪ سليڪ ڪرڻ کان پوءِ چيائين تہ جيڪڏهن فتح ٿي تہ خير، ليڪن شڪست جي صورت ۾ قريشي ۽ بنوغطفان سيئي هليا ويندا ۽ توهان اڪيلا محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي رحم ڪرم تي رهجي ويندا. سو توهان احتياط ڪندي قريشن ۽ بنوغطفان وارن کي چئو تہ اهي ڪجهہ ماڻهن کي توهان وٽ ڳهہ (گِروي) رکن. اهو شرط پورو ٿئي تہ ساٿ ڏيو ورنہ هٽي وڃو. پوءِ اهو قريشن وٽ پهتو ۽ انهن کي چيو تہ مون کي ڪجهہ ڳالهين جي خبر پئي آهي جن کان توهان کي باخبر ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿو. بنوقريظہ وارن هاڻي موقف تبديل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان جو ثبوت اهو آهي تہ اهي توهان کان ڳهہ طور ڪجهہ ماڻهن جو مطالبو ڪندا. سو ائين جڏهن قريشن بنوقريظہ کي نياپو ڪيو تہ اسان گهيراءَ جي ڊيگهہ کان تنگ ٿي پيا آهيون، تنهنڪري هاڻي توهان ساٿ ڏيو تہ گڏجي چڙهائي ڪيون. بنوقريظہ وارن انهن کان پنهنجا ماڻهو ڳهہ رکڻ جو مطالبو ڪيو. قريشن کي هاڻي نعيم رضہ جي ڳالهہ تي يقين ٿي ويو ۽ اهي بنوقريظہ جي تعاون کان مايوس ٿي ويا. ان تدبير سان حالتن جو نقشو هڪدم بدلجي ويو.

انقلاب دشمن ڏِريون قوت پوڻ جي ڪري هاڻي گهيراءَ جي سموري خفي جي ٿڪاوٽ محسوس ڪرڻ لڳيون. گهرن کان نڪتي مهينو اچي ٿيو هين. ڪمن ڪارين جو نقصان ٿين. بي تحاشا خرچ ڪرڻا پين ۽ نتيجو ڪجهہ ڪونہ نڪتو. پئي پاسي ايتري وڏي لشڪر جي ماڻهن ۽ جانورن جي لاءِ رسد جو مسئلو پيچيدگيون اختيار ڪرڻ لڳو. قريشن جي رسد جي هڪڙي وڏي قسط رستي ۾ ئي مسلمان فوجي دستي جي هٿ چڙهي وئي. وري موسم خراب ٿي وئي ۽ سردي برداشت کان مٿي چڙهي وئي. وري

تاريخي موقعن تي اڪثر طبعي حالتون فيصلہ ڪن عمل ڪنديون آهن ۽ مشيت هڪڙي اشاري سان معاملن کي ڪنهن نئين شڪل ۾ پڌرو ڪري ڇڏيندي آهي. تاريخ جي شاهدي اها آهي تہ طبعي حالتون بہ نازڪ گهڙين ۾ پنهنجو وزن حق جي پلڙي ۾ وجهنديون آهن. هڪڙي رات اوچتو سخت طوفاني هوا گهلي، جنهن حملو ڪندڙن جا خيما پٽي ڊاهي ڇڏيا. رسا ٽوڙي ڇڏيا، چُلها وسامي ويا، ديڳڙا ۽ ٿانو اونڌا ٿي ويا، جانورن کي وحشت زده ڪري ڇڏيو. مطلب تہ مجموعي طور تي جنگي حوصلن تي ماٺ پئجي وئي، بلڪ هڪڙو بدحواسي جو عالم طاري ٿي ويو. ان ئي غيبي مدد جو احسان الله تعاليٰ بيان ڪيو تہ:

"اي ايمان وارو! پنهنجي حق ۾ الله جي ان نعمت جو تصور ڪيو جڏهن توهان جي خلاف لشڪر گڏ ٿيا ۽ اسان انهن جي خلاف انڌاري جي مصيبت موڪلي ۽ اهي غيبي لشڪر موڪليا جن کي توهان ڏسي نہ پئي سگهيا." (﴿ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَآءَتْكُمْ جُنُوْدٌ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا وَّجُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا ۭ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا ۝ سورت الاحزاب آيت 9)

هر طرف گهٻراهٽ ۽ مايوسي پکڙجي وئي، جنهن جي ڪري ابوسفيان فيصلو ڪيو تہ اسان هاڻي وڌيڪ ترسي ڪونہ ٿا سگهون. تنهنڪري فوجين جا ڪٽڪ هڪدم ڪوچ ڪري ويا. مديني جي موسم صاف هئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خوب فرمايو تہ هاڻي قريشن جون چڙهايون ختم ٿي ويون. يعني اهي قوت کي بدر ۽ اُحد ۾ تہ آزمائي چڪا هيا ۽ هن ڀيري انهن سموري عربستان مان اسلام مخالفن کي مشڪلاتن سان گڏ ڪري چڙهائي ڪئي هئي، سو اها بہ ناڪام وئي. هاڻي جڏهن ايتري طاقت کي بہ ٻيهر گڏ ڪرڻ ممڪن ڪونهي تہ قريشي آئنده ڪيئن ڪا لڙائي وڙهي سگهن ٿا. جڏهن تہ بعد واري لڙائي ان کان وڌيڪ طاقت ۽ خرچ گهرندي.

ان مقابلي ۾ ٻنهي طرفن جو جاني نقصان نالي ماتر ٿيو ۽ مسلمان فوج جو تہ گهٽ ڪل ڇهہ ماڻهو شهيد ٿيا. ليڪن انهن ۾ سعد رضہ بن معاذ جهڙي عظيم شخصيت بہ شامل هئي. ان کي تير جو ڏڪ لڳو ۽ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ان وفات ڪئي.

## خندق واري لڙائي جا اهم نڪتا:

ان لڙائي (غزوه) جي سبق آموز واقعن تي ٿورو غور ڪيو:

1. سڀ کان وڌيڪ ايمان پرور ڳالهہ مسلمان رضاڪارن جو والهاڻو طرز عمل آهي. انهن نہ صرف ايترين خوفناڪ حالتن ۾ مجموعي طور تي صبر ۽ استحڪام جو مظاهرو ڪيو بلڪ خندق جي کوٽائي جو ڪم اهڙي طرح ڪيو جڻ جنن جي ڪا فوج زمين جو تختو ابتو ڪري ڇڏي. اهي مجاهد گيت ڳائي ۽ شعر پڙهي ٽولن جي صورت ۾ ڪم ڪندي ڏسڻ ۾ پئي آيا. ڪائي ٽولي ڳائيندي هئي:

نَحْنُ الَّذِيْنَ بَايَعُوْا مُحَمَّدًا عَلَى الْجِهَادِ مَا بَقِيْنَا اَبَدًا

(اسان اهي ماڻهو آهيون جن محمد (ﷺ) جي هٿ تي حياتي جي آخري گهڙي تائين جهاد ڪرڻ جو عهد ڪيو آهي.)

ڪنهن ٻئي ٽولي جي صدا گونجي ٿي:

اِنَّ الاُوْلٰى قَدْ بَغَوْا عَلَيْنَا اِذَا اَرَادُوْا فِتْنَةً اَبَيْنَا

(دشمن اسان جي مٿان چڙهائي ڪري آيو آهي، اهي اسان کي حق جي واٽ کان روڪين ٿا ۽ اسان کي رڪجڻ کان سخت انڪار آهي.)

پوءِ "اَبَيْنَا اَبَيْنَا" لفظن کي جذهن وري وري اچاريو وڃي ٿو ته فضا ۾ عزم واري جذبي جون لهرون اڀري اچن ٿيون.

ان والهاڻي جذبي جو هڪڙو سبب اهو هيو ته انهن جي عمر ڀر جي حاصلات خطري ۾ هئي ۽ اسلامي تحريڪ ۽ مديني جي رياست انهن جي لاءِ هڪڙي محبوب جي حيثيت رکندي هئي. جنهن جي قدمن ۾ اهي پنهنجي حياتي جي سموري پونجي نڇاور ڪرڻ کي سعادت سمجهندا هيا. انساني فلاح جو مقدس مشن انهن جي لاءِ هڪڙو جنون ڏياريندڙ دلبر هيو ليڪن ان جو سبب اهو ٻه هيو ته محبوب اڳواڻ (ليڊر) انهن جي وچ ۾ عملي ميدان ۾ نه صرف موجود هيو بلڪ ذاتي طور تي ڪم ۾ شريڪ ٻه هيو. جيئن ئي کوٽائي جو ڪم شروع ٿيو ته حضورصلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پنهنجي گهر کان اڇي ان جاءِ تي ترسيا ۽ هڪڙي پرواري ٽڪري تي پاڻ سڳورن لاءِ خيمو کوڙيو ويو. اڄ ان جاءِ تي مسجد ذباب جلوه گر آهي. وري حضورصلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پاڻ ٻه ڏهن ماڻهن جي هڪڙي ٽولي جا رڪن هيا. مشهور واقعو آهي ته حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنه جيئن ته ٻين کان ڏهوڻ تي وڌيڪ ڪم ڪيو ٿي، تنهنڪري هر ٽولي ان کي پنهنجي طرف ڇڪيو ٿي. ان ڪشمڪش جو فيصلو پاڻ سڳورن اهو ڪيو ته "سَلْمَان مِنَّا اَهْلُ الْبَيْتِ" (يعني سلمان رضه اسان جي اهل بيت جي ٽولي ۾ آهي) اهڙي طرح حضرت سلمان رضه کي اعزاز ٻه مليو ۽ مختلف ٽولين کي هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ رشڪ ڪرڻ جو موقعو ٻه نه رهيو. حضورصلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم نه صرف مٽي ڍوئيندا هيا پر کوٽائي جو ڪم ٻه ڪيو بلڪ جڏهن ڪا سخت ڇپ اچي ويندي هئي ته پاڻ سڳورا پاڻ پهچندا هيا ۽ ٽيڪم وٺي ان کي پنهنجن هٿن سان ڀڃندا هيا. ٻن ڇپن کي ٽوڙڻ جو واقعو بيان ٿيل آهي.

2. اسان ٻڌائي آيا آهيون ته ان موقعي تي ڪيتري بي سروساماني هئي. کوٽائي جو سامان بنوقريظه وارن کان اڌارو ورتل هيو. مٽي ڍوئڻ جي لاءِ ٽوڪريون يا تغاريون ڪونه هيون. ماڻهو پنهنجن ڪپڙن کي ان ڪم لاءِ استعمال ڪندا رهيا. ان سان گڏوگڏ کاڌ خوراڪ جي گهٽي ڪوٽ هئي. وري جيئن ته ٽي هزار ڪم وارا ماڻهو ٽي هفتا کوٽائي جي

ڪم ۾ ۽ وري بہ ٽي هفتا جنگ جي محاذ تي مصروف رهيا ۽ سڀ ڀوڪي راهي جا ڪم ۽ واپاري ڪاروبار معطل رهيا. انهيءَ ڪري معاشي بحران اٿڻ هيو. مسلمان مجاهدن پگهر وهائيندي ٽي ٽي ڏينهن تائين مسلسل بکون ڪاٽيون. اها حالت بہ خوشي سان انهيءَ ڪري برداشت جي قابل ٿي تہ بکن ڪاٽڻ واري انهيءَ عرصي ۾ جماعت جو سربراهہ پاڻ بہ حصيدار هيو. بلڪ ان بک جي تڪليف ۾ ٻين کان وڌيڪ سَٺو. ٻين ماڻهن جيڪڏهن ٻڌايو تہ انهن جي پٽي سان لڳل پيٽن سان هڪڙو پٿر ٻڌل آهي تہ حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪپڙو مٿي ڪري ڏيکاريو تہ هتي هڪڙو نہ بہ پٿر ٻڌل هجڻ واري حالت آهي. ايثار ۽ قرباني واري اها صفت تڏهن قائم رهندي آهي جڏهن سموري جماعت ان ۾ حصيدار هجي. ليڪن جيڪڏهن ڪجهہ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي مٿيرو رکي ايثار ۽ قرباني جي ذميواري ٻين جي مٿان وجهڻ گهرن تہ سموري جماعت مان اهو گُڻ هليو ويندو آهي. خاص طور تي اسلامي جماعت جي سربراهن جي لاءِ لازمي آهي تہ اهي ان خوبي ۾ عام جماعت کان اڳيرا هجن.

3. معاشري ۾ نظم و ضبط پيدا ڪرڻ هوندئن بہ اسلامي تحريڪ جي هڪڙي لازمي تقاضا هئي. ليڪن جنگ جي ميدان ۾ تہ مشيني ضابطي کان سواءِ دشمن سان مقابلو ڪرڻ قطعي طور ممڪن ڪونهي. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٻهرين مقابلي کان ئي جنگي ضابطي جي تربيت ڏني هئي. هاڻي تہ تجربا گهڻا ٿي چڪا هيا. انهيءَ ڪري خندق واري لڙائي ۾ ضابطي جو پهلو گهڻو مضبوط هيو. خندق جي کوٽائي بہ انتهائي نظم و ضبط ۽ ڪم جي ورهاست سان ڪئي وئي هئي. پوءِ ان جي نگراني جي لاءِ ۽ محاذ کي قابو ۾ رکڻ جي لاءِ هر هنڌ چوڪيون قائم ڪيون ويون ۽ پهرو ڏيڻ لاءِ وارا مقرر ڪيا ويا هيا. ان کان علاوه، مسلم مجاهدن جي وچ ۾ هڪٻئي جي سڃاڻپ لاءِ نشانيون (ڪوڊ) مقرر هيون. بنو قُريظہ جي غداري جي تصديق ڪري وفد واپس آيو تہ ان بہ اشارن (ڪوڊ) واري طريقي سان حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي اطلاع ڪيو. وفد جي رڪنن صرف ايترو چيو "عَضَلٌ وَ قَارَة" طئي ٿيل مفهوم اهو هيو تہ انهن اهڙي طرح غداري ڪئي آهي. پوءِ بہ هڪڙي موقعي تي رات جي اونداهي ۾ ڀُلچُڪ جي ڪري مسلمان مجاهدن جي ٻن ٽولين ۾ ٽڪراءُ ٿي پيو ۽ هڪڙو مجاهد بہ شهيد ٿي ويو. کوٽائي جو ڪم شروع ٿيڻ کان پوءِ آخر تائين مخلص مسلمان حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان اجازت وٺڻ کان سواءِ اتان ڪنهن ٻئي پاسي ڪونہ ويندا هيا.

4. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بنوغطفان سان مصالحتي معاهدو ڪرڻ جو جيڪو رستو ڪڍيو هيو ان مان اها حڪمت پڌري ٿئي ٿي تہ اسلامي تحريڪ کي شديد مخالفتن مان بچائي ڪيڻ ۽ دشمنن جو زور گهٽائڻ جي لاءِ جيڪڏهن قدم پوئتي هٽائڻو پوي يا جهڪاءُ اختيار ڪرڻو پوي تہ ائين ڪرڻ غلط سوچ واري ڳالهہ ڪونهي.

هڪڙي ڏکي ڪشمڪش ڪندي جن مختلف ڌرين سان منهن ڏيڻو پوندو آهي، انهن سان بار بار اهڙا معاملا ڪرڻ جي ضرورت پيش ايندي آهي. اسلامي تحريڪ جون اهي ئي اهي پيچيده ضرورتون آهن جيڪي ان کي هلائڻ جي لاءِ حڪمت کي لازمي ڪن ٿيون. حالتن کي سمجهڻ ۽ انهن مان بهترين رستو ڪڍڻ هڪڙي سمجهدار قيادت جي لازمي صفت هجڻ گهرجي. اهڙا ماڻهو جيڪي اصولن وانگر طريقيڪار جي دائري ۾ بہ هڪڙي ئي فارمولا کي هرقسم جي حالتن ۾ استعمال ڪرڻ گهرن تاريخ ۾ مشڪل سان ئي ڪو وڏو ڪارنامو انجام ڏيئي سگهن ٿا.

اها الڳ ڳالهہ آهي تہ حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ انهن مصالحتي تجويزن جو اصل محرڪ اهو احساس هيو تہ ڪٿي مديني جا انصاري اهو محسوس نہ ڪن تہ انهن جي مٿان ناقابل برداشت مصيبت اچي پئي آهي. پاڻ سڳورن گهريو تہ انهن جي طرف کان اهڙي ڪنهن ڳالهہ جو اظهار ڪرڻ کان اڳ ۾ حل ڪڍيو وڃي. مگر اوس ۽ خزرج جي سردارن مضبوطي ڏيکاري ۽ پاڻ سڳورن کي تسلي ڏني.

5. ان مصلحتي تجويز کي آخري طور تي عمل ۾ آڻڻ کان اڳ حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انصاري سردارن سان مشورو ڪري شوري واري رواج (شورائيت) جي اصول کي مستحڪم ڪيو. جنگ جي ميدان ۾ بہ پاڻ سڳورن پنهنجي طور تي فيصلي جو وڏو قدم کونهي کنيو.

6. نعيم رضہ بن مسعود دشمنن ۾ ڦوٽ وجهڻ جو جيڪو ڪردار (پارٽ) حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي منظوري سان ادا ڪيو. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جي اجازت "اَلحَرۡبُ خُدۡعَةٌ" جي لفظن سان ڏني. ان مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ ڪشمڪش ۽ خاص طورتي لڙائي ڪندي مختلف تدبيرون ۽ چالون (اٽل اخلاقي حدن جي اندر) ڪري سگهجن ٿيون. بلڪ ڪجهہ حالتن ۾ بلڪل ضروري ٿي وينديون آهن. اهڙن موقعن تي جيڪڏهن سادڙو ٿي ويهي حالتن کي ڏسندو رهجي تہ هلاڪت واري حد تائين خطرو پيدا ٿي سگهي ٿو. ابن اسحاق جي ڪمزور روايتن کي پاسي تي رکجي تہ اندازو ٿئي ٿو تہ نعيم رضہ بن مسعود بغير ڪوڙ ڳالهائڻ جي ۽ بغير ڪنهن اخلاقي حد اورانگهڻ جي وڏي خوبي سان هڪڙي عظيم مهم سر ڪري ڏيکاري.

7. حضرت سلمان رضہ جو بيان آهي، جيڪو حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم واري ٽولي ۾ شامل هيو تہ کوٽائي دوران هڪڙي ڇپ اهڙي آئي جو مان ٽوڙي ڪونہ سگهيس. رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ويجهڙو هيا. پاڻ سڳورن ٽيڪم مون کان وٺي ڌڪ هنيا. پهريون ڌڪ هڻي فرمايو تہ يمن منهنجي لاءِ فتح ٿيو. ٻئي ڌڪ سان فرمايو تہ شام ۽ المغرب منهنجي سامهون ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. ٽئين ڀيري فرمايو تہ اوڀر وارو خطو (ايران) فتح ٿيو. اها بشارت ٻن رخن کان گهڻي اهم آهي. هڪڙو تہ ان مان

اهو اندازو ٿي وڃي ٿو تہ حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم شروع کان وٺي آخر تائين پنهنجي تحريڪ جي ڪاميابي وارن آخري مرحلن جو هڪڙو مستقل تصور رکندا هيا ۽ ان تصور جي حق ۾ پاڻ سڳورن جي دل تي آسماني القاءُ بہ ٿيندو رهيو آهي. پيو اهو تہ انتهائي ناسازگار حالتن ۾ جڏهن تہ قوت ٿوري ۽ تڪليفون گهڻيون هيون، پاڻ سڳورن کي اهو يقين هيو تہ هي هي ڳالهيون ٿي رهنديون.

بلڪ ان حوالي سان اسان اها ڳالهہ چوڻ کان سواءِ رهي ڪونہ ٿا سگهون تہ پاڻ سڳورن جو اهو قول تہ اسلام جي سامهون عرب ۽ عجم فتح ٿي ويندا، مڪي کان وٺي مديني تائين ايترا ڀيرا سامهون اچي ٿو ۽ ان دور ۾ ايترو زبان تي عام هيو جو ان جي نوعيت اسلامي تحريڪ جي مستقل نعري (سلوگن) واري ٿيل معلوم ٿئي ٿي. اسان ان تي ڪنهن ٻئي مقالي ۾ تفصيل سان بيان ڪنداسين. پريشاني جي سخت گهڙين ۾ ان بشارت تي طنز ڪندي معتب بن قشير چيو هيو "هڪڙي پاسي تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) اسان کي قيصرءِ ڪسريٰ جي خزاني جون ڪنجيون ڏيارين ٿا ۽ ٻئي پاسي حال اهو آهي جو اسان مان ڪوبہ شخص ڊپ کان جهنگ جو خيال ڪرڻ لاءِ بہ اڪيلو نٽو نڪري سگهي."

8. ان مقابلي ۾ مخصوص حالتن جي ڪري توڙي جو عورتن ۽ ٻارن کي قلعن ۾ موڪليو ويو هيو، تاهم ان موقعي تي عورتن بہ اوچي ڪردار جو ثبوت ڏنو. هڪڙي عورت رشيده رضہ ڪجهہ دوائون ۽ ملم پٽي جو سامان کڻي محاذ تي پهتي ۽ ان زخمين جي خدمت ڪئي. سعد رضہ بن معاذ جي ملم پٽي بہ ان ڪئي. عورتن جي هڪڙي ڪئمپ جي چوڌاري هڪڙي يهودي کي چڪر لڳائيندي ڏٺو ويو. حضرت صفيہ رضہ حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڦُڦي اتي هئي. ان حسان رضہ بن ثابت کي جنهن کي بيماري ڪري اتي ترسايو ويو هيو، چيو تہ ان جي خبر وٺ. ان معذرت ڪئي تہ ان بهادر عورت پاڻ لٺ سان ان جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو. پوءِ ان جو ڪنڌ ڪپي قلعي کان پري اڇليو. ان واقعي کان پوءِ ڪنهن دشمن کي اوڏانهن اچڻ جي جرئت ڪونہ ٿي. حضرت عائشہ رضہ جنهن قلعي ۾ هئي، ان ۾ سعد رضہ بن معاذ جي امڙ بہ ترسيل هئي. حضرت عائشہ رضہ قلعي مان نڪتي ۽ پيرن جو کڙڪو ٻڌي ڏٺو تہ سعد رضہ هٿ ۾ هٿيار کنيون تڪڙو تڪڙو وڃي رهيو آهي. ان جي زبان تي هي شعر هيو.

لَبِثْ قَلِيْلاً تُدْرِكُ الْهَيْجَا جَمَلْ ۔۔۔ لاَبَاْسَ بِالْمَوْتِ اِذِ الْمَوْتُ نَزَلْ

(ڪجهہ ترسو تہ هڪڙو ٻيو جوان بہ مقابلي ۾ شريڪ ٿئي. موت جي جڏهن گهڙي اچي وئي هجي تہ پوءِ موت کان ڪهڙو ڊپ!)

سعد رضہ جي امڙ پٽ جو آواز ٻڌو تہ رڙ ڪري چيائين "پٽ ڊوڙندو وڃ، توتہ دير ڪري ڇڏي" شعر جو مقصد پورو ٿي ويو، جڏهن تہ سعد رضہ جي ٽري ۾ رڳ اڪحل ۾ تير اچي لڳو ۽ پوءِ زخم ڪاري ثابت ٿيو. هڪڙي ماءُ جو بهادراڻو جذبو ڏسو.

9. احزاب (خندق) واري لڙائي جي پيانڪ حالتن ۾ گيهريل مخلص مسلمانن جڏهن مصيبتن جو اهو طوفان ڏٺو تہ اهي بي اختيار چوڻ لڳا تہ هي بلڪل اهي مرحلا آهن جن جي اچڻ جي خبر اڳ ۾ ئي الله ۽ ان جي رسول اسان کي ٻڌائي ڇڏي هئي ـــ اهي مرحلا جن مان گذرڻ کان سواءِ نہ دنيا ۾ حق جو غلبو ممڪن آهي ۽ نہ آخرت ۾ جنت هٿ اچي سگهي ٿي. احزاب سورت ۾ اهڙن خلوص وارن ماڻهن جي ساراهہ ڪئي وئي ـــ اهي ئي ماڻهو تحريڪ جي طاقت جو سرمايو هيا.

10. حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ اهو معلوم آهي تہ پاڻ سڄورن پنهنجي جماعت کي مستقل ۽ جداگانہ تهذيب تي بيهاريندي دلين ۾ اهو جملو (ڳالهہ) چڱي طرح ويهاريو تہ معاشرت ۽ ثقافت جي دائري ۾ ٻين قومن ۽ مذهبن جي هرگز تقليد نہ ڪئي وڃي، بلڪ نوان سماجي قدر پنهنجي ئي اصولن جي سانچي ۾ ڍاليا وڃن ۽ هر ثقافتي نقش پنهنجي ئي مخصوص اسلامي ذوق جي رنگ سان تيار ڪيو وڃي. ليڪن جڏهن اسان حضورصلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي خندق جي دفاع واري ايراني طريقي کي ڪليل دل سان قبول ڪندي ڏسون ٿا تہ اها حقيقت کلي ٿي تہ مادي ذريعن ۽ وسيلن، عملي فنن ("تيڪنالاجي" ـ Technology) ۽ تجرباتي تدبيرن جي ڏي وٺ سموري انسانذات جي وچ ۾ ڪليل رکي وئي آهي. ڪنهن هڪڙي وقت ۾ جيڪي وسيلا، عملي فن ۽ تجرباتي تدبيرون عمل هيٺ اچن، هرگز ضروري ڪونهي تہ انهن کي هميشہ جي لاءِ هر قسم جي حالتن ۽ هر معاشرتي دور ۾ جيئن جو تيئن لازمي سمجهيو وڃي ۽ ائين سمجهيو وڃي تہ انهن ڳالهين (شين) تي بہ شريعت يا سنت جو اعتراض (عنوان) ٿهڪي سگهي ٿو ان دائري ۾ ٻين قومن ۽ تهذيبن کان فائدو وٺڻ ضروري آهي. هڪڙي مسلمان رياست ۽ ان جي قيادت جو ديني فرض اهو آهي تہ اهي وقت جي وڏيڪ کان وڏيڪ اثرائتن ذريعن کي ڪم ۾ آڻين. پنهنجن باشندن کي عملي فنن ۾ اڳين قدمن تي رکن ۽ ڪامياب ترين تجرباتي تدبيرون ٻين کان بہ حاصل ڪن ۽ پاڻ بہ ايجاد ڪن.

## خندق واري لڙائي کان مڪي جي فتح تائين:

انهن ٻنهي لڙاين جي وچ ۾ ٻن سالن جي عرصي ۾ ڪجهہ اهم سياسي قدم ۽ ننڍيون ننڍيون فوجي ڪارروايون عمل ۾ آيون. حالتن جي سلسلي کي نظر ۾ رکڻ جي لاءِ انهن تي نگاهہ وجهڻ ضروري آهي.

بنوقريظہ وارا يهودين جي ذهني ۽ اخلاقي فساد جو هڪڙو پيانڪ مثال آهن. انهن ۾ بدزباني ۽ بدڪرداري عام هئي. اسلامي رياست جي دستوري معاهدي ۾ شامل ٿي ان جا

شهري هجڻ جي باوجود هرطرح جون سازشون ۽ فتنا برپا ڪندا پئي آيا. ليڪن خندق واري لڙائي ۾ کلم کلا عهد شڪني ڪري حملو ڪندڙ دشمن سان انهن جي سازباز ڪرڻ انتهائي درجي جي غداري وارو قدم هيو. جنهن جي ڏوهين جي لاءِ موت جي سزا ڪنهن به دور ۾ ڪنهن به نظام ۾ انصاف جي خلاف نٿي ٿي سگهي. انهن ته پنهنجن ارادن جي لحاظ کان ته جڻ سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم اسلامي جماعت، امن ۽ انصاف جي تحريڪ ۽ مديني جي رياست جو خاتمو ڪري ئي ڇڏيو هو. ڪوبه سبب ڪونه هيو ته انهن کي ڪنهن جي جوڳي سزا نه ڏني وڃي. حملو ڪندڙن جي هليو وڃڻ کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ۽ مسلمان رضاڪار صبح ساڻ خندق وارا مورچا ڇڏي گهرن ۾ واپس پهتا. هٿيار لاهي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم غسل ڪيو ۽ ان دوران القاء ٿيو ته بنوقريظه ڏانهن چڙهائي ڪيو. اجا مجاهدن پنهنجا هٿيار لاهي سندرا به ڪونه کوليا هيا ته انهن کي هڪڙي نئين مهم جي لاءِ سڏيو ويو. مسلمان فوج ان غدار قبيلي جو گهيراءُ ڪيو جيڪو 25 ڏينهن تائين جاري رهيو. عين ان نازڪ موقعي تي انهن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي قلعي تان گاريون به ڏنيون. آخر بنوقريظه وارا بيوس ٿي ويا ۽ انهن جي سردار ڪعب بن اسد مونجهاري مان نڪرڻ لاءِ انهن جي سامهون مختلف ڳالهيون رکيون، جن مان ڪنهن کي به انهن قبول ڪونه ڪيو. آخرڪار بنا شرط جي انهن پنهنجو پاڻ کي مسلمان رياست جي حوالي ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪري انهن جي رضامندي سان سعد رضه بن معاذ کي ٿياڪڙ (حَڪَم) بڻايو ۽ ٻنهي طرفن کان پوري اعتماد سان فيصلو ان تي ڇڏي ڏنو. سعد رضه بن معاذ يهودين جي ئي توريت جي قانون کي سامهون رکي فيصلو ڪيو ته انهن جي نوجوانن کي قتل جي سزا ڏني وڃي. اهڙي طرح هڪڙي فتنو برپا ڪندڙ گروهه جو هڪڙي جنگي ۽ سياسي طاقت جي حيثيت ۾ خاتمو ٿي ويو. واضح رهي تلخي جي ان موقعي تي به بنوقريظه جو هڪڙو فرد عمر رضه بن سعد حق جي دين جي حصي ۾ آيو. ان سُٺي روح بنوقريظه وارن کي اڳواٽ ئي بدعهدي کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. انتهائي غيرآباد زمين به تلوارن جي ڪڙڪندڙ تجلين جي ڇانوَ ۾ هڪڙو رنگين گل پيش ڪري ڇڏيو.

ان واقعي کان پوءِ انقلاب دشمن سازشين جو هڪڙو وڏو سرگرم اڳواڻ (ليڊر) ابورافع عبدالله بن الحقيق (جنهن کي سلام به سڏيندا هئا) جنهن خندق واري لڙائي جي لاءِ فوجون چڙهائي آڻڻ ۾ گهٽي ڊڪ ڊوڙ ڪئي هئي، خزرج قبيلي جي ڪجهه نوجوانن هٿان شام ۾ قتل ٿيو. محمد رضه بن مسلمه انصاري 30 سوارن سان سرحدي گشت تي هو ته نجد واري علائقي جي سردار ثُمامه بن اثال سان مقابلو ٿي پيو. ان جو مديني ڏانهن رخ ڏسي سپهه سالار ان کي گرفتار ڪري ورتو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي

سامهون پيش ڪيو. ان دربار نبوت ۾ ايترو چيو تہ اي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جيڪڏهن قتل ڪندا تہ هڪڙي قتل ٿيڻ جي حقدار کي قتل ڪندا. جيڪڏهن ڇڏي ڏيندا تہ هڪڙي احسان شناس ماڻهوءَ کي ڇڏيندا ۽ جيڪڏهن مال گهرو ٿا تہ مقدار ٻڌايو اهو ڏنو ويندو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کي عزت واري طريقي سان آزاد ڪري ڇڏيو ۽ اهو احسان واري طرز عمل کان متاثر ٿي اسلامي جماعت جو رڪن ٿي ويو. ثمامہ رضہ اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون پنهنجي دل اهو چئي پوري طرح کولي رکي تہ "اڄ کان اڳ حضور (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي چهري کان وڌيڪ ڪنهن سان نفرت ڪونہ هئي ۽ اڄ ان چهري کان وڌيڪ محبوب چهرو ٻيو ڪوبہ ڪونهي." ائين نجد جهڙي اهم سياسي علائقي ۾ تحريڪ جي لاءِ رستا کُلي ويا. ان ئي ثمامہ رضہ مڪي ۾ وڃي چيلينج ڪيو هو تہ هاڻي توهان کي اَن جو هڪڙو داڻو بہ ڪونہ ملي سگهندو. رجيع وارا جيڪي تعليمي وفد جي ذهين ماڻهن جا قاتل هيا. انهن کي سزا ڏيڻ جي لاءِ پوليس ايڪشن جي طور تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٻن سَوَن سوارن سان گڏ قدم کنيو. اهي ڀڄي ويا. ٽڪراءَ ٿيڻ کان سواءِ واپسي ٿي. سياسي تدبير پٽاندڙ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڏهن ماڻهن کي ڪراءَ الغميم تائين گشت جي مقصد سان موڪليو تہ جيئن قريشن کي خبر پئجي وڃي تہ مديني وارا سجاڳ آهن.

مديني کان هڪڙي منزل جي پنڌ تي بنوغطفان جي علائقي طرف ذي قرد نالي چشمو آهي، ان طرف مديني جي سرڪاري اُٺن ۽ جانورن لاءِ چراگاهہ هو. عسفان جو هڪڙو شخص ڌنار هو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم رباح رضہ نالي غلام کي خبر لهڻ لاءِ موڪليو. سلمہ رضہ بن اَلاَڪُوع فوجي حيثيت ۾ محافظ هو. اهو بہ ڊيوٽي تي وڃي رهيو هو. صبح جي مهل اهي رستي ۾ ئي هئا تہ عُيينہ بن حصن فزاري (يا عبدالرحمان بن عُيينہ) اُٺن تي ڌاڙو هنيو ۽ انهن کي هڪالي ويو. ڌنار کي ڌاڙيلن قتل ڪري ڇڏيو ۽ ان جي زال کي پاڻ سان گڏ وٺي ويا. سلمہ رضہ اها ڦرلٽ ڏٺي تہ مديني ڏانهن منهن ڪري "يَاصَبَاحَا" جو نعرو هنيو ۽ رباح رضہ کي ڪمڪ وٺي اچڻ لاءِ ڊوڙايو. پاڻ اڪيلي سر ڌاڙيلن جو پيڇو ڪرڻ لاءِ پڄندو ويو. تيراندازي جو ماهر هو. ٽولي جي پنيان نعرو هڻي تير اڇلايائين ٿي ۽ هر تير نشاني تي لڳي هڪڙي نہ ٻئي ڏوهي کي زخمي ڪري ٿي وڌو. پڪاريائين ٿي تہ مان ابن الاڪوع آهيان. اڄ امتحان جي گهڙي آهي تہ ڪنهن پنهنجي ماءُ جو ڪيترو کير پيتو آهي. رستو جابلو هو ۽ آس پاس وڻ هئا. ڌاڙيل پوئتي ڏسندا هئا تہ اهو لڪي ويندو هو ۽ تير اڇلائيندو هو. ڄڻ تہ گوريلا جنگ واري طريقي کان ڪم وٺي رهيو هيو. هڪڙي موقعي تي پٿر وسائي دشمن کي بيوس ڪيائين. ڌاڙيلن پهريان تہ بدحواس ٿي اُٺن کي ڇڏي ڏنو. پوءِ بار گهٽ ڪرڻ لاءِ

چادرون ۽ نيزا اڇلائيندا ويا. هوڏانهن مديني مان هڪدم مقداد رضه بن عمرو کي سلمه رضه جي مدد جي لاءِ روانو ڪرڻ کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ذاتي طور تي به هڪڙو دستو وٺي نڪتا. ڪجهه مسلمان سپاهي باقي ساٿين کان اڳ ۾ ئي ڌاڙيلن جي مٿان وڃي ڪڙڪيا ۽ اهي وٺي ڀڳا. محرز رضه بن نضله المعروف اخرم شهادت جي شوق ۾ اڪيلي سر سيني کان اڳتي نڪري ويو ۽ مقابلو شروع ٿي ويو شهادت ماڻيائين. بعد ۾ ابو قتاده رضه هڪڙي وڏي ڌاڙيل (عبدالرحمان بن عُيينه يا حبيب بن عُيينه) کي موت جي حوالي ڪيو. حضرت سلمه رضه وڏيڪ پيڇو ڪيو ۽ به گهوڙا کسي واپس آيو. موٽي اچي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو ته توهان هڪ سئو سپاهي مون سان روانو ڪريو ته مان سيني کي ختم ڪري اچان. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم فرمايو "الله تعاليٰ جڏهن توهان کي غلبو ڏئي ڇڏيو آهي ته هاڻي نرمي کان ڪم وٺو." انهن ماڻهن جي جانبازي کي ڏسو ته هڪڙي هڪڙي فرد ۾ ڇڻ بجليون ڀريل هيون. انهن جو ڪردار عام جنگجوئن ۽ مارڌاڙ ڪرڻ وارن کان بلڪل مختلف هيو. اهي هڪڙي درخشان نصب العين جا جانباز هئا، جنهن جي محبت انهن کي بغير ڪنهن مزدوري جي جان جوکي ۾ وجهرائيندي هئي ۽ اهي جنهن به مقابلي ۾ لهندا هئا ته ان ۾ مٿانهان رهندا هئا.

چوڪيداري جي گشت وارو هڪڙو دستو عڪاشه رضه بن حِصن اَسَدي جي اڳواڻي ۾ سرحدي گشت لاءِ نڪتو. افواهه اهو پکڙيل هو ته بنواسد وارا مديني تي حملو ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي رهيا آهن. دستو جڏهن علائقي ۾ پهتو ته فسادي ماڻهو گهر خالي ڪري ڇڙوڇڙ ٿي ويا. سپاهي چراگاهه مان انهن جا به سَوَ اٺ ضبط ڪري ڪاهي آيا.

ربيع الاول 6 هجري ۾ محمد رضه بن مسلمه جي اڳواڻي ۾ هڪڙو تعليمي وفد بنوثعلبه وارن ڏانهن موڪليو ويو هو اهي جڏهن ذي القصه پهتا ته رات جو ستل حالت ۾ انهن کي شهيد ڪيو ويو صرف محمد رضه بن مسلمه سخت زخمي حالت ۾ بچيو ۽ ڪو مسلمان ان کي ڀڻي تي کڻي مديني آيو. تنهن ڪري ربيع الثاني ۾ حضرت ابوعبيده رضه چاليهن مجاهدن جو دستو ساڻ ڪري ڏوهين کي سيکت ڏيڻ لاءِ رات جو روانو ٿيو ۽ صبح ساڻ انهن جي مٿان وڃي ڪڙڪيو. فسادي ڀڄي ويا. انهن جي مال ملڪيت کي ضبط ڪيو ويو.

زيد رضه بن حارث هڪڙي گشتي جماعت سان جموح (بطن نخله پرسان) جي طرف کان گذريو ته اتي بنوسليم وارن جون وسنديون هيون، جيڪي مديني جي لاءِ جهڳڙالو گروهه هئا. اهي هر وقت پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا ۽ هڪ ٻئي کي نقصان پهچائڻ ۽ ڪمزور ڪرڻ جو ڪوئي موقعو هٿان ڪونه وڃائيندا هئا. پوءِ حليمه نالي هڪڙي عورت انهن جي باري ۾ مخبري ڪئي. مسلمان جماعت ننڍڙو ڇاپو هنيو ۽ ڪجهه ماڻهن

کي گرفتار بہ ڪري آيا ۽ ڪجھ جانور بہ قبضي ۾ ورتائون. پر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گرفتار ٿيل ماڻھن کي آزاد ڪري ڇڏيو ڇوتہ حليمہ غلط مخبري ڪئي هئي. زيد رضہ بن حارث پاڻ کان علاوه چوڏهن ماڻھن جو ننڍڙو دستو ساڻ ڪري ذي القصہ جي واقعي وارن ڏوهارين کي سزا ڏيڻ جي لاءِ پوليس ڪارروائي طور طرق (بنوثعلبہ جو چشمو) ڏانهن روانو ٿيو. ڏوهي ڀڄي ويا، انهن جا ويھہ اُٺ ضبط ڪيا ويا.

دومت الجندل جي اقتصادي، سياسي ۽ دفاعي اهميت جو اسان ذڪر ڪري چڪا آهيون. اهو انتهائي مرڪزي مقام اچا تائين خطري جو باعث هو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اڳ ۾ اوڏانهن قدم کڻي مهم کي مڪمل ڪرڻ کان سواءِ واپس اچي ويا هئا. هن دفعي عبدالرحمان رضہ بن عوف کي دعوتي مشن تي دومت الجندل موڪليو ويو. ان جي سمجھائڻ ۽ قائل ڪرڻ تي هڪڙي وڏي مقامي قبيلي جو عيسائي سردار اصبغ بن عمرو ڪلبي اسلام جي دائري ۾ اچي ويو ۽ ان سان گڏ عام قبيلي وارا بہ عيسائيت ترڪ ڪري مسلمان ٿيا. سردار پنهنجي تماضر نالي نياڻي عبدالرحمان رضہ بن عوف جي نڪاح ۾ ڏئي اسلامي رياست سان پنهنجو سياسي رابطو مضبوط ڪري ڇڏيو.

فدڪ مان مديني ۾ اطلاع آيو تہ بنوسعد بن بڪر قبيلو فوجي طاقت گڏ ڪري رهيو هو تہ جيئن اسلامي حڪومت جي خلاف خيبر جي يهودين کي حملو ڪرڻ ۾ مدد ڏئي. حضرت علي عليہ السلام بہ سوَ مجاهد ساڻ ڪري وڏي احتياط سان چڙهائي ڪئي. رات جو هلندا هئا ۽ ڏينهن جو لڪي ويهي رهندا هئا. رستي ۾ بنوسعد جو هڪڙو قاصد خيبر ويندي پڪڙجي ويو. جيڪو اهو نياپو کڻي وڃي رهيو هو تہ امداد انهي شرط تي ڪئي ويندي تہ خيبر جي ڪتل جو فصل بنوسعد کي ڏنو وڃي. حضرت علي عليہ السلام اوچتو حملو ڪيو ۽ دشمن گهبرائجي ڀڄي ويو. مسلمان فوج بغير ڪنهن نقصان جي بنوسعد جا جانور قبضي ۾ ورتا.

هڪڙو حادثو اهو پيش آيو تہ زيد رضہ بن حارث پنهنجو ۽ ٻين اصحابن جو سرمايو ۽ مال کڻي شام جي لاءِ واپاري سفر تي ويو. واپسي ۾ وادي القري ۾ بنوبدر وارن انهن جي قافلي کي ڌاڙو هنيو. قافلي وارن جو تعداد گهٽ هو جنهن ڪري ڌاڙيلن 9 ماڻهو شهيد ڪري ڇڏيا ۽ هڪڙي کي زخمي ڪري سمورو مال کسي هليا ويا. آخر ٻن مهينن کان پوءِ حضرت ابوبڪر رضہ جي اڳواڻي ۾ ڏوهين کي سزا ڏيڻ جي لاءِ مهم موڪلي وئي، جنهن ۾ ڪجھ ڌاڙيل قتل ٿي ويا، باقي ڀڄي ويا.

عقل ۽ عرينہ نالي ٻن قبيلن جا ڪجھ ماڻھو مديني ۾ اچي مسلمان ٿيا پر نئين آب و هوا ۾ بيمار ٿي پيا. مديني کان ٻاهر رهي سرڪاري انتظام هيٺ علاج ۾ رهيا. چڱا ڀلا ٿيا تہ سرڪاري ڌنار کي پڪڙي ان جي اکين ۾ گرم سرائي ڦيريائون، پوءِ ان کي بي رحمي سان قتل ڪيائون ۽ جانور ڪاهي ڀڄي ويا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

ڪرز بن خالد فهري جي اڳواڻي ۾ 20 سوارن جو دستو انهن جي گرفتاري جي لاءِ موڪليو. اهي گرفتار ٿيا. مرتد ٿيڻ، ڌاڙي، قتل ۽ جهيڙي جي ٻي رحماڻين ڪارروائين جي ڏوهن ڪري انهن کي عبرتناڪ سزا ڏني وئي ۽ بلڪل عدل موجب انتقام ورتو ويو. ورنہ جيڪڏهن هڪڙي منظم حڪومت جي خلاف هر ڪوئي اهڙي جرئت ڪرڻ لڳي تہ سمورو معاملو مذاق بڻجي وڃي ۽ ڪوبہ انتظام هڪڙو ڏينهن بہ هلائي نہ سگهجي.

ان دور جو سڀ کان وڏو واقعو جنهن جا سياسي ۽ دفاعي حالتن تي دور رس اثر پيا. صلح حديبيہ وارو واقعو آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ذي القعد 6 هجري ۾ حديبيہ جي مقام تي پڙلاءُ ڪيو. قريشين سان صلح وارو معاهدو ڪري پاڻ سڳورا گهڻي وڏي دشمن کان ٿانيڪا ٿي ويا ۽ دعوتي ۽ تعميري ڪم ڪرڻ جي لاءِ وسيع موقعا پيدا ٿي ويا. ان کان علاوه، مديني جي پرپاسي وارن علائقن ۾ شرارتي ڌرين کي سيڪت ڏيڻ آسان ٿي ويو.

سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حديبيہ کان ذوالحج جي مهيني ۾ موٽي مديني ۾ آيا ۽ ڪجهہ ڏينهن ترسي 7 محرم 7 هجري تي خيبر روانا ٿي ويا. خيبر اسلامي رياست جي خلاف هڪڙو گهڻو فعال سياسي اڏو بہ هو ۽ جنگي سازشن جو مرڪز بہ هو. خيبر جا يهودي نہ صرف اُحد واري لڙائي جي پس منظر ۾ جهيڙالو حرڪتون ڪري چڪا هيا. بلڪ جنگ احزاب ۾ انهن جو ڪردار (پارٽ) گهڻي سرگرمي وارو هو. مديني جي زندهہ ۽ سجاڳ حڪومت، بهرحال، پنهنجي ڪنڌ تي هڪڙي تاڻيل خنجر جو وجود گوارا ڪري نٿي سگهي. ان لڙائي جي نوعيت غيرمعمولي آهي ۽ وڏين لڙاين ۾ شامل ڪري سگهجي ٿي. مگر اسان ان کي معمولي ڪارروائين ۾ انهيءَ لاءِ رکيو آهي تہ اها بدر، اُحد ۽ خندق جي جنگي سلسلي جي ڪڙي ڪونهي، اها هڪڙي مختلف نوعيت جي ڪارروائي آهي. اسلامي تحريڪ جي دعوت جيئن تہ اجا تائين بين الاقوامي دور ۾ داخل ڪونہ ٿي هئي ۽ قريشين ۽ عربستان وارن وانگر ٻين قومن ۽ ٻين مذهبن جا ماڻهو پهرين درجي وارن مخاطبن ۾ ڪونہ هئا. انهيءَ ڪري خيبر جي يهودين سان انقلابي دعوت جي ڪري ڪوئي جهيڙو ڪونہ هو. انهن جا سياسي ڏوهہ ئي ڪارروائي جو اصل سبب هئا ۽ انهيءَ ڪري انهن سان معاملو بہ سياسي لڙائي وارو ڪيو ويو. اهي راند هارائي ويا تہ انهن جي سرزمين کي باقاعده فتح ڪيل علائقو قرار ڏنو ويو ۽ انهن کي رعيت جي حيثيت ڏني وئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اهڙي معاملي وارو طريقو صرف خيبر واري علائقي تائين محدود رکيو ۽ ٻيو ڪٿي بہ نہ. بهرحال، قريشين جي طرف کان ٿانيڪو ٿيڻ کان پوءِ هاڻي خيبر ڏانهن چڙهائي ڪرڻ ۾ ڪابہ رڪاوٽ باقي ڪونہ هئي. ان موقعي تي صرف انهن ماڻهن کي مهم ۾ شريڪ ڪيو ويو جيڪي خالص طور تي الله ڪارڻ جهاد جو جذبو کڻي هلن. واضح رهي تہ انهي مهم ۾ عورتون بہ بغير اطلاع جي شريڪ ٿي ويون هيون. بعد ۾ حضور صلي

الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي معلوم ٿيو تہ ناراض ٿي انهن کان پڇا ڳاڇا ڪيائون تہ توهان ڇو آيون آهيو؟ پر جڏهن انهن لشڪر جي خدمت ڪرڻ جو جذبو ڏيکاريو تہ پاڻ سڳورن رضامندي ڏئي ڇڏي، بلڪ آخر ۾ مالِ غنيمت مان حصو بہ ڏنو. مديني ۾ سباع رضہ بن عَرفُطہ کي قائم مقام بڻائي، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم چوڏهن سَوَ مجاهدن سان روانا ٿيا. رجيع جي ماڳ تي پڙلاءُ ڪيائون. مسلمان فوج جڏهن اوچتو خيبر وارن جي سامهون ظاهر ٿي تہ انهن پنهنجي وچي قلعن ۾ پناهہ ورتي. پهريون حملو النطات قلعي تي ڪيو ويو. ٻنهي طرفن کان تيراندازي ٿي. آخرڪار قلعو فتح ٿي ويو. پوءِ صعب قلعي جو گهيراءُ ڪيائون. مرحب يهودي مقابلي (مبارزت) لاءِ نڪتو. عمار رضہ بن الاڪوع مقابلي لاءِ آيو ۽ شهادت ماڻيائين. بهرحال، گهيراءُ فتح جي نتيجي سان ختم ٿيو. قموص (قموس) وارو قلعو سڀني کان گهڻو مضبوط هو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مٿي مبارڪ ۾ شديد تڪليف هئي، جنهن سبب پاڻ سڳورا مقابلي ۾ شريڪ ٿيڻ کان معذور هئا. پاڻ سڳورن خاص اعلان سان حضرت علي عليہ السلام کي انهي مهم جي لاءِ نامزد ڪيو. قلعي مان مرحب رجز پڙهندو آيو. محمد رضہ بن مسلمہ ڀاءُ جو انتقام وٺڻ جي جذبي سان وڌي ڏڪ هنيو تہ ان جون ٽنگون ڪپجي ويون. پوءِ حضرت علي عليہ السلام جي تلوار ان جو خاتمو ڪري ڇڏيو. مرحب کان پوءِ ان جو ڀاءُ ياسر نڪتو. مقابلي جي لاءِ زبير رضہ بن عوام اڳتي وڌيو ۽ ان جي هٿان ان جو بہ خاتمو ٿي ويو. اهو اهم ترين قلعو 20 ڏينهن جي گهيراءُ کان پوءِ حضرت علي عليہ السلام جي ڪمان هيٺ فتح ٿيو ۽ انهيءَ ڪري ان کي فاتح خيبر سڏيو ويندو آهي. يهودي جڏهن ان قلعي مان ڀڄي ويا تہ اسلام جي مشهور دشمن حي بن اخطب جي نياڻي صفيہ پنهنجين ڀن سوٽن سان گڏ قيدي ٿي آئي. اها هڪڙي معزز سردار جي نياڻي هئي، انهيءَ ڪري اصحابن سڳورن جي مشوري تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان سان نڪاح ڪري پنهنجي حرم ۾ داخل ڪيو. پوءِ يهودي الزبير قلعي ۾ وڃي گڏ ٿيا. اتي ٽن ڏينهن جي گهيراءُ کان پوءِ اهي ٻاهر نڪري زور شور سان وڙهيا. ڏهہ يهودي مارجي ويا ۽ ڪجهہ مسلمان مجاهد شهيد ٿيا پر قلعي تي قبضو ٿي ويو. هاڻي ٽي قلعا الڪَتِيبَہ، اَلوَطِيح ۽ السُلالَم باقي هئا. يهودين جي سموري جاني ۽ مالي قوت هاڻي انهن جي اندر گڏ ٿي وئي هئي. مسلمان فوج چوڏهن ڏينهن تائين گهيراءُ جاري رکيو آخرڪار منجنيق بيهاري پٿر وسائڻ جو فيصلو ٿيو. گهيراءُ هيٺ آيل ماڻهن کي معلوم ٿيو تہ انهن پاڻ کي بيوس سمجهيو. مصلحت جي لاءِ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. گفتگو کان پوءِ انهن جي لاءِ فيصلو ٿيو تہ صرف جان جي امان وٺي هليا وڃن. البت، وڃڻ کان اڳ انهن ٻيهر درخواست ڪئي تہ انهن کي زمين ۽ باغن جي پوکي راهي ڪرڻ تي لڳايو وڃي ۽ اتي رهڻ ڏنو وڃي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪليل دل جو مظاهرو ڪندي اها درخواست قبول ڪئي ۽ اڌ پيداوار تي معاملو طئي ٿيو. فدڪ وارن

صورتحال جي اها خبر ٻڌي تہ انهن بہ اهڙي منظوري جي لاءِ درخواست ڪئي. انهن کي بہ اجازت ملي وئي. ان ڪارروائي جي دوران بہ يهودي نوجوان حويصہ ۽ محيصہ اسلامي تحريڪ جي دائري ۾ اچي ويا.

انهي مقابلي جي دوران جڏهن نطاة قلعو گهيراءَ هيٺ هو تہ خيبر وارن جو هڪڙو ڏنار اسود اوچتو هڪڙي ذهني انقلاب مان گذريو. ان يهودين کان معلوم ڪيو تہ ڪنهن سان لڙائي آهي. انهي ٻڌايس تہ ان شخص سان جيڪو نبوت جي دعوا ڪري ٿو. ايتري ڳالهہ ٻڌي ان جي دل ۾ هلچل پيدا ٿي وئي ۽ ان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ اچي معلوم ڪيو تہ توهان جي دعوت ڪهڙي آهي؟ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان تي توحيد جو عقيدو واضح ڪيو. اسلام جي سامهون ان جي دل ۽ دماغ فتح ٿي ويا. پوءِ ان پڇيو تہ مون وٽ يهودين جون ٻڪريون آهن، انهن جو ڇا ڪيان. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گُهرن ها تہ انهن دشمنن جون ٻڪريون قبضي ۾ ڪري فوج جي خوراڪ جي سامان ۾ شامل ڪري سگهيا ٿي، پر پاڻ سڳورن اسود ڏنار کي اهڙي موقعي تي بہ امانت داري جو حق ادا ڪرڻ جي تلقين ڪئي ۽ ان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ارشاد جي مطابق انهن کي قلعي جي ويجهو وٺي وڃي پٿريون هڻي آبادي ڏانهن هڪلي ڇڏيو. پوءِ ان واپس اچي معلوم ڪيو تہ مان جيڪڏهن وڙهندي مارجي وڃان تہ آخرت ۾ منهنجو ڇا ٿيندو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کي جنت جي خوشخبري ٻڌائي. اهو وڏي خلوص ۽ بهادري سان وڙهيو ۽ پنهنجي جان سچائي جي چوکٽ تي قربان ڪئي.

هڪڙو نومسلم اعرابي خيبر جي مهم ۾ شريڪ ٿي آيو هيو. ان جي لاءِ جڏهن مال غنيمت مان حصو ڪڍيو ويو تہ ان چيو "يا رسول الله ( صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم)! مان توهان جي پنيان ان ڳالهہ جي لاءِ ڪونہ آيو آهيان. مان تہ ان لاءِ آيو آهيان تہ منهنجي ساهہ جي رڳ حق جي واٽ ۾ ڪٽجي وڃي ۽ جنت نصيب ٿئي." حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کي بشارت ڏني تہ تنهنجي اها مراد بہ پوري ٿي ويندي اهو ايماني مجسمو بہ ميدان ۾ لٿو ۽ شهادت جي مقدس موت ان کي سيني سان لڳائي ڇڏيو. خيبر جي فتح جون خوشيون تمام گهڻو وڏي ويون، جڏهن اوچتو حضرت جعفر رضي الله تعاليٰ عنہ بن ابوطالب گهڻن ساٿين سان گڏ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پنهنجي هم مسلڪ ايماني برادري سان اچي مليو.

حجاج رضہ بن علاط سلمي جيڪو بنوسليم جي علائقي جي ڪاٿين جو مالڪ هو ۽ ان زماني ۾ مسلمان ٿيو هو خيبر جي فتح مڪمل ٿيڻ کان اڳ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان اجازت وٺي تيزي سان مڪي پهتو تہ جيئن پنهنجي زال ۽ ڏن دولت کي وقت تي ڪڍي اچي. ڳجهہ ڳوهہ ۾ ان حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنہ کي خيبر فتح ٿيڻ جي خوشخبري ٻڌائي.

خيبر جو معاملو طئي ٿي ويو تہ اسلامي لشڪر وادي القريٰ جو رخ ڪيو جتي يهودين سان گڏ ڪجھہ ٻيا عرب بہ رهائش پذير هئا. اتي بہ مخالفت جو ڳڙهہ هو. فوج جي پهچڻ سان سامهون کان پٿر وسايا ويا ۽ مدعم نالي غلام زخمي ٿي پيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي طرف کان وري وري اسلام جي دعوت ڏني پئي وئي، مگر ٻئي پاسي کان هڪڙو هڪڙو ماڻهو مقابلي لاءِ نڪتو ٿي ۽ ختم ٿي ويو ٿي. لڳاتار يارهن ماڻهو ائين ايندا رهيا ۽ رات تائين اهو سلسلو جاري رهيو. ٻئي ڏينهن صبح کان جلدي پوءِ فتح ٿي. خيبر ۽ فدڪ جي مثال تي وادي القريٰ وارن کي بہ زمينن ۽ باغن جي ڪڙمت جو ڪم ڏنو ويو ۽ انهن تي پنهنجو انتظامي حاڪم مقرر ڪيو ويو. تيما وارن يهودين کي جڏهن انهي معاملي جي خبر پئي تہ انهن پاڻمرادو صلح جي خواهش ڪئي ۽ انهن کي زمين تي برقرار رهڻ ڏنو ويو.

ان فاتحاڻي ڪارروائي جي نتيجي ۾ جنهن زرخيز زمين جي ايراضي تي قبضو ٿيو انهن مان فدڪ ۽ خيبر جا ٽڪرا سرڪاري زمين ("اسٽيٽ لئنڊ" ـ State Land) قرار ڏنا ويا ۽ ان سان رياست جي سربراهہ. ان جي مٽن ماڻٽن ۽ معاشري جي غريبن جي ڪفالت ٿيڻ لڳي. انهن ٽئي خاص ٽڪرن جي باري ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي وفات کان پوءِ ڪجھہ اختلاف ٿيو مگر حضوت ابو بڪر رضہ ۽ ڪجھہ اصحابن ان کي سرڪاري ملڪيت ۾ رکيو. باقي ايراضي کي مسلمانن جي ملڪيت ۾ ڏنو ويو ۽ ان جي پيداوار انهن ۾ ورهائي ويندي هئي.

حضرت عمر رضہ بن خطاب چوڪيداري جي گشت وارو دستو وٺي بنو هوازن کي ڏمڪائڻ ويو. بنو هوازن وارا ڪنڌڙي پڪڙي ويا.

بشير بن وارم (يا اسير بن رزام) يهودي جي متعلق خبر آئي تہ بنوغطفان وارن کي جنگ جي لاءِ تيار ڪري رهيو آهي. عبدالله رضہ بن رواحہ هڪڙو دستو وٺي ويو. ڪنهن طريقي سان انهن بشير کي قائل ڪيو تہ اهو مديني هلي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري مسلمان جيئن تہ تعداد ۾ ٽيهہ هئا. ان بہ احتياط ڪري ٽيهہ ماڻهو ساڻ ڪيا ۽ هر اُٺ تي هڪڙو يهودي ۽ هڪڙو مسلمان گڏجي سوار ٿيا. بشيريا اسير رات جي اونداهي ۾ عبدالله رضہ جي تلوار ۾ هٿ وڌو. اهو ڇرڪي اُٺ تان ٽپو ڏئي هيٺ لٿو ۽ تلوار تاڻي ورتي. ٻنهي سردارن کي انهي حالت ۾ ڏسي ٻنهي جا ساٿي بہ وڙهڻ لڳا. سيئي ايڪٽيهہ يهودي پورا ٿي ويا.

محرم 7 هجري ۾ اهو معلوم ٿيڻ تي تہ بنوغطفان، بنومحارب، بنوثعلبہ ۽ بنو انمار حملو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي رهيا آهن، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم 400 ماڻهن جو دستو ساڻ ڪري گشت جي لاءِ نڪتا. دشمن ٽڙي پکڙي ويا. ان کي ذات الرقاع واري مهم چوندا آهن.

صلح حديبيہ کان پوءِ قريشين جي لاءِ واپاري سڙڪ کلي وئي هئي. مگر ابوجندل قريشين جي قيد مان ڀڄو تہ معاهدي جي ڪري مديني ۾ وڃڻ جو موقعو نہ ڏسي اهو ساموندي ڪناري پرسان شام جي هڪڙي ٽڪري تي رهڻ لڳو. بعد ۾ ابوبصير رضہ ۽ ٻين ماڻهن اتي ٺڪاڻو بڻايو ۽ چڱي جماعت گڏ ٿي وئي. انهن قريشين جي هڪڙي واپاري قافلي تي حملو ڪيو ۽ سامان کسي ورتو. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سفارش انهن تائين پهتي تہ انهن سامان واپس ڪري ڇڏيو. هاڻي قريشين کي پنهنجي معاهدي جي سخت شرط جي نقصان جو اندازو ٿيو ۽ پڇتائڻ لڳا. بعد ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ابو جندل کي مديني گهرائي ورتو.

بنو مَلُوح وارن بشير رضہ بن سويد جي ساٿين کي قتل ڪيو هيو. انهن کي سکيت ڏيڻ لاءِ عبدالله ليثي رضہ هڪڙي جماعت (پارٽي) وٺي ويو. معمولي جهڙپ ٿي. دشمن ٽولي جو ڪجهہ مال ضبط ڪيو ويو.

هُنَيد بن عوص جزري مسلمان رياست جي خلاف اهو سنگين ڏوهہ ڪيو هو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو سفير دَحِيہ ڪلبِي رضہ هرقل جي دربار مان سوکڙيون کڻي واپس اچي رهيو هو تہ ان ڌاڙو هڻي سڀ ڪجهہ ڦري ورتو هو. ان کي سکيت ڏيڻ لاءِ زيد رضہ بن حارث هڪڙو دستو وٺي ويو— جهڙپ ٿي. هُنيد مارجي ويو ۽ ان جا ساٿي آڻ مڃي پيش پيا.

بنوڪلاب وارا سورش ڪرڻ جي تياري ۾ هئا تہ حضرت ابوبڪر رضہ ڪارروائي جي لاءِ وڃي پهتو. جهڙپ ٿي ۽ دشمن ڀڄي ويا.

جُهَينہ جي علائقي ۾ سورش جو انديشو ٿيو تہ اسامہ رضہ بن زيد رضہ کي حالتن کي قابو ۾ رکڻ لاءِ موڪليو ويو. ان ڀيريان سمجهائڻ ۽ قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن آخرڪار جهڙپ ٿي. ان موقعي تي حضرتِ اسامہ رضہ سهيڪ بن مِرداس جو پيڇو ڪري رهيو هو تہ ان ڪلمو پڙهي ورتو. پر حضرت اسامہ رضہ اهو سمجهيو تہ قابو ۾ اچڻ ڪري جان بچائڻ لاءِ بهانو ڪري رهيو آهي. هن ان کي ختم ڪري ڇڏيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ان کان سخت صدمو ٿيو— ڇو تہ انسانن جي اصلاح ڪرڻ پاڻ سڳورن جو اصل مقصد هو نہ کي انهن جو خاتمو.

فزاره ۽ عذره وارن خيبر واري لڙائي ۾ يهودين جي مدد ڪئي هئي، انهن جي سرسري تنبيهہ جي لاءِ بشير رضہ بن سعد بن ثعلبہ خزرجي مختصر دستو ساڻ ڪري ويو. معمولي جهڙپ ٿي ۽ مخالف قابو ۾ اچي ويا.

بنوسُليم جي باري ۾ حملو ڪرڻ جي تيارين جو اطلاع ملڻ تي ابن ابي العوجا رضہ پنجاهہ ماڻهن جو دستو چوڪيداري جي گشت لاءِ ساڻ ڪري دشمن جي سرحد تائين ويو. مخالفن جو تعداد گهڻو هو انهن حملو ڪري پوري دستي کي شهيد ڪري ڇڏيو. صرف ڪمانڊر زخمي حالت ۾ مديني پهچي سگهيو. اهڙي طرح بنو قُضاعہ ڏانهن

(ذات الصلح جو علائقو) ڪعب رضہ بن عُمير انصاري تمام ننڍڙي جماعت (پارٽي) ساڻ ڪري گشت جي لاءِ ويو. دشمن طاقتور هو انهيءَ ڪري اهو پورو دستو بہ ڪم اچي ويو. شايد ڪو هڪڙو اصحابي بچي موٽيو.

بنو هوازن وارا اسلام دشمن طاقتن ڪي ڪيترائي ڀيرا جنگي مدد ڏئي چڪا هيا. انهن جي باري ۾ خبر آئي تہ مديني ڪان 5 منزلن جي پنڌ تي اهي حملو ڪرڻ لاءِ طاقت گڏ ڪري رهيا آهن. شجاع رضہ بن وهب اسدي جي اڳواڻي ۾ هڪڙو مختصر دستو گشت جي لاءِ موڪليو ويو. ڪا جهڙپ ڪونہ ٿي.

ان زماني ۾ (جمادي الاول 8 هجري) موتہ واري لڙائي ٿي. مگر جيئن تہ صحيح معنيٰ ۾ اها غير ملڪي طاقت سان لڙائي هئي، انهيءَ ڪري اسان ان جو ذڪر تبوڪ واري لڙائي سان گڏ الڳ ڪنداسين.

رفاعہ بن قيس (بنو حبشم جو سردار) جي باري ۾ اطلاع مليو تہ اهو حملو ڪرڻ جي لاءِ ماڻهو گڏ ڪري رهيو آهي. ابو حدرد اسلمي رضہ کي ٻن ماڻهن سان گڏ رڳو گشت جي لاءِ موڪليو ويو. انهن وڏي حڪمت سان بغير ڪنهن طاقت جي دشمن ٽولي کي ڍيڄاري منتشر ڪري ڇڏيو ۽ انهن جا جانور بہ ضبط ڪري وٺي ويا.

بنو قُضاعہ وارن جي متعلق خبر ملي تہ اهي ڪجهہ ٻين ڌرين کي پاڻ سان ملائي چڙهائي ڪرڻ گهرن ٿا. عمرو بن عاص ذات السلاسل جي مقام تي 3 سَوَ سپاهين جو دستو ساڻ ڪري پهتو. اها جاءِ وادي القريٰ کان اڳتي آهي ۽ اهو پوري جو پورو علائقو سالن تائين اسلامي رياست جي لاءِ خطرناڪ رهيو. اتي پهچي معلوم ٿيو تہ دشمنن جي طاقت گهڻي آهي. عمرو بن عاص قاصد موڪلي وڌيڪ ڪمڪ جي گهر ڪئي. حضرت ابوعُبيده رضہ بن جراح جي اڳواڻي ۾ ٻن سَوَن ماڻهن جو هڪڙو دستو هڪدم موڪليو ويو. حملو ٿيڻ سان ئي دشمنن جو ٽولو ڀڄي ويو. انهن جا ڪجهہ جانور قبضي ۾ ورتا ويا.

ابوقتاده رضہ ۽ محلم رضہ بن جثامہ هڪڙي موقعي تي گشت جي لاءِ نڪتا. اتفاق سان عامر بن الاضبط اشجعي ڪجهہ ماڻهن سان گڏ مليو. ان مسلمانن وانگر سلام ڪيو ليڪن محلم رضہ ان جي سلام کي هڪڙي اٽڪل سمجهيو ۽ دشمن قرار ڏئي قتل ڪري ڇڏيو. ان واقعي تي قرآنِ شريف هيئن پڪڙ ڪئي. تہ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِذَا ضَرَبۡتُمۡ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ فَتَبَيَّنُوۡا وَلَا تَقُوۡلُوۡا لِمَنۡ اَلۡقٰٓى اِلَيۡكُمُ السَّلٰمَ لَسۡتَ مُؤۡمِنًا. (النساء آيت 94) يعني گشت تي نڪرو تہ ماڻهن سان واقفيت (تعارف) ڪيو ۽ حال احوال معلوم ڪري انهن کي چڱي طرح سمجهو ۽ جيڪو بہ توهان کي (اسلامي طريقي سان) سلام ڪري تہ هرويرو ان کي غيرمسلم قرار نہ ڏيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بہ سخت تنبيهہ ڪئي. بعد ۾ قتل ٿيل ماڻهن جي قبيلي جو سردار عُيينہ خون بها جو مطالبو ڪرڻ آيو.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان ئي وقت 50 اٺ ڏنا ۽ وڏي منٽ ميڙ کان پوءِ سردار کي راضي ڪيو تہ باقي 50 اٺ بعد ۾ ونو.

رجب 8 هجري ۾ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حڪم سان ابوعبيده رضہ بن جراح ٽي سوَ مجاهدن جي جماعت ساڻ ڪري سيف البحر ويو ۽ رڳو سمنڊ تائين گشت ڪري ۽ ڪجهہ ڏينهن ساموندي پٽي واري علائقي ۾ رهي واپس آيا. ان نقل ۽ حرڪت جو گهڻو ڪري اهو مقصد هو تہ هڪڙي طرف سڙڪ جي نگهباني ڪئي وڃي ۽ ٻئي طرف قريشن کي اهو تاثر ڏياريو وڃي تہ اڄ ڪلهہ مديني جي حڪومت جو توجهہ ان طرف آهي. واضح رهي تہ قريشين طرفان ٺاهہ جي انحرافي ڪرڻ کان پوءِ اها نقل حرڪت مڪي جي فتح واري مهم جو شروعاتي قدم ثابت ٿي.

## چوٿون وڏو مقابلو ـــــ مڪي جي فتح:

اسان مٿي قريشين ۽ ٻين مخالفن جي وڏين وڏين چڙهاين جو ذڪر ڪري چڪا آهيون ۽ واضح آهي تہ بدر، اُحد ۽ خندق جي وڏين لڙاين ۾ جاهلي قوتون پاڻ مديني تي چڙهائي ڪري آيون ۽ سيئي لڙايون اسلامي حڪومت جي پرپاسي ۾ ٿيون. انهن لڙاين ۾ مديني جي حڪومت رڳو دفاع ڪرڻ واري حيثيت (پوزيشن) اختيار ڪئي.

خندق واري لڙائي کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سياسي بصيرت بلڪل صحيح اڳڪٿي ڪري ڇڏي هئي تہ هاڻي قريشين جون چڙهايون ختم ٿي ويون. بلڪ اها خوشخبري (بشارت) بہ ڏني تہ هاڻي انشاء الله اسان انهن جي خلاف هلان ڪنداسين. تنهنڪري وچ ۾ جڏهن صلح حديبيہ واقع ٿيو ۽ قريشين جون تلوارون مياڻ ۾ هليون ويون تہ ان موقعي مان فائدو وٺي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪ طرف تہ شورش پسند غدارن کان مديني کي صاف ڪيو ۽ ٻئي طرف اتر پاسي يهودي پنهنجي طاقت جا جيڪي مضبوط مرڪز ٺاهي انهن کان جنگي سازشن جي اڏن جو ڪم وٺي رهيا هئا، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن جون پاڙون پٽيون. ان سان گڏوگڏ قبائلين جي ننڍين ننڍين شورشن، جنگي تيارين ۽ فتنن جو هڪ ٻئي پٺيان ان سرگرمي سان نوٽيس ورتو ۽ هر گڙٻڙ کي ان ڦڙتي سان ختم ڪيو جو مديني جو ماحول پري پري تائين گهڻو صاف ۽ پرامن ٿي ويو. خندق واري لڙائي کان مڪي جي فتح تائين جي وقفي ۾ اسلامي رياست جي ڌاڪ ڄمي وئي ۽ اسلامي تحريڪ پنهنجي سياسي وجود کي چڱي طرح مڃرائي ورتو. هر طرف محسوس ٿيڻ لڳو تہ سچائي ۽ انصاف جي اها نئين طاقت جيڪا اڀري رهي آهي، سو اهو ڪو اهڙو غبار ڪونهي جيڪو هوا جي هر جهوٽي سان اڏري وڃي. ان کان علاوه، اسلامي قيادت جو جهنڊو ڪنهن ڪوڪلي ڪنيي تي ڪونہ لهرائي رهيو آهي، جنهن کي ڌوڪون هٽي ڪيرايو وڃي.

عوامي ڌرين کي محسوس ٿيڻ لڳو تہ مستقبل قريشين جو ڪونهي بلڪ محمد رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو آهي.

هاڻي جڏهن تہ دشمن کان جان ڇڏائڻ لاءِ ان کان سواءِ ڪوئي رستو ڪونہ هو تہ انهن جي ٻڱرهہ کي ختم ڪيو وڃي ۽ جاهليت جي قيادت جو ڏيئو انهن جي پنهنجي گهر ۾ گُل ڪري ڇڏجي، انهيءَ ڪري دفاعي جدوجهد جي تڪميل جي لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن جارحاڻو قدم کڻڻ ضروري هو. قريشين جي اعمالن جي شامت آئي جو انهن پاڻ ئي حديبيہ واري معاهدي جي پيچڪڙي ڪئي، جيڪو ڌرين جي وچ ۾ امن جي هڪڙي حفاظتي پيت بڻيو بيٺو هو.

اسان اڳ ۾ بيان ڪري آيا آهيون تہ بنوبڪر ۽ بنوخُزاعہ جي وچ ۾ پهريان کان دشمني هئي ۽ انتقام پٺيان انتقام جو چڪر هلي رهيو هو. مگر وچ ۾ اوچتو اسلامي تحريڪ هڪڙو تشويش ناڪ مسئلو بڻجي ظاهر ٿي ۽ قريشي ۽ ٻيا مشرڪ قبيلا صرف ان جي مخالفت جي لاءِ ٻڌي ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا. انهن جي دشمناڻن جذبن جو لاوو ڪجهہ دير جي لاءِ اندر دٻجي ويو. ايستائين جو جڏهن صلح حديبيہ واقع ٿيو تہ ان جي هڪڙي شق مان فائدو کڻندي بنوخُزاعہ وارن رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ساٿاري وارو تعلق جوڙي ورتو ۽ بنوبڪر وارن قريشين سان اتحاد ڪيو. ڪجهہ وقت تہ ماٺ ميٺ ۾ گذري ويو ليڪن آخرڪار پراڻي دشمني وارن جذبن جو بارود ڀڙڪي اٿيو. بنوبڪر وارن صلح واري ان دور کي غنيمت سمجهيو جنهن ۾ ڪنهن ٻئي طرف کان جهيڙي جو انديشو ڪونہ هو. انهن بنوخزاعہ جي هڪڙي ماڻهو کي قتل ڪيو ۽ پوءِ ڀرپور حملو ڪري ظلم جا پهاڙ ٽوڙيا. ايستائين جو حرم ۾ بہ انهن پناهہ وٺندڙن کي ڪونہ ڇڏيو ۽ نماز جي حالت ۾ بہ انهن کان ڪونہ مڙيا. بنوبڪر وارن طرفان انهي رتوڇاڻ ڪرڻ ۾ قريشين انهن کي پوري پوري مدد ڏني هئي ۽ بيوقوفاڻي حرڪت سان انهن حديبيہ واري معاهدي کي پائمال ڪري ڇڏيو. بنوخزاعہ وارن جي طرف کان عمرو بن سالم حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي بارگاهہ ۾ وڃي فرياد ڪئي. پوءِ بُدَيل بن ورقا هڪڙو وفد وٺي وڃي سمورو حال ٻڌايو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي ساٿاري هجڻ واري واعدي ڪري واجب ٿي ويو تہ بنوخزاعہ وارن جي مدد ڪن. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم قاصد جي ذريعي قَريشين تائين صورتحال کي درست ڪرڻ لاءِ ٽي شرط ڇَوَرايا. هڪڙو اهو تہ قتل ٿيل ماڻهن جو خون بها ادا ڪن. ٻيو اهو تہ بنوبڪر وارن جي حمايت تان هٿ کڻن. ورنہ ٽيون اهو تہ حديبيہ واري معاهدي جي خاتمي جو اعلان ڪن. قريشي سمجهہ واري سگهہ تہ وڃائي چڪا هئا. سو ڇَورائي موڪليائون تہ صرف ٽيون شرط منظور آهي. بعد ۾ پڇتايائون.

هاڻي قريشين جي قيادت واري حلقي ۾ تشويش پکڙجي وئي. انهن ۾ وڙهڻ جي قوت ختم ٿي چڪي هئي. ڪجهہ جنگي مقابلن ۾ انهن جا قيمتي ماڻهو انهن کان کسجي

چڪا هئا ۽ انهن جي فوجي طاقت ڪي پرجي نہ سگهڻ جهڙا جهير لڳي چڪا هئا. ٻئي پاسي انهن جي معيشت تباهہ و برباد ٿي چڪي هئي. انهن جي مدد ڪرڻ وارا يهودي ڪُچلجي ويا هئا ۽ مدينو هڪ طرف دعوتي ذريعن سان پنهنجو اثر رسوخ ايترو وسيع ڪري چڪو هو جو مڪي جي چوڌاري بہ اسلامي رياست جي حامي قبيلن جو هڪڙو حلقو پيدا ٿي چڪو هو. ٻئي طرف معاهدن ۽ ساٿاري تعلقاتن جو دائرو پکيڙيو ويو هو. ٽئين طرف فسادي قوتن کي دٻائي هڪڙي وڏي علائقي ۾ امن امان چڱي طرح قائم ڪري نئين نظام جي عمارت تعمير ڪندو پئي ويو. هاڻي قريشي جارحاڻو قدم تہ چا کڻي سگهن ها، دراصل هاڻي تہ انهن جي لاءِ پنهنجي گهر ۾ بہ پنهنجو دفاع ڪرڻ گهڻو مشڪل هو. انهن جي لاءِ هاڻي جيڪو ڪجهہ بہ بچيو هو حديبيہ واري معاهدي جي ذريعي هو. اها جَهل بہ انهن خود ئي پنهنجي سامهون کان هٽائي ڇڏي ۽ ڇڻ پاڻمرادو مديني کي دعوت ڏني تہ اچو۽ اسان کي ڪئي جي سزا ڏيو.

آخر مڪي جو سيني کان وڏو جاهلي اڳواڻ (ليڊر) پريشان ٿي مديني روانو ٿيو تہ معاهدي کي نئون (تجديد) ڪرائي. اتي ان کي اهڙي حوصلو ٽوڙيندڙ ماحول کي منهن ڏيڻو پيو جنهن جو شايد ان کي تصور بہ ڪونہ هو. اهو پنهنجي نياڻي ام المومنين حضرت ام حبيبہ رضہ جي گهر ۾ وڃي بستري تي ويهڻ لڳو تہ ڌيءَ هڪدم بسترو کڻي ورتو ۽ ان کي ٻڌائين تہ توهان مشرڪ آهيو، تنهنڪري الله جي رسول جي پاڪ بستري تي ويهي نٿو سگهين. پوءِ اهو حضرت ابوبڪر صديق رضہ حضرت عمر رضہ ۽ حضرت علي عليہ السلام جهڙن ممتاز اڳواڻن (ليڊرن) سان وڃي ملندو رهيو ۽ هرهڪ کان مدد حاصل ڪرڻ گهريائين. حد اها تہ ان حضرت فاطمہ الزهرا سلام الله تعاليٰ عليها کي بہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ سفارش ڪرڻ لاءِ چيو ۽ جڏهن اهو بہ ڪونہ ٿي سگهيو تہ گهريائين تہ امام حسين عليہ السلام (جيڪو ٽوڙي جو ٻاراڻي عمر ۾ هو) کي ئي حضرت فاطمہ الزهرا سلام الله تعاليٰ عليها ان جي اجازت ڏين. ڪائي صورت نہ ڏسي بدحواسي ۾ ان حضرت علي عليہ السلام جي مشوري جي مطابق مسلمانن جي مجمعي ۾ پنهنجي طرفان مصالحاڻيون ذميواريون ادا ڪرڻ جو هڪ طرفو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان جوابي قبوليت حاصل ڪرڻ کان سواءِ مڪي واپس هليو ويو. مڪي وارن حال احوال پڇيا ۽ ان طرفان ذميواريون ادا ڪرڻ جو هڪ طرفو اعلان جو حال معلوم ٿيو تہ سيني چيو تہ اها تہ علي (عليہ السلام) توسان مذاق ڪئي آهي. ڏسو تہ انحطاط پذير منفي طاقتن جي بصيرت بہ ڪهڙي طرح مري ويندي آهي.

جلدي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اعلان ڪيو تہ مسلمان رضا ڪار تيار ٿي وڃن ۽ پنهنجي گهر ۾ بہ حڪم ڏنو تہ هٿيار تيار رکو. ليڪن اها ڳالهہ بلڪل راز ۾ رکي تہ ڪيڏانهن وڃڻ جو ارادو آهي، ايستائين جو حضرت عائشہ رضہ کي بہ معلوم

ڪونہ ٿي سگهيو جنهن پنهنجن هٿن سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ هٿيار تيار ڪيا هئا. ٿي سگهي ٿو تہ ماڻهن قياس ڪندي اندازو ڪري ورتو هجي تہ مڪي تي چڙهائي ٿيڻ واري آهي. ڇوتہ ايترو وڏو لشڪر ڪنهن ٻئي طرف وڃي ۽ وڃڻ جو ڪو سبب ڪونہ هو.

حاطب رضہ بن ابي بلتعہ جا ٻار ٻچا مڪي ۾ قائل هئا ۽ جيئن تہ ڪوبہ قبيلو ان جي حمايت وارو ڪونہ هو انهيءَ ڪري ان انهن جي بچاءَ جي لاءِ مديني ۾ ٿيڻ وارين تيارين جو حال هڪڙي ڳجهي خط جي ذريعي قريشين کي لکي موڪليو تہ جيئن اهي ان احسان جي ڪري ان جي ٻار ٻچن کي تنگ نہ ڪن. ان سان گڏ ان اهو سمجهيو ٿي تہ ان اطلاع جي باوجود اسلامي فوج جي فتح يقيني آهي ۽ ان جو خط نتيجي جي اعتبار کان اسلام کي ڪو وڏو نقصان پهچائي ڪونہ سگهندو. ان واقعي مان اندازو ٿئي ٿو تہ ڪهڙي طرح خارجي حالتون ۽ ذهني تاثرات ۾ ڳهري ڪڏهن ڪڏهن صالح ترين انسان کان بہ انتهائي درجي جي غلطي ٿي سگهي ٿي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ان ڳجهي خط جو علم قدرتي ذريعي سان ٿي ويو ۽ پاڻ سڳورن جي موڪليل ساٿين روضہ خاخ واري جاءِ تي پهچي هڪڙي عورت جي چوٽي مان اهو خط ڪڍي ورتو. ايتري وڏي غلطي کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهيءَ ڪري درگذر ڪيو جو حاطب رضہ مخلص هو بدري اصحابي هو. ايمان ۽ حسن ڪردار رکندڙ هو. باقي اها غلطي ان کان بشري تقاضا ڪري ٿي وئي هئي.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڏهن هزارن مجاهدن جو عظيم لشڪر ساڻ ڪري 10 رمضان تي مديني کان روانا ٿيا. پاڻ سڳورن هڪڙي عظيم فوجي جرنيل جي حيثيت سان اهڙو ور وڪڙ وارو رستو اختيار ڪيو جو قريشين جو جيڪو گشتي ٽولو ڏسڻ وائسڻ لاءِ نڪتو هو اهو ڪنهن ٻئي طرف ڀٽڪندو رهيو ۽ مسلمان فوج اوچتو مڪي جي سامهون وڃي پڙلاءُ ڪيو.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جحفہ جي ماڳ تي پهتا تہ سندن چاچو حضرت عباس رضہ ٻارن ٻچن سان گڏ اچي ساڻن مليو. پوءِ ابواء واري جاءِ تي پهتا تہ ابوسفيان بن حارث بن عبدالمطلب (اهو ٻيو ابوسفيان آهي جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو سوٽ ۽ دائي حضرت حليمہ سعديہ جي واسطي سان ٿڃ پياڪ ڀاءُ بہ هو) ۽ عبدالله بن ابي اميہ (جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو ڦڦاٽ ۽ ام المومنين ام سلميٰ رضہ جو ويجهو ڀاءُ هو) حاضر ٿي ملاقات جي اجازت طلب ڪئي. انهن ويجهو مائٽ هوندي بہ اسلام جي مخالفت ڪندي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي جيڪي سخت اذيتون ڏنيون هيون. انهن جي ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پاڻ سڳورن جي سؤٽ ابوسفيان نااميدي جي حالت ۾ چيو تہ جيڪڏهن معافي نہ ملي تہ مان ٻارن ٻچن کي عربستان جي اُلا

وسائيندڙ ريگستان ۾ وٺي ويندس ۽ اسان سڀ اڃ ۽ بک وسيلي مري ينداسين.
حضرت ام سلميٰ رضہ پنهنجي ڀاءُ عبدالله بن ابي اميہ جي سفارش ڪئي ۽ حضرت علي عليہ السلام ۾نهي کي مشورو ڏنو تہ حضرت يوسف عليہ السلام جي ڀائرن جي لفظن ۾ معافي جي گهر ڪن. ايئن انهن وڃي اهو ئي چيو "تَاللّٰهِ لَقَدْ اٰثَرَكَ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَاِنْ كُنَّا لَخٰطِـِٕيْنَ۝" (والله! الله توهان کي اسان تي برتري ڏني ۽ واقعي اسان خطاڪار هياسين. يوسف آيت 91) حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دل انهن لفظن سان پُڄي وئي ۽ پاڻ سڳورن بہ اهوئي حضرت يوسف عليہ السلام وارو جواب ڏنو. لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ؕ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ وَهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ۝ (توهان تي اڄ ڪائي پڪڙ ڪونهي، الله توهان کي معاف ڪري ۽ اهو رحم ڪرڻ وارن مان سڀني کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهي. اليوسف آيت 92)
مرزالظهران جي ماڳ تي پهچي جڏهن فوجي ڪئمپ لڳائي وئي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مصلحت طور حڪم ڏنو تہ هر هڪ مجاهد پنهنجي لاءِ الڳ الڳ باهہ ٻاري. ابوسفيان بن حرب، حڪيم بن حزام ۽ بديل بن ورقا جهڙا اڪابر جاچ جوچ لاءِ نڪتا. مٿانهين کان ڏهہ هزار چُلهن کي روشن ڏٺائون تہ سڪتي ۾ اچي ويا تہ ايترو وڏو لشڪر مڪي جي دروازي تي پهچي ويو آهي. پرسان حضرت عباس رضہ گذريا تہ آواز سڃاڻي ابوسفيان کي سڏ ڪيائين. ڳالهہ ٻولهہ ٿي. حضرت عباس رضہ ٻڌايو تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) پنهنجو لشڪر وٺي اچي پهتو آهي. هاڻي قريشين جو خير ڪونهي. ابوسفيان پڇيو تہ هاڻي ڪهڙو حل آهي. حضرت عباس رضہ چيس تہ مون سان خچر تي ويهي هل تہ هلي حضور (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) سان ڳالهائجي. خچر اڳتي وڌيو تہ فوجي طريقي سان وک وک تي مجاهدن پڇيو تہ ڪير وڃي رهيو آهي؟ حضرت عباس رضہ پنهنجو تعارف ڪرايو ٿي تہ رستو ملي ويو ٿي. ويجهو پهتا تہ حضرت عمر رضہ ڏسي ورتو ۽ ابوسفيان کي سڃاڻي رڙ ڪئي تہ اي الله جا دشمن تون اڄ قابو ۾ اچي ويو آهين. ڊڪندو ڊڪندو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ وڃي ان کي قتل ڪرڻ جي اجازت گهرڻ لڳو. حضرت عباس رضہ بہ خچر کي تيز هلايو. حضرت عمر رضہ پهريان پهچي پنهنجي ڳالهہ ڪئي ۽ حضرت عباس رضہ پنهنجو مؤقف بيان ڪيو تہ مان ابوسفيان کي پناهہ ڏئي وٺي آيو آهيان. ان موقعي تي هي ڳالهہ ٻولهہ ٿي.
رسول الله: ڇو ابوسفيان! ڇا توکي هاڻي بہ يقين ڪونہ ٿيو تہ الله کان سواءِ ڪوئي معبود ڪونهي؟
ابوسفيان: ڪوئي ٻيو خدا هجي ها تہ اسان جي ڪم آيو هجي ها.
رسول الله: ڇا انهي ڳالهہ ۾ ڪجهہ شڪ آهي تہ مان الله جو رسول آهيان.
ابوسفيان: ان ۾ ڪجهہ شڪ شبهو آهي.

بهرحال، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي چاچي حضرت عباس رضہ ان جي ڪمزور نفسيات کي سمجهندي ترغيب ڏيڻ لاءِ چيو تہ هاڻي ڪٿي ڇڏ بہ. سڀاڻي طرح اسلام قبول ڪري وٺ. صبح تائين مڪي جو سڀني کان وڏو اڳواڻ (ليڊر) حالتن کان مجبور ٿي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي چڪو هو. اسلامي ڪئمپ مڪي ۾ فوج جي داخل ٿيڻ کان اڳ ابوسفيان کي اهڙي سهڻي نموني ۾ حراست ۾ رکيو جو ان کي محسوس ئي ڪونہ ٿيو. صبح جو شهر ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ فوج ڪدآء جي رستي کان چڙهائي (مارچ) ڪئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هدايت تي حضرت عباس رضہ ابوسفيان کي هڪڙي ٽڪري تي وٺي ويو تہ جيئن اهو هڪڙو پيرو اسلام جي لشڪر جي عظمت جو منظر ڏسي وٺي. سڀ کان اڳ ۾ غفار پوءِ جُهَينہ بُذَيم سُليم ۽ سڀني کان آخر ۾ انصارن جو دستو پنهنجا پنهنجا عَلم کنيون گذرندا رهيا. ابوسفيان هر دستي جي باري ۾ پڇندو رهيو. سعد رضہ بن عباده ان جاءِ تان گذريو تہ مجاهداڻي جوش ۾ اچي، جنهن جي پس منظر ۾ ڪشمڪش جي وسيع تاريخ موجزن هئي، پڪاريو تہ "اَلْيَوْمَ يَوْمُ الْمَلْحَمَةِ" اڄ گهمسان جو ڏينهن آهي. "اَلْيَوْمَ تُسْتَحَلُّ الْكَعْبَةُ" اڄوڪي ڏينهن تي ڪعبي جي فضا کي مقابلي لاءِ کوليو ويندو. آخر ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سواري سادگي واري شان سان گذري جنهن جي اڳيان اڳيان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو پڪاڻ زبير رضہ بن عوام جهنڊو (عَلم) کڻي هلي رهيو هو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي سعد رضہ بن عباده جي نعري جي خبر پئي تہ هڪدم ان کان عَلم واپس وٺي ان جي پٽ جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ فرمايو تہ "اڄوڪو ڏينهن ڪعبي جي عظمت جو ڏينهن آهي ۽ دعا ۽ وفا جو ڏينهن آهي." ان هڪڙي جملي ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي فاتحاڻي پاليسي جو اعلان ڪري ڇڏيو جيڪا معافي، درگذر ۽ احسان ڪرڻ تي مبني هئي. پوءِ اهو عام اعلان ڪري ڇڏيو تہ جيڪو بہ مسجد حرام ۾ داخل ٿيندو يا ابوسفيان جي گهر ۾ هليو ويندو ۽ جيڪو بہ مقابلي جي لاءِ هٿيار نہ کڻندو ان جي لاءِ امان آهي، بشرطيڪ اهو ڪنهن تعزير جي قابل ڏوهہ جو ڏوهي نہ هجي. پاڻ ابوسفيان ئي مڪي ۾ اڳتي وڌي ان اعلان کي وڏي آواز سان ورجايو. اهو ٻڌي هند ڌي عُتبہ (ابوسفيان جي زال) ان جي مُڇ کي پڪڙي ڇڪيو ۽ رڙ ڪئي تہ اي بنو ڪنانہ! هن ڪم بخت کي قتل ڪري ڇڏيو. هي ڇا بڪي رهيو آهي. اها گاريون ڏيندي رهي. ماڻهو گڏ ٿي ويا. ابوسفيان چيو تہ هاڻي اهڙين ڳالهين مان ڪجهہ بہ حاصل ڪونہ ٿيندو ڇوتہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جو مقابلو ڪرڻ جي هاڻي ڪنهن ۾ بہ همت ڪونهي. جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم شهر اندر داخل ٿيا تہ دنيا جي مڙني فاتحن جي برخلاف الله جي آڏو عاجزي سان سرمبارڪ اهڙي نموني ۾ جهڪيل هو جو سندن پيشاني مبارڪ ڪجاوي کي ڇُهي رهي هئي ۽ زبان فتح سورت جي تلاوت ۾ مصروف هئي.

عڪرمہ بن ابوجهل، صفوان بن اميہ ۽ سهيل بن عمرو خندمہ نالي پهاڙ تي قريشن جي ڪجهہ بيوقوف ۽ چڙواڳ نوجوانن کي گڏ ڪري شرارت لاءِ آماده ڪيو. حماس بن قيس بن خالد بہ انهن سان ملي ويو. بہ اصحابي ڪرز رضہ بن جابر فهري ۽ خنيس رضہ بن خالد بن ربيع لشڪر کان جدا ٿي ڪنهن ٻئي رستي سان وڃي رهيا هئا تہ ان ٽولي ٻنهي کي شهيد ڪري ڇڏيو. خالد بن وليد کي خبر پئي تہ ان هڪدم انهن کي سيڪٽ ڏني. ٻارهن ماڻهو مارجي ويا ۽ باقي ڀڄي ويا جن ۾ حماس بہ شامل هو. اهڙوئي هڪڙو ٻيو ننڍڙو ٽولو شهر ۾ مزاحمت ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيندي ڏسڻ ۾ آيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي معلوم ٿيو تہ حضرت ابو هريره رضہ جي ذريعي انصارن جي دستي کي گهرايائون، انهن کي اهو منظر ڏيکاريو تہ انهن جي شرانگيزي ڏسو ٿا؟ يعني هڪڙي طرف معافي، درگذر ڪرڻ ۽ رحمت جو درياءَ ڇوليون هڻي رهيو آهي ۽ فاتح ڏر رت جو هڪڙو ڦڙو بہ وهائڻ کان پاسو ڪري رهي آهي ۽ ٻئي طرف اهي ڪميڻا آهن، جو انهن کي مياڻ ۾ وڌل تلوار کي لهرائڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا آهن. حڪم ڏنو تہ اهي مزاحمت ڪن تہ انهن جو پوري طرح صفايو ڪيو وڃي. ابوسفيان کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي انهي حڪم جي خبر پئي تہ اهو ڀڄندو ڀڄندو آيو ۽ منٿ ڪئي "يا رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) قريشي اڳ ۾ ئي تباهہ ٿي چڪا آهن. ايئن نہ ٿئي تہ انهن جو نالو نشان ئي دنيا تان مٽجي وڃي." ٿورڙي مزاحمت کان پوءِ شرارتي مارکائي ڪنڊڙي ويا.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ان معافي ۽ درگذرڪرڻ کي ڏسي انصارن مان ڪجهہ ماڻهن اهي چميگويون ڪيون تہ آخر پاڻ سڳورن تي پنهنجي قوم ۽ پنهنجي وطن جي محبت غالب اچي وئي. دراصل انهن کي اهو انديشو ٿيو تہ ڪٿي محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن کان جدا ٿي هاڻي مڪي وارن سان نہ رهڻ لاءِ ترسي پون ۽ اهي پنهنجي محبوب هستي جي قرب کان محروم ٿي وڃن. پاڻ سڳورن انهن کي خطاب ڪيو ۽ فرمايو "الله جو قسم! ائين ڪونهي. مان الله جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهيان. مون الله ڏانهن ۽ توهان ڏانهن هجرت ڪئي. هاڻي منهنجو جيئڻ مرڻ توهان سان گڏ آهي." انصارن تي رقعت طاري ٿي وئي ۽ انهن معذرت ڪئي. الله ۽ ان جي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن جي معذرت قبول ڪئي.

ماڻهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان معلوم ڪيو تہ شهر ۾ رهائش ڪٿي اختيار ڪندا؟ ڇا پنهنجي اباڻي گهر ۾؟ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وڏي درد سان پريل جواب ڏنو تہ عقيل اسان جي لاءِ گهر ڇڏيو ئي ڪٿي آهي جو ان ۾ رهان؟ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو عَلم حجون (جنت المعليٰ) ۾ کوڙيو ويو ۽ ان کي ئي رهائش قرار ڏنو ويو. پهريان پاڻ سڳورا ان ڪاهي (شعب) واري جاءِ تي ويا جتي قبيلي وارن سان قطع تعلقات يا نظربندي وارا ڏينهن گذاريا هئائون. پوءِ حرم ۾ آيا. خاص خاص ساٿين جي هڪڙي جماعت گڏ هئي. حجراسود جو استلام ڪيو. هٿ ۾

ڪمان ڪٺي حرم ۾ نصب ٿيل هڪڙي هڪڙي بت ۾ سان وجي فرمايائون ٿي "حق آيو ۽ باطل مٽجي ويو. ۽ باطل کي تہ ميدان ڇڏڻو ئي آهي." (بني اسرائيل آيت 81) ڪمان جي اشاري سان هڪ هڪ بت ڪري پيو. پوءِ ڪعبي جي ڪنجي گهرائي دروازو کولرايائون. اندر حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام جون تصويرون ٺهيل هيون ۽ انهن جي هٿن ۾ ڦال وجهڻ وارا تير ڏيکاريل هئا. انهن کي ڊاهڻ جو حڪم ڏيندي فرمايائون تہ الله ڪافرن کي غارت ڪري. اهي ٻئي الله جا پيغمبر هئا ۽ انهن ڪڏهن بہ جوا ڪونہ کيڏي هئي. بعد ۾ سندن حڪم سان اهي سمورا بت بہ ٽوڙيا ويا. جيڪي مُدتن کان پرپاسي ۾ نصب ٿيل هئا. پوءِ پاڻ سڳورا نماز ۽ ذڪر ۾ مصروف رهيا. مسجد جي سامهون وڏو هجوم گڏ هو ۽ ماڻهو پنهنجي قسمت جو فيصلو ٻڌڻ لاءِ بيچين هيا. پاڻ سڳورن انهن کي خطاب ڪيو.

"هڪڙي الله کان سواءِ ڪوئي معبود (الہ ) ڪونهي. ان جو ڪوئي شريڪ ڪونهي. ان پنهنجو واعدو سچو ڪري ڏيکاريو. ان پنهنجي ٻانهي کي مدد ڏني. ان ئي اڪيلي سيني لشڪرن کي شڪست ڏني!

اڄ سمورا تڪبر ۽ غرور, خون جون سيئي دعوائون, مال جا سمورا مطالبا منهنجن قدمن جي هيٺان آهن. البت, حرم ڪعبہ جي توليت (متوليت) ۽ حاجين کي پاڻي پهچائڻ وارا عهدا ان کان آجا آهن.

اي قريشيو! هاڻي الله توهان جي جاهليت جي غرور ۽ حسب نسب جي فخر کي مِٽائي ڇڏيو. سيئي انسان آدم جو اولاد آهن ۽ آدم کي مٽي مان پيدا ڪيو ويو."

پوءِ قرآن شريف جي هي آيت پڙهيائون:

"انسانو! مون توهان کي هڪڙي مرد ۽ هڪڙي عورت مان پيدا ڪيو آهي ۽ توهان کي قبيلن ۽ خاندانن ۾ انهيءَ ڪري ورهايو آهي تہ توهان هڪ ٻئي ۾ سڃاڻجي سگهو. ليڪن الله جي ويجهو معزز اهو آهي جيڪو پرهيزگاري ۾ اڳيان اڳيان آهي. بيشڪ الله ڏاهو ۽ خبروار آهي." (الحجرات آيت 13)

پوءِ هڪڙو قانوني اعلان ڪيائون.

"الله شراب جي خريد و فروخت کي حرام ڪري ڇڏيو آهي."

پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سوال ڪيو.

"توهان کي خبر آهي تہ مان توهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ وارو آهيان."

انهن لفظن جي گونجڻ سان ئي ظلم, مڪر, تشدد ۽ خونخواري جي اها سموري گندي تاريخ قريشين جي نظرن سامهون هڪڙي فلم وانگر گذري وئي هوندي, جنهن کي انهن ويهن ايڪويهن سالن ۾ تيار ڪيو هو. انهن جا ضمير ڏرڻ گهرندا هوندا. بيوسي ۽ پشيماني جي حالت ۾ اهي پڪارڻ لڳا: اَخٌ كَرِيمٌ وَ ابنُ اَخٍ كَرِيمٍ. "تون شريف ڀاءُ آهين ۽ هڪڙي شريف ڀاءُ جو پٽ آهين." جواب ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو

آواز آيو. لَاتَثْرِيبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ. اِذْهَبُوْا فَاَنْتُمُ الطُّلَقَآءُ. "توهان تي اڄ ڪائي پڪڙ ڪونهي. وڃو توهان سڀ آزاد آهيو."

ڇا قريشين جي ظلم ۽ جنگ جي تاريخ کي سامهون رکندي ڪوئي شخص به ان جواب جي توقع ڪري سگهي ٿو؟ مگر جيڪو به ان رحمتِ عالم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي شانِ ڪريمي کي سمجهندو هوندو اهو حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کان ان ئي جواب جي اميد رکندو. ڪوئي ٻيو هجي ها ته اڄ آڪڙ مان مڪي ۾ داخل ٿئي ها. هڪڙي واقعي جو انتقام وٺي ها. چونڊي چونڊي انهن ماڻهن کي تلوار جو کاڄ بڻائي ها جنهن ذرو به ڪا زيادتي ڪئي هجي ها. فتح ڪيل شهر ۾ قتلام ڪرائي ڇڏي ها. ماڻهن جو مال ۽ عورتن جون عزتون نيلام ٿي وڃن ها. ليڪن فاتح جيئن ته محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم هئا, انهيءَ ڪري انهن زمين تي قبضو حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ انسانن کي فتح ڪرڻ گهريو ۽ جسمن تي قابو پائڻ کان وڌيڪ دلين کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي, ايستائين جو مهاجرن کي چيو ته اهي پنهنجن پنهنجن گهرن ۽ ملڪيت تان هٿ کڻي وڃن. شانِ لطف و احسان جو ان کان وڏو مظاهرو ڪهڙو ٿيندو ته ڪعبي جي ڪنجي قيامت تائين جي لاءِ ان ئي عثمان بن طلحه جي حوالي ڪئي, جنهن کان هڪڙو ڀيرو دعوت جي ابتدائي دور ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ڪعبي جو دروازو کولڻ جي خواهش ڪئي ته ان سختي سان انڪار ڪري ڇڏيو هو. ان موقعي تي پاڻ سڳورن مستقبل تي نظر رکندي عثمان کي فرمايو هو. "هڪڙو ڏينهن ايندو ته اها ڪنجي منهنجي اختيار ۾ هوندي ۽ مان جنهن کي گُهرندس ان جي حوالي ڪندس." عثمان جي نظر ايتري دور رس ڪٿي هئي. ان چيو هو. "شايد ان ڏينهن قريشين جا سڀئي ماڻهو هلاڪ ٿي چڪا هوندا." پاڻ سڳورن فرمايو هو. "نـا اهو ته قريشين جي مڪمل عزت جو ڏينهن هوندو." ان گفتگو کي ذهن ۾ تازو ڪيو ته تصور اهوئي چوي ٿو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کان علاوه ٻيو ڪير به هجي ها ته پنهنجو اختيار ڏيکارڻ جي لاءِ لازمي طور ڪنجي عثمان کان وٺي ڪنهن ٻئي کي ڏئي ڇڏي ها. ليڪن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ڪعبي جي ڪنجي حاصل ڪرڻ لاءِ بنوهاشم جي طرف کان حضرت علي عليه السلام جهڙي جگري عزيز جي به درخواست تي ڌيان ڪونه ٿا ڏين ۽ ڪعبي جي ڪنجي هميشه جي لاءِ اڳين هٿن ۾ رهڻ ڏين ٿا. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ڪنجي ڏيندي جڏهن عثمان بن طلحه کي سال اڳ واري اها ڳالهه پوڳ ڪندي ياد ڏياري ته اهو پڪارڻ لڳو ته "بيشڪ توهان الله جا رسول آهيو." پاڻ سڳورن فرمايو ته "اڄوڪو ڏينهن نيڪي ۽ وفا جو ڏينهن آهي."

ان کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي حڪم سان حضرت بلال رضه ڪعبي جي ڇت تي چڙهي بانگ (آذان) ڏني. اها آذان ڄڻ ته اسلامي انقلاب جي ڪاميابي جو اعلان هيو. اهوئي ڪعبو جتي الله جي ٻانهن جي لاءِ الله جو نالو پڪارڻ

ڏوهہ ٿي ويو هو ۽ ان کان روڪڻ جي لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ سندن ساٿين کي ڪيترين ئي اذيتون ڏنيون ويون. اڄ ان جي ڇت تان وڏي آواز سان الله جي وڏائي پڪاري وئي ٿي ۽ ڪا طاقت ڪونہ هئي جيڪا رڪاوٽ بڻجي سگهي. ان مهل ابوسفيان بن حرب، عَتاب بن اَسِيد ۽ حارث بن هِشام جهڙا رئيس ڪعبي جي پرسان هڪڙي ڪنڊ ۾ ويٺا پنهنجي هاريل راند جو تصور ڪري رهيا هيا. عتاب سڙيل دل سان چيو تہ چڱو ٿيو جو خدا منهنجي پيءُ اسيد کي اهو آواز ٻڌڻ لاءِ زندهہ ڪونہ رکيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن ماڻهن وٽ ويا ۽ انهن پاڻ ۾ جيڪي ڪجهہ ڳالهيون ڪيون هيون، اهي انهن جي سامهون ورجايائون. اهي شرمسار ٿي ويا.

پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حضرت علي عليہ السلام جي ڀيڻ حضرت ام هاني رضہ جي گهر ۾ غسل ڪري اٺ رڪعتون نماز فتح جي شڪراني طور پڙهي.

فتح جي ٻئي ڏينهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم صفا واري ٽڪري تان بيهر خطاب ڪيو. پهريان الله جي حمد ۽ ثنا ڪئي ۽ پوءِ مختصر جملن ۾ حرم جي حرمت بيان ڪئي ۽ ان کي هميشہ جي لاءِ قائم ڪري ڇڏيو ۽ ان جا احڪام بيان ڪيا. واضح رهي تہ مڪي جي حرمت کي ايتري وڏي انقلابي فتح جي لاءِ صرف هڪڙو ڏينهن (بلڪ پورو ڏينهن بہ نہ) مجبوري ۾ کوليو. ڇو تہ پاڻ سڳورن جي مرضي جي خلاف مڪي جي ڪجهہ بيوقوف ۽ ڇڙواڳ نوجوانن مسلمان لشڪر جي خلاف اڳرائي ڪري انهن کي مجبور ڪري وڌو تہ اهي انهن جو صفايو ڪرڻ لاءِ طاقت کان ڪم وٺن. ليڪن جيئن ئي اها مجبوري ختم ٿي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٻئي ڏينهن حرم جي حرمت کي هميشہ جي لاءِ بحال ڪرڻ جو اعلان ڪرڻ فرمايو.

ائين تہ عام معافي جو اعلان ڪيو ويو هو ۽ ان اعلان دلين کي اهڙو فتح ڪيو جو ڪنهن ۾ بہ مقابلي جي همت ئي ڪونہ رهي، ليڪن خاص ڏوهين جي باري ۾ نالا وٺي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمائي ڇڏيو تہ اهي ماڻهو جتي بہ هٿ اچن، انهن کي قتل ڪيو وڃي. واضح رهي تہ مڪي تي قبضو ڪرڻ ۽ ان کي انتظام هيٺ رکڻ لاءِ ڪجهہ ڏينهن مارشل لا[1] نافذ رهي آهي. يعني سيئي اختيار فوجي ڪمان جي هٿ ۾ هئا

---

[1] جنگ هيٺ علائقي ۾ عام شهري نظام جي مڪمل قيام کان اڳ اسلامي قانون جي حوالي سان هر حال ۾ فوجي قوت جي معرفت ڪنهن حد تائين سخت عبوري نظام قائم ڪيو ويندو آهي ۽ ان نظام ۾ ڪجهہ حڪم ۽ ضابطا معمول جي شهري نظام کان مختلف نوعيت رکندا آهن. منهنجو خيال آهي تہ جديد اصطلاح ۾ ان کي ئي فوجي تسلط (مارشل لا) چيو وڃي ٿو. مارشل لا اسلام جي رو کان خاص طور تي ۽ مُهذب حڪومت هيٺ عام طور تي جنگ واري علائقي ۾ بلڪل اٽڪر حد تائين مختصر عبوري دور جي لاءِ نافذ ٿيندي آهي ۽ اها بہ فتح ڪيل (مفتوح) ۽ دشمنن تي مارشل لا جي نالي سان. ليڪن اسان جي هن دور ۾ ڪنهن ملڪ جي فوج جو پنهنجي ئي ملڪ جي رهواسين کي شهري نظام کان محروم ڪري ڊگهي الٽاتل عرصي تائين ان کي تسلط هيٺ رکڻ بلڪل ٻي صورت آهي ۽ متن ۾ اهو اصطلاح ان نئين مفهوم سان استعمال ڪونہ ڪيو ويو آهي. اسلام ۾ حڪومت جو اهڙو ڪوئي تصور ڪونہ ٿو ملي.

۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فوجين جي سپهہ سالار جي حيثيت ۾ ئي اهو ڪم جاري ڪيو هو جنهن جي نوعيت اهڙي ئي آهي جهڙي اڄ "ڏسڻ سان ئي گولي هڻي ڇڏيو" ("شوٽ ائٽ سائيٽ" - Shoot at sight) جي هوندي آهي. ڏوهين جي ان فهرست ۾ ڪجهہ مردن ۽ ڪجهہ عورتن جا نالا شامل هيا. ليڪن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي معافي ۽ درگذر ڪرڻ واري رحيماڻي صفت انهن مان بہ گهڻن جي جان بخشي ڪري ڇڏي. صرف چئن ڏوهين کي موت جي سزا ڏني وئي. هڪڙي تحقيقي راءِ اها بہ آهي تہ صرف هڪڙي ماڻهو عبدالعزيٰ بن حنظل کي قتل ڪيو ويو. اهو شخص مسلمان ٿيو هيو. پوءِ ان کي صدقا وصول ڪرڻ لاءِ هڪڙي ٻئي مسلمان سان گڏ موڪليو ويو سفر ۾ ئي جهيڙو ٿي پيو ۽ مسلمان ساٿي کي قتل ڪري صدقي جي جانورن کي گڏ وٺي ڀڄي ويو. بہ وڏا فوجداري ڏوهہ ان جي ذمي هيا.

صفوان بن اميہ اسلامي تحريڪ جي ڪٽر مخالفن مان هو ڀڄي نڪتو ۽ يمن ويندي جدي پهتو هو جو عمير رضہ بن وهب جمحي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان معافي جي منظوري وٺي جدي مان واپس وٺي آيس. بعد ۾ اسلام قبول ڪيائين.

عڪرمہ بن ابو جهل بہ يمن ڀڄي ويو هو. ان جي زال امِ حڪيم بنت حارث (جيڪا ابوجهل جي ڀائٽي هئي) پاڻ مسلمان ٿي وئي ۽ پنهنجي مڙس جي لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان معافي جي منظوري ورتائين. پاڻ وڃي ان کي وٺي آئي. عڪرمہ کي جڏهن معافي جي خوشخبري ملي تہ ان کي سخت تعجب ٿيو تہ ان جهڙي مخالف کي بہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) معاف ڪري ڇڏيو. حاضر ٿيو ۽ اسلام قبول ڪيائين.

عبدالله بن سعد بن ابي سرح مسلمان هيو ۽ ان کي وحي لکڻ جو موقعو بہ مليو هو مگر مرتد ٿي مخالف محاذ سان تعاون ڪرڻ لڳو. ايستائين جو توهين ڪرڻ لاءِ اهو بہ چيو تہ وحي تہ دراصل مون تي نازل ٿيندي هئي، محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) تہ مون کان ٻڌي لکرائي وٺندا هئا. ڏوهہ گهڻو وڏو هيو ليڪن حضرت عثمان رضہ طرفان گهڻو اصرار ڪرڻ تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حاڪم اعليٰ جي حيثيت ۾ ان کي معافي ڏئي ڇڏي. معافي کان پوءِ وري اهو مسلمان ٿيو.

مقيس بن صبابہ (ياصباتہ) منافقي طور تي اسلامي جماعت ۾ شريڪ ٿيو ۽ ڌوکي سان هڪڙي انصاري کي قتل ڪري ڀڄي آيو هو. ان ڳالهہ جو سبب اهو هو تہ غلطي سان ان انصاري جي هٿان مقيس جو ڀاءُ مارجي ويو هو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جو ديت ڏياريو هيو. ان جي باوجود ان انصاري کي قتل ڪيو. مرتد ٿيڻ ۽ ڌوکو ڏيڻ کان علاوه اڪيلو قتل جو ڏوهہ ئي موت جي سزا لاءِ ڪافي هو.

هبار بن اسود اهو شخص آهي جنهن ٻين مخالفت وارين حرڪتن کان علاوه حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نياڻي حضرت زينب رضہ تي هجرت جي وقت حملو ڪري ايتري اذيت ڏني هئي جو ان جو ٻار ضايع ٿي ويو. ڀڄريان لڪندو رهيو پوءِ پاڻ ئي پيش ٿي عاجزي سان ڏوهہ جو اعتراف ڪيائين ۽ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ گهڻي شرمساري جو اظهار ڪيائين. ان سان گڏ ڪلمو پڙهي اسلام قبول ڪرڻ جو اعلان ڪيائين. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو: مون هبار کي معاف ڪري ڇڏيو.

حضرت حمزه رضہ جو قاتل وحشي سامهون آيو ۽ اسلام قبول ڪيائين. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کان حضرت حمزه رضہ جي قتل جو احوال ٻڌو. ان جو ڏوهہ بہ معاف ڪيو ۽ ان کي مشورو ڏنائون تہ بس تون منهنجي سامهون نہ ايندو ڪر جو ان سان زخم تازا ٿين ٿا. اهو شخص اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ يرموڪ واري لڙائي ۾ شريڪ ٿيو ۽ ان جو خاص ڪارنامو اهو آهي تہ ان مسيلمہ ڪذاب کي تير سان هلاڪ ڪيو. چوندو هو تہ مون سيني کان سٺي ماڻهو کي قتل ڪري جيڪو گناهہ ڪيو هو، هاڻي سيني کان بڇڙي ماڻهو کي قتل ڪري ان جو ڪفارو ادا ڪري ڇڏيو آهي.

عبدالله بن زِبَعرِي مشهور جاهلي شاعر جنهن شعر جي قوت کي اسلام جي خلاف اشتعال پکيڙڻ ۾ استعمال ڪيو هو پيش پيو ۽ اسلام قبول ڪيائين. ان کي بہ معافي ڏني وئي.

ڪعب بن زهير بہ اسلامي تحريڪ ۽ ان جي داعي جي خلاف ٽوڪ واري (هجويہ) شاعري جو محاذ گرم ڪري رکيو هو. 9 هجري ۾ پنهنجي پاءُ سان گڏ حاضر ٿيو اسلام قبول ڪيائين ۽ تلافي جي لاءِ سچي جذبي سان قصيدو بانت سُعاد ڇپائين. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کي معافي ڏني ۽ پنهنجي چادر انعام ۾ عطا فرمائي.

مڪي ۾ رهڻ وارن ڏينهن ۾ ئي هڪڙو ڀيرو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪعبت الله شريف جو طواف ڪري رهيا هئا تہ فضالہ بن عمير لڪي قتل جي ارادي سان آيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پاڻ ئي ان وٽ وڃي پهتا ۽ ان جي دل جي ڳالهہ ٻڌائي ڇڏي. فضالہ ان پڪڙ تي شرمسار ٿيو. پاڻ سڳورن ان کي استغفار ڪرڻ لاءِ چيو ۽ ان جي سيني تي هٿ گهمايو. هڪدم ان جي دل جي دنيا بدلجي وئي. قتل جو ارادو ڪري اچڻ واري ڏوهي سان اهڙي سلوڪ جي توقع ٻئي ڪنهن کان ڪري سگهجي ٿي؟

عورتن ۾ سيني کان وڏي ڏوهڻ هندبنت عتبہ (ابوسفيان جي زال) هئي، جنهن ڀرپور انداز ۾ مخالفت ڪئي هئي ۽ حضرت حمزه رضہ جي لاش کي چيريو ڦاڙيو (مثلہ ڪيو) هو. بلڪ ان جو جيرو ڪڍي چٻاڙيو هئائين. چهرو لڪائڻ جي لاءِ منهن ڍڪي خدمت ۾ حاضر ٿي. حالتن کان مجبور ٿي اها اسلام قبول ڪرڻ آئي هئي، ليڪن ان مهل بہ

ڏينپائي سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان عجيب عجيب ٽيڏيون ڳالهيون ڪيائين، گفتگو هيئن ٿي.

هند: اي خدا جا رسول! (ﷺ) توهان اسان کان ڪهڙين ڳالهين جو اقرار ڪرايو ٿا؟

رسول الله ﷺ: الله سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪريو.

هند: اهو اقرار توهان مردن کان تہ ڪونهي ڪرايو مگر خير اسان کي اهو بہ منظور آهي.

رسول الله ﷺ: چوري نہ ڪريو.

هند: مان پنهنجي مڙس ابوسفيان جي مال مان ڪڏهن ڪڏهن بہ چار درهم ڪٽي وٺندي آهيان، معلوم ڪونهي تہ اهو بہ جائز آهي يا ناجائز؟

رسول الله ﷺ: اولاد کي قتل نہ ڪريو.

هند: اسان تہ انهن کي ننڍپڻ ۾ پاليو وڏا ٿيا تہ (جنگ بدر ۾) توهان ئي انهن کي قتل ڪري ڇڏيو هاڻي توهان ڄاڻو ۽ اهي!

اهو جهڙو اسلام قبول ڪرڻ هو ظاهر آهي. وري اها گستاخي جي انداز واري گفتگو بيو ڪير بہ هجي ها تہ ان کي گوارا نہ ڪري ها.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اٿاهہ بردباري هئي، جنهن مان هند ناجائز فائدو وٺي رهي هئي.

فرتنا بن خطل جي هڪڙي ٻانهي هئي جيڪا رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف ٽوڪ واري (هجويہ) شاعري ڳائيندي هئي. فتح جي وقت ڀڄي وئي. بعد ۾ توبهہ ڪيائين ۽ اسلام ۾ داخل ٿي.

هڪڙي عورت قصاص جي سلسلي ۾ قتل ٿي وئي.

ڪجهہ مردن ۽ عورتن جي باري ۾ حديث ۽ سيرت جي ڪتابن جي روايتن ۾ گهڻو اختلاف آهي، ليڪن قطعي طور سان انهن مان ڪنهن کي موت جي سزا ملڻ ثابت نٿي ڪري سگهجي.

اهڙن ڪٽر دشمنن جي لاءِ اهڙي عام معافي جو مثال اهڙي درجي واري ڪامل فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن ٻئي جي زندگي مان تاريخ پيش نٿي ڪري سگهجي.

مڪي جي سرزمين جي فتح کان وڏيڪ عظيم فتح اها هئي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم صفا جي ٽڪري جي چوٽي تي ويٺا هئا ۽ ماڻهو ٽولن جي صورت ۾ اچي اسلام قبول ڪري رهيا هيا. ان زماني ۾ رائج ڪجهہ خرابين کان پاسو ڪرڻ جو واعدو بہ ورتو پئي ويو. بيعت جا جُزا هي هيا.

0 مان الله سان ڪنهن کي، ان جي ذات، ان جي صفتن، ان جي عبادت ۽ ان جي واهر ڪرڻ جي استحقاق ۾ شريڪ ڪونہ ڪندس.

0 چوري ڪونہ ڪندس، زنا ڪونہ ڪندس، ناحق قتل ڪونہ ڪندس، نياڻين کي قتل ڪونہ ڪندس، ڪنهن تي بهتان نہ مڙهيندس.

0 چڱن عملن (معروف) جي دائري ۾ حسبِ استطاعت الله جي رسول جي اطاعت ڪندس.

پندرهن ڏينهن يا ڪجهہ گهٽ وڌ رهڻ کان پوءِ جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مڪي مان روانا ٿيا تہ اصل تعميري ڪم جي لاءِ حضرت معاذ رضہ بن جبل کي مقرر ڪيو تہ اهو ماڻهن کي اسلامي نظام حيات، اسلامي عقيدا، اسلامي اخلاق، اسلامي قانون ۽ اسلامي ثقافت جي تعليم ڏئي. اسلامي عدالت جو نظام پاڻ سڳورن جي پنهنجن هٿن سان حد جاري ڪرڻ جي ان مشهور واقعي سان ٿيو جنهن ۾ فاطمہ بنت ابي اسد کي چوري جي ڏوهہ ۾ وڏي سفارشي دباءُ کي رد ڪري هٿ ڪپڻ جي سزا ڏني وئي. حنين ۽ طائف کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ مڪي اچي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم عتاب بن اسيد کي نائب حاڪم مقرر ڪيو ۽ ان جي لاءِ هڪ درهم روزانو معاوضي طور طئي ڪيو.

## ڪجهہ اهم اشارا:

1. مڪي جي فتح اسلامي تحريڪ جي تاريخ جو عظيم ترين واقعو آهي. هاڻي مطلب تہ حق جي نظام جي رستي مان سيني کان وڏي مقابلو ڪندڙ طاقت هٽي وئي هئي. اهو عربستان جي قديم جاهلي قيادت جو اهم مرڪز هو ۽ ان قيادت جو جيستائين صفايو نہ ٿئي ها ۽ ماڻهن جي ذهني وابستگي جو اهو قديمي محور جيستائين جاءِ تان نہ هٽي ها تہ ممڪن ئي نہ ٿئي ها تہ اسلامي انقلاب جي رو پوري رفتار سان اڳتي وڌي سگهي ها. جڏهن جاهلي قيادت جو جهنڊو جُهڪي ويو تہ پوءِ جاهلي نظام جو برقرار رهڻ ۽ جاهليت جي چوڌاري عوام جو چنبڙيو رهڻ ممڪن ڪونہ رهيو.

عوام الناس جا گهڻا ئي مونجهارا مڪي جي فتح ختم ڪري ڇڏيا. گهڻا قبيلا اسلام ڏانهن وڌڻ کان انهيءَ ڪري معذور هيا جو قريشين سان يا تہ انهن جا ساٿاري وارا تعلقات هيا يا معاشي طور تي اهي انهن جا ڳيجهو يا قرضي هيا، يا انهن جي سماجي برتري کان رعب ۾ ورتل ۽ مذهبي لحاظ کان انهن جي پروهتي کان جادو ۾ ورتل هيا. جڏهن قريشين جي عظمت جو بُت پوراپورا ٿي ويو تہ انهن جا رستا صاف ٿي ويا.

گهڻن عوامي حلقن ۾ اهو اعتقاد ويٺل هو تہ مڪي ۾ صرف اهو ئي غالب رهي سگهي ٿو جنهن کي خدا جي تائيد حاصل هجي ۽ جيڪا طاقت حق تي نہ هوندي ان کي مڪي ۾ فروغ حاصل نٿو ٿي سگهي. اهڙو اعتقاد ابرهہ جي حملي کان پوءِ گهڻو مضبوط ٿي ويو هو. ماڻهو ائين سمجهندا هيا تہ قريشي مقبول الاهي آهن، انهي ڪري ئي ماڻهو

چوندا هيا تہ "اُتْرُكُوْهُ وَ قَوْمَهُ فَاِنَّهُ اِنْ ظَهَرَ عَلَيْهِمْ فَهُوَنَبِيٌّ صَادِقٌ" (ان کي پنهنجي قوم سان نبرڻ ڏيو جيڪڏهن ان پنهنجي قوم کي زير ڪري ورتو تہ اهو سچو نبي آهي) ان اعتقاد جي مطابق ئي هاڻي عام راءِ جو مرڪز اسلامي تحريڪ ٿي وئي. نہ صرف مڪي جي ماڻهن، بلڪ پرپاسي وارن قبيلن جي وفدن اچي خوشي سان پنهنجو پاڻ کي اسلامي تحريڪ جو خادم ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو پيروڪار بڻايو.

هاڻي دعوتي ۽ تعليمي ڪم جي لاءِ ميدان بلڪل صاف ٿي ويو ۽ هڪ هڪ مسلمان جي لاءِ هر طرف موقعو نڪري آيو تہ اهو حق جي تحريڪ جو پيغام عوام تائين پهچائي. هاڻي ڪوبہ رڪاوٽ وجهڻ وارو ڪونہ هو.

2. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن مڪي جي لاءِ مهم وٺي هليا تہ شروع کان ئي اهڙيون تدبيرون ڪيائون تہ رتوڇاڻ نہ ٿئي. پنهنجي ارادي کي ڳجهو رکي سفر ڪيو ۽ قريشن کي ڪنهن تياري ۽ پرپاسي کان ڪا مدد حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ کان سواءِ هڪدم مڪي جي دروازي تي وڃي پهتا. ائين مخالف طاقت جيڪا اڳ ئي حد کان وڌيڪ ڪمزور ٿي چڪي هئي، بلڪل هڪي ٻڪي ٿي وئي. پوءِ ابوسفيان کي جنهن جي ذهني شڪست جي شروعات گهڻو اڳ ٿي چڪي هئي، مناسب تدبيرن سان بلڪل رعب ۾ آندو ويو. ابوسفيان جي جُهڪي وڃڻ جي ڪري ڪوئي موقعو ڪونہ رهيو تہ مڪي وارا مقابلو ڪن. اهوئي مقصد هو جنهن هيٺ پاڻ سڳورن هڪڙي فوجي آفيسر (سعد رضہ بن عباده) کي محض هڪڙو سخت نعرو هڻڻ ڪري دستي جي ڪمان کان الڳ ڪري ڇڏيو ۽ مڪي وارن کي اطمينان ڏياريو تہ اڄوڪو ڏينهن ڪعبي جي حرمت جو ڏينهن آهي.

3. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تحريڪ جي ڪٽر دشمنن ۽ خود پنهنجي ذات تي ۽ پنهنجن پيارن ساٿين تي ڪيترن سالن تائين ظلم ڪرڻ وارن، ٺٺول ڪرڻ وارن، غلاظت اڇلائڻ وارن، رستي ۾ ڪنڊا وڇائڻ وارن، قيد ڪرڻ وارن، قتل جي سازش ڪرڻ وارن، وطن مان ڪڍڻ وارن، پوءِ تلوار کڻي جنگ جي ميدان ۾ لهڻ وارن جا گندا ۽ سنگين ڏوهہ بلڪل وساري ڇڏيا ۽ عام معافي جو اعلان ڪري ڇڏيو. سختي جي بجاءِ نرم پاليسي جو مقصد ظاهر ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم دنياوي فاتح ڪونہ هئا جو ڏاڍ ۽ طاقت سان ڪجهہ ماڻهن کي محڪوم بڻائي ڇڏڻ ۽ ڏنڊي جي زور تي ڊيڄاري ڌمڪائي انهن کي پنهنجن حڪمن جو پابند بڻائي ڇڏڻ ڪافي هجي ها. پاڻ سڳورا هڪڙي دعوت، هڪڙي مقصد (مشن)، هڪڙي اخلاقي تحريڪ ۽ هڪڙي پاڪيزه نظام جا علمبردار هئا. پاڻ سڳورن جي مقصد جي لاءِ اهڙا فتح ڪيل ماڻهو بيڪار هيا جن کي ماري ڪُٽي اطاعت ۾ ورتو ويو هجي. پاڻ سڳورن کي دلين جي تبديلي جي ضرورت هئي. دلين جي تبديلي هميشہ نرمي ۽ احسان ۽ معافي جي صورت

۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي. پاڻ سڳورن جو مقصد تڏهن پورو ٿي سگهيو ٿي جڏهن مڪي وارا شرمسار ۽ پشيمان ٿي نئون دور شروع ڪن. نظريہ حق ۽ تعميري نصب العين رکڻ واري هڪڙي هستي جي لاءِ ڪا ٻي فاتحاڻي پاليسي قابل عمل ڪونہ هئي. محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نظر اصل ڳالهين جي ان حقيقت تي هئي تہ قريشي بهرحال عربن ۾ قيادت ڪرڻ جي لاءِ موزون ترين تجربي ڪار ڏُر آهن. اهي قبيلا عربستان جي وکريل ورقن کي ڳنڍڻ واري انتظام جي لاءِ هڪڙو اهڙو مضبوط بنڌڻ آهن جو جيڪڏهن ان کي ضايع ڪيو وڃي تہ آساني سان ڪو ٻيو بدل فراهم نٿو ڪري سگهجي. اصولي طور تي اهو اسلامي نظريو برحق ۽ واجب القبول آهي تہ اڳواڻي ۽ قيادت جو حقدار اهو آهي جيڪو ايمان ۽ تقوا ۾ اڳيرو هجي، مگر ايمان ۽ تقوا سان گڏ قيادت جي ذهني ۽ عملي صلاحيتن جو هجڻ بہ هڪڙي ڪليل عقلي ضرورت آهي. ان ڪم جي لاءِ اثر رسوخ گُهرجي. حڪمراني ۽ ڪمان ڪرڻ جو تجربو گهرجي، تدبير ۽ مصلحت جو شعور گهرجي. زبان ۽ ٻين قوتن کان ڪم وٺڻ جي مهارت گُهرجي. نفسيات عامہ جي سڃاڻپ گهرجي. پوءِ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ قيادت ڪرڻ وارا اهي فرد يا ڏُريون (عناصر) ڪامياب تڏهن ٿي سگهن ٿا جڏهن انهن جي برتري عوام ۾ پهريان کان مڃيل هجي ۽ عام راءِ جي سرزمين ۾ انهن جون پاڙون پختيون هجن. ڪنهن بہ قيادت جو وڻ هوا ۾ بيهي نٿو سگهي. قريشين جي قيادت جون صلاحيتون جاهليت جي تابع هيون تہ اسلام جي نظر ۾ مسترد هيون، ليڪن هاڻي جڏهن اهي اسلام جي هيٺ اچي ايمان ۽ تقوا جو جوهر حاصل ڪري سگهيون ٿي تہ هاڻي اهي وڏي بهار وارو اثاثو هيون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فاتحاڻي سلوڪ جي پوري پاليسي ان مقصد موجب ٺاهي تہ اسلامي نظام ۽ اسلامي تحريڪ کي اڳواڻ (ليڊر) ۽ ڪارائتا فرد قريشين مان ملي سگهن. ڏاڍ سان آڻ ميڙايل ۽ ذليل ڪيل قريشي ان ضرورت کي پورو ڪري ڪونہ سگهن ها.

4. ڪنهن بہ دنياوي سياست جي علمبردار کان توهان اهڙي خداپرستي جي شان جي توقع نٿا ڪري سگهو جنهن جو نمونو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پيش فرمايو. فاتح جي حيثيت ۾ شهر ۾ داخل ٿين ٿا تہ ڪوئي دهل شرناءِ ڪونهي، ڪوئي فخر ۽ غرور ڪونهي، ڪائي دعوا ڪونهي، بلڪ مورڳو "وَادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا" جي تعميل ۾ سر بارگاهہ الاهي ۾ شڪر ڪندي جهڪي وڃي ٿو الله جي حمد جا ترانا زبان مان جاري ٿي وڃن ٿا. نعرو بہ زبان تي اچي ٿو تہ الله جي وڏائي (الله اڪبر) جو اچي ٿو. آذانون، نمازون ۽ دعائون مڪي جي فضا کي نور سان ڀري ڇڏين ٿيون. پنهنجو ڪوبہ مفاد حاصل نٿو ڪيو وڃي، بلڪ پنهنجي ۽ مهاجرن جون ملڪيتون جيڪي قريشين ظالماڻي طريقي سان ڦٻائي ڇڏيون هيون، اهي بہ انهن جي قبضي ۾ رهڻ ڏنيون وڃن

ٿيون. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ذات تي ڪجهه غيرمنصفاني عادت رکندڙ تنقيد ڪندڙن جن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي اسلامي تحريڪ جي خدا پرستاڻي رنگ کي محض مصلحت جو مظهر قرار ڏنو آهي، بلڪ ڪجهه ته کلم کلا ان کي (نعوذ بالله) هڪڙو ڍونگ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهن ڪڏهن به غور ڪونهي ڪيو ته ڍونگ ڪرڻ وارن کي جڏهن ڀرپور ڪاميابي حاصل ٿي ويندي آهي ته پوءِ سمورو پول کلي ويندو آهي ۽ مصلحت جو ڪچو رنگ اُڏي ويندو آهي. خدانخواسته هي ڪو سياسي ڍونگ هجي ها ته مڪي جي فتح اهو موقعو فراهم ڪري ڇڏيو هو تڏهن اصل حقيقت کلي وڃي ها ۽ الله جي وڏائي پڪارڻ وارا ان ڏينهن پنهنجي وڏائي جو اعلان ڪندي ڏٺا وڃن ها. مگر اتي حال اهو هو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پنهنجي فتح واري خطاب (خطبي) ۾ ڪاميابي جو سمورو ڪريڊٽ الله تعاليٰ کي ڏين ٿا ۽ فرمائين ٿا ته "ان (الله) پنهنجي ٻانهي جي مدد ڪئي."

5. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم مڪي جي فتح جي موقعي تي نه صرف سياسي ڏوهه معاف ڪري ڇڏيا، بلڪ ڪجهه ماڻهن جا اهڙا قانوني ڏوه . جن جو قصاص وٺڻ گهربو هو ان جي به معافي ڏئي ڇڏي. انهن مثالن کي نظر آڏو رکي قانوني نقطه نظر سان دور حاضر جي حالتن ۾ اهو سوچڻ گهرجي ته اسلامي نظام ۾ صدر مملڪت سزائن ۾ معافي يا گهٽتائي ڪرڻ جو اختيار ڪيترو حاصل ڪري سگهي ٿو.

## مڪي جي فتح جي تڪميل:

مڪي جي فتح صحيح معنيٰ ۾ فتح نه هجي ها ۽ ٿئي ها ته ان کي قائم رکڻ مشڪل ٿئي ها جيڪڏهن مڪي جي ڀرپاسي ۾ قريشين جي پراڻن حمايتين ۾ گهٽو ڪري هڪجيترو مان شان رکڻ وارن مضبوط قبيلن جا ڳڙهه به فتح نه ٿين ها. مڪي جي جاهلي قيادت جتي بجاءِ خود هڪڙو وزن رکندي هئي، اتي ان جي مضبوطي ۾ بنوهوازن، طائف وارن ۽ بنوثقيف جو به وڏو حصو هو. اهي چئو ته هڪڙي ئي ٽڙ جون شاخون هيون. عربن جي مقابلي ۾ مڪي جي ڀرپاسي ۾ رهندڙ اهي قبيلا به قائداڻو مرتبو رکندڙ هيا، توڙي جو قريشين جي سامهون اهو مرتبو ثانوي نوعيت جو هو. مڪي وارن سان انهن جا ساٿاري وارا تعلقات به قديم هيا. انهن جو معاشي رابطو گهرو هو. جنگي ضرورتن ۾ به اهي اڪثر هڪ ٻئي جا ساٿي هيا ۽ ثقافت (ڪلچر) جي اعتبار کان به اهي مٿانهين طبقي جا ماڻهو هيا. مڪي جي فتح جيڪڏهن رتوڇاڻ کان سواءِ ٿي ته بلڪل معجزاتي طور تي ٿي. ورنه ٿيڻي اها ڳالهه هئي ته بنوهوازن، بنوثقيف ۽ طائف وارا سڀ جا سڀ گڏجي قريشين جي قيادت جو بچاءُ ڪن ها. ان صورت ۾ اها لڙائي هڪڙي انتهائي سنگين مهم ٿي وڃي ها. مگر نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جون

تدبيرون اهڙيون ماهراڻيون هيون، جو مڪي وارن کي پرپاسي کان ڪو تعاون حاصل ڪونہ ٿي سگهيو ۽ اهي اڪيلا زد ۾ اچي ويا.

هوازن قبيلي جي سردارن کي اڳ ۾ ئي اندازو هو تہ ڇا ٿيڻ وارو آهي. بدر کان جنهن لڙائي جي شروعات ٿي هئي، ان جي تڪميل جو باب اڃا سامهون اچڻ باقي هو. وري قريشين طرفان حديبيہ واري معاهدي کي ختم ڪرڻ ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان شرط ڪٽي اچڻ واري قاصد کي مڪي مان موٽائي ڇڏڻ ۽ پوءِ ابوسفيان جو معاهدي کي ورجائڻ (تجديد) ۾ ناڪام ٿيڻ ـــــ واقعن جي انهي پوري سلسلي سنا آثار نٿي رکيا. تنهن ڪري بنوهوازن قبيلي جي سردارن سال کن کان طاقت گڏ ڪرڻ جي مهم شروع ڪري رکي هئي ۽ انهن ٻين قبيلن ۾ گشت ڪري اسلام جي خلاف جذباتي رجحان پيدا ڪري ڇڏيو هو. مگر جڏهن وقت آيو تہ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پراسرار نقل وحرڪت کان انهن کي سخت غلط فهمي ٿي. بنوهوازن سمجهيو تہ رخ انهن طرف آهي. انهن پنهنجي ئي علائقي ۾ فوج گڏ ڪئي ۽ جوش و خروش سان تياريون ٿيڻ لڳيون.

هوڏانهن واقعن جي رواني انهن جي اندازن جي خلاف ڪنهن ٻي صورت ۾ ظاهر ٿي. اهي پنهنجي جاءِ تي ويٺا رهيا ۽ مڪي طرفان آڻ مڃي هٿيار ڦٽو ڪرڻ جهڙو عظيم تاريخي حادثو وڏي آرام سان واقع ٿي ويو. مڪي جي فتح جو اثر ٻين قبيلن تي تہ اهو پيو جو انهن جا وفد نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ اچي اسلامي تحريڪ جي دامن جي پاڇي ۾ داخل ٿيندا ويا. ليڪن بنوهوازن ۽ بنوثقيف تي مڪي جي فتح جو اثر ابتو پيو. ڇو تہ هڪڙي طرف انهن کي پنهنجي افرادي گهٽائي، پنهنجي معاشي طاقت ۽ پنهنجي جنگي مهارت تي گهڻو ڀروسو هو ۽ ٻئي طرف اسلامي انقلاب جي رد عمل ۾ مسلسل مخالفت ۽ دشمني واريون ٻئي ڪارروايون ڪرڻ جي ڪري هاڻ اهي پنهنجي مزاحمت واري شان جي تڪميل تي مجبور هيا. انهن آخري لڙائي وڙهڻ جي لاءِ پنهنجي سموري طاقت حنين يا اوطاس نالي وادي ۾ (طائف ۽ مڪي جي وچ ۾) گڏ ڪري ورتي هئي. صرف بنو ڪعب ۽ بنو ڪلاب وارن پوري طرح علحدگي اختيار ڪئي هئي.

سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي بنوهوازن جي انهن تيارين جو حال معلوم ٿيو. پاڻ سڳورن عبدالله بن ابي حدرد کي جاسوس طور موڪلي صحيح معلومات حاصل ڪئي. هاڻي مقابلي جي لاءِ تياري ٿيڻ لڳي. جنگي ضرورتن جي لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم عبدالله بن ربيعہ کان 3 هزار درهم جي رقم قرض ورتي ۽ مڪي جي رئيسن صفوان بن اميہ کان جنگي اسلحو (خاص طور تي 100 زرهون) اڌارو ورتو. ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪنهن غيرمعمولي جنگي تياري سان ڪونہ نڪتا هئا ۽ پاڻ سڳورن کي ٻهريان کان ڪنهن رتوڇاڻ جو

خيال ڪونہ هو. موقعي تي نين تيارين جي ضرورت پيش آئي. ڪيترو قيمتي واقعو آهي تہ هڪڙي فاتح جنهن ملڪي سطح تي قريشين کي آڻ مڃرائي ورتي هئي ۽ جيڪو انهن کان مال ۽ اسلحو طاقت جي زور تي وٺي سگهيو ٿي، ان کي ان عظمت واري مقام تي هوندي بہ اخلاقي اصولن جو ايترو خيال هيو جو جيڪو ڪجھہ بہ ورتائين قرض ۽ اوڌر طور ورتو. اسلامي تحريڪ جو امتيازئي ان جو اهو اخلاقي روح آهي.

شوال 8 هجري ۾ اسلامي فوج ٻارهن هزارن جي تعداد ۾ مڪي مان رواني ٿئي ٿي. انسان بهرحال انسان آهي. حق جي انهن سپاهين جي دلين ۾ ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان اهو تاثر اڀريو تہ اڄ اسان مڪي جا فاتح آهيون. اسان جو تعداد گهڻو آهي ۽ اسان وٽ جنگي سامان وافر مقدار ۾ آهي. ظاهري ڳالهہ آهي تہ اهڙو احساس ڪمزور ڪرڻ جو ئي سبب ٿيندو آهي. انهن ماڻهن کي اهو خيال ڪونہ رهيو تہ اهي حقيقي شهنشاهہ جا سپاهي آهن، جنهن کي پنهنجن ٻانهن جو رتي برابر بہ غرور پسند ڪونهي. غرور الله ۽ ٻانهن جي وچ ۾ لوهو پردو بڻجي ويندو آهي ۽ تائيد الاهي جي اها بي تاب تمنا باقي ڪونہ رهندي آهي، جيڪا ڪنهن بہ اسلامي لڙائي جي جان هوندي آهي. ان تاثر تي ڪجھہ گهڙين جي لاءِ اهڙي پڪڙ ٿي جو تاريخي يادگار بڻجي وئي ۽ قرآن شريف انسانذات جي لاءِ ان کي عبرت جو سبق بڻائي ڇڏيو. ٽيوائين تہ ملسمان فوج ۾ هن دفعي مڪي مان هڪڙي نئين ڌُر (عنصر) شامل ٿي هئي. مقدمة الجيش ۾ خالد بن وليد جي ڪمان هيٺ نومسلم نوجوان هيا، جن جوش مان پوري طرح مسلح ٿيڻ کان بہ بي نيازي ڪئي. ان کان علاوه، مڪي جا ٻہ هزار آزاد ڪيل (طلقاءَ) ماڻهو هيا، جيڪي اسلامي حڪومت جا مطيع تہ ٿي چڪا هيا پر اڃا تائين اسلام مان بهره مند ڪونہ هيا. مخالف ڌُر جي فوقيت جو سبب اهو هيو تہ اهي جنگي فن جا انتهائي ماهر ۽ تير اڇلائڻ ۾ پوري عربستان ۾ مڃيل نشاني باز هيا. انهن اڳ ۾ ئي ميدان جي بهتر حصي تي قبضو ڄمائي ورتو هيو. مناسب مورچا سنڀالي ڇڏيا هيا ۽ دڙن، ڪاهين (لَڪَن) ۽ غارن ۾ تير اندازن جا دستا لڪائي ويهاريا هيا.

پهرين ئي حملي ۾ جڏهن اوچتو هرطرف کان تيرن جو وسڪارو ٿي ويو ۽ مقدمة الجيش ٽڙي پکڙي ويو تہ ان سان گڏوگڏ گهٻراهٽ ۾ اسلامي فوج جا سڀ دستا ڇڙوڇڙ ٿيڻ لڳا. هڪڙو وقت آيو جو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي جاءِ تي بلڪل اڪيلا رهجي ويا. اهو لمحو انهن گهڙين مان هڪ آهي، جن جي نزاڪت حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي همت ۽ مڙسي، ۽ يقين ۽ اعتماد جي شاهدي پيش ڪئي آهي. همت سان ساٿين کي سڏ ڪيائون ۽ سواري تان لهي جلال سان پريل انداز ۾ فرمايائون.

أَنَا النَّبِيُّ لَا كَذِبْ      أَنَا ابْنُ عَبْدِ الْمُطَّلِبْ

سندن چاچي حضرت عباس رضہ پرسان ئي رڙ ڪئي.

ايترو پڻ سان هرطرف کان مسلمان ڊوڙندا آيا ۽ پنهنجي طاقت جي مرڪز جي چوڌاري گڏ ٿي ويا. پوءِ جو ويڙهہ ڪيائون تہ اک ڇنڀ ۾ نقشو ئي بدلجي ويو. دشمن جا ستر ماڻهو مارجي ويا ۽ جڏهن انهن جو علمبردار قتل ٿي ويو تہ انهن جا پير اکڙجي ويا. شڪست کاڌل فوج جو هڪڙو حصو اوطاس واري قلعي ۾ وڃي لڪو. ابوعامر اشعري ننڍڙو دستو وٺي ويو. دشمن ڪيترن ئي هزارن تي مشتمل هيو. ابوعامر اشعري پاڻ شهيد ٿي ويو ليڪن اسلامي دستي راند ڪٽي ورتي.

طائف گهڻو محفوظ ماڳ هيو ڇو تہ ان جي چوڌاري ديوار ڏنل هئي. ديوار جي مرمت ڪئي وئي هئي. پوري سال جو سامان اڳ ۾ ئي گڏ ڪيل هيو. اسلحو بي انداز هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو اصل حدف اهوئي مرڪزي مقام هيو ليڪن ترتيب اهڙي اختيار ڪيائون جو طائف وارن کي بنوهوازن جي مدد کان پهريان محروم ڪيائون. البتہ شڪست کاڌل ماڻهو اتي اچي ويا هيا. رستي ۾ ليہ نالي ننڍو قلعو بہ ڊاهي ڇڏيائون. طائف تي حملو اهڙي رُخ کان ڪيو ويو جتان طائف وارن کي گمان ۾ بہ ڪونہ هوندو. خالد بن وليد هڪڙو دستو وٺي پهريان روانو ٿيو. بعد ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بذات خود پوري فوج وٺي پهتا. اهو پهريون موقعو هو جو قلعي کي ٽوڙڻ لاءِ اسلامي فوج منجنيق ۽ دبابا استعمال ڪيا (حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪجھ ماڻهن کي جرش نالي ڳوٺ ۾ قلعن کي ٽوڙڻ وارن ڳرن اوزارن جي متعلق تربيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ موڪليو هو جرش انهن اوزارن جي صنعت جو مرڪز هو ۽ گهڻو ڪري يهودي ان صنعت تي قابض هئا) ليڪن اندران سپاهين تي طوفاني تير اندازي سان گڏوگڏ قلعي کي ٽوڙڻ وارن اوزارن کي نقصان پهچائڻ جي لاءِ گرم لوهيون شيخون اڇلايون ويون. مسلمان سپاهي گهڻائي ۾ زخمي ٿيا ۽ فوج کي پوئتي هٽڻو پيو.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم نوفل بن معاويہ سان خاص طور تي مشورو ڪيو. ان اهو دلچسپ جواب ڏنو تہ لومڙي ٻر ۾ گهڙي وئي آهي، ڪوشش جاري رکو تہ قابو ۾ اچي ويندي ۽ جيڪڏهن ان کي ان جي حال تي ڇڏي ڏيو تہ ڪو وڏو انديشو بہ ڪونهي. ان درست مشوري جي روشني ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سوچيو تہ طائف اسلام جي فتح ڪيل علائقي جي وچ ۾ هڪڙو مخالف جزيرو بڻجي تہ رهي ڪونہ ٿو سگهي، ان کي جيڪڏهن هن وقت فتح ڪيو ويو تہ بہ طرفو نقصان ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڇڏي ڏنو تہ حالتون طائف وارن جي دل ۾ اطاعت جي رضاڪارانہ جذبي کي اڀاري ڇڏينديون. بلڪ دلين جا دروازا اسلام جي انقلابي نظرئي جي لاءِ کلي ويندا. تنهنڪري پاڻ سڳورن دين جي مصلحت ۽ طائف وارن جي ڀلائي کي نظر ۾ رکندي گهيراءُ ختم ڪري ڇڏيو. اهو هڪڙو واضح ترين ثبوت آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي رتوڇاڻ کان بچڻ جو ڪيترو فڪر هوندو هو.

ساڻين چيو تہ توهان انهن جي لاءِ بددعا ڪيو مگر پاڻ سڳورن اها دعا ڪئي تہ "اللّٰهُمَّ اهْدِ ثَقِيْفًا وَائْتِ بِهِمْ" (اي الله! بنوثقيف وارن کي سچائي جي هدايت ڪر ۽ انهن کي اسان سان شامل ڪر). اها دعا طائف جي انهن رهواسين لاءِ ڪئي پئي وئي جن پٿر هڻي هڪڙي ڏينهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي رت سان پنهنجين گهٽين جي مٽي کي ڳاڙهو ڪيو هو. اها دعا بہ رحمت سان ڀريل ان ذهن جي ترجماني آهي جنهن طاقت کان جتي بہ ڪم ورتو تہ مجبوري کان لاچار ٿي ورتو. مگر جنهن معافي ڏيڻ ۽ احسان ڪرڻ جا درياءَ وهائڻ ۾ ڪٿي بہ ڪوتاهي ڪونہ ڪئي.

جعرانہ ۾ بيشمار مال غنيمت 24 هزار اٺ، 40 هزار ٻڪريون، 4 هزار تولا چاندي گڏ هو. ان مان قرآني قانون جي مطابق پنجون حصو معاشري جي مسڪين ماڻهن ۽ اجتماعي ضرورتن جي لاءِ بيت المال ۾ ورتو ويو ۽ باقي فوج ۾ ورهايو ويو. ان ڳالهہ کان علاوه تہ اها صورت دشمن جي مالي ۽ جنگي طاقت کي گهٽائڻ جو ذريعو هئي، زمانن کان گڏ ٿيل دولت جي جميل ندي کي ڦهريون دفعو ڪليل وهڪري جو موقعو مليو ۽ اوچي ۽ غريب قبيلن جي پراڻي معاشي عدم توازن جو ازالو ٿيڻ لڳو.

قرآن شريف دليون وٺڻ (تاليفِ قلب) لاءِ جيڪو پاڳو رکيو آهي، ان موجب حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مڪي جي رهواسين ۽ انهن جي سردارن کي دل کولي گهڻو مال ڏنو. مقصد اهو هو تہ انهن جي زخمن تي مرهم رکي سگهجي. ان وقت آسمان جي هيٺان انهن کان وڌيڪ نصيب ڦٽل ڪير هيو. جن جي قيادت جا تخت اونڌا ٿي ويا هيا ۽ جن جي لاءِ تاريخ جي سموري فضا رنگ ئي تبديل ڪري ڇڏيو هيو. انهن جي احساس جو عالم ڪهڙو هوندو جڏهن اهي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا مٽ مائٽ هوندي پوين صفن ۾ بيٺا هيا ۽ انصار ۽ مهاجر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺل هئا. قانون الاهي جي عدالت ويهہ سال پراڻي مقدمي جو فيصلو ٻڌايو ۽ ان مقدمي ۾ پنهنجو سڀ ڪجهہ لڳائي قريشي مڪمل طور تي هارائي ويا هيا. ان ڏينهن کان وڌيڪ ڏک ۾ ٻيو ڪير هوندو. انهن جي زخمن تي جيڪڏهن احسان جي مرهم نہ رکي وڃي ها تہ انهن جون ٽيسون وري ديهيل انتقامي رو پيدا ڪنديون رهن ها ۽ اهي بي دلي سان مطيع رهي اسلامي رياست جي مقصدن کي اندران ئي اندران غارت ڪرڻ جو سبب ٿين ها. ڪهڙو عجيب ماحول هوندو ۽ ابوسفيان، حڪيم بن حزام، نضر بن حارث، صفوان بن اميہ اقرع بن جابس ۽ انهن جهڙا ٻيا سردار ان شخص جي هٿن مان اڄ عطيا وٺي رهيا هيا جنهن کي انهن سالن تائين گاريون ڏنيون هيون، ڪوڙو سڏيو هو مذاق ۽ ٺٺول جو نشانو بڻايو هيو. جسماني اذيتون ڏنيون هيون، قيد ۾ رکيو هو قتل ڪرڻ گهريو هو. گهر مان ڪڍيو هو ۽ جنهن جي خلاف تلوار کڻي ان کي هڪڙي گهڙي بہ امن ۽ چين سان رهڻ ڪونہ ڏنو هو. تاريخ جي اٽڪڻ دفترن ۾ اهڙي انسان نوازي جا ڪيترا مثال ملن ٿا؟

انصارن جڏهن ڪرم جي درياءَ کي قريشن جي حق ۾ اهڙي طرح ڇوليون هڻندي ڏٺو تہ انهن مان ڪجهہ ماڻهو ٿوري دير جي لاءِ معمولي جذبن جي لپيٽ ۾ اچي ويا. انهن جو تاثر اهو هو تہ شايد حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم نسلي ۽ وطني تعلق جي بنياد تي انهن کي نوازي رهيا آهن ۽ اسان کي پنتي رکي رهيا آهن. ڇيو ويو تہ حق جي حمايت ۾ جان جوکي ۾ وجهڻ لاءِ تہ اسان آهيون ۽ اسان جي تلوارن مان رت ڳڙي رهيو آهي، ليڪن عطا ۽ بخشيش جي وقت قريشي اعليٰ تي ويا آهن.

ائين سوچڻ وارن اهو ڪونہ سوچيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي اهلبيت تي اها بارش ڪونہ ڪئي هئي. قربانيون ڏيڻ وارن مٿن مائٽن مهاجرن کي پڻ ڪونہ نوازيو هو. پاڻ سڳورن ڪو امتيازي فائدو ڪونہ ورتو هو. تہ پوءِ جيڪڏهن قريشن سان اهو خاص سلوڪ ٿي رهيو هو تہ ان جو بنياد ڪنهن مصلحت تي هوندو.

ڳالهہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تائين پهتي تہ جيئن اسان پورو واقعو بيان ڪري چڪا آهيون، هڪڙو شاميانو هنيو ويو ۽ انصارن کي گڏ ڪيو ويو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن جي سامهون دل لوڏڻ واري مختصر تقرير ڪئي (اها تقرير اسان اڳ ۾ بڌائي چڪا آهيون) جنهن جو آخري جملو هي هيو. "اي انصاريو! ڇا توهان کي اهو پسند ڪونهي تہ ٻيا ماڻهو تہ اُٺ ۽ ٻڪريون وٺي وڃن ۽ توهان محمد (ﷺ) کي ساڻ وٺي وڃو." انصارن جي اکين مان لڙڪ وهي سندن ڏاڙهين کي آلو ڪري رهيا هيا. آخري ڳالهہ ٻڌي اهي رڙيون ڪرڻ لڳا تہ اسان کي صرف محمد (ﷺ) گهرجي. پوءِ پاڻ سڳورن انهن کي نرمي سان اها مصلحت سمجهائي جنهن موجب قريشن جي دل رکڻ ضروري هو.

ٻئي پاسي 6 هزار جنگي قيدي پنهنجي قسمت جي فيصلي لاءِ انتظار ۾ هيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پورا ٻہ هفتا انتظار ڪيو تہ ڪير شايد انهن جي باري ۾ اچي ڳالهائي. مال غنيمت جي ورهاست ۾ بہ انهي ڪري دير ڪئي. مگر جڏهن ڪير بہ ڪونہ آيو تہ ورهاست ڪئي وئي. ورهاست کان پوءِ حضرت حليمہ سعديہ رضہ (حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ٿڃ پيارينڌڙ ماءُ) جي قبيلي جي معززين جو وفد زُهَير بن صُرد جي اڳواڻي ۾ قيدين جي باري ۾ ڳالهائڻ لاءِ حاضر ٿيو. زهير حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي مخاطب ٿيندي گهڻي اثرائتي تقرير ڪئي ۽ چيو:

"جيڪي عورتون ڇاپرن ۾ قيد آهن، انهن ۾ توهان جو ڦُڦيون بہ آهن، انهن ۾ توهان جون ماسيون بہ آهن، خدا جو قسم، جيڪڏهن عرب جي بادشاهن مان ڪنهن اسان جي خاندان ۾ ٿڃ پيتي هجي ها تہ ان مان گهڻيون ئي اميدون هجن ها. توهان مان تہ اسان کي اڃا بہ گهڻيون اميدون آهن."

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وضاحت ڪئي تہ مان تہ پاڻ انتظار ۾ هئس تہ ڪوئي اچي. مجبور ٿي ورهاست ڪئي وئي. هاڻي جيڪي قيدي بنوهاشم جي حصي

۾ آيا آهن، انهن کي مان توهان جي حوالي ڪيان ٿو. باقي قيدين جي باري ۾ مسلمانن جي عام محفل ۾ نماز کان پوءِ ڳالهه ڪجو. نماز کان پوءِ زهير پنهنجي درخواست ورجائي. پاڻ سڳورن فرمايو ”مون کي صرف پنهنجي خاندان تي اختيار آهي، البت، مان سيني ملسمانن کي سفارش ڪريان ٿو.“ مهاجر ۽ انصاري هڪدم چوڻ لڳا ته اسان جو حصو حاضر آهي. صرف بنوسُليم ۽ بنوفزاره جي لاءِ اهو تجربو گهڻو انوکو هيو ته وڙهي فتح ڪيل دشمن جا قيدي مفت ۾ ڇڏيا وڃن. آخر حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم انهن کي 6 اٺ في قيدي جي حساب سان ڏئي باقي ماڻهن کي به آزاد ڪرايو. پورا 6 هزار قيدي آزاد ٿي ويا. ڪجهه قيدين کي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ڪپڙا به ڏنا. عام فاتحن جي برخلاف نه صرف قيدين جي جان بخشي ڪئي، بلڪ بغير فديو وٺڻ جي انهن کي احسان ڪندي آزاد ڪري ڇڏيو. اصل مقصد هتي ماڻهن کي قتل ڪرڻ يا غلام گڏ ڪرڻ ڪونه هيو. مقصد ته صرف حق جي نظام جي اقامت ۽ دلين کي ان جي لاءِ تيار ڪرڻ هيو.

ان مهم کان فارغ ٿي پاڻ سڳورن عمرو ادا ڪيو ۽ عتاب بن اسيد کي مڪي جي گورنري جو عهدو سونپيو ۽ واپس مديني تشريف کڻي ويا.

## مڪي جي فتح کان پوءِ:

اسان جي نقطه نظر موجب لڙائي ۾ داخلي طور تي انقلاب مخالف تخريبي قوت جو مٿو ان مقابلي سان پوري طرح ڪچليو ويو. هاڻي مطلب ته اسلامي نظام قطعي طور تي عربستان جي لاءِ مقدر ٿي ويو ۽ ڪنهن ٻئي جي لاءِ اڳتي وڌڻ جو رستو ڪونه رهيو. ڪجهه بچيل شرارتي ڌرين (عناصر) کي دٻائڻ ۽ امن امان قائم ڪرڻ جي لاءِ ننڍيون ننڍيون ڪارروايون ڪيون ويون.

ليڪن انهن جي ڪا اهڙي اهميت ڪونهي.

بنوتميم قبيلي وارن ٻين قبيلن کي برغلائي اسلامي حڪومت کي محصولن جي ادائگي روڪرائي ڇڏي اهو ڄڻ هڪڙو بغاوت وارو قدم هيو. عُيينه بن حصن کي 50 سوارن سان گڏ موڪليو ويو. حملو ٿيڻ سان ئي بنوتميم وارا ڀڄي ويا. ڪجهه قيدين کي مديني وٺي آيا ۽ بعد ۾ ڇڏي ڏنائون.

خثعم قبيلي (تباله جي طرف) شورش جي تياري ڪئي. قُطبه رضه بن عامر جي اڳواڻي ۾ 20 مجاهدن جو ننڍڙو دستو سکيت ڏيڻ لاءِ ويو. شرارتي ماڻهو ٽڙي پکڙي ويا. ڪجهه ماڻهو قيدي ٿي آيا مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم انهن کي ڇڏي ڏنو.

بنو ڪلاب وارن ڏانهن حضرت ضحاڪ رضه کي موڪليو ويو. آسِيد بن سلمه به ان سان گڏ هيو جيڪو ان قبيلي سان تعلق رکندو هو. گهڻو ڪري اهو تعليمي ۽ دعوتي

وفد هو. قبيلي وارن انهن جي خلاف هٿيار تاڻي ورتا. اصِيد جو پيءُ قتل ٿي ويو. وڌيڪ تفصيل ملي ڪونهي سگهيو.

خبر آئي ته حبش جا ڪجهه ساموندي ڌاڙيل جدي ۾ گڏ ٿيا آهن. عبدالله رضه بن حذافه قريشي (يا علقمه بن مجزز) 3 سَوَن ماڻهن جو دستو وٺي روانو ٿيو. ڌاڙيل ڀڄي ويا.

ربيع الآخر 9 هجري ۾ حضرت علي عليه السلام کي بنو طي قبيلي ۾ ڏيڍ سَوَ سوارن سان موڪليو ويو ته اتان جي وڏي بت خاني کي ڊاهي اچي. هتي شايد ان ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي ته مديني جي اسلامي رياست ڪهڙي اصولي ۽ مقصد واري رياست هئي ۽ اها جنهن بنيادي اعتقاد تي قائم هئي، ان جي خلاف اها انفرادي عقيدن کي ته گوارا ڪري سگهي ٿي، ليڪن ان بنيادي عقيدي جي خلاف اها ڪنهن اجتماعي اداري کي ڪيئن ٿي هلڻ ڏئي سگهي. وري جڏهن ته جاهلي عربستان جي مذهبي ۽ سماجي نظام ۾ اتان جا بت روح روان جي حيثيت رکندا هئا ۽ انهن جي تصور سان اها ذهني اڪساهٽ پيدا ٿيندي هئي جيڪا جاهليت پسندن کي اشتعال ڏياري اسلامي حڪومت جي خلاف صف آرا ڪندي هئي ۽ انهن بتن جي نالي تي وڏيون وڏيون لڙايون ڪيون ويون هيون، پوءِ ان خاص صورتحال ۾ ڪيئن ممڪن هيو ته جاهلي بت خانن کي اجتماعي اداري جي حيثيت ۾ قائم رهڻ ڏنو وڃي ۽ مشرڪاڻي اعتقاد واري نظام کي موقعو ڏنو وڃي ته اهو وري وري رد عملي مزاحمت جي لاءِ جذباتي اڪساهٽ پيدا ڪندو رهي. اهي بت اصل ۾ ڪهڙي معروف ذهنيت جو نمونو ۽ زندگي جي ڪهڙي باطل نقشي جو نشان ("سمبل" - Symbol) هيا. اهو قدم ڪنهن تسليم ٿيل مذهبي اقليت جي حقن ۾ دخل اندازي جي نوعيت نٿو رکي، بلڪ اسلامي رياست سان مزاحمت ڪرڻ وارن رجحانن جي نشانين کان سياسي فضا کي پاڪ ڪرڻ جو ڪهڙو اٽڙ قدم هو. وري عملي طور معاملو رڳو نظرياتي حد تائين جوبه ڪونه هيو طي قبيلو زندگي جي بت پرستاڻي تصور سان سرشار ٿي پنهنجي اندر بغاوت ڪرڻ وارا رجحان پالي چڪو هو. مديني جي خلاف ٽڪر کائڻ جا عزم اندر ئي اندر ڪَر کڻي رهيا هئا. ان ڳالهه جو واضح ثبوت اهو آهي ته حاتم طائي جي مشهور گهراڻي ۾ خود عدي بن حاتم ان مقصد جي لاءِ سوارين ۽ اسلحي جو وقت کان گهڻو اڳ بندوبست ڪري ڇڏيو هيو. اهڙا ڀيا به ماڻهو هوندا.

بهرحال، حضرت علي عليه السلام قلس جي ماڳ تي پهچي صبح ساڻ حملو ڪيو. عدي بن حاتم شام ڏانهن ڀڄي ويو ته جيئن اتان ڪجهه مدد حاصل ڪري. قبيلي جي ماڻهن معمولي مزاحمت ڪئي. بت خاني کي ٽوڙيو ويو. قيدي ۽ ڪجهه جانور ۽ اسلحو هٿ آيا. عدي بن حاتم جي ڀيڻ به قيدياڻي ٿي آئي. رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي سامهون ان پنهنجو ڏکن سان ڀريل داستان ٻڌايو ته منهنجو پيءُ مري چڪو منهنجو محافظ (ڀاءُ) مون کي ڇڏي ڀڄي ويو. مان ضعيف آهيان ڪنهن خدمت ڪرڻ

جي قابل ڪونہ آهيان. مون تي احسان ڪيو. الله تعاليٰ توهان تي احسان ڪندو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جي خواهش مطابق ان جي لاءِ سواري جو بندوبست ڪيو ۽ آزاد ڪري روانو ڪري ڇڏيو. ان عورت وڃي ڀاءُ کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اخلاق ۽ مروت جو حال ٻڌايو تہ بلڪل تنهنجي پيءُ جهڙي سخاوت ڏسي آئي آهيان. فلاڻو آيو تہ ان تي هي احسان ٿيو ۽ فلاڻو پيش پيو تہ هي عنايت ڪئي وئي. تون ان سان مقابلو ڪرڻ جو خيال ڇڏي ڏي پاڻ اتي وڃ ۽ فيض حاصل ڪر. تنهنڪري بعد ۾ عدي بن حاتم جلدي مديني اچي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيو.

## ٻہ غير ملڪي لڙايون:

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سعادت واري دور ۾ اصل ڪم تہ ملڪ جي داخلي وحدت ۽ انقلاب جي تڪميل جوئي ٿيو. ليڪن پاڻ سڳورن ڀرپاسي وارن حڪمرانن کي دعوتي پيغام موڪلي تحريڪ جي بين الاقوامي دور جو بہ چڱ افتتاح ڪري ڇڏيو هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مختلف سلطنتن ۾ پنهنجا سفير موڪليا. هڪڙو سفير حارث رضہ بن عمير ازدي شام يا بصري ڏانهن موڪليو ويو. ان کي هرقل جي نائب عيسائي حاڪم شرحبيل بن عمرو غساني رستي ۾ قتل ڪري ڇڏيو. اها بنيادي انساني اخلاق ۽ وقت جي بين الاقوامي قانون جي اهڙي خلاف ورزي هئي جو ان کي جيڪڏهن ڪا حڪومت ماٺ ڪري برداشت ڪري ڇڏي تہ پوءِ اهڙي حڪومت جو ڪوئي وزن باقي نٿو رهي وڃي. 8 هجري ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٽن هزار مجاهدن کي پنهنجي آزاد ڪيل غلام حضرت زيد رضہ بن حارث جي ڪمان ۾ شام جي علائقي بلقاءَ ڏانهن روانو ڪيو. اهو واقعو بجاءِ خود اسلامي انقلاب جو ترجمان هو تہ هڪڙو شخص غلامي جي ڏاڪي تان اٿي فوج جي سپهہ سالاري تائين وڃي پهچي. واضح رهي تہ ان جي ئي پٽ اسامہ رضہ کي بہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم آخري مهم جي لاءِ لشڪر جو سردار بڻايو هو. ان فوج کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم الوداع چوڻ جي لاءِ بذات خود ثنيت الوداع تائين ويا. فوج معان جي مقام تي پهتي تہ معلوم ٿيو تہ انهن ڏينهن ۾ هرقل دوري تي آيل آهي ۽ ان سان گڏ پنهنجي بہ گهڻي وڏي فوج آهي ۽ بنولخم، بنو جذام، بلقين ۽ بهراءِ جا عيسائي بہ هر طرف کان گڏ ٿيل آهن. مجموعي تعداد هڪ لک هوندو. صورتحال تي غور ڪيو ويو. آخر واپس موٽڻ جي تجويز مسترد ٿي ۽ نتيجي کي الله جي حوالي ڪري لڙائي ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. اڳتي وڌيا تہ مشارف جي جاءِ تي دشمن جي گهڻي وڏي فوج گڏ ٿيل هئي. ڇتي لڙائي ٿي. زيد رضہ بن حارث شهيد ٿيو ۽ عَلم حضرت جعفر رضہ سنڀاليو. ساڄو هٿ ڪپجي ويس تہ عَلم کاٻي هٿ ۾ جهليائين. کاٻو هٿ بہ ڪپجي ويس تہ ان کي سيني سان لڳائي سنڀاليائين. آخر 90 زخم کائڻ کان پوءِ شهيد ٿيو. ان کان پوءِ حضور

صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان قائم ڪيل ترتيب جي مطابق عبدالله رضہ بن رواحہ علمبردار ٿيو. جڏهن اهو بہ شهيد ٿي ويو تہ اتفاق راءِ سان خالد بن وليد عَلم سنڀاليو ۽ اهڙي همت سان وڙهيو جو هڪ ٻئي پٺيان ان جي هٿان 9 تلوارون ڀڄي پيون. آخر دشمن جي فوج پوئتي هٽي ۽ خالد بن وليد پنهنجي لشڪر کي بچائي موٽائي آيو. ٽوٽل 12 مسلمان مجاهد شهيد ٿيا. جن ۾ نهايت قيمتي شخصيتون شامل هيون.

مسلمانن وقتي طور تي پنهنجي واپسي کي غنيمت ڄاتو. ڇوتہ دشمن جو ڳاٽاتو تمام گهڻو هو. غيرملڪ هو ۽ حالتون نيون هيون. رسد جو انتظام ڪرڻ مشڪل هو. ڪمڪ جي اميد بہ نٿي ٿي سگهي. انهيءَ ڪري لشڪر مديني موٽي آيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ مسلمان مديني کان ٻاهر اچي مليا. ڪجهہ ماڻهن پوءِ ڪندي انهن کي "ڀاڄوڪڙا" چئي پڪاريو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو: "اهي ڀاڄوڪڙ ڪونہ آهن. وري حملو ڪندڙ (ڪراري) آهن. يعني ڀيهر ويندا." خالد بن وليد ان مقابلي ۾ جيڪي جوهر ڏيکاريا هيا. انهن جي ڪري ان کي سيف الله جو لقب مليو.

ان سلسلي ۾ ٻي ڪڙي غزوه تبوڪ آهي.

مڪي جي فتح کان پوءِ 9 هجري ۾ شام کان اچڻ واري هڪڙي قافلي ٻڌايو تہ قيصر جون فوجون مديني تي حملو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي رهيون آهن. قيصر ان طاقتور ۽ وڏي سلطنت جو بادشاهہ هو. جيڪا چوڏاري اڌ دنيا تي پکڙيل هئي ۽ جنهن ويجهڙائي ۾ ايران جهڙي حڪومت کي شڪست ڏني هئي. محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ مسلمانن. جن پوري دنيا ۾ ايمان ۽ اخلاق جي روشني پکيڙڻ جي لاءِ هڪڙو مينار تيار ڪيو هيو. اهي پلا ڪيئن ڪئي ڪرائي کي غارت ٿيڻ ڏئي سگهيا ٿي. اهوئي انهن جو دين هيو اها ئي انهن جي دنيا هئي. اهائي انهن جي برادري هئي. اها ئي انهن جي جائداد هئي. تنهنڪري هڪدم دفاع جي تياري شروع ٿي وئي. طئي ٿيو تہ قيصر جي فوج کي عربستان ۾ گهري اچڻ کان اڳ ۾ پهريان وڃي پڪڙجي تہ جيئن هن سرزمين تي تباهي نہ پکڙجي. گرمي جي موسم. ڏڪار جو زمانو ۽ تنگي جي حالت هئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جنگي چندي جي اپيل ڪئي. ان اپيل جو مسلمان جماعت اهڙو يادگار جواب ڏنو جو ان جي ياد انسانذات کي هڪڙي قيمتي روح سان سينگاريندي رهندي. حضرت عثمان رضہ 9 سو اٺ ڏنا. هڪ سو گهوڙا ۽ هڪ هزار دينار پيش ڪيا. حضرت عبدالرحمان بن عوف 40 هزار درهم کڻي اچي حاضر ڪيا. حضرت عمر رضہ پنهنجي ملڪيت جو اڌ حصو کڻي اچي ڍير ڪيو.

حضرت ابوبڪر رضہ آيا تہ پورو گهر خالي ڪري پنهنجو سڀ ڪجهہ حاضر ڪري ڇڏيو ۽ الله جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ واري جذبي جي ڊوڙ ۾ اڳ کڻي ويا. ليڪن شايد سڀني کان وڏيڪ قرباني ان غريب محنت ڪش انصاري جي هئي جنهن سڄو ڏينهن پاڻي ڀري 4 سير کتل ڪمائي ۽ بہ سير کتل ٻارن ٻچن لاءِ رکي بہ سير کتل

آڻي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قدمن ۾ رکي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ "ان ڪٽل کي قيمتي مال جي سموري ڍير تي کنبڙائي ڇڏيو." عورتن جهاد جي فنڊ ۾ پنهنجا زيور پيش ڪيا.

30 هزار مجاهدن تي مشتمل لشڪر ڏهہ هزار گهوڙن سان روانو ٿيو. ثَنِيَتَ الوَدَاع ۾ دَستن کي ترتيب ڏني وئي، سپهہ سالار مقرر ڪيا ويا ۽ عَلم ورهايا ويا. تبوڪ پهتا تہ معلوم ٿيو تہ دشمن عربستان تي حملو ڪرڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. دراصل انهن کي ڪنهن غلط خبر ڏني هئي تہ مديني جو نبي (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) فوت (نعوذ بالله) ٿي ويو آهي ۽ حملو ڪرڻ جي لاءِ اهو بهترين وقت آهي. هاڻي جڏهن معلوم ٿين تہ نبي (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) بہ زندهہ آهن ۽ مدينو بہ سجاڳ آهي تہ انهن جي ارادن تي ماڪ پئجي وئي. بهرحال، ان فوجي پيشقدمي جو سياسي لحاظ کان گهڻو سُٺو اثر پيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙي مهيني تائين فوجي ڪئمپ قائم ڪري رکي. ان دوران سياسي اثر پکيڙڻ جو ڪم بہ ڪاميابي سان جاري رهيو. ايلا جو حاڪم پيش پيو ۽ جزيو ڏئي مصالحت وارن تعلقاتن جو آغاز ڪيائين. جربا ۽ اذرح جا ماڻهو آيا انهن بہ اطاعت جي نشاني طور تي جزيو پيش ڪيو. دومت الجندل وارو مسئلو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نگاهہ ۾ هڪڙي عرصي کان اهميت رکندڙ هيو. خالد بن وليد کي وڏيڪ 4 سو سپاهين جو دستو ڏئي دومت الجندل جي حاڪم اڪيدر ڏانهن موڪليو ويو. اهو ۽ ان جو ڀاءُ شڪار ڪري رهيا هيا. ان جو ڀاءُ مارجي ويو ۽ اڪيدر گرفتار ٿي پيش پيو. ان کان جزيو وٺڻ تي مصالحت ٿي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کي دومت الجندل، تبوڪ، آيلا ۽ ٿيماء تي مديني جي حڪوت طرفان حاڪم مقرر ڪيو ۽ لکت ڏئي ڇڏي. ڪجهہ روايتن موجب بغير لڙائي جي خالد بن وليد وڏي حڪمت سان ان جو قلعو فتح ڪيو ۽ وڏو مال غنيمت حاصل ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم واپس آيا تہ مديني ۾ شاندار طريقي سان استقبال ڪيو ويو. منافقن ان مهم (غزوه) جي سلسلي ۾ جيڪي شرارتون ڪيون هيون انهن جو اسان اڳ ۾ هڪڙي باب ۾ بيان ڪري چڪا آهيون. منافق وڏي تعداد ۾ (80 کان وڏيڪ ماڻهو) شهر ۾ ويٺا رهيا هيا. انهن کان آڏي پڇا ڪئي وئي تہ انهن ڪوڙا بهانا ٺاهي ورتا ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم درگذر ڪري ڇڏيو. ليڪن ڪجهہ خلوص وارا ماڻهو بہ رهجي ويا هيا. انهن ۾ ابو خَيثمہ رضہ بہ شامل هيو پر ان جو ضمير بروقت جاڳي پيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي روانگي کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ هڪڙي ڏينهن شديد گرمي ۾ پنهنجن ٻنهي زالن وٽ ٿڌي ڇانو ۾ آرام ڪرڻ جي لاءِ آيو جتي انهن پاڻي جو ڇٽڪار ڪري ڇڏيو هيو ۽ کائڻ پيئڻ جو انتظام هو. اوچتو هڪڙو خيال اچي ويس ۽ زالن کي چيائين. "هاءِ! رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) تہ اُس، لُڪ ۽ ڪاڙهن ۾ هجن ۽ ابو خَيثمہ ٿڌين ڇانون ۾ حسين عورتن سان

مزيدار ڪاڏو ڪائي رهيو هجي. اهو انصاف ڪونهي. الله جو قسم! مان توهان ۾ نهي مان ڪنهن جي بہ ڪمري ۾ ڪونہ ويندس، منهنجي لاءِ سفر جي سامان جو بندوبست ڪيو.“ اٺ گهرايائين ۽ سوار ٿي روانو ٿي ويو. پٺيان وڃي لشڪر سان مليو. ليڪن ايمان وارا ٽي اصحابي ڪعب رضہ بن مالڪ، هلال رضہ بن اميہ ۽ مُراره رضہ بن ربيع وڃڻ لاءِ سوچيندي سوچيندي رهجي ويا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن کان پوئتي رهي پوڻ جو سبب پڇيو تہ انهن صاف صاف عرض ڪيو تہ اسان کان ڪوتاهي ٿي آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حڪم الاهي اچڻ تائين انهن کي جماعتي زندگي کان الڳ رهڻ ۽ پنهنجين زالن سان تعلق نہ رکڻ جو حڪم ڏنو. اها ڄڻ تہ هڪڙي قسم جي قيد تنهائي جي سزا هئي. جنهن ۾ نہ زنجير استعمال ڪيا ويا نہ قيد جي ڪا عمارت. گڏيل زندگي کان ڌار ٿي اڪيلو ٿي وڃڻ انسان جي لاءِ وڏو سخت عذاب آهي. وري اهو بہ اهڙي حالت ۾ جو اها سموري پابندي ان ماڻهوءَ کي پنهنجي مٿان پاڻ ئي نافذ ڪرڻي هجي. مگر انهن وفادار ساٿين حڪم جي تابعداري ڪرڻ جو اهڙو سونهري مثال قائم ڪيو جو جنهن کان تاريخ جو ايوان هميشہ چمڪندو رهندو. ايستائين جو غساني حاڪم کي جڏهن اهو حال معلوم ٿيو تہ بهترين نفسياتي موقعو تاڙي ان ڪعب رضہ بن مالڪ کي خط لکيو تہ تنهنجي آقا توسان ظلم ڪيو آهي، حالانڪ تون وڏي قدر جو حقدار انسان آهين. اسان وٽ هليو اچ تہ اسان تنهنجي عزت وڌائينداسين. ڪيتري وڏي آزمائش هئي. مگر ڪعب رضہ ان خط کي تندور ۾ اڇلائي ڇڏيو. آخر پورن 50 ڏينهن کان پوءِ وحي الاهي انهن جي خلوص جي بنياد تي انهن جي توبهہ قبول ڪرڻ جو اعلان ڪيو. مديني ۾ خوشي جي لهر ڊوڙي وئي ۽ هر طرف کان ماڻهو مبارڪ مبارڪ جون صدائون بلند ڪندا انهن ٽنهي کي بشارت ڏيڻ پهتا. حضرت ڪعب رضہ توبهہ قبول ٿيڻ جي خوشي ۾ پنهنجو گهڻو مال صدقو ڪري ڇڏيو. اهو اهڙو انسان هيو. جنهن کي اسلامي تحريڪ پنهنجي سانچي ۾ ڍالي ڇڏيو هيو.

تبوڪ واري سفر ۾ ئي عبدالله ذُوالبَجادِين رضہ جي وفات ٿي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي اهو نوجوان گهڻو پيارو هيو. اهو وڏي انقلابي جذبي سان اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيو هيو. اسلام جي دعوت ان وٽ نوجواني (نوعمري) ۾ ئي پهتي هئي ۽ دل متاثر ٿي وئي هيس، مگر چاچي جي ڊپ کان پنهنجن جذبن کي دٻائي رکيائين. آخر مڪي جي فتح کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم واپس مديني آيا تہ ان چاچي کي چيو تہ:

”پيارا چاچا! مون کي سال انتظار ڪندي گذري ويا تہ ڪڏهن توهان جي دل ۾ اسلام جي تحريڪ پيدا ٿئي ٿي. ليڪن توهان جو حال جيئن جو تيئن آهي. هاڻي مون کي اجازت ڏيو تہ مان اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي وڃان.“

پٽر دل چاچي جواب ڏنس تہ جيڪڏهن توکي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي دعوت قبول ڪرڻي آهي تہ مان نہ صرف توکي سموري مال ملڪيت کان محروم ڪندس پر بدن تي ڪپڙو بہ رهڻ ڪونہ ڏيندس. عبدالله چيو. "چاچا! توهان کي جيڪو وڻي ڪيو مان تہ هاڻي بت پرستي کان بيزار ٿي چڪو آهيان ۽ هاڻي مان ضرور مسلمان ٿيندس. توهان پنهنجو سمورو مال ملڪيت وٺو." اهو چئي ان جسم تان ڪپڙا لاهي ڇڏيا ۽ اڌ اگهاڙي حالت ۾ وڃي ماءُ کي ٻڌايائين تہ مان توحيد جو علمبردار ٿي ويو آهيان ۽ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي خدمت ۾ وڃڻ گهران ٿو. مون کي جسم ڍڪڻ جي لاءِ ڪجهہ ڏي. ماءُ هڪڙو ڪمبل ڏنس. ڦاڙي اڌ کي گوڏ ڪيائين ۽ اڌ باقي بدن کي ويڙهيائين. ان ئي حالت ۾ مديني پهتو ۽ اصحاب صفہ جي حلقي ۾ شريڪ ٿي ويو. اهو انقلابي نوجوان جهاد جي شوق ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گڏ تبوڪ روانو ٿيو. اتي بيمار ٿيڻ ڪري فوت ٿيو. رات جي اونداهي ۾ دفن ڪيو ويو. حضرت بلال رضہ ڏيئو کنيون پئي هليو. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پاڻ قبر ۾ لٿا. حضرت ابوبڪر رضہ ۽ عمر رضہ گڏ هئا. انهن کي فرمايون "پنهنجي ڀاءُ جي ادب جو خيال ڪيو." حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجن هٿن سان ان کي قبر ۾ سمهاريو ۽ قبر کي ڍڪيو. پوءِ دعا ڪئي "يا الله! اڄوڪي شام تائين مان ان کان راضي هيس، تون بہ ان سان راضي رهہ."

اهو لڪاءُ ڏسي عبدالله رضہ بن مسعود حسرت سان چيو "ڪاش ان قبر ۾ مون کي پوريو وڃي ها."

## تبصرو:

اسان هن باب ۾ سيني جنگي قدمن کي بيان ڪري ڇڏيو آهي جيڪي مديني جي اسلامي حڪومت طرفان عمل ۾ آيا. انهن سيني لڙاين کي سامهون رکو ۽ انهن سياسي حالتن کي بہ نگاهن ۾ تازو ڪيو جن جي ڪري اهي ڪارروايون ڪرڻيون پيون هيون تہ اهو مڃڻ کان سواءِ ڪو چارو ڪونهي تہ هڪڙي اهڙي شخص کي جيڪو ٽڪراءُ کان بچي تعميري ڪم ڪرڻ گهري ٿو جيڪو جاهہ و جلال حاصل ڪرڻ کان سواءِ رڳو حق ۽ سچائي جو فروغ گهري ٿو جيڪو تلوار جي زور سان پنهنجو اثر پيدا ڪرڻ جي بجاءِ دليل ۽ اخلاق سان دنيا کي متاثر ڪرڻ گهري ٿو جيڪو انتقام جي بجاءِ درگذر کان ۽ تشدد جي بجاءِ لطف ۽ احسان کان ڪم وٺي ٿو جيڪو رت وهائڻ واري تلوار جي بجاءِ معاهدو لکڻ واري قلم سان مسئلا حل ڪرڻ کي ترجيح ڏئي ٿو ان کي انقلاب دشمن مخالفن سخت مجبور ڪري جنگ جي ميدان ۾ لاٿو لاٿو ڇا پر انن نون سالن ۾ ڪا هڪڙي

گهڙي اهڙي ڪونہ گذري جو اهو سڪون سان ويهي سگهيو هجي. حيرت ٿئي ٿي تہ ان حالت ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪيئن اهو عظيم تعميري ڪارنامو سرانجام ڏئي ورتو جنهن تاريخ جي وهڪري جو رخ بدلائي ڇڏيو ۽ انسانذات کي هڪڙي نئين نقشي تي بيهاري ڇڏيو (حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تعميري ڪارنامي جو تفصيل اسان ڪتاب جي هڪڙي مستقل حصي ۾ بيان ڪنداسين.)

اهائي هستي ان لحاظ کان انسانذات جي عظيم ترين محسن آهي تہ ان سلامتي جي پيغام کي پوري عربستان ۾ ۽ پوءِ سڄي دنيا ۾ پهچائڻ جي لاءِ تلوارن جي ڇانوَ مان پنهنجو رستو ڪڍيو ۽ انتهائي جنگ پسند مخالفن جي مزاحمت کي ٽوڙي عدل جي نظام کي برپا ڪيو ۽ ان کي تڪميل تي پهچايو. ورنہ ڪوئي بيو هجي ها، ۽ مخالفن جي جنگي للڪار (چئلينج) کي ٻڌي پنهنجي سڌي رستي کان ٽڙي وڃي ها تہ اسلامي نظرئي جو نقش جيڪڏهن تاريخ مان گم نہ ٿي وڃي ها، تہ بہ اسان ان کي وڌ کان وڌ انفرادي سيرت جي حد تائين جلوه گر ڏسي سگهون ها، ليڪن ان جو تصور هڪڙي اجتماعي نظام جي صورت ۾ ڪرڻ اسان جي لاءِ ممڪن نہ هجي ها. ان صورت ۾ اسلام دنيا جي انفرادي مذهبن جي طرز جهڙو هڪڙو مذهب هجي ها ۽ صوفياڻي طرز جو هڪڙو روحاني ۽ اخلاقي مسلڪ هجي ها. جنهن کي زندگي ۽ معاشري جي مسئلن سان ڪا دلچسپي نہ هجي ها. اهڙي اسلام جي سانچي ۾ ڪهڙا ئي اعليٰ درجي جا پارسا ڇو نہ هجن ها، بهرحال، هر ڪفر، هر باطل تهذيب ۽ ظالم نظام جي لاءِ نهايت وفادار پرزا ثابت ٿين ها. پوءِ اهو ممڪن ڪونہ ٿئي ها تہ اجتماعي ظلم ۽ فساد کي مٽائڻ جو جذبو انسانذات حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيغام مان ڪڏي سگهي.

ڏسو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اسان جي فلاح ۽ بهبود جي لاءِ ڪهڙين اذيتن، ڪهڙين مشڪلاتن، ڪهڙن فسادن ۽ ڪهڙن طوفاني هنگامن مان گذريا، ۽ همت ۽ عزم واري انداز سان گذريا. ڪهڙي بهادري سان هر دشمن جي للڪار (چئلينج) کي قبول ڪيو ۽ ظلم ۽ فساد جي هر طاقت کي سيڪت ڏني. الڳ ٿلڳ ٽيل قبيلن کي هڪ ڪري ڇڏيو. انهن کي جاهلي قيادت کان ڇوٽڪارو ڏياريو. انهن کي تعليم ۽ سُٺائي مان گذاريو. امن جو ماحول فراهم ڪيو. قانون جي عملداري قائم ڪئي. معاشري کي ڀائيچاري ۽ مساوات جي بنيادن تي بيهاريو. حڪومت جي لاءِ شورائيت جي اصول کي بنيادي پٿر بڻائي جمهوري دور جي شروعات ڪري ڇڏي.

وري اهو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حڪمت جو ڪمال آهي تہ ايترا مقابلا ڪيا ۽ ايتريون مهمون روانو ڪيون، مگر انتهائي گهٽ رتوڇاڻ ٿي. گهٽ کان گهٽ جاني نقصان ٿيو. عربستان جهڙي وسيع سلطنت جي هڪڙي اصولي نظرئي ۾ پهريون پيرو تشڪيل ايترو گهٽ رت وهائڻ سان ٿيڻ انساني تاريخ جو هڪڙو حيرت انگيز واقعو آهي.

حق اهو آهي تہ اڄ اسان مان هر انسان چاهي اهو ان حقيقت کي مڃي يا نہ مڃي، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي احسان جو ٿورائتو آهي. اسان کي زندگي جي فلاح جا جيڪي اصول، جيڪي تهذيبي قدر (اقدار)، جيڪي اخلاقي روايتون ان بارگاهہ کان مليون آهن انهن کان علاوه پاڻ سڳورن جي ذريعي انسانذات جو جيڪو نمونو اسان جي سامهون آيو آهي ۽ پوءِ معاشري جو جيڪو بهترين متوازن نظام پاڻ سڳورن تعمير ڪري ڏيکاريو آهي، انهن سڀني نعمتن مان اسان فائدو حاصل ڪري نہ سگهون ها جيڪڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ظلم جي تلوارن جي سامهون آڳرين تي ڳڻڻ جيتري جماعت کي وٺي سينو تاڻي نہ بيهن ها. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجن بهترين محبوب ساٿين کي مقدس نصب العين جي خاطر قربان ڪيو ۽ انهن ستارن جي رت سان نئين صبح جو نقشو تيار ٿيو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَعَلٰی آلِ مُحَمَّدٍ!

باب ڇهون

# مُحسنِ انسانيت

صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

## اسلامي تحريڪ ۽ اسلامي رياست جي پڪيڙ

## ۽ سوجهرو پکڙجندو ئي ويو

## ۽ سوجهرو پکڙجندو ئي ويو

## اسلامي تحريڪ ۽ اسلامي رياست جي پکيڙ

گهڻائي ماڻهو تلوار جي زور سان ڌرتي جي ٽڪرن جا عارضي فاتح بڻيا آهن. گهڻيون ئي بادشاهتون ۽ آمريتون ڏاڍ جي زور تي قائم ٿينديون رهيون آهن ۽ مفاد جي ٽڪرارن جا اڻ ڳڻيا فيصلا جنگ جي ميدانن ۾ طئي ٿيندا رهيا آهن. ليڪن دنيا جي ڪهڙي بہ انقلابي تحريڪ هجي ان ڪي پنهنجي قسمت جو فيصلو هميشہ راءِ عامہ جي دائري ۾ ڪرڻو هوندو آهي. جيستائين انساني دليون اندر ڪان ڪنهن دعوت جو ساٿ ڏيڻ لاءِ راضي (آماده) نہ هجن ۽ پنهنجي ذهن ۽ ڪردار ڪي ان جي سانچي ۾ ڍالڻ جي لاءِ راضي نہ ٿي وڃن، رڳو ڏاڍ ۽ تشدد سان حاصل ڪيل علمبردار ان جي لاءِ فائديمند نتا ٿي سگهن. بلڪ مورڳو اهي ان جي مڪمل بربادي جو سبب ٿي ويندا آهن. سو هر اصولي تحريڪ جو اصل مزاج تعليمي ۽ تربيتي هوندو آهي ۽ ان جي هلائڻ وارن ۾ مربياڻو ۽ معلماڻي شفقت جو روح ڪم ڪري رهيو هوندو آهي. اصولي تحريڪن جي نظر ۾ زندگي هڪڙي مدرسي جي نوعيت رکندي آهي ۽ انساني فرد ان مدرسي جا شاگرد هوندا آهن. انهن شاگردن جي مجموعي فلاح تقاضا ڪندي آهي تہ شرارتين جي اصلاح جي لاءِ ۽ ان جي اثر ڪان شريفن ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن ڪي محفوظ رکڻ جي لاءِ تنبيهہ ڪرڻ واري لٺ بہ ڪڏهن ڪڏهن حرڪت ۾ ايندي رهي، ليڪن مجموعي فضا، بهرحال، شاگردن جي حق ۾ رحمت ۽ شفقت جي فضا هوندي آهي ۽ خود تنبيهہ ڪرڻ واري لٺ جي هر جنبش ۾ بہ استاد جا مربياڻا جذبات ئي موجزن هوندا آهن. سچائي جي جملي (ڪلمي) ۽ نيڪي جي نظام ڪي ڪلمہ الله جا جيڪي نيڪ ٻانها تاريخ جي مختلف دورن ۾ اٿندا رهيا آهن، انهن نہ چاهيندي بہ شر ۽ فساد ڪي ڪچلڻ لاءِ جنگ جي ميدان ۾ بہ قدم رکيو آهي ۽ تلوار ڪان تنبيهہ ڪرڻ واري لٺ جو جزوي حد تائين ڪم بہ ورتو آهي. مگر حقيقت ۾ انهن جو مجموعي قدم هميشہ مربياڻي ۽ مشفقاڻي روح سان ٺيڪ تعليمي انداز سان جاري رهيو آهي. انهن اصل فيصلہ ڪن لڙايون دليل جي طاقت سان راءِ عامہ جي وسيع تر دائري ۾ ئي وڙهيون آهن. هر دور ۾ انهن جو اهو اصول رهيو آهي تہ جنهن ڪي نئين زندگي حاصل ڪرڻي هجي اهو دليل سان حاصل ڪري ۽ جنهن ڪي ان زندگي ڪان محروم ٿي پنهنجو پاڻ ڪي موت جي حوالي ڪرڻ پسند هجي اهو دليل جي مارڻ سان ئي مري،

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي جنگي قدمن کي ڏسو تہ بدر واري لڙائي کان وٺي مڪي جي فتح تائين (خيبر جي فتح سميت) ڪُل پنج وڏيون لڙايون لڳيون. جيڪي اصل ۾ حقيقت جي لحاظ کان سڀ جون سڀ دفاع واريون هيون. ليڪن انهن مان ڦهريون ٿي تہ ان صورت ۾ وڙهيون ويون جڏهن دشمن چڙهائي ڪري مديني تي حملو ڪيو. باقي رڳو بہ ڪارروايون مديني مان پاڻ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پيشقدمي ڪري ڪيون. يعني هڪڙي مڪي جي فتح (حنين واري لڙائي سان گڏ) جي لاءِ ۽ ٻي خيبر جي فتح جي لاءِ. بس انهن ٻن ئي قدمن ۾ فيصلو ٿي ويو. مدت جي لحاظ کان ڏسجي تہ بدر واري لڙائي کان مڪي جي فتح تائين سمورو عرصو 6 سالن جو آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي عظيم تبليغي، تعليمي ۽ تعميري و اصلاحي ڪارنامي ۾ 23 سالن جو ڊگهو عرصو گذاريو ۽ ان مان فقط 6 سال اهڙا آهن جن ۾ انسانذات جي تعليم لاءِ مختلف ڪمن سان گڏوگڏ مخالفن جي جنگ کي پسند ڪندڙ تلوار جو مقابلو بہ مجبوري ۾ ڪرڻو پيو. انتهائي مبالغي سان اندازو ڪيو تہ بہ سيني لڙاين ۾ مجموعي طور تي 15 هزار کان وڌيڪ ماڻهو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو مقابلو ڪرڻ ڪونہ آيا هوندا. انهن مان صرف 759 جانين کي رستي مان هٽائڻ ذريعي عربستان جي ڪيترن لکن جي پوري آبادي سنورجي ۽ سڌري وڃي ٿي. ڏهن سالن جي عرصي ۾ جيڪو تاريخ جي وسعتن ۾ گهٽ ئي محدود ڏسڻ ۾ اچي ٿو عربستان جهڙي رڻ پٽ کي زندگي جي هڪڙي فلاحي مدرسي ۾ بدلائي ڇڏڻ ۽ سيني ڇڙوڇڙ ٽيل قبيلن ۽ انتهائي وحشي، مٽي ڦريل، ۽ ويڙهو ماڻهن کي ان ۾ داخل ڪري ڇڏڻ ۽ پوءِ انهن کي عظيم سچائين ۽ پاڪيزه اخلاق جي تعليم ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃڻ، نہ صرف تعليم ڏيڻ بلڪ انساني لڏي جي لاءِ انهن کي معلم ۽ مربي بڻائي ڇڏڻ شايد حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نبوت جو سڀ کان وڏو حِسي معجزو آهي.

پوءِ اها ڳالهہ هر شڪ ۽ شبهي کان مٿي ٿي وڃي ٿي تہ اسلام جي انقلابي تحريڪ جي خلاف جاهليت جي ڪشمڪش جو فيصلو ٿيڻ ۾ جنگي مقابلن جو ڪيترو بہ اثر پيو هجي ليڪن، بهرحال، فيصلي جو اصل ميدان راءِ عامہ جو ميدان هيو ـــ بلڪ ڪجهہ روحاني زبان ۾ ڳالهہ ڪيون تہ دلين جو ميدان هيو. عربستان جا لکين مرد ۽ عورتون فتح ٿيا تہ ان ئي ميدان ۾ دليل ۽ اخلاق جي هٿيار سان فتح ٿيا. ان حقيقت کي چٽو ڪرڻ لاءِ اسان پنهنجي مقالي جي آخري باب ۾ اهو ڏيکارڻ گهرون ٿا تہ هر طرف جي مخالفتن ۽ مڙسن کي عاجز ڪندڙ مقابلن جي نت نون طوفانن جي باوجود اهو ڪيئن ممڪن ٿيو تہ هڪڙي ٿوري عرصي ۾ ڏهہ ٻارهن لک چورس ميل تي پکڙيل وڏي تعداد ۾ اولادِ آدم اسلامي نظامِ حيات جي پاڇي ۾ا چي وئي. گُهپ اوندهہ جو سينو چيري ڪيئن صبح جي حور مسڪرايو ۽ ان جي مسڪراهٽن هر چوطرف هڪڙو پاڪيزه اجالو پکيڙي ڇڏيو. حقيقت اها آهي تہ دعوت جيڪڏهن حق جي هجي، تحريڪ

جيڪڏهن انساني فلاح تي مبني هجي، ۽ ان جا علمبردار جيڪڏهن مخلص ۽ قرباني ڪندڙ هجن تہ مخالفتون ۽ مزاحمتون هميشہ انقلابي قافلي جي لاءِ چهبڪ جو ڪم ڏينديون آهن. هر رڪاوٽ هڪڙو سنگميل ٿي ويندي آهي. رستي جو هر ڪنڊو رهبري ڪرڻ لڳندو آهي. درد جون سُيون جڏهن دانهن جو روپ اختيار ڪنديون آهن تہ دانهن ئي گِهنڊ جو آواز بڻجي ويندي آهي. پير رتورت ٿي ويندا آهن تہ رت جي هر ڦڙي کي عشق جي چِڻنگ هڪڙي روشني جي چراغ ۾ بدلائي ڇڏيندي آهي. اهو ئي سبب آهي تہ سچائي توڙي جو اقليت سان ايرندي آهي، ليڪن اڪثريت کي فتح ڪري ويندي آهي. اڃا ڏسون تہ اسلامي تحريڪ ڪهڙين ڪهڙين قوتن کان ڪم وٺي راءِ عامہ جي دائري ۾ تيزي سان قدم وڌائڻ جا رستا ڳولهيا.

## دليل جي قوت:

اسلامي تحريڪ جي سڀ کان وڏي طاقت دليل جي قوت هئي. پيري مريدي جو ڪو نظام هجي ها تہ مخاطبن جي عقل کي سُن ڪري ڇڏي ها. روايتي مذهبيت جو ڪو پيغام هجي ها تہ تَوهم پرستي جي رجحانن جي آبياري ڪري ها. رهباني تَصَوَف جو ڪو سلسلو هجي ها تہ "اکيون بند، ڪن بند ۽ چَپ بہ بند" ("چشم بند و گوش بند و لب بہ بند") جو جادو پڙهي ها. مگر اتي تہ اهڙن شعور وارن روحن جي گُهر هئي، جيڪي خدا پرستي جي بنيادن تي پورو هڪڙو سماجي نظام تعمير ڪري سگهن ۽ حُسن ۽ خوبي سان هلائي سگهن. انهيءَ ڪري اسلامي تحريڪ پنهنجي دعوت پيش ڪئي تہ ستل عقلن کي چرڪائي ڇڏيائين. دماغن کي جنجهوڙي سجاڳ ڪيو. اکيون کولي ڏسڻ ۽ ڪن کولي ٻڌڻ جي تلقين ڪئي. نظامِ ڪائنات ۾ غوروفڪر (تدبر) ڪرڻ جي ترغيب ڏني. دنيا ۽ جهان جي احوال جو تجزيو ڪرڻ جو سبق ڏنو. نت نوان سوال پُڇي فِڪرن ۾ تحريڪ پيدا ڪئي. ذهني تقليد جي ٻنڌڻن کي ٽوڙيو. فضول روايتن ۽ رسمن جي ڇار کي ڇاڙيائين. آباء پرستي ۽ ماضي پرستي جي سحر کي باطل ڪيو. ان "ڪَالْاَنْعَامِ" قسم جي مخلوق جي اندر مان سوچڻ سمجهڻ وارو انسان ظاهر ڪرڻ جي تدبير ڪئي. ان "صُمٌّ بُكْمٌ عُمْيٌ" قسم جي ماڻهن کي ٽونگا لڳائي بي شعوري جي نشي واري ننڊ مان سجاڳ ڪيو. ان دماغن تان ڪَٽ لاٿي. مطلب تہ ان جاهليت جي مسلط ڪيل عقلي جمود کي ٽوڙي ڇڏيو. اهڙي طرح جيڪي دليون سجاڳ ٿينديون ويون ۽ جن ماڻهن جا عقل آرس ڀڃي اٿڻ لڳا، انهن جي سامهون زندگيءَ جون بنيادي سچائيون رکيون ۽ پنهنجي استدلال جي زور سان هڪ ٻئي پٺيان انهن کي متاثر ڪري ڇڏيو.

اسلامي تحريڪ خداءِ واحد کي خالق، مالڪ، رازق، حاڪم ۽ هادي جي حيثيت سان پيش ڪيو تہ ان استدلالي زور سان پيش ڪيو جو جوابي وهمن جا هٿيار مُڏا ٿي ويا. ان مشاهدي جي انساني قوت کي اڪسائي دعوت ڏني تہ زمين ۽ آسمان جي طلسمن تي نگاهہ وجهو. چنڊ تارن جي گردش تي غور ڪيو. موسمن جي چرخي جي گهمڻ کي ڏسو.

هوائن ۽ بارشن جي نظام ۾ جاکوڙ ڪيو. نباتات جي ڦُٽڻ ۽ وڌڻ جي منظر مان سبق ورتو. حيوانن جي نشونما ۽ انهن جي نسلي واڌ ۾ دماغ کپايو. انساني گروهن جي رنگارنگي ۽ تهذيبن جي لاهه چاڙهه جو مطالعو ڪيو. پنهنجي اندر (نفس) ۽ ذهنن جي گهراين ۾ جهاتي پايو — توهان ڏسندا ته هر طرف اٽل قانون پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن. هر وجود جي دائري ۾ هڪڙي نظام جي ڪارفرمائي آهي. ننڍين کان ننڍين ۽ وڏن کان وڏن واقعن ۽ حادثن جو رخ ڪنهن انتها طرف آهي. گوناگون ضد پاڻ ۾ تعاون ڪري رهيا آهن. هستي جي پوري ڪارخاني ۾ هڪڙو ڳانڍاپو ڪارفرما آهي. اڪثريت وحدت جي رشتي ۾ ٻڌل آهي. وري هر شي ۾ ارتقا آهي. هر شي بهتري ڏانهن وڃي رهي آهي. هر علت ڪنهن اهم نتيجي کي پيدا ڪري رهي آهي ۽ هر نتيجو خود اڳتي جي لاءِ هڪڙي علت بڻجي رهيو آهي. اهو قانون، اهو انتظام، اهو ڳانڍاپو اهو تعاون، اها وحدت، اها ارتقا پنهنجو پاڻ هڪڙي اتفاقي حادثي طور ظاهر ڪونهن ٿيا. شيون پنهنجو پاڻ کي خود تجويز ڪونهن ڪنديون. پنهنجو نقشو خود ڪونهن ٺاهينديون. بي شعور ۽ بي جان مادو اوچن وجودن (موجودات) جي تخليق پنهنجو پاڻ ڪونهي ڪندو. عنصر باهمي مشوري سان ڳانڍاپو ڪونهن ڪندا. بلڪ بالاتر هستي — فعال و مختار ۽ حڪيم و خبير هستي — هڪڙي ناظم، هڪڙي ڊائريڪٽر، هڪڙي حڪمران ۽ هڪڙي قانون ساز جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهي آهي. سڀ حياتيات ۽ نباتات ان جي تسبيح ڪندا آهن. سڀ وجود ان جي حضور ۾ سجدو ڪن ٿا. سموري مخلوق ان جي ئي طبعي دين جي پابند آهي. وڏن وڏن سيارن کان وٺي ننڍي ذرڙي ("ماليڪيول" Molecule) تائين هر شي ان جي بارگاهه ۾ مسلمان جي حيثيت سان اطاعت ۾ ڪنڌ جهڪايون پئي آهي. وري اسلامي تحريڪ ٻڌايو ته جيڪڏهن ايتري وڏي ڪارخاني جي وجود مٿان هڪڙي کان وڌيڪ مالڪ ۽ منتظم هجن ها ته انهن جي وچ ۾ ٽڪراءُ ٿي وڃي ها ۽ اها يڪرنگي ۽ هم آهنگي ڪنهن به طرح سان قائم نه رهي ها، جنهن جو مشاهدو توهان ڪري رهيا آهيو. مطلب ته ڪائنات جي ڪتاب جو هر ورق خدا جي هستي تي ئي نه بلڪ ان جي توحيد تي ۽ ان جي مختلف صفتن تي محڪم دليلن سان ڀريو پيو آهي.

وري اسلامي تحريڪ دليل جي زور سان واضح ڪيو ته هي ڪائنات جيڪا پوري جي پوري خدا جي دين ۽ قانون ۾ جڪڙيل آهي ۽ جنهن جو ذرو ذرو ان جي سامهون مسلمان بڻجي حاضر آهي، ان ۾ ڪنهن مخلوق جي لاءِ الله جي سامهون بندگي ۽ اطاعت ۽ اسلام ۽ فرمانبرداري جو رويو اختيار ڪرڻ کان سواءِ ڪا جاءِ ڪونهي. توهان الله جا مسلم ٿيندا ته سموري ڪائنات سان هم آهنگ ٿي ويندا ۽ توهان جو سماجي نظام ايئن ئي امن ۽ ڳانڍاپي جو مظهر بڻجي ويندو جيئن مادي جي نگري ۾ ڪارفرما آهي، ۽ توهان جيڪڏهن الله سان بغاوت ۽ ڪفر ڪندا ته ڪائنات جي نظام کان توهان جو سماجي نظام بي ربط ٿي ويندو ۽ ان ۾ توازن ۽ ڳانڍاپو نه رهندو جيڪو زمين ۽ آسمان ۾

ڪارفرما آهي ۽ جنهن جي ڪري وجود سلامتي سان بهرمند ٿي ارتقا ڪري رهيا آهن. هن ڪائنات ۾ انسان جي لاءِ بہ فلاح جي اڪيلي واٽ اها آهي تہ اهو الله جي دين ۽ الله جي قانون جو پابند ٿي رهي. توهان جيڪي الله جي پيدا ڪيل مان پيدا ٿيو ٿا، ان جي رزق تي پلجو ٿا ۽ ها، توهان جن جي بدن جو هر عضوو ۽ جن جي عضون جو ذرو ذرو مسلم بڻجي خدائي قانون ۾ جڪڙيل آهي، توهان جي لاءِ زندگي جي ڪا سڌي واٽ آهي تہ الله جي پانهپ جي ئي واٽ آهي. توهان جي فطرت جو خمير ان ئي بندگيءَ جي واعدي (عهد) مان پيدا ڪيو ويو آهي ۽ توهان جي ضمير ۾ پانهپ جو احساس جميل آهي.

وري اسلامي تحريڪ ئي ان ئي استدلال جي زور سان اها حقيقت بہ اجاگر ڪئي تہ الله طرفان هدايت جي گهرج هر ذري کي آهي. اهو ئي عنصرن جون تقديرون مقرر ڪرڻ وارو آهي. اهو فلڪي سيارن جا مدار ۽ انهن جون رفتارون طئي ڪندو آهي. اهو ئي شين کي مختلف خاصيتون ڏيندو آهي. اهو ئي هر قوت کي ان جي خاص ذميوارين (فرضن) ۾ لڳائيندو آهي ۽ اهوئي هر مخلوق جي لاءِ عمل جي راهہ مقرر ڪندو آهي. ٻين وجودن وانگر انسان بہ ان جي هدايت جو اهڙي طرح محتاج آهي جيئن اهو روشني، هوا ۽ پاڻي جو محتاج آهي. الله تعاليٰ پنهنجي هدايت سان مخلوق کي بهره مند ڪرڻ جي لاءِ وحي جو نظام مقرر ڪيو آهي. ٻي جان شين جي لاءِ طبعي جبريت، نباتات جي لاءِ وڌڻ جي قوت، حيوانات جي لاءِ جبلت وحي جو ذريعو آهي. ليڪن انسان جيئن تہ شعور سان بهره مند آهي، انهيءَ ڪري ان جي لاءِ وحي جي اها ڪامل صورت مقرر ڪئي وئي آهي جنهن ذريعي ان جي شعور کي مخاطب ڪيو ويندو آهي.

وري اسلامي تحريڪ پنهنجي اصولي دعوت جي ان جزي کي بہ دليل جي ئي زور سان قابل قبول بڻايو تہ هن ڪائنات ۾ علت ۽ معلول ۽ سبب ۽ نتيجي جو قانون ڪم ڪري رهيو آهي تہ انسان جي اخلاقي عملن کي بہ ان جامع قانون جي هيٺ ڪنهن مڪمل نتيجي تائين پهچڻ گهرجي. ان بدلي (مڪافات) جي قانون کي تاريخ ۾ ڏيکاري ثابت ڪيو تہ ان قانون جي دائري ۾ انسان جي سماجي سرگرمين کي بہ اچڻ گهرجي. ان سان گڏوگڏ ان اهو بہ ڏيکاريو تہ انسان جي هن محدود امتحان واري زندگي ۾ بدلي (مڪافات) جي محدود قانون هيٺ عملن جا پورا نتيجا سامهون ڪونہ ايندا آهن، بلڪ اڪثر ڪري عملن جي هڪڙي سلسلي جي ئي تڪميل ڪونہ ٿي سگهندي آهي. ان کان علاوه، ان کان بہ وڌيڪ تہ گهڻين ئي صورتن ۾ ماڻهوءَ کي بلڪل ابتڙ نتيجن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. تنهنڪري هن خدائي نظام کان توقع ڪرڻ گهرجي تہ زميني زندگي کان پوءِ ڪنهن نئين دورِ حيات ۾ انساني عملن جي نتيجن کي ڀرپور طريقي سان ظاهر ڪرڻو آهي. خدائي عدل جيڪو هر طرف ڪارفرما آهي، ان جي عقلي تقاضا اها آهي تہ جيڪو جهڙو ڪري اهڙو ڀري. اهڙي طرح ان موت کان پوءِ حياتي (حيات بعد الموت) ۽ آخرت ۾ حساب ڪتاب (محاسبو) ۽ جزا ۽ سزا جو تصور ڏنو.

پوءِ سيني بنيادي سچائين کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ ان گذريل پوري انساني تاريخ پيش ڪري ڇڏي، هڪڙي هڪڙي قوم جو داستان ڪنيائين ۽ ڏيکاريو تہ جن انساني گروهن زندگيءَ جو نظام انهن حقيقتن تي رکيو انهن فلاح پاتي ۽ جن ان کان منهن موڙ ڪئي، اهي خوار ۽ خراب ٿي ملياميٽ ٿي ويا. جن ماڻهن ان کي قبول ڪيو انهن جون دليون ۽ دماغ روشن ٿي ويا ۽ انهن جا ڪردار چمڪي ويا. ۽ جن ان جي مخالفت ڪئي اهي هيٺاهين ۾ ڪرنداويا. ڏيکاريو تہ هي اهي سچائيون آهن جن جي دعوت تاريخ جي هر دور ۾ هر قوم جي سامهون هڪڙي ئي نموني جي ماڻهن وري وري پيش ڪئي ۽ انهن کي غالب ڪرڻ جي لاءِ خلوص جي بي لوث جذبي سان جان ۽ مال جي سموري ملڪيت نڇاور ڪري ڏيکاري

اسلامي تحريڪ جي اها بنيادي دعوت پنهنجن پورن دليلن سان قرآن شريف ۾ پکڙي پئي آهي. ان کي وڏي خوبي سان وري وري پيش ڪيو ويو آهي. ان کي آيتن جي وٽندڙ گردان سان آندو ويو آهي. ان جي لاءِ بهترين ادبي ٻولي استعمال ڪئي وئي آهي. ان ۾ لطيف جذبن جو رس نپوڙيو ويو آهي. مخالفاڻن اعتراضن کي ان سان گڏوگڏ صاف ڪيو ويو. منڪرن ۽ دشمنن جي ڇُڪون ڪيڻ ۽ طنز ۽ ٺٺول جو سنجيدگي سان تجزيو ڪيو ويو. پوءِ ڪٿي عبرت ڏياري، ڪٿي تنبيهہ ڪئي. ڪٿي شرم ڏياريو. ڪٿي چيلنج ڪيو. ڪٿي نرمي ۽ لطافت سان دلين کي ڳاريو. ڪٿي سمجهائڻ جو انداز اختيار ڪيو. ڪٿي حيرت جو رنگ ڀريو. مطلب تہ مختلف طريقن سان انساني ذهن کي اهڙي طرح گهيرو ڪيو جو شعور وارن جي لاءِ فرار ٿيڻ جي ڪا واٽ ڪليل نہ ڇڏي

جيڪڏهن تلوار جي زور سان راند کٽڻ واري ڳالهہ هجي ها تہ آخر دليل جي ايتري بندوبست جي ضرورت ئي ڪهڙي هئي، جيڪو قرآن شريف جي اڌ کان بہ گهڻي حصي ۾ پکڙيل آهي.

حقيقت ۾ اسلامي تحريڪ جي دليل جي بي پناهہ قوت پنهنجن مخاطبن کي بيوس ڪري ڇڏيو ۽ انهن مان سعادت وارن حق کي قبول ڪرڻ جي لاءِ دلين جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ ظلم ڪرڻ وارا مجبور ٿيا تہ دليل جي ڳالهہ ختم ڪري تشدد ۽ ڪميٽائپ جي عمل تي لهي اچن. جيڪا بہ دعوت ۽ تحريڪ پنهنجن مخاطبن کي ان مرحلي تي پهچائي ڇڏيندي آهي، اها آخرڪار ميدان ماري ويندي آهي.

## خير خواهي واري اپيل:

دليل ڪو صرف ڇڙو دليل ڪونہ هيو بلڪ دليل سان گڏ دلين کي ڳاري ميڻ ڪرڻ واري، پري پچڻ وارن کي ويجهو ڇڪڻ واري، دلين جي دروازن کي کڙڪائي انهن کي کولرائڻ واري اپيل بہ برابر شامل هئي. حق جي دعوت جي اپيل پهاڙن ۾ احساس اپاري ڇڏيو. ڪاني جي اُڪر ۾ جذبن جون لهرون پيدا ڪري ڇڏيون ۽ مغرور دشمن جي اکين ۾ لڙڪ پري ڇڏيا. اسلامي تحريڪ جي ساز مان اهڙا اهڙا روح پرور نغما گونجيا جو

دلين ۾ نئين حياتي جي لهر ڊوڙائي ويا. وچو قرآن شريف کولي ڏسو ته ڪيئن ان جي هڪڙي هڪڙي لفظ ۽ جملي ۾ شعور جي نور سان گڏ جذبن جي گرمي شامل آهي. اها ٻڌي باهه واري پاڪ هير هئي جنهن وڏن وڏن پٿر دل ماڻهن کي فتح ڪيو ۽ جنهن حق جي دشمنن کي حق جو خادم بڻائي ڇڏيو. وري ان جو ادبي زور اهڙو جادو ڪندڙ هيو جو ان فصاحت جي چمن جي بلبلن کي مات ۽ وقت جي بزمِ سخن ۾ گيت ڳائيندڙ شاعرن کي گُنگ ڪري ڇڏيو. ان اهڙي صاف عربي ۾ ڪلام چيو جو سمورو عربستان اهڙو ڪلام پيش ڪرڻ کان عاجز ٿي ويو. اسان هتي حق جي دعوت جي گيت مان ڪجهه ٻول پيش ڪري رهيا آهيون.

"انهن کي چئو (اي پيغمبر! منهنجي طرف کان) ته اي منهنجا ٻانهوا جيڪي پنهنجين جانين تي ظلم ڪندا رهيا آهيو الله جي رحمت کان پنهنجي اميد نه لاهيو. يقينن (توهان رجوع ڪرڻ وارا ٿيو ته) الله سڀ جا سڀ گناهه معاف ڪري ڇڏيندو آهي ۽ يقينن اهو درگذر ڪرڻ وارو مهربان آهي. ۽ توهان پنهنجي رب ڏانهن جهُڪو ۽ ان جي حضور ۾ سر تسليم خم ڪري ڇڏيو. ان کان اڳ جو توهان کي عذاب اچي پڪڙي ۽ پوءِ توهان کي ڪا مدد ملي نه سگهي. ۽ پيروي ڪيو هدايت واري ان بهترين توشي جي جيڪو توهان جي رب جي بارگاهه کان توهان ڏانهن موڪليو ويو آهي. ان کان اڳ جو توهان کي اوچتو عذاب اچي پڪڙي جڏهن توهان کي خبر ئي نه لڳي. پوءِ ان وقت ڪا جان اهو چوندي رهجي وڃي ته هاءِ افسوس منهنجي ان ڪوتاهي تي جيڪا مون الله جي حق ۾ ڏيکاري ۽ مان (حقيقت جي) مذاق ڪندو رهيس. يا اهو (مايوس ٿي) چوي ته جيڪڏهن الله مون کي رستو سمجهائي ها ته مان سنڀالي هلڻ وارن ۾ شامل هجان ها. يا جڏهن اهو عذاب کي ڏسي ته ائين چوي ته جيڪڏهن هڪڙو موقعو ٻيو ملي ته مان احسان ڪرڻ وارن ماڻهن سان وڃي گڏجان." (سورت الزمر آيت 53 کان 58)

ان هڪڙي ٽڪري ۾ وڏي اختصار سان اهي سيئي بنيادي سچائيون سمويل آهن جنهن جي آئينه دار محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي دعوت هئي. وري ان ۾ عقلي استدلال به موجود آهي ۽ ان سان گڏ دل کي لوڏڻ واري جذباتي اپيل آهي. ان ۾ بشارت آهي ۽ تنبيهه به آهي. قرآن شريف اهڙين رنگارنگ پڪارن سان ڀريو پيو آهي. مٽي مان پيدا ڪيل انساني پتلن جي وس ۾ ڪونه هيو ته اهي اهڙي انقلاب پيدا ڪندڙ ڪلام جي لهرن (موجن) جي سامهون بيهي سگهن ها. جڏهن ته ان جا ريلا مسلسل هلندا پئي آيا ـــ هر صبح هر شام هر گهڙي!! ـــ ٽيويهن سالن تائين لڳاتار اهو معنيٰ سان ڀريل وهڪرو اٿلندو رهيو. پوءِ آخر ڪيئن تصور ۾ اچي سگهي ٿو ته نور ۽ گرمي جي انهن لهرن جي زد ۾ اچڻ وارا آدم زاد پنهنجين جاين تي جيئن جو تيئن ڄمي بيهي سگهن ها. ٻه ٻيون الهامي عبارتون جن ۾ عمومي خطاب آهي، انهن تي غور ڪيو:

”اي ادم جي اولاد! ڇا مون توهان کي خبردار ڪونہ ڪري ڇڏيو هيو تہ شيطان جي عبادت نہ ڪجو اهو توهان جو کليل دشمن آهي ـــ ۽ اهو تہ منهنجي ئي عبادت ڪجو اهائي آهي سڌي واٽ! اهو (ان جي باوجود) توهان مان گهڻن کي گمراهہ ڪري ويو. پوءِ ڇا توهان ماڻهو سمجهہ سوچ کان ڪم نٿي وٺي سگهيا.“ (يٰس آيت 60 کان 62)

”چئي ڇڏ (اي پيغمبر) تہ اي انسانو! توهان جي رب جي طرف کان حق توهان تائين اچي پهتو. سو هاڻي جيڪو بہ رستو لهي وڃي تہ ان جو رستو لهي وڃڻ ان جي پنهنجي جان جي لاءِ (فائديمند) آهي، ۽ جيڪو بہ ڀٽڪي تہ ان جو ڀٽڪڻ خود ان جي لاءِ (خساري جو سبب) آهي. ۽ مان توهان تي مختار ڪونہ آهيان.“ (يونس: 108)

اهي ماڻهو جن مخالفت جا محاذ کوليا، انهن جي بہ بهترين احساسن کي پڪاريو ويو ۽ وڌ کان وڌ مؤثر ۽ دل کي نرم ڪندڙ طريقي سان انهن جي بنيادي فطرت کي اپيل ڪئي وئي. مڪي جا مشرڪ هجن يا اهلِ ڪتاب، هر گروهہ جي بهترين ماڻهن کي بهترين طريقي سان خطاب ڪيو ۽ انهن جي بهترين جذبن کي حرڪت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ايستائين جو منافقن کي بہ اصلاح جي دعوت ڏني. ان سلسلي جا مثال بہ الڳ الڳ پيش ڪجن ٿا.

## مڪي جي مشرڪن کي خطاب:

”الله هڪڙي ڳوٺ جو مثال ڏنو آهي جيڪو امن ۽ سڪون سان ڏينهن گذاري رهيو هيو ۽ ان جي روزي هر طرف کان وڏي مقدار ۾ هلندي پئي آئي. پوءِ ان (جي رهواسين) الله جي احسانن جي ناشڪري ڪئي. سو الله انهن جي ڪرتوتن جي بدلي ۾ انهن کي بک ۽ خوف (جي حالت) جو لباس پارائي مزو چکايو ۽ انهن جي وچ ۾ خود انهن مان ئي پيغمبر اچي چڪو هيو. پوءِ انهن ان کي ڪوڙو چيو. پوءِ انهن کي عذاب اچي پڪڙيو ۽ اهي هيا ئي ظالم.!“ (سورت النحل آيت 113)

## اهلِ ڪتاب کي خطاب:

”اي اهلِ ڪتاب! اسان جو رسول توهان وٽ اچي چڪو جيڪو ڪتابِ الاهي جي انهن گهڻين ئي حقيقتن کي توهان جي سامهون پڌرو ڪري آڻي رهيو آهي جن کي توهان لڪايو ٿا ۽ اهو گهڻين ڳالهين کي درگذر بہ ڪري ٿو. الله جي طرف کان توهان وٽ روشني اچي چڪي ۽ کليل ڪتاب پهچي چڪو جنهن جي ذريعي الله اهڙن ماڻهن کي سلامتي جي واٽ تي آڻي ٿو جيڪي ان جي مرضي جي پٺيان هلن ۽ انهن کي اونداهين مان ڪڍي پنهنجي خاص حڪم جي مطابق سوجهري ۾ آڻي ٿو. ۽ انهن کي سڌي واٽ ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو.“ (سورت المائده 15 ۽ 16)

"چئو! اي پيغمبر! تہ اي اهلِ ڪتاب! پنهنجي دين ۾ ناحق جي مبالغي کان ڪم نہ وٺو ۽ (پنهنجن) اهڙن ماڻهن جي نفساني رجحانن جي پٺيان نہ هلو جيڪي اڳ ۾ ئي گمراهہ آهن ۽ جن گهڻن کي ئي گمراهہ ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيڪي سڌي واٽ کان پري هٽي ويا آهن." (سورت المائده آيت 77)

"اي اهلِ ڪتاب! رسولن جي بعثت واري سلسلي ۾ هڪڙي وڏي وقفي کان پوءِ اسان جو رسول توهان وٽ اچي چڪو جيڪو حقيقتن کي توهان جي سامهون پڌرو ڪري آڻي رهيو آهي ـــ (ممڪن آهي) ڪٿي توهان (بطور عذر) چئو تہ اسان تائين تہ ڪوئي خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو آيوئي ڪونہ هيو. سو هاڻي خوشخبري ڏيڻ وارو توهان وٽ اچي چڪو." (سورت المائده آيت 19)

"۽ اسان ڪتاب ۾ بني اسرائيل جي لاءِ فيصلو ڪري ڇڏيو تہ توهان زمين ۾ ٻہ ڀيرا فساد ڪندا ۽ گهڻي خراب نموني ۾ سرڪشي ڏيکاريندا. سو (اي بني اسرائيل) جڏهن پهرين موقعي جو واعدو آيو تہ اسان توهان جي مٿان پنهنجن سخت جنگجو ٻانهن کي مسلط ڪري ڇڏيو. پوءِ اهي شهرن ۾ پکڙجي ويا ۽ اهو واعدو تہ پورو ٿيڻو ئي هيو. پوءِ اسان انهن جي مقابلي ۾ توهان کي هڪڙو موقعو ڏنو ۽ مال ملڪيت ۽ اولاد سان توهان کي طاقت ڏني ۽ توهان جو تعداد وڌائي ڇڏيو. (۽ پوءِ توهان کي مُهلت ڏني تہ) جيڪڏهن توهان ڀلائي اختيار ڪئي تہ پنهنجين ئي جانين جو ڀلو ڪيو ۽ جيڪڏهن برائي ڪئي تہ اها بہ پنهنجي ئي حق ۾ ڪئي! پوءِ جڏهن ٻئي موقعي جو واعدو آيو تہ اهي ماڻهو توهان جي چهرن کي (ڏک ۽ ذلت جي ڪاراڻ سان) ڪارو ڪري ڇڏين ۽ مسجد (بيت المقدس) ۾ اهڙي طرح گهرن جيئن اهي اڳ ۾ گهريا هيا ۽ جتي اهي قبضو ڪن اتي تباهي پکيڙين (تہ توهان پوروپورو مزو چکي ورتو)! ـــ هاڻي (جڏهن دعوتِ محمدي جي ظاهر ٿيڻ سان توهان جي سامهون هڪڙو ٻيو فيصلہ ڪن موقعو پيدا ٿيو آهي) توهان جو رب گهري ٿو تہ توهان تي رحم ڪري، پر جيڪڏهن توهان وري اهو ڪجهہ ڪندا، تہ اسان بہ اهڙوئي مزو چکائينداسين ۽ (آخرت ۾) اسان جهنم کي نافرمانن جي لاءِ ٺڪاڻو بڻايو آهي." (بني اسرائيل آيت 4 کان 8)

"چئو تہ اي اهلِ ڪتاب! هن سڌي سادي جملي (ڪلمي) ڏانهن اچو جيڪو توهان ۽ اسان جي وچ ۾ گڏيل (مشترڪ) آهي ـــ اهو تہ اسان هڪڙي الله کان سواءِ ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪريون ۽ نہ ڪنهن شي کي ان سان شريڪ ڪيون ۽ نہ اسان الله کي ڇڏي پاڻ ۾ ڪنهن ٻئي کي رب بڻايون." (سورت آل عمران آيت 64)

## عيسائين سان خطاب:

”۽ توهان (يهودين جي مقابلي ۾) انهن ماڻهن کي مسلمانن جي محبت ۾ زور ويجهو ڏسو ٿا جيڪي چون ٿا ته اسان نصارا آهيون. اهو ان ڪري جو انهن ۾ عالم(علماء) ۽ درويش آهن ۽ ان ڪري جو اهي ماڻهو تڪبر ۾ مبتلا ڪونه آهن. ۽ اهي ماڻهو جڏهن هن ڪلام کي ٻڌن ٿا جيڪو رسول تي نازل ٿيو آهي ته ان جي حق کي سڃاڻڻ جي ڪري توهان انهن جي اکين کي ڏسو ٿا ته لڙڪن سان ڀرجي وڃن ٿيون. اهي پڪارين ٿا ته اي اسان جا رب! اسان ايمان آندو. پوءِ اسان کي حق جي شهادت ڏيڻ وارن ۾ لِک.“ (المائده آيت 82 ۽ 83)

## منافقن سان خطاب:

”ڇا اهي (منافق) ماڻهو سوچين ڪونه ٿا ته انهن کي هر سال هڪ ٻن آزمائشن ۾ وڌو وڃي ٿو. پوءِ به توبهه ڪونه ٿا ڪن ۽ نه نصيحت قبول ڪن ٿا. ۽ جڏهن ڪا سورت نازل ٿئي ٿي ته هڪ ٻئي ڏانهن ڏسن ٿا ته آيا ڪوئي توهان ڏانهن ڏسي رهيو آهي. پوءِ اٿي هليا وڃن ٿا. انهن جي دلين کي الله انهيءَ ڪري ڦيري ڇڏيو آهي جو اهي ماڻهو سوچ سمجهه کان ڪم ڪونه ٿا وٺن. ڏسو! توهان منجهان ئي رسول توهان وٽ اچي چڪو آهي، ان جي لاءِ هر اها شي جيڪا توهان کي تڪليف ڏئي دل تي بار آهي. اهو توهان جو مشتاق آهي ۽ اهو ايمان وارن جي لاءِ شفيق ۽ مهربان آهي.“ (التوبه آيت 126 کان 128)

قرآن شريف دلين کي نرم ڪرڻ وارن اهڙن ٻولن سان ڀريو پيو آهي. دلين ۾ ويهي وڃڻ وارا جملا، ضميرن ۾ تحريڪ پيدا ڪري ڇڏڻ وارا موتين جهڙا لفظ احساسن جي تارن کي ڇيڙڻ وارا ادبي ڍنگ ـــ ڪيتري وڏي طاقت آهي قرآن ۽ حق جي دعوت. اها ڪيتري هنگامو پيدا ڪرڻ واري رهي هوندي! حقيقت جون اهي شعاعون جڏهن هڪ ٻئي پٺيان وسنديون هونديون ته وچولي درجي جي انسانن لاءِ ڪيئن ممڪن رهيو هوندو ته اهي فڪرن ۽ ڪردار جي اونداهين کي سيني ۾ قائم ڪيون رکن. دليل جي طاقت سان جڏهن اپيل جي طاقت اچي ملندي آهي ته اها به منهين تلوار پٿرن کي به ڪپي ڇڏيندي آهي. وري جتي قرآن جي ڪلام جي بارش جي ڦوار (بوندا باندي) لڳاتار پئجي رهي هئي، اتي نبوت جي صاحب جو ڳالهائڻ به سبقن (درسن)، خطبن، تقريرن ۽ گفتگو ۾ هر گهڙي نور جون لهرون اٿاري رهيو هيو. زماني ان موجن واري سمنڊ جا جيڪي موتي محفوظ رکيا آهن، اڄ ٿورو انهن کي جاچيو. ننڍڙا ننڍڙا ٻول، ٿورڙن لفظن ۾ گهڻي معني، ادبيت ۽ خطابت جو زور، ڳالهه ۾ خلوص جو جذبو شامل، گفتگو حالتن تي ٻڌل. ڪنهن ٻي شخصيت جو سمنڊ اهڙا موتي وري پيدا ڪري ڪونه سگهيو.

وري اسلامي تحريڪ جا شاعر، اديب ۽ خطيب هيا جن نين فني مهارتن ۽ انقلابي طريقن سان جڏهن ڳالهائڻ جي سگهه تي اسلام جي انقلابي ڪلمي جو ساز ڇيڙيو ته ان جي آهنگ جي هر موج واري جي ذرڙن ۾ به ڏڙڪندڙ دليون پيدا ڪري ڇڏيون هيون. اڄ به ان دور جي ڳالهين جا دفتر کولي ڏسو ته حسان رضه بن ثابت ۽ ڪعب رضه بن مالڪ جو حَسين تَخَيل انهن جي مخلصاڻن جذبن جا پر لڳائي عجب عقابي شان سان اڏرندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهن جا گيت جڏهن روزمره جي واقعن سان هم آهنگ ۽ ڪشمڪش جي ماحول سان ڳنڍجي ظاهر ٿيندا هوندا ته آخر انساني دلين تي ڪائي ته ڪيفيت گذرندي هوندي ۽ ٻڌائڻ جو مقصد اهو آهي ته اصل طاقت حق جي قول جي ئي هئي. جنهن جي سامهون ممڪن ڪونه هيو ته باطل ميدان ۾ جمي بيهي. اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا!

## تنقيد:

اسلامي تحريڪ جي دعوت دليل سان گڏ رڳو اپيل ئي ڪونه آندي، بلڪ ان اپيل سان گڏ ڀرپور تنقيد کان به ڪم ورتو. صوفياڻن مذهبن ۾ ته شايد دعوت جو هڪڙو ئي طريقو هلي سگهي ٿو. يعني منٿ ۽ آزي، ۽ احسان ۽ خوشامد جو ڍنگ. آخر جتي رڳو فردن جي ذات ۽ انهن جي محدود نجي زندگي سان ئي واسطو هجي ۽ اجتماعي نظام جي اصلاح يا تعميرِ نو جو ڪو سوال ئي سامهون نه هجي، اتي ان ڍنگ يا طريقي کان اڳتي وڌڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي. صوفياڻن مسلڪن ۾ انفرادي ڏرمن ۾ صرف اها ڳالهه نظر ۾ هوندي آهي ته اثر هيٺ آيل ماڻهن کي ڪجهه عقيدن ۽ ڪجهه انفرادي خوبين سان سينگاريو وڃي ۽ پوءِ انهن کي برائي جي طاقت کان پاڻ بچائيندو رهڻ جو سبق ڏنو وڃي. ليڪن برائي جي اجتماعي طاقت سان وڙهڻ ۽ فاسد ماحول سان ٽڪر کائڻ جي ڪا خواهش موجود ڪونهي هوندي. ظلم قيادت جي گاديءَ تي ويٺو پنهنجو ڏنڊو گهمائيندو رهي ۽ انسانذات ان جي قدمن ۾ ڪسندي رهي. آخر ان دنياوي جنجهٽ سان هڪڙي الله لوڪ زاهد جو ڪهڙو مطلب! تنهنڪري اهڙن محدود روحاني نظامن ۾ ماڻهوءَ جي سڀ کان وڏي خوبي اها سمجهي ويندي آهي ته اهو دنيا جي معاملن ۽ سياست جي جنجهٽ کان الڳ ٿلڳ هر ڪنهن جي اڳيان هڪجهڙي عاجزي ۽ آزي ڏيکاري. يعني "مسلمان سان الله الله! برهمڻ سان رام رام!" جي عادت اختيار ڪري نوڙت هر هڪ جي سامهون ڪري ۽ ڪنهن سان به رُکي طبيعت جو مظاهرو نه ڪري. اهڙن نظامن ۾ جتي انسان کي ڪشمڪش جي ميدان ۾ لاهڻو نه هجي، بلڪ ان کي سماجي جدوجهد مان ڪڍي غارن ۽ خانقاهن ۾ وڃي ويهارڻو هجي، تنقيد کان ڪم وٺڻ جو ڪو سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي ــــ ڇوته تنقيد ته ذهني دنيا ۾ ڪشمڪش جو آغاز هوندي آهي. تنهنڪري محدود روحانيت ۽ انفرادي مذهبيت جي نظرن ۾ اها انسان جي ڪردار جي پستي شمار ٿيندي آهي ته اهو ڪنهن طاقت جي خلاف تنقيد جي زبان

ڪولي. جڻ اهو تقوا جي دامن تي داغ لڳائڻ وارو ڪو ڪم هجي ۽ ان جي ڪرڻ سان روح جو سڪون مري ويندو هجي.

ليڪن، جيڪي نظريا ۽ دعوتون معاشري ۾ انقلاب برپا ڪرڻ لاءِ اٿيون، انهن جي فڪري اسلاحي خاني ۾ دليل ۽ اپيل وانگر تنقيد به پهرين درجي جي اهميت رکي ٿي. صرف حق جي حقيقت ڄاڻڻ تي اڪتفا نٿو ڪري سگهجي. بلڪ باطل کي باطل سمجهڻ به واجب هوندو آهي. ڇو ته باطل کي باطل سمجهڻ کان سواءِ حق جي حقيقت به پوري طرح ڄاڻ ۾ ڪونه اچي سگهندي آهي. هتي الله تي ايمان رکڻ ۽ طاغوت کان انڪار ڪرڻ لازم ۽ ملزوم ٿي وڃي ٿو. هتي امربالمعروف اڪيلو نٿو ڪري سگهجي بلڪ نهي عن المنڪر به بلڪل متوازي طور تي ڪرڻي پوي ٿي. هتي "الا الله" چوڻ جي لاءِ ضروري آهي ته پهريان "لااله" پڪاريو وڃي.

اسلامي تحريڪ جڏهن به ظاهر ٿيندي آهي ته اها عوام جي سوچن جو رخ بدلائڻ جي لاءِ وقت جي معاشري، اجتماعي ماحول، سياسي و معاشي نظام ۽ وري خاص طور تي مروجه فڪرن ۽ اعتقادن ۽ عزت جي پيمانن تي ڪڙي تنقيد ڪندي آهي. مذهبي، سياسي ۽ معاشي لحاظ کان اها انهن اڳمتي (پيشرو) طبقن جي فڪرن ۽ عملن جي حقيقت لازمي کولي ڇڏيندي آهي جيڪي عوام کي پنهنجي غلامي جي ڄار ۾ ڦاسائي مزا ڪندا آهن. ان جي لاءِ ان کان سواءِ ڪو بيو چارو ئي ڪونه هوندو آهي ته اها زندگيءَ جي قيادت ڪرڻ وارن جا پول عام ماڻهن جي سامهون چڱي نموني سان کولي ڇڏي، جيستائين فاسد کي فاسد، باطل کي باطل ۽ غلط کي غلط ثابت نه ڪيو وڃي، ان جي مقابلي ۾ نه سچائي ۽ سُٺائي جي ڪا اُڃ پيدا ٿي سگهي ٿي ۽ نه تبديلي جي امنگ اڀري سگهي ٿي. ڪنهن به نبي سڳوري جي دعوت ۽ ڪم جي ڪارروائي کي ڏسو. توهان ڏسندا ته نه صرف معاشري جي فاسد تصور ۽ ماحول کي تنقيد جو نشانو بڻايو ويو آهي بلڪ هر نبي سڳوري وقت جي جابرن کي ٽيڪ انهن جي دربارن ۾ وڃي غلطي ڪندڙ چيو آهي، هتي ته معاشرتي نظام جي جوڙجڪ کي سامهون رکي اها حقيقت سمجهائي وئي آهي ته هر ڳوٺ، قوم ۽ ملڪ ۾ ڪجهه "ڏوهي اڪابر" ملندا آهن جيڪي مڪاري واري سياست سان ماڻهن کي بيوقوف بڻائي پنهنجو مطلب ڪيندا آهن (انعام آيت 123). انهن کي انهن جي گادين تي ويهاري ڪائي اصلاح نٿي ڪري سگهجي.

اسلام جڏهن عربن ۾ جاهليت جي نظام کي متائڻ ۽ تاريخ ۾ نئين سونهري باب جو افتتاح ڪرڻ اٿيو ته ان ڪوڙ ظلم ۽ فساد جي هر نموني تي بغير ڪنهن رحم جي تنقيد ڪئي ۽ وقت جون جيتريون به ڏريون (عناصر) جاهلي نظام ۽ طاغوتي ماحول جا رهبر ۽ نگهبان ۽ ڪارندا بڻجي معاشري تي مسلط هيا ۽ جيڪي پنهنجي مرتبي ۽ مفاد جي تحفظ جي لاءِ فلاح انساني جي پيغام جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اٿي پيا هيا، انهن سڀني جا پول اهڙي طرح چيري ظاهر ڪيا جو انهن جي ناپاڪ ڪردارن جي بدن تي اعزازن جي

مصنوعي پوشاڪ جي هڪڙي تند بہ باقي رهڻ ڪونہ ڏني. جيئن جيئن معاشري تي انسانذات دشمن طاقتن جي حقيقت کلندي وئي تہ راءِ عامہ ۾ شعور جي هڪڙي سجاڳي ايندي وئي ۽ ان سان گڏوگڏ تبديلي جي تڙپ تيز ٿيندي وئي. اسلامي تحريڪ جي تنقيدي محاذ عام ماڻهن ۾ سوچڻ، سمجهڻ، جانچڻ، پرکڻ ۽ پيٽ (موازنو) ۽ مقابلو ڪرڻ جي صلاحيتن کي واڌ ويجهہ ڏني. اهو دعوت جو اهو پهلو هيو جيڪو حق و باطل، خيروشر ۽ صحيح ۽ غلط ۾ فرق ڪرڻ وارو ٿيو. ان مان ئي "قَد تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ الْغَيِّ" (البقره آيت 256) جو ماحول پيدا ٿيو. ان جي ذريعي کير جو کير ۽ پاڻي جو پاڻي ڌار ٿي ويا. ان جي ذريعي اوندهہ ۽ سوجهري جو فرق ڪرڻ واري نظر (ديد) ڪم ڪرڻ لڳي. ان جي ذريعي زهر ۽ کنڊ جي ملاوٽ جو تجزيو ٿي ويو. اسلامي تحريڪ جا جانباز فاسد طاقتن جي ظلمن کي تہ اُف ڪرڻ کان سواءِ پنهنجين جانين تي سهندا رهيا. ليڪن انهن طاقتن جي ڪميڻن ڪردارن تان خوبصورت پردا هٽائڻ ۾ انهن ڪابہ ڪوتاهي ڪونہ ڪئي. انهن جي ڪم ڪرڻ جا رستا سياست ۽ معاشري جي دائري کان ٻاهران ڪونہ گذرندا هيا جو اهي جاهلي نظام جي مذهبي ۽ سماجي قيادتن کي اهو اطمينان ڏياري پنهنجو فرض انجام ڏئي سگهہ‍ن ها تہ توهان بي فڪر ٿي پنهنجن منصبن ۽ مرتبن کي چنبڙي ويٺا رهو اسان الله وارا توهان جي ڪنهن بہ مفاد جو انحراف ڪونہ ڪنداسين. اسان کي تہ بس الله جو نالو وٺڻو آهي ۽ ان جو ڪلمو ماڻهن کي سيکارڻو آهي. انهن جي لاءِ اهو ممڪن ڪونہ هيو تہ اهي انهن قيادتن جي سامهون انڪساري واري شان سان ڪجهہ خوشامدي ڳالهيون ڪري، انهن کي دم دلاسو ڏياري ۽ انهن جي پڪڙ کان بچي حق جي انقلابي ڪلمي کي پڪاري سگهن ها. جنهن جو واضح انجام عدل واري نظام کي قائم ڪرڻ هيو.

اسلامي تحريڪ بلڪل پنهنجي داعي اعظم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زبان مبارڪ کي ان ڏکئي فرض جي انجام ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو ۽ سماج جي ڦرڙين کي چير ڏيڻ جي لاءِ نيڪ الهامي لفظن کان نشترن جو ڪم ورتو. اها تنقيد رڳو اصول ۽ تصورن تائين ئي محدود ڪونہ هئي. بلڪ مزاحمت ڪرڻ وارا بااثر طبقا ۽ مخالف ماڻهو سيئي ان جي زد ۾ آيا ۽ وري وري آيا. اها تنقيد روزمره جي واقعاتي پس منظر سان ڪئي ويندي هئي ۽ مخالف ڪئمپ مان جيڪي ڪجهہ قدم کنيا ويندا هيا ۽ ڪارروايون ٿينديون هيون، انهن سيني جو تجزيو گڏوگڏ ڪيو ويندو هيو. اهڙي طرح سان عوامي شعور کي تيار ڪيو ويو. جيڪڏهن اهو ڪم نہ ڪيو وڃي ها تہ ڪجهہ پاڪباز ماڻهو ۽ نيڪي جا ڪجهہ عجيب و غريب مجسما ممڪن هيو تہ تيار ٿي وڃن ها ۽ وقت جي دنيا بہ انهن کي خراج تحسين پيش ڪري هيا ۽ پوءِ اچڻ وارا ماڻهو بہ تاريخ جي عجائب گهر ۾ انهن جون يادگاري تصويرون ڏسن ها تہ واهہ واهہ ڪن ها. ليڪن ماحول جو سمورو درياءَ جيئن جو تيئن ڇميل رهي ها ۽ جاهليت جون اونداهيون

ان تي ساڳي نموني سان ڇانيل رهن ها. نہ اوندهہ جو سينو چيري سگهجي ها ۽ نہ دريا۶ جي ڇميل پاڻي هيٺ سٽل لهرن کي جاڳائي سگهجي ها. ممڪن ٿي ڪونہ هيو تہ عوام ۾ انقلابي شعور پيدا ٿئي ها ۽ اسلامي ڪارڪنن جي اندر ڪشمڪش جا رجحان اڀرن ها. پوءِ تہ ڳالهہ غارِ حرا تي ئي ختم ٿي وڃي ها. ڪهڙي ڳالهہ جو حق جو ڪلمو عربستان جو فاتح بڻجي مڪي ۾ داخل ٿئي ها.

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم قرآن شريف جي الهامي زبان ۾ تنقيدون ڪري وقت جي اڪابرن کي نہ صرف عقل ۽ دليل جي لحاظ کان کوکلو ثابت ڪيو بلڪ اخلاق ۽ ڪردار جي لحاظ کان بہ زماني تي اهو راز کولي ڇڏيو تہ هيسائيندڙ ۽ عظمت ۽ سرداري جي نظر کي فريب ۾ وجهندڙ پردن ۾ نهايت مڪروهہ غلاظتن جا ڍير پيا آهن. ان ئي تنقيد عوام ۾ اهو احساس پيدا ڪيو تہ جيستائين اسلامي تحريڪ سان تعاون ڪري انهن طاقتن کي زندگيءَ جي قيادت کان نہ هٽايو ويندو تہ زندگي جي سنورجڻ جو ڪوئي امڪان ڪونهي.

قريشن کي ورثو تہ انهن جي بت پرستي، انهن جي وهمن، انهن جي ڪِل جهڙين مذهبي رسمن، انهن جي اخلاقي ڏيواليپڻي ۽ انهن جي سرداري جي غرور سيني پهلوئن مان کولڻ واري هر ڳالهہ کولي ڇڏي. انهن جي پيارن معبودن جي بيوسي کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ مثال ڏئي ٻڌايو تہ اهي سڀ جا سڀ گڏجي بہ هڪڙي مک کي بہ پيدا ڪرڻ جي قابل ڪونهن، بلڪ جيڪڏهن مک انهن کان ڪا شي کڻي اڏري وڃي تہ اهي ان کان واپس وٺڻ کان بہ عاجز آهن. حضرت ابراهيم عليہ السلام جو نالو وٺڻ وارا هجڻ تي انهن کي جيڪو فخر هيو ان کي ايئن ٽوڙيو جو حضرت ابراهيم عليہ السلام جي حياتي جي پوري زماني کي ورق ورق انهن جي سامهون پيش ڪري ڏيکاريو تہ جنهن مقصد (مشن) جي لاءِ ان پنهنجي پوري زندگي کپائي ڇڏي هئي، گهر ٻار ڇڏيو پيري مرشدي واري گادي کي لت هنئي، نمرود جي سامهون بغاوت جي مقدمي ۾ ملزم طور پيش ٿيا ۽ زندهہ ساڙڻ جي سزا جو فيصلو ٻڌو. پوءِ اهي پنهنجي رب جا مهاجر ۽ خانہ بدوش بڻيا. پوءِ ان هڪڙي ويران وادي ۾ اچي پنهنجي دعوت ۽ الله جي عبادت جو اهو مرڪز قائم ڪيو جنهن کي هاڻي توهان پنهنجي ڪمائي ۽ مذهبي اڳواڻي جو ذريعو بڻائي رکيو آهي ـــ هاڻي توهان کي ڪهڙو حق ٿو پهچي تہ ان موحدِ حنيف جا توهان نالو وٺڻ وارا ۽ جانشين بڻجي ويهو. انهيءَ حالت ۾ تہ توهان جو وار وار شرڪ ۽ جاهليت جي ٻنڌڻن ۾ جڪڙيو پيو آهي. پوءِ ڏيکاريو تہ ڪيئن توهان حلال ۽ حرام جي هڪڙي انوکي شريعت گهڙي ڇڏي آهي. ڏيکاريو تہ توهان آستانن تي باسون ڏيڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا ضابطا بڻائي رکيا آهن. ڏيکاريو تہ ڍارو وجهڻ ۽ جوا کيڏڻ کي بہ توهان مقدس رنگ ڏئي ڇڏيو آهي. ڏيکاريو تہ ڪيئن توهان نياڻين جي ڄمڻ تي شرم ڪري منهن لڪائيندا وتو ٿا ۽ پٿر دل بڻجي انهن کي مٽي جي ڍيرن هيٺ زندهہ دفن ڪري ڇڏيو ٿا. ۽ وري توهان کي الله

سان نياڻين کي منسوب ڪندي شرم نٿو اچي. اهڙي طرح جڏهن ڪشمڪش ڇڙي وئي ته انهن جي اجاين ڳالهين ۽ ذليل حرڪتن مان هڪ هڪ کي انهن جي سامهون رکي ڏيکاريو ته ڪجهه پنهنجي ڪردار جون شڪليون ڏسو. انهن جا ڏوهه انهن جي سامهون ڳڻائي ڇيو ته توهان مسجد حرام جو متولي هجڻ تي ناز ڪيو ٿا. جڏهن ته پنهنجي ڪفر ۽ شرڪ جي ڪري توهان ان منصب جا حقدار ئي ڪونه آهيو. توهان ماڻهن کي الله جي رستي کان روڪيو. توهان حق جي ٻانهن لاءِ ڪعبي جا دروازا بند ڪيا. توهان پنهنجي ڀائيپي وارن کي جلاوطن ڪيو ۽ توهان دين جي راهه ۾ فتني فساد کي پنهنجي عادت بڻايو.

وري اهلِ ڪتاب کي ورتو ته انهن جو صدين جو اعمال نامو کولي انهن جي سامهون رکي ڇڏيو ته ڪهڙي طرح توهان موسيٰ عليه السلام جي پيروڪارن خود موسيٰ عليه السلام کي وک وک تي اذيت ڏني هئي. وري وري نافرمانيون ڪيون. وري وري ٻٽڪيل ۽ بگاڙ واري رستي تي پوندا رهيا. توهان جهڳڙا ڪيا. فساد پکيڙيا. ڳابي جي پوڄا ڪئي. جهاد کان ٽال مٽول ڪئي. وري پاڻ ۾ رتوڇاڻ ڪئي. پنهنجن ڀائرن کي بي گهر ڪندا رهيا. انهن جي خلاف ظلم ۽ دشمنين سان حملا ڪندا رهيا. توهان الله جي ڪتاب ۾ گهٽ وڌائي (تبديلي) ڪئي. حق ڳالهه کي هميشه لڪايو ۽ احباروزهبان (يهودين جا عالم) کي پنهنجو معبود بڻائي ڇڏيو. حد اها آهي ته پنهنجن هٿن سان طرح طرح جون ڳالهيون لکي انهن کي الله سان منسوب ڪيو ٿا ۽ الله جي مخلوق کي ڌوڪو ڏئي حرام ڪمايون ميڙيو ٿا. نه پاڻ حق جي راهه تي هلو ٿا، نه ٻين کي هلڻ ڏيو ٿا ۽ جيڪڏهن ڪو ٻيو انساني فلاح جو ڪم ڪرڻ اٿي ٿو ته ان سان تعاون ڪرڻ جي بجاءِ ان جي رستي ۾ ڪنڊا وڇايو ٿا. ڪالهه تائين توهان پاڻ خدائي لکتن جي بنياد تي پوري زماني کي خوشخبري ٻڌائيندا رهيا آهيو ته نبي آخر زمان اچڻ وارو آهي ۽ جڏهن اهو واقعي اچي پهتو ته توهان ان جي خلاف صفون ٻڌي بيهي رهيا آهيو. مسلمان جماعت جيڪا گهڻن ئي سببن ڪري توهان سان ويجهي آهي ۽ توهان جي نبين سڳورن ۽ پهرين سڀني ڪتابن کي مڃي ٿي، انهن جي مقابلي ۾ توهان جي طبيعت جيڪڏهن ملي ٿي ته وڃي مشرڪن سان ملي ٿي. اهي ڪرتوت ڪندي الله جو ڪتاب برابر توهان جي پٺين تي سوار رهيو — بلڪل ائين جيئن ڪنهن گڏهه جي پٺي تي عِلم جي ڪتابن جا دفتر لڏيل هجن ۽ اهو انهن کان بي خبر هلندو ويندو هجي. توهان جيڪڏهن سچا هجو ها ته پنهنجين زندگين تي توريت (جي احڪامن) کي قائم ڪري ڏيکاريو ها. جيستائين توهان الله جي ڪتاب کي پنٺي رکي ڇڏيو آهي، توهان جي وٽندڙ دعوائن جي ڪجهه به وقعت ڪونهي. اڄ توهان جي گهٽائي ان پستي ۾ اچي پهتي آهي جو جيڪڏهن هڪڙو پئسو به انهن وٽ امانت رکيو وڃي ته انهن جي خيانت کان بچي اهو مشڪل سان ئي واپس ملي سگهندو. پنهنجي ان رويي جي ڪري توهان الله جي غضب کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ توهان تي ذلت ۽ خواري ٿاڦي وئي.

پوءِ منافقن کي پڪڙيو تہ انهن جو پورو پورو نفسياتي تجزيو ڪري انهن کي ڏيکاريو تہ توهان هر معاملي تي ڪهڙي ٽيڏي رخ کان سوچيو ٿا. اڪيلائي ۾ ويهو ٿا تہ تحريڪ جي حالتن ۽ واقعن تي ڪهڙي انداز سان خراب تبصرا ڪيو ٿا. گڏجاڻي (مجلس) ۾ اچو ٿا تہ توهان جو ڍنگ ڪهڙو هوندو آهي ۽ ڪهڙي طرح هڪ ٻئي کي ميچون ڏئي اشارا ڪندا آهيو. ڪڏهن ڪاٺي جي ٿنڀي وانگر ماٺ ٿي ويندا آهيو ۽ توهان جون اکيون پٿرائجي ويل ڏسڻ ۾ ايندڍيون آهن. ڪڏهن لِڪَ ۾ کسڪي وڃو ٿا. مسلمان جماعت ۾ هوندا آهيو تہ ٻئي نموني ۾ زبان هلائيندا آهيو ۽ پوءِ دشمنن ۾ وڃي ويهندا آهيو تہ ٻيوئي راڳ آلاپيندا آهيو. هر معاملي ۾ توهان جو رويو جماعت کان الڳ ٿلڳ ۽ مخلتف نوعيت جو هوندو آهي. ٻين کي جيڪڏهن الهامي نغمي سان حياتي جو سبق ۽ تسڪين جو سرمايو ملندو آهي تہ توهان جون دليون ان کي ٻڌي پيسجڻ لڳنديون آهن. ٻين جي لاءِ رسول پاڪ جو وجود محبت جو مرڪز بڻيل آهي ۽ توهان پنهنجو پاڻ کي پري رکڻ پسندا ڪندا آهيو. ٻين جي اندر جو جذبو انهن کي نماز جي لاءِ ڇڪي وٺي ايندو آهي ۽ توهان آهيو جيڪي دلي طور ڪيهائيندا ايندا آهيو. جيئن ڪنهن ماريل ۽ ٻڌل ماڻهوءَ کي ڪا ونگار پوري ڪرڻي هجي. ٻيا پنهنجو سڀ ڪجهہ تحريڪ جي قدمن ۾ وڇائڻ جي لاءِ بي تاب رهندا آهن ۽ توهان آهيو جيڪي پاڻ بہ خرچ ڪري ڪونہ ٿا سگهو ۽ ٻين کي بہ روڪيو ٿا. ٻيا پنهنجي نصب العين جي خاطر دل جي جذبي سان جهاد جي لاءِ نڪرن ٿا. ليڪن توهان هميشہ جان بچائڻ گهرو ٿا ۽ عذر ٺاهي فرار جي واٽ ڪيو ٿا. ٻين جي لاءِ جنهن واقعي ۾ خوشي جو پهلو نڪري ٿو ان سان توهان جون دليون ملول ٿي وڃن ٿيون. باقي ٻين کي جن حالتن ۾ تڪليف پهچندي آهي، توهان ان تي گِهہ جا ڏيئا ٻاريندا آهيو. جماعت سان ڪنهن بہ نموني ۾ توهان جي دل ڪونہ ٿي ريجهي. مطلب تہ اسلامي تحريڪ هر منافق جي سامهون ان جي تصوير ڇڪي رکي ڇڏي ٿي تہ پنهنجي منهن مهانڊي کي غور سان ڏسي ڇڏيو.

جاهلي شاعر جيڪي اسلامي تحريڪ جي خلاف فن جو محاذ ڪوليون ويٺا هيا ۽ خود ان جي داعي اعظم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ ٺٺول وارا (هجويہ) ڪلام لکي ان کي شايع ڪندا رهندا هيا. چند لفظن ۾ انهن جو اهڙو نقشو چٽيو ويو جيڪو پوري طرح انهن تي ٺهڪي بہ آيو ٿي ۽ جنهن کي ڏسي عربستان جو عام ماڻهو هڪدم ان نقشي ۾ ڏيکاريل انهن جي ڪميٽائپ جو اندازو بہ ڪري سگهيو ٿي. جاهلي شاعرن جي اها حالت ٻڌائي وئي تہ هي اهو عنصر آهي جنهن جي چوڌاري گڏ ٿيڻ وارا ۽ جنهن جي اڳواٽي ۾ هلڻ وارا صرف راهہ کان ڀٽڪيل ماڻهو آهن. وري هي اهو عنصر آهي جيڪو پنهنجي بي اصولي پٽي جي ڪري هر وادي ۾ ڀٽڪندو ڦرندو رهي ٿو. ان کان علاوه هي اهو عنصر آهي جيڪو زبان سان اهي ڳالهيون چوي ٿو جنهن جو پنهنجو عملي ڪردار انهن ڳالهين جي مطابق ڪونهي.

وري اسلامي تحريڪ وقت جي خاص خاص پيانڪ ڪردارن کي چونڊي چونڊي ڪنهن نالي کان سواءِ انهن جون تصويرون اعليٰ درجي جي آرٽ سان حقيقت جي مطابق ادبي رنگن سان تيار ڪيون ۽ سماج جي عوامي شعور جي ايوانن ۾ لٽڪائي ڇڏيون تہ جيئن هرڪوئي انهن کي ڏسي، انهن کي سمجهي ۽ انهن کي واقعاتي دنيا ۾ پاڻ سڃاڻي. ڪٿي ان ڪردار کي ڏيکاريو جيڪو پنهنجي گهڻ ڳالهائو هجڻ جي زور تي ماڻهن کي رعب ۾ آڻي ڇڏي ٿو ليڪن عمل جي ميدان ۾ پنهنجين وٽندڙ ڳالهين کي پائمال ڪري انساني سماج ۾ فتنو برپا ڪري ٿو ۽ تباهي جي باهہ لڳائي ٿو. ڪٿي ان ڪردار کي بي نقاب ڪيو جيڪو خانداني ۽ قائداڻي غرور جي نشي ۾ بدمست رهي ٿو ۽ پنهنجي عزت جي حد کان وڌيل احساس ان جي نڪ کي ايتري اهميت ڏئي ڇڏي آهي جو اهو ڇڻ هاٿي جي سونڍ وانگر ٿي ويو آهي ـــ ۽ قيامت جي ڏينهن ٺيڪ ان سونڍ تي ڏنب هڻي ان کي سزا ڏني ويندي. ڪٿي ان انساني ڪردار کي ڏيکاريو جو جنهن جي دنيا جي هوس ان کي ڪٽي وارين عادتن تي اچي بيهاريو آهي. جنهن کي ڏتڪاريو تہ بہ زبان لڙڪائيندو آهي، ڇڏيو تہ بہ زبان لڙڪائيندو آهي. اهي ڪردار سماج ۾ موجود هيا ۽ چئني طرفن ۾ پکڙيل هيا. انهن تنقيدي تصويرن جي ڪري انهن کي سڃاڻڻ ۽ انهن جي پستي جو شعور حاصل ڪرڻ عوام جي لاءِ ڪو مشڪل ڪونہ هيو.

اها تنقيد رڳو نظري ڪونہ هئي، واقعاتي ڪشمڪش سان تعلق رکندڙ هئي ۽ ان ۾ بهرحال، اسلامي تحريڪ جي محاذ تان مخالف طاقتن کي مخاطب ڪيو ويجبو هيو. ٻڌائڻ واري کي بہ معلوم هيو تہ اهو ڪنهن کي ٻڌائي رهيو آهي ۽ ٻڌڻ وارن کي بہ اندازو هوندو هيو تہ ڪير انهن جي خبر وٺي رهيو آهي. اهي تنقيدون آسمان مان لائوڊ اسپيڪر لڳائي ڪونہ ٻڌايون وينديون هيون، بلڪ اهي محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زبان مان نشر ٿينديون هيون ۽ انهن کي مسلمان جماعت جا ڪارڪن ڪنڊڪڙڇ ۾ پهچائيندا هيا. انهيءَ ڪري انهن جا جذبا ان ۾ شامل ۽ انهن جون دليون انهن ۾ ٻڏل هونديون هيون. اهي واقعاتي لاهہ چاڙهہ تي موافق ڪري ئي ٻڌايون وينديون هيون ۽ ٻڌڻ وارا بہ ان کي زيرِ تشڪيل تاريخ سان ٺهڪندڙ ٻڌائي ئي سمجهندا هيا. عوام ان کي اهڙي حيثيت سان وٺندي هئي تہ اها ان تعمير پسند انقلابي طاقت جي پڪار آهي، جيڪا اسان جي وچ ۾ اڀري آهي ۽ قديم نظام کي چيلينج ڪري رهي آهي؛ ۽ ان جو ڏڪ انهن مخالفن کي لڳي رهيو آهي جيڪي انقلابي وهڪري ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيا آهن. انهن کي موقعو ملندو هيو تہ اهي ٻنهي طرفن جون ڳالهيون ٻڌن ۽ ڏُرين جي پيٽ ڪري پرک ڪن. اهڙي طريقي سان انهن جو شعور ٺهندو ويو.

دليل شعور جي روشني بڻجي سگهندو آهي، مگر جذبات کي ڪونہ پڪاريندو آهي. اپيل جذبن کي حرڪت ڏياري دعوت ۾ ڪجهہ گرمي پيدا ڪري ڇڏيندي آهي. مگر اها تاريخ ۾ عملي مقابلو پيدا نٿي ڪري سگهي. اها تنقيد جي ئي طاقت آهي

جيڪا دليل ۽ اپيل سان گڏجي جڏهن ڪم ڪندي آهي تہ معاشري جون سموريون قوتون گردش ۾ اچي ويندڀون آهن. صرف اها ئي طاقت آهي جيڪا وقت جي سمنڊ ۾ اٿل پٿل پيدا ڪري ڇڏيندي آهي.

مقصد جو خلاصو اهو آهي تہ اسلامي تحريڪ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي واسطي سان دليل، اپيل ۽ تنقيد جي ٽي رخي عنصرن کان ڪم ورتو ۽ 23 سالن تائين مسلسل ڪم ڪيو. انهن ئي ٽي رخين طاقتن مخالفن کي بہ محسوس ڪرائي ڇڏيو تہ توهان علمي ۽ عقلي لحاظ کان گهٽ درجي وارا، استدلال جي لحاظ کان ڪمزور، پنهنجن مقصدن جي جذباتي ڪشش جي لحاظ کان پنتي پيل ۽ پنهنجي ڪردار جي لحاظ کان گهٽي ادنيٰ سطح تي آهيو. مخالفن ۾ مسلمان جماعت جي برتري جو اعتراف ۽ پنهنجي ڪمتري جو احساس غيرشعوري طور تي وڌندو ئي ويو ۽ ٻئي طرف راءِ عامہ بہ ڏرين کي هر پهلو کان جانچي انهن جو فرق سمجهندي وئي. اهي دعوت جون اهي اصل طاقتون هيون جن عربستان جي لکين ڳوناٽن کي فتح ڪري ورتو. جيڪڏهن دعوت حق تي نہ هجيَ ها، دلين ۾ گهر ڪرڻ واري نہ هجي ها، پنهنجن علمبردارن کي متحرڪ ڪري خيرو شر جي لڙائي واري ميدان ۾ لاهي نہ سگهي ها، ۽ دليل، اپيل ۽ تنقيد جي ذريعي پنهنجي خاصيت مجرائي نہ وڃي ها تہ مسلمان جماعت نہ سياسي حڪمت جي دائري ۾ راند کٽي سگهي ها ۽ نہ جنگ جي ميدان ۾ ڪو مقابلو سر ڪري سگهي ها. انهن جزوي ميدانن ۾ بہ جيڪڏهن سوڀ ٿي تہ ان ڪري ٿي تہ راءِ عامہ جي وسيع محاذ تي اسلام جي پيشقدمي وڏي فاتحاڻي هئي.

## مسلم ڪردار جي اخلاقي قوت:

ڪائي بہ دعوت جيڪڏهن صرف لفظي دعوت هجي ۽ ان سان اخلاقي زور موجود نہ هجي تہ اها ڪيتري ئي پلي ڇونہ هجي، ۽ ٿوري دير جي لاءِ دلين تي ڪيترو جادو ڇونہ طاري ڪري وٺي، آخرڪار دونهين جي ڇلن وانگر فضا ۾ تحليل ٿي ويندي آهي. تاريخ تي لفظن سان ڪڏهن ڪوئي اثر نٿو وجهي سگهجي ۽ اڪيلي زبان ڪڏهن بہ انقلاب برپا ڪري نٿي سگهي. لفظ تڏهن ئي اثرائتا ٿيندا آهن جڏهن عمل جي زبان جي حوالي سان انهن جي ڪجھ معنيٰ هجي. زبان جو جادو صابڻ جي سهڻي گجي ۽ رنگين بوٽيا پيدا ڪري سگهي ٿو مگر اهي بوٽيا مٽي جي ڪنهن هڪڙي ذري کي بہ ان جي جاءِ تان چوري نٿا سگهن ۽ ان سان گڏوگڏ مورڳو پاڻ ختم ٿي ويندا آهن. دليل جڏهن ڪردار کان سواءِ اچي، اپيل جڏهن خلوص کان خالي هجي، ۽ تنقيد جڏهن اخلاقي لحاظ کان کوکلي هجي تہ انسانذات ان کان متاثر ڪونہ ٿيندا آهن. ڪردار جي اخلاقي طاقت ئي ڪنهن دعوت ۾ اثر پريندي آهي ـــ عمل جي شاهدي کان سواءِ زبان جي شاهدي بيڪار ثابت هوندي آهي. حق اهو آهي تہ "كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ." (الله وٽ اها سخت ناپسنديده حرڪت آهي تہ توهان اها ڳالھ چئو جيڪا ڪيو نٿا. الصف آيت 3)

اسلامي تحريڪ جي دعوت رڳو منطقي دعوت ڪونہ هئي ۽ اها تعليمي (اڪئڊيمڪ) طرز جا نظرياتي بحث ڪٺي ڪونہ آئي هئي ـــ اها سراسر عمل جو هڪڙو پيغام هئي ۽ قدمن کڻڻ جي هڪڙي تحريڪ هئي! اها هڪڙي خاص طرز جو انسان ٺاهڻ آئي هئي ۽ ان اهو انسان پهرين ڏينهن کان ٺاهڻ شروع ڪري ڇڏيو. ان انسان جو طرز فڪر، ان جا اخلاقي اوصاف ۽ ان جو من موهيندڙ ڪردار هيو جيڪي ان جي دليلن کي حقيقي سگهہ ان جي اپيلن کي سچي جاذبيت ۽ ان جي تنقيدن کي گهرو اثر ڏيڻ وارا هيا. اسلامي تحريڪ جو نئون انسان پاڻ هڪڙو محڪم دليل هيو. پاڻ سيني کان وڏيڪ موثر اپيل هيو ۽ ان جو سمورو وجود پراڻي نظام، حيواني ڍنگ واري انسان، فاسد جاهلي ماحول، جميل سماج ۽ ان جي نااهل قيادت تي هڪڙي ڀرپور تنقيد هيو. جاهليت وٽ ان زندهہ دليل، ان زنده اپيل ۽ ان زنده تنقيد جو ڪوئي جواب ڪونہ هيو. ان جو ڪو توڙ ڪونہ هيو اها ان جي مقابلي ۾ بلڪل بيوس هئي. اهو نئون انسان جنهن جو انتهائي معياري نمونو خود سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ذات ۾ دنيا جي سامهون موجود هيو ۽ جنهن جا بيشمار روپ پنهنجي پنهنجي سيرت جا ڏيئا ان قَمَرًا مُّنِيْرًا (الفرقان آيت 61) جي لاٽ مان روشن ڪري رهيا هيا. اهو هڪڙي اهڙي قطعي ۽ ٺوس حقيقت هيو جو ان کان اکيون بند ڪرڻ بہ ان جي نورانيت تي هڪڙي شاهدي هيو. ان جو انڪار ڪرڻ، ان کي ٽڪرائڻ ۽ ان سان ٽڪرائڻ وارا بہ پنهنجي رويي سان ان جي عظمت جو اعلان ڪري رهيا هيا. مڪي ۾ ان انسان پنهنجي انفراديت جو شان ڏيکاريو هيو ۽ مديني ۾ اچي ان پنهنجي اجتماعيت جو جلوو ڏيکاريو.

اسلامي تحريڪ ۽ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان نئين انسان جي تعمير جي اصل ڪم کان ڪڏهن بہ غفلت ڪونہ ڪئي. ٻين جي اصلاح ڪرڻ جي جذبي ۾ ان کي ڪڏهن بہ ڪونہ وساريو ۽ ٻين تي تنقيد ڪرڻ ۾ گم ٿي ان جي ڪمزورين کي قابو ڪرڻ ۽ ان جي اصلاح ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ سُستي کان ڪم ڪونہ ورتو. اتي ٻين جي اصلاح کان پهريان پنهنجي اصلاح هئي. ٻين تي تنقيد ڪرڻ کان وڏيڪ اهم پنهنجو پاڻ تي تنقيد ڪرڻ هيو. ٻاهر تبديلي ظاهر ڪرڻ کان اڳ پنهنجي اندر گهربل تبديليون آڻڻ ضروري هيو.

هڪڙي اهڙي معاشري جي وچ ۾ جنهن جي نگاهن ۾ ڪمائڻ ۽ کائڻ پيئڻ کان وڏيڪ اوچو ٻيو ڪو مقصد ڪونہ هيو جنهن جي هر مجلس هڪڙو مئخانو ۽ هڪڙو جوا جو اڏو ۽ هڪڙو ناچ گهر هئي. جتي شجاعت جو استعمال دنگي فساد، قتل، انتقام در انتقام ۽ ڦرلٽ کان علاوه ڪجهہ نہ هيو ۽ جتي معاشرو هڪڙي اهڙي جهنگ ۾ بدلجي ويو هيو جنهن جي جُهنڊن ۾ انساني درندا رڙيون ڪندا رهندا هيا ۽ شريف ۽ مسڪين ماڻهو انهن جي لاءِ سستو شڪار بڻيل هيا ـــ اتي حضرت محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن انسانذات جي هڪڙي صالح قافلي کي ساڻ ۾ ڪٺي ظاهر ٿيا تہ ان جو

وجود پهرين ڏينهن کان ماحول ۾ انتهائي نمايان هيو. ماڻهو انسانيت جي ان نئين نموني کي اچرج مان ڏسندا هيا ۽ ان کي هر پهلو کان مختلف ۽ ممتاز لهندا هيا. وري ان جي پوري واڌ ويجهہ انهن جي اکين جي سامهون ٿي ۽ ان جي تعليم ۽ تربيت جو سمورو ڪم اول کان آخر تائين عوام الناس بلڪل چڱي نموني سان ڏٺو.

خواص ۽ عوام هر صبح ۽ هر شام ڏسندا هيا تہ اسلام جو ڪلمو هڪ هڪ ٿي پنهنجي پيارن ماڻهن کي ڇڪيندو پيو وڃي. هڪدم دل جي هٿان مجبور ٿي ماڻهو اٿن ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي ان انقلابي تحريڪ جي حوالي ڪري ڇڏين ٿا. اهي ئي جيڪي پهريان محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف ننهن چوٽي جو زور لڳائي وڙهي رهيا هوندا آهن. اوچتو اهي ئي سِرفِدا ڪنڌڙ ٿي ويندا آهن. ڄڻ انهن تي ڪنهن جادو ڪري ڇڏيو هجي. وري جيڪو بہ حق جي ڪلمي کي قبول ڪري ٿو ڏسندي ڏسندي ان جي ذهن ۽ ڪردار ۾ خوشگوار تبديليون اچڻ لڳن ٿيون. ان جون دوستيون ۽ دشمنيون بدلجي وڃن ٿيون. ان جي عادتن ۽ ان جي ذوق ۾ انقلاب اچي وڃي ٿو. ان جا مشغلا نئون رنگ اختيار ڪري وٺن ٿا. ان جون پهريون دلچسپيون ختم ٿي وڃن ٿيون ۽ نيون دلچسپيون پيدا ٿي وڃن ٿيون. پوءِ اهو هڪدم انتهائي ڪارائتي ۽ سرگرم شخصيت سان سينگارجي وڃي ٿو. ان ۾ هڪڙي نئين طاقت اڀري اچي ٿي. ان جون ستل صلاحيتون جاڳي پون ٿيون. ان جي ضمير جو ڏيئو وڏي لاٽ ڏيڻ لڳي ٿو. ان جو احساس ڪر کڻڻ لڳي ٿو. ان جي تخيل کي نوان پر لڳي وڃن ٿا. ان جي سيني ۾ حُسنِ خُلق جا گونچ هڪ هڪ ڪري ڦٽڻ لڳن ٿا ۽ انهن جي خوشبو فضا ۾ پکڙجي وڃي ٿي. جيڪو شخص ڪافر کان مسلمان ٿيندو هيو ان جي اندر مان ڄڻ بلڪل هڪڙو ٻيو انسان ظاهر ٿيندو هيو. اهو پاڻ بہ محسوس ڪندو هيو تہ مان پنهنجي ماحول کان ڪجهہ مختلف ۽ بلڪل نئين شي آهيان ۽ ماحول بہ ڏسندو هيو تہ اهو هاڻي ايئن (اهڙو) ڪونهي رهيو جهڙو اڳ ۾ هوندو هيو. قاتل ايندا هيا ۽ انساني جان جا محافظ ٿي ويندا هيا. چور ايندا هيا ۽ امين بڻجي ويندا هيا. زاني ايندا هيا ۽ عزت ۽ حيا جو روپ ٿي ويندا هيا. ڌاڙيل ايندا هيا ۽ صلح ۽ امن جا معلم بڻجي ويندا هيا. بداخلاق ايندا هيا ۽ حليم ۽ متواضع ٿي ويندا هيا. وياج خور ايندا هيا ۽ خرچ ڪرڻ وارا ٿي ويندا هيا. گند ذهن ايندا هيا ۽ انهن جي اندر مان اعليٰ قابليتن جا چشما اڀري پوندا هيا. ادنيٰ ماڻهو سماجي مرتبن سان اٿندا هيا ۽ شرف جي بلندين کي ڇهندا هيا. ڄڻ اهي ڪنهن ٻي دنيا جي مخلوق ٿي ويا هجن. ڄڻ اهي مٽي جا پتلا نہ هجن. بلڪ انهن ڪنهن ٻئي جوهر مان وجود حاصل ڪيو هجي.

اهي الله جا پوڄاري، رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا ديوانا، شمع صداقت جا پروانا، نيڪي جا ڏينڍورچي، ڀلائي جا داعي، بدي جا دشمن، ظلم جا مخالف! ــ اهي رڪوع ۽ سجدي ۾ قرار محسوس ڪرڻ وارا، اهي قرآن پڙهندي بي تاب روڄ (گريو)

۾ گم ٿيڻ وارا. اهي ڏينهن ۾ مقصد جي لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ وارا. يتيمن ۽ بيواهن جي مٿي تي شفقت جو هٿ رکڻ وارا. راند روند کان بي تعلق، عياشين کان پاسو ڪندڙ فضول بحثن کان ڪناره ڪش، سنجيدگي ۽ وقار جو نمونو شائستگي ۽ سليقي جا مجسما ـــ ۽ اهي پنهنجي دنيا (محفل هستي) ۾ اجنبي بڻجي ويڃڻ وارا ماڻهو اهي پنهنجن ئي ڳوٺن ۾ رهي بہ غريب الوطن ـــ آخر ڪيئن ممڪن هيو تہ سموري عربستان جون نگاهون انهن تي کُپي نہ وڃن ها.

اهي اسلام جا علمبردار! جيڪي بغير ڪنهن لالچ جي هڪڙي مقصد (مشن) جي خدمت ۾ دل و جان سان مصروف هيا. ڪنهن معاوضي کان سواءِ تحريڪ جا هر وقت ڪارڪن هيا ۽ دنيا جي ڀلائي جي لاءِ پنهنجي مفاد کي بلڪل پٺتي رکيون پيا هيا. اهي پنهنجي مقدس نصب العين جي لاءِ ذهن جي ڪاوش، جسمن جي طاقت، کيسن جي مال ۽ وقت اچڻ تي پنهنجون ۽ پنهنجن ٻچن جون حياتيون بہ قربان ڪرڻ وارا ماڻهو هيا. نہ انهن کي گذران جو فڪر هيو نہ تن بدن جو هوش هيو. نہ راتين جي ننڊ جو خيال، نہ ٻارن ٻچن ۾ مگن رهڻ جي مهلت، نہ کيل تماشن سان دل وندرائڻ جي واندڪائي، بلڪ انهن جو ڏنڌو هيو تہ اهو ئي، مشغلو هيو تہ اهو ئي، تفريح هئي تہ اهائي ۽ آرام ۽ سڪون جو ذريعو هيو تہ اهو ئي تہ سچائي جو مان مٿانهون رهي. انهن کِلندي، مرڪندي مخالفن جون گاريون ٻڌيون. بهادري واري شان سان ڏاڍ جا وار سٺا. خوشي سان بکون ڪاٽيون. روحاني مسرت سان وطن ڇڏيائون. صبر جي موقعي تي انتهائي درجي جو صبر ڏيکاريو ۽ مقابلو ڪرڻ جو وقت آيو تہ مضبوط هٿن سان مقابلو ڪيو. اَحد اَحد چوندي تپندڙ واري تي ليٽي پيا. بيخودي پيدا ڪندڙ شعر پڙهندي پڙهندي سولي تي لٽڪي ويا. گهايل ٿي ڪريا تہ پرواز ٿيڻ وارو روح جهومي پڪاري اٿيو "فُزْتُ بِرَبِّ الْكَعْبَةِ" ڪعبي جي رب جو قسم! مان تہ مراد ماڻي ورتي ـــ اهو ڪردار هجي ۽ پوءِ بہ دنيا آڻ نہ مڃي، اهو ٿي نٿي سگهيو.

ان مسلم ڪردار هر موقعي تي اهڙا سونهري مثال قائم ڪيا جو زندگي جي پيشاني ان جي نور سان آخري ڏينهن تائين چمڪندي رهندي. ان ڪردار جي سرپرست قتل گاهہ مان روانو ٿيڻ وقت پنهنجن قاتلن جي امانتن جي واپسي جو بندوبست ڪيو. ان ڪردار واري هڪڙي شخص زنا جو ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي پنهنجو پاڻ پيش ٿي ڏوهہ جو اقرار ڪيو ۽ اسلامي عدالت کان اصرار ڪري انتهائي سنگين موت جي سزا پنهنجي لاءِ قبول ڪئي تہ جيئن اهو الله جي حضور ۾ پاڪ ٿي پيش ٿي سگهي. اهڙي ڪردار واري هڪڙي شخص کي اسلام قبول ڪرڻ جي ڪجهہ ئي گهڙين کان پوءِ هڪڙي حسين عورت عيش جي دعوت ڏني تہ ان اهو چئي ٺڪرائي ڇڏيو تہ مان هاڻي الله ۽ ان جي رسول (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي نافرماني نٿو ڪري سگهان. هڪڙي لڙائي واري سفر ۾ فوج جو ازو قبيلي وارن وٽان گذر ٿيو تہ هڪڙي مسلمان سپاهي ضرورت هجڻ

ڪري اتان هڪڙو لوٽو ڪنيو. ليڪن اهو ان مسلم ڪردار جو شان هيو تہ آڌي پڇا ٿي تہ هڪدم لوٽو واپس ڪري ڇڏيو. اهڙا سوين مثال، نت نوان مثال جنهن انساني ماحول ۾ ظاهر ٿيندا هوندا، ان تي تہ هر روز زلزو طاري ٿيندو هوندو.

ڇا دنيا انهن جو ايثار ڏسي حيران ڪونہ ٿيندي هوندي جو انصارن پنهنجا گهرٻار، مال ۽ ملڪيت اڌواڌ ورهائي مهاجرن جي آڏو رکي ڇڏيا؟ ڇا عوام جون دليون انڻ مساوات واري ڪيفيت ڏسي ڇڪجي ڪونہ ايندي هونديون تہ ادنيٰ ترين غلام خانداني هستين سان ۽ غريب طبقن جا فرد شاهوڪارن سان ۽ گهرن مان بي گهر ٿي آيل ماڻهو مديني جي مقامي باشندن سان هڪڙي صف ۾ بيٺا آهن. هرهڪ کي اهميت حاصل آهي. هرهڪ جي عزت ٿئي ٿي. هرهڪ جي راءِ وزن رکي ٿي ۽ هرهڪ کي ذميواريون کڻڻ ۽ جوهر ڏيکارڻ جو موقعو ملي ٿو. اها هڪڙي برادري آهي جنهن جا سڀ فرد سڀني حالتن ۾ بہ گڏ رهن ٿا ۽ تڪليف ۽ مصيبت ۾ بہ حصيدار ٿين ٿا. انهن جا ڏک گڏيل، انهن جون خوشيون گڏيل! انهن جو سوچڻ گڏ ۽ انهن جا قدم گڏ. بک جو دور آهي تہ ان ۾ سڀ ڪان گهٽي بک ڪاٽيندڙ معاشري جو قائد آهي ۽ خوشحالي جو دور اچي ٿو تہ ان مان سڀ کان گهٽ حصو اهو پنهنجي لاءِ کڻي ٿو. جاهلي تصورن جي مطابق اوچن ۽ غريب خاندانن جي وچ ۾ شادي وهان جا تعلقات ماڻهن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندا هوندا. رسمن ۽ رواجن جون وزني ڏنبا ٻيڙيون ڪاٽي معاشرت جي سادگي وارو جيڪو طريقو ڪڍيو. ويو هيو ان جي طرف طبيعتون ازخود ڇڪجي وينديون هونديون. ڪيتري محبت سان پريل زندگي هئي. ڪيتري هلڪي ڦلڪي، ڪيتري پرامن ۽ ڪيتري اطمينان بخش، صحيح معنيٰ ۾ "حياتِ طيبہ"

وري ماحول ڏسندو هوندو تہ انهن ماڻهن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون قابليتون اڀري رهيون آهن. جڏهن سچائي جي ڪلمي جا ڪکر ڪڏهن ڪنهن جاءِ تي وسندا آهن تہ دلين ۽ دماغن جي سرزمين مان اهڙو ڦوٽهڙو ٿيندو آهي جو غير آباد فضائن ۾ گلن ۽ گونچن جا تخت سينگارجي ويندا آهن. سڄو عربستان ان جماعت کي ڏسي رهيو هوندو تہ جنهن ۾ ڪجهہ ماڻهو عِلم ۾ ترقي ڪري رهيا آهن. ڪجهہ ماڻهو قانون ۾ ماهر اٿو مقام حاصل ڪري رهيا آهن. ڪجهہ ماڻهو سٺا ڪرمي ۽ واپاري بڻجي رهيا آهن. ڪجهہ ماڻهو اعليٰ درجي جا سپهہ سالار (ڪمانڊر) ثابت ٿي رهيا آهن. ڪجهہ ماڻهو انتظامي عهدن جون ذميواريون کڻڻ جا اهل ٿي رهيا آهن. ڪجهہ سفارت جا فرض نڀائيندي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مطلب تہ هر ماڻهوءَ جي اندر مان هڪڙي نئين شخصيت ظاهر ٿي ميوا ۽ پن آڻي رهي آهي.

قرآن شريف وري وري ان ڪردار جون تصويرون ڇڪي مخالفن کي بہ ۽ عوام کي بہ اهو احساس ڏياريو تہ انسانيت جو اهو نمونو ڏسو جيڪو نظريہ حق جي نور سان ٺهندو آهي، اهو ڪيترو افضل آهي. جيڪڏهن امن ۽ سلامتي جو حصول ممڪن آهي تہ ان جي ئي ذريعي ممڪن آهي. ان ڪردار کي اسلامي تحريڪ پنهنجي دعوت جي سچائي

جو دليل ٻڌائي سامهون رکيو. پوءِ وري وري ان ڪردار جي رڳو جاهلي ڪردار سان ڀيٽ نہ ڪئي، پر اهلِ ڪتاب جي ڪردار ۽ منافقن جي ڪردار سان بہ ڀيٽ ڪئي. ٻنهي کي آمهون سامهون رکي ڏيکاريو تہ ڏسو ۽ پاڻ راءِ قائم ڪيو. واقعن جي ميدان ۾ تہ اها ڀيٽ ازخود ٿي ئي رهي هئي ۽ زندگي جي هر دائري ۾ هر پهلو کان ٿي رهي هئي.

ڪشمڪش جي حالت هڪ ئي وقت ۾ وڏا اثر رکندي آهي. ڪشمڪش ۾ ٻئجي ڪردار ٺهندا بہ آهن ۽ تباهہ بہ ٿيندا آهن. اسلامي تحريڪ پورو پورو بندوبست ڪيو تہ مسلم ڪردار ڪشمڪش ۾ پئجي وڌيڪ صاف ٿئي ۽ سنورجي، اجا وڌيڪ چڱي نموني سان پروان چڙهي. تنهنڪري تلقين و تربيت ۽ تزڪيي جي سخت بندوبست جي ڪري مسلم ڪردار ترقي ڪندو ويو. ٻئي طرف جاهلي ڪردار ڪشمڪش ۾ پئجي مسلسل پستي جي طرف کسڪندو ويو ۽ آخرڪار بلڪل غارت ٿي ويو. ملسم ڪردار کي وري وري صبر جو سبق ڏنو ويو. ان ۾ برداشت جي قوت ۽ پنهنجي موقف تي ڄميو رهڻ جي صلاحيت پيدا ڪئي وئي. ڪڏهن تاڪيد ڪيو ويو تہ اشتعال ۾ نہ اچو. ڪڏهن نصيحت ڪئي وئي تہ جهالت جي اولاد سان نہ الجهو ڪڏهن همت ٻڌرائي وئي تہ سُست نہ ٿيو مايوسي جو شڪار نہ ٿيو. ڪڏهن سيکاريو ويو تہ برائي جو جواب ڀلائي سان ڏيو ۽ زيادتين تي معاف ۽ درگذر ڪرڻ کان ڪم وٺو. ڪڏهن تعليم ڏني وئي تہ ڪنهن گروهہ جي دشمني جي جوش ۾ اچي انصاف جي راهہ تان نہ هٽو. ڪڏهن هدايت ڪئي وئي تہ دنيا جي پوڄارين کان اصلاح جي اميد نہ ڪيو ۽ انهن جي پٺيان لڳي پنهنجو وقت نہ وڃايو. ڪڏهن ارشاد ٿيو تہ مخالفن جي صف ۾ ٺٽ ٺانگر وارن ماڻهن کي ڏسي انهن جي ٺٽ ٺانگر کان ذرو بہ رعب ۾ نہ اچو ۽ ڪڏهن سبق ڏنو ويو تہ نتيجن تائين پهچڻ جي لاءِ تڪڙ واري ذهن کان ڪم نہ وٺو. انهن جي هر نفسياتي لاهہ چاڙهہ تي نظر رکي وئي ۽ گڏوگڏ انهن کي فلاح جي راهہ سمجهائي ويندي رهي. خود سرورِ ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي جماعت جي هرهڪ فرد تي پوري طرح توجهہ ڏنو ۽ بهترين موقعي تي ڪڏهن نصيحت کان، ڪڏهن پڪڙ سان، ڪڏهن دڙڪي دهمان کان، ڪڏهن ناراضگي کان، ڪڏهن خوشنودي جي اظهار کان ڪم وٺي مسلم ڪردار جي واڌ ويجهہ ڪئي. جنهن ۾ جهڙيون صلاحيتون ڏٺائون ۽ طبيعت جو جهڙو حال ڏٺو ان کي ان جي ئي ضرورتن مطابق مشورا ڏنا ۽ جنهن ۾ جنهن قسم جي ڪمزوري ڏٺي، ان جي سامهون حق جي دين جي اهڙي ئي اخلاقي تقاضا بيان ڪئي. وري اجتماعي عمل ۽ ڪوشش جي دائري ۾ مسلم جماعت جيڪو بہ طرزِ عمل ڏيکاريو ان تي هر اهم واقعي کان پوءِ سخت تنقيد ڪئي. بدر ۽ اُحد وارا مقابلا هجن يا صلح حديبيہ جو معاملو. قبلي جو تبديل ٿيڻ (تحويل) هجي يا افڪ وارو واقعو هر اهم تاريخي واقعي کان پوءِ هڪڙي طرف مخالفن جو طرزِ عمل عوام جي سامهون رکيو ۽ ٻئي طرف پنهنجي جماعت جو صاف سترو محاسبو ڪري سڀئي ڪمزوريون کلم کلا واضح

ڪيون ۽ انهن جي تدارڪ جي لاءِ تدبيرون ٻڌايون. دشمنن جي حوالي سان جيڪڏهن پنهنجا ساٿي ڪو غلط قدم کڻي ويٺا تہ ان تي پردو وجهڻ ۽ ان کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪونہ ڪئي، بلڪ دشمن جي سامهون غلطي جو اعتراف ڪيو. ڪو غلطي سان ماريو ويو تہ ان جو خون بها ادا ڪيو. نخلہ واري واقعي جي سلسلي ۾ پنهنجن ساٿين تي سخت اعتراض ڪيو. خالد بن وليد ڪلمو پڙهڻ وارن کي غيرمخلص سمجهي قتل ڪري ڇڏيو تہ ان جي عمل کان علحدگي ۽ بيزاري جو اظهار ڪيو. واقعاتي صورتحال اها ڪونہ هئي تہ مسلم ڪردار (سواءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي) خطا کان معصوم هيو ۽ ڪنهن کان ڪا غلطي يا ڏوهہ ڪونہ ٿيندو هيو. نہ ان کي ان حيثيت سان پيش بہ ڪيو ويو هيو. بلڪ اهو پنهنجي مجموعي بيهڪ جي اعتبار کان پاڪيزه هيو ۽ ان ۾ اصلاح قبول ڪرڻ جي لياقت ۽ واڌ ويجهہ جي صلاحيت هئي. اهو هڪڙي گڏيل حيثيت ۾ جاهلي ڪردار کان مڪمل طور تي اعليٰ ۽ افضل هيو ۽ مسلسل پيشقدمي ڪري رهيو هيو.

ڪنهن ڇميل ۽ مضبوط قيادت ۽ ٺهيل ٺڪيل ماحول جو مقابلو ڪرڻ ڪو کيل تماشو ڪونهي هوندو. اهي ڪم ڏکهو معاملو هوندا آهن. انهن ۾ وڏي مار کائڻي پوندي آهي ۽ گهڻي ٿڌي جوش سان انهن مقابلن کي کٽي سگهبو آهي. ماحول جي قوت اڳتي وڌڻ وارن کي ڳچي کان جهلي مسلسل پوئتي ڇڪيندي رهندي آهي. اصلاح ڪرڻ وارن کي نئين سر بگاڙي ڇڏڻ گهرندي آهي. انهن جي دلين ۾ گهر ڪرڻ جي لاءِ رنڊڪون تلاش ڪري ڪوشش ۾ هوندي آهي تہ پنهنجن عقيدن، پنهنجين رسمن ۽ پنهنجين عادتن کي ڪنهن طريقي سان وري انهن ۾ داخل ڪري ڇڏي ۽ ذهني مصلحت جي ڪا واٽ ڪڍي پيشقدمي ڪري، سازگار حالتن ۾ بہ ڪشمڪش جڏهن قوتن کي هيٺو ڪري ڇڏيندي آهي ۽ همتن کي ٿڪائي ڇڏيندي آهي تہ وڏن وڏن مخلص ماڻهن جا قدم پوئتي کسڪڻ لڳندا آهن. انسان ڪجهہ انقلابي قدرن کي ڇڏي پراڻن قدرن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. اصول ۽ اعتقاد ۾ نہ سهي، ليڪن ثقافتي ادب ۽ طور طريقن، رهڻي ڪرڻي، ڍول ڍنگ ۾ ٻاهرين اثرن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. بس ايترو رستو کلي وڃي تہ پوءِ ماحول ان کي آهستي آهستي ويڪرو ڪندو ويندو آهي ۽ آخرڪار پنهنجو سمورو سامان اندر داخل ڪري ويندو آهي — ڪم جي تڪميل هڪڙي نسل جي دور ۾ نہ سهي تہ اچڻ واري نسل ۾ ٿي سهي. مگر اسلامي تحريڪ مسلم ڪردار کي تعمير ڪندي ان خطري جو پورو پورو خيال رکيو. ان کي گهڻو مضبوط ڍنگ ڏنو ۽ تحفظ جون سيئي تدبيرون اختيار ڪيون. هڪڙي طرف تہ ان کي اَشِدَّآءُ عَلَی الۡکُفَّارِ (الفتح آيت 29) يعني مخالفتن جي مقابلي ۾ هڪڙي مضبوط پهاڙ بڻائڻ جي لاءِ "رُحَمَآءُ بَيۡنَهُمۡ" ٿيڻ جو سبق ڏنو ۽ ٻئي طرف غيرن جي تقليد، غيرن جي رعب ۾ اچڻ، غيرن سان رازداري وارا تعلقات رکڻ ۽ بي تڪلفي واري ويجهڙائي رکڻ

کان بلڪل روڪي ڇڏيو. جماعت ۾ اهوئي ذهني استحڪام پيدا ڪرڻ لاءِ نون مسلمانن کي حڪم هيو تہ اهي هجرت ڪري مديني ۾ اچي وڃن ۽ جيڪڏهن ڪنهن جاءِ تي پروسي وارا ماڻهو گڏ هوندا هيا تہ انهن کان "بيعت اعرابي" (يعني اهڙي بيعت جنهن ۾ هجرت لازمي نہ هجي) ورتي ويندي هئي تہ انهن کي بہ تاڪيد ضرور ڪيو ويندو هيو تہ "فَارِقُوا الْمُشْرِكِيْنَ" يعني مشرڪن سان برادري، دوستي، مٽي مائٽي ڪرڻ وارا تعلقات نہ رکو بلڪ پنهنجي برادري الڳ ٺاهيو. غيرمسلم والدين جو ادب احترام ڪرڻ سان گڏوگڏ اهو سخت حڪم بہ ڏنو ويو تہ اسلام کان منحرف ٿيڻ جي لاءِ چون تہ "فَلَا تُطِعْهُمَا" اسلام جي خلاف ڪنهن جي بہ ڪا اطاعت نٿي ڪري سگهجي. ان ڪردار جو اهو شان هيو تہ اهو نہ ايران جي عاليشان تهذيب کان متاثر ٿيو ۽ نہ روم جي نٽ ٺانگر واري تهذيب جي سامهون ان جي دل ڇڪ کاڌي اهو وڏين وڏين دربارن ۾ پنهنجي بدوي شان سان غاليچن کي لتاڙيندو ڪنڌ جهڪائڻ کان سواءِ پهتو ۽ چوڻ واري ڳالهہ اهڙي طرح چئي چڻ اهو ڇاهڙن جي وچ ۾ ويٺو ڳالهہ ڪري رهيو آهي. ان ڪردار کي جڏهن ذهني لحاظ کان ايترو مضبوط بڻايو ويو ۽ هر قسم جي احساسِ ڪمتري کان ان کي بالاتر ڪيو ويو تہ پوءِ مخالفن ان کي جنگ جي ميدان ۾ بہ پڪاريو تہ ان شجاعت ۽ دليري جا زندهہ جاويد مثال قائم ڪري ڇڏيا. دنيا ڏسي ورتو تہ اهو ڪردار تعداد جي ٿورائي ۽ سامان جي گهٽتائي جي باوجود آسان گرانهہ ڪونهي، جنهن کي سولائي سان چباڙي ڇڏجي. بلڪ ان سان مقابلو ڪرڻ لوها چڻا چباڙڻ جي برابر آهي.

ان مسلم ڪردار جا بيشمار ڪٽر مخالف هوندا جيڪي ان تي طنز ۽ ٺٺول ڪندي دل ئي دل ۾ محسوس ڪندا هوندا تہ اهو اسان کان هزار ڀيرا افضل ۽ برتر آهي. بيشمار مخالف ظاهر ۾ مخالفت ڪرڻ جي باوجود اندر ۾ رشڪ ڪندا هوندا تہ ڪاش! اسان بہ ان برادري ۾ شامل هجون. ان ڪردار کي گاريون ڏيڻ وارا، ان تي چٽر (هِجو) ڪرڻ وارا، ۽ ان جي خلاف پروپيگنڊا ڪرڻ وارا ڪڏهن ڪڏهن سوچ واري گهڙي ۾ پنهنجو پاڻ کي چوندا هوندا تہ اسان ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهيون ۽ پنهنجو پاڻ کي ڌوڪو ڏئي رهيا آهيون. تنهنڪري بيشمار موقعن تي مخالفن زبان سان بہ پنهنجو دلي اعتراف بيان ڪيو. اُحد واري لڙائي جي ختم ٿيڻ تي جڏهن ٽڪري تي بيهي ابوسفيان حضرت عمر رضہ کان پڇيو تہ ڇا محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) قتل ٿي ويا آهن. حضرت عمر رضہ جواب ڏنو تہ "الله جو قسم اهي زنده آهن ۽ تنهنجي ڳالهہ ٻڌي رهيا آهن" تہ ابوسفيان چيو تہ توڙي جو ابوقميہ چوي ٿو تہ مون محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي قتل ڪري ڇڏيو مگر اسان توکي ان کان وڌيڪ سچو سمجهون ٿا. اهڙي طرح حديبيہ واري معاهدي کان اڳ قريشن جي سفير عروه بن مسعود مسلمان جماعت جو جيڪو منظر ڏنو ان کي قريشي سردارن آڏو جن لفظن ۾ بيان ڪيو اهي لفظ ان تاثر جا شاهد آهن جيڪو غيرن تي لڳاتار پئجي رهيو هيو. اهڙي طرح قيصر جي دربار ۾

ابوسفيان اسلام جو مخالف هجڻ جي باوجود حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي تحريڪ جي باري ۾ جيڪو بيان ڏنو اهو ظاهر ڪري ٿو تہ دشمني ڪرڻ وارا بہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ اسلام جي عظمت جو اعتراف ڪندا هيا. مديني جو عملدار خيبر جي يهودين کان وصولي ڪرڻ ويجي ٿو تہ ان جي ورهاست جو صحيح نمونو ڏسي اهي شاهدي ڏين ٿا تہ اهو ئي عدل آهي جنهن تي آسمان ۽ زمين قائم آهن.

ڏينهون ڏينهن عربستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نوجوان مسلم برادري جي انوکن احوالن جا چرچا ٿيندا هوندا. ان جي فردن جون ڳالهيون ٿينديون هونديون. ماڻهن جون نگاهون مديني تي لڳل رهنديون هونديون تہ اتي ڇا ٿي رهيو آهي. ماڻهو هڪ ٻئي کان پڇندا هوندا تہ اڄ تاريخ ۾ ڪهڙو نئون لاهہ چاڙهہ واقع ٿيو. مسافرن ۽ قافلن جي ذريعي روزمره جي احوال جا اطلاع پري پري تائين پهچندا هوندا ۽ ماڻهو هر ايندڙ ويندڙ کان معلوم ڪندا هوندا تہ "ڪا نئين ڳالهہ ٻڌايو." مطلب تہ مديني جي هر ڳالهہ ۾ حد درجي جي "خبري اهميت" ("نيوز ويليو" ـ News Value) پيدا ٿي وئي هوندي. جتي بہ ماڻهو ڪٺا ٿيندا هوندا اتي محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم, مسلم برادري ۽ اسلامي تحريڪ ۽ مديني جي حڪومت گفتگو جو اولين موضوع ٿيندا هوندا. عورتون گڏجي ويهنديون هونديون تہ مديني جي باري ۾ طرح طرح جي افواهن کي لوڻ مرچ لڳائي بيان ڪنديون هونديون. ماءُ پيءُ کي خوش ڪرڻ, وندرائڻ ۽ ڍيڄارڻ جي لاءِ نوجوان نہ ڄاڻ مديني جي واقعن مان ڪهڙو ڪهڙو مواد ڪڻندا هوندا. هوا جو هر جهوٽو ان ئي مسلم ڪردار جي خوشبوءِ کڻي باغ باغيچن, رڻن پٽن ۽ چشمن تان گذرندو هوندو.

اسلامي تحريڪ جي اها اخلاقي قوت ئي ان جي دليل ۽ اپيل کي موثر ۽ نتيجي وارو بڻائڻ واري هئي ۽ اها مسلم ڪردار جي عظمت جو اعتراف هيو جنهن لکين دلين کي فتح ڪري ڇڏيو ـــ هتي اسان ڪجهہ مثال بيان ڪنداسين تہ ڪهڙي طرح اسلام جو چمڪمق چئني طرفن کان ڪنبڙيل انسانيت جي ذرڙن کي پنهنجي طرف ڇڪيندو ويو.

پهريان مڪي جي دور کي ڏسو. مشهور شاعر طفيل دوسي اچي ٿو ۽ قريشي ان کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ملڻ کان منع ڪن ٿا. آخر اهو پاڻ حاضر ٿئي ٿو ۽ قرآن جون ڪجهہ آيتون ٻڌي صرف انهن جي اثر کان اسلام قبول ڪري ٿو. عمرو بن عبسہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو چرچو ٻڌي اچي ٿو ۽ اسلام ان جي دل ۾ جاءِ والاري وٺي ٿو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ٻالڪپڻ جو ساٿي ضماد بن ثعلبہ نصيحت ڪرڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ اچي ٿو. مگر زبان مبارڪ مان الله جي حمد جا ڪجهہ ٻول ٻڌي فتح ٿي وڃي ٿو. هڪڙو صحرائي قبيلو جنهن جو ڌنڌو ڌاڙا هڻڻ آهي, ان جو هڪڙو نوجوان ابوذر رضہ اسلام جو چرچو ٻڌي اچي ٿو ۽ مخالف ماحول کان بچندو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تائين پهچي ٿو. دعوت ٻڌي ٿو ۽

پنهنجي دل حق جي تحريڪ کي ڏئي ويهي ٿو. ان ۾ هڪدم هڪڙو جذبو اڀري ٿو ۽ اهو حرم ۾ وڃي حق جي ڪلمي جو اعلان ڪري ٿو ۽ پوءِ عشق جي ان ڏوهہ جي سزا جو مزو بہ چکي ٿو. پوءِ جيڪو بہ شخص اسلامي تحريڪ جي حلقي ۾ داخل ٿيندو ويو اهو پنهنجي پنهنجي دائري ۾ خود هڪڙو داعي بڻجندو ويو. ڪجهہ جي اثر ڪري قبيلن جا قبيلا اسلام قبول ڪندا ويا. سويد بن صامت حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ملاقات ڪري ٿو ۽ گهرو اثر وٺي وڃي ٿو. اياس بن معاذ مديني کان اچي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت جو قائل ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ مديني ۾ حق جي نظام جي طلب پيدا ڪري ٿو. نجران کان 20 عيسائين جو وفد اچي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان پيغام جو شعور حاصل ڪري ٿو ۽ ان جي باوجود تہ قريشي انهن کي برغلائن ٿا، اهي حق جي روشني کي سينن ۾ جذب ڪري موڪلائين ٿا. حبش وارن مهاجرن کان يمن جا ماڻهو متاثر ٿي اسلام کي سينن ۾ جاءِ ڏين ٿا ۽ انهن جي ئي ذريعي نجاشي بادشاهہ جي دل ايمان سان روشن ٿي وڃي ٿي.

مديني ۾ اوس ۽ خزرج قبيلن جا ماڻهو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اتي آمد کان پهريان ئي تيزي سان اسلام قبول ڪري رهيا هيا ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هجرت ڪري اچڻ کان پوءِ تہ ڪو گهر خالي ڪونہ رهيو جنهن ۾ اسلام جي روشني نہ پهتي هجي. حيرت واري ڳالهہ اها هئي تہ يهودين جو هڪڙو عالم عبدالله بن سلام حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هڪڙي مختصر خطاب "يَاَيُّهَا النَّاسُ اَفْشُوا السَّلَامَ وَ اَطْعِمُوا الطَّعَامَ وَ صِلُوا الْاَرحَامَ وَ صَلُّوا بِالَّيْلِ وَ النَّاسُ يَنَامُ" (ﷺ اي انسانو! سلام (ڪرڻ جي طريقي) کي عام ڪيو ۽ (ضرورتمندن کي) کاڌو کارائيندا ڪيو ۽ مائٽن سان سُٺو سلوڪ ڪريو ۽ رات جو نماز (نفل) پڙهو جڏهن ٻيا ماڻهو ستا پيا هوندا آهن ) کي ٻڌي ويجهو اچي وڃي ٿو ۽ ٿورڙي غور ۽ فڪر کان پوءِ فيصلو ڪري سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ حق جي شهادت ڏئي ٿو. اهڙي طرح عيسائين مان هڪڙو ناليوارو راهب ۽ عالم ابو قيس صرمہ بن ابي انس اسلامي تحريڪ جي پڪار تي لبيڪ چوي ٿو. جبير بن مطعم بدر جي قيدين کي ڇڏائڻ جي لاءِ آيو هيو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زبان مان ڪجهہ آيتن کي ٻڌڻ جو توجهہ سان موقعو مليس. حقيقت اهڙي پڌري ٿي ويس جو ان محسوس ڪيو تہ جڻ ساهہ پرواز ڪري ويو آهي. قريش جو غلام ابو رافع مڪي وارن جي طرفان سفير ٿي مديني آيو تہ سينو اسلام جي لاءِ کلي ويس. واپس وڃڻ جي لاءِ تيار ڪونہ هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سمجهايس تہ سفير کي نٿو روڪي سگهجي. تون واپس وڃ، پوءِ اسلام جي ڪشش هيڏانهن ڇڪي تہ مديني اچي وڃ. تنهنڪري اهو مڪي ويو ۽ واپس اچي اسلامي جماعت ۾ شريڪ ٿي ويو. بنوقريظہ جي خلاف انهن جي ڏوهن جي سزا ڏيڻ لاءِ چڙهائي ٿئي ٿي تہ ان حالت ۾ انهن جو هڪڙو فرد عمرو بن سعد اسلام قبول ڪري ٿو.

ثُمامہ بن اُثال حنفي، يمامہ جو رئيس، قيد ٿي اچي ٿو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي طرزِ عمل کان متاثر ٿي اسلامي جماعت جو هڪڙو فرد ٿي وڃي ٿو. اُحد واري لڙائي هلي رهي آهي تہ عمرو بن ثابت اُصَيرَم (بنو عبدالاشهل) عين ان گهڙي حق جي سامهون ڪنڌ جهڪائي سڌو مقابلي جي ميدان ۾ شريڪ ٿئي ٿو ۽ شهادت ماڻي ٿو. خندق واري لڙائي جي ڪٺن حالتن ۾نعيم بن مسعود اسلامي تحريڪ جي قدمن ۾ اچي ڪري ٿو ابوالعاص مديني اچي ٿو تہ بلڪل غير متوقع طور تي اسلام جو اعلان ڪري ٿو. خيبر جي يهودين کي جنگي تياريون ڪندي ڏسي انهن جو هڪڙو ڏنار اسود معلوم ڪري ٿو تہ ڪنهن سان لڙائي آهي ۽ ڇو؟ پوءِ جڏهن ان کي معلوم ٿئي ٿو تہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف تياريون آهن. جنهن نبوت جي دعوا ڪئي آهي تہ اهو بي تاب جذبي سان حاضر ٿئي ٿو ۽ حقيقت معلوم ڪري ٿو ۽ پوءِ فتح ٿي وڃي ٿو. خالد بن وليد ۽ عمرو بن عاص جهڙا ناليوارا ماڻهو (صلح حديبيہ ۽ جنگِ موتہ جي وچ واري عرصي ۾) اوچتو قريشن کان ڌار ٿي اسلامي رياست سان اچي ملن ٿا. جاهليت جي محاذ تي وڙهندي وڙهندي اندران دل بيزار ٿي وئي هين، سو اسلامي تحريڪ انهن کي هڪدم ڇڪي ورتو. فُضَالہ مڪي جي فتح واري موقعي تي ۽ شيبہ بن ابي طلحہ حنين واري لڙائي جي موقعي تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي قتل ڪرڻ جي ارادي سان پهتا، مگر پاڻ ئي حق جي تلوار سان گهايل ٿي ويا. هوازن ۽ بنوسعد جي وفدن جي اچڻ وقت حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مالڪ بن عوف کي ياد ڪيو ۽ خواهش ڪئي تہ اهو اسلام قبول ڪري. پيغام پهچڻ تي مالڪ بن عوف ثقيف قبيلي وارن کان لڪي ڇپي ٿي ڏينهن حاضر ٿي ويو ۽ اسلامي محاذ تي اچي ويو. طي قبيلي تي اسلامي دستي فتح حاصل ڪئي تہ حاتم طائي جي ڌي قيدين ۾ مديني آئي. ان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي سهڻو سلوڪ ڪرڻ جي درخواست ڪئي، جنهن کي قبول ڪري پاڻ سڳورن ان جي لاءِ سواري جو بندوبست ڪري واپس موڪليو. ان پنهنجي ڀاءُ عدي بن حاتم کي، جنهن جي دل ۾ اسلام جي خلاف ڪاوڙ جي باهہ ٻري رهي هئي، سمورو حال ٻڌايو ۽ مديني حاضر ٿيڻ جي تلقين ڪئي. عدي آيو ۽ پنهنجين اکين سان حالتن جو پورو جائزو وٺي جڏهن محسوس ڪيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم الله جا سچا نبي آهن تہ اسلام جي حلقي ۾ داخل ٿي ويو. ڪعب بن زُهير جنهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ اسلامي تحريڪ جي خلاف شاعري جو محاذ کولي رکيو هيو، پاڻمرادو مديني آيو ۽ عرض ڪيائين تہ توبهہ تائب ٿي مسلمان ٿيو آهيان، امان ڏيو. امان ملي ويس. پوءِ ان اهو قصيدو (بانت سعاد) پڙهيو جيڪو تاريخي حيثيت اختيار ڪري ويو. عبدالله ذُوالبِجادِين کي ڏسو تہ اهو ڀولو ڀالو نوجوان مديني مان گهلڻ واري هير جي جهوٽن کان متاثر ٿي وڃي ٿو مگر چاچي جي ڊپ کان پنهنجي ارمان کي ڪجهہ عرصي تائين سيني ۾ دٻائي رکي ٿو. چاچي کان

مايوس ٿي وڃي ٿو تہ ان جو مال ۽ ملڪيت، ان جو ڏنل لباس ۽ گهر جي ماحول کي الوداعي سلام چئي ڪمبل ويڙهي مديني پهچي ٿو ۽ حياتي اسلامي تحريڪ جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو. بحرين جي قبيلي عبدالقيس جو هڪڙو واپاري مُنقِذ بن حِبان واپاري سفر تي نڪتو. مدينو رستي ۾ ايندو هيو. اتي ڪجهہ وقت ترسي پيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نظر ۾ اهو ڪم وارو نقشو تہ رهندو ئي هيو تہ حجاز کان ٻاهر وارن علائقن سان رابطا وڌائڻ جا ذريعا پيدا ٿين ۽ ڪم جا ماڻهو اتي بہ تحريڪ کي حاصل ٿين. انهيءَ ڪري خبر پوڻ تي پاڻ سڳورا ئي ان وٽ هلي ويا. دعوت پيش ڪيائون ۽ مُنقِذ قبول ڪئي. گهر ويو تہ بحث مباحثي کان پوءِ ان جو پيءُ بہ اسلام جي حلقي ۾ اچي ويو. بعد ۾ قبيلي جي عام ماڻهن بہ انهن جي ڪوشش سان اسلام اختيار ڪيو. ڪيترن ئي ماڻهن بادشاهتون، سرداريون ۽ عهدا ڇڏي پنهنجو پاڻ کي الله جي ٻانهپ (عبوديت) جي مقام تي آڻي بيهاريو.

انهن مثالن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ حق جي دعوت جي ڦوڪ ڪهڙي طرح ڦُٽي رهي هئي. اڄ هتي ٻج ڦُٽو سڀاڻي ٻئي هنڌان خلوص جي ٻج ڳونچ ڪڍيا. صبح جو هيڏانهن ڪا مکڙي ٽڙي، شام جو ٻئي هنڌ ڪنهن اکي اک کولي. جيئن شام جو آسمان ۾ تارا چمڪندا آهن، پهريان هڪ، پوءِ بہ چار، پوءِ ڏهہ پندرهن، پوءِ پنجاهہ سو پوءِ هزارين لکين. بلڪ ڳڻڻ کان مٿي، جڻ واري جا ذرڙا ننڍ مان هڪ هڪ ڪري چرڪ ڀري اٿي رهيا هجن. هڪڙي آرس ڀڳو ٻئي ڪر ڪنيو ٽئين چرپر جو آغاز ڪيو چوٿين اک کولي ۽ پوءِ جڻ اهي جادو جا پر لڳائي اڏرڻ لڳا. اڏري هڪ ٻئي سان ٻاڪرين پئجي ويا ۽ انهن سان هڪڙي نئين دنيا وجود ۾ اچي وئي.

اسان قبولِ اسلام جي تيز رفتار عوامي وهڪري جو ذڪر تہ پوءِ بعد ۾ ڪنداسين جيڪو هڪڙي خاص مرحلي اچڻ تي هليو ۽ ماڻهو هڪ ٻئي پٺيان پاڻ اچي، اڳتي وڌي، تحريڪ جي وهڪري ۾ پاڻ وهندا ويا. هتي اسان صرف انهن خاص ماڻهن جو ذڪر ڪري رهيا آهيون جيڪي پنهنجن پنهنجن حلقن ۾ اڳُمتي (پيشرو) نڪتا. اهڙن ماڻهن ۾ جڏهن ڪو هڪڙو بہ مسلمان ٿي ويندو هيو تہ پوءِ اهو پنهنجي قبيلي ۽ پنهنجي علائقي ۾ پاڻ ئي هڪڙو داعي ۽ معلم بہ ٿي ويندو هيو. ان جي ذات ۾ تحريڪ جو هڪڙو مقامي مرڪز کلي ويندو هيو. اهو پنهنجي قول ۽ پنهنجي ڪردار سان ڪيترن ئي ٻين ساٿين کي — اڪثر ڪري پوري جي پوري قبيلي کي — اسلام جي بارگاهہ ۾ وٺي اچي پيش ڪندو هيو. ان کان علاوہ، خود مديني جي دعوتي مرڪز جون سرگرميون بہ ۽ ان جي علائقائي ڪارڪنن جون ڪوششون بہ بيشمار اهڙا ماڻهو پيدا ڪنديون ويندديون هيون جيڪي توڙي جو سڌو سنئون اسلامي تحريڪ جي حلقي ۾ هڪدم شامل نہ ٿيندا هيا، ليڪن ان سان همدردي ۽ حمايت جو رويو اختيار ڪندا هيا ۽ اهڙن ماڻهن جون همدرديون ۽ حمايتيون بہ پنهنجي جاءِ تي وڏو ڪم ڪنديون هيون.

تحريڪ جا اهڙا حمايتي غيرن ۽ مخالفن ۾ بہ ويهي ڳالهہ ڪري سگهندا هيا ۽ انهن جي ڳالهہ ٻڌڻ ۾ ڪنهن بہ نموني جو تعصب حائل ڪونہ ٿيندو هيو. اهڙا ماڻهو مڪي جي قريشن جي وچ ۾ بہ گهڻا هيا. يهودين ۾ بہ هيا ۽ بدوي قبيلن ۾ بہ اهڙا ماڻهو هيا جن صلح حديبيہ جي موقعي تي قريشن کي معاهدو ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪيو. اهڙي ئي هڪڙي شخصيت هئي جنهن اُحد واري لڙائي کان پوءِ ابوسفيان کي موٽي مسلمانن تي ٻيهر حملو ڪرڻ کان روڪيو. اهڙي ئي هڪڙي شخصيت اها بہ هئي جنهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نظربندي واري زماني ۾ شعبِ ابوطالب ڏانهن وڃڻ واري اناج کي روڪرائڻ جي مخالفت ڪئي ۽ اهڙيون ئي شخصيتون هيون جن مورڳو قطع تعلقات (بائڪاٽ) جي ان ناپاڪ معاهدي کي ختم ڪرايو جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خاندان جي خلاف ڪيو ويو هيو. اهڙي ئي هڪڙي شخصيت مُخَيريق يهودي جي بہ هئي جنهن يهودي هوندي پنهنجي جان اسلامي تحريڪ ۾ لڳائي ڇڏي ۽ ٻين يهودين کي بہ احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. مطلب تہ اسلام قبول ڪرڻ وارن جي چوڌاري هڪڙو وڏو حلقو اهڙن حمايتين جو بہ هرجاءِ تي نهندو ويو ۽ اهو بہ تحريڪ جي فروغ سان گڏ وسيع تر ٿيندو ويو. ان عنصر جو بہ اسلام جي لاءِ رستو هموار ڪرڻ ۾ بهرحال، حصو رهيو آهي ۽ ان مان اڪثر ماڻهو بعد ۾ اسلام ۾ داخل ٿيڻ جي سعادت کان بهره مند بہ ٿيا. مطلب تہ اسلامي انقلاب جي مشهوري ڪندڙن جو هڪڙو چار پوري عربستان ۾ پاڻمرادو پکڙجندو ويو. مدينو انهن سيني جي لاءِ تحريڪ جو مرڪز هيو جنهن کان قوت حاصل ڪري هرطرف پکڙيل حق پرست اسلام جي ڪلمي جي برقي رو پنهنجي پنهنجي ماحول ۾ ڊوڙائي رهيا هيا. مدينو ڄڻ تہ ڌڙڪندڙ دل هيو جنهن جا فڪر ۽ جذبا رت جي موجن وانگر عربستان جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پهچي رهيا هيا. اهو هڪڙو سج هيو ۽ ان جي چوڌاري پري پري تائين پکڙيل سيارا روشني حاصل ڪري فضائن کي روشن ڪري رهيا هيا.

هتي اسان سرسري طور تي ڪجهہ مثال بيان ڪيون ٿا. جن مان اندازو ٿيندو تہ هڪڙي يا ڪجهہ فردن ڪهڙي طرح پوري قبيلي يا علائقي کي متاثر ڪيو. هڪڙو مثال تہ خود مديني جو هيو ۽ شايد سڀ کان وڏو ۽ شاندار مثال آهي تہ هڪڙو نوجوان سويد بن صامت مڪي وڃي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان اسلام جي ڪلمي جي روشني حاصل ڪري ٿو ۽ پوءِ آهستي آهستي گهڻو تعداد متاثر ٿي وڃي ٿو. ايستائين جو مدينو اسلامي تحريڪ جو مرڪز بڻجڻ جي قابل ٿي وڃي ٿو. طفيل دوسي پنهنجي مزاج جي ڪري توڙي جو قبيلي کي جلد متاثر ڪري ڪونہ سگهيو ليڪن ان جي ڪري يمن ۾ اسلامي تحريڪ جو تعارف ٿي ويو ۽ حبش وارن مهاجرن کان متاثر ٿي اشعر قبيلي وارن ڪنهن ٻاهرين تحريڪ کان سواءِ پنهنجو پاڻ کي اسلام جي محاذ تي پيش ڪري ڇڏيو. ضماد بن ثعلبہ جي دعوت سان پورو ازدشنوه قبيلو اسلام جي حلقي ۾

اچي ويو. حضرت ابوذر غفاري رضہ اسلام جي انقلابي نظريي جي روح سان سرشار ٿي مڪي کان موٽيو تہ ان جي دعوت سان ان جو اڌ قبيلو حق جي نظام جو علمبردار ٿي ويو ۽ باقي اڌ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مديني وڃڻ تي مسلمان ٿيو. پوءِ ان ئي غفاري قبيلي جي اثر سان اسلم قبيلي ۾ بہ اسلام داخل ٿي ويو ۽ آهستي آهستي اهو پورو قبيلو بہ جاهليت کان ڏار ٿي اسلامي انقلاب جو علمبردار ٿي ويو. منقذ بن حبان مديني مان صداقت جو نور جذب ڪري پنهنجي وطن بحرين پهتو تہ حق جي دعوت جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو ۽ ماڻهو متاثر ٿيڻ لڳا. تنهنڪري ڪجهہ عرصي کان پوءِ اهو 14 ساٿين جو وفد وٺي مديني حاضر ٿيو. مطلب تہ ڳالهہ اها ئي انجيل واري سامهون اچي ٿي تہ خدا جي بادشاهت (دعوتِ حق) جو مثال خمير جهڙو آهي تہ هڪڙي عورت خمير جو ذرو اٽي ۾ ملائي ڇڏيو تہ اهو سمورو خمير ٿي ويو.

جتي بہ اسلام پهتو ٿي ۽ مناسب تعداد متاثر ٿيو ٿي، اتي لازمي طور مسجد جو بنياد رکيو ويندو هيو. مسجد صرف هڪڙي عبادت گاهہ جي ئي حيثيت ڪونہ رکندي هئي. بلڪ اها اسلام جو ثقافتي مرڪز هوندي هئي ۽ ساڳي وقت تعليم گاهہ، مشوري جي جاءِ (دارالمشوره)، سماجي گڏجاڻي جي جاءِ ۽ مهمان گهر جو ڪم بہ ڏيندي هئي. مسجد حقيقت ۾ اسلامي تحريڪ جي هڪڙي ظاهري علامت هوندي هئي ۽ ڪنهن بہ علائقي ۾ مسجد جو وجود انهي ڳالهہ جو اعلان هوندو هيو تہ هتي اسلام پهچي ويو آهي. انهيءَ ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪ طرف نو مسلم قبيلن کي هدايت ڪندا هيا تہ اهي مسجد تعمير ڪن ۽ ٻئي طرف فوج کي حڪم هيو تہ جتي بہ مسجد ڏسڻ ۾ اچي ۽ جنهن ڳوٺ مان آذان جو آواز گونجي اتي ڪڏهن بہ تلوار کي حرڪت ۾ نہ آندو وڃي. اها چئڻ تہ مسجدن جي تعمير ڪرڻ لاءِ وڏيڪ ترغيب هئي. ماڻهو پنهنجي نئين انقلابي مسلڪ جو اعلان ۽ اظهار ڪرڻ جي هڪڙي مناسب صورت اها ئي ڏسندا هيا تہ ڳوٺ ۾ مسجد تعمير ڪن. ان مان آذان جي صورت ۾ اسلامي تحريڪ جي عقيدن جو اعلان ڪن ۽ ان ۾ نماز جو نظام قائم ڪري اجتماعيت مان بهره مند ٿين. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ترغيب جو نتيجو هيو جو خود مديني ۾ پاڻ سڳورن جي حياتي مبارڪ ۾ ئي نَوَ مسجدون تعمير ٿي ويون هيون. هڪڙي مسجد شروعات ۾ ئي بحرين ۾ بہ موجود هئي ۽ مسجد نبوي کان علاوه پهريون جمعو ان مسجد ۾ ادا ٿيو. مسجدون جتي عوامي ادارن جي حيثيت رکنديون هيون، اتي انهن کي سرڪاري سرپرستي بہ حاصل هوندي هئي. مديني مان جن بہ ماڻهن کي ڪنهن علائقي يا ڳوٺ ۾ شهري آفيسر (سِوِل آفيسر) ڪري موڪليو ويو اهي ئي اتان جي مسجد جا نماز پڙهائڻ لاءِ امام بہ هوندا هيا. جيڪي قبيلا مديني جي انتظاميہ (ايڊمنسٽريشن) کان ٻاهر هوندا هيا، اتان جي مسلمان آبادي امام جي مقرري لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان مشورو وٺندي هئي ۽ پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ٻڌايل معيار

مطابق پاڻ ڪنهن ماڻهوءَ جي چونڊ ڪندا هيا. گهڻيون ئي مسجدون انهن سيني تاريخي جاين تي تعمير ٿيون جتي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪنهن لڙائي (غزوه) يا سفر ۾ قيام ڪيو يا نماز ادا ڪئي؛ يا اتي ڪو اهم واقعو ٿيو.

## معاهدن وارا رابطا:

عوام ۾ دعوت ۽ تعليم جو جيڪو وسيع ڪم متي ڄاڻايل سڌي سنئين طريقي سان ٿيو ان سان گڏ جيڪي وڏا وڏا قدم موثر حد تائين مددگار ٿيا انهن مان هڪڙو مديني جي سياسي اثرن جي توسيع جو ڪم هيو جيڪو گهڻن ئي معاهدن ۽ ساٿاري هجڻ وارن تعلقاتن جي ذريعي عمل ۾ آيو. معاهدن واري رابطي جي ذريعي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان حڪومت جي اثر واري دائري کي وسيع ڪرڻ ۽ ان معاملي ۾ غيرمعمولي حد تائين توجهہ ڏيڻ اهو ظاهر ڪري ٿو تہ پاڻ سڳورا لڙائي جهيڙي کان انتهائي ممڪن حد تائين بچي نڪرڻ گهرندا هيا ۽ امن ۽ سلامتي جي فضا چئني طرفن ۾ قائم ڪرڻ گهرندا هيا تہ جيئن اهڙي پرسڪون فضا ۾ حق جي دعوت جو ٿڌو ڪم چڱي نموني سان ٿي سگهي ۽ جنگي جذبا وچ ۾ حائل نہ هجن. جتي بہ جنگي ڪارروايون رياست جي بقا، امن جي بقا يا اسلام جي بقا لاءِ اٽڪر ضرورت ٿي ويون، اتي تہ پاڻ سڳورن ڪنهن بہ قسم جي ٻڏتر کان ڪم ڪونہ ورتو. پر جيڪڏهن جنگ کان بچي نڪري سگهيو ٿي ۽ رياست جو سياسي تحفظ و استحڪام ۽ دعوت جي لاءِ کليل ميدان امن ۽ سڪون سان حاصل ڪرڻ ممڪن هجي تہ پوءِ پاڻ سڳورن لازمي طور صلح ۽ صفائي جو رستو اختيار ڪيو. خود رياست جو وجود تلوار جي زور سان نہ. بلڪ لکت وارن معاهدن جي ٻل تي قائم ٿيو؛ ۽ پوءِ ان جي تحفظ جي لاءِ ۽ ان جي اثرن جي توسيع جي لاءِ پاڻ سڳورن دوستاڻن رابطن کي ايتري وڏي پيماني تي ذريعو بڻايو جو جنگي ڪارروايون ان جي مقابلي ۾ بلڪل معمولي تناسب رکن ٿيون.

معاهدن جو بندوبست ڪرڻ ۽ دوستاڻن تعلقاتن کي قائم ڪرڻ ڪو آسان ڪم ڪونهي هوندو. خاص طور تي ان وقت جڏهن مذهبي اختلاف موجود هجن، سياسي تعصب پيدا ٿي وڃن. وچ ۾ پڌريون مخالف طاقتون مداخلت ڪري رهيون هجن ۽ معاملو عام طور تي اهڙن قبيلن ۽ ڌرين سان هجي جيڪي پراڻا تعلقات نہ هجڻ جي ڪري بلڪل اجنبي هجن. ان ڪم جي لاءِ وڏي سياسي مهارت جي ضرورت هوندي آهي. سامهون واري جي حالتن ۽ رجحانن کي ڏسڻ، طاقت جو اندازو لڳائڻ، قوت جي ان توازن کي سمجهڻ جيڪو ڪنهن خاص گهڙي ۾ معاشري جي مختلف جزن جي وچ ۾ ڪم ڪري رهيو هجي. مخالف طاقتن جي اثرن جو مطالعو ڪرڻ، شرطن جي اها خاص وچواري لڪير ڳولي لهڻ جنهن تائين ڪنهن قبيلي يا ڌر کي آڻي سگهجي ٿو ۽ پوءِ نفسياتي لحاظ کان ڳالهہ ٻولهہ ۾ اثر پيدا ڪرڻ ـــ اهڙيون بيشمار ڳالهيون پوريون

ڪرڻيون پونديون آهن. حقيقت اها آهي تہ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪم جي ان دائري ۾ جنهن درجي جي سياسي بصيرت ۽ قائداڻي مهارت ۽ سفارتي (ڊپلوميٽڪ) قابليت جو نمونو پيش ڪيو آهي، ان جو مثال ڪٿي بہ ڪونہ ٿو ملي سگهي ۽ انهيءَ ڪري نٿو ملي سگهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مختلف حالتن ۾ ايترا وسيع تعلقات پيدا ڪندي ڪنهن بہ موقعي تي حق جي نظرئي، پنهنجن اخلاقي اصولن ۽ پنهنجي سياسي مرتبي کي ذرو بہ نقصان پهچڻ ڪونہ ڏنو. ورنہ سفارتڪاري (ڊپلوميٽڪ) جي دائري ۾ جنهن خراب نموني سان اصول ۽ اخلاقن جو قتلام ٿيندو آهي، ان جي ڪري لفظ "ڊپلوميسي" بدنام ٿي ويو آهي. خود سياست اڄ هڪڙو مڪروهہ ڌنڌو انهيءَ ڪري ٿي وئي آهي جو سياست جو ڪو اخلاق ڪونهي هوندو ۽ اها هڪڙي اهڙي ٽينڪ (Tank) آهي جو جنهن پاسي هلي ٿي، انسانيت جي قيمتي قدرن کي لتاڙيندي وڃي ٿي. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سفارتڪاري (ڊپلوميسي) ۽ سياست جو مفهوم بلڪل تبديل ڪري ڇڏيو ۽ انهن ڪمن کي نہ صرف خرابين کان پاڪ ڪري ڇڏيو بلڪ نيڪي ۽ عبادت جي روح سان سينگاري ڇڏيو. اسلامي اصولن سان گڏ سياسي ۽ سفارتڪاري (ڊپلوميٽڪ) سرگرمين کي جاري رکڻ ۽ پوءِ انهن ۾ غيرمعمولي درجي جي ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۽ ان جي ذريعي بيشمار ڇڙوڇڙ ٿيل قبيلن کي پنهنجي چوڌاري گڏ ڪري ڇڏڻ اڄ ڪتابن جي پنن ۾ پڙهندي آسان معلوم ٿئي ٿو. مگر عربستان جي رڻ پٽ ۾ جڏهن عملي طور تي اهو سڀ ڪم ٿي رهيو هوندو تہ ڪرڻ واري ڪي ئي خبر هوندي تہ ڪهڙي ڪٺن مهم هوندي.

معاهدي وارن رابطن جو اهو سلسلو نہ صرف ان لحاظ کان دعوت جي توسيع ۾ مددگار هيو تہ ساٿاري قبيلن ۾ اسلام جي دعوت ڏيڻ وارن مسلمانن کي اچڻ وڃڻ ۽ عوام سان رل مل ٿي وڃڻ جا ڪليل موقعا حاصل ٿي ويندا هيا ۽ خود انهن قبيلن جي ماڻهن جو رابطو بہ مديني سان وڌي ويندو هيو بلڪ اهو ان لحاظ کان بہ تحريڪ جي اثرن جي توسيع جو سبب هيو تہ ان جي ڪري مسلمان طاقت پنهنجي سياسي بصيرت جي ڪري عوام جو اعتماد حاصل ڪندي پئي وئي. ماڻهو محدود مذهبي ۽ صوفياڻن تصورن وارن نيڪ انسانن تي ڪيترا بہ عاشق ڇو نہ هجن ۽ انهن جي تقدس جي رعب ۾ آيل هجن. ليڪن اهي زندگيءَ جي قيادت جي واڳ انهن کي ڪڏهن بہ ڪونہ ڏيندا آهن. دنيا ۾ زندگيءَ جي قيادت هميشہ انهن ماڻهن کي ڏني ويندي آهي جن جي باري ۾ اندازو هجي تہ اهي سربراهي جي لاءِ ضروري بصيرت رکن ٿا. اڪثر ايئن ٿيندو آهي تہ ماڻهو ڪنهن گروهہ جي باري ۾ گهڻي تعريف کان ڪم وٺي چوندا آهن تہ اهي تہ گهڻو سٺا ماڻهو آهن. گهڻو سٺا ڪم ڪندا آهن. خلق جي خدمت ۾ گهڻو رڌل آهن. ليڪن ان واڪاڻ ۾ اهو بہ تاثر لڪل هوندو آهي تہ دنيا جي ڪم ڪار لاءِ اهي گهڻو ناموزون بہ آهن. اهڙا ڀولا ماڻهن جون اهي ڳالهيون ٻڌي گهڻو ڪري مغالطي ۾ بہ پئجي ويندا آهن تہ راءِ عام

اسان جي حق ۾ سٺي آهي. مسلمان طاقت جيڪڏهن اهڙو انساني ڪردار ڏاهي سامهون آندو هجي ها جيڪو مذهبي رنگ ۾ نيڪي جو نمونو ۽ روحاني لحاظ کان تقوا جو مجسمو تہ هجي ها، ليڪن دنيا جي معاملن ۽ سماجي ۽ سياست جي مسئلن ۾ ڪا اهليت ڏيکاري نہ سگهي ها تہ تاثر اهو هجي ها تہ ڪجهہ ڀلا ماڻهو آهن، الله وارا آهن. سٺيون ڳالهيون چون ٿا ۽ ماڻهن سان سٺو سلوڪ ڪن ٿا — ليڪن ايئن قطعي طور تي ناممڪن هيو تہ عوام الناس انهن کان ڪنهن نئين نظام جي مضبوطي جون اميدون رکي سگهن ها ۽ انهن کي سلطنت هلائڻ ۽ سماج جي قيادت ڪرڻ جو اهل مڃي سگهن ها — اسلامي تحريڪ اهڙا "الله وارا" ناهڻ ڪونہ آئي هئي، جيڪي فرد جي حيثيت سان وڏا الله وارا، ڀلا انسان ۽ مسڪين تسليم ڪيا وڃن، ليڪن اجتماعي دائري ۾ ڪارائتا ۽ اڳواڻ بڻجڻ جي لاءِ سياسي بصيرت جو ضروري سرمايو نہ رکندا هجن. ماڻهو انهن کي هڪڙو متبادل مگر صالح تر قيادت جي حيثيت سان قبول نہ ڪن ۽ انهن جي هٿان ڪنهن روشن مستقبل جي تعمير جي توقع نہ رکن. مسلم ڪردار جيترو وڏيڪ خداپرست ۽ متقي هيو ايترو ئي وڌيڪ سياسي بصيرت سان بہ مالامال هيو. ان معاملي ۾ ان پنهنجي ڏاڪ پنهنجي عملي ڪارگذاري سان مڃرائي. جيئن جيئن ماڻهو محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي ساٿ ۾ قدم کڻڻ واري مسلم طاقت جي قائداڻين صلاحيتن کان متاثر ٿيندا ويا، مدينو انهن جي اميدن جو مرڪز ٿيندو ويو ۽ ان جو نتيجو اهو ئي نڪري سگهيو ٿي تہ انهن جون دليون بہ ان ئي درجي بدرجي واري رفتار سان اسلام جي لاءِ کُلنديون ويون. مطلب تہ دين جي دعوت ۽ سياسي اثرن جي توسيع، ٻئي ڪم هڪ ٻئي جي لاءِ لازم ملزوم هيا ۽ هڪ ٻئي جي لاءِ مددگار!

اها حقيقت ذهن ۾ رکي انهن معاهدن وارن تعلقاتن جو جائزو وٺو جيڪي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گهڻي وسيع پيماني تي قائم ڪري ڏيکاريا ۽ ان ڪم ۾ پاڻ سڳورن جي ڪم جي رفتار حيرت انگيز حد تائين تيز هئي — انهيءَ جي باوجود تہ پهچ ۽ وسيلن جي ذريعن جي لحاظ کان حالتون سخت ناموافق هيون.

## 1. بيعتِ عقبہ:

معاهدن وارن رابطن ۾ سرفهرست بيعتِ عقبہ اچي ٿي جيڪا هڪڙي حوالي سان مذهبي ميثاق آهي ۽ ٻئي لحاظ کان سياسي معاهدو. پهرين پيري واري ڪچهري (مجلس) ۾ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هٿ تي انصاري نوجوانن نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي رسالت کي قبول ڪرڻ جي بيعت ڪئي ۽ ٻئي پيري پاڻ سڳورن جي سياسي قيادت مڃڻ جو واعدو (عهد) بہ شامل ڪيو. مڪي کان منيٰ ڏانهن ويندڙ رستي جي ٻنهي طرفن جبلن جون اڀيون پٽيون اچن ٿيون. منيٰ کان هڪ فرلانگ پهريان ڪابي پاسي واري ٽڪري ۾ اڌ گول وانگر هڪڙو

ڳُهپ آهي ۽ ان ڳُهپ جي پاڙ وٽ زمين جو هڪڙو ڪليل ٽڪرو نظر اچي ٿو اهائي اها محفوظ جاءِ آهي جتي رات جي سڪون واري پردي ۾ عقبہ واريون بيعتون واقع ٿيون. مديني ۾ يهودين جي موجودگي ڪري انصاري الهامي دين جو ذوق رکندا هيا ۽ نبوت جي سلسلي کان اهي واقف هيا. ان کان علاوه, واعدو ڪيل آخري نبي جي اچڻ جون پيشنگويون بہ انهن جي سامهون هيون ۽ يهودين جو اهو چيلينج بہ تہ جڏهن اهو نبي سڄورو اچي ويندو تہ اسان ان سان گڏجي توهان کي پنهنجي قبضي ۾ ڪنداسين. اهڙي طرح انصارن ۾ جتي الهامي هدايت جي طلب پيدا ٿي وئي هئي, اتي غير شعوري طور تي اهو جذبو بہ اثرانداز هيو تہ اهو نبي سڄورو اچي وڃي تہ اسان اڳ ۾ لبيڪ چونداسين. ان سان گڏوگڏ اوس ۽ خزرج قبيلن جي وچ ۾ باهمي تڪرار جو جيڪو سلسلو هلندو پئي آيو ان کان تڪجي اهي هڪڙي امن واري دور جي خواهش ڪري رهيا هيا. مگر رڪاوٽ اها هئي تہ پنهي مان ڪوبہ قبيلو پراڻي دشمني واري ماحول جي ڪري ٻئي قبيلي جي قيادت قبول ڪرڻ لاءِ راضي ڪونہ هيو. انهن کي ٽين طاقت جي ضرورت هئي. اهي سڀ سبب هيا جن جي اثر هيٺ مديني جي ذهين ۽ شريف ماڻهن کي جيئن ئي سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان سڌو سنئون تعارف ٿيو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت ٻڌڻ جو موقعو مليو تہ قبول ڪرڻ جي لاءِ انهن جون دليون کُلي ويون. نبوت وارين ڳالهين جو ذڪر تہ انهن تائين اڳ ۾ ئي پهچي چڪو هيو. ليڪن روبرو گفتگو ڪرڻ سان اهي قطعي فيصلي تائين پهچي ويا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سونهن سوڀيا ۽ شخصيت جو اثر جڏهن دعوت وارن جملن ۾ شامل ٿيو هوندو تہ ان ذهني انقلاب جي تڪميل ٿي وئي هوندي, جنهن جي لاءِ انصارن جي فطرت ۾ پهريان ئي راضپو موجود هيو. اها گهڙي هڪڙي عجيب نازڪ تاريخي گهڙي هئي, يعني انصاري (پهرين بيعت جي موقعي تي) مديني مان اهو ارادو ڪري هليا هيا تہ مڪي ۾ قريشن سان دوستاڻا تعلقات قائم ڪنداسين ۽ جيڪڏهن ايئن ٿي وڃي ها تہ اسلامي تحريڪ جي تاريخ جو رُخ ڪو ٻيو هجي ها. مگر عين وقت تي انصارن جي جماعت جو ارادو بدلجي ٿو ۽ اهي قريشن جو خيال ڇڏي ان نئين قوت سان رابطو جوڙي ٿا ڇڏين, جيڪا تاريخ جي افق تي پنهنجن ابتدائي ڪرڻن سان ايرڻ شروع ٿي رهي هئي.

پهرين پيري واري بيعت ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪجهہ اعتقادي ۽ اخلاقي ڳالهين جو اقرار ورتو. يعني معاهدو ڪرڻ وارا الله سان ڪنهن کي شريڪ نہ سمجهندا, چوري ڪونہ ڪندا, زنا نہ ڪندا, اولاد کي قتل ڪونہ ڪندا, ڪنهن جي خلاف ڪو بهتان نہ مڙهيندا, ۽ نيڪ ڳالهين جي دائري ۾ الله جي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نافرماني نہ ڪندا.

ٻي بيعت ۾ انصارن انهن ڳالهين جو واڌارو ڪيو تہ "اسان رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي سامهون هر حال ۾ حڪم ٻڌڻ ۽ اطاعت ڪرڻ جو مظاهرو

ڪنداسين. چاهي اڳيان ڏکيائون هجن يا آسانيون هجن، اسان جي دلين کي ڪوئي حڪم پسند هجي يا نہ. ۽ چاهي ڪا ڳالهہ اسان جي سوچ جي خلاف ئي رهي هجي، ۽ اهو بہ تہ قيادت ڪرڻ واري سان تڪرار ڪونہ ڪنداسين ۽ اهو تہ اسان ڪنهن بہ ملامت ڪرڻ واري جي ٽوڪ ۽ ملامت کان ڪونہ ڊڄنداسين."

ان مختصر لفظن ۾ جڻ تہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ انصارن جي وچ ۾ سياسي رابطو قائم ٿي ويو ۽ ان جماعت واضح طور تي هڪڙي سياسي جماعت جي حيثيت اختيار ڪري ورتي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قيادت کي انهن ٻڌڻ ۽ اطاعت ڪرڻ واري قول سان پوري طرح قبول ڪيو. اهو اقرار بہ ڪيو تہ قيادت ڪرڻ واري جي خلاف ڪو تڪرار نہ ڪيو ويندو ۽ منصب ۽ عهدي جي کسڻ ۽ هٽ ڪرڻ جي لاءِ ڪوئي قدم نہ کنيو ويندو. مشورو ڪرڻ (مشاورت) جو اصول طئي ٿيو تہ هر موقعي تي حق جي ڳالهہ ڪئي ويندي ۽ دين جي اقامت جي جدوجهد جي باري ۾ واعدو ٿي ويو تہ اسان جي مٿان جيڪي بہ فرض ۽ مطالبا ۽ ذميواريون عائد ٿينديون، انهن کي پوري دنيا جي طعنن ۽ ملامت کان بي نياز ٿي سرانجام ڏينداسين. اها اهڙي بيعت هئي جو ان کان پوءِ جيئن ڪو زمين جو ٽڪرو ان جماعت جي اثر هيٺ اچي وڃي، جنهن ۾ ان جي مٿان ڪو ٻيو سياسي اقتدار حاڪم نہ هجي، بلڪ قيادت ان جي پنهنجن هٿن ۾ هجي تہ اها جماعت هڪدم هڪڙي رياست ۾ بدلجي وڃي.

انهن ڳالهين سان گڏ وڏيڪ اهو بہ طئي ٿيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مديني لڏي اچڻ تي معاهدو ڪرڻ وارا انصاري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اهڙي ئي حفاظت ڪندا، جيئن اهي پنهنجن ٻارن ٻچن جي ڪندا آهن، مطلب تہ مديني جي اسلامي جماعت ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي وچ ۾ دفاعي وحدت جو تعلق بہ قائم ٿي ويو ۽ ان لحاظ کان بيعتِ عقبہ جو سياسي قدروقيمت اچا وڌيڪ ٿي "انقلابي" ٿي وڃي ٿو.

پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ارشاد سان مديني جي انصارن واري اسلامي جماعت طرفان ٻارهن ماڻهو نقيب طور نامزد ڪيا وڃن ٿا، جيڪي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون جواب ده آهن. انهن نقيبن جي مٿان اسلام جي دعوت کي ڦهلائڻ کان علاوه سياسي ذميواري بہ وڌي وئي. عبدالله رضہ بن ابوبڪر رضہ جي قول مطابق حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن نقيبن کي فرمايو تہ "توهان پنهنجي پنهنجي قوم جا اهڙي طرح ذميوار آهيو جيئن حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي سامهون ان جا حواري ذميوار هيا، ۽ مان بہ پنهنجي گروهہ — يعني مڪي ۾ رهندڙ جماعت — جو ذميوار آهيان."[1]

---

[1] سيرت ابن هشام ج 2 ص 36 کان 75. عہد نبوی کے میدان ہائے جنگ از ڈاڪٽر حميدالله صديقي ص 7 کان 10.

نقيبن جي تصور سان مديني جي لاءِ جيڪو تنظيمي ڍانچو (هيئت) تشڪيل ڏنو ويو اهو فقط مذهبي ڪونہ هيو بلڪ سياسي ۽ انقلابي هيو. ان ڍانچي جي فطرت تقاضا ڪري ٿي تہ اهو جلد کان جلد —— پهريون موقعو ملڻ سان ئي —— رياست جي شڪل اختيار ڪري. واقعي حالتن پٽاندڙ ٿيو بہ اهوئي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مديني وڃڻ کان ڪجھ مهينا پوءِ اسلامي رياست جو بنياد رکيو ويو.

مطلب تہ اسلامي تحريڪ شروعاتي دعوت جو دور پورو ڪري سياسي تعمير جي دور ۾ داخل ٿي تہ معاهدي جي ذريعي داخل ٿي، نہ ڪي جنگي طاقت کي استعمال ڪري.

## 2. لکت وارو (دستوري) معاهدو:

نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قيادت ۾ هلڻ واري اسلامي تحريڪ جي تاريخ ۾ بيو عظيم ترين معاهدو اهو آهي جنهن تي مديني جي اسلامي رياست جو بنياد رکيو ويو هيو. شايد پوري دنيا جي تاريخ ۾ ڪنهن هڪڙي رياست جو قيام بہ ٿوري گهڻي قوت استعمال ڪرڻ کان سواءِ ڪونہ ٿيو هوندو. نظرياتي رياست جي تہ کهڙي ڳالھ ڪجي جنهن جي بنيادي نظرين ماحول ۾ هلچل مچائي ڇڏي هجي. وري ان جو قيام هڪڙي اجنبي ماحول ۾ ۽ گهڻين ئي ڌرين جي تعاون سان عمل ۾ اچي. اهو دستوري معاهدو محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سياسي بصيرت ۽ قائداڻي مهارت جو هڪڙو اهڙو مثال پيش ڪري ٿو جنهن جو ڪٿي بہ جواب ڪونهي. ان معاهدي جي ڌرين کي ڏسو تہ ان ۾ مهاجر شامل آهن. انصارن جا ٻہ وڏا قبيلا اوس ۽ خزرج جا مسلمان فرد شامل آهن. انهن جا مشرڪ ۽ يهودي ماڻهو شامل آهن. يهودين جا مختلف قبيلا شامل آهن. انهيءَ جي باوجود تہ انهن ۾ باهمي تڪرار موجود هيا.

حقيقت ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم نانگي تعلقاتن جي ڪري مديني کي ٻالڪپڻ کان سمجهندا هيا. ڇو تہ اتي رهي چڪا هيا. وري حق جي دعوت ڏيڻ واري جي حيثيت سان پاڻ سڳورن مڪي جي ئي آخري ٻن ٽن سالن ۾ مديني سان رابطو ٿي وڃڻ کان پوءِ اتان جي مخصوص حالتن تي سياسي نقطہ نظر کان چڱي طرح جاکوڙ ڪئي هئي ۽ هجرت کان پوءِ مديني اچي تہ سڌو سنئون اتان جي مڙني ڌرين جي باهمي معاملن جي واقفيت حاصل ڪري ورتي هئي. مديني جي ڪل آبادي ان وقت گهٽو ڪري پنج هزار هوندي ۽ ان تعداد ۾ تقريبن اڌ يهودي هيا. ان سموري آبادي ۾ مهاجرن ۽ انصارن کي ملائي مسلمان جماعت جو تعداد وڌ کان وڌ پنج سوَ هوندو. ان ئي ڪارائتي، سجاڳ ۽ منظم ٿورائي (اقليت) جي ٻل تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم 5 هزارن جي آبادي کي پنهنجي قيادت جي حلقي ۾ ورتو. انصارن جا ٻئي قبيلا جيڪي ٻارهن ننڍين خاندانن ۾ ورهايل هيا. دشمني جي هڪڙي تاريخ رکندڙ هيا ۽ عام آبادي بہ جهيڙن پنيان جهيڙن جي چڪر کان ٿڪل هئي، ڇو تہ هميشہ ڪجھ عرب ۽

يهودي هڪ پاسي ۽ ڪجھ عرب ۽ يهودي ٻئي پاسي تي لڙائي جهڳڙن ۾ پوندا رهندا هيا. هاڻي امن جي اچ موجود هئي. ان مقصد جي لاءِ هڪڙي تعميري قيادت جي طلب موجود هئي. ڪجھ ئي عرصو اڳ قيادت جو خال پرڻ جي لاءِ عبدالله بن اُبي جي تاجپوشي جون تياريون بہ شروع ٿي چڪيون هيون. ليڪن اوچتو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي دعوت جو تعارف حاصل ٿيڻ تي انصاري اوڏانهن متوجھ ٿي ويا. خود يهودين جو بہ اهو حال هيو تہ انهن جا ٻہ وڏا ٽولا جيڪي اندروني طور تي ڏهن خاندانن ۾ ورهايل هيا. هڪ ٻئي جا دشمن هيا ۽ هڪڙي غيرنسل ۽ غير علائقي ۾ انهن کي انديشو هيو تہ ڪٿي متجي ڪپي نہ وڃن. پوءِ جڏهن اوچتو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انصارن کي پاڻ سان گڏائي ڇڏيو ۽ انهن جا پراڻا دوستاڻا تعلقات يهودين کان ٽُٽڻ لڳا تہ ان وقت يهودين پنهنجن پيرن هيٺان زمين کي کسڪندي محسوس ڪيو. ان صورتحال ۾ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم يهودين جي حق ۾ وحي الاهي موجب دل وٺڻ لاءِ ۽ انهن جي بهترين جذبن کي اپيل ڪرڻ جي لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي تہ سياسي وحدت قائم ڪرڻ جي لاءِ ميدان هموار ٿي ويو. يثرب (مديني) جي سيني ڌُرين کي سمجهڻ، انهن جي مفاد ۽ مسئلن کان آگاهي حاصل ڪرڻ ۽ انهن جي نفسيات کي مناسب رخ تي ڍالڻ ۽ پوءِ ان عظيم سياسي ڪارنامي کي تمام ٿورڙي عرصي ۾ سرانجام ڏيڻ وارو عمل محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سياسي عظمت کي داد ڏيڻ لاءِ اسان کي مجبور ڪري ٿو.

مسلم جماعت جيڪا اعتقادي ۽ اخلاقي طور تي محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قيادت هيٺ انتهائي مضبوط تنظيم رکندي هئي ۽ وري بيعتِ عقبہ ان کي هڪڙي سياسي انقلابي پارٽي جي حيثيت بہ ڏئي ڇڏي هئي، ان سان گڏ اها پنهنجي اصولي دعوت جي زور تي واڌ ويجھ حاصل ڪرڻ جي صلاحيت بہ رکندي هئي، ان مديني ۾ سياسي لحاظ کان مرڪزي اهميت حاصل ڪري ورتي. انصارن جي قبيلن ۾ نہ ڪوئي جوابي نظريو يا رد عمل موجود هيو ۽ نہ ڪا مقابلي جي مثبت يا منفي ذهن جي قيادت ـــ ڇوتہ انهن جي سردارن جو گهڻو تعداد اڳ ۾ ئي اسلامي تحريڪ ڏانهن ڇڪجي آيو هيو. انهن جي اندر مشرڪ ۽ يهودي فرد چڱو گهڻو تعداد رکڻ جي باوجود ڪا مخالفاڻي حرڪت ڪونہ ٿي ڪري سگهيا. بلڪ پرسڪون هيا ۽ سياسي حيثيت کان معزز مسلمان شخصن جي پٺيان هلڻ وارا هيا. هونئن بہ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ عرب يا يهودي قبيلو مسلم جماعت جي مقابلي ۾ خاص طاقت ڪونہ رکندو هيو. مديني جي آبادي ۾ رهندڙ ڌُرين جي اها ترتيب حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪم جي نقشي جي لاءِ بلڪل سازگار هئي ۽ پاڻ سڳورن ابتدائي مسئلن مان فارغ ٿيندي ئي ڪجھ مهينن جي اندر اندر سياسي ڍانچي (هيئت) جي تشڪيل ڪري ورتي. مٿي ٻڌايل معاهدو جيڪو مشرقي علمن جي ڄاڻو يورپين (مستشرقين) جي تجزئي مطابق 53

شقن تي مشتمل آهي. تاريخي رڪارڊ جي بنياد تي ان معاهدي جي باري ۾ هڪڙو اختلاف اهو ٿيو آهي تہ ڪجهہ ماڻهن پوري دستاويز جو 1 هجري ۾ لکيو وڃڻ بيان ڪيو آهي ۽ ڪجهہ تحقيق راءِ اها ڏني آهي تہ ان جو هڪڙو حصو سن 1 هجري جو آهي ۽ ٻيو حصو ان ۾ بدر واري لڙائي کان پوءِ شامل ڪيو ويو آهي. يعني مغربي ورهاست جي مطابق شق 1 کان شق 23 ۽ شق 24 کان شق 47 ٻہ الڳ الڳ حصا آهن. اسان جيڪڏهن ان ٻي راءِ کي قبول ڪيون تہ ان صورت ۾ بہ الله جي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سياسي حڪمت ڪم ڪندي نظر اچي ٿي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پهريان مهاجرن ۽ مڙني انصارن (مسلمان ۽ غير مسلم) تي مشتمل سياسي ڍانچي جي تشڪيل ڪئي. ان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ يهودي قبيلن پنهنجو پاڻ کي الڳ رکندي پاڻ کي ڪمزور ۽ ظاهري طور خطري ۾ محسوس ڪيو هوندو. ڇو تہ سياسي لحاظ کان اهي بلڪل هوا ۾ لٽڪيل رهجي ويا هيا. پوءِ جڏهن انهن مسلمان طاقت کي بدر واري ميدان مان پنهنجين اميدن جي خلاف فاتح ٿي نڪرندي ڏٺو هوندو تہ انهن کي فڪر ٿيو هوندو تہ اسان کي وقت تي مديني جي سياسي ڍانچي ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهڻ گهرجي.

اهو دستوري دستاويز جنهن جو بقول ڊاڪٽر حميدالله گذريل تاريخ ۾ ڪو مثال بلڪل نٿو ملي سگهي، اعليٰ درجي جي سياسي سليقي سان لکيو ويو آهي. نهايت ئي محتاط دستاويزي ٻولي ۾ آهي ۽ ان ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي گهربل نظرياتي ۽ سياسي قدرن کي مختلف ڌرين کان تسليم ڪرايو آهن. هي مناسب موقعو آهي تہ ان دستاويز جي اهم ترين شقن تي نظر وجهون تہ جيئن ان جي سياسي قدر و قيمت جو صحيح اندازو ڪري سگهجي.

ان دستاويز جي شروعات بسم الله الرحمٰن الرحيم سان ٿي ۽ ان جو عنوان "هٰذَا كِتَابٌ مِنْ مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم)" آهي. يعني اها لکت محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان آهي جيڪو نبي آهي. مطلب تہ شروعاتي جملي ۾ ئي اصل نظرئي جو بنياد رکيو ويو.

ان دستاويز تي مبني اجتماعي ڍانچي (هيئت) جي مرڪزي ڌر بهرحال، مسلمان جماعت کي قرار ڏنو ويو آهي. مثال طور شروعاتي جملي ۾ دستوري لکت جو دائرو هيئن پڌرو ڪيو ويو آهي. "بَيْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُسْلِمِيْنَ مِنْ قُرَيْشٍ وَيَثْرِبَ" ۽ ان تي اضافو آهي "وَمَنْ تَبِعَهُمْ فَلَحِقَ بِهِمْ وَ جَاهَدَ مَعَهُمْ" (شق نمبر 1). مطلب تہ رياست جي مرڪزي ڌر مڪي ۽ مديني جا اهلِ ايمان آهن ۽ باقي انهن جي تابع. گڏيل ۽ حامي هجڻ جي صورت ۾ شهريت مان بهره مند آهن. تنهنڪري يهودين جي قبيلن کي معاهدي ۾ شريڪ ڪري "مومنن سان گڏ" جي لفظن سان سياسي امتِ واحده ۾ شمار ڪيو ويو (شق 25 کان 35). پوءِ لکيل آهي تہ "اهلِ ايمان ٻين انسانن جي ڀيٽ ۾ پاڻ ۾ هڪبئي سان ڀائپي رکندڙ

آهن.“ (شق 15). پوءِ صلح ۽ لڙائي ۾ سيني مسلمانن کي گڏيل (مشترڪ) قرار ڏنو ويو آهي. (شق 17) پوءِ ايمان وارن تي لازم ڪيو ويو آهي تہ اهي قصاص (بدلو وٺڻ) جي لاءِ گڏجي اٿن ۽ قاتلن کي پناهہ نہ ڏين. ان کان علاوه جيڪڏهن انهن تي زيادتي ڪري رت وهايو وڃي تہ ان جو انتقام وٺن (شق 19، 21، 22) پوءِ لازم ڪيو ويو تہ ڪوبہ ايمان وارو ڪنهن ڪافر جي بدلي ۾ ڪنهن ايمان واري کي قتل نہ ڪندو ۽ نہ ڪنهن ايمان واري جي خلاف ڪافر جي مدد ڪندو (شق 14) مسلمانن جو تمام گهٽ حيثيت وارو فرد بہ ڪنهن کي پناهہ ڏئي سگهي ٿو ۽ ان کي الله جي ذِمي جي حيثيت سان سيني کي نڀائڻو پوندو (شق 15) جڏهن ڪو اختلاف ٿي پوي تہ الله ۽ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) ڏانهن رجوع ڪيو وڃي (شق 23) متقي ايمان وارن جي لاءِ واجب ڪيو ويو تہ اهي هر ڏوهہ گناهہ ۽ زيادتي جي صورت ۾ ان جي تدارڪ ۾ گڏ ٿي وڃن (شق 13) ابتدائي حصي ۾ لکت جي نظرياتي روح کي نمايان ڪرڻ جي لاءِ وري وري اهو جملو اچي ٿو تہ فلاڻو فلاڻو (مسلمان) تبليو فديي وغيره جي معاملن ۾ ”جائز“ (معروف) ۽ ”عدل“ (قَسط) تي ڪاربند رهندو ـــــ ۽ اهو بہ ان مفهوم سان جيڪو ”بَيۡنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ“ تسليم ٿيل آهي. (شق 3 کان 12) نهايت ئي اهم اصطلاح ”في سبيل الله“ بہ لکت ۾ شامل ڪيو ويو (شق 19). اهڙي طرح ”ظلم“ ۽ ”بِر“ ۽ ”اثم“ جا اصطلاح بہ متن ۾ داخل ٿيا. (شق 36) ان کان وڌيڪ اها ڳالهہ بہ دستاويز ۾ شامل آهي تہ متقي ايمان وارا سيني کان سڌي رستي تي آهن (شق 20) پوءِ ”وَ اِنَّ النَّصۡرَ لِلۡمَظۡلُوۡمِ“ جي لفظن سان هڪڙو خالص اسلامي قاعدو جيڪو بين الانساني بہ آهي، تسليم ڪرايو ويو ۽ اهو بہ تہ ”الله ان سان گڏ آهي جيڪو هن لکت (دستاويز) ۾ ڄاڻايل ڳالهين جي تعميل وڌ کان وڌ خلوص ۽ وفا شعاري سان ڪري“ (شق 42، 46، 47).

هن دستاويز ۾ سياسي معاملن کي جنهن خوبي سان طئي ڪيو ويو آهي، ان جو بہ جائزو وٺو. دستاويز ۾ شريڪ ماڻهن جي رهائشي علائقي يعني مديني جو علائقو (جوفِ مدينہ) کي، جنهن جو رقبو تقريبن هڪ سَوَ چورس ميل هيو (مديني جو جاگرافيائي ماحول اسان بيان ڪري چڪا آهيون) نہ صرف اهو تہ اسلامي رياست جي ابتدائي سرزمين (”ٽيريٽوري“ ـ Territory) قرار ڏنو ويو آهي، بلڪ ان کي مقدس حرم بہ قرار ڏنو ويو (شق 39). هن معاهدي ۾ شريڪ سيني ماڻهن کي هڪڙي سياسي وحدت (اِنَّهُمۡ اُمَّةٌ وَاحِدَةٌ مِنۡ دُوۡنِ النَّاسِ) قرار ڏنو ويو. (شق 1) اها شق سياسي حڪمت جو نمونو آهي تہ پهريان کان ئي طئي ڪيو ويو تہ يهودين مان جيڪو بہ اسان جي تابعداري ڪري ان کي شهريت جي حقن مطابق مدد ۽ برابري حاصل هوندي، اها ڳڻ تہ پيش بندي بہ هئي ۽ ترغيب بہ (شق 16). سياست جي ڪمال جو شاهڪار اهو آهي تہ اختلاف ٿيڻ تي الله ۽ ان جي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڏانهن رجوع ڪيو ويندو (شق 23). ڪوئي

جهيڳڙو يا قتل ٿي پوي ته الله ۽ الله جي رسول محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) ڏانهن رجوع ڪيو ويندو (شق 42). ڪنهن زخم يا ڌڪ جو بدلو وٺڻ ۾ رڪاوٽ نه وڌي ويندي (شق 36). ظالم جي ظلم يا قاتل جي ڏوهه جو وبال صرف ان جي ذات يا ان جي گهراڻي (خون بها ۾ خاندان شريڪ هوندو هيو) تي پوندو ڪنهن ٻئي تي نه (شق 25، 26). سياسي ڍانچي جي ابتدائي اڪائي قبيلن کي قرار ڏنو ويو ۽ ان کي تسليم ڪري انهن تي مرڪزي اقتدار قائم ڪيو ويو.

دفاعي سياست جي لحاظ کان هي ڳالهيون طئي ٿيون ته: جيڪڏهن مديني تي حملو ٿيو ته معاهدي ۾ شريڪ ڌرين لاءِ هڪ ٻئي جي گڏيل مدد ڪرڻ ضروري هوندو (شق 44). جيڪڏهن معاهدي ۾ شريڪ ڪنهن ڌر سان ڪو لڙائي ڪري ته ان جي خلاف سڀ شريڪ ڌريون سچي جذبي سان مدد ڪنديون (شق 37). ان دستاويز هڪڙي شق جي ذريعي دفاعي بالادستي به حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي هٿ ۾ ڏني ڇڏي ڪير به محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) جي اجازت کان سواءِ فوجي ڪارروائي جي لاءِ ڪونه نڪرندو (شق 36). ڪنهن ڌر جي پنهنجي مذهبي لڙائي جي باري ۾ شريڪ ڌرين جي ڪابه ذميواري ڪونه هوندي (شق 45). جيڪڏهن شريڪ ڌرين کي ڪنهن صلح جي لاءِ دعوت ڏجي ته سيني سان گڏ اهي به صلح ڪندا (اٿين) قريشن جي دوستاڻن تعلقاتن جو قطعي خاتمو ڪرڻ جي لاءِ اهو به ميڙايو ويو ته ڪوئي مشرڪ (غيرمسلم شهري) قريشن کي جان يا مال جي پناهه ڪونه ڏيندو ۽ نه ان سلسلي ۾ ڪنهن مومن جي مقابلي ۾ ايندو (شق 20) ۽ قريشن کي نه ڪا پناهه ڏني ويندي ۽ نه ان کي جيڪو انهن جي مدد ڪري (شق 43). جنگي خرچن جي لاءِ اها حقيقت نظر ۾ رکندي ته يهودي پنهنجو حصو ادا ڪرڻ ۾ ڪنجوسي ڏيکاريندا ۽ جيڪڏهن گڏيل فنڊ انهن جي هٿ ۾ ويو ته اهي خيانت ڪندا ـــ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم بصيرت جي ڪمال سان معاملو هيئن طئي ڪيو ته هر ڌر پنهنجا جنگي خرچ پاڻ برداشت ڪندي (شق 37، 44).

اقتصادي لحاظ کان هڪ طرف خون بها ۽ قيدين جي فديي جو بار عربن جي مشهور طريقي مطابق واسطيدار شخص جي قبيلي تي ڦهلايو ويو. ادا ڪري سگهڻ جي حيثيت نه رکندڙ قرضي جي قرض جي ذميواري به اجتماعي ڪئي وئي.

مذهبي آزادي جي لاءِ وضاحت ڪئي وئي ته مسلمانن جي لاءِ انهن جو دين ۽ يهودين جي لاءِ انهن جو مذهب (شق 25). حقيقت ۾ مسلمان جماعت ته سياست ۽ دين، ٻنهي جي لحاظ کان هڪڙي وحدت هئي ۽ ان تي ٻٽيون ذميواريون عائد هيون، مگر خالص سياسي رابطي جي دائري ۾ سيني شريڪن کي پنهنجي پنهنجي مذهب تي هلڻ جي لاءِ آزاد ڏني وئي.[1]

---

[1] سيرت ابن هشام ج 2 ص 119 کان 123. عهد نبوی کا نظام حکمرانی۔ ڊاڪٽر حميدالله صديقي ص 76 کان 111.

هاڻي انهن نڪتن کي دستاويز جي نچوڙ جي مطابق غور هيٺ آڻيو ۽ پوءِ هڪڙي هڪڙي شق تي غور ڪيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪهڙي حڪمت سان پنهنجي نظرئي (آئيڊيالاجي) کي لکت جو بنياد ۽ روح بڻايو. مسلمان جماعت کي مرڪزي حيثيت ڏياري، پنهنجي قيادت ۽ اختيار (اٿارٽي) ـــ سياسي، دفاعي، عدالتي ـــ هر لحاظ کان ميجرايا. قريشن جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ سيني کي گڏيل نڪتن تي گڏ ڪيو ۽ بيشمار خطرن جون رڪاوٽون اڳ ۾ ئي بند ڪرائي ورتيون. واضح رهي تہ ان معاهدي جي نوعيت هڪڙي آئيني دستاويز جي آهي. جنهن جي ڪنهن هڪ ڌر کي اهو حق نٿو پهچي تہ اهو جڏهن گهري علحدگي اختيار ڪري يا معاهدو ٽوڙي ڇڏي. ايئن ڪرڻ مورڳو ان شهريت واري حق کي ختم ڪري ڇڏي ٿو جنهن کي اسلامي رياست جي حدن ۾ اهو ئي معاهدو قائم ڪري رهيو هيو. اهو ئي سبب آهي تہ جن يهودي قبيلن بعد ۾ ان معاهدي کي پوري طرح پائمال ڪري ڇڏيو تہ انهن جي خلاف اها ڪارروائي ڪئي وئي، جيڪا غدارن ۽ باغين جي خلاف ڪئي ويندي آهي.

هتي اشاري طور هجرت واري فرضيت جي اهم نڪتي کي ان دستاويز جي روشني ۾ سمجهڻ جو موقعو آهي. مديني جي رياست جو بنياد جنهن مسلمان جماعت تي رکيو ويو هيو هجرت واري فرضيت جو هڪڙو مقصد اهوهيو تہ اها جماعت وڌ کان وڌ مضبوط ٿئي. ان ۾ شڪ ڪونهي تہ عربستان جي قبائلي نظام ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ مسلمانن جو ڇڙوڇڙ رهڻ انهي ڳالهہ جو سبب ٿي سگهيو ٿي تہ اهي ٿوري گهڻي ڪشمڪش ڪري آخرڪار قبائلي معاشري ۾ گم ٿي وڃن يا ڏاڍ ۽ تشدد جو شڪار ٿي وڃن. انهيءَ سبب ڪري بہ هڪڙي هڪڙي ذري کي گڏ ڪرڻ ضروري هيو. ليڪن ان سان گڏوگڏ مديني جي اسلامي رياست جو استحڪام بہ پوري اهميت سان ان ڳالهہ جي تقاضا ڪري رهيو هيو. بعد ۾ جڏهن اهي ٻئي ضرورتون باقي نہ رهيون تہ "لَاهِجْرَةَ بَعْدَ الْفَتْحِ" جو اعلان ڪيو ويو. يعني جڏهن پورو عربستان دارالاسلام ٿي ويو ۽ مديني جي قيادت جي حڪمراني هيٺ اچي ويو ۽ اسلام قبول ڪرڻ وارن جي لاءِ ڪنهن علائقي ۾ بہ مزاحمت واري فضا باقي نہ رهي تہ مديني ڏانهن لازمي هجرت ڪري اچڻ جي پابندي هٽائي وئي.

ان معاهدي جي مطابق مديني جي اسلامي رياست وجود ۾ آئي. محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اڳواڻي قائم ٿي. هڪ سو چورس ميل علائقي ۾ جيڪو 5 هزار جي آبادي رکندو هيو. مسلمانن کي حق جي دعوت جي لاءِ بلڪل کليل ميدان پهريون ڀيرو حاصل ٿيو. جتي اسلام جو سياسي اقتدار بہ دعوت جي ڪم ۾ ازخود مددگار هيو. وري ان علائقي جي پرپاسي ۾ وڃي ڪم ڪرڻ جي لاءِ بہ اسلامي حڪومت جو وجود ڪارڪنن جي لاءِ پنيرائي وارو ٿي ويو.

## 3. مختلف قبيلن سان معاهدا:

مديني کي هڪڙي سياسي اڪائي بڻائڻ ۽ اسلامي حڪومت جو بنياد وجهڻ جي ڪوشش سان گڏوگڏ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پرپاسي وارن قبيلن کي پاڻ سان ملائڻ جو فڪر ڪيو. ہ تي پيرا اصحابن جي جماعت کي مهمن تي موڪليو. هجرت جي ٻارهين مهيني يعني صفر ۾ مديني جي حاڪم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ذاتي طور تي ودان (مديني کان مڪي طرف هڪڙو ڳوٺ) جو رُخ ڪيو. اتي پهچي پاڻ سڳورن بنو حمزه (يا بنو ضمره) بن بڪر بن عبد مناف قبيلي سان معاهدو ڪيو. قبيلي جي طرفان عمرو بن فحشي الضمري ان تي صحيح ڪئي.[1]

ان کان اڳ مهاجرن جو هڪڙو وفد ان ئي طرف عيص جي ماڳ تائين ويو ۽ دوستاڻن تعلقاتن لاءِ سٺي فضا پيدا ٿي وئي.[2] پوءِ ربيع الاول 2 هجري (هجرت جي تيرهين مهيني) حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٻيهر بواط (ينبوع جي علائقي جهينہ جي پهاڙن مان هڪ) جي طرف تشريف کڻي ويا. اتان جي آبادي سان بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪامياب رهي ۽ دوستاڻا تعلقات قائم ٿي ويا.[3]

پوءِ جمادي الآخر ۾ ذوالعشيره (ينبوع جو علائقو) ڏانهن تشريف کڻي ويا. اتي بنومدلج ۽ انهن جي ساٿاري قبيلي بنوضمره سان معاهدي وارن رابطن جي لاءِ ڳالهہ ٻولهہ گهڻن ڏينهن تائين جاري رهي. انهن سان معاهدو ٿي ويو.[4]

اسان جي اڳين (پيشرو) ماڻهن جي هڪڙي راءِ اها آهي تہ انهن معاهدن سان اهي قبيلا ۽ علائقا حقيقت ۾ مديني جي سياسي اڪائي جو حصو ٿي ويا هيا ۽ اهو علائقو مديني جي سلطنت جو هڪڙو حصو ٿي ويو هيو. ان جو دليل اهو آهي تہ معاهدن جا ڪجهہ اهم حصا ۽ ڪجهہ اصطلاح آئيني معاهدي سان ملندڙ جلندڙ آهن. ليڪن جيڪڏهن بلڪل ابتدائي دور جي متعلق ايئن نہ بہ تسليم ڪيو وڃي تہ ان ۾ ڪوشڪ ڪونهي تہ بعد ۾ جُهَينہ وارن سان دوستاڻن تعلقاتن جي ارتقا اهڙي حد تائين جاري رهي جو اهي ٻين عرب قبيلن کان گهڻو اڳ اسلام ۾ داخل ٿيا ۽ هڪ هزار تي مشتمل ماڻهن جي جماعت مديني اچي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ تعاون پيش ڪيو ۽ عملي طور لڙاين (غزوات) ۾ حصو وٺندا رهيا. ان قبيلي جي مختلف شاخن سان اسلامي رياست جي معاملن جو جيڪو رڪارڊ موجود آهي، اهو ان ڳالهہ جي توثيق ڪري ٿو. مثال طور، بنوجُرمُز (جُهَينہ جي شاخ) کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم لکت ۾ اجازت نامو عطا ڪيو. بنوشمخ يا شخ (جُهَينہ جي شاخ) کي انهن جو پورو

---

[1] ابن هشام ج 2 ص 223. زادالمعاد ج 1 ص 334. رحمت للعالمين ج 1 ص 138.
[2] رسول اکرم ﷺ کی سیاسی زندگی۔ ڊاڪٽر حميدالله صديقي ص 359.
[3] رحمت للعالمين ج 1 ص 139. زادالمعاد اڳئين حوالي مطابق.
[4] ابن هشام ج 2 ص 236. رحمت للعالمين ج 1 ص 139.

علائقو مستقل طور تي جاگير طور ڏئي ڇڏيو. اهڙي طرح عوسجہ بن حَرملہ جُهنِي ـ ني ان جي رهائش ذوالمره (سمنڊ ڪناري طرف) جي ويجهو جاگير جو پروانو عطا ڪيو ويو. ابوبصير ۽ ان جي ساٿين جي لاءِ جڏهن حديبيہ واري معاهدي جي ڪري مديني وڃڻ جو موقعو نہ رهيو تہ اهي مڪي مان هجرت ڪري ان ئي سامونڊي ڪناري واري علائقي ۾ اچي ويا هيا. عين ممڪن آهي تہ عَوسَجہ جهڙن سردارن جي حمايت بہ انهن کي حاصل رهي هجي ۽ اهي مقامي ماڻهن جي تعلقاتن ڪري ئي قريشي قافلن تي رنڊروڪ ڪندا هجن.[1]

تعلقات اڃا اڳتي وڌيا. ميل جول جي ڪري دعوت جو ڪم جاري رهيو تہ ان جو نتيجو اهو ٿيو تہ قبيلا مجموعي حيثيت سان اسلامي تحريڪ جا علمبردار ٿي ويا. عقبہ جُهنِي پاران اسلام جي بيعت جو حال اسان جي سامهون آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي آخري دور ۾ امن جو هڪڙو نئون پروانو بنوجرمز بنوالحرقہ ۽ عمرو بن معبد جُهنِي جي نالي جاري ٿيو جنهن ۾ بہ شرط آهن جيڪي مسلمان قبيلن تي عائد ٿيندا هيا. يعني نماز ۽ زڪوات جي پابندي، خمس جي ادائگي، اسلام جي مخالفن سان قطع تعلقات، قرض تي وياج کي ترڪ ڪرڻ انهن تي لازم ڪيو ويو هيو.[2] مديني ۾ قبيلہ جُهَينہ جي نالي جي مسجد دورِ نبوت ۾ تعمير ٿي وئي هئي. ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ گهڻي تعداد ۾ جهني ماڻهو اسلامي جماعت ۾ شامل ٿي مديني آيا هوندا.

بنوغِفار وارا انهن ڪجهہ قبيلن مان آهن جن وڏي تعداد ۾ گهڻو اڳ اسلام قبول ڪيو. اهو قبيلو پنهنجي مثالي نوجوان حضرت ابوذر رضہ جي دعوت تي متاثر ٿيو. بدر واري لڙائي جي ويجهي زماني ۾ ان قبيلي جي ماڻهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان معاهدو ڪيو. جنهن جو بنياد هن جملي تي آهي تہ "اِنَّهُم مِّنَ الْمُسْلِمِيْنَ وَعَلَيْهِمْ مَا عَلَى الْمُسْلِمِيْنَ" اسان جي راءِ ۾ توڙي جو ان جي هڪڙي حصي ۾ ان قبيلي جي غيرمسلم ماڻهن جو لحاظ رکيو ويو آهي، ليڪن حقيقت ۾ اهو قبيلو جڻ مديني جي اجتماعي ڍانچي جو حصو ٿي ويو ۽ ڪو سبب ڪونهي تہ ان جي علائقي کي مديني جي حڪومت اندر نہ سمجهيو وڃي.

بنوضَمره جنهن جي گهڻين ئي شاخن مان هڪڙي بنوغفار جي شاخ هئي. ان جو ئي هڪڙو ننڍڙو قبيلو بنوعبد عدي بہ هيو. جيڪي حدود حرم جي اندر رهندا هيا. ان شاخ قريشن سان مصالحت جي مجبوري وارن تعلقاتن جي باوجود مسلم حڪومت سان دوستاڻا تعلقات قائم ڪيا. صرف قريشن جي خلاف جنگ ۾ شامل نہ ٿيڻ جي سهوليت حاصل ڪري باقي هر لحاظ کان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ساٿاري وارو رابطو جوڙي ورتو.[3]

---

[1] رسول اکرم ﷺ کی سیاسی زندگی۔ ڊاڪٽر حميدالله صديقي. مضمون عام قبائل عرب سے تعلقات۔
[2] ابن هشام ج 2 ص 236. رحمت للعالمين ج 1 ص 139.
[3] ساڳيو. ساڳيو.

فُرينہ قبيلو مديني کان صرف 20 ميلن جي فاصلي تي فرع جي طرف اتر اولهہ ڏانهن (بقول ابويوسف) آباد هيو. 5 هجري ۾ اهو قبيلو اسلام جي حلقي ۾ شامل ٿيو. ليڪن انهن سان دوستاڻا تعلقات لازمي انهن جي پاڙيسري قبيلن سان گڏ ئي شروع ٿي چڪا هوندا. ان قبيلي جي هڪڙي سردار بلال بن حارث کي قبليہ (يا قيل) واريون سون جون کاڻيون حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جاگير طور عطا ڪيون. جنهنڪري حال ۾ ٿيندڙ هڪڙي کوٽائي ۾ اتان جي قبرستان مان جاگير جي فرمان جو ڪتبو مليو آهي. مڪي جي فتح کان پوءِ ان سردار کي وڏي زرعي زمين بہ جاگير طور عطا ڪئي وئي. انهن ڳالهين مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ مديني جي حاڪم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سامونڊي ڪناري وارن قبيلن تي ڪيترو گهڻو توجهہ ڏنو. ڇو تہ سياسي جاگرافيائي لحاظ کان اهي خاص اهميت وارين جاين تي قابض هيا. ان سان گڏوگڏ جاگيرن جي لاءِ فرمان اهو ظاهر ڪن ٿا تہ اهو علائقو شروع ۾ ئي (انهن قبيلن طرفان اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ) مديني جي حڪومت جي سرزمين سان سياسي طور تي الحاق ڪري چڪو هيو.[1]

غطفان قبيلي جي هڪڙي شاخ بنواشجع وارا هيا. اهي بہ واپاري سڙڪ سان گڏ آباد هيا. شاهراهہ جي نازڪ بندي جي ڪري جڏهن قريشن جو واپاري سلسلو رڪجي ويو تہ انهن جي روزگار تي ان جو اثر ٿيو. ڇو تہ اهي قافلن جي خدمت ڪري ڪمائي ڪندا هيا. معاشي بحران کان مجبور ٿي انهن جو وفد مديني پهتو ۽ خندق واري لڙائي کان اڳ ئي انهن اسلام قبول ڪري معاهدو ڪيو. انهن جي طرفان معاهدي تي نعيم بن مسعود صحيح ڪئي. نعيم بن مسعود تہ ڪجهہ ساٿين سميت عين خندق واري لڙائي جي دوران اسلامي تحريڪ جي دائري ۾ آيو. انهيءَ ڪري معاهدي جي وقت پورو قبيلو اسلام ۾ داخل ڪونہ ٿيو هيو. تاهم معاهدي جو تت ان فقري مان واضح ٿئي ٿو تہ "حَالَفَہٗ عَلَى النَّصْرِ وَ النَّصِيْحَةِ" يعني حمايت و مدد ۽ خيرانديشي و خيرسگالي جا وسيع تعلقات قائم ٿيا. ان ئي قبيلي جي هڪڙي شاخ بنوعامر بن عڪرمہ قافلن کي پڙلاءِ ڪرائڻ جو ڪاروبار هلائڻ جي لاءِ خصوصي استحقاق جو پروانو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان حاصل ڪيو. ان شاخ جي هڪڙي سردار کي بہ خندق واري لڙائي کان اڳ جاگير ڏني وئي.[2]

هاڻي اسان ڪجهہ انهن دوستاڻن رابطن جو ذڪر ڪيون ٿا جيڪي خندق واري لڙائي کان پوءِ قائم ٿيا. خزاعہ قبيلو يمن جي قحطاني نسل سان تعلق رکندو هيو ۽ گهڻين ئي شاخن تي مشتمل هيو. اهي مڪي جي پرپاسن ۾ پکڙيل هيا. بنومصطلق کان سواءِ ان قبيلي جي اڪثر شاخن جا مسلمانن سان سٺا رابطا هيا. ان جو هڪڙو سبب اهو بہ هيو تہ حضرت عبدالمطلب رضي الله تعاليٰ عنہ انهن سان مستقل ساٿاري وارا تعلقا رکيا هيا.

---

[1] رسول اکرم ﷺ کی سیاسی زندگی۔ ڊاڪٽر حميدالله صديقي. مضمون عام قبائل عرب سے تعلقات۔
[2] ساڳيو.

ان قبيلي حديبيہ واري معاهدي جي گنجائش مان فائدو وٺندي ڪلم ڪلا قريشن کي ڇڏي مديني جي اسلامي حڪومت سان ساٿاري وارا تعلقات قائم ڪيا. انهن واسطن جي بنياد تي اڳ ۾ ئي ان قبيلي جنگِ احزاب (جنگِ خندق) جي لاءِ قريشن جي تيارين جو اطلاع حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي پهچايو هيو ۽ بعد ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم بہ مڪي جي فتح کان اڳ انهن کي هڪڙي خط ذريعي اطمينان ڏياريو هيو تہ انهن جي لاءِ ڪو خطرو ڪونهي. ان کان علاوه، اطلاع ڏنو هيو تہ بنوڪلاب ۽ بنوهوازن اسلام قبول ڪيو آهي. ليڪن وقت اچڻ کان اڳ اهي بنوبڪر جي ظلم ۽ ڏاڍ جو نشانو بڻيا هيا ۽ انهن جي مظلومي ئي مڪي جي فتح جو سبب بڻي هئي.[1]

خزاعہ جي هڪڙي شاخ بنو اسلم هيا. انهن جي نالي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو جيڪو پروانو مليل ٿو ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهي گهڻو ڪري اڳ ۾ ئي اسلام ۾ داخل ۽ اسلامي حڪومت جي رعيت اندر اچي ويا هيا. انهن مان ڪجهہ تہ هجرت ڪري مديني ۾ اچي آباد ٿيا هيا. ان خاندان جي سردار حصين بن اوس کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جاگير بہ عطا ڪئي هئي، جيڪو دوستاڻن تعلقاتن جي مضبوطي (محڪمي) جو دليل بہ آهي ۽ ان سان لاڳاپيل علائقي جو مديني سان الحاق ٿيڻ بہ سمجهہ ۾ اچي وڃي ٿو.[2]

تبوڪ جي اترين علائقي ۾ جُذام، قُضَاعہ ۽ عَذره جا قبيلا آباد هيا. جن پنهنجن مخالفاڻن روين سان اسلامي حڪومت جي لاءِ گهڻيون مشڪلاتون پيدا ڪيون هيون. انهن مديني جي سفير کان ڦرلٽ ڪئي هئي. پوءِ انهن جي خلاف سيڪت ڏيڻ لاءِ هڪڙي مهم موڪلي وئي. انهي مهم جي زد ۾ غلطي سان ڪجهہ بيقصور ماڻهو بہ اچي ويا. پوءِ اهي مديني ۾ دانهن ڏيڻ آيا ۽ تلافي ڪئي وئي. اهڙي طرح تعلقاتن جون واٽون بہ کليون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دستاويزن ۾ هڪڙي لکت رفاعہ بن زيد جُذامي جي نالي ملي ٿي، جنهن ۾ هڪڙي وڏي ڌمڪي (التيميٽم) آهي. ان سردار کي مخاطب ڪندي ان جي پوري قوم کي خبردار ڪيو ويو آهي تہ يا تہ اهي اسلامي دعوت قبول ڪري الله ۽ رسول جي جماعت ۾ شريڪ ٿي وڃن، ورنہ منهن موڙڻ جي صورت ۾ ٻن مهينن جي مهلت آهي. حالتن جو ان موڙ کان اڳتي وڌڻ آخرڪار جنهن نتيجي تي پهچي ٿو اُهو اهو آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تبوڪ کان واپسي تي (9 هجري) مالڪ بن احمر جُذامي مديني ۾ اچي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ملاقات ڪئي ۽ پروانو حاصل ڪيو. ان پرواني ۾ اهي شرط شامل آهن جيڪي عام طور تي صرف مسلمان قبيلن جي لاءِ هوندا هيا. يعني انهن اسلام قبول ڪري ورتو هيو. اهڙي طرح قضاعہ وارن جو هڪڙو سردار بريده بن خَصيب ڪنهن مهم

---

[1] رسول اکرم ﷺ کی سیاسی زندگی۔ ڊاڪٽر حميدالله صديقي. مضمون عام قبائل عرب سے تعلقات۔
[2] ساڳيو.

جي دوران حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان مديني کان ٻاهر ئي مليو ۽ ان پنهنجي قوم جي طرف کان اسلام قبول ڪرڻ جو وچن ڏئي پروانو حاصل ڪيو.[1]

6 هجري ۾ ڪلب قبيلي ڏانهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم عبدالرحمان بن عوف کي هڪڙي دعوتي مهم تي موڪليو. نتيجو مطلب وارو نڪتو ۽ سردار وفاداري جي اظهار ۽ رابطن جي مضبوطي لاءِ پنهنجي ڌي جو نڪاح عبدالرحمان بن عوف سان ڪيو. اهڙي طرح بارگاهِ نبوي مان ڪلبين جي نومسلم سردار حارث بن قطن جي نالي هڪڙو پروانو جاري ٿيو. جيڪو دومت الجندل جي پرپاسي ۾ رهندڙ ڪلبين جي باري ۾ آهي. خود دومت الجندل جي والي اُڪيدر سان معاهدو ٿيو. البت، روايتن ۾ اختلاف آهي تہ آيا ان اسلام قبول ڪيو يا اسلام قبول ڪرڻ کان سواءِ جزيو ڏيڻ جي شرط تي سرداري تي بحال رکيو ويو. بهرحال، بعد ۾ ان پنهنجي اسلام يا اطاعت واري معاهدي کان انحراف ڪيو ۽ خالد بن وليد جي هٿان قتل ٿيو. بعد ۾ ان جي قلعي ۽ خالي پيل زمينن کي ان ڪلبي سردار حارث بن قطن جي حوالي ڪيو ويو.[2]

طائف وارن طرفان عام طرح اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ صرد بن عبدالله يمني اسلامي تحريڪ جي علمبردارن سان اچي مليو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کي ان علائقي ۾ فوجي ڪارروائين جي لاءِ ڪمان حوالي ڪئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ئي حڪم سان ئي انهن جرش جي قلعي جو گهيراءُ ڪيو. جيڪو صلح واري معاهدي تي ختم ٿيو. مصالحت کان پوءِ اتان جي گورنري ابوسفيان کي سونپي وئي.[3]

بنو ازو وارا جيڪي عمان شهر ۾ آباد هيا ۽ عبيد ۽ جعفر نالي بہ شخص انهن جا سردار هيا، انهن ڏانهن 8 هجري ۾ عمرو بن عاص حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو دعوت نامو کڻي ويو. انهن اسلام قبول ڪيو.[4]

اسان انهن قبيلن جو ذڪر ايندڙ صفحن لاءِ پوئتي ڪري ڇڏيو. جن عام الوفود ۾ پنهنجو پاڻ مديني ۾ وفد موڪلي اسلام قبول ڪيو يا گهٽ ۾ گهٽ مديني جي حڪومت جي سياسي اطاعت اختيار ڪئي.

ان کان علاوه، فوجي ڪارروائي جي نتيجي ۾ جتي بہ ڪنهن گروھ اطاعت قبول ڪرڻ يا صلح ڪرڻ جي خواهش ڪئي، اتي هڪدم انهن کي ان جي لاءِ رستو ڏنو ويو. مديني جي مستقل اصولي حڪمت عملي (پاليسي) اها هئي تہ جيڪو بہ مخالف صلح جي خواهش ظاهر ڪري ان جي امن جي خواهش جو احترام ڪيو وڃي. تنهنڪري

---

[1] رسول اکرم ﷺ کی سیاسی زندگی۔ ڊاڪٽر حميدالله صديقي. مضمون عام قبائل عرب سے تعلقات۔
[2] ساڳيو.
[3] ساڳيو.
[4] سيرت النبي ﷺ شبلي نعماني ج 2 ص 33.

ڪيترن قبيلن ميدانِ جنگ ۾ لهڻ کان پوءِ يا تہ سياسي اطاعت اختيار ڪئي يا اسلام قبول ڪيو. ان سلسلي ۾ هڪڙو نمايان مثال خيبر ۽ ان سان لاڳاپيل علائقن جي يهودين جو آهي تہ شڪست کائڻ کان پوءِ جڏهن انهن اتي رهڻ جي درخواست ڪئي تہ شرط طئي ڪري انهن کي اتي رهڻ ڏنو ويو.

انهن سڀني واقعن کي سامهون رکجي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ ويڙهہ کان بچي دوستاڻا تعلقات پيدا ڪرڻ مديني جي حڪومت جي سرگرمين جو اهم ترين شعبو هيو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي ساٿين گهڻيون مهمون ان ئي خيال کان ڪيون ۽ مختلف سفر ڪيا. اهي سرگرميون اسلامي رياست جي امن پسنداڻي نقطہ نظر جو گهڻو ڪليل ثبوت آهن. وري ان معاملي ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙي اصولي ۽ نظرياتي رياست جي گهرجن جي سامهون هجڻ باوجود پاليسي ۾ ايتري وسعت رکي جو اسلام قبول نہ ڪرڻ وارن قبيلن جي طرفان رڳو سياسي دوستي کي بہ قبول ڪيو ۽ ڪيترين صورتن ۾ غيرمسلم سردارن ۽ حاڪمن کي پنهنجي طرفان مقرر يا بحال ڪيو. مقصد اهو هيو تہ ٽڪراءُ جا موقعا گهٽ کان گهٽ ٿي وڃن. بعد ۾ اهو فيصلو تہ گهڻن ئي تلخ تجربن جي روشني ۾ ڪيو ويو تہ گهٽ ۾ گهٽ جيڪا سرزمين اسلامي تحريڪ جي گهر جي حيثيت رکي ٿي، ان جي ماحول کي پاڪ ۽ پرامن رکڻ جي لاءِ ان کي مخالف ڌرين کان خالي ڪرايو وڃي. ورنہ انهن جون غداري واريون حرڪتون سموري ڪم جو ستياناس ڪري ڇڏينديون.

مٿين رابطن جو تجزيو ڪري ڏسو تہ اها حقيقت بہ سامهون اچي ٿي تہ جتي بہ اسلام پهچندو هيو تہ اتان مديني کي سياسي اطاعت پاڻ مرادو ملي ويندي هئي ۽ اهڙي طرح جتي بہ سياسي دوستي جو تعلق قائم ٿي ويو اتي بہ ڪجهہ عرصي ۾ اسلام جو جهنڊو ڦڙڪڻ لڳو. ان جو سبب ظاهر آهي تہ جڏهن قبائلين جو مديني سان ميل جول وڌندو هوندو اهي اسلامي نظريہ حيات جي معجزن کي مٿي وارين اکين سان ڏسي متاثر ٿيندا هوندا. ان کان علاوه، تحريڪ جي ڪارڪنن کي انهن جي اندر دعوتي ڪم ڪرڻ جي لاءِ پرامن فضا حاصل ٿيندي هوندي. دين ۽ سياست جي اها وحدت هئي جنهن ڏهہ ٻارهن لک چورس ميل علائقي کي ڪجهہ سالن ۾ اسلام جي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو.

## حديبيہ وارو معاهدو:

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اسلامي تحريڪ جي تاريخ ۾ حديبيہ وارو معاهدو هڪڙو اهڙو واقعو آهي جنهن جي نتيجي ۾ حالتن جي وهڪري هڪڙو اهم ترين موڙ ورتو ۽ حق جي تحريڪ هڪڙو ئي ٽپو ڏئي، پنهنجي توسيع جي عوامي دور ۾ داخل ٿي وئي. محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سياسي بصيرت جي ڪمال جو انتهائي معراج ان واقعي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ پهرين درجي جي

دشمنائي ۽ لڙايون ڪندڙ طاقت ڪي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کهڙي آساني سان صلح لاءِ تيار ڪيو ۽ ان جا هٿ ڪيترن سالن لاءِ ٻڌي ڇڏيا.[1]

غداري ۽ بغاوت جي ڏوهہ ۾ جلاوطن ٿيل يهودين جڏهن خيبر، تيما ۽ وادي القري ۾ وڃي اڏو ڄمايو تہ مدينو هڪدم ٻن محاذن جي وچ ۾ ڦاسي پيو. قريشن ۽ يهودين جي اتحاد لشڪر مٿان لشڪر گڏ ڪري مديني جي سامهون آڻي بيهاريا هيا. جنگ احزاب (خندق واري لڙائي) کان خيريت سان ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون اهو پيچيده مسئلو اچي ويو تہ ان ٻني محاذ کي ڪيئن ٽوڙيو وڃي. موجوده حالتن ۾ مکي ڏانهن قدم کڻجي تہ خيبر جا يهودي ۽ بنوغطفان مديني تي چڙهائي ڪري سگهيا ٿي ۽ جيڪڏهن خيبر ڏانهن ڌيان ڏي ڏنائون تہ قريشي حملو ڪري سگهيا ٿي. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دور رس نگاهہ جو اهو بہ ڪيترو صحيح اندازو هيو تہ انهن ٻنهي مان خيبر جو اهڙو محاذ هيو جنهن کي هڪڙي ڌڪ سان ٽوڙي سگهجيو ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ ٻنهي مان مکي جي قريشن کي ئي آساني سان صلح تي آماده ڪري سگهيو پئي. حقيقت ۾ قريشن جي طاقت اندران کوکلي ٿي چڪي هئي ۽ توڙي جو اهي ظاهري طور مسلسل شرارتون ۽ گڙٻڙ ڪري رهيا هيا، ليڪن هاڻي انهن ۾ مقابلي جي همت ڪونہ رهي هئي. وري مکي ۽ ان جي پرپاسي ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا حامي موجود هيا. جن کي پاڻ سڳورن جي ڪجهہ قدمن وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڏڪار جي زماني ۾ مکي وارن جي اناج ۽ نقد رقم ذريعي مدد ڪري اتان جي غريب ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪيو هيو. تنهنڪري ابوسفيان چيو بہ هيو تہ هاڻي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) اسان جي ماڻهن کي انهن طريقن سان برغلائڻ گهري ٿو. وري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙو اهڙو قدم کنيو جو مکي جي وڏي سردار ابوسفيان جي نياڻي امِ حبيبہ رضي الله تعاليٰ عنها سان شادي ڪئي. اها شادي گهڻو اهم سياسي نتيجو رکيو ٿي. بهرحال، هاڻي ڪنهن طريقي سان هڪڙي نئين قدم جي ضرورت هئي. جنهن تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مسلسل ڪوشش ڪندا رهيا.

ٻئي طرف هڪڙو وڏو مسئلو اهو بہ هيو تہ مسلمانن کي مکي کان وڇڙئي ڇهہ سال ٿيڻ وارا هيا. معاملو صرف وطن جي حُب جو ڪونہ هيو بلڪ ڪعبو دعوتِ ابراهيمي جو مرڪز هيو ۽ ان ئي دعوتِ ابراهيمي جي تجديد هاڻي مسلمان جماعت ڪئي هئي. ان جماعت جي لاءِ ممڪن ڪونہ هيو تہ اها هميشہ هميشہ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي

---

[1] هن عنوان جو مواد گڏ ڪرڻ لاءِ هيٺين ڪتابن مان فائدو ورتو ويو:
سيرت ابن هشام ج 3 ص 355 کان 375، اصح السير ص 210 کان 227. سيرت النبي شبلي نعماني ج 1 ص 411 کان 424. رسول اکرم ﷺ کی سیاسی زندگی۔ ڊاڪٽر حميدالله صديقي ص 115 کان 129. المواهب اللدنيہ ج 1 ص 125 کان 133. تفسير ابن ڪثير (سورت الفتح ۽ ممتحنہ)

پنهنجي اعتقادي مرڪز کان ڌار رکي سگهي. قريشي ان وقت تائين رستو ڪونه ڏئي رهيا هيا ۽ ظاهري طور ڪشمڪش جو آخري فيصلو ٿيڻ جي لاءِ گهڻي ڊگهي مدت جي ضرورت هئي. ان رُخ کان جذبا آهستي آهستي بيچين ٿي رهيا هيا. ضرورت هئي ته اسلامي جماعت جي طرف کان حرم تي پنهنجي حق جو اظهار ٿئي.

انهيءَ دوران حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي هڪڙي خواب ۾ حج ڪرڻ جو اشارو مليو. بس اهو اشارو ملڻ سان ئي پاڻ سڳورن جي بي مثل بصيرت بهترين وقت ۾ بهترين لائحه عمل اختيار ڪيو ۽ ان کي بهترين شڪل ۾ عملي جامو پهرايو. پاڻ سڳورن هڪڙي وڏي جماعت کي ساڻ ڪري حج جي حرام مهينن ۾ عمرو ڪرڻ جو ارادو ڪيو. جيڪي پنهنجي خوشي سان 14 سوَ ماڻهو تيار ٿيا. صرف انهن کي ساڻ ڪيو. نُمَيله بن عبدالله لَيثي کي مديني جو نائب مقرر ڪري مسلمانن جو گهڻو تعداد حفاظت جي غرض سان اتي رهڻ ڏنو. قرباني جا ستر اُٺ ساڻ ڪيائون. جنگي هٿيار ڪونه کنيائون. روانگي گهڻي خاموشي سان ٿي. ذُوالحُلَيفه واري ماڳ تي پهچي قرباني جي جانورن کي نشان هنيائون.

اهو سفر هڪڙي طرف مذهبي به هيو ۽ ٻئي طرف ان ۾ گهڻو زبردست سياسي پهلو به ازخود شامل هيو. دين ۽ سياست جو اهو ايڪو ته اسان کي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي پوري حياتي جي ڪارنامن ۾ ملي ٿو. پوءِ حج جي سفر ۾ دنياوي ڪاروبار يا سياسي قدمن کي شامل ڪرڻ شرعي طور جائز آهي. سو اهو سفر قريشن جي لاءِ وڏو چيلينج بڻجي ويو.

جيڪڏهن اهي حرم جي زيارت لاءِ اچڻ وارن کي روڪڻ جي ڪوشش نه ڪن ته چڻ مڪو هميشه جي لاءِ مسلمانن جي لاءِ کُلي ويو. وري حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ۽ انهن جي ساٿين جي حرم ۾ اچڻ ڪري شهر وارن تي گهڻائي گهرا اثر پئجي سگهيا ٿي. چوته اسلامي انقلاب جي انهن داعين جي اچڻ ڪري دعوت جي گذريل تاريخ جي انهن مڙني نقشن ۾ جان پئجي وڃي ها. جيڪي ذري ذري تي لڳل هيا. وري عوام ۾ اهو به چرچو پکڙجي وڃي ها ته بس هاڻي قريشن جي ٺاٺر مان هوا نڪري وئي. تنهنڪري سهيل بن عمرو (صلح واري ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ مڪي وارن جو نمائندو) چئي به ڇڏيو هيو ته جيڪڏهن اسان توهان کي ڪعبي جي حرم ۾ داخل ٿيڻ ڏيون ته پورو عربستان اهو چوندو ته اسان توهان جي طاقت کان ڊڄي رستو کولي ڇڏيو.

حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي رستي ۾ ئي صورتحال جي خبر پئجي وئي هئي. هڪڙي خزاعي نياپو آڻيندڙ بشير بن سفيان، عسفان جي ماڳ تي اچي اطلاع پهچايو ته قريشي روڪڻ جي لاءِ تياري ڪري رهيا آهن ۽ انهن جو فيصلو آهي ته "محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) مڪي ۾ ڪڏهن به داخل نٿو ٿي سگهي." توهان کي روڪڻ جي لاءِ خالد بن وليد سوارن جو دستو وٺي ڪراع الغميم جي ماڳ تائين

پهچي چڪو آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآلہ وسلم فرمايو. ”اها قريشن جي بدبختي آهي! لڙاين انهن جو پوسو ڪڍي ڇڏيو آهي. انهن جو ڪهڙو حرج آهي تہ اهي وچ مان نڪري وڃن ۽ مون کي ۽ پوري عربستان کي پاڻ ۾ نبرڻ ڏين. جيڪڏهن اهي مون کي ختم ڪري وڃن تہ انهن جي مراد پوري ٿي ويندي. جيڪڏهن مون کي سوڀ حاصل ٿي وڃي تہ جيڪڏهن اهي گهرن تہ پنهنجي گهٽي تعداد سان اسلام ۾ داخل ٿي وڃن. ورنہ اهي طاقت رکن ٿا ۽ ان وقت ويڙهہ ڪن. ايئن نہ ٿئي تہ پوءِ الله جو قسم مان ان حق کي کڻي جنهن سان مون کي الله موڪليو آهي، آخري پساهہ تائين وڙهندس — ايستائين جو يا تہ ان حق کي الله سويارو ڪري يا منهنجو هي ڪنڌ ڪپجي وڃي.“ مطلب تہ پاڻ سڳورن صلح جي راهہ ڏانهن اشارو بہ ڪري ڇڏيو. ڌمڪي بہ ڏئي ڇڏي ۽ قريشن جي پتلي حالت ڏانهن بہ ڌيان ڇڪايو.

ليڪن ٻئي طرف زيارتين جي قافلي کي روڪڻ ۾ بہ قريشن جي پوزيشن سخت خراب ٿئي ٿي. ماڻهن ۾ اهو مشهور ٿي وڃي ها تہ انهن هڪڙي مذهبي حق ۾ رڪاوٽ وڌي. وڙهڻ ۾ اڳرائي ڪن ٿا تہ اهو الزام لڳي ٿو تہ حرام مهينن جي حرمت ٽوڙيائون. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآلہ وسلم جي طرفان اڳ ۾ ئي حرم جي حرمت جو احترام ڪرڻ ۽ فقط عمري جي لاءِ غيرجنگي سفر ڪرڻ جو چڱي نموني ۾ چرچو ٿي چڪو هيو. وري جنگي هٿيار بہ ساڻ ڪونہ هيا ۽ قرباني جي نشان لڳل جانورن جو وڳر سفر جي نوعيت جي شاهدي ڏئي رهيو هيو.

مطلب تہ قريشي سخت پريشاني ۾ گهيريجي ويا هيا ۽ ان نازڪ وقت ۾ انهن جو وڏو سردار ابوسفيان سفر ۾ هيو. اها حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآلہ وسلم جي نگاهہ کي ئي خبر هئي تہ سموري ٿون ڦان جي باوجود ان وقت قريشن جي لاءِ صلح کان سواءِ ڪوئي چارو ڪونہ هيو — ۽ اندازن جو اهو صحيح ڪاٿو ئي حالتن جو رخ بدلائيندو آهي ۽ ان مان ئي ڪنهن منتظم جي بصيرت جو معيار سامهون ايندو آهي.

قريشن پراڻي هٺ ڌرمي جي نشي ۾ جلد کان جلد ساٿاري قبيلن، خاص طور تي احابيش، جون فوجون بلدح جي ماڳ تي گڏ ڪري ورتيون.

هڪدم سفارتي سرگرمين جي شروعات ٿي وئي. سڀ کان اڳ ۾ خُزاعہ قبيلي جو سردار بُدَيل بن ورقاء (جيڪو اسلام جي لاءِ حمايت وارا جذبا رکندو هيو) ڪجهہ اهم ساٿين سان گڏجي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآلہ وسلم سان اچي مليو — حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآلہ وسلم ٻڌايو تہ اسان صرف حرم جي زيارت لاءِ آيا آهيون ۽ ان جي تعظيم جو اسان کي گهڻو خيال آهي، جنگ جو ارادو يا مقصد ڪونهي. قريشي لڙائي جا گهڻو شوقين آهن، حالانڪ ان ۾ سراسر انهن جو گهاٽو آهي. چونہ ايئن ٿئي تہ قريشي ڪجهہ سالن جي لاءِ صلح ڪن. اهڙي طرح پاڻ سڳورن اصل مقصد جو ٻج شروع ۾ ئي وجهي ڇڏيو. ان وچي قريشن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي تہ ڏسو تڪڙ کان ڪم نہ وٺو. محمد

(صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) لڙائي جي لاءِ نہ پر زيارت جي لاءِ آيا آهن. مگر سرڦرين نوجوانن تہ وٽ ئي ڪونہ ٿي ڏنو. البت، ڪراڙن مڙسن پوري ڳالهہ ٻڌي. پوءِ مڪي مان احابيش جي سردار حُليس بن علقمہ کي موڪليائون. ان جڏهن قرباني جي جانورن جو وڳر وادي ۾ چَرندي ڦرندي ڏٺو تہ متاثر ٿيو. ان وڃي قريشن کي صاف صاف چيو تہ حرم جي انهن زيارتين کي روڪڻ صحيح ڪونهي ۽ اسان انهي غرض سان ڪونہ آيا آهيون. ان سردار کي اهو چئي ٺڏو ڪيو ويو تہ اسان کي ڪجهہ پنهنجا شرط تہ مڃرائڻ ڏي. پوءِ قريشن عُروه بن مسعود ثقفي کي نمائندو ڪري موڪليو. عروه چيو تہ "اي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جيڪڏهن توهان ئي پنهنجي قوم کي تباهہ ڪري ڇڏيو تہ اهو ڪهڙو سٺو ڪارنامو هوندو. اهي جيڪي ڇڙواڳ ماڻهو توهان گڏ ڪري ورتا آهن، اهي ڪجهہ ڏينهن اندر ٽڙي پکڙجي وڃن تہ توهان اڪيلا رهجي ويندا." اها ڳالهہ ٻڌي حضرت ابوبڪر رضہ ڪاوڙ ۾ ڀرجي ويو ۽ گهڻو سخت لفظن ۾ عروه کي ڇڙٻون ڏنائين. ان عربن جي بي تڪلفي واري طريقي سان ڳالهہ ڪندي پنهنجو هٿ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڏاڙهي مبارڪ ڏانهن وڌايو ٿي تہ هر ڀيري حضرت مُغيره بن شُعبہ تلوار جي نوڪ سان ان جو هٿ هٽائي ٿي ڇڏيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم عروه جي سامهون بہ پنهنجو موقف رکيو. ان شخص جيڪا صورتحال ڏٺي ان ڪان دل ۾ گهڻو متاثر ٿي موٽيو ۽ وڃي ٻڌايائين تہ اتي محبت ۽ اطاعت جو جيڪو منظر منهنجين نظرن مان گذريو آهي، اهو تہ وڏي ڪان وڏي بادشاهہ جي دربار ۾ بہ ڪونہ ٿو ڏٺو وڃي. محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم)جا ساٿي تہ ان مٿان ساهہ صدقو ڪن ٿا ۽ هڪڙي اشاري تي ڪُسي مرڻ جي لاءِ تيار آهن. ان جي سامهون ڪير بہ وڏي آواز ۾ ڳالهائڻ جي جرئت ئي ڪونہ ٿو ڪري. عُروه جي ان تاثر مان اها ڳالهہ سمجهي سگهجي ٿي تہ اسلامي تحريڪ جي قوت جو هڪڙو راز اهو آهي تہ جماعت پنهنجي قيادت سان ڪيتري حد تائين گهري محبت رکي ٿي ۽ ڪهڙي والهاڻي طريقي سان اطاعت ڪندي آهي. محبت ۽ اطاعت جي گڏ ٿيڻ سان ناقابل شڪست قوت پيدا ٿيندي آهي ۽ جماعت ۾ اهڙو ماحول موجود هجي تہ مخالفن کي رعب ۾ آڻي ۽ ڪمزور ڪري ڇڏي ٿو.

هتي رڳو ڪنهن جمهوري تنظيم وارو معاملو ڪونهي هوندو جيڪي هڪ ٻئي کي ڪٽڻ ۾ لڳا پيا هوندا آهن. يعني نہ صدر کي ميمبرن سان ڪو دلي لڳاءُ ۽ نہ ميمبرن جو صدر سان ڪو روحاني تعلق — بس آئين ۽ قاعدي جي ظاهري اطاعت ڪري ڇڏي انهن جماعتن جو ڪهڙو گندو ماحول هوندو آهي جيڪي پنهنجي قيادت تي زهريليون تنقيدون ڪندا آهن. گلاءِ چغلي جو محاذ کولي رکندا آهن ۽ طرح طرح جون سازشون ڪيون وينديون آهن. جماعت جي اسلامي نظام جو ماحول خيرخواهي، وفاداري، خلوص، محبت ۽ والهاڻي اطاعت سان ٺهندو آهي. ان ۾ هر ميمبر جي شخصيت جي اهميت هوندي آهي ۽ قائد جي شخصيت تہ سيني جي لاءِ محبت جو مرڪز هوندي آهي. ان

ڪان سواءِ نہ "رُحَمَآءُ بَيۡنَهُمۡ" (الفتح آيت 29) جي ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي ۽ نہ حق جا علمبردارِ "بُنۡيَانٌ مَّرۡصُوۡصٌ" ٿي سگھندا آهن. مسلم جماعت جو اهو ماحول پنهنجي ڪمال جي شان سان حديبيہ جي ميدان ۾ جلوه گر هيو. جنهن عروه جي دل ڪي رعب ۾ آڻي ڇڏيو ۽ ان وچي مڪي جي سردارن ڪي ان ئي تاثر جي جهلڪ ڏيکاري.

ڳالهہ ٻولهہ جي ان سلسلي ڪي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خراش بن اميہ کي قريشن ڏانهن موڪليو. مڪي ۾ لامرڪزيت ۽ انتشار تہ هيوئي، ڪجهہ ماڻهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ان اُٺ ڪي ماري ڇڏيو جنهن تي سوار ٿي خِراش شهر ڏانهن ويو هيو. خود ان جي جان بہ مشڪل سان بچي ۽ اهو موٽي آيو. پوءِ حضرت عثمان رضہ کي موڪليو ويو. ان پاسي ڪان سرڦريل نوجوانن جو هڪڙو دستو جائزو وٺڻ لاءِ نڪتو هيو. انهن مسلمانن سان ڇيڙڇاڙ ڪئي ۽ تير ۽ پٿر اڇلايا. انهن ڪي گرفتار ڪيو ويو. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مصلحت کي نظر ۾ رکندي انهن ڪي ڇڏي ڏنو. يعني قريشن جو لڙائي پسند ٽولو برابر ان ڪوشش ۾ هيو تہ ڪنهن بہ نموني سان جنگي جذبن جو بارود ڀڙڪي پوي. مگر الله تعاليٰ خاص ڪرم سان "كَفَّ اَيۡدِيَهُمۡ عَنۡكُمۡ وَاَيۡدِيَكُمۡ عَنۡهُمۡ" ﴿ (اهوئي آهي جنهن مڪي جي وادي ۾) انهن جا هٿ توهان ڪان ۽ توهان جا هٿ انهن ڪان روڪي ڇڏيا. الفتح آيت 24) جي فضا ڪي غالب ڪري ڇڏيو. حضرت عثمان رضہ کي قريشن روڪي ورتو ۽ واپسي ۾ دير ٿي وئي. ناخوشگوار واقعن جي ڪري ماحول اهڙو هيو جو ان ۾ اهو افواهہ پکڙجي ويو تہ حضرت عثمان رضہ کي شهيد ڪيو ويو آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪدم جماعت کي گڏ ڪيو ۽ وڙهڻ مرڻ جي بيعت ورتي. فرمايائون تہ "اسان انهن سان ويڙهہ ڪرڻ ڪان سواءِ ڪونہ موٽنداسين." حضرت عثمان رضہ جي جان ان مهل گهڻي قيمتي ٿي وئي هئي. جو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ارشاد مطابق ڳالهہ اها هئي تہ "عثمان رضہ الله ۽ ان جي رسول جي مقرر ڪيل خدمت تي ويو آهي." پاڻ سڳورن پنهنجي هڪڙي هٿ کي عثمان رضہ جو هٿ قرار ڏنو ۽ ان تي ٻيو هٿ پنهنجي طرفان رکي فرمايو تہ اقرار ڪيو! پاڻ سڳورن جا ساٿي اڳ ۾ ئي جذبات سان ڀريل هيا. خلوص سان اڳتي وڌي بيعت ڪرڻ لڳا. اها اتفاقي گهڙي ايمان جي جنجهائي ۽ ڪردار جي تعمير جي گهڙي هئي ۽ ان وقت جماعت پنهنجو پاڻ کي ايترو مٿانهون ڪري ڇڏيو جو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو. "اڄوڪي ڏينهن توهان سڄي زمين وارن ڪان افضل آهيو." ان گهڙي جي طفيل انهن کي رضاءِ الاهي حاصل ٿي. صرف هڪڙو منافق (جد بن قيس) هيو جيڪو ان مهل وارين سعادتن ڪان محروم رهيو. حق جي علمبردارن جي راهہ ۾ اهڙيون بي شمار گهڙيون اينديون آهن ۽ خلوص وارا روح انهن گهڙين مان آبياري حاصل ڪندا آهن. رت جو هڪڙو ڦڙو وهائڻ ڪان سواءِ چوڏهن سو مسلمانن کي وڙهڻ مرڻ واري قسم جي جزا ملي وئي. قريشن کي جڏهن ان صورتحال جي

خبر پئي تہ انهن هڪدم حضرت عثمان رضہ کي واپس روانو ڪيو. چو تہ حقيقت ۾ لڙائي ڪرڻ کان اهي بہ ڪترائي رهيا هيا.

پوءِ مڪي مان مڪرز بن حفص آيو. رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ماڻهو سڃاڻڻ واري نظر تي غور ڪيو تہ پاڻ ڪريمن جي پري کان ئي ان تي نظر پئي تہ فرمايائون "اهو هڪڙو مڪار ماڻهو آهي." مطلب اهو هيو تہ ان جي ذريعي معاملا ڪڏهن بہ خير وخوبي سان طئي نٿا ٿي سگهن.

آخرڪار قريشن سهيل بن عمرو کي موڪليو. حق جي نظام جي داعي جي حقيقت ڏسڻ واري نگاهہ ڏسڻ سان ئي اندازو ڪري ورتو تہ قريشن ان ماڻهوءَ کي موڪليو آهي تہ پوءِ اهي صلح لاءِ تيار ٿي ويا آهن. شرطن تي ضروري ڳالهہ ٻولهہ ٿي ۽ معاهدو لکڻ لاءِ حضرت علي عليہ السلام ڪاتب ٿيا.

معاهدو اهڙي نازڪ حالتن ۾ لکيو پئي ويو جو ذري ذري تي ڇڪتاڻ پيدا ٿي پئي وئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم شروعاتي سٽ طور "بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ" لکڻ جو حڪم ڏنو. سهيل چيو تہ اسان کي خبر ڪونهي تہ اهو رحمٰن و رحيم ڪير آهي. اسان جي معمول جي مطابق "بِاسۡمِكَ اللّٰهُمَّ" لکيو وڃي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اهو مطالبو قبول ڪيو. پوءِ فرمايو لکو. هيٺيون معاهدو محمد رسول الله ۽ سهيل بن عمرو جي وچ ۾ طئي ٿيو. سهيل چيو تہ جيڪڏهن مان اهو مڃان ها تہ توهان الله جا رسول آهيو تہ توهان جي خلاف لڙائي ڇو ڪيان ها؟ بس پنهنجو ۽ پنهنجي والد جو نالو لکرايو. حضرت علي عليہ السلام "محمد رسول الله" جا لفظ لکي چڪا هيا ۽ ادب جي تقاضا ڪري پنهنجي هٿ سان "رسول الله" جا لفظ مٽائڻ انهن کي گوارا نہ ٿيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم لکت وٺي پاڻ اهي لفظ مٽايا ۽ انهن جي جاءِ تي محمد بن عبدالله لکيو ويو.

نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا ساٿي سهيل جي انهن زيادتين کي ڏسي آنڌمانڌ محسوس ڪري رهيا هيا. مگر رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي احترام جي ڪري ماٺ هيا. هاڻي هيٺيان شرط لکيا وڃڻ لڳا.

O ڏُهيون ڏهن سالن تائين لڙائي ڪونہ ڪنديون ۽ صلح ۾ رهندا.

O مسلمان هن سال موٽي وڃن ۽ ايندڙ سال ڪعبي جي زيارت جي لاءِ اچن ۽ صرف مياڻ ۾ تلوارون وجهي ٽن ڏينهن تائين حرم ۾ گذارين.

O عرب قبيلن کي آزادي هوندي تہ اهي معاهدي جي ڌُرين مان جنهن سان گُهرن ساٿاري وارا تعلق قائم ڪن.

O قريشن جا واپاري قافلا مديني جي حدن مان گذرن تہ انهن کي امان حاصل هوندي

قريشن جو ڪو ماڻهو جيڪڏهن بنا اجازت مديني هليو وڃي ته اهو واپس ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن ڪو مسلمان مڪي ۾ اچي وڃي ته ان کي واپس نه ڪيو ويندو.

ان آخري شرط جذبات ۾ سخت هلچل پيدا ڪري ڇڏي. پورو ذهني ماحول سامهون آڻيو ته اندازو ٿي سگهي ٿو ته جماعت ۾ اهڙن جذبات جو پيدا ٿيڻ فطري هيو. اول ته مورڳو اها صورتحال ڪجهه گهٽ قيمتي ڪونه هئي ته اهي قريشي جن ماڻهن کي گهرن مان ڪڍيو هيو جن اسلام جي علمبردارن تي جنگ مسلط ڪري ڇڏي هئي، جيڪي اڄ به انهن کي حرم کان روڪي رهيا هيا ۽ قرباني جي جانورن کي موٽائي رهيا هيا. اهڙن ظالم ۽ لڙاڪون ڪندڙ مشرڪن سان هڪدم صلح واري واٽ ڪڍڻ جماعت جي لاءِ وڏي جاکوڙ وارو واقعو هيو. انهن جي سامهون ته هڪڙو جملو "بَدَا بَيْنَنَا وَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةُ وَالْبَغْضَاءُ اَبَدًا حتیٰ تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗ" هيو. اهي ته هڪڙي ئي اصول کي ڄاڻندا هيا ته "وَقٰتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ لِلّٰهِ" (* توهان انهن سان ايستائين وڙهندا رهو جو فتنو باقي نه رهي ۽ دين الله جي لاءِ ٿي وڃي. البقره آيت 193) انهن جي سامهون سڌو فارمولو اهو هيو ته الله جي ڪلمي کي برتر رهڻ گهرجي ۽ ڪافرن جي ڪلمي جو ڪنڌ جهڪيل هجڻ گهرجي. ڪفر ۽ باطل جي وچ ۾ سمجهوتي جي گنجائش انهن جي ذهنن ۾ ڪونه هئي.

حقيقت اها آهي ته اصولن کي جيڪڏهن رڳو نظرياتي ۽ فلسفاڻي طور تي ورتو وڃي ته ڳالهه ٻي هوندي آهي، ليڪن جڏهن انهن کي واقعن جي عملي ميدان ۾ ڪٿي مقابلي ۾ لهجي ته پوءِ وقتي مصلحتن، دشمن ۽ حامي قوتن جي حالتن کي سامهون رکي مختلف قدم کڻڻا پوندا آهن. اهو ممڪن ڪونهي هوندو ته توهان بس اکيون بند ڪري سڌا ئي سڌا هڪڙي ئي رفتار سان وڌندا وڃو. ڪٿي ويهڻو پوندو آهي، ڪٿي ٻن وکن جو ڦيرو ڪرڻو پوندو آهي ۽ ڪٿي نئون رستو ڪڍڻ جي لاءِ به قدم پوئتي هٽڻو پوندو آهي.

مختلف دشمنن کي شڪست ڏيڻ جي ئي مقصد سان اڪثر انهن مان ڪنهن هڪڙي سان عارضي صلح اٽڪر هوندو آهي. تاريخ جون اهي وسيع عملي حقيقتون حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي نگاهن جي سامهون ته هيون ئي، ليڪن جماعت جون نظرون پاڻ سڳورن جي نگاهه جيتري پهچ نه رکنديون هيون. سو جڏهن ان جماعت جي سامهون " بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ " ۽ "رسول الله" جا لفظ مِٽايا ويا ته جذباتن ۾ گهڻي اٿل پٿل مچي وئي. ان کان به وڌيڪ جڏهن اهو غيربرابري ۽ ناانصافي وارو شرط سامهون آيو ته صبر ۽ برداشت کي بحال رکڻ مشڪل ٿي ويو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ان معاهدي جي ذريعي جن وڏن وڏن مسئلن کي حل ڪرڻ جي واٽ ڪڍي رهيا هيا انهن تي جتي قريشن جي نظر ڪونه هئي، اتي مسلمان جماعت به پوري طرح انهن کي سمجهي ڪونه پئي سگهي. ڪڏهن ڪڏهن وڏين وڏين تحريڪن جي ڪم جي دوران اهڙا نازڪ لمحا به اچي ويندا آهن جڏهن قائد ۽ جماعت جي وچ ۾ مستقبل جي معاملن کي سمجهڻ جي لحاظ کان ذهني فاصلو وڌي ويندو آهي. قيادت جي نگاهه گهڻي فاصلي تي ڏسندي آهي ۽ جماعت نسبتن ويجهين حقيقتن تائين سوچيندي آهي. اهي ئي موقعا

بحران جا موقعا ٿي ويندا آهن ۽ انهن ئي غيرمعمولي موقعن تي ضابطي جي حد کان وڌيڪ جمهوريت خطرناڪ ٿي ويندي آهي. اهڙن موقعن تي صرف اها ئي قيادت پنهنجو فرض ادا ڪري سگهي ٿي جيڪا عام راءِ جو اعتماد ۽ تعاون ايتري حد تائين رکندي هجي جو ان جو ڪوئي بدل پيدا نہ ڪري سگهجي. اهڙي مخلص ۽ مستحڪم قيادت جماعت کي اهم مصلحت واري وات تي صرف پنهنجي اخلاقي قوت سان ڇڪي وٺي ويندي آهي ۽ عقلي اطمينان جماعت کي بعد جي حالتن ۽ واقعن کان پوءِ ئي حاصل ٿيندو آهي.

ڏکي ڳالهہ اها ٿي تہ عين ان حالت ۾ قريشن جي نمائندي سهيل جو پٽ ابوجندل ڏنڊا بيڙيون لڳل حالت ۾ موقعي تي اچي پهتو. ان کي مارڪٽ ڪئي وئي هئي ۽ اهو مظلومي جو هڪڙو مجسمو لڳي رهيو هيو. ان پاڻ کي سرورِ ڪائنات صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ مسلمانن جي سامهون پيش ڪيو. سهيل بن عمرو چيو تہ طئي ٿيل شرط جي مطابق اهوئي پهريون شخص آهي جنهن کي توهان کي واپس ڪرڻو پوندو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم معاملي کي سلجهائڻ لاءِ فرمايو تہ اڃا معاهدو لکيو ڪونہ ويو آهي، سو ابوجندل کي انهيءَ کان آجو رکو. سهيل چيو تہ پوءِ ڪوبہ صلح يا ناهہ نٿو ٿي سگهي. پوءِ پاڻ سڳورن نرمي سان اهو بہ فرمايو تہ چڱو ان کي منهنجي خاطر مون سان گڏ اچڻ ڏي. ان ڪونہ مڃيو. مجبورن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان ظالماڻي مطالبي کي وڏي صلح جي خاطر قبول ڪيو. هاڻي ابوجندل جماعت کي مخاطب ٿي دانهن ڪئي. "مسلمانو! توهان مون کي مشرڪن جي حوالي ڪري رهيا آهيو جيڪي مون کي ايمان تان ڦرڻ لاءِ مون تي تشدد ڪندا." اها اپيل پنهنجي ماحول ۾ گهڻو اشتعال ڏيارڻ واري هئي. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان وقت ٿڌي طبيعت جو هڪڙو بي مثال نمونو هيا. ابوجندل کي پيار سان سمجهايائون تہ اسان معاهدي ۾ هڪڙي ڳالهہ مڃي ورتي آهي، تہ هاڻي اسان واعدو ٽوڙي نٿا سگهون. تنهنجي لاءِ ۽ ٻين مظلومن جي لاءِ الله تعاليٰ ڇوٽڪاري جي ڪا وات ڪڍندو ڪجهہ صبر ڪر.

جماعت جي بيقراري ان وقت آخري حد کي ڇُهي رهي هئي ۽ قريشن جي خلاف پوري جماعت جا جذبا گڏ ٿي جنهن شخص جي اندر ڀڙڪي رهيا هيا، اهو حضرت عمر رضہ هيو. ان جو ڪو ذاتي يا نفساني معاملو ڪونہ هيو بلڪ ان جي اندر حق جي غيرت ئي ڪم ڪري رهي هئي. بيقراري جي حالت ۾ ان پهريان حضرت ابوبڪر رضہ ۽ رسول ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان هي گفتگو ڪئي:

حضرت عمر رضہ: "اي الله جا رسول! ڇا توهان الله جا رسول ڪونہ آهيو؟"

رسول الله: "ڇو ناهيان؟"

حضرت عمر رضہ: "پوءِ ڇا اسان مسلمان ڪونہ آهيون؟"

رسول الله: "ڇو ڪونہ آهيون!"

حضرت عمر رضہ: "ڀلا، ڇا اهي مشرڪ ڪونہ آهن؟"

رسول الله: "ڇو ڪونهن!"

حضرت عمر رضہ: "پوءِ اسان دين جي معاملي ۾ دٻجي ڇو ٺاهہ ڪيون؟"

رسول الله: "مان الله جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهيان. مان ان جي ڪنهن بہ حڪم جي خلاف ڪونہ ٿو وڃان، ۽ نہ اهو مون کي پنهنجي مدد کان محروم رکندو."

حضرت عمر رضہ ماٺ تہ ٿي ويو ليڪن جذبات دير تائين ٿانيڪا ڪونہ ٿي سگهيس. معاهدو لکيو ويو ۽ ان تي حضرت عمر رضہ شاهد طور صحيح ڪري اطاعت جو اهڙو سونهري مثال بہ پيش ڪري ڇڏيو تہ شرطن تي دل مطمئن ڪونهي، مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فيصلو ڪري ڇڏيو تہ پوءِ ضد بہ ڪونهي.

معاهدو ٿي ويو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جماعت کي قرباني وارا جانور ذبح ڪرڻ (نحر) جو حڪم ڏنو ۽ مٿا ڪوڙائڻ (حلق) جو حڪم ڏنو. مگر بيچيني ۽ ڏک ۽ ٻڏتر جي ڪري جماعت ۾ ڪا هلچل پيدا ڪونہ ٿي. ٻيهر حڪم ٿيو تہ بہ ڪو نتيجو ڪونہ نڪتو. ٽيون ڀيرو فرمايو تہ بہ اها حالت طاري رهي. اندازو ڪيو تہ خود حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تربيت ڏنل جماعت ۾ ان وقت ڪهڙو ذهني بحران طاري هيو ـــ ۽ ان مان سبق حاصل ڪريو تہ انساني سرگرمين ۾ ڪهڙيون ڳنڀير حالتون پيش اينديون آهن. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي اهو رويو ڏسي صدمو پهتو. نڪاٽي تي آيا ۽ حضرت ام سلميٰ رضي الله تعاليٰ عنها سان شڪايت ڪيائون تہ ماڻهن کي ڇا ٿي ويو آهي جو مون حڪم ڏنو ۽ ان تي عمل ڪونہ ٿيو. حضرت ام سلميٰ رضہ آٿت ڏيارين تہ معاهدي جي شرطن ڪري اهي ڏک ۾ ورتل آهن. توهان پاڻ ٻاهر نڪري قرباني جو جانور ذبح (نحر) ڪيو ۽ مٿو ڪوڙايو (حلق ڪرايو). سرورِ عالم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اٿيا ۽ ٻاهر اچي قرباني ڪئي ۽ وار ڪوڙايائون. ان عملي قدم جماعت کي فرمانبرداري واري واٽ تي موٽائي آندو. ليڪن پوءِ بہ حالت اها هئي تہ ڄڻ اهي ماڻهو هڪ ٻئي کي ڪچو چٻاڙي ڇڏيندا. تاهم اها روش وقتي روش هئي ۽ ختم ٿي وئي.

اندازو ڪيو تہ لڙائي کان پاسو ڪري صلح جو ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪيترين ڪٺن صورتحالن مان گذرڻ کي گوارا ڪيو. بلڪ پنهنجي پياري جماعت جي نهايت ئي گهرن، پاڪيزہ ۽ خلوص وارن جذبات جي بہ ان مقصد جي لاءِ قرباني ڏني.

پاڻ سڳورن ان معاهدي جي ذريعي عظيم مقصد حاصل ڪيا.

..... هڪڙو اهو تہ مسلمان جماعت ۽ عربستان ۾ مڪي جي مشرڪن جي وچ ۾ ملڻ جُلڻ جا رستا کلي ويا. ماڻهن جو اچڻ وڃڻ شروع ٿيو. سالن جا وڇڙيل مٽ مائٽ گڏ

ٿي ويندا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ مسلمان جماعت جي باري ۾ مڪي ۾ جيڪي غلط فهميون هيون، اهي مشرڪن جي طرفان سامهون اچڻ لڳيون. مسلمان انهن غلط فهمين کي صاف ڪندا هيا، ماڻهن جي سوالن جا جواب ڏيندا هيا ۽ انهن کي پنهنجي روحاني، ذهني، علمي، اخلاقي ۽ مادي ترقي جا احوال ٻڌائيندا هيا — حق جي دعوت ۽ اسلامي نظريو گهرگهر ۾ بحث هيٺ اچڻ لڳا ۽ امن جي حالتن ۾ اسلام ان تيزي سان پکڙيو جو صلح حديبيہ کان پوءِ وارن ٻن سالن ۾ حق جي محاذ تي خوشي خوشي ايترو تعداد اچي بيٺو جيترو ان کان اڳ وارن ارڙهن اوڻويهن سالن ۾ گڏيل طور تي ٿيو هيو. ايتري تائين جو خالد بن وليد ۽ عمرو بن عاص جهڙا ڪم وارا نوجوان بہ ان ئاهہ کان پوءِ اچي اسلامي حلقي ۾ داخل ٿيا.

..... ٻيو مقصد اهو حاصل ٿيو تہ لڙائي جهڳڙي کان جان ڇڏائي جماعت جي ذهني ۽ اخلاقي اصلاح، ۽ خود رياست جي انتظام جي تعمير جو ڪم انجام ڏيڻ جي لاءِ يڪسوئي حاصل ٿي وئي. ان کان علاوه، غيرملڪي حڪومتن کي دعوت ڏيڻ جو موقعو نڪري آيو.

..... ٽيون فائدو اهو ٿيو تہ مديني جي حڪومت خيبر جي دشمناڻي محاذ جو خاتمو ڪرڻ جي لاءِ قريشن جي طرف کان بلڪل بي فڪر ٿي وئي. تنهنڪري صلح حديبيہ کان پوءِ هڪدم اسلامي حڪومت ان مصيبت کان جان ڇڏائي ورتي.

..... چوٿون مفاد اهو حاصل ٿيو تہ عربستان جي قبيلن کي آزادي حاصل ٿي وئي تہ انهن مان جيڪو بہ گُهري تہ مديني جي حڪومت جو ساٿ ڏئي. اهو اهڙو دروازو کليو جو ان مان گذري نيون نيون ڌريون مسلمان جماعت سان تعاون ڪري سگهيون ٿي ۽ قريشي ڪا روڪ ٽوڪ نٿي ڪري سگهيا. تنهنڪري بنوخزاعہ تہ عين موقعي تي ئي اسلامي حڪومت سان تعلق جوڙي ورتو.

..... ۽ پنجون نتيجو اهو بہ نڪتو هيو تہ هڪڙي ئي سال کان پوءِ اها ئي جماعت وڏي ٺاٺ سان حرم جي زيارت جي لاءِ مڪي ۾ داخل ٿي ۽ ان وقت قرآن شريف جي اڳڪٿي جي مطابق "لاتَخَافُوْن" جي فضا ميسر هئي.

سو چوڻ گهرجي تہ قريشن جهڙن سخت دشمنن کي صلح لاءِ راضي ڪرڻ حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سياستڪاري جو هڪڙو پڌرو معجزو هيو ۽ هڪڙي شرط ۾ ظاهري طور ٿورو دٻجي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اهي فائدا ۽ نتيجا حاصل ڪري ورتا جن جو قريشي ان وقت تصور بہ ڪري ڪونہ سگهيا هوندا. انهن کي اهو خيال ڪٿي اچي سگهيو هوندو تہ هاڻي هڪ طرف انهن جي حامي يهودين جو جنگي اڏو ڀڄڻ وارو آهي ۽ اهي اڪيلا رهجي ويندا. ۽ ٻئي طرف اسلام ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ايتري گهڻي تعداد ۾ ڇڪي ويندو. بلڪ خود انهن جي شهر ۾ ايترا اثر پکيڙي ڇڏيندو جو انهن جي طاقت موجوده معيار کان بہ ڪري ويندي. حقيقت ۾ ان معاهدي اهو

رستو ٺاهي ڇڏيو جنهن تي هلي اسلامي انقلاب جي طاقت ڪجهه سالن جي اندر اندر ان ئي مڪي ۾ فاتحاڻي شان سان داخل ٿيڻ واري هئي.

واپسي ۾ رستي ۾ ئي سورت فتح جون آيتون نازل ٿيون. جن ۾ گذريل واقعن تي تبصرو هيو ۽ مسقبل جي مصلحتن جي جهلڪ ڏيکاري مسلم جماعت کي الله تعاليٰ خوشخبريون ڏنيون. انهن کي ٻڌايو ته جلدي توهان هڪڙي اهڙي مقابلي (يعني خيبر) ۾ فتح حاصل ڪندا. جنهن ۾ توهان کي گهڻو ئي مالِ غنيمت ملندو ۽ ان کان پوءِ اهو ڪجهه حاصل ٿيندو جيڪو هن وقت توهان جي طاقت کان ٻاهر آهي ۽ جنهن کي الله ئي پاڻ وٽ وٺي محفوظ ڪري رکيو آهي. پوءِ ٻڌايو ته توڙي جو مڪي جي مشرڪن کي توهان اڄ به شڪست ڏئي سگهيا ٿي، ۽ اهي يقينن پٺي ڏئي ڀڄي وڃن ها. ليڪن انهن جي وچ ۾ اهڙا مرد ۽ عورتون ڦاٿل آهن جيڪي ڳجهه ڳوهه ۾ حق جي دين کي مڃي چڪا آهن ۽ جن جون دليون توهان سان گڏ آهن. هاڻي جيڪڏهن لڙائي ٿي پوي ها ته اهي مجبور ٿي توهان جي مقابلي ۾ اچن ها ۽ توهان انهن کي نه سڃاڻڻ جي ڪري نشانو بڻايو ها. پوءِ اها الله تعاليٰ جي خاص مهرباني ٿي جو ان ٻنهي ٽولن کي ٽڪراء کان روڪيو. خاص طور تي اها مهل ياد ڏياري جڏهن ڪُفر جي طرف کان جاهلي غيرت جو گهڻو سخت مظاهرو ڪيو ويو هيو ۽ "الرحمٰن الرحيم" ۽ "رسول الله" جا لفظ به لکڻ کي برداشت ڪونه ڪيو هيو. ان کان علاوه، ابوجندل رضه جي معاملي ۾ انتهائي ضد کان ڪم ورتو هيو. هڪڙي ڌر جڏهن اهڙو ٽيڏو رويو اختيار ڪندي آهي ته پوءِ ٻئي طرف به نرم ۽ ٿڌا جذبات ڪم ڪونه اچي سگهندا آهن. ليڪن اهو به الله تعاليٰ جو ڪرم هيو ته ان رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ۽ توهان مسلمانن مٿان اطمينان لاٿو توهان کي جذبات تي قابو پائڻ جي توفيق ڏني ۽ توهان کي تقوا ۽ احتياط جي اصول تي پابند رکيو — ۽ توهان مشرڪن جي مقابلي ۾ ان ئي شان جا حقدار ۽ اهل هيا. ورنه جيڪڏهن توهان جي طرف کان به اشتعال کان ڪم ورتو وڃي ها ته جهيڙو ٿي پوي ها ۽ اهي سيئي مقصد ختم ٿي وڃن ها جيڪي نهايت آساني سان حاصل ٿي رهيا هيا.

فتح سورت جي شروعات هن جملي سان ٿئي ٿي ته "اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا" حضرت عمر رضه حيرت مان پڇيو ته واقعي اها فتح مبين آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم فرمايو "ها، اها فتح مبين آهي." مطلب ته واقعن جي روشني ۾ عقلي اطمينان گهڻو دير سان پيدا ٿيو. ان موقعي تي حضرت عمر رضه حق جي غيرت جي مخلصاڻي جذبي ۾ جيڪو جذباتي مظاهرو ڪيو هيو ان جي تلافي لاءِ اهو مُدتون نفلي عبادتون ڪري ڪري الله کان معافي گهرندو رهيو. خلوص جو اهو به هڪڙو شان آهي. ٻئي طرف حضرت ابوبڪر صديق رضه جو اهو شان هيو جو ان بيقراري جي عمومي گهڙي ۾ ان کي پورو پورو اطمينان رهيو ۽ مزاجن جي اها رنگارنگي انساني جماعتن کي

هڪڙي خاص ترڪيب ڏيندي آهي. ان جو هڪڙو سِرو جيڪڏهن صديقي رجحان سان ٺهندو آهي تہ ٻيو سِرو فاروقي انداز سان.

هاڻي ٻڌو تہ ڪيئن معاهدي جي اهائي شق قريشن جي لاءِ وبالِ جان بڻجي وئي، جنهن کي مجرائي اهي پنهنجو پلڙو ڳرو محسوس ڪري رهيا هيا. اول تہ ان جي ڪري مڪي ۾ ڳچهي نموني سان اسلام قبول ڪرڻ وارن جو حلقو اندر ئي اندر وڌندو ويو ۽ انهن جي ڪري قريشن جي اجتماعيت کوکلي ٿيندي وئي. ٻئي طرف هڪڙو گهڻو ئي سنگين واقعو پيش آيو. ابو بصير عُقبہ بن اُسيد ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان مڪي مان نڪري مديني اچي پهتو. ان کي وٺڻ لاءِ قريشن ٻن ماڻهن جو وفد موڪليو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم واعدي جي پابندي جي اٽل اصول ڪري مجبور هيا، سو ابوبصير کي موٽائي ڇڏيائون. پاڻ سڳورن ابوبصير کي بہ اهوئي تاڪيد ڪيو تہ توهان جي لاءِ الله تعاليٰ ڪوئي رستو ڪيندو. نہ چاهيندي بہ ابوبصير موٽي ويو. رستي ۾ وجهہ وٺي ان ٻنهي مان هڪڙي نگران کي ان جي ئي تلوار سان قتل ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ ڀڄي وري مديني اچي ويو. ٻيو نگران وري شڪايت کڻي اچي پهتو. ابوبصير رضہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون وضاحت ڪئي تہ توهان پنهنجو واعدو نڀايو ۽ مون کي دشمنن جي حوالي ڪري ڇڏيو. ليڪن مان پنهنجو پاڻ کي مشرڪن جي حوالي ڪري ايمان کي خطري ۾ وجهي نٿي سگهيس. سو مون پنهنجي ذميواري تي اهو قدم کنيو آهي. توهان تي هاڻي ڪا ذميواري آهي ئي ڪونہ. الله تعاليٰ مون کي بچائي ورتو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وڏي پُرمعنيٰ طريقي سان فرمايو "ان سان ڪجهہ ماڻهو گڏجي وڃن تہ هي تہ جنگ ڀڙڪائي ڇڏيندو." ابوبصير رضہ کي انديشو ٿيو تہ شايد مون کي وري مڪي روانو ڪيو ويندو. انهيءَ ڪري اهو لِڪ ۾ مديني مان نڪري ساموندي ڪناري طرف عيص جي ماڳ (ذوالمره جي ويجهو) وڃي پهتو ۽ اتي ديرو ڄمايائين. بعد ۾ ابوجندل رضہ بہ اتي اچي ويو. پوءِ مڪي مان ٻيا ماڻهو بہ نڪرندا ۽ سڌو ساموندي ڪناري جو رُخ ڪندا ويا. آهستي آهستي اتي ستر جوانن جو دستو گڏ ٿي ويو. مڪي وارن سان انهن جي اصولي مخالفت بہ هئي ۽ ذاتي مظلومي جو انتقامي جذبو بہ هيو ۽ اهي مديني جي حڪومت جا شهري بہ ڪونہ هيا جو انهن تي معاهدي جي ذميواري هجي ها. اهو مطلب تہ هڪڙو "آزاد اسلامي محاذ" هيو. انهن قريشن جي قافلن لاءِ رڪاوٽون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ايستائين جو قريشي بيوس ٿي ويا. سو انهن پاڻ ئي درخواست ڪري معاهدي مان پنهنجي پسند جو شرط ڪيرايو. ان ڪان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن نوجوانن کي مديني گهرايو ۽ نون مسلمانن جي لاءِ مڪي مان هجرت ڪرڻ جو رستو بلڪل کُلي ويو.

هڪڙو اهم مسئلو ان وقت پيدا ٿيو جڏهن اِم ڪلثوم رضہ جيڪا مڪي جي سردار عُقبہ بن ابي مُعَيط جي نياڻي هئي، هجرت ڪري مديني اچي پهتي. ان کي واپس

وٺي وڃڻ لاءِ ان جا ٻہ ڀائر عماره ۽ وليد پنيان پهچي ويا. معاملو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي آڏو آيو تہ الاهي حڪم موجب پاڻ سڳورن امِ ڪلثوم رضہ کي واپس ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ظاهر ڳالهہ آهي تہ هڪڙي اصولي مسلڪ جي عورت کي دشمن يا مخالف جي حوالي ڪرڻ جو معاملو مردن کان بلڪل مختلف نوعيت رکي ٿو. ان انڪار ۾ هڪڙو اهڙو اخلاقي وزن موجود هيو ۽ معاهدي جا لفظ بہ اهڙا عام رواجي هيا جو عورتن جي مسئلي ۾ تعبيري اختلاف جي گنجائش نڪتي ٿي. انهيءَ ڪري جڏهن ٻئي ڀائر واپس مڪي پهتا تہ قريشن ان صورت کي قبول ڪري ڇڏيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ممتحنہ سورت جي احڪام موجب ان انڪار سان گڏ ڪجهہ ٻيا فيصلا بہ ڪيا هيا. هڪ تہ ملسمان پنهنجين انهن ڪافر زالن کي طلاق ڏئي ڇڏين جيڪي مڪي ۾ هيون ۽ ٻنهي طرفن کان مهر دا ڪيا وڃن. انهيءَ ڪري مجموعي حيثيت ۾ اها ڳالهہ قريشن کي بہ سٺي لڳي.

ڳالهہ اها آهي تہ اهو تاريخي معاهدو پنهنجن نتيجن جي اعتبار کان بجاءِ خود عظيم فتح جي حيثيت رکندڙ هيو ۽ جنهن تائين قريشن کي آڻڻ ۽ ان سلسلي جي ڳنڀير مرحلن کي طئي ڪرڻ ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اهڙي سياسي حڪمت ۽ قائداڻي بصيرت جو مظاهرو ڪيو جنهن مان بعد ۾ اچڻ وارن کي قيامت تائين رهنمائي ملندي رهندي. اهي مصلحتون حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سياستڪاري جو هڪڙو بي مثال شاهڪار آهن.

## عمرة القضا:

معاهدي ۾ طئي هيو تہ هن سال مسلمان واپس موٽي وڃن ۽ ايندڙ سال اچي زيارت ڪن. تنهنڪري ٻئي سال 7 هجري ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ساٿين سان گڏجي مڪي جو سفر ڪيو. اهو سفر بہ جيڪڏهن هڪڙي حوالي سان ديني هيو تہ ٻئي رُخ کان سياسي. ماحول ۾ ان جا گهرا اثر مرتب ٿيا. ۽ ان جي ڪري نہ صرف اسلام جونفوذ مڪي ۾ وڌي ويو بلڪ پوري عربستان ۾ بہ مسلمانن جو حرم ۾ آزادي سان داخل ٿيڻ نهايت سُٺن ذهني اثرن جو سبب ٿيو.

ٻہ هزار ماڻهو سوگهوڙن ۽ قرباني جي سٺ (يا اسي) اُٺن کي ساڻ ڪري روانا ٿيا. هٿيارن کي بند حالت ۾ گڏ کنيائون. مگر اڳتي وڃي ياحج جي ماڳ تي رکي ڇڏيائون. معاهدي جي مطابق قريشن کي ٽن ڏينهن لاءِ مسلمانن جي لاءِ حرم بلڪل کولي رکڻو پيو. ڪجهہ ڪٽر مخالف تہ شهر ڇڏي پري جبل تعيقعان ڏانهن هليا ويا تہ جيئن ان منظر کي ڏسي نہ سگهن. ليڪن عام ڳوڻاٽا، عورتون ۽ ٻار دارالندوه جي ڀرسان صف ٻڌيون بيٺا هيا ۽ ان انقلابي طاقت جو نظارو ڪري رهيا هيا، جنهن مڪي جي ئي فضائن ۾ شروعاتي واڌ ويجهہ ڪئي هئي.

مڪي ۾ ان شان سان داخل ٿيا جو عبدالله رضہ بن رواحہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سواري جي واڳ جهليون اڳيان اڳيان هڪڙو رجزيہ گيت جهونگاري رهيو هيو. ڪجهہ ٻول هي آهن.

بِاسْمِكَ الَّذِى لا دِيْنَ اِلاَّ دِيْنُهٗ        بِاسْمِ الَّذِىْ مُحَمَّدٌ رَسُوْلُهٗ

ان هستي جو نالو وٺي اسان داخل ٿيون ٿا جنهن جي دين کان سواءِ ڪوئي دين ڪونهي. ان هستي جو نالو وٺي اسان داخل ٿيون ٿا. محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جنهن جا رسول آهن.

خَلُّوْ بَنِى الْكُفَّارِ عَنْ سَبِيْلِهٖ        قَدْ نَزَلَ الرَّحْمَانُ فِىْ تَنْزِيْلِهٖ

اي ڪافرن جي اولاد! ان جي رستي مان هٽي وڃو. الرحمان پنهنجي نازل ڪيل ڪتاب ۾ اها تعليم ڏني آهي.

بِاَنَّ خَيْرَ الْقَتْلِ فِىْ سَبِيْلِهٖ        يَا رَبِّ اِنِّىْ مُؤْمِنٌ بِقِيْلِهٖ

بهترين جنگ اها آهي جيڪا ان جي راهہ ۾ وڙهي وڃي، اي منهنجا پروردگار! مان تنهنجي نبي (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي قول تي ايمان رکان ٿو.

گيت ئي گيت ۾ حق جي پوري دعوت بيان ٿي رهي هئي. جنهن جي گونج کان مڪي جون فضائون سالن کان خالي ٿي چڪيون هيون، جنهن کان قريشن کي چِڙ هئي. ان ۾ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي رسالت جو اعلان ٿي رهيو هيو. اسلامي دشمن طاقت کي پرمعنيٰ انداز ۾ چيو پئي ويو تہ هن رسول (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي رستي مان هٽي وڃو رڪاوٽون پيدا ڪرڻ ڇڏي ڏيو. اڄ ڪير ڪونہ هيو جيڪو مڪي ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري سگهي. معاهدي هٿن ۾ زبانن کي ٻڌي رکيو هيو.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حرم ۾ داخل ٿيڻ وقت جماعت کي حڪم ڏنو تہ ڪلها کولي ۾ سينو تاڻي هلو ۾ آڪڙجي طواف ڪريو تہ جيئن ان پروپيگنڊا جي ترديد ٿي وڃي تہ مهاجرن جي حالت بکن ۾ بيماري ڪمزور ڪري ڇڏي آهي. ان وقت دشمن تي رعب وجهڻ ضروري هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڇا تہ ڀلو فرمايو تہ "الله جي رحمت هجي ان شخص تي جيڪو اڄ ڪافرن جي سامهون قوت جو اظهار ڪري" ان ئي مصلحت پٽاندڙ پاڻ رڪن يماني جي استلام کان رڪن اسود جي استلام تائين آهستي وکون کڻي (مشي) هلي رهيا هيا ۾ ان حصي ۾ ڏسڻ وارو مجمعو اوجهل ٿي پئي ويو. پوءِ بعد واري حصي ۾ تڪڙيون وکون (هرول) کنيائون ٿي ۾ اهو ئي حصو مجمعي جي سامهون هيو. معلوم ٿيو تہ مخالف حلقن ۾ علمبردارانِ اسلام جي ڪمزوري (چاهي اها جسماني هجي) جي هل هلاچي کي روڪڻ ۾ انهن تي قوت ۾ دٻدٻي جي مظاهري سان رعب وجهڻ اسلامي سياست جي هڪڙي اهم حڪمت آهي. اها ايتري اهم آهي جو عين حرم ۾ ۾ عين طواف جي دوران بہ ان جو خيال رکيو ويو. قوت جي انهي مظاهري کي تڪبر ۾ غرور جي تعريف ۾ نٿو آڻي سگهجي. بلڪ اهو عين ثواب جو

ڪم آهي. اهڙن موقعن تي جيڪڏهن عاجزي ۽ انڪساري ڏيکاري وڃي تہ معاملو موربُگو ابتو ٿي وڃي. انهن ننڍڙن ننڍڙن ڪمن (امور) مان شاهدي ملي ٿي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وقت جي سياسي تقاضائن تي ڪيتري گهري نظر رکي ٿي ۽ ان کي پوروڪرڻ جو ڪيترو بندوبست ڪندا هيا. آخرڪار اها سياست ذاتي ڌيڌپي لاءِ ڪونہ هئي. عدل جي خدائي نظام جي سربلندي جي لاءِ هئي. انهيءَ ڪري سراسر دين هئي ۽ ان سياست جو هر قدم هڪڙي عبادت هيو.

غور ڪيو تہ حق جي نظام جي داعين جي ان جماعت کي جڏهن مڪي جو مجمعو ڏسي رهيو هوندو تہ مردن، عورتن ۽ ٻارن تي ڪهڙا ڪهڙا اثر پئجي رهيا هوندا. خيال ايندا هوندا تہ اها ان ئي دين جي پوک آهي جنهن مڪي مان شروعات ڪئي هئي ــ ۽ پوءِ غارِ حرا، ارقم جو گهر، شعبِ ابوطالب، دارالندوه ۽ غارِثور جا تاريخي ماڳ انهن جي سامهون ڳرَ ڪٽي چوندا هوندا تہ ڏسو نيڪي جي اها طاقت ڪيتري عظيم آهي ۽ توهان ان جي مقابلي ۾ ڪيترا گهٽ رهجي ويا آهيو. مڪي جي گِهٽين جا ذرا تڙپي اٿيا هوندا ۽ انهن ماڻهن کي چوندا هوندا تہ هي اهي صبر ڪرڻ وارا ماڻهو آهن جن کي توهان بغير ڪنهن ڏوهہ جي ڪيترن سالن تائين ڏک ڏنا هيا. ڏسو تہ اهي اڄ ڪٿان ڪان ڪٿي پهچي ويا آهن. ڪيترن ئي ڪنڊن سِر اُيا ڪري چيو هوندو تہ توهان اسان جي ڇهنبن سان انهن جي جسمن کي اذيتون ڏنيون هيون. وري ڪٿان حضرت ابوذر رضہ جي ڪلمي جي اها پهرين پڪار ڪعبي مان گونجڻ لڳي هوندي، جنهن تي هنگامو مچي ويو هيو. ڪٿان حضرت بلال رضہ جي اَحد اَحد جون صدائون بلند ٿيڻ لڳيون هونديون، جيڪي تپندڙ واري جي بستري تي ليٽي دل مان اٿنديون هيون. دارالندوه رڙيون ڪرڻ لڳو هوندو تہ توهان جنهن جي قتل جون سازشون ڪيون هيون، ان جو پيغام ڪنبڪڙڄ ۾ تبديلي آڻي رهيوآهي. تيرهن سالن جي تاريخ هرطرف کان ٻڙڪا ڏئي نڪري پئي هوندي ۽ پوءِ بدر ۽ اُحد جي لڙاين ۾ ڪم اچڻ وارن جون يادون رت هاڻا وڳا پائي پڌريون ٿيون هونديون ــ ۽ انهن جي روحن مان صدا نڪتي هوندي تہ توهان بہ جاڳو. توهان بہ بدلجو. توهان بہ اڳتي وڌو ۽ ان ٻوڏ جي وهڪري ۾ شامل ٿي وڃو.

هڪ طرف ان جماعت جي عبادت واري نموني جو مظاهرو ٿيو هوندو ۽ ٻئي طرف اهو اخلاقي مثال قائم ٿيو هوندو تہ ايترو وڏو تعداد مڪي جي شهر ۾ ٽن ڏينهن تائين موجود رهيو ليڪن سخت دشمني جي باوجود ڪنهن جي جان ۽ مال کي ڪو نقصان ڪونہ پهتو. مشرڪ جيئن گهرن کي تالا هڻي ٻاهر نڪري ويا هيا، اهڙي طرح صحيح سلامت رهيا.

اسلام جا حمايتي ماڻهو جيڪي مڪي ۾ ايمان لڪايون ويٺا هيا، انهن جون اکيون ان نظاري سان ڪيتريون ٺڏيون ٿيون هونديون. انهن جي جذبن کي هڪڙي نئين طاقت

ملي هوندي. انهن جي اندر تازيون ۽ نيون اميدون اڀري آيون هونديون. مخالف ڌر پنهنجو پاڻ کي ڪيترو پيسجندي محسوس ڪري رهيا هوندا ۽ انهن جي اکين سامهون ڪيترو تاريڪ مستقبل هوندو.

ٽن ڏينهن تائين شهر جي فضائن ۾ اهي ڪڪر موتي وسائيندا رهيا. چوٿين ڏينهن نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ سهيل بن عمرو ۽ حُوَيطِب بن عبدالعزي آيا. جڏهن پاڻ سڳورا انصارن جي محفل ۾ ويٺا ڪچهري ڪري رهيا هيا. سهيل چيو تہ ٽي ڏينهن پورا ٿي ويا. هاڻي منهنجي زمين مان نڪري وڃو. سعد رضہ بن عُباده ڳالهائڻ جي انهي انداز کي برداشت ڪري ڪونہ سگهيو. ان چيو. ”زمين نہ تنهنجي آهي نہ تنهنجي پيءُ جي. اسان هرگز ڪونہ نڪرنداسين.“ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪدم ماحول کي ٺانيڪو ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ نرم لهجي واري گفتگو جو انداز اختيار ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حضرت ميمونہ رضي الله تعاليٰ عنها سان ان موقعي تي نڪاح ڪيو هيو. فرمايو تہ ڏسو اسان هتان شادي ڪئي آهي. ڪهڙو حرج آهي جي ڪجهہ ڪاڌو تيار ٿي وڃي. اسان بہ ڪائون ۽ توهان بہ شريڪ ٿيو. ان جملي ۾ گهڻائي پهلو سمايل هيا. مگر ان جي مزاج جي پليتي ۾ فرق ڪونہ آيو. چيائين تہ اسان کي ڪاڌي وغيره جي ضرورت ڪونهي. بس توهان هليا وڃو. اهي ويچارا بہ پلا ڇا ڪن ها. ڏٺائون ٿي تہ پورو ماحول متاثر ٿي رهيو آهي. انهن جي اصرار جي ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جماعت کي ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. هلڻ وقت حضرت حمزه رضہ بن عبدالمطلب رضہ جي ننڍڙي نياڻي ”اي چاچا! اي چاچا!“[1] پڪاريندي ڊوڙندي آئي ۽ پاڻ سڳورن کي چنبڙي وئي. ڪيڏو تہ رقعت آميز ماحول ٿي ويو هوندو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان ٻارڙي کي ساڻ ڪيو ۽ ڪجهہ تڪرار کان پوءِ ان جي ماسي جي حوالي ڪيائون. جيڪا زيد بن حارث جي گهر واري هئي.

هاڻي ان واقعي کي ياد ڪيو تہ حديبيہ مان واپسي تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي اعتراض ٿيو هيو تہ توهان تہ فرمايو هيو تہ اسان حرم ۾ داخل ٿينداسين ۽ طواف ڪنداسين (سوال جو مطلب هيو تہ ائين ٿيو تہ ڪونہ)! حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جواب ڏنو هيو. ”مون اهو ڪڏهن چيو هيو تہ هن ئي سال!“ ـــــ ۽ جيڪڏهن واقعي 6 هجري ۾ اها ڳالهہ پوري بہ ٿئي ها تہ ان شان سان ڪونہ ٿئي ها. بلڪ خون خرابي سان ٿئي ها. هڪڙي سال جو عرصو تحريڪن جي تاريخ ۾ هڪڙي گهڙي وانگر هوندو آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ بيخوفي جي حالت ۾ ۽ پوري مان مرتبي سان حرم ۾ داخل ٿيڻ ۽ عمرو ڪرڻ گهڻي برڪت واري ڳالهہ هئي.

---

[1] حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ حضرت حمزه رضہ ابولهب جي ٻانهي ثوبيہ جي ٿڃ پيتي هئي. انهيءَ ڪري چاچو ڀاٽيو هجڻ کان علاوه ٿڃ شريڪ ڀاءُ بہ هيا. حضرت حمزه رضہ جي نياڻي ان رشتي ناتي حضورجن کي چاچا چوندي هوندي (سنڌيڪار)

پوءِ جڏهن ان واقعي جو عربستان جي قبيلن ۾ چرچو ٿيو هوندو ته عام راءِ ماحول جي ان تبديلي کان، بهرحال، متاثر ٿي هوندي، ماڻهو محسوس ڪندا هوندا ته جنهن مڪي مان مسلمانن کي ڪڍيو ويو هيو ان ۾ اهي سينو تاڻي ۽ کلها کولي داخل ٿيا. جيڪي قريشي مسلمان جماعت کي مٽائي ڇڏڻ جي پنيان هيا، انهن ان ئي جماعت سان صلح ڪري پنهنجو پاڻ کي بيوس ڪري ڇڏيو. ان مان لازمي طور اهي اندازا ڪيا ويا هوندا ته مستقبل مديني جو آهي! ظاهر ڳالهه آهي ته دلين جا دروازا اسلام جي لاءِ اجا وڌيڪ کلي ويا هوندا.

مختصر طور اهو ته عمرة القضا به اسلام جي فروغ ۾ گهڻو مددگار ثابت ٿيو.

## راءِ عامه تي جهاد جو اثر:

جيئن اسان مٿي پوري زور سان اها ڳالهه واضح ڪري چڪا آهيون ته اسلامي تحريڪ ۽ جاهليت جي وچ ۾ اصل مقابلو عام راءِ جي وسيع ميدان ۾ ٿيو جيڪو لڳاتار ارڙهن ويهن سالن تائين جاري رهيو ۽ ان وسيع ميدان ۾ آخري فيصلو به ٿيو. ليڪن ان جي هرگز اها معنيٰ ڪونهي ته مسلمان جماعت جي جهاد وارن مقابلن ۽ لڙاين جو ان فيصلي ٿيڻ ۾ ڪو بلڪل دخل ئي ڪونه هيو.

اصلاح ۽ تعمير جي ڪم ۾ قوت به بجاءِ خود هڪڙي اهم ضرورت آهي، ليڪن اجتماعي دائري ۾ اڄ تائين ڪوئي انقلاب ان وقت تائين ڪونهي آيو جيستائين ان جي علمبردارن پنهنجو پاڻ کي مضبوط ۽ شرپسندي وارن تڪرارن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ضرورت جي وقت قوت جو استعمال ڪاميابي سان نه ڪيو هجي. اڪيلو مذهب جنهن کي انساني زندگي جي صرف هڪڙي ننڍڙي حصي سان واسطو هوندو آهي، ان کي ڪٽي هلجي ته وعظ ۽ نظر جي فيض کان وڌيڪ ڪنهن سرگرمي جي ضرورت ڪونهي پوندي، مٿان ڪوئي به نظام پاڇو ڪيون پيو هجي ۽ معيشت ۽ معاشرت جا معاملا ڪهڙي به رُخ سان هلي رهيا هجن. ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪجهه سٺن عقيدن جي جاءِ به ڪڍي سگهجي ٿي. انهن کي ڪجهه ٽوٽاڻيٽا، منتر ۽ ـــ وضيفا سيکاري سگهجن ٿا ۽ انهن کي مسڪيني ۽ نوڙت، رحمدلي ۽ همدردي جهڙين خوبين سان به ڪنهن نه ڪنهن حد تائين سينگاري سگهجي ٿو. هڪڙي فاسد ۽ ظالماڻي نظام ۾ پنهنجون خدمتون استعمال ڪندي ۽ ان جي ٻڌايل نهايت انسانيت ڪُش رستن سان رزق ۽ مفاد حاصل ڪندي ضمير ۾ جيڪي گهاءَ پوندا رهندا آهن، صوفياڻي طرز جا انفرادي مذهب ۽ انهن جا ٻڌايل پيري مريدي جا ادارا انهن کي گڏوگڏ ٿڌي پاڻي جا ڇنڊا هڻندا رهندا آهن ۽ انهن تي ملم لڳل پها رکندا آهن. بدترين معاشري جي اندر عافيت جو ننڍڙو پاسو ڪيڻ وارا مذهب به حقيقت ۾ انسان جي فراريت واري رجحان جي پيداوار آهن. اهو اجتماعيت جي دائري ۾ وڏا وڏا ڏوهه ڪرڻ ۽ خوفناڪ ظلمن ۾ حصو وٺڻ کان پوءِ

انفراديت جي مڙهي ۾ ويهي پنهنجي خدا کي راضي ڪندو ۽ پنهنجي رُٺل ضمير کي مچائيندو آهي. ليڪن جيڪو دين زندگيءَ جي غير الاهي نظام جي سوٽي ڪپڙي ۾ خدا جي ياد واري ريشمي ڪپڙي جي چتي هڻي مطمئن نه ٿيندو هجي بلڪ جنهن کي پوري زندگيءَ کي پنهنجي ئي رنگ ۾ رنڱڻو هجي، ان جو ڪم نلهن آزي گاڏڙ واعظن، اڪيلائي پسنداڻين رياضتن ۽ خدمتِ خلق جي محدود جذبن سان نٿو هلي سگهي. ان کي باطل جي پيچري کي ٽوڙڻ، ظلم جا هٿ پير ڀڃڻ ۽ امن و انصاف جي سماجي دور جو بنياد رکڻ جي لاءِ طاقت جي ضرورت هوندي آهي. اجتماعي تبديليون مزاحمتن کان سواءِ واقع ڪونه ٿينديون آهن ۽ مزاحمتن کي ٽوڙڻ جي لاءِ نلها واعظ ڪافي ڪونه هوندا آهن. جن جي جميل ٺهيل مفادن جي سلسلن کي اکيڙيو ويندو آهي ۽ جن جي ڏنگ تي ڪم ڪرڻ واري معاشري جي ترتيب کي بدلايو ويندو آهي، اهي پنهنجو سمورو زور تخريبي ڳالهين تي لڳائي ڇڏيندا آهن. ڪائي تحريڪ جيستائين انهن کي طاقت جي زور کان ڪم وٺي رستي مان نه هٽائي، ان وقت تائين اجتماعي اصلاح جي دل کي وڻندڙ خوابن جي تعبير ڪڏهن به ساپيان نٿي ٿي سگهي.

اسلام جڏهن اٿيو ۽ ان عين ان بنيادي تصورِ حيات تي چوٽ هنئي جنهن تي عربن جو جاهلي نظام هلي رهيو هيو ۽ نيم مشرڪاڻي، نيم ماده پرستاڻي ذهنيت کي لاالٰه الا الله جي زد تي ورتو ته بلڪل شروعات ۾ ئي جاهلي نظام جا علمبردار سمجهي ويا ته اهو ته هڪڙو ڪاپاري ڌڪ آهي، جيڪو پوري عمارت کي ڊاهي نئين تعمير جي لاءِ هنيو ويو آهي. اهو ئي سبب هيو جو ان جي ڀرپور مخالفت ۽ مزاحمت ڪئي وئي. بنيادي انقلاب ۽ همهگير تبديلي جي اهڙي دعوت جڏهن به ظاهر ٿيندي آهي ته معاشرو عام طور تي ٽن وڏن ٽولن ۾ ورهائجي ويندو آهي. وقت جي اڳيان وڌي هلڻ وارا ۽ پري تائين واري مستقبل کي ڏسڻ وارا ذهين ترين ۽ فعال ترين ماڻهو جن جو تعداد هميشه ٿورو هوندو آهي انقلابي دعوت تي آهستي آهستي لبيڪ چوندا آهن. ان جي مقابلي ۾ پراڻي نظام ۾ ظاهر ٿيڻ وارا ۽ وڏا وڏا مفاد رکڻ وارا ماڻهو تحرڪ ۾ اچي ويندا آهن ۽ اهي پنهنجي اثر هيٺ طبقن مان پنهنجن حامين جو گهڻو وڏو تعداد ڪڍي وٺندا آهن. انهن ٻنهي قوتن جي وچ ۾ جن مان ڀڏايل ڀهرين ڏُر واڌ ويجهه ڪندڙ ٿورڙائي (اقليت) هوندي آهي ۽ ٻي ڏُر گهٽجندي ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيندڙ اڪثريت هوندي آهي، ڏگهي ڇڪتاڻ پيدا ٿي ويندي آهي. اهي ٻئي فعال قوتون ته فڪري ۽ سياسي آکاڙي ۾ اچي وينديون آهن پر عوام جو وڏو انبوهه ٻاهر تماشائي بڻجي اهو ڏسندو رهندو آهي ته ڪڏهن پلڙو ڪهڙي پاسي جهڪي ٿو ۽ ان کيل جو انجام ڪهڙو ٿئي ٿو. ان ٽين ڌُر ۾ جيترا به ذهين ۽ متحرڪ ڪردار موجود هوندا آهن، اهي به آهستي آهستي مقابلي جي ميدان ۾ لهي پوندا آهن. ليڪن تمام گهڻي اڪثريت آخري نتيجي جو انتظار ڪندي آهي. انهن ۾ گهڻا ماڻهو اهي هوندا آهن جيڪي پراڻي نظام جا انڌا پوڄاري هوندا آهن ۽ اهو تصور

ئي ڪري ڪونہ سگهندا آهن تہ اهو ڪڏهن ٽُٽي بہ سگهي ٿو ۽ جيستائين اهو انهن کي ٽُٽندو ڏسڻ ۾ نہ اچي تہ انهن جي اندر ذهني تبديلي اچي ئي ڪونہ سگهندي آهي. انهن مان گهڻا ماڻهو اهي هوندا آهن جيڪي آهستي آهستي قوت جي دليلن سان بہ ۽ ان جي اخلاقي وصفن سان بہ متاثر ٿي ويندا آهن ۽ ڪي تمنا ڪرڻ لڳندا آهن تہ ڪاش اها قوت غالب اچي وڃي. مگر اهي پراڻي طاقت جي رعب ۾ هوندا آهن. ڪجهہ انقلابي دعوت کان متاثر ٿي قدم اڳتي وڌائڻ بہ گهرندا آهن. ليڪن سابق قيادت انهن کي پنهنجي چنبي ۾ اهڙو بري طرح جڪڙي رکيو هوندو آهي جو اهي چرڻ پرڻ جي جرئت ڪري ڪونہ سگهندا آهن. گهڻو تعداد انهن ماڻهن جو بہ هوندو آهي جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين حق ۽ باطل جو معيار ئي ان ڳالهہ کي بڻائي ڇڏيندا آهن تہ ڪهڙي نظرين مان غالب ۽ برتر ڪهڙو رهي ٿو. خاص طور تي جڏهن اسلام جي دعوت هجي تہ اهو طرزِ فڪر عوام ۾ گهڻو وڏي پيماني تي پڪڙجندو آهي. عوام جونِ اهي اُهي ذهني ۽ نفسياتي ڪيفيتون هونديون آهن جيڪي ڪنهن تعميري ۽ اصلاحي پيغام جي قبوليت ۾ رڪاوٽ بڻجنديون آهن ۽ ڇڪتاڻ جي لاهہ چاڙهہ سان انهن ڪيفيتن ۾ جهڙيون جهڙيون تبديليون اينديون رهنديون آهن. دعوت کي انهن جي ئي مطابق پنهنجي فروغ ۾ سهوليت يا دقت پيش ايندي آهي.

سو ڪنهن بہ نئين دعوت جي علمبردارن جي لاءِ رستو تڏهن کلي سگهندو آهي جڏهن اهي ڪشمڪش ۾ ايتري ثابت قدمي ڏيکارين ۽ مقابلو ڪندڙ قوت تي ايترا ڪاپاري وار ڪن جو عوام هڪڙي طرف اهو محسوس ڪرڻ لڳن تہ پراڻي قيادت کي بدلائڻ ۽ پراڻي نظام کي ٽوڙڻ ڪوئي ناممڪن عمل ڪونهي ۽ ٻئي طرف اهي نئين قوت سان اميدون ٻڌن تہ ان جي طاقت ۾ ايترو ٻل آهي جو اها ظلم ۽ جاهليت جي علمبردارن کي چڱي طرح جنجهوڙي سگهي ٿي. پوءِ جڏهن بہ عام راءِ جي فضا ۾ اهڙو تاثر ڇانئجي ويندو آهي تہ هڪڙي اصلاحي ۽ تعميري دعوت جي لاءِ دلين جا دروازا پوري طرح کلي ويندا آهن.

مديني جي اسلامي حڪومت قريشن ۽ يهودين جي جنگي للڪار جو جواب جنهن جرئت ۽ بهادري سان ڏنو ۽ ڀرپور طريقي سان ڏنو ان جو مقصد اهو ڪونہ هيو تہ تلوار جي زور سان ڪجهہ ماڻهن کي جنگ جي ميدان ۾ اسلام جو قائل ڪيو وڃي. بلڪ جنگجوئي وارين مزاحمتن کان پنهنجو بچاء ڪرڻ سان گڏوگڏ اهو مقصد هيو تہ عام ماڻهن جا حوصلا وڌن. انهن جون اميدون مديني جي انقلابي قوت سان وابستہ ٿين. اهي اسلامي نظرئي کان هڪڙي روشن مستقبل جي ظاهر ٿيڻ جي اميد ڪن ۽ گهٽ ۾ گهٽ جاهلي نظام جي ٽُٽڻ جو امڪان انهن تي واضح ٿي وڃي.

تنهن ڪري بدر وارو پهريون مقابلو ٿيو تہ چئني طرفن کان نگاهون زمين جي ان ننڍڙي ٽُڪري تي لڳل هيون تہ ڏسون تہ پهرين حملي ۾ ڪير ڪنهن کي مات ڏئي ٿو.

هاڻي جڏهن اهو منظر عوام جي سامهون آيو هوندو ته آگرين تي ڳڻڻ جيترا مسلمان مجاهد جن وٽ ضرورت جو سامان گهٽ ۾ گهٽ حد واري مقدار تائين به موجود ڪونه هيو انهن پاڻ کان ٽيڻ تي وڌيڪ تعداد واري لشڪر جرار کي بري طرح شڪست ڏئي ڇڏي آهي ۽ مڪي جي نامي گرامي سردارن جو ابوجهل سان گڏ صفايو ڪري ڇڏيو آهي ته ڇا پوري عربستان ۾ ان عقل کي حيران ڪرڻ واري واقعي جي ڌوم ڪونه مچي وئي هوندي. گهر گهر ۾ ان جا چرچا ۽ ذڪر ڪونه ٿيا هوندا ۽ ان عام راءِ تي گهرو اثر ڪونه وڌو هوندو. ان واقعي جي ڪري پهريون ڀيرو عربستان ۾ اها اميد پيدا ٿي هوندي ته مديني جي اسلامي طاقت رڳو اهڙن الله وارن ماڻهن تي مشتمل ڪونهي جيڪي سڄي عمر مار کائي الله جي رضا ۽ روح جو سڪون حاصل ڪرڻ جي لاءِ عبادت گذار بڻجي ويا هجن. بلڪ ان طاقت جي هٿان هڪ نه هڪ ڏينهن ڪايا پلٽجڻ واري آهي.

پوءِ اُحد ۾ معاملو برابر رهيو ته اثر به هڪجيترا رهيا هوندا. ان کان پوءِ خندق واري لڙائي جو واقعو پيش آيو ته عربستان (عربن) ڏٺو ته چئني طرفن کان لشڪر مٿان لشڪر هڪڙي تباهي مچائيندڙ طوفان وانگر هوڏ ڪري لٿا ۽ پورو مهينو مديني جو گهيراءُ ڪري رکڻ کان پوءِ ڇڙوڇڙ ٿي ويا. جيئن خاڪ جي مٺ کي ڪو ڦوڪو هڻي اڏاري ڇڏي. ان واقعي سان، بهرحال، اهو اثر پڪڙيو هوندو ته مسلمان طاقت جون پاڙون هاڻي ايتريون مضبوط آهن جو مخالفن جي گڏيل طاقت به انهن کي لوڏي ڪونه سگهي.

انهن وڏن مقابلن سان گڏوگڏ ننڍين ننڍين قبائلي قيادتن ڏانهن به مدني پورو توجهه ڪيو. اهي مقامي قيادتون جيئن ته ملڪ گير قيادت جي جاهلي نظام جي ڏکهي زنجير جون ئي ڪڙيون هيون ۽ هڪ هڪ ڪري انهن کي ٽوڙڻ کان سواءِ عوام کي انهي ڏکهي زنجير کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ ممڪن ڪونه هيو. انهيءَ ڪري ان جون ڪجهه ڪڙيون ته دعوت جي اثر سان ازخود ٽُٽي ويون. ڪجهه کي معاهدن ۽ دوستاڻن رابطن جي ذريعي جاهليت جي زنجير کان ڌار ڪيو ويو ۽ باقين جنهن به طرف کان مزاحمت جي لاءِ ڪنڌ ڪنيو ته اسلامي حڪومت هڪدم اوڏانهن توجهه ڏنو ۽ بروقت سيڪٽ ڏني. باغين، چورن، ڌاڙيلن، جنگجوئن، شورش پسندن جي اهڙي لڳاتار ۽ بروقت خبر ورتي جيئن آسمان طرف ملاءِ اعليٰ ڏانهن شيطانن طرفان رخ ڪرڻ تي شهابن سان انهن جي خدمت ڪئي ويندي آهي. مديني جي پرپاسي ۾ امن امان پوري طرح قائم ڪيو ويو ۽ پرامن ماحول پيدا ڪيو ويو. ورنه جيڪڏهن چئني طرفن ۾ ڪنڌڙيل بدوي (اعرابي) قبيلن کي ٿوري به ڍر ملي ها ته مديني جي پهرين منظم حڪومت جو تجربو شروع ۾ ئي ناڪام ٿي وڃي ها. تاريخي رڪارڊ ڏسو ته هجرت جي پهرين سال کان وٺي مڪي جي فتح تائين جو دور نت نين بغاوتن، شورشن ۽ اجتماعي فسادن سان ڀريو پيو آهي. ڪالهه هڪڙي پاسي جنگي اجتماع ٿي رهيو هيو اڄ ٻئي پاسي ڌاڙيلن جا ٽولا اٿي پيا هيا. هڪڙي ڏينهن ڪنهن ٽولي ڪٿي ڦرلٽ ڪئي ته ٻئي ڏينهن ٻئي طرف ڪنهن دستي

مديني جي شهرين کي گهايل ڪيو. ڪا جنگي سازش هوڏانهن ٿي رهي آهي تہ ڪوئي بغاوتي منصوبو هتي تهي رهيو آهي. مگر مدينو گهڻو چوڪس هيو. ڪٿي چوڪيداري واري گشت جي لاءِ ٽوليون نڪري رهيون هيون، ڪٿي فوجي مهم رواني ڪئي پئي وئي ۽ ڪٿي پوليس ڪارروائي جي لاءِ ڪا ٽيم روانو ٿي رهي آهي.

انهن سمورين حالتن عربن تي، بهرحال، اهو اثر وڌو هوندو تہ مسلمان طاقت "چپ بند، اکيون بند ۽ ڪن بند" (لب بہ بندوچشم بندوگوش بند) قسم جي طاقت ڪونهي. اها هڪ زندهہ، سجاڳ ۽ فعال حڪومت آهي جيڪا چوڌاري ويڙهہ ڪري مخالف قبيلن جي بي شمار محاذن سان منهن ڏئي رهي آهي. هڪ نہ هڪ ڏينهن اها راند کٽي ويندي.

وري جڏهن مديني مان يهودي اثر جو خاتمو ڪيو ويو هوندو ۽ ان کان پوءِ موزون وقت اچڻ سان ئي خيبر جو مخالف محاذ ٽوڙيو ويو هوندو تہ اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ عام راءِ جي فضا دعوت کي قبول ڪرڻ جي لاءِ انهن واقعن سان ڪيئن سازگار ٿيندي وئي هوندي.

مڪي جي فتح واري ڌرتي ڌوڏيندڙ واقعي عربستان کي هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين جنجهوڙي جاهليت جي ننڊ مان جاڳائي ڇڏيو هوندو ۽ اسلامي تحريڪ نئين دور جي آذان پڪاري پيغام ڏنو هوندو تہ اٿو سوجهرو ٿي ويو آهي. هاڻي هر انڌي بہ ڏسي ورتو هوندو تہ جاهليت متجڻ واري هئي، ۽ متجي وئي. هاڻي انتهائي قدامت پسند، تقليد ڪندڙ ۽ رعب ۾ آيل ذهن جي هيٺين طبقن کي بہ يقين ٿي ويو هوندو تہ قريشن جي فرسوده قيادت جو دور ختم ٿي ويو. هاڻي هر اڀوجهہ بدوي بہ سمجهي ورتو هوندو تہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو پيغام عِلم، ڪردار، زندگي، چرپر، ترقي، تعمير، نظام، امن، انصاف ۽ قوت سان مالامال ڪرڻ وارو پيغام آهي ۽ عوامي ذهن پنهنجي دروازي جا ڪڙاڪنيا کولي ڇڏيا هوندا ۽ پنهنجن درين جاپردا هٽائي ڇڏيا هوندا تہ جيئن اسلامي تحريڪ جون شعائون اندر اچن.

وري انهن جنگي ڪارروائين جي اندر خود اسلام جي دعوت ڪم ڪري رهي هوندي هئي. اهي لڙايون بس تلوارن ۽ تيرن جون لڙايون ڪونہ هيون. اهي عقيدن، نظرين ۽ ڪردارن جون بہ لڙايون هيون. انهن لڙاين ۾ مسلم طاقت تڪبير جو نعرو وٺي آئي هئي. اها جنگ جي ميدان ۾ بہ رڪوع ۽ سجدن جو ذوق گڏ کڻي آئي هئي. اها جيڪڏهن دشمن جي خلاف قوت جي پوري جوش سان حملو ڪندي هئي تہ ٻئي طرف دشمن جي سامهون اها پنهنجي الله جي حضور عاجزي ۾ ڪنڌ جهڪائيندي هئي. ان کان علاوه، ان جو نئين طرز جو نظم و ضبط (ڊسيپلين) هيو ۽ ان جا قاعدا هيا ۽ ابدي حياتي جا تصور کڻي ايندي هئي. جنهن جي مستي ۾ ان جا مجاهد موت جي اکين سان اکيون ملائي اڳتي وڌندا هيا ۽ کلندي مرڪندي پنهنجي حياتي جو اثاثو پنهنجي نصب العين جي قدمن ۾ نڇاور ڪري ڇڏيندا هيا. وري انهن جو هڪڙو شاندار جنگي اخلاق

هيو. ٻيا ماڻهو موسيقي جي ڌن ۾ تال تي حرڪت ڪندا هيا ۽ اسلامي تحريڪ جا بهادر فقط توحيد جي نغمي (گيت) جي ڌنن تي جوش کائيندا هيا. ٻيا ماڻهو شراب پي پي بهادري جو مظاهرو ڪندا هيا ۽ اسلام جا مجاهد فقط فرض جي احساس جي مقدس شربت سان مست ٿيندا هيا. ٻيا ماڻهو مالِ غنيمت جي هوس کڻي جوهر ڏيکاريندا هيا ۽ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا پيروڪار صرف رضاء الاهي جي تمنا ۾ مٽي ۽ رت ۾ ليٽڙجي ويندا هيا. ٻيا ماڻهو قوم، قبيلي ۽ نسل جي طرفداري ۾ وڦلي حملو ڪندا هيا. مگر الله جا مجاهد صرف دين، حق ۽ سچائي جي حمايت ۾ مقابلو ڪندا هيا. ٻيا ماڻهو لڙائي ۾ خونريزي دوران نهايت درجي جون وحشياڻيون ڪارروايون ڪندا هيا. مثال طور، مخالفن کي باهہ ۾ ساڙڻ يا ٻڏي مارڻ، انهن جي قتل ٿيل ماڻهن جي لاشن جي بي حرمتي ڪرڻ، انهن جي کوپرين ۾ شراب پيئڻ، جيرو چباڙڻ، عورتن ۽ ٻارن کي ڪُهڻ، اميدوارين عورتن جا پيٽ ڦاڙڻ، ليڪن مسلم طاقت اهڙي انوکي فوج تيار ڪري ميدان ۾ وٺي آئي جيڪا لڙائي دوران خونريزي ۾ بہ انسانيت جي اخلاقي حدن جو احترام ڪرڻ واري هئي. جنهن نہ ڪڏهن ڪنهن کي وحشياڻي طريقي سان قتل ڪيو نہ لاشن جي بي حرمتي ڪئي، نہ عورتن ۽ ٻارن تي پنهنجي بهادري واري تلوار کي آزمايو بلڪ ان حوالي سان اخلاق کان وانجهيل مخالفن جي زيادتين تي صبر ڪري پنهنجي طرف کان اخلاق جو بهترين نمونو پيش ڪيو. ٻيا قيدين سان جانورن وارو سلوڪ ڪندا هيا. مگر مسلم طاقت انهن کي پنهنجن شهرين سان ٻاء ٻڌائي رکيو. ٻيا قول ۽ اقرار ڪري ڦري ويندا هيا. مگر مسلم طاقت نازڪ ترين موقعن تي هر نقصان برداشت ڪري بہ پنهنجي واعدي کي نڀايو ۽ جيڪڏهن ذمو کنيو تہ ان جو حق ادا ڪري ڇڏيو. ٻيا فتح ڪيل شهرن ۾ گهري شهري آبادي کي ظلم جو نشانو بڻائيندا هيا. مگر مسلم طاقت پنهنجي لشڪر کي هميشہ جي لاء ان ڳالهہ کان منع ڪري ڇڏي تہ گهرن ۾ گهڙي ڪنهن بہ شهري کي نہ ماريو وڃي ۽ نہ ڪنهن جي ذاتي سامان کي قبضي ۾ ورتو وڃي. بلڪ دشمن جي شهري آبادي مان زبردستي کاڌ خوراڪ جو سامان وٺڻ کي بہ حرام قرار ڏنو ويو. ٻين جي لاء لڙائي هڪڙي دنياوي ڪارروائي هئي. ليڪن مسلم جماعت ان کي انتهائي بلند عبادت قرار ڏنو.

ان کان علاوه، محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حڪم سان عين جنگ جي ميدان ۾ بہ دشمن جي سامهون اسلام جي دعوت پيش ڪئي ويندي هئي. مخالفن جي لاء ٽي رستا کليل هوندا هيا. پهريون: اسلام ۾ داخل ٿيو ۽ ڀائر بڻجي وڃو. ٻيو: سياسي اطاعت قبول ڪيو. ٽيون: جنگ جي ميدان ۾ مقابلو ڪيو. حالانڪ ٻين وٽ اهڙي ڪا اصولي دعوت ڪونہ هئي. انهن جي طرف کان بہ ٽي رستا کليل هوندا هيا تہ پنهنجو پاڻ کي اسان جي حوالي ڪيو يا لڙائي جي ميدان ۾ اچو.

ٻن طاقتن جو اهو عظيم الشان فرق جنگ جي ميدان جي پردي (اسڪرين) تي ڪيترو نمايان ٿي ويندو هوندو ۽ ان فرق کان آگاهہ ٿي پورو عربستان متاثر ٿيندو هوندو. يعني مديني جي اسلامي قوت جو هڪ طرف تيزي سان واڌ ويجهہ ڪرڻ ۽ ٻئي طرف پنهنجي ڪردار سان پنهنجي نظريي جي صداقت ۽ مٺيرائي کي ثابت ڪرڻ. اهي ٻہ طرفا اثر هيا. جيڪي ڪارروواين جي ذريعي عربستان جي عام راءِ تي مسلسل پوندا رهيا. انهن اثرن جيئن جيئن حق جي دعوت جي لاءِ رستو صاف ڪيو ماڻهو اسلام سان وابستہ ٿيندا ويا. اهي اثر صلح حديبيہ کان پوءِ گهڻو نمايان ٿي ويا هيا. انهيءَ ڪري ان دور ۾ عوام تيزي سان اسلام ڏانهن وڌيا. پوءِ مڪي جي فتح کان بعد اهي اثر پوري طرح غالب ٿي ويا. انهيءَ ڪري پوري جو پورو عربستان هڪدم اصلاحي تحريڪ جي رحمت جي پاڇي ۾ اچي ويو. انهن ٻنهي دورن ۾ عوام جنهن تيزي سان پنهنجو پاڻ کي اسلام جي حوالي ڪيو آهي، ان کي ڏسي اها حقيقت سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ قريشن جي قيادت عوام جي رستي ۾ ڪيتري وڏي رڪاوٽ هئي ۽ ان رڪاوٽ جي هٽڻ سان ئي ذهني انقلاب ظاهر ٿي ويو. جتي بہ ڪو غالب طبقو اهڙي طرح رڪاوٽ بڻيو موجود رهندو آهي اتي عوام ۾ وعظ ۽ نصيحت جو اثر ڪنهن وڏي پيماني تي ڪڏهن بہ ظاهر نٿو ٿي سگهي. اجتماعي ماحول کي بدلائڻ جي لاءِ نهايت ضروري آهي تہ اهڙي رڪاوٽ کي هٽايو وڃي ۽ ان جي لاءِ پوري پوري سياسي جدوجهد ڪئي وئي. اسلامي دعوت جي تڪميل سياسي جدوجهد جي تڪميل تي ئي منحصر آهي.

## حڪومت خود معلم انقلاب هئي:

ان کان علاوه، جيڪي علائقا واسطيدار قبيلن طرفان اسلام قبول ڪرڻ، معاهدن وارا تعلقات قائم ڪرڻ ۽ سياسي اطاعت قبول ڪرڻ سان مديني جي اسلامي حڪومت جي اختيار هيٺ آيا هيا. انهن کي ايئن ئي ڪونہ ڇڏيو ويندو هيو تہ اهي جنهن بہ حالت ۾ هجن ان ۾ پيا هجن ۽ انهن ۾ جيڪي بہ خيال ۽ ڪردار رائج ٿيندا رهن. بلڪ انهن تائين دعوت پهچائڻ ۽ انهن جي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ جي لاءِ موثر انتظام ڪيا ويندا هيا. معاملو صرف ايترو ڪونہ هيو تہ طاقت جو ڏنڊو گهمائي ڪنهن علائقي کي ماتحت ڪيو ۽ پوءِ انسانن جي اندر کي تبديل ڪرڻ کان سواءِ رڍن ٻڪرين جي ڌڻن وانگر هڪليندا ڦرو. جيڪڏهن هر ڳالهہ تلوار جي نوڪ تي مڃرائي وڃي ها ۽ هر تبديلي ڏنڊي جي زور تي ڪئي وڃي ها تہ اهو ڏاڍ چئن ڏينهن تائين هلي سگهي ها، ليڪن دليون بغاوت جي لاءِ تيار ٿي وڃن ها ۽ پوءِ عوام جي بيزاري جو لاوو ڦاٽي ها تہ سارو ڪيو ڪرتو هوا ٿي وڃي ها. اسلامي تحريڪ جي ڪم ۾ طاقت جي استعمال جو حصو ٻئي هر نظام جي مقابلي ۾ تمام ٿورڙو هيو ۽ دعوت ۽ تعليم و تربيت جو عنصر گهڻو غالب هيو.

اصولي نظرين تي قائم ٿيڻ واريون حڪومتون پنهنجي اندر تبليغي روح رکنديون آهن ۽ انهن جي سيني سرگرمين ۾ اعليٰ ترين مقصد اهو هوندو آهي تہ عوام جون دليون ان اصول ۽ اعتقاد کي سمجهن ۽ خلوص سان قبول ڪن. جنهن تي نظامِ حيات جو بنياد قائم آهي. انهن جي مڙني ڪاتن (محڪمن) کي پنهنجن مخصوص ڪمن سان گڏوگڏ ان بنيادي فرض کي بہ انجام ڏيڻو هوندو آهي. اهڙيون حڪومتون هر ان فائدي واري ڳالهہ کي بہ رد ڪري ڇڏينديون آهن جيڪا انهن جي بنيادي نظرئي کي نقصان پهچائي ۽ هر ان نقصان ۽ حالت کي بہ قبول ڪري وٺنديون آهن جيڪي ماڻهن جي ذهنن ۾ بنيادي اصول کي پختو ڪن. انهن جي سامهون سڀني مصلحتن مان اهم ترين مصلحت اها هوندي آهي تہ شهري نئين نظام جي روح سان هم آهنگ ٿي وڃن ۽ هم آهنگ رهن، ۽ ان جا مددگار بڻجي، پنهنجي اندروني جذبي سان، ڪرڻ وارا ڪم ڪن ۽ متاثر ڪرڻ وارين ڳالهين کي ختم ڪري ڇڏين.

تنهنڪري مديني جي اسلامي حڪومت هڪڙي پاسي تہ اهو انتظام ڪيو تہ سخت ترين جنگي حالتن ۾ بہ لاڳاپيل علائقن ۾ دعوتي ۽ تبليغي وفد روانا ڪيا. گهٽ ۾ گهٽ چار موقعا اهڙا آهن جن ۾ مديني مان ويجهه وارن حق جي دعوت ڏيڻ وارن کي شرارتي ماڻهن شهيد ڪري ڇڏيو. دعوت جي راهہ ۾ انتهائي مظلومي سان شهيد ٿيڻ وارن جو تعداد ڪو گهٽ ڪونہ هيو. بدر، اُحد ۽ خندق وارين لڙاين ۾ شهيد ٿيل مڙني مسلمانن کان گهڻو هيو. بهرحال، انتهائي نازڪ ۽ مشڪل حالتن (امرجنسي) ۾ بہ ان بنيادي فرض کان غفلت ڪونہ ڪئي وئي. بلڪ قربانيون ڏئي ان کي جاري رکيو ويو. وري ڪجهہ اصحابن کي مديني ۾ تربيت ڏئي انهن جي ئي قبيلن ۾ داعي جي طور تي مقرر ڪيو ويو. اهڙا ڪجهہ نالا اسان جي سامهون آهن. (1) طفيل بن عمرو دوسي (دوس قبيلو)، (2) عُروه بن مسعود (ثقيف قبيلو) (3) عامر بن شهر (همدان) (4) ضِمام بن ثَعلَبہ (بنو سعد) (5) مُنقِذ بن حِبّان (بحرين) (6) ثُمامہ بن آثال (نجد). ان کان علاوه، ڪجهہ قبيلن ۾ ماڻهن ڏانهن دعوت لاءِ خاص ماڻهن کي مقرر ڪري روانو ڪيو ويو. جيئن حضرت علي عليہ السلام کي همدان، حزيمہ ۽ مذحج ڏانهن. مُغِيره بن شُعبہ کي نجران ڏانهن، ۽ وبر بن نخيس کي فارس جي رئيسن ڏانهن جيڪي يمن ۾ رهندا هيا. مُحِيصہ بن مسعود کي فدڪ وارن ڏانهن. احنف کي سُلَيم قبيلي وارن ڏانهن. خالد بن وليد کي مڪي جي علائقي ڏانهن، عمرو بن عاص کي عمان ڏانهن ۽ مهاجر بن ابي اميہ کي يمن جي شهزادي حارث بن ڪلان ڏانهن روانو ڪيو ويو.

ليڪن ان کان گهڻي وڏي پيماني تي اسلامي حڪومت پنهنجن شهري عملدارن کان اسلام جي اشاعت ۽ اسلامي تحريڪ جي فروغ جي خدمت ورتي. اسلامي حڪومت جا ڪجهہ آفيسر رڳو نوڪري ڪرڻ وارا ماڻهو ڪونہ هيا ۽ نہ اهي روزي ڪمائڻ جي خيال کان پرتي ٿيندا هيا. اتي تہ مقصد صرف الله جي ڪلمي کي سربلند

ڪرڻ هيو ۽ انسانن کي ڀلائي جي رستي تي هلائڻ هيو. اهو ڪم پگهار جي ٻويان ڊوڙڻ وارن جي ڪرڻ جو ڪونہ هيو. اهو تہ صرف ان نوراني انقلاب جي بي لوث خادمن جي ئي دلچسپي جو ڪم ٿي سگهيو پئي ۽ انهن جي ئي هٿان اهو ٿي بہ سگهيو پئي. اهي نہ تہ ڪنهن عهدي جي لالچ رکندا هيا ۽ نہ گريبڊن ۽ ترقين جي چڪر ۾ پوندا هيا. انهن کي تہ عهدا پاڻ سڏيندا هيا ۽ فرض خود چونڊي چونڊي سڏيندا هيا ۽ گذر بسر جيتري معاوضي تي انهن کان انتهائي وڏيون خدمتون ورتيون ويندڙيون هيون. هتي هڪڙو ئي مثال ڪافي ٿيندو تہ عَتّاب بن اَسِيد کي مڪي جو گورنر مقرر ڪيو ويو تہ هڪڙو درهم روزاني جي حساب سان پگهار مقرر ٿي. ان گورنر تقرير ۾ خود چيو تہ "الله ان شخص کي بکيو رکي جيڪو هڪڙو درهم روزانو وٺڻ جي باوجود بکيو رهيو." (ابن هشام). اهي ماڻهو پنهنجي عقيدي ۽ پنهنجي محبوب نظام جا داعي اڳ ۾ هيا ۽ ٻيو ڪجهہ ان کان پوءِ هيا. سو مديني جي حڪومت جن ماڻهن کي بہ ڪنهن جاءِ تي گورنر، جج، مختيارڪار، خزانچي مقرر ڪندي هئي تہ اهي پنهنجن پنهنجن ڪمن جي حدن ۾ توحيد جا داعي، اسلام جا معلم ۽ عام اخلاق جا معمار بہ هوندا هيا. انهن ماڻهن کي جڏهن سندن فرضن کان آگاهہ ڪيو ويندو هيو تہ ان وقت حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان بنيادي فرض تي بہ انهن جو ڌيان ڇڪائيندا هيا. مثال طور مُعاذ رضہ بن جبل کي جُند (يمن) ۾ مالي، انتظامي ۽ عدالتي ذميواريون سونپي آفيسر مقرر ڪيو تہ ان کي اها تلقين بہ ڪئي تہ "ماڻهن کي قرآن جي تعليم ڏيو ۽ انهن کي اسلام جا احڪام سيکاريو." وري انهن کي اهلِ ڪتاب کي نظر ۾ رکندي تفصيل سان دعوت ڏيڻ جو طريقو سمجهايو تہ انهن کي توحيد جي دعوت ڏجو. ان کي مجين تہ پوءِ نماز جي لاءِ چئجو ۽ ان کان پوءِ زڪوات جي لاءِ اهي ئي آفيسر اڪثر ڪري پنهنجي هيڊ ڪوارٽر ۾ نماز جا پيش امام بہ هوندا هيا. البت، وڏين آبادين ۾ جتي ذميوارين جي ورهاست اٽتر هوندي هئي، اتي انتظامي آفيسرن سان گڏ نماز جي لاءِ مستقل امام بہ مقرر ڪيو ويندو هيو جيئن عتاب بن اسيد مڪي ۾، عثمان بن ابوالعاص طائف ۾ ۽ ابوزيد انصاري عمان ۾ مقرر ٿيا.

شهري آفيسرن جو تعداد جيئن تہ تمام گهٽو آهي، انهيءَ ڪري اسان هتي فهرست ڪونہ ٿا ڏيون، ليڪن ان تعداد کي ڏٺو وڃي ۽ انهن جي مقرري وارن علائقن کي ڏٺو وڃي تہ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ اسلامي حڪومت جي شهري ملازمت (سِوِل سروس) اسلام جي روشني کي پکيڙڻ ۾ ڪيترو وڏو ڪم ڪيو هوندو. ان کان علاوه، حق جي دعوت ڏيڻ وارا اهي آفيسر پنهنجي آفيسري ۾ ان عام تصور کان بلڪل مختلف هيا جيڪو ان وقت پکڙيل هوندو. نہ اها الله کان بي خوفي، نہ اهو ٺٽ ٺانگر، نہ اهو ڏاڍ ۽ ظلم، نہ اهو عوام کان پري پري رهڻ، نہ ماڻهن جي ضرورتن ۽ مجبورين کان غفلت، نہ هتو پري ٿيو جون رڙيون، نہ دربانن ۽ محافظن جا هنگاما، نہ محلاتون ۽ ماڙيون، نہ هٺ کس ۽ ڦرلٽ، نہ رشوت خوري، نہ خوشامدين جا حلقا، نہ انڌو داد ۽ واهہ واهہ، نہ شرابن جا دور، نہ موسيقي

جا زيرو بم، نہ ناچڻين جا هجوم ـــ اهي شهري آفيسر بلڪل نئين قسم جا آفيسر هيا. اهي حاڪم نئين انداز جا حاڪم هيا. ماڻهن لاءِ انهن جي حڪومت جو تجربو بلڪل نئون تجربو هيو. ٿورڙي پگهاروئڻ وارا، سادگي سان گذر بسر ڪرڻ وارا، ديانتداري سان فرض ادا ڪرڻ وارا، رعيت سان رحم ۽ ڪرم ڪرڻ وارا، صاف سٿري انصاف تي هلڻ وارا ۽ ان سان گڏ پنهنجي خدا جا سچا پوڄاري ـــ اهو نئون حاڪماڻو ڪردار دلين کي جادو ڪري ويجهو ڪندو هوندو ۽ پوءِ جڏهن ماڻهو سچائي جو پيغام ڏيندا هوندا تہ سڌو سينن مان ٽپي دلين ۾ ويهي ويندو هوندو. تنهنڪري اهو مثالي واقعو آهي تہ جڏهن ابوموسيٰ اشعري کي زبيد ۽ عدن جي علائقي جو حاڪم مقرر ڪيو ويو تہ ان جي دعوت تي اتان جا سڀ ماڻهو جلدي مسلمان ٿي ويا. اهڙي طرح جرير بن عبدالله بَجَلي کي يمن جي شاهي گهراڻي سان تعلق رکڻ وارن حميرين (ذو الڪلاح حميري) تي آفيسر مقرر ڪيو ويو هيو. ان ايترو اثر وڌو جو اهي اسلامي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويا ۽ ان خوشي ۾ انهن چئن هزار غلامن کي آزاد ڪري ڇڏيو.

مطلب تہ حڪومت جا شهري ڪاتا ان سرگرمي ۽ هڏي سان لاڳيتو ڪم ڪري رهيا هيا، ۽ ان ئي وسيع پيماني جي تعليمي مهم جو نتيجو هيو جو عربستان جي ڏورانهين آبادين ۾ صرف سياسي نہ پر ذهني ۽ دلي انقلاب ظاهر ٿيندو ويو ۽ ان سان گڏ اخلاقي لحاظ کان ڪايا پلٽجي وئي. آخرڪار عربستان جو اجتماعي انسان بدلجي بلڪل نئين روپ ۾ اڀريو.

## عوام جي معاشي فلاح:

عربستان جي گهڻائي واري بدوي آبادي تہ عام طور تي بلڪل اُبري حال واري هئي ۽ اڪثر رڻ پٽ جا قبيلا خانہ بدوش رهندا هيا ۽ جانورن مان حاصل ٿيندڙ ٿورڙي روزي سان گڏ قُرلت جو ڏنڊو اختيار ڪري ڇڏيندا هيا. شهرن کان پري رهندڙ بدوي قبيلن جي حالت بہ هيٺي هئي. انهن جا رئيس ۽ سردار معاشي جدوجهد جا اڪثر ثمر کسي وٺندا هيا. شهر هيائي ڪيترا ـــ مڪو مدينو طائف، صنعاء،حضرموت وغيره. وري اهي بہ ڪي وڏا شهر ڪونہ هيا. ٿورڙيون آباديون هيون. اهي ٿورڙيون آباديون مجموعي طور تي خوشحال هيون. مگر انهن ۾ بہ وڏا ۽ ننڍا طبقا هيا. وڏن طبقن وارا ننڍن طبقن وارن کان بہ انهن جا حق کسي وٺندا هيا. مديني ۾ يهودي واپار ۽ پوڪي راهي سان گڏوگڏ وياج جا چار پکيڙيون پيا هيا. اهڙي طرح مڪي ۽ طائف جا وڏا وڏا شاهوڪار ماڻهو بہ ٻين ذريعن سان گڏوگڏ وياج جو ڪاروبار ڪندا هيا. شاهوڪار خاندانن جي فضول خرچي جي اها حالت هئي جو شراب پي چاهين تہ پنجاهہ اُٺن کي ڪُهي ڇڏين ۽ پوءِ سخاوت جي ڏاڪ ڄمائين. ڳائڻ وڄائڻ، عشق ڪرڻ، بدڪاريون انهن جي ثقافت جا ڪليل باب هيا. ليڪن ٻئي طرف عام عربن جو اهو حال هيو تہ پيٽ جي باهہ وسائڻ لاءِ ڳوهن جو شڪار

بہ ڪندا هيا. ماڪڙ ايندي هئي تہ ماڪڙ پڪڙي کائيندا هيا. ڪِرڙيون بہ چٽ ڪري ويندا هيا. مئل جانورن جو گوشت سُڪائي، جمايل رت ۽ سڪل چمڙو بہ پُچي کائيندا هيا. جيئرن جانورن جي بدن مان گوشت جا ٽڪرا ڪپي کائيندا هيا. حلال ۽ حرام ۽ پاڪ ۽ مڪروهہ جي تہ مورڳو تميزئي ڪونہ هوندي هين. لباس، غذا ۽ رهائش جوئي مسئلو حل نہ ٿئي تہ تعليم ۽ صحت ۽ ان کان مٿانهن مسئلن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. علاج جي لاءِ اتي بتن جي آڏو دعائون گهرندا هيا ۽ ڪجهہ ٽوٽا ٽيٽا ڪندا هيا، پوءِ ۽ نجومين جي چاندي ٿي ويندي هئي. تعليم نهايت محدود پيماني تي شهرن جي وڏن خاندانن ۾ بہ ٿورڙن ماڻهن کي حاصل هئي. باقي پورو عربستان جيڪو بہ علم يا ڄاڻ حاصل ڪندو هيو پنهنجي روزمره جي عملي زندگي جي ماحول مان حاصل ڪندو هيو. بهرحال، اتان جو هڪڙو بنيادي ۽ ٺوس سوال روزي هيو. جنهن قوم جي گهڻي اڪثريت هر وقت "کائينداسين ڇا" جي سوال تي سوچيندي رهي، ان کي نہ تہ اعليٰ تر حقيقتن جو ذوق ڏياري سگهجي ٿو ۽ نہ اها وڏن وڏن مقصدن جي لاءِ ڪو عظيم ڪارنامو انجام ڏئي سگهي ٿي. معاشي محرومي جي رستي ۾ ڪريل ماڻهن کي جيڪڏهن ڪوئي نظريو سهارو ڏئي مٿي ڪڻي نہ سگهندو هجي ۽ انهن جي خدمت چاڪري فقط واعظن سان ڪري تہ ڪڏهن بہ وڏي پيماني تي اهو عوام کي حرڪت ۾ نٿو آڻي سگهي. پوءِ جيڪڏهن اهو تلوار جي زور سان پنهنجي حڪومت ڄمائي بہ وٺي، ليڪن اها حڪومت زندگي جي اولين معاشي مسئلي جو ڪو حل ڏئي نہ سگهي تہ اهڙي صورت ۾ محض اخلاقي مفهوم ۾ تعمير ۽ اصلاح کي قبول ڪرڻ تي عام ماڻهو ڪڏهن بہ تيار ٿي نٿا سگهن. بلڪ اهڙي تعمير ۽ اصلاح کي هڪڙي مصيبت ۽ عذاب سمجهي ان کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيقرار ٿي ويندا آهن. انسانذات حق جي نظرئي ذريعي تڏهن فتح ٿيندي آهي جڏهن اها آخرت سان گڏ دنيا کي بہ سنواري ۽ اخلاقي اصلاح سان گڏ معاش جي قضيي جو حل بہ ڪڍي ماڻهو ان ئي قوت جي زبان مان وعظ ٻڌي متاثر ٿيندا آهن. بلڪ ان جي تنبيهي لٺ جا ڏڪ بہ ڪل خوشي سان برداشت ڪندا آهن، جنهن جي هٿن سان انهن جي رزق روزي واري مسئلي جو تالو کُلي. جيئن رڳو معاشي مسئلي کي ڪڻي نڪرڻ انسانذات کي اخلاقي لحاظ کان هلاڪت ۾ وجهڻ آهي، اهڙي طرح اخلاقي اصلاح جي ڪم کي زندگي جي معاشي تقاضائن کان الڳ ڪري ڪڻڻ مورڳو اخلاقي اصلاح کي ئي ناڪام بڻائي ڇڏي ٿو. اسلام ٻنهي ضرورتن کي گڏ ڪندڙ آهي. محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جيڪا تحريڪ هلائي اها جتي دلين کي ايمان جو نور ۽ روحن کي اخلاقي قدر ڏيندي هئي، اتي اها پيٽ جي روزي پهچائڻ لاءِ بہ بهترين تدبيرون عمل ۾ آڻيندي هئي. عين شروعات ۾ ئي اسلام جي مختصر اخلاقي ضابطي ۾ "اِطْعَامُ مَسَاكِيْنَ" وڏي اهميت سان شامل هيو پوءِ يتيمن، بيواهن ۽ مسافرن جي سارسنڀال لهڻ هر مسلمان تي لازم هيو.

عربستان جي گهٽ پيداوار واري ملڪ ۾ دولت ـــ سون، چاندي ۽ جنس جي شڪل ۾ به، زرعي ايراضي جي شڪل ۾ به ۽ جانورن جي شڪل ۾ به ـــ نهايت محدود حلقن ۾ قائل هئي. دولت جي انهن حوضن ۽ تلائن جا بند ٽوڙي ان کي عوامي طبقن ڏانهن وهائڻ وڏو ئي ڏکيو مسئلو هيو ۽ ان مسئلي کي حل ڪرڻ کان سواءِ زندگي جي وڏن وڏن معاملن جي درستگي ممڪن ڪونه هئي. اسلام جا معاشي قانون (جيڪي درجي بدرجي نازل ٿيا) هڪڙي وچٿري نموني ۾ ته دولت کي گردش ۾ رکڻ جي لاءِ بلڪل ڪافي هيا. ليڪن انهن قانونن کي نافذ ڪرڻ کان به پهريان وڏو مسئلو دولت جي انهن تلائن جو هيو جيڪي عربستان جي رٽن پٽن ۾ ڏسڻ ۾ ايندا هيا. اهو ڏکيو مسئلو جهاد جي سرگرمي سان پاڻمرادو ان خوبي سان حل ٿيو جو ڪا متبادل صورت ايتري ڪامياب مشڪل سان ئي ٿي سگهي ها.

دنيا جي هر ديني ۽ لاديني قانون ۾ ـــ ان دور کان وٺي موجوده دور تائين ـــ قبضي ۾ آيل دشمن جي اسلحي ۽ سازوسامان کي غنيمت طور قبضي ۾ وٺڻ هڪڙو مڃيل حق رهيو آهي. لڙائي کي روڪڻ جي لاءِ انساني جانيون وڃڻ کان وڌيڪ ڪارائتي تدبير اها آهي ته دشمن کي اسلحي ۽ سازوسامان ۽ خوراڪ جي پهچ کان محروم ڪيو وڃي. ان کان علاوه، مجموعي طور تي ان جي جنگي معيشت کي ڪمزور ڪيو وڃي. اسلام به غنيمت جو حق برقرار رکيو ۽ ان جي لاءِ پنهنجا خاص اخلاقي ضابطا نافذ ڪيا. هتي اسان ڪوئي فرضي بحث نٿا ڪري سگهون. ليڪن عملي طور تي ان حق هيٺ مديني جي اسلامي فوج جاءِ جاءِ تان گڏ ڪيل دولت کي قيد مان ڪڍيو ۽ گردش ۾ آندو. يهودي ۽ ياج خورن جي دولت جيڪا عوام کان ئي نپوڙي وئي هئي، غنيمت جي قانون هيٺ وهڪري ۾ آئي. ثقيف وارن جي دولت انهن جي قبضي مان نڪتي ۽ پوري عربستان ۾ پکڙجي وئي. اهڙي طرح مديني جي پرپاسي وارن جن جن شرارتي قبيلن شورش ڪئي، انهن جي سردارن ۽ دولتمندن جي مال ملڪيت جو هڪڙو وڏو حصو اسلامي فوج انهن جي قبضي مان ڪڍيو ۽ گردش ۾ آڻي ڇڏيو.

مالِ غنيمت جي باري ۾ جاهلي ريت اها هئي ته ميدان ۾ جنهن جي هٿ جيڪا شي آئي اهو کڻي ويو. ڪنهن چوري ڪئي، ڪنهن ڦُري ڪئي ۽ وري جيڪو جيترو گهڻو وڏو ماڻهو ۽ زورآور هيو ان پنهنجي وڏائي جي ڏونس سان ايترو ئي گهڻو حصو کسيو ۽ جيڪو به سُنو هيو اهو هٿيائي ڇڏيو. جنگ جو اسلامي نظام بلڪل نئون اخلاق گڏ کڻي آيو. ان موجب سمورو مال، سڀ کان سڳي تائين، گڏ ٿيڻ کان پوءِ سپهه سالار (ڪمانڊر) جي حڪم سان ورهايو ويندو هيو. وري ان مان پنجون حصو (ويهه سيڪڙو) اسلامي خزاني ۾ ويندو هيو ۽ گهڻي قدر غريبن ۽ ضرورتمند طبقن تائين پهچايو ويندو هيو. اهڙي طرح ملڪي دولت ۾ هڪڙي عام حرڪت اچي وئي ۽ بعد ۾ جيئن جيئن معاشي قانون نافذ ٿيندا ويا ان جي وهڪري کي ضابطي هيٺ رکيو ويو.

ان کان علاوه، اسلامي رياست انهن مڙني طبقن کان جيڪي زمينن، جانورن ۽ واپاري سرمايي جا مالڪ هيا، مسلمان هجڻ جي صورت ۾ زڪوات ۽ غيرمسلم هجڻ جي صورت ۾ ڍل ۽ جزيو جون آمدنيون حاصل ڪيون ۽ ان آمدني (خاص طور تي زڪوات) جو هڪڙو وڏو حصو غريب طبقي جي ماڻهن لاءِ مخصوص ڪيو. هرسال اناج، ڪتل ۽ جانورن جو هڪڙو وڏو مقدار اميرن کان غريبن ڏانهن منتقل ٿيڻ لڳو.

ان کان علاوه، معاشي مسئلي کي رڳو قانون جي زور سان حل نہ ڪيو ڪيو بلڪ اخلاقي ذريعن سان بہ ان کي سلجهائڻ جي تدبير ڪئي وئي. مديني جي مرڪزي معاشري (سوسائٽي) ۾ سماجي مساوات سان گڏ اقتصادي ڀائيچارو ("اڪانامڪ برادرهُڊ" ـ Economic Brotherhood) جو انتهائي ڪامياب تجربو محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم دنيا جي سامهون پيش ڪيو. پورو عربستان ڏسي رهيو هيو تہ گهرن کان وڇڙيل ماڻهو هٿين خالي غلام بکون ڪاٽيندڙ بدوي ۽ الله آسري قسم جا نوجوان جڏهن اسلام جي رحمت واري ڀاڇي هيٺ هليا وڃن ٿا تہ هڪ طرف تہ اهي وڏن وڏن خانداني اشرافن سان ڪلهي سان ڪلهو ملائي بيهن ٿا ۽ وري اهي ڪهڙي بيخوفي سان وڏو تڪبر ڪرڻ وارن مخالفن کي للڪار (چيلنج) ڪن ٿا، ۽ ٻئي طرف انهن جي سيني پريشانين جو تدارڪ ٿيڻ لڳي ٿو. نڪاٽو بہ ملي وڃي ٿو روزگار بہ پيدا ٿي وڃي ٿو اسلحو بہ ملي وڃي ٿو. ڪڏهن نہ ڪڏهن سواري بہ هٿ اچي وڃي ٿي ۽ شادي لاءِ بہ رستو نڪري اچي ٿو. ان کان علاوه، ڀائيچاري جي اسلامي نظام جون اهي برڪتون صرف مديني تائين محدود ڪونہ هيون. بلڪ آهستي آهستي چئني طرفن ۾ پکڙجڻ لڳيون ۽ هڪڙو ڏينهن آيو جو پورو عربستان انهن مان هڪجهڙي نموني فيضياب هيو.

ان سماجي مساوات ۽ اقتصادي ڀائيچاري جي نئين نظام کي عربستان جو عوام پري کان اهڙي نموني محسوس ڪندو هوندو ڄڻ اهو آسماني دنيا جي ڪا جنت هجي، جنهن ۾ توحيد جي عقيدي جي ڪنجي سان داخلا ملي ٿي. آخر اهي سماجي ۽ معاشي غرورن هيٺ پيڙيل ماڻهو ڪيئن ارمان نہ ڪندا هوندا تہ اهي بہ ان جنت ۾ جاءِ حاصل ڪن.

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم عربستان جي عام انسان جي مشڪلاتن کي ذهن ۾ رکي ذاتي طور تي بہ حد کان وڌيڪ ڪرم ۽ سخاوت جو مظاهرو ڪيو ۽ رياست جي صدر جي حيثيت سان بہ وڏي فراخ دلي واري ۽ همدردي واري پاليسي اختيار ڪئي. ذاتي ملڪيت ۾ ڪڏهن بہ ڪا دولت گڏ رهڻ ڪونہ ڏني. جلد کان جلد ان کي مقامي محتاجن ۽ ٻاهرين سوالين ۾ ورهائي ڇڏيندا هيا. حڪمران جي حيثيت سان بيت المال ۾ ڪڏهن ڪا رقم پئي رهڻ ڪونہ ڏني. بلڪ جڏهن ڪو ضرورتمند سامهون آيو تہ جيڪو بہ ممڪن ٿيو ان کي ڏياريائون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نگاهہ ۾ اصل اهميت انسان جي هئي ۽ دولت کي انسان جي نوڪرياڻي قرار ڏنائون. حد اها هئي تہ اڪثر ڪري بيت المال ۽ ذاتي ملڪيت ۾

ڪجهہ بہ ڪونہ هيو تہ سوالين جي مدد ڪرڻ لاءِ قرض بہ ورتائون (شمائل ترمذي). پري پري کان مصيبت جا ماريل ڳوٺاڻا ۽ بدوي انهن سخاوتن جو چرچو ٻڌي مديني ايندا هيا ۽ سخاوت جي ان درياء مان مٽ ڀري موڪلائيندا هيا. مشهور واقعو آهي تہ هڪڙي دفعي هڪڙو بدوي آيو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي چادر کي ڇڪي ڇنڊڻي سان چوڻ لڳو. "محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) هي مال خدا جو مال آهي. توکي پنهنجي مال يا پنهنجي پيءُ جي مال مان ڪجهہ ڪونهي ڏيڻو. کڻي اچ، مونکي هڪڙو اُٺ لڏي ڏي" رحمت جي ان مجسمي ٿورو ماٺ رهڻ کان پوءِ ٿڌي لهجي ۾ فرمايو. "بيشڪ اهو مال الله جو مال آهي ۽ مان ان جو ٻانهو آهيان." پوءِ حڪم ڏنائون تہ هڪڙي ڳوڻ جَوَ ۽ هڪڙي ڳوڻ ڪتل بدوي کي ڏني وڃي. اهو خوش ٿي موڪلائي ويو. هڪڙو ڀيرو بحرين مان خراج جي تمام گهڻي دولت آئي جو ان کان وڌيڪ مال ڪڏهن حڪومت جي مرڪز ۾ ڪونہ آيو هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مسجد جي اڱڻ ۾ ان جو ڍير ڪرايو ۽ پوءِ جيڪو بہ ايندو ويو ان کي ڏيندا ويا. ايستائين جو ڪپڙا ڇنڊبي اٿيا ۽ گهر هليا ويا. بخشش ۽ عطا جا اهڙا واقعا مديني ۾ هر وقت ٿيندا رهندا هيا ۽ مختلف طرفن کان مسافر، سوالي ۽ حاجتمند اچي فائدو حاصل ڪندا هيا. اهي ماڻهو جڏهن پنهنجن علائقن ۾ ويندا هوندا تہ اسلامي حڪومت جي غريب پروري جو مجسم داستان بڻجي ويندا هوندا. هر ماڻهو اندازو ڪري سگهي ٿو تہ انهن داستانن مان ڪيترين دلين اثر ورتو هوندو ۽ ڪيترا سينا اسلام جي لاءِ کُلي ويا هوندا.

اسلامي رياست جي سربراهہ اعليٰ جي سخاوت واري پاليسي جي ذهني اثرن جو اندازو هيٺ هڪڙي مثال مان چڱي نموني ٿي سگهي ٿو. هڪڙو شخص آيو ۽ ان پنهنجي معاشي بدحالي جو ڏک اورڻ کان پوءِ سوال ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پهاڙن ۾ چرندڙ ٻڪرين جو هڪڙو ڌڻ ان کي عنايت ڪرڻ فرمايو. اهو هي عطيو وٺي ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيو ۽ قبيلي ۾ وڃي چوڻ لڳو تہ "اي ڀائرو! اسلام قبول ڪيو! محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) تہ اهڙي سخاوت ڪن ٿا جو غربت جو خطرو ئي باقي ڪونہ ٿو رهي." (المواهب اللدنيہ). اهڙي طرح صفوان بن اميہ جو پنهنجو بيان آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مون کي ڪجهہ مال عطا ڪيو (جنهن ۾ ٽي سَوَ ٻڪريون هيون) تہ ان عنايت جو مون تي اهو اثر ٿيو جو جتي ان کان اڳ مون کي پاڻ سڳورن کان وڌيڪ ڪو شخص اڻوڻندڙ ڪونہ ٿي لڳو اتي هاڻي پاڻ سڳورن کان وڌيڪ ٻيو ڪو شخص پيارو ڪونہ هيو. هيٺيون شعر ان واقعي جي باري ۾ آهي.

هُوَ الَّذِىْ لَا يَتَّقِىْ فَقْرًا اِذَا ۔ يُعْطِىْ وَلَوْ كَثُرَ الْاَنَامُ وَ دَامُوْا

(هي اها هستي آهي جو عطا ۽ بخشش ڪرڻ تي اچي ٿي تہ ان کي هٿين خالي ٿي وڃڻ جو انديشو ڪونهي هوندو. چاهي ان جي سامهون ڪيتري گهڻي مخلوق سوالي بڻجي چونہ اچي ۽ هر وقت اهي قطارون لڳيون رهن.)

سخاوت جي ان عام چرچي جو نتيجو هيو جو حُنين مان ملبل مال ورهائي پاڻ سڳورا واپس ٿيا تہ پرپاسي وارا بدوي ٻڪندا ٻڪندا آيا ۽ اچي چنبڙي پيا تہ اسان تي بہ ڪجهہ مهرباني ڪريو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پريشاني جي حالت ۾ وڻ جي هڪڙي ٽُڙ جو سهارو ورتو ۽ معذرت ڪندي چيو. "جيڪڏهن انهن جهنگلي وڻن جيترا بہ مون وٽ اُٺ هجن ها تہ مان سڀ توهان ۾ ورهائي ڇڏيان ها. توهان مون کي ڪنجوس نہ ڏسو ها, نہ غلط ڳالهائيندڙ ۽ نہ گهٽ حوصلي وارو." (بخاري)

ممڪن آهي تہ ڪو ڪميٽو ذهن ان عطا ۽ بخشش کي اها معنيٰ ڏئي تہ مال ۽ دولت جي زور تي ذهن فتح ڪيا ويا (نعوذ بالله) ۽ رشوت ڏئي ماڻهن کي حامي بڻايو ويو. مگر حقيقت بلڪل ٻي هئي. معاشي بدحالي ۾ پيڙيل ماڻهن کي سنڀالڻ ۽ انهن کي ذهني ڏيوالپڻي مان ڪڍڻ اسلام جي بلڪل اصولي گهرجن ۾ شامل هيو. انسانذات جا اهي طبقا بہ گهٽو ئي رحم جي قابل هوندا آهن جيڪي معاشري جي ظلم جي ڪري پيٽ جي مسئلي ۾ اهڙو بري طرح ڦاسي ويندا آهن جو زندگيءَ جي اعليٰ تقاضائن تي توجهہ ڪرڻ جو ئي انهن کي موقعو ڪونہ ملندو آهي. اهڙن مصيبت جي ماريلن کي تہ شايد الله وٽ ئي ڪا رعايت ملي. عربستان جي گهڻي تڻي آبادي ان حال ۾ هئي ۽ انهن کي جتي ڪلمہ طيب جي ضرورت هئي اتي روٽي ڪپڙي جي بہ محتاجي هئي. مديني جي لاءِ پائيچاري واري نئين معاشي نظام مان فائدو حاصل ڪرڻ وارن کي شايد پهريون دفعو موقعو مليو هوندو تہ اهي جسم جي بنيادي ضرورتن جي لاءِ خسيس مونجهارن کان مٿانهان ٿي زندگيءَ جي اعليٰ مسئلن تي سوچين. عظيم حقيقتن کي سيني ۾ جاءِ ڏين ۽ قيمتي اخلاقي قدرن کي پنهنجي اندر واڌ ويجهہ ڏين. اقتصادي اصلاح لازمي طور اسلام جي پکڙجڻ ۾ رستا هموار ڪيا هوندا. اسلام جو معاشي نظام تہ بعد ۾ تڪميلي شڪل تائين پهتو هوندو جڏهن ان جا سيئي اصول نافذ ٿي ڪم ڪرڻ لڳا هوندا. ليڪن ابتدائي آثار کان ئي عوام جون اميدون مديني سان وابستہ ٿي ويون هونديون تہ هتان اسان کي حق جي نور سان گڏوگڏ معاشي مسئلي جو حل بہ حاصل ٿيڻ وارو آهي.

## قائدِ رياست جا وسيع تعلقات:

ڪوئي بہ نصب العين ڪٿي هلو ۽ ڪيترو بہ اعليٰ درجي جو اصولي ڪم ڪيو. ذاتي تعلقات ۽ رابطن جي گهڻائي, بهرحال, ان جي ڪاميابي ۾ اثرانداز ٿيندي آهي. معمولي ڪاروبار کان وٺي نظرياتي انقلاب تائين جا مختلف ڪم جيڪي اجتماعي دائري ۾ سرانجام ڏنا ويندا آهن, انهن ۾ ڪوبہ اهڙو شخص مشڪل سان ڪامياب ٿي سگهي ٿو جيڪو عام انساني تعلقاتن جي لحاظ کان ڪوتاهہ هجي. اڪيلائي پسند ۽ خلق کان بي نياز هجي. نسبي ۽ مٽي مائٽي وارا رابطا, شادي جا ڳنڍڻ, پاڻ ناهيل دوستيون ۽ واسطا, شادين ۽ غمين ۾ شرڪت, ملاقاتون ۽ دعا سلام هڪڙي انسان جي گڏجڻ واري طاقت کي وڌائيندا آهن. ذاتي تعلقات ۽ شخصي مروت غيرشعوري طور تي

وڏن وڏن اصولي معاملن جو رُخ بدلائي ڇڏيندا آهن ۽ انهن جي ڪري ڪيترائي سياسي فيصلا ڪنهن خاص صورت ۾ طئي ٿي ويندا آهن. عام طور تي قيادت ۾ اها ئي شخصيت ڪامياب رهندي آهي جنهن جي تعلقاتن جو دائرو وسيع هجي ۽ اهو پاڻ اچا وسيع تر ڪري ۽ هر تعلق جا حق ادا ڪري

اسان جڏهن ان پهلو کان محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مقدس شخصيت تي نظر ڪيون ٿا تہ نسبي، خوني، ماٽني، ٿڃ پياڪ (رضاعي) ۽ دوستي ياري وارن تعلقاتن جو دائرو گهڻو وسيع ڏسون ٿا. ان کان علاوه، گڏوگڏ دوستي ۽ ياري ۽ عام شخصي تعلقاتن جو حلقو روز بروز وڌندڙ ڏسون ٿا. پوءِ انهن طرح طرح جي تعلقاتن سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انسانن کان پاسو ڪندڙ برتر شخصيت وانگر بي نيازي ڪونہ ٿا ڪن ۽ ان کي مصيبت ۽ مٿي جو سور ڪونہ ٿا سمجهن، بلڪ ان کي حُسن ۽ خوبي سان نڀائين ٿا. انهن جا حق ادا ڪن ٿا ۽ انهن کي مضبوط ڪن ٿا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي پري وارن رشتن جو بہ ايترو احترام ۽ لحاظ هيو جو جماعت کي تاڪيد ڪيائون تہ توهان جڏهن مصر فتح ڪيو تہ اتان جي رهواسين سان سٺو سلوڪ ڪجو ڇو تہ انهن جي طرف کان توهان تي ماٽتن سان سٺو سلوڪ (صلہ رحمي) ڪرڻ جي ذميواري عائد ٿئي ٿي. وضاحت ڪيائون تہ حضرت اسماعيل عليہ السلام جي امڙ انهن مان ئي هئي. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي انهن وسيع ذاتي تعلقاتن بہ اسلامي تحريڪ جي فروغ ۽ حق جي دعوت کي عوام ۾ مقبول ڪرڻ ۾ گهڻو اثرائتو ڪم ڪيو آهي.

موضوع انهي ڳالهہ جي تقاضا ڪري ٿو تہ انهن تعلقاتن جو بہ مختصر ذڪر ڪيو وڃي ۽ ڏيکاريو وڃي تہ اهي تعلقات ڪيئن اسلامي تحريڪ جي حق ۾ فائديمند ثابت ٿيا ۽ انهن انقلاب جي سياسي عمل کي ڪيترو آسان ۽ ڪامياب بڻايو. اسان مختلف تعلقاتن کي الڳ الڳ رکون ٿا.

## 1. نسبي لاڳاپا:

نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو نسبي شجرو هيئن آهي:

محمد (1) (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) بن عبدالله (2) بن عبدالمطلب (3) بن هاشم (4) بن عبد مناف (5) بن قصي (6) بن ڪلاب (7) بن مره (8) بن ڪعب (9) بن لوي (10) بن غالب (11) بن فهر (قريش) (12) بن مالڪ (13) بن نضر (14) (بن ڪنانہ (15) بن خزيمہ (16) بن مدرڪ (17) بن الياس (18) بن مضر (19) بن نزار (20) بن معد (21) بن عدنان (22) بن اُد (23) بن مقوم (24) بن ناحور (25) بن تيرح (26) بن يعرب (27) بن يشجب (28) بن نابت (29) بن اسماعيل عليہ السلام (30) بن ابراهيم عليہ السلام (31).

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پنهنجي ارشاد موجب عدنان کان مٿي حضرت اسماعيل عليہ السلام تائين وارا نالا ڪجهہ وڌيڪ اعتبار جوڳا ڪونہ آهن.

تنهنڪري نسبن ۾ نسبن جي روايتن ڪي پيش ڪرڻ وارن انهن نالن ۾ اختلاف ڪيو آهي. عدنان سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو تعلق ايڪويهين پيڙهي جي ڏاڪي تي اچي ٿو. زماني جو عرصو 1158 سالن جو آهي. عرب قبيلن جو تعلق مٿي ڪنهن نہ ڪنهن پيڙهي ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيڙهي واري سلسلي سان گڏجي وڃي ٿو.

عڪ بن عدنان (21 پيڙهي واري معد جي ڀاءُ) غسان (يمن) جي علائقي ۾ وڃي سلطنت قائم ڪئي ۽ اشعريين جي خاندان ۾ شادي ڪئي. انهن طرفن ۾ اسلام گهڻو جلد جاءِ پيدا ڪئي ۽ پوءِ تيزي سان پنهنجي رحمت وارو پاڇو ڦهلايو. يمن جي مختلف علائقن مان وفد مديني پهتا جن ۾ خود اشعريين جو وفد بہ هيو. نزار (20 پيڙهي وارو) جا چار پٽ هيا جن مان انمار جي اولاد نجد ۽ حجاز جي علائقي ۾ آباد ٿي. اياد جي اولاد ثغور ۽ ان جي ڀرپاسي ڪي نڪاڻو بڻايو ۽ مضر (19 پيرهي وارو) ۽ ربيعہ عربستان جي وچ واري علائقي ۾ رهائش اختيار ڪئي.

هاڻي مشهور قبيلن ڪي ڏسو جيڪي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا هم نسب آهن ۽ انهن قبيلن جا نالا سيرت، تاريخ ۽ حديث جي ڪتابن ۾ وري وري اچن ٿا.

1. بنو تميم ... تميم بن مرو بن عد بن طابِخہ بن الياس (18 پيڙهي).
2. بنوغطفان ... غطفان بن سعد بن الياس (ساڳيو).
3. بنواشجع ... اَشجَع بن غطفان بن سعد بن الياس (ساڳيو).
4. بنو ذبيان ... ذُبيان بن بَغِيص بن رائس بن غطفان بن سعد بن الياس (ساڳيو).
5. بنو فرازه ... فراز بن ذُبيان..... کان الياس (ساڳيو).
6. بنو هوازن.... هوازن بن منصور بن عڪرمہ بن خصفتہ بن قيس عيلان بن الياس (ساڳيو)
7. بنو سعد... سعد بن بڪر بن هوازن..... کان الياس.
8. بنو ثقيف... ثقيف بن هوازن...... کان الياس.
9. بنو سُليم... سُليم بن منصور..... کان الياس.
10. هذلي... هُذيل بن مُدرِڪہ (17 پيڙهي).
11. بنو هون... هون بن خُزَيمہ (16 پيڙهي).
12. وَيشي... ويش بن قاره بن هون بن خُزَيمہ (ساڳيو).
13. عَضَلي... عَضَل بن قاره..... کان خُزَيمہ (ساڳيو).
14. بنو اسد... اسد بن خُزَيمہ ... کان خزيمہ تائين (ساڳيو).
15. بنو نَضر ... نَضر بن ڪِنانہ (15 پيڙهي).
16. بنو ڪِنانہ.. نَضربن ڪِنانہ (ساڳيو).
17. بنو مُصطَلق.. مُصطَلق (خُزَيما) بن عبد منات بن ڪِنانہ (ساڳيو).
18. احابيش..... احابيش بن ڪِنانہ (ساڳيو).
19. بنو مالڪ... مالڪ (13 پيڙهي) بن نَضر بن ڪِنانہ (ساڳيو).

20. قريشي ... فُهر (قريش) (12 پيڙهي) بن مالڪ .... کان ڪنانہ (ساڳيو).
21. بنو محارب ... محارب بن فُهر ..... کان ساڳيو.
22. بنو تيم ... تيم بن غالب (11 پيڙهي) بن فهر..... کان ساڳيو
23. بنو عوف ... عوف بن لُوي (10 پيڙهي) بن غالب ..... کان ساڳيو
24. بنو عامر ... عامر بن لُوي..... کان ساڳيو
25. بنو حرث ... حرث بن لُوي..... کان ساڳيو
26. بنو هَصِيص ... هَصِيص بن ڪعب (9 پيڙهي) بن لُوي.... کان ساڳيو
27. بنو سهم ... سهم بن ڪعب بن لُوي...... کان ساڳيو
28. بنو جمح ... جمح بن ڪعب.... کان ساڳيو
29. بنو عدي... عدي بن ڪعب ..... کان ساڳيو
30. بنو ڪِلاب ... ڪِلاب (7 پيڙهي) بن مُره (8 پيڙهي)..... کان ساڳيو
31 بنو تَيم ... تَيم بن مُره (8 پيڙهي)..... کان ساڳيو
32. بنو مخزوم... مخزوم بن مُره ..... کان ساڳيو
33. بنو قُصي ... قُصي (6 پيڙهي) بن ڪِلاب ...... کان ساڳيو
34. بنو زُهره ... زُهره بن ڪِلاب ..... کان ساڳيو
35. اسدي ... اسد بن عبدالعزيٰ بن قُصي (6 پيڙهي)..... کان ساڳيو
36. مُطلبي ... مطلب بن عبدمناف (5 پيڙهي)..... کان ساڳيو
37. بنو اميہ ... اميہ بن عبدالشمس بن عبد مناف ...... کان ساڳيو
38. نوفليون ... نوفل بن عبد مناف ...... کان ساڳيو
39. هاشمي ... هاشم بن عبدمناف بن قُصي .... کان حضرت ابراهيم عليہ السلام.

پيڙهين جو اهو تاجي پيٽو نسبي طور ايترو وسيع ۽ گهٽو متي تائين پکڙيل آهي جو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا اعليٰ مرتبن تي فائز ٿيڻ وارا بي شمار ساٿي، ان سان ڳنڍيل آهن. مثال طور، حضرت عمر فاروق رضہ جو نسب زُراح بن عدي بن ڪعب (9 پيڙهي) ۽ حضرت ابوعبيده رضہ جو نسلي رشتو جراح بن عدي سان ملي ٿو. سيده آمنہ رضہ (حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي امڙ سائڻ) وهب بن عبد مناف بن زهره بن ڪلاب (7 پيڙهي) جي اولاد آهن. ڪلاب بن مره جي ٺي ڀاءُ تيم جي اولاد مان حضرت ابوبڪر رضہ آهن. سعد رضہ (عشره مبشره مان هڪڙو) مالڪ بن اهيب بن مناف جي واسطي سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان تعلق رکن ٿا ـــ عثمان بن طلحہ جيڪو ڪعبي جو ڪنجي بردار هيو عبدالدار بن قصي (6 پيڙهي) جي اولاد مان هيو. حضرت زبير (عشره مبشره مان هڪ) بن عوام بن خويلد بن اسد بن عبدالعزيٰ بن قصي (6 پيڙهي) جي اولاد مان هيو ۽ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو سڳو ڀڻاٽ هيو. اهڙي طرح حضرت خديجہ الڪبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها خويلد بن اسد بن عبدالعزيٰ بن قصي جي اولاد مان هيون ۽ ورقہ بن نوفل بن خويلد ان جو

سوٽ هيو. حارث بن مطلب بن عبد مناف (5 پيڙهي) جا ٽي پٽ ابو عبيده (بدر جو شهيد) طفيل ۽ حصين مشهور اصحابي هيا. امام شافعي رحمت الله تعاليٰ عليہ جو نسب بہ مطلب بن عبد مناف سان وڃي ملي ٿو. حضرت عثمان رضہ اميہ بن عبدالشمس بن عبد مناف جي پيڙهي ۾ شامل آهن.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي چاچن جي باري ۾ روايتن ۾ اختلاف آهي. ٻن جو تہ احوال ئي محفوظ ڪونهي. هڪڙي چاچي ضرار گهڻو ٻهريان وفات ڪئي. پاڻ سڳورن جي چاچن مان هيٺيون شخصيتون گهڻو مشهور آهن. جن جو تعلق اسلامي تحريڪ جي تاريخ سان آهي ۽ جن جا احوال بہ محفوظ آهن.

هڪڙو چاچو حارث هيو جيڪو اسلامي دور کان اڳ ۾ فوت ٿيو. ان جا چار پٽ نوفل، عبدالله، ربيعہ ۽ سفيان اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيا ۽ اسلامي تاريخ ۾ ڪارائتيون خدمتون انجام ڏنائون. اهوئي ربيعہ بن حارث آهي جنهن جي پٽ جي خون جو بدلو پنهنجي طرف کان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سڀ کان اڳ ۾ ختم ڪري مڪي جي فتح جي موقعي تي اعلان ڪيو هيو تہ جاهليت جي دور جي خونن جا بدلا اڄ ختم ڪيا وڃن ٿا.

هڪڙو چاچو ابوطالب هيو جنهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حمايت جو حق ادا ڪيو ۽ اسلامي تحريڪ کان ٻاهر رهڻ جي باوجود دل و جان سان ڀرپور مدد ڪئي. ان جي چئني پٽن مان ٽي اسلام ۾ داخل ٿيا ۽ هر هڪ بلند مقام حاصل ڪيو. اڄ ڪير عقيل رضہ بن ابوطالب، جعفر طيار رضہ ۽ علي عليہ السلام بن ابوطالب جي نالن کان واقف ڪونہ هوندو. اهڙي طرح ابوطالب جون بہ نياڻيون ام هاني رضہ ۽ جمانہ رضہ بہ اسلام جي نور سان بهره مند ٿيون. حضرت ام هاني رضہ جو نالو معراج واري واقعي جي ڪري گهڻو مشهور ٿيو.

هڪڙو چاچو حضرت حمزه رضہ هيو جنهن اُحد واري لڙائي ۾ شهادت ماڻي ۽ ان جي لاش سان هند زال ابوسفيان نهايت وحشياڻو سلوڪ ڪيو. جنهن جو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي گهڻو صدمو پهتو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو اهوئي چاچو هيو جنهن سندن خلاف ابوجهل جي بدسلوڪي تي غيرت ڏيکاري ۽ ان کي اُکين تي ڪنيائين ۽ وڏي چيلينج سان اسلام قبول ڪيو.

هڪڙو چاچو عباس رضہ بن عبدالمطلب هيو. ان بہ شروع کان سرپرستاڻي طرز وارو عمل ڪيو. خاص طور تي بيعتِ عقبہ جي وقت گفتگو ۾ گهڻو اهم حصو ورتو ۽ انصارن کي انهن جي ذميواري جي نزاڪت تي ڌيان ڏياريو. ان کان علاوه، مڪي ۾ رهي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي حالتن کان باخبر رکيو ۽ جڏهن تحريڪ ڪشمڪش جي نازڪ مرحلن مان گذري وئي تہ پوءِ پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيو ۽ مديني هليو ويو.

هڪڙو چاچو زبير بہ نبوت جي اعلان (بعثت) کان اڳ فوت ٿي ويو. نيڪ دل ماڻهو هيو ۽ حلف الفضول واري معاهدي لاءِ تمام گهڻي جدوجهد ڪئي هئائين.

هڪڙو چاچو ابولهب هيو. اهو نہ صرف ڪٽر مخالف هيو بلڪ مخالفت واري محاذ جو سرگرم اڳواڻ (ڪمانڊر) هيو. ان جي زال بہ اسلام جي پڪي دشمن هئي ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي اذيت ڏيڻ ۾ اڳ کان اڳري رهندي هئي. ابولهب جو انجام وڏو عبرت ناڪ ٿيو. ويا جي بيماري ۾ مئو. ٽن ڏينهن تائين لاش پيو ڳري ڌپ ڪندو رهيو. ماڻهو ويجهو ڪونہ ويندا هيا. آخر پتين تان ايترا پٿر اڇلايا ويا جو لاش انهن جي ڍير ۾ لڪي ويو ۽ ان ڍير کي قبر بڻايو ويو. ابولهب جي زال بہ ڳچي ۾ رسي جو ڦاهو پوڻ ڪري عبرت واري موت مئي. ابولهب جا بہ پٽ ڪفر جي حالت ۾ مئا ۽ ٻن حنين واري لڙائي جي موقعي تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اطاعت اختيار ڪئي. دره بنت ابولهب کي بہ اسلام قبول ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڦڦين مان هڪ امِ حڪيم بيضاء هئي. ڪزير بن ربيعہ (عبدمناف جي نسل مان) جي زال هئي. ان جو پٽ عامر مڪي جي فتح واري ڏينهن اسلام ۾ داخل ٿيو ۽ پوءِ ان جو پٽ عبدالله بن عامر بہ اصحابي ٿيو ۽ عثماني دور ۾ خراسان جو والي بڻيو. ان ئي امِ حڪيم جي نياڻي اروي حضرت عثمان ذوالنورين جي امڙ هئي. ٻي ڦڦي اميمہ هئي جنهن جو نڪاح جحش بن رباب سان ٿيو. ان جي هڪڙي نياڻي امِ حبيبہ عبدالرحمان بن عوف جي زال هئي. ٻي نياڻي حمنہ جو پهريون نڪاح مصعب بن عمير سان ۽ ٻيو طلحہ بن عبدالله سان ٿيو. ٻي نڪاح مان محمد ۽ عمران بہ پٽ اسلام جا علمبردار بڻيا. عبدالله بن جحش اُحد واري لڙائي ۾ شهيد ٿي پنهنجي مامي حضرت حمزه رضہ سان گڏ دفن ٿيو. ٽين ڦڦي عاتڪہ هئي جنهن بدر واري لڙائي کان اڳ سچو خواب ڏٺو ۽ ان سلسلي ۾ طنز ڪئي وئي تہ هاڻي تہ بنو هاشم جون ڇوڪريون بہ نبوت ڪرڻ لڳيون آهن. چوٿين ڦڦي حضرت صفيہ رضہ هئي جيڪا پهريان حارث بن حرب بن اميہ جي نڪاح ۾ هئي. بعد ۾ بيوه ٿيڻ تي عوام بن خويلد سان شادي ڪيائين. ان نڪاح مان زبير (عشره مبشره مان هڪڙو) ڄائو. سائب بن عوام بہ ان جو پٽ هيو جنهن جهاد وارن مقابلن ۾ ڀرپور حصو ورتو. ان حضرت حمزه رضہ جهڙي ڀاء جو لاش رت ۾ متي ۾ لت پت ٿيل ڏٺو ۽ لاش سان جيڪو وحشياڻو سلوڪ ڪيو ويو هيو ان تي انتهائي صبر جو مظاهرو ڪري هڪڙو سونهري مثال قائم ڪيو. پنجين ڦڦي بره هئي جيڪا عبدالاسد بن بلال جي زال هئي. ابوسلميٰ ان جو ئي پٽ هيو جيڪو ام المومنين ام سلميٰ جو پهريون مڙس هيو. هڪڙي ڦڦي اروي آهي جنهن جو نڪاح عمير بن وهيب سان ٿيو هيو. ان جو پٽ طليب جڏهن ان کي پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جي خبر ٻڌائي تہ ان ڪهڙي نہ والهاڻي انداز ۾ چيو:

"تنهنجي لاءِ تنهنجي مامي جو پٽ سيني کان وڌيڪ خدمت ۽ مدد جو حقدار آهي. الله جو قسم! جيڪڏهن اسان عورتن کي بہ مردن جيتري طاقت هجي ها تہ اسان ان جو بچاء ڪريون ها ۽ ان جي سيني دشمنن کي جواب ڏيون ها."[1]

---

[1] رحمت للعالمين ج 2 ص 96 سيرت مصنفہ مولوي ڪرامت علي دهلوي جي حوالي سان.

انهن لفظن ۾ ايمان چوليون هٽندڙ بہ آهي ۽ هڪڙي پڪي جي سچي محبت ۾ ڳالهائي رهيو آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نسبي تعلقاتن جا ٻيا بہ گهڻا رُخ آهن. مگر هتي اسان صرف تمام گهڻو ويجهي دائري جي هڪڙي محدود جهلڪ ڏيکاري اها حقيقت واضح ڪرڻ گهرون ٿا تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي انهن مائٽن مختلف مرحلن تي تحريڪ جي حق ۾ فائدي وارا اثر ڏيکاريا آهن. انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي تہ جيئن تہ ڪشمڪش اصولي، بنيادي ۽ همهگير هجڻ جي ڪري گهڻي سنگين هئي ۽ قريشن دير تائين، گهڻو مضبوط مخالفت جو محاذ ڄمائي رکيو. ليڪن اندر ئي اندر مائٽيون پنهنجو ڪم ڪنديون رهيون. بنوهاشم مجموعي طور تي ٻين جي مقابلي ۾ حمايت واري رويي جو ثبوت ڏنو. مائٽي جي ڪري ابوجهل جي ظلم تي حضرت حمزه رضہ جو رت ٽهڪي ويو ۽ اهو جاهلي محاذ ڇڏي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گڏ ٿي ويو. ابوالبختري شعبِ ابوطالب جي قيد واري زماني ۾ ابوجهل کي ان زيادتي تي ٽوڪيو تہ اهو ڪنهن غذائي هديي کي شعبِ ابوطالب ۾ وڃڻ کان روڪي ٿو ـــ حضرت عباس رضہ خاموشي سان مڪي ۾ رهي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان تعاون ڪيو. قريشن جي ڪچهرين ۾ ڪيترا ڀيرا ڳالهين ۾ پنهنجين مائٽين جي ڪري حمايت وارو رنگ پرجي ويندو هيو ۽ ماڻهن اهو بہ سوچيو تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي گهٽ ۾ گهٽ مڪي کان ٻاهر عربن ۾ ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي ۽ ڪامياب ٿي وڃي تہ ان جي ڪاميابي اسان جي ڪاميابي هوندي. پوءِ سالن تائين هٽ ڌرمي جو چڪر هلائڻ کان پوءِ جڏهن مڪو فتح ٿي ويو تہ ماڻهن کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي اهو چوندي ٻڌو ويو تہ "توهان هڪڙا شريف ڀاءُ آهيو ۽ شريف ڀاءُ جا پٽ آهيو." وري اهي ئي مائٽيون هئي طرف بہ برابر اثرانداز ٿينديون رهيون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا مٽ مائٽ جڏهن قيدي ٿي آيا تہ رات جو رسا ٻڌل هجڻ جي سختي ڪري انهن جو ڇنگهڻ ڪُرڪڻ ٻڌڻ سڳورن جي ننڊ ڦٽائڻ جو باعث ٿيو. مڪي ۾ ڏڪار آيو تہ بہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دل کي جُهڪو آيو ۽ اناج ۽ نقد رقم جي مدد ڪيائون. مڪو فتح ڪيو تہ ان جي رهواسين تي احسانن جي بارش ڪري ڇڏي

## 2. مديني ۾ نانڪي تعلقات:

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي والد جناب عبدالله جي امڙ فاطمہ بنت عمر مديني جي مشهور خاندان بنونجار مان هيون. ان کان اڳ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پڙڏاڏي هاشم بہ خزرج قبيلي جي هڪڙي عورت هند بنت عمرو بن ثعلبہ سان شادي ڪئي هئي ۽ جناب عبدالله جي شادي بہ مديني جي بنونجار ۾ حضرت آمنہ بنت وهب سان ٿي. ان حوالي سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي والد سڳوري حضرت عبدالله جا رابطا بہ مديني سان گهڻو گهرا هيا ۽ اتفاق جي ڳالهہ آهي تہ

هڪڙي واپاري سفر ۾ پاڻ سڳورن جي والد جي اتي وفات ٿي ۽ اتي قبر ٿي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي امڙ سائڻ پنهنجن مائٽن سان ملڻ ۽ پنهنجي مڙس جي قبر ڏسڻ جي لاءِ پاڻ سڳورن کي (6 سالن جي عمر ۾) ساڻ ڪري يثرب ويون. هڪڙي مهيني تائين پاڻ سڳورا اتي رهيا. سندن رهائش دارالنابغہ ۾ هئي. هجرت ڪري تشريف کڻي ويا تہ 47 سال اڳ جو دور اکين ۾ ڦري آين. ڪچهرين ۾ ڪڏهن ڪڏهن ذڪر ڪندا هيا تہ هتي هڪڙي ڇوڪري انيسہ هوندي هئي جيڪا اسان سان کيڏندي هئي. فلاڻي قلعي جي مٿان هر وقت هڪڙو پکي ويٺو رهندو هيو ۽ ٻار ان کي اڏاريندا هيا. هن گهر ۾ منهنجي امان فلاڻي جاءِ تي ويهندي هئي ۽ امان جي قبر فلاڻي جاءِ تي ٺاهي وئي هئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اها ڳالهہ بہ بيان ڪئي تہ بنوعدي بن النجار جي تلاءَ ۾ مون چڱي طرح ترڻ سکي ورتو هيو. ان ئي سفر ۾ واپسي تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي امڙ جو انتقال ابواء جي جاءِ تي ٿيو.

ظاهر ڳالهہ آهي تہ بعد ۾ جڏهن مديني وارن سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا تحريڪي تعلقات وڌڻ ويجهڻ لڳا هوندا تہ ان تعلق بہ پنهنجو اثر وڌو هوندو. مديني جا ماڻهو خاص طور تي بنونجار، پاڻ سڳورن کي پنهنجو ويجهو مائٽ سمجهندا هوندا. پاڻ سڳورن جو استقبال ڪرڻ ۾ بنونجار وارا اڳيا اڳيان هيا ۽ انهن جون ڇوڪريون گهڻي والهاڻي انداز ۾ پليڪار ڪرڻ وارا گيت ڳائي رهيون هيون.

## 3. ٿڃ شريڪ (رضاعي) تعلقات:

پاڻ سڳورن ڪجهہ ڏينهن تائين ابولهب جي ٻانهي ثويبہ جي ٿڃ پيتي هئي. ان جو ايترو خيال هين جو ثويبہ جي لاءِ مديني مان ڪپڙا موڪليندا هيا. ٿڃ پيارڻ جي مستقل سعادت حليمہ سعديہ رضہ جي حصي ۾ آئي، جنهن جو تعلق بنوهوازن سان هيو. ان جي وڏي نياڻي حذافہ (جنهن جو الشماء لقب هيو) ٻالڪپڻي ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ڪئي هئي. حنين واري لڙائي (غزوه) جي موقعي تي گرفتار ٿي آئي. ان فوجي چوڪيدارن کي چيو تہ مان تہ توهان جي قائد جي ڀيڻ آهيان. ان کي پاڻ سڳورن جي سامهون وٺي آيا تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وڏي خوشي سان ان جو استقبال ڪيو ۽ ان جي عزت ۽ احترام ڪرڻ لاءِ پنهنجي چادر وڇائي ۽ پاڻ سڳورن تي رقعت طاري ٿي وئي. پوءِ فرمايائون تہ جي گهرو تہ توهان مون وٽ رهو ۽ جي چاهيو تہ توهان کي واپس قبيلي وارن وٽ پهچايو وڃي. ان واپس وڃڻ جي خواهش ڪئي. پاڻ سڳورن ان کي گهڻو ڪجهہ ڏئي روانو ڪيو. ان کي اسلام قبول ڪرڻ جي سعادت بہ نصيب ٿي.

ٿڃ شريڪ (رضاعت) وارو اهو رشتو هيو جنهن جو حنين واري مقابلي کان پوءِ بنوهوازن جي وفد پنهنجا قيدي ڇڏائڻ جي لاءِ پاڻ سڳورن کي واسطو ڏنو ۽ پاڻ سڳورن

بنوهاشم جي حصي ۾ آيل قيدين کي هڪدم آزاد ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ سڳورن جي تقليد ۾ پوري جماعت بنو هوازن جا قيدي ڇڏي ڏنا هيا.

## 4. پنهنجين نياڻين جون شاديون:

سيده زينب رضہ جو نڪاح مڪي ۾ ئي ابوالعاص بن ربيع سان ٿي ويو هيو. ابوالعاص جي امڙ حضرت خديجہ رضي الله تعاليٰ عنها جي سڳي ڀيڻ هئي. يعني حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جو ماسڙ هيو. سيده زينب رضہ امڙ سان ئي گڏ اسلام قبول ڪيو هيو. اها هجرت ڪري مديني آئي هئي. بعد ۾ ابوالعاص بہ مسلمان ٿي مديني اچي ويو هيو. شادي ۽ نڪاح قائم هيا. زال مڙس ۾ گهڻي محبت ۽ پيار هيو. جڏهن تہ مڪي وارن جي طرف کان ابوالعاص کي گهڻو مجبور بہ ڪيو ويو تہ اهو حضرت زينب رضہ کي طلاق ڏئي، مگر ان ڪونہ مڃيو هيو. ان ئي تعلق جي ڪري ابوالعاص جڏهن بدر ۾ ڪافرن سان گڏ قيد ٿيو تہ مسلمانن جي راضپي سان بغير فديو وٺڻ جي آزاد ڪيو ويو ۽ هڪڙو ڀيرو ان جو هٿ آيل واپاري مال بہ ان کي موٽائي ڏنو ويو هيو.

سيده رقيہ رضہ جي شادي پهريان ابولهب جي پٽ سان ٿي هئي پر ان طرفان طلاق ڏيڻ کان پوءِ مڪي ۾ ئي ان جو نڪاح حضرت عثمان رضہ بن عفان سان ٿيو هيو. اهو پهريون جوڙو آهي جنهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اسلامي تحريڪ جي تقاضا موجب الله جي راهہ ۾ پهريان گڏجي هجرت ڪئي. 2 هجري ۾ ان وفات ڪئي. ان کان پوءِ 3 هجري ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي نياڻي ام ڪلثوم رضہ جي شادي بہ الاهي اشاري موجب حضرت عثمان رضہ سان ڪرائي. ان ٻٽي تعلق (هڪ کان پوءِ ٻي نياڻي سان نڪاح) جي ڪري ان کي ذوالنورين چوندا هيا.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سيده فاطمہ الزهرا سلام الله تعاليٰ عليها جي شادي حضرت علي عليہ السلام سان ڪئي. مطلب تہ ابوالعاص کان علاوه اسلامي تحريڪ جا بہ وڏا اڳواڻ ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا ساٿي (حضرت عثمان رضہ ۽ حضرت علي عليہ السلام) خاص نسبي تعلق رکڻ سان گڏوگڏ شادي واري بندڻ جي ذريعي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ويجهي ماڻٽي رکندڙ هيا. اها ماڻٽي اسلام جي عظيم ڪم کي هلائڻ ۾ مددگار ٿي.

## 5. حضور ﷺ جا گهريلو تعلقات:

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شادي وارن تعلقاتن جي موضوع تي جيئن تہ تعصبي مستشرقين اعتراضن جي ڀرمار ڪئي آهي ۽ ان جي ڪري اسان مسلمانن اندر هڪڙو ٽولو ان واقعاتي حقيقت تي شرمساري ڪري زمين ۾ گهري وڃي ٿو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گهڻيون شاديون ڪيون ۽ اسلام هڪ کان وڌيڪ شادين کي جائز رکيو. انهيءَ ڪري بند ٻڌڻ لاءِ هڪڙي مختصر نوٽ ۾ اسان کي ڪجهہ وضاحتون ڪرڻيون آهن.

ڦيرين ڳالهہ اها ذهن ۾ ويهارڻي آهي تہ انساني لڏي جو ڦيريون تاريخي دور (جنهن کي اسان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زماني تائين پکڙيل ڏسون ٿا) نسل جي گهٽائي جو دور آهي. جڏهن زمين جا ٽڪرا ويران پيا هيا. جتي آبادي هئي اتي بہ ڇڙتي هئي ۽ رزق جي ذريعن ۽ وسيلن جو ميدان بہ کليل هيو. بلڪل فطري طور تي انساني لڏي ۾ نسل جي گهٽائي جو رجحان پوري زور سان ڪم ڪري رهيو هيو. انهيءَ ڪري ان دور جي ڪنهن بہ تهذيب کي وٺون ۽ ڪنهن بہ مذهب کي ڏسون تہ انساني معاشرن ۾ گهڻيون زالون پرڻجڻ جو رواج وڏن وڏن پيمانن تي پوري طرح مروج رهيو آهي. خود الاهي شريعتن بہ ان جي اجازت ڏني ۽ گهڻن ئي جليل القدر نبين سڳورن، جن ۾ خود بني اسرائيل جا نبي سڳورا بہ نمايان آهن، گهڻيون شاديون ڪيون. ايڪڙ ٻيڪڙ نبين سڳورن ذاتي رجحان ۽ مخصوص حالتن ڪري گهرٻار جي جنجهٽ کان ڪنارو ڪري جتي ستي رهي پنهنجو پاڻ کي هڪ منو حق جي دعوت جي ڪم ۾ بہ لڳايو آهي. مگر اڪثريت گهرٻار واري زندگي اختيار ڪئي ۽ ڀرپور طريقي سان اختيار ڪئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم نسل جي گهٽائي ۽ گهڻين زالن واري ان ئي دور جي آخر ۾ آيا آهن ۽ پاڻ سڳورن جي ذريعي ئي ڦيريون ڀيرو فرمان الاهي ذريعي شادين جي تعداد تي پابندي لڳائي وئي.[1] حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جيڪي بہ شاديون ڪيون اهي ان ئي سهوليت ۽ اجازت موجب ڪيون جيڪي شريعتِ الاهيہ ۾ هلنديون پئي آيون.

---

[1] هن پابندي جي حقيقت بہ ايتري آهي تہ شادين جي تعداد جي هڪڙي طرح تہ آخري حد (چئن تائين) مقرر ڪئي وئي ۽ ان سان گڏ عدل جي ڳري ذميواري جو احساس ڏياري هڪڙي شادي ڪرڻ جي حق ۾ ترغيبي انداز اختيار ڪيو ويو. ليڪن (چئن تائين) گهڻين شادين جي تعداد کي حرام ڪونہ قرار ڏنو ويو. ان انتهائي گنجائش جي ضرورت ڪجهہ اهم سببن ڪري هئي ۽ رهندي. مثال طور، ڦيريون سبب اهو هيو تہ اسلام شهوت بازي ۽ بدڪاري جو مڪمل تدارڪ ڪرڻ گهري ٿو ۽ ان جي لاءِ سخت بندوبست ڪري ٿو ۽ سنگين سزائون مقرر ڪري ٿو. اهڙي نظام ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ رستو ناهڻ ضروري هيو جيڪي جسماني يا ذهني ساخت جي ڪري تيز جنسي رجحان رکندا هجن. ان حقيقي ضرورت کي مغربي تهذيب ۾ نظرانداز ڪرڻ جو نتيجو اهو نڪتو تہ هڪڙي زال سان گڏ نہ صرف سنگتياڻيون رکڻ جي گنجائش ڪيڏي وئي پر ڇڪلي وارو نظام بہ قائم ٿي ويو ۽ ايترو پکڙجي ويو آهي جو ان کان جان ڇڏائڻ مشڪل ٿي ويو آهي. ان کان علاوه "آزاد محبت" جي نالي تي راضپي سان زنا (زنا بالرضا) جو طوفان اٿلي ويو آهي. ان حالت کي اسلام جي محدود حد تائين زالون رکڻ واري قانون جي مقابلي ۾ ڏسو تہ کهڙي صورت بهتر آهي. ٻيو سبب اهو آهي تہ اولاد جي فطري خواهش هڪڙي زال کان وڌيڪ زالون پرڻجڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي آهي. ٽيون سبب اهو آهي تہ هڪڙي عورت جي مستقل مريض هجڻ واري حالت بہ ٿي سگهي ٿي جنهن جي ڪري ان کي طلاق ڏئي مصيبت ۾ وجهڻ کان سواءِ مڙس فطري گهرجن کي پورو ڪري سگهي. ان گنجائش رکڻ جو چوٿون سبب اهو آهي تہ اڪثر ڪري خاندانن جي سياست، انتقام جي چڪرن، وراثت جي جهنجهٽن، يتيمن ۽ بيواهن جي ڪفالت جا مسئلا ڪنهن نڪاح جي خاص صورت سان ئي حل ٿي سگهندا آهن. مثال موجود آهن (قديم بہ ۽ تازه ترين بہ) تہ سلطنتن، وزارتن، قيادتن جي استحڪام جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن شادين وارو ٻنڌڻ ئي واحد ذريعو ٿيندو آهي.

ٻي ڳالهہ اها ڌيان ۾ رهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جون گهڻيون شاديون جنسي خواهش جي اثر هيٺ ڪونہ ٿيون هيون، بلڪ تحريڪ ۽ ملڪ ۽ قوم جي فلاح و بهبود کي نظر ۾ رکي ڪيون ويون هيون. انهن جي نوعيت سياسي هئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو پنهنجو ارشاد محفوظ آهي تہ "مَالِيْ فِي النِّسَآءِ مِنْ حَاجَةٍ" (دارمي. روايت سهل بند سعد) يعني منهنجي اندر عورتن جي لاءِ ڪائي جنسي خواهش موجود ڪونهي. حقيقت اها آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم صحيح معنيٰ ۾ شاديون بہ ڪيون آهن. هڪڙي حضرت خديجہ الڪبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها ۽ ٻي حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها سان. باقي شادين جي لاءِ ڪجهہ اهم اجتماعي مصلحتون گهرجائون ٿينديون رهيون ۽ انهن مصلحتن جي خاطر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي مصروف ترين ۽ انتهائي مسڪيني ۽ فقيراڻي زندگيءَ تي ڳرو بوجهہ وجهي انسانذات جي لاءِ قرباني ڏني هئي.

خيال ڪيو تہ هڪڙو نوجوان 25 سالن تائين هن معاشري ۾ پارسائي ۽ حياداري جو نمونو پيش ڪري ٿو اهڙي معاشري ۾ جنهن ۾ شراب ۽ زنا ثقافت جو وڏو قابل فخر پهلو ٿيا پيا هيا. 25 سالن جي ڄمار ۾ اچڻ کان پوءِ بہ اهو لذت پسندي وارو عام معيار ڇڏي ڪنهن نوجوان حسينا جي بجاءِ 40 سالن جي هڪڙي بيوه کي قبول ڪري ٿو ڇو تہ ان جي نصب العين ۾ اهائي وڏيڪ مددگار ٿي سگهي ٿي ۽ پوءِ شادي جي لحاظ کان عمر جا وڏيڪ بهترين 25 سال ان ئي هڪڙي عورت سان گذاري عمر ... 50 سال پورا ڪري ٿو. ڇا ان جي باري ۾ اهي ڪميڻيون ڳالهيون سوچي سگهجن ٿيون جن جي لاءِ اعتراض ڪرڻ وارن دهل وڄايا آهن؟ وري گهڻين شادين جو دور 55 سالن جي ڄمار کان 59 سالن جي ڄمار وارو دور آهي.

عربستان جهڙي گرم ملڪ جي لحاظ کان ان عمر ۾ جنسي رجحان گهڻو گهٽجي چڪا هوندا آهن. وري انهن گهروارين جي عمر کي ڏسو تہ ٻن کان علاوه گهڻين جون شادي وقت عمريون 36 سالن کان 50 سال هيون ۽ بيوهہ بہ هيون. ڇا حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ نوجوان ۽ حسين ڇوڪرين جي کوٽ هئي؟

ان کان علاوه، اهڙو واهيات اعتراض ڪرڻ وارن کي سوچڻ کپندو هيو تہ اها هستي جنهن پنهنجي مٿان ايتري وڏي ڪم جو بوجهہ کنيو هيو جو نہ ڏينهن جو سڪون هيو ۽ نہ رات جو آرام لاءِ ڪا گهڙي سُک واري هئي. پارسائي ۽ حيا جو اهو مجسمو جنهن انسانذات کي پردي جو عظيم برڪت وارو قانون عطا ڪيو (خود ان قانون تي بہ يورپ وارا ٽيڪاٽپڻيون ڪري رهيا آهن) ۽ انساني لڏي کي دل ۽ نظر کي قابو ۾ رکڻ سيکاريو. ۽ اها هستي جنهن جي وقت جو گهڻو حصو رياست ۽ معاشري جي وسيع مسئلن ۾ گذري ويندو هيو ۽ جنهن جو نجي وقت پيرن تي سوڄ آڻڻ واري نماز جي ڊگهي قيام ۾ مصروف ٿيندو هيو. آخر ان جي باري ۾ اهڙيون فضول ۽ واهيات ڳالهيون ڪيئن ٿيون سوچي

سگهجن؟ ان کان علاوه، لذت پسند بادشاهن ۽ فاتحن جهڙي ڪا ڳالهه تہ ان ۾ ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ آئي. نہ اهو جابر ۽ ظالم هيو نہ ان کي شراب ۽ موسيقي ۽ قيمتي لباس ۾ دلچسپي هئي. بلڪ ان مورڳو معاشري کي انهن نفساني تفريحن کان پاڪ ڪيو. نہ ان زالن کي دنياوي عيش عشرت جو سامان فراهم ڪيو ۽ نہ ريشم ۽ سون سان انهن جي جسمن کي سينگاريو. بلڪ پنهنجي درويشاڻي زندگيءَ جي رنگ ۾ انهن کي بہ رنگي ڇڏيو. وري انهن جي اهڙي ناز برداري ڪڏهن ڪونہ ڪنئي جو انهن جي خوشنودي تحريڪ جي مفاد تي چڙهت ڪري وجي ها يا ڪنهن معمولي کان معمولي اصول کي بہ ترڪ ڪرڻو پوي ها. بلڪ اهڙن موقعن تي انهن کي سختي سان هدايت ڪئي ۽ هڪڙي موقعي تي تہ کاڌ خوراڪ جو معيار وڌائڻ جي مطالبي تي ئي صاف صاف انهن کي چٽي ڏنو تہ هن فقيري ۾ ساٿ ڏئي سگهو تہ بهتر ورنہ مان توهان کي آجو ڪيان ٿو. ڇا اهي سڀئي ڳالهيون گڏجي انهن بيهودن اعتراضن جو پوري طرح صفايو ڪونہ ٿيون ڪري ڇڏين؟

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جون گهڻيون شاديون جن خاص ضرورتن پٽاندڙ هيون، اهي هي آهن:

قبائلي نظام جي اها خصوصيت آهي تہ حمايت جو دائرو گهڻو محدود هوندو آهي ۽ ان جون سرحدون گهڻو مضبوط رکيون وينديون آهن. قبائلي ذهن پنهنجي ۽ پرائي جي وچ ۾ پوري تعصب سان فرق ڪندو آهي. اندروني طور تي ڪنڊرڙيل بي شمار قبيلن کي گڏائڻ جي لاءِ جتي انسانيت گير نظريي جي ضرورت هئي، اتي قائد جي بہ اهڙي شخصيت جي ضرورت هئي جيڪا سيني جي لاءِ نہ تہ بہ گهڻن اهم قبيلن جي لاءِ پنهنجائپ رکندي هجي. عربن ۾ عملي طور اصلاح ۽ تعمير جو ڪم ڪرڻ ڪنهن اهڙي شخص جي لاءِ تہ بلڪل ممڪن ئي ڪونہ هيو جنهن جو پنهنجو ڪو قبيلو نہ هجي، بلڪ معزز قبيلو نہ هجي. ليڪن ڪم کي ڪاميابي تائين پهچائڻ جي لاءِ قبيلن جي وچ ۾ رابطن جي ضرورت هئي. اها سياسي ضرورت ڪجهہ شادي وارن تعلقاتن جي لاءِ سبب بڻي.

مثال طور، ام المومنين حضرت جُوَيرِيہ رضي الله تعاليٰ عنها جي معاملي کي ڏسو اها بنومصطلق قبيلي جي عورت آهي. سڄو قبيلو گهڻو طاقتور هيو ۽ ڌاڙن هڻڻ ۽ ڦرلٽ ڪرڻ ۾ مشهور هيو. خود حضرت جُوَيرِيہ رضہ جو پيءُ مشهور ڌاڙيل هيو. ان قبيلي اسلامي حڪومت سان شروع کان ئي سخت دشمني اختيار ڪئي. اهي نہ ڪنهن انتظام کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار هيا، نہ معاهدي وارن رابطن لاءِ راضي هيا، بلڪ مخالفت جي هر محاذ تي موجود هيا. آخر ان قبيلي کي فوجي طاقت ذريعي دٻايو ويو. حضرت جُوَيرِيہ رضہ قيدين ۾ آئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ان جي شادي ٿي تہ جماعت جي ماڻهن پوري قبيلي جي قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيو تہ اهي الله جي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا ساهرا ٿا مائٽ ٿي ويا آهن ۽ هاڻي اسان انهن کي قيدي

رکي نٽا سگھون. ان شادي جي برڪت ڏسو تہ پورو قبيلو ڏاڍا چڏي امن پسند ۽ نظام جو تابعدار ٿي ويو. هاڻي مديني جي حڪومت جو قائد انهن جو پنهنجو مائٽ هيو.

اهڙي طرح ام المومنين حضرت ميمونہ رضہ جي معاملي کي ڏسو. نجد جو علائقو جتي وڏي سياسي اهميت رکندڙ هيو (ڇو تہ عراق ويڃڻ جي لاءِ قريشن جو واپاري رستو ان پاسي کان بہ گذرندو هيو) اتي دعوت جي لاءِ اتان جي زمين گهٽي ڏکي ثابت ٿي. اتان جي ماڻهن هڪڙي دعوتي ۽ تعليمي وفد جي ستر قيمتي ماڻهن کي شهيد ڪري ڇڏيو هيو. وري نجد وارن ڪيترائي ڀيرا اسلام جي خلاف سازشون ڪيون هيون. حضرت ميمونہ رضہ نجد جي سردار جي زال جي ڀيڻ هئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان ان سان شادي ڪرڻ سان ئي ماحول بدلجي ويو ۽ نجد مديني جي اثر هيٺ ايندو ويو. ان کان علاوه، ان جون ڀيون ڀينرون وڏن سردارن سان پرڻيل هيون.

پوءِ ام المومنين ام حبيبہ رضہ جي باري ۾ غور ڪيو تہ اها قريشن جي وڏي سردار ابوسفيان جي نياڻي هئي. ان شادي کان پوءِ ابوسفيان وري ڪڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مقابلي لاءِ لڙائي جو ميدان ڪونہ سجايو ۽ ان جي مخالفت جو جوش ڪجھہ گهٽجي ويو. ان شادي مڪي جي فتح جو رستو گهٽي حد تائين هموار ڪري ڇڏيو.

اهڙي طرح حضرت صفيہ رضہ کي ڏسو. اها هڪڙي وڏي يهودي سردار حُيي بن اخطب جي نياڻي هئي. ان جي خانداني مرتبي جي حوالي سان اهو ڪنهن بہ نموني ۾ موزون نہ هجي ها جيڪڏهن ان کي ڪنهن معمولي گهر ۾ جاءِ ملي ها. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان سان نڪاح ڪيو تہ پوءِ يهودين ڪڏهن مخالفت واري محاذ کي وري جيارڻ جي ڪوشش ڪونہ ڪئي. حضرت صفيہ رضہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اجازت سان يهودي مائٽن جي مالي مدد بہ ڪندي رهندي هئي.

حضرت حفصہ رضہ جي نڪاح جي پس منظر ۾ ٻين سببن کان علاوه هڪڙو سبب اهو بہ ڪم ڪري رهيو هيو تہ اسلامي معاشري جي لاءِ جن خاص ساٿين کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجو مشير بڻائي قيادت جي ترتيب ڪئي انهن مان چئن ناليوارن ساٿين سان پاڻ سڳورن گهرا ذاتي تعلقات قائم ڪيا. حضرت ابوبڪر رضہ جي گهر مان پاڻ سڳورن حضرت عائشہ رضہ سان شادي ڪئي. حضرت عثمان رضہ کي هڪ کان پوءِ ٻي نياڻيون پرڻائي ڏنيون. حضرت علي عليہ السلام جي گهر کي حضرت فاطمہ الزهرا سلام الله تعاليٰ عليها سان زينت بخشي. انهي صورت ۾ حضرت عمر رضہ کي مائٽي واري انهي حلقي کان ٻاهر نٽي رکي سگهيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جي نياڻي کي بہ پنهنجي نڪاح ۾ ورتو. اهڙي طرح حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مرڪزي ڪڙي بڻجي مستقبل جي انهن قائدن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍائي ڇڏيو.

اهڙي طرح حضرت سَوده بنت زَمعَہ جو بنوعدي بنونجار (مديني) سان تعلق هيو. ان جي پهرين شادي سڪران بن عمرو سان ٿي هئي جيڪو حديبيہ واري معاهدي وقت قريشن جي نمائندي سهيل بن عمرو جو ڀاءُ هيو. سڪران حبش ۾ وفات ڪئي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙي طرف تہ ان جي دل رکڻ جي لاءِ ۽ ٻئي طرف حضرت خديجہ الڪبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها جي وفات کان پوءِ پنهنجي اڪيلائي ختم ڪرڻ جي لاءِ نڪاح ڪيو. اهو واقعو اعلانِ نبوت کان پوءِ ڏهين سال جو آهي. حضرت سوده رضہ جي ان وقت عمر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي برابر 50 سال هئي. بعد ۾ ان شادي واري جسماني حق ادائي کان ئي هٿ کڻي ڇڏيو هيو.

ـــــ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم زال مڙس وارن رابطن کي قائم ڪرڻ ۾ هڪڙي ٻي اهم بلڪ اڪثر ضرورت کي پورو ڪرڻ جي لاءِ خاص خيال بہ رکيو آهي. اسلامي تحريڪ ڪاميابي سان پنهنجا مرحلا تڏهن طئي ڪري سگهي ٿي جڏهن مردن جي حلقن سان گڏ عورتن جي حلقي ۾ بہ متوازي طور تي ڪم جاري هجي. اهو ڪم ان کان سواءِ ڪيئن ٿي سگهيو ٿي تہ عورتن جي رهنمائي ۽ تعليم جي لاءِ خود انهن جي ئي جنس (صنف) مان ڪجهہ ذهين عورتن کي اڳواڻ ۽ ڪارڪن طور تيار نہ ڪيو وڃي. پردي جي اسلامي نظام سان گڏ اها ضرورت صرف زال مڙس واري دائري ۾ ئي پوري ٿي سگهي ٿي. يعني جتي هر مسلمان فرد جي ذميواري آهي تہ اهو پنهنجي گهر جي عورتن کي اسلامي تحريڪ جي خدمتن جي لاءِ تيار ڪري، اتي پيغمبر ۽ قائد جي لاءِ گهڻي وڏيڪ ذميواري آهي تہ اهو پنهنجي گهر کي نموني وارو گهر بڻائي ۽ پنهنجي اهل بيت کي عورتن جي تعليم ۽ تربيت جي لاءِ تيار ڪري. اهائي ضرورت آهي جنهن موجب خود قرآن شريف ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زالن ۽ نياڻين تي خصوصي توجهہ ڏنو ويو آهي. تنهنڪري حضرت عائشہ صديقہ رضہ کان سواءِ حضرت حفصہ رضہ ۽ حضرت ام سلميٰ رضہ عورتن ۾ علمي ۽ ذهني قيادت جي قابل بڻيون ۽ ٻين زالن بہ اخلاقي حيثيت سان پنهنجو پاڻ کي تقليد جي قابل نمونو بڻايو.

ـــــ اڪثر ڪري زال مڙس وارن رابطن ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ٻي ڌُر جي دل رکڻ لاءِ غير معمولي بندوبست بہ ڪرڻو پيو. مثال طور پنهنجي ڦڦات حضرت زينب رضہ بنت جحش جي شادي خود پاڻ سڳورن جي زور ڀرڻ تي زيد رضہ بن حارث سان ٿي هئي ۽ مقصد اهو هيو تہ خانداني وڏاين جون تنگ نظري واريون حدون ٽُٽي وڃن. بدقسمتي سان شادي ڪامياب ڪونہ ٿي ۽ نوبت طلاق تائين پهچي وئي. حضرت زينب رضہ جي پريشاني ظاهر هئي ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان ۾ پنهنجي ذميواري بہ محسوس ڪندا هوندا ۽ پاڻ شادي ڪري بهترين شڪل ۾ تلافي ڪري سگهيا ٿي. مگر جاهليت جي هڪڙي غلط روايت حائل هئي. زيد رضہ بن حارث کي پاڻ سڳورن گود ورتل پٽ بڻائي رکيو هيو ۽ عربن جي رواج مطابق اهڙي صورت ۾ پي

پٽ وارا حق هر معاملي ۾ ايندا هيا. ان رسم کي الله تعاليٰ ٽوڙي ڇڏيو ۽ خاص اجازت سان حضرت زينب رضہ کي پاڻ سڳورن جي نڪاح ۾ ڏنو.

مٿي اسان امِ حبيبہ رضہ بنت ابو سفيان سان شادي ڪرڻ جي سياسي مصلحت بيان ڪئي آهي، مگر ان جو بہ هڪڙو سبب دل رکڻ هيو. ان جي عبيدالله نالي شخص سان شادي ٿي هئي ۽ ان سان گڏ هجرت ڪري حبش وئي هئي. اتي مڙس مذهب مٽائي نصراني ٿي ويس ۽ شراب پيئڻ جي عادت ۾ ڦاسي مري ويو. امِ حبيبہ رضہ اسلام جي لاءِ گهڻي ثابت قدمي ڏيکاري، بهرحال، وطن کان پري مڙس طرفان اسلام ترڪ ڪرڻ ۽ پوءِ مري وڃڻ ٿو صدمو هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خاص قاصد (عمرو بن اميہ ضمري) کي نڪاح جي پيغام سان نجاشي بادشاهہ ڏانهن موڪليو. امِ حبيبہ رضہ کي اطلاع مليو تہ ايتري خوش ٿي جو خوشخبري پهچائڻ واري شاهي ٻانهي کي پنهنجا زيور ڏئي ڇڏيائين. نجاشي بادشاهہ پاڻ نڪاح پڙهايو. امِ حبيبہ رضہ پنهنجي ماروٽ خالد بن سعيد بن ابوالعاص کي وڪيل بڻايو. نجاشي بادشاهہ حق مهر جا چار سَوَ درهم پنهنجي طرفان ادا ڪيا ۽ دعوت ڪئي. ڪجهہ روايتن مطابق مديني ۾ ٻيهر نڪاح ٿيو ۽ وليمو بہ ڪيو ويو.

اهڙي طرح ام المساڪين زينب رضہ بنت خُزَيمہ بن حارث هلاليہ (بن بڪر بن هوازن) حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڦڦات عبدالله بن جحش جي نڪاح ۾ هئي. ان جي شهادت (اُحد واري لڙائي ۾) ٿي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کي بيوه ٿي مان ڪڍي پنهنجي حرم ۾ شامل ڪيو. ظاهري ڳالهہ آهي تہ اهو خالص گهريلو معاملو هيو ۽ دل رکڻ سان گڏ ان ۾ خانداني پهلوئن جو بہ لحاظ رکيو ويو هوندو.

تحقيق مطابق حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪُل يارهن شاديون ڪيون. ان کان وڌيڪ واريون ڪمزور روايتون ثبوت تي پورو ڪونہ ٿيون لهن. انهن مان حضرت خديجہ رضہ هجرت کان اڳ (نبوت جي ڏهين سال) وفات ڪئي ۽ زينب رضہ بنت خُزَيمہ صرف 3 مهينا نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي زال رهي 3 هجري ۾ فوت ٿي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ظاهري عمر جي بلڪل آخري دور ۾ هيا جڏهن حرم ۾ هڪ ئي وقت 9 زالون هيون ۽ انهن مان بہ حضرت سَودَه رضہ دنياوي رغبتن کان بي نياز ٿي پنهنجي حق ادائي تان هٿ کڻي وئي هئي. ليڪن جڏهن قانونِ الاهي چئن زالن جي پابندي هنئي تہ ان کان پوءِ پاڻ سڳورن شادي ڪونہ ڪئي. عام مسلمانن جي مقابلي ۾ قانون پاڻ سڳورن کي هڪڙي ڇوٽ ڏني. عام مسلمانن کي تہ اهو حڪم مليو تہ جيڪڏهن ڪنهن وٽ چئن کان وڌيڪ زالون هجن تہ اهو وڌيڪ زالن کي طلاق ڏئي ڇڏي ليڪن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي اجازت ڏني وئي تہ سيني زالن کي گڏ رکي. ان ڇوٽ جو اهو سبب هيو تہ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ علي وآلہ وسلم جي زالن کي ديني ضرورتن هيٺ مومنن جون مائرون (امهات المومنين) قرار ڏئي

محرمات ۾ داخل ڪيو ويو هيو يعني انهن سان ٻئي ڪنهن جي بہ شادي ڪرڻ کي، حرام قرار ڏنو ويو هيو. هاڻي جيڪڏهن انهن مان ڪجهہ کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪان طلاق ڏياري وڃي ها تہ اهي بلڪل اڪيليون رهجي وڃن ها.

هاڻي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شادين وارن مائٽاڻن تعلقاتن جي سياسي اهميت کي ڏسو تہ انهن جي ڪري هڪڙي طرف مڪي جي قبيلن ۽ مهاجر برادري سان ۽ ٻئي طرف عربن جي عام قبيلن سان حڪومت جي قائد کي جيڪا رشتن جي ويجهڙائي حاصل ٿي ان جي وسعت کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ اسان واسطيدار خاندانن ۽ قبيلن جا نالا لکون ٿا. (1) بنواسد بن عبدالعزيٰ (2) بنوعامر بن لُوي (3) بنوتميم (4) بنوعدي (5) بنو مخزوم (6) بنو اميہ (7) بنواسد بن خزيمہ (8) بنومصطلق (9) عربستان جا يهودي (10) بنو ڪِلاب ـــ ڪلب ۽ سُليم (11) بنو ڪِنده.

انهن قبيلن جي علائقن کي جيڪڏهن جاگرافيائي ورهاست جي لحاظ ڪان ڏٺو وڃي تہ اندازو ٿئي ٿو تہ اصل ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شخصيت بين القبائلي درجي تي اچي وئي هئي، جيڪا سيني وڏن قبيلن جي لاءِ مرڪزي حيثيت رکڻ جي ڪري ان عظيم وحدت کي پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي جنهن جي تقاضا اسلامي تحريڪ ڪندي هئي. انهن تعلقاتن بي شمار رڪاوٽن ۽ باغياڻن عزمن کي ختم ڪري ڇڏيو. بلڪ گهڻيون ئي پراڻيون تاريخي دشمنيون بہ بي اثر ٿي ويون. سوچيو تہ هڪڙو عظيم نصب العين جنهن مان پوري انسانذات کي بهره مند ٿيڻو هيو ـــ هڪڙو عدل ۽ امن وارو نظام ۽ ڀائيچاري وارو هڪڙو عالمگير رابطو ڇا ايترو قيمتي شي ڪونہ هيو تہ ان جي لاءِ جيڪڏهن گهڻيون زالون پرڻجڻ سان عربستان جي قبائلي ماحول ۾ رستو هموار ٿئي تہ ڪيو وڃي. وري پوري عربستان کي وحدت، نظم، امن ۽ تهذيب جي راهہ تي هلائڻ جي لاءِ جيڪڏهن اها تدبير ڀڌري پٽ فائدي واري رهي بہ، تہ پوءِ آخر ان تي وٽ وٺان ڇو؟

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ اهو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو وڏو ايثار هيو تہ پاڻ سڄورن انساني ڀلائي جي مشن کي ڪامياب ڪرڻ جي لاءِ پنهنجين تمام گهڻين مصروفيتن سان گڏ آخري عمر ۾ آڪهہ پالڻ جو ايترو بوجهہ کنيو ۽ پنهنجي غربت واري حالت ۾ ڪهڙين مشڪلاتن سان اهل بيت جي لاءِ ڪاڌ خوراڪ ۽ خرچ پکي جو بندويست ڪيو ۽ گهرٻار جي ڪيترن جنجهٽن کي پنهنجي مٿان کنيو. ڪير بہ تصور نٿو ڪري سگهي تہ انهن سيني حالتن جي گڏجڻ سان ڪنهن آدم جي ٻچڙي کي ڪا عيش جي گهڙي تہ ڇا، ڪا سڪون جي گهڙي بہ هٿ لڳندي هجي. حقيقت اها آهي تہ پنهنجي اعليٰ مقصد جي خاطر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو اهو ايثار هيو جو گهڻين زالن جو بار کنيائون.

باقي جيڪو اسلامي تحريڪ جي سياسي پهلو جو تعلق آهي تہ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي وسيع ذاتي تعلقاتن ضرور رستا صاف ڪيا هوندا ۽ عوام جي لاءِ اسلام طرف وڌڻ آسان ڪري ڇڏيو هوندو.

## عوام پاڻ اڳتي وڌي ٿو:

ڪنهن بہ اصولي انقلابي تحريڪ وانگر محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪارنامي کي هن وڏن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪڙو اهو دور جڏهن اسلامي تحريڪ پاڻ عوام جي ويجهو وڃي انهن کي پڪاريندي هئي. ٻيو اهو دور جڏهن عوام پاڻ اڳتي وڌڻ لڳو ۽ اسلام جي دروازي کي پاڻ کڙڪائڻ لڳا تہ اسان اندر اچڻ گهرون ٿا. اهو ٻيو دور توسيع جو دور هوندو آهي ۽ اهو جڏهن اچي ويندو آهي تہ پوءِ سڀ رڪاوٽون ختم ٿي وينديون آهن، ۽ سيئي منفي رجحان ميدان ڇڏي ڏيندا آهن. مگر ان دور تائين پهچڻ جي لاءِ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي ساٿين وڏا وڏا جتن ڪيا ۽ رت ۽ پگهر هڪ ڪري ڇڏيا. هڪڙي طرف فڪري دعوت جي ميدان ۾ ثابت ڪري ڇڏيو تہ دليا جي قوت اسان سان گڏ آهي. ٻئي طرف اخلاقي دائري ۾ ڌاڪ ويهاري ڇڏي تہ اسلام جو ناهيل انسان انسانيت جو بهترين نمونو آهي. ٽئين طرف سياسي بصيرت جي لحاظ کان پنهنجي ڌاڪ ڄمائي ڇڏي تہ اسان معاملن جي ڳنڍين کي کولڻ ۽ ٻڌڻ ڄاڻندا آهيون. وري چوٿين طرف لڙائي جي ميدان ۾ پنهنجي بهادري مڃرائي ورتي تہ اسان مقابلو ڪري ڄاڻندا آهيون ۽ ظلم ۽ ڌاڍ کي لوها چڻا چٻرائي ڇڏيندا آهيون. دماغن کي متاثر ڪيو. دلين کي جنجهوڙيو. جذبن کي گڏ ڪنيو. سعادت مند دلين کي متفق بڻائي ڳلي لڳايو. جنگ پسند نہ ڪرڻ وارن قبيلن کي معاهدي واري نظام ۾ ڳڍايو ۽ جنگجو مخالفن جو جنگي زور ٻوڙي رستو صاف ڪيو. تڏهن وڃي اهو وقت آيو تہ عوام چئني طرفن کان اميد جي نئين مرڪز ــ مديني ڏانهن وڌڻ لڳا.

اهو دور ان سال کان شروع ٿئي ٿو جنهن کي "وفدن وارو سال" (عام الوفود) جو نالو ڏنو ويو آهي. يعني اهو سال جنهن ۾ عربستان جي ڪنڊ ڪڙڇ کان قبيلن پنهنجا وفد مديني موڪليا ــ اسلام قبول ڪرڻ جي لاءِ، سياسي وفاداري جو عهد ڪرڻ جي لاءِ، جاچ جوچ، تحقيق ۽ حالتن کي سمجهڻ جي لاءِ! هرطرف اسلام جي لاءِ اُڪير پيدا ٿي وئي. هڪڙي چرپر ۽ هلچل جي شروعات ٿي وئي. اهو دور مڪي جي فتح کان پوءِ وارن ٽن سالن، 8 هجري کان 10 هجري تي پکڙيل آهي. اهو ڄڻ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پوکيل فصل جي ڦل آڻڻ جو موسم هئي. توڙي جو اسان کي اختصار جو لحاظ رکڻو آهي پر سيرت جو اهو باب ايترو اهم آهي جو وفدن جو ذڪر سامهون اچڻ گهرجي. جو تہ وفدن جي اچڻ ۽ انهن جي ڳالهہ ٻولهہ ۽ انهن جي تاثرات مان

گهڻا مفيد سبق ملن ٿا. وري اهو بيان ان حقيقت کي واضح ڪري سگهي ٿو ته ڪيئن عوام الناس ڇئني طرفن کان اچي اسلام جي قدمن ۾ ڪريا. سيرت جي مختلف ڪتابن ۾ مديني ۾ اچڻ وارن وفدن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ 15 ۽ وڌ ۾ وڌ 104 ملي ٿو. اسان انهن مان صرف اهم ۽ مشهور وفدن جو ذڪر ڪنداسين. انهن مان به تفصيل صرف ڇئن پنجن وفدن جو ڏجي ٿو. عام الوفود کان اڳ 5 هجري ۾ ئي ايڪڙ ٻيڪڙ وفد اچڻ لڳا هيا. سو اتان شروعات ڪيون ٿا.

## 1. مُزَينہ قبيلي جو وفد:

اهو گهڻو وڏو قبيلو هيو ۽ نسبي سلسلو مٿي وڃي قريشن سان ملي ويو ٿي. مشهور اصحابي نعمان بن مقرن ان قبيلي مان هيو. 5 هجري ۾ ان قبيلي جي ڇئن سَوَن ماڻهن جو عظيم وفد نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ اسلام قبول ڪيائون. گهڻو ڪري مديني ۾ اچڻ وارو سڀني کان پهريون عوامي نمائنده وفد اهو ئي هيو. مديني کان واپسي تي انهن کي رستي جي کاڌ خوراڪ لاءِ ڪتل ڏني وئي هئي.

## 2. بنو تَمِيم قبيلي جو وفد:

اهو وفد به شروعاتي دور ۾ آيو ۽ وڏي ڌام ڌوم سان آيو. قبيلي جا وڏا وڏا رئيس (اَقرَع بن حَابس زِبرِقان، عمرو بن الاهتم، نعيم بن يزيد ۽ عُيينہ بن حصن فزاري) پاڻ وفد ۾ شريڪ هيا. ان وفد جي ڪري ڪافي ڇهڇٽو رهيو. ان وفد جا ماڻهو مسجد ۾ داخل ٿيا ته گهڻي رُکي نموني سان حجري جي پرسان آواز ڏنائون. "محمد، اي محمد! (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) ٻاهر اچ!" تنهن ڪري وحي الاهي (سورت حجرات) انهن کي شائستگي جو سبق به ڏنو. اهي ماڻهو ايئن ته اسلام کي دل ڏئي ئي گهرن کان هليا هيا، مگر اڃا عربي فخر وارو رنگ انهن جي طبيعت ۾ باقي هيو. انهن خواهش ڏيکاري ته ٻنهي ڌرين جا خطيب ۽ شاعر مجمعي ۾ پنهنجي فصاحت ۽ بلاغت جا جوهر ڏيکارين. دراصل عربن جا ڪجهه اعليٰ قبيلا ڪنهن قيادت کي تڏهن قبول ڪري سگهندا هيا جڏهن ان جي ذهني برتري جا به اهي قائل ٿي وڃن. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم به ان خطاب ڪرڻ ۽ فخر ڪرڻ واري دعوت کي مصلحت ڏسي قبول ڪيو.

عطارد بن حاجب بنو تميم جو ناليوارو خطيب هيو. ان پنهنجي قبيلي جي قيادت و سرداري ۽ دولت و مرتبي کي تقرير ۾ پيش ڪيو ۽ چيو ته "اسان سان همسري ڪرڻ جي جنهن کي دعوا هجي، اهو اهڙيون خصلتون ۽ وصفون سامهون آڻي."

نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اشاري تي اسلامي تحريڪ جو هڪڙو خطيب ثابت بن قيس جوابي تقرير جي لاءِ اٿيو. ان هڪڙي پرزور خطبي ۾ فخر جي هلڪي رنگ جي پردي ۾ دعوت جو مقصد ظاهر ڪيو ۽ ان کي اسلامي معاشري جو فخر وارو سرمايو قرار ڏنو. ڪجهه جملا اصل عربي ۾ ڏسو. ڇا ته ڍنگ آهي:

"اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِی السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ خَلْقَهٗ، قَضٰی فِیْهِنَّ اَمْرَهٗ وَسِعَ كُرْسِیُّهٗ عِلْمَهٗ! ..... ثُمَّ كَانَ مِنْ قُدْرَتِهٖ اَنْ جَعَلَنَا مُلُوْكًا وَاصْطَفٰی مِنْ خَیْرِ خَلْقِهٖ رَسُوْلاً. اَكْرَمَهٗ نَسَبًا وَاَصْدَقَهٗ حَدِیْثًا وَ اَفْضَلَهٗ حَسَبًا ..... ثُمَّ دَعَا النَّاسَ اِلَی الْاِیْمَانِ بِهٖ فَآمَنَ بِرَسُوْلِ اللّٰهِ الْمُهَاجِرُوْنَ مِنْ قَوْمِهٖ وَ ذَوِیْ رَحِمِهٖ، اَكْرَمُ النَّاسِ حَسَبًا، وَ اَحْسَنُ النَّاسِ وُجُوْهًا وَ خَیْرُ النَّاسِ فَعَالاً ..... فَنَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ وَزَرَاءُ رَسُوْلِهٖ ......"

پوءِ تميم وارن جي مشهور شاعر زبرقان بن بدر قصيدو پڙهيو. رنگ هي هيو.

نَحْنُ الْكِرَامُ فَلَا حَیٌّ یُعَادِلُنَا مِنَ الْمُلُوْكِ وَفِیْنَا تُنْصَبُ الْبِیَعُ

(اسان اشراف آهيون ۽ ڪوئي قبيلو اسان سان همسري نٿو ڪري سگهي. اسان ۾ تاجدار آهن ۽ اسان عبادتگاهون تعمير ڪندا آهيون.)

اسلامي تحريڪ جو انقلابي شاعر حضرت حسان رضه موجود ڪونه هيو. ان کي ڳولي وٺي آيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم فرمايو. "حسان! اٿ. هن شخص جي شاعري جو جواب ڏي" ابن هشام ان جو قصيدو نقل ڪيو آهي. وفد اعتراف ڪيو ته اسان جي خطيب ۽ شاعر کان الله جي رسول (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) جا خطيب ۽ شاعر برتر آهن. ان اعتراف کان پوءِ سيئي ماڻهو اسلام جي رحمت واري ڇانوَ ۾ اچي ويا.

## 3. بنو عبد القَيس جو وفد:

بحرين جي علائقي ۾ اسلامي دعوت جي شروعات منقذ بن حبان جي ذريعي شروع ۾ ئي ٿي وئي هئي. اثر جو حلقو وسيع ٿيڻ لڳو. 5 هجري ۾ تيرهن ماڻهن جو وفد مديني آيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم طرفان پڇا ڪرڻ تي جڏهن انهن ٻڌايو ته اسان ربيعه خاندان جا فرد آهيون ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم "مَرحَبًا! لَا خَزَايَا وَلَا نَدَامَیٰ" چئي انهن جي عزت افزائي ڪئي. وفد جي طرفان درخواست ڪئي وئي ته جيئن ته اسان جو علائقو گهڻو پري آهي ۽ رستي ۾ مضر قبيلي جي ڪافرن جا ڳوٺ آهن. انهيءَ ڪري اسان چئن مهينن کان علاوه سفر ڪري ڪونه ٿا سگهون. تنهنڪري اسان کي ڪجهه مقرر ڳالهيون ٻڌائي ڇڏيو جن تي اسان باقاعدگي سان عمل ڪيون ۽ پنهنجي ماڻهن کي ٻڌايون. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم توحيد، نماز روزا ۽ خمس ڏيڻ جي تلقين ڪئي ۽ شراب ناهڻ کان پاسو ڪرڻ جي لاءِ چئن قسمن جي استعمال ٿيندڙ ٿانون: دباء، حنتم، نقير ۽ مزفت کي استعمال ڪرڻ کان منع ڪئي. وفد جا ماڻهو بحرين جي جاهلي ثقافت جي باري ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي معلومات ٻڌي حيران ٿي ويا. ليڪن آخرڪار زندگيءَ جي نظام کي تبديل ڪرڻ واري تحريڪ جو سربراه دعوت هيٺ ايندڙ علائقن جي حالتن کان بي خبر رهي ڪيئن هلائي سگهيو ٿي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي معلومات ڪجهه ته

ذاتي سفرن ڪري حاصل ٿيل هئي ۽ ان کان علاوه مڪي ۽ مديني جي مرڪزي ماڳن تي ڪنڊڪرڇ کان ماڻهو ايندا هيا ۽ انهن کان گهڻيون ڳالهيون چاڻ ۾ ايندڀون هيون.

ان وفد ۾ هڪڙو شخص جارود بن العلاء بہ هيو جيڪو عيسائي هيو. ان عرض ڪيو تہ مان هڪڙي مذهب تي هلي رهيو آهيان. جيڪڏهن ان کي ڇڏي توهان جو دين اختيار ڪيان تہ ڇا توهان ضامن رهندا (يعني آخرت ۾ ڪو وبال تہ ڪونہ ايندو). حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو. "ها. مان ضامن آهيان. ڇو تہ مان جنهن دين جي طرف دعوت ڏيان ٿو اهو توهان جي مذهب کان افضل آهي." جارود هڪدم مسلمان ٿي ويو ۽ ان جا هم مذهب ساٿي بہ اسلام جي حلقي ۾ داخل ٿي ويا.

## 4. بنو سعد (بن بڪر) جو نمائندو:

بنوسعد قبيلي وارن ضِمام بن ثَعلَبہ کي نمائندو ڪري موڪليو. اهو اُٺ تي سوار عجيب سادي بدوي انداز ۾ مسجد نبوي ۾ آيو ۽ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اصحابن کان پڇيو: "توهان ۾ عبدالمطلب جو پٽ (يعني اولاد) ڪهڙو آهي؟" ماڻهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڏانهن اشارو ڪيو تہ اهو پوري رنگ وارو الله جو رسول آهي! پرسان آيو ۽ چيائين. "اي عبدالمطلب جا پٽ! ڪجهہ ڳالهيون سختي سان پڇندس، دل ۾ نہ ڪجان." حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اجازت ڏني. پوءِ ان قسم ڏئي دين جون ڪجهہ ڳالهيون (توحيد. رسالت. نماز. زڪوات وغيره) جي باري ۾ پڇيو تہ ڇا توهان ايئن چئو ٿا؟ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هائو ڪندا، تصديق فرمائيندا ويا. سڀ جواب وٺي چيائين. "منهنجو نالو ضِمام بن ثَعلَبہ آهي. مون کي منهنجي قوم موڪليو آهي. مان وڃان ٿو ۽ توهان جيڪو ڪجهہ ٻڌايو آهي ان مان نہ ذري برابر اضافو ڪندس، نہ گهٽتائي." ـــ ۽ اُٺ تي چڙهي روانو ٿي ويو. ان جي وڃڻ کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو. "جيڪڏهن اهو سچ چوي ٿو تہ ان پلائي پاتي."

واپس وڃي ان قوم ۾ طوفاني انداز ۾ دعوت ڏني تہ پائرو! مان الله ۽ ان جي رسول (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) تي ايمان آندو آهي. لات ۽ عزا وغيره جي ڪا حقيقت ڪونهي. ماڻهن ڊيڄاريس تہ توتي اهڙين ڳالهين جي ڪري انهن جو عذاب نہ اچي ۽ چريائپ يا ڪوڙهہ نہ ٿي وڃي. ضمام چيو. "الله جو قسم! اهي نہ نفعو پهچائي سگهن ٿا ۽ نہ نقصان." شام ٿيڻ کان اڳ پورو قبيلو اسلامي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو.

## 5. اشعريين (يمن) جو وفد:

اهو يمن جو هڪڙو معزز قبيلو هيو ۽ ابو موسيٰ اشعري ان ئي قبيلي جو فرد هيو. انهن تائين حق جي دعوت مڪي دور ۾ (طفيل دوسي ۽ حبش وارن مهاجرن جي ذريعي) پهچي چڪي هئي. متاثرين مان ٿي شخص هجرت جو عزم ڪري مديني هليا تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان فيض حاصل ڪنداسين ۽ حق جي تحريڪ کي مدد

بہ ڪنداسين. سامونڊي سفر هيو. رستي ۾ مخالف هوا هلي ۽ جهاز حبش جي سامونڊي ڪناري تي وڃي پهتو. اتي اهي پهرين هجرت جي سعادت ملڻ واري اسلامي جماعت سان وڃي مليا. ڪجهہ وقت اتي رهي حضرت جعفر طيار رضہ جي ساٿ ۾ ڪجهہ نومسلم حبشين کي بہ گڏ وٺي اهي مديني روانا ٿيا ۽ خيبر جي فتح واري موقعي تي (7 هجري) بارگاهہ رسالت ۾ اچي حاضر ٿيا. انهن جي جذبي سان بي اختيار ٿيڻ واري اها حالت هئي جو منزل مقصود تي پهتا تہ زبان تي خاموشي مان هي گيت جاري ٿي وين ٿي:

غَدًا نَلْقِي الْاَحِبَّةَ مُحَمَّدًا وَ حِزْبَهٗ

(سڀاڻي اسان پنهنجن ساٿين سان وڃي ملنداسين. يعني محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) ۽ ان جي جماعت سان.)

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي اطلاع مليو تہ دوستن کي چيائون. "توهان وٽ يمن جا ڪجهہ ماڻهو اچي رهيا آهن (خيال رهي تہ) اهي ماڻهو دل جا نرم ۽ سڀاجها هوندا آهن." پوءِ فرمايائون. "ايمان آهي تہ يمن جو! حڪمت آهي تہ يمن جي!"

پوءِ ملاقات ٿي، ڳالهيون ٿيون، سوال ڪيا ويا، جواب ڏنا ويا ۽ مديني جي فضا ۾ هڪڙو نئون رنگ پرجي ويو.

## 6. دَوس (يمن) جو وفد:

اسان پڏائي چڪا آهيون تہ طفيل دوسي مڪي جي شروعاتي دور ۾ دعوت تي اسلام قبول ڪيو هيو. ان وڃڻ سان ئي زور شور سان ڪم ڪيو ۽ ان جو پيءُ ۽ زال تہ هڪدم ان سان گڏ مسلمان ٿي ويا. ڪجهہ پيا ماڻهو بہ متاثر ٿيا. مگر قبيلو گهڻي وڏي اخلاقي ڏيوالپڻي ۾ ڦاٿل هيو ۽ بدڪاري پکڙجي وئي هئي. اهڙين حالتن ۾ ان جي سخت طبيعت ۽ جوشيلي پڻ جي ڪري ڪم اڳتي وڌي نہ سگهيو. اهو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان اچي مليو ۽ قوم جي شڪايت ڪري دعا لاءِ عرض ڪيو. پاڻ سڳورن ان کي دعوت لاءِ نرم انداز اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪئي ۽ دوس وارن جي اصلاح جي لاءِ الله کان دعا گُهري. هاڻي طفيل وڃي ڪم شروع ڪيو تہ رستا کلندا ويا ۽ 5 هجري ۾ گهڻن ئي گهرن ۾ اسلام جون شعاعون داخل ٿي ويون، ايستائين جو 7 هجري ۾ 80 خاندان هجرت ڪري مديني اچي ويا ۽ انهن ئي مهاجرن ۾ حضرت ابوهريره رضہ جهڙي قيمتي شخصيت بہ هئي.

## 7. صُداء جو وفد:

ان قبيلي منجهان پهريان زياد بن حارث صُدائي نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ آيو هيو. پوءِ ان وڃي ڪجهہ اثر وڌو. 8 هجري ۾ 15 ماڻهن جو هڪڙو وفد پوري قبيلي جو نمائندو ٿي حاضر ٿيو. سعد رضہ بن عباده انهن جو ميزبان هيو. ان کاڌ خوراڪ کان علاوه انهن جي لاءِ ڪپڙن جو انتظام بہ ڪيو. انهن حضور

صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هٿ تي اسلامي تحريڪ ۾ شريڪ ٿيڻ جي بيعت ڪئي ۽ قبيلي جي طرف کان تعاون جي پيشڪش ڪئي. ان وفد جي واپس وڃڻ تي ڪم تيزي سان ٿيو. حج الوداع جي موقعي تي ان قبيلي جا هڪ سَوَ ماڻهو مڪي پهتا.

مڪي جي فتح کان اڳ واري دور ۾ اهي وفد ايئن سامهون اچن ٿا جن جو ذڪر تاريخ ۾ محفوظ آهي. مڪي جي فتح کان پوءِ تہ هڪڙو عوامي سيلاب هيو جيڪو چئني طرفن کان اسلام جو ساٿ ڏيڻ جي لاءِ ڏوڪيندو آيو. 9 هجري ۽ 10 هجري ۾ گهڻي تعداد ۾ وفد مديني پهتا ـــــ انهن جو مختصر طور تي ذڪر ڪجي.

## 8. ثقيف (طائف) وارن جو وفد:

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن مڪي جي فتح کان پوءِ واپس آيا تہ عُروه رضہ بن مسعود ثقفي حاضر ٿي اسلامي حلقي ۾ داخل ٿيو ۽ بنوثقيف ۾ دعوت پکيڙڻ جو ارادو ظاهر ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ثقيف وارن جي غرور ۽ تڪبر کي نظر ۾ رکندي احتياط جو مشورو ڏنو ۽ انديشو ظاهر ڪيو تہ اهي توکي قتل نہ ڪري ڇڏين. حضرت عُروه رضہ کي پنهنجي اثر رسوخ تي گهڻو اعتماد هيو. تنهنڪري زور ڪري ڪم ڪرڻ جي اجازت ورتي. واپس پهچڻ سان ئي گهر جي ڇت تي بيهي اسلام جي پڪار بلند ڪئي. ان جي توقع جي خلاف هر طرف کان تير اندازي شروع ٿي وئي ۽ هڪڙي تير لڳڻ ڪري اهو شهيد ٿي ويو. بنوثقيف وارا ڪرڻ جي لاءِ تہ اها حرڪت ڪري ويٺا، مگر ان ظالماڻي قدم انهن جي ضميرن ۾ ڇهنڊڙي هنئي. اهي معاملي تي ٿڌي دل سان سوچڻ لاءِ مجبور ٿي ويا. مهيني کان پوءِ انهن هڪڙي گڏجاڻي ڪوٺائي جنهن ۾ صورتحال جو حقيقت پسنداڻو جائزو وٺي ان سوال تي غور ڪيو ويو تہ آيا اسان پوري عربستان جو مقابلو ڪري سگهون ٿا. جيڪو اسلام جي حڪومت هيٺ اچي چڪو آهي. آخرڪار طئي ٿيو تہ مديني ۾ ڪنهن نمائندي کي موڪليو وڃي. بعد ۾ پورو وفد تيار ڪيو ويو. عثمان بن ابوالعاص، اوس بن عوف ۽ بهز بن خرشہ (بنو مالڪ مان)، حڪم بن عمرو بن وهب ۽ شُرَحبِيل بن غيلان (ساٿاري قبيلن طرفان) وفد ۾ شريڪ ٿيا. طائف جو سردار عبدياليل انهن کي ساڻ ڪري مديني ويو. ياد رکو تہ هي اهوئي عبدياليل آهي جنهن ٻارهن سال اڳ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هيو ۽ ڇڙواڳ نوجوانن کي پاڻ سڳورن جي پٺيان لڳائي ڇڏيو هيو.

رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تبوڪ کان واپس پهتا تہ اهو وفد مديني پهتو. انهن جي لاءِ مسجد جي پرسان خيمو کوڙيو ويو. خالد بن سعيد بن عاص ڏُرين جي وچ ۾ گفتگو جو ذريعو بڻيو. انهن ماڻهن عجيب شرط پيش ڪيا.

هڪڙو شرط اهو هيو تہ ٽن سالن تائين انهن جو بت "لات" نہ ڊاهيو وڃي. پوءِ ان مدت کي گهٽائيندا گهٽائيندا اهي ان کي هڪڙي مهيني تائين ڪٽي آيا. اهو بت جنهن جامد ذهنيت جو مظهر هيو اها ذهنيت اندران مجي ڪونہ رهي هئي. انهن اهو لڪل انديشو ظاهر ڪري ڇڏيو تہ اسان جي بتن کي جيڪڏهن معلوم ٿي ويو تہ انهن کي ٽوڙيو پيو وڃي تہ ممڪن آهي تہ اهي سيني ماڻهن کي ختم ڪري ڇڏين. حضرت عمر رضہ اهو ٻڌي رهيو هيو اهو ماٺ رهي ڪونہ سگهيو. عبدياليل کي مخاطب ٿي چيائين. "ڪهڙيون بيوقوفي جون ڳالهيون ڪري رهيو آهين. توهان جا اهي معبود تہ بس پٿر آهن." عبدياليل چڙ مان چيو تہ "اي ابن خطاب! اسان توسان ڳالهائڻ ڪونہ آيا آهيون. اسان جو معاملو رسول الله (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) سان آهي." بهرحال، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن اهو شرط ڪنهن بہ قيمت تي قبول نہ ڪيو تہ اهي ان تي راضي ٿي ويا تہ ڊاهڻ جي ڪارروائي اسان جي هٿان نہ ڪرائي وڃي، بلڪ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجا ماڻهو موڪلين. تنهنڪري ابوسفيان بن حرب ۽ مُغيره بن شُعبہ کي نامزد ڪيو ويو.

پوءِ انهن چيو تہ اسان کي نماز پڙهڻ کان آجو رکيو وڃي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو. "جنهن دين ۾ عبادت ڪونهي، ان ۾ ڪا ڀلائي ڪونهي."

وفد جي هڪڙي رڪن اها بہ درخواست ڪئي تہ الله جا رسول! اسان کي زنا جي اجازت ڏيو. ان کان سواءِ تہ اسان جي لاءِ ڪو چارو ئي ڪونهي. وري اهي چوڻ لڳا تہ چڱو اسان جي لاءِ وياج ڏيڻ وٺڻ جي تہ گنجائش ڪڍو. اهڙي طرح شراب پيئڻ جي چوٽ گهريائون.

انداز اهڙو هين جڻ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪوئي دوڪان کولي رکيو هجي تہ اتان هرهڪ پنهنجي پنهنجي پسند جو سودو خريد ڪري سگهي ۽ جيڪا شي چاهي ڇڏي ۽ جيڪا شي وڻي اها خريد ڪري. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن مطالبن جي جواب ۾ قرآن شريف جون آيتون پڙهي ٻڌائيندا ويا تہ اهوئي تہ خدائي ضابطو آهي، نہ ڪي ڪنهن جو هٿ ٺوڪيو قانون. جڏهن اهي فضول شرط رد ٿي ويا تہ پوءِ وفد وارا مشورو ڪري انهي نتيجي تي پهتا تہ جيڪڏهن اسان اسلام جا مطالبا نٿا مڃون تہ اسان جو حشر بہ هڪ ڏينهن مڪي وارن جهڙو ٿيندو. مجبور ٿي اطاعت جي لاءِ ڪنڌ جهڪايائون ۽ معاهدو لکيو ويو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن کي صرف ٻن ڳالهين ۾ ڍر ڏني. يعني ڪجهہ عرصي تائين انهن کان زڪوات وصول نہ ڪئي ويندي ۽ انهن کي جهاد ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو ويندو. ليڪن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي توقع جي مطابق جڏهن اسلام دلين ۾ گهر ڪري ورتو تہ تقاضائون ازخود پوريون ٿيڻ لڳيون.

وفد ۾ هڪڙو مخلص نوجوان عثمان بن ابوالعاص شريڪ هيو. اهو واندڪائي جي وقت ۾ اسلام جي حقيقت، شريعت جا احڪام ۽ اسلامي نظام جي تقاضائن جو عِلم حاصل ڪندو هيو. ان کي ئي امير مقرر ڪيو ويو. اهي جڏهن واپس پهتا ته پهريان ته انهن ڊرمائي طريقي سان مخالفت وارو تاثر بيان ڪيو ته محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) وڏا ناقابل قبول شرط رکيا آهن. تنهنڪري جنگ جي تياري ڪيو. ٻن ڏينهن تائين گهڻي جوشيلي فضا قائم رهي. آخرڪار ماڻهو پاڻهي چوڻ لڳا ته پلا اسان محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) سان ڇا وڙهنداسين. جڏهن پورو عربستان ان جي اطاعت ڪري رهيو آهي ته ويو اهو جيڪو ڪجهه چوي اهو قبول ڪيو. ايئن ماحول تيار ڪري وفد وارن پوءِ پنهنجو حقيقي تاثر بيان ڪيو. اسان محمد (صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم) کي تقوا، وفا، رحم ۽ صدق ۾ گهڻو مٿانهون ڏٺو آهي ۽ اسان جي مسافري گهڻي برڪت واري رهي.

بتن کي ڊاهڻ جي لاءِ ابوسفيان بن حرب ۽ مغيره بن شعبه به وفد سان گڏ روانا ٿيا. انهن جڏهن ڪارروائي شروع ڪئي ته عورتن ۽ ٻارن جو هجوم اهو ڏسڻ لاءِ ڪنو ٿي ويو ته انهن تي ڇا ٿو گذري. ڪجهه عورتون ڊپ مان روئي رهيون هيون. انهن جو خيال هيو ته زمين ۽ آسمان جو نظام ٽُٽي نه پوي. انهن شعر ڳائي روڄ راڙو به ڪيو ته "ماڻهن تي روئو جو انهن بزدلن پنهنجا بت دشمنن جي حوالي ڪري ڇڏيا ۽ روڪي ڪونه سگهيا."

اهوئي طائف جيڪو هڪڙي ڏينهن حق جي داعي تي پٿر اڇلائي رهيو هيو اڄ ان جي اشاري تي انهن جو جاهلي نظام خود انهن جي اکين سامهون تباهه ڪيو پئي ويو.

ڏسو ته طائف عربستان جي جاهلي نظام جو هڪڙو وڏو ڳڙهه هيو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم گهيراء ڪرڻ کان پوءِ بس انهي خيال سان ڇڏي ڏنو هيو ته اسلام جي ملڪ گير ماحول جي اندر هاڻي بنوثقيف وارا پنهنجو الڳ جزيرو ته ناهي رهي نٿا سگهن. تنهنڪري رتوڇاڻ ڇو ٿئي. مڪي جيڪڏهن حق جي نظام جي اڳيان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ته طائف جيڪو مڪي جي به تابع رهيو آهي، ان جو ڪنڌ سڃي زندگي آڪڙيل نٿو رهي سگهي. جيڪڏهن ڪو جنگ کي پسند ڪندڙ فاتح هجي ها ته هڪڙو پيرو وقار جي خاطر ئي مقابلي کي پڄاڻي تي پهچائي ها. ليڪن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي جيئن ته اڪثر صورتن کان سواءِ قوت جو استعمال پسند ڪونه هيو انهيءَ ڪري گهيراء هٽائي ڇڏيائون ۽ مهم نامڪمل ڇڏي ڏني. مقصد اهوئي هيو ته بعد ۾ جڏهن ثقيف وارا ٿڌي دل سان حالتن تي غور ڪندا ته رغبت سان اطاعت جو رستو اختيار ڪري وٺندا، ۽ هڪڙي تعميري اصلاحي انقلاب جي لاءِ اهائي صورت وڌيڪ فاعدي واري ٿي سگهي پئي. بعد ۾ ايئن ئي ٿيو.

## 9. بنو حنفيہ جو وفد:

انهن ماڻهن جو تعلق يمامہ جي علائقي سان هيو. انهن تائين اسلام ثُمامہ بن اُثال جي دعوت سان پهتو ۽ پوءِ اهي پاڻ مديني اچي نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان مليا ۽ اسلامي تحريڪ جي پاڇي ۾ داخل ٿيا.

ان ئي وفد سان گڏ مسيلمہ ڪذاب بہ آيو هيو. ان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪيون تہ جيڪڏهن محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) اها ڳالهہ طئي ڪن تہ پنهنجو جانشين مون کي مقرر ڪندا تہ بيعت ڪندس. اصل ۾ نبوتِ محمدي جي عظيم الشان ڪاميابين کي ڏسي ان شخص جي وات ۾ پاڻي پرجڻ لڳو هيو ۽ ان خبر ناهي ڪڏهن کان ايئن سوچڻ شروع ڪري ڇڏيو هوندو تہ ڪجهہ ادبي عبارتن کي جيڪڏهن الهام طور پيش ڪيو وڃي ۽ مقابلي ۾ هڪڙو نبوت جو جهنڊو اپو ڪيو وڃي تہ ڪجهہ کيل تيار ڪري سگهجي ٿو. مگر اهو سمجهي ڪونہ رهيو هيو تہ ڪردار جي اها قوت ڪٿان ايندي جيڪا ويهن سالن کان مخالفتن جون زهر اوڳاڇيندڙ واديون طئي ڪري رهي هئي. انهن ئي خيالن جي ڪري ان جو ذهن سوداگري لاءِ تيار ٿي ويو هيو. ان جي منشا اها هئي تہ يا تہ مون سان سودو ڪيو ورنہ مان پورو پورو ڍونگ رچائيندس.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جو ذهن پڙهي ورتو ۽ ان وقت کجي جي جيڪا ڇڙهي هٿ ۾ هيئن اها اڳتي ڪري فرمايائون تہ مان تہ اها ڇڙي ڏيڻ جي شرط تي بہ بيعت وٺڻ ڪونہ ٿو گهران. يعني اسلام ڪو واڻئي جو دوڪان ڪونهي جنهن جي واپاري جنس کي وڪڻي ڪنهن کي ذاتي نفعو ڪمائڻو هجي ۽ سودا ڪري بيعت وٺي ۽ ماڻهن کي جماعت ۾ شريڪ ڪري جيڪو حق کي مڃيندو هجي، اهو ان جي علمبرداري کي پنهنجو ذاتي فرض مڃي اڳتي اچي. ڪنهن تي احسان ڪرڻ جو ڇا مطلب!

وفد واپس هليو ويو. واپس وڃي مسيلمہ واقعي نبوت جو جهنڊو اپو ڪيو. ان جي شريعت ۾ نماز معاف هئي ۽ شراب ۽ زنا حلال هيا.

## 10. بنوطي جو وفد:

طي قبيلي جا ماڻهو زيدالخيل جي اڳواڻي ۾ حاضر ٿيا. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن ماڻهن جي سامهون حق جو ڪلمو پيش ڪيو ۽ الهامي نظامِ حيات جي دعوت ڏني. سردار سميت وفد دل و جان سان ان کي قبول ڪيو. زيد الخيل (جنهن جو نالو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مٽائي زيد الخير ڪيو) شاعر ۽ خطيب بہ هيو ۽ بهادر بہ. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جي تعريف ۾ فرمايو تہ عربن جي جنهن بہ شخص جي تعريف منهنجي سامهون ڪئي وئي، اهو ڏسڻ ۾ ان کان گهٽ آيو. مگر هي شخص منفرد آهي جو جيڪي ڪجهہ ٻڌو هيو ان کان بہ اهو وڌيڪ نڪتو.

عدي بن حاتم طائي بہ ان قبيلي جي سردارن مان هيو. عيسائي مذهب جو هيو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خلاف ان جي دل ۾ دشمني جو هڪڙو لاوو پريل هيو. مقابلي جي تياري ڪري رهيو هيو ليڪن اوچتو اسلامي لشڪر يمن جي علائقي ۾ وڃي پهتو تہ پٺي شام هليو ويو. ان جي ڀيڻ گرفتار ٿي مديني پهتي تہ رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حسن سلوڪ ۽ مجموعي ڪردار کان گهڻو متاثر ٿي وئي. ان زور ڪري پنهنجي ڀاءُ عدي کي مديني موڪليو ۽ تاڪيد ڪيو تہ جلدي وڃي رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان مل. ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اهو بہ طي قبيلي وارن جي وفد سان گڏ ٿي مديني آيو هيو. ان جي سامهون هاڻي اهو سوال هيو تہ اهو شخص بس هڪڙو بادشاهہ آهي يا نبي؟ پهتو تہ مسجد ۾ ٿي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ملاقات ٿي ويس. پاڻ سڳورا اٿيا ۽ عدي کي پنهنجي گهر ڏانهن وٺي هليا. رستي ۾ هڪڙي ٻڍڙي الله جي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان ڳالهائڻ گهريو تہ پاڻ سڳورن ان کي ڪافي وقت ڏنو ۽ پوري ڌيان سان ٻڌو. پوءِ گهر پهتا تہ پاڻ سڳورا زمين تي ويٺا ۽ عدي کي زور ڪري گاديلي تي ويهاريو. انهن ٻن ڳالهين مان عدي کي يقين ٿي ويو تہ اهي الله جا رسول آهن ۽ رڳو دنياوي بادشاهہ ڪونهن. پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڳالهين ان کي وڌيڪ ڀروسو ڏياريو.

گفتگو جي دوران حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سمجهي ورتو تہ عدي جي ذهن ۾ هاڻي ڪهڙو مونجهارو باقي آهي ۽ پوءِ ان کي وڏي خوبي سان صاف ڪيائون. عدي انهن ماڻهن مان هيو جيڪي حق کي جلدي سڃاڻڻ کان پوءِ اهو اطمينان ڪرڻ بہ گهرندا آهن تہ ان جي ڪاميابي جا عملي امڪان ڪافي حد تائين موجود آهن ۽ جلدي ڪو نتيجو نڪري سگهي ٿو. اهو اندازو ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو. "شايد توکي اسلام ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ واري ڳالهہ ان جي مڃڻ وارن جي غربت آهي! سو الله جو قسم! جلد اهو وقت اچڻ وارو آهي جو انهن ماڻهن ۾ دولت جا ڍير هوندا. ايستائين جو ان کي کڻڻ وارا ڪونہ ملندا. ۽ جيڪڏهن توکي اها ڳالهہ اسلام ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي ٿي تہ مسلمانن جو تعداد ٿورڙو آهي ۽ انهن جا مخالف گهڻا آهن، تہ مان توکي ٻڌايان ٿو تہ الله جو قسم! اهو وقت اچڻ وارو آهي تہ تون ٻڌندين تہ هڪڙي عورت اڪيلي اُٺ تي سوار ٿي قادسيہ کان هن مسجد جي زيارت لاءِ هلي ۽ خيريت سان پهچي وئي. يا شايد تنهنجي لاءِ اها ڳالهہ رڪاوٽ آهي تہ ٻين وٽ سلطنت ۽ اقتدار گهڻو آهي. سو الله جو قسم! ايئن جلد ٿيندو تہ تون پاڻ ٻڌندين تہ بابل جي سرزمين جا خوبصورت محلات مسلمانن فتح ڪري ورتا." ان پهلو کان جڏهن عدي جي شڪ شبهن جو ازالو ٿي ويو تہ ان هڪدم پنهنجو پاڻ کي اسلامي تحريڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو. ان گفتگو مان هيٺيان اهم نتيجا نڪرن ٿا.

- اسلام صرف اخلاقي اصلاح جي دعوت ڪونهي ڏيندو بلڪ ان جي پروگرام ۾ معاشي فلاح بہ شامل آهي ۽ سياسي انقلاب بہ. اهو آخرت جي ڀلائي کي دنياوي معاملن جي درستگي کان الڳ ڪري ناهي ڪٿندو.
- اسلامي تحريڪ جي هڪڙي اها ضرورت آهي تہ اها ماڻهن تي پنهنجي عملي ڪاميابي جي امڪانن کي واضح ڪري ۽ انهن کي مطمئن ڪري تہ ٻڌايل انقلاب واقع ٿي سگهي ٿو ورنہ عوام جو هڪڙو وڏو لڏو اچي ان جي دعوت جي سچائي کي ڄاڻڻ جي باوجود بہ ٻاهر رکيو بيٺو هوندو.
- اسلامي تحريڪ جيڪڏهن تڪميلي درجن تي پهچي وڃي تہ ان مان لازمي طور اهي نتيجا نڪرڻ گهرجن تہ:

1. معاشي ذريعا ۽ وسيلا ايتري ترقي ڪري وڃن ۽ انهن کي اهڙي صحيح عدل واري طريقي سان ورهايو وڃي جو معاشري ۾ ڪوبہ محتاج نہ رهي.
2. سياسي لحاظ کان ايتري مضبوط حڪومت هجي جو مخالف ان کي اک جي ماکي سمجهي نہ سگهن. بلڪ موريگو اها هر مخالف طاقت جو زور ٽوڙي سگهي.
3. داخلي امن جو معيار اهو هجڻ گهرجي جو جيڪڏهن هڪڙي عورت بہ ملڪ جي هڪڙي ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين اڪيلي سفر ڪري ۽ انساني آبادين ۽ ويرانين مان گذري تہ ان جي جان، مال ۽ عزت کي ڪنهن بہ طرف کان ڪو خطرو نہ هجي. اهي سلطنت جي هڪڙي اسلامي نظام جون خوبيون آهن.

## 11. بنوالحرث (يابنوالحارث) بن ڪعب جو وفد:

اهي نجران جي علائقي جا ماڻهو هيا. انهن پاسن ۾ خالد بن وليد 10 هجري ۾ خاص طور تي وڃي اسلام جي دعوت ڏني هئي. ان انهن جي سامهون اعلان ڪيو تہ اسلام قبول ڪندا تہ امن حاصل ڪري ويندا. انهن دعوت قبول ڪري ورتي. خالد بن وليد انهن کي اعتقادن ۽ احڪامن جي تعليم و تربيت ڏيڻ جي لاءِ ڪجهہ عرصو ترسيو ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي خط جي ذريعي ڪاميابي جو اطلاع ڏنو.[1] مديني مان ان خط جي جواب ۾ حڪم ويو تہ واپس اچي وڃ ۽ قبيلي جي ڪجهہ ڪارائتن ماڻهن کي پاڻ سان گڏ وٺي اچ. ان حڪم جي تعميل ڪئي وئي.

---

[1] ابن هشام ان خط جو جيڪو متن ڏنو آهي ان ۾ حضرت خالد پنهنجي ترسڻ جو سبب بيان ڪندي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي فرمان جو حوالو ڏئي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ هي جملو اچي ٿو تہ "مان انهن کي اسلام جون ڳالهيون سيکاريان، الله جي ڪتاب ۽ ان جي رسول جي سنت جي تعليم ڏيان ....." ۽ پوءِ اهو بيان ڪري ٿو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ارشاد جي مطابق مان اهو ڪم ڪري رهيو آهيان. اهڙي طرح ٻيهر لکيو آهي تہ "مان انهن کي اسلام جو ڳالهيون سيکاري رهيو آهيان ۽ ان جي نبي جي سنت جي تعليم ڏئي رهيو آهيان." مطالعو ڪندي خيال اچي ٿو تہ اصحابن سڳورن جي دور جو اهڙي قسم جو جيڪو رڪارڊ ملي ٿو اهو سنتِ رسول کي اسلام جي هڪڙي بنيادي اداري جي حيثيت سان واجب القبول ٻڌائي ٿو. ڪجهہ ٻين جاين تي بہ اهڙي قسم جا اهم حوالا ڪثرت سان پکڙيا پيا آهن. انهن کي گڏ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

اهو قبيلو پنهنجي جاهليت واري دور ۾ به ڪجهه سٺن اخلاقن ۽ قدرن (اقدار) جو مالڪ هيو. تنهنڪري وفد آيو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ڳالهين دوران پڇيو ته ڪهڙو سبب آهي ته "توهان پنهنجن دشمنن جي خلاف جنگ جي ميدان ۾ هميشه ڪامياب ٿيندا رهيا آهيو ۽ توهان کي ڪڏهن به شڪست ڪونه ٿي آهي." انهن ٻڌايو ته "اسان ڪنهن جي خلاف پاڻ اڳرائي وارو قدم ڪونه کڻندا آهيون. وڙهڻ جي لاءِ گڏ ٿي ويندا آهيون ته پوءِ تفرقو ڪونه ڪندا آهيون, بلڪ ٻڌي قائم رکندا آهيون ۽ پنهنجي طرفان ڪڏهن به ڪنهن ظلم جي شروعات ڪونه ڪندا آهيون." حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم انهن جي انهي حڪمت عملي جي تصديق ڪئي.

وفد جي هڪڙي ناليواري فرد قيس بن حصين کي انهن تي امير مقرر ڪيو ويو.

## 12. نجران جو وفد:

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم قلم کي به وڏي پيماني تي دعوت جو ذريعو بڻايو ۽ خاص خاص ماڻهن ڏانهن خط روانا ڪيائون. ايئن نجران جي عيسائين تائين به خط جي ذريعي حق جو ڪلمو پهتو. پنهنجي خط ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم اختصار کان ڪم وٺي پهچائڻ واري ڳالهه هنن لفظن ۾ پهچائي ته "ابراهيم عليه السلام, اسحاق عليه السلام ۽ يعقوب عليه السلام جي اله (معبود) جي نالي سان شروع ڪريان ٿو. پوءِ مان توهان کي ٻانهن جي عبادت کان الله جي عبادت طرف سڏيان ٿو ۽ توهان کي ٻانهن جي مالڪي کان الله جي مالڪي ڏانهن سڏ ڪيان ٿو. جيڪڏهن توهان ان کان انڪار ڪيو ته توهان تي جزيو (يعني سياسي اطاعت) لازم آهي. باقي جيڪڏهن ان کان به انڪار ڪندا ته جنگ جو اعلان آهي." اُسقَف خط پڙهيو ته ان جي بدن کي ڏڪڻي وٺي وئي. پهريان خاص خاص اڪابرن کي گهرائي راءِ ورتي. پوءِ پوري وادي جي عوام جو اجتماع گهرايو. وادي ۾ تيهتر ڳوٺ هيا ۽ آبادي ايتري هئي جو هڪ لک سپاهين تي مشتمل لشڪر نڪري سگهيو ٿي. تمام وڏو اجتماع منعقد ٿيو. اڪابرن جي ذهن ۾ اهو خيال موجود هيو ته شايد اهي ئي واعدو ڪيل (موعود) آخري نبي آهن, جيڪي بنو اسماعيل عليه السلام مان ظاهر ٿيڻ وارا آهن. عام مشوري کان پوءِ اها قرارداد پاس ٿي ته اڪابرن جو هڪڙو وفد مديني وڃي ۽ خط لکڻ واري سان ڳالهه ٻولهه ڪري ۽ جائزو وٺي. سو شُرحَبيل, عبدالله ۽ جبار کي خاص طور تي چونڊيو ويو. اهو پهريون وفد هيو جيڪو سياسي اطاعت ۽ ٽيڪس (جزيو) ادا ڪرڻ جي واعدي تي امن ۽ حقن جو هڪڙو فرمان حاصل ڪري واپس ٿيو.

وفد فرمان حاصل ڪري واپس ٿيو ته اُسقَف ۽ وڏا سردار ان جو استقبال ڪرڻ جي لاءِ گهڻو پري تائين آيا. رستي ۾ ئي فرمان اسقف جي حوالي ڪيو ويو ۽ اهو ان کي هلندي هلندي پڙهڻ لڳو. ان جي سوٽ بِشَر بن معاويه به فرمان ڏانهن ايترو ڌيان ڏنو جو

ڏاڍي تان ڪري پيو. ان جي زبان مان نڪتو: "ان شخص جو برو ٿئي جنهن جي ڪري اسان مصيبت ۾ ڦاسي ويا آهيون." ظاهر آهي تہ ان جو اشارو نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ هيو. اُسقف سختي سان چيس: "هي ڇا چئي رهيو آهين. خدا جو قسم! اهو تہ نبي مرسل آهي." هاڻي بِشَر جي دل ۾ انقلاب اچي ويو ۽ ان اهو عزم ظاهر ڪيو تہ "چڱو تہ هاڻي خدا جو قسم مان ڏاچي جا پلاڻ ان جي بارگاهہ ۾ ئي وڃي لاهيندس." اُسقف ان جي پٺيان ڏاچي ڊوڙائيندو پڪاريندو رهيو تہ منهنجي ڳالهہ تہ ٻڌ. منهنجو مقصد تہ سمجهہ. مون ڪنهن مصلحت جي ڪري اهو جملو چيو هيو. بِشَر هڪ نہ ٻُڌي ۽ چيو تہ اهو چيو. "تنهنجي ذهن مان ايتري وڏي ڳالهہ غلط نڪري ئي نٿي سگهي." بِشَرپنهنجي ڏن جو پڪو محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ وڃي اسلام قبول ڪيائين. اتي ئي رهي پيو ۽ الله تعاليٰ ان کي شهادت جو مرتبو عطا ڪيو. ان سان ملندڙ جلندڙ واقعو ڪُرز بن عَلقَمہ جي حوالي سان بہ مشهور آهي.

مقامي سردارن سميت وفد واپس پهتو تہ اتان جي هڪڙي ٻئي تارڪ الدنيا راهب جي ڪنن ۾ مڙني حالتن ۽ واقعن جي ڀڻڪ پئجي وئي ۽ ان کي معلوم ٿيو تہ اهڙو هڪڙو نبي ظاهر ٿيو آهي. اهو بہ والهاڻي جذبي سان سرشار ٿي مديني روانو ٿي ويو. هڪڙو پيالو هڪڙي لٺ، هڪڙي چادر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ سوکڙي طور پيش ڪري پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيائين. پوءِ مديني ۾ ڪجهہ وقت رهي اسلام جي فڪر ۽ عمل جي نظام جي تعليم حاصل ڪيائين ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان اجازت وٺي واپس اچڻ جو واعدو ڪري نجران ويو. ليڪن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ظاهري زندگي ۾ واپس پهچي ڪونہ سگهيو.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ نجران جو اُسقف ابوالحارث جيڪو قسطنطنيہ جي شهنشاهہ جي نظر ۾ گهڻو محترم هيو ۽ عيسائين ۾ ان جي ڪرامتن جا چرچا هوندا هيا. وري هڪڙو وفد وٺي مديني پهتو جنهن ۾ علائقي جو عيسائي مفتي ۽ جج ايهم، ان کان علاوه عبدالمسيح عاقب ۽ 24 ٻيا اڪابر شامل هيا. واضح رهي تہ اهو اُسقف حقيقت ۾ بنوبڪر بن وائل جو هڪڙو عربي فرد هيو. مگر عيسائيت ۾ داخل ٿي ان عِلم ۽ عبادت جي لحاظ کان ايتري ترقي ڪئي جو اهو خود عيسائين جو پروسي جوڳو اڳواڻ ٿي ويو.

اهي ڪجهہ ڏينهن تائين مديني ۾ رهيا. انهن کي مسجد نبوي ۾ پنهنجي مذهب مطابق عبادت ڪرڻ کان ڪجهہ اصحابن روڪيو ليڪن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن کي اجازت ڏني.

انهن جي اچڻ تي مقامي يهودين بہ گهڻي سرگرمي ڏيکاري ۽ وچ ۾ مداخلت ڪري مختلف بحث ڇيڙيندا رهيا. تثليث وارو عقيدو ۽ عيسيٰ (مسيح) عليہ السلام جي حيثيت تہ بحث هيٺ آيا ئي هيا. قرآن شريف ۾ آيل انهن مسئلن جي وضاحت وفد کي

ضروري روشني پهچائي. ان سان گڏوگڏ يهودين اهو شوشو ڇڏيو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم خود عيسيٰ عليه السلام جي جاءِ والاري پنهنجي پوڄا ڪرائڻ گهرن ٿا. ان جو جواب به الله تعاليٰ جي طرف کان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ڏنو ته ڪوبه شخص جنهن کي الله ڪتاب، شريعت (حڪم) ۽ نبوت سان سرفراز ڪيو هجي، اهو ماڻهن کي اهو چوڻ جو مجاز ڪونهي ته منهنجا ٻانها ٿي وڃو. پوءِ يهودين ۽ وفد وارن جي وچ ۾ اهو بحث هليو ته ابراهيم عليه السلام ڪهڙي مذهب تي هيو. هڪڙي ڌُر چيو ٿي ته اهو عيسائي هيو. ٻي ڌُر جي دعوا هئي ته يهودي هيو (نعوذ بالله). ڪلامِ الاهي گهڻي سادي ۽ غير مناظراڻي طريقي سان ان جي ترديد ڪري ڇڏي ته "ابراهيم (عليه السلام) جي باري ۾ هرپرو ڇوٿا وڙهو توريت ۽ انجيل، ٻئي ان کان پوءِ نازل ٿيا (جن مان يهوديت ۽ عيسائيت جو سلسلو هيو). اهو نه يهودي هيو نه نصراني بلڪ پوري خلوص سان مسلمان هيو ۽ مشرڪن ۾ ڪڏهن شامل ڪونه هيو ــــ ابراهيم عليه السلام جي طريقي تي صحيح معنيٰ ۾ ڪاربند آهن ته نبي ۽ ان تي ايمان آڻڻ وارا ماڻهو آهن." خود حضرت عيسيٰ عليه السلام جي مقام کي واضح ڪيو ته "عيسيٰ (عليه السلام) جو مثال الله وٽ آدم (عليه السلام) وارو آهي."

عيسائين ۾ خود به ڪنهن حد تائين پنهنجن تصورن جي لاءِ تعصب موجود هوندو ۽ اڪثر ڪري وڏي نيڪ نيتي سان به پراڻن غلط نظرين سان دل ڄنبڙيل هوندي آهي. ليڪن يهودين جي شرارتن ان ڪيفيت کي وڌائي ڇڏيو هوندو. فضول بحث ۽ ان جي ڪري پيدا ٿيڻ واري هٺ ڌرمي حق کي قبول ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي رهي هوندي انهيءَ ڪري قرآن شريف انهن جي سامهون فيصلہ ڪن صورت، مباهلي جي رکي. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم کي حڪم ٿيو ته انهن کي اهو چئو ته "اچو اسان پنهنجي اولاد ۽ عورتن کي سڏيون ۽ پاڻ به ميدان ۾ اچون. پوءِ الله کان پنهنجي باري ۾ فيصلو گهرون ۽ ڪوڙي جي خلاف الله جي لعنت جي دعا ڪريون." (آلِ عمران آيت 61) جڏهن به ڪنهن سچائي جي روپ تي ڪوڙو الزام هنيو وڃي ته ان جي لاءِ ان کان وڌيڪ اذيت ناڪ صورت ڪا ٻي نٿي ٿي سگهي. اهڙي ئي اها گهڙي هئي جڏهن الله تعاليٰ فيصلي جي اها صورت تجويز ڪئي ته ڌُريون شاهدن جي سامهون الله جو فيصلو طلب ڪن. ٻي صبح تي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پنهنجي پياري ٻچڙي فاطمہ الزهرا سلام الله تعاليٰ عليها، معصوم ڏوهٽن (حضرات حسنين ڪريمين عليهم السلام) ۽ حضرت علي عليه السلام کي ساڻ وٺي نڪتا. مديني وارن جي لاءِ اهو ڪيڏو وڏو واقعو هوندو ته هڪڙو حق جي دعوت ڏيڻ وارو (داعي حق) پنهنجي ڪل ڪائنات مباهلي جي ميدان ۾ وٺي آيا. ڪيتري وڏي يقين جو مظاهرو هيو. وفد جا عيسائي رُڪن پيسجي ويا ته جيڪڏهن واقعي اهي خدا جا نبي ٿيا ته اسان جو نالو نشان ئي مٽجي ويندو. انهن سياسي اطاعت ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم تي

ڇڏيو تہ توهان ٽيڪس (جزيو) جو جيڪو مقدار مناسب سمجهو ﭘﻠﻲ اهو هڪدم تجويز ڪيو. انهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي رحم واري شان تي ﭘﻮرو ﭘروسو ڪيو. ﭘﺌﻲ ڏينهن فرمان لکي ڏنو ويو جنهن ۾ انهن کي ﭘﻮري فراخ دلي سان مذهبي آزادي ۽ سماجي خود مختياري ڏني وئي تہ انهن جا ماڻهو ۽ ملڪيتون جنهن حال ۾ آهن ان تي قائم رهندا. انهن جي موجوده حقن ۾ ڪا تبديلي ڪونہ ڪئي ويندي، انهن جي مذهبي اڳواڻن (اُسقَف ۽ راهب) مان ڪنهن کي بہ تبديل ڪونہ ڪيو ويندو ۽ نہ مذهبي ملڪيت ۽ جاين کي انهن جي قبضي مان ڪڍيو ويندو. جاهليت جي گذريل دور جي ڏوهن تي ڪا ﭘڪڙ ڪونہ ڪئي ويندي، انهن جي زمين ۾ فوج داخل ڪونہ ٿيندي، دنياوي بادشاهتن جي طريقي تي انهن کان ڪابہ بيگار ڪونہ ورتي ويندي، ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ انصاف ٿيندو. ڪوئي شخص جيڪڏهن وياج وٺي تہ ان فعل جي ذميواري نٽي ڪٽي سگهجي. ڪنهن بہ شخص کي ٻئي جي ڏوهہ جي بدلي ڪونہ ﭘڪڙيو ويندو. ايتري وڏي آبادي کان صرف بہ هزار اوقيہ ماليت جا حُلہ (لباس) ساليانو ٽيڪس (جزيو) طور مقرر ڪيا ويا.

انهن ٻنهي وفدن جا احوال ڪجهہ رل مل ٿي ويا آهن. بظاهر زياده گرماگرمي ٻئي وفد جي اچڻ تي ٿي هوندي، ليڪن مٿي ٻڌايل فرمان گهڻو ڪري ﭘهرين وفد ٿي حاصل ڪيو هوندو. ڇو تہ ٻيو فرمان سياسي کان وڌيڪ مذهبي حقن جي باري ۾ آهي ۽ ان ۾ اُسقَف، ﭘوپن ۽ راهبن کي خطاب آهي. ان فرمان ۾ نجران وارن کي وڏ کان وڏ حد تائين مذهبي آزادي ڏني وئي ۽ انهن جي ڪليسائي نظام ۾ مداخلت نہ ڪرڻ جي ضمانت ڏني وئي. اهو فرمان بہ مجموعي طور تي انهن شاهدين جو آهي جن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سياسي دائري ۾ صرف حڪومت جي نظام جي اطاعت جي تقاضا ڪئي ٿي ۽ نہ ڪنهن گروهہ کي ان جي مذهب کان روڪيائون ٿي ۽ نہ ڏاڍ ڪري اسلامي عقيدا مڃرايائون ٿي. بلڪ اقليتن کي وڏ کان وڏ حد تائين مذهبي آزادي عطا ڪندا هيا. اسلامي تحريڪ فردن ۾ ايمان ۽ نظرين جي تبديلي تہ صرف دليل جي زور تي گُهري ٿي، البت، اهاﭘنهنجو اجتماعي نظام سياسي قوت سان نافذ ڪندي هئي. تنهنڪري ڏسو تہ ﭘهريان وياج کي ذميواري کان ٻاهر رکيو ويو ۽ ان جي حيثيت ملڪي قانون جي خلاف ڏوهہ واري رهي، مذهب ان جي بحث جو اصل موضوع ڪونہ هيو. ڇو تہ اهو مذهب گهڻو ئي وڌيڪ وڏي شي هئي. ان فرمان مان جيڪو خود حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جاري ڪيو ۽ جنهن جي حيثيت آئيندي جي لاءِ الله جي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان قائم ڪيل اهڙو مثال آهي جيڪو امت جي لاءِ واجب الاتباع قانون جو مقام رکي ٿو. اها ڳالهہ بہ واضح ٿي وڃي ٿي تہ اسلام ٻين مذهبن تي هلڻ وارين اقليتن جي لاءِ ڪيترو وڌيڪ دريادل آهي. مشڪل سان ئي ڪو ٻيو سماجي نظام اقليتن جي لاءِ ايتري دريادلي جو مثال ﭘيش ڪري سگهي.

ٻئي وفد وچڻ وقت حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي درخواست ڪئي تہ توهان پنهنجو ڪو اعتماد وارو آفيسر جزيو وٺڻ جي لاءِ اسان سان گڏ روانو ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ابو عُبيده رضہ بن جراح کي موڪليو ۽ فرمايو تہ هي شخص امت جو امين آهي. حضرت ابو عُبيده رضہ جزيو وصول ڪرڻ سان گڏوگڏ علائقي ۾ حق جي دعوت کي عام ڪرڻ جو ڪم بہ سرگرمي سان ڪيو ۽ ماڻهو گهڻي تعداد ۾ اسلامي حلقي ۾ شريڪ ٿي ويا.

واضح رهي تہ نجران جي آبادي ۾ بہ وڏا گروهہ هيا. هڪڙا نصارا ۽ ٻيا اُميين. نصارن سياسي اطاعت تي ٺاهہ ڪيو جڏهن تہ اُمي ماڻهو اسلام جي رحمت واري ڇانوَ هيٺ اچي ويا.

گمان اهو آهي تہ پهريون وفد 9 هجري جي آخر ڏاري ۽ ٻيو 10 هجري جي شروعات ۾ آيو هوندو. ڇو تہ تاريخي حوالن ۾ ٻنهي سالن جو ذڪر ٿيل آهي.

## 13. بنو اسد جو وفد:

بنو اسد نالي قبيلو جنگي مهمن ۾ قريشن جو وڏو اهم ساٿاري هيو. 9 هجري ۾ ان قبيلي جو سفارتي وفد مديني پهتو ۽ انهن اسلام قبول ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي. ان ۾ عربن جي غرور واري انداز جي بوءِ هئي. انهيءَ ڪري احسان ڪرڻ واري ڍنگ ۾ وفد جي ميمبرن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي چيو تہ توهان اسان ڏانهن ڪا مهم تہ ڪونہ موڪلي هئي، اسان تہ پاڻ مرادو اسلام قبول ڪيو آهي. ان ذهنيت کي ختم ڪرڻ جي لاءِ وحي الاهي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان چورايو تہ "لَا تَمُنُّوْا عَلَيَّ اِسلَامَكُمْ" يعني پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو منهنجي مٿان احسان نہ ڪيو اهو تہ الله جو توهان تي احسان آهي جو ان توهان کي ايمان نصيب ڪيو. پوءِ ان وفد پکين کان فال وٺڻ، پوپائي (ڪهاونت) يعني اڄڻ وارين ڳالهين جي اڳڪٿي ڪرڻ ۽ ضرب الحصي (يعني قيمت يا اگهہ مقرر ڪرڻ کان پوءِ گراهڪ جنس يا زمين کي پري کان پٿري هڻندو هيو ۽ جنهن مال کي پٿري لڳندي هئي، اهو ان جو ٿي ويندو هيو) جي باري ۾ حڪم معلوم ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٽنهي ڳالهين جي مخالفت ڪئي. آخر ۾ انهن خط يا لڪت جي باري ۾ سوال ڪيو تہ اهو جائز آهي يا ناجائز. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ اهو تہ ڪنهن نہ ڪنهن نبي سڳوري طرفان جاري ڪيل فن آهي ۽ ان کان وڌيڪ سُٺو علم ٻيو ڪهڙو هوندو.

ان قبيلي مان بہ نبوت جي ڪوڙي دعوا ڪندڙ طُلَيحہ بن خويلد نالي شخص حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت جي دور ۾ اٿيو هيو.

## 14. بنو فزاره جو وفد:

اهو هڪڙو مضبوط ۽ سرڪش قبيلو هيو. عُيينہ بن حِصن ان ئي قبيلي جو فرد هيو. 9 هجري ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن تبوڪ کان واپس اچي رهيا هيا تہ انهن جي وفد اچي اسلام قبول ڪري بيعت ڪئي. الله جي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن کان علائقي جي عام حالتن بابت پڇيو تہ انهن ڏڪار جون شڪايتون ۽ دانهون ڪيون ۽ ڏکوئيندڙ انداز ۾ چيو تہ "يا رسول الله اسان جون وسنديون تباهہ ٿي ويون. جانورمري ويا. باغ اجڙي ويا ۽ ٻار ٻچا بکن ڪري سُڪي ڪنڊا ٿي ويا آهن. توهان مهرباني فرمائي الله کي اسان جي لاءِ سفارش ڪيو ۽ الله توهان کي اسان جي سفارش ڪري."

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن کي ٽوڪ هنئي تہ الله وٽ تہ مان سفارش ڪريان ٿو. مگر اهو ڪير ٿيندو آهي جنهن جي اڳيان خداءِ ذوالجلال سفارش ڪري. ان کان سواءِ ڪوئي معبود ڪونهي ۽ ان جي جلال جي عظمت سمورن آسمانن ۽ زمينن کي پنهنجي احاطي ۾ رکيون پئي آهي. پوءِ پاڻ سڳورن انهن جي لاءِ رحمت جي مينهن جي دعا ڪئي، جيڪا قبول ٿي.

## 15. بنو عامر جو وفد:

اهو خاندان عربن جي مشهور قبيلي قيسِ عيلان جي شاخ هيو. ان ۾ ٽي وڏا سردار هيا. عامر بن طفيل، اَربَد بن قيس، ۽ جبار بن سلميٰ. انهن سردارن جي اڳواڻي ۾ هڪڙو وڏو وفد آيو. پهرين نالن وارا ٻئي سردار لالچي ۽ مطلبي هيا. خاص طور تي عامر تہ اڳ ۾ ئي شرارت ڪري چڪو هيو. ان وقت بہ اهي ٻئي پاڻ ۾ قتل جي هڪڙي خوفناڪ سازش ٺاهي آيا هيا. وفد حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ پهتو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي "سيدنا" چئي مخاطب ٿيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڳالهائڻ جي ان انداز جي ترديد ڪندي فرمايو. "السيد الله" (آقا تہ الله ئي آهي). انهن پوءِ ڪجهہ تعريفي جملا چيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وري خبردار ڪيُن تہ ڳالهائڻ وقت خيال ڪرڻ گهرجي تہ ڪٿي شيطان گمراهہ نہ ڪري وجهي. پاڻ سڳورن وٽ ڪيترو تاڪيد هيو تہ خوشامد ۽ تعريف جا دروازا کُلڻ نہ گهرجن. عامر بن طفيل حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪم کي مڪمل طور تي هڪڙي سياسي مُلڪ گيري ۽ بادشاهي قائم ڪرڻ وارو ڪم سمجهندي باقاعدي سودو ڪرڻ جي لاءِ شرط رکيا تہ:

(1) ڳوٺن ۽ ٻهراڙي وارن تي توهان حڪومت ڪيو ۽ شهر منهنجي اقتدار ۾ رهن.

(2) يا پاڻ کان پوءِ مون کي جانشين مقرر ڪيو.

(3) ورنہ مان غطفان وارن کي ساڻ ڪري چڙهائي ڪندس.

عامر اربَد کي بہ ان ڳالھہ لاءِ تيار ڪري ڇڏيو هيو تہ مان تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي ڳالهين ۾ منجهائي رکندس ۽ تون موقعو ڏسي ڪم تمام ڪري ڇڏجان. مگر نبوت جو رعب ڏسي اَربَد بلڪل ماٺ ۽ گُنگ رهيو. ٻئي ناڪام ٿي واپس موٽيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نگاهہ انهن ٻنهي جي دل کي پڙهي ورتو هيو سو پاڻ سڳورن دعا ڪئي تہ اي الله! انهن جي شر کان بچاءِ. گهڻو وقت ڪونہ گذريو تہ عامر ويا جي مرض جو شڪار ٿي ويو ۽ اَربَد بن قيس تي ڪِنوڻ ڪري ۽ ان کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيائين.

## 16. عذره جو وفد:

صفر 9 هجري ۾ ان قبيلي جا ٻارهن ڀاتي حاضر ٿيا. حمزه بن نعمان بہ انهن ۾ شامل هيو. انهن پنهنجي واقفيت ڪرائي تہ اسان عذره جي اولاد مان آهيون. جيڪو ماءُ جي واسطي سان قُصي جو ڀاءُ هيو. الله جي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وڏي خوشي سان "خوش هجو چڱا ڀلا هجو" چئي ڀليڪار ڪئي. انهن سيني پنهنجا سينا اسلام جي لاءِ کولي ڇڏيا. انهن کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خوشخبري ٻڌائي تہ شام جي بادشاهي ختم ٿي ويندي ۽ هرقل ملڪ ڇڏي هليو ويندو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن کي ڀوپن کان غيب جو خبرون معلوم ڪرڻ کان منع ڪئي ۽ ابراهيمي قرباني کان سواءِ ٻين سيني رسمي ۽ وهمي قربانين کان روڪي ڇڏيو. وڃڻ وقت معمول جي مطابق وفد کي رستي جو خرچ پکو ڏنو ويو.

## 17. بَلِي جو وفد:

ان قبيلي جو علائقو وڏي سياسي اهميت رکندڙ هيو. اهي ماڻهو 9 هہ (ربيع الاول) ۾ مديني ۾ حاضر ٿيا. اهي پنهنجي قبيلي جي هڪڙي فرد رُويفع بن ثابت بلوي وٽ ترسيا ۽ ان ئي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان انهن جو تعارف ڪرايو. محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن کي ڀليڪار چيو ۽ اهي سيئي اسلام ۾ داخل ٿي ويا. اهو وفد ٽن ڏينهن تائين ترسيو. پوءِ وڃڻ وقت حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن کي رستي جو خرچ پکو ۽ ڪتل ڏني.

## 18. ڪنده جو وفد:

اهو يمن جي علائقي جو هڪڙو ناليوارو قبيلو هيو. حضرت اشعث بن قيس 80 (يا 60) سوارن جو وفد ساڻ ڪري حاضر ٿيو. اهي هڪڙي اعليٰ قسم جا جبا پائي بزمِ نبوت ۾ پهتا. ڳالهيون ٿيون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم معلوم ڪيو. "ڇا توهان مسلمان ٿي چڪا آهيو؟" انهن هائوڪار ۾ جواب ڏنو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

گهڻي عجب مان پڇيو تہ پوءِ هي ريشمي ڪپڙو ڇو پاتو؟ سچي ايمان جو هي سونهري مثال ڏسو تہ انهن هڪدم ريشم کي قاڙي پنهنجي لباس کان الڳ ڪري ڇڏيو.

## 19. ازد قبيلي جو وفد:

بنو ازد وارا بہ يمن جي علائقي ۾ رهندا هيا. انهن جو وفد صُرد بن عبدالله ازدي جي اڳواڻي ۾ آيو. انهن اسلام جي دعوت تي لبيڪ چيو. حضرت صرد رضہ قبيلي جو امير مقرر ٿيو.

## 20. جُرش جو وفد:

يمن جا اڪثر علائقا ۽ شهر اسلامي سلطنت جو حصو ٿي چڪا هيا. ليڪن وچ وچ ۾ شرارتي ماڻهو بہ موجود هيا. جُرَش جو شهر اهڙن ئي قبيلن جي قبضي ۾ هيو ۽ اتي مضبوط حفاظتي قلعو موجود هيو. سرڪش طاقتن کي سڌو ڪرڻ جي لاءِ حضرت صرد ازدي رضہ کي، جنهن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي، قبيلي جي فوجي اڳواڻي بہ سونپي وئي ۽ پرپاسي وارن علائقن کي اسلامي نظام جو فرمانبردار بڻائڻ جي لاءِ فوجي ڪارروائي جي اجازت بہ ڏني وئي. ان جُرَش وارن کي گهڻي عرصي تائين گهيراء ڪري رکڻ کان پوءِ شڪست ڏني. ان ڪارروائي کان بعد جُرَش وارن جو وفد مديني آيو.

## 21. همدان جو وفد:

اهو وفد هڪ سو ويهہ ماڻهن تي مشتمل هيو ۽ انهن ۾ مالڪ بن نمط ابوثَور مالڪ بن اَنفَع سلماني، عمير بن مالڪ خارقي (يا عمرو بن مالڪ) ۽ ضمام بن مالڪ جهڙا ناليوارا ماڻهو شامل هيا. مالڪ بن نمط بارگاهِ نبوت ۾ رجزيہ شعر پڙهي وفد جي طرفان خراج عقيدت پيش ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان کي ئي قبيلي جي مسلم جماعت جو امير مقرر ڪيو. همدان جي علائقي ۾ پهريان خالد بن وليد کي دعوتي ۽ تعليمي مشن تي مقرر ڪيو ويو مگر ڪجهہ مهينن تائين ڪاميابي ڪونہ ٿي. پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حضرت علي عليہ السلام کي پنهنجو خاص خط ڏئي موڪليو. وچڙ سان ئي حضرت علي عليہ السلام نماز کان پوءِ عام مجمعي ۾ خط پڙهي ٻڌايو ۽ ان کي ٻڌڻ سان ئي گهڻا ماڻهو اسلام ۾ داخل ٿي ويا. حضرت علي عليہ السلام خط جي ذريعي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي سمورو احوال لکي موڪليو. ان کي پڙهي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سجدي ۾ هليا ويا. مٿو مٿي کڻي فرمايائون. "السَّلامُ عَلَىٰ هَمْدَانَ"

## 22. فروة الجُذامي جو قاصد:

فروة مُعان جي جاءِ تي رومي سلطنت طرفان علائقي جو گورنر هيو ۽ ان علائقي ۾ شام ۽ عربستان، ٻنهي طرفن جا حصا شامل هيا. ان تائين دعوت پهتي تہ پنهنجي عهدي ۽ مرتبي کي خطري ۾ وجهي اسلام ۾ داخل ٿي ويو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي قاصد جي ذريعي پنهنجي اسلام جو اطلاع بہ ڪرايو ۽ سوکڙي طور هڪڙو سفيد خچر روانو ڪيو. جڏهن رومي حڪومت کي خبر پئي تہ ان کي گرفتار ڪري عفراء جي ماڳ تي صليب تي لٽڪائي ڇڏيو. مگر الله تعاليٰ پنهنجي ان ٻانهي کي اهڙو مضبوط ايمان عطا ڪيو جو خوشي سان حڪومت جي تخت تان اٿي ڦاسي جي تختي تي وڃي بيٺو.

## 23. تُجِيب جو وفد:

اهو يمن جي ڪِنده خاندان جي هڪڙي ننڍڙي قبيلي جو وفد هيو.[1] اهي اڳ ۾ ئي اسلام قبول ڪري چڪا هيا ۽ پنهنجو پاڻ کي ان جي تقاضائن جي سانچي ۾ عملي طور ڍالي رهيا هيا. تيرهن ماڻهو وفد ۾ شامل ٿي آيا ۽ پاڻ سان گڏ زڪوات جو مال ۽ جانور بہ پاڻ مرادو آندائون. عرض ڪيائون تہ الله تعاليٰ جو حق حاضر آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ رقم واپس کڻي وڃو ۽ مقامي حقدارن تي خرچ ڪيو. انهن بيان ڪيو تہ مقامي حقدارن کي ڏيڻ کان پوءِ بہ اها رقم بچي پئي آهي. ان موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي زبان مان اوچتو نڪتو. "يا رسول الله! (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) عربستان جو ڪوئي وفد تُجِيب جي وفد جي شان وارو ڪونهي آيو." حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو. "هدايت الله جي اختيار ۾ آهي، اهو جنهن جي لاءِ ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي ان جي دل ايمان جي لاءِ کولي ڇڏيندو آهي."

انهن ڪجهہ سوال ڪيا ۽ بارگاهِ رسالت مان انهن جا جواب وٺي لکيائون. پوءِ اهي ان شوق مان جلدي جلدي واپس ٿي ويا تہ پنهنجي قبيلي جي ماڻهن کي ان جي معلومات، خبرون ۽ احوال ٻڌائين.

انهن سان گڏ بنو اَبدي جو هڪڙو نوجوان بہ هيو. جنهن کي وفد وارن پنهنجي سامان ۽ سوارين تي چوڪيداري لاءِ ڇڏيو هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خاص طور تي ان کي سڏرايو. ان عرض ڪيو تہ منهنجي صرف هڪڙي تمنا آهي تہ توهان منهنجي لاءِ مغفرت جي دعا ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مهرباني فرمائي دعا ڪئي. يمن ۾ جڏهن پوءِ ماڻهو مرتد ٿيڻ لڳا تہ ان نوجوان پوري قبيلي کي سنڀالي رکيو. ان وفد کي بہ رستي جو خرچ پکو عطا ڪيو ويو.

---

[1] ان قبيلي جو هڪڙو بدبخت فرد ڪنانہ بن بسر حضرت عثمان رضہ جو قاتل ٿيو. ملندرجلندڙ نالي جو ٻيو قبيلو تجوب آهي جنهن جو تعلق حمير جي خاندان سان آهي ۽ حضرت علي عليہ السلام جو قاتل ابن ملجم ان ٻئي قبيلي جو هيو. ڪتابن ۾ انهن نالن جو مونجهارو ملي ٿو.

## 24. بنو سعد هُذَيم (قُضاعہ) جو وفد:

ان قبيلي جا ڪجهہ ماڻهو وفد جي صورت ۾ مديني پهتا. انهن ۾ ڪجهہ ماڻهو خلوص ۽ شعور سان ملسمان ٿيا هيا ۽ ڪجهہ سياسي حالتن جي ڪري اطاعت ڪئي هئي. بهرحال، انهن نبوت جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حڪم تي حضرت بلال رضہ چانديءَ جي صورت ۾ انهن کي رستي جو خرچ پکو ڏنو. انهن جي واپسي تي پوري قبيلي اسلام جي دعوت قبول ڪئي.

## 25. بَهراء جو وفد:

اهو بہ يمن جي علائقي جو هڪڙو وفد هيو. تيرهن ماڻهن جو وفد اسلام جي مرڪز ۾ موڪليو هيو. اهي ماڻهو اڳ ۾ ئي متاثر ٿيل هيا. اتي نبوت جا نور ڏسي يقين سان مالامال ٿي ويا، اسلام قبول ڪيائون ۽ ڪجهہ ڏينهن ترسي فرض ۽ احڪام سکيا ۽ پوءِ واپس هليا ويا. انهن کي بہ معمول جي مطابق رستي جو خرچ پکو عطا ڪيو ويو.

## 26. ذي مُره جو وفد:

ان قبيلي جو بہ تيرهن ماڻهن جو وفد اسلامي حڪومت جي گادي واري هنڌ پهتو. جنهن جو سردار حارث بن عوف هيو. ان پنهنجو تعارف ڪرائيندي بيان ڪيو تہ اسان لُوي بن غالب جي اولاد آهيون ۽ توهان سان نسبي تعلق رکون ٿا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن جي علائقي جو حال پڇيو تہ انهن ڏڪار جو خوفناڪ نقشو چٽي دعا جي درخواست ڪئي. واپس پهتا تہ معلوم ٿيو تہ عين دعاءِ رسول جي ڏينهن مينهن اُتو ۽ زمين سرسبز ۽ شاداب ٿي وئي. اسلامي نظام جو علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي وفد بہ ڪجهہ ڏينهن ترسي پوءِ موڪلايو ۽ انهن کي رستي جي خرچ پکي سان نوازيو ويو.

## 27. خَولان جو وفد:

ڏهن ماڻهن جو اهو وفد ايمان سان مالامال ٿي وڏي مخلصي واري جذبي سان بارگاهِ نبوت ۾ پهتو. اهي جاهليت ۾ "عم انس" نالي بت جي پوڄا ڪندا هيا. انهن ٻڌايو تہ هاڻي صرف ٻڍڙي نسل وارا ڪجهہ ماڻهو "عم انس" سان عقيدت رکندا آهن، ليڪن اسان موٽي وڃي ان بت جو خاتمو ڪري ڇڏينداسين. پوءِ انهن پراڻا قصا بيان ڪيا تہ "عم انس" جي نالي تي ڪيتريون وڏيون قربانيون ڏنيون وينديون هيون ۽ ڪهڙيون رسمون ادا ٿينديون هيون. رهائش دوران انهن نئين اسلامي زندگي جي باري ۾ ضروري علم حاصل ڪيو ۽ وڃڻ وقت انهن کي بہ رستي جو خرچ پکو ڏنو ويو.

## 28. محارب جو وفد:

اهي ماڻهو اسلام کان اڳ گهڻو رُکا ۽ بداخلاق هيا. دعوت جي ابتدائي دور ۾ جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم قبيلن ۾ وڃي حق جو پيغام ڏنو هيو تہ انهن وٽ بہ پهتا هيا پر انهن بڇڙو رويو اختيار ڪيو هيو. ڏهن ماڻهن جو وفد تائب ٿي حاضر ٿيو. هڪڙي مجلس ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙي شخص کي غور سان ڏسي سڃاتو تہ اهو سمجهي ويو ۽ پاڻ ٿي چيو تہ حضور شايد منهنجي باري ۾ ڪجھہ سوچي رهيا آهن. پاڻ سڳورا هڪڙو ڀيرو عُڪاظ ۾ مون سان مليا هيا ۽ مون ساڻن گهڻي بيهودگي سان ڳالهايو هيو ۽ پاڻ سڳورن جي پيغام کي ٺٺول واري طريقي سان رد ڪري ڇڏيو هيو. يارسول اللهؐ اسان جي ساٿين مان ڪير بہ مون کان وڌيڪ توهان جو ۽ اسلام جو دشمن ڪونہ هيو. ليڪن الله جو شڪر آهي تہ ان مون کي ايمان ۽ اطاعت جي توفيق ڏني. پوءِ ان پنهنجي پراڻي غلطي جي لاءِ مغفرت جي دعا جي درخواست ڪئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ اسلام ڪفر واري دور جي گناهن کي مٽائي ڇڏيندو آهي.

## 29. غسان جو وفد:

غسان توڙي جو نسلي طور عربن جو قبيلو هيو مگر نصراني مذهب اختيار ڪري قيصر جي طرف کان عربي علائقي تي حڪمران هيو. 10 هجري ۾ ان قبيلي جي 3 ماڻهن مديني ۾ اچي نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي هٿ مبارڪ تي اسلام قبول ڪيو. انهن ٻڌايو تہ اسان جي خاندان جا ماڻهو تہ رعب تاب ۽ دٻدٻي کي ڇڏي مشڪل ئي حق کي قبول ڪندا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن کي رستي جو ٿمر ڏئي روانو ڪيو. انهن وڃي دعوت ڏني، مگر نتيجو ڪونہ نڪتو. ٺنهي شخصن حالتن کان مجبور ٿي پنهنجو اسلام ڳجهو رکيو. انهن مان هڪڙو شخص يرموڪ واري لڙائي جي موقعي تي حضرت ابوعُبيده رضہ سان مليو ۽ پنهنجي اسلام تي قائم هجڻ جي خبر ٻڌائي. باقي ٻن جو انتقال ٿي چڪو هيو.

## 30. سلامان جو وفد:

ستن ڄڻن جو وفد مديني آيو جنهن ۾ حبيب رضہ بن عمر بہ شامل هيو. ان جي معلوم ڪرڻ تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ نماز کي صحيح وقت تي ادا ڪرڻ سڀ کان بهتر عمل آهي. انهن بہ ڏڪار جو حال بيان ڪيو ۽ دعا جي درخواست ڪئي. رسول الله صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم دعا ڪئي ۽ بعد ۾ تصديق ٿي تہ ان ڏينهن رحمت جي بارش نازل ٿي هئي.

## 31. بنو عبس جو وفد:

اهو بہ يمن جي علائقي جو قبيلو هيو. انهن جو وفد بہ 10 هجري ۾ آيو.[1] انهن معلوم ڪيو تہ اسان اسلام جي معلمن کان ٻڌو آهي تہ جيڪو هجرت نہ ڪري ان جو اسلام قبول ڪونهي ٿيندو. اسان جو حال اهو آهي تہ ڍور ڍڳا ئي اسان جي معيشت جو ذريعو آهن. هاڻي جيڪڏهن هجرت ڪرڻ ضروري هجي تہ اسان وڪڻي اچون. ايمان جو جذبو ڏسو تہ هڪڙي اشاري تي پنهنجو مال متاع ۽ پنهنجو علائقو ڇڏڻ جي لاءِ تيار آهن. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ جتي بہ رهو الله کان ڊڄندا رهو. حقيقت ۾ ڳالهہ اها هئي تہ شروعاتي دور ۾ جڏهن اسلام جي مرڪز کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ قوت کي گڏ ڪرڻ ۽ پوري ملڪ ۾ ڪم ڪرڻ جي لاءِ ماڻهن کي تيار ڪرڻ جي ضرورت هئي تہ هجرت ڪري مرڪز ۾ اچڻ لازم ڪيو ويو. اهو مرحلو طئي ٿي ويو ۽ بعد ۾ قوت جو پوري ملڪ ۾ پکڙيل رهڻ ۽ پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ دعوت کي عام ڪرڻ ضروري ٿي ويو تہ هجرت ڪري اچڻ جي پابندي ختم ڪئي وئي. "لَا هِجْرَۃَ بَعْدَ الفَتْحِ" جو حڪم ان ئي ٻئي دور سان تعلق رکي ٿو.

## 32. غامد جو وفد:

10 هجري ۾ غامد جو وفد آيو جيڪو ڏهن ڄڻن تي مشتمل هيو. اهي سيئي اسلام ۾ داخل ٿيا. حضرت ابي رضہ بن ڪعب کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مقرر ڪيو تہ انهن کي قرآن جي تعليم ڏي. پوءِ انهن کي رستي جو ثمر ڏئي روانو ڪيو.

## 33. بنوآلمُنْتفِق جو وفد:

ان قبيلي مان نهيڪ بن عاصم ۽ لَقِيط بن عامر وفد جي صورت ۾ اسلام جي مرڪز ۾ پهتا. مسجد ۾ پهتا تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خطبو ڏئي رهيا هيا. خطبو ختم ٿيڻ تي لَقِيط اٿي بيهي قيامت، جنت ۽ دوزخ جي باري ۾ ڪجهہ سوال ڪيا ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تفصيل سان جواب ڏنا. پوءِ انهن نبين سڳورن ۽ اڳين بزرگن جي باري ۾ ڪجهہ ڳالهيون پڇيون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان سڌو سنئون هڪڙو سوال اهو ڪيائون تہ آيا توهان کي غيب جو علم آهي؟ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جواب ڏنو تہ غيب جون ڪنجيون الله تعاليٰ جي ئي قبضي ۾ آهن.

## 34. عبدالقيس جو ٻيو وفد:

عبدالقيس جي پهرين وفد جو ذڪر ٿي چڪو آهي جيڪو 5 هجري ۾ آيو هيو. انهن جو ٻيو وفد، جيڪو چاليهہ ماڻهن تي مشتمل هيو 10 هجري ۾ مديني ۾ حاضر ٿيو.

---

[1] زادالمعاد، حصو 3 (وفدن جو ذڪر) جي مطابق تعداد ست آهي. اهوئي تعداد "المواهب اللدنيہ" ۾ آهي. "رحمت للعالمين" ۾ تعداد 17 آهي.

## 35. طارق بن عبدالله ۽ ان جا ساٿي:

هي طارق بن عبدالله اهو شخص آهي جنهن سوق المجاز ۾ اهو منظر بہ ڏٺو هيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم قبيلن ۾ گهمي ڦري دعوت ڏئي رهيا هيا ۽ پاڻ سڳورن جو ئي سڳو چاچو (ابولهب) پنيان پنيان پٿريون هڻندي چوندو پئي ويو تہ "ياٹرو! هن تي يقين نہ ڪجو (ايمان نہ آڻجو). اهو (نعوذ بالله) ڪوڙو آهي." پوءِ اهو ئي طارق بن عبدالله زبده کان هڪڙي ٽولي سان گڏجي ڪتل جي خريداري جي لاءِ مديني آيو. انهن جي ٽڪاڻي وٽان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم گذريا. پاڻ سڳورن انهن کان ڳوٺ ۽ رهائش جو پڇيو ۽ سفر ڪري اچڻ جو مقصد معلوم ڪيو. پوءِ هڪڙي اُٺ جو سودو ڪيو ۽ قيمت مقرر ڪيل ڪتل موڪلڻ جو واعدو ڪري هليا آيا. بعد ۾ طارق ۽ ان جي ساٿين کي ڪتڪو ٿيو تہ بغير ڄاڻ سڃاڻ جي اسان اُٺ ڏئي ڇڏيو. خبر ڪونہ آهي ڪهڙو نتيجو نڪري. ان قافلي جي هڪڙي معزز خاتون چيو تہ ان شخص جو روشن چهرو مون ڏٺو هيو. اهو ڪڏهن بہ دوکو ڏيڻ وارو ٿي نٿو سگهي. جيڪڏهن ان قيمت ادا نہ ڪئي تہ مان ضامن آهيان (مان قيمت پري ڏينديس.) ٿوري دير ۾ هڪڙو ماڻهو آيو ۽ اُٺ جي قيمت جي ڪتل الڳ ڏني ۽ ڪجهہ ڪتل الڳ سوکڙي طور ڏني. انهن جون دليون فتح ٿي ويون. بعد ۾ اهي شهر ۾ آيا تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مسجد ۾ خطبو ڏئي رهيا هيا ۽ صدقو ڏيڻ جو تاڪيد ڪري رهيا هيا. اهڙي طرح انهن جي دلين ۾ اسلام جي دعوت کي رستو مليو.

## 36. بنو زُبَيد جو نمائندو عمرو بن مَعدِ ي ڪَرِب:

بنو زبيد جي ماڻهن تائين جڏهن نئين نظام جون ڳالهيون پهتيون تہ انهن پنهنجي سردار عمرو بن معدي ڪرب کي چيو تہ اسان کي ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ حجاز ۾ قريشن مان محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) نالي نبي اٿيو آهي. توهان وڃو ۽ وڃي معلوم ڪيو. جيڪڏهن اهو توهان جي راءِ ۾ واقعي نبي هجي تہ پوءِ اسان سڀئي ايمان آڻيون. سو ائين اهو شخص آيو ۽ ان اسلام قبول ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي وفات کان پوءِ، البت، اهو مرتد ٿي ويو.[1]

## 37. مُلوڪِ حمير جو قاصد:

حمير هڪڙو شاهي گهراڻو هيو. ان جي طرفان هڪڙو قاصد خط کڻي آيو. ان خط ۾ حارث بن عبدِ ڪُلال، نعيم بن عبدِ ڪُلال، نعمان قيل ذُورُعَين، مَعافِر ۽ همدان جي اسلام قبول ڪرڻ ۽ شرڪ کي ترڪ ڪرڻ جو اطلاع هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جي جواب ۾ هڪڙو تفيصلي فرمان ملوڪِ حمير جي نالي موڪليو. ان ۾ انهن

---

[1] سيرت ابن هشام ج 4 ص 253. قاهره وارو ڇاپو.

جي لاءِ بنيادي احڪام لکرايا. مسلمانن کان زڪوات وٺڻ ۽ غيرمسلمانن کان ٽيڪس (جزيو) وٺڻ جون هدايتون لکرايون. ان کان علاوه، ماڻهن جي مذهبي آزادي جو حق لکرايو ۽ وضاحت ڪئي تہ جيڪي ماڻهو يهودي يا نصراني رهڻ گهرڻ انهن جو مذهب ڏاڍ سان تبديل نہ ڪري سگهجي. ان سان گڏوگڏ فرمان ۾ لکرايو تہ زُرعہ ڏويزن ڏانهن اسان جا نمائنده آفيسر — مُعاذ رضہ بن جبل، عبدالله رضہ بن زيد، مالڪ رضہ بن عباده، عُقبہ رضہ بن نِمر، مالڪ رضہ بن مُره ۽ ڪجهہ ٻيا ماڻهو روانو ڪيا وڃن ٿا. ان جماعت جو سربراهہ مُعاذ رضہ بن جبل آهي. اهي اسان جا احڪام پهچائيندا ۽ صدقي ۽ جزيي جون رقمون گڏ ڪري ڪٺي ايندا.

## 38. نخع جو وفد:

اهو بہ يمن جو هڪڙو قبيلو هيو. اڪثر روايتن موجب اهو آخري وفد آهي جيڪو 11 هجري (محرم) ۾ مديني آيو. ان ۾ بہ سو ماڻهو شامل هيا. اصل ۾ اهي حضرت مُعاذ رضہ بن جبل جي هٿ تي اسلام جي بيعت ڪري چڪا هيا. دلين ۾ آيل انقلاب انهن کي زيارت لاءِ اسلام جي مرڪز ۾ پهچايو. رسول ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي آڏو پنهنجو اسلام پيش ڪيائون. وفد جي هڪڙي رڪن پنهنجي خوابن جون تعبيرون معلوم ڪيون ۽ ٿورو وقت ترسڻ کان پوءِ واپس ٿي ويا.

اهي وفد ايترو گهٽائي ۾ ۽ ايترو هڪ ٻئي پٺيان آيا جو صحيح معنيٰ ۾ "يَدۡخُلُوۡنَ فِيۡ دِيۡنِ اللّٰهِ اَفۡوَاجًا" (النصر آيت 2) جو مفهوم سامهون اچي ويو ٿو. حقيقت ۾ انساني فطرت خود حق جي طرف جهڪاءُ رکندي آهي. وري ان کان علاوه محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم نہ صرف قرآن شريف جي استدلالي زور ۽ بيان جي دل کي نرم ڪرڻ واري ڍنگ سان حق کي پيش ڪيو هيو بلڪ پنهنجي مقدس سيرت ۽ عملي زندگي سان ان جي صداقت جو اهڙو ڪامل مظاهرو ڪيو هيو جو انسانذات تابع ٿيڻ کان سواءِ رهي ڪونہ سگهي. عوام الناس جي رستي ۾ ڪا رڪاوٽ هئي تہ پراڻي جاهل قيادت هئي. اها جڏهن هٽي وئي ۽ ان سان گڏ جڏهن انهن کي اطمينان ٿي ويو تہ مديني جي اسلامي طاقت هڪڙي مضبوط طاقت آهي تہ انهن جا سينا سچائي ۽ نيڪي جي پيغام جي لاءِ مڪمل طور تي کُلي ويا. انهن پاڻ اندر مان ان صداقت جي نور جي اڪير محسوس ڪئي. ان اڪير کان بيتاب ٿي مديني ڏانهن ڊوڙيا. اتان پيالا پري پيتائون ۽ پوءِ وڃي پنهنجن پنهنجن علائقن ۽ قبيلن ۾ ٿتن جا ٿٽ اوتيائون.

ايئن سوجهرو پکڙجندو ويو ۽ اونداهيون ختم ٿينديون ويون.

## بين الاقوامي دعوت جي شروعات:

نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قائم ڪيل جنهن جماعت کي اسلامي تحريڪ کي هلائڻ جي سعادت حاصل ٿي ان جو دائرو قومي ۽ مُلڪي ڪونہ هيو. بلڪ اها اهڙي "خَيۡرَ اُمَّةٍ" هئي جيڪا "اُخۡرِجَتۡ لِلنَّاسِ" جي مرتبي تي فائز ڪئي وئي

هئي ۽ جنهن کي ”شُهَدَاءَ عَلَى النَّاسِ“ قرار ڏنو ويو هيو. يعني پوري انسانذات کي حق ۽ سچائي،عدل ۽ پائيچاري جي نظام جو رستو ڏيکارڻ واري جماعت[1] ـــ عربستان جي ماڻهن جي اصلاح و تربيت ۽ انهن جي رياستي سطح تي تنظيم اصل ۾ آخري مقصد ڪونه هيو. بلڪ نظر اڳيان اها ڳالهه هئي ته هڪڙي اسلامي رياست قائم ٿئي ۽ سيني ذريعن ۽ وسيلن کي ڪم ۾ آڻي دنيا ڀر جي قومن کي ۽ مملڪتن کي حق جي نظام جي دعوت ڏئي. آخر اهي الله جا ڪروڙين ٻانها جيڪي ان بادشاهتن واري دور ۾ ننڍين ننڍين طبقن ۽ خاندانن جي اقتدار هيٺ پيسجي رهيا هيا. ۽ جن ڪي نه سوچڻ جي آزادي مهيا هئي، نه معاشي آسودگي حاصل هئي، ۽ جن جا نه ڪي سياسي حق هيا انهن جي مظلومي واري حالت ڪان ڪاٻه اصلاحي تحريڪ ڪيئن اکيون بند ڪري سگهي ٿي. ڪسري جي نالي موڪليل خط ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم پاڻ ئي پنهنجي دعوت جي بين الانساني پيماني کي هنن لفظن ۾ اجاگر ڪيو آهي ته ”فَإِنِّيْ أَنَا رَسُوْلُ اللهِ إِلَى النَّاسِ“ يعني منهنجي حيثيت اها آهي ته مان سيني انسانن ڏانهن الله جو رسول آهيان.

الله تعاليٰ بادشاهتن ۽ مذهبي طبقن جي هٿان علائقائي قوميتن ۾ ورهايل انساني لڏي جي لاءِ بين الاقوامي دور جو افتتاح خود محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ئي هٿاران ڪرايو ۽ سچائي جو هڪڙو ڪلمو جاگرافيائي، نسلي، لساني ۽ سياسي حد بندين کي ٽوڙيندو گهڻو جلد وقت جي ڄاتل ۽ سڃاتل دنيا جي ڪنهي وڌن ڪندبن تي ڇانئجي ويو. نبين سڳورن جي سلسلي جي آخري ڪڙي حضرت محمد صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم بين الانساني دعوت سان بلڪل (ٺيڪ) اهڙي زماني ۾ موڪليا ويا جڏهن زماني جي ڪجهه ئي پلٽن ڪانئڻ ڪان پوءِ بارود. پريس ۽ ٻاڦ تي هلڻ وارين طاقتن جو ظهور ٿيڻ وارو هيو ۽ ڌرتي تي وسندڙ آباديون نون ذريعن ۽ وسيلن جي ٻل تي هڪڙي شهر وانگر ڳنڍجي وڃڻ واريون هيون. پنج ست سَوَ سال تاريخ جي وسعتن ۾ ڪا وڏي اهميت نٿا رکن. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم اهڙي زماني ۾ نبوت جو اعلان ڪيو (مبعوث ٿيا) جنهن جي ڪجهه ئي صدين ڪان پوءِ دنيا جا ڇيڙا مادي لحاظ ڪان ملي وڃڻ وارا هيا. ان موقعي جي اچڻ ڪان مناسب وقت اڳ اسلام جي حق واري نظام جي بين الاقوامي دعوت شروع ڪئي وئي ته جيئن انساني لڏو جيئن جيئن مادي طور تي ويجهو ٿيندو وڃي، ذهني ۽ نظرياتي، اخلاقي ۽ مقصدي لحاظ ڪان به هڪڙي رشتي ۾ سموئجي سگهجي. وچوارو اهو وقت دعوت کي عام ڪرڻ ۽ عالمي قومن جي نئين دور جي لاءِ تياري ڪرڻ جي لاءِ مشڪل سان ڪافي ٿي سگهيو پئي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته بين الاقوامي دور جو ڏارو مسلم انقلابي قوت جي قبضي مان نڪري ماده پرستي جي وهڪري ۾ لڙهي ويو. ڇوته اها قوت ان وقت تائين تاريخ ۾ هڪڙو مؤثر

---

[1] كُنتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ أُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنكَرِ وَتُؤْمِنُونَ بِاللهِ (هاڻي دنيا ۾ اهو بهترين گروهه توهان آهيو جنهن کي انسانن جي هدايت ۽ اصلاح جي لاءِ ميدان ۾ آندو ويو آهي. توهان نيڪي جو حڪم ڏيو ٿا. برائي کان روڪيو ٿا ۽ الله تي ايمان رکو ٿا. سورت آل عمران آيت 110)

مقام رکڻ جي باوجود پنهنجي انقلابي دعوت جو زور ويجائي چڪي هئي. ليڪن پوءِ بہ نئين دور کي انسانذات جي احترام، انساني لڏي جي مساوات، اجتماعي رابطي جي لاءِ جمهوري تصور، عقلي ۽ تجرباتي علمن جي قدروقيمت جو احساس، قوت کي قابو ۾ رکڻ جو جذبو، بين الاقوامي حقن ۽ معاهدن جو احترام، خيال ۽ راءِ جي آزادي، اقليتن جي حقن جو شعور، انصاف جا بنيادي اصول ۽ ڪجهہ ٻيا قيمتي اقدار بالواسطہ اسلامي تحريڪ جي هٿ آيا ـــ توڙي جو اهي ماده پرستاڻي ذهنيت جي زد ۾ اچي ڏنڊلائجي بہ ويا. پوءِ بہ دورِ حاضر جي معاشري ۾ خيروخوبي جو جيڪو ٿورو گهڻو عنصر پاتو وڃي ٿو اهو محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪيل ڪم جو ٿورائتو آهي. ان جو اعتراف خود ڪجهہ انصاف پسند مشرقي علمن جي يورپي ڄاڻوگرن (مستشرقين) بہ ڪيو آهي.

سو اسلامي تحريڪ پنهنجي اصولي فطرت جي لحاظ کان تقاضا ڪئي ٿي تہ ان جي دعوت جا ڪرڻا عربستان جي حدن ۾ پابند نہ رهن، بلڪ ڌرتي جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پهچن. ان سان گڏوگڏ عملي ضرورت بہ اها هئي تہ اسلام عربستان جي چوڌاري بہ نور پکڙيندڙ ٿئي. ورنہ نظريہ حق جي بنياد تي هڪڙي نظام جو رڳو عربستان ۾ سلامتي سان هلندو رهڻ ممڪن ڪونہ هيو جڏهن اسلامي رياست ان نظريي جي مخالف طاقتن جي گهيري ۾ گهريل رهي. خاص طور تي اها ڳالهہ ذهن ۾ رهي تہ رومي ۽ پارسي(ايراني) حڪومتون هميشہ عربستان تي سياسي هوس جون نگاهون ڄمايون پيون هيون. ان ملڪ جا ڪجهہ علائقا انهن جي قبضي ۾ رهيا ۽ عرب قبيلن کي اهي خريد ڪري استعمال ڪندا رهيا. رومي حڪومت سان تہ مديني جو ٽڪراءُ شروع بہ ٿي چڪو هيو.

محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڪم جي رفتار اسان جي لاءِ حيران ڪندڙ آهي تہ تيرهن سالن جي عرصي ۾ ابتدائي دعوت ڏئي ڪم وارا ماڻهو تيار ڪرڻ جو ڪم مڪمل ڪري ڇڏيو ۽ وري ايندڙ اٺن سالن جي اندر اندر اسلامي رياست عملي طور زمين جي نقشي تي قائم ڪري مخالفت جي سيني محاذن کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ پنهنجي زندگي ۾ ئي دعوت جون لهرون پرپاسي جي سلطنتن ۾ پهچائي ڇڏيون.

صلحِ حديبيہ (6 هجري) ملڪ جي اندر ٽڪراءُ کان واندڪائي ڏياري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ اهو موقعو فراهم ڪيو تہ عربستان کان ٻاهر بہ ڪم جي شروعات ڪجي. عمرۃالقضا ادا ڪرڻ کان هڪدم پوءِ يعني پهرين محرم 7 هجري تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پرپاسي وارين سلطنتن جي حڪمرانن کي خاص قاصدن جي ذريعي اسلامي نظام جو پيغام پهچايو. اها ڳالهہ اجوڪي دور ۾ غور جي قابل معلوم ٿئي ٿي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٻين ملڪن جي عوام تائين حق جو ڪلمو پهچائڻ جي بجاءِ آخر شاهي درٻارن کي ڇو مخاطب ڪيو. ان جو سبب بلڪل چٽو آهي. ان دور جي بادشاهن جي مقابلي ۾ عوام الناس کي ڪي بہ شهري حق ڪونہ هيا ۽ انهن کي اها بنيادي آزادي ئي مهيا ڪونہ هئي جنهن کان ڪم وٺي اهي

پنهنجي باري ۾ پاڻ کو فيصلو ڪري سگهن ها. وري اهي بادشاهتون انهي ڳالهه جو موقعو ڏيڻ لاءِ بہ تيار ڪونہ هيون تہ ٻئي ملڪ جا ڌاريا ماڻهو اچي انهن جي رعيت سان ملڻ جلڻ جاري رکن ۽ انهن کي موجود مذهب کان ڦيرائين. انهن جا سياسي اقتدار مروجہ مذهب جي ٻل تي ئي هلي رهيا هيا ۽ اهي مذهبي اڳواڻن جي طبقن جو تعاون حاصل ڪري حڪمراني ڪري رهيا هيا. وري جتي صرف مذهب جي تبديلي جو معاملو نہ هجي، بلڪ انسانن کي هر لحاظ کان بدلائي ڇڏڻ هجي. ان جاپيمانا ۽ اقدار ان جا ذوق ۽ معيار ئي مڪمل طور تي تبديل ڪرڻا هجن ۽ جتي حق جي دعوت کي قبول ڪرڻ وارن ۾ مروجہ نظام جي خلاف باغياڻو رجحان پيدا ڪري نئين نظام کي قائم ڪرڻ جي انقلابي دعوت کي اڀارڻ هجي، اتي ڪٿي ممڪن هيو تہ بادشاهتون پنهنجي عوام ۾ اسلامي دعوت کي ماٺ ڪري پکڙجڻ جو موقعو ڏين ها. ان دور جي بادشاهي قيادت تہ جڻ خداوند بڻي پئي هئي ۽ هيٺ هڪڙو پن بہ انهن جي اجازت کان بغير ڇُري نٿي سگهيو. اهائي اها حقيقت آهي جنهن جي ڪري نہ صرف اهو تہ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اسلامي دعوت لاءِ مخاطب خود حڪمرانن کي ڪيو بلڪ پنهنجن خطن ۾ وضاحت سان انهن کي پوري قوم جو نمائندو قرار ڏئي عوام جي بري ۽ ڀلي جي ذميواري انهن مٿان وڌي، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مختلف بادشاهن کي "عظيم الروم"، "عظيم فارس"، "عظيم القبط" يعني فلاڻي يا فلاڻي قوم جا حڪمران چئي مخاطب ڪيو. وري ڪسريٰ ۽ مقوقس کي وضاحت سان لکيو تہ جيڪڏهن توهان دعوت قبول نہ ڪئي تہ عَلَيْكَ اِثْمُ الْمَجُوْسِ عَلَيْكَ اِثْمُ اَهلِ الْقِبْطِ يعني توهان تي سيني مجوسين ۽ سيني قبطين جي گناهن جو وبال پوندو.

بادشاهن کي خط لکندي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙي طرف مروجہ آداب جو لحاظ رکيو يعني خاص طور تي مُهر هڻڻ جي لاءِ منڊي ٺهرائي ۽ ان ۾ "محمد رسول الله" جا لفظ اُڪرايا. ٻئي طرف پنهنجو هڪڙو خاص ڍنگ ۽ طريقو پيدا ڪيو. هر خط جي شروعات الله رحمان رحيم جي نالي سان ڪيائون. پوءِ رسول جي حيثيت سان پنهنجو نالو مبارڪ لکرايائون. پوءِ جنهن ڏانهن خط لکندا هيا ان جو نالو. پوءِ گهٽ کان گهٽ، انتهائي محتاط ۽ توريل تڪيل لفظن ۾ مقصد بيان ڪيائون. ان دور جي لحاظ کان پاڻ سڳورن خطن جي لاءِ جيڪا سفارتي ٻولي اختيار ڪئي آهي اها حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سي ذهني برتري کي اسان جي سامهون ڇٽو ڪري اڄ بہ حيران ڪرڻ واري آهي. مثال طور، انهن ئي خطن ۾ انتهائي مختصر ڪندي پاڻ سڳورن لکرايو. "اَسْلِمْ تَسْلَمْ" يعني اسلام قبول ڪيو سلامتي پائيندا. موقعي مهل واري لهجي جو ڪمال اهو آهي تہ ان جي معنيٰ اها بہ آهي، ۽ هي بہ آهي تہ اطاعت ڪيو تہ سلامتي پائيندا. خود سلامتي پائڻ جو هڪڙو مفهوم اهو آهي تہ اهوئي سلامتي جو مسلڪ آهي ۽ ٻيو مفهوم پنهنجي اندر ڇڳي انداز ۾ ڌمڪي بہ رکي ٿو. يعني جيڪڏهن نہ مڃيندا تہ پوءِ خير ڪونهي. صرف بہ لفظ آهن ۽ انهن جي معنيٰ جي وسعت کي ڏسو.

اهڙي طرح فَعَلَيْكَ اِثْمُ الْمَجُوسِ يا اِثْمُ اَهلِ الْقِبْطِ جي جملي ۾ لفظ "اثم" جو ٻٽو مفهوم آهي. مذهبي بہ سياسي بہ. هڪ اهو تہ توهان تي قوم جو ويال الله وٽ هوندو يا آخرت ۾ هوندو. ٻيو اهو تہ سياسي حيثيت کان توهان کي ڪئي جو ڪيتو لوڙڻو پوندو. انهن ٻٽي معنيٰ (ذومعنيٰ) وارن لفظن کي استعمال ڪرڻ سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اها منشا ڪونہ هئي تہ ڳالهہ غير واضح رهي ۽ (نعوذ بالله) ڪنهن هيرڦير کان ڪم ورتو وڃي. بلڪ ٻنهي جملن سان هڪ ئي وقت ٻئي مفهوم سامهون رکڻ ضروري هيو. اهو فصاحت ۽ بلاغت جو ڪمال آهي تہ ايترن گهٽ لفظن مان ايتري وسيع معنيٰ حاصل ٿئي. ان کان علاوه، هر حڪمران کي مخاطب ڪندي ان جو مذهب ۽ ان جي مخصوص حالتن کي نظر ۾ رکي مختلف عبارتن کان ڪم ورتو. ايئن نہ تہ هڪڙو ئي ٺهيل ٺڪيل مضمون نقل ڪيو ويو هجي. ان کان علاوه، پاڻ سڳورن هر حڪمران ڏانهن ان جي قومي زبان ڄاڻڻ وارو سفير نامزد ڪري روانو ڪيو.[1]

دعوت کان علاوه، انهن خطن جي موڪلڻ جو هڪڙو مقصد اهو بہ هيو تہ پرپاسي وارن حڪمرانن کي اها حقيقت چڱي طرح معلوم ٿي وڃي تہ هاڻي عربستان اڳ وانگر ڪو کليل چراگاهہ ڪونهي. بلڪ اهو هڪڙو باضابطہ حڪومت جي انتظام هيٺ آهي. هڪڙي ڪارائتي طاقت موجود آهي، جيڪا هر لحاظ کان چوڪس ۽ مضبوط آهي. اها ڪنهن پراڻي سلطنت کان رعب ۾ اچڻ واري ڪونهي. بلڪ اها للڪاري (چيلينج ڪري) رهي آهي ۽ للڪارڻ (چيلينج ڪرڻ) جو ان ۾ دم خم موجود آهي.

هاڻي اسان مختصر طور تي روداد بيان ڪيون ٿا تہ ڪهڙي طرح هڪڙي هڪڙي حڪمران تائين دعوت وارو خط پهچايو ويو ۽ نتيجو ڪهڙو نڪتو.

I. اَصَحَم (يا اَصحَمہ) بن ابجر نجاشي، حبش جي بادشاهہ جي دربار ۾ عمرو بن اميہ ضمري جي هٿان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙو دعوتي خط موڪليو. ان خط ۾ حبش وارن مهاجرن کي خط کان اڳ حبش روانو ڪرڻ جو حوالو بہ آهي. خاص طور تي حضرت جعفر طيار رضہ جو ذڪر آهي ۽ انهن کي آرام سان رکڻ جي هدايت ڪئي. پوءِ ان ۾ بادشاهہ کي اسلام جي دعوت بہ ڏني وئي هئي ۽ ان جي معرفت سلطنت جي عهديدارن (جنودڪ) کي بہ.

نجاشي اڳ ۾ ئي اسلام کان متاثر هيو. حضرت جعفر رضہ جي هٿ تي بہ علي الاعلان اسلام جي بيعت ڪئي ۽ ان جو اطلاع هڪڙي تفصيلي خط جي ذريعي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي موڪليو. پنهنجي پٽ ارها کي سفير ڪري موڪليو. اها پيشڪش بہ ڪئي تہ جيڪڏهن ارشاد ٿئي تہ مان خود بارگاهہ ۾ حاضر ٿي وڃان.[2]

---

1 واپاري مقصدن سان هميشهہ سفر جي لاءِ اڄ وڃ ڪرڻ سبب پرپاسي وارن ملڪن جون ٻوليون ڄاڻڻ وارا اصحابي موجود هيا. ڪجهہ کي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خاص حڪم ڏئي ڪنهن زبان سکڻ تي مقرر ڪيو.

2 گمان اهو آهي تہ اهو نجاشي اول ڪونهي جنهن جي سامهون مهاجرن جو معاملو پيش ٿيو هيو ۽ اهو مسلمان ٿيو ۽ ان جي غائبانہ جنازي ...ز نبي ڪريمہ صلي الله عليہ وآلہ وسلمہ پڙهي. اهو اصمہ ثالي نجاشي بادشاهہ بعد ۾ تخت تي ويلو. بهرحال، اهو اختلافي قصو آهي.

2. مُنذِر بن ساوي بحرين جي علائقي جو حڪمران هيو ۽ فارس جي شهنشاهه جو بجگير هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم علاء بن حَضرَمِي جي هٿان دعوتي خط موڪليو. مُنذِر اسلام جي نور کي قبول ڪيو ۽ ان جي رعيت مان به گهڻا ماڻهو اسلام جي حلقي ۾ داخل ٿيا. ان به جوابي خط ۾ پنهنجو اسلام پيش ڪيو ۽ رعيت جي باري ۾ ٻڌايو ته ڪجهه ماڻهن جون دليون اسلام جي لاءِ کليل ويون آهن. ليڪن ڪجهه مخالف آهن ۽ يهودي ۽ نصراني رهڻ گهرن ٿا. مديني مان پيهر فرمان ويو ته جيڪي ماڻهو يهودي ۽ نصراني رهڻ گهرن انهن تي ٽيڪس (جزيو) مقرر ٿيندو ۽ اهي پنهنجي مذهب تي قائم رهي سگهن ٿا.

3. جيفر ۽ عبد هڪڙي جَلَندي نالي شخص جا ٻه پٽ هيا. جن جو اقتدار عمان ۾ هلندو هيو. عمرو بن عاص جي هٿان دعوتي خط موڪليو ويو. عمرو بن عاص پهريان ننڍي ڀاءُ عبد سان مليو ته ان گهڻي ڏکهي گفتگو ڪئي ۽ ان کان گهڻي معلومات حاصل ڪئي ته نجاشي مسلمان ٿي ويو آهي ۽ پوءِ به ان قوم ان کي بادشاهت تي قائم رکيو آهي. بشپ پادري به رڪاوٽ ڪونه وجهي سگهيا ۽ هرقل روم به ان واقعي جو علم ٿيڻ جي باوجود ڪو قدم ڪونه کنيو. بلڪ نجاشي اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ هرقل کي ڍل (خراج) ڏيڻ به بند ڪري ڇڏي آهي. پوءِ ان عمرو بن عاص کان نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جون خاص خاص تعليمات معلوم ڪيون. ان گفتگو سان ان جي اندر هڪڙو ولولو ته پيدا ٿي ويو ۽ ان حسرت مان چيو ته ڪاش منهنجو وڏو ڀاءُ به مجي وڃي ۽ اسان ٻئي مديني وڃي اسلام ۾ داخل ٿيون. پوءِ دربار منعقد ڪئي وئي ۽ ٻنهي ڀائرن جي موجودگي ۾ مديني جي سفير مهر لڳل خط پيش ڪيو. ٻنهي ڀائرن پڙهيو. پوءِ ڪجهه سوال ڪيا، جن جي جواب ۾ عمرو بن عاص ٻڌايو ته قريشن نه چاهيندي به نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي اطاعت اختيار ڪري ڇڏي آهي ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي جماعت اهڙن ماڻهن تي مشتمل آهي جن غوروفڪر، شعور ۽ سمجهه سان نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ۽ انهن جي دعوت کي قبول ڪيو آهي ۽ پوءِ سڀ ڪجهه ڇڏي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي چوڌاري گڏ ٿيا آهن — پوءِ هڪ ٻن ڏينهن تائين جيفر بادشاهه سوچ ويچار ۾ رهيو. آخرڪار ٻئي ڀائر اسلام جي رحمت واري ڇانوَ ۾ داخل ٿي ويا ۽ انهن سان گڏ رعيت جو هڪڙو حصو به صداقت جي نور مان بهره مند ٿيو.

4. مُنذِر بن حارث بن ابوشمر دمشق جو حاڪم هيو. شجاع بن وهب اسدي اسلامي حڪومت جو سفير ٿي ان تائين پهتو. پهريان ته خط مبارڪ کي ڏسي طيش ۾ اچي ويو. مگر بعد ۾ پاڻ کي قابو ۾ رکيائين. مصلحتن مديني جي سفير کي عزت ۽ اعزاز سان روانو ڪيائين. البت اسلام قبول ڪونه ڪيائين.

5. هوذه بن علي يمامه جو حاڪم ۽ عيسائيت جو پيروڪار هيو. مديني مان سليط بن عمرو دعوتي خط کڻي ويو. ان به حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ڪم کي

دنياوي سياست جو رنگ ڏنو ۽ سودو ڪرڻ جي لاءِ شرط رکيو تہ اسلامي حڪومت ۾ اڌ حصو منهنجو هجي. بعد ۾ جلدي ان جي عمر پوري ٿي وئي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تائين خبر پهتي تہ فرمايائون تہ اهو هڪڙي انچ جيتري يا ڪتل جي ڳڙي جي ماپ جيتري زمين گهري ها تہ مان نٿي ڏئي سگهيس. جنهن سرزمين تي اسلامي نظام قائم ٿيندو آهي، ان جو تہ ذرو ذرو هڪڙي مقدس امانت هوندو آهي.

6. جريج بن متي مقوقس اسڪندريہ ۽ مصر جو بادشاهہ هيو ۽ مذهب عيسائيت هيس. حاطب بن ابي بلتعہ کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جي درٻار ۾ موڪليو. ان خط پهچائڻ کان پوءِ گفتگو بہ ڪئي ۽ اهڙي بي ڊپائي واري انداز ۾ ڪئي جو ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪهڙي مضبوط ذهن ۽ ڪردار جون هستيون اسلام جي سانچي ۾ ڍالي پيدا ڪيون. حاطب مقوقس کي خبردار ڪندي چيو تہ هن سرزمين ۾ پهريان بہ هڪڙو شخص گذريو آهي، جيڪو "اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعلىٰ" جو نعرو لڳائيندو هيو. آخر اهو الله جي غضب جو شڪار ٿي ويو. سو لازم آهي تہ توهان ٻين کان عبرت حاصل ڪيو. ايئن نہ ٿئي تہ ٻيا توهان کان عبرت حاصل ڪن. پوءِ عيسائيت جي مقابلي ۾ اسلام جي برتري دليل ڏئي واضح ڪئي. پوءِ اهو بہ چيو تہ اسان توهان کي حضرت عيسيٰ (مسيح) عليہ السلام جي ئي پيش ڪيل صحيح دين ڏانهن سڏي رهيا آهيون. يعني هي ڪو نئون رستو ڪونهي. مقوقس اسلام قبول ڪرڻ تي تہ راضي ڪونہ ٿيو مگر ان نبوي خط جو گهڻو احترام ڪيو. ان کي عاج جي صندوق ۾ رکرائي خزاني ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ سوکڙيون موڪليائين، جن ۾ دلدل نالي مشهور خچر بہ شامل هيو. خط جي جواب ۾ اهو بہ لکيو تہ مون کي معلوم آهي تہ نبي آخر زمان جي آمد باقي آهي. ليڪن منهنجو خيال آهي تہ اهو شام جي ملڪ ۾ پيدا ٿيندو.

7. هرقل يا قيصر رومي سلطنت جي مشرقي حصي جو بادشاهہ هيو ۽ قسطنطنيہ (هاڻي استنبول)ان جي گادي جو هنڌ هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم دحيہ بن خليفہ ڪلبي کي خط ڏئي ان جي درٻار ۾ موڪليو. دحيہ بيت المقدس جي مقام تي وڃي ان سان مليو. هرقل مديني جي سفير جي اعزاز ۾ گهڻي وڏي درٻار منعقد ڪئي ۽ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي باري ۾ گهڻائي تفصيل معلوم ڪيا. پوءِ معلوم ڪيو تہ جيڪڏهن مڪي جو ڪو ٻيو ماڻهو هن علائقي ۾ آيل هجي تہ ان کي پيش ڪيو وڃي. اتفاق جي ڳالهہ تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مخالف محاذ جو سربراهہ ابوسفيان انهن ڏينهن ۾ واپاري سلسلي ۾ شام ۾ آيل هيو. ان کي واپاري ساٿين سان گڏ درٻار ۾ وٺي آيا. هرقل انهن کي چيو تہ مان ابوسفيان کان ڪجهہ سوال پڇندس جيڪڏهن ڪا غلط ڳالهہ هجي تہ توهان ٻڌائجو. ابوسفيان جو پنهنجو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن مون کي اهو انديشو نہ هجي ها تہ ساٿي منهنجي ڪوڙ کي ظاهر ڪري ڇڏيندا تہ شايد مان ان موقعي تي ڪجهہ ڳالهيون ناهيان ها. ليڪن الله تعاليٰ

اهڙي صورتحال پيدا ڪري ڇڏي جو الله جي رسول ۽ اسلام جي دشمن جي زبان مان بہ سچ نڪتو. پوءِ قيصر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خاندان، نسب، اخلاق، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تحريڪ جي ساٿين جا حالات ۽ انهن جي ترقي جي رفتار، لڙاين ۾ مسلمان جماعت جي پوزيشن ۽ اسلام جي تعليمات ۽ ٻين شين جي باري ۾ معلوم ڪيو. سيئي ڳالهيون ٻڌي چيو تہ "ابوسفيان! جيڪڏهن تو سچ سچ جواب ڏنا آهن تہ اهو شخص هڪڙي ڏينهن هن جاءِ جو مالڪ هوندو جتي مان وينو آهيان. ڪاش مان خدمت ۾ حاضر ٿي سگهان ها ۽ ان نبي سڳوري جا پير ڌوئان ها." ان کان پوءِ خط پڙهيو ويو جنهن تي درباري پريشان ٿي ويا. چو تہ هرقل جي ذهني ڪيفيت انهن کي پريشان ڪري ڇڏيو هيو. انهن مڪي وارن کي جلدي جلدي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

ان گفتگو خود ابوسفيان جي دل تي اسلام جي عظمت جو نقش چٽو ڪري ڇڏيو.

8. خسرو پرويز ڪسريٰ فارس (ايران) جي گهڻي وڏي سلطنت جو حڪمران هيو. اهو زرتشت جي مذهب جو پيروڪار هيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم عبدالله رضہ بن رواحہ کي سفير ڪري ان ڏانهن دعوتي خط موڪليو.

خسرو ڪسريٰ جي جنهن تخت تي وينو هيو، مشڪل سان ئي غرور جو نشو ان جي بصيرت کي ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏئي سگهيو ٿي. ڪاوڙ ۾ وقلڻ لڳو ۽ نبوي خط کي اهو چئي ڦاڙي ڇڏيائين تہ اسان جي رعيت جو هڪڙو ماڻهو اها جرئت ٿو ڪري. ان ڪم بخت کي پوري طرح اهو معلوم ڪونہ هيو تہ عربستان ڪيتري وڏي انقلاب مان گذري رهيو آهي ۽ ڪهڙي وڏي نظرياتي قوت وڏي ويجهي رهي آهي. ان يمن ۾ مقرر ڪيل پنهنجي گورنر باذان کي ڪم سونپيو تہ خط لکندڙ کي هڪدم گرفتار ڪري پيش ڪري. باذان ان مهم تي هڪڙو فوجي دستو روانو ڪيو. اهو دستو جڏهن طائف پهتو تہ اتان جا رئيس گهڻو خوش ٿيا تہ هاڻي انهن جي محبوب جاهلي نظام جي دشمن جو (نعوذ بالله) خاتمو ٿي ويندو. اهو دستو مديني پهتو ۽ ان جي سالار حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي حقيقت کان آگاهہ ڪيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم فرمايو تہ سڀاڻي صبح اچي وري ملجو. اهي ماڻهو صبح جو حاضر ٿيا تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم خبر ٻڌاين تہ اڄ رات الله تعاليٰ توهان جي بادشاهہ جي حياتي پوري ڪري ڇڏي ۽ اهو پنهنجي ئي پٽ جي هٿان قتل ٿي ويو آهي. ويچوءِ ويچي تحقيق ڪيو. ان پيشن گوئي جي سچائي معلوم ٿيڻ ۽ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تعليم ۽ ڪردار جو حال معلوم ٿيڻ تي باذان پاڻيچاري جي اسلامي نظام ۾ شامل ٿي ويو ۽ ان سان گڏ دربار ۽ علائقي جا بہ گهڻا ماڻهو ايمان سان مالامال ٿيا.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڪسريٰ جي رويي جو احوال ٻڌي فرمايو "مَزَّقَ مُلْكَهُ" يعني ان منهنجي خط کي ڦاڙي حقيقت ۾ پنهنجي سلطنت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي لفظن ۾ قضاء الاهي ڳالهائي رهي هئي. ڏهن پندرهن سالن جي اندر اندر چئن پنجن هزارن سالن جي قديمي

سلطنت ـــ اسلام جي قدمن ۾ فتح ٿي پئي هئي ۽ حقيقت ۾ بدانتظامي ئي ان کي ان انجام تائين پهچايو.

ان کان علاوه، جن ننڍين ننڍين نوابن (والين) تائين دعوت موڪلي وئي، انهن مان هڪڙو تہ فروه بن عمرو رومي سلطنت جو گورنر هيو. جنهن اسلام قبول ڪري نہ صرف عهدي ۽ مرتبي کي لت هنئي، بلڪ جان بہ حق جي شهادت ۾ قربان ڪئي. ٻيو نجد جو حڪمران ثمامہ هيو جيڪو 6 هجري ۾ اسلام ۾ داخل ٿيو هيو. ٽيون جبالہ (جبلہ) غساني هيو جنهن 7 هجري ۾ اسلام قبول ڪيو. چوٿون دومت الجندل جو حاڪم اُڪيدر بہ مسلمان ٿيو هيو. پنجون ذوالڪلاح حميري جيڪو حميري قبيلي جو سردار ۽ بادشاهہ هيو ۽ پنهنجو پاڻ کي خدا چورائيندو هيو ۽ ماڻهن کان پاڻ کي سجدا ڪرائيندو هيو. آخرڪار اهو بہ اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيو ۽ حضرت عمر فاروق رضہ جي دور ۾ بادشاهت ڇڏي راهباڻي زندگي گذارڻ لاءِ مديني اچي ويو. ان اسلام قبول ڪرڻ جي خوشي ۾ ارڙهن هزار غلام آزاد ڪيا هيا.

مٿي ڄاڻايل واقعن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ حق جي دعوت جي ان لکت واري (قلمِي) محاذ سان بہ وڏا اهم نتيجا پڌرا ٿيا ۽ اها تدبير اسلام جي پکڙجڻ ۾ گهڻي مددگار ٿي. پهريون اهو تہ پرپاسي وارين سلطنتن ۾ اسلام جو پيغام هڪڙي موضوع ۽ بحث ڪرڻ واري ڳالهہ جي حيثيت ۾ پهتو ۽ پلي محدود حلقن ۾ ئي سهي، پر ان تي سوچيو وڃڻ لڳو. وري اها اسلام جي صداقت ۽ ان جو فطرت جي مطابق هجڻ جو هڪڙو ثبوت آهي تہ رعب تاب ۽ اقتدار وارن جو هڪڙو چڱو چوکو تعداد اهڙي حالت ۾ مسلمان ٿيو جڏهن مسلم جماعت سماجي لحاظ کان گهڻو پوئتي هئي. انهن ماڻهن سان گڏ انهن جي اثر هيٺ رهندڙ عوام ۾ بہ اسلام کي رستو ملڻ لڳو. نبوي خطن جا اهي مخاطب جيڪي اسلام ۾ نہ اچي سگهيا، انهن جي ذهنن تي بہ تمام سٺا اثر پئجي ويا. وري ان بين الاقوامي دور جي افتتاح سان خود ملڪ جي اندر بہ فضا هموار ٿيڻ ۾ مدد ملي. ان مهم جو سڀ کان وڏو فائدو اهو ٿيو تہ مسلمان جماعت جي سامهون ڪم جو هڪڙو وسيع دائرو شروع ڪان ئي اچي ويو ۽ ان کي اهو نصب العين قومي ۽ ملڪي پيماني کان گهڻو وڏو ڏنو ويو. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ عربستان ۾ اسلامي سلطنت جي ڇانئجي وڃڻ جي باوجود انهن ماڻهن سندرا ڪونہ کوليا. عيش ۽ عشرت ۾ ڪونہ پيا. انهن ۾ اهواطمينان پيدا ڪونہ ٿيو تہ ڪرڻ جو ڪم اسان مڪمل ڪري ڇڏيو. حق جي ڪلمي سان انهن جي اُنسيت گهٽ ڪونہ ٿي. بلڪ انهن جي تمنا جي چڻنگ پهريان کان وڌيڪ چمڪڻ لڳي. ان کان علاوه، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجن ساٿين کي سفارتي معاملن ۾ لڳائي انهن کي اچڻ وارين ذميوارين جي لاءِ چڱي چوکي تربيت ڏئي ورتي. اهي ڏارين حقلن ۾ پهتا. نت نانگر وارين تهذيبن جي دائرن ۾ داخل ٿيا. رعبدار شاهي درٻارن ۾ پهتا، پريل مجلسن ۾ انهن کي ڳالهائڻ ۽ بحث ڪرڻ جو تجربو ٿيو. انهن کي وقت جي حڪمرانن ۽ درٻارين جي نفسيات کي سمجهڻ جو موقعو مليو ۽ پوءِ جنهن

اطمينان، مضبوطي، پنهنجي مسلڪ جي برتري جي شعور، پنهنجي سادگي ۽ ابوجهائي (بدويت) سان گڏ پنهنجي عزت جي احساس ۽ حق کي بيان ڪرڻ جي لاءِ جنهن جرئت جو انهن مظاهرو ڪيو ان انهن جي صلاحيتن کي اجا وڌيڪ اجاگر ڪري ڇڏيو ۽ انهن جو ڪردار اجا وڌيڪ نکارجي ويو.

بين الاقوامي دعوت جي اها مهم جنهن جو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم آغاز ڪيو هيو، ان کي تڪميل تائين پهچائڻ جي سعادت پاڻ سڳورن جي جانشين، ساٿين ۽ پاڻ سڳورن جي تربيت ڏنل جماعت جي حصي ۾ آئي.

## رد عمل جي آخري لهر:

ڪوئي انقلاب جڏهن ڪشمڪش جي سيني مرحلن کي پار ڪري ۽ پراڻين قيادتن جو زور ٽوڙي فيصلہ ڪن ڪاميابي جي دور ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ان ڪاميابي تي ڪجهہ حسد ۾ ورتل گهٽ همت وارا ماڻهو اندر ئي اندر ۾ ڪڙهندا رهندا آهن. پوءِ جڏهن ڪو موقعو ايندو آهي تہ اهي آخري حوصلي ڪان ڪم وٺي تبديلي جي سيلاب جي اڳيان ڪکن ڪانن سان بند ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙي ئي صورت اسلامي انقلاب کي بہ پيش آئي. قريشن، يهودين ۽ صحرائي قبيلن جي مقامي قيادتن جو جڏهن زور ختم ٿي ويو ۽ عوام اسلام ڏانهن وڌڻ لڳا ۽ اسلام عوام ۾ نافذ ٿيڻ لڳو تہ مخالفت جي هڪڙي آخري ردعملي لهر بلڪل هڪڙي نئين صورت ۾ اٿي. ڪجهہ ماڻهن ايئن سوچيو تہ هڪڙو شخص اٿيو ۽ ان نبوت جي دعوا ڪئي، ڪجهہ ماڻهن کي پاڻ سان ملايائين، جدوجهد ڪيائين ۽ هاڻي اهو پوري عربستان جو حڪمران ٿي وينو آهي، تہ ڇو نہ اسان بہ اهو طريقو اختيار ڪري ڏسون. خاص ڪري جڏهن اهي ماڻهو صدقي ۽ زڪوات جي جڄهي مال کي مديني ڏانهن ويندي ڏسندا هوندا تہ انهن جي وات ۾ پاڻي پرجي ايندو هوندو. انهن جي نظر ۾ اهڙا ماڻهو هيا جيڪي نہ چاهيندي بہ لاچار اسلامي نظام جا مطيع ٿي ويا هيا. مگر انهن جي دلين ۾ مخالفت وارو لاوو اجا پڙڪي رهيو هيو. انهن کي گڏ ڪري انهن راند ڪيڏڻ گهري، اهي انهي ڳالهہ کان تہ پلي پت واقف هيا تہ هاڻي جاهلي تصورن ۽ مشرڪاڻن يا بت پرستاڻن نظرين جي ٻل تي تہ ڪو ڪم نٿو ڪري سگهجي، ڇوتہ فضا ۾ توحيدِ باري تعاليٰ ۽ وحي ۽ نبوت ۽ آخرت جا عقيدا پوري طرح ڇانئجي ويا آهن تہ انهن بہ پنهنجن دوڪانن ۾ ان ئي سجاڻپ واري نشاني (ليبل) سان سودا رکي ماڻهن کي برغلائڻ جي ڪوشش ڪئي. مگر انهن بيوقوفن کي اها خبر ڪونہ هئي تہ سِڪو هلائڻ لاءِ صرف هڪڙي نقلي ڇاپ (نقش) ڪافي ڪونهي هوندي، ان جي لاءِ ڪارائتي ڌاتوءَ جي بہ ضرورت هوندي آهي ۽ اسلام جي سِڪي ۾ جيڪو ڌاتو استعمال ٿيو هيو اهو جنس جي اصليت ۾ بہ بهترين هيو (خِيَارُكُم فِي الاِسلامِ خِيَارُكُم فِي الجَاهِلِيَّةِ) ۽ ان کان علاوه، ان کي ڏهن ويهن سالن تائين ٻنين ۽ ڪوئارين مان گذاريو ويو هيو. مگر هوس جي پوڄارين جون نگاهون

ڪڏهن بہ گهرائي ۾ ڪونہ وينديون آهن. اهي پنهنجي پسند جي مفاد ڪي ڏسنديون آهن ۽ ان جي قيمت ۾ جيڪي قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن. ان تي ڪڏهن بہ ڌيان ڪونہ ڏرينديون آهن. مطلب تہ تاريخ ۾ جو اهو ٿيندو آيو آهي تہ هر عظيم شخصيت جا چيپارا ڪيڻ جي لاءِ ڪجهہ ڪميڻي فطرت وارا ماڻهو ظاهر ٿي پوندا آهن ۽ هر عروج پذير تحريڪ جي آسمان کي ڇهندڙ جهنڊي جي مقابلي ۾ ڪجهہ خسيس ماڻهو ٽڳڙين جون جهنڊيون ٺاهي اٿي پوندا آهن. بلڪل اهڙو ئي تجربو عربستان ۾ بہ پيش آيو. اهڙن شرارتين جو مختصر بيان ڪرڻ ضروري آهي.

1. پهريان اسان بيان ڪري چڪا آهيون تہ هڪڙي وفد سان مسيلمہ بن حبيب (جيڪو مسيلمہ ڪذاب جي نالي سان مشهور آهي) مديني آيو هيو. اسلامي مرڪز جي گهماگهمي کي ڏسي ان جي اقتدار واري هوس ۾ اڀڙڪو آيو هوندو. ان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خدمت ۾ هڪڙو خط لکيو جنهن ۾ اهو ئي اقتدار ۾ شريڪ ٿيڻ جو معاملو ڇيڙيو ۽ ڌمڪي بہ ڏني. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان جي ڳالهہ کي سختي سان رد ڪري ڇڏيو. طيش ۾ اچي ان نبوت جي دعوا ڪئي. اديب تہ اهو هيوئي. قرآن شريف جي آيتن جي طرز کي سامهون رکي قافيو ملائي عبارتون ٺاهي صحرائي ماڻهن کي ٻڌائيندو هيو ۽ جيئن تہ ڪجهہ ماڻهو اڃا تائين جاهليت سان ذهني وابستگي رکندا هيا ۽ انهن جي تعليم و تربيت اسلامي نظام مطابق ڪونہ ٿي سگهي هئي، ان ڪان علاوه علائقائي ۽ قبيلائي عصبيت بہ اڃا باقي هئي، انهيءَ ڪري ان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ پيروڪار بہ ملي ويا. وري جيئن تہ ان جي وحي نماز معاف ڪري ڇڏي ۽ ان جي شريعت زنا ۽ جوا کي جائز قرار ڏئي ڇڏيو هيو انهيءَ ڪري سموري جو سمورو فاسق مزاج لڏو ان جي چوڌاري گڏ ٿي ويو. خيال ڪيو تہ هي طاقت هئي جيڪا اسلامي تحريڪ جي مقابلي ۾ آندي پئي وئي. حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي دور ۾ ان جو خاتمو ٿيو.

2. هڪڙي عورت مسيلمہ جي علائقي جي پاڙي مان اٿي، جنهن جو نالو سجاح هيو. ان بہ زناني نبوت جو پهريون جهنڊو اپو ڪيو. مسيلمہ ان سان ملاقات ڪئي ۽ سمجهائڻ سمجهڻ (افهام و تفهيم) جي لاءِ اڪيلائي ۾ گفتگو ڪرڻ جو فيصلو ڪيائون. مسيلمہ شيطاني وحي جا اهڙا بيت ٻڌايا جو سجاح جا جذبات ڀڙڪي اٿيا ۽ اها جنس جي وهڪري ۾ لڙهي وئي. اها مسيلمہ کي چنبڙي وئي. بعد ۾ مسيلمہ قتل ٿيو تہ اها توبهہ تائب ٿي وري اسلام ۾ داخل ٿي ۽ مرڻ گهڙي تائين اسلام تي قائم رهي.

3. حجتہ الوداع کان پوءِ يمن جي زرخيز ۽ سياسي اهميت رکڻ واري علائقي ۾ اسود عنسي نبوت جي دعوا ڪندي بغاوت جو جهنڊو اپو ڪيو. ان جو اصل نالو ذوالخمار عبهلہ بن ڪعب هيو. مذحج قبيلي مان ان کي پيروڪار مليا ۽ نجران ۾ بہ ان جا اثر پکڙيا. ان جي اثر جو وڏو سبب ان جي جادو منتر وغيره جو چرچو هيو. اسلامي حڪومت جي ڪجهہ سِوِل آفيسرن، ۽ دعوتي ۽ تعليمي ڪارڪنن کي ان تهہ تيغ ڪرايو ۽

ڪجهہ ڪي پنهنجي علائقي مان ڪڍي ڇڏيو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پرپاسي وارن آفيسرن ڏانهن فرمان موڪليو تہ طاقت گڏ ڪري ان بغاوت جو صفايو ڪيو. ان ايراني نسل جي هڪڙي مسلمان کي قتل ڪرائي ان جي خوبصورت زال کي زبردستي پنهنجي گهر ۾ رکيو هيو. اها عورت پنهنجي ايمان ۾ پڪي هئي ۽ ان جي مدد سان اسلامي حڪومت اسود کي قابو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي آخرت واري سفر کان هڪ ٻہ ڏينهن اڳ اهو شرارتي قتل ٿيو ۽ پوءِ ان جي پاليل فوج کي آساني سان ختم ڪيو ويو. ليڪن ان جي پکڙيل فتني جا اثر حضرموت کان طائف تائين پکڙيا ۽ ان جو ازالو بہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي دور جي ئي شروعات ۾ ٿيو.

4. انهن مثالن کي ڏسي طَلِيحہ بن خُوَيلد اسدي جي وات ۾ بہ پاڻي ڀرجي آيو ۽ ان بہ نبوت جي ڪوڙي دعوا ڪري راند کٽڻ چاهي. پنهنجي قبيلي بنوغطفان مان ان کي پيروڪار ملي ويا. ان بہ خط لکي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان اقتدار مان حصو گهريو هيو. ان جي فتني جو بہ صفايو حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي دور ۾ ٿيو.

5. عمان جي لَقِيط بن مالڪ ازدي کي هوذہ بن علي جي جانشيني ملي تہ ان جي دماغ ۾ بہ فتور پيدا ٿيڻ لڳو هيو.

اصل ۾ اهي مختلف ماڻهو مختلف علائقن ۾ انهيءَ ڪري اٿيا هيا جو انهن کي پنهنجي چوڌاري جاهليت پرستن، منافقي طور اسلام قبول ڪرڻ وارن، پراڻن ڏوهن وارا ڏنڊا ڪندڙ فاسقن، زنا، شراب، جوا ۽ وياج وٺڻ جي متوالن، هڪڙي مرڪزي نظام جي اطاعت جي مقابلي ۾ پنهنجي قبيلي جي مٿيرائي گهرڻ وارن، وري زڪوات ڏيندي ۽ زڪوات جي مال کي مديني ڏانهن ويندو ڏسي اندر ئي اندر ۾ ڪڙهڻ وارن. ان کان علاوه پنهنجي ٿوري قيادت جو ماتم ڪرڻ وارن جو چڱو چوکو تعداد ڏسڻ ۾ ايندو هيو. ان تعداد کي اهي ماڻهو حرڪت ۾ ڪٺي آيا ۽ انهن جي سهاري جاهليت جي دم ٽوڙيندڙ قوت هڪڙو آخري سهارو ورتو.

ليڪن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تيار ڪيل قيادت حالتن جي خوفناڪ نزاڪت جي باوجود وڏن مضبوط هٿن سان انهن فتنن جو مٿو چٿيو ۽ عربن جي هڪڙي هڪڙي انسان کي نظم ۽ ضبط ۾ پوئي ڇڏيو.

## اسلامي تحريڪ جو عظيم اجتماع:

حج اسلام جي هڪڙي عظيم درجي جي عبادت آهي. حرم پاڪ جيڪو دعوتِ ابراهيمي جو مرڪز هيو ۽ ان جي ذري ذري تي دين جي تاريخ جا قيمتي نقش چٽيل آهن. جنهن جي فضا ۾ ابراهيم عليہ السلام جون دعائون رچيل بسيل آهن ۽ وري جنهن جي ماحول ۾ خود محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي حياتي مبارڪ جي ڪارنامن جا باب ڪنڊريا پيا آهن. اهو هميشہ جي لاءِ اسلامي دعوت ۽ تحريڪ جو

عالمي مرڪز ۽ قبلو ٿي ويو. هر حيثيت واري مسلمان جي لاءِ سڄي عمر ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو ڀيرو هن مرڪز تي حج جي مقرر ٿيل ڏينهن ۾ حاضري ڏيڻ، حج ۽ عمري جا رڪن ۽ مناسڪ ادا ڪرڻ، قرباني واري ابراهيمي سنت کي تازو ڪرڻ، نبين سڳورن جي تاريخ جي نشانن ۽ تبرڪن مان بهره مند ٿيڻ، سموري دنيا کان اچڻ وارن حق جي نظريي جي علمبردارن ۽ ڀائيچاري واري اسلامي نظام جي ساٿين سان رابطو پيدا ڪرڻ ۽ هرطرف کان منهن موڙي ڪامل عاجزي سان پنهنجو پاڻ کي الله جي حوالي ڪري ڇڏڻ فرض آهي. حج جي فرض هجڻ جو اهو حڪم 9 هجري ۾ نازل ٿيو.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان ئي سال حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي حج جو امير مقرر ڪري ٽن سون ساٿين سان گڏ مڪي روانو ڪيو تہ اهو انهن کي پنهنجي اڳواڻي ۾ حج ادا ڪرائي. ذڪر ڪرڻ جي حوالي سان ان حج جي باري ۾ ڪجھ اهم ڳالهيون شامل ڪجن ٿيون. ڇوتہ ديني ۽ سياسي، ٻنهي، لحاظ کان اسلامي تحريڪ جي تاريخ ۾ انهن جي وڏي اهميت آهي.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي اڳواڻي سان گڏ حضرت علي عليہ السلام کي هڪڙي ٻي ذميواري سونپي وئي تہ اهي توبہ سورت (پهريون 4 آيتون) حج جي اجتماع ۾ ٻڌائين ۽ الله جي حڪم مطابق ماڻهن تائين ضروري اعلان پهچائين. اعلان ڪرڻ واريون ڳالهيون هي هيون:

پهرين تہ پراڻي جاهلاڻي شرڪ تي قائم رهندي جن ماڻهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم يا اسلامي رياست سان معاهدا ڪري مفاد محفوظ ڪري رکيا هيا. ... ، جي سامهون اعلان ڪيو ويو تہ چئن مهينن جي مهلت آهي. ان کان پوءِ اهڙا سڀئي معاهدا الله جي حڪم سان ختم ٿي ويندا. انهيءَ دوران اهي پنهنجي لاءِ عمل جي واٽ جو فيصلو خود ڪن تہ آيا انهن کي هن رياست جي شهريت ترڪ ڪرڻي آهي يا جنگ ڪرڻي آهي، يا اسلامي رياست جي اندر مسلمان جي حيثيت سان رهڻو آهي. يعني هاڻي رياست اندر رياست جو ڪوئي موقعو ڪونہ هيو ۽ اسلامي حڪومت پنهنجين حدن ۾ خود مختياري وارا علائقا رکي پنهنجون گهرجون پوريون ڪري نٿي سگهي. اهڙن معاهدن کي ختم ڪندي بہ کلم کلا اعلان ڪرايو وڃڻ ضروري ٿيو ۽ پوءِ چئن مهينن جي ڪافي مهلت هين ڌرين کي ڏني وئي. اها رعايت بہ ڏني وئي تہ جيڪڏهن ڪو مشرڪ انهي مدت ۾ مديني اچي اسلام کي سمجهڻ گهري تہ ان کي حفاظت سان اچڻ وڃڻ جي اجازت هوندي. وري مشرڪن مان انهن ماڻهن کي الڳ رعايت ڏني وئي جن ديانتداري سان واعدي وفائي ڪئي هئي. انهن جي معاهدن کي مقرر ڪيل مدت تائين بحال رکيو ويو. اصل ڏڪ انهن مشرڪن لاءِ هيو جن اسلام جي مخالفت ۾ دشمني ۽ جنگ جا خوفناڪ محاذ ناهيا هيا. مخالفت ۽ ويڙهہ ڪندي سڀئي اخلاقي حدون اورانگهي ڇڏيون هيون. ان کان علاوه، قول ۽ اقرار کان وري وري ڦرندا رهيا ۽ هر قسم جي لحاظ ۽ مروت کي پٺي ڏيندا رهيا. اِهي اُهي مشرڪ هيا جن حق جي رستي ۾ رڪاوٽون

وجهڻ گهريون. جن حق جي دين ۾ عيب ڪڍيا. جن رسول پاڪ صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي گهر مان ڪڍڻ لاءِ منصوبا ٺاهيا ۽ جن لڙائي ۽ جهڳڙي ۾ اڳرائي ڪئي.

هيءُ اعلان اهو ڪيو ويو تہ اڳتي جي لاءِ حرم پاڪ ۽ مسجدن جو متولي ڪنهن مشرڪ کي ڪونہ ڪيو ويندو. ٽيون اعلان اهو هيو تہ اڳتي جي لاءِ ڪوبہ مشرڪ حرم جي حدن اندر داخل نہ ٿيندو. ان حوالي سان حضرت علي عليہ السلام حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي طرف کان اها بہ وضاحت ڪري ڇڏي تہ هاڻي ڪوئي بہ ماڻهو پراڻي مشرڪاڻي طريقي سان اگهاڙو ٿي ڪعبي جو طواف نہ ڪري سگهندو. چوٿون اعلان الله جي طرف کان چئن مهينن جي حرمت جو ثابت هجڻ جو ڪيو ويو ۽ انهن مهينن ۾ پنهنجي مرضي مطابق تبديليون ڪرڻ جو دروازو بند ڪيو ويو. ڳالهين جي سلسلي ۾ اها حقيقت پوري طرح کولي ٻڌائي وئي تہ الله تعاليٰ پنهنجي رسول صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي انهيءَ ڪري موڪليو آهي تہ اهي ان حق جي دين جي نظام کي زندگي جي مڙني حالتن تي پوري طرح غالب ڪري ڇڏي ۽ ان کي اهو ڪم مشرڪن کي نہ وڻڻ جي باوجود سرانجام ڏيڻو آهي.

ڪجهہ ماڻهو حضرت علي عليہ السلام جي ان مقرري مان عجيب عجيب نڪتا پيدا ڪندا آهن. حالانڪ ڳالهہ صرف ايتري آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جتي حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي پنهنجي پاران حاجين جي اجتماع جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ پنهنجو نائب بڻايو هيو اتي حضرت علي عليہ السلام کي ذاتي نمائندي، شخصي سيڪريٽري يا خصوصي سفير طور هڪڙي اهم ديني ۽ سياسي اعلان جي لاءِ مقرر ڪيو هيو. جن ماڻهن جي حڪومت جي معاملن تي نظر آهي، انهن کي خبر آهي تہ ڪجهہ صورتن ۾ اهوئي طريقو اختيار ڪرڻو پوندو آهي. حڪومتن جا وائسراءِ يا گورنر موجود هوندا آهن. مگر ڪنهن خاص ضرورت جي لاءِ الڳ طور سفير روانا ڪرڻا پوندا آهن.[1]

هاڻي اسان حج جي ان عظيم الشان اجتماع جو ذڪر ڪيون ٿا جنهن ۾ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پاڻ ذاتي طور شرڪت فرمائي ۽ جنهن ۾ اسلامي تحريڪ جي انساني قوت جو هڪڙو سمنڊ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نگاهن جي سامهون لهرون هڻي رهيو هيو. 10 هجري ۾ جڏهن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حج جو ارادو ڪيو تہ سڀني علائقن ۾ ان جو اطلاع ڪيو ويو. اسلامي انقلاب جي علمبردارن جا قافلا هرطرف کان مديني ۾ اچي گڏ ٿيڻ لڳا. الله جي

---

[1] سيد ابوالاعليٰ مودودي سورت توبہ جي ترجمي سان گڏ حاشي ۾ لکي ٿو تہ اهي (سورت جون پهريون) آيتون 5 رڪوع جي آخر تائين 9 هجري ۾ ان وقت نازل ٿيون جڏهن نبي ڪريم ﷺ حضرت ابوبڪر رضہ کي حج جي لاءِ روانو ڪري چڪا هيا. ان جي پٺيان اهي آيتون نازل ٿيون تہ حضور ﷺ حضرت علي عليہ السلام کي موڪليو تہ جيئن حاجين جي عام مجمعي ۾ انهن کي ٻڌائين ۽ پوءِ ضروري اعلان ڪري ـــ (ترجمو قرآن مجيد مختصر حاشي سان گڏ: سيد ابوالاعليٰ مودودي ص495)

ٻانهن جو اهو قافلو روانو ٿيو تہ رستي ۾ ٻہ مختلف قبيلن جون جماعتون اچي ان وهندڙ درياءَ ۾ شامل ٿينديون ويون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جون پاڪ گهروارايون، سڀ جون سڀ پاڻ ڪريمن سان گڏ هيون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ذوالحليفہ جي ماڳ تي احرام ٻڌو ۽ پوءِ اتان ئي اها پڪار بلند ڪئي جيڪا بارگاهہ الاهيءَ ۾ حاضري ڏيڻ وارن حاجين سڳورن جي دل جي صدا هوندي آهي.

لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ......!

"اسان حاضر آهيون! اي اسان جا الله، اسان حاضر آهيون! تنهنجو ڪوئي شريڪ ڪونهي. اسان تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر آهيون. حمد تنهنجي لاءِ آهي. نعمت تنهنجي قبضي ۾ آهي. بادشاهي تنهنجي آهي. تنهنجو ڪوئي شريڪ ڪونهي."

پوءِ پوري رستي ۾ جڏهن ڪنهن مٿانهين تي چڙهڻ يا لهڻ جو موقعو آيو ٿي تہ وري وري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ساٿ ۾ ان مخلص وحدانيت جي پوڄارين جي قافلي صدا بلند ڪئي ٿي... "اسان حاضر آهيون"... "اي الله تون ئي وڏو آهين!"

مڪي جي ويجهو وچي ذي طويٰ جي وادي ۾ ڪجهہ دير ترسيا. پوءِ ان ججهي تعداد واري مسلم جماعت کي ساڻ ڪري مڪي جي اتر اولهہ واري طرف کان داخل ٿيا. طواف ڪيائون. صفا ۽ مروه ٽڪرين تي تشريف کڻي ويا. اتان ڪعبت الله شريف ڏانهن منهن ڪري الله جي توحيد جي پڪار وري بلند ڪئي. 9 ذوالحج جي ڏينهن وادي نمره ۾ آيا. ڏينهن لڙڻ کان پوءِ عرفات ڏانهن تشريف کڻي ويا. ٽڪري تي چڙهي قصواء نالي ڏاچي تي سوار ٿي خطبو ڏنائون. چئني پاسن کان ورجائي چوڻ وارا بيٺا هيا، جيڪي هڪڙي هڪڙي جملي کي ورجائيندا پئي ويا ۽ ان تدبير سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا ارشاد پوري مجمعي جي ڪنن تائين پهچي رهيا هيا.

غور ڪيو تہ ڪهڙو ماحول هوندو. نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دل ان منظر کي ڏسي ڪهڙي ڪيفيت محسوس ڪندي هوندي. اڄ ڄڻ تہ سڄي عمر ۾ پوکيل پوک جي نتيجي ۾ هڪڙو فصل پوري جوڀن سان لهرائي رهيو هيو. هڪ لک چاليهہ هزار (يا ڪجهہ روايتن موجب هڪ لک چوويهہ هزار) جو هڪ آواز مجمعو زمين تي پنهنجو مثال پاڻ هيو. جماعت ۾ شريڪ ماڻهن جون اکيون جڏهن ان محبوب هستيءَ کي ٽڪري جي بلندين تي ايتري وڏي مجمعي جي وچ ۾ ڏسنديون هونديون تہ انهن جي دلين جي پرواز ڪٿي پهتي هوندي.

## اسلامي تحريڪ جو بين الانساني منشور:

نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ان موقعي تي ٻہ خطبا ڏنا. پهريون عرفات جي ٽڪري تان 9 ذوالحج تي، ٻيو 10 ذوالحج تي منيٰ ۾. انهن خطبن جا ڪجهہ ٽڪرا روايتن ۾ هڪ ٻئي ۾ رل مل ٿي ويا آهن.

اهي خطبا ڪيترين ئي حيثيتن کان غيرمعمولي اهميت رکن ٿا. پهريان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جماعت جي سڀ کان وڏي ديني اجتماع ۾ خطاب فرمايو ۽ اهڙي دور ۾ فرمايو جڏهن پاڻ سڳورن طرفان پيش ڪيل حق جو ڪلمو قدآور وڻ ٿي ميوا ۽ گل ڏيڻ لڳو هيو. شديد مخالفتن مان گذري ايتري عظيم ڪاميابي بجاءِ خود سيرت ۽ ڪردار جو هڪڙو امتحان هوندي آهي. جيڪڏهن ان موقعي تي ڪائي دنيا جي پوڄاري شخصيت هجي ها ۽ رڳو هڪڙي سياسي راند کيڏڻ واري ڪا فاتح طاقت هجي ها تہ عيش ۽ عشرت جا سامان گڏ ڪري انهن مان لذت وٺڻ کان علاوه، ان ڏينهن ان جي ذهن ۾ غرور جي اهڙي هوا ڀرجي وڃي ها جو اهو پنهنجي خدائي ڄمائڻ ۽ پنهنجي وڏائي جو ڪلمو بلند ڪرڻ تي لهي اچي ها. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي بجاءِ ڪو بيو هوس جو ماريل شخص ان مقام تي پهچي ها تہ مذهبيت جو ڪوڙو چوغو لهي وڃي ها ۽ ڪاميابي جي ان منزل ۾ ان جو لڪل روح بي نقاب ٿي وڃي ها. مگر هتي اڳ کان بہ وڌيڪ عاجزي هئي ۽ اڳ کان وڌيڪ الله جي لاءِ حمد ۽ شڪر جا ترانا هيا. ٻيو تہ جيئن حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي نبوت واري ڏاهپ سمجهي رهي هئي تہ جماعت کي خطاب ڪرڻ جو اهو آخري موقعو آهي. انهيءَ ڪري چئو تہ الوداعي وصيتون ڪيائون، جن جو هڪڙو هڪڙو لفظ وڏي قيمت وارو آهي. ٽيون تہ ملڪي ڪم جي ان تڪميل واري مرحلي تي اچڻ کان پوءِ اهو ئي موقعو هيو تہ اسلامي تحريڪ جي طرف کان انسانذات جي نالي ڪو پيغام ۽ ڪو منشور ڏنو وڃي ها. سو پاڻ سڳورن ان فرض کي سهڻي نموني سان ادا ڪيو. چوٿون تہ اهي خطبا حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي خطابت جي ڪمال ۽ پاڻ سڳورن جي فصاحت واري شان جا بہ قيمتي نمونا آهن ۽ انهن جي ذريعي ان مقدس شخصيت جي عظمتن کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي.

اها ڳالهہ ذهن ۾ رهي تہ انهن خطبن جو هڪڙو حصو مخصوص ملڪي حالتن ۽ مسئلن جي باري ۾ آهي ۽ هڪڙو حصو بين الانساني منشور تي مشتمل آهي. مضمون جي عبارت پاڻ ئي ان ورهاست کي چٽو ڪري ڇڏيندي

## عرفات وارو خطبو:

ـــ سڀ تعريفون صرف الله جي لاءِ ئي آهن. اسان ان جو حمد ڪريون ٿا. ان کان ئي مدد طلب ڪريون ٿا. ان کان پنهنجن گناهن جي معافي گهرون ٿا ۽ ان جي آڏو پشيماني جو اظهار ڪيون ٿا. اسان پنهنجين دلين ۾ پيدا ٿيندڙ فتنن ۽ پنهنجن عملن جي خرابين جي مقابلي ۾ ان جي پناهہ گهرون ٿا. جنهن کي الله سڌي رستي تي هلڻ جي توفيق ڏئي، ان کي ٻيو ڪير بہ گمراهہ نٿو ڪري سگهي ۽ جنهن کي اهو هدايت جي توفيق نہ ڏئي ان کي ڪير بہ سڌي رستي تي نٿو هلائي سگهي.

ــ ۽ مان ان حقيقت جو اعلان ڪريان ٿو تہ الله کان سواءِ ڪوئي معبود (اله) ڪونهي. اهو اڪيلو آهي. ان جو ڪوئي شريڪ ڪونهي. ۽ مان ان حقيقت جو اعلان ڪريان ٿو تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) ان جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهي.

ــ الله جا ٻانهو! مان توهان کي ان جي عبادت ڪرڻ جي نصيحت ڪريان ٿو ۽ ترغيب ڏياريان ٿو.

ــ مان گفتگو جي شروعات ان ڳالهہ سان ڪريان ٿو جيڪا خير جو سبب آهي.

ــ ان (ابتدا) کان پوءِ (مان چوان ٿو تہ) ــ اي انسانو! منهنجون ڳالهيون غور سان ٻڌو. مان توهان کي وضاحت سان ٻڌايان ٿو. ڇو تہ مان ايئن ڪونہ ٿو سمجهان تہ هن سال کان پوءِ مان توهان سان هن جاءِ تي ملاقات ڪري سگهان.

ــ اي انسانو! توهان جو رت ۽ توهان جو مال توهان جي لاءِ (هڪ ٻئي تي) حرام ڪيو ويو آهي، ان وقت تائين جو توهان پنهنجي پالڻهار جي حضور وڃي پيش ٿيو ــ جيئن توهان جي هن مهيني ۾ ۽ توهان جي هن شهر ۾ توهان جو هي ڏينهن حرام آهي.

ــ توهان آگاهہ رهو تہ مون ڳالهہ پهچائي ڇڏي! اي الله تون پاڻ شاهد رهجان!

ــ ؛مو جنهن وٽ بہ ڪا امانت هجي تہ ان کي ان جي مالڪ تائين پهچائي ڇڏي

ــ جاهليت واري دور جي وياج جون رقمون ختم ڪيون وڃن ٿيون ۽ سڀني کان اڳ ۾ مان پنهنجي چاچي عباس (رضہ) بن عبدالمطلب جي وياج جي گهر کي ختم ڪيان ٿو.

ــ جاهليت جي دور جي سڀني خونن (قتلن) جا بدلا يا قصاص جا مطالبا ختم ڪيا ويا ۽ سڀني کان پهريان مان عمار بن ربيعہ بن حارث بن عبدالمطلب جي خون جو مطالبو ختم ڪيان ٿو.

ــ جاهليت جي دور جا سڀئي اعزاز ۽ منصب ختم ڪيا وڃن ٿا. سواءِ سدانتہ (ڪعبت الله جي سنڀال جو عهدو) ۽ سقايہ (حاجين کي پاڻي پهچائڻ جي ذميواري) جي.

ــ ڄاڻي واڻي قتل جو بدلو (قصاص) ورتو ويندو. ڄاڻي واڻي قتل جي ڏوهہ جيڪو لٺ يا پٿر (جي ڌڪ لڳڻ) سان واقع ٿئي، جو ڏنڊ (ديت) سَوَ اٺ مقرر ڪجي ٿو. جيڪو ان ۾ اضافو ڪري اُهو جاهليت وارن ۾ شامل هوندو.

ــ اي انسانو! شيطان (حق جو نظام ڇانئجي وڃڻ کان پوءِ) ان ڳالهہ کان تہ نااميد ٿي ويو آهي تہ هاڻي توهان جي هن سرزمين ۾ ڪو ان جي عبادت ڪئي ويندي ليڪن اهو ان تي بہ خوش هوندو تہ ان کان سواءِ انهن ٻين گناهن ۾ ان جي اطاعت ڪئي ويندي جن کي توهان ننڍڙو يا معمولي سمجهو ٿا.

ــ اي انسانو! مهينن (يعني حرام مهينن) کي بدلائڻ ڪفر واري طرز جي عمل ۾ اضافو آهي ۽ ان جي ذريعي ڪافر اجا وڌيڪ گمراهي ۾ پوندا آهن جو هڪڙي سال ڪنهن مهيني کي حلال ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ٻئي سال حرام قرار ڏيندا آهن. تہ جيئن (اڳتي پوئتي ڪري) الله طرفان حرام ڪيل مهينن جي فقط ڳڻپ پوري ڪري ڇڏين.

ــ يقيني طور اج زمانو ڦري گري ان حالت تي اچي ويو آهي، جيڪا ان وقت هئي جڏهن الله آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو. يعني الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ مهينن جو تعداد

قطعي طور تي ٻارهن آهي ۽ جڏهن کان الله آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي، اهو تعداد ان جي ڪتاب (تقدير جي لکت) ۾ اهڙي طرح لکيل آهي. ان ۾ چار مهينا حرام آهن.

ـــ ٽي لڳاتار يعني ذوالقعد، ذوالحج ۽ محرم ۽ هڪڙو اڪيلو الڳ يعني رجب جيڪو جمادي الآخر ۽ شعبان جي وچ ۾ آهي.

ـــ آگاهه رهو ته مون ڳالهه پهچائي ڇڏي! اي الله تون پاڻ به شاهد رهجان!!

ـــ اي انسانو! توهان جي زالن کي توهان جي مقابلي ۾ ڪجهه حق ڏنا ويا آهن ۽ توهان کي انهن جي مقابلي ۾ حق ڏنا ويا آهن. انهن تي لازم آهي ته اهي توهان جي سمهڻ وارن ڪمرن ۾ توهان کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي اچڻ نه ڏين ۽ ڪنهن اهڙي شخص کي (گهر ۾) توهان جي اجازت کان سواءِ داخل ٿيڻ نه ڏين، جنهن جو اندر اچڻ توهان کي پسند نه هجي، ۽ ڪا بي حيائي به نه ڪن. جيڪڏهن اهي ڪا اهڙي ڳالهه ڪن ته توهان کي الله اجازت ڏني آهي ته (انهن جي اصلاح جي لاءِ) انهن کي جدا ڪري سگهو ٿا. سمهڻ واري ڪمري کان الڳ ڪري سگهو ٿا ۽ اهڙي جسماني سزا ڏئي سگهو ٿا جنهن سان زخم نه اچي. پوءِ جيڪڏهن اهي نيڪ ٿي وڃن ۽ توهان جي اطاعت ۾ هلن ته قاعدي جي مطابق انهن جي کاڌ خوراڪ ۽ ڪپڙو لٽو توهان جي ذميواري آهي. يقينن زالون توهان جي قبضي هيٺ آهن جيڪي پنهنجي لاءِ پنهنجي طور تي ڪجهه نٿيون ڪري سگهن. توهان انهن کي الله جي امانت طور پنهنجي ساٿ ۾ ورتو آهي ۽ انهن جي جسمن کي الله جي ئي قانون هيٺ استعمال ۾ ورتو آهي. سو زالن جي معاملي ۾ الله کان ڊڄو ۽ سٺي طريقي سان انهن جي تربيت ڪيو.

ـــ آگاهه رهو ته مون ڳالهه پهچائي ڇڏي! اي الله تون پاڻ به شاهد رهجان!!

ـــ اي انسانو! مومن پاڻ ۾ ڀائر آهن. ڪنهن شخص جي لاءِ ان جي ڀاءُ جو مال (ڪٽڻ) ان جي رضامندي کان بغير جائز ڪونهي!

ـــ آگاهه رهو ته مون ڳالهه پهچائي ڇڏي! اي الله! تون پاڻ به شاهد رهجان!!

ـــ سو مون کان پوءِ ڪٿي (ان ڀائري کي ترڪ ڪري) وري ڪافرانو ڍنگ اختيار ڪري هڪ ٻئي جا ڪنڌ نه لاهڻ لڳجو.

ـــ مان توهان جي وچ ۾ هڪڙي اهڙي شي ڇڏي وڃان ٿو جو جيستائين ان تي ڪاربند رهندا ته ڪڏهن به سڌي رستي تان ڪونه ٿڙڪندا. اهو آهي الله جو ڪتاب!!

ـــ آگاهه رهو ته مون ڳالهه پهچائي ڇڏي! اي الله! تون پاڻ به شاهد رهجان!!

ـــ ۽ توهان کان منهنجي باري ۾ پڇيو ويندو ته هاڻي توهان ٻڌايو ته ڇا چوندا؟

ماڻهن رڙيون ڪري چيو: "اسان شاهدي ڏيون ٿا ته توهان پيغام پهچائي ڇڏيو. امت کي نصيحت ڪرڻ جو حق ادا ڪري ڇڏيو. حقيقت تان سيئي پردا هٽائي ڇڏيا، ۽ الله جي امانت کي اسان تائين جيئن جو تيئن پهچائي ڇڏيو!"

ـــ اي الله! تون شاهد رهجان! اي الله! تون شاهد رهجان!! اي الله! تون شاهد رهجان!!!

ـــ جيڪي ماڻهو هتي موجود آهن، اهي ڳالهيون غيرحاضر ماڻهن تائين پهچائين. ممڪن آهي تہ ڪجهہ ٻڌڻ وارن جي مقابلي ۾ ڪي غيرحاضر ماڻهو انهن ڳالهين کي وڌيڪ چڱي طرح ياد رکن ۽ انهن جي حفاظت ڪن.

ـــ اي انسانو! الله تعاليٰ ملڪيت (ميراث) مان هر وارث جي لاءِ حصو مقرر ڪري ڇڏيو آهي ۽ ملڪيت جي ٽين پتي کان وڌيڪ حصي جي وصيت ڪرڻ جائز ڪونهي.

ـــ ٻار ان جو جنهن جي گهر (نڪاح ۾) ڄائو ۽ بدڪار جي لاءِ پٿر!!

ـــ جنهن پنهنجي پيءُ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي پيءُ قرار ڏنو يا جنهن غلام پنهنجي آقا کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي آقا ظاهر ڪيو تہ اهڙي شخص تي الله ۽ ملائڪن ۽ سڀني انسانن جي طرف کان لعنت آهي، ان کان (قيامت جي ڏينهن) ڪوئي بدلو يا عيوضو قبول نہ ڪيو ويندو.

ـــ توهان تي الله جي طرف کان سلامتي هجي ۽ ان جون رحمتون نازل ٿين.

## منيٰ وارو خطبو:

ـــ اي انسانو! مون کان پوءِ ڪوئي ٻيو نبي ڪونہ ايندو ۽ نہ توهان کان پوءِ ڪا ٻي امت برپا ٿيڻ واري آهي. پوءِ غور سان ٻڌو ۽ پنهنجي رب جي عبادت ۾ مشغول رهو. پنج وقتي نماز قائم ڪندا رهو. رمضان جي مهيني جا روزا رکندا ڪيو. پنهنجي مال جي زڪوات دلي لاڙي سان ادا ڪندا رهجو. پنهنجي پالڻهار جي پاڪ گهر جو حج ڪجو ۽ پنهنجن اميرن ۽ حڪمرانن جي اطاعت تي ڪاربند رهجو ـــ تہ جيئن پنهنجي رب جي جنت ۾ جاءِ حاصل ڪري سگهو.

بين الانساني منشور هجڻ جي لحاظ کان انهن خطبن ۾ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جيڪو ڪجهہ فرمايو آهي، انساني ڪاوشون ان کان اڳتي ڪجهہ سوچي نٿيون سگهن. بلڪ ڪو ٻيو مُهذب نظام عملي طور تي انسانيت جو اهو معيار پيدا نہ ڪري سگهيو جيڪو ان منشور ۾ ڏنو ويو آهي. ان ۾ الله جي توحيد جي انقلابي عقيدي جو اعلان آهي. ان جي ٻانهپ کي نظامِ حيات جي روح طور پيش ڪيو ويو آهي. ان ۾ مسلمانن جي لاءِ هڪ ٻئي جي جان ۽ مال کي احترام وارو قرار ڏنو ويو آهي ۽ قتل جو قصاص وٺڻ لازم ڪيو ويو آهي. ان ۾ وياج وٺڻ جي جاهلي نظام کي مليامِيٽ ڪرڻ جو فيصلو آهي. ان ۾ اسلام کان اڳ واري دور جي، انتقامي چڪر کي ختم ڪيو ويو آهي. ان ۾ جاهليت جي اعزازن ۽ منصبن کي ختم ڪيو ويو آهي. ان ۾ زالن جا حق آهن. ان ۾ خانداني نظام جو بنياد مضبوط ڪيو ويو آهي. ان ۾ زالن کي الله جي امانت قرار ڏئي انهن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي قبضي ۾ هجڻ جو لحاظ ڏياريو ويو آهي. ان ۾ حق جي دين جي علمبردارن جي وچ ۾ ڀائرن جو رشتو لازم قرار ڏنو ويو آهي. الله جي ڪتاب (قرآن شريف) کي اسلامي نظام

جو بنيادي ضابطو قرار ڏنو ويو آهي. وحدت رب ۽ وحدتِ آدم عليہ السلام جي بنياد تي وحدت انسانيت جو تصور ڏنو ويو آهي ۽ وطني ۽ نسلي فرقن کي بي وقعت ڪيو ويو آهي ۽ ان ۾ عزت ۽ عظمت جو معيار خدا پرستي ۽ متقياڻي ڪردار کي مقرر ڪيو ويو آهي.

جڏهن بہ ۽ جتي بہ اسلامي تحريڪ هلندي ۽ حق جو نظام مضبوط ٿيندو ان جا بنياد بهرحال، انهن ئي اٽل نظرين ۽ تصورن تي رکيا ويندا. اهو منشور اسلام جو بنيادي منشور آهي ۽ انسانذات کي ان ڏانهن سڏي سگهجي ٿو. انهن حقيقت افروز جملن کان هٽي زندگيءَ جو جيڪو بہ نقشو ٺاهيو ويندو اهو غيراسلامي هوندو ۽ ڪوئي سچو مسلمان ان تي مطمئن ۽ راضي نٿو ٿي سگهي. اهوئي منشور ڪسوٽي آهي جنهن تي اسان مسلمان پنهنجي هر قيادت جي ڪارنامي کي پرکي سگهون ٿا ۽ پنهنجي هڪڙي هڪڙي حڪومت جي قدمن کي جانچي سگهون ٿا. اهو منشور آئينو آهي جنهن ۾ اسان کي پنهنجا چهرا بہ ڏسڻ ۾ اچي سگهن ٿا ۽ جنهن ۾ اسان غير اسلامي تهذيبن جي حقيقت جو عڪس بہ ڏسي سگهون ٿا.

اهو اسان جي پياري نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو آخري پيغام آهي ۽ ان ۾ اسان کي ئي مخاطب ڪيو ويوآهي. ان جي نوعيت پاڪ پيغمبر صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي وصيت جهڙي آهي. ان جي هڪڙي هڪڙي ٻول تي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم درد ڀريل انداز سان آواز بلند ڪيو آهي تہ مون ڳالهہ پهچائي ڇڏي آهي. گُهرجي تہ ان کي پڙهي اسان جا روح ڇرڪي وڃن. اسان جا جذبا جاڳي پون. اسان جون دليون ڌڙڪڻ لڳن ۽ اسان پنهنجي هن وقت تائين جي روش تي پشيمان ٿي ۽ ڪافراڻن نظامن جي چاهت جو ڳٽ ڳچين مان ڪڍي محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دامن پڪڙي وٺون. ان مشن کي ڪٺي اٿي پئون جنهن جي ڪاميابي جي لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اهي اذيتون برداشت ڪيون جو ايتري وڏي صبر ۽ بردباري جو مثال ئي ڪونہ ٿو ملي.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حج جا سيئي رڪن ۽ مناسڪ اطمينان سان ادا ڪيا. جماعت جي عام ماڻهن سان گهڻو ميل جول رهيو. ماڻهن ان موقعي تي گهڻا مسئلا معلوم ڪيا ۽ آخرڪار طوافِ وداع کان پوءِ ان مبارڪ سفر کان واپسي ٿي.

اهو هيو ديني نظام جي تڪميل جو منظر ۽ اهو هيو نعمت کي توڙ تائين پهچائڻ جو واضح نظارو!! ـــ اهو سوا يا ڏيڍ لک انسانن جو انبوهہ جنهن رضاڪاراڻي ۽ والهاڻي جذبي سان آيو هيو. ان ڳالهہ جي ان کان وڌيڪ ڪهڙي شاهدي هوندي تہ اسلامي تحريڪ اصل مقابلو عام راءِ جي ميدان ۾ ڪتيو ۽ دلين جي اندر تبديلي پيدا ڪري زندگيءَ جو ٻاهريون نقشو بدلائي ڇڏيو.

## محسنِ انسانيت ﷺ کان پوءِ:

ايستائين تہ ان ڪم جو نقشو اسان عرض ڪيو آهي جيڪو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي قيادت ۾ سرانجام ڏنو. ان کان جلد پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو وصال ٿيو. مگر پاڻ سڳورن جي تربيت ڏنل جماعت ان ڪم کي جاري رکيو ۽ اسلامي تحريڪ ڏهن پندرهن سالن ۾ وسيع خِطن ۾ ڇائنجي وئي.

حجتہ الوداع ۾ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جنهن انداز سان حصو ورتو پنهنجي جماعت کي جنهن طريقي سان خطاب ڪيو ماڻهن کي جيئن مختلف تاڪيد ۽ وصيتون ڪيون، اهي سڀ ڳالهيون ٻڌائي رهيون هيون تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم اجتماعي طور تي الوداع چئي رهيا آهن. واپسي ۾ غدير خم (هڪڙو تلاءُ) وٽ پڙلاءُ ڪيو ۽ اتي خاص ساٿين کي وري خطاب ڪيو. ان ۾ اهوئي الوداعي رنگ اڃا وڌيڪ ظاهر ٿي ويو. ٻول اهڙا آهن جو انهن کي ٻڌي دلين تي رقعت طاري ٿي وئي هوندي. پهريان پنهنجي محڪم سنت جي مطابق الله جي حمد ۽ ثنا ڪيائون پوءِ فرمايائون:

"هن کان پوءِ (چوڻو اهو آهي تہ) اي انسانو! مان بهرحال هڪڙو انسان آهيان. شايد جلد ئي مون وٽ الله جو (سڏ ڪٽي) قاصد اچي وڃي ۽ مان حاضر آهيان (لبيڪ) چوان. مان ذميواري جا ٻہ بار توهان جي اندر ڇڏي وڃان ٿو. انهن مان هڪ الله جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ هدايت جو ضابطو ۽ روشني و حڪمت آهي. سو الله جي ڪتاب کي پڪڙي رکو ۽ ان کان رهنمائي حاصل ڪيو." (پوءِ قرآن شريف جي طرف گهڻي ترغيب ۽ تشويش ڏياريائون) پوءِ فرمايائون. "۽ ٻيا منهنجي گهر جا ڀاتي (عترت) آهن. پنهنجي گهر جي ڀاتين جي باري ۾ مان توهان کي الله جي ئي (حڪم جي) ياد ڏياريان ٿو."

ان خطبي ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪ تہ انهن براين جو دروازو بند ڪري ڇڏيو جيڪي نبين سڳورن کي فوق البشر ۽ غيربشر قرار ڏيڻ وارن پيدا ڪيون ۽ جن جي انتها اها ٿي تہ جيڪي هستيون الله کي "لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ" جي بي نيازي واري شان (شانِ صمديت) سان ميجرائڻ آيون هيون، وڌاءُ (غلو) پسند ماڻهن انهن کي ئي ڪٽي الله جي اولاد ۽ خدائي ۾ شريڪ ٺاهي ڇڏيو. ان کان علاوه، انهن کي موت واري قانون کان ماوراءِ سمجهي لڪي وڃڻ (غيبوبيت) جا تصور گهڙيا ۽ انهن جي لاءِ جسماني ۽ روحاني حياتي جي هميشگي (دوام) جا عقيدا پيدا ڪيا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم موڪلاڻي واري گهڙي اچڻ کان اڳ ساٿين کي آگاهہ ڪري ڇڏيو تہ مان انسان آهيان ۽ انسانن وانگر موت جو قانون مون تي لاڳو ٿيندو. پوءِ اهو تاڪيد ڪيو تہ الله جي ڪتاب کي بنيادي ضابطہ حيات جي حيثيت سان قائم رکجو ان کان رهنمائي وٺي زندگيءَ جو نظام هلائجو. اها توهان جي لاءِ تمام گهڻي ڳري ذميواري آهي. انهيءَ

ڪري ان ذميواريءَ جو چڱي طرح احساس ڪيو. ان سان گڏوگڏ پنهنجن مٽن ماٽن، پنهنجن گهر وارن ۽ پنهنجن انهن ويجهن ماٽن جي باري ۾ بغير ڪنهن تشريح جي توجهه ڏياريو تہ انهن جي متعلق بہ توهان تي ڪجهہ ذميواريون آهن. هڪڙي طرف حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا مٽ مائٽ پاڻ سڳورن جي نجي زندگي جا شاهد ۽ پاڻ سڳورن جي معمولات کي ويجهڙائي کان ڏسڻ وارا ۽ پاڻ سڳورن جي تعليمات جا پوري طرح امانتدار هيا ۽ ان لحاظ کان اهي امت جي لاءِ تعليم جو هڪڙو قيمتي ذريعو هيا. ٻئي طرف حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم انهن جي لاءِ نہ خزانا گڏ ڪيا، نہ ملڪيت ميڙي، نہ جائداد ڇاهي، بلڪ زندگي ۾ بہ انهن کي درويشاڻي رهڻي ڪرڻي (معاشرت) مان گذاريو ۽ انهن جو مستقبل بہ بغير ڪنهن سامان سڙي جي الله جي حوالي ڪري ڇڏيو. ظاهر ڳالهہ آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان پوءِ انهن جي باري ۾ جماعت تي گهڻي ڳري ذميواري عائد پئي ٿي. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي غيرت جي ڳڻتي اجازت ڪونہ ڏني تہ ڳالهہ اشارن کان اڳتي وڃي.

ان ئي خطبي ۾ يا ان کان پوءِ جماعت کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هڪڙي ٻي بہ ڳالهہ چئي، جنهن جي لاءِ هڪڙي غيرمعمولي ضرورت گهرجائو ٿي هئي. قصو هيئن ٿيو تہ جيڪي اصحابي حضرت علي عليہ السلام سان گڏ يمن موڪليا ويا هيا، انهن جو ڪنهن ڳالهہ تي حضرت علي عليہ السلام سان گهڻو اختلاف ٿي ويو. حقيقت ۾ وڏا وڏا ڪم ڪرڻ دوران طبيعتن ۾ فرق سان گڏ راين جي اختلاف جا گهڻائي سخت موقعا ايندا آهن. ڪڏهن بحثن ۾ تلخي بہ اچي ويندي آهي ۽ ان جي ڪري دلين تي ڪجهہ دير جي لاءِ ميراڻ بہ رهجي ويندي آهي. انسانن تي مشتمل جماعتون چاهي اهي خالص ديني خدمتن جي لاءِ ٺهيون هجن ۽ چاهي انهن جي قيادت تي نبين سڳورن جهڙيون زماني جون چونڊيل هستيون ڇو نہ موجود هجن، اهو ممڪن ڪونهي تہ انساني فطرت پنهنجي طرح طرح جي خواهشن ۽ محرڪن کان خالي ٿي بلڪل صاف سڌي ٿي وڃي. راءِ جي اختلافن جا خاڪا ۽ جذبات جا لاهہ چاڙهہ بهترين ۽ صالح ترين معاشرن ۾ بہ ٿي سگهن ٿا ۽ انهيءَ ڪري وڏا وڏا ڪم اهي ئي اعليٰ ظرف ماڻهو انجام ڏئي سگهندا آهن جيڪي ناراضگين جي باوجود هڪ ٻئي سان موافقت ڪري سگهن. اصحابن سڳورن جي جماعت ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن اختلافي ڳالهيون پيدا ٿيون. مگر اهو انهن ئي هستين جو ظرف هيو تہ پوءِ بہ انهن ۾ موافقت قائم رهي ۽ ميراڻ آئي بہ تہ عارضي نوعيت جي آئي. ڪجهہ اهڙي ئي صورت ان معاملي ۾ بہ پيش آئي هئي. خاص طور تي حضرت بريده رضہ جي دل تي اختلاف جو اثر ايترو شديد هيو جو ان بارگاهِ رسالت ۾ شڪايت ڪئي. مگر حضرت علي عليہ السلام جهڙي اعليٰ درجي واري شخصيت جي باري ۾ شڪايت جو پيدا ٿيڻ، دير تائين قائم رهڻ، اجا وڌڻ، ذاتي ڪاوڙ ۾ بدلجي وڃڻ ۽ پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سامهون ظاهر بہ ڪرڻ، ڪجهہ سخت نوعيت واري ڳالهہ هئي. ٻڌي ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

کي دلي اذيت پهتي ۽ چهري مبارڪ جو رنگ بدلجي ويو. ان پس منظر سان پاڻ سڳورن پنهنجي معمول جي مطابق ڪنهن جو نالو وٺڻ کان سواءِ جماعت کي فرمايو:

"جنهن جو مان دوست آهيان، علي (عليہ السلام) بہ ان جو دوست آهي. اي الله! جيڪو علي (عليہ السلام) کي دوست رکي تون بہ ان کي دوست رک ۽ جيڪو علي (عليہ السلام) سان دشمني رکي تون بہ ان سان دشمني رک!"

گهڻي صاف ڳالهہ هئي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جنهن پاڪ تحريڪ ۾ تن من ڌن لڳائي ڇڏيو هيو عين ان ۾ حضرت علي عليہ السلام بہ پوري زندگي جي بازي لڳائي ڇڏي هئي. هڪڙي ئي دعوت جا داعي، هڪڙي ئي مشن جا علمبردار هڪڙي ئي ذهن سان سوچڻ وارا، هڪڙي ئي رخ تي هلڻ وارا ـــ ۽ وري پاڻ ۾ اهي اهڙا ويجها ۽ مائٽ بہ جو پنهي جي وچ مان پاڻي بہ گذري نہ سگهي ـــ ڪيئن ان ڳالهہ جي گنجائش نڪري سگهي ٿي تہ پنهي مان هڪڙي سان تہ محبت ڪئي وڃي ۽ ٻئي جي لاءِ دل ۾ ميراڻ هجي. ٺيڪ اهو دليل جيڪو مشهور پنجابي چوڻي "مان دي سوڪن، ڌي دي سهيلي" (ماءُ جي پهاج، ڌي جي دوست) ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو اهوئي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ۽ پاڻ سڳورن جي گهڻو ويجهن تربيت يافتہ اصحابن جي باري ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. آخر اها پوري جماعت جيڪا عقيدي، اصول ۽ مقصد جي ڀائيچاري واري رشتي ۾ پوپيل هئي ۽ وري ان مان بہ پهرين صِف جنهن کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجي چوڌاري گڏ ڪري قيادت جي لاءِ خاص تربيت ڏني هئي، ان ۾ نفاق پيدا ڪري ڪنهن سان محبت تہ ڪنهن سان ڪاوڙ ڪرڻ جو موقعو ڪيئن نڪري سگهيو ٿي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي اذيت ان ڳالهہ کان ٿي تہ جنهن جماعت کي پاڻ سڳورن سالن کان تربيت ڏني هئي، جيڪڏهن ان ۾ ڀائيچاري واري جذبي جو بنيادي قدر ئي ايترو ڪمزور هجي جو ان جي بهترين ۽ ممتاز فردن سان ڪاوڙ ڪئي وڃي، ان کان علاوه راءِ جا اختلاف ذاتي ساڙ تي پهچڻ لڳن ۽ ساڙ وڏا ٿي وڃن، تہ پوءِ ان عظيم نصب العين کي ڪٿي اڳتي ڪيئن وٺي سگهبو. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي پنهنجي رحلت جو وقت ويجهو ڏسڻ ۾ پئي آيو ۽ پاڻ سڳورا ان ڪاوش ۾ هيا تہ هاڻي سمورو بار جماعت جي ڪُلهن تي اچڻ وارو آهي ۽ اڳتي جي لاءِ جماعت کي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي بجاءِ قيادت جي ان صِف پنيان هلڻو پوندو. جنهن ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجن وڏيڪ پروسي جوڳن ساٿين کي شريڪ ڪري گهڻي وڏي تربيت ڏني هئي ۽ جنهن جي هڪڙي هڪڙي فرد سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي دلي محبت هئي. انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن گهڻي سخت انداز ۾ تنبيهہ ڪئي. ماڻهن خبر نہ آهي ان مان ڪيئن جانشين جي نامزدگي جو فلسفو ڪڍي ورتو.

11 هجري صفر مهيني جي شروع کان ئي محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي روح مبارڪ آخرت جي سفرلاءِ تياريون ڪري ڇڏيون. هڪڙي ڏينهن اُحد

جبل ڏانهن تشريف کڻي ويا ۽ اُحد جي شهيدن جي لاءِ سجدي ۾ سر رکي دعا ڪئي. واپس اچي وري هيٺيون خطبو ڏنائون:

"انسانو! مان توهان کان اڳ ۾ وڃڻ وارو آهيان ۽ الله جي سامهون توهان جي باري ۾ شاهدي ڏيڻ وارو آهيان. والله! مان هتان حوضِ ڪوثر کي ڏسي رهيو آهيان. مون کي سلطنتن جي خزانن جون ڪنجيون ڏنيون ويون آهن (يعني حق جي دعوت جي نتيجي ۾ مختلف ملڪ فتح ٿيڻ وارا آهن). مون کي اهو انديشو ڪونهي ته توهان مون کان پوءِ مشرڪ ٿي ويندا. خوف اهو آهي ته دنياوي مفاد جي ڇڪتاڻ ۾ نه پئجي وڃو."

پوءِ اڌ رات جو بقيع واري قبرستان ۾ وڃي قبرن وارن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪيائون ۽ فرمايو ته "اسان به جلد اچي توهان سان ملڻ وارا آهيون." پوءِ هڪ ڏينهن خاص طور تي جماعت وارن ساٿين کي گڏ ڪيو ۽ خطاب ڪيائون ته:

"مرحبا! اي مسلمانو! الله توهان کي پنهنجي رحمت ۾ رکي. توهان جا ڏک سور دور ڪري. توهان کي رزق ڏئي، توهان جي مدد ڪري، توهان کي عروج ڏئي، توهان کي امن ۽ سلامتي ۾ رکي. مان توهان کي الله تي توڪل ڪرڻ جي وصيت ڪيان ٿو ۽ توهان کي الله جي ئي نگراني حوالي ڪريان ٿو. توهان کي ان کان ڊيڄاريان ٿو ڇو ته مان کلم کلا خبردار ڪرڻ وارو آهيان. ڏسو الله جي وسندين ۾ ان جي ٻانهن جي وچ ۾ تڪبر ۽ سرڪشي جي روش اختيار نه ڪجو. الله تعاليٰ مون کي ۽ توهان کي فرمايو آهي ته تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِيْنَ لَا يُرِيْدُوْنَ عُلُوًّا فِي الْاَرْضِ وَلَا فَسَادًا ۭ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ۝ (القصص آيت 83) (اهو آخرت وارو گهر اسان انهن ماڻهن لاءِ مخصوص ڪنداسين، جيڪي زمين ۾ سرڪشي ڪرڻ ۽ فساد پکيڙڻ جي نيت نه رکندا هجن، ۽ عاقبت جي ڪاميابي ته آهي ئي پرهيزگارن جي لاءِ!) .... توهان سيني تي سلام هجي ۽ انهن سيني ماڻهن تي جيڪي اسلام قبول ڪري منهنجي بيعت ۾ داخل ٿيندا."

بقيع واري قبرستان مان واپسي تي ئي هلڪو هلڪو درد محسوس ٿين. پوءِ صفر جي 29 تاريخ تي هڪڙي جنازي سان گڏ ويندي ۽ موٽندي ان ۾ شدت اچي وئي. مرض جي ابتدائي هلڪي حملي جي دوران يارهن ڏينهن تائين مسجد ۾ تشريف کڻي اچي پاڻ ئي نماز جي امامت ڪندا رهيا. مرض جي شدت ۾ گهر جي اندر بلڪل بستري پيڙو ٿي وڃڻ جي مدت هڪڙو هفتو آهي. تڪليف وڌڻ تي زالن کان اجازت وٺي حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها جي حجري ۾ اچي ويا.

جان وٺندڙ مرض ۾ به حق جي تحريڪ جون ذميواريون پوري طرح سامهون هين. تبوڪ ۽ موته واريون مهمون مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لحاظ کان اجا مڪمل ٿيڻيون هيون. جيڪڏهن ٿوري به دير ڪئي وڃي ها ته مخالف سلطنت شينهن ٿي وڃي ها. انهيءَ ڪري ان حالت ۾ صفر مهيني جي 26 تاريخ تي ماڻهن کي روم تي چڙهائي ڪرڻ جي

تياري جو حڪم ڏنو ۽ پٺي ڏينهن حضرت اسامہ رضہ بن زيد رضہ کي ان لشڪر جو سپهہ سالار مقرر ڪيو ۽ فرمايائون. "وڃ، الله جو نالو وٺي اڳتي وڌ ـــ پنهنجي پيءُ جي شهادت واري جاءِ تي پهچ ۽ جيڪو الله جو انڪار ڪري ان تي حملو ڪر." پنهنجن هٿن سان علم تيار ڪري بريده رضہ بن خطيب اسلمي جي حوالي ڪيائون. هڪ ٻن ماڻهن حضرت اسامہ رضہ جي ننڍي عمر لاءِ ڪجهہ خانداني مرتبي جي بنياد تي چميگويون ڪيون تہ اهڙي هڪڙي ڇوڪري کي وڏن وڏن مهاجرن ۽ انصارن تي امير ڇو مقرر ڪيو ويو آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ٻڌو تہ ڪين سخت ڏک ٿيو ۽ سخت تڪليف جي باوجود مٿي تي پٽي ٻڌي مسجد ۾ تشريف کڻي آيا ۽ ٺيڪ غديرِ خم واري انداز ۾ خطاب ڪيو تہ:

"مون کي خبر پئي آهي تہ توهان اسامہ (رضہ) جي باري ۾ اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن. ان کان پهريان توهان ان جي پيءُ جي امير مقرر ٿيڻ تي اعتراض ڪري چڪا آهيو ــ حالانڪ الله جو قسم، اهو ان منصب جو حقدار هيو ۽ ان کان پوءِ ان جو پٽ بہ ان جو اهل آهي. اهو (زيد بن حارث) بہ اسان کي سڀني کان وڌيڪ پيارو هيو ۽ ان کان پوءِ ان جو پٽ (اسامہ بن زيد) بہ اسان کي سڀني کان وڌيڪ پيارو آهي."

ان کان اڳ (وفات کان پنج ڏينهن پهريان) پنهنجي مٿان ست مٽ (مشڪون) پاڻي وجهرايائون. ان غسل سان طبيعت ڪجهہ هلڪي ٿين تہ سهارو وٺي مسجد ۾ تشريف کڻي آيا ۽ اتي مقصد جي ساٿين کي آخري خطاب ڪيائون:

"توهان کان اڳ ۾ اهڙا ماڻهو گذريا آهن جن نبين سڳورن ۽ صالح ماڻهن جي قبرن کي سجدو ڪرڻ جي جاءِ ٺاهي ڇڏيو هيو، توهان ائين نہ ڪجو. منهنجي قبر کي مون کان پوءِ سجدي جي جاءِ نہ ٺاهجو. ان ٽولي تي الله جو سخت غضب نازل ٿيو جنهن نبين سڳورن جي قبرن کي سجدي جي جاءِ ٺاهي ڇڏيو هيو. مان توهان کي ان کان منع ڪيان ٿو. ڏسو مون ڳالهہ پهچائي ڇڏي اللهُ تون پاڻ ان جو شاهد آهين."

پوءِ نماز پڑهايائون ۽ نماز کان بعد وري فرمايائون:

"مان توهان کي انصارن جي حق ۾ خاص تاڪيد ڪريان ٿو. اهي منهنجي جسم جو پهرياڻ آهن ۽ منهنجي لاءِ ثمر رهيا آهن. انهن پنهنجي حصي جون ذميواريون پوريون ڪري ڇڏيون آهن ۽ هاڻي (توهان تي) انهن جا حق باقي آهن. ٻيا ماڻهو پکڙجي ويندا ۽ هي جتي جا تتي ئي رهجي ويندا. انهن مان سٺا ڪم ڪرڻ وارن جو قدر ڪيو ۽ غلطي ڪرڻ وارن سان درگذر ڪيو.

الله پنهنجي ٻانهي کي اختيار ڏنو تہ اهو چاهي تہ دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجهہ آهي ان کي قبول ڪري ۽ چاهي تہ اهو قبول ڪري جيڪو الله جي بارگاهہ ۾ آهي؛ تہ هن ٻانهي ان جي ئي چونڊ ڪئي جيڪو ان جي لاءِ الله جي بارگاهہ ۾ آهي."

ايئن تہ ان زماني جي سيني گفتگوئن ۾ الوداعي رنگ جهلڪي رهيو هيو ليڪن آخري جملي ۾ اشارو بلڪل چٽو هيو. جنهن کي حضرت ابوبڪر صديق رضہ هڪدم سمجهي ويو ۽ زارو قطار روئڻ لڳو.

نماز جي جماعت ۾ شريڪ ٿيڻ کان جڏهن لاچار ٿي ويا تہ حضرت ابوبڪر رضہ کي پنهنجي جاءِ تي امام ڪيائون. مرض جي شدت وڌڻ سان جماعت ۾ بيچيني وڌندي وئي ۽ ماڻهو پريشاني ۾ وري وري مسجد جو چڪر لڳائيندا هيا. انهن کي دلاسو ڏيڻ جي لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم حضرت علي عليہ السلام ۽ حضرت فضل رضہ بن عباس رضہ جي ڪلهن تي سهارو وٺي پير گهليندا مسجد ۾ تشريف کڻي آيا ۽ منبر جي هيٺين ڏاڪي تي ويهي بلڪل آخري خطاب اهو فرمايائون تہ:

"انسانو! مون کي خبر ملي آهي تہ توهان منهنجي موت کان ڊڄو ٿا. جيترا بہ نبي سڳورا اڳي ٿي چڪا آهن، ڇا انهن مان ڪوئي بہ هميشہ جي لاءِ زندهہ رهيو. مان الله سان ملڻ وارو آهيان ۽ توهان بہ الله سان ملندا. مان وصيت ڪريان ٿو تہ پهريَن پهريَن مهاجرن سان ڀلائي ڪيو ۽ مان وصيت ڪريان ٿو تہ مهاجر پاڻ ۾ سٺو سلوڪ ڪن." پوءِ سورت والعصر جي تلاوت ڪري فرمايائون: "سمورا معاملا الله جي حڪم تي هلن ٿا. جنهن ڪم ۾ دير ٿئي ان جي لاءِ جلدي ٿيڻ جو شور نہ مچايو. ڪنهن جي تڪڙ ڪرڻ سان الله جلدي ڪونہ ڪندو آهي، ۽ مان وصيت ڪريان ٿو تہ انصارن سان ڀلائي ڪيو. انهن توهان کان پهريان مديني کي وطن بڻايو ۽ ايمان کي پنهنجي مٿان لازم ڪيو. ڇا انهن پيداوار ۾ توهان کي شريڪ ڪونہ ڪيو؟ ڇا انهن توهان جي لاءِ گهر کولي ڪونہ ڇڏيا؟ ڇا انهن مسڪيني حال جي باوجود توهان کي پاڻ تي ترجيح ڪونہ ڏني؟ ڏسو، پنهنجو پاڻ کي انهن تي ترجيح نہ ڏيو. ٻڌي ڇڏيو تہ مان پهريان وڃان ٿو ۽ توهان بہ اچي مون سان ملندا. حوض ڪوثر تي ملڻ جو واعدو ڪيون ٿا."

انهن خطبن کي مختلف روايتن ۾ مختلف وقتن سان لاڳاپيل ڏيکاريو ويو آهي. مگر هڪڙي راءِ اها بہ ملي ٿي ۽ شايد واقعي بہ ايئن هجي تہ اهي سيئي ڳالهيون هڪڙي ئي خطبي ۾ چيون ويون آهن.

سومر جي ڏينهن[1] سندن طبيعت آخري ڀيرو ڪجهہ سنڀلي. ڏندڻ ڪيائون. پردو هٽائي اصحابن جي جماعت کي ڏٺائون ۽ مرڪيا ـــ ان جي ڪجهہ گهڙين کان پوءِ "اَللّٰهُمَّ الرَّفِيقُ الأَعلىٰ" (يا في الرفيق الاعلي) ٽي ڀيرا چيائون ۽ حضرت عائشہ رضہ جي جهولي ۾ مٿو رکي الله حي و قيوم سان وڃي مليا. "آهہ! اسان سڀ جا سڀ الله جي ئي مخلوق آهيون ۽ اسان کي بہ موٽي ان جي حضور ۾ وڃڻو آهي."

---

[1] تاريخ جي باري ۾ گهڻو قابل بحث اختلاف آهي. 1 ـ 2 ـ 12 ـ 13 ـ ربيع الاول جون روايتون آهن. ليڪن هجري ۽ عيسوي ڪئلينڊرن جي لحاظ کان جڏهن ٻين اهم واقعن جي تاريخن ۽ ڏينهن جي برابري ڪئي وڃي ٿي تہ حسابي پيچيدگيون سامهون اچن ٿيون. مشهور عام 12 ربيع الاول آهي.

اڄ اها هستي دنيا مان موڪلائي رهي هئي جنهن انسانذات کي نئين حياتي سان مالامال ڪيو ۽ جنهن زندگي جي قافلي کي رهزنن جي چنگل کان ڪڍي سڌي رستي (صراط مستقيم) تي هلائڻ جي لاءِ پيانڪ اذيتون سٺيون. ڪشمڪش جا سنگين مرحلا پار ڪيا. مشڪلاتن جا پهاڙ ڪاٽيا ۽ وري ان ڪارنامي جو ڪوئي صلو ڪونہ ورتو.

اهو سانحو ڪيترو وڏو هوندو. انهن ساٿين جي لاءِ ـــ عمر ڀر جي ساٿين لاءِ ـــ جيڪي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي هڪڙو دفعو ڏسڻ سان بہ نئين طاقت حاصل ڪندا هيا. انهن جي نگاهن ۾ زمين ۽ آسمان گهمي ويا هوندا. تاريخ ۾ زلزلو اچي ويو هوندو! حضرت عثمان رضہ تي سڪتو طاري ٿي ويو. حضرت علي عليہ السلام غم ۾ بيحال ٿي ويا. حضرت عبدالله رضہ بن اُنيس جي دل ايئن ٽُٽي جو ان ئي صدمي ۾ فوت ٿي ويو.[1]

اهو عظيم صدمو هوندئن بہ غم جو هڪڙو پهاڙ هيو. مصيبت اها تہ اهو نهايت خطرناڪ حالتن ۾ پيش آيو. جڏهن هڪڙي طرف کان رومي حڪومت طرفان جنگ جو خطرو موجود هيو ۽ ان جي لاءِ حضرت اسامہ رضہ وارو لشڪر روانو ٿي رهيو هيو. ٻئي طرف مرتد ٿيڻ وارو فتنو ۽ زڪوات ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ وارن جي شورش هئي تہ ٽين طرف کان اسلامي تحريڪ پرپاسي وارين سلطنتن کي دعوت ڏيڻ سان گڏوگڏ هلڪو چيلنج بہ ڏئي چڪي هئي. وري داخلي مشڪلات اها تہ منافقت جي دبيل رَو جي اڀري

[1] سيرت النبي ۾ ذڪر ٿيل آهي: "عقيدتمندن کي يقين ڪونہ ٿي آيو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم هن دنيا کي الوداع چيو. تنهنڪري حضرت عمر رضہ تلوار تاڻي ورتي تہ جيڪو بہ ايئن چوندو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وفات ڪئي تہ ان جو ڪنڌ ڪپي ڇڏيندس. ليڪن حضرت ابوبڪر رضہ آيو ۽ ان سڀني اصحابن کي خطبو ڏنو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو هن جهان کي ڇڏڻ يقيني هيو ۽ قرآن شريف جون آيتون پڙهي ٻڌايون تہ ماڻهن جون اکيون کلي ويون ۽ ان اٿتر واقعي جو يقين ٿي ويو." (سيرت النبي: علامہ شبلي نعماني، جلد 2 صفحو 143). امام ابن جوزي حضرت ابوبڪر رضہ جي ان خطاب کي ڪجهہ تفصيل سان بيان ڪيو آهي. اهو لکي ٿو: "ابو سلمہ رضہ عبدالله رضہ بن عباس رضہ جو قول نقل ڪيو آهي تہ جنهن وقت ابوبڪر رضہ ٻاهر نڪري آيو تہ عمر رضہ مجمعي کي خطاب ڪري رهيو هيو. ابوبڪر رضہ مجمعي ۾ پهچڻ سان ئي چيو تہ عمر (رضہ) تون ويهي رهہ ۽ ان کان پوءِ ارشاد ڪيائين جيڪي ماڻهو محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) کي پوڄا جي قابل سمجهندا هيا. انهن کي معلوم هجڻ گهرجي تہ محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) مري چڪا آهن. ليڪن جيڪي ماڻهو الله کي معبود سمجهن ٿا. انهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ الله زندهہ آهي ۽ ان کي موت ڪونہ ايندو ۽ الله جو ارشاد آهي محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) جي حيثيت هڪڙي پيغمبر جي آهي (۽) پيغمبر ان جي دور کان اڳ ۾ بہ اچي چڪا آهن. هاڻي جيڪڏهن محمد (صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم) مري وڃن يا ان کي قتل ڪيو وڃي (تہ ان جو اهو مطلب ڪونهي تہ) توهان پنهنجي پٺي ڏيکاريو ۽ فرار جي راهہ اختيار ڪيو." (آل عمران آيت 144). سعيد رضہ بن المسيب چوي ٿو تہ حضرت عمر رضہ جو چوڻ هيو تہ الله جو قسم جنهن وقت مون ابوبڪر (رضہ) کي وَمَا مُحَمَّدٌ اِلاَّ رَسُوْل واري آيت (آل عمران: 144) تلاوت ڪندي ٻڌو تہ مان سڪتي ۾ اچي ويس. مون تي دهشت طاري ٿي وئي، ايستائين جو منهنجا قدم لڏي ويا ۽ مان زمين تي ڪري پيس. (حياتِ فاروق اعظم: امام جمال الدين ابوالفرج بن جوزي (ترجمو: شاهہ حسن عطا صفحو 83 ۽ 84).

اچڻ جو انديشو هيو. مگر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تربيت جو ڪمال هيو تہ پاڻ سڳورن جي تربيت ڏنل جماعت پنهنجن جذبات کي هڪدم قابو ڪري ورتو ۽ مايوسي ۽ انتشار جو شڪار ٿيڻ کان بچي پنهنجين اهم ذميوارين کي انجام ڏيڻ جو فڪر ڪيو. محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جهڙي هستي جي وفات تي رنج ۽ غم ڪرڻ کان وڌيڪ جانشينن تي عظيم ذميواري اها ٿي تہ اهي هن تحريڪ ۽ نظام جي تحفظ ۽ استحڪام جو فڪر ڪن. جنهن جو تاڃي پيٽو اهڙن ئي گهڙين ۾ غفلت ۽ ڪوتاهي ڪرڻ سان ڇڙوڇڙ بہ ٿي سگهيو ٿي. اها هستي جيڪا سالن تائين پوري ڪم جي روح روان بڻي رهندي آهي ۽ سيني ساٿين جي ڪامل اعتماد ۽ گهري محبت جو مرڪز هوندي آهي، ان جي دنيا ڇڏڻ سان اوچتو وڏو خال پيدا ٿي ويندو آهي. جنهن کي جيڪڏهن بروقت چڱي نموني سان پُر نہ ڪيو وڃي تہ وڏا خوفناڪ نتيجا پيش اچي سگهن ٿا. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تيار ڪيل جماعت پنهنجي ذميواري جي احساس ۽ پنهنجي ڪردار جي مضبوطي جو بي مثال ثبوت ان واقعي سان پيش ڪيو تہ هڪدم ان خال کي پُر ڪري ورتو ۽ نظم و ضبط جا پنڌڻ ڍرا ٿيڻ نہ ڏنا. جانشيني جي لاءِ گهٽي ڇڪتاڻ ڪونہ ٿي. تلوار ڪونہ هلي. شور ۽ هنگامو ڪونہ ٿيو. سقيفہ بني ساعده ۾ جماعت جي چيڙي نبيري جي مالڪن جي وچ ۾ هڪ مختصر گفتگو کان پوءِ ـــ جنهن ايتري بہ ڊيگهہ ڪونہ ورتي ۽ جنهن ۾ اختلافي رنگ ايتري دير بہ قائم ڪونہ رهيو جيترو اڄ معمولي نوعيت وارين انجمنن جي عهدن لاءِ ٿيندو آهي ـــ اسلام جي جمهوري شوريٰ هيٺ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي چونڊ عمل ۾ آئي. جنهن جي توثيق مسجد نبوي جي اجتماع عام ۾ پوري جماعت جي عوامي اجتماع ڪليل دل سان ڪري ڇڏي.

حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي عظيم دعوتي نصب العين کي عام ڪرڻ ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم طرفان شروع ڪيل مهمن کي تڪميل تائين پهچائڻ ۾ جنهن عزم ۽ بصيرت ۽ حسنِ ڪردار سان حضرت ابوبڪر صديق رضہ سونهري خدمتون انجام ڏنيون ۽ جنهن شان سان حضرت عمرفاروق رضہ حضرت عثمان رضہ حضرت علي عليہ السلام ۽ قيادت ڪرڻ واري صِف جي ٻين اڪابر اصحابن پنهنجو ڀرپور تعاون حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي جانشين ۽ جماعت جي امير کي پيش ڪيو ان جا مثال انساني لڏي وٽ گهٽ ئي هوندا. محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تيار ڪيل انسان ثابت ڪري ڇڏيو تہ اهو انسانذات جو بهترين نمونو آهي. اهو بي لوث ڪردار رکي ٿو. اهو ذهانت ۽ بصيرت ۾ پنهنجو نمونو پاڻ آهي ۽ سخت ترين حالتن ۾ پنهنجين ذميوارين کان غافل ٿيڻ وارو ڪونهي.

تنهن ڪري تاريخ شاهد آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي تربيت ڏنل ان جماعت ۽ ان جي قيادت ڪجهہ ئي سالن اندر اسلامي تحريڪ جون شعائون دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي ڇڏيون ۽ عدل جي اسلامي نظام جي رحمت وارو پاڇو جنهن رفتار سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڌرتي جي گولي تي پکيڙيو هيو ان ۾ بلڪل ڪو فرق اچڻ ڪونہ ڏنو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّآلِ مُحَمَّدٍ:

دنيا ۾ جيڪڏهن اڄ اسان مسلمانن جو وجود آهي تہ اهو ان هستي جي جاکوڙن جي طفيل آهي. اڄ جيڪڏهن سچائي ۽ نيڪي جو ڪلمو اسان جي سينن ۾ روشن آهي تہ اهو ان مقدس هستي جو فيض آهي. اڄ جيڪڏهن زندگي جي اصلاح ۽ فلاح جي لاءِ انساني لڏي جي سامهون هڪڙو اصولي ضابطو موجود آهي تہ اهو محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي جدوجهد جو ثمر آهي. اڄ جيڪڏهن زندگيءَ جو هڪڙو بهترين نمونو ۽ معيار اسان جي نگاهن جي سامهون پڌرو آهي تہ اهو نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو ئي پيش ڪيل آهي. اڄ جيڪڏهن اسان جي سينن ۾ اسلامي تحريڪ کي نئين سر جيارڻ جا ولولا ڪر کڻي سگهن ٿا تہ ان ئي محبوب شخصيت جي قربانين جي جذبن کي اپارڻ واري ياد مان ئي کڻي سگهن ٿا. اڄ جيڪڏهن اسان اسلامي انقلاب برپا ڪرڻ جو انداز ۽ ڍنگ سکي سگهون ٿا تہ ان ئي خدائي رهنما جي جدوجهد جي روداد مان ئي سکي سگهون ٿا. اڄ جيڪڏهن آدم جي اولاد کي حقيقت جو شعور پيدا ڪندڙ ڪرڻا، اخلاق جا لازوال قدر ۽ زندگي جي فلاح جا اٽل اصول هٿ اچي سگهن ٿا تہ محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي بارگاهہ مان ئي هٿ اچي سگهن ٿا. محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جهڙو داعي ۽ معلم ۽ مربي ۽ قائد جيڪڏهن نہ اچي ها تہ ڪڏهن بہ ان ظلمت ۽ جِهل جي دور ۾ اهو عظيم ڪم سرانجام نہ ڏئي سگهجي ها. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سچي انقلاب جو روح آهن.

اسان (مسلمانن) جي لاءِ ۽ سڀني انسانن جي لاءِ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم پنهنجو پاڻ کي زهر اوڳاڇيندڙ مخالفتن جي مقابلي ۾ بيهاريو. باطل جي خلاف جدوجهد ڪندي جان جوکي ۾ وجهڻ وارن جن مرحلن کي طئي ڪيو ۽ ڪا قيمت وصول ڪرڻ کان بغير پنهنجو سڀ ڪجهہ جيئن اسلامي نظام جي ڪاميابي ۾ لڳائي ڇڏيو ـــ ۽ پوءِ هڪڙي عظيم الشان امت برپا ڪئي، فڪرن ۽ علمن جون نيون دنيائون وسائي ڇڏيون، ان ڪارنامي جي لاءِ اسان جو وار وار بہ پنهنجي ۽ انسانذات جي محسنِ اعظم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جو ٿورائتو آهي. اسان جي وس ۾ ڪونهي تہ ٿوري حقيقي جذبي مطابق ايتري وڏي احسان جو ڪنهن ادنيٰ درجي ۾ بہ ڪو بدلو حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي ادا ڪري سگهون. انهيءَ ڪري اسان عاجز

ٻانهنا خداوند برتر کي اهو عرض ڪريون ٿا تہ اهو اسان جي ٿورا مڃڻ واري جذبي کي قبول ڪري پنهنجي رحمت جي خزاني مان اسان جي پاران بدلو ادا ڪري. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي رحمتون نازل فرمائي، برڪتون موڪلي، سلامتي جون ڦُهارون (بوندون) وسائي، درجن ۽ مرتبن کي بلند ڪري، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت، پيغام ۽ تحريڪ کي وري عروج وترائي، ان کي توسيع عطا فرمائي ۽ پنهنجن گهڻن کان گهڻن ٻانهن کي اسلامي نظام جي رحمت واري ڇانوَ مان بهره مند ڪري الله کان اها دعا بہ آهي تہ هي لفظ لکڻ واري (راقم الحروف) کي ۽ هڪڙي هڪڙي مسلمان ٻانهي کي هن سعادت جي توفيق ڏئي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت جي مقدس امانت جا سچا امانتدار بڻجن، ان کي انساني لڏي تائين پهچائين. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي جاري ڪيل حق جي تحريڪ کي وري هڪڙي زنده حقيقت بڻائين ۽ تن من ڌن صرف ڪري حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيش ڪيل عدل جي نظام کي زمين تي قائم ۽ مضبوط ڪن. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي مشن جي تڪميل ۾ حصو وٺڻ بہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جا ٿورا مڃڻ جو بهترين اظهار آهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ وَّ بَارِكْ وَسَلِّمْ

# ڪم جا باقي مرحلا

اهو الله جو ئي احسان آهي تہ مون جهڙي ادنيٰ ٻانهي کان هي مبارڪ خدمت ورتي جو مان ان اعليٰ ترين ٻانهي جي سيرت ۽ حياتي جي ڪارنامي جي هڪڙي جهلڪ پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيس. ان خدمت کي انجام ڏيڻ ۾ مان پاڻ کان اڳ گذريل (پيشرو) اڪابرن جو نهايت گهڻو ٿورائتو آهيان جن ان موضوع تي نهايت اعليٰ معيار جون وڏيون لِکَتون (تصنيفون) ڇڏيون آهن. ان کان علاوه، موجوده دور جي ٻن مانوارن محققن مولانا ابوالاعليٰ مودودي ۽ ڊاڪٽر حميد الله صديقي ايم.اي، پي.ايچ.ڊي جو گهڻو ئي شڪر گذار آهيان تہ انهن وٽان مون کي اهو خاص تحريڪ انگيز نقطہ نظر هٿ لڳو جنهن سيرت جا گهڻائي نوان رُخ منهنجي سامهون کولي ڇڏيا، ۽ مان اميد ڪريان ٿو تہ هن ڪتاب جو مطالعو ڪندي پڙهندڙن جي سامهون فِڪر ۽ ڪاوش جون ڪجھ نيون راهون کُلي سگهنديون. انهن دوستن کان علاوه، مان پنهنجن انهن خاص مهربانن جي احسان جو بار بہ پنهنجن ڪلهن تي محسوس ڪريان ٿو جن وري وري همت افزائي ڪئي ۽ لڳاتار مون کي هن خدمت لاءِ همٿائيندا رهيا. انهن ئي خاص مهربانن مان هڪڙي شخصيت هن ڪتاب جو پهريون ڇپائيندڙ (پبلشر) چوڌري محمد يونس صاحب، سرگوڌا جي آهي جيڪو بلڪل غيرڪاروباري ذهن سان وري وري ان کي مڪمل ڪرڻ جي بي تاب تمنا ڪنيون مون سان ملندو رهيو ۽ قلم جي رفتار کي روان ڪرائيندو رهيو. الله انهن سڀني بزرگن ۽ دوستن کي جزاءِ خير عطا ڪري.

هن وقت تائين اهو ڪم جن حالتن ۾ ٿيو آهي اهي بلڪل ٻڌائڻ جون ڪونهن. ڪيترائي ڀيرا ان کي هٿ ۾ کنيو ليڪن ڪجھ ڏينهن جي ڪم کان پوءِ وِڃي جا ڊگها ڊگها عرصا حائل ٿيندا رهيا. ڪڏهن تہ مهينن تائين هڪڙو اکر بہ ڪونہ لکي سگهيس. مگر شوق جو مسافر هيس جنهن کي وري وري ڪرڻ تي ڪا اڻ ڏٺل طاقت وري اٿاريندي رهي. هڪڙي ڏينهن اوچتو ذهن ۾ خيال القاء ٿيو تہ، گهڻو ڪري الله تعاليٰ جي رضا اها ٿي، جنهن عظيم هستي جي زندگي جو عڪس دنيا کي ڏيکارڻ هليو آهين، ان جي تجربن ۽ تڪليفن جو سَوون، هزاروون حصو تہ

توکي بہ چکڻ گهرجي. ورنہ لکت ۾ جان ڪيئن پوندي. ان خيال ارادي کي ايتري مضبوطي ڏني جو جڏهن بہ پنهنجو پاڻ کان ڪم وٺڻ ممڪن ٿيو هر طريقي سان ورتو. ڪتاب جو آخري اڌ اهڙو آهي جو جنهن جو گهڻو حصو بستري تي ليٽي لکيو ويو آهي. مطلب تہ مون پنهنجي جان کي هن ڪم ۾ نپوڙي نپوڙي صرف ڪيو آهي. انهيءَ ڪري اميد آهي تہ الله تعاليٰ ان کي قبول ڪرڻ فرمائيندو ۽ خير ۽ فلاح جو ذريعو بڻائيندو ۽ الله تعاليٰ جو بيحد شڪر گذار آهيان تہ ان منهنجي التجا ۽ تمنا کي قبوليت جو شرف بخشيو.

جيڪو ڪم ٿيو آهي اهو ان کان گهڻو گهٽ آهي جيڪو تجويز ڪيل خاڪي جي مطابق ڪرڻ باقي آهي. گهڻو ڪري ٻن ٽن جلدن تائين پهچي ويندو. هن وقت اصل ۾ هڪڙو ئي ڏگهو بحث پيش ڪيو آهي جيڪو پنهنجي جاءِ تي ان لحاظ کان تفصيلي تہ آهي تہ ان ۾ نبي ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي جدوجهد جو احوال گهٽي حد تائين اچي ويو آهي. مگر اهو ٻين رُخن کان خالي بہ آهي. جو تہ سيرت پاڪ جي گهڻن ئي اهم پهلوئن جو هن ۾ مورڳو بحث يا ذڪر ئي ڪونہ ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ هڪڙو خاڪو ذهن ۾ آهي. ان تجويز ڪيل خاڪي تي مان تہ ڪم ڪونہ ڪري سگهيس، ڪجهہ نوان ماڻهو شرف حاصل ڪندا. خاڪو هيٺين طرح آهي:

ـــ ان جاگرافيائي ۽ سماجي ماحول جي عڪاسي جنهن ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جن رسول ڪري موڪليا ويا.

ـــ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پيغام ۽ نصب العين جي وضاحت ـــ ان حقيقت جو تفصيل تہ پاڻ سڳورا انساني زندگيءَ ۾ ڪهڙيون بنيادي تبديليون ڪرڻ آٿيا هيا. ان کان علاوه، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت جي نوعيت ۽ ڪم جو دائرو ڪهڙو هيو؟

ـــ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي قائداڻي بصيرت ۽ سياسي حڪمت جو مطالعو.

ـــ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي دعوت جي نتيجي ۾ ڪهڙو انسان تيار ٿيو.

ـــ عورتن ڪهڙي طرح حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي جدوجهد ۾ تعاون ڪيو.

ـــ هڪڙي پڪي جلد ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي پوري تعميري ڪارنامي جو احوال اهڙي انداز ۾ پيش ڪرڻ جو پروگرام ٿيو جو موجوده دور ۾ ان مان عملي رهنمائي حاصل ڪري سگهجي. زندگي جي هڪڙي هڪڙي شعبي ڪي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ڄن نون اصولن، جنهن حڪمت سان ڏاڪي بہ ڏاڪي استوار ڪيو ان ڪي مختلف مقالن ۾ آندو ويو. مثال طور، الهامي حڪمت جي اشاعت، معاشري جي نوجوانن ۽ نئين نسل جي لاءِ تعليمي نظام جو بنياد، اخلاقِ عامہ جي تعمير، معاشي اصلاح ۽ ترقي، معاشرت ۽ ثقافت جي تجديد، عدل جي اسلامي نظام جو نفاذ، قيادت ڪرڻ وارن ماڻهن جي تربيت، بين الاقوامي تعلقات کي مضبوطي سان قائم ڪرڻ ۽ ٻين مختلف تعميري ڪمن کي انهن جي اصولي روح ۽ انهن جي عملي تدبير سان کولي بيان ڪيو ويو.

ـــ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اسلامي حڪومت جي دفاعي ۽ فوجي ڪارروائين جو تفصيلي احوال.

ـــ ضرورت آهي هڪڙي پڪي جلد ۾ اعتراض ڪرڻ وارن جي اعتراض تي بحث ڪيو وڃي. ان ڪان علاوه واقعن، شخصيتن ۽ اهم تاريخن جي تعين ۾ روايتن جو جيڪو اختلاف ڏٺو وڃي ٿو انهن تي تحقيقي نظر وڌي وڃي.

ـــ سيرت نبوي جي ذريعن (ماخذ) ۽ ان موضوع تي اڄ تائين ٿيل علمي ڪمن تي ڪنهن حد تائين تنقيدي نظر وڌي وڃي.

ـــ مختلف[1] ٻولين ۾ سيرت نگاري جو تحقيقي جائزو.

ـــ ان سان گڏوگڏ مختلف اهم نقشن جي تياري بہ نظر ۾ رهي جن کي سامهون رکڻ سان واقعا اڃا وڌيڪ چڱي نموني سان سمجهي سگهجن ٿا. ان ميدان ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪم ..... ۽ گهڻو قيمتي ڪم ..... تي چڪو آهي. ضرورت آهي تہ ان کي اڃا اڳتي وڌايو وڃي. پري (بعيد) ڪونهي تہ محسنِ انسانيت صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي سيرت ۽ اسلامي تحريڪ جي پوري تاريخي دور جي باري ۾ هڪڙو مستقل نقشن جو ڪتاب (اٽلس) مرتب ٿي وڃي. ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ واري مختلف معلومات کي سيرت جي هڪڙي وڏي ديواري نقشي ۾ گڏ ڪرڻ جي حسرت بہ آهي.

---

[1] ليکڪ هتي "اردو زبان" لفظ لکيا آهن يعني اردو ٻولي لاءِ لکيو آهي. پر مون سنڌي ترجمي ۾ سڀني ٻولين ۾ اهو ڪم ٿيڻ لاءِ "اردو زبان" لفظن بدران "مختلف ٻوليون" لفظ استعمال ڪيا آهن، جيئن اردو سان گڏ ٻين ٻولين ۾ بہ اهو ڪم ٿيڻ گهرجي. (سنڌيڪار)

هن ڪتاب جا ترجما گهڻ ۾ گهڻ انگريزي، عربي، بنگالي ۽ هندي ۾ ڪرڻ جي تمنا آهي، اهڙي طرح ان جي اثر جو دائرو وسيع ٿي ويندو.[1]

الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ اهو انهن ارادن کي عملي جامو پارائڻ جي راهہ ڪڍي ۽ ان عظيم ڪم جي لاءِ جن حالتن ۽ سببن جي ضرورت آهي، اهي پنهنجي رحمت واري خزاني مان مهرباني فرمائي پهچائي.

نعيم صديقي.
جمعہ المبارڪ. مارچ 1960.
نظرثاني..... اربع نومبر 1998.

[1] اها خبر ڪونهي تہ مرحوم ليڪڪ انهن سڀني ٻولين جو ماهر هيو يا صرف تمنا جو اظهار ڪيو اٿس. البت، افسوس تہ ان سنڌي ٻولي جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي، جڏهن تہ سنڌي ٻولي ان وقت بہ ادبي لحاظ کان شاهوڪار ٻولين مان هڪ هئي. جنهن مان ان زماني ۾ سنڌي ٻولي خلاف ڪم ڪندڙ ذهنن جي عڪاسي ٿئي ٿي. بهرحال، سنڌي ٻولي ۾ ترجمي جي سعادت مون کي نصيب ٿي. اميد تہ الله تعاليٰ منهنجي اها ڪوشش قبول فرمائيندو ۽ سنڌي ٻولي خلاف ڪم ڪندڙ ذهنن کي هدايت ڏيندو آمين.( سنڌيڪار)

# مُحسنِ انسانیت

صلي الله تَعالي عليہ وآلہ وسلم

# ضمیما

## ضميمو: 1

# سيرت پاڪ جي واقعن جي زمانيوار ترتيب

ڪتاب جي اصل بحثن ۾ جتي وڏي پيماني تي ڪنهن قدر زماني جي ترتيب جو خيال رکيو ويو آهي اتي تفصيلن ۾ ان کي نظرانداز ڪري موضوعن ۾ بحثن هيٺ مختلف زمانن جو واقعاتي مواد ڪٺو ويو آهي. ليڪن تاريخ ۽ سيرت و سوانح جي ميدان ۾ واقعن جي زمانيوار ترتيب کي بجاءِ خود گهڻي اهميت حاصل آهي، تنهنڪري ان ضرورت کي پورو ڪرڻ جي لاءِ هڪڙو خاڪو ضميمي طور ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويجي ٿو. ان خاڪي جو وڏو فائدو اهو آهي تہ هڪڙي نظر ۾ سيرت پاڪ جا مڙئي اهم واقعا زمانيوار سامهون اچي وڃن ٿا.

واضح رهي تہ مختلف اهم تاريخن ۽ ڏينهن جي تعين ۾ هيٺين سببن ڪري اختلاف ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

اعلانِ نبوت (بعثت) کان اڳ وارن واقعن کي عام الفيل يا حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي ڄمڻ (ميلاد) واري سال سان بيان ڪيو ويجي ٿو ۽ انهن سالن جي عيسوي شمسي سال سان ڀيٽ ڪئي ويجي ٿي. عام الفيل 1 ۽ سال ميلاد 1 توڙي جو مطلب ۾ برابر آهن ليڪن عام الفيل جي شروعات هاٿين واري واقعي جي ڏينهن (17 محرم خميس ڏينهن) کان ٿئي ٿي ۽ سالِ ميلاد ان کان 50 يا 55 ڏينهن (تقريبن 2 مهينا) بعد شروع ٿئي ٿو. ٻنهي سنن جي ان فرق کي تاريخدان ۽ راوي يا تہ بلڪل نظرانداز ڪري وڃن ٿا يا اهو واضح نٿا ڪن تہ انهن سال جي ڪهڙي شروعات اختيار ڪئي آهي. وري هڪڙي پاسي ميلادي سال جي شروعات ربيع الاول يعني حضور جي ڄمڻ واري مهيني کان ٿئي ٿي تہ ٻئي طرف مروجہ قمري سال محرم کان ڳڻيو ويجي ٿو. ائين حسابي مونجهارا وڌي وڃن ٿا. مثال طور جيڪڏهن ميلادي سنن جي سلسلي کي محرم کان ڳڻيون تہ هجرت چوڏهين ميلادي سال ۾ ٿي. ليڪن جيڪڏهن سال ربيع الاول کان ڳڻيون تہ هجرت تيرهين ميلادي سال ۾ ٿي. تاريخدانن ٻئي سال لکيا آهن. هجري جنتري کي باقاعده طور تي حضرت عمر رضہ پنهنجي دورِ خلافت ۾ (20 جمادي الآخر 17 هجري تي) اختيار ڪيو. ان کان اڳ هجري جنتري نہ تہ عمل ۾ هئي ۽ نہ واقعن جو تعين

ان جي مطابق ڪرڻ جو بندوبست هيو. تنهنڪري حديث جا ڪتاب هجري جنتري ڪان بي نياز آهن. هجري جنتري کي اختيار ڪرڻ کان پوءِ گذريل واقعن جي زمانيوار ترتيب ان موجب متعين ٿيڻ لڳي.

وري هجرت ڪان جيڪو قمري سال شروع ٿئي ٿو اهو به ٻن نمونن سان ڳڻي سگهجي ٿو. هڪڙو هيئن ته هجرت جو سال (ربيع الاول) کان شروع ڪيون ۽ ٻيو هيئن ته سالن جي ڳڻپ توڙي جو هجرت جي سال کان ڪئي وڃي ليڪن سال جي شروعات قمري سال جي مروجه شروعاتي مهيني (محرم) کان ئي ڪئي وڃي، يعني هجرت جو پهريون سال صرف ڏهن مهينن جو ڳڻيو وڃي (ربيع الاول کان ذوالحج). محدثن، سيرت نگارن ۽ تاريخي ذريعن (ماخذن) ۾ هجري سال کي انهن ٻنهي صورتن ۾ ڪنيو ويو آهي. ليڪن ان ڳالهه جي وضاحت گهٽ ئي صورتن ۾ ڪئي وئي آهي ته سال کي کهڙي حوالي سان ڳڻيو ويو آهي.

وري ڪجهه روايتن ۾ تاريخ سان گڏ جيڪو ڏينهن ٻڌايو ويو آهي انهن جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو نٿو ٿئي. ٻنهي ۾ جنهن رُخ کان ثابتي يا روايتن جو اتفاق ڏٺو وڃي ٿو ان کي بنياد بڻائي ٻيو پهلو ان حساب سان طي ڪيو وڃي ٿو.

سڀ کان وڏي مشڪل جنترين ۽ سنن جي مختلف سلسلن کي ڳنڍڻ سان پيدا ٿئي ٿي، ڇوته ماخذ ۾ ڪنهن هڪڙي جنتري يا سَنن جي سلسلي جي پابندي ڪونه ڪئي وئي آهي. جنترين (ڪئلينڊر) جي اها ڦيرگير انهيءَ ڪري به وڌي وڃي ٿي جو ڪجهه شمسي جنترين کان علاوه خود عيسوي ڪئلينڊر به ٽئي نمونن وارا رائج رهي چڪا آهن ـ هڪ شمسي، ٻيو قمري. وڌيڪ مشڪل اها آهي ته عيسوي ۽ ٻين جنترين جا نظام تبديل ٿيندا رهيا آهن. هاڻي ڪيترين ئي صدين کان پوءِ جڏهن تاريخن ۽ ڏينهن جي ڳانڍاپي جو حساب لڳايو وڃي ٿو ته مختلف پهلوئن کان اختلاف جون راهون نڪري اچن ٿيون.

ڪجهه واقعن ۽ قدمن کي زمانيوار تعين سان گڏ اهم روايتن ۾ بيان ڪونه ڪيو ويو آهي. بلڪ قرآن ۽ حديث جي ڪتابن جي روشني ۾ صرف ايتري ڳالهه طئي ٿي سگهي ٿي ته ڪوئي واقعو فلاڻي واقعي کان پهريان يا بعد ۾ ظاهر ٿيو. ليڪن ڪجهه واقعا (مثال طور، تيمم جي اجازت، متعه جي حرمت، پردي جي حڪم جو نفاذ) ۽ ڪجهه غزوات ۽ سرايا يا معاهدن جي متعلق تاريخ جي تعين جي بغير رڳو سرسري زمانيوار ترتيب قائم ڪرڻ ۾ به روايتون هڪ ٻئي کان مختلف آهن.

اندازو ڪري سگهجي ٿو ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي سيرت پاڪ جي مڙني تفصيلي واقعن جي زمانيوار ترتيب قطعي تاريخ جي تعين سان پيش ڪرڻ مشڪل آهي. وڏا وڏا محقق، جن ۾ سيرت نگار ئي نه پر مفسر، محدث ۽ فقيه به شامل

آهن، اڪثر ڪري اختلاف رکن ٿا ۽ هر نقطه نظر جي حق ۾ ۽ ان جي خلاف تمام گهڻا ڏگها دليلن سان ڀرپور بحث موجود آهن.

"محسنِ انسانيت" صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ڪتاب جي ليکڪ پنهنجي مطالعي جي حد تائين انهن اختلافن ۽ جنترين (ڪئلينڊر) موجب حسابن ۾ ڪاوش ڪري ڪا هڪڙي صورت هن نقشي ۾ طئي ڪري ڇڏي آهي ۽ اهم اختلافن کي اشاري طور درج ڪري ڇڏيو آهي، ليڪن هتي نه ته سڀني اختلافي نقطهاءِ نظر کي درج ڪري پڙهندڙ کي پريشان ڪرڻ مناسب آهي ۽ نه اها گنجائش آهي ته پهرين (متقدمين) ۽ پوين (متاخرين) جا تفصيلي بحث پيش ڪيا وڃن. اهو ڪم جيڪڏهن ڪيو به وڃي ته بلڪل الڳ سان ڪرڻ جو آهي.

هن نقشي (خاڪي) ۾ هجرت کان اڳ جي واقعن کي يا ته عام الفيل يا ميلاد واري سال (سالِ ميلاد) جي حساب سان درج ڪيو ويو آهي يا اعلانِ نبوت (بعثت) واري سال کان. ڪٿي ڪٿي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي عمر مبارڪ کي ئي وقت جي تعين جو پيمانو بڻايو ويو آهي.

| | |
|---|---|
| (1) حضور ﷺ جي پيدائش | بهار جي موسم ۾ سومر جي ڏينهن (ڏينهن تي اتفاق آهي) تاريخ 9 ربيع الاول عام الفيل 1 (هاٿين واري واقعي کان 50 ڏينهن پوءِ) مطابق 22 اپريل 571ع، پهرين جيٺ 628 بڪرمي صبح صادق وقت (سج اڀرڻ کان اڳ) جڏهن ته مشهور عام 12 ربيع الاول آهي.[1] |

[1] طبري ۽ ابن خلدون 12 ربيع الاول، ۽ ابوالمقداد 10 ربيع الاول جي روايت ڪئي آهي. مگر جيئن ته سومر ڏينهن تي اتفاق آهي ۽ سومر 9 تي ئي ٿئي ٿو انهيءَ ڪري محمد طلعت بڪ عرب (مؤلف: تاريخ دول الغرب والاسلام) جي تائيد ۾ قاضي سليمان منصورپوري (مؤلف: "رحمت اللعالمين") جنترين (ڪئلينڊر) جي حساب سان جاڪوڙ ڪندي 9 جي ئي حق ۾ راءِ ڏني آهي. مصر جي مشهور فلڪياتي ماهر محمود پاشا رياضي جي دليلن سان ثابت ڪيو آهي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ڄمڻ جو ڏينهن 9 ربيع الاول آهي، جنهن کي محترم پاشا 20 اپريل 571 سان مطابق ڪيو آهي. علامه شبلي به ان تحقيق کي قبول ڪيو آهي. 22 اپريل جو تعين گريگورين قانون جي مطابق آهي، جنهن موجب سيپٽمبر 1752ع کان نئين عيسوي جنتري (ڪئلينڊر) جو حساب هليو. قديم جنتري جي قاعدي مطابق ان ڏينهن 19 اپريل 5284 جولين جي تاريخ متعين ٿي آهي. هڪڙو اختلاف اهو به آهي ته حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ولادت هاٿين واري واقعي (عام الفيل) کان 50 ڏينهن پوءِ ٿي يا 55 ڏينهن بعد. ظاهري طور تي حساب 50 ڏينهن جي حق ۾ آهي. مولانا عبدالرئوف دانا پوري (مولف: اصح اليسر) 8 يا 12 ربيع الاول ٻه تاريخون لکيون آهن. مگر نه ته روايت جي ذريعي (ماخذ) تي گفتگو ڪئي آهي نه جنترين جي ڳولها جو ذڪر ڪيو آهي. ڪجهه ته پهرين محرم جو تعين به ڪيو آهي ۽ عيسوي جنتري جي لحاظ کان 12 ۽ 15 فيبروري جي تاريخن جو ذڪر ڪيو آهي. ابن اسحاق وٽ ربيع الاول جي ٻارهين رات گذرڻ تي حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم جي ولادت ٿي. اسان جي راءِ ۾ محققن جو پلڙو 9 تاريخ جي حق ۾ ڳرو آهي.

| | |
|---|---|
| (2) رضاعت (ٿڃ پيئڻ) | چئن مهينن جي عمر ۾[1] |
| (3) حضور ﷺ جي امڙ جي وفات | ڇهن سالن جي عمر ۾ |
| (4) حضور ﷺ جي ڏاڏي جي وفات | 8 سال ٻہ مهينا 10 ڏينهن جي عمر ۾ |
| (5) شام ملڪ جو پهريون سفر (جناب ابوطالب سان گڏ) | 12 سال ٻہ مهينا جي عمر ۾[2] |
| (6) فجار واري لڙائي ۾ شرڪت پهريون پيرو | 15 سال جي عمر يا ڪجهہ وڌيڪ |
| (7) فجار واري لڙائي ۾ شرڪت ٻيو پيرو | پهرين کان ڪجهہ وقت پوءِ. وقت جو تعين ڪونهي. |
| (8) حلف الفضول (هڪڙي اصلاحي انجمن) ۾ شرڪت | 16 سال جي عمر ۾ |
| (9) شام جو ٻيو سفر واپاري جي حيثيت ۾ | 23 يا 24 سالن جي عمر ۾ |
| (10) شادي (حضرت خديجہ رضہ سان) | 25 سال ٻہ مهينا 10 ڏينهن جي عمر ۾ |
| (11) غيبي اسرار ظاهر ٿيڻ جي شروعات | اعلانِ نبوت (بعثت) کان 7 سال اڳ 33 سال عمر ۾ |
| (12) ٽياڪڙ (تحڪيم) ڪرڻ | 35 سالن جي عمر ۾[3] |
| (13) اعلانِ نبوت (بعثت) | 40 سال 11 ڏينهن جي عمر ۾ 9 ربيع الاول 14 سالِ ميلاد مطابق 12 فيبروري 610ع سومر ڏينهن[4] |

---

[1] ڄمڻ جي 2، 3 ڏينهن کان پوءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم ثويبہ (جيڪا ابولهب جي ٻانهي هئي) جي ٿڃ پيتي، ڪجهہ وقت، باقاعده رضاعت جو دور پاڻ سڳورن دائي حليمہ سعديہ جي صحرائي گهر ۾ گذاريو.

[2] جرجيس نالي راهب (جيڪو بحيره جي لقب سان مشهور هيو) جو واقعو ان سفر جي متعلق مشهور آهي.

[3] حرم جي تعمير جي سلسلي ۾ حجر اسود کي پنهنجي جاءِ تي رکڻ (نصب ڪرڻ) تي جهڳڙو ٿيو تہ سڀني حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي امين مقرر ڪندي ٽياڪڙ (حَڪَم) بڻايو ۽ معاملو چڱي نموني سان حل ٿي ويو.

[4] هن تاريخ جي تعين ۾ بہ گهڻو اختلاف آهي. هڪڙي روايت اها آهي تہ 40 سال 6 مهينا 16 ڏينهن (قمري جنتري مطابق) ۽ 39 سال 3 مهينا 16 ڏينهن (شمسي جنتري). اعلانِ نبوت (بعثت) جو فرمان غارِ حرا ۾ نازل ٿيو. تنهنڪري ڪجهہ 25 رمضان ۽ ڪجهہ 13 ربيع الاول جون تاريخون ڏنيون آهن ۽ عيسوي جنتري جي لحاظ کان 12 فيبروري جي مقابل 6 آگسٽ 610ع جي تاريخ جو بہ ذڪر ٿيل آهي. مگر اهي سڀئي اختلاف جنتري جي حسابن جي پيچيدگي ڪري پيدا ٿيا آهن. ان کان علاوه، مونجهاري جو هڪڙو سبب اهو بہ آهي تہ اعلانِ نبوت (بعثت) جي فرمان ۽ قرآن جي نازل ٿيڻ جي شروعات جا زمانا روايتن ۾ رلمل ٿي ويا آهن. زاد المعاد واري صاحب 8 تاريخ لکي آهي. مگر جنترين جي حساب سان سومر جو ڏينهن 9 تاريخ تي اچي ٿو. اعلانِ نبوت (بعثت) جي صورت اها ٿي تہ روح الامين (حضرت جبرائيل عليہ السلام) غار ۾ سامهون اچي مخاطب ڪيو تہ "خوشخبري (بشارت) قبول ڪيو! توهان الله جا رسول آهيو ۽ مان جبرائيل آهيان." ان واقعي تي پاڻ سڳورن کي بيقراري ٿي ۽ حضرت خديجہ رضہ کين دلاسو ڏنو.

| | |
|---|---|
| (14) نماز جو فرض ٿيڻ (فجر ۽ ٽيپهري (عصر) جون ٻه ٻه رڪعتون) | 9 ربيع الاول اعلانِ نبوت (بعثت) واري ڏينهن |
| (15) قرآن شريف نازل ٿيڻ جي شروعات | 18 رمضان اعلانِ نبوت (بعثت) واري پهرين سال جمع ڏينهن (رات وقت) مطابق 17 آگسٽ 610ع[1] |
| (16) ڳجهي دعوت جو دور | 1 کان 3 اعلانِ نبوت (بعثت)[2] |
| (17) کليل اعلانِ نبوت (پهريون عام خطاب) | 3 اعلانِ نبوت (بعثت) آخر ڏاري |
| (18) مخالفت جو پهريون دور (ٺٺول، پروپيگنڊا ۽ ٿورو ٿورو تشدد) | 3 کان 5 اعلانِ نبوت (بعثت)[3] |
| (19) شديد مخالفت جو ٻيو دور (عام ظلم) | 5 کان 7 اعلانِ نبوت (بعثت) |
| (20) حبش ڏانهن هجرت | رجب 45 ميلاد - 5 اعلانِ نبوت (بعثت) |
| (21) حضرت حمزه رضه ۽ حضرت عمر رضه جو اسلام قبول ڪرڻ | 6 اعلانِ نبوت (بعثت)[4] |
| (22) حضور ﷺ جي خاندانِ بنوهاشم سميت نظربندي (قطع تعلقات) شعبِ ابوطالب ۾ | پهرين محرم 47 ميلاد - 7 اعلانِ نبوت (بعثت) اڱاري ڏينهن. |
| (23) قطع تعلقات ۽ نظربندي جو خاتمو | 9 اعلانِ نبوت (بعثت) آخر ڏاري يا 10 اعلانِ نبوت (بعثت) جي شروع ۾. |
| (24) عام الحزن - جناب ابوطالب ۽ حضرت خديجه رضه جي وفات | 10 اعلانِ نبوت (بعثت)[5] |
| (25) طائف جو سفر | جمادي الآخر 50 ميلاد - 10 اعلانِ نبوت (بعثت)[6] |
| (26) معراج | 27 رجب 50 ميلاد - 10 اعلانِ نبوت (بعثت) سومر رات |

---

[1] ان موقعي تي سورت علق نازل ٿي. طبري 17 يا 18 ٻئي تاريخون لکيون آهن. مگر جنتري جي حساب سان جمع جو ڏينهن 18 تي ئي اچي ٿو.

[2] صفا جي ٽڪري پرسان ارقم مخزومي جو گهر اسلامي تحريڪ جو مرڪز ٿيو ۽ اٽڪل 40 ماڻهن ان دور ۾ اسلام قبول ڪيو. نماز شهر کان ٻاهر لڪي پڙهي ويندي هئي.

[3] ان دور ۾ جناب ابوطالب تي دٻاءُ وجهڻ جي لاءِ قريشن جا وفد ڳالهه ٻولهه ڪندا رهيا ۽ مخالفت جي لاءِ خاص گڏجاڻين ۾ تدبيرون سوچيون وينديون هيون.

[4] حضرت عمر رضه حضرت حمزه رضه جي ٽن ڏينهن کان پوءِ اسلام قبول ڪيو. ڪجهه راوين جي قول مطابق حضرت حمزه رضه 2 اعلان نبوت (بعثت) ۾ اسلام قبول ڪيو.

[5] ابوطالب جي وفات جي 3 يا 5 ڏينهن کان پوءِ حضرت خديجه رضه رمضان مهيني ۾ وفات ڪئي.

[6] ٻي روايت 26- 27 شوال 10 اعلان نبوت (بعثت) جي آهي.

| | |
|---|---|
| (27) پنج وقتي نماز جو فرض ٿيڻ | 27 رجب 50 ميلاد ـ 10 اعلانِ نبوت (بعثت) سومر رات |
| (28) مديني ۾ اسلام جي شروعات | ذوالحج 50 ميلاد ـ 10 اعلانِ نبوت (بعثت)[1] |
| (29) مديني جي وفد (6 ماڻهو) جو اسلام قبول ڪرڻ | ذوالحج 51 ميلاد ـ 11 اعلانِ نبوت (بعثت) |
| (30) بيعتِ عقبہ اوليٰ (12 ماڻهو) | ذوالحج 52 ميلاد ـ 12 اعلانِ نبوت (بعثت) |
| (31) بيعتِ عقبہ ثاني (75 ماڻهو) | ذوالحج 53 ميلاد ـ 13 اعلانِ نبوت (بعثت) |
| (32) هجرت | |
| ا ـ مڪي کان غارِ ثور | 27 صفر (رات جو) 53 ميلاد ـ 13 اعلانِ نبوت (بعثت)[2] |
| ب ـ غارِ ثور کان روانگي | 1 ربيع الاول سومر ڏينهن ـ 13 سپٽمبر 622ع. |
| ج ـ قبا ۾ پهچڻ | 8 ربيع الاول 53 ميلاد ـ 13 اعلانِ نبوت (بعثت) مطابق 20 سپٽمبر 622ع سومر ڏينهن. |
| د ـ قبا کان مديني روانگي ـ مديني پهچڻ | 12 ربيع الاول 1 هہ 14 اعلانِ نبوت (بعثت) جمع ڏينهن[3] |
| (33) مسجد نبوي جو بنياد | ربيع الاول 1 هجري |
| (34) فرض نماز ۾ اضافو | ربيع الثاني 1 هجري[4] |
| (35) مهاجرن ۽ انصارن ۾ ڀائيچارو | ڀهرين تہ ماهي 1 هجري[5] |
| (36) اسلامي رياست جو قيام ـ مديني جي آبادي جو دستوري معاهدو | 1 هجري جي وچ ڌاري |

[1] اِياس بن معاذ اسلام قبول ڪيو.

[2] واضح رهي تہ حضور ﷺ جي ربيع الاول ۾ ان واقعي وقت عمر مبارڪ 53 سال پوري ٿي ۽ 54 سال شروع ٿيو. اهڙي طرح اعلانِ نبوت (بعثت) جو 13 سال پورو ٿي 14 سال شروع ٿيو.

[3] جمع نماز بنوسالم جي ڳوٺ ۾ ادا ڪيائون. هڪڙي ٻِڪي روايت اها بہ آهي تہ قبا ۾ 14 ڏينهن ترسيا. صحيح بخاري ۾ ترسڻ جو عرصو "بِضۡعَ عَشۡرَةَ لَيۡلَةً" ذڪر ٿيل آهي. تنهنڪري ڪجهہ روايتن ۾ مديني پهچڻ جي تاريخ 22 ربيع الاول اچي ٿي.

[4] ٻيپهري (ظهر)، ٽيپهري (عصر) ۽ سومهڻي (عشاء) جون ٻن مان وڌائي چار چار رڪعتون فرض ٿيون.

[5] ڀائيچارو قائم ڪرڻ واري گڏجاڻي حضرت انس رضہ جي گهر ٿي. ان ۾ حضور ﷺ جي سامهون 90 مهاجر ۽ انصاري حاضر هيا.

| | |
|---|---|
| (37) دفاعي نظام جو لاڳو ٿيڻ | 1 هجري جي وچ ڌاري7 مهيني جي شروع ۾[1] |
| (38) حضور ﷺ جي حرم ۾ حضرت عائشه رضه جي تشريف آوري | شوال 1 هجري |
| (39) ٻن اڪابرن جو اسلام قبول ڪرڻ | |
| (1) عبدالله بن سلام (اڳ ۾ يهودي) | 1 هجري |
| (2) ابوقيس صرمه بن ابي انس (اڳ ۾ عيسائي راهب). | |
| (40) جهاد جو فرمان (عملي ڪارروائي جي اجازت) | 12 صفر 2 هه يا هجرت جي 1 سال 2 مهينا 1 ڏينهن ڪان پوءِ |
| (41) حضور ﷺ جو پهريون فوجي ۽ سياسي سفر (غزوه ودان) | صفر 2 هجري۔ هجرت جي 12 مهيني ۾ |
| (42) ٻاهرين قبيلن سان معاهدٽا تعلقات ۔ بنو ضمره (بواد جا رهاڪو). بنو مدلج | صفر کان جمادي الآخر 2 هجري[2] |
| (43) ڪُرز بن جابر فِهري جو ڌاڙو (دشمن جي پهرين بي واجبي) | ربيع الاول 2 هجري |
| (44) نخله وارو واقعو (اسلامي فوجي دستي جي پهرين جهڙپ | رجب 2 هجري جي آخر ڌاري[3] |

---

[1] فوجي مظاهري ۽ چوڪيداري واري گشت جي لاءِ هڪ ٻئي پٺيان ٽي دستا روانا ڪيا ويا (1) ستين مهيني ۾ 30 ماڻهن جو دستو حضرت حمزه رضه بن عبدالمطلب جي اڳواڻي ۾ سيف البحر جي ماڳ تائين. (2) اٺين مهيني (شوال) ۾ 60 يا 80 سوارن جو دستو عبيده رضه بن حارث جي سرداري ۾ رابغ جي طرف موڪليو ويو. (3) نائين مهيني (ذوالقعد) ۾ سعد رضه بن ابي وقاص 20 سوارن جو دستو ساڻ ڪري خرار تائين ويو. ان کان پوءِ وَدان ڏانهن حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم ذاتي طور تي هڪڙي جماعت ساڻ ڪري تشريف کڻي ويا. انهن عملي ۽ واقعاتي صورتحالن جي پيش نظر اسان ان نظريي سان اتفاق نٿا ڪري سگهون ته جهاد جي حڪم (اذن) جي مشهور آيت 2 هجري ۾ نازل ٿي. حقيقت ۾ 2 هجري ۾ عملي طور قتل ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. ان کان اڳ عملي ٽڪراء کان پاسو ٿيندو رهيو. ليڪن دفاعي نظام جي تشڪيل جي لاءِ ڪنهن نه ڪنهن فرمانِ الاهي کي لازمي طور محرڪ اول هجڻ گهرجي. اهوئي سبب آهي ته اسان جهاد جي حڪم (اذن) واري آيت جو نزول هجرت کان اڳ قرار ڏيون ٿا. ان جو مطلب (مقصد) اهو آهي ته اسلامي جماعت جو ذهن دعوت جي صبر واري دور کان اڳڻ واري جهاد جي دور جي ذميوارين ڏانهن منتقل ٿئي ۽ اهو نئين مرڪز ۾ پهچي هڪ دفاعي تنظيم جي شروعات ڪري ڇڏي.

[2] تاريخدانن جي بيانن مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته مجدي جهيني رئيس جهينيه بنو ضمره واري سريه کان اڳ مديني سان ساٿاري وارا تعلقات رکندو هيو.

[3] هڪڙو ڪافر عمرو بن حضرمي مارجي ويو. به قيدي اُن ۽ سامان سميت مديني آندا ويا. حضور ﷺ ان ويڙهه تي ناراضگي جو اظهار ڪيو.

| | |
|---|---|
| (45) سلمان فارسي جو اسلام قبول ڪرڻ | 2 هجري |
| (46) آذان جي شروعات | 2 هجري |
| (47) زڪوات جو فرض ٿيڻ | 2 هجري |
| (48) قبلي جي تبديلي | 15 شعبان 2 هجري ڇنڇر ڏينهن |
| (49) رمضان مهيني جا روزا فرض ٿيڻ | 1 رمضان 2 هجري اربع ڏينهن[1] |
| (50) عيدالفطر جماعت سان ادا ڪرڻ ۽ صدقہ فطر جي حڪم جو نفاذ | 1 شوال 2 هجري |
| (51) بدر واري لڙائي (پهرين باقاعده لڙائي) مديني کان روانگي، مقابلي جو ميدان ۽ مديني ۾ فاتح ٿي موٽڻ | 8 رمضان 2 هجري اربع ڏينهن يا 12 رمضان 2 هجري جمع ڏينهن يا 20 (يا 17) رمضان 2 هجري سومر ڏينهن[2] |
| (52) حضرت علي عليہ السلام ۽ فاطمہ الزهرا سلام الله تعاليٰ عليها جي شادي | بدر واري لڙائي کان پوءِ 2 هجري |
| (53) بنو قَينُقَاع جو گهيراء | شوال جي وچ کان ذوالقعد جي شروع تائين 2 هجري |
| (54) حضرت حفصہ بنت عمر رضہ سان حضور ﷺ جو نڪاح | 3 هجري |
| (55) حضرت عثمان رضہ ۽ حضرت ام ڪلثوم رضہ بنت محمد ﷺ جي شادي | 3 هجري |
| (56) شراب کان منع جو پهريون حڪم | 3 هجري |
| (57) ڪعب بن اشرف جو خاتمو | 3 هجري |
| (58) امام حسن عليہ السلام جي ولادت | 3 هجري |
| (59) غزوه احد ـ مديني مان روانگي، لڙائي جو ميدان، حمراء الاسد تائين ابوسفيان جي لشڪر جو پيڇو | 5 شوال 3 هجري جمع نماز کان پوءِ، 6 شوال ڇنڇر ڏينهن کان 7 شوال آچر ڏينهن. |

---

[1] جيئن تہ بدر واري لڙائي جي تاريخ جو 17 رمضان لاءِ زياده تر روايتن مان جمع جو ڏينهن ثابت آهي، ان موجب حساب سان پهرين تي اربع جو ڏينهن هجڻ گهرجي. انهيءَ ڪري اسان اها روايت ڇڏي ڏني آهي جنهن ۾ پهرين رمضان لاءِ آچر ٻڌايو ويجي ٿو.

[2] عجيب مونجهارو آهي تہ لڙائي واري ڏينهن ۽ تاريخ تي تہ زياده تر اتفاق آهي. ليڪن مديني مان روانگي جي تاريخ ڪن 12 تہ ڪِن 8 ڄاڻائي آهي. جن 8 تاريخ لکي آهي اهي سومر جو ڏينهن ٻڌائين ٿا حالانڪ 17 تي جمع هجي تہ 8 ڪنهن بہ صورت ۾ سومر نٿو ٿي سگهي. انهيءَ ڪري اسان 8 رمضان جي روايت ۾ اربع ۽ 12 جي روايت ۾ آچر لکيو آهي. البت جيڪڏهن ان روايت کي اهميت ڏني ويجي جنهن مطابق 17 تي اڱارو ٻڌايو ويو آهي تہ پهرين ۽ 8 آچر جو ڏينهن هجڻ گهرجي.

| | |
|---|---|
| (60) وياج ترڪ ڪرڻ لاءِ پهرين نصيحت ۽ يتيمن جي باري ۾ احڪام | غزوه احد کان هڪدم پوءِ[1] |
| (61) وراثت جي تفصيلي قانون جو جاري ٿيڻ | احد واري لڙائي کان پوءِ 3 هجري |
| (62) شادي جا قانون، زال مڙس جا حق، مشرڪ عورتن سان نڪاح ڪرڻ کان منع | 3 هجري |
| (63) زينب بنت خُزيمہ (ام المساڪين) سان حضور ﷺ جي شادي | 3 هجري جي آخر ڏاري[2] |
| (64) رجيع وارو حادثو (دعوتي ۽ تعليمي وفد جي ڏهن ماڻهن جو قتل) | صفر 4 هجري |
| (65) غزوه بنونضير | ربيع الاول 4 هجري |
| (66) ام المومنين زينب (ام المساڪين) بنت خُزيمہ جي وفات | 4 هجري جي شروعات. نبي ڪريم ﷺ سان 2 يا 3 مهينا گڏ رهيون. |
| (67) پردي جي حڪم جو نفاذ | پهرين ذوالقعد 4 هجري جمع ڏينهن. |
| (68) شراب جي حرام ٿيڻ جو قطعي قانون نافذ ٿيو | 4 هجري |
| (69) غزوه بدرالاخري | ذوالقعد 4 هجري[3] |
| (70) غزوه دومت الجندل | ربيع الاول 5 هجري (ٽڪراءُ ڪونہ ٿيو.) |
| (71) تيمم ڪرڻ جي حڪم جو نزول | غزوه بنو مصطلق جي سفر ۾ |
| (72) حضرت جُوَيرِيہ رضہ سان حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي شادي | شعبان 5 هجري |
| (73) افڪ وارو واقعو | شعبان 5 هجري |
| (74) زنا، قذف ۽ لعان جي فوجداري قانونن جو نفاذ ـ پردي جا تفصيلي احڪام | 5 هجري (افڪ واري واقعي کان پوءِ) |
| (75) غزوه احزاب | شوال يا ذوالقعد 5 هجري |

---

1 ڏسو سورت آل عمران آيت 130

2 اُحد جي لڙائي واري ڏينهن بيوه ٿي هئي. ان جي عدت 3 هجري ۾ تڏهن پوري ٿي سگهي ٿي جڏهن اميدواري صورت هجي.

3 ابوسفيان للڪاري ويو هيو پر مقابلي لاءِ ڪونہ آيو.

| | |
|---|---|
| (76) دوس وارن جي وفد جي مديني آمد | 5 هجري[1] |
| (77) بنو قُريظہ کي سيکت | ذوالحج 5 هجري |
| (78)حضرت زينب رضہ بنت جحش سان حضور ﷺ جي شادي | 5 هجري |
| (79) ثُمامہ بن اُثال حنفي رئيس نجد جو اسلام قبول ڪرڻ | 6 هجري |
| (80) حديبيہ وارو معاهدو | ذوالقعد 6 هجري |
| (81) حديبيہ کان مديني واپسي | ذوالحج 6 هجري |
| (82) خالد بن وليد ۽ عمرو بن عاص جو اسلام قبول ڪرڻ | 6 هجري |
| (83) بين الاقوامي دعوت جي شروعات (بادشاهن ڏانهن خط) | پهرين محرم 7 هجري اربع ڏينهن |
| (84) غزوه خيبر | محرم 7 هجري |
| (85) حضور ﷺ جي حضرت صفيہ رضہ سان شادي | محرم 7 هجري |
| (86) حبش وارن مهاجرن جي واپسي | فتح خيبر جي موقعي تي 7 هجري |
| (87) آزاد مسلم ڪئمپ جو قيام (سيف البحر جي ماڳ تي) | 7 هجري جي شروع ۾[2] |
| (88) سيف البحر وارن جو قريشي قافلي تي ڇاپو | صفر 7 هجري |
| (89) عمرة القضاء | ذالقعد 7 هجري |
| (90) نڪاح ۽ طلاق جي تفصيلي قانونن جو نفاذ | 7 هجري |
| (91) حضرت ميمونہ رضہ سان حضور ﷺ جي شادي (مڪي ۾) | 7 هجري |
| (92) جبالا (جبلہ) غساني جو اسلام | 7 هجري |
| (93) غزوه موتہ | جمادي الاول 7 هجري |

[1] اهو 70 يا 80 مسلمان خاندانن جو عظيم وفد هيو.

[2] مڪي ۾ جن مسلمان نوجوانن کي ستايو ويو ٿي، حديبيہ واري معاهدي جي مطابق حضور ﷺ انهن کي مديني ۾ جاءِ نٿي ڏئي سگهيا. تنهنڪري پهريان ابوجندل ۽ ابوبصير ۽ پوءِ ٻيا ماڻهو ڀڄي وڃي سيف البحر جي ماڳ تي پهتا ۽ اتي آزاد مسلم ڪئمپ قائم ڪيائون.

| | |
|---|---|
| (94) مڪي جي مشرڪن طرفان حديبيہ واري معاهدي جي خلاف ورزي | رجب 8 هجري |
| (95) غزوه فتح مڪ ـ مديني کان روانگي | 10 رمضان 8 هجري اربع ڏينهن |
| ـــ مڪي ۾ فاتحاڻي داخلا | 20 رمضان[1] |
| ـ نخلہ جي ماڳ تي عزيٰ جي بتخاني کي ڍاهڻ لاءِ سريہ خالد بن وليد | گهڙو ڪري 25 رمضان 8 هجري |
| ـــ سواع جي بت خاني کي ڍاهڻ لاءِ سريہ عمرو بن عاص | رمضان 8 هجري |
| ـــ منات جي بت خاني کي ڍاهڻ لاءِ سريہ سعد اشهلي | |
| ــــ مڪي ۾ قيام | 9 شوال تائين (ٻين روايتن ۾ 18 شوال تائين) |
| ــــ غزوه حنين (طائف پهچڻ تائين) | شوال مهيني ۾ 8 يا 10 ڏينهن تائين |
| ــــ طائف جو گهيراء | شوال جي آخر کان ذوالقعد جي شروع تائين تقريبن 18 يا 20 ڏينهن[2] |
| ــــ جعرانہ ۾ مالِ غنيمت ورهائڻ کان پوءِ عمره جعرانہ | ذوالقعد 8 هجري |
| (96) وياج جي قطعي ختم ٿيڻ جو قانون | فتح مڪ جي موقعي تي 8 هجري[3] |
| (97) صداء وارن جي وفد جو مديني اچڻ | 8 هجري |
| (98) حضرت زينب رضہ بنت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي وفات | 8 هجري |
| (99) حضرت ابراهيم بن محمد صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي وفات | 8 هجري |
| (100) زڪوات ۽ صدقا وصول ڪرڻ وارن جو پهريون تقرر | محرم 9 هجري جي شروعات |
| (101) غزوه تبوڪ ـ جيش عسرت جي روانگي | رجب 9 هجري مطابق نومبر 635ع مديني مان روانگي خميس ڏينهن |

[1] ٻئي طرف خاص مضبوط روايت اها بہ آهي تہ حضور ﷺ 18 رمضان تائين مديني ۾ هيا. ان حساب سان مڪي ۾ داخلا 29 يا 30 تي هجڻ گهرجي.

[2] مڪحول جي روايت مطابق 40 ڏينهن تائين گهيراء جاري رهيو.

[3] وياج جي گهر قانوني طور ختم ڪئي وئي. ڏسو سورت البقره آيت 278

| | |
|---|---|
| (102) جزيي جو حڪم | تبوڪ واري زماني ۾[1] |
| (103) مسجد ضرار کي ساڙيو ويو | غزوه تبوڪ کان واپسي تي |
| (104) دومت الجندل جي نواب (والي) اُڪيدر جو اسلام قبول ڪرڻ | 9 هجري |
| (105) ڪعب بن زهير طرفان معافي گهرڻ ۽ اسلام قبول ڪرڻ | 9 هجري[2] |
| (106) وفد جيڪي ان سال مديني ۾ آيا | |
| ـــ عذره وارن جو وفد | صفر 9 هه |
| ـــ بلي وارن جو وفد | ربيع الاول 9 هه |
| ـــ خولان وارن جو وفد | شعبان 9 هجري |
| ـــ ثقيف وارن جو وفد | 9 هجري |
| (107) حج جو فرض ٿيڻ ـــ پهريون حج (حضرت ابوبڪر رضه جي اڳواڻي ۾) | 9 ذوالحج 9 هه سومر يا اڱارو[3] |
| (108) حضرت علي عليہ السلام جي ذريعي اعلانِ برات، ڪافرن جي معاهدن جو خاتمو | 10 ربيع الثاني 10 هجري (اعلانِ برات جي مطابق چئن مهينن کان پوءِ) |
| (109) مُحارِب ۽ محامد وارن جا وفد | 10 هجري[4] |
| ـــ خُولان جو وفد | شعبان 10 هجري |
| ـــ نيسان وارن جو وفد | رمضان 10 هجري |
| ـــ بنوحارث بن ڪعب جو وفد | شوال 10 هجري |
| ـــ سلامان جو وفد | شوال 10 هجري |
| (110) حضور ﷺ جو آخري رمضان ۾ 20 ڏينهن اعتڪاف | رمضان 10 هجري |

---

[1] هڪڙي روايت جي مطابق 8 هجري ۾ غزوه تبوڪ کان اڳ ۾ حڪم آيو.

[2] (قصيدو "بانت سعاد" لکي پيش ڪيو.

[3] حج فرض ٿيڻ جي حوالي سان بہ وقت جي تعين جي باري ۾ 6 هه 7 هه 8 هه 9هه 10هه جون روايتون موجود آهن. مگر اسان ڄاڻايل واٽي ترجيح واري صورت کي ڪنيو آهي. هڪڙي دلچسپ صورت اها بہ آهي تہ اهو حج ڪافرن جي جنتري واري نظام موجب لُنڍي (نُون يا نوند) مهيني جي ڪري ذوالقعد مهيني ۾ ٿيو هجي. ليڪن ان رَوايت جو پهلو ڪمزور آهي. اعلانِ برات جي متعلق بہ اختلاف آهي تہ عرفہ (عرفات) واري ڏينهن تي ٿيو يا قرباني ڪرڻ واري ڏينهن تي. اسان جي سمجهہ مطابق "يوم الحج الاڪبر" جا قرآني لفظ ڪافي آهن. حديثن کي ڏسو تہ بہ "يوم النحر" يعني قرباني جي ڏينهن جي حق ۾ پلڙو ڳرو آهي.

[4] باقي وفدن مان اڪثر 10 هه ۾ ۽ ڪجهہ 9 هه ۾ مديني ۾ آيا مگر انهن جي اچڻ جي وقت جو صحيح تعين مشڪل آهي.

| | |
|---|---|
| (111) حضور ﷺ سان مسيلمہ ڪذاب جي لک پڙھ | 10 هجري |
| (112) حجتہ الوداع ـ مديني مان روانگي | 26 ذوالقعد 10 هجري ڇنڇر ڏينهن ٻيپهري (ظهر) ۽ ٽيپهري (عصر) جي وچ ۾[1] |
| ـــ ذُوالحُلَيفہ ۾ قيام | ڇنڇر ۽ آچر جي وچ واري رات |
| ـــ احرام ٻڌڻ | آچر تي ٻيپهري (ظهر) وقت |
| ـــ ذي طُوي ۾ پهچڻ ۽ ترسڻ | سومر رات 4 ذوالحج |
| ـــ ذي طُوي کان مڪي روانگي | 5 ذوالحج فجر نماز کان بعد[2] |
| ـــ مسجد حرام ۾ داخل ٿيڻ | 5 ذوالحج ڪچڙي منجهند[3] |
| ـــ مڪي کان ٻاهر قيام | 8 ذوالحج تائين[4] |
| ـــ منيٰ روانگي | 8 ذوالحج خميس جي ڏينهن ڪچڙي منجهند |
| ـــ منيٰ کان عرفات روانگي | 9 ذوالحج جمع ڏينهن سج اڀرڻ کان پوءِ[5] |
| ـــ حج جو خطبو (عرفات) | 9 ذوالحج جمع ڏينهن سج لڙڻ (زوال) کان پوءِ |
| ـــ وقوفہ عرفات | 9 ذوالحج جمع ڏينهن ٻيپهري (ظهر) ۽ ٽيپهري (عصر) جي نماز کان پوءِ تائين[6] |
| ـــ عرفات کان مزدلفہ ڏانهن روانگي | 9 ذوالحج جمع ڏينهن سج لهڻ کان پوءِ[7] |
| ـــ مزدلفہ کان مشعر الحرام | 10 ذوالحج ڇنڇر ڏينهن فجر نماز کان پوءِ[8] |
| ـــ مشعر الحرام کان منيٰ روانگي | 10 ذوالحج سج اڀرڻ کان اڳ |
| ـــ رمي جمار | 10 ذوالحج سج اڀرڻ کان پوءِ ڪچڙي منجهند تائين[9] |
| ـــ منيٰ ۾ خطبو (قرباني واري ڏينهن ـ يوم النحر) | 10 ذوالحج ڪچڙي منجهند کان پوءِ |

---

[1] ان معاملي ۾ بہ اختلاف آهي مگر اسان صحيح ترين روايت اختيار ڪئي آهي.
[2] حضور ﷺ ثنيتہ العليا جي طرف کان جيڪو حجون جي بلندي تي آهي، مڪي ۾ داخل ٿيا.
[3] حضور ﷺ بابِ بنوعبد مناف (بابِ بنوشيبہ) کان داخل ٿيا.
[4] حضور ﷺ جا سڀ اصحابي ساڻن گڏ رهيا. رات جو منيٰ ۾ رهندا هيا.
[5] ضب قريہ جي رستي (عرفات کان اوڀر طرف) نمرہ تشريف کڻي ويا. اتي چبوترو ٺاهيو ويو. قصوئ ناليءَ ڏاچي تي ويهي اهو عظيم خطبو ڏيڻ فرمايائون.
[6] هتي حضور ﷺ عاجزي ۽ انڪساري سان سج لهڻ (مغرب) تائين دعا ڪئي.
[7] مازمين جي رستي سان واپسي ڪيائون.
[8] هتي حضور ﷺ عاجزي ۽ انڪساري سان تسبيح، تڪبير ۽ ذڪر ڪرڻ فرمايو.
[9] انهي دوران اُس تيز ٿي وئي هئي.

| | |
|---|---|
| ـــ قرباني | خطبي کان پوءِ[1] |
| ـ منيٰ کان مڪي روانگي | 10 ذوالحج مٿو ڪوڙائڻ (حلق ڪرائڻ) ڪان پوءِ[2] |
| ـ مڪي کان منيٰ واپسي | شام جو |
| ـ منيٰ ۾ ٻيو خطبو | 11 ذوالحج (يوم الرئوس)[3] |
| ـــ منيٰ کان مصحب يا ابطح ڏانهن روانگي | اڱاري ڏينهن 13 ذوالحج |
| ـ مڪي کان واپسي | 13 ۽ 14 جي وچواري رات |
| (113) نخع جو وفد | محرم جي وچ ڌاري 11 هجري[4] |
| (114) حضرت اسامہ رضہ واري لشڪر کي رواني ٿيڻ جو حڪم | 26 صفر 11 هجري[5] |
| (115) حضور ﷺ جي وفات کان اڳ واري بيماري جي شروعات | صفر جي آخر ڌاري 11 هجري (گهٽ ۾ گهٽ 29 تي)[6] |
| (116) مرض جي شدت جو زمانو | حضرت عائشہ رضہ جي حجري ۾ وفات تائين ست ڏينهن |
| (117) مسجد ۾ آخري نماز باجماعت ۽ آخري خطاب | وفات کان 5 ڏينهن اڳ خميس ڏينهن ٻيپهري (ظهر) جي نماز وقت[7] |
| (118) وصال | 12 ربيع الاول 11 هہ سومر ڏينهن چاشت وقت[8] |
| (119) تدفين | 13 ربيع الاول اڱاري ڏينهن ۽ 14 ربيع الاول اربع ڏينهن جي وچواري رات[9] |

---

[1] قرباني جي هڪ سو اُٺن مان 63 اُٺ پاڻ حضور ﷺ پنهنجن هٿن مبارڪن سان ذبح ڪيا ۽ باقي کي حضرت علي عليہ السلام جي حوالي ڪيائون. ان کان پوءِ مٿو ڪوڙايائون (حلق ڪرايائون).

[2] مڪي پهچي ٻيپهري (ظهر) کان اڳ ۾ طوافِ زيارت ڪيائون. رات منيٰ ۾ گذاريائون.

[3] هن خطبي جو ذڪر ابودائود جي روايت ۾ آهي. رات جو مڪي وڃي طوافِ وداع ڪيائون.

[4] اهو آخري وفد هيو جيڪو حضور ﷺ جي حياتي مبارڪ ۾ آيو.

[5] اها آخري فوجي مهم هئي جنهن جي لاءِ حضور ﷺ حڪم ڏنو.

[6] مختلف روايتن مان صحيح ترين اهو معلوم ٿئي ٿو تہ حضور ﷺ جي بيماري جو عرصو 13 ڏينهن هيو.

[7] روايتن ۾ مختلف خطابن جو ذڪر آهي مگر گمان اهو آهي تہ مختلف ڳالهيون ان ئي خطبي ۾ ارشاد فرمايائون.

[8] سومر جي ڏينهن تي اتفاق آهي. باقي تاريخن ۾ اختلاف آهي. پهرين ۽ ٻي تاريخ جون بہ روايتون آهن ۽ هڪڙي حساب سان 13 بہ نڪري ٿي. اصل مونجهارو اهو آهي تہ 9ذوالحج تي جمع جو ڏينهن قطعي طور ثابت ٿيل آهي ۽ ان لحاظ کان حساب ڪيو وڃي تہ 12 ربيع الاول تي سومر جو ڏينهن ڪنهن بہ طرح نٿو ٿي سگهي، سواءِ ان صورت جي تہ لاڳيتو ٽئي مهينا (ذوالحج، محرم ۽ صفر) 30 تاريخن جا ٿيا هجن. ليڪن هڪڙي راءِ اها آهي تہ قدرتي طور ڪڏهن ائين بہ ٿي سگهي ٿو ۽ ٻي تاويل اها آهي تہ مڪي ۽ مديني ۾ موسمي سبب جي ڪري چنڊ هڪ ڏينهن اڳتي پوئتي ڏٺو ويو هجي.

[9] حضرت عائشہ رضہ جي حجري ۾ قبر مبارڪ ٺهي.

ضميمو: 2

# اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون
# (اوليات و تقدمات)

0 اعلانِ نبوت (بعثت) جو پهريون حڪم ـــــ
تاريخ 9 ربيع الاول 41 سالِ ميلاد.

0 قرآن جو پهريون نزول ـــــ
سورت علق. تاريخ 18 رمضان 1 سال بعثت نازل ٿي.

0 حق جي راهه ۾ حضور ﷺ جي دوستن جو پهريون حقلو ـــــ
(1) عورتن ۾ حضرت خديجه طاهره رضه کي اڳيرائي جو مقام حاصل ٿيو.
(2) پڪي شعور وارن آزاد مردن ۾ حضرت ابوبڪرصديق رضه اوليت جو شرف ماڻيو.
(3) نوجوانن ۾ حضرت علي عليه السلام سڀ کان اڳيان رهيا.
(4) غلام طبقي ۾ حضرت زيد رضه بن حارث (حضور ﷺ جي آزاد ڪيل غلام) کي اڳيرائي ملي.

0 حضرت خديجه رضه کان پوءِ سڀ کان پهرين عورت جيڪا اسلامي تحريڪ جي دائري ۾ داخل ٿي ـــــ
لُبابه رضه بنت حارث (حضرت عباس رضه جي زال)

0 دارِ ارقم جي دعوتي دور ۾ اسلام جي بيعت ڪرڻ وارو پهريون اصحابي ـــــ
عاقل رضه بن بڪير

0 تحريڪ جو پهريون مرڪز ـــــ
دارِ ارقم (حضرت ارقم رضه جو گهر) صفا واري ٽڪري پرسان.

0 سڀ کان پهريون عام خطاب ـــــ
صفا واري ٽڪري تي (اعلانِ نبوت ـ بعثت جي 3 سال)

0 سڀ کان پهرين آيت جنهن تي ڪافرن ۾ شديد ڪاوڙ پيدا ٿي ـــــ
"اِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللهِ حَصَبُ جَهَنَّمَ"

0 حضور ﷺ کان پوءِ سيني کان اڳ ۾ اسلام جو اظهار ڪرڻ وارو اصحابي ـــــ
حضرت خباب رضه بن الارت تميمي.

0 سڀ کان پهريون اسلامي خاندان ـــــ
حضرت ابوبڪر صديق رضه جو گهر.

0 سڀ کان پهرين عورت جيڪا مسلمان پيءُ ماءُ جي پاڇي ۾ ٻالڪپڻ کان ئي اسلام تي پلجي وڏي ٿي ـــــ
حضرت عائشه صديقه رضه

0 اسلام جي غيرت تي پهريون اتفاقي قتل ـــ
حضرت سعد رضہ بن ابي وقاص جي هٿان ٿيو. واقعو اهو آهي تہ شهر کان ٻاهر مسلمان جماعت نماز پڙهڻ ۾ مصروف هئي ۽ ڪافرن شرارت ڪئي. حضرت سعد رضہ هڪڙو هڏو کڻي انهن ڏانهن اڇلايو اهو هڪڙي ڪافر کي وڃي لڳو ۽ اهو ختم ٿي ويو.

0 سڀ کان پهريون جوڙو جيڪو (حضور ﷺ جي فرمان مطابق حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت لوط عليہ السلام ۽ کان پوءِ) الله جي راهہ ۾ هجرت جي لاءِ نڪتو ـــ
حضرت عثمان رضہ ۽ حضرت رقيہ رضہ اسلام جي خاطر حبش روانو ٿيا.

0 اسلامي تحريڪ جي تاريخ ۾ پهريون جهنڊو لهرايو ويو ـــ
بُريده اسلمي رضہ جي هٿان، هجرت واري سفر ۾.

0 ڪعبت الله شريف ۾ سڀني کان اڳ ۾ اسلام جو ڪلمو وڏي آواز ۾ پڪاري مار کائڻ وارو اصحابي ـــ
حضرت ابوذر غِفاري رضہ

0 اها هستي جنهن پهريون ڀيرو پنهنجي اسلام جو زوردار طريقي سان اعلان ڪرايو ـــ
حضرت عمر رضہ

0 اها هستي جنهن جي اسلام قبول ڪرڻ سان پهريون دفعو ڪعبت الله شريف ۾ نماز ادا ڪرڻ جي شروعات ٿي ـــ
حضرت عمر رضہ

0 اها هستي جنهن جي اسلام قبول ڪرڻ تي ڪافرن پهريون ڀيرو محسوس ڪيو تہ اسلامي تحريڪ زور پڪڙي وئي آهي ـــ
حضرت حمزه رضہ

0 سڀني کان پهريون مسلمان انصاري سردار جنهن مڪي وارن هٿان مار کاڌي ـــ
حضرت سعد رضہ بن معاذ

0 پهرين جان جيڪا مسجد الحرام ۾ حق جي راهہ ۾ قربان ٿي ـــ
حارث رضہ بن ابي هالہ

0 پهرين عورت جيڪا انتهائي مظلومي واري حالت ۾ اسلام تي قربان ٿي ـــ
حضرت سميہ رضہ (حضرت ياسر رضہ جي زال ۽ حضرت عمار رضہ جي امڙ)

0 سڀني کان پهريون شخص جنهن بنو هاشم جي مقابلي ۾ قريشن جي قطع تعلقات واري معاهدي کي ختم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ـــ
هشام بن عمرو بن ربيعہ

0 پهريون مرد مومن جنهن پنهنجي هڪڙي اک سچائي جي لاءِ قربان ڪئي ـــ
عثمان رضہ بن مَظعُون (قريشن جي ڪچهري ۾ ان لبيد جي سامهون ان جي هڪڙي جملي تي اعتراض ڪيو. ان تي ان جي اک ڪيڏي وئي)

0 سڀني کان پهريون مديني جو مهاجر ـــ
حضرت ابو سلمیٰ رضہ

0 مرتد ٿيڻ وارو پهريون شخص ـــــ
عُبيد بن جحش حبش ۾ هجرت ڪري وڃڻ کان پوءِ اتي عيسائي ٿي ويو.

0 اسلام جي لاءِ پهريون تير هلائڻ وارو ـــــ
حضرت سعد رضہ بن ابي وقاص سريہ عبدالحارث ۾ ثنيت المره جي جاءِ تي دشمن تي تير اڇلايو مگر دشمن بچي ويو.

0 اسلام جي حمايت ۾ سڀ کان پهرياڻين تلوار ڪڍڻ وارو ـــــ
حضرت زبير رضہ بن عوام

0 حبش ڏانهن ٻي هجرت ۾ پهريون مهاجر ـــــ
حضرت جعفر رضہ بن ابوطالب

0 مديني جو پهريون نوجوان جيڪو حضور ﷺ جي دعوت کان متاثر ٿيو ـــــ
سُوَيد رضہ بن صامت

0 پهريون انصاري اصحابي جنهن مديني ۾ (هجرت کان پوءِ) وفات ڪئي ـــــ
ڪلثوم بن الهدم. جنهن جي قبا واري گهر ۾ حضور ﷺ مڪي مان هجرت ڪري اچڻ کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن ترسيا هيا.

0 سڀني کان پهريون مهاجر جنهن مديني ۾ وفات ڪئي ـــــ
حضرت عثمان رضہ بن مَظعُون

0 اسلام جي غيرت ڪري پهريون شخصي قتل (عورت جو) ـــــ
اسماء بنت مروان. اها خَطمِيہ قبيلي وارن کي نبي ڪريم ﷺ جي خلاف پڙڪائيندي هئي ۽ گارگند ڪندي هئي. ان جي نومسلم ياءُ حضرت عمير رضہ بن عدي الخطمي ڪنهن موقعي تي جوش ۾ اچي ان کي ختم ڪري ڇڏيو (رمضان 2 هجري)

0 اسلام جي غيرت تي مرد جو پهريون شخصي قتل ـــــ
ابو غفلہ يهودي جيڪو حضور ﷺ ۽ مسلمانن جي خلاف گهٽ وڌ ڳالهائي ماڻهن کي اشعال ڏياريندو هيو. عالم بن عمير انصاري غيرت ۾ اچي ان جو خاتمو ڪري ڇڏيو.

0 مديني ۾ پهرين اسلامي اوستاد (معلم) جي تقرري ـــــ
حضرت مُصعَب رضہ بن عُمير کي (ابن ام مڪتوم رضہ جي همراهي ۾) حضور ﷺ انصارن جي وفد سان روانو ڪيو (اعلانِ نبوت (بعثت) جي چوڏهين سال)

0 بيعتِ عقبہ ثاني ۾ سڀني کان اڳ ۾ بيعت ڪرڻ وارو انصاري اصحابي ـــــ
بُراء رضہ بن مَعرُور

0 مديني ۾ پهريون اجتماعي درسِ قرآن ـــــ
مسجد بنو زُرَيق ۾ ڏنو ويو (گهٽو ڪري اها باقاعده مسجد ڪونہ هئي، بلڪ عبادت جي لاءِ هڪڙي جاءِ مقرر ڪئي وئي هئي.)

0 سڀ کان پهرين باقاعده مسجد جي تعمير ——
مسجد قبا جيڪا تاريخ 8 کان 11 ربيع الاول سال 13 اعلانِ نبوت (بعثت) 1 هجري تي تعمير ٿي.

0 پهرين جمع نماز جيڪا حضور ﷺ جي امامت ۾ ٿي ——
12 ربيع الاول 1 هجري تي بنو سالم جي وسندي ۾ پهريون جمع پڙهيو ويو جنهن ۾ هڪ سو اسلام جا علمبردار شريڪ هيا.

0 مديني جو قبيلو جيڪو هڪ ئي وقت پوري جو پورو اسلام ۾ داخل ٿيو ——
بنو عبدالاشهل (صرف هڪڙو ماڻهو ان سعادت مان بعد ۾ بهره مند ٿيو.)

0 سڀ کان پهريون فوجي دستو جيڪو اسلامي رياست جي طرفان چوڪيداري واري گشت لاءِ نڪتو ——
حضرت حمزه رضہ بن عبدالمطلب جي اڳواڻي ۾ پهريون دستو هجرت جي ستين مهيني جي شروعات ۾ موڪليو ويو ۽ سيف البحر تائين ويو.

0 دفاع جي نظام موجب پهريون فوجي جهنڊو (عَلم) کڻڻ وارو اصحابي ——
ابي مرثد الغنوي مٿي ڄاڻايل سريہ سيف البحر جي لاءِ

0 حضور ﷺ جي ساٿ ۾ علمبرداري جو پهريون شرف ——
حضرت حمزه رضہ (ودان واري غزوه ۾)

0 قريشن جي طرف کان اسلامي رياست تي پهرين هٿچر اند ——
ڪُرز بن جابر فُهري جو فوجي ڌاڙو (ربيع الاول 2 هجري)

0 پهرين سرحدي جهڙپ جنهن ۾ اسلامي فوجي دستي جي هٿان هڪڙو دشمنن جو ماڻهو قتل ٿيو ——
سريہ نخلہ جيڪو رجب 2 ھ ۾ واقع ٿيو (واقد بن عبدالله تميمي جي تير سان قتل ٿيو).

0 پهريون موقعو جڏهن مالِ غنيمت ۽ قيدي مديني ۾ آندا ويا ——
مٿي ڄاڻايل سريہ نخلہ

0 آذان جي طريقي جي شروعات ——
2 هجري

0 ڪعبت الله شريف ۾ پهرين آذان ——
مڪي جي فتح (8 ھ) جي موقعي تي حضرت بلال رضہ چئي.

0 سيني کان پهريون ڪوڙو (ڪذاب) جنهن حضور ﷺ جي مقابلي ۾ ڪوڙي نبوت جو علم بلند ڪيو ——
مسيلمہ ڪذاب

0 پهريون لکت ۾ امان نامو جيڪو حضور ﷺ طرفان جاري ٿيو ——
سراقہ بن مالڪ جُعشُم جي لاءِ (هجرت واري سفر ۾)

0 دنيا جو پهريون باقاعده لکيل وفاقي دستور ——
1 هجري مديني ۾ حضور ﷺ جي قيادت ۾ مرتب ۽ نافذ ٿيو.

0 مديني کان ٻاهر اسلامي رياست جو پهريون دوستاڻو معاهدو ——
بنو ضمره جي سردار عمرو بن محشي ضمري سان ـــ يا ـــ بنو ضمره بن بڪر بن عبد مناف جي قبيلي سان.

0 پهرين ڦاسي (صليب چاڙهڻ) جيڪا اسلام قبول ڪرڻ جي مقدس ڏوهه ۾ ڏني وئي ——
حضرت خُبَيب رضہ بن عدي ۽ زيد بن دَثِنَہ کي (مڪي جي ڀرسان تنعيم جي جاءِ تي).

0 مديني ۾ يهودين جي پهرين باغياڻي ۽ غداري واري ڪارروائي ——
بنو قينقاع وارن هڪڙي مسلمان عورت کي ڀري بازار ۾ اگهاڙو ڪري ڇڏيو ۽ هنگامو ٿي ويو.

0 پهرين آزاد اسلامي ڪئمپ ——
سيف البحر ۾ حضرت ابوبصير رضہ ۽ ابوجندل رضہ قائم ڪئي.

0 مڪي جي فتح واري موقعي تي پهريون شخص جيڪو اسلام ۾ داخل ٿيو ——
ابوسفيان رضہ بن حارث بن عبدالمطلب (حضورجن جو سوٽ)

0 پهرين لڙائي (غزوه) جنهن ۾ مهاجرن سان گڏ انصاري بہ شامل هيا ——
غزوه بدر

0 بدر جي ميدان ۾ اسلامي لشڪر جا پهريان ٿي للڪار (مبارز) قبوليندڙ ——
حضرت علي عليہ السلام، حضرت حمزه رضہ، حضرت عُبيده رضہ بن حارث بن عبدالمطلب

0 بدر واري مقابلي ۾ سيني کان پهريون دشمن جيڪو قتل ٿيو ——
اسود بن عبدالاسد (للڪار ـ مبارزت کان اڳ)

0 بدر واري مقابلي ۾ سيني کان پهريون مسلمان شهيد ——
مِهجَع رضہ عمر رضہ بن خطاب جو مولي (غلام)

0 مديني ۾ بدر واري لڙائي ۾ سوڀ ٿيڻ جي خوشخبري ٻڌائڻ وارو پهريون قاصد ——
زيد رضہ بن حارث

0 پهرين عبدالفطر جي نماز ——
پهرين شوال 2 هجري

0 اسلامي رياست جو پهريون سفير جنهن کي رستي ۾ شهيد ڪيو ويو ——
حارث رضہ بن عُمير ازدي کي موتہ جي شامي حاڪم شرحبيل بن عمرو غساني قتل ڪري ڇڏيو.

0 بهادري جو پهريون خطاب جيڪو حضور ﷺ طرفان ڏنو ويو ——
خالد بن وليد کي "سيف الله" جو خطاب ڏنو ويو (موتہ واري لڙائي جمادي الاول 8 هجري)

0 سرڪاري خطن ۽ دستاويزن تي مهر هڻڻ جي شروعات ——
پهرين محرم 7 هجري.

0 اسلامي نظام موجب ٽياڪڙ (تحڪيم) جو پهريون سياسي واقعو ____
اسلامي رياست ۽ بنوقُريظہ جي وچ ۾ (5 هجري)

0 اسلامي دور ۾ پهريون اصحابي جنهن کي ٽياڪڙ (حَڪم) بڻايو ويو ____
سعد رضہ بن مُعاذ

0 حضور ﷺ جي لاءِ پهريون شاهي سوکڙيون ____
حبش جي بادشاهہ نجاشي موڪليون.

0 عربستان جي مشرڪن مان پهريون شخص جنهن جي سوکڙي حضور ﷺ قبول ڪئي ____
ابو سفيان (صلح حديبہ واري زماني ۾)

0 پهريون آزاد ٿيل غلام جنهن کي لشڪر جو سالار بڻايو ويو ____
زيد رضہ بن حارث (سريہ موتہ)

0 پهرين لڙائي (غزوه) جنهن مان بيت المال جو پنجون حصو (خمس) ڪڍيو ويو ____
غزوه بنوقينقاع يا غزوه بنوقريظہ

0 لااله پڪارڻ واري دشمن جي قتل جو پهريون حادثو ____
سريہ جُهَينہ (رمضان 7 هجري) ۾ اسماه بن زيد جي هٿان نهيڪ بن مردوس جي جان وئي.

0 پهريون موقعو جڏهن جماعت جي وڏي اڪثريت وقتي طور تي بي اطميناني ۾ مبتلا ٿي ____
صلح حديبيہ

0 حضور ﷺ جي هٿان پهريون زخمي ۽ مقتول ____
حارث بن الضمہ (غزوه احد).

0 پهريون شهيد جنتي جنهن نہ نماز پڙهي نہ روزو رکيو ____
اصيرم رضہ (بنو عبدالاشهل) غزوه احد واري ڏينهن ايمان آڻي سڌو جهاد ۾ شريڪ ٿيو ۽ شهادت ماڻيائين.

0 حق جي راهہ جو پهريون شهيد جنهن مرڻ کان اڳ نماز ادا ڪرڻ جي سنت جي شروعات ڪئي ____
حضرت خُبَيب رضہ

0 بئرمعونہ واري واقعي جو سڀني کان پهريون شهيد ____
حَرَام رضہ بن مَلحَان (حضرت انس رضہ جو مامو).

0 سڀ کان پهرين نماز (صلوات) خوف پڙهي وئي ____
غزوه عسفان — يا — غزوه ذات الرِقَاع.

0 پهريون نمازي جنهن کي ٽي تير لڳا مگر نماز ڪونہ ڀڳائين ____
عباد رضہ بن بشر (غزوه ذات الرقاع).

0 مديني ۾ مرتد ٿيڻ وارو پهريون ماڻهو ــــــ
حارث بن سُوَيد بن صامِت توڙي جو احد واري لڙائي ۾ مسلمان جي حيثيت سان شريڪ ٿيو مگر مجذر بن زياد بلوي کي قتل ڪري مڪي ڀڄي ويو. بعد ۾ مديني آيو ۽ گرفتار ٿي قتل ٿي ويو.

0 پهريون مسلمان جيڪو غلطي سان جنگ جي ميدان ۾ مسلمان هٿان مارجي ويو ــــــ
هشام رضہ بن اصابہ (عُباده رضہ بن صامِت جي هٿان).

0 پهريون ڀيرو دشمن جي جاسوس کي گرفتار ڪري قتل ڪيو ويو ــــــ
غزوه بنو مصطلق ۾.

0 پهريون نوجوان جنهن حضور ﷺ جي سامهون پنهنجي منافق پيءُ کي قتل ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي ــــــ
طلحہ رضہ بن عبدالله بن اُبي.

0 حضرت عائشہ رضہ کي افڪ واري قصي کان خبروار ڪرڻ وارو پهريون ذريعو ــــــ
اُم مسطح (مسطح رضہ بن اثاثہ جي ماءُ.)

0 حضرت عائشہ رضہ جي پاڪدامني ۽ پارسائي جي پهرين شهادت ــــــ
مردن مان ــــ اسامہ رضہ بن زيد رضہ
عورتن مان ــــ بريره رضہ
حضور ﷺ جي زالن مان زينب رضہ بنت جَحش

0 قذف جي پهرين حد جاري ڪئي وئي ــــــ
حسان رضہ بن ثابت، مسطح رضہ بن اثاثہ، حمنہ رضہ بنت جحش

0 لڙائي جنهن ۾ پهريون ڀيرو هڪ پٺيءَ پٺيان، ڪجهہ نمازون قضا ٿيون ــــــ
غزوه خندق

0 دشمن جو زور ٽوڙڻ لاءِ پهريون ڀيرو ڪامياب سفارتي تدبير ــــــ
نعيم رضہ بن مسعود جي ذريعي غزوه خندق ۾ عمل ۾ آئي.

0 پهريون تيرانداز (جديد اصطلاح ۾ گوريلو ڪمانڊو) جنهن اڪيلي سر ڌاڙيلن جي ٽولي کي بيوس ڪري ڇڏيو ــــــ
سلمہ رضہ بن الاڪوع.

0 پهريون موقعو جڏهن حضور ﷺ جي زبان مان پاڻمرادو رجز جاري ٿيو ــــــ
غزوه حنين ۾ لشڪر ۾ بدحواسي پکڙي ۽ حضور ﷺ اڪيلا رهجي ويا تہ سفيد خچر جي پٺي تي ويٺي پاڻ سگورن پڪاريو.
"اَنَا النَّبِيُّ لَا كَذِبْ اَنَا ابْنُ عَبْدِالْمُطَّلِبْ"

0 پهريون ڀيرو صدقا وصول ڪرڻ وارن جو مستقل بنياد تي تقرر ــــــ
محرم 9 هجري ۾.

0 پهريون ڀيرو اسلامي فوج قلعي کي ڀڃڻ لاءِ منجنيق جو استعمال ڪيو ــــــ
غزوه طائف ۾.

0 قيدين جي پهرين مٽاسٽا جيڪا اسلامي حڪومت ۽ مڪي وارن جي وچ ۾ ٿي ___
سريہ نخلہ جي ٻن مشرڪ قيدين عَتّاب بن عبدالله ۽ حَڪم بن ڪيسان جي بدلي ۾ سعد رضہ بن ابي وقاص ۽ عتبہ رضہ بن غزوان کي آزادي ڏياري وئي.

0 پهرين لڙائي (غزوه) جنهن ۾ گهوڙن جا لغام (سهام) مجاهدن کي ڏنا ويا ___
غزوه بنوقُريظہ

0 پهريون ڀيرو جزيو وٺڻ جو حڪم نازل ٿيو ___
غزوه تبوڪ کان ڪجهہ اڳ.

0 جزيي جو پهريون معاملو طئي ٿيو ___
دومت الجندل جي حاڪم سان (غزوه تبوڪ واري سفر ۾).

0 جزيي جو پهريون وڏو مقدار طئي ٿيو ___
نجران جي عيسائين اسلامي حڪومت کي ٻہ هزار حُلہ ساليانو ۽ ضرورت جي وقت جنگي سامان اڌارو ڏيڻ جو معاملو طئي ٿيو.

0 پهرين هستي جنهن صلح حديبيہ تي اطمينان ظاهر ڪيو ___
حضرت ابوبڪر صديق رضہ.

0 پهرين هستي جنهن صلح حديبيہ کان پوءِ قرباني ڪرڻ (نحر) ۽ مٿو ڪوڙائڻ (حلق) ۾ جماعت طرفان ٽال مٽول ڪرڻ تي حضور ﷺ جي همت ٻڌرائي ___
ام المومنين حضرت ام سلميٰ رضہ.

0 پهريون موقعو جڏهن بارگاهِ رسالت مان شاعر انعام حاصل ڪيو ___
مڪي جي فتح کان پوءِ ڪعب بن زُهير حاضر ٿي معافي گهري ۽ قصيدو بانت سُعاد پڙهيو ۽ حضور ﷺ ان کي پنهنجي چادر انعام ۾ ڏني.

0 پهريون موقعو جڏهن حضور ﷺ قنوتِ نازلہ پڙهيو ___
رجيع ۽ بئرمعونہ جي حادثن کان پوءِ جنهن ۾ تعليمي وفد جي قيمتي فردن کي دشمن شهيد ڪري ڇڏيو هيو (4 هجري).

0 پهريون موقعو جڏهن مسلمان عورتون جنگ جي ميدان ۾ پهتيون ___
غزوه احد 3 هجري

0 پهريون حڪمران جنهن اسلام قبول ڪيو ___
حبش جي بادشاهہ اصمر بن ابجر

0 پهريون شخص جيڪو حضور ﷺ جي نگاهن ۾ ٻڌل تعريفن کان بہ بلند تر نڪتو ___
طي قبيلي جو سردار زيد الخير (پراڻو نالو زيد الخيل)

0 پهريون غير عرب نومسلم آفيسر جيڪو اسلام قبول ڪرڻ ڪري ٿياس (صليب) تي لٽڪايو ويو ___
فَروَہ بن عمرو الجذامي، معان جي ماڳ تي رومي حڪومت طرفان اترين عربستان تي مقرر ڪيل گورنر.

0 احد واري لڙائي جي للڪار (مبارزت) ۾ مسلمانن جو پهريون فاتح ——

سعد رضہ بن ابي وقاص

0 احد واري لڙائي ۾ للڪار (مبارزت) جي هڪل (چيلينج) قبول ڪرڻ وارو پهريون مجاهد ————

حضرت علي عليہ السلام.

0 احد ۾ پهريون دشمن مقتول ————

طلحہ بن ابي طلحہ

0 فخر ڪرڻ جو پهريون اظهار جنهن کي حضور ﷺ پسند ڪيو ————

احد ۾ ابودُجانہ جو حضور ﷺ جي تلوار وٺي آڪڙ مان هلڻ.

0 اسلام ۾ پهريون حج ————

9 هجري حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي اڳواڻي ۾.

0 پهرين غير ملڪي لڙائي ————

جنگ موتہ جمادي الآخر 8 هجري

0 ثقيف وارن مان اسلام جي تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ اهو شخص جيڪو مديني آيو ————

عُروه رضہ بن مسعود ثقفي.

اَللّٰهُمَّ اَنزِل رَحمَةً وَاسِعَةً عَلَى جَمِيعِ اَصحَابِ النَّبِيِّ مِنَ المُهَاجِرِينَ وَالاَنصَارِ وَعَلَى الَّذِينَ اتَّبَعُوهُم بِاِحسَانٍ

ضميمو: 3

# اسلامي تحريڪ جي عددي واڌ ويجهه

- حضور ﷺ جي اسلامي تنظيم جي پهرين ساٿين جو حلقو.
  (1) حضرت خديجه رضه (2) حضرت ابوبڪر رضه (3) حضرت علي عليه السلام (4) حضرت زيد رضه بن حارث.
- حضرت ابوبڪر صديق رضه جي دعوت جي ڪوشش سان پهرين مرحلي ۾ اسلام قبول ڪرڻ وارا پهريان پنج ساٿي.
  (1) حضرت زبير رضه بن عوام (2) حضرت عثمان رضه بن عفان
  (3) عبدالرحمان رضه بن عوف (4) طلحه رضه بن عُبيدالله
  (5) حضرت سعد رضه بن وقاص.
- دعوت جي شروعاتي ٽن سالن واري دور ۾ اسلامي حلقي ۾ داخل ٿيڻ وارا 46 پهريان اڳ ڪٽڻ وارا (سابقون الاولون).
  (1) خباب رضه بن الارت تميمي (2) سعيد رضه بن زيد[1] (3) فاطمه رضه بنت خطاب (4) لُبَابه رضه بنت حارث[2] زال حضرت عباس رضه (5) عبدالله رضه بن مسعود[3] (6) عثمان رضه بن مظعُون[4] (7) ارقم رضه بن ابي الارقم[5] (8) ابوسلمه رضه بن عبدالاسد مخزومي[6] (9) ابوعُبيده رضه بن عامر بن جراح[7] (10) قُدامه رضه بن مظعُون (11) عُبيده رضه بن حارث بن عبدالمطلب (12) جعفر رضه بن ابوطالب (13) اسماء رضه بنت عُمَيس (14) عبدالله رضه بن جَحش (15) ابواحمد رضه بن جحش (16) سائب رضه بن عثمان رضه بن مظعُون (17) مُطلب رضه بن ازهر (18) رمله رضه بنت ابي عوف (مُطلب بن ازهر جي زال) (19)عمير رضه بن ابي وقاص (سعد رضه بن وقاص جو ڀاءُ) (20) اسماء رضه بنت ابوبڪر رضه (21) عائشه رضه بنت ابوبڪر رضه (22) عياش رضه بن ابي ربيعه (ابوجهل جو ڀاءُ) (23) اسماء رضه زال عياش رضه (24) سليط رضه

---

[1] دار ارقم جي دور کان اڳ ۾ مسلمان ٿيو.
[2] حضرت خديجه رضه کان پوءِ سيني کان اڳ ۾ اسلام قبول ڪرڻ واري عورت.
[3] ڪجهه روايتن موجب اسلام قبول ڪرڻ وارن ۾ ان جو ڇهون نمبر هيو.
[4] اسلام قبول ڪرن وارن ۾ چوڏهون نمبر هيو.
[5] اسلام قبول ڪرڻ وارن ۾ يارهون يا ٻارهون نمبر ليڪن حاڪم جي روايت موجب ستون نمبر.
[6] دراصل ان اصحابي دار ارقم ۾ عثمان بن مظعون، عبيده بن الحون، عبدالرحمان بن عوف، ۽ ابوسلمه سان گڏ اسلام قبول ڪيو هيو. (روايت ابن حجر)
[7] حضرت عمر رضه کان اڳ ۾ مسلمان ٿيو.

بن عمرو[1] (25) مسعود رضہ بن ربيعہ[2] (26) خُنيس رضہ بن حُذافہ (27) عامر رضہ بن ربيعہ (28) حاطب رضہ بن الحرث جمحي (29) فاطمہ رضہ بنت محلل (حاطب رضہ جي زال) (30) خطاب رضہ بن حارث (31) فُکيھہ رضہ زال خطاب رضہ (32) معمر رضہ بن حارث[3] (33) نعيم رضہ بن عبدالله اخو بنوعدي[4] (34) خالد رضہ بن سعيد ابن العاص[5] (35) امينہ رضہ (يا همينہ) بنت خلف زال خالد رضہ بن سعيد (36) حاطب رضہ بن عمرو (37) ابوحُذيفہ رضہ بن عُتبہ بن ربيعہ[6] (38) واقد رضہ بن عبدالله حليف بن عدي (39) خالد رضہ بن حِزام (حضرت خديجہ رضہ جو ڀائٽيو) (40) عامر رضہ بن مالڪ[7] (41) عاقل رضہ بن بڪير[8] (42) خالد رضہ بن بڪير (43) عامر رضہ بن بڪير (44) حضرت ياسر رضہ (45) عمار رضہ بن ياسر رضہ[9] (45) سُمَيہ رضہ زال ياسر رضہ (عمار رضہ جي امڙ) (46) صُهَيب رضہ بن سفان رومي موليٰ بن جدعان.

※ حبش واري پهرين هجرت جي لاءِ مڪي مان وڃڻ وارن جو تعداد.

12 مرد ۽ 4 عورتون = ڪل 16 ماڻهو.

※ حبش واري ٻي هجرت وقت مهاجرن جو ڪل تعداد.

83 ماڻهو. ان وقت مڪي ۾ رهجي وڃڻ وارن مسلمانن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ حبش ڏانهن ويندڙ مهاجرن جيترو ضرور هوندو. انهيءَ مطابق ان وقت مسلمانن جو مجموعي تعداد سواسو هوندو.

※ مديني ۾ حق جي دعوت جي پهرين علمبردارن جو حلقو.

اهي ڪل اٺ (8) ماڻهو هيا جن شروع شروع ۾ حضور ﷺ جي بيعت ڪئي. (1) براء رضہ بن معرور (2) ڪعب رضہ بن مالڪ (3) ابوالهَيثَم رضہ مالڪ بن تِيهَان. (4) اسد رضہ بن زُراره (5) رافع رضہ بن مالڪ بن عجلان (6) قُطبہ رضہ بن عامر بن حديده (7) عُقبہ رضہ بن عامر بن زيد (8) جابر رضہ بن عبدالله (عام روايت موجب عقبہ جي جاءِ تي اسلام جي پهرين بيعت 6 ماڻهن ڪئي هئي. واقدي جي روايت آهي تہ اسعد رضہ بن زُراره ۽ ذَڪوَان رضہ بن عبدالقيس عقبہ اوليٰ کان اڳ ۾ اسلام قبول ڪري چڪا هيا.)

---

[1] حضرت ابوبڪر رضہ جي روايت موجب دار ارقم جي دور کان اڳ ۾ اسلام قبول ڪيائين.

[2] ابن اسحاق جي روايت موجب دار ارقم جي دور کان اڳ مسلمان ٿيو.

[3] حضرت عمر رضہ کان اڳ ۾ مسلمان ٿيو ۽ اهوئي ان جي ڀيڻ کي قرآن شريف پڙهائيندو هيو. واقدي جي روايت موجب ڏهن ماڻهن کان پوءِ ۽ ابن خزيمہ جي روايت موجب 38 ماڻهن کان پوءِ ايمان سان بهره مند ٿيو.

[4] چوٿين يا پنجين نمبر تي اسلام قبول ڪيائين مگر ٻي جي ڊپ کان ايمان کي ڳجهو رکيائين.

[5] امام زهري جي روايت مطابق اسلام قبول ڪرڻ ۾ 44 نمبر.

[6] يارهون نمبر.

[7] دار ارقم ۾ سڀ کان پهريان بيعت ان ڪئي.

[8] 35 يا 36 نمبر.

[9] ان پنهنجي پيءُ ياسر رضہ سان گڏ بيعت ڪئي.

* بيعت عقبہ ثاني ۾ شريڪ ٿيڻ وارا.

ان مبارڪ موقعي تي ڪل 12 ماڻهو فيضياب ٿيا. جابر رضہ بن عبدالله کان سواءِ مٿي ذڪر ڪيل انصاري بہ ٻيهر آيا ۽ پاڻ سان گڏ وڌيڪ 5 ماڻهن کي وٺي آيا ـــ اچڻ وارا نوان ماڻهو هي هيا: (1) مُعاذ رضہ بن حارث (2) عوف رضہ بن حارث (3) ذَڪوَان رضہ بن عبدالقيس (4) يزيد رضہ بن ثَعلَبہ (5) عُويمَر رضہ بن مالڪ

* ٽين بيعتِ عقبہ ۾ شريڪ ٿيڻ وارا.

ان موقعي تي 73 مرد ۽ عورتون حضور ﷺ جي هٿ تي بيعت ڪري اسلامي تحريڪ جا علمبردار ٿيا.

* مڪي جي آخري دور (ٽين بيعتِ عقبہ جو زمانو) ۾ حق جي علمبردارن جو ڪل تعداد (تقريبن).

حبش وارا 83 مهاجر ۽ بيعت عقبہ جا 73 انصاري کان علاوه مسلمانن جو ڪجهہ تعداد مڪي ۾ موجود هيو. اهڙي طرح مديني ۾ ڪجهہ اهڙا مسلمان بہ ٿي سگهن ٿا جيڪي اعلانِ نبوت (بعثت) جي 13 سال واري حج ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيا هجن. اهڙي طرح ڪل تعداد ٻن يا اڍائي سَوَن جو ٿي سگهي ٿو. ان ۾ جيڪڏهن نجران ۽ غفار قبيلي (اڌ قبيلو جلد ئي اسلام ۾ داخل ٿي ويو) ۽ يمن جي نون مسلمانن جو تعداد بہ شامل ڪيو وڃي تہ عربستان جي سرزمين ۾ اسلامي انقلاب جا داعي ڪنهن طرح بہ ٽن سَوَن کان گهٽ ڪونہ هوندا.

* هجرت کان هڪدم پوءِ مديني جي اسلامي جماعت جو تعداد (اندازن).

اهو ثابت آهي تہ بنوسالم جي آبادي ۾ پهريون جمع پڙهايو ويو تہ ان ۾ هَڪَ سَوَ مسلمان شريڪ ٿيا هيا. شريڪ نہ ٿيڻ وارن (خاص ڪري عورتن ۽ بيمارن) جي تعداد کي تصور ۾ بہ رکجي تہ گهٽ ۾ گهٽ ٽي سَوَ مسلمان مديني جي آبادين ۾ موجود هجڻ گهرجن.

اهو بہ ثابت آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم مهاجرن ۽ انصارن ۾ ڀائيچارو (مواخات) بلڪل شروعاتي دور ۾ قائم ڪيو ۽ ان جي لاءِ جيڪو پهريون اجتماع طلب ڪيو ويو ان ۾ 90 ماڻهو شريڪ هيا. جن ۾ ٻئي ڌُريون (مڪي ۽ مدني ـــ مهاجر ۽ انصار) تقريبن اڌو اڌ هيا. ان اجتماع ۾ انصارن مان گهڻو ڪري ڪجهہ حيثيت رکڻ وارن ماڻهن کي ڪنيو ويو هيو جيڪي پنهنجي معاشي حالتن ۾ هڪڙي هڪڙي مهاجر جي لاءِ گنجائش ڪيدي سگهندا هجن. ان کان علاوه، انهن ۾ عورتون شامل ڪونہ هيون. ان اجتماع مان بہ مٿي ذڪر ڪيل تعداد جي اندازي جي تصديق ٿئي ٿي.

* غزوه بدر وقت مديني ۾ مسلمانن جي تعداد جو اندازو.

اهو معلوم آهي تہ انصارن ۾ اسلام نهايت تيزي سان پکڙيو ۽ اوس ۽ خزرج قبيلن ۾ ڪا خاص مخالفت ڪونہ هئي. ان کان علاوه، اهو بہ معلوم آهي تہ هجرت کان غزوه بدر تائين وچواري عرصي ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ مهاجر بہ ايندا

رهيا ۽ انهن جو ڳاڻاٽو بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ هيو. ايستائين جو غزوه بواط (يا بوات) ۾ بہ سَوَ مهاجر حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گڏ هيا. اهڙي طرح غزوه ذوالعشيره ۾ بہ روايت جي مطابق تعداد ڏيڍ سو ۽ ٻن سَوَن جي وچ ۾ هيو. انهن شروعاتي مهمن ۾ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم صرف مهاجرن کي ئي ساڻ ڪري نڪرندا هيا. ڇوتہ بيعت عقبہ جي مطابق انصاري صرف مديني ۾ بچاء ڪرڻ لاءِ پابند هيا. ظاهري ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن مهاجرن مان بہ سَوَ مجاهد نڪرندا هيا تہ ڪل تعداد ڪجهہ وڌيڪ هوندو. گهٽ ۾ گهٽ اڍائي سَوَن جو اندازو قائم ڪري سگهجي ٿو.[1] انصارن جو تعداد نسبتن هيٺو هجڻ گهرجي. يعني ڪل تعداد 7 يا 8 سَوَ هوندو.[2]

غزوه بدر ۾ شريڪ ٿيڻ وارن جو تعداد ڪجهہ ماڻهن جي لاءِ مغالطي جو سبب ٿي سگهي ٿو. اسان جي تحقيق موجب حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جڏهن مديني مان هليا تہ باقاعده ڪو جنگي مقابلو پيش نظر ڪونہ هيو. بلڪ اصل مقصد قافلي جو اڳ وٺي انهن کي تنگ ڪرڻ هيو. ان کان علاوه، تڪڙ ۾ قدم کنيو ويو هيو. اهو ئي سبب آهي تہ سوارين جي تعداد کان علاوه، اسلحي جو مقدار تمام گهٽ هيو ـــ حالانڪ مديني جي مسلمان آبادي ان کان بہ گهڻا پيرا وڌيڪ سوارين ۽ اسلحي جو بندوبست آساني سان ڪري سگهي ٿي. سو فوجي دستو بہ ممڪن طور تي حاصل ٿي سگهڻ واري فوجي تعداد کان گهٽو گهٽ هيو. اها حقيقت ان ڳالهہ مان ظاهر آهي تہ ان ۾ ڪل 86 مهاجر شريڪ هيا. حالانڪ چوڪيداري واري گشت جي گذريل مهمن ۾ انهن جو تعداد بہ سَوَن تائين سامهون اچي ٿو. انهيءَ ڪري اسان جي اندازي مطابق غزوهِ بدر سان گڏيل زماني ۾ مديني ۾

---

[1] ايئن تہ ڪنهن آبادي جي مردن جو جنگي تناسب 4: 1 يا 5: 1 هجڻ گهرجي. مگر فرق ڪرڻ وارين بہ اهم حقيقتون مهاجرن ۽ مديني جي معاملي کي مختلف بڻائي ڇڏين ٿيون. پهرين اها تہ عربستان ۾ ايئن بہ قبيلن جي مردن مان هرڪو سپاهي هوندو هيو ۽ ڇوٽ تمام گهٽ ماڻهن کي هوندي هئي. وري مهاجر تہ هڪڙي ايماني ۽ انقلابي جذبي سان مالامال هيا. جنهن جي خاطر اهي پنهنجو پاڻ کي زندگي ۽ موت جي فيصلہ ڪن ڪشمڪش ۾ ڏسندا رهندا هيا. ظاهر آهي تہ انهن مان ڇوٽ مليل ماڻهن جو تعداد نہ هجڻ جي برابر هوندو. ٻي اها حقيقت آهي تہ سڀني مهاجرن جا ٻارڇا گڏ ڪونہ هيا. عورتن جو تناسب بہ گهٽ هيو ۽ وڏي عمر ۽ ٻيڙا ماڻهو بہ گهڻو تڻو مڪي ۾ رهجي ويا هيا. انهن سببن ڪري اسان مٿي ڄاڻايل تعداد جو اندازو قائم ڪيو آهي.

[2] تاريخدانن جون روايتون مديني ۾ ٽن آدم شمارين جو ڏس ڏين ٿيون. جيڪي حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم وقت بہ وقت ڪرايون هيون. پهريون دفعو تعداد 5 سَوَ هيو. ٻيو دفعو 7, 8 سَوَ ۽ ٽيون دفعو هزار يا ڪجهہ وڌيڪ. اسان جو خيال آهي تہ پهرين آدم شماري يا تہ مهاجرن جي نوآبادڪاري جي وقت ڪئي وئي هوندي يا دفاعي تنظيم جي شروعات ڪرڻ وقت. ان کان پوءِ ڪو وڏو عملي قدم کڻڻ کان اڳ ۾ ((جنهن جو وقت قريشن جي شام واري واپاري قافلي جو اڳ وٺڻ جو ئي ٿي سگهي ٿو). پوءِ طاقت جو جائزو ورتو ويو هوندو. ٽيون دفعو جائزو گهٽو ڪري هڪ سال کان پوءِ (جڏهن ابوسفيان جي طرفان انتقامي حملي جي چيلينج جو وقت ويجهو هوندو) ورتو ويو هوندو. والله اعلم.

مسلمان آبادي جو ڳاڻاٽو 7 يا 8 سَوَن جي لڳ ڀڳ هيو. جنهن مان 4 يا 5 سَوَ جنگي جوان نڪري سگهيا پئي. ليڪن بدر واري مقابلي ۾ پورو جنگي تعداد انهيءَ ڪري شريڪ ڪونہ ٿي سگهيو تہ عام اعلان ڪونہ هيو. بلڪ فوري طور تي هڪڙو دستو نسبتن محدود مقصد جي لاءِ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم سان گڏ روانو ٿيو.

اسان جي ان اندازي جو ثبوت غزوه بنوقينقاع مان بہ ملي ٿو. غزوه بدر کان هڪدم پوءِ (شوال 2 هجري) ان گستاخ ۽ بغاوت پسند يهودي قبيلي جو گهيراءُ ڪيو ويو ۽ انهن بيوس ٿي مديني جي حدن مان نڪري وڃڻ قبول ڪيو. روايتن مان ظاهر آهي تہ ان قبيلي جي جنگي قوت 600 جوانن تي مشتمل هئي. انهن کي پندرهن ڏينهن تائين گهيراءِ ۾ رکي پوري طرح قابو ڪرڻ جي لاءِ اسلامي لشڪر هڪڙي مناسب تعداد تي مشتمل هجڻ گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ اندازو 4 کان 5 سَوَن جنگي جوانن جو لڳائي سگهجي ٿو.

❊ بدر واري لڙائي جي دور ۾ ڌرتي جي گولي تي مسلمانن جو مجموعي تعداد (اندازي مطابق)

مديني جي ست اٺ سَوَن ماڻهن سان گڏ جيڪڏهن اسان حبش ۾ ترسيل مهاجرن جي ٿورن نومسلمن، نجران، يمن، غفار قبيلي، بحرين ۽ ٻين قبيلن ۾ موجود مختلف مسلمانن جو تعداد سامهون رکون تہ گهٽ ڪري گڏيل عددي قوت هڪ هزار يا ان کان ڪجهہ وڌيڪ ٿيندي.

❊ مختلف لڙاين ۽ مهمن ۾ علمبرداران اسلام جي عددي قوت.[1]

| | |
|---|---|
| غزوه اُحد | 650 کان 700 (روايتن جي اختلاف سان)[2] |
| غزوه بدر اخري (تڪراءُ ڪونہ ٿيو) | 1,501 |
| غزوه دومت الجندل (تڪراءُ ڪونہ ٿيو) | 1,000 |
| غزوه احزاب (خندق) | 3,000 |
| سفرِ حديبيہ | 1,400 |
| غزوه خيبر | 1,420 (20 عورتون گڏ هيون) |
| سريہ موتہ | 3,000 |
| غزوه فتح مڪہ | 10,000 |
| غزوه حنين ۽ طائف جو گهيراءُ | 12,000 |
| غزوه تبوڪ | 30,000 |
| حجتہ الوداع ۾ شريڪ | 1,24,000 يا 1,44,000[3] |

[1] اسلامي تحريڪ جي عددي قوت جو اندازو بعد جي دورن ۾ مهمن ۽ لڙاين ۾ شريڪ ٿيندڙن جي تعداد مان ئي لڳائي سگهجي ٿو.

[2] عبدالله بن ابي جي ٽي سَوَ منافق ساٿين جي الڳ ٿيڻ کان پوءِ.

[3] ڪجهہ روايتن ۾ ان کان بہ وڌيڪ تعداد بيان ڪيو ويو آهي.

اسلامي تحريڪ جي عددي واڌ ويجهہ جو جائزو وٺندي لازمي طور ان اهم پهلو تي ڌيان ڪجي ٿو تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي انقلابي جدوجهد ۾ عورتون شروع کان حصو وٺنديون رهيون آهن ۽ انهن تاريخ جو رخ موڙڻ لاءِ هر مرحلي تي پنهنجو فرض سرانجام ڏنو آهي. مڪي جي سنگين مصيبتن ۾ اهي شريڪ هيون. هجرتن جي سفر ۾ مردن سان گڏ سفر ڪيائون. جهاد جي مقابلن ۾ انهن پنهنجو حصو ادا ڪيو. بلڪ عورتن جي لاءِ اها ڳالهہ وڏي فخر جو سرمايو آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم تي سڀ کان پهريان ايمان آڻڻ، حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي همت ٻڌائڻ ۽ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کي پورو تعاون پيش ڪرڻ واري هستي بہ هڪڙي عورت جي ئي هئي، يعني حضرت خديجہ الڪبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها! حقيقت اها آهي تہ حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جنهن همهگير بنيادي تبديلي کي رونما ڪرڻ آئيا هيا، اها عورتن جي تعاون کان سواءِ پوري شان سان مشڪل پيدا ٿي سگهي ها. ڪنهن جدوجهد کان جيڪڏهن گهرن جو محاذ لاتعلق هجي تہ ڪم جي رفتار گهٽي گهڻجي ويندي آهي. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم جي اسلامي تحريڪ مردن وانگر عورتن کان جذبن، مال، محنت ۽ قربانين جو ڀرپور ڏن وصول ڪيو. شروعاتي ٽن سالن جي سابقون الاولون (ڪل تعداد 56) مان 12 عورتون هيون. حبش ڏانهن پهرين ۽ ٻي هجرت ۾ ترتيب مطابق انهن جو تعداد 5 ۽ 17 هيو. ٻين بيعتِ عقبہ جي مجلس ۾ 12 انصاري عورتون شامل هيون. حضور صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم کان اڳ ۾ مديني ڏانهن هجرت ڪرڻ وارن مهاجرن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 عورتن جو شامل هجڻ ثابت آهي.

## رضي الله عنهم ورضوا عنہ

---

(سنڌي ترجمو: آچر ڏينهن صبح 8 بجي
15 ربيع الاول 1437هہ ـ 27 ڊسمبر 2015ع تي پورو ٿيو.

# ڪجهہ ڪتابن جا حوالا


تفسير ابن ڪثير
تفهيم القرآن ـ سيد ابوالاعليٰ مودودي
سيرتِ سرورِ عالم ـ سيد ابوالاعليٰ مودودي
صحيح مسلم ـ (شرح: سراج الوهاج)
مشڪات شريف (شرح: اشعہ المعات)
سنن ابودائود
شمائل ترمذي
رياض الصالحين
زاد المعاد: علامہ حافظ ابن القيم
المواهب اللّدنيہ: احمدالخطيب قسطلاني
سيرت النبي: ابن هشام
(تحقيق و ترتيب اوستاد محمد محي الدين عبدالحميد (جامع الازهر)
ڪتاب الاموال: ابوعبيدالقاسم بن سلام
رحمت اللعالمين: قاضي شاهہ محمد سليمان، سلمان منصور پوري
اصح السير: مولانا عبدالرئوف داناپوري
سيرت النبي: علامہ شبلي نعماني
سيرت المصطفيٰ: مولانا محمد ادريس ڪانڌلوي
سيرت خاتم الانبياء: مفتي محمد شفيع
قصص القرآن (چوٿون جلد): مولانا محمد حفظ الرحمان سيوهاروي
ارض القرآن: علامہ سيد سليمان ندوي
تاريخ اسلام (جلد 1): مولانا عبدالقيوم ندوي
فجر الاسلام: احمدامين مصري
فقہ السيرت: محمد الغزالي
نشرالطيب في ذڪر النبي الحبيب: مولانا اشرف علي ٿانوي
عمدةُ الاخبار في مدينتہ المختار: علامہ شيخ احمد بن عبدالحميد عباسي
*نبی کریم ﷺ کی سیاسی زندگی*: ڊاڪٽر حميد الله صديقي
*عہد نبوی کے میدان ہائے جنگ*: ڊاڪٽر حميدالله صديقي
*عہد نبوی کا نظام حکمرانی*۔ ڊاڪٽر حميدالله صديقي
سيرت پاڪ: بشيرمحمد شارق
حياتِ محمد: محمد حسين هيڪل، مصري
Muhammad at Macca: منٽگمري واٽ
Muhammad at Madina: منٽگمري واٽ
Spirit of Islam: جسٽس سيد امير علي
Muhammad the Prophet: مولوي محمد علي
Life of Muhamamd: حافظ غلام سرور
Muhamamd the Prophet: ايف.ڪي خان دراني
مختلف مقالا ۽ رسالا....

## مُنور ڀُٽ جا ايندڙ ڪتاب

1. حضرت خديجہ الڪبريٰ رضہ
پهرين مسلمان ۽
پيغمبر محمد ﷺ جي پهرين زال

2. اسلام جي مختصر تاريخ
(دي شارٽ هسٽري آف ساراشينس)

## مُنور ڀُٽ جا اڳ ڇپيل ڪتاب

1. ستارن ۾ لکيل. سوڪي جي ڪهاڻي.
رٽن ان دَ اسٽارس. دَ اسٽوري آف سوڪي. جو ترجمو

..............

2. ڪربلا جي بهادر عورت
(حضرت زينب سلام الله تعاليٰ عليها)

...............

4. سيرت حضرت علي المرتضيٰ
عليہ السلام

..............

4. حضرت محمد ﷺ
جو آفاقي پيغام
ايٽرنل ميسيج آف محمد ﷺ جو ترجمو

............

5. رڻ سجوئي رت ڦڙا
(ميدانِ ڪربلا)

..........

6. هاشمين جو چنڊ
(غازي علمدار عباس عليہ السلام)

..............

## 7. اسلام جي تاريخ
دي اسپرٽ آف اسلام جو ترجمو

......

## 8. شانِ حضور ﷺ

.............

## 9. پير ڪامل
صلي الله تعاليٰ عليہ وآلہ وسلم

.............

## 10. خدا جي تاريخ
اَ هسٽري آف گاڊ جو ترجمو

...........

## 11. ايمان اُميد ۽ محبت

.............

## 12. فُتوح الغيب

...........

## 13. فاطمہ فاطمہ آهي

.........

## 14. انساني ضمير جو آواز
(امام علي عليہ السلام)
دي وائس آف هيومن جسٽس جو ترجمو

”طارق بن عبدالله زُبده کان هڪڙي ٽولي سان گڏجي ڪتل جي خريداري جي لاءِ مديني آيو. انهن جي ٽڪاڻي وٽان حضور صلي الله تعاليٰ عليه وآله وسلم گذريا. پاڻ سڳورن انهن کان ڳوٺ ۽ رهائش جو پڇيو ۽ سفر ڪري اچڻ جو مقصد معلوم ڪيو پوءِ هڪڙي اُٺ جو سودو ڪيو ۽ قيمت مقرر ڪيل ڪتل موڪلڻ جو واعدو ڪري هليا آيا. بعد ۾ طارق ۽ ان جي ساٿين کي ڪتڪو ٿيو ته بغير ڄاڻ سڃاڻ جي اسان اُٺ ڏئي ڇڏيو. خبر ڪونه آهي ڪهڙو نتيجو نڪري. ان قافلي جي هڪڙي معزز خاتون چيو ته ان شخص جو روشن چهرو مون ڏٺو هيو. اهو ڪڏهن به دوکو ڏيڻ وارو ٿي نٿو سگهي. جيڪڏهن ان قيمت ادا نه ڪئي ته مان ضامن آهيان (مان قيمت پري پري ڏينديس.) ٿوري دير ۾ هڪڙو ماڻهو آيو ۽ اُٺ جي قيمت جي ڪتل الڳ ڏني ۽ کجھ ڪتل الڳ سوکڙي طور ڏني.“

Rs: 560/-